مهراڻ

سوانح نمبر

سنڌي ادبي بورڊ
جام شورو/ حيدرآباد
١٤١١هـ/ ١٩٩٠ع

مهراڻ

سنڌي ادبي بورڊ جو ٽ ماهي علمي ۽ ادبي رسالو

سوانح نمبر

[حصّو پهريون]



١٤١١ھ/١٩٩٠ع

سنڌي ادبي بورڊ
جامِ شورو/ حيدر آباد

چپائيندڙ جا حق ۽ واسطا قائم

چاپو	پهريون ۱۹۵۸ع
	ٻيو ڊسمبر ۱۹۹۰ع
تعداد	ٻهزار
	[illegible]
چپيندڙ	آزاد ڪميونيڪيشنز، ڪراچي
چپائيندڙ	سنڌي ادبي بورڊ، جام شورو

Sindhi Adabi Board
Kitab Ghar, Hyderabad.
Price 3 0 [illegible]


ملڻ جوهنڌ

سنڌي ادبي بورڊ جو بوڪ اسٽال
تلڪ چاڑهي حيدرآباد سنڌ.

Published with the affiliation of Academy of Letters, Islamabad.

All rights are reserved for the Publisher

MEHRAN" SAWANAH NUMBER
First Edition: 1958
Second Editon: 1990
Copies: 2000
[illegible]
Printed by: Azad Communication,
B-24 National Auto Plaza Marston Road, Karachi. Ph. 7737290
Published by :Mr. Wali Muhammad Roonjho, Secretary Sindhi Adabi Board,
Jam Shoro, Sindh Pakistan.



مهراڻ

سوانح نمبر

فهرست

ناشر جونوت : ولي سروري

گذارش : شمشيرالحيدري

سوانح نمبر ڈاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

١. علماءَ ۽ فضلاءَ

١. مخدوم عبدالرحمان الشهيد ڪُهڙوي	مخدوم اميراحمد	٧
٢. مرحوم مولوي قاضي حاجي محمد عثمان	حڪيم شمس الدين	١٨
٣. مرحوم مولانا نور محمد شهداد ڪوتي	عبدالرؤف ڪنڀوي	٢١
۴. مولانا گل محمد مرحوم شهداد ڪوتي	منظوراحمد عليمي	٢٢
۵. مولانا محمد حسن قريشي مرحوم حيدرآبادي	حافظ محمد احسن	٢۴
۶. مرحوم مولانا حافظ اسدالله تڪڙائي	"اسد" تڪڙائي	٢۶
٧. مولانا حافظ محمد شفيع صديقي مرحوم پاتائي-	صديقي عبدالوحيد پاتائي	٣۶
٨. مرحوم مولانا حڪيم تاج محمد افغان "مشتاق"	نيڪ محمد بلوچستاني	۵۵
٩. حافظ محمد يوسف مرحوم تڪڙائي	"اسد" تڪڙائي	۴٩
١٠. مولانا غلام صديق مرحوم شهداد ڪوتي	منظوراحمد حليمي	۵١
١١. غلام محمد هاشم مرحوم ڪڙهي ياسيني	مرتب	۵٣
١٢. مولوي محمد علي "طالب" مرحوم	مولانا دين محمد "اديب"	۵۵

۱۳. مولانا محمد آگرو مرحوم	مولانا دین محمد "ادیب"	۵۸
۱۴. مخدوم عبدالمجید فیروزشاهي مرحوم	مولانا دین محمد "ادیب"	۵۹
۱۵. علامہ حاجي عطاءالله مرحوم فیروزشاهي	مولانا دین محمد "ادیب"	۶۱
۱۶. مولوي جهان خان دراني مرحوم شکارپوري	مولانا دین محمد "ادیب"	۶۷
۱۷. مخدوم الله بخش مرحوم کهڑوي	مخدوم امیر احمد	۶۹
۱۸. مولانا حاجي محمد مرحوم هالائي	مولوي محمد هالائي	۵۴
۱۹. مولانا عبدالغفور "مفتون" مرحوم همایوني	فقیر محمد قاسم ڪڙهي یاسیني	۸۶
۲۰. مرحوم مولانا محمد اسماعیل سومرو فیروزشاهي.	مولانا دین محمد "ادیب"	۸۸
۲۱. مرحوم مائي فاطمہ لاکیر	مولانا دین محمد "ادیب"	۸۹
۲۲. مرحوم مولانا حاجي الاهي بخش	مولانا دین محمد "ادیب"	۹۰
۲۳. مرحوم مخدوم ابو محمد عبدالله ولهاري	خلیفو محمد امین پلي	۹۸
۲۴. مرحوم میر علي نواز علوي شکارپوري	حبیب الله مولا بخش پٹو	۱۰۰
۲۵. مرحوم مولانا عبدالرحمان میمڻ شکارپوري	مولانا عبدالکریم چشتي	۱۰۲
۲۶. مولانا فیض محمد "واعظ" مرحوم	مولانا دین محمد "ادیب"	
۲۷. سید پیر شهاب الدین شاه مرحوم لکیاري	سید محمد حسین شاه	
۲۸. مرحوم مولوي غلام رسول شکارپوري	مولانا عبدالکریم چشتي	۱۱۰
۲۹. مرحوم مولانا الله بخش مهیسر	مولانا دین محمد "ادیب"	۱۱۲
۳۰. مرحوم مولانا عبدالرحمان فیروزشاهي	مولانا دین محمد "ادیب"	۱۱۳
۳۱. مولانا عبدالرحمان ڈامراهو مرحوم	مولانا عنایت الله ڈامراهو	۱۱۴
۳۲. مرحوم علامہ محمد قاسم ڪڙهي یاسیني	مرتب	۱۱۸
۳۳. مولانا دین محمد مرحوم بٹوي	حکیم دین محمد بٹوي	۱۲۲
۳۴. علامہ محمود مرحوم صدیقي پاٹائي	مولانا دین محمد "ادیب"	۱۲۵
۳۵. مولوي بهاؤالدین "بهائي" مرحوم	ڈاکٹر نبي بخش خان بلوچ	۱۲۸
۳۶. مرحوم مولانا مخدوم غلام محمد ملکاڻي	مخدوم احمد مجتبیٰ "غالب"	۱۳۴
۳۷. علامہ مرحوم محمد عثمان "قراني"	حکیم نور محمد خاصخیلي	۱۴۵
۳۸. مرحوم مولانا الله رکیو چانڈیو	محمد قاسم	۱۵۲
۳۹. پیر احسان الله شاه راشدي مرحوم	مرتب	۱۵۳
۴۰. مولوي غلام رسول مرحوم تونیو	خدا بخش تونیو	۱۵۶

۴۱. مرحوم مولوي محمد اسماعيل ميمڻ	حڪيم حافظ نور محمد ميمڻ	۱۵۷
۴۲. علامہ ميرمحمد مرحوم نورنگي	مولوي غلام رسول لاڙڪاڻوي	۱۵۹
۴۳. مرحوم حاجي محمد اسماعيل سرهندي	پير حاجي محمد اسحاق سرهندي	۱۶۳
۴۴. مولانا خليفو يار محمد مرحوم شڪارپوري	الاهي بخش اعوان	۱۶۶
۴۵. قاضي عبدالرؤف مرحوم مورائي	ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ	۱۶۷
۴۶. مولانا حاجي شفيع محمد "مسجدي" مرحوم	حافظ قاري محمد	۱۷۲
۴۷. مولانا محمد سليمان واعظ مرحوم	مولانا دين محمد "اديب"	۱۷۶
۴۸. مرحوم مولانا دين محمد "وفائي"	-مرتب	۱۷۸
۴۹. مولانا عبدالعزيز مرحوم ٽريچاڻوي	ابوبڪر شبلي	۱۸۵
۵۰. مرحوم مخدوم غلام حيدر صديقي قريشي هالائي	مخدوم محمد زمان "طالب المولىٰ"	۱۸۸
۵۱. مرحوم مولانا عبدالڪريم ڏيرو	مولوي محمد قاري	۱۹۰
۵۲. مرحوم حاجي عمرالدين چنو	مولانا دين محمد "اديب"	۱۹۴
۵۳. مولانا احمد مرحوم هالائي	مولوي محمد هالائي	۱۹۶
۵۴. مولانا محمد ملوڪ	مولانا دين محمد "اديب"	۱۹۸
۵۵. حضرت سيد حاجي شير محمد شاهه مهاجر مدني	مولانا دين محمد "اديب"	۱۹۹
۵۶. مولانا محمد هاشم انصاري	مخدوم اميراحمد	۲۰۱
۵۷. مولانا محمد صادق راڻيپوري	مرتب	۲۱۳
۵۸. مولانا محمد ابراهيم ڳڙهي ياسيني	محمد قاسم ڳڙهي ياسيني	۲۲۰
۵۹. مولانا محمد يوسف عباسي	مولانا دين محمد "اديب"	۲۲۱
۶۰. مولانا دين محمد "اديب"	غلام محمد "گرامي"	۲۲۲
۶۱. مولانا مفتي محمد صاحبداد حالي	مولانا الاهي بخش سلطان ڪوٽي	۲۳۷
۶۲. مولانا عبدالڪريم چشتي	شهاب الدين چشتي	۲۴۰
۶۳. مخدوم اميراحمد	ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ	۲۴

۲. بغاوت جا باني ۽ آزادي ۽ جا علمبردار

۶۴. پير پاڳارو سيد صبغت الله شاهه ثاني رحہ	ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ	۲۵۱
۶۵. مولانا عبيدالله سندي رحہ	علي نواز وفائي	۲۶۶

٦٦. مولوي عبدالله لغاري — ڈاکٹر نبي بخش بلوچ — ٢٧٠

٣. قومي خادم ۽ سياسي رهنما

٦٧. رئيس المهاجرين مرحوم جان محمد جوٽيجو — مرتب — ٢٨٣
٦٨. حيدر بخش الهداد خان جتوئي — اِبن الياس سومرو — ٢٩١

۴. درويش ۽ فقراءَ

٦٩. فقير خير محمد هيسباڻي بلوچ — سيد علمير مدان شاه لکياري — ٣٠١
٧٠. مرحوم فقير محمد خان تالپر — نيک محمد بلوچستاني — ٣٠۴
٧١. نبن فقير جيهو مرحوم — ميمڻ عبدالمجيد سنڌي — ٣٠٨
٧٢. جمال الدين فقير "جمال" — رحمت الله فقير ولد پير — ٣١۴
٧٣. مرحوم فقير پير بخش کلوئي — غلام حيدر بلوچ — ٣١٩
٧۴. فقير قلندر بخش صوفي مرحوم — خليفو محمد امين پلي — ٣٢۴
٧٥. صاحب رک فقير — محمد عالم "شور" خانپوري — ٣٢٧
٧٦. کرم فقير سومرو — سيد مظفر مديجوي — ٣٣٢
٧٧. مخدوم پير رکيل ريلائي — پير علي محمد "اظهر" گيلاني — ٣٣٣
٧٨. پير حاجي نظر محمد شاه جيلاني — احمد خان طالباڻي عامري — ٣۴٠
٧٩. خليفو محمد خان جمالي — نور محمد خان جمالي — ٣۴۴
٨٠. مرحوم خليفو چٽو — عبدالحڪيم پلي — ٣٥٠
٨١. ڪيهر فقير جمالي — س.ڪ. جمالي — ٣٥٢
٨٢. فولاد علي فقير شر — مرتب — ٣٦۴

5. اديب ۽ شعراءَ

٨٣. مرحوم پير پاون علي شاه "ساقي" — از محمد سومار شيخ —
٨۴. آخوند لطف الله "لطف" — پير محمد قريشي — ٣٨۴
٨٥. ماستر امير علي شاه رمرحوم شڪارپوري — دين محمد "اديب" — ٣٨٩
٨٦. ماستر محمد اعظم "اعظم" مرحوم — دين محمد "اديب" — ٣٩٠
٨٧. آخوند حاجي فقير محمد "عاجز" — احمد علي قريشي — ٣٩٢

۸۸.سید حاجي محمد حافظ شاه	"اسد" ټکړائي	۴۰۵
۸۹.مرحوم عبدالله شاه فتاحي	سید ضیاءاحمد	۴۱۳
۹۰.مرحوم زرک خان لاشاري	رشید احمد لاشاري	۴۱۷
۹۱.قاضي محمد عرس	مقبول احمد بلوچ	۴۲۹
۹۲.حافظ محمد هارون "دلگیر"	"اسد" ټکړائي	۴۳۲
۹۳.پیر سید علي اصغر شاه مرحوم راشدي	منشي محمد پریل	۴۴۲
۹۴.آغا صوفي مرحوم	حبیب الله مولا بخش یټو	۴۴۴
۹۵.مولوي ماستر لطف علي "مسکین"	محمد عالم کولاچي بلوچ	۴۴۷
۹۶.حافظ محمد عبدالله "بسمل"	"اسد" ټکړائي	۴۵۱
۹۷.مرحوم سید احمد شاه "خاکي"	نیک محمد بلوچستاني	۴۵۸
۹۸.مرحوم سید نظر علي شاه "گدائي"	سید عنایت شاه	۴۶۹
۹۹.مرحوم حاجي پیر بخش فاروقي	محمد سومار شیخ	۴۷۳
۱۰۰.مرحوم مولا بخش "مسکین" یټو	لطف الله بدوي	۴۷۹
۱۰۱.مرحوم حاجي مراد خان چانڈیو	محمد هاشم چانڈیو	۴۸۳
۱۰۲.غلام حسین "ملنگ"	علي حسین مرتضائي	۴۹۱
۱۰۳.حیات شاه "حافظ"	عبدالقیوم "صائب"	۴۹۳
۱۰۴.خلیفو غلام الله	ماستر غلام رسول جتوئي	۵۱۹
۱۰۵.حاجي گل محمد رند مرحوم	خلیفو محمد امین پلي	۵۲۳
۱۰۶.حاجي شیر محمد چغدو	خودنوشتة	۵۲۷
۱۰۷.رحمیداد خان "مولائي شیدائي"	مقبول صدیقي	۵۳۵
۱۰۸..سید حاجي نور محمد شاه "نورل"	سید صالح محمد شاه	۵۵۱
۱۰۹.محمد خان "غني"	عبدالکریم سعدي	۵۵۴
۱۱۰.ماستر عبدالله "خواب" حیدرآبادي	خودنوشتة	۵۵۶
۱۱۱- حکیم محمد صادق "طالب"	محمد رمضان "آزاد"	۵۶۳
۱۱۲.محمد امین پلي	عبدالحکیم پلي	۵۶۶
۱۱۳.عبدالکریم دائود پوټو	ماستر عبدالرزاق	۵۷۲
۱۱۴.محمد عثمان "ڈیپلائي"	شمشیر الحیدري	۵۷۷

٦. سگھڑ ۽ سياڻا

١١٥. مرحوم لعل بخش خان لغاري	ڈاڪٽر نبي بخش خان بلوچ	٥٩١
١١٦. مرحوم محمد عرس ميمڻ	احمد خان "اختر"	٦٠٠
١١٧. ملا الله وسايو "ڪفشدوز"	ماسٽر غوث بخش	٦١٠
١١٨. قبول محمد شاه قريشي	احمد خان "اختر"	٦١٣

٧. متفرقات

١١٩. مرحوم سيٺ حاجي خدادا سرهيو	محمد حنيف سرهيو	٦٢١
١٢٠. حاجي جام علياڻي لغاري	غلام حيدر لغاري	٦٢٢
١٢١. ميان نور محمد شيخ ننگرپارڪري	مرتب	٦٣٠

٨. "سنڌي ادبي بورڊ" جا ميمبر صاحبان

١٢٢. جناب الحاج محمد ايوب کهڙو	اعجاز احمد انصاري	٦٤٥
١٢٣. جناب مخدوم محمد زمان "طالب المولىٰ"	فقير "سرشار" سروري	٦٥٢
١٢٤. شمس العلماء ڈاڪٽر عمر بن محمد داؤد پوٽو	خودنوشت	٦٥٦
١٢٥. جناب الحاج سيد ميران محمد شاه	خودنوشت	٦٦٣
١٢٦. جناب عثمان علي انصاري	خودنوشت	٦٦٥
١٢٧. جناب آغا تاج محمد خان	خودنوشت	٦٦٩
١٢٨. جناب الله بخش "سرشار" عقيلي	خودنوشت	٦٧٤
١٢٩. جناب سيد غلام مرتضىٰ شاه سنائي	محمد عثماني ڈيپلائي	٦٧٩
١٣٠. جناب شيخ عبدالمجيد سنڌي	اختر رضوي	٦٨٦

تصويرن جي فهرست

مکليءَ جو مقام

سنڌ جي فوج جا به سپاهي

پير پاڳارو سيد صبغت الله شاه ثاني

مرحوم سيد شهاب الدين شاه

مرحوم مخدوم غلام حيدر صديقي

مولانا عبدالڪريم چشتي

مولوي محمد صادق راڻيپوري

مولانا مخدوم اميراحمد

رئيس المهاجرين جان محمد جوڻيجو

آخوند لطف الله مرحوم

مرحوم پير بخش فاروقي

حافظ محمد حيات شاه مرحوم

سيد نور محمد شاه 'نورل'

ماسٽر عبدالله 'خواب'

خليفو محمد امين پلي

محمد خان غني

قاضي عبدالرزاق

رحيمداد خان مولائي شيدائي

ميان حاجي جام خان لغاري

شيخ نور محمد ننگرپارڪري

مخدوم محمد زمان 'طالب المولىٰ'

محمد ايوب کهڙو

شيخ عبدالمجيد سنڌي

مولانا دين محمد وفائي

ڊاڪٽر عمر بن محمد داؤدپوٽو

محترم جي. ايم سيد

سيد ميران محمد شاه

حيدربخش جتوئي

محمد عثمان ڏيپلائي

ڪتاب "رسائل امام ابن تميه" جي قلمي نسخي جا عڪس

۽ ڪتاب "اغاثة اللهفان" جي قلمي نسخي جو عڪس

مولانا عبيدالله سنڌي ۽ ظفر الحسن

مولانا عبيدالله سنڌي ۽ زعماءَ افغانستان

مولانا عبيدالله لغاري

ناشر طرفان

مهراڻ جو سوانح نمبر هڪ اهڙو دستاويز آهي، جنهن جي ضرورت، هڪ ڪتب خاني ۽ هر ادبي طالب علم کي نسل در نسل رهندي. هن مواد کي جڏهن پهريون پيرو شايع ڪيو ويو هو تڏهن اِهو خيال ڪونہ آيو هو تہ ڪو هنکي ٻيهر شايع ڪرڻ جي بہ شايد نوبت ايندي. ڪتاب ۾ موجود مواد اِن ڳالهہ تي مجبور ٿو ڪري تہ انکي ٻيهر ڇاپجي. نہ فقط ڇاپجي پر اِن کي نقش اول جو درجو ڏيئي جلد پهريون جو نالو ڏجي ۽ ان بعد وقفي وقفي سان اهڙا نمبر شايع ڪرڻ جي گنجائش پيدا ڪجي، جيئن اسانجو ايندڙ نسل باخبر رهي ۽ شخصيات کي تاريخ جي ورقن ۾ مستقل طور جاءِ ملندي رهي.

سنڌي ادبي بورڊ جي منشور ۾ اِها ڳالهہ شامل آهي تہ سنڌي ادب جي جواهر پارن جي چمڪ گهٽجڻ نہ ڏبي. قلمي نسخا هجن، يا نايابڪتابن جا نسخا، انهن کي وري وري ڇاپي زنده رکڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي پوءِ اُهي بورڊ جا پنهنجا چونہ هجن.

زير نظر مواد کي وري شايع ڪري، مناسب قيمت ۾ پڙهندڙن تائين پهچائڻ ۽ مالي خساري کي متوازن رکڻ لاءِ "اڪيڊمي ادبيات پاڪستان" جو سهڪار، سنڌي ادبي بورڊ جي خدمتن جو نہ فقط اعتراف آهي پر هن ڪم ۾ باقاعده پانهن ٻيلي ٿيڻ بہ آهي.

سنڌي ادبي بورڊ جي روح روان قبلہ چيئرمين صاحب ۽ بورڊ آف گورنرس جي فاضل ميمبرن جي دلچسپي ۽ هدايتون، اسان لاءِ مشعل راهہ بنيون، جن جي طفيل هي ادبي سوڪڙي ٻيو جنم ولي سگهي.

آزاد ڪميونيڪيشن وارن هِن ڏس ۾ خاص محنت ڪئي آهي، انهن جو بہ شڪريو.

اُميد تہ هي ڇاپو سوانح جلد پهريون قبوليت جو درجو حاصل ڪندو ۽ ساڳي خطوط کي ٻيو جلد آڻڻ لاءِ اسانجي همت افزائي ڪئي ويندي.

ولي محمد رونجهو ولي سروري

سيڪريٽري

سنڌي ادبي بورڊ جام شورو

گذارش

"سوانح نمبر"

گذريل پرچي ۾ اداري طرفان "مهراڻ" جو 'سوانح نمبر' پيش ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو هو. اعلان مطابق، سال ۱۹۵۷ع جوٽيون ۽ چوٽون نمبر پر چاگڏي، هي ۽ اٽڪل سوا سؤ سوانح عمرين تي مشتمل خاص نمبر، پنهنجي بهترين تمنائن، خلوص ۽ قرب سان، "مهراڻ" جي عزيز پڙهندڙن، محترم اديبن ۽ مڪرم عالم حضرات جي خدمت ۾ پيش ڪري رهيا آهيون. ست سؤ ڪن صفحن جي هن ضخيم پرچي ۾ جيڪي ڪجهه مواد ميڙيل آهي، اداروان جي تياري ۽ ترتيب لاءِ محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو ٿورائتو آهي، جنهن جي ٻئي خاص توجهه، دلچسپي ۽ ڪاوش سان سنڌ جي اڪثر تاريخي شخصيتن جا سوانح هن طرح يڪجائي سگهيا آهن.

"مهراڻ" جو هي 'سوانح نمبر' سنڌ جي مختلف تاريخي طبقن جو ڪو سلسليوار سونهون آهي يا سنڌ جي مڙني قابل ذڪر شخصيتن جو ذڪر هن ۾ سمايل آهي،- سوان جي دعوا ته خود فاضل مرتب به ڪانه ڪئي آهي؛ ۽ سچ پچ ته سنڌ ۾ جيتريقدر باڪمال عالم ۽ اولياءَ، سَنتَ ۽ صوفي، اديب ۽ شاعر، فيلسوف ۽ مفڪر، استاد ۽ دانشور، سگهڙ ۽ سالڪ، مخلص قومي ۽ سماجي ڪارڪن، برڪ ليڈر ۽ سياستدان، مشهور حڪيم ۽ ڊاڪٽر، وزير ۽ وڪيل، ڪامورا ۽ واپاري، مُکي ۽ منشي، پنچات ۽ راج جا چگا مڙس، وغيره- هندو ۽ مسلمان- ٿي گذريا آهن، يا موجود آهن، تن سيني جا سوانح جيڪڏهن هڪڙي هڪڙي ست ڪري به گڏ ڪجن، ته هوند هتي اهڙا ايڏا به ڪيئي ڪتاب درڪار ٿين. اداري کي اعتراف ۽ افسوس آهي جو هن پرچي ۾ ڪيترين ئي اهم سوانح عمرين شامل ٿي نه سگهيون. ان هوندي به، جيڪي ڪجهه سهيڙجي سگهيو آهي، سو نه صرف سنڌ جي اڪثر مُک شخصيتن بابت معلومات جو خاصو پندار ثابت ٿيندو، بلڪه هي ۽ پرچو يقيناً ايندڙ علمي ۽ ادبي حلقن لاءِ مختلف وقتن جي قومي ۽ سماجي حالات جو معتبر مواد پڻ مهيا ڪندو رهندو. ارادو آهي ته "مهراڻ" جا آئندي ٻيا به اهڙا 'سوانح نمبر' شايع ڪجن. ان لاءِ هن قسم جو مواد جڏهن به ۽ جيترو به اداري کي ميسر ايندو، اوتري قدر ئي جلد ۽ بهتر صورت ۾، اداري لاءِ مقصد جي تڪميل ممڪن ٿي سگهندي.

اڳئين پرچي ۾ "مهراڻ" جي هلندڙ سال جي سالياني چندي گهٽائڻ بابت جيڪو اعلان ڪيو ويو هو، زير نظر پرچي "سوانح نمبر" جي ضخامت اندازي کان وڌي وڃڻ سبب، اداري کي ان تي نظرثاني ءَ جي ضرورت پيش آئي. ضرورت جي پيش نظر، هلندڙ سال جو پورو چندو ڏهه روپيا بحال رکيو ويو، ۽ ان طرح هن 'سوانح نمبر' جي قيمت پڻ اڳ آيل اعلان تن روپين جي عيوض، ست روپيا رکڻ پيئي اٿئون.

زير نظر شماري ۾ صفحن جي ڪجهه هيٺ مٿاهين ٿي ويئي آهي؛ پهرين چند صفحن تي ۱۰۷ کان ۱۳۰ انگ هنيا ويا آهن، حالانڪه اهي ۷ کان ۳۰ تائين شمار ٿين ڪپندا هئا. اميد ته پڙهندڙ حضرات هن سَهوکي ڏيان ۾ رکندا.

انعام

"مهراڻ" جي اڳئين پرچي، نمبر ۱-۲/ ۱۹۵۷ع، ۾ آيل پهريان ٽي افسانا جيئن تہ اڳي ئي ڪراچيءَ جي "سنڌي ادبي سنگت" جي چٽاييٽيءَ ۾ انعام حاصل ڪري چڪا هئا، تنهنڪري انهن ۾ ٻيهر انعام ورهائڻ مناسب نہ ڄاڻندي، ۽ بورڊ جي پنهنجي ملازمن جي مضمونن کي ويچار هيٺ نہ آڻيندي، انعامن جي آخري ترتيب هيٺين ريت رکي ويئي آهي:

شعر: "وائي" (ص۲۴)،-	شيخ "اياز"۰-۰-۱۰
"وائي" (ص۲۴)،-	"برده" سنڌي۰-۰-۱۰
"شاعر ڏانهن" (نظم، ص۳۵)،	-گوورڌن محبوباڻي۰-۰-۱۰
"اڇوتہ ڪوبلو ڪريون" (نظم، ص۳۷)،	-"نياز" همايوني۰-۰-۱۰
"اومرليءَ وارا جوڳي" (نظم، ص۴۱)،	-"تنوير" عباسي۰-۰-۱۰
"ترغيب" (نظم، ص۴۳)،	-عبدالقيوم "صائب"۰-۰-۱۰
"الجزائر" (نظم، ص۴۸)،	-- "حامي" خيرپوري ۰-۰- ۱۰
"تارنامو" (مثنوي، ص۵۴)،	"بشير" مورياڻي۰-۰-۱۰
مضمون: "جنگنا مومياڻي" (ص۱۴۲)،	-مرزا گل حسن "احسن"۰-۰-۲۵
"ڀلا اهو لکيئي؟" (ص۲۲۲)،	-تيرٿ وسنت۰-۰-۱۰

هن کان پوءِ

هن پرچي سان، "مهراڻ" جي نئين دور جو ٽيون سال خيرن سان ختم ٿيو. پنهنجي روايتي خصوصيتن کي برقرار رکندي، مسلسل تن سالن تائين جاري رهندي، "مهراڻ" جنهن نموني سان سنڌي ادب جي تعمير ۾ هڪ سرگرم خادم جي حيثيت سان حصو ونڊندو رهيو آهي، سو صرف سنڌ جي سڄاڻ ۽ باذوق پڙهندڙن جي خلوص، ۽ سنڌ ۽ پارت جي اديبن ۽ شاعرن جي دلي تعاون جي سهاري، انهيءَ خلوص ۽ تعاون تي اعتماد رکندي، اسين وڏيءَ دل سان ائين چئي سگهون ٿا تہ "مهراڻ" جي موجوده معيار کي ڪڏهن بہ ڪو ضرر نہ پهچندو، ۽ هن کان پوءِ پڻ باقاعدي پنهنجي دستوري شان سان شايع ٿيندو رهندو. هن بعد، اسان جي اهائي ڪوشش رهندي تہ سال سال جا پورا چار پرچا، پنهنجي مقرر وقتن تي، باقاعدگيءَ سان شايع ٿيندا رهن؛ نئين سال جي ايندڙ دستوري پرچي لاءِ، اداري جو پڪو ارادو آهي تہ ايندڙ اپريل جي آخر ڌاري ڇپي شايع ڪري ڇڏجي. اميد تہ اسان جا محترم ڪرم فرما- پڙهندڙ، اديب- اسان جي اوٽاين ۽ اويلاين کي پنهنجائپ جي پرده پوش نگاهن سان نوازي، پنهنجي ڀرپور خلوص ۽ تعاون سان "مهراڻ" کي هميشہ سرافراز ڪندا رهندا. -ش. ح.

(باسمہ تعالیٰ)

"سوانح نمبر"

تقريباً ٿي سال کن ٿيا، جو "بورڊ" جي اسٽئنڊنگ ڪميٽيءَ آڏو تجويز پيش ڪئي ويئي هئي تہ رسالي "مهراڻ" جو "سوانح نمبر" شايع ڪيو ويجي، جنهن ۾ سنڌ جي سر برآورده بزرگن- عالمن، سياسي ڪارڪنن، راڄ جي ڇڳن مڙسن، اديبن، شاعرن، هنرمندن ۽ سگهڙن- جي زندگيءَ ۽ ڪارنامن بابت حالات گڏ ڪري شايع ڪيا ويجن، تان تہ هڪ طرف سنڌ جي مشهور شخصيتن جا نالا ياد رهن، ۽ ٻئي طرف سنڌ جي علمي، سياسي ۽ سماجي تاريخ روشن ٿي سگهي. اسٽئنڊنگ ڪميٽيءَ اها تجويز منظور ڪئي، ۽ بالآخر ۱۹۵۶ ۾ "سوانح نمبر" جي مواد گڏ ڪرڻ ۽ ان کي مرتب ڪرڻ جي خدمت بنده جي حوالي ڪئي ويئي. شڪر الحمدلله جو ۱۲۸ سوانح تي مشتمل هيءُ 'سوانح نمبر' آخري طور ڇپجي شايع ٿي رهيو آهي.

شروع ۾ ئي مواد گڏ ڪرڻ لاءِ هڪ سوالنامو تيار ڪيو ويو، جنهن موجب هر شخصيت بابت گهربل حالات جمع ڪرڻا هئا. انهيءَ سوالنامي جو نقل اخبارن ۾ جناب سيڪريٽري "سنڌي ادبي بورڊ" طرفان شايع ڪرايو ويو، ۽ پڻ اپيل ڪئي ويئي تہ جنهن بہ صاحب کي ڪنهن بزرگ يا نيڪ مرد بابت خبر هجي تہ سندس سوانح، ڏنل هدايتن موجب، لکي موڪلي. ڪن دوستن احبابن کي عرض ڪيو ويو هو تہ هو ڪن مشهور نيڪ مردن جون سوانح لکي ڏيڻ ۾ مدد ڪن. عالمن جي سوانح گڏ ڪرڻ جو بار جناب مخدوم اميراحمد صاحب جن پنهنجي ذمي ڪيو.

هن 'سوانح نمبر' کي معياري بنائڻ لاءِ تجويز هئي تہ نہ صرف هر طبقي جي مشهور هستين جون سوانح عمريون شايع ڪيون وڃن، پر خود سوانح لکندڙ بہ اهڙا اهل قلم حضرات هجن، جن کي مخصوص بزرگن سان ذاتي واسطو هجي انهيءَ لاءِ، تہ سندن زندگيءَ بابت نوان معلومات مهيا ڪري، سوانح نگاريءَ جو حق پوريءَ طرح ادا ڪري سگهن. افسوس جو اسان جي اها تمنا پوري نہ ٿي سگهي. وقت گذرندو ويو، ۽ سڀ ڪنهن کي پنهنجن مشغولين مشغول رکيو. انهيءَ ڪري نہ صرف خاص معلومات رکندڙ حضرات جي مدد کان محروم رهڻو پيو، پر سنڌ جي ڪن مشهور هستين جي سوانح بابت ڪوبہ لکڻ وارو ڪونہ مليو. جناب مخدوم اميراحمد صاحب، ۽ بعد ۾ مولانا دين محمد صاحب "اديب" جي ڪوششن سان صرف عالمن جي طبقي جو قدري حق ادا ٿي سگهيو. سنڌ جي زنده مفڪر، مغربي ۽ مشرقي علوم جي ماهر، قبلہ علامہ آءِ. آءِ قاضيءَ جي سوانح ڪماحقہ هن نمبر لاءِ تيار نہ ٿي سگهي. ٻئي طرف، ڪن مشهور سياسي ڪارڪنن ۽ قومي خادمن- جهڙوڪ مرحوم غلام محمد خان پرڳڙي، سيد الله آندي شاهہ، مرحوم مير غلام محمد خان تالپر، ۽ ٻين- جون سوانح قلمبند ٿي نہ سگهيون. اهڙيءَ طرح، ڪيترن ئي مشهور قومي سردارن، راڄ جي ڇڳن مڙسن، سنڌ جي هنرمند ڪاريگرن، اديبن، شاعرن، سگهڙن، تعليم ڪاتي جي آفيسرن ۽ ٻين نيڪ سرڪاري عملدارن


جون سوانح رهجي وئيون. خود 'بورڊ' جي ميمبر صاحبان جون سوانح ديرسان پهتيون، ۽ چئن پنجن لائق ميمبرن جون سوانح آخر تائين پهچي نه سگهيون. اميد ته آئيندي هن قسم جا 'سوانح نمبر' شايع ٿيندا رهندا، ۽ رهجي ويل سوانح جي تلافي ٿي سگهندي.

هن 'سوانح نمبر' لاءِ جنهن به صاحب وٽان جو به مواد پهتو، تنهن کي قبول کيو ويو؛ ڪن صاحبن وٽان صرف ڪنهن بزرگ جي سوانح جو مختصر خاڪو پهتو، جنهن جي بناءَ تي سڄو مضمون تيار کيو ويو؛ ڪن صاحبن وٽان نهايت طول طويل تفصيلات مليا، جن کي قدري اختصار سان دوباره لکيو ويو؛ اڪثر صاحبن وٽان جيڪي حالات پهتا، تن ۾ فن سوانح نگاري جو لحاظ خير ڪو رکيل هو؛ انهيءَ ڪري ڪوشش ڪئي ويئي ته هر سوانح کي سوڌي سنواري اهڙي نموني ۾ پيش ڪجي، جيئن سهڻائيءَ ۽ سنجيدگيءَ جو معيار بلند ۽ بالاتر بيهي. بهرحال، هن نمبر ۾ تقريباً ستن سون صفحن جي مواد جي وڏي حصي جي تصحيح ڪري، ان کي دوباره لکي، پريس جي لائق بنايو ويو.

مواد جي نقل ڪرڻ ۽ ان کي صاف ڪري لکڻ ۾ سنڌي لغت ۽ لوڪ ادب آفيس جي ڪارڪنن، محترم محمد اسماعيل شيخ ۽ سندس رفيقن، وڏي مدد ڪئي. محترم علي بخش احمد زئي، مئنيجر پريس، شمشير الحيدري اسسٽنٽ ايڊيٽر "مهراڻ" ۽ بورڊ جي پريس جي ٻئي عملي هن 'سوانح نمبر' جي ڇپائيءَ ۾ دلچسپيءَ سان ڪم ڪيو، ۽ بورڊ جي سيڪريٽري محترم محمد ابراهيم جويي، هميشه وانگر پنهنجي گرانقدر ۽ مفيد مشورن سان وقت بوقت مدد ڪئي. آءٌ انهن دوستن توڙي ٻين سيني صاحبن جو شڪرگذار آهيان، جن پنهنجي يا ٻين بزرگن جي زندگيءَ جا حالات لکي، هن 'سوانح نمبر' کي معياري بنائڻ ۾ مدد ڪئي.

سنڌي يونيورسٽي
فبروري، ۸-۱۹۵۸ع

خادم العلم
نبي بخش



"حمیرن حساب، که ڇاڻان ڪهڙو ٿيو!"



هڼ يالا، وژهه، پاکرين، آذي ديال مړ ديارا!

ـ شاهه

ا

علماء ، فضلاء

ٻي صدي هجريءَ جي شروعات کان ولي ۱۸۴۳ع تائين، سنڌ ۾ علم جي روشني محض علماءِ ڪرام جي مخلصاڻ ڪوشش سان هئي. عربي دور ۾ "ديبل" حديث جو مرڪز بنيو، ۽ "منصوره" فقه جو: انهن ٻنهي مرڪزن سنڌ مان اهي تہ روشن خيال عالم پيدا ڪيا، جن عرب ملڪن ۾ ٻ پنهنجو نالو ڪڍيو. ابو جعفر ديبلي پهريون عالم هو، جنهن نبي صلعم جي لکيل خطن تي تحقيق ڪئي. تعليم ۽ تحقيق جي اها روايت پوءِ مسلسل طور سنڌ ۾ هلندي آئي، تان جو ڪلهوڙن ۽ تالپرن جي دور ۾ 'سنڌ جو سيوطي' مخدوم محمد هاشم، صوفي ۽ فلسفي مخدوم محمد معين، محدث ۽ شارح ابوالحسن، مفتي عبدالواحد سيوستاني ۽ ٻيا نامور عالم ۽ فاضل پيدا ٿيا.

۱۸۴۳ع کان پوءِ، انگريزن هن ملڪ جي ماڻهن کي ذهني طور غلام بنائڻ خاطر نئين يوروپي تعليم جو بنياد وڌو، ۽ سندن پاليسي آهستي آهستي سنڌ جي ٻارهن سون ورهين جي تعليمي نظام کي ختم ڪري ڇڏيو. ان جي باوجود، بزرگن پيٽ کي پٽر ٻڌي ٻ پنهنجا مڪتب ۽ مدرسا هلايا، جن مان کي اڄ ڏينهن تائين جاري آهن.

سنڌ جي عالمن، پنهنجي اوج ۽ عروج واري زماني ۾، علمي ۽ ديني خدمت سان گڏ و گڏ، سوسائٽيءَ ۾ چگائي پکيڙڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ هرقسم جي نقصانڪار عمل جي مخالفت ڪئي. جهانگير جي ڏينهن ۾ جڏهين پنجاب جي عالمن تماڪ ڇڪڻ جي فائدي ۾ فتوائون ڏنيون، تڏهن فقط سنڌ جي عالمن ئي تماڪ ٻيڻ کي هر پهلوءَ کان نقصانڪار ڄاڻائي ان جي مخالفت ڪئي.

سياست جي ميدان ۾ سنڌ جا عالم آزاديءَ جا علمبردار رهيا: خلافت تحريڪ ۾ انگريزي حڪومت خلاف سنڌ ۾ ڪم ڪندڙن جو وڏو تعداد عالمن جو هو. علماءِ ڪرام جي هيٺ ڏنل سوانح ۾ هڪ طرف علم جي روشني، حق جي تلاش، نيڪيءَ لاءِ ڪوشش ۽ آزاديءَ لاءِ جدوجهد جا آثار نمايان طور نظر ايندا، تہ ٻئي طرف سنڌ جي تعليمي توڙي ادبي تاريخ جا اهم باب مطالع ڪري سگهبا.

مخدوم عبدالرحمان الشهيد کهڙوي

رياست خيرپور جي هڪ نندڙي شهر کهڙا تعلقي گنبٽ ۾ مخدومن جو خاندان آباد آهي. هن خاندان جو سلسلو نسبت رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي چاچي سيدنا عباس رضي الله عنه سان ملي ٿو. هن خاندان جو مورث اعليٰ سيدنا محمد ابراهيم ٽين صدي هجريءَ جي شروعات ۾ بغداد جي خليفي معتصم بالله عباسيءَ جي دور خلافت ۾ سنڌ ڏي حڪمران ڏين جي تبليغ لاءِ سنڌ ۾ تشريف فرما ٿيو. انهيءَ وقت سنڌ ۾ دولت عباسيه سان وابسته هئي.

سيدنا محمد ابراهيم حيدرآباد (جو انهيءَ زماني ۾ "نيرن ڪوٽ" جي نالي سان مشهور هئي) جي آتر ۾ "ڪلور" نالي هڪ ڳڪر تي اچي رهيو، ۽ تبليغ جي فريضي ۾ مشغول رهي، سال ۳۴۸ھ ۾ جان جان بخش جي حوالي ڪيائين.

سيدنا محمد ابراهيم جي اولاد مان هڪ بزرگ سيدنا اسد الله، جنهن کي "مخدوم الملڪ" سڏيندا هئا، اڪبر اعظم جي زماني ۾ سنڌ جو قاضي القضاة مقرر ٿيو، ۽ سنڌ جو دورو ڪندي موجوده رياست خيرپور جي حدن اندر هڪ شهر پيريءَ ۾ پهتو. اهو شهر هن وقت کهڙن جي قريب هڪ نندڙو واهڻ آهي، مگر انهيءَ وقت ڇگو آباد شهر هو. پيريءَ جي شهر ۾ اسد الله توقف ڪيو، ۽ اتي هڪ مسجد جوڙايائين. اڃا ضروري ڪمن کان فارغ ئي ڪوٽ ٿيو هو، ته سندس روح پرنتوح اعليٰ عليين ڏانهن پرواز ڪري ويو. سندس وفات جي تاريخ ۹۶۲ هجري آهي-(تذڪره مخادير کهڙا).

مخدوم اسد الله جي وفات کان پوءِ، سندس وڏي فرزند مخدوم جمال الدين پيريءَ جي شهر ۾ سڪونت اختيار ڪئي. مخدوم جمال الدين کان پوءِ، سندس فرزند مخدوم يحيٰ ٻڌ پيريءَ ۾ رهيو، ۽ اڃا تائين سندس مزار اتي آهي، جنهن کي اتي جا عام ماڻهو "پيراجيو" ڪري سڏيندا آهن. مخدوم يحيٰ جي وفات کان پوءِ، سندس فرزند مخدوم عبدالخالق پيريءَ مان هجرت ڪري اچي کهڙن ۾ رهيو، ۽ اڄ تائين سندس خاندان جا فرد اتي ساکن آهن. "تذڪرهٔ مخاديرِ کهڙا" هڪ روايت نقل ڪئي آهي، جنهن مان معلوم ٿو ٿئي ته مخدوم عبدالخالق جي فرزند مخدوم محمد عاقل کي حضور پُرنور رسول اڪرم صلي الله عليه جي طرفان، سنڌ

جي مشهور اهل الله قلندر شهباز رحمة الله عليه جي معرفت ۽ دين جي دستار عطا ٿي. "رئيس العلماء" ۽ ٿ ڪيس لقب عنايت ڪري ۽ متن قضا ۽ فتوا جو ڪر رکيو ويو. جنهنڪري ۽ هن خاندان ۾ ايا تائين اهو دستور هلندو اچي ته جيڪو به نئين سر گاديءَ تي ويهندو ته پهرئين سال جي اندر اندر، قلندر شهباز جي روضي مبارڪ تي ضرور حاضر ٿي دستاربنديءَ جي رسم اتي ادا ڪندو.

مخدوم عبدالرحمان الشهيد ۽ مخدوم محمد عاقل رحمت الله عليه جو پوٽو هو. هو هڪ عارف ۽ ڪامل ۽ عالم باعمل بزرگ هو. ظاهري خواه باطني علوم پنهنجي والد بزرگوار مخدوم محمد عليه الرحمت کان حاصل ڪيائين ۽ سندس وفات کان پوءِ سندس مسند تي ويهي اسلام جي تبليغ ۽ شرڪ ۽ بدعتن جي پاڙ پٽڻ ۾ مشغول رهيو. "تذڪره مخاديم ڪهڙا" جي مصنف، مخدوم عبدالرحمان شهيد جي مذهبي صلاحيت ۽ احڪام شريعت جاري ڪرڻ تي استقامت جا ڪيترا واقعا ذڪر ڪيا آهن ۽ جن مان هڪڙو واقعو هت لکجي ٿو.

هڪ دفعي، رمضان شريف جي ۲۷ تاريخ ۽ هڪ مجذوب شخص ۽ سمي اميداس، غيرمسلمانن جو لباس پهري ۽ ڏڪي تي سوار ٿي ۽ کهڙن جي شهر جي بازار مان حقو چڪيندو اچي لنگهيو ۽ بلند آواز سان چوندو ٿي ويو ۽ "منهنجو نالو اميداس آهي! ... منهنجو نالو اميداس آهي!" ماڻهن ڪيس رمضان شريف جي ادب ۽ احترام ڏانهن توجهه ڏياريو ۽ ڪيس سربازار حقي پيئڻ کان منع ڪيائون ۽ مگر مجذوب تي ڪو اثر نه ٿيو. آخر مخدوم صاحب کي اطلاع ڏنو ويو. مخدوم صاحب انهيءَ خليفي کي ۽ جو هن ڪر تي مقرر هوندو هو ۽ حڪر ڪيو ته وڃي هن کي منع ڪريو؛ جيڪڏهن منع سان نه سمجهي ۽ ته ڪيس شرعي تعزير ڏيئي سڌو ڪريو. خليفو جماعت سان گڏجي ويو ۽ وڃي مجذوب کي منع ڪيائين ۽ مگر هو باز نه آيو؛ تعزير ڏيڻ جي ڪيائون ۽ مگر جيڪا به لکڙي يا پٿر مجذوب کي هنيائون ٿي ۽ سو ڪانئس هڪ وال پري ٿي ڪيريو. مخدوم صاحب جي خدمت ۾ احوال عرض ڪيو ويو. ڀاڻ فرمايائون ته "هاڻي وڃو ۽ وڃي ڪيس گرفتار ڪريو: اسان هيڏانهن ڪلام پڙهي دم ڪريون ٿا ۽ انشا الله هن جو هيءَ استدراج هن کي ڪابه پناهه نه ڏيندو". خليفي اچڻ سان اچي هن کي پٿر هنيو ۽ امیداس پهرئين پٿر سان ڏڪي تان اچي پٽ تي ڪريو. هن کي پکڙي اچي مخدوم وٽ حاضر ڪيائون. مخدوم صاحب حڪر ڪيو ته ڪيس به سَو آٽ درا لڳايا وڃن. مجذوب چيو ته "هڪ هڪ دري جي عيوض هڪ ماڻهو شهيد ٿيندو!" تنهن تي مخدوم صاحب به سَو ٻاويهه درن لڳائڻ جو حُڪر ڏنو ۽ اهو به حڪر ڏنائون ته سندن ڏهڙو ڪُهي خيرات ڪيو وڃي. مجذوب چيو ته "جيڪو اسان جي ڏڪي جي گوشت مان پوٽي کائيندو ۽ سو قتل ٿيندو!" مخدوم صاحب فرمايو ته "جيڪو پوٽي کائيندو ۽ تنهن تي دوزخ جي باهه حرام آهي!" مجذوب جو هي قول ٻڌي ۽ کي ضعيف الاعتقاد ماڻهو ڊڄي ويا ۽ ڏڪي جو گوشت کوڻ کاڏائون؛ مگر مخدوم صاحب ۽ راسخ الاعتقاد مومنن ڏڪي جو گوشت به کاڌو ۽ مجذوب کي به سو ٻاويهه درا به لڳايا. اتفاق الاهي ڏسو ۽ جو انهيءَ کان پوءِ جلد مخدوم صاحب

جي شهادت جو حادثو پيش آيو، جنهن ۾ پورا ۽ سو ڀاويهه مومن شهيد ٿيا! (شهادت جو ذڪر اڳتي ڪيو ويندو.)

مخدوم عبدالرحمان جذبي ۽ حال جو صاحب، ڪشف ۽ ڪرامت جو مالڪ بزرگ هو. 'تذڪره' وارو بزرگ لکي ٿو ته جڏهن مخدوم صاحب تي جذبي ۽ سڪر جي حالت طاري ٿيندي هئي، تڏهن سندن زبان مبارڪ سان اڪثر هي لفظ نڪرندا هئا ته "آڳ ملڪ جو مالڪ آهيان!" انهيءَ حالت ۾ ڪيترن ماڻهن کي ملڪ ۽ ولايتون بخشيندا هئا. وري جڏهن هوشياريءَ جي حالت ۾ ايندا هئا، ته انهن لفظن کان استغفار ڪندا هئا، ۽ جن ماڻهن کي ملڪن جا پروانا لکي ڏيندا هئا، تن کي پٺسا ڏيئي، اهي پروانا واپس وٺي ڦاڙي ڇڏيندا هئا.

مخدوم صاحب جون ڪرامتون ۽ ڳالهائي کان ٻاهر آهن؛ تذڪري ۾ ٻه ڪيئي لکيل آهن؛ هتي پڻ بطور "مشتي نمونه خروار" هڪڙي ڪرامت ذڪر ڪريون ٿا.

اُڇڻ قوم جو هڪ غريب شخص، چنيي نالي، مخدوم صاحب وٽ ٻيلي هو ۽ گهوڙن جي خدمت ڪندو هو. اِتفاقاً، هڪ ڏينهن گهوڙي چنيي فقير جي مٿي تي اهڙي زور سان لت هنئي جو چنيو هروقت مري ويو. مخدوم صاحب کي جڏهن هن واقعي جي خبر ملي، تڏهن چنيي جي ٻيءُ کي گهرائي فرمايائون ته "تنهنجي پٽ جو موت هڪ اتفاقي حادثو هو، جو ٿي چڪو. هاڻي جيڪڏهن تون چاهين ته توکي خونِ بها ڀري ڏيون؛ ۽ جيڪڏهن چاهين ته الله پاڪ جي درٻار ۾ دعا گهري، توکي اهڙو فرزند وٺي ڏيون، جيڪو پنهنجي ساريءَ قوم جو پير ٿئي، ۽ سندس قوم جا ماڻهو ڪٽي بہ هجن ته اڇي سندس مريد ٿين". انهيءَ ٻڌڻ سان، اڇڻ فقير، مخدوم صاحب جي پيرن تي ڪري ٻيو، ۽ هٿ ٻڌي عرض ڪيائين ته "جيڪڏهن ائين ٿي پوي ته نهايت احسان ٿيندو!" مخدوم صاحب دعا گهري. انهيءَ ئي سال ڪيس فرزند عطا ٿيو، جنهن جو نالو بہ ساڳيو "چنيو" رکيائون، ۽ ڪيس بروقت مخدوم صاحب جي حضور ۾ حاضر ڪيائون. مخدوم صاحب پنهنجي لب مبارڪ، آڳر تي وٺي، سندس وات ۾ وڌي ۽ انهيءَ ننگر کي ننڍي هوندي کان ئي ولايت جو درجو عطا ٿيو. مخدوم صاحب فرمايو ته "اسان جي وفات کان پوءِ صاحبڏني نالي هڪ فقير درازن جي شهر ۾ پيدا ٿيندوءِ هن ننگر کي باقي فيض آتان حاصل ٿيندو". مخدوم صاحب جي وفات کان پوءِ ميان چنيو صاحبڏني فقير جي صحبت ۾ پڻ حاضر ٿيو، ۽ باقي فيض اتان پرايائين.

مخدوم صاحب جي لفظ مبارڪ موجب، ميان چنيي جي پوري قوم سندس مريد ٿي. ميان چنيو اگرچ ظاهري علم ڪنهن وٽ ڪونه پڙهيو هو، مگر مخدوم صاحب جي توجهه جي برڪت سان خداوند ڪريم کيس وڏو علم عطا ڪيو هو. هو نهايت متبرڪ، ۽ شريعت تي مُستقيم بزرگ هو. ڪوبہ ماڻهو وٽس دعا تعويذ لاءِ ايندو هو، ته خالي ڪاغذ ٽڪر ڦاڙي ڪٽي کيس ڏيندو هو ته ان سان کيس مطلب حاصل ٿي ويندو هو. گهٽو ڪري سندس زبان تي لفظ "فَفِرّوا اِلَي اللّٰه" (الله تعالي ڏانهن ڊوڙو) جاري هوندو هو. اُمّي هجڻ ڪري

"ف" جو تلفظ صحيح نہ ڪري سگھندو هو. سندس اولاد اڃا تائين ڪوٹڙن جي شهر ۾ موجود آهي، جي فقير صاحب سڏجن ٿا. منجهن هن وقت ۾ به چڱا چڱا بزرگ، علم ۽ عمل جا صاحب موجود آهن. پوري اڇڻ قوم سندن مريد ۽ نهايت معتقد آهي. مخدوم خاندان سان سندن اهوئي معتقدانہ رستو هلندو اچي ٿو.

مخدوم شهيد نهايت حق پسند ۽ متواضع هو. هڪ دفعي ٻاڻ کا شرعي فتوا ڏنائين: ڪچهريءَ ۾ هڪ مسڪين عالم ويٺو هو، تنهن آڻي عرض ڪيو تہ "مخدوم صاحب! توهان جو فيصلو صحيح نہ آهي بلڪ صحيح هن طرح آهي". مخدوم صاحب خاموشيءَ سان ٻڌي فرمايو تہ "بيشڪ حڪم اٿين آهي، جڏن توهان فرمايو". پوءِ يڪدم هڪ دستار ۽ لنگي ڪهرائي، مولوي صاحب کي عطا ڪيائون.

سڌ جو مشهور فاضل ۽ عالم مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحمة الله عليہ، مخدوم شهيد جو گهاڻو دوست هو. صاحبن جي لوءِ عرف ڪهوڙڪيءَ ۾ انهيءَ وقت پير ميان مبارڪ شاهہ عادلپوريءَ جا فرزند، پير محمد جعفرشاهہ ۽ پير موسيٰ شاهہ، رهندا هٿا، جي پڙ ظاهري خواهہ باطني علم ۾ ڪمال جا صاحب هٿا ـ انهن سان بہ مخدوم شهيد جو گهرو ۽ گهاڻو رستو هو. خصوصاً پير موسيٰ شاهہ، جو ننڍو هو، تنهن جي مخدوم شهيد سان نهايت الفت ۽ عقيدت هئي. هو هر چوٿين مهيني مخدوم شهيد جي زيارت لاءِ ضرور ايندو هو، ۽ سندس هيءَ دستور هو تہ شاهہ جاڻہ (رياست خيرپور جو هڪ مشهور معروف ولي الله، جو اٽين صديءَ ۾ ٿي گذريو آهي، ۽ سندس درگاهہ ڪوٹڙن جي شهر کان اٽڪل ٽي چار ڪوهہ پري عوام خواهہ خاص لاءِ زيارتگاهہ آهي) جي درگاهہ وٽ اچي گهوڙن تان لهي پوندو هو، ۽ ٻاڻ خواهہ سندس خليفا پيادا اچي مخدوم صاحب جي خدمت ۾ حاضر ٿيندا هٿا، ۽ انهيءَ فيض کان مستفيض ٿيندا هٿا.

مخدوم شهيد عليہ رحمة فطرتاً حق گو ۽ مجاهد مرد هوندا هٿا. اگرچہ سندن طبع ۾ عجز تمام گهٽو هو، تاهم جابر کان جابر ۽ ظالم کان ظالم امير کي بہ حديث شريف "افضل الجهاد کلمة حق عند امير جائر" جي فرمان موجب، حق چئي ڏيندا هٿا.

جيئن تہ هڪ دفعي جو قصو آهي تہ ميان نورمحمد کلهوڙي، پنهنجي حڪومت جي زمالي ۾، سڀ جاگيرون ۽ معافيون رد ڪري، انهن جا پروانا منسوخ ڪري ڇڏيا. سيد حيدرشاهہ حقاني، جنهن جو مقبرو روهڙي شهر ۾ اڄ تائين آهي ۽ عام خاص ماڻهن جو زيارتگاهہ آهي، تنهن جي اولاد سان سيد مير يعقوب شاهہ ۽ ٻيا، جن جو مخدوم شهيد سان بلڪل مخلصانہ رستو هو، انهيءَ حد تائين جو سندن باغن ۽ زمينن ۾ جڏهن بہ ڪو ميوو وغيره پيدا ٿيندو هو، تہ اڳ ۾ مخدوم صاحب جي دروازي تي پهچائي پوءِ ٻاڻ کائيندا هٿا، بلڪ پنهنجي معصومن ۽ نينگرن جو عقيقو بہ اچي مخدوم شهيد جي مسجد جي دروازي تي ڪندا هٿا. تن جا بہ سڀ معافين ۽ جاگيرن جا پروانا رد ٿي ويا. جنهن تي اهي سڀ

سيد، مخدوم شهيد کي ملتجي ٿيا ته ڀاڻ قدم رنج فرمائي، ميان نورمحمد کي هدايت ڪري، سندن سڀ پروانا دستور موجب جاري ڪرائي ڏين. مخدوم شهيد عذر ڪيو ۽ فرمايو ته نورمحمد بينُور آهي، هن وٽ هلڻ جي تڪليف اسان کي نه ڏيو؛ مگر سيدن زياده اصرار ۽ الحاح ڪيو، جنهن تي لاچار مخدوم صاحب تيار ٿيو. پرچه نويسن هيءَ خبر ميان نورمحمد جي حضور ۾ پهچائي. ميان نورمحمد جڏهن ته ڀاڻ ٻه هڪ پير ۽ وقت جو حاڪم هو، تنهنڪري سندس دربار ۾ ڪهڙو به شريف خاندان سيد يا اهل الله ماڻهو ايندو هو، ته هن جي تعظيم و تڪريم لاءِ اٺ يا سائس بغلگير ٿيڻ جي تڪليف گوارا نه ڪندو هو. مخدوم شهيد جي تشريف آوريءَ جي خبر پڌي، نهايت پريشان ٿيو. پنهنجي وزيرن ۽ مقربن سان صلاح ڪيائين ته "مخدوم صاحب هڪ جذبي ۽ حال جو صاحب ۽ سيّدنا عباس جي آل مان آهي، ۽ ڪڏهن به اسان وٽ نه آيو آهي: جيڪڏهن سندس آڏو ڪماڪته تواضع بجا نه آڻي ڪري رنج ٿي ويو ته ڳالهه خراب ٿي پوندي؛ ۽ جيڪڏهن سندس خاطر جوئيءَ لاءِ اٺي سائس بغلگير ٿياسين، ته اسان جي دربار جي رسم ٽُٽي پوندي!" آخر هيءَ صلاح ٻيهاريائون ته مخدوم صاحب جي اچڻ وقت ميان نورمحمد توشاخاني جي معائني ڪرڻ جي ٻهاني سان توشاخاني ۾ هجي: جنهن وقت مخدوم صاحب، ميان صاحب جي ڪچهريءَ ۾ تشريف فرمائي، انهيءَ وقت ميان صاحب توشاخاني مان قدم رنج فرمائي ته جيئن پنهي جي ٻيٽي ملاقات ٿي وڃي ۽ انهيءَ حالت ۾ السلام عليڪم، خوش آمديد ۽ مرحبائيءَ جون سڀ رسمون ادا ٿي وڃن؛ باقي مخدوم صاحب جي موڪلائڻ وقت جيڪڏهن اٺي ٻيهڻ جو اتفاق ٿيو ته ڪو مضائقو نه آهي. آخر جڏهن مخدوم صاحب ڪچهريءَ جي ٻاهران حاضر ٿيو، تڏهن ميان نورمحمد، مقرر ڪيل ٺهراءَ موجب، ڀاڻ اٺي توشاخاني ڏانهن هليو ويو ۽ دربان کي حڪم ڪيائين ته مخدوم صاحب کي اندر وٺي اچي. مخدوم صاحب مسند تائين پهتو، مگر ميان صاحب توشاخاني ۾ ٿورو توقف ڪيو، انهيءَ خيال سان ته ڀاڻ ٿورو دير سان ويندو ته مخدوم شهيد سندس اڳيان اٺي تواضع بجا آڻيندو. هوڏانهن، مخدوم صاحب جڏهن مسند خالي ڏٺي، ته يڪدم مصلو ٻڌاري نفل پڙهڻ ۾ شروع ٿي ويو. ميان نورمحمد ٻڌيان اچي مسند تي ويٺو؛ ۽ جڏهن مخدوم صاحب نماز ۽ دعا کان فارغ ٿيو، تڏهن مرحبا ۽ خيرعافيت پرسيءَ جا آداب بجا آندائين. مخدوم شهيد، ميان نورمحمد ڏانهن متوجهه ٿي فرمايو ته "ٻڌڻ ۾ آيو آهي ته توهان وٽ ڪُتا تمام سٺا سٺا موجود آهن!" ميان صاحب سمجهيو ته شايد مخدوم صاحب کي شڪار جو شوق ٿيو آهي، سو حڪم ڪيائين ته مختلف ملڪن جا ڪتا، جهڙوڪ خراساني، گجراتي، هندستاني، وغيره وغيره هڪدم حاضر ڪيا وڃن. تنهن تي مخدوم صاحب فرمايو ته "اسان کي ڪتن جي ڪابه گهرج ڪانه آهي، مگر حديث شريف جي ڳالهه ياد آئي، جنهن ۾ حضور پرنور عليه الصلواة والسّلام فرمايو آهي ته 'جيڪو ماڻهو خيرات يا صدقو ڏيئي واپس ٿو ورائي، ته اهو ماڻهو ڪتي مثل آهي، جو قَي ڪري وري ٿو ڪائي'؛ ۽ خيال ڪيوسون ته

شايد ميان صاحب وٽ ڪتا گهٽا هجن، ۽ هيءَ عادت انهن جي صحبت مان پرائي هجيس جو جيڪي جاگيرون ۽ معافيون اڳين حاڪمن، شريف خاندانن، بزرگن ۽ ساداتن کي بطور خيرات عنايت ڪيون هيون، سي واپس ورتيون اٽڪل ڏهوسون ته امان جو گمان صحيح نڪتو!"

ميان نورمحمد، جنهن جا وڏا پڙ پيري مشائخيءَ مان حاڪم ٻڌيا هئا، تنهن جو مخدوم صاحب جي هيتري بيباڪي، دليري ۽ جرات ڏٺي، ۽ تنهن سان گڏ هي خبرون ٻڌ سندس ڪنن تائين پهچندبون ٿي رهيون ته نه فقط سنڌ ۾ بلوچستان، پنجاب ۽ پين ملڪن ۾ ٻ مخدوم صاحب جو ڪافي اثر ۽ رسوخ آهي، سندن مريدن ۽ معتقدن جو حلقو تمام وسيع آهي، خود دهليءَ جو شاهه ٻ سندس ارادتمند آهي، ۽ مخدوم صاحب جي وري هيءَ حالت آهي جو جڏهن وجد ۽ جذبي جي حالت طاري ٿئي ٿي ته ملڪ ۽ پرڳڻا ماڻهن کي عطا ڪيو ڇڏي، سو سندس دل ۾ هيءَ وهم جاءِ ڪري ويو ته ڪڏهن نه ڪڏهن مخدوم صاحب جي هٿان سندس حڪومت کي جوکو آهي! بظاهر ته مخدوم صاحب کي راضي ڪرڻ خاطر نهايت تڪريم ۽ تعظيم سان پيش آيو، مهمانيون ڪيائين، ۽ رخصت وقت پنهنجي منشيءَ کي حڪم ڪيائين ته "منهنجي مهر ڪٽي مخدوم صاحب جي خدمت ۾ حاضر ٿيءَ، ۽ مرضيءَ موجب پروانا ۽ معافي نامه لکي سندس حوالي ڪر"؛ مگر دل ۾ مخدوم شهيد کان ڊپ رکڻ لڳو، ۽ اهڙا بهانا ڳولڻ لڳو جيئن مخدوم صاحب کي دفع ڪري ڇڏي. آخر ظاهر ۾ هيئيون بهانو ٿي آيو.

شهادت جو قصو

ڪهڙن جي پرسان سيدن جو هڪ ننڍو ڳوٺ آهي، جنهن کي "سائڊي" چوندا آهن. اتي هڪ غريب مگٽهار رهندو هو، جنهن جي زال نهايت حسين هئي. ڳوٺ جي سيدن مان هڪ نوجوان سيد انهيءَ عورت تي عاشق ٿي ٻيو، ۽ پنهنجي زميندارياءَ جي نشي ۾ پانيائين ته اها عورت سندس مسڪين مڙس کان زبردستيءَ کسي پاڻ وٽ ويهاري ڇڏي. مگٽهار ٻيو ڪو وسيلو ۽ بچاءَ نه ڏسي اچي مخدوم شهيد وٽ فرياد ڪئي، ۽ پنهنجي زال واپي اچي مخدوم صاحب جي شهر ۾ رهيو.

مخدوم صاحب، سيد جي وڏن کي هن سموري قصي کان آگاهه ڪري لکيو ته هو ڪيس هدايت ڪري ان بري ڪم کان باز آڻين: ۽ جيڪڏهن شاهه صاحب کي هروپرو اها عورت پنهنجي هٿ ۾ رکڻي آهي، ته کنهن نموني سان سندس مڙس کي راضي ڪري، ڪانئس طلاق ڏياري، ٻوءِ پلي پنهنجي نڪاح ۾ آڻي؛ باقي زور زبردستيءَ سان کسي پاڻ وٽ ٻرائيءَ عورت کي رکڻ شريعت موجب حرام ۽ ڪبيرو گناهه آهي. وڏن سيدن، نوجوان سيد کي گهڻو سمجهايو، مگر هو اصل باز نه آيو. لاچار، مخدوم صاحب ساري حقيقت لکي، مگٽهار ۽ سندس زال کي، پنهنجي هڪ زيرڪ نالي غلام سان گڏي، روهڙيءَ جي ڪاردار معين ڏيٽر ڏانهن موڪلي ڏنو. عاشق سيد کي جڏهن اها خبر پهتي، تڏهن يڪدم پنهنجا نوڪر، لوفر ۽ اوباش سنگتي وٺي، شاهه جاڏي رحمة الله عليه جي درگاهه وٽ انهن کي اچي پهتو، ۽

مگٹهار جي زال زبردستيءَ کٹڻ لڳو. زيرڪ شاهه کي گهٽوئي سمجهايو ته "هيءُ بازو آڳ روهڙيءَ جي کاردار ڏانهن وڃي ٿو وڃان؛ جيستائين اتي نه پهچائيندس، تيستائين اوهان کي نه ڏيندس؛ کاردار وٽ پهچائڻ کان پوءِ منهنجو کوبه واسطو نه آهي، توهان ڄاڻو ۽ کاردار ڄاڻي"؛ مگر شاهه نه مڙيو ۽ فساد شروع ڪري ڏنائين. نيٺ قصو وڃي تلواربازيءَ جي حد تائين پهتو. ٻنهي ڏرين مان کي ماڻهو ڦٽجي پيا. زيرڪ جي هٿان واصل شاهه نالي هڪ سيد کي سخت گهاءُ رسيو، ۽ سخت ڦٽجي زمين تي ڪري پيو. فسادي سيد، هيءُ وجهه وڃي، ڦٽيل سيد کي کٽ تي ڪٽي، روهڙيءَ جي کاردار وٽ پهچي، مخدوم شهيد ۽ سندس ماڻهن تي دانهي ڏيو. روهڙيءَ جي کاردار معين ڏيٽر کي اها خبر هئي ته ميان نورمحمد اندروني طرح مخدوم صاحب جو حاسد ۽ مخالف آهي، ۽ڳجهيءَ طرح کيس مخدوم صاحب جي برخلاف ٻهانو تلاش ڪرڻ جو اشارو ٽيل هو، تنهن اصل واقعي کان قطع نظر ڪري، وڃي مخدوم صاحب جي برخلاف لکيو ۽ مٿس ظلم زبردستي، فساد، خونريزي، وغيره وغيره جا الزام رکيائين.

ميان نورمحمد، جو اڳي ئي کنهن موقعي جو منتظر هو، تنهن داؤد نالي هڪ قاصائيءَ کي (جو چون ٿا ته سيوهڻ واري هنود قاصائيءَ جي اولاد مان هو) حڪم ڪيو ته لشکر وڃي مخدوم ۽ سندس ساري خاندان کي قتل ڪري اچي. هيءُ ظالم يڪدم هڪ وڏو لشکر سان ڪري اچي کهڙن وٽ پهتو، ۽ شهر کي گهيرو ڪري لڙائيءَ جو انتظار ڪرڻ لڳو؛ ڇاڪاڻ ته کيس خبر هئي ته بيشمار ماڻهو مخدوم جا مريد ۽ معتقد آهن، مبادا مخدوم جماعت سان ڪري جنگ لاءِ سنيري اچي.

هوڏانهن، مخدوم جو اهو حال هو جو جڏهن هيءَ شورش شروع ٿي ۽ ميان نورمحمد جي ارادي جون خبرون پهچڻ لڳيون، ته هزارها ماڻهو ٽولين جون ٽوليون ٿي مخدوم صاحب وٽ ٿي آيا، ۽ اسلام جي راهه ۾ قربان ٿيڻ لاءِ پنهنجا سر ٿي آڇيائون؛ مگر مخدوم صاحب سيني کي دعائون ڪري واپس ٿي موڪليو، ۽ فرمايائون ٿي ته "اسان الله پاڪ جي درگاهه مان نهايت عاجزي ۽ زاريءَ سان شهادت جي دعا گهري آهي: جيڪڏهن واقعي اها دعا قبول ٿي آهي ۽ هيءَ عظيم سعادت اسان کي نصيب ٿي، ته ان کان وڌيڪ ٻيو ڇا گهرجي جو قيامت جي ڏينهن حضرت سيدنا امام عليه و علي آبائه السلام جي جهنڊي هيٺ شهداي ڪربلا جي جماعت سان گڏ اٿندا سون! هيءَ درٻار ڪبريا جو اسان تي هڪ عظيم الشان احسان ۽ لطف ٿيندو ـ ۽ جيڪڏهن سندِ جي حاڪم جي هيءَ فوج کنهن ٻئي غرض سان ٿي اچي، ته ب اسان جون اکيون ٿڏيون."

خير، قصو کوتاهه، ٻيا ماڻهو ته سڀ مخدوم صاحب جون دعائون وڃي ۽ نصيحتون ٻڌي واپس ٿيندا ويا، باقي خاص ۲۰۸ (۱) ماڻهو، جن ۾ ست سيد هئا ۽ ڪيترا عالم، حافظ،

(۱) "تذڪره مخاديم کهڙه" ۾ ۲۰۸ لکيل آهي، مگر مخدوم غلام محمد بگائيءَ پنهنجي سنڌيءَ ۾ ۲۲۲ بيان ڪيا آهن.

عابد ۽ زاهد هٿا ، سي مسجد شريف ۾ موجود رهيا. اني ظهر جو وقت اچي ٿيو. مخدوم صاحب انهن کي هدايت ڪئي ته "نماز ادا ڪري سڀ قبلي شريف ڏانهن متوجهه ٿي مراقبي ۾ ويهي رهو: جڏهن توهان تي تلوارن جا وار ٿين ته صبر ۽ شڪر کان سواءِ ٻيو زبان مان کوٻو لفظ نه ڪيجو ۽ هٽ يا پير هرگز نه هلائجو، چاڪاڻ ته اسان هيءَ ذبح پنهنجي رضا خوشيءَ سان تسليم ڪئي آهي". ايتري ۾ مخدوم شهيد جي پاڻ مخدوم محمد عاقل ، جو ٻڌ نهايت پرهيزگار ۽ ولي ڪامل هو (جنهن جو ذڪر ڪنهن ٻيءَ صحبت ۾ ڪنداسون)، تنهن عرض ڪيو ته "جيڪڏهن اجازت فرمايو ته الله کان پڻي انهيءَ زمين کي حضرت لوط جي قوم جي گوٺ واڌر اونڌو ڪري ڇڏيان ، جنهن تي ظالمن جو لشڪر اچي منزل انداز ٿيو آهي! يا ، پنهنجي هن ڪوزي مان ڪهڙن جي چوڌاري هڪ اهڙو درياهه وهايان ، جنهن ۾ بي‌قياسن جي سڄي ڇل فرعون ۽ سندس لشڪر جي طرح غرق ٿي وڃي!" مگر، مخدوم صاحب فرمايو ته "ادا ، اها طاقت اسان کي نه آهي ، مگر الله جي واٽ ۾ شهيد ٿيڻ جي دعا سالن جا سال الله پاڪ کان گهرندا رهيا آهيون ، ۽ انهيءَ جي قبوليت جا آثار هن وقت ظاهر ٿيا آهن : هاڻ عين موقعي تي انهيءَ نعمت عظميٰ کان محروم رهڻ دل نٿي گهري: ڇڏ ته مولا جي واٽ ۾ سر ڏيئي سرها ٿيون ۽ يقين آئون ته قربانيءَ جي عيوض اسان کي الله پاڪ جي دربار ۾ سرخروئي نصيب ٿيندي؛ جنهنڪري رسول الله جي امت جي ڪجهه حصي جي شفاعت به اسان جي هٿان ٿي سگهندي ، ۽ اسان جي هوين کي ٻڌ گهٽي قدر برڪتون ۽ ثواب حاصل ٿيندو!" هن کان بعد رخصت لاءِ حرمسراءِ ڏانهن روانا ٿيا ، ۽ اتي وڃي پنهنجن نندڙن ننهي فرزندن ۽ مخدوم محمدي ۽ مخدوم احمدي کي سيني سان لائي ، سندن لاءِ خير ۽ برڪت جي دعا گهريائون. پهرئين صاحبزادي جي عمر ٻه سال ، ۽ ٻئي صاحبزادي جي عمر هڪ سال هئي. تنهن بعد گهر وارن کي گڏ ڪري ، کين ، ڪربلا جي واقعي ۾ اهل بيت ڪرام جو مثال ڏئي ، صبر ۽ الاهي رضا تي راضي رهڻ جي نصيحت ڪيائون. آخرڪار ، سڀني کي رب پاڪ جي سپرد ڪري پاڻ ٻاهر نڪري آيا ؛ ۽ مسجد جي دروازي تي قبلي ڏانهن منهن ڪري وضو سارڻ لڳا ، ته ايتري ۾ لشڪر جا ماڻهو به اچي سهڙيا ۽ مخدوم شهيد تي حملہ آور ٿيا ، مخدوم شهيد ان وقت هي لفظ پنهنجي زبان مبارڪ مان ڪڍيا : "بسم الله رضينا بقضاءِ الله"(۱). تلوار جي ڏڪ لڳڻ سان ، الله اڪبر جو نعرو هنيائون ـ سر مبارڪ بدن کان جدا ٿي ويو ، ۽ سندن روح پرفتوح "اللهم الحقنا بالرفيق الاعلىٰ" (۲) پڙهندو ، اعليٰ عليين ڏانهن پرواز ڪري ويو(۳).

---

(۱) معنيٰ: اسين الله تعاليٰ جي قضا تي راضي آهيون. (۲) معنيٰ: اي منهنجا الله ، اسان کي مٿانهن دوستن يعني ملائڪن سان ملاءِ. (۳) "تذڪره مخادير کهڙا" ـ مخدوم غلام محمد بگائيءَ وري هن طرح لکيو آهي:

"سالڪ بهرينءَ سيف سان چٽي طالب تڪبيرا ، صاحب ٿانيءَ سيف سان ڪيو شاڪر شڪرانا ،
تان پوءِ ٽين وار سان سورهيه ڏنو ساهه."

مسجد شريف جي دروازي تي، مخدوم صاحب جي شهيد ٿيڻ واري جاءِ تي دڪي ٺاهي ويئي، جا اڄا تائين (۱۹۵۷ع) موجود آهي. هوءِ ظالم ڪاهي پيا مسجد ۾ اندر، ۽ مخدوم صاحب جي پاڻ مخدوم محمد عاقل عليه رحمة ۽ ٻين مسجد ۾ ويڙهل مومنن کي سراڀي ۾ ويئي ٿي شهيد ڪيائون. ڪنهن مومن هٿ ڪونہ هلايو، بلڪ صبر ۽ شڪر سان في سبيل الله سر صدقو ڪري، سورهيه وڃي سرها ٿيا.

"تذڪره" جو مصنف لکي ٿو ته ٿي ڏينهن لاشا مسجد ۾ پيا رهيا. ڪهڙن جي ڪوٽ ۾ اهڙو ڪو ماڻهو ڪونہ بچيو، جو لاشا دفنائي، مگر ڪنهن لاشي مان بدبوءِ نہ آئي. رات جو مخدوم شهيد، سر مبارڪ هٿ ۾ ڪٽي، شهيدن جي لاشن تي پهرو ٿي ڏنو. ٽئين ڏينهن مخدوم شهيد جو يار غار، پير سيد موسيٰ شاهہ، صاحبن جي لوءِ عرف گهونڪيءَ ڪان آيو، ۽ اچي مخدوم پائرن ۽ شهيدن جا لاشا دفن ڪرايائين.

"تذڪره مخاديم ڪهڙا" جي مصنف هڪ روايت حضرت مخدوم عبدالخالق ڪان آندي آهي تہ انهن شهيدن مان هڪ سخت ڏڪيل آدمي علاج معالجي سان چڱو پلو ٿي پيو، مگر جيستائين زنده هو، پنهنجي هيٺين چپ کي چٻيندو رهيو- ايتريقدر جو سندس چپ مان خون جاري ٿي پوندو هو. جڏهن ڪانئس سبب پڇيو ويو، تڏهن نهايت حسرت ۽ ارمان سان قسم ڪٽي ڳالهہ ڪيائين تہ "جڏهن مان سخت ڏڪجي، بلڪل بيهوش، شهيدن جي لاشن ۾ پيو هوس، تہ ڇا ٿو ڏسان تہ نهايت حسين ۽ جميل حورون شراباً طهورا جا پيالا پُر ڪري ڪٽي آيون، ۽ اچي شهيدن کي پياريائون. هڪ حور پيالو ڪٽي منهنجي مٺان ٻ اچي ٻيئي، ۽ جيئن پيالو چپ تي رکي مون کي پيارڻ تي هٿي، تہ مٺائن جيڪو نگران مٺاڪ هو، تنهن کيس هڪل ڪري چيو تہ "خبردار! هي آدمي اڄا حيات آهيءِ انهيءَ کي هن پيالي پيارڻ جو حڪم نہ آهي!" مگر..... هڪ قطرو انهيءَ شراب جو منهنجي هيٺين چپ تي اچي ڪريو، جنهن جي لذت اڄ تائين مون کي انهيءَ چپ مان اچي رهي آهي، ۽ مان چپ جي چڻ ۽ چٻاڙڻ ڪان پاڻ کي روڪي نٿو سگهان!"

مسجد ۾ مخدومن ۽ مومنن کي شهيد ڪرڻ بعد، ظالمن، مخدوم جي نسل ۽ بنياد کي ختم ڪرڻ جي ارادي سان، مخدوم جي حويليءَ ڏانهن رخ ڪيو؛ پر لکياري سيدن مان سيّد پيروشاهہ، جو پنهنجي وقت جو ڪامل بزرگ ۽ صحيح النسب سيد هو، سو پنهنجي اولاد سميت اچي حويليءَ جي دروازي تي ٿي بيٺو، ۽ ظالمن جي لشڪر کي چيائين تہ "توهان جي گمان ۾ جيڪي ڏوهي هٿا، سي قتل ٿي چڪا؛ هتن معصومن کوبہ ڏوهہ نہ ڪيو آهي؛ جيستائين اسان جي سينءَ ۾ ساهہ آهي، تيستائين توهان کي اندر هرگز هرگز نہ وڃڻ ڏينداسون!" جنهن تي ظالم توقف ۾ اچي ويا، ۽ اندر پير نہ رکيائون.

مخدوم صاحب جي ٻنهي صاحبزادن مان وڏي صاحبزادي مخدوم محمديءَ کي، جنهن جي عمر ٻ سال هئي، شهر جي وڏيري ميان ٺاري خان سهتي وڃي پاڻ وٽ لکايو؛ ۽ ٻئي

ميان احمدي‌ءَ کي، جنهن جي عمر هڪ سال هئي، سائي گلي نالي حجامڻ ڪڙن ۾ لڪائي پنهنجي گهر ڏانهن ڪٽي ٽي ويئي، تہ وات تي ڪيس فسادين وڃي پڪڑيو ۽ چوڻ لڳا تہ "تون مخدوم جو نينگر ٻاڻ سان ڪٽي ٽي وڃين!" جنهن تي مائي‌ءَ پنهنجي نياڻي ڪيي ڏني، جنهن کي انهن ناترسن قتل ڪري ڇڏيو. انهي‌ءَ کارگذاري‌ءَ کان پوءِ، مخدوم صاحب جي سيني خليفن ۽ متعلقين، جهڙوڪ خليفو رحم الله، خواجہ ۽ خليفو عبادالله‌بانگو، وغيره جي گهرن ۾ کاهي پيا ۽ سيني جا گهر ڦري لٽي ويران ڪري سڀ مال ڪٽي ويا.

هن واقعي کان پوءِ ميان نورمحمد جي درٻار جا ٻہ مکيہ امير، ڏوتي ۽ انگرکو ڀهري، پيشاني‌ءَ تي تلڪ لڳائي، ميان نورمحمد جي درٻار ۾ ويا، ۽ سلام جي بدران وڃي 'رام رام' چيائون. ميان ڏاڏو کاوڙيو ۽ چيائين تہ "چا (نعوذ بالله) توهان مون کي ڪافر ٿا ڄاڻو، جو اهو طريقو اختيار ڪيو اٿو؟" ٻنهي بلڪل بيپرواهي‌ءَ سان پنهنجي سر تان آسرو ڪٽي جواب ڏنو تہ "اي ميان صاحب! توهان شرع جي ٿنب کي ڪيئن ڇڏيو اڄ اسين 'رام رام' نہ چئون تہ ٻيو چا چئون؟" هن ڳالهہ کان ميان صاحب ڏاڏو متاثر ٿيو، تہ سڀاڻي وري مخدوم غلام محمد بکائي، جو پڻ مخدوم صاحب جو همعصر ۽ ولي ڪامل، مداح رسول الله صلي الله عليه وسلم جو هو، تنهن شهادت جو سچو قصو آزاد نظم (Blank verse) ۾ ٺاهي تيار ڪري، ان جي آخر ۾ ميان نورمحمد کي سخت ڇڻ جڻ لکي، جمعي ڏينهن وڃي ميان جي مسجد ۾ سندس روبرو پڙهيو. جنهن کان ميان ڏاڏو پشيمان ٿيو، ۽ ارمان ڪاڏائين مگر تير اڳ ۾ ئي ڇٽي چڪو هو، تنهن کي موڙائڻ سندس وس کان ٻاهر هو.

هت مناسب ٿيندو تہ مخدوم غلام محمد بکائي‌ءَ جي سنڌي‌ءَ مان انهي‌ءَ حصي جا ڪي اقتباس نقل ڪريون، جن ۾ ميان نورمحمد کي خطاب ٿيل آهي. "تذڪره" وارو لکي ٿو تہ مخدوم غلام محمد هي‌ءَ نظم حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جي اشاري تي لکيو هو.

ناحق بيدني ڪيئي ٿورو نا وجهاءِ — خطا جو خون سڀي تان ڪر تحقيقا.
جي هوند ماراڻين حق تي گذريو گواهاءِ — تہ پڻ ماريندڙ ماراءِ تون ڪيئي ڪنابا.
ان النفس بالنفس ڪاريو قصاصاءِ — ٻہ سا ۽ ٻاويهہ ڪيئن مومن ماراياءِ.
خائن هڪڙي خون ۾ اچي مت موڙهياءِ — جيئن هاجو ڪن هڪڙا، ڏجن ٻاڻ ٻيا.
سي ساوائي سڪي وڃن، ٿين ٻينگ پونگاءِ — جي قاضي‌ءَ قريشي‌ءَ سان هوءِ تعصب تپت تاءِ،
تہ ڇو ڪيائين دين جي رونق روءِ جاءِ — تہ مارائي مخدوم کي پنهنجي ڳالهہ ٻجاءِ؟
ڇاکي غازي غربا مومن ماراياءِ — ثابت شرع جنهن تي ڪاريو قصاصا؟
انهي‌ءَ عيوض ۾ اهو ڪوئي هوند ڪهاءِ — "ولاتزو وازرة وزراخري" پير پرجهي پاءِ.
چت چنئي ترهو ٿئي ٻيڙي ٻوڙاياءِ — شال نہ هوندين سرخرو، ڪوڙها ڪان ٻيا!
ٻارڻون پيغمبر پاڪ جي اوپالا ايناءِ — شافي‌ءَ جي شرع ۾ جيڏي جاڙ ڪياءِ.

ويئي حڪومت هٿ مان، پاڻي پٽ مرنداءِ
آبرو اسلام جي ڪوڙهيا ڪوهه ڪيڏاءِ
نُورو! هٿون نڪري ڪهلا ڪالهه وياءِ
مشعل سومنن جا قاضي ڪوهه ڪناءِ
جهوڙي ڪيئي جهان ۾، آڏي سا ايندياءِ
هيڏي ڏر نه ڏيندءِ، جي ڀيلارا ڀانياءِ
ظالم! زور زبان سان سنڌ ساري سڪاياءِ
سکها زنجير ظلم جا ڀٽ ڪانا ڪل هوندياءِ
شاديون شڪرانا ڪيو، ڪيو خير خداءِ
چوي غلام محمدي نالي غلاماءِ

ڏنين ڏاءِ نه رب جي سوريا سڄ ڪياءِ.
هُل حاويلي ڇڏيئي، سڄي ڏيئي سراءِ!
جي ڏي شمع شرع جا هريا، سي ڪيئن اجهاياءِ!
ڪاتي هوندءِ قهر جي، ٻنيا ڪا پرنداءِ!
اچي ڪڙڪي قهر جا گهوڙا گهر هوندياءِ!
سارو سڳر ظلم جي ڀارڻ ڀارياءِ.
اصفهان ۽ ايران جا گهوڙا گهر ايندءِ!
اڄ يا سيهن مرندين پاڻي ڏينهن پناءِ!
ماريو مفسد مومنو! ويهو جڙي جاءِ بجاءِ.
ويندا سي ايمان سان جي ڪلمو چون سدا.

مخدوم عبدالرحمان جي شهادت جو واقعو سن ۱۱۳۵ هجريءَ ۾ ٿيو.

هي هَي ستون سند فتاد — بل احياء
عند ربهم يرزقون فرحين — كانوا غازين
در مسجد قتل شد — شمع هدي كشته شد

متين جملن مان اهو سن لکري ٿو.

حڪيم شمس الدين

مرحوم مولوي قاضي حاجي محمد عثمان*

ميان مولوي حاجي محمد عثمان بن مولانا محمد شريف بن حافظ محمد صادق انصار خاندان مان هو. ميان محمد عثمان جا وڏا حجاز مان سنڌ ۾ آيل هٿا. اڄ ڏينهن تائين هن خاندان جا گهڻا افراد حجاز ۾ موجود آهن.

ميان صاحب جو وڏو ڀاءُ مولانا حبيب الله نوشهري فيروز مان هجرت ڪري مڪي شريف وڃي رهيو، ۽ ساڻس گڏ ميان صاحب به هجرت ڪئي، جنهن جي عمر ان وقت ۹-۱۰ سال ڪن مس هئي. پوءِ اتان پاڻ يمن ۾ وڃي حضرت علامہ شوڪاني جا شاگرد ٿيا، ۽ بلاواسطہ سندن تلامذت جو شرف حاصل ڪيائون.

تڪميلِ تعليم ڪان پوءِ، پاڻ ۴۷ ورهين جي عمر ۾ سنڌ ڏانهن واپس آيا، ۽ هتي اچي متاهل زندگي اختيار ڪيائون. نوشهري فيروز ڪان هڪ ميل اوير طرف، "ڪاهي راهو" جي ڳوٺ ۾ سڪونت پذير ٿيا، جتي پاڻ تعليم جو سلسلو جاري رکيائون ۽ ان سان گڏ معاش ۽ روزگار لاءِ اناج جو واپار ڪندا رهيا.

انهيءَ وقت سنڌ ۾ پير صاحب پاڳاري ۽ ميرعلي مراد خان جا ٻئي خاندان ڏاڍا علم دوست خاندان هٿا ساڻن سندن چڱا گهرا تعلقات رهيا. خصوصاً، پير صاحب پاڳارا ديني نقطہ نظر ڪان روشن خيال، ۽ سياسي نقطہ نظر ڪان آزاديءَ جا علمبردار هٿا؛ انهيءَ ڪري سندن آزاديءَ جي منصوبن ۽ تحريڪن ڪان مولوي حاجي محمد عثمان ڪافي متاثر هو. اڳ ۾ ئي حضرت سيد احمد ۽ مولانا محمد اسماعيل سڪن خلاف اعلان جهاد بلند ڪيو هو، ۽ سنڌ مان پير پاڳاري صاحب انهيءَ تحريڪ جي پوريءَ طرح مدد ڪئي. سڪن سان لڙائي هلندي، پير صاحب پاڳاري طرفان جيڪي مجاهدن جا دستا مدد لاءِ ٻئي ويا، انهن مان هڪ دستي ۾ ميان حاجي محمد عثمان صاحب پڻ شامل هو. سنڌي مجاهدن جي هن دستن کي منزل مقصود تي پهچندي معلوم ٿيو تہ حريت ۽ آزاديءَ جا علمبردار سيد احمد ۽ مولانا اسماعيل ٻئي "بالا ڪوٽ" ۾ شهيد ٿي ويا ۽ مجاهدن جي فوج منتشر ٿي ويئي. انهيءَ تي سنڌ واري هن دستي جا

---

* هن سوانح جو مواد جناب حڪيم شمس الدين صاحب پنهنجي حافظي مان لکايو، ۽ حافظ محمد صاحب، اسسٽنٽ لئبريرين سنڌ يونيورسٽي، قلمبند ڪيو، جنهن کي ڪن اضافن سان شايع ڪيو وڃي ٿو. -مرتب

جملي سپاهي واپس موڪليا. ميان صاحب انهيءَ جهاد ۾ شامل ٿيڻ لاءِ جيڪي پاڻ سان هٿيار ڪٽي ويو هو، انهن مان هڪ تلوار ۽ هڪ خنجر اڃا تائين سندن خاندان ۾ بطور يادگار موجود آهن.

ڪلهوڙن جي دور حڪومت ۾ سندن وڏن کي جاگير ملي هئي، جا نوشهري فيروز ۽ ٽاروشاهه جي وچ ڌاري "مولهڙ" ڳوٺ جي آسپاس هئي. ۽، جڏن ته پاڻ ننڍيءَ عمر ۾ وطن کي خيرباد چئي مڪي مڪرمه هجرت ڪري هليا ويا ۽ پويان خاندان جو ڪو پيو ماڻهو سنڀال لاءِ نه هو، تنهنڪري اها جاگير ضايع ٿي ويئي-انهيءَ ڪري ئي پاڻ وطن ورڻ بعد تجارت جو سلسلو شروع ڪيائون.

نوشهري فيروز جا قاضي خاندان، سندن تعليمي حلقي ۾ داخل ٿيا. قاضي محمد عالم، قاضي محمد اڪرم، قاضي محمد فاضل ۽ حافظ جان محمد نوشهرائي سندن خاص شاگردن مان هٿا. سڀ ۾ سندن پيا بہ گهڻا شاگرد هٿا. بالاخر پنهنجي شاگردن [نوشهرائي قاضين] جي مجبور ڪرڻ تي پاڻ نوشهري فيروز ۾ اچي رهيا، ۽ باقي زندگيءَ جو وقت نوشهري ۾ ئي گذاريائون. تقريباً ۱۸۷۵ع ڌاري وڏيءَ عمر ۾ وفات ڪيائون، ۽ نوشهري فيروز ۾ "ميان عدّار"* جي قبرستان ۾ مدفون ٿيا.

وفات وقت پنج پٽ ڇڏيائون-مولانا عبدالڪريم ۽ مولانا عبدالحميد هڪ گهر مان، حافظ عبدالله ٻئي گهر مان، ۽ ٽئي گهر مان قاضي عبيدالله ۽ قاضي عبدالواحد. وفات وقت قاضي عبيدالله جي عمر نَوَ-ڏهه سال هئي ۽ عبدالواحد جي اڍائي سال، انهيءَ ڪري هي ٻئي عربي تعليم حاصل نه ڪري سگهيا؛ باقي مولانا عبدالڪريم ۽ عبدالحميد وقت جا نهايت زبردست عالم ٿي گذريا آهن. موجوده مولانا عبدالڪريم پنهنجي والد مولانا محمد عثمان وٽ پڙهيو؛ ڪجهه وقت شايد مولانا عبدالقادر پنهواري واري وٽ به پڙهيو. نهايت ذهين ۽ قوي الحافظه هو. پاڻ هڪ وڏو ڪتبخانو به جمع ڪيائين. سندن ڪيترائي شاگرد سڄيءَ سڀ ۾ ٿيا. تقريباً ۱۹۰۰ع ڌاري پنهنجي سڪونت واري شهر ٽاروشاهه ۾ وفات ڪيائين، ۽ نَوَ لکي واهه جي الهندي ڪناري واري مشهور مقام ۾ مدفون ٿيو. مولانا عبدالحميد به وڏو عالم هو. حاجي محمد عيسيٰ وٽ پڙهيو هو، ۽ ٽاروشاهه کان اولهه "ميڻ" طرف وفات ڪيائين. مولانا عبدالڪريم توڙي مولانا عبدالحميد-ٻنهي بزرگن شادي نه ڪئي، تنهنڪري بي اولاد گذاري ويا. مولانا عبدالڪريم، وفات وقت، شرعي هدايتن موجب، ڪتبخاني جو ٽيو حصو پنهنجي هڪ سيد شاگرد خوش محمد شاهه بن سيد امام بخش شاهه ٽاروشاهيءَ جي سپرد ڪري ويا، باقي ٻه حصا سندن ٻن ننڍن پائرن، قاضي عبيدالله ۽ قاضي عبدالواحد، کي ورهاست ۾ آيا.


---

*ميان عبدالرحمان، عرف "ميان عدّار"، نوشهري فيروز جي پيرزادن صاحبن (پير قربان علي صاحب وارا) جو وڏو هو. نوشهري فيروز جي اسٽيشن کان اوپر طرف، سنڌس نالي سان مشهور قبرستان اڄ ٽائين موجود آهي.

قاضي عبيدالله (وفات ۱۹۳۹ع) کي چار فرزند هئا: تن مان ہن وڏن، ميان عبدالحڪيم ۽ ميان نورالدين، کي انگريزي پڑهائڻ لاءِ سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي ۾ داخل ڪيائون؛ ٽئين نمبر فرزند حڪيم شمس‌الدين کي عربي پڑهڻ لاءِ وهاريائون. اهو علمي خزانو (ڪتبخانو) ٽي هو، جنهن کي ڪارآمد ڪرڻ لاءِ حڪيم شمس‌الدين کي عربي تعليم حاصل ڪرڻي پيئي. انهيءَ ڪتبخاني مان ڪيس ملهل حصي وارا ڪتاب، هينئر حڪيم صاحب جن سنڌ يونيورسٽيءَ جي لئبريريءَ کي هدبي طور ڏنا آهن. حڪيم صاحب جن عربيءَ کان فارغ‌التحصيل ٿيڻ بعد دهليءَ وڃي اتي جي طبيه ڪاليج مان طبي سند حاصل ڪئي. پاڻ هن وقت حيدرآباد سنڌ ۾ سڪونت پذير آهن، ۽ حڪمت ۽ طبابت ۾ سنڌ اندر چوٽيءَ جو درجو رکن ٿا.

چوٽين نمبر فرزند، قاضي فضل‌الله، کي سندس پاءُ حڪيم شمس‌الدين صاحب انگريزي پڑهائي، جو اڇڪلهه مغربي پاڪستان گورنمينٽ طرفان آبپاشي وزير آهي. مولانا محمد عثمان صاحب جي ڏوهٽاڻ مان قاضي عبدالرحمان زنده آهي، جو حيدرآباد ۾ رهي ٿو؛ ۽ سندس پٽ قاضي عبدالمنان لاڙڪاڻي رهي ٿو، جو ڪنهن وقت سنڌ جو وزير رهي چڪو آهي.

سنڌ ۾ سڀ کان اول توحيد جي اشاعت مولانا حاجي محمد عثمان ٽي ڪئي. وقت جي ڪن عالمن جي ساڻن انهيءَ مجاهدانه سرفروشيءَ ۽ توحيد جي عَلَم جي بلنديءَ ڪري علمي نوڪ جهوڪ پئي رهي. سندن تصنيف ٽيل ڪي تحريرون ۽ رسالا هئا، پر زمالي جي دستبرد سبب ضايع ٽي ويا.



(١) سرورق كتاب "رسائل امام ابن تيميه" (ڈسو نمبر ٠) جنهن جي مٿان قاضي حاجي محمد عثمان ۽ مندس فرزند سول عبدالڪريم جون مڪمل لکيل تحريرون موجود آهن.

(٢) ڪتاب رسائل امام ابن تيميه جو هڪ نهايت قيمتي قلمي نسخو، جو علي بن الشيخ محمد ابن عبدالوهاب جي ملڪيت رهي چڪو آهي، ۽ جو پوءِ قاضي حاجي محمد عثمان سنڌ ۾ آندو ۽ هينئر حڪيم شمس الدين صاحب سنڌ يونيورسٽي لئبريريءَ کي عطيه طور ڏنو آهي.

(٣) قلمي نسخو ڪتاب "اغاثة اللهفان" جنهن جي سرورق تي قاضي حاجي محمد عثمان جي هٿ لکيل تحرير ۽ هيڊان دستخط موجود آهن.

سرحوم سولانا نورمحمد شهداد کوٽي

مولانا نورمحمد صاحب جي ولادت شهر کنڊي، علاقي پاڪناڙي، رياست قلات بلوچستان ۾ ٿي. سندس ولادت جي تاريخ معلوم نه آهي. پاڻ تحصيل علم پنهنجي ڳوٺ کنڊي ۾ مولانا عبدالحليم صاحب جي درسگاهه ۾ ڪيائون. تحصيل علم ڪان پوء، سندن پهريون وقت پنهنجي ڳوٺ ۾ عربي تعليم ڏيڻ ۾ گذريو. عمر جو پويون وقت، خان قلات (خان خداداد خان) جا قاضي ٿيا. باقي عرصو اتان لڏي، سرائي پيربخش کهاوڙ جي اصرار تي، اچي شهر شهداد ڪوٽ ۾ رهيا، جتي اچي درسگاهه ڪوليائون، ۽ وٽن سنڌ ۽ بلوچستان جا تشنگان علم اچي علمي فيض حاصل ڪندا رهيا. ان ئي درسگاهه مان قدوة العارفين، زبدة السالڪين، حضرت مولانا غلام صديق عليه رحمة (سندن ننڍا صاحبزادا) گوهر شهوار پيدا ٿيا، ۽ پڻ پيا ڪيترائي صاحب دستار بندي ۽ ڪان سرفراز ٿيا، جن مان چند نالا سنڌ جي معروف علماءڪرام جا هيٺ ڏجن ٿا:

۱- مولانا مخدوم محمد قريشي صاحب، ڳوٺ پير، ڊويزن قنبر، ضلعو لاڙڪاڻو؛
۲- مولانا نورمحمد صاحب پٺي، ميرپور بي بي، علاقو پاڪناڙي؛
۳- مولانا حاجي احمد صاحب بوهڙ، ڳوٺ بوهڙ، تعلقو قنبر، ضلعو لاڙڪاڻو؛
۴- مولانا گل محمد صاحب شهداد ڪوٽي (سندن وڏو صاحبزادو)؛
۵- مولانا ميان غلام صديق صاحب (سندن ننڍو صاحبزادو)، جنهن جي درگاهه شريف شهداد ڪوٽ ۾ آهي؛
۶- حضرت سيد پيربخش شاهه حڪيم پير ڳوٺ راشدي (ٽئون ديرو، ضلعو لاڙڪاڻو)؛
۷- مولانا حاجي احمد صاحب "حلوي"، شهر ملان ابڙو، ضلعو لاڙڪاڻو؛
۸- مولانا محمد حسن صاحب، شهر جوهي، ضلعو دادو؛
۹- مولانا مجاهد اسلام، حاجي تاج محمد شاهه عليه الرحمة، امروٽ شريف؛
۱۰- مولانا مولوي محمد هاشم صاحب، گڙهي ياسين، ضلعو سکر؛ وغيره.

سندن همعصر علماء عظام مان، جناب حضرت مولانا عبدالرحمان صاحب (سکر) ۽ جناب فيض مآب حضرت مولانا محمد يعقوب صاحب "همايوني" (سکر) جا نالا قابل ذڪر آهن، جن سان سندن ڪافي تعلق ۽ لاڳاپو هو.

سندن طريقت جو سلسلو قادري، جناب حضرت ميان محمد حسن صاحب ڪنباري رحه (تحصيل لهڙي، رياست قلات) سان وابسته هو.

پاڻ ۱۲ ذوالحج ۱۲۹۶ هجري تي، نوي ورهين جي عمر ۾، وفات ڪيائون ۽ شهر شهداد ڪوٽ ۾ - جتي هنئر سندس صاحبزادي ميان غلام صديق رحمة الله عليه جن جي درگاهه فيض آثار آهي - دفن ٿيا.

سندن ڪا خاص تصنيف ۽ تاليف ڪانه آهي، مگر سندس ڪتبخاني جي سڀني عربي درسي ڪتابن تي قلمي حاشيا لکيل آهن، جي نهايت قيمتي آهن. سندن زبان يا بولي سنڌي ۽ سرائڪي هئي.

منظور احمد حليمي

مولانا گل محمد مرحوم شهداد ڪوٽي

مولانا الحاج ميان گل محمد صاحب، علامہ مولانا نور محمد صاحب شهداد ڪوٽيءَ جا وڏا فرزند هئا. ۲۱ رجب ۱۲۴۰ هجريءَ ۾، شهر ڪنڊي، تحصيل پاڳ، رياست قلات ۾ تولد ٿيا. علامہ ميان گل محمد صاحب ڪجهہ تعليم ڪنڊي (بلوچستان)، ۽ ڪجهہ شهداد ڪوٽ ضلعي لاڙڪاڻي ۾ حاصل ڪئي. سمورو علم پنهنجي والد مولانا نور محمد صاحب کان حاصل ڪيائون. آخر، تعليم ڏيڻ جي غرض سان، پنهنجي والد بزرگوار سان گڏ، بلوچستان مان هجرت ڪري، شهداد ڪوٽ سنڌ ۾ اچي رهيا. سندن ڏاڏاڻن ۾ مشهور بزرگ علامہ عبدالعليم ڪنڊائي عليہ الرحمة هو، جنهن جي مزار شريف روهڙي ضلعي سکر جي لڳ ٽڪريءَ تي زيارتگاهہ خلائق آهي.

علامہ ميان گل محمد صاحب مرحوم ٻاويهن سالن جي عمر ۾ فارغ التحصيل ٿيا، ۽ سرائي پيربخش صاحب کهاوڙ جي اصرار ۽ طلب موجب شهداد ڪوٽ ضلعي لاڙڪاڻي ۾ اچي رهيا.

مولانا گل محمد صاحب مرحوم کان ڪيترائي شاگرد تعليم حاصل ڪري فارغ التحصيل ٿيا، جن مان سندن نندو ڀاءُ مولانا غلام صديق صاحب شهداد ڪوٽي، مولانا قاضي داد محمد صاحب (مڪران)، مولانا عبدالحڪيم صاحب افغان (ساڪن ڪابل)، ۽ مولانا محمد حسين صاحب حيدرآبادي ڪافي مشهور آهن. سندن همعصرن ۾ مولانا عبدالغفور صاحب همايوني، مولانا محمد هاشم صاحب ڪوڙهي ياسيني، ۽ مولانا عبدالرحمان صاحب سکرائيءَ جا نالا قابل ذڪر آهن.

مولانا جي طريقت جو سلسلو قادريہ هو. پاڻ عمدة العارفين مولانا ميان غلام حيدر صاحب قادري ڪنباري (تحصيل لهڙي، رياست قلات) واري جا مريد هئا. سندن سلسلو مخدوم محمد صديق مهيسر (تعلقو گهوٽڪي) سان ملحق آهي، جنهن جو سلسلو حضرت سلطان العارفين باهو عليہ رحمة سان ملي ٿو.

علامہ گل محمد صاحب مرحوم ڪراست وارا بزرگ هئا. حاجي سائينداد مستوئي بلوچ ابتدا ۾ سندن سخت مخالف هو. هو اهل علم کان پري پچندو هو. هڪ دفعي علامہ صاحب جي هڪ مريد اچي کين عرض ڪيو تہ "سائينداد خان مستوئي منهنجا سؤ رپيا ڪائي ويو آهي، سي مون کي وٺي ڏيو". ميان صاحب ٽي دفعا سائينداد کي ماٺهو موڪلي گهرائڻ جي

ڪوشش ڪئي، مگر هن ڪي ڪي دفعا چوائي موڪليو ته "آءٌ مُلي وڃ هرگز نه ويندس!" ان تي ميان صاحب چوڻون دفعو چوائي موڪليس ته "هن مُلي جي در تي تنهنجون جتيون ضرور گسنديون!" ٽيو ٻ ائين - سائينداد اڌ رات جو سرديءَ ۾ دروازي تي حاضر ٿي ميان صاحب مرحوم کان معافي ورتي، ۽ پچاڙيءَ تائين حضرت علامہ جو سچو مريد ٿي رهيو. مرڻ وقت اولاد کي وصيت ڪيائين ته انهيءَ درگاهہ کي نہ ڇڏجو، ۽ بزرگن جي عرس جي خيرات ثواب خاطر ڪندا رهجو.

علامہ صاحب مرحوم ۲۷ ذوالحج ۱۳۰۶ھ ۾ وفات ڪئي. شهر شهداد ڪوٽ ۾ پنهنجي درگاهہ ۾ مدرسي جي حاطي اندر مدفون آهن. مرحوم حج جي سفر ۽ حرمين شريفين جي زيارت کان ٻ مشرف هئا.

مولوي محمد ابراهيم صاحب ڳڙهي ياسين واري، مولانا گل محمد صاحب جو شاگرد آهي ۽ وٽس مولانا مرحوم جي ملفوظات ۽ ٻيو قلمي ذخيرو موجود آهي. مولانا مرحوم فارسيءَ جا شاعر هئا. اسان کي سندن ٻ مصراعون هڪ رباعيءَ جون، جيڪا امير خسرو دهلويءَ جي رباعيءَ جي پران جوڙي هٿائون، مليون آهن، جي هيٺ ڏجن ٿيون:

امير خسرو: بيڪارم در کنارم چون مد بحساب اندر،
خاموش بگفتارم چون خط بکتاب اندر،
پابسته برفتارم چون پا برکاب اندر،
در خانه بازارم چون شخص بخواب اندر.

مولوي گل محمد: مي سازم، مي سوزم، چون خون بکباب اندر،
مي گريم مي خندم چون برق سحاب اندر.

حافظ محمد احسن

سولانا سحمد حسن قريشي سرحوم حيدر آبادي

تيرهين صديءَ ۾، درويش صفت، بزرگ صورت، بحر علم، چشمءِ فيض، مرد ڪامل، فاضل، عالم، حضرت مولانا مولوي ميان محمد حسن صاحب جن جي هستي سر زمين سنڌ تي فخر جو باعث هئي. سندن والد جو نالو مولوي حاجي محمد، ۽ سندن ڏاڏي جو نالو محمد حسن هو. خدا جي فضل سان پشت بپشت عالم، ڪامل ۽ فياض ٿيندا آيا آهن. سندن خاندان قريشي صديقي هو. سندن ولادت جو هنڌ نوشهرو فيروز ضلعو نوابشاهه هو.

سندن والد ماجد ۽ چاچو بزرگ محمد صالح ڪامل ولي الله انگريزن جي شروعاتي دور حڪومت ۾ هجرت ڪري اچي ڳوٺ ڪنڊي تعلقي دادو ۾ سڪونت پذير ٿيا، ۽ اتي ئي سندن درگاهه آهي. بزرگ صاحب نير جي پوڪ ڪندا هئا. محمد حسن صاحب به انهيءَ ڪم ۾ مدد ڪرائيندو هون. تعليم جي لائق ٿيڻ تي، پنهنجي والد مولانا حاجي محمد صاحب وٽ تعليم وٺڻ لڳا. ٿوري عرصي کان پوءِ، سندن والد شهداد ڪوٽ ۾ استاد العلماء مولانا مولوي نورمحمد صاحب جي درس ۾ داخل ڪرايون. شهداد ڪوٽ ان وقت ديني تدريس ۾ مشهور هو. مولانا نورمحمد صاحب جن زبردست ۽ جيد عالم هئا. مولانا محمد حسن صاحب جن ديني علم جي تحصيل ڪري، پوءِ روحاني تعليم به پنهنجي استاد وٽ وٺڻ لڳا. آخر ظاهري باطني علمن ۾ ڪمالیت حاصل ڪري، استاد جي اجازت سان، اچي پنهنجي ڳوٺ ڪنڊي ۾ درس ڪوليائون. ٿوري وقت بعد ڳوٺ بقاپور تعلقي لاڙڪاڻي جي معزز زميندار ميان نورمحمد شاهه پنهنجي ڳوٺ ۾ مدرسو جاري ڪري کين دعوت ڏيئي اچي مدرس مقرر ڪيو.

رفتي رفتي، مولانا محمد حسن صاحب جن جي علميت جي سڄيءَ سنڌ ۾ ناموس ٿي ويئي. ان زماني ۾ حضرت خواجه عبدالرحمان صاحب سرهندي ۽ قاضي فيض محمد ساڪن "ٽپٽا" (تعلقو سيوهڻ)، جو حيدرآباد ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر هو - انهن بنهي صاحبن جي مشوري سان حيدرآباد شهر جي ماڻي خيريءَ واري مسجد شريف ۾ ديني مدرسو جاري ڪيو ويو، جنهن ۾ مولانا محمد حسن صاحب جن کي مدرس مقرر ڪيو ويو. اتي سڄي زندگي تعليم ۽ تدريس جو ڪم ڪندا رهيا، ۽ سوين ماڻهو سندن علم جي درياهه مان سيراب ٿيا، جن مان هيڏيان صاحب جيد عالم ۽ مشهور ٿيا: الحاج مخدوم حافظ مولانا مولوي غلام محمد صاحب ملڪاڻي (هي

صاحب وڏو عالم، فاضل، فياض، مجدد زماني جو ٿيو. هن صاحب ۱۳۰۲ هجريءَ ۾ دستار بندي ڪئي هئي). مولانا حاجي محمد صادق صاحب ٽرڙي محبت وارو (سنڌ جي مشهور واعظ الاسلام مولانا محمد سليمان صاحب جو استاد)، مولوي خليفو عبداللطيف صاحب هالائي، مولوي ميان شاهه محمد صاحب مجاور هالائي، مولوي عبداللطيف صاحب حيدرآبادي، سيد فاضل شاهه صاحب حيدرآبادي، ۽ مولوي ميان حسن الله صاحب پاڻائي.

سندن همعصر ميان عطاءَ الله صاحب فيروزشاهي، مولوي غلام صديق صاحب ۽ مولوي ميان گل محمد صاحب (سندن استاد زادا) هئا.

مولانا محمد حسن صاحب جن جي ولادت جي تاريخ يقيني طور معلوم نه آهي؛ مگر وفات وقت سندن عمر ۶۰ ورهيه هئي، ۽ سندن وفات ۱۳۰۹هـ ۾ ٿي: انهيءَ حساب سان سندن پيدائشي سال ۱۲۴۹هـ ٿيندو. سندن فرزند، قاضي حاجي محمد جي نالي سان مشهور درويش صفت ۽ صاحب علم، ۷۵ ورهين عمرجو، حال حيات آهي، جو هاڻ دادوءَ ۾ سڪونت پذير آهي.

هاڻ پوڙيءَ جو زمانو مائي خيريءَ واري مسجد جي مدرسي سان ڇڏي وڃي "ڪانگن ڪاڏي"* پاڙي جي مسجد ۾ مدرسو جاري ڪيائون، ۽ آخر سن ۱۳۰۹هـ ۾ دارفاني سان ڏڻي دار بقا ڏانهن راهي ٿيا، ۽ اتي ئي سيئين جي مقام ۾ مدفون ٿيا.

---

*موجوده ٽلاءَ نمبر ۲ ۽ ۳ واري ايراضيءَ کي "ڪانگن ڪاڏي" (يا نڊ) سڏيندا هئا.

مرحوم مولانا حافظ اسد الله شاهه ٽڪڙائي

سيد حڪيم حاجي حافظ قاضي اسد الله شاهه "فدا"، ولد سيد الهه بخش شاهه، تاريخ ۱۵ شعبان المعظم ۱۲۸۵هه جي متبرڪ ڏينهن اڳينءَ ٽڪڙ ۾ ڄائو. ٽڪڙ جي ڀرين شخصن مان جن سندَ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ شهرت حاصل ڪئي، اسد الله شاهه به هڪ هو.

تعليم و تربيت. سندس پهريون استاد حافظ يوسف هو، جنهن وٽ سنڌي پارسي ۽ فقه پڙهڻ بعد، صرف نون مهينن جي قليل عرصي ۾ قرآن شريف حفظ ڪيائين. حضرت صاحب جن جي مريد هئڻ سان گڏوگڏ وڻن مڪتوبات شريف امام رباني مجدد الف ثاني ۽ مڪتوبات خواجه محمد معصوم عروة الوثقيٰ به پڙهڻ شروع ڪيائين. اتان فارغ ٿي، حيدرآباد ۾ مولوي محمد حسن وٽ عربي پڙهڻ لاءِ ويو، جتان تحصيل يافته ٿي نڪتو. مگر، شاهه صاحب کي اڃا به علم لاءِ گهٽي آڇ هئي، ۽ علم حديث پڙهڻ جو ارادو ڪيائين؛ پر جيئن ته سنڌ جا عالم انهيءَ فن ۾ ڪمزور هئا، انهيءَ ڪري مائٽن کي ٻڌائڻ سڀائڻ کان سواءِ ديوبند هليو ويو- چو ته ڪيس خبر هئي ته مائٽ ايڏي دور دراز سفر جي اجازت نه ڏيندا. اتي پهچي، نهايت محنت ۽ جفاڪشيءَ سان پنهنجو سبق سمجهڻ ۽ ياد ڪرڻ لڳو. اتي جو مدرس شيخ الهند مولانا محمود الحسن ديوبندي، شاهه صاحب ڏانهن خاص توجهه ڏيندو رهيو.

هوڏانهن وري مائٽن منٿ ڪي سندس گهر ٽيڻ پريشان ڪري وڌو هو: ڪين اها خبر کائه هئي ته ڪو هي مائيٽو پار ايترو پري وڃي نڪرندو! ائن مهينن گذرڻ کان پوءِ، شاهه صاحب خود پنهنجي خيريت جو خط لکيو. مائٽن اڃا ڪيس ڳوٺ آڻڻ جو خيال ڇڏي ڪيو، تنهن کان اڳ سيد ميران محمد شاهه اول، جو سرهند شريف ويل هو، ڳوٺ وڃي آيس. طب ۾ سندس استاد ميران محمد شاهه اول هو.

ڳوٺ پهچڻ سان، شاهه صاحب هٽ هٽ تي رڪي اڪيون ٻوڙي ويهي ڪين رهيو، مگر علم سان اڳي کان وڌيڪ دلچسپي رکيائين. سندس هڪ عاليشان ڪتبخانو هو، جنهن ۾ پنج ڇهه هزار ڪتاب هئا. جي سندس اولاد جي ڪر توجهيءَ ڪري اڏوهيءَ جي نذر ٿي ويا.

تحريڪ خلافت. هي اهو زمانو هو، جڏهين هندستان ۾ هر هندو ۽ مسلمان، انگريزن مان بيزار ٿي، پنهنجي گردن مان غلاميءَ جي طوق لاهڻ لاءِ جدوجهد آزادي اڳ ئي شروع

کري ڏني هئي، ته وري انگريزن جي اسلامي ملڪن تي جارحانہ حملن، هندستاني مسلمانن کي هيڪاري مشتعل ڪري وڏو، ۽ خلافتِ عثمانيہ جي تائيد ۽ هندستان ۾ تحريفِ خلافت عمل ۾ آئي. خلافتين ۽ انگريسين گڏجي هڪڙي پليٽفارم تي ڪم ڪيو؛ ۽ اُهي جوش خروش ڏيکاريا، جو هندستان جي وائسراءِ لارڊ ريڊنگ جا وائيسر ئي ڦري ويا ۽ حڪومت کي لکيائين ته جيڪڏهن ترڪن سان صلح نہ ڪندا ته هندستان ۾ بلوو ٿي پوندو. انهيءَ کان پوءِ ٿي انگريزن ترڪن سان "لوڪارنو" وارو عهد نامو ڪيو.

سنڌ ۾ خلافت جو باني سيد اسد الله شاهہ هو. سندس دل ۾ ملتِ اسلاميہ جي محبت جي اُها قنديل روشن هئي، جنهن ڪيس گهر ويهڻ نہ ڏنو ۽ يڪدم تائيد خلافت ۾ اُٿي ڪڙو ٿيو. خوش قسمتيءَ سان ڪيس نورمحمد وڪيل، عبدالجبار وڪيل، شيخ عبدالمجيد، پير غلام مجدد سرهنديءَ وغيره جهڙا مخلص ۽ بيلوث نوجوان ڪارڪن ملي ويا، جن جي قومي خدمتن کان سنڌ جو ڇپو ڇپو واقف آهي. شاهہ صاحب سڄيءَ سنڌ جو دورو ڪري، غافل مسلمانن کي غفلت جي ننڊ مان جاڳايو.

امن-سڀا. تحريڪ خلافت کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ انگريزن وري "امن-سڀا" ٻرپا ڪئي، جنهن جا ڪيترا ملت فروش سرڪردا ٿي پيا، جن وقت بوقت زبان توڙي قلم سان آزاديءَ جي متوالن جي راهہ ۾ رندڪون پئي وڌيون. حيدرآباد شهر جي قاضي ابراهيم شاهہ ٻہ امن-سڀا ۾ شامل ٿي مسلمانن جي دلين کي سخت صدمو پهچايو-ڪيس ڪيترو ئي سمجهايو ويو، پر بيسود.

شهر جو قاضي ٿيڻ. رمضان جي عيد هئي، قاضي ابراهيم شاهہ حيدرآباد جي ڪليڪٽر گبسن کي اڳواٽ آگاهہ ڪيو ته "هن عيد تي انگريزن جي خلاف ريزوليشن پاس ڪيا ويندا". گبسن يڪدم آرڊر ڪيو ته "جيئن ته عيدگاهہ ڪنٽومينٽ ايريا ۾ آهي، انهيءَ ڪري انگريزن جي خلاف ڪنهن جي ٻہ زبان مان هڪ لفظ نڪتو ته ڪيس هڪدم گرفتار ڪيو ويندو!" خلافتين مجبور ٿي شاهہ محمد مڪيءَ واري ميدان تي نماز پڙهڻ جو فيصلو ڪيو؛ پر اتي وري ابراهيم شاهہ جي پاڻ محمود شاهہ اعتراض اٿاريو ته آڳ نماز پڙهائيندو آهيان. نيٺ، شاهہ جي قدمن وٽ نماز پڙهڻ جو فيصلو ٿيو. عيد واري ڏينهن گرمي ٻہ ڏاڍي هئي. شاهہ جي قدمن وارو ميدان گند ڪچري سان پريل هو. نماز پڙهڻ لاءِ نہ ڇانو هئي، نہ وري ڪي تڏا توريون هٽا؛ مگر مومنن جي دلين ۾ ذرا بہ جنبش نہ آئي، ۽ صفون ٻڌي بيهي رهيا. امامت جا فرائض علامہ اسدالله شاهہ ادا ڪيا. انهيءَ ڏينهن مسلمانن قاضي ابراهيم شاهہ سان بائيڪاٽ ڪيو، ۽ انهيءَ ڏينهن اسدالله شاهہ کي شهر جو قاضي مقرر ڪيو ويو.

سندس تقرير نهايت اثر واري ۽ آواز رعبدار هو. پير غلام مجدد ڳالهہ ڪندو آهي ته جيڏيءَ مهل شاهہ صاحب انگريزن جي ظلم و تشدد جو ذڪر ڪندو هو ته سندس منهن

غصي ڪان لال ٿي ويندو هو، ۽ اهڙي تہ پرجوش تقرير ڪندو هو، جو ٻڌندڙن جون دليون جوش سان پرجي ويندبون هيون.

انهن ڏينهن ۾ ٻئي هڪ مولوي فيض الڪريم، تحريڪ خلافت خلاف هڪ رسالو "تحقيق الخلافة" لکيو، جو حيدرآباد جي ڪليڪٽر ڪبسن پنهنجن هٿن سان ورهايو. شاهہ صاحب، مولوي صاحب جي رد ۾ رسالو "اثبات الخلافة للدولت العثمانيہ" لکيو، ۽ ڪيس اهي تہ دندان شڪن جواب ڏنائين. جو وري آسري نہ سگهيو.

دواخانو. شاهہ صاحب جو ٽکڙ ۾ هڪ عاليشان دواخانو هو. سندس دوا ٽوري پسي واري ۽ زود اثر هئي. اڪثر مريضن جو علاج مفت ڪندو هو.

عادات و اطوار. شاهہ صاحب هڪ نهايت سٹو تارُو هو. هڪڙي دفعي ٻاڻ "جون واهہ" ۾ واڻين جي گهيڙ ڪان ٻي ڏنائين تہ سيدن جي گهيڙ ڪان وڃي نڪتو! انهن ٻنهي گهيڙن جي وچ ۾ انڪل سُني فرلانگ جو مفاصلو ٿيندو.

سندس طبيعت نديڻ ڪان ئي سادي هئي. ڇڇهو ناهہ ٿوهہ ڪوٽ وٽندو هوس.

لطيفو: ٻاڻ اڃا نديو هو. حافظ يوسف جي مڪتب ۾ پڙهندو هو. هڪ دفعي صاحب امتحان وٺ آيو. شاهہ صاحب جا ٻيا ٻار بہ مڪتب ۾ پڙهندا هٿا ۽ صاحب جي اچڻ جو ٻڌي ٽهي ڪي سڏا ڪيڙا گنديون ٻاڻي آيا، مگر شاهہ ڇڇهو هميشہ رهندو هو اهڙوئي مڪتب ۾ آيو. امتحان وٺندي، صاحب پڇيس تہ "تون هتن سيدن جو ٻاڻ آهين؟" چيائين تہ "ها سائين". وري پڇيائينس تہ "نالو؟" چيائين تہ "سائين، اسد الله شاهہ." صاحب ڪلي چيو: "نالو وڏو، شهر سجو!"

لطيفو: ٻئي دفعي ٻاڻ ملا ڪاتيارن ۾ خلافت جي جلسي ۾ شرڪت لاءِ وڃي رهيو هو. سائس گڏ ڪوٽ جا ٻيا بہ گهٽا ماٹهو هٿا. رستي جي ٻر ۾ هڪڙو مينهن جو نديو ٻاڏو چري رهيو هو. بچُو نانوائيءِ-جو آن وقت چوڪرو هو ۽ ٻين ٻارن وانگي جهنبو ڪٽي هلندو هو- چيس تہ "-ائين هي ٻاڏو ڏڪيءِ مان ٻيدا ٿيو آهي!" ٻاڻ جواب ڏنائين تہ "ابا، اِها ڳالهہ خدا جي قدرت ڪان بعيد ناهي-ائين هوندو."

وفات. اسد الله شاهہ ۵۹ ورهين جي عمر ۾ ۲۷ رجب المرجب ۱۳۴۴ھ تي ٽکڙ ۾ وفات ڪئي. اها بہ هڪ عجيب حقيقت آهي ۽ سندس بزرگيءِ جو ثبوت آهي، جو سندس ولادت ۽ وفات جا ٻئي ٻلاوا ڏينهن آهن- يعني ۱۵ شعبان ۽ ۲۷ رجب.

نثر نويسي. شاهہ صاحب هڪ سٹو نثرنويس هو. بقول سيد ميران محمد شاهہ- "قاضي اسد الله شاهہ باوجود سادي عبارت لکڻ جي بہ پنهنجي مضمون ۾ دلچسپيءِ جا ڪافي جزا ملائيندو هو، جنهنڪري سندس مضمون پڙهڻ مان لطف ايندو هو."

تصنيفون. ۱۹۰۶ع ۾، جڏهين "مخلص" مرحوم روپوشيءَ جي حالت ۾ ٽڪڙ ۾ موني آيو، تڏهين سندن صلاح سان شاهه صاحب هڪ رسالو "بهار اخلاق" ٽڪڙ مان شايع ڪيو، جنهن جو ايڊيٽر شاهه صاحب پاڻ هو، ۽ جنهن ۾ هر مهيني سندس اعليٰ مضامين ايندا هئا. هيءَ رسالو سالها سال سنڌي ادب جي خدمت ڪندو رهيو. منجهس اُن وقت جي مشهور شاعرن ۽ اديبن جا شعر ۽ مضمون هوندا هئا.

"هديهٔ اسديه": هي ڪتاب شاهه صاحب سن ۱۳۳۱ هـ ۾ شايع ڪرايو، جنهن ۾ رسول الله جن جي علم غيب هڻڻ يا نه هڻڻ جي مسئلي تي نهايت سهڻي ۽ عالمانه سمجهاڻي ڏني اٿس. "هديه اسديه" پنهنجي خرچ سان شايع ڪري، مسلمانن ۾ مفت تقسيم ڪرائين.

"الانتصار في جواب الاشتهار": هدايت الله "مشتاق" جي لکيل ڪتاب "ڪواڪب السادات في شرح مناقب السادات" تي مولوي احمد آبڙي واري جيڪي اعتراض اٿاريا هئا، انهن جي جواب ۾ هي ڪتاب شاهه صاحب لکيو.

"فتح الهادي في رد گمنام حيدرآبادي": هي ڪتاب هڪڙي عيسائيءَ جي اسلام تي ڪيل حملن جي رد ۾ آهي.

شعر و شاعري. شاهه صاحب جنهن مڪتب جو شاگرد هو، اُتي ٻين سبقن سان گڏ شاعريءَ ڏانهن به توجهه ڏنو ويندو هو. انهيءَ ڪان سواءِ، ٽڪڙ جي شاعراڻ ماحول، مرحوم غلام محمد شاهه "گدا" جو ٽڪڙ ۾ اچڻ ۽ ڏينهن رات رس رهاٽيون ڪرڻ، حافظ "حامد" جي هر وقت في البديهه غزل گوئي، "مخلص" ۽ آغا حسين جان جي صحبت، هڪ تيز فهم ۽ سليم الطبع يار جي دل ۾ شعر چوڻ جون امنگون ڪيئن نه اٿارينديون؟

اندازي مان معلوم ٿئي ٿو ته شاهه صاحب اٽڪل تيرهن چوڏهن سالن جي عمر ۾ شعر چوڻ شروع ڪيو هو. "انيس المريدين" ۾ سندس هڪ اوائلي پارسي شعر آهي، جو پنهنجي مُرشد خواجه عبدالرحمان رحه جي شان ۾ چيو اٿس. شروعات ۾ سندس تخلص "اسد" هو.

اے که ره گم کردگان را بے گمان رهبر توئي، راست گويم سروران دهر را سرور توئي.
اے شه ملک طريقت، وے دلم را چاره ساز! چارهٔ بيچارگان در اوّل و آخر توئي.
هاديء راه هدايت، مهديء دوران، بحق، آسمان دين احمد را مه انور توئي.
کن نظر بر حال زار بندهٔ مسکين "اسد"، زانکه او را در دو عالم نافع و رهبر توئي.

شاهه صاحب جي ڪلام ۾ صاف ۽ سلوڻي سنڌي تمام گهٽ ليندي. ڪلام تي عربي ۽ پارسي رنگ چڙهيل آهي. پارسي ترڪيبون، استعارا، محاورا، تلميحون، تشبيهون، وغيره ڇگي قدر ڪم آيل آهن. سندس ڪلام ۾ معياري مضمون سان گڏ لفظن جي بندش ۽ چستي ۽ وزن جي پختگي قابل تعريف آهي. هڪ نعتيه ڪلام ۾ فرمائي ٿو:

ڏوم تي عالم ۾ شاهِ انس و جان پيدا ٿيو، اول و آخر، هويدا ۽ نهان پيدا ٿيو،
مصدر اربع عناصر، نورِ جان پيدا ٿيو، مظهر ڪامل، ظهورِ ڪن فڪان پيدا ٿيو:
شاهِ شاهان، جانِ جان، جانِ جهان پيدا ٿيو.

فخرِ عرش و فخرِ فرش و فخرِ عزّ و فخرِ جان، فخرِ بطحا، فخرِ طيبه، فخرِ انس و فخرِ جان،
فخرِ اب، فخرِ عرب، فخرِ عجم، فخرِ جهان، فخرِ دنيا، فخرِ دين، فخرِ زمين، فخرِ زمان:
فخرِ آدم، فخرِ روحِ قدسيان پيدا ٿيو.

تلميح. تاريخي واقعي کي پنهنجي ڪلام ۾ آڻڻ:

گرج ٿي خلقِ جهان مهرِ سليمان جي مطيع،
آهه ٿيو ڪون و مڪان شاها سندئي زيرِ نگين.

هتي 'مهر سليمان' کي آندو ويو آهي. اهو هڪ مشهور تاريخي واقعو آهي ته حضرت سليمان وٽ هڪ مندي هوندي هئي، جنهن جي زور تي ڀاڻ جن و انس کي مطيع ڪيو هٿائين. ساڳئي وقت مهرِ سليمان سان رسول اڪرم جي 'نگين' کي تشبيهه ڏيئي، سندن شان ۾ ڏيکاريو ويو آهي.

تشبيهه:

انهيءَ جو ورق، نزاڪت ۾ مثل لبِ دلبر،
ٿيو سو رنگ ۾ مٽ، سڄاڻ يار جي. رخسار.

گلاب جي تعريف ڪندي، ان جي پنن کي يار جي چپن سان تشبيهه ڏئي ٿو، ۽ رنگ ۽ روءِ کي يار جي ڳلن سان پيٿو اٿس.

تخيل. شاهه صاحب جي ڪلام ۾ جتي ڪٿي فڪر جي بلندي موجود آهي-

عشق ٿيو دل کي نبيءَ جي گيسو و رخسار جو،
ڪيئن نه ڪريان روز و شب نعت و ثناي مصطفيٰ.

نبي صلعم جي وارن ۽ رخ مبارڪ تي عاشق ٿيو آهي، ۽ ڏينهن رات سندن وصف ۽ واکاڻ ڪري ٿو- هتي هي بلند تخيل جو مثال آهي. جيئن اڪثر شاعر ڳلن کي آفتاب، مهتاب ۽ ڏينهن وغيره، ۽ زلفن کي ڪاري رات، نانگ، ڪڪر وغيره سان تشبيهه ڏيندا آهن، تيئن هتي به اها حالت آهي. ڏينهن ۽ رات چو ٿو ٿنا ڪري؟ انهيءَ لاءِ ته زلفن ۾ رات جي ڪيفيت ۽ ڳلن ۾ ڏينهن جي ڪيفيت آهي: ڄڻي سان عشق آهي، پوءِ چو نه انهن جي سودا ۾ رات وهائي ڏينهن ڪري، ۽ ڏينهن گذاري رات ڪري!

سلاست. شاهه صاحب جي شعر ۾ سلاست به ملي ٿي. تمام اوچي مضمون کي نهايت سليس پيرايي ۾ بيان ڪري ٿو، ۽ پڙهندڙ کي ائين سمجهه ۾ ايندو جڻ ته نثر پڙهي رهيو آهي-

منهنجا دشمن هجي مبارڪ تو، تيغ ابروءَ جي منهنجي گهائي دل.
ڪهڙي ڪوشش ۽ جستجوءَ ڪجي، جا وئي سا نه سُور آئي دل.
دل، جا دلبر جي دست کين ويئي، آهه سچ پچ اها اجائي دل.
آهيان عوام مان نه آءٌ "فدا"، دور منزل سندم رسائي دل.

"فدا" صاحب جو اکثر کلام نعتیہ آھي. ٻندي کي اھو معلوم نہ ٿي سگھيو ھو تہ کو ٻاڻ عشقيہ کلام ٻ چيو اٿس؛ مگر تازو محترم ڊاڪٽر "خليل" صاحب کان حافظ "بسمل" جو لکيل ھڪ ڪاغذ مليو، جنھن ۾ فدا صاحب جا ڇھ عشقيہ غزل لکيل ھٿا.

تاريخ. ڪنھن جي مرڻ يا جنم تي شاھ صاحب جيڪي تاريخي مادا لکيا آھن، تن ۾ ڪمال ڪري ڇڏيو اٿس. تاريخ جي فن ۾ گھڻن شاعرن کان گوءِ ڪٿي ويو آھي. ايڏي باڪمال شاعر جي ھوين جيڪو سندس ڪلام کي نابود ڪيو آھي، تنھن کان ڏک ڦھچي ٿو. ٻندرھن يا سورھن ورھين جي ڇمار-مون کي يا منھنجن ٻين ڀائرن کي ايتري ٻ خبر ڪانہ ھئي تہ کو اسان جو ڏاڏو ٻ شاعر ھوا اتفاق جي ڳالھ آھي، ھڪ دفعي والد مرحوم سان گڏ حضرت خواجہ عبدالرحمان رحہ جي درگاھ تي ويل ھوس. درگاھ جي مسجد تي لکيل قطع تاريخ -

بنا شد مسجدِ زيبا له الحمد،
بيا جنّات عدنٍ را بکن سير،
چو شد آغاز و انجامش بخوبي،
"فدا" سالش بگو "اتمام بالخير"-

ڈاڻھن اشارو ڪري، والد مرحوم فرمايو تہ ھي، تنھنجي ڏاڏي جي لکيل تاريخ آھي، ۽ سندس تخلص "فدا" ھو. والد مرحوم کان جڏھين سندس ڪلام جي ڇپا ڪٿي ويئي تہ جواب نفيءَ ۾ مليو. آخرڪار، "گولھين سي لھن" جي مصداق، رلندي ٻندي سندس ڪلام جو ڪجھ نہ ڪجھ نمونو ھٿ اچي ويو.

"انيس المريدين" ۾، حضرت صاحب خواجہ عبدالرحمان جي رحلت تي شاھ صاحب جون چيل تاريخون، ٻين شاعرن جي تاريخن سان گڏ درج ٿيل آھن.

ڦھرين تاريخ جا چند بيت:

اے حبيبِ خالقِ يکتا، انيس جانِ ما، وے طبيبِ جملہ علتھا و دردم را دوا،
يا انيسي يا عظيم الخلق يا کشف الکروب، يا دليلي يا ولي المجتبىٰ،
مانده ام جان برلب از ھجرِ تو اي وجه الجميل، تابچند از ناز بر رويت حجاز از اختفا.
آفتابِ برجِ معنىٰ، ماھتابِ اوجِ فضل، سروِ بستانِ ولايت، مطلعِ صبحِ صفا،
عرش و فرش و تحت و فوق از استضايش مستضيء، شمس بازغ از درخشِ برقِ او مثل سھا.
نقشبندِ نقشبندان، سرورِ سرھنديان، قطبِ ارشادِ مدار و دورِ شاھِ اصفيا،
از اضافاتش عبودیّت برحمان الرحيم، زان بشاھِ عبدرحمان شد شہِ ارض و سما.
آه بے سرماند از ترحيلِ آن قيومِ دين، "ملک و دين، علم و عمل، جود وکرم، فيض و ھدىٰ"!
ھر دو مصراع اخير و مھملات و معجمات، "گير تا آيد وصال آن مہ افق العلىٰ".
مصدر امر الحقائق، فرد عالم بي بدل، قطب اقطابِ شب اعدل مکمل مقتدا.
(انيس المريدين)

خواجہ صاحب جي وفات تي ٻي تاريخ لکي اٿس، جنهن ۾ هر مصرع مان سال وفات "۱۳۱۵هـ" نڪري ٿو.

آه از ترحيلِ آن حسن آفتاب، بر سپهرِ علمِ انور ماهتاب،
مخزنِ اسرارِ حق دلدادهٔ، بر طريق از بهرِ حق استادهٔ،
دُرِّ مکنون نقشِ او نقشِ ازل، بحرِ عمّان، خازنِ علم و عمل،
عيسوي دم کاشفِ مکتوم راز، بيکسان را دستگير و چاره ساز،
کوکبِ برجِ ولايت تاجدار، سرورِ دنيا و دين عالي تبار،
کن توزع چار چند هر کلمه را، يک بيفزا ضرب حب ده سابقا،(۱)
طرح عشرين نما اے دلکشا، زن در "اسلم" خمسه عدد ميفزا،
گير هر مصرع ز وصلِ شاهِ ما، قدوة الارشاد محبوبِ خدا،
عامِ توليد مقرب راه رو، آفرين طرز از "فدا" احقر شنو،
باد فايز فيض مصطفوي "فدا"،
از فيوضِ ساطعه نورِ هدا.

"انيس المريدين" ۾ هن تاريخ ۾ کل ۲۸ شعر يعني ۳۶ مصرعون آهن، جن مان نمونتاً چند پيش کيم.

شاهه صاحب وري ٻي تاريخ لکي، جنهن ۾ خواجہ صاحب جي ولادت جو سن ۱۲۴۴ هـ، عمر ۷۱ سال، ۽ وفات جو سن ۱۳۱۵هـ نڪري ٿو، جا انتخاب ۾ پيش کبي.

شاهه صاحب جو کلام سندس کتابن مان گڏ ناپيد ٿي ويو. سندس کلام لاءِ جستجو جاري آهي. جو کجهه هٿ چڙهي سگهيو، سو اميد ته جلد شايع کيو ويندو.

انتخاب

(عشقيه)

صرف ٿي هيءَ عمر منهنجي درميانِ کُوي دوست،
بس ٿي آ مانوسِ خاطر آستانِ کُوي دوست.

روضهٔ رضوان ۾ ناهي کجهه نشانِ کوي دوست،
لامڪان جي شان سان ٿيو آهي شانِ کوي دوست.

قبر ۾ کفنِ شهيدِ ناز خون آلوده آهه،
ٿيو مٽر تا حشر آ باقي نشان کوي دوست.

هن سبب کان ٿي زبان بلبل سندي آهي فصيح،
روز شب جو ان کي ٿي وصفِ مکانِ کوي دوست.

---

(۱) صفت صنعت جامع ـ اولاً هر کلمه را که خواهي ازو اخذ وصال حضرت قدس سره بنمائي. اعداد همون کلمه را چهار چند کن و يک برو اضافه کن. بعده در ده ضرب ده، و از ماحصل بيست طرح کن. آنچه باقي ماند او را ضرب "اسلم" (۱۳۱) ده، و در ماحصل پنج اضافه کن ـ تا سال وصل برهن گردد.

چا رضا اي سوخته دل قطرهٔ مئي واسطي،
ساغرِ خون ٿا وٺن هي ساقيانِ ڪوي دوست.

پيرهن قاتل جو رنگين ٿيو نشانِ خون ڪان،
جي وري هن ڪان پياسين، ڪشتگانِ ڪوي دوست.

باغِ جنت همسريءَ جي ان سان دعويٰ ڪيئن ڪرين،
ڪي منقّش آهه جو خون مقتلانِ ڪوي دوست.

آهيان ڪشته تڏهين ٿا لساز سان ٻولايو اچن،
لطف سان سون ڏي "فدا" هي ڏس سگانِ ڪوي دوست.

(نعتيه)

ڪيئن نه ٿئي اعزاز ۾ آدم ملائڪ کان وڌيڪ،
ٿيو جڏهين پيدا آنهيءَ سان دودمانِ مصطفيٰ.

تن تي ٿيو شيدا خداوندِ زمين و آسمان،
جيڪي ٿيا سَو جان سان دلدادگانِ مصطفيٰ.

مخمس بر غزل مولانا قدسي

ڪير منڌ تنهنجو ٻيو آهه رسولِ عربي، بي وڻو نامِ وڻڻ آهه سندئي بي ادبي؛
آهه زيبا ٿئي مٿي خلعتِ والا حسبي، مرحبا سيّد مڪي مدني العربي؛
دل و جان باد فدايت چه عجب خوش لقبي!

ٻا جمالِ رخِ انور جو ٿيو هي عالم، جنهن تي حيران ٿي پري حورءِ جنّ و آدم؛
مظهرِ نور الاهي آهين قران جو قسم، من بيدل بجمالِ تو عجب حيرانم؛
الله الله چه جمال ست بدين بوالعجبي!

دل ڪي تسڪين نه ٿئي غيرِ جمالِ انور، جلد ڏيڪار تون ديدار برِ اڪبر؛
ڪر ڪرم بهرِ خدا حال تي منهنجي سرور، چشم رحمت بڪشا سوي من انداز نظر؛
اي قريشي نسبي هاشمي و مطّلبي!

نور ڪان تنهنجي زمين توڙي فلڪ ٿيا معمور، ماهه شق، مهر ٿيو ششدرءِ پريشان ٿي حور؛
تنهنجي اعجاز نمائي ٿي خدا ڪي منظور، ذاتِ پاڪِ تو درين ملڪِ عرب ڪرد ظهور؛
زان سبب آمده قران بزبانِ عربي.

يا نبي! نورسندءِ نور ڪان رب جي پيدا، موڪلي توڪي خدا پاڻ مٿي ٿيو شيدا؛
خاڪِ آدم ڪي ڀلا نورسان نسبت ٿئي ڇا، لسبتي نيست بذاتي تو بني آدم را؛
برتر از عالم و آدم تو، چه عالي نسبي!

منبعِ رحمتِ عالم بخدا تنهنجي ذات، مرجعِ عام خلائق آهين اي نيڪ صفات؛
الغياث! اي شهِ ڪونين شفيعِ عرصات، ما همه تشنه لبانيم تو ٿي آب حيات؛
لطف فرما ڪه ز حد مي گذر تشنه لبي!

شان ۾ کهڙي نبيءَ جي ٿي پلائي لولاڪ ، زينت عرش علا تنهنجي شها ذات ٿي پاڪ ؛
تو سوا ڪنهن کي مليو اهڙو براق چالاڪ ، شب معراج عروج تو گذشت از افلاڪ :
بمقاميکه رسيدي ، نرسد هيچ نبي .

آءٌ محتاج آهيان تون ته ڪريم و اڪرم ، منهنجي بخشائي خطا رب ڪان رسول اعظم ؛
ڪر خطا منهنجيءَ تي تون جلد عطا ، فخر امم ! نسبت خود بسگت ڪردم و بس منفعلم :
زانڪه نسبت بسگ ڪوي تو شد بي ادبي !

عرش اعليٰ تي ڪيو خوب خدا توسان ڪلام ، قد سين تو تي پڙهي شوق مان صلوات وسلام ؛
اي گل باغ صفا ، اي دُر بحر اڪرام ! نخل بستان مدينه ز تو سرسبز مدام :
زان شده شهرهٔ آفاق بشيرين رطبي .

فيض بخش دو جهان آهين تون اي شاه حجاز ، سنڌ وارن کي ڏين هجر ۾ ڇو سوز و گداز ؟
جلد ڪر پنهنجي زيارت ڪان انهن کي ممتاز ، بر در فيض تو استاده بصد عجز و نياز :
زنگي و طوسي و رومي ، يمني و حلبي .

هجر جي مرض کان ٿي جان سندم لب تي نبي ! خود مسيحا بر لڪڻ نسخي ۾ ٿيو آهه غبي ؛
عرض توکي هي "فدا" جواي رسول عربي ، سيدي انت حبيبي و طبيب قلبي :
آمده سوي تو قدسي پيءَ درمان طلبي .

بر وفات حسرت آيات آغا عبدالحليم جان رحمه سرهندي

(در صنعت مهملات)

لا اله الا الله محمد رسول الله صلي الله علي روحه وسلم .

سال وصل محط الرحال حاو للكحال والاكمال اسعد السعد اكمل الكملا محور سماء العلم والعمل حاسم مراسم طول الامد صاعد مصاعد مراحم سالك مسالك مكارم معمّر صروح العدل هادم اساس الجهل اكمل اهل الله اكرم اهل الولاء وهو الاطهر سراً والاسلم ساوماً ولاحوط عملاً والاصلح حالاً اسمه المكرم مملوءٌ "حلماً وهدىً" (۱) رُوّح روح الاطهر الاعطر سرمداً ـ محرره اسد الله اصلح الله حاله و مآله ـ در طرحه مهمل .

آه عبدالملک کرده الوداع ، موصل الآمال مسعود و مطاع
الله الله حامل اسرار سُمُوّ ، الله الله سُلّم طارم عُلُوّ
سرّ اوحد سالک مسلک کرم ، راس کمّل صاعد مصعد همم
ماه عالم واصل سرّ العمل ، سعد اکرم حاسم طول الامل
صالح الاعمال آمّدهٔ للکرام ، اهل دل را اکمل و اسعد امام
مطلع الاسرار در عالم عَلَم ، در هدیٰ و حلم و اعطا و کرم
سالک مسلک ولا مهر عُلا ، سارد الحسّاد طارد للعدا
دارک مدرک صلاح و سهم سداد ، طامس الحادها للکلّ هاد
سال وصل او "اسد" کرده ادا ، "سرور اسرار صدرٌ للعلا" ـ (۱۳۳۱)
طول اللهم عمر اولاده ، حسم اللهم اعدا عاده !

(۱) اشاره باسم شريف ـ در "حلم" اعداد "هدیٰ" زياده کرده شود ، "حليم" مي بود .

بروقات حضرت صاحب خواجه عبدالرحمان سرهندي رح

(كه از هر مصرع عمر سنه ۷۱ و سنه تولید ۱۲۴۴ هـ و سنه وفات ۱۳۱۵ مشهود میگردد *.)

۷۱	۱۲۴۴	۷۱	۱۲۴۴
هاحزن آن مطلع سر ولا رفت ازجهان		واء ویلا هائي رحلت کرد آن عین الیقنن	
	۱۳۱۵		۱۳۱۵
۷۱	۱۲۴۴	۷۱	۱۲۴۴
پاکبازي زیب ده آن خازن اسرار گنج		بوي احمد سرو ناز مرشد هر انس و جان	
	۱۳۱۵		۱۳۱۵
۱۷	۱۲۴۴	۱۷	۱۲۴۴
بود مهدي نائبِ شرع محمد حق شناس		بزم ایزد کافل دنیا و دین فخر زمان	
	۱۳۱۵		۱۳۱۵
۱۷	۱۲۴۴	۱۷	۱۲۴۴
بدر دین بدر سماء رشد صاحب عقل و فهم		مهبط اجواد ارحم خواجه سرهندیان	
	۱۳۱۵		۱۳۱۵
۱۷	۱۲۴۴	۱۷	۱۲۴۴
زبدهٔ اهل زهاد آن مورد فیض و ولا		احمدي آداب ثاني احمد و کبرا نشان	
	۱۳۱۵		۱۳۱۵
۱۷	۱۲۴۴	۱۷	۱۲۴۴
یا هدا محبوب قدسي خاص رحمان عبده		وجهه حمد لحاظ الله علمه البیان	
	۱۳۱۵		۱۳۱۵
۱۷	۱۲۴۴	۱۷	۱۲۴۴
یوم مجد دین پناه سر سبحان الذي		اطیب امجاد حق بین فائض معجز بیان	
	۱۳۱۵		۱۳۱۵
۱۷	۱۲۴۴	۱۷	۱۲۴۴
یا احد دایم بذات حق محو لا یزال		جاه جر او حد سکند ر مدحت و صاحب قران	
	۱۳۱۵		۱۳۱۵
۱۷	۱۲۴۴	۱۷	۱۲۴۴
با ادب این آمده رحلت ولادت سنه		توبیاب ازجان "فدا" هرمصرع اي هرکاردان	
	۱۳۱۵		۱۳۱۵

* هيءَ تاريخ هن طرح آهي ته پهرين لفظ ـ مثلا "هاحزن" ـ مان ۷۱ نڪري ٿو، ۽ "آن مطلع سر ولا رفت از جهان" مان ۱۲۴۴ نڪري ٿو، ۽ سڄيءَ سٽ کي گڏڻ سان ۱۳۱۵ نڪري ٿو.

صديقي عبدالوحيد پاڻائي

مولانا حافظ محمد شفيع صديقي مرحوم پاڻائي

قاضي مولوي حافظ محمد شفيع صديقي، ولد قاضي احمدي، دادو ضلعي جي پاٽ شهر ۾ سن ۱۸۳۵ع ڌاري ڄائو. سندس والد، قاضي احمدي، ميرن طرفان پاٽ جو قاضي مقرر ٿيل هو. ڪيس ميرن وٽان ڪجهه جاگير مليل هئي؛ ۽ پڻ مخدوم عبدالواحد صديقي سنڌستان جي ڏهليءَ جي مغلن طرفان جا جاگير مليل هئي، ان ۾ به سندس ڪجهه حصو هو.

حافظ محمد شفيع اڃا ستن ورهين جي عمر جو هو ته سندس والد قاضي احمدي وفات ڪري ويو. اهو انگريزن جي سنڌ کي فتح ڪرڻ جو ابتدائي زمانو هو. انگريزن ان وقت ۾ اعلان ڪيو هو ته جن کي جاگيرون هجن سي پنهنجون سندون ڪٽي اچن ۽ اچي نيون ڪرائي وڃن؛ مگر حافظ محمد شفيع توڙي سندس ڀاءُ علي گوهر، جو ڪائنس ٻه ورهيه وڏو هو، نندي وهيءَ سبب نه وڃي سگهيا، جنهنڪري جاگيرون سندن هٿ سان هليون ويون ۽ ٻئي پائر مسڪين ٿي پيا. ان بعد، سندن وڏو ڀاءُ حاجي علي گوهر پنهنجي موروثي زمين ۾ پنهنجي هٿ سان هر ڪاهيندو هو ۽ حافظ محمد شفيع کي پڙهڻ تي ڇڏيائين.

حافظ محمدشفيع ابتدائي تعليم مخدوم مولوي حاجي فضل الله سيوستانيءَ (جيڪي پوءِ لڏي اچي پاٽ ۾ ويٺا) وٽان حاصل ڪئي، ۽ پوءِ ڏلجيءَ طرف ڪن وڏن عالمن وٽان زياده علم حاصل ڪيائون. ڪين علم جو ايترو ته شوق هوندو هو جو اڪثر ست ميل ڪن هر روز پنڌ ڪري پڙهڻ ويندا هٿا. هڪ دفعي جي ڳالهه ٿا ڪن ته وٽن ڏيو پاري مطالعي ڪرڻ لاءِ چمق ڪوٽ هو، انهيءَ ڪري ٽاندي ڪٽڻ لاءِ به ٽي ميل پنڌ جا هٿي ويا ته جئن انهيءَ رات جي مطالعي ۾ رنڊڪ نه پوي.

پندرهن ورهين جي عمر ۾ پاڻ علم جي پڇڙ ڏي پنهنجي ڳوٺ پاٽ ۾ آيا، ۽ سورهن ورهين جي عمر يعني هڪ سال اندر پنهنجي ذهانت جو ثبوت ڏيندي قرآن شريف ياد ڪري ورتائون. سڄو پڙهيل علم بر زبان ياد هوندو هون ـ ايتريقدر جو تفسير، حديث، فقه وغيره جي وڏن وڏن ڪتابن جا حوالا صفحي ۽ سيٽ سميت به ياد ڏيئي ويندا هٿا. سندن لکيل ڪتابن جي پڙهڻ مان معلوم ٿئي ٿو ته پاڻ سنسڪرت زبان مان به چڱيءَ پَر واقف هٿا.

باطني فيض وٽن لاءِ پاڻ ڪنياري شريف (ضلعو نوابشاهه) جي نقشبندي خاندان جي ميان محمد يوسف کان ڪجهه فيض حاصل ڪيائون، مگر اتان سندن تڪميل ٿي نه سگهي، جنهنڪري مخدوم بلاول جي روضي تي وڃي استخاره ڪيائون، جنهن ۾ ڪين جواب مليو ته

ٻي ڏينهن صبح جو سويل وڃي ٽ-وائي تي ٻڌن: پوءِ جيڪو پهريون مسافر پريان ايندو ڏسن، سوئي سندن مرشد آهي ۽ کين باطني تڪميل ڪرائيندو. چنانچه ٽيو ٻ ائين جو پري کان هڪڙو سيد محمد نالي بخارا جي شهر مان هليل کين مليو، ان کي پنهنجو مرشد قبول ڪري، پنهنجي وطن پات شريف وٺي آيا. اهو مرشد وٽن هڪ سال رهيو، جنهن جون تعريفون پنهنجي شعر ۾ گهڻي قدر لکيون اٿن.

پنهنجي گوٺ پات شريف جي شهر ۾ هڪ مدرسو ٻ قائم ڪيو هٿائون، جو سندن وفات کان پوءِ بند ٿي ويو. ان ۾ سٺ ستر طالب العلم سندن ئي خرچ تي پڙهندا هٿا، ۽ اهو خرچ پنهنجي موروثي زمين جي برڪت ڪري پورو ٿي ايندو هون.

سندن زهد ۽ تقوا ۽ چلن چالين جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي! سندن جي ڪيترين ئي مسجدن ۾ ڏها ڪيڙائون. "قصيده برده" جو سنڌي نظم ۾ ترجمو ٻ وار مبارڪ واريءَ جامع مسجد روهڙيءَ ۾ ڏهي اندر ويهي لکيو اٿن، جو قلمي حالت ۾ موجود آهي، ۽ جنهن مان شروع ۽ آخر جي حصي جو نقل مضمون جي آخر ۾ ڏنو ويو آهي.

نفس کي سزائون ڏيڻ لاءِ پاڻ ڏگها ڏگها چلا ڪيندا هٿا. چنانچه هڪ دفعي پنهنجي گوٺ جي هڪ مسجد ۾ يارهن مهينا چلو ڪيڙائون، جنهن ۾ ائين پهر فقط هڪ ڪارڪ کائي روزو ڇوڙيندا هٿا.

پاڻ عامل ٻ لاثاني هٿا. ڪيترائي مريض وٽانئن شفايابَ ٿي ويا. ڳالهه ٽاڪن ٽ کهڙن (خيرپور رياست) جي جامع مسجد ۾ شهر ۽ آسپاس جا مريض سندن اڇڻ جو احوال ٻڌي، فجر نماز بعد، صفون ٻڌي اچي مسجد ٻاهران ٻيهي رهيا. پاڻ پنهنجي معمول موجب، وظيفي ۽ اشراق بعد، پنهنجي لٽ تي ڪجهه پڙهي هرهڪ بيمار تي هلائيندا ويا، ۽ اهو بيمار بروقت شفايابَ ٿي پنهنجي گهر هلندو ويو!

سندن چئي ۾ ڏاڍو اثر هو. جيڪي چوندا هٿا سو سچ پچ ٿي پوندو هو. ڳالهه ٽاڪن ٽ هڪ دفعي هڪ مسجد ٺهرائي رهيا هٿا، ٽ ان جي ٺهرائڻ کان هڪ محب نبيءَ نالي پاڻ جي سٻ کان وڏي ظالم پٺي زميندار کين ڪنهن ضد سبب روڪيو، ۽ پڻ رازن ڪمين کي گهٽ وڌ ڳالهايو، جنهن تي کين جلال اچي ويو ۽ محب نبيءَ کي پنهنجي هڪ ڏگهي شعر ۾ پٽيائون. ان شعر جي شروعات هن بيت سان آهي:

هن مسجد، "محب نبيءَ" جي پيڙهي پنائي،
وڏيرن ويچارن جي وائي وڃائي!

آخر ٽيو ٻ ائين: ان زميندار جي زمينداري ناس ٿي ويئي، ۽ ان جا پويان صفا مسڪين ٿي پيا.

شريعت جي خلاف ٽيندو جتي ٻ ٻڌندا هٿا، اتي ڪاهي ويندا هٿا ۽ وڃي تعزيرون (شرعي سزائون) ڏيئي ايندا هٿا ـ پوءِ چاهي اهو هنڌ سندن گوٺ پات کان ڪيترو ٻ پري هجي.

تبليغ ٻ ڏاڍي ڪيائون. وڏن وڏن عملدارن کي ٻ تبليغ کان نه ڇڏيائون. ڪيترا ٽ مسلمان ٻ ٿيا. هڪ دفعي تعلقي دادوءَ جي مختيار مولچند کي فارسي شعر مسلمان ٽيڻ

لاءِ خط لکيائون، جنهن جو نقل اڃا تائين موجود آهي. ان جي شروعات هيئين مصرع سان ٿئي ٿي:

مولچند! بيا مسلمان شو،
آنچه کردي ازان پشيمان شو.

هڪ دفعي وري پارومل ڊپٽي ڪليڪٽر سب ڊويزن دادوءَ کي سندي شعر ۾ مسلمان ٿيڻ لاءِ خط لکيائون، جنهن جو نقل هيٺيون آهي:

ٽوڙ ٽڳيو قيد ڪفر جو، پارُو، پيچرو ڇڏ،
ڪلمي عمارت عرش جي تي آشيانو اڏ،
روزي ۽ نماز سين روح رحمت ڪڏ،
مهماني محمد (صلعم) جي تي سنگت ساري سڏ:
جي نه ته پوندؤ هڏ، هتي هٿ وڏو هار تو.

پارُو پار لنگهيج، آڏ ۾ ڏي اسلام کي،
وري وساريج، پرميسر ۽ رام کي.

جي پارُو مسلمان ٿئين، ته ڪر پارو ٽيو چاندي،
دلڙي ڪفر شرڪ کان ويتر ڪر واندي،
اسان امانت اسلام جي ريءَ اجوري آندي،
توکان گهرون ڪونه ٽا پٺسو نه پاندي:
متان ڪري دل ماندي، رکين شرڪ "شفيع" سان!

انهيءَ خط تي مسٽر پارومل ڪاوڙجي پيو، ۽ ڪيس گهرائي گهٽ وڌ گهالهايائين، ان تي پاڻ فرمايائونس ته "مسلمانيءَ جي نشاني ڏيسونءِ، پوءِ هائي مسلمان ٿين يا نه ٿين." جلد ئي ان پارومل کي اهڙي ڦڙڻي نڪتي، جو مسلمانن وانگر طهر ڪرائڻ کان سواءِ جند نه ڇڏي.

نثر و نظم جا ڪافي ڪتاب لکيائون، جن مان گهڻا اڏوهي ڪائي ويئي يا گم ٿي وياڻ باقي جيڪي قلمي حالت ۾ موجود آهن، تن جي پڙهڻ مان معلوم ٿئي ٿو ته پاڻ بلند پايي جا شاعر هٿا. سندن شعر جو نمونو شاهه جي شعر جهڙو آهي. پاڻ سنديءَ کان سواءِ عربي ۽ فارسي ۾ سرائڪيءَ ۾ پڻ شعر چيا اٿن.

کين رسول الله صلي الله عليه وسلم ۽ اصحابن سڳورن سان نهايت گهٽي الفت هئي. چنانچه سندن وفات ۾ انهيءَ الفت ۾ ٦٣ ورهين جي چمار وقت سن ١٨٩٨ع ۾ ٿي- (انا لله و انا اليه راجعون).

پاڻ ۾ گهر هرٽيا، جن مان کين ۾ پٽ محمد احسان ۽ عبدالواحد ٿيا. انهن ۾ ٻڻ مان محمد احسان جو هڪ پٽ قريشي شفيع محمد ايم. اي. ٿيو، جو گورنمينٽ ڪاليج حيدرآباد ۾ عربي پروفيسر رهي چڪو آهي.

حافظ محمد شفيع جي باقي بچيل ڪتابن مان چند ڪتابن جا شروعاتي ۽ آخري ٽڪرا پيش ڪجن ٿا.

"قصيده برده" ترجمو سنڌي نظم جو شروعاتي ٽڪرو:

أَمِنْ تَذَكُّرِ جِيرَانٍ بِذِي سَلَمٍ،
ڪين سبب سار سڄڻ جي ٻرين پاريچا.
مَزَجْتَ دَمْعًا جَرَى مِنْ مُقْلَةٍ بِدَمٍ،
هاريئي هنجون هيج سَون گڏي رت ڦڙا؛
أَمْ هَبَّتِ الرِّيحُ مِنْ تِلْقَاءِ كَاظِمَةٍ،
يا وريا واءَ وصال جا سڄڻ سامهان؛
أَوْ أَوْمَضَ الْبَرْقُ فِي الظَّلْمَاءِ مِنْ إِضَمٍ،
يا چمڪي وڃڙي رات ۾ پرينءَ جي پارا؟
فَمَا لِعَيْنَيْكَ إِنْ قُلْتَ اكْفُفَا هَمَتَا،
اکين ڪجاڙو آهه، جي چوين بس ته وَهن!
وَمَا لِقَلْبِكَ إِنْ قُلْتَ اسْتَفِقْ يَهِمِ،
قلب کوهه ٽيئي چو هوش ڪر ٽئين منجهان حيران.
أَيَحْسَبُ الصَّبُّ أَنَّ الْحُبَّ مُنْكَتِمٌ،
ڪين پائين عاشق الوٽ تو ته محبت لڪندي.

"قصيده برده" ترجمو سنڌي نظم جو ٻيون ٽڪرو:

وَالذَّنْبُ لِلسُّحْبِ صَلَّاةٍ مِنْكَ دَائِمَةٌ،
دائم ڪرن رحمت جي ڪي ڏي موڪل رب رزاق،
عَلَى النَّبِيِّ بِمُنْهَلٍ وَ مُنْسَجِمِ،
ته وَهن وسن وڏڙا مٿي پيغمبر پاڪ-
مَا رَنَّحَتْ عَذَبَاتِ الْبَانِ رِيحُ صَبَا،
جيسين چوري ٽاريون بانس جون سندو صبا واءَ،
وَ أَطْرَبَ الْعِيسَ حَادِي الْعِيسِ بِالنَّغَمِ،
اُٺن کي هنڪار ڏئي خوشي سرود سماع.
رَبِّ صَلِّ وَسَلِّمْ دَائِمًا أَبَدًا،
عَلَى حَبِيبِكَ خَيْرِ الْخَلْقِ كُلِّهِمِ!
اي مالڪ ملڪ ملڪوت جا، واحد لا شريڪ،
تنهنجي احسانن ۽ نعمتن جا آهن بحر عميق:

مون جيهي مسڪين کي ڏني توفيق رفيق،
ترجمو ڪيم ”بردي“ کي قدر طاقت ۽ تحقيق.
نقطا نازڪ عربيءَ ۾ بلڪل هٿا باريڪ،
مون جيها ڪيئن سمجهندا، لايعقل لايليق.
سنڌي عربيءَ وچ ۾ طول وڏا تفريق،
ڪوڏا برابر ڪيئن ٿين سي يماني عقيق؟
حاسد هزارين اٿم، جي ڪيڏن ويڪ وڏيڪ،
اي عيب پوش عالم جا، شهنشاهه شفيق!
رسائج رسول کي هي ”شفيع“ جي تصديق،
”پاڻائيءَ“ کي پانهنجا ڏي ذڪر فڪر طريق؛
اهل عيال اولاد کر فرمان بردار فريق،
سنگت سڀ صالح ڪر ۽ نيڪبخت خليق؛
انهن کان آزاد ڪر جي غفلت منجهه غريق،
قرب ڏيارج ڪلمي سين ۽ طباعت جي توفيق!

هڪ ڏکهي نظم جو شروعاتي ٽڪرو:

آءٌ، اسان رباني! ڪر مجدد مهربالي،
تار آهي طغياني، ۽ بيحد بيفرماني،
وجهه هيندن ۾ حيراني، تان مڃن مسلماني:
آءٌ، اسان رباني!

اهنڃ وڏو آهي امت سين، ظلم زبوني ذلت سين،
ڪافر ڪوڙا دولت سين، هڪ ڪامل تن کي ڪاني:
آءٌ، اسان رباني!

ڪوڙ دغا دولاب فريب، ملکن ۾ ٿيو ظاهر زيب،
سچ سنگت ۾ اڪثر عيب، داناؤن ڪئي ناداني:
آءٌ، اسان رباني!

سومن ويچارا مسڪين، بازي بيحد لي بيدين،
وڏ ويا سڀ لڇ لعين، ملحد منڪر ۽ زاني:
آءٌ، اسان رباني!

اصل نسل جن اصلي هون، دنيا تن وٽ رياسون هون،
پي پليدي پيدا ڪون، نانگي تن جي ناني!
آءٌ، اسان رباني!

ڪافر غالب ڪل غزو، حڪم هلي سڀ غير شرو،
اهنجو ٿيو ايمان ذرو، لٿنگي ڏس نگراني:
آءُ امام ربالي!
هئي حيرت عجب وڏا، لنگورن تي لقب لڏيا،
لڇس لدورا نسب جڏا، وه واه خانن جي خاني:
آءُ امام ربالي!
'مَل' مٺا ۽ 'راوَ' رليا، 'سَنگ' سڏيا ۽ 'چند' چڙيا،
'مصر' مٺا ۽ 'داس' دسيا، تن ولهن ڪئي ويراني:
آءُ امام زباني!
علم ويو اڪول ٿيا، عالم ۾ اشڪيل پيا،
قانونن ڪيا ڪيل ڪيا، ڪونه رهيو همراهه حقاني:
آءُ امام ربالي!
سنڌين ملڪ ڪيو تاراج، رشوت روءِ رياءُ رواج،
واڻين ويٺر واءِ وياج، در در ڪن ديواني:
آءُ امام ربالي!
ڪاهه ڏهيا ڪل ڪوڙا ڪامي، پرٿيل پٿيل هندن جا حامي،
سورين جا ٿيا سڀ سلامي، دين فروش ديٺوٺ دڪاني:
آءُ امام ربالي!
هي هي حاڪم بي انصاف، تڏهن لڳي ٿي لچن لاف،
ڪٿ ڪن ويچارا اشراف، مشڪل جن جي ماني؟
آءُ امام ربالي!
ڪانهي پاڪائي پرهيز، پي پليتيءَ جي پرويز،
آندي اونداهي انگريز، شل ناس ٿين نصراني!
آءُ امام ربالي!
واهه وڪيلن ڦوڳين ڦوڪ، ملڪن ۾ مشهور ملوڪ،
ڦوڪيا وتن پاڙي پوڪ، ڏيهه تنهين جا ڏاني:
آءُ امام ربالي!

هڪ ٻئي ڏکڻي نظم جو شروعاتي ٽڪرو:

هنڌڙي لڳي هير، جا آئي عرب پار جي؛
سرهي منجهه سرير، هدايت هڪار جي؛
تا عرش ٿريل تائير، آئي بوءِ بهار جي؛
جاءِ نه عطر عنبير، گل ڦل ۽ گلزار جي؛
ساعت منجهه مڌير، ٿي همٿ دل هوشيار جي؛
اڳري ٿي اکير، محب مٺي منڌار جي؛
تسبيح ۽ تڪبير، چيم جليل جبار جي،
جا رب عليم خبير، مرد مدح مختيار جي.

هڪ ٻي نظم جو شروعاتي ٽڪرو:

يا سيّد آڳ سچا عربي، نرمل نازڪ نور تبي!
ڪل مرسل سندو تون مربي، لا شرقي انت ولا غربي؛
يا عافيتي في المنقلب، انت غياثي في الطلب؛
ڏس مُسڪينن جي مضطربي، ميگريو آ ز سبب خربي—
يا سيّد آڳ سچا عربي!

جت شرمندو شيشو جلي، ڪيئن چال چڳي چٽبي؟
آنجا ڇ سفال گلال غبي، ٻوءِ مدح مناسب تا ڳٽبي.
جا سبب ڪربن ڪو موت سببن، ڪر مدح پسند عجب عجبي.
نت معاف ڪجو مون بي ادبي— يا سيّد آڳ سچا عربي!

هڪ نظم جو شروعاتي ٽڪرو:

حمد هزار حڪيم جا، جو جوڙي عجب عجاب،
امر الستي ڏاهيائين، ۽ حڪمت سين هر باب،
سافيءِ جو محبوب هو، جهڙا گل گلاب،
ان جي احسانن کي ناهي حد حساب،
ذات ڏنائين اهڙي، جا منجهه خيال نه خواب!

هڪ نظم جو ٽڪرو:

الاهي، اسلام جو ڪر عزّ وڏو اقبال!
منافق مردود ٽيا، وين خام خيال—
جن قانونن تي ڪفر جي ٽي ڪيو جنگ جدال،
ڪرسيءِ ڪاڻ ڪمينن ٽي وڏو وجهه و بال،
آهن يار يزيد جا، ۽ دوست سندن دجال:
ميران محي الدين اچي دين وڌائيو،
جاڙو ساڻ يقين، اجهو مهدي آيو!

الاهي، اسلام جو ڪر عزّ وڏو اقبال!
مورت چوڙيو مهتين، ڏيئي چڙن چال،
غازين غربين سين، پلي ڪيو پال،
ڏکيا ڏينهن لنگهي ويا، قادر ڪيو ڪال،
ڏسي دهدهو دين جو، ظالم ٽيا زوال:
ميران محي الدين اچي دين وڌائيو،
جاڙو ساڻو يقين، اجهو مهدي آيو!

هڪ نظم جو وچيون ٻڪرو:

هر مجلس تنهنجي حق حڪايت، اي سمند سخا جا پلا نهايت!
تنهنجو ڪرم سوال ڪفايت، تنهنجي امت سان رعايت؛
تون آهين هادي عين هدايت، تون هيڻن حامي حق حمايت؛
تون آهين ابر عنايت، يا سيّد آءٌ سچا عربي!
نرمل نازڪ نور نبي، افضل اڪمل اشرف اڪرم-
صلي الله عليڪ وسلم!

سندن چيل هڪ عربي شعر جو شروعاتي ٻڪرو:

جميع المحامد لرب العباد، علي ما هدانا سبيل الرشاد؛
ولقي علي لا رض و تد الجبار، وخلق السمٰوات دون العماد؛
و هو يخرج الحي من ميت، و يخرج من الحي ميتا اراد؛
سميع بصير غفور رحيم، و منه المبادي اليه المعاد؛
علي كل شيءٍ قدير وڪيل، حفيظ حسيب له الانقياد.

هڪ ٻي عربي شعر جو شروعاتي ٻڪرو:

الاهي نحمدڪ حمداً ڪثيراً، و نشڪر شاڪراً شڪراً وّفيراً،
فانڪ لم تزل مَلِڪاً قديماً، حڪيماً حاڪماً عدلاً قديراً!

هڪ فارسي شعر جو شروعاتي ٻڪرو:

ما مقيمان شرع مختاريم، رخ بقانون دون لبي آريم.
عندليبان بيضاء اسلاميم، جا بجا نو بنو بگلزاريم.
موغ شارخ درخت توحيديم، درة التاج شرع سر داريم.
بامید دليل شرع لبي، فارغ ازمڪر و شر مڪاريم.

هڪ سرائڪي شعر جو ٻڪرو:

شابس شاهه محمد ڪون، جنهه خوار ڪيتا خرمرتد ڪون!
جيڪي هوسن حق دي حامي، جڳ تنان دا سپ سلامي؛
الله ڪيتي هين انعامي، دين ايمان بهشت تمامي:
ماسن برڪت بيحد ڪون-
شابس شاهه محمد ڪون!

ليک محمد بلوچستاني

مرحوم مولانا حڪيم تاج محمد افغان "مشتاق"

مرحوم حڪيم مولوي تاج محمد صاحب جن ذات جا افغان هٿا. سندن والد بزرگوار جو نالو حاجي خميسو هو. ڊسمبر ۱۸۹۹ع ۾ بدين شهر ۾ تولد ٿيا. پير پاون شاهه جيلاني جن جا مريد ۽ همعصر هٿا. عربي، فارسي ۽ اردوءَ ۾ ڪلي مهارت هٿ سان گڏ ڪين انگريزيءَ تي به ڪامل دسترس هئي. سندن گهرو لئبريريءَ ۾ به ڪيترائي ڪتاب هروقت مطالعي لاءِ رهندا هٿا.

مولوي صاحب جن طبابت جو ڪم به ڪندا هٿا، جنهن ۾ به لاجواب ماهر هو. طب جو ڪم ڪنهن استاد کان خاص طرح ڪونه پرايو هٿائون، ليڪن نديي هوندي کان ئي خدائي ذهن عطا ٿيل هون. پنهنجي مطالعي ۽ ذهن ذريعي، هن فن ۾ استاد ڪامل ٿي گذريا آهن. غريبن کي دوائون مفت ڏيندا هٿا. ڪيترين ئي دوائن لاءِ پاڻ اخبارن ۾ اشتهار وجهائيندا هٿا ته غريب ٽپال خرچ موڪلي دوا مفت گهرائين يا روبرو وٺي وڃن.

سندن درياهه دلي ۽ مريضن سان همدرديءَ جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي! هروقت پنهنجن مريضن جي حالت جو اونو رهندو هون. سندن مريض جيسين صحتياب نه ٿيندو هو، تيسين ننڊ حرام هوندي هين. وڏي فخر جي ڳالهه هيءَ، جو جيڪڏهين ڪو پهراڙيءَ جو ماڻهو ڪنهن پرانهين پنڊ تي وٺي ويندو هو ته ڪمال خوشيءَ سان ويندا هٿا ۽ سواريءَ جو ڪرايو وغيره به پنهنجي هڙان پريندا هٿا: جيڪو ڪين وٺڻ ايندو هو، ان کان ڪجهه به نه وٺندا هٿا.

پير پاون شاهه جي وفات کان پوءِ، شهر راڄي خاناڻي ۾ اچي مقيم ٿيا، جتي هڪ شاندار اسپتال پنهنجي وڏي پٽ محمد قائم ثاني "قائمي يوناني دواخانو راڄو خاناڻي" کوليائون، جنهن ۾ يوناني دوائن سان گڏ انگريزي دوائن جو به اسٽاڪ موجود هوندو هون. پاڻ دواخاني جا مئنيجر، ۽ ماهوار طبي رسالي "پيام شفا" جا ايڊيٽر به هٿا. رسالو دواخاني جي پنهنجيءَ پريس مان نهايت آب تاب سان ڇپجي نڪرندو هو، جنهن ۾ علم حڪمت ۽ ڪافي کان وڌيڪ روشني وجهڻ لاءِ حڪيم صاحب جن نهايت چيدا چيدا مجربات، وڏن حاذق حڪيمن جا آزمايل نسخه جات ۽ پنهنجي مطب جا معلومات درج ڪندا هٿا. رسالي جي لکائي نوزي ڇپائي بالڪل ديده زيب هوندي هئي. ٽائيٽل پيج شاندار نمونو جو هوندو هو. سندن وفات بعد اهو سلسلو منقطع ٿي ويو، جو جو پوين کان اهو بارگران ڇڪيءَ طرح سنڀاليو نه ٿيو.

سندن دواخاني ۾ جيڪي به شيون پاڻ هٿ سان ٺاهي رکندا هئا، انهن جي ليبل تي دوا جو پورو نسخو، ترڪيب استعمال، ٺاهڻ جي تاريخ وغيره سنڌي، اردو ۽ فارسيءَ ۾ لکي چڏيندا هئا. جيڪڏهن ڪنهن رسالي يا ڪتاب تان نسخو ڏسي ٺاهيندا هئا، تہ ان جو نالو، مصنف جو نالو، ڇپجڻ جو هنڌ، صفحو وغيره باقاعدي لکائيندا هئا. وڏي حيرت جي ڳالهہ جو هرهڪ دوا سان ان جو نسخو شامل هوندو هو ـ جيئن ٿورو پڙهيل ماڻهو به آساني سان ٺاهي سگهي. علم حڪمت جو ڪم پاڻ ماڻهن کي بلا بخل منڊون ڪري سيکاريندا هئا ـ مگر افسوس جو سندن سخا جي درياهہ مان ڪوبہ فرد نہ سيراب ٿيو ۽ نہ مستفيض ٿي ٿيو!

پاڻ طبي ڪاليج ٽنڊو محمد خان جي طبي بورڊ جا ميمبر به هئا. رسالي "پيام شفا" کان سواءِ علم طب ۾ سندن مندرجہ ذيل تصنيفون آهن، جي اڄ مفقود آهن: (۱) ڪتاب الحميات (۲) شرح قانونچہ، (۳) قرابادين مشتاقي المعروف بہ طب ساغر ساقي. پويون ڪتاب سندن هٿ سان لکيل قلمي بياض آهي، جيڪو راقم وٽ موجود آهي. مرحوم اهو ڪتاب پارسيءَ ۾ لکڻ شروع ڪيو هو، مگر ڪن مجبورين ڪري اڌ ۾ رهيل ٽو پائنجي. ازان سواءِ پيا به ڪيترائي قلمي ڪتاب مذهبي وغيره آهن. مذهبي، پوين جي بيپرواهي ۽ علم ناشناسيءَ ڪري گم ٿي ويل آهن.

حڪيم هٿ سان گڏ، مرحوم جن جيد عالم پڻ هئا. جامع مسجد راچي خاناڻي جا پيش امام به پاڻ هوندا هئا. چون ٿا تہ پاڻ وڏا بزرگ ۽ ولي الله ٿي گذريا آهن. صوم و صلواة جا سختيءَ سان پابند هوندا هئا. هر جمعي جي ڏينهن صبح جو سويل اٿي، فجر نماز پڙهائي، اوسي پاسي اوليائن ۽ بزرگن ـ جهڙوڪ سيد سليمان شاهہ بخاري، شيخ عمر ۽ ڪموداڻي وغيره ـ جي زيارت ڪري، ۽ بزرگن جي روحن کي ختما بخشي، موٽي اچي جامع مسجد ۾ جمعي نماز پڙهائيندا هئا.

پاڻ شاعر پڻ هئا. شعر ۾ سندن تخلص "مشتاق" هوندو هو. سندن جوانيءَ جا شعر نهايت عمدا چيل آهن، مگر ارمان جو ڪي ٿورا موصول ٿي سگهيا آهن. مرحوم ميراحسان علي خان تالپر ساکن راچو خاناڻي به سندن شاگرد هو، جو کين تمام گهڻي عزت ڏيندو هو. مرحوم سيد احمدشاهہ 'خاڪي' سان به مرحوم مولوي صاحب جن جو خاص صحبت جو رستو هوندو هو.

کين ٽي پٽ هئا، جن مان وڏو پٽ محمد قائم کن سببن ڪري گهر چڏي جلاوطن ٿي ويو آهي؛ وچيون پٽ غلام علي عرف محمد سومار پسارکي دڪان جو مالڪ ۽ دوا فروش آهي؛ باقي سندن ننڍو پٽ ڪمال الدين اڄي سنڌي پڙهندو هو، پر هاڻ درزڪو ڪم سکي رهيو آهي.

مرحوم مولوي صاحب جن ۸۸ ورهين جي ڄمار ۾ دل ٽٽي پوڻ ڪري رحلت فرمائي ـ انا لله وانا اليہ راجعون. هيءَ حڪمت جو ستارو ۽ راچي خاناڻي جو لقمان هميشہ هميشہ جي لاءِ غروب ٿي ويو، ۽ پوين کي داغ مفارقت ڏيئي ويو.

حيف در چشم زدن صحبت يار آخر شد،
روي گل سير نديديم کہ بهار آخر شد!

مولانا مرحوم جي فارسي، اردو ۽ سنڌي ڪلام جو نمونو پيش ڪريان ٿو:

فارسي

بہ بستان سي رود دلبر، دلي با ناز قهه قهه،
لبش قهه قهه، رخش مهه مهه، قدش چون سرو لهه لهه لهه.
خراسان وار کب کب کب، ولي در نير شب شب شب،
دويدم در طلب لب لب، شکر لب گفته وه وه وه.

شجع: (۱) چو تاج محمد بسر افراخته،
بعالم شده سايه در ساخته.

(۲) چون تاج محمد شده زيب ور،
بسايه درش آمدم بے خطر.

اردو

اے دوستو دنيا مين اسي عشق نے همکو مردانه بنايا،
اک بوسه کے لينے سے خفا هوگئے مجهه پر- جرمانه بنايا،
کيا پيش نقدِ دل کو تيرے آگے جو همنے، نذرانه بنايا،
قدرت نے بنائے تيرے دندان جو هر ايک دردانه بنايا،
اس نالهء شبگير کے سننے هي تو همکو مستانه بنايا،
روزِ ازل مين ميرے اسي کاسهء سر کو پيمانه بنايا،
فرقت نے تيرے درد کو برسون سے همارا همخانه بنايا،
دنيا نے تيرے نالون کو سن سن کي اے "مشتاق" افسانه بنايا،

سنڌي

الوداع اي دوستو همراز همدم همڪلام،
ڪيو اسان جي سير بستان جي زماني اختتام،
لطف لب شيرين گل کي تنهنجي صحبت جو سرور،
ساقيا مون کي سندءِ محفل ۾ رهندو هو مدام،
باغبان! اڄ ڪاڻ ڪا آهي بهاري باغ جي،
چهڄو بگڙيو چنبيلي جو ۽ لسرين جو نظام،
اڄ گران خاطر ٿيا "مشتاق" مرغانِ چمن،
ڪيو تڏهن اڄ بلبلِ مسڪين ٻيو منزل مقام،

* * *

يا رب اچي نہ باغِ سخن ۾ خزان ڪڏهين،
بيدر هجي نہ ناظم انـدر جـهـان ڪڏهين!
رليل رقـيـب روسيہ شـل دور هجي سدا،
نادان تنهن کي نانگ ڪائي ناگهان ڪڏهين!
از هر دو جهان شب وصل شـل دراز هوءِ،
خورشيد تـا قيام ڏسي نـہ آسمان ڪڏهين!
هـڪـوار ڏسـي جـلـوهٔ جـانـان عندليب،
بلبل ڪري نہ باغ ۾ شور و فغان ڪڏهين!

* * *

آهيان خوب خوشگوءِ مـرغ چمن جو،
نغمہ سنـج مـان نـرگس نسترن جو.
نسيم صـبـح جـي بهاري ۾ بستان،
نظارو ٿـيـو نـرگس سنبل سـمـن جو.
عجب بـونـد شبنم جـي برگِ حنائي،
مثل هڪڙو قطرو هـو درّ عدن جو.
ڏسي لعل گـلـڙا تنهنجا گلرخا! مان،
چوان گـل گلابي يـا سوسن سمن جو!
ڏنـا سيب مـون کـي مسيحا علل ۾،
سودائي آهيان مان جو سيبِ ذقن جو.
تنهنجي يـاد ۾ اي گـل انـدام آيـس،
گلستان ۾ خواهان گـلابـي گلن جو.
نہ آهين چمن ۾ تون اي گل رياحين،
سڄو پـايـان نـاچيز بستـان زمـن جو!
اچي جي چمن ۾، چئج ان کي مالهي:
سلام آهـ تـوکي غـريب الـوطن جـو.
ڇڏي يـاد تنهنجي ويـو دور هستي،
ٿيو هڪ ڪرشمو هي ابـرو شڪن جو.
ڪجان گل جي نزديڪ مدفون مون کي،
۽ جوڙج ڪفن منهنجو برگـ گلن جو.
نہ ٿيو دور گردش جي "مشتاق" موافق،
نہ هيئن هوند هرگز هي دور زمن جو.

منهن مبارڪ ڇو مون ڪان محبوب اڄ موڙين ٻيٽو؟
ٽاهه ڪائي ڇو وري جهوني سنگت ٽوڙين ٻيٽو؟

حب جي ٻيڙيءَ ۾ چڙهي اڄ وري ڦرها ڪيي،
غمزده غمگين ڪي درياهه ۾ لوڙهين ٻيٽو!

هٽ نه ورتئه ڪيئن ڪريل جو، جو چڏيئه ڇولين اندر،
اڄ صفا ٻاجهوڻ چڏي نئين واهه ۾ لوڙهين ٻيٽو!

حب جو هٿرو ڪهائين ها اٿم افسوس هي،
قلب ۾ ڪمزور جي خوني خنجر ڪوڙين ٻيٽو!

حب اهڙن سان ڪئي سون، جي ويا رڻ ۾ چڏي،
پنهنجا اڄ "مشتاق" ڏس ڪيترا سيئي لوڙهين ٻيٽو.

اسد الله شاهه "اسد" ٹکڑائي

حافظ محمد يوسف سرحوم ٹکڑائي

حافظ محمد يوسف، ولد حافظ محمد هارون، ۱۲۵۸ هه ۾ اڳين ٽکڙ ۾ جائو. سندس والد حافظ محمد هارون پنهنجي وقت جو هڪ جيد عالم هو. سندس مڪتب مان ٽکڙ ۽ ٻين ڳوٺن جا شاگرد دولت علم مان مالامال ٿي ويندا هئا.

حافظ محمد يوسف پنهنجي والد کان عربي، فارسي ۽ سنڌي تعليم حاصل ڪئي. قران مجيد جي حفظ ڪرڻ جو به شرف حاصل ٿيس. اڳين ٽکڙ ۾ تعليم کان فارغ ٿي، پنهنجي والد سان گڏ طلبا کي تعليم به ڏيندو رهيو، ۽ گهر جي ڪم ڪار ۾ به پيءُ جي همراهي ڪندو رهيو. وڏيڪ علم جي پروڙ لاءِ، پنهنجي والد جي ڪتبخاني ۾ (جو حافظ عاليءَ جي زماني کان وٺي وٽن پشت بپشت هلندو آيو) مطالعو ڪندو آيو. والد جي رحلت کان پوءِ پاڻ ئي مدرسي جو مهتمم ٿيو.

جڏهين اڳين ٽکڙ درياهه جي اٽل ڪري زيرآب آئي، تڏهين حافظ صاحب به ٻين ماڻهن وانگي موجوده ٽکڙ ۾ سکون پذير ٿيو، ۽ هتي به پنهنجو مدرسو جاري ڪيائين.

موجوده ٽکڙ ۾ سندس مدرسو اوج ۽ ڪمال تي پهتو. ڪئي ڪئي جا شاگرد حافظ صاحب جي فيوض ۽ برڪاتِ علم مان مستفيد ٿيڻ لاءِ ٽکڙ ۾ اچڻ لڳا. سندس ئي محنت ڪري، ٽکڙ مان "مخلص"، "فدا"، "حافظ"، "دلگير"، ۽ "بسمل" جهڙا شاعر پيدا ٿيا. حضرت صاحب خواجه عبدالرحمان سرهنديءَ جي ٽکڙ ۾ سکونت اختيار ڪرڻ ڪري، ٻين ماڻهن وانگر، حافظ صاحب به سندن مريد ٿيو. ٽکڙ جي ساداتن ۽ عام ماڻهن جي استاد هڻڻ ڪري، ڳوٺ ۾ سندس حد کان وڌيڪ عزت ڪئي ويندي هئي. خود سادات به سندس تعظيم ۽ تڪريم بجا آڻڻ ۾ کوتاهي نه ڪندا هئا. پاڻ جڏهين به ڪاوڙ ۾ هو، تہ ڪيس ڪير به جواب ڪونہ ڏيندو هو. ڪيترا دفعا وڏن سيدن ـ جيڏوڪ عبدالحڪيم شاهه ۽ غلام شاهه وغيره ـ تي به غصو ڪندو هو، مگر سيدن مان ڪير به ساڻس تڪو ڪونہ ڳالهائيندو هو.

حافظ صاحب تمام اعليٰ پايي جو خوشخط هو. سندس اکرن کي ڏسي، چاپي جو دوکو ٿئي ٿو. ٽکڙ جي سيدن جي شادين جا دعوتناما ۽ خط پَٽ حافظ صاحب ئي لکندو هو. انهن خطن جي طرز تحرير کي ڏسي معلوم ٿو ٿئي تہ حافظ صاحب هڪ سٺو پارسي دان هو.

شاعري کيس حافظ عاليءَ جي ورثي مان ملي. پاڻ گهڻن ٽکوڙائي شاعرن جو شاعريءَ ۾ استاد هو. سندس ڪلام زماني جي خرد برد ڪري ناهيد ٿي ويو آهي. سندس ڪلام اڪثر پارسيءَ ۾ هو، جو هينئر گهٽو ڪري اڏوهيءَ جو ڪاڄ ٿي ويو آهي. ڪجهه سندي ڪلام هٿ آيو آهي، جو پيش ڪبو. مون کي افسوس آهي جو آءٌ هڙي بزرگ انسان جو احوال معلوم ڪري نه سگهيو آهيان، ۽ نه ئي هينئر سندس لائق فرزند مرحوم حافظ "بسمل" زنده آهي، جنهن کان ڪجهه وڌيڪ معلومات حاصل ڪري سگهجي ها.

سندس ٻي فرزند هٿ، جن سان وڏو "دلگير" جي تخلص سان، ۽ ننڍي ۾ ننڍو "بسمل" جي تخلص سان، ادبي دنيا ۾ مقبول ۽ شهرت يافته شاعر ٿيا.

حافظ صاحب ۱۳۲۲ھ ۾ وفات ڪئي.

انتخاب

ڪڍهين نه پاڻ کان مون کي سڄڻ جدا ڪريو،
جي ڏين جان نه آن تي وري جفا ڪريو.
سڄي جمار ۾ هئي التجا اِها منهنجي،
ته هن مريض محبت جي ڪا دوا ڪريو.
پکيڙي دام، ڪيئي قيد دل کي ڪاکل ۾،
ڪري قياس کو دل ۾، وري رها ڪريو.

* * *

داد دلبر سوا نه ڏيندو ڪير، هاڻ همراز منهنجو ٿيندو ڪير؟
تنهنجي محفل ۾ مه‌لقا مون کي، سانڍ ساڻي ڪري ڏيندو ڪير؟
اک اُري ٿي ۽ پڻ لنيو ڪانگل، اڄ اڳڻ عاشقن جي ايندو ڪير!
جن کي مستي رهي محبت جي، تن کي پلپل ڇئي پليندو ڪير؟

منظور احمد حليمي

مولانا غلام صديق مرحوم شهداد كوٽي

الحاج علامہ غلام صديق صاحب جن مولانا نور محمد صاحب جا ننڍا فرزند هئا. سندس جاءِ ولادت ڪنڊو، تحصيل پاڪ، رياست قلات، ڊويزن بلوچستان آهي. سندن ولادت جي تاريخ ۴ ربيع الاول ۱۲۶۰ هجري آهي. ابتدائي زماني ۾ ڪنڊي بلوچستان ۾ رهيا، ۽ هوءِ پنهنجي والد بزرگوار ۽ وڏي ڀاءُ مولانا ميان گل محمد صاحب جن سان گڏ، سرائي پير بخش مرحوم جي طلب موجب، شهداد ڪوٽ ضلعي لاڙڪاڻي سنڌ ۾ اچي رهيا. تعليم پنهنجي والد بزرگوار ۽ وڏي ڀاءُ مولانا ميان گل محمد صاحب کان حاصل ڪيائون، ۽ مدرسه نور محمديه شهداد ڪوٽ مان، ۱۳ سالن جي عمر ۾، علمي فراغت جي سند حاصل ڪيائون. سندن طريقت جو سلسلو قادريه هو، ۽ حضرت قدوة العارفين مولانا ميان غلام حيدر صاحب قادريءَ جا مريد هئا. ۱۴ سالن جي عمر ۾ کين خلافت ملي، ۽ سندن مشهور خليفا مولانا غلام محمد ڪمال ديرائي رياست خيرپور ميرس، ميان علي شير چانڊيو ديرو غيبي خان، ۽ ميان عمرالدين صاحب، وغيره هئا.

علامہ صاحب جا مڪيه همعصر مولانا عبدالغفور همايوني، مولانا محمد هاشم ڪڙهي ياسيني ۽ مولانا عبدالرحمان صاحب سڪرائي هئا.

سندن فارغ التحصيل شاگردن جو تعداد تمام گهٽو آهي، جن مان علامہ حسن الله صاحب مرحوم پاتائي، مولانا عطاءالله فيروزشاهي ۽ مولانا غلام محمد صاحب مهيسر (ڳوٺ ڪمال ديرو، تعلقو ڪنڀٽ) مشهور بزرگ آهن.

علامہ صاحب نهايت سخي ۽ فياض هئا. مسڪينن سان گهڻو قرب هون. سندن وضع قطع نهايت سادي هئي. سادات ڪرام ۽ عالمن سڳورن ۽ ديارِ حبيب جي سڀني عرب باشندن جو بيحد احترام ڪندا هئا، ۽ هميشه زبان حال سان مترنم هئا:

"أمَرُّ عـلـي الـديـار ديار ليلي أقَبِّل ذا الـجـدارَ و ذا الـجـدارَ
وَ ما حُبُّ الـديـار شغفن قلبي ولا كِن حُبُّ مَن سَكَنَ الديارَ"

(محبوب جي ملڪ مان لنگهڻ وقت سندس پتين جو چمڻ ان ڪري نه آهي ته کو مون کي پتين سان گهڻي محبت آهي- بلڪ انهن ۾ رهندڙ محبوب جي محبت ائين ڪرائي ٿي.)

پاڻ ڪرامت جا صاحب ٻڌا. سندن ڪيترين ئي ڪرامتون مشهور آهن، جن مان هي ٻه قابل ذڪر آهن:

(۱) سندن خليفو ميان علي‌شير چانڊيو، جو نهايت ڪند ذهن هو ۽ عمر جو گهڻو وڏو هو، ان تي مدرسي جا سڀ شاگرد ٺوليون ڪندا هئا. هو ويچارو نهايت صبر سان برداشت ڪندو رهندو هو، ۽ ڪين چوندو هو ته "مسخريون پل ڪريو، پر سبق ياد ڪرايو". هڪ دفعي مولانا غلام صديق مرحوم اچي ميان علي‌شير جي اها حالت ڏٺي. ڪين ڏاڍو رحم آيو. مولانا مرحوم اوڏيءَ مهل سڀ ڪتاب آڻائي، هرهڪ ڪتاب مان شروع ۽ پڇاڙيءَ جي هڪ هڪ سٽ ڪيس پڙهائي، فرمايو ته "هاڻي تون سڀني شاگردن جو استاد آهين ۽ سڀني کي پڙهائيندو رهه". خدا جي مرضيءَ سان ٿيو ٻه ائين - خليفو علي‌شير سڀني شاگردن جو استاد ٿيو!

(۲) اهڙيءَ طرح، هڪ دفعي پاڻ ڪراچي بندر مان پنهنجي مريد حاجي سائينداد مرحوم کي شهر ڏي ڪنهن ڪم سان موڪليائون. حاجي صاحب گهڻي دير ڪئي، ۽ پاڻ گهڻو انتظار ڪندي جهاز ۾ سنگتين سان گڏ حج جي سفر لاءِ چڙهي ويٺا. جهاز حاجين کي کڻي روانو ٿيو، ته ڏٺائون ته حاجي سائينداد ڪناري تي ٻيٺو آهي ۽ سڏ پيو ڪري. ان وقت مرحوم مولانا پنهنجي ٻڪ لاهي، هيٺ رکي، چيو ته "ايستائين مٿي تي نه رکندس، جيستائين هو اچي!" ٻوءِ، هٿن جي اشارن سان حاجي سائينداد کي چيائون ته "هليو اچ". جهاز فوراً ٻيهي ويو، ۽ حاجي سائينداد مرحوم سمنڊ ۾ ٽپو ڏيئي زور سان چيو ته "منهنجا سچا مرشد، آءٌ اچي رهيو آهيان!" جهاز اگرچ ڪناري کان پري هو، مگر حاجي سائينداد چيو ته ڪيس گوڏي جيترو پاڻي مس نظر ٿي آيو! جهاز وارن ٻڌي لاهي ڪيس ڪٽي ورتو، تڏهن حضرت مولانا پنهنجي ٻڪ مٿي تي رکي، ۽ جهاز روانو ٿيو.

"گر قبولِ حق بود آن مردِ راست،
دستِ او در کارها دستِ خدا ست."

مولانا غلام صديق مرحوم فارسي ۾ "عمليات صديقي" وغيره غير مطبوع ڪتاب ڇڏيا آهن. سندن وفات ۲۳ ربيع الاول ۱۳۲۳ هجريءَ ۾ ٿي، ۽ درگاهه صديقيه شهداد ڪوٽ ۾ مدفون آهن.

مرحوم مولانا غلام محمد صاحب ڪمال ديرائي ذڪر ڪندو هو ته سندن شرعي فتوائن جو مجموعو هڪ نهايت ضخيم جلد جي صورت ۾ موجود هو، جنهن کي "جُنگ" نالي سان سڏيندا هئا. سندن وفات کان پوءِ اهو جُنگ پير تراب علي شاهه راشديءَ جي قبضي ۾ هو، جنهن سان مولانا صاحب جن جي نياڻيءَ جي شادي ٿيل هئي. هاڻي خبر ناهي ته اهو جنگ ڪٿي آهي. مولانا غلام محمد صاحب فرمائيندو هو ته "اها! انهيءَ جُنگ ۾ نظر ڪرڻ سان ائين ڏسڻ ۾ ايندو، گويا هڪ علم جو دريا آهي، جو چوليون هٽي رهيو آهي. مختلف فيد مسئلن بابت عجيب و غريب تحقيق ٿيل آهن". ڪاش، اهو ڪتاب ڪٿان ملي وڃي!

علامہ محمد هاشم مرحوم ڪڙهي ياسيني *

مولانا محمد هاشم جي ولادت سن ۱۲۵۹ هـ ۾ شهر شهداد ڪوٽ ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ٿي. استاد العلماء مولانا نورمحمد صاحب جي مدرسي ۾ اول ڪان آخر تائين سمورو علم پڙهي، فارغ التحصيل ٿيا. ان بعد، شهداد ڪوٽ جي ويجهو پري جي ڳوٺ ۾ ديني مدرسو ڪولي پڙهائڻ لڳا، جنهن ۾ ستر ڪن طالب العلم مختلف سبقن ۾ پڙهندا هئا. سندن مدرسي مان ڪيترا عالم فيضياب ٿي نڪتا. پوء، ڪجهه وقت بعد، مولانا ڪي حضرت مولانا ميان تاج محمد صاحب، پنهنجي فرزند ميان گل حسن جي پڙهائڻ لاء، پنهنجي ڳوٺ ڪنبار (قلات بلوچستان) ۾ وٺي ويا. اتي به سندس مدرسي ۾ ڪيترا شاگرد باوچستاني ۽ سندي پڙهندا هئا. صاحبزادي ميان گل حسن صاحب جڏهن سمورو علم مولانا ڪان پڙهي دستار بندي ڪئي، تڏهن، ميان صاحبن جي مخلص مريد نواب اسد الله رئيسياڻي جي استدعا تي، ڪيترا سال رئيسياڻين جي جاگير محرم جي شهر ۾ مولانا صاحب جن قاضي ٿي رهيا. آخر ناڙي جي ملڪ ۾ پاڻيءَ جي اٽاٽ ۽ بي انداز گرميءَ جي برداشت نه ڪرڻ ڪري اتان ڇڏي آيا، ۽ خانصاحب الله بخش خان درائي بارڪزئي جي طلب سان ڪڙهي ياسين ۾ اچي مدرسو ڪوليائون، جنهن ۾ پري پري جا طالب العلم لاڙ، ميل، بلوچستان ۽ افغانستان ڪان اچي پڙهڻ لڳا ۽ فيضياب ٿيا.

مولانا جا فيضياب شاگرد، مولانا گل حسن سجاده نشين ڪنبار ۽ صدر قضاة بلوچستان، مولانا مولوي عبد الله صاحب رتائي (جنهن وٽان مولانا خادم حسين صاحب ۽ پيا ڪيترا پڙهي عالم فاضل ٿيا)، مولانا مولوي ڪريمداد صاحب ڏيڙهي وارو، مولانا غلام عمر صاحب ڊگهه وارو، مولانا جو فرزند مولانا محمد قاسم صاحب، مولانا تاج محمد صاحب بلوچستاني، مولانا جمال الدين صاحب صحبت پوري، مولانا حافظ نورمحمد صاحب ياسيني قاري، مولوي فقيرمحمد صاحب، مولوي ڪمال الدين صاحب سيوائي، مخدوم غلام مصطفيٰ صاحب سجاده نشين محمد پور شريف، مولوي عنايت الله صاحب آگرو، مولوي گل محمد صاحب ۽ مولوي پيرمحمد صاحب وارهه وارا ۽ پيا ڪيترا آهن.

مولانا محمد هاشم جن، حضرت مولانا ميان تاج محمد صاحب بزرگ ڪنبار شريف واري ڪان بيعت هئا. نماز روزي جا سخت پابند، سحر خيز، اشراق ۽ صلواة تي مواظبت ڪندڙ هئا. شريعت جي هتڪ حرمت تي سخت غيرت ڪائيندڙ، بدعقيدي ۽ بدمذهب ماڻهن ڪان نفرت

---

* هيءَ سوانح عمري مولوي نجم الدين ۽ محمد قاسم صاحب ياسينيءَ جي موڪليل مواد تان ورتل آهي. ـ مرتب

ڪندڙ هٿا. صوفياء ڪرام جي عزت ڪندڙ، صالحن جي صحبت ۾ خوشنود ٿيندا هٿا- خاص ڪري حضرت سلطان الاولياء خواجہ عبدالرحمان صاحب سرهندي ۽ سندن فرزند خواجہ محمد حسن جان صاحب ۽ خواجہ عبدالقدوس آغا شيرين جان صاحب جا سخت معتقد رهيا.

سندن تصنيف گهٽي ضايع ٿي ويئي آهي. هن وقت هڪ دفتر تحريرن جو (رسالہ نذر بابت، حاشيہ ۽ ترڪيب سائڪ عامل جي، حاشيہ هداية الخوجو، حاشيہ بديع الميزان ۽ ايساغوجي جو، صرف بهائي تي) ڪيل آهي. شعر چوڻ ۾ به ڪين ڇڪي دسترس هئي. ڪيترون تاريخون سندن نظم ۾ چيل آهن. مثال طور، سندن چيل تاريخ جا ٻه بيت، جي حضرت سلطان العارفين خواجہ عبدالرحمان صاحب سرهنديءَ جي رحلت بابت چيا اٿن، هيٺ ڏجن ٿا:

شد فلک ز اندوه در خونِ شفق،
شد ملک ز افسوس پنهان در شفق.
بود خاصِ حضرت رب الفلک،
"غفرله" تاريخ او گفته ملک. (۱۳۱۵)

مولانا جن تاريخ ۱۹ شوال سال ۱۳۲۲ هجري ۾ سن جهان فاني مان رحلت ڪئي. پويان ٿي فرزند- مولانا حاجي محمد صالح صاحب، مولانا محمد قاسم صاحب، ۽ مولانا محمد ابراهيم صاحب، ڇڏي ويو. سندن مزار مبارڪ ڪڙهي ياسين جي اولاهين قبرستان ۾ زيارتگاهہ عام آهي. سندن تاريخ وفات لاءِ عارف بالله عامل ڪامل سيد احمد شامي صاحب عربيءَ ۾ هي بيت چيا آهن:

اسفا لفقد العالم الربانی — صدر العلوم و مفخر الاعيان
الكامل المفضال زبدة عصره — شيخ الكرام و ربة العرفان
اعني محمد هاشم من قد بدا — ضيفا من الاضياف للرحمٰن
بشراه قد فاز السعادة بالرضا — تاريخه "في معدل الرضوان" — ۱۳۲۲

ايضاً تاريخ از ميانجي عبدالله سرهندي شهداد ڪوٽي:

جست هندي چو سال رحلت او — گفت هاتف "شد اندرون بهشت" — ۱۳۲۲

مولوي محمد علي "طالب" مرحوم

هي بزرگ، بکر جي آسپاس ڪنهن ڳوٺ جو رهاڪو هو. سندس والد جو نالو محمد پناهه هو. سندس تخلص "طالب" آهي، جڏن ته پنهنجي ڪتاب "ظهورنامه" ۾ چوي ٿو:

نام پدر ما ست محمد پناه — ساخته در ظل محمد پناه
حاجيء حرمين شريفين هست — زائر فرخنده مقامين هست
برسرم اين سايهٔ پاينده باد — از سببش بختم فرخنده باد
نيز مرا نام محمد علي ست — "طالب" هم باز تخلص جلي ست

هيءَ بزرگ پاڻ نقشبندي سلسلي جو آهي. سندس مرشد حضرت نظام الدين صاحب سرهندي آهي. اُن جي منقبت ۾ ٢٦ بيت چيا اٿس، جن مان ڪي هي آهن:

حضرت مرشد که شه با صفا ست — عاشق درگاه شه مصطفا ست
لامع خورشيد ز سرهند تافت — روشني از پرتو او سند يافت
شيخ امين رهبر راه خدا — قطب احد غوث امام هدیٰ
مرغ دل اوز حفيض صفات — ساخته پرواز سوی اوج ذات
دهن از او يافته رونق تمام — نامش زان آمده "با دين نظام"

سرور ڪائنات صلي الله عليه وسلم جن جو مُوی مبارڪ، جو روهڙي شريف ۾ قديم زماني کان محفوظ آهي ۽ سنڌ جا علماء ڪرام ۽ صوفيا عظام دل جي شوق سان ان جي زيارت ڪندا آهن، اُن جو تاريخي پس منظر پنهنجي "ظهورنامه" ۾ طالب مرحوم تمام چاهڪدستيءَ سان چٽيو آهي. مضمون ته تمام ٿورو آهي، مگر هن بزرگ اُن بابت جو ڪتاب لکيو آهي، اُن جا سڀ بيت ٤٤٦ آهن، ۽ آهو ڪتاب سنه ١٢٧٤هـ ۾ تاليف ڪري ختم ڪيو اٿس- جڏن ته اُن ۾ لکيو اٿس ته

سال وي از هاتف کردم سوال — بهر چنين نامهٔ فرخنده فال
از مدد او قلم اينجا نوشت — وه چه بود قصهٔ نيکو سرشت
بود ز هجرت بحساب و شمار — سال بهفتاد و دو صد باهزار
باز دو سال از بران بر فزود — خاتمهٔ نسخهٔ در اين سن ببود ١٢٧٤
از رمضان جملهٔ آخر بدان — روز از او بيست و پنجم عيان

کتاب جو سبب تالیف هن طرح ڄاڻائي ٿو ته روهڙيءَ ۾ سُوي مبارڪ جي مجاور ميان رحمت‌الله سون کي سوي مبارڪ جو لکيل احوال ڏنو ۽ ان کي فارسيءَ ۾ نظم ڪرڻ لاءِ ارشاد فرمايو، جو سون قبول ڪيو. آن جو خلاصو هن طرح آهي:

شيخ عبدالباقي صديقي رحه بکر جي قلعي جو رهاڪو هو. آهو حج تي ويو. آتان وري اِستنبول آسهيو. آتي هڪ بزرگ شيخ نجم‌الدين هو- هيءُ آن جي صحبت ۾ وڃي رهيو. آن بزرگ وٽ سوي مبارڪ بي بي ام سلمه وٽان واسطن سان پهتل هو. عبدالباقي آن بزرگ وٽ ڇهه سال رهيو. عبدالباقيءَ جي فضيلت نجم‌الدين کي پسند آئي، ان ڪري پنهنجي نياڻيءَ جي شادي آن سان ڪرايائين. عبدالباقيءَ وطن ورڻ جو خيال ڪيو ته ان کي چيائين ته "منهنجي حياتيءَ تائين اوهان کي سون وٽ رهڻو پوندو"؛ ان ڪري عبدالباقي ونس رهجي ڀيو. آن جي وفات ڪان پوءِ، پنهنجي زال سان، سوي مبارڪ ڪٽي، بکر موٽي آيو- مگر سوي مبارڪ کي ظاهر نه ڪيائين.

بکر ۾ حضرت حيدر شاهه حقاني رهندو هو، آن کي حضور صلعم جن کان ارشاد ٿيو ۽ پڻ غيبي خدائي آواز ٿيو ته سوي مبارڪ عبدالباقيءَ وٽ آهي، آن جي زيارت ڪر ۽ آن کي ظاهر ڪرڻ لاءِ آن کي ارشاد ڪر. هيءُ بزرگ، عبدالباقيءَ وٽ ويو ۽ آن سان سارو احوال ڪيائين. عبدالباقيءَ چيو ته شريعت ۾ به شاهد ضروري آهن، هڪ ڀيو به شاهد هجي ته پوءِ سوي مبارڪ ظاهر ڪندس.

بود در آن قلعهٔ بکهر بلند — قطب يقين مرد بسي ارجمند
شاه که او حيدر حقاني ست — شيخ احد مصدر نوراني ست
مابهٔ صد فيض وَلِيِّ خدا — صاحب دين رهبر راهِ خدا
بود شريعت همه گفتار او — گشته طريقت همه کردار او
شيخ اجل عارف بالله خوان — قطب احد عاشق لِلّٰهِ خوان
سيّد عالي شده رضوي لقب — بود ز آلِ شهِ نخرِ عرب
قلعهٔ بکهر اگرش مسکن ست — در شهر لُوهَريش مدفن ست
قبهٔ عاليش زيارت گه ست — در نظير ديده بصارت ده ست
نعمت عظمي چوبه بکهر رسيد — در دلش از غيب ندا در رسيد
آمدش از درگه يزدان خطاب — هم زشهِ احمد زين سان خطاب
بندهٔ باقي که بود بکهري — يابي نزدش چو هراو بگذري
زود خطابي برسان از منش — واقف از سرّ حقيقت کنش

القصه، حضرت حيدر شاهه حقانيءَ کي ڏاڍو انتظار هو ته غيب مان کو ٻيو شاهد پيدا ٿئي ته سوي مبارڪ جي امين جو عُذر ختم ٿئي ۽ سوي مبارڪ ظاهر ڪري. تقدير کي منظور هو ته هي فيض آمت کي ملي. ان لاءِ هيءَ صورت پيدا ٿي جو مخدوم محمد عثمان دربيلي

جي اولاد سان مخدوم عبدالملڪ حج تي ويو. آتي حضرت صاحب جن ارشاد فرمايس تہ حيدر حقاني سان گڏجي، عبدالباقيءَ کي چئو تہ وار مبارڪ ظاهر ڪري. عبدالملڪ، حيدر حقاني سان گڏجي عبدالباقي کي آن لاءِ چيو، جنهن قبول ڪيو ۽ اهو موي مبارڪ ۹۵۲ هـ ۾ پڌرو ڪيو ويو، ۽ آمت لاءِ زيارتگاهہ بنايو ويو. طالب مرحوم چوي ٿو تہ:

ميد همت آگهي از پاک نور	کامده درسنّ کدامي ظهور
نهصد و پنجاه ز هجرت ببود	هم دو عدد سال بر آنها فزود
بعد ازان هرسه کس آن هوشيار	آمده در لوهري از بهرکار
هست دراو جامع مسجد بلند	از طرفي برلب دريای سند
کرده معيّن ز جنوبش مکان	ليک بود چند مکان در ميان
نيز همانجا علم افراختند	درگهہ آثار بجان ساختند

نوٽ: «ظهور نامہ» جي جنهن نسخي تان هي نقل ڪيو ويو آهي، آن جو ڪاتب پنهنجو نالو ۽ ڪتابت جي تاريخ هن طرح تحرير ڪري ٿو:

«محرره نيازمند درگاه الله الصمد، آخوند فيض محمد ولد مرحوم فتح محمد عفي الله عنهما، سڪنہ شهر لوهري، في التاريخ ۱۸ ماهہ شوال المڪرم سن ۱۳۰۶ هجري المقدسة».

مولانا محمد آڪرو مرحوم

هي بزرگ، صورت ۽ سيرت جو محبوب، ڳوٺ فيض محمد آڪري تعلقي ميهڙ جو ويڙل هو. مولانا عطاءَ الله فيروز شاهيءَ وٽ فارغ التحصيل ٿيو. مولانا محمد نديم ڪانڌي نياز ۽ نڙوٽ جو مجموعو هو، ۽ هميشه با ادب رهندو هو- ايتريقدر جو سندس استاد چوندو هو ته "جي ادب کي صورت هجي ها ته ميان محمد جي صورت اختيار ڪري ها". فارغ التحصيل ٿيڻ بعد، مولانا صاحب پنهنجي ڳوٺ ۾ توڪلاً علي الله گوڏو ڇڪي ويهي رهيو ۽ درس تدريس جو سلسلو شروع ڪري ڏنو، ۽ نهايت ئي ڪاميابيءَ سان طالبن کي فيض رسايو. سندس شاگردن مان مشهور هيٺيان آهن: (۱) مولوي قادربخش، ضلعو نوابشاهه؛ (۲) مولانا گلاب‌الدين چنو، فيروز شاهي؛ (۳) مولوي محمد علي، ضلعو نوابشاهه؛ (۴) مولوي فيض الڪريم ساند، ٺاروشاهي، اهلحديث؛ (۵) مولوي نبي بخش، ضلعو نوابشاهه؛ (۶) مولوي محمد صاحب آڪرو، ضلعو نوابشاهه؛ (۷) مولوي محمد دائود آڪرو، ضلعو نوابشاهه؛ (۸) مولوي محمد اسماعيل، ضلعو نوابشاهه؛ (۹) مولانا محمد پريل آڪرو؛ (۱۰) مولوي غلام نبي، سندس پائٽيو؛ (۱۱) مولوي ڪريمداد، ٽوڙهي تعلقي قنبر وارو؛ (۱۲) مولوي محمد مختار جاگيراڻي؛ (۱۳) حڪيم مولوي فضل محمد، نوشهري فيروز وارو؛ ۽ (۱۴) حڪيم مولوي عنايت الله، سندس پائٽيو.

مولانا محمد صاحب، پنجاهه ورهين جي جمار ۾، ۱۵ رجب سن ۱۳۲۴ هجريءَ ۾ وفات ڪئي.

مولانا دين محمد اديب

مخدوم عبدالمجيد فيروزشاهي مرحوم

هيءَ بزرگ عالم عطاءالله فيروزشاهيءَ جو ڏاڏو هو. مخدوم صاحب ننڍيءَ عمر ۾ ئي يتيم ٿي ويو. ان زماني ۾ مولانا محمد صادق ڪچيري (تعلقو مورو) وارو انهيءَ ڳوٺ ۾ آيو. شايد مير صاحبن جو ملازم هو يا ڪو ويو ڏنڏو ڪنڊ هو. بهرحال مخدوم عبدالمجيد جي پرورش ڪنڊ، ڪيس پڙهڻ لاءِ مولانا محمد صادق جي حوالي ڪيو. مخدوم صاحب ڪچيري ۾ مولانا موصوف وٽ فارسي ۽ عربيءَ جي تعليم نحو تائين حاصل ڪئي. انهيءَ وقت ۾ مولوي صاحب وٽ سندس سبق ۾ ناغا پوڻ لڳا، تنهنڪري مولوي صاحب کان رخصت گهرياٿين، جنهن تي مولوي صاحب کيس تنبيهه ڪئي ۽ رخصت نه ڏني.

مولوي محمد صادق صاحب کي خواب ۾ ڪنهن سماتي واري بزرگ (غالباً سيدناعبدالقادر) فرمايو ته هن (مخدوم عبدالمجيد) کي اجازت ڏي ته ڪٽي وڃي پڙهي. انهيءَ خواب کان پوءِ مولانا محمد صادق هن کي اجازت ۽ ڏني ۽ هڪ رپيو راهه خرچ طور ۽ هڪ چادر ڏني. مخدوم صاحب ان کان پوءِ ٻيارين ڏانهن رخ ڪيو. ان زماني ۾ مولانا محمد عثمان شهيد متعلويءَ جو مدرسو برڪ هو؛ ان ڪري وٽس آيو. جڏهن مولانا محمد عثمان کيس ڏٺو، تڏهين چياٿين ته "بابا! دير سان آيو آهين، تنهنجي لاءِ ته اڳيئي مون کي سفارش ٿيل آهي"! پوءِ هن بزرگ، مخدوم صاحب کي شفقت سان پڙهايو ۽ پنهنجو خاص خادم ڪيو. آخر فارغ التحصيل عالم ٿيو. انهيءَ زماني ۾ ٻيارين ۾ الهه بندو نالي هڪ فقير هوندو هو، جنهن مخدوم عبدالمجيد کي چيو ته "بابا! هڪ هوا لڳندي، ان مان توکي سيلهه ٿيندي، جنهن مان تون جانبر ٿي نه سگهندين." خدا جي قدرت جو ٿيو به اِئين.

جڏهين مخدوم صاحب ڪچيري ۾ پڙهندو هو، تڏهن ان وقت جو ڪنيارين وارو بزرگ اتي آيو. ان وقت مولانا عبدالمجيد "هدايةالنحو" پڙهندو هو. ڪنيارين واري بزرگ اول پنهنجي صاحبزادي کان ڪو قاعدو پڇيو، يا ڪتاب مان ڪو مڪان هو، جنهن جو جواب صاحبزادي کي نه آيو. ان کان پوءِ مولانا عبدالمجيد کان پڇياٿين، جنهن جواب صحيح عرض ڪيو. ان تي بزرگ فرمايو ته "ذالک فضل الله يؤتيه من يشاء". -(اهو الله جو فضل آهي، وٽيس تنهن کي ڏئي).

دستاربنديءَ بعد مخدوم صاحب ڀوٽ فيروز شاهه جي پرسان ٻن ميلن ٻڌ تي "ناري" نالي هڪ گوٺ ۾، جتي سادات عظام رهندا آهن، انهن کي پڙهائڻ لاءِ مدرسو کوليو. فيروز شاهه ۽ ناري جي وچ ۾ ان زماني ۾ رستي جي ٻنهي پاسن سخت جهنگ هوندو هو، مگر مولانا عبدالمجيد هر جمعي جي رات پنهنجي ڏاڏي مخدوم عبدالله پيروچ جي مزار تي ايندو هو، ۽ چاليهه دفعا ياسين شريف پڙهندو هو. تلاوت جي دوران ۾ هڪ ڪاربهر ناڻنگ بہ ظاهر ٿي ويهندو هو، مگر هي بزرگ بنا هراس جي ورد پورو ڪري ناري گوٺ ڏانهن موٽي ايندو هو. سندس پٽ ميان خير محمد بہ ونس عالم ٿيو، باقي سندس ٻين شاگردن جو علم نہ آهي.

آبادي‌ءَ جي ڏينهن ۾ جبل ۽ ڪاچي جا مالدار، گوٺ فيروز شاهه ۾ سانگ تي ايندا هئا. هڪ مسافر جو رڍن يا ٻڪرين جو ڏڻ چورائجي يا وڃائجي ويو. آن ماڻهن کي چيو تہ مون کي ڪنهن سماتي واري بزرگ جو ڏس ڏيو تہ اتي وڃي هن مشڪل لاءِ دعا گهران. جيئن تہ هن کي "حضرت پيروچ" جو پتو ڏنائون، تنهنڪري اهو مسافر "پيروچ" جي بجاءِ وڃي مخدوم عبدالمجيد جي تربت تي دعا گهرڻ لڳو ۽ سمهي پيو. خواب ۾ مخدوم عبدالمجيد چيس تہ "منهنجو شاگرد فقير محمد عيسيٰ ڪلهوڙو اڳهمائين جي گوٺ ۾ آهي، ان کي وڃي منهنجا سلام ڏي ۽ هي‌ءَ احوال ڪرينس، تہ توکي ڏڻ هٿ ڪري ڏيندو". جڏهن شاگرد کي سماتي واري استاد جا سلام مليا تہ وجد ۾ پئجي ويو ۽ انهي‌ءَ مسافر کي ڏڻ هٿ ڪري ڏنائين. مرحوم مخدوم صاحب جي جمڙ ۽ وفات جي سال بابت ڪابہ ڪي خبر ملي نہ سگهي آهي، پر هو ٻارهين صدي جي آخر ۽ تيرهين صدي هجري‌ءَ جي اوائل جو بزرگ هو.

مولانا دين محمد "اديب"

علامه حاجي عطاءالله مرحوم فيروزشاهي

مولانا حاجي عطاءالله جن جي نسب جو سلسلو حضرت بهاؤالدين زڪريا ملتاني قدس سره جي خليفه پيروج سان ملي ٿو. مولانا صاحب جن ڳوٺ فيروزشاهه تعلقي ميهڙ ضلعي دادو ۾ پيدا ٿيا. ابتدائي تعليم فيروزشاهه ۾ پنهنجي والد مولانا خير محمد وٽ ورتائين؛ مولانا عبدالرؤف مورائيءَ وٽ "شرح جامي" تائين پڙهيو؛ ۽ حضرت مولانا نور محمد ۽ مولانا گل محمد شهداد ڪوٽيءَ وٽ دستار فضيلت پٽائين. مولوي محمد صديق، سندن شاگرد، جي روايت آهي ته ٻه سال موري ۾ پڙهيا، ۽ انهيءَ وچ ۾ ڳوٺ ڪونه آيا. شهداد ڪوٽ ويندي، نئين ڳوٺ جي پٽ ڪان درياءَ عبور ڪيائون. فيروزشاهه انهيءَ مقام ڪان چار ميل پري هو، ان هوندي ٻه ڳوٺ والدين جي زيارت تي نه آيا ۽ سڌو شهداد ڪوٽ هليا ويا. اتي ساندهه ٻه سال پڙهي تحصيل ڪيائون. سندن همدرس مولانا حسن الله صاحب پاڻائي هو، پر هو شادي واسطي ڪجهه ڪتاب رهائي، اڳي ئي دستاربندي ڪري ويو؛ مولانا صاحب سارو نصاب پورو ڪري، پوءِ دستاربندي ڪئي. سندن استاد ڪين ڏاجي ۾ حاجي حامد الله صاحب ميمڻ هيلي وارو (جو هن شهداد ڪوٽ پڙهندو هو) ڏنو. مولانا حاجي حامد الله تمام ذڪي هو. وڏن ڪتابن جي مشڪل مقامات ۾ سندس تشفي نه ٿي، ان ڪري فيروزشاهه مان موڪلائي وري شهداد ڪوٽ ۽ سڪر پڙهڻ ويو. اتي جو حال ڏسي، وري فيروزشاهه آيو ۽ چيائين ته "مولانا فيروزشاهيءَ ڪان وڏيڪ ڪوبه تشفي ڏيئي نه سگهيو."

مولانا عطاءالله ڏينهن جو پڙهائيندو هو، ۽ رات جو عبادت ڪندو هو. سندن زبان وات ويندي به ذڪر خدا ۾ مشغول هوندي هئي. "ايّاڪ نعبد و اياڪ نستعين" گهٽو پڙهندو هو. سندن دستاربند شاگرد انڪل به درجن آهن، جن مان پهريون مولانا حامد الله صاحب ۽ پويون مولانا محمد اسماعيل سومرو آهي. انهن ٻنهي بزرگن خوب پڙهايو، ۽ ڏاڍن بيشمار شاگرد دستاربندي ڪري نڪتا. سندن شاگردن مان ميان محمد آگرو به نهايت فياض ۽ متقي هو. مولانا چوندو هو ته "جي ادب ڪي صورت هجي ها، ته ميان محمد جي شڪل اختيار ڪري ها". مولانا صاحب مقبول دعا ۽ صاحب همت هو. سندن مقبول دعائون مشهور آهن. هڪ دفعي هاراني نماز پڙهائڻ سان ايترو مينهن وٺو جو واهه وهي هليا! درياءَ فيروزشاهه ڪي پاتو ٿي؛ شهر لڏي ويو، مگر مولانا نه لڏيو ـ ۽ آخر درياءَ چڏي ويو!

مولوي محمد صديق هڪ خط ۾ مون کي لکيو ته مولانا صاحب پاڻ چوندا هئا ته "منهنجي عمر، نبوي عمر جيتري ٿي چڪي آهي." پاڻ صاحب ڪشف هوندا هئا. چوندا هئا ته "مخدوم پيروڄ جي مزار تي وڃي، آءٌ آساڻيءَ سان مشڪل ڪم حل ڪري اچان ٿو."

سندن گهوٽ ۾ ٻيو ڪٿ نمازي شخص هوندو هو. اهو مري ويو ته ان جي قبر تي اچي چيائون ته "ٻيو مغفور آهي!" اهي لفظ تمام تعجب سان چئي رهيا هئا. ڪين عرب مسافرن سان ڏاڍي محبت هوندي هئي. عرب هفتن جا هفتا سندن محبت ڪري وٽن رهندا هئا. ڪائنس پڇيو ويو ته "عربن سان ايتري محبت ڪرڻ جو سبب؟" چيائون ته "اهي شينهن جا پٽ آهن ـ سندن خدمت نه ڪرن ڪري متان شينهن ناراض ٿئي!"

پاڻ صاحب سوز هئا. سماع سان گهڻي محبت هوندي هين. مولوي محمد هاشم صاحب، خطيب جامع مسجد نوابشاهه، جو وٽن پڙهيو هو، سو چوي ٿو ته "تهجد جي وقت مون کي اٺاريندا هئا. پاڻ نماز ۾ مشغول هوندا هئا ۽ آءٌ غزل چوندو هوس. مون کي نند ونڊي ويندي هئي، ته وري مون کي جاڳائيندا هئا".

ڪين آخري عمر ۾ آگر ۾ ننائو نڪتو، ان جي علاج لاءِ دادو ويا هئا. ڪين ڏاڍي تڪليف هئي. اتي ٻه مولوي حاجي محمد هاشم ساڻن گڏ هو. آخر انهيءَ بيماريءَ سان جانبر نه ٿيا، ۽ ١٦ رجب المرجب ١٣٢٥ھ جان جان آفرين جي سپرد ڪيائون. سندن مزار تي هڪ ڪوٺو ٺهيل آهي.

مولوي هدايت الله هالائيءَ سندن وفات بابت فارسيءَ ۾ قطعه تاريخ لکيو، ۽ پنهنجي هٿن سان ڪاشيءَ جي سر تي منقش ڪري، قبر تي چسپان ڪيائين. مولوي هدايت الله صاحب سندن تاريخ جو مادو "مغفره" (١٣٢٥) ڪيو آهي، ۽ مون بنده (دين محمد "اديب") سال وفات "تذڪره" (١٣٢٥) ڪيو آهي.

مولانا صاحب کي نرينو اولاد ڪونه ٿيو. سندن هڪ نياڻي هئي، جنهن سان مولانا عبدالرحمان جو پوءِ نڪاح ٿيو ـ انهن جو به اولاد ڪونه ٿيو.

مولانا مرحوم کي ظاهري حسن به هو، ۽ ان سان گڏ منجهن جاهه باطني ۽ رعب يزداني هو. وٽن وڏا وڏا آفيسر به هيٺ اچي ويهندا هئا. پاڻ صاحب ڪرامت به هئا.

مولانا مرحوم جا بيشمار شاگرد هئا، جن مان هيٺين جا نالا قابل ذڪر آهن: (١) مولانا حاجي حامدالله صاحب ميمڻ، گهوٽ پيلو، تعلقو سجاول، ٽنو؛ (٢) مولانا مولوي احمد صاحب ڏاهري، گهوٽ ڪرمپور، تعلقو سيوهڻ؛ (٣) مولوي حزب الله هالائي وارو؛ (٤) مولوي سرائي الله ڏتو صاحب، ٽنڈو شهبازي، تعلقو سيوهڻ؛ (٥) مولوي محمد صاحب آگرو، نزد ڪ فيروز شاهه؛ (٦) مولوي محمد پريل آگرو، لزد ڪ فيروز شاهه؛ (٧) مولوي سيد قطب شاهه، نزد ڪ فيروز شاهه؛ (٨) مولوي محمد اسماعيل سومرو؛ (٩) مولوي مسعود صاحب کوکر؛ (١٠) مولوي حافظ محمد صادق صاحب ڪنيرو، ٽوري محبت؛ (١١) مولوي الله بخش، تعلقو ڪنڊيارو، (١٢) مولوي محمد لقمان، تعلقو مورو؛ (١٣) مولوي محمد ادريس راجپر، تعلقو مورو؛

(۱۴) مولوي محمد صديق، گوٹ پنجوچنو، نزديک سيوهڻ؛ (۱۵) مولوي رضا محمد، دولتپور، تعلقو مورو؛ (۱۶) مولانا غلام محمد ملکاڻي؛ ۽ (۱۷) مولوي محمد ملوڪ، نزديک ميهڙ.

مولانا جي همعصرن ۾ مولانا حاجي حسن الله پاڻاڻي، حضرت مولانا پير سعيد حسن صاحب لواريءَ وارو، مولوي شفيع محمد پاڻاڻي ۽ مولانا عبدالغفور هماييءَ جا نالا قابل ذڪر آهن.

قصيده

در صفات و تاريخ وفات علامه زمان، فهامه دوران، ماهر فنون معقول و منقول، استاذ الفحول، حضرت اقدس مولانا الحاج عطاء الله فيروز شاهي رحمة الله عليه، که در عمر فيمابين ستين و سبعين بتاريخ ۱۶ رجب المرجب ۱۳۲۵ھ جان بجان آفرين سپرده.

اوستادِ اوستادان يساد دار — آنکه کردش حق فريدِ روزگار
آنکه فيضش منتشر در هر ديار — علمِ او چون شمس در نصف النهار
آنکه از آياتِ رحمان آيتي — آنکه کلکش بهر باطل ذوالفقار
آنکه ايزد دادش انواعِ نعم — از سعاداتِ دو عالم بيشمار
آنکه بهر قصرِ دين معمار چست — آنکه باغ فضل را فصلِ بهار
آنکه نازد سند بر فضلش بسي — آنکه مثلش ديد کمتر روزگار
آنکه حبرِ ابن حبرِ ابن حبر — بهر دانش دارِ او دار العيار
آنکه حق مصنوع کردش بهر خويش — خالصش بنمود بهرِ ياد دار
آنکه شد در صبغة الله منصبغ — بود بر شمعِ سنن پروانه وار
آنکه خانهٔ او سراپا آفتاب — بر سپهرِ دين و علمِ اعتبار
آنکه آبايي کرامش مستقي — اهلِ تقوي را امامِ ديندار
يعني آن علامه فيروزشاه — آن عطاء الله عطاي کردگار
جاهِ دنيا دين نمودش حق عطا — در جهانِ دين و دنيا کامگار
فرّ يزداني ز يزدان يافته — زانکه بود از حق تعالي ترسگار
بر جبينش نورِ مولي جلوه گر — زانکه بود آن عالمِ پرهيزگار
ز احتسابش شرع دارد اقتدار — ز انتسابش ورع آرد افتخار
چون ضميرش چهره اش بدرِ منير — زين دو معني در جهان او نامدار
مؤمنِ مضبوط اندر کسارِ خير — بهر عاجز از جفاکيشان حصار
جبه سايان بر درش حکامِ وقت — پيشِ او گردن کشان گرد و غبار
بسته در در شب نمودي بندگي — در کشاده درس دادي در نهار
درسگاهش بوستانِ علم و فضل — طالبانش نغمه سنجان چون هزار
از حديث و فقه تفسير و کلام — کرد او جاري ينابيع و بحار

از وجودش قحطِ دانش در زوال — از علومش مردمان سرمایه دار
فیض پرور علمِ گستر بیحساب — ابر گشت از رشکِ فیضش اشکبار
وقف کرده زندگي در نشرِ علم — علم را دادن فروغش شاهکار
از دیارِ دور تر خلق آندي — بهرِ دیدارش رجال و هم سوار
فیضیابانِ جنابش بي عدیل — در همه فن هریکي کامل عیار
بعضِ شان در نشرِ دین محصور ماند — ترک کرده کاروبارِ روزگار
دشتِ سیند از فیضِ او رشک اِرم — چید ز او اثمار اهلِ هر دیار
با وفورِ موجباتِ عیش و نار — زهد و لذت ترک کرد و اختیار (۱)
طرزِ تحریرش بدیع و دلفریب — دامِ تقریرش کند دانا شکار
در کلامِ او عمدة المتکلمین — مردِ میدان از هیء این کارزار
مُنشآتش نیک رنگین و بلیغ — در بلاغت بینظیرِ روزگار
از خطِ خوبان خطِ او خوبتر — بر خطش خوبانِ عالم جان نثار
اهلِ دل دلدادهٔ حسنِ دلش — از درِ او مرده دل شد مردِ کار
در زمانِ اندکي تحصیل کرد — صَرف کرده صِرف وقت سال چار
برخي از عبدالرؤفِ "موره" خواند — کرد در شهداد کوت آن ختم کار (۲)
مشفق و محسن برای هر فقیر — بهرِ محتاجان معین و دستیار
مر عرب را او نمودي اعتنا — احترام و خدمت و عز و وقار
گفتي "ایشان بچگانِ شیر اند — زینهار از خشم شیر اي زینهار"
در فزودي سوز جانش از سماع — بي مزامیر از سرودِ ریشدار
"خالي از آموختن و از اشتیاق — مي نباید بود" گفتي نامدار
دست در کار و دلش در ذکرِ یار — خلوت اندر انجمن بودش شعار
بر زبانش در روانش نامِ حق — بهرِ جانش نامِ حق قوت و قرار
ورد او "اِیّاکَ نَعبُدُ نَستعین" — در ایاب و در ذهابش سوي دار
حق نمودش گنبدِ خضرای پاک — هم نصیبش کرد حجّ و اعتمار
از نماز و از دعاي آن تمي — زود تر بارید ابرِ نو بهار (۳)

---

(۱) لف و نشر غیر مرتب

(۲) یعني در قصبه موره ضلع نوابشاه نزد حضرت عارف عالم مولانا عبدالرؤف قدس سره تا شرح جامي خواند؛ بعده حسب مشوره و اجازت استاد موصوف در شهدادکوت رفته، نزد عارف کامل مولانا حضرت نور محمد صاحب قدس سره بقیه کتب خوانده فارغ‌التحصیل شدند.

(۳) بعد از نماز استسقا در دعا مشغول بود که ناگاه ابر متکوّن گردید و خیلي باران بارید که آب مانند انهار جاري شد.

بحر زخ تابید از فیروز شاه — او جزف دیگر قری هر کرد هار (۱)
وقت طغیان خلق رفت از خانها — این لرفت و بود ثابت کوه وار
بهر رفتن خلق اصرارش نمود — گفت "از مسجد بدرگاه ست خوار"
از دعایش قحط و طاعون دفع شد — مردم از برکات او خوش روزگار
مر کرامات حیی هر معنوي — در وجود آمد ز جودش آشکار
از بیان من کمالاتش فزون — مي نتانم گفت هم یک از هزار
من بدم ده ساله چون رفت از جهان — در سه و پنج شد کنونم روزگار
منظر جان بخش او پیشم هنوز — هست تازه مي شوم زان اشکبار
یافته عمر نبي از فضل حق — این روایت کرد با من دیندار
برسر نصف رجب در بست و پنج — سیزده صد سن برفته نامدار
بود چون مشغول ذکر و تذکره — بهر وصلش "تذکره" دان یادگار (۱۳۲۵)
از ریاض خلد گور او نما — مهبط انوار گردانش مزار
جنت الفردوس مثوایش نما — در جوار شافع هر دلفگار
محو دیدار خودش یا رب نما — از طفیل سید والا تبار

* * *

بر "ادیب" عاجز و غفلت شعار — شامت اعمال را گشته شکار
شرمسار و قاصر و ناکرده کار — دلفگار و روسیاه روزگار
رحم فرما رحم فرما یا رحیم — از عذاب و قهر فرما رستگار
در گروه صالحان محشور ساز — بخش تقصیرات او آمرزگار
با عیال و آل و خویشان دوستان — والدین و مرشد و آموزگار

* * *

صل سلم ربنا برمصطفي — هر نفس هر لحظ بیرون از شمار
بر بنات و امهات مومنین — عترت اطهار و اصحاب کبار
حب ایشان در دلم پیوسته دار — همچو خون اندر دلم جاري بدار

نقل مکتوب بلاغت اسلوب حضرت علامہ مولانا عطاء الله فیروز شاهي، بجانب دیهي کلیکٹر قادر داد صاحب ـ جهت سفارش برای ملازمة حافظ قائم الدین صاحب. *

---

(۱) بحر سند قریمه فیروز شاه را مي خورد: مردم از قریمه نقل نمودند، مگر مولانا عطاء الله باوجود اصرار مردم از قریه نرفت و براي واپس شدن دریا بجناب باري دعاها جاري داشت ـ ببرکت دعایش دریا واپس گشت این کرامتش مشهور ست.

* اهو خط مرحوم میان فتح محمد قریشيؒ، دائود دیري واري، پیراڻ سالیؒ ۾ مون کي برڙبان یاد. ٻڌایو هو، جو یاڻ طالب علميؒ ۾ یاد کیو هئائین.

ایالت پناه، بسالت دستگاه، بالي بناي انصاف، قالع قلائع اعتساف، مورد تلطفات فراوان، منبع اشفاقات بي پايان، جناب حشمت انتساب دهني قادر داد خان ـ سلمه الله المنان!
بعد از تحائف تسليمات بي غايت كه نزد فقراي باب الله بهتر ازان چيزي موجود نيست هويداي راي فطانت انتما آنكه چونكه ذكر خير و دعاي دافع ضير براي حكام عدالت انتظام بر هر خاص و عام واجب و متحتم ست تا كه هيچ تشويش روزگار گرد خاطر ايشان نگردد كه مورث پراگندگي رعيت ست:

كه بر خاطر بادشاهان همي پريشان كند خاطر عالمي

بنا بران اين مسكين بي تسكين زاويه نشين خمول رافع ايادي خير منادي در حق آنصاحب شاغل ست ـ

دريده دهن بد سگالت چو زاغ زبان سوخته دشمنت چون چراغ

الحمد لله در اين زمان ظلمت اقتران شمع وجود آن مسعود فروغ بخش ديدهٔ ملهوفان و مكروبان گرديده بي غائله تبرع و تصنع «داد» را هر از جهت تقرب اسم مبارك ايشان افتخاريست كه در لباس خود نمي گنجد ـ

داد از جور فلك در غم فتاد چونكه ديد آن نام تو گرديد شاد

چشمداشت از انجناب چنان ست كه بمطر عنايات شامله و الطاف كامله اين سوختهٔ نار فقر و فاقه را سيراب و ريان فرمايند. زياده ازين تفصيل حال در محفل اهل فضل و كمال حسن صورت نه بندد. خورشيد عز و اقبال روز بروز درخشان و تابان باد!

سيف الله خان شڪارپوري

مولوي جهان خان دراني مرحوم شڪارپوري

مولوي جهان خان دراني ولد خداداد خان دراني شڪارپور جو رهاڪو هو. سندس سلسلو نواب سخي حافظ مدد خان سان ملي ٿو، جيڪو هڪ بزرگ اهل الله ۽ سخي مرد ٿي گذريو آهي. مولوي جهان خان جي ولادت جي تاريخ بابت ڪوبه احوال موجود ڪونهي. ننڍي هوندي شڪارپور ۾ ئي سنڌي ۽ انگريزيءَ جي تعليم حاصل ڪيائين، ۽ جڏهن ڪجهه جوان ٿيو، تڏهن ڪراچيءَ ۾ وڃي رهيو، جتي مولانا محمد صادق صاحب ڪڏهه واري جي والد صاحب مرحوم مولانا عبدالله صاحب وٽ عربي زبان ۾ مهارت حاصل ڪيائين. مولوي صاحب، مولانا قاضي خان محمد شاهه صاحب لودين وٽان به تعليم حاصل ڪئي هئي. ڪراچيءَ ۾ عربي تعليم ختم ڪرڻ کان پوءِ مولوي صاحب پنهنجي ڳوٺ شڪارپور ۾ واپس آيو، جتي پنهنجو هڪ مدرسو ڪولي درس و تدريس جو سلسلو جاري ڪيائين. انهيءَ وچ ۾ مولوي صاحب، حضرت خواجه محمد حسن جان سرهندي ننڍي سائيندات تعلقي ننڍي محمد خان واري جي والد صاحب حضرت خواجه عبدالرحمان سرهندي نقشبنديءَ جي هٿ تي بعيت ڪئي، جنهن مولوي صاحب کي ڏاڍو فيض رسايو.

مولوي جهان خان دراني جي سڄي عمر تعليم ڏيڻ ۽ وٺڻ ۾ گذري ويئي. مولوي صاحب هڪ سخي دل انسان هو، ۽ سندس دسترخوان جا دروازا هر غريب ۽ امير جي لاءِ کليل رهندا هئا. هر روز ڪيترائي مسافر سندس دسترخوان تي نظر ايندا هئا. مسافرن ۽ غريبن جي سار سنڀال لهي، سندس دل ڏاڍي خوش ٿيندي هئي. پاڻ صاحب هميشه روزي ۾ گذاريندو هو ۽ سندس ڪچهري سدائين فرش تي ٿيندي هئي، جنهن ۾ شهر ۽ ٻاهر جا وڏا وڏا عالم ۽ اڪابر اچي گڏ ٿيندا هئا. پاڻ صوم و صلات جو ڏاڍو پابند هو ۽ سدائين وضوءَ ۾ رهندو هو.

اسلام جي تبليغ ۽ اشاعت ۾ مولوي صاحب جيڪي تڪليفون ورتيون، اهي قابل تعريف آهن. هن سلسلي ۾ مولوي صاحب کي ڏاڍيون تڪليفون ۽ سختيون برداشت ڪرڻيون پيون، ۽ پنهنجي صداقت ۽ سچائيءَ جي ڪري فتح جو سهرو سدائين مولوي صاحب جي ئي سر تي آيو. ان وقت شڪارپور ۾ هندن جو گهڻو زور هو ۽ مولوي صاحب جون اهي تبليغي ڪوششون هنن کي بلڪل پسند ڪونه اينديون هيون. مولوي صاحب جي عادت هوندي هئي ته جڏهن

ٻ ڪنهن هندوءَ کي مسلمان ڪندو هو تہ پهرين انهيءَ جي ڏاڍي ڏوم ڏام سان سڄي شهر ۾ سرڪس ڪرائيندو هو، تہ جئن غير مسلم تي ان جو اثر ٿئي. هڪ ڀيري مولوي صاحب هڪڙي ڀائي جي پٽ کي مسلمان ڪيو. بس، ٻوءِ تہ هندن ۾ ماتم مچي ويو! هنن ڏاڍي چالاڪيءَ سان انهيءَ نومسلم کي ورغلائي ڪورٽ ۾ بيان ڏياريو تہ مولوي صاحب ڪيس زبردستيءَ مسلمان ڪيو آهي. اهڙيءَ طرح، مولوي صاحب تي ڪيس ڪيو ويو، جنهن ۾ مولوي صاحب پنهنجي قابليت ۽ علم جي وسيلي آهي آهي دليل بازيون ڪيون جو ڪورٽ کي ٻ سندس راءِ سان متفق ٿيڻو پيو، ۽ مولوي صاحب کي فتح نصيب ٿي.

مولوي جهان خان دراني نہ فقط صاحب شريعت هو، بلڪ ڪرامت جو ٻ ڏاڍي هو ۽ سندس دعا ۾ ڏاڍو اثر هوندو هو. هڪ دفعي جي ڳالهہ آهي تہ رات جو ٻارهين ٻجي سندس کي عزيز ماهران آيا. انهن مان کي عزيز مولوي صاحب سان ڪجهہ ڳستاخ ٻ هٿا. هنن اچڻ سان چيو تہ "هاڻي جو هاڻي ست-رچيءَ جو انتظام ڪر، ڏسون تنهنجي ڪرامت!" مولوي صاحب خاموش ٿي ويو. خبر هٿس تہ گهر ۾ هن وقت ڪجهہ ٻ نہ هوندو ۽ مهمانن کان ٻ منهن موڙڻو ڪونہ هٿس. ٿورو ترسي، چيائين تہ "ٻہ ٿي منٽ آرام ڪريو تہ ڪاڏو اچي ٿو". ٿوري وقت کان پوءِ هڪڙو شخص ڪاڏي جو وڏو خونچو مولوي صاحب وٽ کڻي آيو، جنهن ۾ طرحين طرحين جا طعام هٿا! مهمان آهي طعام ڏسي دلگ رهجي ويا.

مولوي صاحب جا ڪيترائي دوست هٿا، جن ۾ مشهور عالم، شاعر ۽ حڪيم ميرعلينواز علوي ۽ قاضي سيد بهادر شاهہ مشهور آهن. انهيءَ کان سواءِ حضرت پير شاهہ مردان صاحب پاڳاري جن جي مولوي صاحب سان ڏاڍي محبت هوندي هئي. حضرت پير ميان محمد صالح شاهہ راڻيپور وارو ۽ حضرت مولانا امروٽي صاحب جي ٻ مولوي صاحب سان گهڻي ياراني هوندي هئي. مولانا امروٽي تہ اٿين چوندو هو تہ "آڳ مولوي جهان خان جي گاديءَ تي ويٺو آهيان". مولوي صاحب جو اولاد ٽي پٽ ۽ ٻ نياڻيون هو، جن مان هڪ پٽ مولوي عبدالرحمان خان، جو ٻڙ هڪ عالم هو، جواني ۾ ئي فوت ٿي ويو؛ هڪ شادي شده نياڻي ٻ گذاري ويئي؛ باقي هن وقت ٻ پٽ ميان سيف الله خان ۽ گل محمد خان ۽ هڪ نياڻي زنده آهن.

مولوي صاحب جي علم و فضل کي ڏسي افغانستان جي بادشاهہ امير حبيب الله خان کيس گورنريءَ جي آڇ ڪئي، پر مولوي صاحب ان کي قبول نہ ڪيو. مولوي صاحب حياتيءَ جا پويان ڏينهن آرام سان گذاري، تاريخ ۱۰ اپريل ۱۹۱۳ع مطابق ۴ جمادي الاول ۱۳۳۱ھ خميس جي ڏينهن پنهنجي گهر شڪارپور ۾ گذاري ويا. وفات وقت سندن عمر ۶۳ ورهيه هئي. سندن مزار حضرت پير منجهر شاهہ جي لڳ آهي.

مخدوم الله بخش سرحوم کهڙوي

سندن نالو مخدوم عطا محمد هو، مگر عام طور کين مخدوم الله بخش سڏيندا هئا. سندن مهر تي هيءَ سجع نقش ٿيل هئي: "سعادت دوجهانم عطا محمد کرد". هاڻ عباسي خاندان جا چشمو چراغ هئا. سندن سلسلاءِ نسب کُهڙن جي مشهور ولي الله مخدوم عبدالرحمان شهيد سان هيٺينءَ طرح ملي ٿو: مخدوم عطا محمد، بن مخدوم محمد عاقل عرف مخدوم پير محمد، بن مخدوم عبدالخالق، بن مخدوم محمد عاقل، بن مخدوم احمدي، بن مخدوم عبدالرحمان شهيد.

سندن وڏن مان هر هڪ بزرگ پنهنجي وقت جو علامہ ۽ صاحب فيض ٿي گذريو آهي. مثلاً، سندن والد ماجد مخدوم محمد عاقل رحمة الله عليه هڪ نهايت جيد عالم، قرآن ۽ حديث جو ماهر، فقه حنفيءَ جو وڏو چاڻو ۽ مير عليمراد خان جي وقت ۾ سموريءَ رياست جو وڏو قاضي هو. چون ٿا ته مير عليمراد خان سندس ايتري ته عزت کندو هو، جو مخدوم صاحب جڏهن به مير صاحب سان ملاقات کرڻ ويندو هو ته مير صاحب کيس پنهنجي سيراندي‌ءَ کان ويهارينڊو هو. ياد رهي ته مير صاحب جي کڇهريءَ جو هي دستور هوندو هو، جو فقط مير صاحب هاڻ پلنگ تي ويهندو هو ۽ ٻيا سڀ هيٺ ويهندا هئا ـ مگر مخدوم محمد عاقل کي اهو امتياز حاصل هو جو نه فقط مير صاحب سان گڏ ويهندو هو، پر مير صاحب هاڻ پيراندي‌ءَ کان ٿي ويهندو هو ۽ مخدوم صاحب کي سيراندي‌ءَ کان جاءِ ڏيندو هو.

مخدوم محمد عاقل صاحب جا کيئي کتاب تصنيف ٿيل آهن، جن مان دنيا جي تاريخ "آئينہ جهان نما"، "رياض محفل"، "تفسير پاره عم" ۽ هڪ فقه حنفيءَ جي مشڪل مسئلن جو کتاب قابل ذکر آهن. "آئينہ جهان نما" ڏن ضخيم جلدن ۾ لکيل آهي ـ پهريان ٻه جلد دنيا جي تاريخ سان تعلق رکن ٿا؛ باقي ٽيون جلد خاص سندڙ تي آهي، جنهن ۾ سنڌ جي بادشاهن، عالمن، صوفين، مشهور شهرن ۽ مشهور جاين جو ذکر ٿيل آهي. رياست خيرپور جي درگاهن ۽ ولين جو ذکر خاص طور تي جيترو هن تاريخ مان ملي ٿو، اوترو ڪنهن ٻيءَ تاريخ مان نٿو ملي. "رياضِ محفل" فارسيءَ ۾ علم مجلس تي لکيل آهي، جنهن ۾ مخدوم صاحب جا پنهنجا شعر به ڪافي داخل آهن. هڪ نهايت عجيب ڪتاب آهي، ڏسڻ سان

تعلق رکي ٿو. "تفسير پاره عم" ۾ قرآن پاڪ جي آخرين پاره "عم" جو نهايت وڻندڙ نموني ۾ تفسير ڪيل آهي. هي ٽي ئي ڪتاب مخدوم صاحب جي پڙپوٽي مخدوم عبدالخالق عرف مخدوم شفيع محمد وٽ موجود آهن. چوٿون نمبر ڪتاب به پنهنجي فن ۾ هڪ عجيب ۽ بينظير ڪتاب آهي. هيءَ ڪتاب مصنف جو دستخطي راقم الحروف وٽ موجود آهي. مخدوم محمد عاقل مرحوم، راقم الحروف جو سڳو نانو هو.

مخدوم محمد عاقل جي مفصل حالات لکڻ لاءِ خلاصي ڪتاب جي ضرورت آهي: جهڙو تهڙو مقالو انهيءَ لاءِ ڪافي نه آهي. اهڙيءَ طرح، مٿي ڏنل سلسلي جو هڪ هڪ فرد پنهنجي وقت جو يڪتائون مڃيل رئيس العلماء ۽ تاريخ جو حاصل ٿي گذريو آهي.

مخدوم محمد عاقل کي چار پٽ هٿا—(۱) مخدوم فضل الله، جو مجذوب الطبع هو ۽ سندس زبان ۾ ڏاڍو تاثير هو. (۲) مخدوم عبدالخالق عرف مخدوم دين محمد، هي صاحب به نهايت قابل ۽ دانشمند هو. مخدوم محمد عاقل مرحوم جي فوت ٿيڻ بعد بالاتفاق ڪيس ٽي سندس والد جو جانشين چونڊيو ويو، ۽ نهايت ڏهڻ سان خانداني جو ڪاروبار هلائيندو رهيو. هيءَ صاحب پڻ هڪ تاريخي هستي آهي. سندس به پوٽا مخدوم شفيع محمد ۽ مخدوم فيض حيات آهن. (۳) مخدوم عطا محمد عرف مخدوم الله بخش. (۴) مخدوم دوست محمد. مخدوم فضل الله ۽ مخدوم دوست محمد لاولد فوت ٿيا. مخدوم دوست محمد جي وفات بالڪل ڦوهه جواني ۾ ٿي.

مخدوم الله بخش صاحب جي ولادت جي صحيح تاريخ معلوم نه ٿي سگهي آهي. منهنجي والده سائڻ، جا مخدوم الله بخش جي سڳي ڀيڻ هئي ۽ ڪانئس عمر ۾ وڏي هئي، سا گالهه ڪندي هئي ته "مخدوم الله بخش ۽ انهيءَ جو پاءُ مخدوم دوست محمد، بابي سائينءَ کي هيريءَ ۾ ڇاوا هٿا، ۽ اڃا ننڍائي هٿا ته سندن سر تان والد جي شفقت جو سايو ڪڇي ويو، ۽ هي ٻئي ڀائر، جن جي ايشانيءَ مان ننڍي ٽي سعادتمندي ۽ بخت جي بلندي ٻڪي رهي هئي، سي يتيميءَ جي زندگي گذارڻ لڳا. وري ستم بالاءِ ستم هي ٿيو، جو سندن وڏي پاءُ مخدوم دين محمد، جو ايءَ ساءُ مان هو، ايءُ جي گاديءَ تي ويهڻ سان، سڄيءَ ملڪيت ۽ جائداد تي قبضو ڪري ورتو، ۽ ڪن دنيوي خسيس فائدن جي خاطر هنن معصومڙن جو مخالف ٿي بيهي رهيو، ۽ سندن تعليم ۽ تربيت ۾ هر قسم جون رنڊڪون وجهندو رهيو. سندس دل ٿي گهريو ته ڪي هي هار به علم ۽ فضيلت جي زيور سان آراسته ٿي ڪنهن وقت ڪانئس ڪوءَ ڪٽي وڃن، يا گهٽ ۾ گهٽ ساڻس ڪلهي هٽ جهڙا ٿين". منهنجي والده مرحومه فرمائيندي هئي ته "اسان جي امڙ، جا شڪارپور جي مشهور پٺاڻ سخي مدد خان جي گهراڻي مان هئي ۽ نهايت ناز پرورده هئي، تنهن ويچاريءَ ڏاڍا ڏاڪڙا ۽ تڪليفون سير ٿي سهي پنهنجي ٻڇن جي پرورش ڪرڻ شروع ڪئي. ميان دين محمد جي مخالفت آخر هن حد تي وڃي اهتي، جو مرحوم مولانا غلام محمد مهيسر ڪمالدپري ڪواري ڪي، جو ابتدا ۾ مخدوم مرحوم محمد عاقل عليه الرحمة جو شاگرد هو، ۽ سندس وفات کان بعد شهداد ڪوٽ وڃي

مولانا گل محمد مرحوم وٽ رهيل علم جي تڪميل ڪئي هٽائين، ۽ پوءِ کهڙن ۾ مخدوم محمد عاقل واري مدرسي ۾ شاگردن کي تعليم ڏيندو هو، تنهن کي به منع ڪري ڇڏي هٽائين ته الله بخش ۽ دوست محمد کي نه پاڙهي! جنهن تي مولانا صاحب چا ڪندو هو جو مخدوم الله بخش کي ساڻ ولي ڪهڙن جي اولاهين طرف کان وهندو وڏو واهه "اهل واهه" ٿيي، وڃي پير سرهنديءَ جي روضي ۾ ويهي لکي ڪيس پاڙهيندو هو، جئن ميان دين محمد کي خبر نه پوي". اهو اهل واهه اڄا به هڪ مٽر جي صورت ۾ ساڻئي هنڌان وهي رهيو آهي، جنهن جي اوپارين ڪپ تي مخدومن جي عاليشان مسجد ۽ مدرسو قٽل حالت ۾ موجود آهن، ۽ اولاهين ڪپ تي مسجد جي سامهون سرهندي بزرگ جي درگاهه آهي.

والده سائٽ- خدا مٺس رحمت ڪري- اها به گالهه ڪندي هئي ته "انهيءَ وقت اسان جي حالت نهايت تنگ هوندي هئي: هڪ طرف فقر ۽ فاقو ڪمال جي حد کي پهچي ويو هو، ته ٻئي طرف ميان دين محمد جون سختيون حد لنگهي ويون هيون".

منهنجي پياري ۽ شفقت پري والده هيءَ گالهه ڪندي هئي ته "اسان جي پاڙي ۾ هڪ نهايت نيڪ ۽ ڪٽن پريو شخص آخوند سهر نالي رهندو هو، جنهن جي گهر جو در اسان جي حويليءَ جي در جي سامهون هو. بابي سائين مرحوم مخدوم محمد عاقل جو مريد ۽ خليفو هو. اگرچ سندس حال به مسڪيني هو، تڏهن به هو هر وقت اسان جي ۾ گهور لهندو رهندو هو، ۽ جڏهن به ڪيس ڀاڪور ٻڌجي ويندي هئي ته اڄ مخدوم مرحوم جا ٻچا تڪليف ۾ آهن ته پنهنجي ٻچن کي بکيو رکي به اسان جي سنيال ڪندو هو.

والده سائٽ فرمايو ته آخر ادو الله بخش انهن سختين ۾ ڏکن ڪان تنگ اچي، پيرين پيادو پنڌ ڪري، دعا پٽڻ لاءِ پرچوڏي شريف حافظ محمد صديق وٽ ڪئي ويو. حافظ صاحب، جنهن جو مخدوم محمد عاقل صاحب مرحوم سان دلي رابطو هو، ۽ هونئن به پيرسائين روضي ڏٽيءَ جي مريد جي حيثيت ۾، کهڙن جي مخدوم ڪهراڙي لاهه سندس دل ۾ وڏي عزت هئي- ڇاڪاڻ ته پير سائين، مخدوم محمد عاقل وڏي جو شاگرد هو- تنهن کي رات جو وڃي ٻڌايائون ته هن طرح هڪ مخدوم نينگر آيو آهي. چون ٿا ته انهيءَ وقت حافظ صاحب کي پيٽ ۾ سُور هو، سو هڪدم ڀاڻيءَ ڇڪو موڪليائين ته مخدوم نينگر کي ڇٽو ته هن تي ڪا قرآن پاڪ جي آيت دم ڪري ڏئي ته آڳ پيان. مخدوم الله بخش، حڪم جي تعميل ڪندي، انهيءَ وقت جيڪي ڪيس خيال ۾ آيو سو پڙهي انهيءَ ڀاڻيءَ تي دم ڪري ڏنو. خدا جي فضل سان حافظ صاحب جو سُور لهي ويو. حافظ صاحب پنهنجي خليفن کي سخت تاڪيد ڪيو ته هن نينگر جي سڪ ۽ آرام جو سڀڪو انتظام ڪيو وڃي. آخر صبح جو نماز ڪان پوءِ حافظ صاحب مخدوم الله بخش کي گهرائي ڪائنس حال احوال ورتو، ۽ نهايت پيار سان پيش آيو. سندس حق ۾ دعا ڪيائين".

مون سان مخدوم الله بخش جي استاد مولانا غلام محمد صاحب ڪمالديري واري ٻاڻ ڳالهه ڪئي ته پرچوندي شريف ڪان موٽڻ ڪان پوءِ مخدوم الله بخش جي ذهن جي هيءَ حالت هئي جو مون جيڪو ڪتاب سندس اڳيان کولي ٿي رکيو ته گويا ائين معلوم ٿي ٿيو ته هيءُ ڪتاب ته سندس اڳ ئي پڙهيل آهي! بهرحال، ٿوري ئي وقت ۾ فارسي ۽ عربي علوم جي تحصيل ڪان نهايت ڪاميابيءَ سان فراغت حاصل ڪيائين.

علم جي تڪميل ڪان پوءِ بـ فقر ۽ فاقي هن گهر جي پڇر نه ڇڏي. منهنجي پياري والده اڪين ۾ آب آڻي ڳالهه ڪئي ته "ابا، ادي الله بخش جڏهن علم جي تحصيل پوري ڪئي ۽ اڃا ڪيس ڪٿي بـ روزگار نه ملیو هو، تڏهن ڪنهن ڏينهن ڪا ورڻي ترڪي جي تحرير لکيائين ۽ تحرير لکائيندڙ ڪيس هڪ روپيو نذراني طور ڏنو. ادي اهو روپيو ڪٿي اڇي پنهنجي ڳٽيتيءَ ماڳ جي هٿ تي رکيو. بس پوءِ ته کو امڙ جي خوشيءَ جي حالت ڏسي ها! خدا جي شڪراني سان نه ڏاڍي-چوي ته "اي الله! تنهنجا لک شڪرانا جو تو منهنجي الله بخش کي امڙ و ڪيو جو اڄ روپيو ڪمائي ڪٽي آيو آهي!" مگر، افسوس جو والده سائڻ پنهنجي الله بخش جو اوج نه ڏٺو، ۽ پياري پٽ جي ڪمائيءَ سان پنهنجي اڪين سان فقط اهوئي هڪ روپيو ڏٺائين: ٿوري وقت ڪان پوءِ بيمار ٿي پيئي، ۽ هن فاني جهان سان باقي جهان ڏانهن لڏي وئي".

والده جي وفات ڪان پوءِ، مخدوم الله بخش رائيپور شريف جي درگاهه غوثيه جي سجاده نشين حضرت پير ابو محمد صالح شاهه افنديءَ وٽ وڃي منشي ٿيو، ۽ اتان ڪيس پوروپنو ملندو هو، جنهن سان ڏڪيو سڪيو پنهنجي پڇن جو گذران ڪرڻ لڳو.

منهنجي ماسات مخدوم ميان غوث محمد مرحوم، جو مون ڪان عمر ۾ اٽڪل پنجويهه سال وڏو هو، تنهن مون سان گالهه ڪئي ته هڪ دفعي مامون الله بخش، پير صالح شاهه صاحب جي ڪم سان، خيرپور رياست جي وزير اعظم سردار محمد يعقوب خان وٽ ويو. سردار صاحب، مخدوم صاحب جي قابليت ڏسي، اهڙين ئي ملاقات ۾ مٿس مفتون ٿي ٻيو، ۽ ضروري ڪم پوري ڪرڻ ڪان پوءِ مخدوم صاحب کي چيائين ته "اسان کي توهان جهڙي قابل ۽ دلير ماڻهوءَ جي سخت ضرورت آهي؛ توهان پير صاحب جي نوڪري ڇڏي هتي اچو ته مان توهان کي پنهنجو حاضري-منشي (Personal Assistant) ڪري رکان". مخدوم الله بخش اهو خيال ڪري ته خانگي نوڪريءَ تي کو اعتبار ڪونهي، نه وري اتي ڪي ترقيءَ جا امڪانات آهن، گذربه ڏکيو ٿي رهيو آهي، پير صاحب ڪان موڪل وٺي اچي سرڪاري نوڪريءَ ۾ گهڙيو. پهريائين هالا آفيس (وزير صاحب جي آفيس کي انهن ڏينهن ۾ هالا آفيس چوندا هٿا) ۾ وزير صاحب جي حاضري-منشيءَ جي حيثيت ۾ مقرر ٿيو. جلد ئي رياست جي قانون جو امتحان (Higher Examination) پاس ڪري ورتائين، جنهن تي ڪيس

فيض گنج تعلقي جو هيڊ منشي مقرر ڪيو ويو. سندس قانوني مهارت ڏسي، انهيءَ وقت جي وزير شيخ صادق عليءَ کيس خيرپور جو ريزيڊنٽ ماجسٽريٽ مقرر ڪيو. خيرپور ۾ مختلف هنڌن ريزيڊنٽ رهڻ کان پوءِ، کيس ڏکن رليف انڪت مطابق، ساريءَ رياست جو رليف جج مقرر ڪيو ويو. اخير ۾ مير امام بخش خان مرحوم جي تقاضا تي، کيس مير صاحب جو خاص مير منشي مقرر ڪيو ويو، جنهنڪري کيس مير صاحب سان گڏ هميشه گشت ۾ رهڻو پوندو هو. اتي کيس ڪا گرميءَ جي لهس اچي وئي ۽ سلهه جو شڪار ٿي پيو، جنهن سان جانبر نه ٿي سگهيو. آخر تاريخ ٢ رجب سنه ١٣٣٥هـ ۾ وفات ڪيائين.

مخدوم الله بخش عربي ۽ فارسي زبانن، تفسير، حديث، فقه ۽ ٻين مروج علمن جو تمام قابل ۽ ماهر هو. جيستائين ڪنهن شرعي تحرير تي سندس صحيح نه ٿيندي هئي، تيستائين اها تحرير سڃيءَ رياست ۾ ڪٿي به قبول نه پوندي هئي. سندس لکيل قلمي تحريرون اڃا تائين موجود آهن، جن جي ڏسڻ سان ائين پيو معلوم ٿئي ته گويا علم جو هڪ سمنڊ آهي، جو چوليون هٽي رهيو آهي. هو هڪ خوش بيان واعظ به هو. گهٽو ڪري پنهنجيءَ مسجد ۾ عر جمعي تي وعظ ڪندو هو، جنهن ۾ عجيب تاثير هوندو هو ۽ پري پري کان ماڻهو سندس وعظ ٻڌڻ لاءِ هلي ايندا هئا.

فارسيءَ ۽ عربي زبانن ۾ انشاء پردازيءَ ۾ ڪمال حاصل هوس اخوند محترم ميان غوث محمد گاله ڪئي ته جڏهن مامو الله بخش، سردار محمد يعقوب خان جو حاضري-منشي مقرر ٿيو، تڏهن هڪ دفعي وزير صاحب کيس گهرائي هندوستان جي ڏهن مختلف راجائن ۽ نوابن ڏانهن ڏهن مختلف مضمونن جي خطن لکڻ جو حڪم ڏنو، ۽ تاڪيد ڪري چيو ته "مخدوم صاحب، هي خط نهايت ضروري آهن ۽ اڄ جو اڄ ٽپال ۾ روانا ٿيڻا آهن، تنهنڪري جلدي تيار ڪري ڪٽي اچو". ميان غوث محمد ٻڌايو ته اهي خط اهڙا ته اهم ۽ پيچيده مضمونن جا هئا، ۽ انهن جي تيار ڪرڻ ۾ ايتري ته غور ۽ فڪر ڪرڻ جي ضرورت هئي، جو رواجي طرح ڏينهن ۾ هڪ يا ٻه خط مس تيار ڪري سگهجن ها، مگر مخدوم الله بخش صاحب ٿورن ڪلاڪن ۾ اهي ڏهه ئي خط تيار ڪري، نهايت سهڻن اکرن ۾ لکي، وڃي سردار صاحب جي روبرو پيش ڪيا. سردار صاحب اهي خط ڏسي نهايت خوش ٿيو، ۽ چيائين ته "مخدوم صاحب! اسان کي هن وقت ڪنهن به راجا يا نواب ڏانهن ڪو خط لکڻو ڪونه آهي: سون فقط توهان جو امتحان ٿي ورتو. آفرين آهي توکي ۽ تنهنجي استاد کي، جنهن تنهنجي هڙي تربيت ڪئي آهي ۽ توکي تعليم ڏني آهي!" انهيءَ کان پوءِ سردار صاحب جو مخدوم صاحب سان اهڙو ته پيار ۽ مٺ اهڙو ته اعتماد ٿي ويو، جو ڪنهن به دربار، شاهاڻي مجلس يا ڪانفرنس ۾ ويندو هو ته مخدوم صاحب کي ضرور ٻاڻ سان وٺي ويندو هو. اهوئي حال سردار صاحب جي جاءِ نشين شيخ صادق عليءَ جو هو.

مخدوم الله بخش اگرچه ساري عمر نهايت اهم سرڪاري عهدن تي رهيو، ۽ انهيءَ ڪري ڪيس وقت تمام ٿورو بچندو هو، تاهم تصنيف تاليف ڪان غافل نه رهيو. سندس تصنيف ڪيل هيٺيان ڪتاب دستياب ٿي سگهيا آهن.

۱- "تفسير تسهيل القرآن". هيءَ هڪ نهايت عجيب نموني جو مختصر مگر جامع تفسير لکڻ شروع ڪيو هٿائين، جنهن جا فقط چار پهريان پارا پورا ڪري سگهيو. انهن مان ٻي پارا "الم"، "سيقول" ۽ "تلك الرسل"ـ سندس زندگيءَ ۾ شيخ علي محمد نو مسلم ڇپائي پڌرا ڪيا؛ باقي ڇوٽون پارو، "لن تنالوا البر"، راقم الحروف وٽ قلمي صورت ۾ موجود آهي. هي تفسير سنڌي زبان ۾ آهي ۽ اسرائيليات وغيره خرافات ڪان پاڪ آهي.

۲- "فوزالا خلاف بہ فيض الاسلاف عرف تذڪره مخاديم ڪهڙا".
هيءَ ڪتاب فارسي زبان ۾ لکيل آهي ۽ ڪهڙن جي مخدومن جي حالات تي مشتمل آهي. هن ڪتاب جو اصل مصنف جو لکيل نسخو راقم الحروف وٽ موجود آهي. انهيءَ جو هڪ نقل پير حسام الدين راشدي ۽ هڪ لقل سنڌ يونيورسٽيءَ جي لائبريريءَ ۾ موجود آهي.

۳- "رسول الله صلي الله عليه وسلم جي علم غيب متعلق هڪ رسالو".
هيءَ رسالو سنڌي زبان ۾ پير صاحب شاهه مردان شاهه پاڳاري جي چوڻ تي لکيو هٿائين. رسالي ۾ هن معرڪة الا را مسئلي جي نهايت انوکي نموني تي تحقيق ٿيل آهي. هيءَ رسالو بہ راقم الحروف وٽ موجود آهي.

۴- منطق جي مشهور متن "ايساغوجي" تي فارسي زبان تي هڪ نادر حاشيو لکيو هٿائين جو راقم الحروف وٽ قلمي صورت ۾ موجود هو مگر افسوس جو هڪ بيرحم دوست ڪٽي ويو ۽ گم ڪري ڇڏيائين.

۵- تنهن کان سواءِ عربي ۽ فارسي زبانن ۾ ڪي مختلف فقهي تحريرون لکيل آهن جيڪي هڪ طرف ادبي شه پارا آهن ته ٻئي طرف متعلقہ مسائل بابت جامع ۽ مانع تحقيق آهن.

مخدوم الله بخش صاحب کي خداوند ڪريم وڏو ذهن ۽ ذڪاء عطا ڪيو هو. سندس حافظہ جي قوت جي ڪهڙي ڳالهہ ڪجي، عربي ۽ فارسي ڪتابن جون عبارتون ڪيس ياد هونديون هيون، ۽ جيڪڏهن ڪنهن بہ وقت سندس روبرو ڪو علمي بحث ڇڙي پوندو هو ته اٿين معلوم ٿيندو هو گويا پوري لئبريريءَ جا ڪتاب سندس آڏو ڪليا رکيا آهن ۽ هو انهن ۾ ڏسندو، عبارتون پڙهندو ۽ صفحن جا حوالا ڏيندو ٿو وڃي- حاضر جوابيءَ ۾ خاص ماڪو حاصل هوس.

مون سان مخدوم غلام محمد مرحوم، (جو اسان جي خاندان ۾ منهنجي فارغ التحصيل ٿي اچڻ کان پوءِ سيني کان عمر ۾ وڏو هو. مخدوم الله بخش جي والد مخدوم محمد عاقل جو عام مختيار بہ ٿي رهيو هو ۽ انهن جي صحبت مان ڪافي فيض حاصل ڪيل هوس) ڳالهہ

کئي ته هک دفعي مير فيض محمد خان جي دربار ۾ ڪو ايران جو مجتهد آيو، مير صاحب جو شوق ٿيو ته مجتهد صاحب ۽ مخدوم الله بخش جو مذهبي بحث ڪرائجي. مخدوم صاحب کي خيرپور مان مير صاحب جي ڪچهريءَ ۾ ڪوٽ ڈيجيءَ گهرايو ويو، ڪيس مير صاحب جي خواهش کان واقف ڪيو ويو. مخدوم صاحب عرض ڪيو ته قبلا بحث کان ته انڪار ڪونهيو پر امين ڪير ٿيندو؟ مير صاحب سيني تي هٿ هڻي چيو ته امين مان ٿيندس. آخر خلفاء ثلاثہ رضي الله عنهم جي ايمان کي بحث جو موضوع ٺهرايو ويو. مخدوم صاحب قرآن پاڪ جي آيت "لاتجد قوما يؤمنون بالله واليوم الاخر يوادون من حاد الله ورسوله الايه" پڙهي خلفاء ثلثہ جي ايمان جي ثبوت تي فارسي زبان ۾ اهڙي ته مدلل تقرير ڪئي جو مير صاحب سڄو وقت ڪنڌ ڏوڙيندو ۽ آفرين ڪندو رهيو. جڏهن مجتهد صاحب جو وارو آيو تڏهن فرمائش لڳو ته مان پنهنجا ڪتاب سڪر چڏي آيو آهيان اجازت ڏيوم ته اتان ڪٽي اچان پوءِ اچي بحث ڪندس. مير صاحب جي زبان مان بيساخته نڪري ويو ته "مجتهد صاحب! علم همان است که در جلد خويش، علم همان نيست که در جلد ميش".

مخدوم الله بخش مرحوم طب جو علم باقاعده ڪونہ پڙهيو هو پر شڪارپور جي مير علي نواز علويءَ جي صحبت ۽ پنهنجي مطالعي جي زور تي هن علم ۾ به وڏي مهارت حاصل ڪئي هئائين. باقاعده طبابت ڪاڻ ڪندو هو پر جيڪڏهن وٽس ڪو بيمار ايندو هو ته انهيءَ کي نسخو لکي ڏيڻ ۾ بخل هرگز نہ ڪندو هو. ۽ وڏين وڏين پيچيده بيمارين، جن جي علاج کان وڏا وڏا حڪيم عاجز ٿي پوندا هئا، تن جو علاج به معمولي نسخن سان وڏيءَ ڪاميابيءَ سان ڪري ويندو هو. ڪهڙن جي شهر ۾ بچل نالي هڪ ڪاسائيءَ کي جوانيءَ ۾ سلهه جو مرض ٿي پيو ۽ پهريون ۽ پيو درجو ٽپي وڃي ٽئين درجي کي پهتو. ڏڳ مڙس گهري ڪنڌا ٿي ويو. هلڻ جي طاقت ڪانہ رهيس. سندس پاڻ رمضان ڪيس پئيءَ تي ڪٽي مخدوم صاحب وٽ آيو. مخدوم صاحب هن کي هڪ نهايت معمولي نسخو لکي ڏنو، جو پساريءَ ڪان وٺي وڃي استعمال ڪيائون. الله جي مهرباڻيءَ سان، ڪاسائيءَ کي سلهه چڏي وئي ۽ هو اهڙو ته سڪهو جوان ٿي پيو جو ملاکڙن ۾ ملهون وڙهندو وتندو هو، ۽ شهر جي پهلوان جوانن مان هڪ جوان شمار ٿيندو هو. اهو بچل ڪاسائي اڄ تائين حيات آهي، جو هن وقت پوڙهو آهي تڏهن به هڏ ڪاٺ ۾ مضبوط آهي. مٽس وري سلهه جي مرض جو حملو نہ ٿيو آهي. سندس جسم ڪيل هڪ طبي بياض جيبي سائيز جو راقم الحروف وٽ موجود آهي.

مخدوم الله بخش شڪل شباهت جو نهايت حسين هو، قد درميانو پر ڍڪهائي ڏانهن مائل، رنگ سرخ و سفيد، بدن پريل پر نہ بي ڍولو ٽلهو، آواز گرجدار، چهره نهايت سهڻو پر ساڳئي وقت رعبدار- بدن جا عضوا سڀ موزون، سنوان سڏا ۽ ڍولائتا. ڏند موتين جهڙا سهڻا. وار شرعي، سونهاري مبارڪ چاپهين هوندي هيس. پوئين عمر ۾ جڏهن سندس وار اڇا ٿي ويا هٿا تڏهن انهن کي ميندي لائي گاڙهو ڪندو هو. ڏند به پچاڙيءَ ۾ پيا وڃرايا هئائين.

مخدوم صاحب نهايت بلند اخلاق ـ خوش طبع ـ شيرين زبان ۽ مجلس جو مور هوندو هو. جنهن به مجلس ۾ حاضر هوندو هو تہ اها مجلس باغ جئن ٻڦي ٻهکندي هئي. سندس زبان مان هر وقت مٺا مٺا گفتا ۽ وٹندڙ ٻول ٻيا نکرندا هئا. سندس زبان جو هڪ هڪ لفظ توريل تکيل هوندو هو. ڳالهائيندو هو تہ گويا سندس واتان موتي ٻيا ڇڏندا هئا. هميشه گلاب جي گل وانگيان ٻيو ٻهکندو هو. بذلہ سنجي ۽ لطيفہ گوئيءَ ۾ خاص ملکو هوس. چرچو يوگ سندس طبع جو جزو هو ۽ ڪڏهن به فضيلت جي حد کان ٻاهر چرچو نہ ڪندو هو. ڪاڌي ۽ ڪپڑي سان تمام گهٹو شوق هوندو هوس. عمدو ۽ لطيف ڪاڌو کائڻ، بهترين نفيس ڪپڑو پهرڻ سندس لاءِ خاص دلچسپيءَ جو سامان هو. سخي به هڪ هو. ڪڏهن به اڪيلو ويهي ماني نہ کاڌائين. گوٹ هوندو هو تہ ماني کائڻ وقت پنهنجن سوڻن، پائڻين ۽ پاٹيجن سڀني کي کهرائي انهن کي دسترخوان تي پاڻ سان گڏ وهاري کارائيندو هو. انهن عزيزن مان جيڪڏهن کوبہ وقت تي غير حاضر هوندو هو تہ انهيءَ جي گولا ۾ چوطرف ماٹهو ڊوڙائيندو هو ۽ تيستائين هڪ گره به نہ کائيندو هو جيستائين اهو عزيز اچي شريک نہ ٹئي.

پنهنجي وڏيءَ ٻيڻ، راقم الحروف جي والده سان تمام گهٹو پيار هوس، گهر جو سيڌو ساڌو، ڪپڑو لٹو، شئي شڪل جيڪي به وٹندو هو تہ انهيءَ سان جيستائين وڏو حصو ٻيڻ کي نہ ڏيندو هو تيستائين پاڻ ڪم نہ آئيندو هو. همشيره جي گهر ۾ شل نہ ڪنهن کي مٹي ۾ سور ٻوي. بس ٻوءِ مخدوم الله بخش کي بي قراري ٿي پوندي هئي. ڏه ٻيرا ڏينهن ۾ ايندو، ۽ جڏهن ايندو هو تہ بيمار لاءِ يا ٻيڻ لاءِ ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪنيو ايندو. ٻيڻ جي گهر سکين هئين اچڻ ٻڌيءَ نہ ڏيندو هوس. راقم الحروف کي تہ پاليوئي پاڻ هٹائين مگر افسوس سان منجهائنس کوبہ فائدو وٹي نہ سگهيس. اڄا سنڌي چوٹون درجو پڙهي پورو ٿي ،س ڪيم تہ هيءَ لاڪيٹو قضا جي قاصد کي لبيک چئي ملک جاودانيءَ ڈانهن روانو ٿي وبو. سچ تہ اڻين آهي تہ مون کي پنهنجي جيجل امڙ فارسي ۽ عربي به انهيءَ ڪري پڙهائي تہ جئن مون سنجهان ڪيس پنهنجي پاءُ واري بوءِ اچي جئن چوندا آهن تہ "اي گل بتوخورم تو بوئي کسي داري". منهن جي پاڙهڻ لاءِ ڪيس هرقسم جي قرباني ڏيٹي ٻڌي. ،ون کان اڳ سندس ٿي جوان پٹ فوت ٿي چڪا هئا. انهن جي ۽ پاءُ جي درد ۾ سندس سينو زخمن کان ٻرڻ جيان سوراخ هو. مون کي اڪين کان پري ڪرڻ تمام مشڪل ٿي لڳس. هڏو اٿم تہ مان جڏهن دادو ضلع جي هڪ ننڍڙي گوٹ قاضين جي ڪنڊي ۾ پڙهندو هوس تہ ٻوڙان منهن جي پياري امڙ جنهن وقت ماني اڳيان ڪندي هئي تہ سندس اکين مان گوڙها لاڙون ڪري وهندا هئا ۽ چوندي هئي تہ افسوس! پنهن جي پيارن مان کوبہ اڪين اڳيان کونہ ٿي ڏسان، هڪڙو پڇڙو سو به پرديسي! وري پاڻ سنيالي چوندي هئي تہ ابا ميرل! مون توکي الله جي حوالي ڪيو. اميد اٿم تہ توکي جنڙن مقصد لاءِ موڪليو اٿم تون

انهيءَ ۾ ڪامياب ٿي ايندين. مگر افسوس جو قربائتيءَ امڙ جي دل پوريءَ طرح نہ ٺري. ماں اجا عربيءَ جي تحصيل ڪري پوري ڪئي، دستاربنديءَ جي جلسي جي تاريخ مقرر ٿي. انتظام ٿيڻ لڳا تہ منهنجي جيجل سخت بيمار ٿي پئي. بابو سائين ۽ پيا عزيز ونس ڪڍ جي ويا تہ اسان جو خيال آهي تہ تاريخ ڦيرايون، جيستائين تون چگي ٻلي ٿي پئين ۽ اسان سان ان خوشيءَ ۾ شريڪ ٿين تہ جواب ڏنائين تہ نہ هرگز نہ - پلائي ڪري تاريخ نہ ڦيرائجو. ماں! اهي علماء سگهورا جي هن دستاربنديءَ جي موقعي تي اچن، سي اچي منهنجي جنازي جي نماز پاڙهين. بهرحال پياري ۽ مهربان والده منهنجي دستاربنديءَ کان پوءِ جلدلي گذاري وئي ۽ شايد منهنجي ڪمائيءَ مان ڪيس بہ اهوئي رهيو يا ٻہ نصيب ٿيو جو سندس لائق پريءَ والده کي پنهنجي پياري پٽ مخدوم الله بخش جي ڪمائيءَ مان نصيب ٿيو هو.

ڪاش! مون کي ايتري خبر پوي تہ اڄ قبر ۾ منهنجي جيجل جي روح کي ڪا تسڪين آهي!! چاڪاڻ تہ باوجود گهٽي ڪوشش جي مان پنهنجي مامي سائينءَ جي ڪڙيءَ کي پهچي نہ سگهيو آهيان. نہ وري انهيءَ جي جتيءَ ۾ پير پائي سگهڻ جي ڪا اميد اٿم.

مخدوم الله بخش مرحوم کي صلہ رحميءَ يعني پنهنجن مٽن مائٽن سان ٺهي هلڻ جو ڏاڍو اهتمام ۽ خيال رهندو هو، هو هن مقصد لاءِ ڪنهن بہ قربانيءَ کان ڪين ڪبندو هو. هڪ دفع سندس سوٽن سندس ڪوهہ جي زمين تي ڪٿي قبضو ڪيو، ڪيس ٻڌايو ويو تہ ڪلي ڇپائين تہ غريب آهن، ڪين ضرورت هوندي تڏهن تہ اٿين ڪيو اٿن. آڃ ستن جربين زمين ڪاڻ پنهنجن مائٽن سان ڪٿائڻ لاءِ تيار نہ آهيان. زمين اتي ٻيٽي هوندي، دعا ڪريو تہ ڪا اڃتي ڪشادي زمين نصيب ٿئي.

مخدوم الله بخش مرحوم جي شڪارپور جي مشهور عالم، فاضل، شاعر ۽ حڪيم سيد مير علي نواز علويءَ سان خاص دوستي هوندي هئي. هر سال گرميءَ جي موسم ۾ موڪل وٺي شڪارپور ويندو هو ۽ وڃي ٻہ ٽي هفتا مير صاحب سان رهائيون ڪندو هو. شڪارپور جا جملي دوست گهٽو ڪري شام جو اچي سنڌ واهہ جي ڪناري تي گڏ ٿيندا هئا، جتي سندن ڏاڍيون علمي ۽ ادبي رهائيون ٿيندیون هيون. پنهنجي هم سبق ۽ هم عمر سيد شهاب الدين شاهہ هالائيءَ واري سان بہ ڏاڍو قرب هوندو هوس. پئي صاحب رياست خيرپور ۾ معزز عهدن تي هوندا هئا، ۽ هاڻ ۾ "لحمڪ لحمي" وارو رستو هوندو هون. علامہ عبدالغفور هماپوني سان ٻڌ محبت ۽ عقيدتمنديءَ جو رستو هوس ۽ علامہ صاحب جو نهايت ادب ۽ احترام ڪندو هو. ازان سواءِ شڪارپور واري خانصاحب گل حسن خان نائب وزير رياست خيرپور، عاليجناب پير رفيع الدين سرهندي شڪارپوري، مرحوم شمس الدين بلبل وغيره جهڙن اديبن ۽ فاضلن سان خاص تعلق هوندو هوس.

مخدوم صاحب فارسي، اردو ۽ سنڌي زبان جو هڪ قادرالڪلام شاعر ۽ اديب هو. پنهنجي زماني ۾ رياست خيرپور جو امير الشعراء ٻاڻ هو. رياست ۾ ڪوبہ نئون ڪم ٿيندو هو

يا ڪو جلسو منعقد ٿيندو هو ته موقعي جي مناسبت تي مخدوم صاحب مرحوم ڪي فارسي زبان ۾ قصيدو تيار ڪندو هو جو انهيءَ موقعي تي پڙهندو هو. خيرپور روٽ ميرواهه تي دو منزله پل تيار ڪي ته انهيءَ تي فارسي زبان ۾ هڪ نهايت فصيح، بليغ ۽ ڪافي وڏو قصيدو تيار ڪيائين جنهن جو هن وقت مون کي فقط هڪ مصرع ياد آهي. "بحکم نص من الماءکل شيءٍ حي- مگو تو آب که چشمهٔ حيات حيوان است". تنهن کان سواءِ ڪيس فارسي غزل گوئيءَ ۾ به ڪمال حاصل هو. مثلا سندس هڪڙي فارسي غزل جو مطلع آهي.

امشب که شوخ من از شوخي تمام رفت- صبر و توان و طاقت زيسن مستهام رفت

ٻئي هڪڙي فارسي غزل جي مطلع جو فقط هڪ بند ياد اٿم:

جمالش دل بغمزه برد دلداری چنين بايد

هڪ لعتيه غزل سندس چيل آهي جنهن جي هرهڪ مصرع ۾ چار بند آهن. جن مان پهريون بند فارسي زبان ۾، ٻيو سنڌي زبان ۾، ٽيون اردو زبان ۾ ۽ چوٿون بند عربي زبان ۾ آهي. انهيءَ غزل جو مطلع ۽ ڪي مصرعا جيڪي ياد اٿم پڙهندڙن جي تفريح طبع لاءِ هتي لکان ٿو.

مطلع- تو براوج فلک چو گذشتي شها مه چون ملائک صلِ علي

کيا خوب چلے هين محبوبِ خدا من مکه الي السملاء الا علي

مصرعه- بکشائي ز چهره حجاب بيا اي سج سحاب ۾ منهن مر لکا

يه جهان هے تيرا مشتاقِ لقا قد قام علي السباب العظمي

مقطع- تو بنازو ادا ببري دلها ٿيا ملک فاک تو تي شيدا

مين هون سائل عاصي در پہ گدا متوسل سد تک السعليا

مخدوم الله بخش جو سنڌي شعر به ڪافي چيل آهي. مثلا سندس هڪ غزل جو مطلع ۽ مقطع ياد اٿم سو هتي لکان ٿو-

مطلع:- گهنڊ کول کيل سڃڻ تون منهن تان نقاب لاهي

عاشق کي منهن ڏيکارڻ سائين ثواب آهي.

مقطع:- ياسين تنهنجي تعريف، طٰہٰ تمام توصيف

عاصي تنهنجي صفت ۾ کهڙو ڪتاب ناهي.

مخدوم مرحوم کي ٻنهي جهانن جي سردار، اڳين جي آڏار حضرت محمد رسول الله صلي الله عليه وسلم سان خاص عشق هوس هن عشق ۾ سندن ڪافي مولود چيل آهن- مثلا حضور جي معراج بابت سندس چيل هڪ مولود جو مطلع هت عرض ڪان ٿو.

۱- مصطفيٰ مرسل جي آ، معراج واري رات اج

ساز ۽ سامان جي تازي تيماري رات اج

سندس ٻئي مولود جو مطلع آهي:

۲- قدم قريشيءَ رکيو-عرش اتي هل ٻيو-اڄ آيو رسول‌الله ٻلي آيو بسم‌الله

وقت جو کوڙ شاعر کو.چگو معياري شهپارو پيش کندو هو تہ مخدوم صاحب ضرور انهيءَ جي تتبع ۾ ٻنهنجو شعر تيار کري انهيءَ ڏانهن موکلي ڪنڊس داد وصول کندو هو.

مولانا عبدالغفور همايونيءَ جي مشهور غزل- "تنهن جي زلف جي بند ڪمند وڏا زندان هزارين مان نہ رکو"- يا پير معشوق شاهہ راشديءَ جي غزل "مٽ بوئي گيسوئن جي مشڪ ختن جو چاهي"-جو جرچو ٿيڻ لڳو تہ مخدوم صاحب انهن جي جواب ۾ سندن تتبع تي غزل ٺاهي ٻنهي بزرگن ڏانهن ڏياري موکليا، جن کيس دل کولي داد ڏنو.

مون مٿي لکيو آهي تہ مخدوم الله بخش مرحوم جي وفات وقت مان ننڍيءَ عمر جو هوس. سندس وفات کان پوءِ سال ۲۱-۱۹۲۲ع ۾ فارغ التحصيل ٿي گهوٽ آيس تہ انهيءَ وقت مخدوم صاحب جو ڪلام گهڻن ماڻهن کي ياد هو ۽ مجلسن ۾ عام طور ڳايو ۽ شوق سان ٻڌو ويندو هو. مون ٻہ مخدوم صاحب جو فارسي ۽ سنڌي ڪلام ڪافي مقدار ۾ گڏ ڪري هڪ نوٽبڪ ۾ لکي ڇڏيو هو. ۽ نهايت ڏک اٿر تہ هڪ ٻيدرد دوست اهو نوٽبڪ مون وٽان کڻي ويو ۽ وري واپس نہ ڏنائين. کيس ٻہ حرمان کان سواءِ ڪجهہ نصيب نہ ٿيو، ۽ اسان کي ٻہ هميشہ لاءِ حسرت جا هٿ مهٽائي ڇڏيائين. هتي جيڪي ڪن ٻچ لکيا اٿر اهي انهيءَ ٿي نوٽ بڪ جي هڪ محوشده ياد جي حيثيت رکن ٿا. وري ڪوشش شروع ڪئي اٿر جيڪڏهن ڪجهہ ڪلام هٿ آيو ۽ ڪريم ڪارساز ۾ اميد آهي تہ هٿ ايندو تہ پوءِ انشاءالله تعالي اهو مهراڻ جي ڪنهن ٻيءَ اشاعت ۾ شايع ڪرايو ويندو.

مخدوم الله بخش نهايت خوشخط ڪاتب ٻہ هو. سندس اکر موتين جي داڻن جهڙا سهٽا هوندا هٿا. رياست جي وزير شيخ صادق علي مرحوم جي نيڪ ڪوششن سان جڏهن کهڙن وارن مخدومن جي اڏايل جامع مسجد جي ٽئين سر مرمت ٿي تڏهن ٻاڻ انهيءَ ٽئينءَ تعمير جي تاريخ ۾ ٻہ فارسي قطعا تصنيف ڪري، ٻنهنجن اکرن ۾ لکي، دهليءَ جي هڪ نقاش کان انهن جي ڪناري تي نقش و نگار ڪرائي، فريم ۾ بند ڪرائي، مسجد جي ديوار تي لڳائي ڇڏيائين. اهو فريم اڃا تائين مسجد جي الهندينءَ ديوار تي وچين ڪاڪٽين قبي جي وچ ۾ لڳو ٻيو آهي. ٻهرئين قطعہ جو مطلع آهي: مفيض جهان شيخ صادق‌علي - کز و شد رياست چو باغ بهشت.

ٻئي جو مطلع آهي: دو اقصائي عالم بگستر بسي - ندينم چنين مسجدِ رشک خلد.

اکرن جي سونهن، نزاڪت، ٻيهڪ ۽ موزونيت ڏسي آدمي دنگ رهجيو وڃي. جيڪڏهن کو موقعو ميسر ٿيو تہ انهن اکرن جو فوٽو وٺي مهراڻ ۾ شايع ڪرايو ويندو. نہ تہ شايد: مردي از غيب برون آيد کاري بکند.

مخدوم الله بخش صاحب ٻہ شاديون ڪيون هيون. هڪڙي شادي تہ ننڍپڻ ۾ سندس والده ڪرائي هيس مگر انهيءَ مان اولاد کونہ ٿيو، پي شادي پير ابومحمد صالح شاهہ صاحب

جيلاني پنهنجن مريدن مان ڪرايس؛ انهيءَ مان ڪيس ۽ نياڻيون پيدا ٿيون ۽ انهن مان هڪڙي نه سندس حياتيءَ ۾ فوت ٿي ويئي باقي ٻي نياڻي اڃا تائين حيات آهي. جنهن ڪي ۽ فرزند آهن ۽ مگر هن حقيقت جو اظهار ڪندي دل ٿي ٿڪر ٿئي ته ٻئي علم ڪان ٻي بهره آهن. اڃا عمر جا ننڍا آهن ۽ وقت ويو ڪونهي ـ شال خداوند ڪريم ڪين سنئين راهه نصيب ڪري ـ آمين.

مخدوم مرحوم جي مزار ڪوڙن جي شهر رياست خيرپور ۾ مخدومن واري جامع مسجد جي صحن جي اتر ۾ هڪ ننڍي چوڪنڊي ۾ آهي. سندس تربت سان گڏ ٻي تربتون ٻيون ۽ آهن. انهن مان اوپر طرف ڪان ٻهرين تربت راقم الحروف جي والد جي آهي، ٻي مخدوم الله بخش جي.

پون ٽا ته مخدوم الله بخش جڏهن ننڍو هوءَ انهيءَ ئي مسجد سان متصل مدرسي ۾ تعليم وٺندو هو، تڏهن انهيءَ ڪوئيءَ ۾ گهٽو وهندو هوءَ اتي ويهي سبق ياد ڪندو هو. جنهن وقت شيخ صادق علي مرحوم مسجد جي مرمت ڪرائي، تڏهن شيخ صاحب کي عرض ڪري اها ڪوئي الڳ رکائي ڇڏائين ۽ وصيت ڪيائين ته هن جهان ڇڏڻ کان پوءِ ڪيس انهيءَ جاءِ ۾ دفن ڪيو وڃي- ائين ئي ٿيو. انهيءَ جاءِ ۾ ٻهريون ٻاڻ دفن ٿيو تنهن کان پوءِ خالي جڳهه ۾ سندس ٻين عزيزن کي سندس پر ۾ دفن ڪيو ويو.

جا پوءِ ٻيرين سون ۔۔۔ سا ٻوءِ مٽان سجڻين
ڏڳ لٽبا ڏوڙ ۾ ۔۔۔ ايي ڏٺا سون
دنيا ڏينهن ڏون ۔۔۔ اٿي لوڇ لطيف ڇئي-

ضميمو

مخدوم الله بخش مرحوم تي مضمون لکجي تيار ٿيو ۽ اهو مهراڻ جي ڪارڪنن جي موالي ڪرڻ وارو هوس ته ايتري ۾ منهنجي دوست ماسترميان جان محمد قريشي صاحب رٽائرڈ هيڈ ماسٽر پرائمري سڪول ڪوڙا مخدوم الله بخش صاحب جو چيل هڪ غزل ۽ ٻه مولود لکي ڏياري موڪليا. مان مضمون ۾ رد و بدل ڪرڻ بدران مناسب سمجهان ٿو ته ماسٽر صاحب جو موڪليل ڪلام مضمون جي ضميمي طور هيان شامل ڪريان. هن غزل ۽ مولودن جو اجمالي ذڪر مضمون ۾ ٿي چڪو آهي:

١- غزل نعتيه

مطلع- تو هر اوج فلک چو گذشتي شها ۔۔۔ سب چون ملائک صلّ عليٰ
ڪيا خوب چلے هين محبوب خدا ۔۔۔ من مڪ الي الملاء الا علي
١- ز صفائي جبين خورشيد خجل ۔۔۔ رخ روشن تان قربان قمر
تيرے زلف سيه کا بيان هے مگر ۔۔۔ و الليل اذا يغشي الظلما
٢- تو بناز و ادا ببري دلها ۔۔۔ ٿيا ملّڪ فلڪ توتي شيدا
اے شاهِ رسل، سالارِ جهان ۔۔۔ ليسَ لاتتلطّفَ بنا آسفا

۳- بہ قبائي لَعْمُرُوک چست بدن لولاک لما جو تاج بہ سر
تيرا طٰہٰ وياسين نام و لقب سُلطان عرب، مَلِکُ البطحا
۴- بکشائي ز چهره حجاب بيا اي سج سحاب پر منهن مرَ ليکا
بہ جهان هے تيرا مشتاق لقا قد قام علي الباب العظمي
۵- بہ شفاعت امت لب بکشا رب خاص رکي آهي تنهنجي رضا
مين هون سائل عاصي درکا گدا متوسل سُدّ تيکَ العليا

۲- مولود شريف سنڌي

مطلع- مصطفيٰ مرسل جي آ، معراج واري رات اج
ساز ۽ ساسان جي تازي تياري رات اج

۱- عرش اعظم تي ملائک، مرحبا لئہ منتظر
خود خدا کي آ اچئ جي انتظاري رات اج

۲- محبتي ميدان پر اج، برهہ جون هوندون وسن
ٿي گهلي خوش باغ پر، بادِ بهاري رات اج

۳- سر نوائي صف بڌي، ٻيا ادب سين انبيا
ٿي لنگهي افلاک کان، سرور سواري رات اج

۴- سيرُ سبحان الذي، اسريٰ جو ٿيو اج آشکار
مارما زاغ البصر جي، صاف ساري رات اج

۵- واعدو وسوف يعطيک، هاڻ کيو پروردگار
عاصين لئہ عام ٿي اميد واري رات اج

۳- مولود شريف بطرز قديم

مطلع- قدم قريشيءَ رکيو، عرش مٿي هل ٻيو
اج آيو رسول الله، يلي آيو بسم الله

۱- جاڻ سان جام جي کوٽ کريو کسريٰ جو
شارُ ڏاڻون شعاع پر برج صفا بصريٰ جو
عالي اقبال سان اوج لڏاڻون اسريٰ جو
قدم قريشيءَ رکيو.....

۲- ڏسي ٻيا لولاکي، تاج سونهين طٰہٰ جو
خاص مُزَمّلُ خلعت، واه وڪو والضحيٰ جو
شاهِ رسل، صدر جهان، مير مکي بطحا جو
قدم قريشيءَ رکيو.....

۳- صحن سماوات جو، گلشن ٿيو گلزاري
شمع هريا شاديءَ جا، چار طرف جوڏاري
شاهه تهنجو شان و شرف، بخت بلند آ باري
قدم قريشيءَ رکيو.....

۴- ملک مقرب مڙيئي، خادم خاصا درجا
پاڪ پيغمبر سيئي، سپاهي سرور جا
سڀ صلواتون سلام، هرينءَ مٿي پرور جا
قدم قريشيءَ رکيو.....

۵- سائل سوين سدا، در اڳيان دلبر جي
عاصيءَ، امت جو ننگ مٿي تو نر جي
پاڪ ٿيندين پشت پناهه، حامي منجهه محشر جي
قدم قريشيءَ رکيو.....

خطبہ تصنیف مرحوم مغفور مولانا مخدوم الهہ بخش صاحب عباسی

بسم اللّٰه الرّحمٰن الرّحيم.

اَلْحَمْدُ لِذِی الْعِزِّ کَرِیم وَّ مَجِید — رَبٌّ وَّ رَحِیم وَّ حَکِیم وَّ حَمِید
اَلْقَادِرِ ذِی الْقُدْرَةِ وَالْمَالِکِ ذِی الطَّوْلِ — اَلرَّازِقِ لِلْمَخْلُوْقِ شَقِیٌّ وَّ سَعِید
قَدْ بَعَثَ اِلَیْنَا بِرَسُوْلٍ عَرَبِیٍّ — مَهْدِیٍّ لِلنَّاسِ اِلَی الْحَقِّ رَشِید
اَلْبَالِغُ بِالْحُجَّةِ وَالْقَائِمُ بِالْاَیْدِ — اَلرَّحْمَةُ لِلْاُمَّةِ فَضْلٌ لِلتَّبْیِیْدِ
خُلَفَاءُ لَهٗ اَرْبَعُ الْاَوَّل صِدِّیق — فَالْعَادِلُ بِالْحَقِّ وَ فِی الْتَّوْحِیْدِ
لِلْجَامِعُ لِلْنَّظْمِ بِتَلْیِیْغٍ بِکَلَامٍ — فَالصَّارِمُ بِالسَّیْفِ لِجَبَّارٍ عَنِیْدِ
یَا رَبِّ تَرَحَّمْ فَعَلَی حِزْبِ مُحَمَّدٍ — عَمَّیْهِ وَ آلِهٖ وَ عَلَی کُلِّ شَهِیْدِ

اي طالب بشنو تو که در فهم وحيدي — سخني که بعمرت به بيانش نه رسيدي
بلبل که بهر صبح بر آرد گل بانگے — پندي کنندت اين که تو در کتب ندیدي
از عمر که باغ است برو تازه گلي چين — افسوس خوري چون گل زين باغ نه چيدي
آن چيزي که خاري بره مطلبت انداخت — دنيا است که شب و روز پئے آن بدويدي
امروز کجا ملک سليمان و سکندر — قارون بآن حشمت و دولت که شنيدي
گشتند همه خاک و بخاک اندر افتند — رخت تو همين است که دين داده خريدي
هيهات براين نفع تجارت که نمودي — صد حيف براين ذوق حرامت که چشيدي
رُو توبه کن اي "عاصي" ازين پيشهء نا راست — بيجا است همه رنج و مشقت که کشيدي

بارک اللّٰه لنا و لکم ولسائر المسلمين انه تعالي جوادٌ غنيٌ قديرٌ برٌ ربٌّ رؤفٌ رحيم.

تاريخ تعمير جامع مسجد شريف شهر كهوڑا ـ كه به حسن اهتمام مرحوم مغفور خانبهادر شيخ صادق علي وزير اعظم رياست خيرپور سند و كوشش خانصاحب فياض الزمان گل حسن خان مختياركار صاحب گميت حال نائب وزير صاحب كمپ شاهي دام اقباله ازسرنو تعمير يافته جلوه گر گرديده است. از بنده خادم العلماء مخدوم الهه بخش عباسي عاصي عفا عنه رب الانامي.

فيض جهان شيخ صادق علي — كزو شد رياست چو باغ بهشت
دگر گل حسن خان كه دارد همي — دل قدسيان و دماغ بهشت
توجه بتعمير مسجد شريف — نمودند بادل فراغ بهشت
كنون مسجدي شد بنقش و نگار — كه دل ميدهد زو سراغ بهشت
الاهي بر ايشان عطاهاي خود — بپاهي رسان چون اياغ بهشت
سحركه به "عاصي" ندا شد ز غيب — بگو سال مرمت "چراغ بهشت"

ايضاً در سنه هجري مقدس

در اقصاي عالم بگشتم بسي — نديدم چنين مسجد رشك خلد
چو ديدم بحيرت فتادم كه هان — بروي زمين مسجد رشك خلد
بگفتم زمانبي برم سر به جيب — پيء سال اين مسجد رشك خلد
كه ناگه سروش از سر دعويم — بگفتا "به بين مسجد رشك خلد"

(ياد رهي ته، جئن مٿي لكي آيا آهيون، هيءَ ٻئي تاريخ جا قطعا مخدوم صاحب پنهنجي هٿ سان لكي مسجد شريف جي ديوار تي هٿي چڏيا آهن، جيكي اڄا تائين لڳا پيا آهن.)

مولانا حاجي محمد مرحوم هالائي

مولانا مولوي حاجي محمد صاحب مرحوم هالائي ابن آخوند محمد اسماعيل ابن آخوند دين محمد، ساكن هالا پراڻا ضلعو حيدرآباد، تاريخ ۲۷ رمضان المبارک ۱۲۷۶ هـ ۾ تولد ٿيا. شروعات كان ئي كين تحصيل علم جو گهڻو شوق هو. چانڇ صرف و نحو جا كتاب مرحوم مولانا مولوي خليفي حاجي عبداللطيف صاحب ساكن هالا نوان كان پڙهي، پات ضلعي دادو ۾ مرحوم مولانا مولوي حسن الله صاحب پائائي جن وٽ وڃي كجهه وقت پڙهيائون. ان كان پوءِ حيدرآباد سنڌ ۾ اچي، مرحوم مولانا مولوي محمد حسن صاحب كنڀي وارن وٽ جملي درسي كتاب لصاب مطابق پڙهي فارغ ٿيا، ۽ اتي ئي پنهنجي مشفق استاد جي ارشاد موجب ۲-۳ سال درس ڏيندا رهيا. ان بعد پنهنجي وطن اچي درس و تدريس جو سلسلو جاري كيائون.

مولانا حاجي محمد صاحب مرحوم ربيع الاول ۱۳۰۹ ۾ حج بيت الله جو سفر اختيار كيو، ۽ اتي مسلسل ۱۲ مهينا قيام كيو. انهيءَ عرصي ۾ مولانا عبدالحق صاحب الله آبادي مهاجر كان اوّليات احاديث پڙهي، حديث، فقه ۽ اصول فقه جي باقاعدي سند ۽ اجازت ورتائون، ۽ پوءِ پنهنجي وطن واپس اچي ديني خدمات ۽ تدريس علم ۾ مصروف رهيا. مولانا مرحوم جو مدرسهٔ محمديه اڄ تائين موجود آهي، جنهن مان هزارين طالب فيضياب ٿي وبا آهن ۽ ٿيندا پيا وڃن.

مولانا مرحوم جي طبع جلالي ۽ بيپرواهه هوندي هئي. پاڻ وقت جا مسلّم عالم ۽ مفتي هٿا. علاوه ازين حديث، فقه ۽ علم تصوف جا به نكته دان ۽ نكته سنج هٿا. مثنوي مولانا روم رحه ۽ مكتوبات امام ربّاني تي كين گهڻو عبور حاصل هو. وقت بوقت تصوف جي باريڪ نكتن ۽ رموز تي حضرت مولانا و هادينا مرحوم خواجه حافظ محمد حسن صاحب سرهندي مجددي دامت بركاتهم جن سان سندن بحث مباحثا ۽ خط و كتابت ٿيندي رهندي هئي. اهڙيءَ طرح سان مسائل فقه ۾ به حضرت العلامه مولانا عبدالغفور صاحب همايوني جن سان سندن لوشت و خواند بطور مباحثه رهندي هئي. پاڻ پهرين حضرت مولانا شيخ ولي محمد بن شيخ محمد اسحاق ساكن ملاكاتيار جا مريد ٿيا هٿا، مگر انهن جي وفات بعد وري حضرت خواجه آقا مولانا حاجي عبدالرحمان صاحب سرهندي مجددي نكڙالي جن جي بيعت كيائون. مولانا مرحوم نقشبندي طريقي جا هٿا. پاڻ پرهيزگار، تهجدگذار، شب خيز ۽ بي ريا عالم هٿا. كنهن به صاحب ثروت ۽ مالدار جي پاسخاطري نه كندا هٿا ۽ هميشه توكل علي الله رهي پنهنجو وقت گذاري ويا. مولانا مرحوم جي وفات ۴ ربيع الثاني ۱۳۳۶ هـ فالج جي عارضي ۾

ئي ـ انا لله و انا إليه راجعون. سندن مزار شهر هالا پرانا پر مرجع خلائق آهي. پرّد الله مضجعه و طاب الله ثراه و جعل الجنة مثواه.

مولانا حاجي محمد صاحب مرحوم پنهنجون ڪيڇ تصنيفون ڇڏي ويو آهي، جن مان هيٺ ڄاڻايل ڪافي مشهور آهن:

(۱) الفتاوي المحمديه في احڪام الاحمديه (عربي به جلد)، (۲) فتاوي احمديه (سنڌي)، (۳) خلاصة الاثار المحمديه والاخبار الاحمديه (عربي)، (۴) حقوق الزوجين (سنڌي)، (۵) شرح مأة احاديث (سنڌي)، (۶) مسائل اربعين في سنة سيد المرسلين، (۷) رموز الفرقان (سنڌي)، (۸) المسائل الخمسة في دفع توهمات الشيعه (سنڌي)، (۹) تمام العناية ترجمه بداية الهداية (سنڌي)، (۱۰) رسالہ در امور طبعيه، (۱۱) حل التركيب منطق (عربي)، (۱۲) روداد (عربي و سنڌي)، (۱۳) قصه بيبي بلقيس (سنڌي)، (۱۴) ڪشف الجان (سنڌي)، (۱۵) خلاصة الاصول، (۱۶) عشرين مسائل فارسي، (۱۷) رموز الفرقان (سنڌي)، (۱۸) فيض الصمد ترجمه "ايها الولد" (سنڌي)، (۱۹) رسالہ در معرفت نبض و قارورہ، وغيره.

مولانا مرحوم جي همعصرن پر هيٺين بزرگن جا اسماء گرامي قابل ذڪر آهن: حضرت العلامہ مولانا مولوي عبدالغفور صاحب همايوني عليه الرحمة، (۲) مولانا مولوي حاجي لعل محمد صاحب مرحوم متعلوي، (۳) مولانا المرحوم مولوي عبدالرزاق صاحب بوبڪائي، (۴) مولانا المرحوم مولوي مفتي محمد سعدالله صاحب خيرپوري، (۵) مولانا المرحوم مولوي عبدالرزاق صاحب بختيارپوري، (۶) حضرت مولانا المرحوم مولوي غلام محمد صاحب ملڪائي، (۷) حضرت مولانا المرحوم مولوي قاضي سيد حاجي اسدالله شاه صاحب ٽڪڙائي، ۽ (۸) مولانا مولوي قاضي علي محمد صاحب هالائي، وغيره.

مولانا مولوي حاجي محمد صاحب مرحوم جي چند ناماري شاگردن جا نالا هي آهن:
(۱) مرحوم مولوي حاجي عبدالرحمان صاحب سمّوي ساڪن نصرپور، (۲) مولوي جان محمد مرحوم بختيارپوري، (۳) مولوي حڪيم قاضي معين الدين هالائي، (۴) مولوي خليفہ حافظ حاجي محمد هالائي، (۵) مولوي ميان احمد مرحوم هالائي، ۽ (۶) حڪيم مولوي ميان عبدالله هالائي، وغيره.

مولانا مرحوم جي تاريخ وفات حضرت مولانا مولوي سيد حاجي اسدالله شاه صاحب مرحوم ٽڪڙائي جن هن طرح رقم فرمائي هئي:

جناب مولوي حاجي محمد محمدث مظهر — مه برج مڪارم مطلع الانوار علامہ
به علم و حلم شرع و ورع و تقوي اوحد و اڪمل — قيام دين محب" ايزد غفار علامہ
فضائل را از و تحسين فواضل را از و تسڪين — نجي" الله سمّي سرور ابرار علامہ
به معقولات بي بدلي به منقولات بي همتا — به ڪشف معضلات علم ڪوهربار علامہ
دراين قحط الرّجال آمد و جودش مغتنم از بس — دريغا رفت از ما احسن الاطوار علامہ
شنيده چون نداي ارجعي از عالم غيبي — شده واصل بحق رحلت گزين زين دار علامہ
به فضل ايزدي بادا بهين صدر نشين جنّت — به ديدار خداوندي بود سرشار علامہ
بجهارم ربيع الآخر و شب جمع داخل شد — بجنّت خلد تجري تحتها الانهار علامہ
چو استفسار رفت از بهر سال وصل آن اقدس — "فدا" احقر رقم زد مخزن الاسرار علامہ

۱۳۳۶ هجري

فقير محمد قاسم ڪڙهي ياسيني

مولانا عبدالغفور "مفتون" مرحوم همايوني

مولانا عبدالغفور صاحب جن جي ولادت ۱۲۶۱ هجري ۾ ڳوٺ "همايون" تعلقي شڪارپور ۾ ٿي. مولانا جو والد بزرگوار حضرت خليفو مولانا محمد يعقوب صاحب شهر "جهٽ" بلوچستان جو باشندو هو. "همايون" جي هڪ زميندار وڏيري غازي خان سومري جي استدعا سوجب "همايون" جي ڳوٺ ۾ اچي ديني مدرسو کوليائين، جنهن ۾ پري پري جا طالبعلم پڙهي فيضياب ٿي ويا. مولانا عبدالرحمان صاحب سکرائي، مولانا نور محمد صاحب شهدادکوٽي، مولانا عبدالستار صاحب ۽ مولانا عبدالله صاحب رستمي ۽ ڪيترا ٻيا، مولانا جي مدرسي جا فيضياب طالب هئا.

سندن فرزند مولانا عبدالغفور صاحب به ڪهڙو علم پنهنجي والد خليفي محمد يعقوب صاحب وٽ پڙهيو. سال ۱۲۷۳ هجري ۾ خليفي صاحب رحلت ڪئي. چنانچه باقي علم مولانا صاحب، مولوي سلطان محمد صاحب سيت پوري پنجابي، خليفي محمد يعقوب صاحب جي شاگرد، وٽ پڙهي فارغ التحصيل ٿيو ۽ پنهنجي ڳوٺ "همايون" ۾ مدرسو پڙهائڻ شروع ڪيائين. ان بعد مولانا کان سوين شاگرد پڙهي فيضياب ٿي نڪتا. مولوي عبدالرحيم صاحب شڪارپوري، مولوي فاضل محمد صاحب بلوچستاني، مولوي خدا بخش لهڙي، مولوي نبي بخش صاحب ڪولاچي، مولانا محمد مبارڪ صاحب ميان ڳوٺي، مولوي محمد اسماعيل صاحب شاهلي، مولوي محمد يعقوب صاحب (سبي بلوچستان) ۽ ڪيترا ٻيا شاگرد وٽانئن فيضياب ٿيا. مولانا علم جي هر فن ۾ يڪتاي روزگار هو. خصوصاً علم فقه ۾ سندس نظير سنڌ، هند، بلوچستان ۽ خراسان ۾ به نه هو. بلوچستان جا حاڪم شرعي فيصلا لاءِ شاهي جرگن جي موقعن تي ڪيس ڳوڙائي ڪانئس وڏا وڏا معاملا فيصل ڪرائيندا هئا. مولانا جو مستجاب‌الدعوات هجڻ ايترقدر مشهور هو، جو هر طبقي ۽ هر لڙڪي جا ماڻهو ـ عالم، پير، مشائخ، زميندار، ڪاموراڻ، امير، وزير، هندو، مسلمان، پارسي، جوگي، عوام ۽ خواص ـ دعا طلبيءَ لاءِ وٽس ايندا هئا. هر وقت سندس دروازي تي مخلوق خدا جو ميڙ لڳو پيو هوندو هو. مولانا مرحوم شعر ۾ به وڏي دسترس رکندو هو. سندس تخلص "مفتون" هو. غزلن ۽ ڪافين جو سنڌيءَ ۾ هڪ مجموعو "ديوانِ مفتون" جي نالي سان ڇاپي ۾ اچي

چکو آهي*. مولانا جو فارسي مجموعه ڪلام، جنهن ۾ سندس ۸۰-۹۰ غزل هئا، سندس هڪ معتقد جناب پير صاحب سيد ابو محمد صالح شاهه خليفي جلال الدين ڪان ورتي ويو هو. پير صاحب جي وفات ڪان پوءِ معلوم نه آهي ته اهو ڪلام ڪنهن جي هٿ آيو.

مولانا مرحوم جا ڪي نعتيه شعر بطور نمونو جي هيٺ ڏجن ٿا.

مصطفيٰ و مجتبيٰ و محتشم — صاحبِ عزو علا و ولاءِ جملهٔ امم
اولينِ ڪائنات و آخرين ممڪنات — مالڪِ حوض و شفاعت صاحب تاج و علم
آن محمد سرورِ ڪونين ختم المرسلين — حاڪمِ جن و بشر فرماندهٔ عرب و عجم
آن حبيب ايزد و سالار جملهٔ انبيا — دستگيرِ مستغيثان درميانِ موج غم

مولانا رمضان شريف جي ۱۱ تاريخ جمعي جي رات ۱۳۳۶ هه ۾ وفات ڪئي. سندن مزار مبارڪ سندن والد بزرگوار جي پر ۾ آهي ۽ همايون شريف ۾ زيارتگاهه خلق الله آهي. سردار گل محمد خان "زيب" سندن تاريخ وفات هنن بيتن ۾ چئي آهي:

استاذي فاضل همايون — آن شمس زمان شهاب گيتي
روپوش چوگشت گفت هاتف — "پنهان شد آفتاب گيتي"

۱۳۳۶

مولانا دين محمد "اديب" فيروزشاهيءَ سندن تاريخ وفات هيٺينءَ طور ڪيو:

فرد

چو اسم و نيز مسمّاش بود عبد غفور — سن وصال بدان از سر يقين مغفور-(۱۳۳۶)

قطعه

رفت عبدالغفور سوی غفور — آنکه در فقه بود مشهوري
سال رحلت چو جستجو کردم — گفت طبعِ اديب "مغفوري"-(۱۳۳۶)

مولانا جي وفات ڪان پوءِ سندس ڏوهٽو عالم فاضل مولانا ميان عبدالباقي صاحب مسند نشين آهي، جنهن ڪيترن طالب علمن کي دستاربندي ڪرائي آهي. قضا ۽ فتويٰ جو شغل ونس گهٽو رهي ٿو.

تصنيفون: مولانا مرحوم جون فتوائون هزارن جي تعداد ۾ آهن، جن مان ٻه جلد فارسي ۽ "فتاويٰ همايوني" جي نالي سان ڇپيل آهن. علم طب ۾ "فرهنگ همايوني" سندي ۾ ڇپيل آهي. "الدر المنثور" ۽ خراج بابت رسالو ۽ ٻيا قلمي رسائل به گهڻا آهن.

* هيءَ ديوان گڙهي ياسين مان مولوي نجم الدين صاحب وٽان ملي سگهندو. - مرتب

مرحوم مولانا محمد اسماعيل سومرو فيروزشاهي

مولانا صاحب فيروزشاهه جي پرسان ميل ڏيڻ ۾ "تنيا" نالي هڪ ڳوٺ جو رهاڪو هو؛ اتي ئي جائو ۽ اتي ئي وفات ڪيائين. پيروج جي مقام ۾ آرامي آهي. جنڊ جي سال جي خبر نه آهي، باقي وفات جي تاريخ ۱۹ محرم الحرام ۱۳۳۶ھ آهي.

مرحوم نهايت ئي غريب هو. جيتوڻيڪ سندس والدين ڪي ڪمائيءَ سان من جي پڙهائيءَ ني خرچ ڪرڻ جي توفيق ڪانه هئي، پر هنن مولانا جو ذهن ۽ علم ڏانهن لاڙو پروڙي، ڪيس مدرسي فيروزشاهي ۾ پڙهڻ لاءِ ڇڏيو، جتي هو محنت سان پڙهڻ ڪي لڳي ويو. آخرڪار فارسي ۽ عربيءَ ۾ مولانا عطاءالله کان عبور حاصل ڪيائين. ايا دستاربندي ڪانه ئي هئي، مگر ڪتاب نصاب وارا سڀ پڙهيا هنائين، تہ سندس استاد رحلت ڪري ويو؛ تنهنڪري دستاربنديءَ جي رسم مولانا عبدالرحمان مرحوم وٽ ڪيائين.

مولانا صاحب درسيات پڙهائڻ جو قابل مدرس هو، ۽ فارسيءَ جي انشاپردازيءَ ۾ استاد جو رنگ حاصل هوس. فارغ التحصيل ٿيڻ بعد، اول اول، پياري ڳوٺ اسٽيشن جي پرسان درويشائن جي ڳوٺ ۾ مولوي غلام حسين ڪي پڙهائڻ ويٺو. اتي عربيءَ جا تمام ڳهٽا شاگرد وٽس پڙهندا هتا. فراغت کان پوءِ، فيروزشاهه جي نزديڪ سويي خان منگسيءَ جي ڳوٺ ۾ مدرسو جاري ڪيائين. جيڪي ته هو مشهور فاضل هو، ان ڪري وٽس تمام ڳهٽا شاگرد پڙهيا، جن مان مشهور هي آهن: (۱) مولوي غلام حسين درويشائي پنهور، (۲) مولوي محمد چنو، ساڪن جبيرجي، ضلعو دادو؛ (۳) مولوي محمد، ڳوٺ پان ضلعو دادو؛ (۴) مولوي نور محمد ڪلهوڙو، دادو؛ (۵) مولوي محمد قاسم پنهور، تعلقو دادو؛ (۶) مولوي محمد قاسم لانگاهه، ۽ (۷) مولوي محمد هاشم لانگاهه واعظ، (ٻئي پائر) ويڻل رڪ؛ (۸) مولوي محمد يوسف، ڳوٺ بخش لاکير، ميهڙ؛ ۽ (۹) مولوي فيض محمد سيال، ويڻل لنڊو شهبازي، سيوهڻ.

مولانا دين محمد "ادب"

سائي فاطمہ لاکير مرحومہ

تعلقي ميهڑ ۾، ناري ڪٽنال جي ڪپر تي، صغر لاکير نالي هڪ ڳوٺ آهي- سائي فاطمہ انهيءَ ڳوٺ جي رهاڪو هئي. سائي فاطمہ نهايت ئي پلاري، باخدا ۽ عابد عورت هئي. مسجد ۾ ٻارن کي قرآن شريف پڙهائيندي هئي. جن ٻارن کي جوانيءَ ۾ پڙهايائين، تن جي ٻارن کي ٻيريءَ ۾ پڙهايائين.

ٻاڻ ڪٽي پڙهي، ڪيستائين تعليم ورتائين ۽ سندس آستاد ڪير هو، اها ڪا به خبر نہ آهي؛ باقي سائي صاحبہ جي علمي ڪمال جو ذڪر سندس شاگرد، جي مشهور عالم ٿي گذريا آهن، وقت بوقت ڪندا هئا. منهنجو استاد مولانا الاهي بخش بہ قرآن شريف ونس پڙهيو. سندس قرآن جو لهجو حافظن جهڙو هو.

سائي صاحبہ خدا ترسيءَ جي ڪري رعبدار هئي. رستي ۾ ايندي هئي، تہ مرد ماڻهو آتي ٻهي نہ سگهندا هئا. آخر- رات ۾ عبادت بہ مسجد ۾ اچي ڪندي هئي. واقعي هن بيت جو مصداق هئي:

نہ هر زن زن ست و نہ هر مرد مرد، خدا پنج انگشت يكسان نكرد.

هڪ رات مسجد ۾ اندران ڪڙو ڏيئي عبادت ٻئي ڪيائين، تہ اوچتو هڪ ماڻهو اندر گهڙي آيو. دروازي بند هجڻ هوندي آيو ڪيئن؟... سائيءَ سمجهي ورتو؛ پڇيائينس تہ "چو آيو آهين؟" چي، "اوهان وٽ قرآن شريف پڙهندس." سائي صاحبہ چيس، "نہ، ٻار تو (جن) کان ڊجندا." پوءِ هو هليو ويو.

سائيءَ جي ڪمال ڪري عالم بہ سندس زيارت لاءِ اينداهئا. سائيءَ کان روايت آهي تہ آسپاس جا سڀ عالم مون وٽ آيا، باقي سيد مصري شاهہ خيرپور ناٿن شاهہ وارو نہ آيو.

مولانا دين محمد "اديب"

مولانا حاجي الاهي بخش مرحوم

مولانا حاجي الاهي بخش صاحب، ولد ميان عبدالحليم، قوم بلوچ، ميڙڪان ڇهه ميل هري گوٺ منگواڻن ۽ گوٺ راوت خان جي وچ ۾ هڪ ننڍڙي گوٺ "ڀانهو لاکير" ۾ جائو. مولانا صاحب جن جا وڏا اصل پاڻناڙي جا رهاڪو هئا، پر زماني جي گردش ڪري ڏهنجي پياري وطن کي خيرباد ڪري اچي ڀانهي لاکير گوٺ ۾ رهيا. اڄ تائين به سندن قوم جا اٽڪل پنج ڇهه گهر اتي رهندڙ آهن، جي سڀي زميندار آهن. منجهن حاجي ۽ نمازي گهٽا آهن. مولانا جن ننڍپڻ ۾ ئي "صفر لاکير" جي گوٺ ۾ هڪ باڪمال عابده ۽ زاهده عورت مسمات فاطمه وٽ قرآن شريف پڙهي پورو ڪيو.

مولانا صاحب نهايت ذهين هوندو هو؛ چوندو هو ته "پڙهڻ ۾ بابت مون کي ڪنهن به استاد ته ڇيڙيو آهي". مولانا صاحب قران شريف پوري ڪرڻ بعد سندس گوٺ جي هڪ پيرسن حافظ فتح محمد جي همٿائڻ تي، گوٺ راوت خان لغاريءَ جي سکول ۾ سنڌي پڙهڻ لڳو. سنڌيءَ سان گڏ فارسيءَ جي قابل شاعر ۽ انشاپرداز مرحوم ماستر محمد اعظر وٽ فارسي به پڙهندو رهيو. ڇهن درجن سنڌيءَ سان گڏ فارسيءَ جا ۽ ڪيترائي ڪتاب پورا ڪيائين - جهڙوڪ هرفي، خاقاني، مينا بازار، وغيره. ڪيس انهيءَ زماني ۾ عالمانه شعور پڻ پيدا ٿيو. ايتري علم حاصل ڪرڻ بعد پاڻ، ڪنهن به نوڪريءَ کي پسند نه ڪري، ڏهنجي زمين آباد ڪرائي گذر سفر ڪندو رهيو.

سندس روح ۾ صفائي هوندي هئي. اڪثر خواب ۾ حضور پاڪ جن، صحابن ۽ ولين جون ڪين زيارتون نصيب ٿيندا هيون. هڪ دفعي جناب حضور جن ڪيس خواب ۾ فرمايو ته "غفلت ڇڏ". انهيءَ واقعي کان پوءِ اڪثر روئندو رهندو هو. حضرت قتاده رضي الله خواب ۾ چين ته "تون (قصص الانبيا ۾) مون کي 'قتاوه' ڪري پڙهندو آهين، ۽ منهنجو نالو آهي 'قتاده'." حافظ شيرازي رحه خواب ۾ چين ته "تو طلب کن وگرنه من هستم".

مولانا صاحب کي حضور پاڪ جن جي عشق جي آگ اندر ۾ ٻرندي رهندي هئي. هڪ دفعي سندس عزيز حج تي وڃي رهيا هئا. پاڻ انهن سان ڪراچيءَ تائين موڪلائڻ جي ڀاڻي سان آيو ۽ آڻان ماڻڻ کان موڪلائڻ بنا حج تي هليو ويو. سو روپيا ڪٽان اڏارا ٿي ڇڏيا

هٹائين. وڃي حضور جن جي روضي مبارڪ جي زيارت ڪيائين، جتي سرور ڪائنات جن جي ڪيس دوباره زيارت نصيب ٿي. ٻاڻ چوندو هو ته انهيءَ سفر ۾ مولانا عبدالرحمان صاحب سکر واري کي به ظاهر ظهور ڏٺم (جو اڳي ئي وفات ڪري ويو هو).

عربستان جي سفر ۾ مولانا صاحب هڪ هنڌ ٽڪجي ٻوڙ سبب ساهي ڪٽڻ لاءِ ويهي رهيو. ٻنڌ ڪيس اهڙو ته ساٿو ڪري ڇڏيو هو جو ڪڏ ڪٽي گوڏن ۾ هنيو هٹائين. اهڙيءَ حالت ۾ ڪيس ائين معلوم ٿيو ته ڪو فرشتو آهي جو هڪ آيت پڙهي رهيو آهي- (ترجمو) "اي داؤدا! اسان توکي زمين تي خليفو ڪيو آهي؛ پوءِ حڪم حق تي هلائج." مولانا صاحب ان وقت عربي ڪونہ ڄاڻندو هو؛ اها آيت دلائل الخيرات تي لکي ڇڏيائين. جڏهن ان جي معنيٰ معلوم ڪيائين، تڏهن مولانا صاحب کي خيال ٿيو ته 'پلي ملڪ ۾ اها بشارت ملي آهي، سا سچي ٿي رهندي'. ان وقت ۾ مولانا صاحب کي ڇڪيءَ جي بيماري هئي. هڪ ڏينهن مولانا صاحب جده شهر جي هڪ گهٽيءَ ۾ ويٺو هو ته هڪ وڏي ماڻهوءَ تان ڪيس رسيءَ جي وسيلي ماني ملي: ان جي ڪائڻ کان پوءِ ڪيس هميشه لاءِ ڇڪي ڇڏي ويئي ۽ وري ڪڏهن نہ ٻيٺي!

مولانا صاحب چوندو هو ته آڳ ۾ منهنجو پاڻ ٻيل گاڏيءَ ۾ ٻاڻ ڪنيو ٻڌي ويا سين، ته هڪ هنڌ گاڏي اٽلي ٻيٺي ۽ ٻاڻ هارجي ويو. گاڏي سڌي ڪري وري ان ۾ ٻاڻ ٻڌي وڌوسين، ته اسان جي ڳوٺ جو هڪ نيڪبخت ڪٽي اتان لانگهائو ٿيو. ان مون کي چيو ته 'اڙي فلاڻا! تون ته عالمن جهڙو داناءَ ۽ عزت وارو آهين، ڇو نٿو عربي پڙهين؟ هن ٻاڻ ۾ پنهنجو حال ته ڏس- تون ان جو لائق آهين؟... افسوس!' بس، انهيءَ ڏينهن رخت سفر ٻڌي آڪرن ۾ مولانا محمد صاحب وٽ ويو؛ ۽ مولانا صاحب ان وقت بيمار هو ۽ پڙهائڻ جهڙو نہ هو، تنهنڪري مولانا عطاءالله فيروزشاهيءَ وٽ پڙهڻ شروع ڪيائين. علامہ صاحب جن هن جي ذهانت کان ڏاڍا خوش ٿيا، ۽ هڪ دفعي فرمايائون ته "اسان وٽان ٽوري کان ٽوري عرصي- ڇهن سالن- ۾ مولوي محمد ملوڪ تحصيل ڪري ويو آهي. هن به وڏي عمر ۾ اسان وٽ الف-ب کان پڙهڻ شروع ڪيو هو، ۽ توکي ٻارهن مهينن ۾ مولوي ڪندس". مولانا صاحب وٽ شاگردن کان گهٽو ڪم ورتو ويندو هو ۽ سبقن ۾ ناغو ٻہ ٿيندو رهندو هو، ان ڪري ڪيس خيال ٿيو ته 'ڪنهن ٻئي مدرسي ۾ وڃي پڙهان، هتي الائجي ڪڏهن مقصد پورو ٿئي!' اهو خيال ڪري، هڪ دفعي اڌ رات جو اتان نڪري سڌو اچي سوڊاري پهتو، جتي مولانا شفيع محمد صاحب سمجدي جي شاگرديءَ ۾ اچي تحصيل علم ڪي لڳي ويا.

مولانا صاحب فيروزشاهيءَ جي دعا ۽ مردم شناسي سچي ثابت ٿي، جو مولانا الاهي بخش صاحب ٻنڌرهن مهينا استاد وٽ عربي پڙهي، ۽ ان بعد اچي پڙهائڻ ڪي لڳو. وٹانئس چگا چگا شاگرد تحصيل ڪري ويا- جهڙوڪ مرحوم مولانا عبدالڪريم صاحب ديروي ڈيري، مرحوم مولانا عبدالحليم صاحب بلوچ، مرحوم مولوي نورمحمد صاحب، مرحوم مولوي شفيع محمد

صاحب کوٽ عرضي نائچ، مرحوم مولوي محمد ابراهيم صاحب جمالي، مرحوم ميرمحمد صاحب قريشي ۽ نيازمند راقم الحروف دين محمد "اديب" فيروزشاهي.

مولانا صاحب شاگردن کي مطالعي جو سخت تاکيد کندو هو ۽ کين چوندو هو ته مطالعي بنا کوبه سبق نه پڙهو، مطالعي سان علم ايندو آهي. مولانا صاحب تکراري ملکيت جا فيصلا ڏرين جي رضامندي سان تمام قابليت سان کندو هو، جي ڏرين کي قبول کرڻا پوندا هئا. مولانا صاحب هڪ دفعي ڪڏيل ملکيت جو فيصلو ڪيو ته هڪ پوڙهي، جا ان تي قابض هئي، ان کي تمام ٿورو حصو آيو. جنهن تي تمام درد وچان ان پوڙهيءَ مولانا صاحب کي چيو ته "اڙي مولوي صاحب! توکي قرآن پچندو. تو مون سان ظلم ڪري ڇڏيو آهي!" پوڙهيءَ کي ان تي مولانا صاحب وراڻيو ته "پوڙهي، توکي به قرآن پڙهو آهي؛ تون ته ناحق پرائو مال ڦهايو ويٺي هئينءَ". مولانا صاحب، نورنگيءَ جو هڪ عالم سان ڪنهن مسئلي تي بحث هو. اهو بحث تمام طويل ٿي ويو. آخر مولانا الاهي بخش کي گهرائي کيس ڏرين جا بحث ڏيکاريائون. مولانا صاحب پنهنجي استاد الاستاد مولانا نورنگيءَ کي عرض ڪيو ته حق ٻيءَ ڏر جي طرف آهي، ان ڪري بحث ختم ڪرڻ کپي-۽ ٿيو به اڻين.

مولانا صاحب کي فارسي نثر و نظم تي ڏاڍي دسترس هئي. خلافت واري تحريڪ کان ٿورو اڳ، پات جي عالم مولانا حاجي حسن الله صاحب کيس چيو ته "بابا، مون کي دادوءَ جي مختيارڪار چيو آهي ته سرڪار جو اڳيون فارسي دفتر سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري ڏيو. منهنجو انهيءَ مختيارڪار ۾ پٽن جي نوڪريءَ جو ڪم آهي. مهرباني ڪري اهو ترجمو ڪري ڏي ته منهنجي پٽن کي نوڪري ملي ويندي." مولانا صاحب ادب وچان اهو ڪم قبوليو. ڏهن ڏينهن جو سارو دفتر مولانا صاحب بنا معاوضي ترجمو ڪري ڏنو. جيئن ته آفيس ۾ اڳئين وقت جي شڪسته فارسي ڪنهن کي به پڙهڻ ۾ نٿي آئي، انهيءَ ڪري وري خيرپور ناٿن شاهه جي مختيارڪار کيس حڪم ڪيو ته اڇي اسان جو به ڪم ڪري ڏيو. مولانا صاحب ڪم ڪرڻ لاءِ معاوضو گهريو، ته تپيدار کي چيو ويو ته مولانا صاحب جي زمين ڏسي ان تي ڏاڙيءَ ڏيکيءَ جي دخل جو ڪو بيقاعدي نشان هجي ته ان تي کيس ڪر. آخر اهڙيءَ ريت مولانا صاحب کي دهمان ٻڌي کانئس اهو به ڪم ورتو ويو. نه فقط ايترو، ۾ ميهڙ جي ڊپٽي کليڪٽر به ميهڙ جو سڀ فارسي دفتر سنڌيءَ ۾ ڪرايو. ڇاڙيءَ ۾ ان جي عيوض مولانا صاحب کي ڇا ڏنو هيو؟-صرف هڪ لونگي ريشمي ۽ آفرين ناموا!

مولانا صاحب جي صحبت هر خاص ۽ عام ماڻهوءَ سان هئي، ۾ خاص صحبت هيٺين بزرگن سان هئي: مولوي محمد علي ڏيرو زميندار ڏيرا، مولوي الله بخش مهيسر گهوٽ پيري ۽ مولوي محمدسليمان ٽرڙي محبت جو. ان کان سواءِ، حڪيم مولوي فتح محمد صاحب سيوهاڻيءَ جي ساڻن غائبانه محبت ۽ دوستيءَ جو هي عالم هو، جو گورنمينٽ کان سنڌ جي هڪ عالم ۽ مصنف کي سو روپين جي گرانٽ ملندي هئي-اها گرانٽ غالباً مولوي محمد عثمان نورنگ زاده

لقه ٹيچر سنڌ مدرسته الاسلام ڪراچيءَ ڪي ملندي هئي. ان جي وفات کان پوءِ تلاش ٿي ته هاڻ ان گرانٽ جو حقدار ڪير آهي؟ مولوي فتح محمد صاحب ميمبرن ڪي چيو ته ان جو حقدار مولانا حاجي الاهي بخش آهي. سندن چوڻ تي ڊائريڪٽر صاحب تسليم ڪيو ۽ مولانا صاحب لاءِ اها منظور ڪئي ويئي. ان زماني ۾ خلافت تحريڪ جو زور هو. خلافت جا پروانا جتي ڪٿي قطع تعلقات جي تحريڪ ڪي زور وٺائڻ ۾ مشغول هئا. مرحوم شيخ عبدالعزيز مالڪ اخبار "الحق" سکر واري اچي مولانا صاحب ڪي چيو ته "اوهان ان گرانٽ وٺڻ کان انڪار ڪريو". مولانا صاحب گرانٽ وٺڻ کان ناڪار ڪئي.

مولانا صاحب وفات کان چند مهينا اڳ سڀني شاگردن ڪي ڏاڙهي رکڻ جي تعليم ڪي جاري رکڻ لاءِ تاڪيد ۽ وصيت ڪئي. آڳ (راقم الحروف) ان وقت ٻار جي گوٺ ۾ ٽلاهه پرسان وڌائيندو هوس. ٻه دفعا تاڪيدي خط لکي، گهرائي، فرمايائون ته "ون مولوي عبدالحليم ڪي نه وڌائڻ لاءِ تاڪيد ڪيو آهي ۽ توکي به چوان ٿو ته تجارت ۽ طبابت ڪنهن روزگار جو ذريعو آهي، سو نه ڇڏجانءِ. هن دور ۾ ديني تعليم ئي بهترين جهاد آهي". ٢٧ رجب المرجب ١٣٣٨ هجري ۾ سيوهڻ ۾ خلافت ڪانفرنس ٿي هئي، هاڻ اتان موٽي خيرپور ناٿن شاهه ۾ خلافت ڪانفرنس ڪرايائين. ان ۾ ڏاڍي جانفشاني ڪيائين، جنهن کان بيمار ٿي پيو. آخر غرّه رمضان شريف ١٣٣٨ هه ۾، جان جانان جي ڏانئن ــ انا لله و انا اليه راجعون. وفات وقت سندس عمر پنجاهه ڪن ورهيه هئي.

ڪيس هردم حرمين شريف جو شوق رهندو هو. جيڏن ته پين رفيقن سان ڪڏجي، خشڪيءَ جي رستي، مائڻن کي اطلاع ڏيڻ کان سواءِ ڪراچيءَ پهتو ۽ اتان خط لکي موڪلياٿين. خط پڙهي، سندس ياءِ عبدالله ڪيس وٺڻ ويو ۽ ڪراچيءَ ۾ ڪولي ڪولي ٽڪجي پيو. پوءِ مڪران واري رستي تي قرنطين واري هنڌ تي ويو. اتي مولانا صاحب کي هڪڙي ڪوٺڙي ۾ لڌائين. مولانا صاحب کيس ڏسڪايو، جنهن جي ڪري ميان عبدالله زاروزار رڙڻ لڳو ۽ ساري رات رڙندو رهيو. آخر گوٺ جي مائٽن مولانا کي عرض ڪيو ته "سائين، خدا تعالي الائي ڇا ۾ راضي آهي، هڪ دفعو حج ڪيو اڏي، پوئتي ديني مدرسو اڏي، ان کي نه ڇڏيو. ياءِ جي حال تي ڪهل ڪريو". آخر بادل نخواسته مولانا صاحب موٽي آيو. ان وقت ٻاڻ پنهنجي حالت هن نظم ۾ بيان ڪئي اٿس:

عشق عربي جام جي آڳيون اندر ۾ لائيون
جوش جانب جي سبب وسري وڃون سڀ وائيون
ڪيئن ڪيان ڪاڏي وڃان دلبر بنا دم نا سري
درد کان دانهون ڪريان سجدي اندر سر نائيون
اي صبا! هن عاجزان جو عرض چؤ اندر حضور
سرورا! لهه سار تن گهورن اندر جي گهائيون

شل ملي او وقت جو سرمد بدر سنجهي صبوح
خاڪ چائڻ جي هجان ويڻي اکين ۾ پائيون
هن طرف جي حب" دل تان وئي ڪجي هن وقت ۾
پار پرين جي سنديون ڳالهيون ڳڻ ۾ آئيون
يا "الاهي بخش" امت کي محبت مصطفيٰ
تان سندن تعريف ويٺا رات ڏينهان گهائيون

سندس تاليف ڪيل ڪتاب هي آهن: نيڪ صلاح (رسمن جي اصلاح بابت، جنهن جو خلاصو "رسومات تباعي" مرحوم علي خان ابڙي ڪيو)، بهشتي باغ (اسلامي عقائد ۾)، ضرورت پرده، آرين جي رد ۾ هڪ رسالو، ۽ تعليم تي هڪ رسالو (اهو هڪ ساٿهوء ڇاپڻ لاءِ وڃڻو، مگر مورڳو رسالوئي گم ٿي ويو). ان کان سواءِ تدريس ۽ فتوا نويسي، مختصر طب ۽ گاهي ماهي واعظ بڻ ڪندو هو. پاڻ چوندو هو ته جوانيءَ ۾ مون سرائڪي زبان ۾ ديوان جوڙيو هو، جو هو گم ٿي ويو. ان مان هي شعر پڌائيندو هو:

"جو ملاوي مٺڪون مٺا محبوب اڪبر حج دا ثويس ثواب"

سندس سنڌي نظم مٿين ڪتابن ۾ مندرج آهن. فارسي ڪلام منتشر آهي. ۽ فارسي نظم مون وٽ محفوظ آهن، جي لکان ٿو. ڪيس ارادو هوندو هو ته يا قرآن شريف جو تفسير لکان يا "فتاوىٰ عالمگيري" سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪريان، پر عمر وفا نه ڪئي.

بهای گوهر شهوار گوهري داند،
شب کسيکه ندیده چه جوهري داند.

عروض و قافيه سنجي شرائط نظم ست، نه هر که حرف دو بند سخنوری داند.
برای فهم رموز کلام بايد علم، نه هر که ترجمه هندی و دری داند.
صباحت رخ چشم سياه درکار ست، نه هر که سرمه کشيد ست دلبری داند.
بوقت جنگ دل خود قوی بايد کرد، نه هر که خود بپوشد بهادری داند.
جلال و شوکت و عزت کمال مي بايد، نه هر که فربهه جسم ست سروری داند.
ز نيک خدمت منظور مالک ست غلام، نه هر که حلقه بگوش ست قنبری داند.

(۲)

تاريخ تعمير مسجد دربيلو، جيکا مخدوم محمد داؤد دربيلوءَ جي چوڻ تي مولانا حاجي الاهي بخش صاحب تصنيف فرمائي، اها تاريخ دربيلي جي مسجد تي لڳل آهي.

هزار شکر که بشگفت نو بهار اسلام
خزان کفر ز باغ جهان نمود سلام،
زمان زمان ست صلا بلبلان وحدت را،
که وقت عيش رسيد ست قما دخلّوابسلام.

کجا شگفت همان باغ عشرت جاوید،
که شد معطّر از بوي او مشام انام.
همان ست مسجد جامع بشهر دربیل،
که شد بنایش رشکِ جنان چو گشت تمام.
براي سال بنایش چو مصرعه جستم،
که یادگار زمان بماد تا بروز قیام،
بگفت از سر مهر و وفا بمن هاتف،
لیکُلّ واردٍ فَرْحَةٌ وَّ حُسْنُ مقام.

فارسي پهربون نظم خيرپور رياست جي هڪ حڪيم ڏي لکيو هنائون، جو ان وقت قاديانيءَ هو، پر هاڻي خدا جي فضل سان قاديانيت کان تائب آهي. هڻي نظم جي ڪراست بابت تفصيل جي ضرورت آهي. مسجد منزلگاهه سکر جو قصو مشهور آهي. ان مسجد جو ماده تاريخ آهي- "زهي جاي عشرت" (۱۰۰۶). هندن چيو ته اهو مادهٔ تاريخ چوي ٿو ته اها مسجد نه آهي، بلڪ هڪ تفريحگاهه آهي. مولانا حڪيم فتح محمد صاحب سيوهاڻيءَ وڪالت ۾ چيو ته "عشرت" مان مراد عشرت روحاني آهي-چو ته مسجد روح لاءِ عشرتگاهه آهي. مگر هي ٽيو تاويل؛ ان ڪري مون کي خيال ٿيو ته ان جي تائيد لاءِ اڳين بزرگن جا مسجدن بنسبت تاريخي مادا گهوليٽ ڪيا، جي عشرت يا عشرت جي هر معنيٰ لفظن تي شامل هجن. ان لاءِ گهڻو پريشان ٿيس-چو ته مسجدن جا تاريخي مادا آءٌ ڪٿ هٿ ڪري سگهان؟ ان بابت نه ڪو مجموعو آهي، نه ان لاءِ آءٌ هندستان جون مسجدون ڏسي سگهان ٿو!

آخر "جو ينده يابنده"-اهو مطلب منهنجي بياض مان عيان ٿي پيو. يعني مٿيون قطعه تاريخ مولانا مرحوم جو مون وٽ مندرج هو. ان جي ڏسڻ سان ڏاڍي خوشي ٿي، چو ته ان ۾ لفظ "عشرت"، "عيش" ۽ "فرحت" مندرج آهي. فيصلو اڃي آخري مرحلي کي پهتو هو. مون ان بابت ڪراچيءَ جي چند بزرگن کي اطلاع ڏنو. "الوحيد" کي به لکيم. شيخ عبدالمجيد صاحب اتفاق سان حيدرآباد ۾ هڪ رستي تي موٽر ۾ ڏٺم، ان کي ٻڌايم، جنهن چيو ته "هاڻي چا ٿيندو، فيصلو ختم ٿيڻ کي قريب آهي". مولوي محمد داؤد صاحب کان اڳ ۾ لکي پڇيو هوم ته اهو قطعو اوهان وٽ آهي يا نه؛ مولوي صاحب لکيو ته مسجد تي لڳل آهي. هوءَ ته مسلمان ليڈر، جج کي، هندن سميت، ان قطعي جي ڏسڻ لاءِ دربيلي وڃي آيا، جن ڏٺو ته برابر اهو قطعو ڪاشيءَ جي سر تي لکيل آهي، ۽ اها سر مسجد ۾ چوني سان چنبڑايل آهي. هندن چيو ته "انهيءَ لاءِ ڪهڙي ثابتي آهي ته هي قطعو قديم آهي؟ هي قطعو ته اسان جي شڪست لاءِ هڻي تصنيف ڪري مسجد تي لڳايو ويو آهي!" ان تي جج چيو ته ان جو فيصلو ماهر انجنير ڪندا. مسجد جي متوليءَ کان موڪلائي، قطعي جي سر مسجد تان لاهي، اهو چونو، جنهن سان سر چنبڑايل هئي، لاهي، انجنيرن کي ڏيکاريو ويو ته اهو چونو ڪٿي آهي يا پراڻو؟

ماهرن چيو ته اهو چونو پنجويهن سالن جو هرائو آهي. آخر مخالف ڏرکي به دلجاءِ ٿي ته اهو قدير آهي، نه جديد. حاصل ڪلام ته ان قطعي جي انهن لفظن (عشرت، عيش ۽ فرحت) مسجد منزلگاهه جي ماده تاريخ (زهي جاي عشرت) کي مسجد لاءِ ثابت ڪيو. ان ڪري، هندن جو اهو اعتراض دفع ٿي ويو ته ان مادي مان مراد تفريحگاهه آهي، نه مسجد. هندن ڪلڪتي مان به هڪ وڪيل گهرايو هو، جنهن اتي جي هڪ مسجد جو قطعه تاريخ آندو هو، جنهن ۾ "بيت الحرام" ۽ اهڙا بيا لفظ ڪم آندل هٿا. جنهن جي بنا تي ان چيو ته هڏي قسم جا الفاظ مسجد بابت سونهن ڏاڻ نه 'جاي عشرت' جهڙا. هندن بمبئيءَ مان به هڪ ايراني پروفيسر 'خليل' پاڙي تي گهرايو هو، جنهن اچي چيو هو ته "زهي جاي عشرت" مسجد لاءِ ماده لي نٿو سگهي. جڏهن مٿيون قطعو مولانا حاجي الاهي بخش مرحوم جو "الوحيد" ۾ چپيل ڪيس پڪاريو ويو، ته ڏاڍو شرمندو ٿيوا

جج جيڪا فتوا لکي آهي، ان ۾ اهو قطعو به لکيو ائس. ان قطعي به مسجد جي فتوا ۾ ڪيس گهٽو همتايو آهي.

هرگز نميرد آنکه دلش زنده شد بعشق،
ثبت است بر جريدهٔ عالم دوام ما!

قطعه تاريخ وفات مولانا حاجي الاهي بخش رحـ

(از دين محمد "اديب" فيروز شاهي)

الاهي بخش علامهٔ زمانه — بهر فن ماهر و فرد و يگانه
بلطف خاص مولي بود مشمول — بجستي بهر او رحمت بهانه
بعشق مصطفي پروانه بوده — ز علم و معرفت دادش خزانه
بدل ميداشت عشق مصطفي بيش — ز نار عشق گرديدش زبانه
بيء عشق حق و عشق محمد — خدا دادش زياده دار و دانه
بحج و اعتمار او شد مشرف — محمد را ببوسيد آستانه
بيء وصل خداوند دوعالم — ز دنيا سوي عقبي شد روانه
بگنتر سال او "پايه فضيلت" — بفضلش حق دهد در خلد خانه

۱۳۳۸ هجري

ايضاً

پروانه خلق بود بشمع جمال تو — آشفته اهل فضل بحسن کمال تو
دولت حقت بداد ز علم و عمل وسيع — داند نه اهل علم يمين و شمال تو
حسن بيان تو ز بديع و بيان بليغ — مسحور گشت عقل ز سحر حلال تو
از بهر نشر دين شده مخصوص ذات تو — تدريس علم شرع متاع و منال تو
حظ کثير گشت ز حکمت ترا عطا — باشد همين دليل ز حسن مآل تو
لفقت لسعودي از پدرم بيشتر بمن — اجرت ز حصر بيش دهد ذوالجلال تو

آزاد را تو بنده نمودي بحسن خُلق
محصور خَلق بود بحصن خصالِ تو

چندين درختِ عارِ نشاندي بدشتِ سِند
باغِ بهشت گشت ز يک دو نهالِ تو

خوش وقت وخوش نصيب زاخلاص توشده
گشتند در علومِ کسانيکه آلِ تو

شد صاحبِ فيوض وفيره ز يمن تو
هرکس که يافت فيض ز جود و نوالِ تو

از بخششِ خدا ست بقاي مآثرت
در علم و فضل هست جهاني عيالِ تو

شيري ز شيرِ تربيتت شد بطبعها
در بيشهٔ ادب اسد آسد غزالِ تو

موهوب علمِ تست ز مکسوب بيشتر
در کسب گشت صرف زعمرت دو سالِ تو

از حسنِ حالِ تو بنوديم حالِ نيک
آئينهٔ حقيقتِ حق مر مقالِ تو

از رفقِ طبعِ نيکِ تو بيباک مي بُديم
مرعوب خلق عام ز شان جلالِ تو

بدرِ سپهرِ علم و ادب ذات سامیت
باشد نويد عيد طلوعِ هلالِ تو

قربان نقطهٔ خطِ تو خالِ خوبرو
حيران عطارد ست ز نقشِ کمالِ تو

دادي سبق بـ منتهيان باکمال لطف
ديده گهي نـ مبتديان گوشمالِ تو

تصنيف تو بردِ رسومات سيئه
در دورِ فتنه هست جهاد و جدالِ تو

اقلام تو سهام پيءِ رفع دشمنان
اعلاي حکمِ حقِ تعالی قتالِ تو

مرقاتِ آسمانِ سعاداتِ دوجهان
بي شبه بهر خلق قبول مثالِ تو

تصويرِ صدق بود همه کارهاي تو
معيار بهر باطل و حق اعتدالِ تو

دادي اذانِ دعوتِ دينِ خداي پاک
کلک و زبانِ تو شده حقّا بلالِ تو

مجموعهٔ صفات تو در کس نيافتيم
جستيم گرچه ديده نشد يک مثالِ تو

عاجز "اديب" هست ز شرح محاسنت
افزون ز سفتن ست بمدحت لالِ تو

بستي بغرّهٔ رمضان رختِ رحلتت
اين است بهرِ رحمتِ حق نيک فالِ تو

ز اندوه مرگ تست قيامت بپيءِ جهان
تمثالِ رستخيز شده انتقالِ تو

از موتِ عالم ست چو موتِ جهانيان
طاري ست سکته بر همه از ارتحالِ تو

حق بخشدت قصور و دهد در جهان قصور
در خلد بر خوريم ز نخلِ وصالِ تو

مر "پايهٔ فضيلتِ" تو حق کند بلند
بيني ز فضل آنکه ندیده خيالِ تو

۱۳۳۸

روزِ حساب باد ترا مصطفیٰ شفيع
باشد بخلدِ مصطفوي اتصالِ تو

از حرمت رسول "إلاهي ببخش" آنچه
تقصير کرد عبد تو در امتثالِ تو

فرد

چون بپرسيدم ز هاتف سال او
"مورد رضوان بيحد باد" گفت

۱۳۳۸ هجري

خليفو محمد امين بلي


سرحوم مخدوم ابو محمد عبدالله ولهاري

جهڙو اتر جي علماء ڪرام ۾ حضرت همايوني ۽ حضرت ملڪاڻي صاحبن ڪي علمي تفاخر حاصل هو، اهڙوئي سُهراڻي ۾ علمائن ۾ حضرت ولهاريءَ جو درجو هو. قديم وقت ڪان وٺي عمرڪوٽ جا حاڪم هندو راجپوت هوندا هنا، ۽ هندن جي راڄڌانيءَ ۾ رهڻ سبب مسلمانن ۾ گهٽيون غير شرعي رسمون جاري هيون، جي حضرت ولهاريءَ جي شرعي جدوجهد سبب گهٽي قدر ميڙجي ۽ ميسارجي ويون. ڪفر ۽ الحاد جون ڀاڙون ٿي، تر ريڪستان جهڙي ڪفرستان ۾ توحيد جو آواز ٻڌجائڻ؛ حضرت مولانا حبيب الله صاحب سڳوري ۽ مولوي محمد اسماعيل ڏ ل جهڙا مخير عالم پيدا ڪري تر ۾ ڪين سر شرعي احڪام جاري ڪرڻ ـ اهو حضرت ولهاريءَ جو ئي ڪم هو. هن مهراڻي جي مجدد ڪي جيڪڏهن "قاسم الفيوض" چئجي تہ بلڪل بجا آيندو. هن عالم ابن عالم جي زندگي ۽ خاندان جو مختصر احوال هيٺ ڏجي ٿو، جو سندن هوڻي ميان هدايت الله صاحب ولهاري، رئيس اعظم ڊورو نارو، ڪان معلوم ٿيو آهي.

حضرت ولهاريءَ جو اسم مبارڪ هو عبدالله، ڪنيت ابو محمد، لقب حاجي اڪبري، نوم سمان. سندن والد جو نالو هو ميان محمد ابراهيم بن ميان عبدالله. سندن اصل وطن هو ولهار. پاڻ سنڌ جي مشهور بزرگ "صابر برند" جي اولاد مان آهن. حضرت ولهاري سن ۱۲۴۱ هـ ڌاري تولد ٿيا هنا. سندن تعليم ابتدا ڪان آخر تائين سندن والد سڳوري وٽ هوري ٿي هئي.

آثار مان معلوم ٿئي ٿو تہ سن ۱۰۸۵ هـ ڌاري هن خاندان جو ڏئي جي عالمن سان لڳ ڍ جو رستو جاري هو. پراڻن ڪاغذن مان هڪ هوسيده ٽڪر تي هيءَ عبارت ڏسڻ ۾ آئي، جا هيٺ نقل ڪجي ٿي: "ثم اني نصرت الفاضل الڪامل مولانا مخدوم عبدالله ولهاري ڪما اجازني الشيخ العارف بالله العالم رباني شيخ عبدالغني مجددي دامت برڪاته ـ و انا الفقير الي الله الڪريم عبدالرحيم بن مخدوم عبدالڪريم التتوي سنه الف و خمس، ثمانين، بلده تته". ان هڪ مهر بيضوي شڪل جي لڳل آهي، جنهن ۾ "الله الغني و انتم الفقراء" لکيل آهي. هن مان معلوم ٿيندو تہ هن خاندان جا فرد گهٽي وقت ڪان وٺي درس تدريس جو مشغلو جاري رکندا آيا آهن.

ولهار مان نقل مڪان جو هورو وقت معلوم ڪونهي، مگر ميان هدايت الله جي روايت موجب سندن وڏا ولهار مان لڏي وڃي سعيد پور ۾ ويٺا، جتي ٽڪر تي سندن مدرسو هوندو هو. سعيد پور مان نقل مڪان ڪري ڳوٺ سيد غلام نبي شاهہ ۾ اچڻ جو بہ وقت معلوم ن



"حمیرن حساب، که ڇاڻان ڪهڙو ٿیو!"



هڑ پالا، وڑھ پاکرين، آڈي ڊال مَ ڊارا!

ـ شاھ

آهي؛ ليڪن گمان غالب آهي تہ حضرت ولهاريءَ جو تولد هتي هن ملڪ ۾ ٿيو هو، چاڪاڻ تہ هتي جا وڏيءَ عمر وارا پنهنجن وڏن کي ميان محمد ابراهيم جا شاگرد تسليم ڪندا هئا۔ خصوصاً راقم جو ڏاڏو درس محمد عثمان هاڙه وارو، سندن هم-سبق ۽ رضاعي نسبت رکندڙ صحبتي ۽ معتقد هو، جو مرڻ بعد به سندن آغوش شفقت ۾ آرامي آهي.

حضرت مخدوم ولهاريءَ، پنهنجي والد کان تحصيل علم بعد، درس تدريس جو مشغلو وڏن جي نقش قدم موجب جاري رکيو. اول سندن شاهي مدرسو، شهر حيدرآباد ۾ پائيخان جي چاڙهيءَ تي هوندو هو. اڃا عمر ۾ اتان پنهنجي ڳوٺ موٽي آيا ۽ ڪنيري شريف ۾ اچي مدرسو جاري ڪيائون، جتان مرحوم مولانا حاجي حبيب الله ريگستاني، مولوي محمد اسماعيل دل ۽ سيد گل حسن شاهہ جهڙا مخير عالم، علمي فيض حاصل ڪري، ٻر جا مجدد سڏجڻ لڳا. سندن تصنيفات جو پورو پتو پڄي نہ سگهيو آهي. سندن ڪتبخانو به پورو محفوظ نہ رهيو آهي. ڪي ڪتاب حضرت شمس العلماء ڈاڪٽر دائودپوٽو ڪٽي ويو هو. ڪتبخاني کي چگهيءَ طرح جاچي ڪتابن جي لسٽ ٺاهڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ عهہ ڏينهن جو وقت گهرجي. حضرت مخدوم ولهاريءَ جو وصال سن ۱۳۰۶ھ ۾ واقع ٿيو آهي. سندس مقبرو مبارڪ ڳوٺ ڪنيرو شريف ۾ موجود آهي.

حضرت مخدوم ولهاريءَ جي فقيري طريقي ۾ بيعت ٽڪڙ جي مشهور عالم ۽ برگزيده صفات صوفي حضرت آغا عبدالرحمان جان مجددي ثم سرهندي عليہ رحمت سان ٿيل هئي. سندن به صاحبزادا ميون حاجي محمد ۽ ميون حاجي احمد هئا، جي ٻئي نيڪ، پرهيزگار ۽ شب خيز هئا. ميان حاجي محمد جا به صاحبزادا هئا، جن مان صاحبزادو عبدالله ثاني، حضرت مخدوم عثمان قراني جي مدرسي مان تحصيل علم جي سند حاصل ڪري اچي وڏن جي مصلي درس تدريس تي ويٺو، ۽ سندس چاچي ميان حاجي احمد صاحب سگهوري وڏو خرچ ڪري مدرسي جي عمارت تعمير ڪرائي صاحبزادي جي همت افزائي ڪئي؛ ليڪن تقدير ڪي اهو منظور نہ هو، جو سن ۱۳۳۹ھ ۾ ڦوهہ جواني جي وقت اهو نوجوان عالم پنهنجي بزرگ چاچي ۽ پائرن کي داغ جدائيءَ جو ڏيئي وڃي اعليٰ عليين ۾ آرامي ٿيو. مدرسو ۽ مسجد ڪسمپرسيءَ جي حالت ۾ اڄ تائين موجود آهن. صاحبزادي جو ننڍو پاءُ ميان عبدالرحمان ان واقع جان گداز بعد سالم دماغ رهي ڪين سگهيو. انهيءَ مستي واري زماني ۾ ڪيترين سنڌي ڪافين سان ڪڏهڪ برادر نامو، قدير "فراق نامي" جي طرز تي ناهيو هئائين، جو ڏاڍو درد انگيز هو. سندن طبيعت وڏيڪ خراب ٿيڻ جي ڊپ کان اهو درنايات سندن چاچي سگهوري ضايع ڪري ڇڏيو. هينئر تازو ساڳئي ڳوٺ ۾ منهنجو وڃڻ ٿيو، جتي سندن هڪ قطعو مليو، جو پاڻ مستيءَ واري زماني ۾ مسجد جي ديوار تي لکيو هئائين تہ "بنا کرده شد مسجد دلپزير- به همت ميان شير محمد فقير." وڏيڪ سندن ڪلام هٿ ڪرڻ جي جدوجهد جاري آهي. حضرت مخدوم ولهاريءَ جي ٻئي نمبر فرزند ميان حاجي احمد سگهوري جا ٻہ فرزند ميان هدايت الله صاحب ۽ ميان عبدالحق موجود آهن. شال رب ڪريم هنن بزرگ زادن کي پنهنجي وڏن جي نقش قدم تي هلڻ جي توفيق عطا فرمائي - آمين!

حبيب الله مولابخش ٻڌو

مرحوم مير علي نواز علوي شڪارپوري

مير علي نواز مرحوم، شڪارپور جي مشهور علوي خاندان جو چشمو و چراغ، پنهنجي وقت ۾ علم طب جو مشهور حاڪو، چگو خاصو سياستدان ۽ اعليٰ اخلاق جو مالڪ ٿي گذريو آهي. هي صاحب اڄ کان اٽڪل هڪ صدي اڳ، سال ۱۸۵۲ع ۾، شڪارپور ۾ تولد ٿيو هو. سندس والد بزرگوار جو نالو ميان فخرالدين صاحب هو، جو مير علي مراد خان ٽالپر جي عهد حڪومت ۾، ڪيترو عرصو، رياست خيرپور جو وزير اعليٰ ٿي رهيو هو.

علوي خاندان جا وڏا اصل افغانستان جا رهاڪو هئا، جتان هنن جو جد امجد ميان فقيرالله صاحب علوي مرحوم، جو پنهنجي وقت جو هڪ وڏو جيد بزرگ ۽ اولياء الله ٿي گذريو آهي، سن ۱۷۳۲ مسيحي ڌاري، ميان نورمحمد خان ڪلهوڙي جي صاحبيءَ وقت، لڏي اچي شڪارپور ۾ رهيو هو. هن خاندان جو حسب نسب جئن ته وڃيو حضرت علي ڪرم الله وجهه سان ملي ٿو، ان ڪري هن خاندان کي "علوي سادات" جي نالي سان سڏيو ويندو آهي.

ميان علي نواز مرحوم پنهنجي تعليم و تدريس شڪارپور ۾ ئي مڪمل ڪئي هئي، ۽ ڪيس سنڌي زبان سان گڏ عربي، پارسي ۽ سرائڪي وغيره پولين تي ۾ ڪافي دسترس حاصل هوندي هئي. شعر و شاعري ۽ علم و ادب سان مرحوم علويءَ جي خاص دلچسپي هوندي هئي. سندس پيو محبوب مشغلو علم طب هوندو هو، جنهن جي ذريعي مرحوم سڄي چمار عوام‌الناس جي چگي خاصي خدمت انجام ڏني هئي. سندس هٿ-شفا جو اهو عالم هوندو هو، جو پنهنجي ڏيس کان سواءِ ڏورانهن ڏيهن جا ۾ ڪيترا لاعلاج مريض ونس ٻهڪي، مڪمل صحت حاصل ڪري ويندا هئا.

مرحوم پنهنجي حياتيءَ ۾ علم طب تي ڪيترا ڪتاب لکيا هئا، ۽ انهن جو هن وقت ملڻ يا دستياب ٿيڻ عنقا مثل آهي. سندس تصنيفات مان هڪ ئي مشهور تصنيف "البشارة لاهل بشارة" ٿالي هڪ عربي ڪتاب آهي، جو پنهنجي حياتيءَ ۾ ڇپايو هئائين، ۽ ان جي ضخامت قريباً ٽي سو صفحا آهي. هن ڪتاب کان سواءِ، مرحوم جو پيو عالم آشڪار ڪتاب "ڪليات علوي" ٿالي هڪ شعر جو ڪتاب آهي، جنهن ۾ سندس ڪيترا پارسي قصيدا، سنڌي ڪافيون ۽

دوهرا، هندي ۽ اردو شعر درج ٿيل آهن. مرحوم سرائڪي ٻوليءَ مان پڻ چڱيءَ طرح واقف هو ۽ ان ۾ پڻ سندس ڪيترو سارو شعر چيل آهي، جو فصاحت ۽ بلاغت جي نقطه نگاهه کان پنهنجو مٽ پاڻ آهي.

طبي ۽ ادبي مشغولين سان گڏ مرحوم ملڪي سياست سان پڻ گهرو واسطو رکندو هو، ۽ ان حقيقت جي مدنظر، سال ۱۹۱۱ع ۾، ڪيس شڪارپور ميونسپل جو وائس چئرمين چونڊيو ويو هو. سال ۱۹۱۹ع ۾، سنڌ ۾ جڏهن پهريون دفعو "ٻنچ ڪورٽون" وجود ۾ آنديون ويئون هيون، تڏهن شڪارپور جي پهرين ٻنچ ڪورٽ جو پهريون چئرمين علوي مرحوم ٿيو هو. ان عهدي تي رهندي، هن صاحب پنهنجي انصاف پسنديءَ ۽ منصف مزاجيءَ جو جيڪو مثال پيش ڪيو هو، تنهن جي ڀرسن ۽ سن رسيدا ماڻهو اڄ به ساک پريندا آهن. مرحوم جي اعليٰ اخلاق متعلق پڻ ڪيترين ڪهاڻيون مشهور آهن، جن مان هن جي سخا، عفو ۽ مهمان نوازيءَ جي پوري پوري خبر پوي ٿي.

سال ۱۹۲۰ع جي جنوري مهيني ۾، هن عالم فاضل ۽ مشهور معروف اديب، هي فاني جامو لاهي بقا جو ويس ڏيکيو هو، ۽ شڪارپور شهر ۾ سندس مستقل مسڪن اڄ به عوام جي زيارت جو مڪي مرڪز ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

مرحوم مولانا عبدالرحمان ميمڻ شڪارپوري

حضرت مولانا مولوي عبدالرحمان صاحب ميمڻ، ولد خليفو محمد بچل ميمڻ، تاريخ ٢٣ ذوالحج ١٢٩٩ هجريءَ ۾ شڪارپور سنڌ ۾ تولد ٿيا، ۽ تاريخ ٨ ربيع الاخر ١٣٤٠هـ ۾ شڪارپور ۾ چاليهن سالن جي عمر ۾ وفات ڪيائون.

حضرت مولانا جي سموري زندگي شڪارپور ۾ گذري. ٻاڻ ٽيويهن ورهين جي ڄمار ۾ تحصيل علم ڪري دستار فضيلت ٻڌي. ان کان پوءِ لاڳيتو سترهن ورهيه درس و تدريس ۾ مشغول رهيا. مولانا مرحوم جن اساتذهٔ ڪرام کان فيض حاصل ڪيو، تن ۾ حضرت مولانا مولوي حافظ محمد حيات صاحب قريشي ساڪن شڪارپور، مولانا هماء همايوني ۽ علامه مفتي عبدالغفور صاحب (همايون شريف، ضلعو سکر) جا اسماء گرامي قابل ذڪر آهن.

هيٺيان بزرگ مولانا جي همعصرن مان هٿا: (١) مولانا سيد قاضي بهادر علي شاهه چشتي، شڪارپور؛ (٢) مولانا مولوي حڪيم عبدالرحيم صاحب قريشي، شڪارپور؛ (٣) خليفو يارمحمد صاحب، شڪارپور؛ (٤) مولانا غلام رسول صاحب چشتي، شڪارپور؛ (٥) مولانا مولوي جهان خان صاحب، شڪارپور؛ ۽ (٦) حضرت مولانا مير سيد علينواز شاهه علوي شڪارپور. مير سيد علينواز سان حضرت مولانا عبدالرحمان صاحب مرحوم جا نهايت گهاڻا دوستانه تعلقات هٿا. سندن ملاقاتن جو سلسلو هميشه جاري رهندو هو، ۽ سندن علمي ڪالمات هميشه ٿيندا رهندا هٿا.

حضرت مولانا ڪان ڪيترائي شاگرد عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم ورتي ويا. جملي ٢٤ طالب حضرات، مولانا مرحوم وٽ تحصيل علم ڪري، دستار فضيلت ٻڌي، مولوي ٿي ويا. حضرت مولانا جو طريقهء تدريس بيحد دلنشين ۽ آسان هوندو هو. ٻاڻ شاگردن تي بيحد شفيق ۽ مهربان هوندا هٿا. فطرتاً حليم مزاج، خوش اخلاق، بلند حوصلي ۽ نرم دل وارا هوندا هٿا. صوفي منش ۽ اولياء الله جي ڪمالات ۽ باطني فيوضات جا قائل ۽ عقيدتمند هٿا. عملاً عابد، صالح ۽ ذاڪر هٿا. عقيدتاً اهل سنت جا پوريءَ ريت پابند هٿا. شرڪ ۽ بدعات کان بيحد متنفر هٿا، ۽ غير شرعي رسومات جو سختيءَ سان رد ڪندا هٿا.

مولانا مرحوم جون سندي، عربي ۽ فارسيءَ ۾ هيٺيون تصنيفون مشهور آهن:
(۱) فضائل سيد المرسلين صلعم (سنڌيءَ ۾)، (۲) فضائل خلفاء راشدين رضه، (۳) مجموعه فتاوىٰ (فارسي مسائل)، ۽ (۴) مجموعه رسائل (عربي مسائل).

مولانا مرحوم، بلبل شيراز حافظ خواجه شمس الدين جي ديوان، ۽ طوطيءَ شيراز حضرت مصلح الدين سعدي شيرازيءَ جي "گلستان" جا عاشق هئا، ۽ هنهي کتابن جي لطائف، نڪات ۽ رموز و اسرار جا وڏا ماهر هئا.

حضرت مولانا، قادري طريقي وارا هئا؛ ۽ حضرت پير صاحب پير سيد غلام محي الدين شاهه صاحب راڻيپور شريف واري جا مريد هئا.

سندن شاگردن جو حلقو نهايت وسيع آهي، جن مان ڪن اهم شخصيتن جا نالا حسب ذيل آهن: (۱) حڪيم مولوي حاجي عبدالڪريم چشتي، شڪارپور؛ (۲) حڪيم مولوي حاجي فضل الله سومرو، شڪارپور؛ (۳) حڪيم مولوي حاجي رحمت الله ميمڻ، شڪارپور؛ (۴) مولوي خدا بخش ميمڻ، شڪارپور؛ (۵) مولوي حافظ عبدالحميد ميمڻ، شڪارپور؛ (۶) مولوي حافظ قادر بخش لاڙڪ، شڪارپور؛ (۷) مولوي پير حاجي فضل احمد سرهندي، شڪارپور؛ ۽ (۸) مولوي حافظ محمد موسيٰ خان ڪراني، بلوچستاني.

مولانا مرحوم ۱۳۴۰ هجريءَ ۾ وصال ڪيو. بيماريءَ جي انهيءَ عرصي ۾، مولانا جو پاڻ مولانا رحمت الله ۽ سندس پيارا شاگرد مولوي عبدالڪريم چشتي ۽ مولوي فضل الله خدمت ۾ حاضر رهيا. مرحوم جي نماز جنازه ۾ هزارن ماڻهن شرڪت ڪئي. سندن وفات جو سال هن مصرع مان نڪري ٿو:

"داد حق جنت فردوس بہ عبدالرحمان" — ۱۳۴۰ھ.

مولانا فيض محمد صاحب "واعظ" مرحوم

مولانا فيض محمد صاحب ڏوکريءَ جو رهاکو هو. تعليم مولانا عبدالرزاق صاحب کان ورتائين، جو خيرپور ناٿن شاهه جي پرسان ونجهي نالي ڳوٺ جو رهاکو هو، ۽ جان محمد لاکير جي ڳوٺ ۾ سندس مدرسو هو. الهيءَ مدرسي ۾ مولانا فيض محمد، مولانا عبدالرزاق وٽ پڙهيو ۽ فارغ التحصيل ٿيو. دستاربنديءَ بعد مولانا فيض محمد ڏوکريءَ ۾ پڙهائيندو هو. حڪيم مولوي قادربخش ميرپور خاص وارو جڏهن ڏوکريءَ جي سکول ۾ بدلي ٿي ويو، تڏهن اتي مولوي فيض محمد وٽ عربي پڙهي فارغ التحصيل ٿيو؛ ۽ حڪيم صاحب فارسي وري خيرپور ناٿن شاهه ۾ نوکريءَ جي دوران ۾ ماستر ميان محمد اعظم وٽ پڙهي.

حڪيم مولوي قادربخش چيو ته "مولوي فيض محمد صاحب نهايت مخلص هو ۽ فضول رسمن کي ختم ڪرڻ لاءِ هر وقت کوشان رهندو هو ـ ايتريقدر جو ملاکڙو لڳندو هو ته اتي به وڃي ماٿهن کي وعظ ڪندو هو."

مولانا فيض محمد ۽ مولانا محمد سليمان اڪثر و بيشتر گڏجي وعظ ڪندا هئا. "هر گلي را رنگ و بوي ديگرست" جي مضمون موافق ٻنهي جي وعظ جو رنگ جدا هو، پر انهن جي وعظ ۾ فرق ڪرڻ آسان نه هو: ٻنهي مان پورو مزو ايندو هو، جو هڪڙي کي ٻئي تي ترجيح ڏيئي نه سگهبي هئي.

خلافت جي تحريڪ ۾ ڪابل ڏانهن هجرت ڪيائين، ۽ ڪابل ۾ ئي وفات ڪري ويو. هوءَ سندس پار موڪي آيا. سندس شايد ئي پٽ آهن ـ محمد ادريس، غلام نبي مختيارڪار ۽ ٽيون نامعلوم. پهريان ٻئي پٽ عربي پڙهيل آهن. محمد ادريس هڪڙو پارن سميت وڃي مدينه شريف ۾ ڪونت پذير ٿيو آهي.

سيد پير شهاب الدين شاهه مرحوم لکياري

لکياري خاندان جو ٻي ٻها موتي، جيد عالم، اخلاق ۽ اخلاص جو مالڪ، فقير طبيعت، حاتم صفت، منصف مزاج، رحمدل حاڪم، خوش پوشاڪ، خوش گفتار، فرخنده ستاره، حسين، جميل، سيد پير شهاب الدين شاهه رحمت الله عليه جن هالائيءَ جي تاريخي شهر ۾ سال ۱۸۶۸ع ڌاري تولد ٿيا هٿا. سندن والد بزرگوار جن آنهيءَ زماني ۾ ميرسَر علي مراد خان ٽالپر رياست خيرپور ميرس جن وٽ دفترداريءَ جي اعليٰ منصب تي فائز هٿا، ۽ ميرصاحب طرفان تمام رياست جي حدود اندر فصلن لهڻ بعد ديرن ۾ داڻبندي ڪرائي ميرصاحب پاڻ ماڻهن کان آن" جي جنس ۾ ڏل وصول ڪندا هٿا؛ ميرصاحب جي آڏ وغيره جو انتظام به سندن حوالي هوندو هو. انهيءَ وقت ۾ گويا رياست جا وزيراعظم پاڻ هٿا. سندن اسم گرامي سيد فتح علي شاهه هو.

شروعات کان وٺي مرحوم سيد فتح علي شاهه جن جي پنهنجي نينگر سيد شهاب الدين شاهه سان دلي محبت هٿي، ۽ پاڻ محبت سبب کين پيرشهاب الدين شاهه جي نالي سان سڏيندا هٿا ۽ فرمائيندا هٿا ته "اسان جو هيءُ نينگر وڏي اعليٰ اقبال ۽ نصيب وارو ٿيندو ۽ وقت جو يڪانو عالم ٿيندو ۽ اسان جي خاندان جو نالو بلند ڪندو". اللہ تبارڪ و تعالي سندن دعا قبول فرمائي، ۽ سيد پيرشهاب الدين شاهه وقت جو هڪ علامه ۽ نهايت بختاور اعليٰ عملدار ٿيو. سيد فتح علي شاهه مرحوم جن پنهنجي هن هم صفت موصوف فرزند کي اعليٰ تعليم ۽ تربيت ڏيڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي، ۽ پنهنجي حياتيءَ ۾ ئي کيس دستاربند مولوي صاحب ڏائون. سُنڌ ۾ پهريائين پاڻ پارسيءَ ۽ عربيءَ جو مطالعو هالائيءَ واري مولوي صاحب مرحوم عبدالله صاحب رحمت الله عليه وٽ ڪيائون؛ تنهن کان پوءِ ڪجهه وقت مولوي صاحب مرحوم ميان غلام محمد صاحب مهيسر (ڳوٺ ڪمالدرو، تعلقو گمبٽ، رياست خيرپور ميرس) وٽ عربي ۽ پارسي تعليم جو اڀياس ڪيائون، جنهن بعد مڪمل طور تي علم ۽ ادب پنهنجي آستاد صاحب مرحوم حاجي قطب الزمان مولانا غلام صديق صاحب مدظله (شهداد ڪوٽ) جي نگراني هيٺ حاصل ڪري، باقاعدي دين جي دستار بندي، پنهنجي وطن مالوف هالائيءَ واپس ٿيا. ٿوري ئي وقت ۾ سندن والد مرحوم سيد فتح علي شاهه، ميرصاحب جن جي تخت‌گاهه

شهر کوٹڈجيءَ ۾، تاريخ يارهين محرم الحرام جي، حضرت امام حسين عليه السلام جي نياز ۽ نذر جي ديڳين ونڊ رائيندي، داعيءَ موت کي لبيڪ چئي دارالبقا روانا ٿيا. سندن وفات بعد، سندن ناز پروردہ نوجوان نينگر ۽ مولوي صاحب پير شهاب الدين شاهه تي گويا مصيبتن جا پهاڙ ڪري پيا. هڪ طرف هڙي بختاور ۽ مهربان والد جو وڇوڙو، ٻئي طرف ٻچڙا ننڍڙا ۽ انهن جي پرورش ۽ قوت گذران جو ٿمر ۽ سامان ڪونہ: ڇو تہ سندس مائيلي ياءَ مرحوم غلام حسين شاهه، جو ڪائنس عمر ۾ گهٽو وڏو هو، تنهن نهايت جابرانہ نموني ۾ مرحوم فتح علي شاهه جي تمام ملڪيت (متحرڪ ۽ غير متحرڪ) تي ايتريقدر تہ قبضو ڪيو، جو بيٽيءِ شهاب الدين شاهه وٽ سواءِ غم و الم جي ٻيو ڪجهه ڪين هو جو ٻچا پالي سگهي. ڀاڻ هر وقت پنهنجي والد بزرگوار جي تربت تي ڪلام پاڪ پڙهندا ۽ رئندا هئا. آخر چاليهين ڏينهن، هڪ رات جو، خواب ۾ پنهنجي والد مرحوم جن سان همڪلام ٿي ڀچيائون تہ "قبلا، هن دنيا ۾ سائين جن يتيمن ۽ غريبن تي مهربان هوندا هئا، هاڻي ڇا حال آهي؟" يعني، معنوي طرح ڀچيائون تہ هن دنيا ۾ سائين جن يتيمن ۽ غريبن تي مهربان هوندا هئا، مگر اوهان جي وفات بعد اوهان جي يتيمن ۽ غريب لينگر شهاب الدين شاهه جي سنيال ڪونہ ٿو ڪري. جواب آيو تہ "اسان يتيمن ۽ غريبن تي اڳي کان بہ زياده مهربان آهيون ـ يعني اسان اوهان کي وساري ڪونہ ڇڏيو، ۽ اڳي کان بہ زياده ياد آهيو." انهيءَ خواب کان پوءِ کين گهٽو دلي سڪون حاصل ٿيو. پوءِ جلدئي سندن مهربان استاد ڪامل مرحوم ميان غلام صديق صاحب جن، سندن لکيل التجا تي، شهدادڪوٽ کان هالاڻيءَ پهتا ۽ نهايت مجذوبانہ نموني ۾ باري تعالىٰ جي درگاهہ ۾ عرض گذاري، پير شهاب الدين شاهه کي اهو رنگ لاتائون، جو سڄي حياتي وڏي جاه و جلال سان گذاري پنهنجي خاندان جو نالو بلند ڪيائون. ڇيو وڃي ٿو تہ جناب مولانا صاحب درگاه ايزدي ۾ هيئين التجا ڪئي: "اي بارخدايا! يوسف عليه السلام ياڻرن جي حسد کان کوهہ جي تري ۾ ويو، مگر تنهنجي نوازش سان مصر جو بادشاهہ ٿيو. سندس مصيبت وقت سندس والد زنده هو، مگر شهاب الدين شاهه جو والد نوت ٿي ويو آهي ۽ سندس ياءَ جي حسد جي ڪا حد ئي ڪانهي. ڇا، تون پنهنجي محبوب جي اولاد کي اڪيلو ڇڏيندين؛ سندس مائيلي ياءَ جي مصيبت انگيز مصلحتن جو مصداق بڻائيندين؟ مون کي تنهنجي وفائيءَ جو قسم، ۽ تنهنجي دلخواهيءَ جو قسم، تہ ائين هرگز نہ ٿيندو ـ هرگز نہ ٿيندو! شهاب الدين شاهه جون سڀ مصيبتون معاف معاف... شهاب الدين شاهه حاڪم حڪمران صاف صاف!" ولين جون وراثيون تيربهدف آهن. ٻن ڏينهن اندر ميرفيض محمد خان تالپر، والي رياست خيرپور ميرس، پنهنجن پوٽن ميرعلي نواز خان ۽ ميرغلام حسن خان جي ٻڌائڻ لاءِ، پير شهاب الدين شاهه کي سڏي ماهياني پگهار تي سندن معلم مقرر فرمايو، جتان پوءِ خان قادرداد خان وزير رياست خيرپور ميرس کين مختيارڪار مقرر ڪيو ـ جتان پوءِ وڏي رياست جا نائب وزير ٿيا. پهريائين ڀاڻ خان قادرداد خان وزير صاحب رياست خيرپور ميرس

جي وقت ۾ ناري تعلقي رياست خيرپور جا مختيارڪار صاحب مقرر ٿيا ۽ حضور وزير صاحب بهادر جن جي منظوريءَ سان ناري تعلقي جي هيڊڪوارٽر سوراهه ۾ هڪ ڪوهه ڪٽايائون، جو اڄا تائين موجود آهي. اُنهيءَ ڪوهه جو پاڻي هر موسم ۾ نهايت مٺو ۽ ٺڏو رهندو آهي. منقول مشهور آهي ته جنهن جاءِ تي هينئر سوراهه ۾ ڪوهه آهي، انهيءَ هنڌ تي پهريائين پير صاحب مرحوم سيد شهاب الدين شاهه جن پاڻ رڪعتون نفل پڙهي، بارگاهه ايزديءَ مان دعا گهري، فرمايو ته "هن هنڌ ڪوهه کوٽيو: انشاءالله تعالىٰ ته پاڻي مٺو ۽ ٺڏو نڪرندو"- الله تبارڪ و تعالىٰ جو شان، ٿيو به ائين! انهيءَ ڪان اڳ، انهيءَ ڪوهه جي آسپاس ڪوهه کوٽڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي هئي ته پاڻي ڪارو ۽ گرم نڪتو هو، مگر هن مرد مولىٰ جي برڪت سان پاڻي مٺو ۽ ٺڏو نڪتو. ناري جهڙي تعلقي ۾ پاڻي هڪ غنيمت آهي، جو ريگستان هجڻ سبب اتي رت جي بوءِ ايندي آهي ۽ اهوئي ڪوهه آهي، جتان پاڻيءَ جون ڪليون پري ويچارا ٽرن ۽ بَرن جا پانڌيڙا پنهنجي دڳهي سفر تي روانا ٿيندا آهن.

پاڻ پوءِ تعلقي فيض گنج جا مختيارڪار صاحب مقرر ٿيا، جتي هيڊڪوارٽر پڪن چانگن ۾ پڻ هڪ ڪوهه ڪٽايائون ۽ باغ رڪايائون، جي پڻي اڄا تائين موجود آهن. پڪن چانگن وارو ڪوهه به اڄا تائين مٺي ۽ ٺڏي پاڻيءَ ڪان مشهور آهي.

ان ڪان پوءِ پاڻ تعلقي ڪمبٽ جا مختيارڪار صاحب مقرر ٿيا ۽ گهڻو وقت اتي مختيارڪاري ڪيائون. انهيءَ وقت پير صالح شاهه سائين جيلاني سجاده نشين درگاهه راڻيپور شريف، پير خميس علي شاهه جيلاني سجاده نشين درگاهه شريف ڪمبٽ، سخي قبول محمد سائين سجاده نشين درگاهه درازا شريف ۽ مخدوم صاحب کهڙن وارن سان سندن تمام گهرو ۽ گهاڻو، ظاهري ۽ روحاني رشتو هو، ۽ پاڻ پنهنجي استاد مرحوم ميان غلام محمد صاحب مهيسر جن جي زيارت فيض بشارت لاءِ مهيسرن جي ڳوٺ ۾ به پنهنجي مختيارڪاريءَ ڪمبٽ جي وقت ۾ گهڻو ويندا هئا. انهيءَ بعد پاڻ تعلقي ميرواهه جا مختيارڪار صاحب ٿيا، جتي پڻ کوهه ڪٽايائون ۽ باغ رڪايائون. تنهن ڪان پوءِ پاڻ ميرواهه ڊويزن جا نائب وزير صاحب مقرر ٿيا، ۽ سندن هيڊڪوارٽر ئري تعلقو ميرواهه ٿيو.

نوَن ڏهن مهينن بعد پاڻ، فالج جي بيماريءَ سبب، سال ۱۹۲۵ع مطابق ۲۱ ذوالحج ۱۳۴۴ هجريءَ ۾ جان بحق تسليم ڪيائون. اڄ پاڻ پنهنجي ايامكاريءَ ۾ پنهنجي والد بزرگوار مٽان نهايت اعليٰ نموني ۾ تيار ڪرايل چوڪنديءَ ۾ پنهنجي نهايت شفيق والد جي آغوش خوابيده آهن. اها جت سان ڏکيل چوديواري، هالائي شهر ۾، مرحوم فتح علي شاهه جي ايامكاريءَ ۾، سندن حڪم سان تعمير ٿيل، هڪ وڏي ڪوٽ ۾اهران هالائيءَ جي مشهور معروف مسجد شريف، جنهن ۾ مرحوم فتح علي شاهه صاحب جن جا والد سيد محمد عاقل شاهه صاحب مفتي اعظم سنڌ پنهنجي شاگردن کي عربي درس ڏيندا هئا، تنهن مسجد شريف ۽ ڪوٽ جي وچ ۾ آهي.

مرحوم پير شهاب الدين شاهه جن جو علمي دائرو ايترو تہ وسيع هو، جو جن همعصر بزرگن سان سندن خط و ڪتابت جو رستو هو، اهي سڀ متفق راءِ ٿي چوندا هٿا تہ هاڻ جن ڏاڻهن پنهنجي زندگيءَ ۾ خط لکيا اٿن ۽ جيترا بہ خط لکيا اٿن، تن سڀني خطن ۾ عبارت ۽ مضمون علحدہ علحدہ آهي: گويا هاڻ علم جي بحر عميق جا غواص هٿا ۽ هرهڪ دفعي علم جي اونهي سمنڊ جي نهايت اونهي گهرائيءَ ۾ اونهو وڃي، نايابَ دُر ۽ بي بها موتي آندا اٿن، جو جاڻ ۽ پچاڻ وارن پارکن لاءِ عبرت ۽ مسرت جو باعث آهن. ڪلام پاڪ جي آيات، حديث، فقهہ ۽ منطق جي باريڪ نڪتن تي ايتريقدر تہ ضابطو ۽ دسترس هوندي هُيَن، جو وقت جا علماء سندن مقابلي ۾ دنگ رهجي ويندا هٿا. سندن خوشخطي بہ اهڙي مشهور هئي جو سندن اکرن کي صدف مان تازن نڪتل موتين سان مشابهت ڏني ويندي آهي. مير فيض محمد خان والي خيرپور رياست جي ايامڪاريءَ ۾، ملڪ وڪٹوريا قيصر هند جي وفات بعد، ايڈورڈ ستين جي تاجپوشيءَ جي موقعي تي، حسب دستور جڏهن مبارڪبادي‌ءَ جي خلعت پيش ڪرڻ جي ضرورت درپيش آئي، تہ مير صاحب لکنو جا وڏا وڏا علماء گهرايا تہ مضمون نويسي ۽ خوشخطيءَ جي نوع کان مير صاحب والي رياست خيرپور طرفان پيش ڪيل سپاسنامو سڀني راجائن ۽ نوابن کان موڪليل سپاسنامن کان پهريون نمبر شمار ٿئي، مگر هڪ هفتي جي متواتر ڪوشش ۽ قصد ڏيکاريو تہ ٻاهران آيل علماء ۽ سندن جدوجهد رائگان ثابت ٿي: جي مضمون سڏو تہ اکر خراب، جي وري اکر سڏا تہ مضمون بي‌معني ۽ نامڪمل. آخر اهو سهرو بہ مرحوم پيرشهاب‌الدين شاهہ جن جي سر تي آيو، جو هاڻ جڏهن بسم‌الله‌الرحمٰن‌الرحيم ڪري سپاسنامو لکيائون، تہ مضمون خواهہ خوشخطيءَ ۾ بهترين ثابت ٿيو، ۽ شهنشاهہ هند کان مرحوم مير صاحب والي رياست خيرپور ڈاڻهن هڪ شڪريي جو ڪاغذ پهتو، جنهن ۾ ظاهر ڪيو ويو تہ هندستان جي سڀني راجائن ۽ نوابن کان موڪليل سپاسنامن ۾ مير صاحب جن وارو سپاسنامو زياده قابل ذڪر ۽ لائق تعريف آهي. اهو سپاسنامو پارسيءَ ۾ قلمبند ڪيل هو. مضمون ۽ خوشخطيءَ جي نوعيت سبب "ونڊزر ڪنسل" جي عجائب خاني ۾ رکايل آهي. مئجسٽريٽي حيثيت ۾ هاڻ جيڪي فيصلا لکيا اٿن، سي قاعدي جي پختگيءَ ۽ علم جي پلٽ کان نايابَ آهن، ۽ رياست خيرپور جي رکاردِ جو زيب ۽ زينت آهن.

مرحوم پير شهاب الدين شاهہ جن جو خُلق عظيم ساري رياست ۾ مشهور آهي- ايتريقدر جو جڏهن هاڻ پنهنجي مختياريءَ واري زماني ۾ هڪ تعلقي ڪان ٻئي تعلقي ۾ بدلي ٿيندا هٿا، تہ سندن شيرين زبان جا شائق ۽ سندن قرب جا ڪُٹل زيردست خواهہ زميندار، مٽن وڇوڙي ۽ الوداعيءَ جون ڪافيون ۽ راڳٹيون ڳاهي، روئي پٽيان لڳندا هٿا ۽ محض محبت سبب آه و فغان مچائيندا هٿا.

سنگين ڏوهن جي ڏوهارين کي ڪيسن هلائڻ وقت ۽ فتوائن ڏيڻ وقت حديث ۽ قرآن جي اهڙي تہ تلقين ڏيندا هٿا، جو هو نهايت متاثر ٿي گناهہ کان توبهہ تائب ٿي ويندا هٿا،

۽ سزا پوڳڙ بعد پنهنجي ڏوهاري عادت مٽائي نهايت پرهيزگار ٿي پوندا هٿا. پاڻ ايترقدر تہ رحمدل هٿا، جو اڪثر ڪري ڏوهارين کي هلڪيون سزائون ڏيئي، پاڻ ڏي رجوع ڪري، کين قران ڪريم ۽ صوم و صلواة ڏانهن متوجهہ ڪندا هٿا، ۽ خوف خدا سندن دلين ۾ ويهاري، کين بدعادات کان باز آڻيندا هٿا. ماڻهن جو منجهن وڏو ويساهہ هوندو هو، ۽ تڪليف جي وقت کائون اچي تعويذ لکائي ويندا هٿا ۽ پاڻ پڙهائي ويندا هٿا ـ ۽ الله تبارڪ و تعالي جي لطف و ڪرم سان سندن مشڪل ڪشائي ٿي ويندي هئي. هڪڙي ڏينهن جي ڳالهہ آهي تہ پاڻ پوتال ڪندا ڪنهن جهنگل کان اچي لانگهائو ٽيا، ۽ ساڻن همرڪاب ويهن کان ڪهٽا زميندار گهوڙن تي سوار هٿا، تہ پاڻ هڪ نندڙي ٻار جي رڙ جو آواز ٻڌي شترسوار کي حڪم ڪيائون تہ "آواز طرف هل". ٻوءِ سڀ گهوڙيسوار بہ انهيءَ طرف وڌيا. پاڻ نندڙي ٻار کي بيگاهہ وقت جهنگل ۾ رڙندو ڏسي اٽ تان لهي پيا، ۽ پنهنجي پٽڻ جي رومال سان سندس منهن اڳهي ڪائونس رڙ جو سبب پڇيائون: سندس ورائٽ تي ڪيس آٽ تي پاڻ سان ويهاري سندس غريب والد جي جهوپڙيءَ ۾ وٺي ويا، جو ويچارو هڪ عاليشان سينگاريل آٽ ۽ هيترا سارا گهوڙيسوار ڏسي ڏڃي ويو، ۽ گهر ۾ ڇپي ويو. پاڻ ڪيس تسلائون ڏيئي باهر ڪيرايائون، ۽ ڪيس ويهہ روپيا خيرات ڏنائون تہ آهي ٻيسا انهيءَ نينگر جي لٽن ۽ خوراڪ تي خرچ ڪري. نہ فقط ايترو، مگر انهيءَ ڇوڪر کي طهرائي، پڙهائي، روزگار سان لاتائون. هيءَ آهي هڪ رحمدليءَ جو زنده مثال!

پنهنجي آخرين بيماريءَ وقت جڏهن عمرالدين شر، جو فقير نصيرالدين صوفيءَ جا نينگر پڙهائيندو هو، سو وٽن خيرعافيت پُرسيءَ لاءِ لنگهي آيو ۽ عرض ڪيائين تہ "قبلاءِ عالم! ست سؤ روپين جي ضرورت اٿر جو دل ۾ ڏيندس". پاڻ هڪدم عمرالدين شر کي ست سؤ روپين ڏيارڻ جو حڪم ڏنائون، ۽ حاضرين ڈانهن منهن مبارڪ ڪري فرمايائون تہ "سرور ڪائنات جن کي هڪ شخص دعوت ڏيئي گهرايو ۽ کين پنهنجا دُنبا، گهٽا ۽ ٻڪرين جا ڏڻ ڏيکاري فخر ڪرڻ لڳي، ۽ چوڻ لڳو تہ 'قبلہ عالم، هي سڀ منهنجا آهن'. پاڻ فرمايائون تہ 'انهن مان کوبہ دنبو يا ڪابہ ٻڪري خدا جي راهہ ۾ ڏني اٿئي؟' جواب ڏنائين تہ 'قبلا، هڪ ٻڪري وات خدا جي خيرات ڪئي اٿر'. پاڻ فرمايائون تہ 'بس، اها ٻڪري تنهنجي آهي: ٻيا سڀ دنبا ۽ ٻڪريون پرايون آهن'!" ائين چئي، مرحوم پير شهاب الدين شاهہ جن فرمايو تہ "جيڪي ڪي راهہ خدا ۾ خرچ ڪجي ٿو، سو ئي ڪم ايندو: باقي ٻيو سڀ ڪجهہ پرائو آهي".

مطلب تہ مرحوم پير شهاب الدين شاهہ صاحب جن هر قول ۽ فعل ۾ پنهنجي مولي ڏانهن رجوع هٿا، ۽ تمام حياتي پنهنجي رب ۽ رسول صلعم جن جي حڪمن جي تعميل لاءِ وقف ڪئي هٿائون، ۽ خلق خدا جي خدمت سندن نصب العين هئي. الله تبارڪ و تعالي شال طفيل سردار دوجهان ۽ شهنشاهہ ڪون و مڪان، انهن کي غريق رحمت فرمائي ۽ سندن اولاد کي سندن نقش قدم تي هلڻ جي توفيق عطا فرمائي ـ آمين، ثر آمين!

مولانا عبدالڪريم چشتي

مولوي غلام رسول عرف محمد هاشم "هاشم" مرحوم شڪارپوري

سنڌ جي سرزمين هميشه ڪان علم و ادب جو سرچشمو رهندي پئي آئي آهي، جنهن انهن اعليٰ ۽ بزرگ هستين ڪي وجود ۾ پئي آندو آهي، جن پنهنجي علم ۽ حڪمت جي وسيلي آهي آهي ڪارناما ڪيا، جيڪي رهندي دنيا تائين قائم رهندا: مولوي غلام رسول صاحب به انهن مان هڪ بزرگ هستي هئي. سندن سڄو نالو مولوي غلام رسول ولد خليفو پيرمحمد هو. مولوي صاحب جن حضرت رئيس العارفين خواجه امين شاهه چشتي عليه رحمة جي وڏي خليفي مولانا حافظ صاحبڏني صاحب چشتيءَ جا پوٽا هئا.

مولوي صاحب جي ولادت تاريخ ۳ مارچ ۱۸۶۳ع تي شڪارپور ۾ ٿي، ۽ پنهنجي سموري حياتي اتي ئي گذاريائون. سندن پاراٽي وهيءَ بابت ڪو خاص احوال نٿو ملي؛ البت جڏهن سمجهه پريا ٿيا، تڏهن قرآن پاڪ پڙهڻ شروع ڪيائون، ۽ پوءِ قاضي سيد بهادر علي شاهه لودين، جيڪو حضرت خواجه سيد محمد گيسو دراز چشتي قدس سره جي اولاد مان هو، انهيءَ صاحب جي شاگرديءَ ۾ آيا، جنهن صاحب ڪين فارسيءَ جي تعليم ڏني. مولوي صاحب چشتي ۽ صابري طريقت جي سلسلي ۾ منسلڪ هئا، ۽ پنهنجي استاد قاضي سيد بهادر علي شاهه ۽ حضرت مولانا خليفي پيرمحمد چشتيءَ جي مريدي اختيار ڪيائون.

مولوي صاحب جي طبيعت جو لاڙو دنياوي ڳالهين ڏانهن بلڪل ڪونه هو، جنهنڪري تعليم حاصل ڪرڻ ڪان پوءِ شڪارپور ۾ نواب سخي مدد خان مرحوم جي مشهور جامع مسجد جا امام ۽ خطيب ٿي رهيا. سندن زبان ۾ ڏاڍي شيريني هوندي هئي، جنهنڪري سندن وعظ ڏاڍو اثرائتو ۽ زوردار هوندو هو. تنهن ڪان سواءِ پاڻ حڪمت جو ڪم به ڪندا هئا، جنهن جي ڪري پڙ هري پري تائين مشهور هئا. مولوي صاحب هڪ وڏو عابد ۽ عالم شخص هو. پنهنجي سموري حياتي الاهي ذڪر، تلاوت قران پاڪ ۽ درس و تدريس ۾ گذاريائين. پاڻ ٻي شاديون ڪيائين، جن مان پنج فرزند پيدا ٿيس. سندن وڏي فرزند جو نالو ميان شهاب الدين چشتي آهي، جيڪو شڪارپور جي هفتيوار سنڌي اخبار "شهباز" جو مالڪ ۽ ايڊيٽر آهي. مولوي صاحب ۶۳ ورهين جي عمر ۾ تاريخ ۲۷ جون ۱۹۲۶ع تي وفات ڪئي.

مولوي صاحب کي علم و ادب سان ڀڻ چگي دلچسپي هئي. ڀند و نصيحت تي سندي ۽ ٻي کتاب "تنبيه المسلمين"، "معراج نامه" ۽ "ميلاد نامه" تصنيف کيا اٿن. الهيءَ کان سواءِ هڪ ڪلام جو ڪتاب نالي "مجموعه ڪلام 'هاشم'" ڀڻ يادگار ڇڏيو اٿن، جنهن ۾ سندي، سرائڪي ۽ فارسي ڪلام موجود آهي. سندن تخلص "هاشم" هو، "مجموعه ڪلام هاشم" مان مثال طور ٻه فارسي غزل ڏجن ٿا، جن مان معلوم ٿئي ٿو ته مولوي صاحب علم عروض ۾ ماهر هو ۽ فارسي زبان تي چگي دسترس حاصل هيس.

دلم کز شوقِ عشقِ يار شد مست،
تنم از مهر آن دلدار شد مست.
ازين ميخانهٔ پاکان چشيدند،
حبيب و سالکِ ديندار شد مست.
ازين ميخان چشيده جرعه مقصود،
اناالحق گفته و بر دار شد مست.
بگرديدم همه گلزارِ عالم،
به نظرِ من همه گلزار شد مست.
اگر پرسي تو از "هاشم" حقيقت،
ازين مَي خفته و بيدار شد مشت.

●

روز و شب طالبِ خدا مي باش،
بغم و درد مبتلا مي باش.
بنجگانه گذار مخلص وار،
هم گهي دلفگار مي باش.
"هاشما" گر تو رستگار شوي،
قاصدِ بيتِ رب خود مي باش.
چون شوي فارغ از مناسک او،
ذاهبِ روضهء نبي مي باش.
روضهء ديده بگو تو اي احمد،
سرورا دستگير من مي باش.
حاميم جز تو نيست [هيچ] مرا،
شافعا شافعِ حشر مي باش.
"هاشما" نيست هيچ غم دل را،
چو تو مردم بيار خود مي باش.

مولانا دين محمد "اديب"

سرحوم مولانا الهہ بخش سهيسر

مولانا مولوي الهہ بخش مرحوم، ولد وڏيرو عمر، مهيسر، زميندار، گوٺ پيري تعلقي، ميهڑ ضلعي دادوءَ جا بزرگ هٿا. سندن ولادت جي تاريخ جي ڪا خبر نہ آهي؛ البت سندن وفات غالباً ١٣٤٦ هجريءَ ۾ انڪل چالهين سالن جي عمر ۾ ٿي، ۽ ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ ١٣٠٦ ۾ تولد ٿيا هوندا.

مولوي الهہ بخش مرحوم پنهنجي گوٺ پيريءَ ۾ مولانا عبدالرحمان فيروزشاهيءَ کان علم حاصل ڪيو. کين ڪمالیت کي رسڻ جو گهڻو شوق هوندو هو. مسائل جي تحقيق ۽ ڪتابن جي مشڪل مقامات جي حل ڪرڻ جي ولولي سان مولوي صاحب کي مطالعي جو بہ بيحد شوق هو. موصوف، مولوي ٽيڻ کان پوءِ، مولانا همايولي ۽ مولانا ميرمحمد نورنگيءَ کان بہ ڪجهہ علم حاصل ڪيو.

مولوي صاحب مرحوم نهايت متقي ۽ نيڪبخت بزرگ هٿا. هڪ دفعي هڪ آنرري مئجسٽريٽ ڪوشش ڪئي تہ مولوي صاحب کان هڪ ناجائز فتوا حاصل ڪري. ان سلسلي ۾ مولوي صاحب جي والد بزرگوار بہ کين چيو تہ اسان جا ڪئين ڪم ڪاريون مئجسٽريٽ سان پيا هون، ان ڪري چگو ائين آهي تہ تون ان جو رايو رک؛ مگر مولوي صاحب صاف انڪار ڪيو. مولوي صاحب جون صفتون ولين جهڙيون هيون. مڙس نهايت سهڻو ۽ قداور هو. طبيعت جو تمام نرم هو. وصيت ڪيائين تہ "آڳ مران، تہ مون کي ڪاٺ جي صندوق ۾ وجهي دفن ڪجو"- ۽ ائين ئي ڪيو ويو.

مولانا مرحوم جي همعصرن مان مولوي حاجي الاهي بخش صاحب جو ناالو قابل ذڪر آهي، ۽ مولوي محمد لاڙائي سندن لائق شاگرد هو.

مرحوم مولانا عبدالرحمان فيروزشاهي

مولانا عبدالرحمان، ولد خليفو خدا بخش مرحوم، فيروزشاهه تعلقي ميهڙ ضلعي دادوءَ جا ويڙل هٿا - ابتدائي تعليم پنهنجي وڏي پاءُ مولانا خليفي گلاب الدين ۽ مولانا عطا الله صاحب کان ورتائون؛ مگر سندن طبيعت جي پياس پوري نه ٿي، ان ڪري دوباره شهدادڪوٽ همايون ۽ پوءِ گهوٽڪيءَ ۾ مولانا قمرالدين وٽ وڌيڪ علم حاصل ڪيائون. مولانا عبدالرحمان صاحب ڳوٺ پيري تعلقي ميهڙ ۾ به تعليم حاصل ڪئي، ۽ مولانا عطاءُ الله صاحب جي وفات کان پوءِ وري اچي فيروزشاهه ۾ رهيا.

مولانا صاحب مرحوم نهايت مسافر نواز ۽ غريب پرور هٿا. سيرت ۽ صورت جا سهٽا هٿا. فيروزشاهه جي عالمن مان هي آخري چراغ هو، جنهن جي گل ٿيڻ کان پوءِ شهر اجڙي ويو. مولانا مرحوم ۱۳۴۷ ۾ وفات ڪئي، ۽ فيروزشاهه جي قبرستان ۾ مولانا حاجي عطاءُ الله صاحب مرحوم جي پرسان مدفون آهن.

مولانا مرحوم جي شاگردن ۾ مولوي الهه بخش مهيسر (ڳوٺ پيري، تعلقو ميهڙ)، مولوي محمد قاسم ولد مولوي محمد حمزه ڏيپر (ڳوٺ پيري، تعلقو ميهڙ)، مولوي محمد صادق صاحب مورائي ۽ مولوي محمد صاحب چيچاپوري (تعلقو ڪڙ)، وغيره ڪافي مشهور آهن. راقم الحروف پڻ فارسيءَ جا ڪتاب ڪائن پڙهيا آهن. خدا مرحوم تي رحمت ڪري!

قطعه تاريخ

عبدرحمان برفت از گيهان، آنکه بوده بفضل حق منصور؛
عالم و فاضل و فقيهِ زمان، در سخا و کرم بسي مشهور؛
کرد نشرِ علوم حق شب روز، سعيءِ او بهر دين شده مشکور؛
در رجب رفت او به بست و ششم، سوي خلدِ برين ز دار غرور؛
يا الٰهي! طفيلِ خير رسل، بندهٔ خويش را بکن مغفور!

بهرِ تاريخ کرد فکر "اديب"،
گشت ارشاد؛ "عالمي منظور"-(۱۳۴۷)

مولانا عبدالرحمان ڏامراهو مرحوم

مرحوم مولانا عبدالرحمان جن جي والد بزرگوار جو اسم عنايت الله، ذات پنوهر ۽ پاڙو ڏامراها آهي؛ مگر پاڙي سبب عام طرح سندس ذات "ڏامراهو" کوڻ ۾ ايندي آهي. سندن خاندان صدين کان وٺي ڳوٺ ڏامراها تعلقي لاڑڪاڻي ۾ مقيم آهي. مولانا صاحب جا وڏا ميرن جي صاحبيءَ ۾ حڪومت جي ڪن مکيه عهدن تي فائز هئا. مرحوم خير محمد ڏامراهو ميرن جي حڪومت ۾ مختيارڪار هو. سندن والد وڏيلي طبقي جو زميندار ۽ آبادڪار هو. مولانا عبدالرحمان مرحوم ڳوٺ ڏامراهي ۾ هجري سن ۱۲۶۸ ماهه رجب تاريخ ۲۷ جي متبرڪ روز تي هن دنيا ۾ جلوه افروز ٿيو هو.

جيئن ته مولانا صاحب جي والد شريف کي هارپ جي ڏندي سان شوق هو، تنهنڪري مولانا مرحوم جي نينڊ واري عرصي ۾ تعليم ڏانهن کو خاص طرح توجهه کونه ڏنو ويو ۽ کين ڪيتيءَ جي ڪم سان لاتو ويو. مولانا صاحب جو چوڻ هو ته "اسان پارهن ورهين کن جي عمر تائين فقط ڪيتيءَ جو ڪم ئي ڪيو؛ مگر هوءِ والد بزرگوار کن دوستن جي چوڻ سبب مون کي ڳوٺ ٻنگل ديري تعلقي رتيديري ۾ ان وقت جي مشهور مدرس مولانا عبدالله مرحوم وٽ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ موڪليو"۔ مولانا صاحب جن اتي فارسيءَ جي مڪمل تعليم حاصل ڪئي. ان بعد عربي تعليم جو فيض ڳهوڻڪيءَ ۾ مولانا قمرالدين صاحب وٽ حاصل ڪيائون. آخرين طور ديني سند همايون شريف ۾ مولانا جناب عبدالغفور صاحب مرحوم وٽ حاصل ڪيائون. تنهن کان بعد تدريس جو ڪم پنهنجي ڳوٺ ڏامراهن ۾ شروع ڪيائون، جتي سوين شاگرد ديني فيض حاصل ڪري ڪماليت جي درجي کي پهتا، جن ۾ مکيه هي آهن: مولانا محمد حسن جوهيءَ واري، مولوي محمد صالح دادوءَ واري، مولوي حاجي حافظ احمد يار ساڪن درگاهه ملان ڪاتيار، مولانا خوش محمد ميروخاني، مولانا خليفو صاحب فتح محمد ڏامراهن واري (ستي جتي بزرگ) وغيره. ان بعد مرحوم مولانا عبدالرحمان کي بلوچستان جي مکيه جرڪي جي سردارن کوئيٽا ۾ گهرايو ۽ کين ديني فتوائن لاءِ جرڪي ۾ مقرر ڪيو ويو؛ مگر هن درويش ۽ آزاد خيال بزرگ کي آتي اطمينان حاصل کونه ٿيو، ۽ ستت ئي جناب حضرت پيرسائين پاڳاري سيد شاهه مراد جي خدمت ۾ پير پاڳاري جي ڳوٺ ڏيجي حاضر

ٿيا: اتي مولانا صاحب جي حوالي ديني فيصلن ۽ فتوائن جو ڪم سپرد هو- يعني ڪين درگاهه پاران مفتي مقرر ڪيو ويو. مٿن جناب حضرت پير پاڳاري سائين جن جو وڏو راز هو. درگاهه پاڪ مان روحاني فيض مولانا صاحب کي حاصل ٿيو. مولانا مرحوم کائي عرصو آتي گذاريو ۽ قبل پير صاحب جن جي وفات بعد وري واپس پنهنجي وطن ڏامراهن ڏانهن واپس ٿيو. ۽ نهايت تيزيءَ سان تدريس جو ڪم شروع ڪري ڏنائون. انهيءَ عرصي ۾ گوٺ جي جامع مسجد نئين سر تعمير ڪرايائون ۽ ان سان اتر ۾ لڳو لڳ هڪ حجرو به لهرايائون، جنهن ۾ تدريس جو ڪم ڪندا هئا. مسجد سان لڳ ڏکڻ ۾ هڪ ميدان چڊيل آهي، جنهن ۾ هينئر پاڻ مدفون آهن. انهيءَ عرصي ۾ ديني تصنيفات جو ڪم به شروع ڪري ڏنائون، جنهن ۾ "فتاويٰ رحماني" نالي هڪ وڏو ڪتاب تصنيف ڪيائون، جو فارسي زبان ۾ آهي ۽ سندن قابليت ۽ علميت جو جوهر ۽ هر اهل علم لاءِ رهبر آهي. مذڪوره ڪتاب سندن برادر زادي ميان عنايت الله ڏامراهي وٽ موجود آهي.

مرحوم مولانا صاحب عبدالرحمان جو طريقو نقشبندي هو، جو سندن تصنيفات ۾ قول ۽ فعل سان ظاهر آهي ۽ پڻ هن طريقي نسبت سندن تصنيفات ۾ گهڻو تاڪيد ڪيو ويو آهي. شعر و شاعريءَ سان دلچسپي ڪانه رکندو هئا. ساز سرود ۽ راڳ روپ کان بلڪل پرهيز ڪندو هئا. سندن قول آهي ته "جنهن قوم جو چاهه ساز و سرود سان آهي، اها قوم روحاني طور تباهه ٿي ويندي".

مولانا صاحب عربيءَ زبان ۾ ڪافي مهارت رکندو هئا. مولانا صاحب جن سن ۱۳۰۷ھ ۾ فريضه حج ادا ڪرڻ واسطي حرمين شريفين ڏانهن ويا هئا، ۽ اتان ڪيترا عربي ديني ڪتاب چگي تعداد ۾ خريد ڪري پنهنجي ذاتي ڪتبخاني ۾ آڻي رکيا هئا. سندن خانگي ڪتبخاني ۾ هزارن روپين جا ناياب ڪتاب موجود هئا، جي سندن وفات بعد سندن اولاد جي چگيءَ طرح نظر نه رکڻ سبب درهم برهم ٿي ويا ۽ ڪيترا ڪتاب سندن شاگرد کڻي ويا.

حضرت مولانا جن انڪل ۲۵ سال ڪن حضرت پيرپاڳاري سائين جن جي بارگاهه ۾ رهي ديني خدمت سرانجام ڏني؛ ان بعد موڻي گوٺ ڏامراهن ۾ آيا ۽ فارسي ڪتاب "فتاويٰ رحماني" آخرين منزل تي رسايائون، ۽ باقي حياتيءَ جا ڏينهن ياد خدا ۾ ۽ ديني علم پاڙهڻ ۾ بسر ڪيائون. جيتوڻيڪ حضرت مولانا صاحب جن پيرسن ٿي ويا هئا، مگر تنهن هوندي به سندن جسماني قوت ۽ روحاني قوت بيحد مڪمل هئي ۽ حواسن جي پختگي حاصل هين. ڏورين مهاياري لوائيءَ جي هلندي، سندن جي ڪن حصن ۾ ان سان گڏ ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ڪالرا جي بيماري ٿي. مولانا مرحوم لاءِ به اجل جو بهانو بنيو: هيءَ متقي عالم زاهد پانهو ۽ فيض جو درياهه هن منحوس بيماريءَ جو شڪار بنيو، ۽ پنهنجن صالح شاگردن، عزيزن ۽ دوستن کي داغ جدائيءَ جو ڏيئي هن فاني دنيا مان موڪلائي دارالبقا ڏانهن راهي ٿيو- إنا لله و انا اليه راجعون. مولانا مرحوم جي مزار مبارڪ جامع مسجد ڏامراها جي پرسان خاص قبرستان ۾ آهي.

مولانا عبدالرحمان مرحوم بردبار ۽ ڏيرج وارو انسان هو ۽ هميشه اوچ رهندو هو. تدريس جي مشغوليءَ هوندي بہ والدڪائيءَ جي وقت ۾ پنهنجي ڪيتيءَ جي ڪم جي بہ نظرداري ڪندو هو، ۽ هميشه خوش خلق رهندو هو. هر انسان سان نرمي ۽ همدرديءَ سان پيش ايندو هو. ڪاوڙ يا غصو ونس قطعاً حرام هو.

مولانا مرحوم بدن جو پريل، قد ۾ وچڙو ۽ بالڪل پوري رنگ جو هو. پيشاني ڪشادي نور سان نمتار، شڪل جو سهڻو، ڏاڙهي گهاڻي ۽ چاپئين، وار شرعي نموني جا ۽ پوشاڪ هميشه سفيد ۽ صاف پائيندو هو. بارعب آدمي هو. صوم و صلوات جو تهجد سميت سخت پابند رهندو آيو. نيڪوڪار ماڻهن کي سخت پائيندو هو. هميشه گفتگو قرآن ۽ حديث موجب ڪندو هو. صحبتين جو چوڻ آهي تہ اسان مولانا مغفور کي سخت اٿوٺندڙ تقرير ڪندي نہ ڏٺو.

مرحوم کي هن وقت پويان هڪ پوٽو ۽ بہ پڙپوٽا ۽ پائٽيا آهن. سندس پائٽين مان هڪ نالي مولوي عنايت الله ڪافي مشهور آهي.

جيتوڻيڪ مولانا مرحوم هميشه سادو رهندو هو، سادي طبيعت جو انسان هو ۽ ڪڏهن بہ پاڻ کي خود پسند نہ بنايائين، تاهم چند علمي فيض جون ڪرامتون ڏيکاريائين۔

(۱) ڳوٺ ڏامراهن ۾ هڪ غريب جي گهر کي هڪ ڏينهن اوچتو اچي باهہ لڳي. سخت گرميءَ جي موسم هئي ۽ جهولو تيز لڳي رهيو هو. ماڻهن باهہ وسائڻ لاءِ وس ڪيا، مگر باهہ نہ اجهامين. مولانا مرحوم جن خبر پوڻ شرط آتي آيا. ٽن ڪچن پٽرن تي ڪجهہ پڙهي هڪ هڪ ڪري باهہ ڏانهن اڇلايائون: پهرئين پٽر اڇلائڻ سان باهہ جو رخ منجي گهرن کان پئي خالي طرف ڏانهن ٿيو: پئي پٽر جي اڇلائڻ سان باهہ جو دور گهٽيو: آخر ٽئين پٽر اڇلائڻ سان باهہ هڪدم ٺڏي ٿي ويئي، ۽ شهر سڄو باهہ جي خطري کان بچي ويو.

(۲) هڪ دفعي جي ڳالهہ آهي تہ مولانا صاحب جن تدريس جي ڪم ۾ مشغول هئا، تہ ايتري ۾ هڪ گهوٽ جي سرگس دهلن ۽ دامن سان مسجد شريف ونان اچي لانگهائو ٿي. سرگس ۾ ڪلئي منهن زالون نچي رهيون هيون. مولانا صاحب کي اهو ڏسي سخت افسوس ٿيو. پنهنجو هڪ شاگرد موڪلي سرگس وارن کي هدايت ڪيائين تہ اهو ڪم غيرشرعي آهي، تو هان اسلام وارا ٿي ڪري ائين نہ ڪريو: مگر هنن طنزيہ نموني جواب ڏنو، جنهن تي مولوي صاحب جن ٺڏو ساهہ ڪنيو: رات ٿي، گهوٽ کي لائون ڏنائون۔ ڪاري تي ويهڻ مهل گهوٽ بيهوش ٿي ڪري پيو! ماڻهو اچي مڙيا، ۽ گوڙ ۾ ڪيترين عورتن کي ڏڪ لڳا. گهوٽيتن هن کي بدسوڻ سمجهيو، ۽ مولوي صاحب کي راضي ڪرڻ لاءِ منٽون ڪرڻ لڳا. حضرت مولانا جن مرڪي چين تہ "بابا، هيءَ مون ڏانهن نہ پانيو، سڀ مالڪ سائين ٿو ڪري". انهيءَ وقت ڪان اڄ سوڌو سندن خاندان جا پويان فرد ۽ اڌ شهر، شادين خواهہ غمين ۾، غيرشرعي فعل اصل ڪونہ ڪن.

مولانا مرحوم عبدالرحمان جي وفات تي سندن هڪ شاگرد خليفي مرحوم فتح محمد جو قطعه تاريخ هن ريت آهي:

عُلالهِ عالمان و بلغای دوران — سلالهِ سالکان فضلای گیهان
محقق با فکر صائب خداداد — بفتویٰ شرع راسخ همچو نعمان
بزهد و ورع ابدالدهر گشته — ستوده همچو بوذر و شان سلمان
باسم عبدالرحمان گشت موسوم — لقب او مولوي وردِ جهان دان
بماه صفر حادي عشر تاريخ — ايام عمر او گرديد پايان
بروز جمعه پس از پاس واحد — توجه کرد سو گلگشت رضوان
بني اندوه واقع شد بعالم — ز رحلت مورد الطاف يزدان
قطع کن سخن "احقر" از غم دل — برايش خون از غفار غفران
خدا بخشد ورا در دار عقبيٰ — مقام صالحان فردوس يابان
ز رحمات خدا با خود شغل ديد — ازو تاريخ سالش ليز برخوان

۱۳۴۸

مرحوم علامہ محمد قاسم گڙهي ياسيني*

حضرت مولانا، سال سن ۱۳۰۵ھ ۾، مهيني ربيع‌الثاني جي سورهين تاريخ آچر جي ڏينهن صبح جو جائو. سندس جنڊ جو تاريخي بيت هي آهي:

برمش از ميلاد او كردم سروش "صدر اعظم" گفت تاريخش بگوش

۱۳۰۵

مولانا سمورو علم اول كان آخر تائين پنهنجي والد مولانا محمد هاشم صاحب وٽ پڙهيا؛ فقط ٻه كتاب والد صاحب جي وفات كان پوءِ علامہ مولانا عبدالغفور صاحب هماڻوليءَ كان پڙهي فارغ التحصيل ٿيا.

علم جي دستاربندي كري، پنهنجي والد بزرگوار واري مدرسي ۾ پڙهائڻ لڳا. سندن طبيعت جو ذكاءَ ۽ تقرير جي فصاحت شهره‌آفاق هئي، جنهنكري پري پري كان كيترائي طالبعلم، سڄي سنڌ، مكران، بلوچستان، افغانستان ۽ پنجاب مان سندن مدرسي ۾ پڙهڻ آيا ۽ چگي استعداد وارا ٿيا. كيترن ئي دستاربندي كري پنهنجا مدرسا وڃي كوليا، جن مان هي مشهور و معروف آهن: سندن پٽ مولانا محمد ابراهيم صاحب گڙهي ياسيني، مولانا صاحبداد خان صاحب (مفتي اعظم پاكستان)، مولانا احمد صاحب قاضي مكران، مولانا ولي‌محمد صاحب (قاضي مٿوڙي بلوچستان)، مولوي عبدالحليم صاحب، مولوي غلام صديق صاحب خجكي، مولانا محمدحسين صاحب (مدير "الحنيف" جيكب‌آباد)، مولوي محمدحسن صاحب مكراني، مولانا صاحبڈنو صاحب قرني، مولوي عبدالرحمان صاحب بلوچستاني ثم جيكب‌آبادي، مولوي حافظ محمد هاشم صاحب اسحاق ديرائي، مولوي فضل محمد صاحب واعظ گڙهي ياسيني، مولوي محمدعابد صاحب استوي ۽ مولانا نصيرالدين صاحب شهداد كوٽي.

مولانا صاحب فارسي جي پڙهڻ كان وٽي شعر چوندا هئا. سندن شعر نهايت شسته ۽ برجسته آهي. حضرت عارف كامل سيد احمد شامي، جو اعليٰ درجي جو شاعر هو، مولانا جو شعر ٻڌي هڪ هڪ بيت تي "عجيب عجيب" جا لفظ چوندو هو. نمونو جي لاءِ چند اشعار هيٺ ڏجن ٿا.

---

* هيءَ سوانح عمري، مولوي نجم‌الدين ۽ سندس دستخط مواد تان ورتل آهي. —مرتب

روي دلدار من است اين يا منور اختري ، يا يد بيضا است اين يا ماهتاب انوري .
حلقهٔ لعل است يا قند است يا آب حيات ، يا لبِ يار است يا حوضي ز آب كوثري .
چهچهای طوطي است اين يا نوای عندليب ، يا كلام "قاسم" است اندر ثنای سروري .

* * *

دل بتار زلف آن دلدار شد آويخته ، ني رهائي را اميد و ني شود بگسيخته .
قد و خد و روء و موء و بوء گيسوي دراز ، بر سر روی زمين شور و شغب انگيخته .
عقل "قاسم" در فراقش شد پريشان اي عجيب ، كي عجب چون عشق آمد عقل شد بگريخته .

* * *

دل دلداده را در درد دائم تابكي داري ، حديث هجر را هر روز قائم تابكي داري .
زلالِ وصل از جام وفا در كام تشنه ريز ، بروز عمر عطشانم چو صائم تابكي داري .
هم از بلبل شنيدم "قاسما" ميگفت با ناله ، دل دلداده را در درد دائم تابكي داري .

* * *

ساقي بيار جام جهان بين پر از شراب ، تا عكس صورتش نگرم در شراب ناب .
خضر حيات من بچشان جرعء زلال ، تشنه لب آمدم بجنابت برای آب .
ظلمت نشينم اندر ظلمات "قاسما" ، باشد كه پرتوي فگند نور آفتاب .

* * *

بهار آمد نظر بر سبزه و گلزار مي زيبد ، چو صوفي سبز پوشش برسر اشجار مي زيبد .
بده ساقي مَيء باقي بدست عاشق مضطر ، كه جام باده گلگون در كف ميخوار مي زيبد .
بيا "قاسم" ز اوج عرش خوشخوان اين غزل خوش را ، كه چون مه در نجوم اين شعر در اشعار مي زيبد .

مولانا جو شعر فارسي ۾ بالكل گهٹو آهي- غزليات، تواريخ، رقعات، منظوم، مناجات، قصائد ۽ متفرق اشعار. سندءِ ۾ به كجهه شعر چيو اٿن. نمونو لاءِ ۾ چار شعر هت لکجن ٿا:

مٽ ماه روي مدني اهل زمين جو چاهي
نيٺن سندس برابر نرگس چمن جو چاهي
قدسي دهن سان دلبر زنده كري مٺن كي
اعجاز عيسوي جي مٽ تنهن دهن جو چاهي
مرسل جو معجزو ڏس آگر سان چند چيرڻ
حاذق عصاءَ موسيٰ بيضا ڏٺن جو چاهي
عربي عجيب بيشڪ كوثر جو "قاسم" آهين
تشنه كي ديو بخشڻ جام سكن جو چاهي

مولانا جي تصنيف سان فتوائن جو هڪ جلد "فتاويٰ قاسميه" نالي چاپيل آهي، ۽ ڇٽن پنجن جلدن جيترين قلمي تحريرون موجود آهن- رساله در بارهء تقليد؛ الفاظ القرآن با معنيٰ، فارسي، قلمي، ناتمام؛ مجموعه اشعار (قلمي)؛ عمرة الا في ذكر اخيار الكتبار (مطبوعه).

مولانا جي فتوائن کي ايتري مقبوليت هئي، جو سندس مهر ۽ صحيح کان سواءِ ٻئي کنهن به عالم جي فتويٰ تي خلق الله اعتبار نه ڪندي هئي. بلوچستان جا ڪيترا معاملات فيصلي لاءِ مولانا وٽ ايندا هئا. بعض اوقات بلوچستان جا حاڪم مولانا کي موقعي تي گهرائي فيصلو ڪرائيندا هئا.

مولانا جي بيعت سلطان الاولياء حضرت خواجه عبدالرحمان صاحب سرهنديءَ سان هئي. ساري عمر پاڪدامني، تقويٰ، صبر، استقلال، صلواة وصوم جي پابنديءَ، حلم، خوش اخلاقي ۽ خنده روئيءَ سان گذاريائون. باهر يا گهر ۾ ڪنهن به کنهن تي غصو ۽ ڪاوڙ نه ڪئي هئائون.

مولانا سنڌي، فارسي ۽ عربي ٻوليائن ۾ نهايت فصيح ۽ بليغ قادر الڪلام هئا. جڏهن عربن سان عربي زبان ۾ ڳالهائيندا هئا، ته سندس فصاحت بلاغت کي ڏسي عرب خود حيرت ۾ پئجي ويندا هئا. ڳڙهي ياسين جو زميندار اعظم خانصاحب حاجي شمس الدين خان درواني بارکزئي، هڪ دفعي سيد جمال الدين جيلاني سيد عبدالرحمان - سجاده نشين خانقاهه حضرت غوث اعظم جيلاني بغدادي - جي فرزند کي دعوت ڪري وٺي آيو؛ سندس همڪلاميءَ ۽ مجلس لاءِ مولانا جي به دعوت ڪيائين. سيد جمال الدين مولانا جي فصيح عربي ٻوليائن کي ٻڌي ايترو محظوظ ٿيو، جو حاضرين مجلس کي چيائين ته "مون قلات کان وٺي سورت تائين سڄو هندستان ڏٺو آهي - هڪڙو عالم ڪٿي به نه ڏٺو اٿم!" مرحوم جن ۴۴ ورهيه عمر جا پڙهڻ، پڙهائڻ، فتويٰ ۽ قضا جي شغل سان گذاري، ۱۸ تاريخ ذي القعد جي سال ۱۳۴۹ هجريءَ ۾ وفات ڪئي - إنا لله و إنا اليه راجعون. سندس مزار ڳڙهي ياسين جي اولهه طرف هڪ صفحي جي هيٺان زيارتگاهه خلق الله جي آهي، جتي سال بسال انهيءَ تاريخ تي عالمن، حافظن ۽ ٻين صالح انسانن جي وڏي مجلس ختمي خوانيءَ جي ٿيندي آهي.

مولانا مرحوم جي وفات جو صدمو نه فقط عزيزن ۽ شاگردن، دوستن ۽ مخلصن تائين محدود رهيو، بلڪ هڪ عام ماتم هو. سچ چيو اٿن - "موت العالِم موت العالَم". پري پري کان سندن مخلصن مرثيا لکي موڪليا: سيد عبدالفتاح صاحب رضواني شيخ الدلائل في المسجد النبوي مدني منور کان عربيءَ ۾ چند ابيات لکي موڪليا، حاجي پير محمد اسماعيل جان سرهنديءَ ٽرپارکر ضلعي مان فارسيءَ ۾ مرثيو تاريخي بيتن سميت موڪليو؛ حڪيم مولوي مطيع الرحمان صاحب اردوءَ ۾ ضلعي فيض آباد مان، مولوي محمد عظيم صاحب "شيدا" سنڌيءَ ۾، مولوي نذير حسين صاحب ۽ ماسٽر جان محمد صاحب "محسن" به سنڌيءَ ۾ مرثيا چيا؛ مولانا صاحبداد صاحب منتي اعظم پاڪستان، قاضي محمد ابراهيم صاحب ڪارڙائي ۽ مولوي قمرالدين صاحب مدير مڪسر ۽ ٻين ڪيترن فارسي ۾ تاريخون ۽ مرثيا چيا. انهن مان ڪي بيت هيٺ لکجن ٿا.

پیر صاحب سرهندي، متخلص بہ "روشن":

محمد قاسم آن علامۂ دهر — نکو رو و نکو خو و نکو نام
هزاران طالبان نزدش رسانید — لصاب علم حسقاني بانجام
ز وصلش گفت "روشن" بامد آه — بگو گل گشت شمع اهل اسلام

۱۳۴۹ هـ

مولانا صاحبداد صاحب "ناصح":

آن امام محمد قاسم، — که بحسن خصال بود فرید
کس نظیرش ندید در عالم، — خلق حق را بخلق نیک خرید
گفت "ناصح" سنش بزیب جلوس، — "طائر روح او بعرش پرید" — ۱۳۴۹ هـ

قاضي محمد ابراهیم صاحب کاروانی:

آن فقید المثیل و حبر امین — مفتیء عصر فاضل یاسین
بي سر وقف گفتش تاریخ — "فخر احناف زیب زمرۂ دین" — ۱۳۴۹ هـ

حکیم مطیع الرحمان صاحب "مطیع":

جو محمد قاسم آهل فیض تھے — عالم بیمثل یکتای جهان
دیکے داغ غم مه ذیقعد مین — چل بسے وہ جالب باغ جنان
سال رحلت تم سنائواي "مطیع" — "واصل رب هوگیا فخر زمان"

مولوي محمد عظیم صاحب "شیدا":

روز روشن اج ٹیو دیجور کان تاریک تر
رات ٹي تاریک ویتر جو ٹیو خسف القمر
مان پریشان ٹي چیو شاید ٹیو یوم الحشر
خب مان هاتف چیو روئي تہ علامہ بشر
یعني مولانا محمد قاسم مفتي دهر
ٹهنجي رونق کان کري خالي ویو بر و بحر
خون گربان ٹي ویو پیر کهن هي آسمان
غم انهيء ۾ مبتلا آهي ٹیو سارو جهان
هر بشر جي روء مان ماتم اهو آهي عیان
درد دل جي جو پڌایان مان کري کهڙو بیان
مرغ ۾ ماتم کندي "شیدا" گهٹو بیمار ٹیو
اڙ لسان کان زیاده چشم اج خونبار ٹیو.

مولانا دين محمد مرحوم بٹوي

مولانا صاحب جو اسم گرامي دين محمد هو؛ سندن والد جو نالو گهٹوخان هو، ۽ ذات جو چانڊيو بلوچ هو. مولانا جن جي نسب ۽ علم جي رونق کانئن هئي-اهوئي سبب آهي جو موصوف جي جنم جي تاريخ ملي نٿي سگهي.

مولانا صاحب جي والد کي پنهنجي اولاد کي پڙهائڻ جو خيال بلکل کونہ هو، ليکن جيئن جيئن مولانا جن وڏا ٿيندا ٿي ويا، تيئن تيئن کين خود بخود علم جو شوق وڌندو ٿي ويو. نتيجي طور، مولانا صاحب جن پاڻ پنهنجي سير پڙهڻ خاطر گوٺ ڇڏيو، ۽ سندن ابتدائي تعليم پنوهرن جي گوٺ تعلقي ميرو خان ۾ ٿي؛ ان کان پوءِ شهداد کوٽ جي مشهور معروف عالم ميان غلام صديق جي شاگرد خاص قاضي الله بخش صاحب وٽ شاگرديءَ ۾ رهيا. قاضي صاحب جن فارسيءَ جي عالم ۽ وڏو درک رکندا هئا. فارسي "دوايہ" ۽ قاضي صاحب جن جو تاليف کيل آهي. فارسي ۽ سنڌيءَ ۾ مهارت حاصل ڪرڻ کان پوءِ، عربيءَ جا ابتدائي کتاب شروع کيائون. موصوف جن تمام ذهين هوندا هئا. همعصر شاگرد کانئن سبقن جا گهڻرا پڙهندا هئا. عربيءَ جي "کنز قافيہ" تي پهچڻ کان پوءِ، تبرک لاءِ، مولانا غلام صديق جن کان پڙهڻ شروع کيائون.

مولانا جن شاگرديءَ جي زماني ۾ ٿي طبع جا سادا ۽ فقيراڻي خيال جا هوندا هئا. طالب علمن واري ناڪ ٽوڪ کي بلکل پسند کونہ کندا هئا. ڪپڙا گهٽو ڪري سادا ڏيکيندا هئا، جنهنڪري کوبہ کين بلوچ کونہ سمجهندو هو-پاڪ سندن استاد کي بہ اها حقيقت ڏوءِ معلوم ٿي، جڏهن مولانا جن کان ڪنهن ماڻهوءَ قوم بابت پڇا ڪئي، جنهن تي جواب ۾ فرمايائون تہ "مان چانڊيو آهيان". تنهن تي ميان غلام صديق جن ڪيترو وقت حيرت ۾ هئا تہ "مان پنهنجي خيال ۾ دين محمد کي تونيو چاڻندو هوس"!

شهداد کوٽ جو مشهور رئيس، خان بهادر پير بخش خان، ميان غلام صديق جن جو بيحد معتقد هو. جڏهن سندن فرزند محمد بخش خان پڙهڻ لائق ٿيو، تڏهن ميان صاحب جن کان استاد جي گهر ڪيائون. ميان صاحب جن مولانا دين محمد کي موزون سمجهيو، ۽ کين حڪم ڪيائون تہ هو ڪامل جي گوٺ ۾ محمد بخش خان کي وڃي تعليم ڏي. استاد

جي حڪم تي سرتسليم خم ڪندي، ڪامل جي ڳوٺ ۾ وڃي رهيا. ڪجهه وقت ڪان پوءِ وري دوباره علم جي تحصيل جو خيال ٿين ٿا- پاڪ سندن زباني چوڻ آهي "ته رئيسڪي مانيڪائڻ ڪري منهنجي دل ۾ غرور پيدا ٿي ويو، جنهنڪري علم ڪان دوري ٿيندي ٿي ويئي: خيال ڪيم ته جيڪڏهن اڃا اتي رهندس، ته حاصل ڪيل علم به هٿان ويندو". اهوئي سبب هو، جنهنڪري مولانا جن وڏيڪ تعليم وٺڻ جو خيال رکيو. ان وقت سنڌ ۾ مشهور مدرسا ٻوڙهي، همايون ۾ ايڙيجا هئا. موصوف پهريائين ٻوڙهي ۾، پوءِ ايڙن ۾ بعد ۾ همايون ڪان تعليم ورتي. آخرڪار، تحصيل سيالڪوٽ ۾ جا پويان ڪتاب پنجاب جي پنگ شهر ۾ مولانا نظر محمد صاحب جن وٽ پورا ڪيائون. علم جي دستاربندي به اتي ٿي ڪيائون.

مولانا جن دستاربندي ڪرڻ ڪان پوءِ پنهنجي آبائي ڳوٺ ٻڌي تعلقي ميرو خان ۾ سن ۱۳۱۲هـ ۾ اچي رهيا. ان وقت ماڻهو عالمن ڪان مالوس نه هئا: ڪنهن ڪي خبر ڪاله هئي ته اهڙي جهل مرڪب ۾ ڪو علم جي شمع روشن ٿي ويندي. پهريائين مدرسي جي جڳهه ڪڪائين ٿهرايائون. سندن نندو ڀاءُ اميد علي ڀانهن ڀيلي ٿي ٻڌن، ۽ وڏو ڀاءُ فقير محمد ايترو متاثر نه ٿيو؛ جنهنڪري فقير محمد ايترو فيض ڪونه ورتو، جيترو اميد علي خان. اميد علي خان جا پٽ علم وارا پيدا ٿيا، ۽ فقير محمد جو پٽ جاهل رهجي ويو. مولانا جن جي حلقه درس ۾ سوَن جي تعداد ۾ شاگرد اچڻ لڳا، ۽ ڪيترا دستاربندي ڪري مبلغ الاسلام ثابت ٿيا. طالبن جي رهائش ۽ خوراڪ جو انتظام ڳوٺ مان مليل فقر تي ٿيندو هو. مدرسي ۾ عربي فارسي تعليم اعليٰ نموني ۾ ڏني ويندي هئي. مولانا جن جو گذر الله جي توڪل تي هو؛ ڪنهن به ماڻهوءَ تي ڪو خاص وظيفو مقرر ڪونه هو.

مولانا جن جي شاگردن مان ڪن جا نالا هي آهن: مولانا خوش محمد ميروخاني، مولانا فتح محمد سيلاني، مولانا عبدالڪريم بٺوي، مولانا نوابالدين چانڊيو، مولانا علي انور تونيو، مولانا محمد ابراهيم چانڊيو (سندن فرزند)، مولانا فتح محمد چانڊيو، حاجي محمود "خادم" لاڙڪاٽوي، حاجي محمد حسن چانڊيو، ميان فقير محمد ڪاتب، حڪيم محمد عالم چانڊيو، ۽ پيا به ڪيترا عالم ڪائن فيضياب ٿيا.

مولانا جن جي زماني ۾ اگرچ اڪثر علماء خلوت نشين هوندا هئا، مگر مولانا جن حجري ۾ ويهڻ پسند ڪونه ڪندا هئا. موصوف تي سياسي علمائن جو پڻ اثر هوندو هو. انگريزن جي حڪومت کي اسلام لاءِ خطرو تصور ڪندا هئا. جڏهن خلافت تحريڪ شروع ٿي ته ان وقت بيباڪ ٿي تحريڪ ۾ حصو ورتائون، ۽ گورنمينٽ ڪان جاگرانٽ ملندي هين ان تان دستبردار ٿيا.

مولانا صاحب جن شعر نه چوندا هئا- مگر عروض جي علم سان گهڻي دلچسپي رکندا هئا. سندن شاگردن مان حاجي محمد حسن ۽ حاجي محمود "خادم" لاڙڪاٽوي مشهور شاعر

آهن. مولانا جن خوشخط هوندا هنا، جنهنکري خوشخط شاگردن کي گهڻو پسند ڪندا هئا- خاص طرح حاجي "خادم" ۽ ميان فقيرمحمد ڪاتب مولانا جي شفقت کان وڌيڪ فيضياب ٿيا.

سندن فرزند مولانا محمد ابراهيم صاحب بلوي اڄا تائين بلي۽ ۾ رهي ٿو، ۽ پنهنجي گرد ونواح ۾ ڪافي عزت ۽ شهرت جو مالڪ آهي. حج کان واپسيء بعد ٿورڙي عرصي گذرڻ کان پوء مولانا جن کي بلي۽ ۾ "بلي گنڊ" لڳو، جنهن جو آپريشن لاڙڪاڻي سول اسپتال ۾ ڪرايو ويو؛ مگر منحوس مرض پنهنجي شدت کري اندر نفوذ ڪري ويو، جنهنکري دوباره به آپريشن ڪرايو ويو. مولانا صاحب جن ان منحوس مرض کان نجات حاصل ڪري ڪين سگهيا، ۽ تاريخ ۲ جمادي الاول ۱۳۵۰هـ، مطابق ۱۵ سپٽمبر ۱۹۳۱ع، بوقت چار بجا شام، هن دارالفنا کان دارالبقا ڈانهن روانا ٿيا- الله پاڪ کين مغفرت ڪري!

مولانا دين محمد "اديب"

علامہ محمود مرحوم صديقي ڀائڻي

مرحوم محمود صاحب جن جي ولادت ۽ خانداني بزرگيءَ بابت روايتون آهن تہ مغل بادشاهت طرفان پات ۽ سيوهڻ جا قاضي دهليءَ مان سنڌ ۾ موڪليا ويا هئا. فضل الله ۽ حاجي حسن الله سيوهڻ مان لڏي اچي ٻات ۾ سکونت پذير ٿيا. حاجي فضل الله عارف بالله ۽ يگانہ روزگار عالم هو؛ سندس صاحبزاد و نظام الدين به درويش ۽ عالم هو. الهن جو سلسلہ نسب حضرت شيخ شهاب الدين سهروردي‌ءَ سان ملي ٿو. حاجي فضل الله جي بزرگيءَ جو هڪ واقعو بيان ڪندا آهن تہ سندن هڪ مريد، سچوڙ ٽالي، مدرسي ۾انهي لاکيرن ۾ آيو، جنهن جون اکيون لال هيون ۽ عمر رسيدو هو: ان چيو تہ "آڳ حاجي فضل الله جون مينهون چاريندو هوس. مون کان نهايت خوش هئا. هڪ ڏينهن مسجد ۾ مون کي قرآن ڏيئي فرمايائون تہ 'سجو قران شريف پڙهہ!' مون چيو تہ 'قبلا، آڳ الف-ب به کونہ پڙهيو آهيان، سو قران شريف ڪيئن پڙهان؟' پاڻ توجهہ ۽ زور سان چوندا رهيا تہ 'پڙهہ! پڙهہ!' نيٺ ان مهل ٿي مون کي قران شريف پڙهڻ اچي ويو"!

سندن فرزند مولانا نظام الدين جو مريد، خليفو عيسيٰ لاکيرن، گوٺ پالهي لاکير جو زميندار هو. چون ٿا تہ زورآور هو ۽ زبردستيءَ جا ڪم ڪندو هو. پوءِ بزرگ نظام الدين جي خدمت ۾ وڃي رهيو، جتي سندس ڪم ڪار به سنڀالينڊو هو ۽ ذڪر ڪرڻ به ڪندو هو. آتي پيريءَ ۾ قرآن شريف به پڙهيائين. هو قرآن شريف جي تلاوت مهل بي‌اختيار روئندو هو، ۽ اسان جي استاد کي چوندو هو تہ 'مولوي صاحب، عجب آهي اوهان تي، جو اوهان قران شريف جي معنيٰ ڄاڻو ٿا، تہ به تلاوت وقت نٿا روئو! آڳ بنهہ اڻپڙهيل آهيان، تہ به روئڻ کان رهي نٿو سگهان'. مولانا محمود صاحب جو والد ماجد ميان محمد صالح به عالم، مفتي ۽ صوفي هو. حضرت عنايت الله رامپوريءَ جو خليفو هو. هي بزرگ به گهڻين ڪمالين جو جامع هو. هو مولانا نظام الدين جو ڏوهٽو ۽ ميان رزق الله جو پٽ هو. مخدوم محمد مجذوب سيوهاڻيءَ ڪيس نظام الدين جي گاديءَ تي وهاريو، ۽ اهو فيض سندن خاندان ۾ ٻيڙڪ رهيو.

ميان محمود ابتدائي ڪتاب مولانا حاجي حسن الله صاحب وٽ پڙهيو، پوءِ ٽنوڪ ۾ مولانا حڪيم برڪات احمد وٽ پڙهڻ ويو-اتي ڪافي زمانو پڙهيو. ان بعد، اجمير ۾ مولانا

معين الدين وٽ ٻه پڙهيو ۽ دستاربندي غالباً حڪيم صاحب وٽ ڪيائين. معقول ۾ سندس بينظير مهارت هئي: فقہ حديث ۽ تفسير ۾ ٻه قابل هو، پر معقولات ۾ قابليت جو پُڇ ڳوڙو هوس.

پاڻ پڙهڻ جي زماني ۾ ڏاڍيون مشقتون برداشت ڪيائين. چولدو هوتہ ڏڇڻ ٽونڪ ايندو هوس، تڏهن ٽي ڏينهن ريل گاڏيءَ ۾ ڪاڏو نہ ڪائيندو هوس - چو تہ ماني ڪائڻ کان پوءِ قضا حاجت پيدا ٿيندي تہ اها ڪٿي ڪريان؟ ريل جي ڪاڪوس ۾ آڻ لطافت مزاج جي ڪري وڃي نہ سگهندس: ان ڪري برابر ٽي ڏينهن بک تي صبر ڪرڻو پوندو هوم. طالب علميءَ ۾ مون کي هيءَ سودا ٿيو تہ ڏهن ڪيڻ وڌي؟ بلغمي ماڻهو ڏهين نہ ٿيندو آهي. بلغم وڌندو آهي پاڻي پيڻ سان، ۽ پاڻيءَ پيڻ جي ضرورت ٿيندي آهي مالي ڪائڻ سان، انهيءَ ڪري ماني تمام ٿوري ڪائيندو هوس، پر آن هوندي به آج تہ ضرور لڳندي هئي: سو برابر ٽي سال پاڻي پيڻ جڏي ڏنم ۽ پاڻيءَ جي بجاءِ چانهہ پيئندو هوس. آن جو نتيجو هيءَ نڪتو جو مون کي خوني بواسير ٿي پيو، جنهن سيرن جي منهن مون کان خون ورتو. مولانا برڪات احمد صاحب سنڌي هجڻ ڪري مون کي ڪو ڏهين ۽ هوشيار ڪونہ سمجهندو هو. هڪ دفعي حڪيم برڪات احمد صاحب کان شمس بازغہ، سبق پڙهندي، هڪ جاءِ تي سوال ڪيم. اهڙي ڏکئي ڪتاب ۾ منهنجي سوال ڪرڻ تي ڪيس عجب ٿيو، ۽ مون کي چيائين تہ "ماقبل جي تقرير ڪر تہ جواب ڏيانءِ". منهنجو اهو سوال منقح تڏهن ٿيٽو هو، جڏهن آڻ ماقبل جي آڻ ڏهن صفحن جي مضمون جي تقرير ڪريان! آڻ اها سڄي تقرير فرفر ڪري ٻڌائي ويس. حيران ٿي ويو، ۽ ڏاڍو خوش ٿيو. ان کان پوءِ مون کي ٻه ڇگو سمجهڻ لڳو ۽ مون تي گهڻو توجهہ ڏيڻ لڳو - انهيءَ ڪري ٻ، جو هو سهروردي هو ۽ سهروردي طريقو اسان جي ڏاڏي شهاب الدين ڏانهن منسوب آهي".

سيد علي اڪبر شاهہ چوي ٿو تہ "مولانا مناظر احسن گيلانيءَ سان مون جڏهن ملاقات ڪئي، تڏهن آن چيو تہ "پائي، سنڌ مان پات شهر ٻڌل اٿم، ۽ پات جو مولوي محمود ڏڻل اٿم، جو مون سان گڏ ٽونڪ ۾ پڙهندو هو؛ پر هو مون کان وڌيڪ قابل هو".

مولانا محمود صاحب دائم المريض هو. وٽس سندس غيرمعمولي قابليت جي شهرت ڪري فارغ التحصيل عالم پڙهڻ ايندا هئا. وٽس سارو لصاب باقاعدي ٻن ڀائرن پڙهيو - مولوي محمد اسماعيل لانگاهہ ۽ مولوي غلام محمد لانگاهہ، رتيديري جا ويڙل. مولانا محمود صاحب يوناني حڪمت جو ماهر هو. صوفي صافي هو. مولانا اشرف علي ٿانويءَ جو به مريد هو. آتي به هڪ مهينو رهيو هو. پنهنجي والد جي وفات کان پوءِ، حضرت مولانا عنايت الله رامپوريءَ وٽ ڇهہ مهينا رهيو ۽ آتي ذڪر فڪر ڪري خلافت وٺي آيو. سندس عربي مدرسو به هوندو هو. مون به وٽس سادا ٽي سال پڙهايو، ۽ وٽس "هديہ سعيديہ" ۽ شرح هدايت الحڪمت خيرآباديءَ جو پڙهيو اٿم. وفات کان ڪجهہ اڳ، پنهنجي فرزند ميان نظام جي درسي ڪتابن جا سبق بند ڪري، ڪيس مولانا اشرف علي مرحوم جا مواعظ پڙهايائين. چوندو هو تہ "انهن ديوبند

جي بزرگن جو علم "کالشمس في نصف النهار" (منجهند جي سج جهڙو) آهي. کنهن ماڻهوءَ جيس تہ اوهين خيرآبادين جا شاگرد آهيو، ديوبندين سان انهن جو بعض مسئلن ۾ اختلاف هو، پوءِ ب اوهان ديوبندين جا موافق آهيو! ان کي چيائين تہ حديث جو علم خيرآبادين ب ديوبند مان آندو. گهٽائي ماهوار علمي ۽ طبي رسالا گهرائيندو هو. آخر عمر ۾ فقط مولانا ٿانويءَ جا مواعظ "التبليغ" ۽ "النور" گهرائيندو هو، ۽ چوندو هو تہ بيا رسالا اجايا آهن.

طبع ۾ گهٽو جلال هوس، ۽ سخت متواضع هو. هڪ سائل کيس منهنجي روبرو گهٽو سخت سست چيو، پر ان کي کجهہ ب نہ چيائين. سندس پاڻي پيٽ لاءِ چينيءَ جو پيالو هوندو هو، جو خادم کان پڇي ٻيو؛ جنهن تي مولانا جي مزاج ۾ حرارت پيدا ٿي: قريب هو جو ان کي گوشمالي ڪري، پر آن مهل هڪ مسافر عرب طرابلس الغرب جو عبدالقادر نالي ويٺو هو، اهو واقعو ان جي روبرو ٿيو هو: مولانا جڏهن آن ڏانهن تيز نظر ڪئي، تڏهن آن عرب چيو، "شيخ محمودا! "لِكُلِّ أَجَلٍ كِتَابٌ"۔ (هر هڪ کڻ لاءِ لکيت آهي). انهيءَ ٻڌڻ سان سندس غصو لهي ويو. مون کي چوندو هو، "ادا، مون کي اولاد ب گهٽو آهي، ان هوندي ب زرعي زمين مدرسي لاءِ وقف ڪندس"۔ پر موت کيس مهلت نہ ڏني.

پاڻ عربيءَ ۽ فارسيءَ جا اديب ب هئا. عربيءَ ۾ امورعامہ تي هڪ ڪتاب ب لکيو اٿن. ان جي لکڻ ۾ سخت انهماڪ سان محنت ڪئي اٿن. فرمائيندا هئا تہ "اهو ڪتاب لکڻ ۾ اهڙو محو ٿي ويندو هوس، جو عالم خيال ۾ پرواز ڪندو هوس ۽ بت کان مجرد ٿي ويندو هوس. آخر انهيءَ غيرمعمولي مشقت جي ڪري رت وهي چڙيو، ۽ مشڪل سان ان مان جانبر ٿيس. انهيءَ ڪتاب جا اوراق محبوب جي زلفن وانگر پريشان پيا آهن، وري نئي همت ٿئي جو انهن کي ترتيب ڏيان".

مولانا صاحب پنجاهہ ورهين جي عمر ۾ وفات ڪئي. آخر ڈينهن ۲۹ جمادي الاخر ۱۳۵۱ھ ۾، سج جي لهڻ وقت، هي علم ۽ عرفان جو سج ب هميشہ لاءِ لهي ويو. سندس مادهٔ تاريخ "غَفَرَ لَهٗ" ۽ "غَفَرَهُ اللّٰه" آهي.

قطعہ تاريخ وفات

راح محمودنا إلي الرحمان — أعلم الناس صاحب العرفان
مطلع النّور منبع الفيضان — صاحب العشق صاحب الهيمان
مَلَك العلم صاحب التيجان — مثله اليوم لم ير العينان
خالف النفس مصدر العصيان — ما انفعل من مكائد الشيطان
عمدة الفاضلين فرد زمان — عمدة العصر قدوه الدوران
فاق في دهرة علي الاقران — ذاق حقاً حلاوة الايقان
آفته النّاس كان بالقرآن — مال عمّا نهاه في الفرقان
كان في الطب بوعلي سينا — في المعاني كسعد تفتازان
نال فضل الاله و الاحسان — لال عفو الاله و الرضوان
اعطه يا كريم "غفرانك" — بالنبيّ الجواد ذي الاحسان
استجب يا مجيب دعوتنا — "غشّنا" بالعطاء والغفران
جاءَ عبدک "اديب" ملتجياً — يطلب الارتجال بالايمان

ڈاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

مولوي بهاؤالدين "بهائي" مرحوم

ايران جو "بهائي" بهاؤالدين عاملي هو، ته سنڌ جو "بهائي" وري مولانا بهاؤالدين بن جلال‌الدين پٽاڻي هو. مولانا بهاؤالدين "بهائي"، ڳوٺ لصير ڪوٽي لڳ ڪهوڙڪي (يا ميل ڏکڻ اولهه) ۾، سن ۱۲۳۹ھ ۾ ڄائو. هو پٽاڻي قوم جي "ياونائي" قبيلي مان هو. ڳوٺ ۾ مولوي سيد علي اڪبر شاهه وٽ مدرسه جامع مسجد ۾ فارسي ۽ عربيءَ جي تڪميل ڪيائين؛ ۽ ڪهڙو وقت ساڳي جامع مسجد ۾ درس ڏنائين. ان بعد درياه جي پار ڪنڊ ڪوٽ تعلقي جي ڳوٺ "هيبت شهيد" (لڳ غوٽپور) ۾ سيد رمضان شاهه جي ڪوشش سان قائم ڪيل مدرسي ۾ وڃي درس ڏنائين، ۽ ڪجھ وقت اتي رهيو. ان بعد رئيس مٺا خان لغاري (لڳ داد لغاري) جي دعوت تي سندس ڳوٺ ۾ اچي تعليم ڏنائين. ان بعد، ڳوٺ داد لغاري کان پنج ميل اولهه طرف "ڳوٺ مولوي بهاؤالدين" نالي پنهنجو ڳوٺ ٻڌائين، جتي آخر عمر تائين درس ڏيندو رهيو. مولوي صاحب ۱۱۴ سالن جي وڏيءَ عمر ۾، پنهنجي ڳوٺ ۾، ۲۴ محرم ۱۳۵۲ھ ۾ وفات ڪئي، ۽ اتي ئي سندس آخري آرامگاهه آهي.

اولاد.

مولوي صاحب کي ڇهه پٽ ٿيا، جن سڀني سندس زيرنظر تعليم حاصل ڪئي ۽ وڏيءَ لياقت جا صاحب بنيا.

(۱) مولوي محمد يوسف صاحب: سڀ ۾ وڏو هو. فارسيءَ جو وڏو عالم هو، تقريباً اڙهن سال ڪن ٿيا جو گذاري ويو. (۲) جلال‌الدين: حيات آهي، سندس عمر اٽڪل ستر رهيه آهي. (۳) مولوي محمد بخش صاحب: عمر اٽڪل پنجهٺ رهيه، حيات آهي؛ فارسيءَ جو عالم آهي ۽ پڻ شاعر آهي؛ سندس تخلص "خيالي" آهي؛ سندس تصنيف "ڪريما خيالي"، مولوي حاجي رحيم بخش صاحب وزير رياست بهاولپور جي حڪم سان، ۱۹۱۰ ۾ "صادق الانوار" پريس مان شايع ٿي. (۴) ماسٽر احمددين صاحب پينشنر: عمر تقريباً ۸۴ رهيه، سنڌي خواندو آهي. (۵) مولوي محمد اعظم صاحب: فارسيءَ جو عالم ۽ شاعر آهي؛ سندس تخلص "سراجي" آهي؛ سنڌيءَ ۾ به شعر چيو اٿس. (۶) مولوي عبدالرحمان صاحب: فارسي ۽ عربيءَ ۾ تحصيل ڪيل اٿس. فارسي ۽ سنڌيءَ جو شاعر آهي؛ تخلص "ضيائي" اٿس؛ هن وقت پنهنجي ڳوٺ

ڀر درس تدريس ۾ مشغول آهي؛ علم عروض ۾ خاص طرح مهارت اٿس؛ فارسيءَ ۾ سندس
ڪتاب "روايح العروض شرح بدر العروض" ڇپيل آهي؛ هڪ ٻيو ڪتابڙو به "القول الڪافي
في شرح تذڪرة القوافي" جي نالي سان فارسيءَ ۾ لکيو اٿس، جو قلمي صورت ۾ موجود آهي.

همعصر علماء ۽ شعراء.

اهي مشهور همعصر علماء، جن سان مولوي بهاؤالدين جي خاص دوستي هئي، سي هي
هٿا: (۱) پير صاحب پاڳارو شمس العلماء جناب سيد شاهه مردان شاهه صاحب، (۲) مولانا
عبدالرحمان صاحب سکروارو، (۳) مولانا عبدالغفور صاحب همايوني، (۴) مولانا محمد ابراهيم صاحب
سرحدي (تعلقي گهوٽڪي جو)، ۽ (۵) پير صاحب حافظ محمد صديق پرچوندي وارو.

اهي همعصر شعراء جن مولوي صاحب جي قدرداني ڪئي يا جن سان مولوي صاحب
جو لاڳاپو هو، سي هي هٿا: (۱) پير صاحب پاڳارو سيد حزب الله شاهه "مسڪين"؛ (۲) مولوي
عبدالغفور صاحب همايوني "مفتون"؛ (۳) غوث بخش صاحب، نائب والي قلات، جيڪب آباد،
جو فارسي توڙي سرائڪي زبان جو شاعر هو؛ سندس تخلص "خاڪي" هو؛ اڪثر نعتيه ڪلام چيائين؛
نبي صلعم جي شان ۾ سندس چيل نعت "برات نجات خاڪي" مشهور آهي؛ (۴) مرزا قليچ بيگ
"قليچ"؛ (۵) مولوي صاحب آخر عمر ۾ هو، جو سردار گل محمد "زيب" به ساٿس مليو هو.
"بهائي" طريقت ۾، خواجه غلام فريد صاحب چاچڙان شريف وارن جو مريد هو. انهيءَ
عقيدت ۽ صحبت جو مٿس گهڻو ڪجهه اثر ٿيو. همعصر سخندانن ۽ شاعرن سان به سندس صحبتون
رهيون. پنهنجي ديوان ۾ پير صاحب حزب الله شاهه، مولوي عبدالغفور همايوني ۽ مرزا قليچ بيگ
کي خاص طرح ياد ڪيو اٿس.

تصنيفات.

مولوي بهاؤالدين مرحوم جون ڏيڍسو ڏيون ۱۸ تصنيفون فارسيءَ ۾ ۽ چار سنڌيءَ ۾ آهن،
جن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا. سندس اڪثر ڪتاب، رياست بهاولپور جي نواب ۽ وزراء جي
قدرداني سان، بهاولپور جي سرڪاري پريس ۾ ڇپيا. پير پاڳاري شمس العلماء شاهه مردان شاهه صاحب جن،
مولوي صاحب کي مستقل طور هڪ دستي پريس وٺي ڏني، جا "مطبع راشديه" جي نالي سان
مولوي صاحب ڳوٺ سلطان (تعلقو ميرپور ماٿيلو) ۾ قائم ڪئي. انهيءَ مطبع راشديه مان جنهن کي
"طبعة بهائيه" ٻڌ سڈيو ويندو هو ڪي ٻه ٽي تصنيفون شايع ٿيون، ۽ اها پريس پوءِ سيلاب ۾
پڏي ويئي. هيٺ "بهائي" مرحوم جي جملي ڇپيل توڙي اڻڇپيل تصنيفن جا نالا ڏجن ٿا.

فارسي ڪتاب

(۱) "بدر العروض"ـ مطبوعه صادق الانوار پريس، بهاولپور، ۱۳۱۳ھ/جولاءِ ۱۹۰۳ع؛
(۲) "تذڪرة القوافي"ـ فن عروض ۾ خاص طرح "قافيه" تي لکيل، مطبوعه راشديه دستي پريس،
ڳوٺ سلطان؛
(۳) "ياد خدا" (مثنوي)ـ ڇاپيل حسب الحڪم حضور نواب محمد بهاول خان "خامس" عباسي،
والي رياست بهاولپور، ڪارخانه بلالي اسٽيم پريس، سادورا، ضلعو انبالا، ۱۹۰۴ع؛

(۴) "خورد و خواب" (مثنوي) - ايضاً، كارخانه بلالي اسٽيم پريس، سايدورا، ضلعو انبالا، ۱۹۰۴ع؛
(۵) "مثنوي" - ايضاً، كارخانه بلالي اسٽيم پريس، سايدورا، ۱۹۰۴ع؛
(۶) "ديوان نعتيه" (در نعت نبي صلعم) - ايضاً، بلالي اسٽيم پريس، سايدورا، ۱۹۰۴ع؛
(۷) "ديوان بهائي" - مصنف جي خرچ تي صادق الانوار پريس بهاولپور ۾ ڇپيو؛
(۸) "سرمايهٔ اخلاق حسن" (ترجمه منظوم، صد پند سودمند لقمان حڪيم) - صادق الانوار پريس، بهاولپور، ۱۹۰۴ع؛
(۹) "ماشهيدان" ("صيرفي" جي مشهور ترجيع بند نظر "ماسقيمان كوي دلدار ير" جي تتبع تي) - حسب الحڪم تاجدار رياست بهاولپور، صادق الانوار پريس، بهاولپور، ۱۹۱۰ع؛
(۱۰) "مناجات بقاضي الحاجات" (رباعيات) - حسب الحڪم عاليجناب مولوي حاجي رحيم بخش صاحب بهادر، پريزيڈنٽ ڪونسل آف ريجنسي رياست بهاولپور، صادق الانوار پريس، بهاولپور، ۱۹۱۰ع؛
(۱۱) "ڪريما بهائي" - باهتمام مولوي عطاءالله، ايڈيٽر ۽ سپرنٽنڈنٽ صادق الانوار پريس، بهاولپور، ۱۳۲۱هـ؛
(۱۲) "مراس العلوم يعني در منظوم" (در مفردات، فوائد حروف الف - با و استعمال اين حرف از روي لغت) - صادق الانوار پريس، بهاولپور، ۱۳۲۱هـ؛
(۱۳) "مجمع القواعد" (فارسي: علم بديع ۽ معاني ۾) - باهتمام مولوي محمد اعظم صاحب "سراجي" (ابن المصنف)، صادق الانوار پريس، بهاولپور، محرم ۱۳۳۹هـ/آڪٽوبر ۱۹۲۰ع؛
(۱۴) "داستان عاشقان" - باهتمام مولوي محمد اعظم صاحب "سراجي"، صادق الانوار پريس، بهاولپور، محرم ۱۳۳۹هـ/آڪٽوبر ۱۹۲۰ع؛
(۱۵) "مراة الخيال" - مطبع راشديه (دستي پريس)، ڪوٽ سلطان، تعلقو ميرپور ماٿيلو؛
(۱۶) "چهل احاديث منظوم" - مطبع بهائيه (دستي پريس)، ڪوٽ "فتح آباد" (ڪوٽ سلطان جو نالو ٽيرائي فتح آباد رکيو ويو هو)؛ ۽
(۱۷) "تنبيه نجدي" - ڇپيل مگر ناپيد (قلمي نسخو مصنف جي فرزند مولوي عبدالرحمان صاحب "ضيائي" وٽ موجود).

سنڌي ڪتاب

(۱) "تنبيه الڪاهلين" - نصيحت ۽ نماز جي مسائل ۾، قلمي؛
(۲) "بلال نامه" - ڇپيل دستي پريس؛
(۳) "ڏاچي نامه" (معجزو نبي صلعم جو) - ڇپيل دستي پريس؛ ۽
(۴) "خطبن جو مجموعو (جمعي ۽ عيدن جا خطبا) - دستي پريس.

شاعري.

ڪتابن جي مٿين فهرست مان معلوم ٿيندو ته شعر ۽ نظم ۾ "بهائي" جا ڪافي ڪتاب لکيل آهن. وقت جي شاعرن وٽ سندس وڏي عزت هئي - خاص طرح پير صاحب پاڳاري جناب حزب الله شاهه صاحب، "بهائي" جي وڏي قدرداني ڪئي ۽ ڪيس دل ڪولي نوازيو.

"بهائي" کي جناب پير صاحب جي ملاقات، پير صاحب جن جي عمر جي آخري ڏينهن ۾ نصيب ٿي. هڪ دفعي "بهائي" پير صاحب جن جي آڏو هڪ غزل پيش ڪيو، جنهن جي هن مصرع تي پير صاحب جن تحسين ۽ آفرين چيس:

"بشمشيرِ محبت سر بريدم هستيءِ خود را،
شهيدِ تيغِ عشقم پيرهن بر تن کفن دارم".

وري "بهائي" هيئيون غزل پيش ڪيو، جنهن تي پير صاحب تحسين ۽ آفرين چيس، ۽ پنهنجو هاڻي پالڪيءَ سميت مولوي صاحب کي انعام طور ڏنائون. مولوي صاحب جن هاڻي وڃڻ کان معذرت ڪئي ته "آءٌ فقير آهيان، هاڻي سنپالڻ ڪر اميرن ۽ بادشاهن جو آهي". انهيءَ تي پير صاحب جن فرمايو ته "اسان کي معلوم آهي ته اوهين فقير آهيو؛ پر اسين اوهان کي پنهنجو پيلبان ساڻ ڪري ٿا ڏيون، اوهين اهو هاڻي وڃي پنهنجي نواب (بهاولپور) کي تحفو ڪري ڏيو، ته جئن اهو اوهان جي پوين لاءِ يادگار رهي ته هي اولاد مولوي بهاؤالدين "بهائي" جو آهن، جنهن نواب کي هاڻي تحفي طور ڏنو هو". اهو هيئيون غزل هو، جنهن جي پُڌڻ سان پير صاحب پاڻ ساري اها نوازش ڪئي:

قُربِ حق شد منزلِ ما، عشق جانِ جانِ ما ست، ما شهِ ملکِ دل و عرشِ عظيمِ ايوانِ ما ست.
باعثِ ايجاد مائيم از پيءِ هر دو جهان، بر دو عالم في الحقيقت منّتِ احسانِ ما ست.
ما که از روزِ ازل ما را محبت مشرب ست، عشقبازي دينِ ما و عشقِ عشق ايمانِ ما ست.
عشق يعقوب ست و عقل اخوانِ ما، ما يوسفيم، ما عزيزِ مصرِ عشقيم و خودي زندانِ ما ست.
ما بدنيا سخت نساديم و در ديوانِ عشق، عقلِ عالم نو سبق شاگردِ شاگردانِ ما ست.
آفتابِ عالم افروز ست نورِ فيضِ ما، از "متهيله" تا "کراچي" جلوهٔ جولانِ ما ست.
عالمِ عقبيٰ کراچي و متهيله اين جهانست، هر دو عالم روشن از خورشيدِ نورانشانِ ما ست.
مدحِ ما مشهور "الانسان سرّي" واقع است، برقعِ آن شاهدِ سر صورتِ انسانِ ما ست.
از ازل ما را چه دستارِ خلافت بر سر ست، شانِ ما ايمانِ ما قرآنِ ما برهانِ ما ست.
در دو عالم گوي اقبال از همه کس بُرده ايم، از زمين تا نُه فلکها عرصهء ميدانِ ما ست.
در دو عالم گردي ار چيزي نيابي چون سخن، بارهٔ بنگر که آن هم لعل خوش از کانِ ما ست.
از پيءِ ما خاک گسترده بساطِ الجمن، آسمان در رقص و حالتها هم از دستانِ ما ست.
طالبِ ذاتِ خدائيم و خدا مطلوبِ ما ست، دردمندِ ايزديم و ذاتِ حق درمانِ ما ست.
اين همه اقبالها داريم از اقبالِ عشق، بندگانِ حضرتِ عشقيم و او سُلطانِ ما ست.
اين نه فخريه بگفتم بلکه حمديه بود، "نحن اقرب" را ببين برهانِ ما قرآنِ ما ست.
گر کلامِ ما ز قانونِ خرد خارج فتاد، باک نبود چون کمالِ دوستان نقصانِ ما ست.

اي "بهائي" قدرِ خود را کاش که نشناختيم،
ورنه مدحِ بيحدِ ما لي حدِ امکانِ ما ست.

پير صاحب حزب الله شاهه پاڻ فارسيءَ جو اعليٰ شاعر هو. سندس تخلص "مسڪين" هو، ۽ "ديوان مسڪين" اڄ تائين موجود آهي. انهيءَ ڪري، سندن طرفان "ڀائي" جي قدرداني، ڀائي لاءِ هڪ وڏو انعام هو. پير صاحب جن وعدو فرمائي "ڀائيءَ" کي چيو هو ته "اسان اوهان جي ديوان کي سونهري حرفن ۾ ڇاپائينداسون"؛ پر افسوس جو هن سخي مرد سان حياتيءَ وفا نه ڪئي ۽ هن آخري صحبت کان ڇالهه ڏينهن پوءِ وفات ڪيائون. ان بعد، سندن جانشين پير صاحب پاڳاري علي گوهر شاهه ثانيءَ (محفي ڏڻي) ۽ ان بعد شمس العلماء شاهه مردان شاهه، مولوي ڀائيءَ جي وڏي عزت ڪئي ۽ ڪيس پوريءَ طرح نوازيو.

هيڪ اسين "ڀائي" جي ديوان مان کي غزل نمونو طور ڏيون ٿا- پهريون غزل، "ديوان ڀائي" جو شروعاتي غزل آهي.

لخستين حرفِ عشق آمد چو بسم الله قرآن را، پيءِ دفعِ گزندِ چشمِ بد عنوانِ ديوان را.
بگوشِ جان رسد چون نامِ عشق ازخود فتم بيخود، نداند کس بجز هشيارِ مست اين رازِ پنهان را.
بخاکِ آستانِ بادشاهِ عشق در هردم، ز روی عجز في الحق سجدها باشد دل و جان را.
ببازارِ حسابِ حشر چون رحمت کند جلوه، بطاعت خندها باشد لب و دندانِ عصيان را.
ز روي شاهدِ رحمت، نقابِ منع دور افتد، عجب گرمي بود آنجا، مگر بازار غفران را.
عنانِ اختيارِ خود سپردستم بدست او،
"ڀائي" از دل و جان بنده ام آن شاهِ خوبان را.

●

من مريدِ پيرِ عشقم پيرِ من کامل بود، ناقصم در نفس خود، ليکن سخن کامل بود.
پيرِ عشقم ساخته فارغ ز فڪرِ مرد و زن، هرکه شد فارغ ز فڪرِ مرد و زن کامل بود.
کاملي کنز فيضِ پيرِ عشق کامل مي شود، فارغ از خود گشته و بيخويشتن کامل بود.
جانبِ دير و حرم شد پيرِ عشقم رهنما، شيخِ کامل ديدم و هم برهمن کامل بود.
جلوهٔ او جا بجا شد جلوه گر در چشمِ من، موجِ حسنِ او چو بحرِ موجزن کامل بود.
اي "ڀائي" گرچه پيرم، ليک عشقِ آن جوان،
شڪر لله در دل و در جان من کامل بود.

●

دلم بنورِ محبت چنان منور شد، که آفتاب بيک ذره ام برابر شد.
هزار شڪر که شادم بشغلِ مستيءِ يار، که هرچه بود بغيرِ غمش ز دل بر شد.
بسوي منزلِ مقصود راه خوش بردم، چو خضر لطفِ خدايم رفيق و رهبر شد.
بآبياريءِ احسانِ باغبانِ ازل، درخت دوحهٔ بي برگِ من مثمر شد.
چو حسنِ صنعِ حڪيم ڪريم جلوه نمود، ز ڪيمياي ڪرمهاش مس همه زر شد.
ز صيقلات صفا ساز رحمتِ مولي، دلم منير چو آئينهٔ سڪندر شد.
شده فسونِ سليمانِ فضلِ حق ياور، که ديوِ نفس بزورش مرا مسخر شد.
"ڀائيا" بڪرمهاي باغبانِ ڪريم،
درختِ دولتِ مقصودِ من ثمرور شد.

●

هزاران خنده بر خورشید دارد روي رخشانش، دوصد طعنه بمرجان میزند لعلِ دُر افشانش.
بمن آرد چو یزدانش بتنها از رقیبانش، دل و جان کرده قربانش زنم دستي بدامانش.
پس از عمری شوم یارب چه شیرین کام چون بوسم، لبانِ شکّرافشانِ دوای تلخکامانش.
بعشاق آن ستمگر برسرِ پیکار مي آید، دو ابرو تیغ و مژگان خنجرو شوخي ست سامانش.
وظائف را بجان متروک سازد عابد ار بیند، گهي از دور ابروی چو بسم الله قرآنش.
ز خود بیخود هزاران خندها دارد بعمرِ خضر، کسي کو بارهٔ بوسد لبِ چون آب حیوانش.
سیه پوشي میسر کرد شام از زلفِ یارِ من، رخ افروزی سحر آموخت از چاکِ گریبانش.
زلیخا وار دل ده آن عزیزِ مصر خوبي را، که باشد یوسفِ کنعان غلامي از غلامانش.

"بهائي" میرود برباد یادِ جنّتم از دل،
چو یاد آید هوای خاکِ کوی چون گلستانش!

●

اي که در من چون بَدن در پیرهن جا کردهٔ، یا چو بوی خوش بگلهای چمن جا کردهٔ.
یا چو عیشِ میخوری در انجمن جا کردهٔ، یا چو معنیء لطیف اندر سخن جا کردهٔ.
کی توانم شد تُرش از تلخیء غمهای تو، اي که چون شیرین بمن در کوهکن جا کردهٔ.
عین شد در عین، عین و درمیان غیری نماند، من شدم تو، توشدی من، تا بمن جا کردهٔ.
ای دمادم جلوه گر شد جلوهٔ تو جابجا، جلوهٔ بر دُر فگندی، در عدن جا کردهٔ.
چون نگاهِ لطفِ خود را بر اویس انداختی، گشتهٔ با او قرین و در قرن جا کردهٔ.
من نگویم ای بهر مظهر ظهورت جلوه گر، بي تکلف می بر آید از دهن جا کردهٔ.
در چمنها جلوه گر گشتي بهر سرخ و سپید، در گل و در لاله و در نسترن جا کردهٔ.
چون زمن من رفت، من بي‌من شدم، ماندي تو بس، خویش را بشناختی، در خویشتن جا کردهٔ.

چون "بهائی" از تو دورم، باوجودِ آنکه تو-
درمیانِ جانِ من چون جان بر تن جا کردهٔ.

●

اي که در روی بتان نور خدا مي بیني، مژده باد ار ز گل و آب جدا می بینی!
این بود آئنهٔ نورلما در عالم، چشم روشن کن و بنگر که چها می بینی.
نور محض ست و بجز نور دگر چیزی نیست، هر چه زان آئنهٔ نور نما می بینی.
دیدهٔ پاک نظر داد ترا ایزدِ پاک، شکر بین تو که کجا تا بکجا می بینی.

گر "بهائی" بدر آئي نفسي از من و ما،
آنچه معنی است تو در صورتِ ما می بینی!

مرحوم مولانا مخدوم غلام محمد ملكاڻي

"چون عاشق مي شدم، گفتم كه بردم گوهر مقصود،
ندانستم كه اين دريا چه موج بيكران دارد".

مرحوم مخدوم غلام احمد صاحب نه رڳو پنهنجي وقت جا جيد عالم هئا، بلڪ پنهنجي صديءَ جا ڇڻ مجدد هئا: قاري ۽ مجوّد قرآن هئا، حاجي الحرمين هئا، عالم هئا، عارف هئا. سنڌ ڏيءَ سندن ڪمال جهڙا بزرگ تمام ٿورا آڻايا آهن.

مولانا حڪيم فتح محمد صاحب مرحوم پنهنجي هڪ تقريظ ۾ جا هن حضرت قبلہ گرامي قدس سره جن جي رسالي "تحفةالاقران" تي لکي آهي- هيٺينءَ طرح فرمايو آهي:

"فلا يخفي علي جناب من امعن النظر في كتب الشرع وري فيها مسائل الاصل والفرع ان ما كتب زبدة فضلاء الانام، عمدة العلماء الكرام، المحقق الفاضل العلام، المجدد المقبول في جناب الاحد والاحمد، مولانا غلام محمد، مصباح القرية الملكاني ادامه الله تعالي متكئا علي و سادة الافادة، و اقامه مستنداً علي مسند الافاضة، فهو مبني علي عين الانصاف، لا ينبغي عنه الاعراض، و لا يليق فيه الاختلاف، و هو سبحانه و تعالي اعلم....."

مولانا حڪيم فتح محمد صاحب جهڙا بيريا عالم پنهنجي هڪ همعصر هستيءَ لاءِ پنهنجي تحقيقاتي تقريظ ۾ "مجدد اسلام" جو غيرمعمولي خطاب تجويز فرمائين، سا هر ڪو اهل علم ڄاڻندو ته ڪا مبالغي آميز ڳالهه نه هئي. سنڌ جي هڪ ٻي غيرمعمولي هستي، جنهن کي اڄ وقت جي علماءِ اعلام ۾ 'شمس العلماء' جو اعليٰ ترين خطاب حاصل آهي، تنهن حضرت صاحب جن جي بنسبت هڪ موقعي تي فرمايو آهي ته "اسان کي اهڙيءَ نوعيت جي اسلامي هستي اڄ تائين ڏسڻ ۾ نه آئي آهي، ۽ شايد اڳتي لاءِ به مشڪل ڏسڻ ۾ اچي"-

هر كس بقدر خويش بجائي رسيده است،
آنجا كه جائي نيست، تو آنجا رسيدهٔ.

سندن ولادت باسعادت، هڪ اعليٰ ترين باوڄ خاندان جي آغوش ۾، ۱۴ رمضان المبارڪ ۱۲۷۶ هجريءَ ۾ ٿي. والد صاحب سندن نالو "غلام محمد"، ۽ والده صاحب "غلام احمد"،

تجويز فرمايو: ته معلوم اها كهڙي مبارڪ ساعت هئي، جنهن ۾ هڪ عاشق رسول ۽ پروانءِ جمالِ محمدي جو ايترڀدر موزون نالو رکيو ويو، جو حرف بحرف صحيح ثابت نڪتو. حضرت صاحب جن پنهنجي هن اسم مبارڪ تي هميشه ناز ۽ فخر ڪندا هئا، ۽ نهايت خوش ٿيندا هئا- جئن ته پنهنجي خاتم تي، جا پنهنجي سڀڪنهن تحريرات تي مهر ڪندا هئا، حسب ذيل مصرع لکرائي ڇڏي هئائون: "نازم ببخت خود كه غلام محمدم" (سرور ڪائنات جي غلاميءَ سبب مون کي پنهنجي بخت تي ناز ۽ فخر آهي).

سندن ولادتگاهه، جو اصل ڪان سندن آبا و جداد جو سڪونتگاهه هو، تعلقي دادوءَ ۾ "ماڪاڻي" نالي هڪ ننڍڙو ڳوٺ هو. ستن اٺن سالن جي عمر ۾ کين قرآن مجيد پاڙهڻ لاءِ ڳوٺ جي نزديڪ هڪ مڪتب ۾ موڪليو ويو، جتي هڪ سال جي عرصي ۾ قرآن مجيد جي تعليم حاصل ڪيائون. سندن استاد هڪ فياض شخص، آخوند عبدالڪريم نالي، مخدوم جنيد (هڪ جيد عالم) جي پوين مان هو. ان ڪان پوءِ دادوءَ جي لڳ سيالن جي ڳوٺ ۾ "بهار دانش" ۽ "انوار سهيلي" تائين فارسي پڙهيا. ساڳئي ئي وقت ۾ دادوءَ جي پرائمري اسڪول ۾ سنڌيءَ جي ستن درجن جو امتحان پڻ ڏنائون. حضرت صاحب جن فارسي پڙهڻ ڪان پوءِ عربيءَ جي اعليٰ تعليم ۾ مشغول ٿي ويا. سن ۱۳۰۲ هجريءَ ۾، پنجويهن ورهين جي عمر ۾، حضرت مولانا محمد حسن صاحب حيدرآباديءَ جي حلقءِ درس ۾ عربيءَ جي دستاربندي فرمايائون. هن مدرسي ۾ يا ان وقت تائين حضرت صاحبن جن علمن ۾ تعليم حاصل ڪئي، انهن جا مختصر نالا پنهنجيءَ هڪ تصنيف ۾ ضمناً هيئيان بڌايا اٿن:

"منها علم الصرف و علم النحو و علم اللغة و علم المعاني و علم البيان و علم العروض و علم الانشاء و علم رسم الخط و علم المناظره و علم القراة و علم التفسير و علم الحديث و علم الفقه و علم الفوائض و علم الاصول و علم الكلام و علم المنطق و علم الحكمت و علم الهيئة و علم الهندسة و علم العدد و علم الطب و علم النجوم و علم المناظر و المرايا و علم الجبر و المقابله و علم جرالاثقال و علم الجفر و علم القيافة و علم التعويذات و علم التصوف و علم الاخلاق و علم التواريخ و غيره".

حضرت صاحب جن جي اساتذه جو تعداد اگرچ ايڏو ڪهڙو نه هو، پر ان هوندي ب علمي جستجو کين گهڻن عالمن جي حلقءِ درس ۾ زانوي ادب تهه ڪرڻ جو موقعو ڏنو. سندن استادن مان آسمان علم جا آفتاب جي بزرگ هئا، اهي آهن - حضرت مولانا حاجي حسن الله صاحب پاڻائي، حضرت مولانا عطاءالله صاحب فيروزشاهي، ۽ حضرت مولانا محمد حسن صاحب حيدرآبادي، رضوان الله تعالىٰ عليهم اجمعين. هنن ڏنهي حضرات جي حلقءِ درس ۾ پاڻ اگرچ ڇڪو عرصو رهي جدا جدا علوم و فنون جي تعليم حاصل ڪئي هئائون، مگر جئن ته آخري عبور مولانا محمد حسن صاحب جن جي ئي حلقءِ تدريس ۾ فرمايو هئائون، تنهنڪري سڀني حضراتن ڪان مولانا محمد حسن صاحب جن کي ئي پنهنجو استاد ڪري ڄاڻندا هئا، ۽ انهيءَ

ڪري ٿي پنهنجي تعليم جو مستند سلسلو ۽ سڀ کان وڏيڪ نسبت شهداد ڪوٽي بزرگن سان ڳنڍيندا هئا؛ جو تہ حضرت مولانا محمد حسن صاحب، استاذ الافاق حضرت مولانا نورمحمد صاحب شهداد ڪوٽي رحہ جا شاگرد هئا۔ جن هن سلسلي بنسبت حضرت صاحب جن "المنح الملک الجليل" ۾ ضمناً هڪ موقعي تي رقمطراز آهن:

"کما اجازني صدر العلماء المدققين و شمس العلماء المحققين الذي تقريراته فوائد ضيائية و تحريراته متفردات الهامية و اشاراته في الدقائق الفلسفية، هداية الي الحکمة البهية و کناياته في الحقائق الکلامية، محللات لعاقد المباحث الاعتقادية و رموزاته في علم التفسير و الحديث و الفقه و الاصول المفتقر اليهاالفحول۔

"بکماله، في الاوج بدر کامل، بحر محيط ذاخو بنواله،
في کل علم عالم متبحر، في فن حلم حالم بحياله.

"مولانا المخدوم الايادي العلامة محمد حسن الحيدرآبادي کما اجازه بذالک رئيس العلماء، رافع الوية البيضاء الذي صارت ببيانه فوائد العلوم التي کانت في الاصداف المظلمة خفية کالفوائد التي کالتيجان علي الرؤس باهرة سنية المشتهر في الا قطار و الاعصار کالن کاء في نصف النهار۔

"لا يدرک الانسان وصف کماله،
و العقل في احصائه يتضعضع.

"مولانا النوري العلامة نورمحمد الشهدادپوري۔

"مبارک الاسم يستقي الغمام به،
ما في الانام له عدل و لا خطر۔

"عن شيوخه الکاملين رحمة الله تعالي عليهم اجمعين!"

حضرت صاحب جن، علم جي عبور بعد، حضر خواه سفر ۾ ڪم و بيش چاليهن سالن تائين درس تدريس ۾ مشغول رهيا. سندن حلقہ درس ۾ تقريباً سو ڪن شاگرد علوم و فنون متفرق جي حاصل ڪرڻ لاءِ هر وقت حاضر ۽ موجود رهيا ٿي. مبتدي شاگردن کان علاوہ ڪيترا منتهي ڪجهہ وقت سندن خدمت ۾ رهي تفسير، حديث، فقه، ادب، معاني ۽ بديع جي اعلیٰ تعليم حاصل ڪندا هئا.

هن کان پوءِ سندن زندگيءَ ۾ اهو انقلاب آيو، جنهن ۾ زندگيءَ جو ڪجهہ عرصو بيروني ملڪن۔ هندوستان، پنجاب، عراق ۽ حجاز، وغيره۔ جي سير و سفر ۾ گذاريائون. هن دوران ۾ حضرت جن گهڻن بزرگن جون خانقاهون ڏٺيون، ۽ گهڻن مشائخين طريقت و شريعت جي خدمت ۾ علوم ظاهري ۽ باطني ۾ ڪمال حاصل فرمايو. عراق ۽ حجاز جي سفر ۾، جو سن ۱۳۰۷ هجريءَ ۾ فرمايو هئائون، بغداد شريف پهچي، ڪئين ڏينهن حضرت محبوب سبحانيءَ جي درگاهہ فلڪ بارگاهہ ۾ عبادت الاهي ۾ مشغول رهيا، ۽ خانقاهہ شريف جي سجاده نشين

حضرت سيد مصطفيٰ قادري رحمةالله عليه کان، جي زماني جا قطب تسليم کيا ويندا هئا، طريقه عاليه قادريه ۾ دست بيعت ٿيا، ۽ چند ڏينهن جي محنت ۽ مشقت بعد هن سلسلي جي سند حاصل فرمايون. حضرت صاحب جن کي هن سفر ۾ هاڻي ڏيو سال ختم ٿيڻ وارو هو. سندن ارادو هو ته باقي حياتيءَ جا ڏينهن پڻ پرين جي پاڙي ۾ پورا کرڻ بهتر آهن. کين مدينه منور ۾ سرور کائنات صلي الله عليه وسلم جي روضهٔ اطهر تي رهندي پورو ڏيڍ سال جو عرصو گذري چکو هو. هن عرصي درميان پاڻ ڪڏهين مکي معظم ۾ پنهنجي جاءِ ڏينهن وڃي حرم محترم ۾ رهندا هئا ۽ عبادت الاهي کندا هئا. مکي شريف جي وڏن عالم سان سندن علمي گفتگو رهندي هئي ۽ مباحثا ٿيندا هئا ـ خاص کري مکي معظم جي هڪ وڏي مفتيءَ ۽ مشهور عالم سيد احمد دحلان محدث سان سندن گهڻي رغبت هئي، ۽ مکي شريف جي مشهور عربي درسگاهه "مدرسه صوليتيه" جي باني ۽ مدرس اعليٰ شيخ رحمت الله مهاجر مکي عليه الرحمة سان پڻ سندن رشتهء محبت قائم هو. حضرت صاحب جن جي کمال علم ۽ خاص کري فقيهانه تحقيقات جا هي علماء کرام گهڻو معترف هئا، ۽ کين "ابو حنيفه ثاني" جو خطاب ڏيندا هئا. مڪي مڪرم ساريءَ دنيا ۾ اسلامي علوم و فنون جو هڪ وڏو مرڪز هو ـ خاص کري حج واري زماني ۾ متفرق ملڪن جا کيترائي وڏا وڏا علماء اچي هتي گڏ ٿيندا هئا. هن دوران ۾ حضرت صاحب جن جيڪي "شام" جي وڏي عالم ابو نصر محدث سان ملاقات ڪئي، جنهن بزرگ کي سادين پارهن هزار مستند حديثون ياد هيون. حضرت صاحب جن هن بزرگ بنسبت فرمائيندا هئا ته "اسان هن سڄي سفر ۾ ابو نصر شاميءَ جهڙو عالم نه ڏٺو". سن ۱۳۱۹ھ ۾ هندوستان جو سفر فرمايائون. هن دوران ۾ سرهند شريف پهچي، حضرت امام رباني صاحب جي خانقاهه جي زيارت کان مشرف ٿيا. ان کان پوءِ وري درگاهه مهڑا شريف، گولڑا شريف، ۽ ٻيون گهڻيون خانقاهون جي ان وقت هندوستان ۾ بالڪل مشهور معروف هيون سي ڏٺائون، ۽ مٿي مشائخن جي خدمت ۾ کٿين ڏينهن رهي طريقت جي چٿن مشهور سلسلن جون سندون حاصل فرمايائون.

سن ۱۳۲۶ھ مطابق ۱۹۰۸ع ۾ حضرت جن ٻيو ڀيرو پنجاب جو سفر فرمايو، ۽ هن دفعي ملتان پهچي سيدالقراء حضرت حافظ عبدالحڪيم رحمة الله عليه جي حلقهء درس ۾ چهن مهينن جي مختصر عرصي ۾ قرآن مجيد جو حفظ فرمايائون. حضرت صاحب جن نه صرف قرآن مجيد جا حافظ هئا، پاڪ قاريءَ قرآن هئا. چهن مهينن اندر سڄو قرآن حفظ کرڻ، حقيقت ۾ هڪ کرامت هئي؛ مگر پاڻ ڏوري عرصي ۾ اهڙي ته مڪمل ۽ غير معمولي تعليم حاصل فرمايائون، جو قرآن عربي کي عرب جي قانون موجب ترتيل ۽ تجويد سان پڙهندا هئا.

قرآن مجيد جي حفظ کرڻ بعد، وطن ورڻ وقت، حضرت صاحب جن ملتان مان علم تجويد ۽ قرات جا کيترائي کتاب خريد کيا ـ جن مان تحفه نذبريه، فوائد لظاميه، مفيدالقاري، مرغوب القاري، سراج القاري، هدايت القاري، ميزان القرآن، مفتاح القرآن، آداب القرآن، تقريب

التجويد، مقنع، درة الفريد، رسالہ متشابہات، مقدمہ جزري، مقدمہ فيضي، وغيرہ قابل ديد کتاب آهن. اهي سڀ کتاب کين اکثر ياد هوندا هئا۔ جئن تہ 'مقدمہ جزري' جا هيئيان ۽ اشعار هڪ موقعي تي ڪنهن حافظ سڳوري کي قرآن مجيد جي قرات متعلق خاص سمجهائين ڏيندي ارشاد فرمايو هئائون، سي راقم خاکسار کي اڄ تائين ياد آهن:

اذ واجب عليهم متحتم، قبل الشروع اولاً ان يعلموا:
مخارج الحروف و الصفات، ليلفظوا بافصح اللغات.

(قارئين کي قرآن مجيد جي تلاوت ڪرڻ کان اڳ واجب آهي تہ هو حرفن جي مخرجن ۽ سيني صفتن کي ڄاڻن، تان تہ قرآن مجيد جي لفظن کي سيني زبانن کان هڪ وڏي فصيح زبان۔ عربي۔ ۾ صحيح طرح ادا ڪري سگهين.)

مٿين ڪتابن مان 'مقدمہ فيضي'۔ جو علم قرات ۽ تجويد ۾ هڪ ناياب ۽ نادر ڪتاب آهي۔ رخصت وقت استادن کين تحفي طور مرحمت فرمايو. هيءُ ڪتاب هڪ خوشنويس جو قلمي لکيل پنجابي زبان ۾ آهي.

حضرت صاحب جن، عراق جي دوران سفر ۾ سيد مصطفيٰ قادري رحمة الله عليہ کان طريقہ عاليہ قادريہ ۾ دست بيعت ٿي، ۽ سلسلي جي سند حاصل فرمائي، جئن مٿي بيان ٿي چڪو؛ مگر پين سلسلن ۾ اجا کين مشائخين طريقت جي جستجو هئي. ڀاڻ اجا هندوستان ۽ پنجاب جي سفر تي پوءِ روانا ٿيا هئا. ان کان اڳ، سنڌ ۾ خواجہ خواجگان حضرت خواجہ آغا عبدالرحمان صاحب سرهندي مجددي قدس سره کان طريقہ نقشبنديہ ۾ دست بيعت ٿي، خرقہ خلافت حاصل فرمايائون. هيءُ سن ۱۳۱۵ هجريءَ جو زمانو هو. خواجہ صاحب جن کي قندهار مان هجرت ڪئي هي اڙهون سال هو. سنڌن خانقاهہ ان وقت ڏڪڙ شريف ۾ مرجع روزگار هئي. قدرت الاهي، انهي ئي سال، جڏهن خواجہ صاحب جن رحلت فرمائي، تڏهن سنڌن باطني اشاري سان وري حضرت خواجہ ولي محمد ڪاتياروي رحہ جي حلقہ ارشاد ۾ ويهي دوباره طريقہ نقشبنديہ ۽ سهروورديہ جي تڪميل فرمايائون. تنهن کان پوءِ وري مهڙا شريف واري مشهور اوليا حضرت خواجہ محمد قاسم نقشبندي قدس سره جي خدمت ۾ ٻن نقشبندي طريقي جو گهٽو فيض حاصل ڪيائون، ۽ چشتي طريقي ۾ قطب اعظم حضرت مولانا خواجہ سيد مهر شاهہ جيلاني گولڙي شريف واري کان سند ورتائون. طريقت ۾ مشائخن جيڪي حضرت صاحب جن کي سندون ۽ شجرا مرحمت فرمايا، سي اڄ تائين سنڌن خاندان ۾ محفوظ آهن۔ (انهن سيني سلسلن جو وڌيڪ احوال ۽ حضرت صاحب جن جي مڪمل سوانح حيات لاءِ ڪتاب "انوار احمديہ" هن خاکسار جو لکيل ڏسڻ گهرجي).

تصوف ۾ ڀاڻ اگرچ چئن طريقن جا صاحب هئا۔ جن جو مٿي بيان ٿي چڪو۔، مگر ڀاڻ اجازت حاصل ڪرڻ بعد فقط طريقہ عاليہ نقشبنديہ کي ترويج ۾ آندائون، ۽ پنهنجي فيض

جي بارش اهڙي ته عالم ڪيائون جو سنڌ ته بجاءِ خود، بلڪ ڪوهستان، بلوچستان ۽ ٻين ملڪن جي برن ۽ بحرن، رڻ ۽ روهن ڪي پڻ آباد ۽ شاداب ڪري وڏائون. اهڙيءَ طرح، سنڌن مريدن جو تعداد لکن ڪان بہ زياده ٿي ويو؛ مگر پيري مريديءَ جي سلسلي جاري رکڻ بعد ڪيترا سال درس تدريس ۾ مصروف رهيا. انهيءَ عرصي ۾ ڪيترائي جيد عالم پيدا ڪري وڏائون، جي پنهنجي پنهنجي فن ۽ نوعيت ۾ لاجواب عالم ليکيا ٿا وڃن. سنڌن فياض طالبن سان مولانا يمشي عليہ الرحمة هڪ اهڙا پرهيزگار عالم ۽ صاحب ولايت ٿي گذريا آهن، جو انهن ڪيترو وقت خاموشيءَ ۾ گذارڻ کان علاوه نہ انّ چڪيو نہ پائي: هميشه ڏينهن جو صائم ۽ رات جو قائم رهندا هئا، ۽ انهيءَ حالت ۾ سڄي عمر ختم فرمايائون. تعليم جي لحاظ کان مولانا حاجي عبدالرحيم صاحب مرحوم (سابق معلم فقه سنڌ مدرسة الاسلام، ڪراچي)، حضرت جن جي شاگردن مان اهي مشهور ۽ جيّد عالم هئا، جن کي سنڌ جو هر تعليم يافته گروهه اخلاص ۽ عقيدت جي نظرن سان ڏسي ٿو. اهڙيءَ طرح، ٻيا بہ ڪيترائي جيّد عالم قبلہ صاحب جن جي حلقہ درس مان فيضياب ٿي شهره آفاق ٿيندڙ ويا ـ جن ته مولانا مولوي اميرمحمد شاهہ صاحب امينائين وارو، مولانا مولوي محمد ڪامل صاحب ملڪن وارو، مولانا مولوي محمد حسن صاحب سيالن وارو، مولانا مولوي عبدالخالق صاحب جهلي وارو، مولانا مولوي خان محمد صاحب جوهيءَ وارو، مولانا مولوي محمد صاحب مڏن وارو، مولانا مولوي عبداللطيف صاحب لڪيين وارو، وغيره. قبلہ صاحب جن جي تلاميذ مان ٻيا بہ بيشمار عالم آهن، جن جو هن موقعي تي تعارف باعث طوالت ٿيندو؛ هتي فقط انهن فاضلن جا نالا آندا ويا آهن، جيڪي صاحب عبور بعد خود درس تدريس جي ڪم ۾ مشغول ٿي ويا، ۽ انهن صاحبن ساريءَ سنڌ جي هر ڪنڊ ڪڙ ۾ ڪيترا بينظير عالم پيدا ڪيا. سڄيءَ سنڌ ۾ اڄ تائين حضرت صاحب جن جي شاگردن جا شاگرد، ۽ انهن جا شاگرد ـ اهڙيءَ طرح سَوَن جي تعداد ۾ هي سلسلو قائم آهي. سنڌن شاگردن مان موجوده وقت ۾ محقق، مفتي ۽ جيّد عالم حضرت استادي مولانا سيد اميرمحمد شاهہ صاحب امينائين واريَ جي هستي ڪنهن کان مخفي ناهي، جنهن صاحب کي تقريباً پنجاهہ سالن کان وڌيڪ عرصو درس تدريس ۾ گذري چڪو آهي. انهيءَ عرصي جي درميان هر سال ڏهاڪو ڪن عالم سنڌن دارالعلوم مان دستاربندي ڪري فارغ التحصيل ٿي نڪرندا آهن ـ ذالک فضل من اللّٰه يؤتيه من يشاء والله ذوي الفضل العظيم.

سنڌن فيض جي ڪرن وسڪارا ڪري سنڌ ۽ ٻين ملڪن ۾ جيڪي شاداٻيون ڪيون، سي ڪنهن تعريف جون محتاج ناهن. مولانا مولوي محمد سليمان "واعظ" مرحوم (ٺرڙي محبت وارو) جو قول آهي ته "ڪنهن ميرن لڻن واري ماڻهوءَ کي جهنگل، دريا ۽ ٻڻ ٻهاڙن ۾ جيڪڏهن خدا تعالىٰ کي سجدو ڪندي ڏسو، ته ڄاڻو ته هي فيض حضرت مخدوم صاحب قدس سره جن جو آهي". حضرت صاحب جن جو هي فيض ٿي ڪافي ثبوت آهي ته سنڌن مريدن مان ڪنهن ماڻهوءَ جيڪڏهن پنهنجي بدقسمتيءَ سبب وڏيڪ ڪجهہ نہ حاصل ڪيو، تڏهن بہ ان ڪان

پنج وقت نماز جا ڪڏهن به هٿان نه وينداء ازان سواءِ جن صاحبن عظيم محنتون ۽ مشقتون ڪري مڪمل فيض حاصل ڪيو، اهي خلفاء ڪاملين ۾ درج ٿيل آهن، جن جو انداز ٻڌ بي الداز آهي؛ مگر انهن حضراتن مان جيڪي بزرگ خانقاهن جا مالڪ آهن، ۽ جن دنيا ۾ فيض الاهي جا واهڙ وهائي ڇڏيا، اهي هيٺيان حضرات آهن: (۱) حضرت مولانا فقيرمحمد ويهڙائي رحمة الله عليه (دادو ضلعو)؛ (۲) حضرت مولانا حافظ محمد صالح ڪرمپوري رحمة الله عليه (دادو)؛ (۳) حضرت مولانا شيرمحمد اباوڙائي رحمة الله عليه (سکر ضلعو)؛ (۴) حضرت مولانا سيد خير شاهه جلباڻوي رحمة الله عليه (دادو ضلعو)؛ (۵) حضرت مولانا عبدالهادي بوبڪائي رحمة الله عليه (دادو ضلعو)؛ (۶) حضرت مولانا محمد عبدالله المعروف به ميمشي قدس سره (لواڻشاهه ضلعو)؛ (۷) حضرت مولانا عبدالرحمان منڇرائي رحمة الله عليه (دادو ضلعو)؛ (۸) حضرت مولانا الحاج محمد موسيٰ منڇرائي مدظله (دادو ضلعو)؛ ۽ (۹) مرشد الاولياء و السالڪين امير الامراء حضرت مولانا اميرمحمد پسند خان قدس الله سره العزيز- هيءَ بزرگ جبل جي مينگل سردارن مان هڪ وڏا اولياء الله ٿي گذريا آهن؛ سندن مسڪن شريف "سارٿو" پٻ جبل جي پرينءَ ۾ وارو ملڪ آهي.

حضرت صاحب جن ڪي اگرچ سڀني علمن ۾ هڪجهڙو ڪمال حاصل هو، مگر سندن توجهه اڪثر فقه جي طرف رهيو؛ ڇو ته تحقيقات لاءِ روزانو وٽن جيڪي فتوائون ايندا هيون، انهن جو انداز نهايت غير معمولي هوندو هو: ڪٿين ماڻهو نقهي مسئلا ڪٿي سندن خدمت ۾ حاضر ٿيندا هٿا ۽ ٻاڻ انهن جي تحقيقات ۾ شافي فتوائون لکندا هٿا. سندن رحلت کان پوءِ، لاڳيتن ڏهن سالن جي عرقريزيءَ بعد، راقم خاڪسار انهن سڀني تحريرن ۽ بياضن ڪي وقت جي ٻين جيد عالمن جي مشوري سان ڪتاب وار ترتيب ڏيئي، ٻن ضخيم جلدن ۾ "فتاويٰ ملڪاني" جي نالي سان مرتب ڪيو آهي. ابتدا "ڪتاب العقائد" کان ٿئي. پنهي جلدن جي ضخامت تقريباً ۱۵۰۰ صفحا ڪن ٿيندي. نهايت مستند "فتاويٰ" آهي. ايڏا غير شايع آهي. هن فتوا کان سواءِ حضرت صاحب جن جون ٻيون هيٺيون تصنيفون آهن:

۱- سبيل الرشاد (عربي زبان ۾ فن وعظ ۽ تاريخ جو بينظير ڪتاب، چار جلد، هر هڪ جلد ۾ ٻارهن وعظ، ڇڻي جلدن ۾ ۴۸ وعظ آهن. حضرت جن جو دستور هو ته سڀني جي هر ڪنهن پهرئين جمع تي پنهنجي خانقاهه شريف تي وعظ فرمائيندا هٿا، تنهنڪري هر هڪ جلد ۾ اهي سندن بهترين تقريرون سڄي سال جون جمع ڪيل آهن)، ۲- تنقيح المقاصد و المعاني، ۳- حسن الخطاب في اثبات البقاب، ۴- تعويذ الله الاحد، ۵- لتيجة الافڪار والمحن في الرد علي المفتي الماجن، ۶- تحفة الاقران، ۷- تاويق عباد الله في جواز يا رسول الله ۸- السيف القهري علي عنق النو شهري، ۹- ذلاقة الڪبيره في تحقيق نڪاح الصغيرة، ۱۰- عمدة الرسائل، ۱۱- منح الملڪ الجليل في جواز القيام والمعانقة و التقبيل، ۱۲- الحق الصريح، ۱۳- فتح الخلاق في الرد علي عبدالرزاق، ۱۴- ايقاظ الناعس الغبي في عدم ايقاع طلاق الصبي، ۱۵- زجرالغوي

البليد في تحقيق وجوب التقليد، ١٦- القول الحسان، ١٧- ترويح جنان المنصفين، ١٨- زجرالفضيح، ١٩- تحفة العارفين الصوفيه، ۽ ٢٠- ايضاح لمااشتبه علي الملاح. انهن کان سواءِ سندن پيا ۽ ڪجهه مختصر رسالا لکيل آهن.

بعض وقتن تي سنڌي سلوٽو شعر سڀ چيو اٿن. سنڌن شعر ڏسڻ سان معلوم ٿيندو ته ساڻ بحر وحدت جا حقيقي غواص هٿا، ۽ هن قلزم بيڪنار جي پاتار ۾ پهچي اهي ته ساڻڪ ميڙيا اٿن، جن جي ٻوري ٻرڪ لاءِ ڪن سگهڙ صرافن جي ضرورت آهي. ساڻ ڪيترين ئي درد انگيز ڪافيون چيون اٿن؛ مثنويءَ ۾ "مارئي" ۽ سندن چيل آهي، جنهن کي ٻڌڻ سان رقت طاري ٿيو وڃي؛ اسين هتي نمولي طور فقط ڪجهه بيت پيش ڪنداسين، جو ته ان زماني ۾ شاعريءَ جو لاڙو ڪهڙي قدر ٻيتن ڏانهن هو.

(١)

ڪُٽن کي قرب مان ٿو سڃڻ سڏ ڪري،
آنا له اشد" شَوقاً، ٻرين نالهه ٻري،
آڏيءَ سرڏري، ووڙين چونڊ وصال کي.

(٢)

ڪُٽن کيَ قرب مان، ٿو ٻرين پُڪاري،
"ونحن اقرب إليه من حبل الوريد" واڳون آواري
مدعي ماري، ووڙين چونڊ وصال کي.

(٣)

ڪُٽن کي قرب مان ٿو ويجهو ووڙائي،
"وفي انفسكم افلا تبصرون"، فائق فرمائي،
ٻريت من ٻائي، ووڙين چونڊ وصال کي.

(٤)

"عاشق ارني انظر" چئي، جيءَ ڪن جبل طور،
"إن اوليائي تحت قبائي"، تن کان دلبر ناهي دور،
سيني سانديي سور، فنا ٿيا فڪرات ۾.

(٥)

عاشق اڄ تائين، آهن "الست" جي اقرار ۾،
"قالوا بلي" چئي قرب سان، جيءَ کي جلائين،
آسرو نه لاهين، فنا ٿيا فڪرات ۾.

(٦)

سگهو مئيءَ کي سڀرين اچي ساڻ ٻساءِ،
وري من وار ڪهين وصل سندو واءِ،
مرسل مون ڏي آءِ، مٺا ملڪائين ۾.

(٧)

سڃڻ تنهنجي سڪ ۾ ٻريا محل ماڳ،
جي مل مون ٻرين ته سولو ٿئيم سياڳ،
يارث واري واڳ، آ مٺا ملڪائين ۾.

(٨)

مدني جي ميرڏي ڪانگل وڃ ڪهي،
ڪنيزڪ زاد ڪريمن کان وسري ڪيئن وئي؟
سڃڻ سانگ ٻئي، آءِ مٺا ملڪائين ۾.

(٩)

سر قدم يار جي ڪانگل ٻڃ ڪيري،
ٻانهي ٻروچ تنهنجي مشفق وئي مري،
يارث آءِ وري، مٺا ملڪائين ۾.

(١٠)

صبا واءِ صبح جا، چئو ٻرين کي پيغام،
ته ساري توکي سڀرين مئيءَ کيو ماتام،
يا شافع ڏينهن قيام، آءِ مٺا ملڪائين ۾.

(۱۱)

صبا واءَ صبح جا، چئو حضرت جي حضور،
ته ڦوڙايل فراق ۾، چاکن کئي دل چُور،
نرمل نبي نور، آ مٿا ملکاڻين ۾.

(۱۲)

چنڊون ڪٽي تون چنب ۾، وچ پروانو ٻرين،
ٻانهون ٻڌي ٻانهن جان، ڪج ڪرنش ڪريمن،
ووءِ ووءِ ويئي وسري، هيءَ ٻانهي ٻاروچن،
سکي لءِ سڄڻ، ڏيندیس ساهه سفر ۾.

(۱۳)

فراقن ڦٽ چکائيا، سڄڻ ڪئي نه سنيال،
هيءَ بندي بيڪار، جيڪس ويئي وسري.

(۱۴)

فراقن ڦٽ چکائيا، وريا نه مارو مير،
هيءَ بندي پر تقصير، جيڪس ويئي وسري.

(۱۵)

فراقن ڦٽ چکائيا، جگر ويو جلي،
هيءَ جا پرين در ٻلي، جيڪس ويئي وسري.

(۱۶)

فراقن ڦٽ چکائيا، مٿي ٽي مستان،
ويچاري ويران، جيڪس ويئي وسري.

(۱۷)

فراقن ڦٽ چکائيا، هٿين ٽي هٿيهات،
رنڀ ساري رات، جيڪس ويس وسري.

(۱۸)

فراقن ڦٽ چکائيا، وائي سڄڻ وات،
پيٽي ٽي پريات، جيڪس ويئي ويئي.

حضرت صاحب جن جيي پٽائي صاحب جي رسالي سان ڳهٽي رغبت رهندي هئي. پنهنجي وعظ ۽ تقرير ۾ به اکثر 'شاهه' پيش ڪندا هئا، ۽ طالبن جي حلقءِ ارشاد ۾ ذڪر فڪر جي تلقين بعد جڏهن قرآن مجيد جون چند آيتون پڙهي طالبن تي توجهه وجهندا هئا، ته ان سان گڏ شاهه جا بيت پڻ پڙهندا هئا. گفتگوءَ ۾ به 'شاهه' زبان تي گهٽو هوندو هون. روزمرهه جي گفتگوءَ ۾ جيڪي شاهه جا بيت اکثر استعمال ڪندا هئا، انهن مان به هيٺ ڏجن ٿا:

ڊولئي ڊڪي آهيان، نه ته هيس اکاڙي آءٌ،
رکسي پنهنجو لاءِ، ڪَڪَر ڪيائين ڪاڪ جو.

ماڻهو گهُرن مال، مان سڀڪنهن ڏيڻن گهُران سپرين،
دنيا تنهن دوست تان، فدا ڪريان في الحال،
ڪيو نام نهال، سون کي محبوبن جي.

اسلامي جاه و جلال ۽ شان شوڪت جي لحاظ سان جيڪڏهن هيٺين چيو وڃي ته حضرت جن کي فقيريءَ جي لباس ۾ بادشاهي حاصل هئي، ته بالڪل درست آهي. ٻاڻ نهايت دولتمند ۽ وڏا شاهوڪار هئا. جهڙا دنيي ڪالهين ۾ پيشوا هئا، تهڙا وري دنيوي لحاظ سان به هڪ غير معمولي هستيءَ جا مالڪ هئا: وڏا زميندار هئا، ۽ فيض رباني جي لحاظ سان شيخ المشائخ هئا. دنيا اڃلهه اهڙي عالم ۽ مشائخ پيش ڪرڻ کان عاجز آهي. حضرت صاحب جن جي سواريءَ لاءِ محفو هوندو هو، جو ابتدا زماني ۾ گهوڙن تي کڄي هلندو هو، مگر جڏهن ٻاڻ پيرسن

ٽيا تڏهن محفي کي ساڻهو پنهنجي گردن تي کڻي هلندا هئا، ۽ وقت جا کيترا علماء ڪرام ۽ مشائخ سندن محفي هيٺان پنهنجو گردن جهڪائڻ سعادت ابدي ڄاڻندا هئا. ديني تجمل ۽ دبدبي لاءِ، سفر ۾ پاڻ سان اعلان واسطي ڇهڙيال ۽ اسلامي جهنڊو ڪٽائيندا هئا. دوران سفر ۾ سندن سواري جڏهن ڪنهن شهر مان لڳهندي هئي، تڏهن رستن جي آمد رفت بند ٿي ويندي هئي. بازار جا هندو ساڻهو دڪانن تان لهي مٿاهين جا ٽالهه آڻي نذر ڪندا هئا، ۽ محفو شريف ٻيهاري زيارت ۽ قدمبوسيءَ جا شرائط بجا آڻيندا هئا. پاڻ گهر ۾ اگرچ عامي لباس پهريندا هئا، مگر اندر ٻاهر اچڻ وقت کين جيڪو بزرگانه لباس زيب تن رهندو هو، ان ۾ به شيون نهايت قيمتي ۽ مخصوص نوعيت جون هيون - هڪ جُبو مبارڪ، جنهن تي زريءَ جو شاندار ڪم ٿيل هوندو هو، ۽ ٻي ڪلاه مبارڪ، جا ٻڌ سڄي زريءَ تي تيار ٿيل هوندي هئي. انهن ٻنهي شين ۾ هڪ خاص قسم جي عظمت موجود ڏسبي هئي. جُبو مبارڪ اڪثر سبز رنگ جو پهريندا هئا، ۽ ڪلاه مبارڪ هڪ شاهاڻي تاج وانگر ميرن جي ڪيمخوابي ڪلاه سان مشابهت رکندو هئي.

پاڻ سرو قد، مضبوط بدن ۽ شڪل جا، نهايت خوبصورت هئا. اگرچ ماڻا جا نشان چهرهٔ منور تي هوندا هئن، مگر اهي به منهن مبارڪ تي ڇڻ ڀيا ڏهندا هئا. لحيه مبارڪ گهاڻي ۽ چوپائين قبضي جي قدر هوندي هئي. مٿي مبارڪ جا وار شرعي ڦيل هوندا هئا. دندان مبارڪ دُرآبدار وانگر سفيد ۽ درخشان نظر ايندا هئا. ابرو پيوستہ، لب شگفتہ، بيني مبارڪ دراز ۽ خوشنما هئي. آواز مبارڪ بلند، مگر اهڙو تہ لذيذ هون، جو انسان خواه حيوان لذت ۽ حلاوت جي غلبي، ڪيفيت ۽ مسرت جي ولولي کان وجد ۽ اچي بيحال ٿي پوندا هئا، ۽ وجد ڪندي ڪندي بحر سڪوت ۾ غرق ٿي ويندا هئا. نگاهه روح پرور جو وري اهڙو تہ اثر هو، جو وحشي خواهه طائر، جن" خواهه بشر، ڪهڙو به ڪٽي پٿر دل هجي، مگر سندن نگاهه حق آگاهه جي هڪ چوٽ سان پٿر دل ۾ پگهرجي پاڻي ٿي پوندي هئي.

تاريخ ۲۲ جمادالثاني سن ۱۳۵۴ھ، مطابق ۲۲ سپٽمبر ۱۹۳۵ع، آچر ڏينهن، هي آفتاب علم و معرفت هن دار ناپائدار مان هميشہ لاءِ افق زمين ۾ غروب فرمائي ويو- انا لله و انا اليه راجعون. وقت جي شعراء ڪرام - نجفي، غريب، احسن، حيدري، خطائي ۽ ٻين - پنهنجا اشعار ۽ مرثيا لکيا ۽ ڪمال غم جو اظهار فرمايو.

تاريخ رحلت

(از ملک الشعراء "نجفي" رحمة الله عليه)

بهت ارمان هے اور افسوس بيحد، هوا زهد و ورع کا مُلک ويران؛
قمر ايمان خسوف اندر رها هے، هے تيره جس سے خانه ديندارانِ؛
خدا جانے کهان هو ان کا همسر، جهان کے دور مين پيدا ز يزدان؛
کرامت اور امانت اور ديانت، وفات اس کي سے هوئي هر ز نقصان؛
شعاعِ زهد و تقوي بن گيا تار، صلواة و صوم کا خور هے نه تابان؛

وفاتِ حضرتِ "سلکانی" ایسا
ہے حادثہ ہر ز درد و رنج و حرمان
کہ جس سے ہو گیا عالم مین اظہار
عیان مذکورۂ بالا کا ہر شان
لہ یارا مجھکو اظہارِ آلم ہے
ہون لکھتا لیک سنہ ترحیل یاران۔
جو پوچھا جا سروشِ غیب سے یون
کہي اس نے مجھے تاریخ شایان:
بصدقِ دل "غلام احمدا" لکھہ
سنِ ترحیلِ آن سرخیلِ ایمان
کھو در عالمِ "افضل زمان" سنہ
دگر "فرزانۂ اعظم" سنِ آن
کھو صبحِ طرب "قاضي السلام"
دگر لکھہ "فخر عالم" کامگاران
کھو "سرمد معظم" سالِ ترحیلی
"ضمیرِ معدنِ" ہر اور دگر خوان
کھو کارِ جہانِ "معدن فضل"
کھو "امرِ عظیم" اور فوز اي جان
"چراغِ دلپسند" اظہر ہے تاریخ
جنابِ شیخ کي رحلت کے رخشان
تو "نجفي" از درِ ایزد بہ الفت
دعاي مغفرت کا باش خواہان۔

حڪيم نور محمد خاصخيلي

علامہ مرحوم محمد عثمان "قراني"

علامہ محمد عثمان جي ڪنيت "ابوالسعيد" ۽ تخلص "قراني" هو. زبدة العلماء و قدوة الصلحاء عالم ربالي و مقبول صمداني، مولانا حضرت استادنا ابوالسعيد محمد عثمان صاحب قراني، فيض رحماني، عليہ رحمت، نور پنيرا، پنهنجي وقت جا وڏا عالم ۽ صاحب ڪمالات و فيوضات ٿي گذريا آهن. سندن تولد تاريخ ۲۷، بروز خميس، ماهہ صفرالمظفر، سن ۱۲۹۶ هجري، ڳوٺ ڊينگڻ پرگڙي، تعلقو جيمس آباد، ضلعو ٺرپارڪر، سنڌ، ۾ ٿيو.

ستن سالن جي عمر ۾ سندن والد مرحوم، حافظ جام، پنهنجي ويجهي ڳوٺ اميد علي خان رند جي ۾ ميان سيد حاجي احمد شاهہ صاحب مرحوم وٽ ڪين قرآن شريف جي تعليم لاءِ ڇڏيو. ڇهن ستن مهينن جي قليل عرصي اندر، پنهنجي خداداد حفظي طاقت سان، قران شريف ۾ ڪافي رواني پيدا ڪيائون. سيد حاجي احمد شاهہ صاحب جي ڳوٺ ڇڏي ويڻ کان پوءِ، باقي ڪلام الله شريف پنهنجي گهر ويهي والد شريف وٽ پورو ڪيائون؛ ۽ فارسيءَ جي تعليم ميان محمد علي صاحب مرحوم پٺاڻ (ڳوٺ سيد لاکو شاهہ) وٽ ٿوري عرصي اندر مڪمل حاصل ڪيائون. ميان محمد علي صاحب مرحوم کي شعر گوئي ۽ نظم سنجيءَ ۾ ڪافي دسترس هئي، تنهنڪري انهن جي صحبت ۾ شعر گوئيءَ ۽ نظم چوڻ ۾ تمام گهڻو ملڪو حاصل ڪيائون. فارسيءَ جي تعليم ڪان فارغ ٿيڻ بعد، عربي تعليم حضرت مخدوم صاحب جناب قاضي القضاة مولانا مولوي لعل محمد صاحب متعلويءَ وٽ ٽنڈي مير غلام علي ۾ شروع ڪيائون؛ صرف تمام نحو شرح ملا جامي تائين، ۽ علم فقہ ۾ "هدايہ" پڙهيائون؛ علم منطق ۽ نحو جناب مولانا مولوي خيرمحمد صاحب وٽ پڙهيائون؛ آخر ۾ دستاربندي ۽ سند تحصيل علم جناب حضرت مولانا مولوي لعل محمد صاحب متعلويءَ کان عطا ٿين. ٻوروقت سماع، حديث شريف ۽ تفسير لاءِ مدرسہ قاسميہ دارالعلوم ديوبند ۾ ٻہ ويا؛ ازان سواءِ پنجاب ۽ هندستان جي مختلف عالمن ۽ اديبن کان بہ فيض ورتائون. اتان فارغ ٿي، ۱۳۱۵ هجريءَ ۾، پنهنجي ڳوٺ عمر پنيري لڳ اسٽيشن شادي پلي (تعلقو سامارو، ضلعو ٺرپارڪر) ۾ "مدرسہ مجدديہ (پنيره)" قائم ڪري، ٽر جهڙي اهوجهہ ملڪ ۾ خلق خدا کي تعليم ڏيڻ شروع ڪيائون.

پاڻ ٿر جهڙي خطي کي انهيءَ ڪري پسند ڪيائون، جو هن طرف علم گهٽ هو. سندن فيض سنڌ جي چٽي طرفن کان طالب علمن کي ڇڪي ورتو، ۽ ٿر جهڙي جاهل ۽ اونداهي ملڪ جا طالب علم ائين اچڻ لڳا جيئن پتنگڑا شمع تي-

"فطوبيٰ لباب کبيت عتيق، حواليه من کل فجٍ عميق."

جماعتن جون جماعتون مدرسي ۾ داخل ٿيڻ لڳيون. انهن مان جن دستاربندي ڪري وڃي علمي فيض پکيڙيو، تن جا نالا هيٺ جدول ۾ درج ڪيا ويندا. ازان سواءِ، ٻيا به ڪيترا هندستان، خراسان ۽ پنجاب وغيره ملڪن جا طالب علم تعليم پرائي ويا.

چهرو نوراني ۽ رعبدار، پيشاني ڪشادي، قد درميانو ۽ ڪجهه ڏگهائي مائل، رنگ پڪو پسنديدو، اکيون وڏيون ۽ سرخ سگر هميشه نيم-وا؛ جنهن وقت اکيون مٽي ڪٽندا هٿا تہ حشمت پريل هوندیون هيون؛ ڏاڙي سفيد چڊي ۽ ڏگهي، آواز بلند ۽ دلڪش، فصاحت ۽ بلاغت ۾ سحبان هٿا؛ لباس سفيد، تمام سادو ۽ ٽلهو پائيندا هٿا؛ جُتي سنڌي نمونو جي، ۽ لٽ ڏگهي ڪٽندا هٿا؛ ٻنڪو هلڪو، ڪاري ڪٽي ڪلهن تي، وقتي سادي اجرڪ جو جهنڊ ٻ ڪندا هٿا.

مولانا مرحوم ڏاڍا ذهين ۽ قوي الحافظ، صحيح الدراءِ ۽ جفاڪش هٿا. وٽن هميشه مجلس علم جاوه نما هوندي هئي. سندن رهڻي سهڻي سادي ۽ فقيرائي هئي. پيچيدا ۽ مشڪل مسئلا مختصر لفظن ۾ سمجهائيندا هٿا- حتاڪ سندن استاد بزرگ به فرمائيندا هٿا تہ "عثمان ۾ انسان کان به شرافت علم زياده آهي". روايت آهي تہ مولانا قراني صاحب جي ولادت کان ٿورو اڳ سندن والده (جا پڻ پابند شرع ۽ پارسا هئي) خواب لڏو تہ "هڪ درياءَ ۾ مسجد بيٺل آهي، ان ۾ طالب علم ويٺا پڙهن": پاڻ سندن خاوند ميان حافظ جام مرحوم سان بيان ڪيائون، جنهن فرمايو تہ "انشاء الله تعالىٰ فرزند پيدا ٿيندو، جو عالم ۽ فاضل ٿيندو". آخر خواب جو اهو تعبير سچو ٿيو.

حضرت مولانا صاحب کي ٻين بزرگن، جون به دعائون هيون، جن مان هڪ صاحب تقويٰ ميان حاجي خميسو مرحوم آهي، جنهن مولانا قراني صاحب جي والد ميان حافظ جام کي چيو تہ "هن نيڪبخت 'عثمان' کي ضرور مدرسي ۾ وهار، تہ وڃي ديني علم حاصل ڪري"؛ جنهن تي حافظ جام مرحوم کين ميان محمد علي صاحب ٻڌائن وٽ ڇڏڻ لاءِ روانو ٿيو تہ وچ تي ڪيس هڪ سيد شاهه محمد صاحب مجذوب مليو، جنهن قراني صاحب کي چيو تہ "ٻنڪو لاهه"- پاڻ ٻنڪو لاٽائون، جنهن ۾ هڪ روپيو ٻڌل هو. شاهه صاحب ٻنڪي کي ٻ اڏ ڪري، سندن مٽي مبارڪ تي ور ڏيئي، فرمايو تہ "وڃ انسان توڪي پڄب ٻڌائي ڇڏي". بس، ٻوءِ تہ ترقي ڪندا ويا- تان جو ٿوري عرصي اندر ڪل علم حاصل ڪيائون.

حضرت قراني صاحب مجاهد، فقيهه، عابد، پرهيزگار ۽ محڪم علم وارا هٿا؛ سڀني عقلي، نقلي ۽ سياسي علمن جا اعلىٰ ۽ وسيع النظر عالم هٿا. سندن مدرسي جو تعليمي نصاب، بعينه

دارالعلوم ديوبند وارو هو- البته کي کتاب زياده بہ رکيا هئائون. اول وقت ۾ فارسيءَ کان وٺي مٿي سڀ فن جا کتاب رات ڏينهن اڪيلو پاڻ پڙهائيندا هئا. پين طرفن جا مدرس ۽ منتهي شاگرد، استحاناً پاڻ کي طالب علم چئي يا ملڻ جو غرض ٻڌائي درس ٻڌندا هئا ۽ آخر ۾ سڀ ائين چوندا ويندا هئا ته "برابر قراني صاحب 'بحرالعلوم' ۽ 'آيت' من آيات الله' آهن". مولانا صاحب جن تفسير حديث، فقه، صرف نحو، منطق صغريٰ کبريٰ، علم حڪمت، هئيت، فلسفو، رياضي، علم ادب، سلوڪ، تصوف، طب، وغيره سڀ پاڻ پڙهائيندا هئا: مطلب ته حضرت قراني صاحب عليه رحمت ۾ ايترون ته خوبيون جمع ٿيون، جو ان وقت ڪنهن بہ عالم ۾ نہ هيون. لهاڏا، هي بزرگ جامع العلم هئا ۽ ڪمال تفقہ جي ڪري ان وقت جا وڏا مفتي هئا. سندن قائم ڪيل مدرسي ۾ هر وقت ڏيڍ سَو جي قريب طالب علم هوندا هئا. پاڻ غريب گهراڻي جا فرد هئا: سڀ انتظام شاگردن ۽ مسافرن جو رب تعاليٰ جي طرفان سرانجام ٿيندو رهندو هو-

"زهد و تقويٰ چيست اى مردِ فقير، بے طمع بودن ز سلطان و اسير".

ان وقت اڄا انڌي جون مشينيون ڪونہ هيون، تنهنڪري سندن والده پاڻ جند پيهي مانيون پڇائي طالبن کي ڪرائيندي هئي، ۽ طالب عالم بہ ڏڪئي سڪئي کان بي نياز، قراني عليہ رحمت جي علمي فيض کي حاصل ڪندا رهيا. جيڪي ونائين فارغ التحصيل ٿيا، اهي بہ وڏا عالم ۽ علامہ ٿيا، ۽ پنهنجا اڳيان عربي مدرسا کولي قراني بزرگ جي طريقي تي دين الله جي تعليم ۽ تبليغ ڪندا رهيا. انشاءالله، سندن تعليمي سلسلو تاقيامت جاري رهندو- آمين! مثال طور، سندن فيض مان جاري ٿيل چند مدرسا ٻڌائجن ٿا، جت اڄ تائين بحمدالله تعليم دين جاري آهي: (۱) مدرسہ عربيہ، چونڊره، تعلقو جيمس آباد، ضلعو ٺرپاڪر: قائم ڪيل جناب حضرت علامہ مولوي محمد نوح صاحب مرحوم ۽ مولانا مولوي حاجي محمد ابراهيم صاحب خاصخيلي؛ (۲) مدرسہ هاشميہ، قائم ڪيل جناب رئيس حاجي محمد هاشم خان صاحب مرحوم پرڪڙي قريہ ڪلواري، تعلقو جيمس آباد؛ (۳) مدرسہ شيرخان چانڊيہ: قائم ڪيل جناب حضرت مولانا مولوي غلام رسول صاحب، تعلقو سامارو؛ (۴) مدرسہ مظهرالعلوم، ولهيٽ: قائم ڪيل مولانا مولوي عبدالڪريم صاحب، ساند مرحوم، تعلقو عمرڪوٽ؛ (۵) مدرسہ عربيہ، ڪوٽ عالم پلي: قائم ڪيل مولانا مولوي محمد علي صاحب مرحوم، صدر جميعت العلماء ٺرپاڪر.

مولانا صاحب جي پڙهائيءَ جو وقت صبح جو فجر نماز کان پهرن تائين، پوءِ ماني کائي اڳين نماز پڙهي شروع ٿيندا هئا؛ تنهن وچ ۾ صرف نماز لاءِ اٿندا هئا، پوءِ ساڳي پڙهائي هلندي هئي- تان جو رات جو يارهين بجي کان پوءِ اخبارن جو مطالعو ڪري گهر وڃي مائي کائيندا هئا.

ڪيترن مخالفن سائن مناظرا ڪري ذلت حاصل ڪئي - مثلاً غير مقلدن سان، بدين ۾، "قراة خلف الامام" وغيره موضوعن تي؛ عيسائين جي پادرين سان "حيات مسيح" موضوع تي،

گوٺ فقير صوفي حاجي محمد صاحب عمر کوٽ ۾؛ ۽ "ولائتي ڪپڙي جي حرمت" بابت، شهر حيدرآباد سنڌ ۾، علماءِ هند، پنجاب ۽ سنڌ سان ـ ازان سواءِ ٻيا به گهڻا مناظرا ڪيائون، جن ۾ کين ڪاميابي حاصل ٿي. مولانا صاحب جن تعليم ۽ تدريس جي گهڻيءَ مشغوليءَ هوندي به چڱي انداز ۾ ڪتاب تصنيف ڪيا، ۽ گهڻن وڏن ڪتابن تي شرح ۽ حاشيہ ن به لکيائون. سندن اشعار عربي، فارسي ۽ سنڌيءَ ۾ موجود آهن. سڄو قلمي ذخيرو سندن ڪتبخاني ۾ موجود آهي.

مولانا صاحب جا ٻ فرزند ـ هڪ مولوي عبدالحي، مولوي محمد سعيد ۽ ميان عبدالحق موجود آهن. دعا آهي تہ الله پاڪ کين علمي ذوق شوق عطا فرمائي، تہ حضرت قراني صاحب عليہ الرحمت جي ياد تازه ڪري، سندن روح پاڪ کي خوش ڪن ـ آمين!

"قراني" لفظ جي معني آهي "قريب شدن چيزي بچيزي"، يعني ٻن شين جو ڳڏجڻ (جيئن حج ۽ عمرو ڳڏڻ، وغيره)؛ ۽ نجومين جي اصطلاح ۾ ٻن ستارن جو ڳڏجڻ، هڪ وقت ۾، هڪ برج ۾، ـ پوءِ ان کي "قران السعدين" چئبو آهي، يعني نيڪبختيءَ ۽ سعادت وارو. الهيءَ ڪري، اهل بصيرت ۽ دانا ٻاڻ کي اهڙن لقبن سان ملقب ڪندا آهن ـ هن اميد تي، تہ رب تعالي انهيءَ دعا گهرڻ سان کين ليکي ۽ سعادت حاصل ڪري. اهڙيءَ طرح، اڳ ۾ ڪن بادشاهن جا اهڙا لقب ٿيا آهن ـ مثلاً تيمورلنگ بادشاهہ "صاحبقران" جو لقب رکندڙ هو. تنهنڪري، قراني لفظ جي معني ٿي "نيڪبخت ۽ سعادت وارو". هاڻي سمجهڻ گهرجي تہ حضرت مولانا و استادنا محمد عثمان القراني عليہ الرحمت ۾ پنهنجو تخلص "قراني" رکيو، هن اميد تي تہ رب تعالي کين نيڪبختي ۽ سعادت حاصل ڪري. الحمدالله، جو دعا حضرت مولانا جي رب تعالي قبول فرمائي، ۽ سندن علمي فيض هر طرح هميشہ لاءِ جاري ٿيو: ڪيترائي علماءِ ڪرام، چئني طرفن کان، ونائڻ علم حاصل ڪري علمي خدمتون ڪري چڪا آهن. حضرت مولانا صاحب جي تخلص مبارڪ سان رسالو "قراني"، مدرسہ عربيہ ولهيٽ سان جاري ڪيو ويو هو، مگر ڪن مجبورين ڪري في الحال بند ڪيو ويو.

مولانا صاحب عليہ الرحمت تقريباً ڏيڍ سال کن عام جسماني ڪمزوريءَ ۽ زياده ضعف سبب باهر مدرسي ۾ ڪوبہ ايندا هئا، ۽ سندن شاگرد فارغ التحصيل درس ڏيندا هئا. ٻاڻ اندر سندن خاص ڪمري ۾ گوشي نشين هئا، ۽ هرهڪ کي اندر ملاقات لاءِ ٻہ ڪوبہ گهرائيندا هئا. تمام زياده ضعيف هجڻ وقت، هڪ دفعي رات ۾ سمجهي کان ٿي چپ چاپ بستر علالت تان اٿي روانا ٿيا: سڄي رات هليا ـ ايائي ميل فاصلي تي هڪ شاخ آئي، جنهن ۾ ڇانيءَ برابر پاڻي هو، ان سان پار ٿي ڪري، پرسان وهندڙ ٻڙائو نهر جي ڪناري تي ننڍي پاڻي ۾ ويٺا رهيا. سج اپرڻ وقت سندن عزيزن ۽ شاگردن ٻيرا ڪنيا ۽ کين نهر جي پاڻيءَ ۾ ويڙهي ڏنائون. مولانا صاحب ۾ هلڻ جي بلڪل طاقت نہ هئي، تنهنڪري کين ڪپڙي جي جهوليءَ ۾ وجهي گوٺ آندائون، ۽ آخر تائين هميشہ نماز ويٺي ادا ڪندا رهيا. ڪجهہ ڏينهن گذرڻ بعد، تاريخ ۱۵ رجب المرجب، ڏينهن سومر، سن ۱۳۵۵ هجري، صبح جو، سندن فرزند ميان

محمد سعيد صاحب ڪمري ۾ ويا: ڏاڍاڻون ٿ مولانا صاحب بلڪل سنوان سهيل آهن، ۽ ڪاري ڪٽي مٽي پاسن ۽ پيرن هيٺ مضبوط اوڍيل آهي؛ آواز تي جواب نه ملڻ ڪري منهن تان ڪٽي لاهي ڏاڍاڻون، ته روح قفس عنصري مان پرواز ڪري چڪو هو (انا لله وانا اليه راجعون)؛ ڪفن مبارڪ سندن سيراندين وٽ پيل هو، جو هميشه ونن رهندو هو. مولانا صاحب ڪي سندن وصيت موجب مدرسي جي حد ۾ ڏاهائن واري ڪوٺيءَ وٽ هميشه لاءِ سپرد خاڪ پاڪ ڪيو ويو.

"توفي المولوي ابوسعيد، بخامس عشر من رجب المعال،
سنة "عين" و شين" ثم نون"، و هاءٍ جاء عام الانتقال."

(يعني حضرت قرالي صاحب وفات ڪئي پندرهين تاريخ، رجب سڪوري جي؛ سن هزار ۽ ٽي سؤ پنجاهه ۽ پنج ان جي انتقال جو سال آهي.)

مولانا صاحب وٽان جي شاگرد جماعتن جي صورت ۾ ڪامياب ٿي دستاربندي ڪري ۽ سند تحصيل علم حاصل ڪري ويا، تن جا نالا جدول ۾ ترتيب وار لکيل آهن، مگر طوالت سببان هت صرف دستاربند شاگردن جا نالا ڏجن ٿا:

جماعت اول: (۱) مولوي نورمحمد صاحب مرحوم، حضرت قراني صاحب جو پٽ؛ (۲) مولوي محمد نوح صاحب مرحوم؛ ۽ (۳) مولوي عبدالحق صاحب مرحوم.

جماعت دوم: (۱) مولوي دوست محمد صاحب لغاري مرحوم؛ (۲) مولوي احمد صاحب آريسر جوڏپوري مرحوم؛ (۳) مولوي عبدالواحد صاحب دل؛ (۴) مولوي حاجي عبدالحڪيم صاحب ميمڻ مرحوم؛ (۵) مولوي محمدصالح صاحب مرحوم، قراني صاحب جو پٽ؛ ۽ (۶) مولوي حاجي محمد ابراهيم صاحب خاصخيلي.

جماعت سوم: (۱) مولوي حڪيم محمد صاحب بروهي، قلات؛ (۲) مولوي عبدالله صاحب ولهاري مرحوم، (۳) مولوي محمد قاسم صاحب مرحوم؛ (۴) مولوي محمدعلي صاحب مرحوم، صدر جمعية العلماء ضلعو ٽرپارڪر.

جماعت چهارم: (۱) مولوي جان‌محمد صاحب مرحوم؛ (۲) مولوي محمدحسن صاحب مرحوم، رياست جوڏپور؛ (۳) مولوي لعل‌محمد صاحب؛ (۴) مولوي علي‌محمد صاحب ريگستاني؛ (۵) مولوي محمدعمر صاحب مرحوم؛ (۶) مولوي جان‌محمد خان پوڳڙي مرحوم؛ (۷) مولوي احمد صاحب قريشي.

جماعت پنجم: (۱) مولوي عبدالرحمان صاحب مرحوم، ريگستاني؛ (۲) مولوي محمدسليمان صاحب مرحوم، تخت‌آبادي؛ (۳) مولوي محمدسليمان صاحب هالپوٽو، ريگستاني؛ (۴) مولوي محمد دائود مرحوم؛ (۵) مولوي محمد اسحاق صاحب مرحوم؛ (۶) مولوي عبدالعليم صاحب؛ (۷) مولوي عبدالرشيد صاحب، فرزند مولانا مولوي حبيب‌الله صاحب، ريگستاني؛ ۽ (۸) مولوي نورمحمد صاحب، سمون.

جماعت ششم: (۱) مولوي محمد صديق صاحب؛ (۲) مولوي عبدالوهاب صاحب؛ (۳) مولوي علي محمد صاحب، پلي؛ (۴) مولوي عبدالقادر صاحب، هالپوٹو؛ ۽ (۵) مولوي قاضي نورمحمد صاحب، پلي، زميندار.

جماعت هفتم: (۱) مولوي عبدالكريم صاحب مرحوم، مفتي ولهيت؛ (۲) مولوي عبدالرحمان صاحب زنگي مرحوم؛ (۳) مولوي عبدالرشيد صاحب ٹالهي؛ ۽ (۴) مولوي نبي بخش صاحب لغاري.

جماعت هشتم: (۱) مولوي مريد علي صاحب مرحوم، جوڏپور؛ (۲) مولوي محمد علي صاحب مشائخ پوٹو مرحوم؛ ۽ (۳) مولوي محمد اسحاق صاحب ناريجو مرحوم.

جماعت نهم: (۱) مولوي عبدالمطلب صاحب ساند؛ (۲) مولوي ثناءالله صاحب آريسر؛ (۳) مولوي عبدالاحد صاحب؛ (۴) مولوي علي محمد صاحب لهوڙي؛ ۽ (۵) مولوي محمد عثمان صاحب مرحوم.

جماعت دهم: (۱) مولوي عبداللطيف صاحب ميمڻ؛ (۲) مولوي علي محمد صاحب، لسبيلو؛ (۳) مولوي احسان علي صاحب لغاري؛ (۴) مولوي خدا بخش صاحب، رياست جوڏپور؛ (۵) مولوي محمد حسن صاحب ميمڻ؛ ۽ (۶) مولوي محمد عمر صاحب ٹالهي.

جماعت يازدهم: (۱) مولوي عبدالهادي صاحب مرحوم، پنهور؛ (۲) مولوي حاجي محمد صاحب كوسو، جيكب آباد. (۳) مولوي حاجي دين محمد صاحب خاصخيلي، ڊينگاڻ پرگڻي؛ (۴) مولوي محمد صالح صاحب، ريگستاني؛ ۽ (۵) مولوي عبدالله صاحب، سال وارو.

جماعت دوازدهم: (۱) مولوي يارمحمد صاحب لغاري، ٽنڈو محمد خان؛ ۽ (۲) مولوي هدايت الله صاحب، ريگستاني.

جماعت سيزدهم: (۱) مولوي حافظ عبدالله صاحب، پوٹو حضرت مولانا مفتي حاجي حامدالله صاحب؛ (۲) مولوي رسول بخش صاحب، مدرسه شيرخان؛ (۳) مولوي عبدالرحمان صاحب درس، ڪڇ؛ ۽ (۴) مولوي حافظ عبدالله صاحب لابينا، لغاري.

جماعت چهاردهم: (۱) مولوي عبدالحي صاحب، فرزند حضرت قيراني صاحب عليه الرحمة؛ (۲) مولوي سيد غلام علي شاهه صاحب، سولجا؛ (۳) مولوي ولي محمد صاحب، ڏاڏو حضرت مولانا مفتي حاجي حامدالله صاحب، لاڙ؛ (۴) مولوي محمد ادريس صاحب درس؛ (۵) مولوي محمد عثمان صاحب، لاڙ؛ (۶) مولوي محمد اسماعيل صاحب لغاري، قريه مسڻ؛ (۷) مولوي محمد يعقوب صاحب، خاصخيلي، بدين؛ وغيره.

حضرت "قرآني" صاحب جن جو كجهه كلام نموني طور پيش كجي ٿو.

مرحبا، آئين پلي اي احمدِ مختيار تون، قافلي دنيا سڄي جو صاحب و سردار تون؛
جت نبي هر هك كندو "نفسي نفسي" جي پكار، ات گنهگارن جو ضامن ۽ شفاعت دار تون؛
سڀ اندڪن جو ڏٺي ۽ سڀ عليلن جي شفا، سڀ انڌن جو تون سهائو، مطلع الانوار تون؛

"في يدي كالت لواءالحمد"، ايڏو ٿيو عروج،
بيوسيلن جو وسيلو، گمرهن جو رهنما،
يا عظيم الخُلق، ناهي تو سوا ٻي کا پناهه،
ڏينهن محشر ماڳ ۾ ماڳهو موڏئي موڏندا جتي،

کنهن نه حاصل تو سوا سپ ڏيهه جو ڏاتار تون؛
هٿ جهلي اڳتي اڪارج، سپ اوڻين آڌار تون؛
ڪل هول هيبت جي مهل تارين اچي کا تار تون؛
ات "قيراني" کي تون ڪامل مل مٿا منڌار تون!

* * *

خُلق ويڑو خَلق مان، ٿي خَلق ٻي خُلقي نشان،
ڪانگ ڪلفت جا آڏاڻا ميل جي ميدان ۾،
دل منجهان اخلاص عنقا ٿيو، امانت کالعدم،
منهن مٿائي، قلب ڪيني جي ڪوڙائيءَ سان پريل،
هيءَ دنيا باغ اي "قيراني" چاهه جا ڪليا چمن،

ٻاغ سان آهي آڪاسيو عندليبن آشيان؛
چپ چينو سارو سڀائي درد وارو داستان؛
لس لباسي ۽ لساني ٿيو سڄو سارو جهان؛
هن زماني جي هلت کان الامان ۽ الامان!
ويو وکوڙي چوطرف بيداد جو بادِ خزان.

* * * *

مسلمانن جي پيرن ۾ ڪرامت ناهه ڪا بلڪل،
مهنت صاحب جي مسند کي سري سجدو ڪرڻ گهرجي.
مڪي جو سفر ٿيو موقوف، هاڻي يار گنگا هل،
پيارو پاڪ پائي سو پري پُڪڙا پيڻ گهرجي.
اجائي جبهّ سائي مهت ۾ موراً چڏڻ گهرجي،
مسائن جي مٿي مهڻي ڪٽي منهن تي مَلڻ گهرجي.
مُلائين بي ٽڪي تعليم ووڻن سان وساري چڏ،
برهچاري ادا بنجي سمرتي کي سيکڻ گهرجي.
اجايو عورتن کي گهر اندر روڪڻ شرم آهي،
بگيءَ ۾ فيملي چاڙهي هوا کائڻ هلڻ گهرجي.
پريل جلسي ۾ بيبيءَ کي وٺي اسٽيج تي آڻج،
چپن جي چاشني تقرير تنهن جيءَ مان وٺڻ گهرجي.
امامن ۽ صحابن جو ڪيل تفسير باطل ٿيو،
سڀايل حڪم گانڊيءَ جو روايت ۾ رکڻ گهرجي.
مسئلن ۽ حديثن کي وچائي هيٺ ويڙهي چڏ،
اچي جيڪو پڇڻ سائل ته ٻوٽيءَ کي پڻڻ گهرجي.
مٿي گانڊيءَ جو فرمودو چمي چشمن مٿي رکجي،
سدا ديويءَ جي مندر ۾ "قيراني" پيو اچڻ گهرجي.

محمد قاسم صاحب

مرحوم مولانا الهه رکيو عرف کريمداد چانڊيو معرفاڻي

ميان الهرکيو چانڊيو معرفاڻي مرحوم، سن ۱۸۵۱ ڏاري، ڳوٺ "ڏکهه سومر چانڊيو"، (تعلقو قنبر ضلعو لاڙڪاڻو) ۾ جائو. ابتدائي تعليم مقامي مڪتب ۾ ورتائين، ۽ پوءِ سيتا شريف ۽ روهڙي شريف ۾ پڻ حصول تعليم جي خاطر ڪهي ويو؛ مگر سندس تشنگيءَ علم اتي ختم نه ٿي، بلڪ تعليم جي تڪميل لاءِ مولانا نظر محمد (پنگ شريف، ڊويزن ملتان) کان وڃي فيض حاصل ڪيائين، ۽ سهالپور ۽ ديوبند (پارت) جا به سفر اختيار ڪيائين. ميان صاحب مرحوم جن جن استادن کان فيضِ علم حاصل ڪيو، تن مان چند بزرگن جا نالا هي آهن: مولانا نظر محمد صاحب (پنگ شريف، ڊويزن ملتان)، مولانا سيتائي (ضلعو دادو سنڌ)، مولانا فضل الحق صاحب رامپوري (سهارنپور)، ۽ شيخ الهند حضرت مولانا محمود الحسن صاحب (ديوبند).

ميان صاحب مرحوم کان جيڪي شاگرد فيضياب ٿيا، تن جو تعداد تمام گهڻو آهي. طوالت جي خوف کان، هتي فقط چند بزرگن جا نالا پيش ڪجن ٿا: ۱- قاضي تاج محمد بروهي (استاد والئ قلات، بلوچستان)، ۲- مولانا ابوبکر لاسي (ٺٽو، سنڌ)، ۳- مولانا ابوبکر (ميرپور ساڪرو)، ۴- مولانا محمد مختار ٻرڙيهي، ۵- مولانا عبدالرؤف ابڙو، ۶- مولوي علي محمد (ديرو غيبي خان)، ۷- مولوي محمد افضل مورو، ۸- مولوي خير محمد مگسي (سجاول)، ۹- مولوي غلام رسول چانڊيو، ۱۰- مولوي محمد موسيٰ، مڪران، ۱۱- قاضي حبيب الله لاسي، ۱۲- مولوي محمد عمر مگسي (سجاول)، ۱۳- مولوي سعد الله، ۱۴- مولوي فضل الحق (سندس فرزند)، ۽ ۱۵- مولوي عبدالحڪيم (ڏکهه) وغيره.

هيٺيان علماءِ ڪرام ميان صاحب جا مشهور همعصر هئا: ۱- مولانا ميرمحمد نورلڪي، ۲- مولوي عبدالڪريم ڪورائي، ۳- مولانا خوش محمد ميرو خاني، ۴- مولانا عبدالرزاق (گهوٽڪي)، ۵- مولانا محمد صاحب ٽيڙهي، ۶- مولانا پيرمحمد جوٽائي (لاڙڪاڻو)، ۷- مولانا حسن الله پاڻائي، ۸- مولانا اميد علي جيڪب آبادي، ۹- مولانا شمس القمر (سابق وزير معارف، قلات، بلوچستان)، ۱۰- مولانا عبدالوهاب اوستو، ۱۱- مولانا خادم حسين (رتو ديرو)، ۽ ۱۲- مولانا عبدالحڪيم شاهل سدايو، وغيره.

ميان صاحب مرحوم نقشبندي طريقي جو بزرگ هو، ۽ محمد عمر جان مرحوم چشموي جو عقيدتمند هو. سندس سموري زندگي درس و تدريس ۾ گذري، ۽ ڪائنس هزارها طالبعلم بهره ور ٿي ويا. مرحوم بدعتن جي سخت خلاف هو. قومي رسمن جي اصلاح ۽ عام ديني تبليغ سندس زندگيءَ جو مقصد هو. ميان صاحب ۱۱ سپٽمبر ۱۹۳۷ع ۾ پنهنجي جان جان آفرين کي سپرد ڪئي. مرحوم جي آخري آرامگاهه "ٽوڙهي بجار" تعلقي قنبر ضلعي لاڙڪاڻي سنڌ ۾ آهي.

پير احسان‌الله شاهه راشدي مرحوم*

مرحوم احسان الله شاهه ولد رشدالله شاهه راشدي جن جو تولد ۲۷ رجب سن ۱۳۱۳ھ ۾ ڳوٺ پير جهنڊو تعلقي هالا ۾ ٿيو. عمر جو اڪثر حصو ٻاڻ ڳوٺ پير جهنڊي ۾ ئي گذاريائون؛ پوءِ برادري تنازعي سبب اهو ڳوٺ ڇڏي، ان جي پرسان ٻيو ڳوٺ 'درگاهه شريف' جي ڪالي سان ٻڌائي، اتي سڪونت اختيار ڪيائون - ليڪن تقريباً ڏيڍ سال کن بعد ۱۵ شعبان سن ۱۳۵۸ھ ۾ وفات ڪيائون.

ٻاڻ تعليم پنهنجي ئي ڳوٺ (پير جهنڊو) ۾ سندن والد ماجد جي قائم ڪيل مدرسي مان ورتائون. سندن استاد ڪرام هيءَ آهن: حضرت مولانا عبيدالله صاحب سنڌي، مولانا محمد صاحب، مولوي الاهي بخش صاحب، مولانا احمد علي صاحب لاهوري، مولوي خدا بخش صاحب، ۽ مولوي محمد اڪرم صاحب هالائي. فارغ التحصيل ٿيڻ بعد ٻاڻ باقاعدي ويهي ڪنهن به درسگاهه ۾ تعليم ڪانه ڏنائون، ان ڪري ڪنهن خاص شاگرد جو نالو وٺي نٿو سگهجي؛ البت ٻاڻ سندن معتقدن کي پنهنجي پيشرو مرشدن جي نقش قدم تي هلڻ لاءِ ارشاد ۽ هدايت ڪندا رهندا هئا، ۽ بحمدالله سندن صحبت اڪسير مان بيشمار فيضياڦتا موجود آهن.

سندن حلقه احباب بلڪل وسيع هو. ساري هندستان، بلڪ ان کان ٻاهر به بي انداز علماء سان سندن تعلق هو؛ خاص طرح اڳئين سلطان ابن سعود مرحوم سان سندن ڪافي تعلقات هئا، ۽ خط و ڪتابت جو سلسلو به باقاعدي جاري هو. سندن طريقو 'قرآن ۽ حديث تي عمل' هو. ٻئي ڪنهن جي راءِ کي انهن پنهي ماخذن کان مٿي نه سمجهندا هئا. سندن طريقت جو سلسلو قادري هو، ۽ پنهنجي والد بزرگوار حضرت پير سائين رشدالله شاهه (صاحب اللواء الرابع) جي دست مبارڪ تي بيعت ڪيائون.

پير صاحب جن به ڪي ڪتاب تصنيف ڪيا: جهڙوڪ (۱) رسالو "المقالة المحبوبة في الدعاءِ بعد صلواة المكتوبة"، جو اردوءَ ۾ آهي ۽ ڪٿي عربي عبارت به ڪم آندل آهي؛ جن ۾ فرضي نماز کان پوءِ هٿ کڻي دعا گهرڻ جو مسنون هجڻ، احاديث مان ثابت ڪيو ويو آهي. (۲) ٻيو هڪ رسالو لکيو هنائون، جنهن جو نالو ياد نه آهي، مگر ان جو موضوع هو

---

* هن سوانح عمريءَ جي اصل متن ڪي مصنف جو نالو ڄاڻايل ڪونه هو، ۽ ادريس اسان کان هيٺ مٿي ڏني ويئي آهي؛ ان ڪري افسوس آهي جو سندس نالو مضمون جي سري تي اچي نه سگهيو آهي. — مرتب

نيڪ انسانن جي هٿن چمڻ جي جواز جي اثبات ۾؛ اهو رسالو گم آهي؛ (۳) پاڻ ابن ماجه جو شرح به لکڻ شروع ڪيو هئائون؛ ان جو نالو رکيائون "خيمة الزجاجة في شرح ابن ماجه"، مگر ڪين ايتري فرصت کانه ملي جو ان جو اتمام ڪن ها؛ ڪافي عرصو بيمار رهڻ بعد آخر پاڻ وفات ڪيائون، ۽ شرح رهجي ويو؛ جيڪو شرح لکيائون سو به گم آهي؛ (۴) هڪڙي سندن تقرير آهي، جا پاڻ خانپور جي جلسي ۾ ڪئي هئائون؛ اها تقرير اردوءَ ۾ آهي.

سندس زندگيءَ جو مقصد هو ـ ڪتاب الله ۽ سنت رسول الله جي نشر و اشاعت. حديث پاڪ جي علوم ڏي سڀ کان وڌيڪ توجهه هون. حديث ۽ حديث جي علوم جي ڪتابن جو ڪين ايترو ته شوق هو، جو ڪيترن ئي ملڪن ـ جهڙوڪ شام، مصر، مدينه منور، مڪي معظم ۽ هندستان ـ جي ڪن شهرن مان ڪيترائي ڪتاب ڪثير رقم خرچ ڪري ماهر ڪاتبن کان لکارايائون: حيدرآباد دکن ۾ مولانا قطب‌الدين صاحب هاليجوي ۽ قاضي لعل محمد صاحب کي اماڻي، نظام نواب عثمان علي خان جي خاص ڪتبخاني مان ڪيترائي ڪتاب اتارايائون. پاڻ اتي جي "دائرة المعارف" جي اراڪين مان هڪ رڪن هئا. 'دائرة المعارف' جي ڪتبخاني ۾ جيڪي ڪتاب ڇپايا ويندا هئا، سي سندن ڪتبخاني عاليه علميه کي مفت ملندا هئا. سندن علمي ذوق اهڙو هو، جو مشهور "تاريخ بغداد" خطيب بغدادي جي اڃا مطبوع نه ٿي هئي، تڏهن پاڻ ۱۵-۱۶ سوَ روپيا خرچ ڪري ان جو مصر مان فوٽو حاصل ڪيائون ـ هوءَ ڪافي عرصي بعد اها تاريخ ڇپجي شايع ٿي. "تاريخ اصفهاني" جو فوٽو به لنڊن جي ڪتبخاني مان ڊاڪٽر ڪرنڪو، محافظ ڪتبخاني لنڊن جي معرفت حاصل ڪيائون. ڪرنڪو صاحب جي وساطت سان جرمني حڪومت تائين "صحيح ابن خذيمه" ۽ بين تفسيرن جي لاءِ پڻ ڪوشش ڪئي، ليڪن اتي ڪاتب ۽ فوٽو نه ملڻ سبب اهي ڪتاب حاصل ڪري نه سگهيا. حديث جي علوم مان خاص طرح رجال جي فن ۾ ڪين ڪافي درڪ هو. هڪ دفعي، مولانا ثناءُ الله صاحب مرحوم امرتسري وٽن آيو ۽ به ٽي ڏينهن قيام ڪيائين. پنهنجي قيام جي دوران ۾ مرحوم پير سائين جن سان رجال جي متعلق ڪافي گفتگو ڪيائين. پوءِ جڏهن مولانا صاحب واپس ويو، تڏهن ڇيائين ته "اڄ (هن وقت) جيڪڏهن ڪو رجال جي فن جو امام آهي ته پير احسان الله شاهه راشدي آهي".

خلافت واري تحريڪ جي وقت جڏهن سندن والد ۽ مرشد حضرت پير سائين خلافت ڏني عليه رحمت پنهنجي دستار مبارڪ لاهي "انگورا فند" ۾ ڏني، ۽ ٻئي ڏينهن جمعي نماز تي پير سائين خلافت ڏيڻ جي فرزند جناب پير محمد امام شاهه صاحب وڪڻ جو هوڪو ڏنو ته 'ڪير ٿو هيءَ خريد ڪري'، تڏهن احسان الله شاهه صاحب جن اوڏيءَ مهل به سو روپيا رقم ڏئي دستار خريد ڪئي.

هڪ دفعي، پاڻ سندن چاچي پير ميان محبوب شاهه صاحب وٽ سگ لاءِ ويا؛ پير صاحب مرحوم چيو ته 'توهين نماز ۾ رفع اليدين نه ڪريو ته هوءَ توهان کي سگ

ڏيان ، مگر ٻاڻ فرمايائون ته "حضرت رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي سنت ، زال خاطر کولہ ڇڏيندس: اها ته هڪڙي آهي ، پر اهڙيون هزار زالون ۽ سندس سنت تان قربان ڪري ڇڏجن!" ائين چئي ٻاڻ ويل هليا ـ ۽ پوءِ آخرڪار ڪين ئي اهو سگهه مليو.

هڪ دفعي ، پير ضياءالدين شاهه ، ان وقت جي ڪمشنر وٽان ٿي آيو ، تنهن ڪان پوءِ وري پير احسان الله شاهه جن ان ڪمشنر وٽ منزل هالا آسريا. جيئن ته سائن جماعت تمام گهٽي هئي ، ۽ دستور موجب تڪبيرن جا فلڪ شگاف نعرا ٻڌي لڳا ، سو ڪمشنر صاحب ٻڌا ڪئي ته "هيءَ ڪير آهي؟" جواب مليس ته "پير صاحب جهنڊي وارو اچي رهيو آهي". ٻاڻ جنهن وقت ڪمشنر وٽ ويٺا ، ته دوران مجلس ۾ ان ڪائنس پڇيو ته "توهان ۾ تحريڪ خلافت ۾ آهيو؟" ٻاڻ فرمايائون ته "خلافت ته اسان جو مذهب آهي: باقي اسين حڪومت سان ته ٻهچي نٿا سگهون ، تنهنڪري اهي دانهون ته ضرور ڪنداسين: سرڪار جيڪڏهن مقاماتِ مقدسه جي بچر ڪٽي ڇڏي ، ته اسين به ماڻ ڪري ويهون ، باقي خلافت ته اسان جو مذهب آهي".

افسوس ، سندن عمر ايتري ڪانه ٿي ـ صرف پنجيتاليهن ورهين جي عمر ۾ وفات ڪيائون ـ انا لله و انا اليه راجعون!

خدا بخش تونيو

مولوي غلام رسول مرحوم ٹونيو

مولوي غلام رسول ولد علي بخش تونيو مرحوم، ابڙا قوم جو هڪ فرد هو. سندن ولادت تاريخ ٦ ربيع الاول سن ١٣١٩ھ ۾ ڳوٺ بڪر تونيي ۾ ٿي ـ اهو ڳوٺ ديهه ڏڳاڻو مهر تعلقي ميرو خان ضلعي لاڙڪاڻي ۾ هن وقت ويران آهي.

مولوي صاحب ابتدائي تعليم ڳوٺ فاضل خان مهيسر جي مسلان مدرسي ۾ ورتي، ۽ ان کان پوءِ سورت ۽ لاهور ۾ عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم مڪمل ڪيائون. مولوي عطا محمد خان عباسي سندس استادن مان هو. مولوي احمد علي مهيسر ۽ مولوي قمرالدين مهيسر وغيره سندس شاگردن مان آهن. آخرالذڪر صاحب جي ڪوشش سان شهداد ڪوٽ ۾ هڪ مدرسو قائم ٿيو، جو هن وقت به موجود آهي. مولوي صاحب مرحوم جي همعصرن ۾ محمد علي خان مهيسر جهڙا ليک مرد شامل هئا.

مولوي غلام رسول صاحب عجيب وصفن جو صاحب هو. لنڊي هوندي، ڏينهن جو مدرسي ۾ تعليم پرائيندو هو ۽ موڪل مهل گهر اچي پنهنجي والدين جي خدمت چاڪريءَ ۾ وقت گذاريندو هو. مرحوم جي مسلسل ڪوشش سان، ڳوٺ بڪر مهيسر ۾ پين هندن اسلامي مدرسا قائم ٿيا ـ مگر افسوس جو اهي مولوي صاحب جي وفات کان پوءِ ٿي ويا!

مولوي صاحب مرحوم قد جو پورو، پٿو، رنگ جو پورو، ۽ گفتگو جو پڪو هو. مرحوم جي گفتگو ۾ ايترو تہ اثر هو، جو سنگدل کان سنگدل انسان جي دل به هن جي گفتگو ٻڌڻ کان پوءِ نرم ٿي ويندي هئي.

مولوي غلام رسول صاحب مرحوم و مغفور اسلام ۽ اسلامي روايات جو عاشق هو. هن کيترن اهڙن هندن مسجدون تعمير ڪرايون، جتي رکو وحشي انسان رهندا هئا، ۽ جن کي الله ۽ رسول جي پاڪ ذات جي ڪابہ خبر ڪانہ هوندي هئي. اهي ماڻهو نڪي نماز روزو ۽ نہ ٻين اسلامي ڳالهين کان واقف هئا. چنانچہ، مولوي صاحب مرحوم ڳوٺ نئين قلهڙي، ڳوٺ پراڻي قلهڙي، ڳوٺ بڪر مهيسر ۽ ڳوٺ خيرمحمد تونيي وغيره ۾ مسجدون قائم ڪرائي، ائين اسلامي وعظ جي ذريعي گمراهہ انسانن کي خدا جي راهہ تي آڻڻ جي ڪوشش ڪندا هئا.

مولوي صاحب مرحوم اگرچ هڪ غريب انسان هو، مگر هن انهيءَ حالت ۾ به وڏا خرچ برداشت ڪري دور دراز ملڪن مان عربي فارسيءَ جي تعليم حاصل ڪئي، ۽ "مولوي" جي سند حاصل ڪئي. سندن وفات ١٣٥٩ھ ۾ ڳوٺ بڪر مهيسر تعلقي ميرو خان ۾ ٿي. سندن مزار ڳوٺ فاضل مهيسر ۾ آهي، جتي هر سال ڪٽين ماڻهو فاتحہ خواني لاءِ ايندا آهن.

حڪيم حافظ نورمحمد ميمڻ

مرحوم مولوي محمد اسماعيل ميمڻ

مولوي محمد اسماعيل صاحب ولد مولوي گل محمد صاحب مرحوم، گڇيرو پراڻو (تعلقو مورو، ضلعو نوابشاهه) ۾ تولد ٿيا. سندن تاريخ ولادت پڪيءَ طرح سان معلوم ٿي نه سگهي آهي. مولوي صاحب مرحوم عمر جو ابتدائي حصو پنهنجي وطن ۾ تعليم ڏيندا رهيا، ۽ بعد ۾ تبليغ وغيره جي سلسلي ۾ سنڌ ۾ گشت ڪندا رهيا.

حصول تعليم جي خاطر، مولوي صاحب ڪي سنڌ جي مختلف ڳوٺن ۽ شهرن جو سفر اختيار ڪرڻو پيو. چنانچه اهو شوق مولوي صاحب جن ڪي گڇيرو ۽ دولتپور (تعلقو مورو، ضلعو نوابشاهه)، ٽرڙي محبت (تعلقو ميهڙ، ضلعو دادو)، بوبڪ (تعلقو سيوهڻ، ضلعو دادو)، ۽ ڳوٺ ملڪاڻي (تعلقو دادو، ضلعو دادو) ۾ وٺي ويو. مولوي صاحب مرحوم ان سلسلي ۾ جن جن استادن ڪان فيض حاصل ڪيو، تن مان هيٺين صاحبن جا نالا قابل ذڪر آهن: (۱) خليفو ميان عبادالله ميمڻ، ساڪن گڇيرو؛ (۲) مولوي ميان محمد داؤد، داؤد پوٽو، ساڪن دولتپور؛ (۳) مولوي ميان فيض محمد، ٽرڙي محبت؛ (۴) مولوي ميان عبدالرزاق صاحب بوبڪ؛ (۵) مولوي ميان غلام محمد صاحب ملڪاڻي، نقشبندي؛ وغيره.

مولوي محمد اسماعيل صاحب مرحوم جي لائق شاگردن جو تعداد ڏڻ ڪافي آهي: جڏن ۾ (۱) مولوي محمد حيات ڀگهيو، ساڪن ساڙي، تعلقو مورو، ضلعو نوابشاهه؛ (۲) مولوي محمد افضل صاحب ڏاهري، ساڪن ڳوٺ مقيم ڏاهري، تعلقو مورو، ضلعو نوابشاهه؛ (۳) مولوي محمد صادق صاحب ولد مخدوم ميان عبدالروف قاضي، ساڪن مورو؛ (۴) مولوي محمد ايوب ڏاهري، ويڙل ڳوٺ مقيم ڏاهري؛ (۵) مولوي ميان عبدالخالق پنوهر، جهلائي، تعلقو دادو؛ (۶) مولوي رحيمداد بروهي، بلوچستاني؛ (۷) مولوي محمد سليمان نوناري، ٽرڙي محبت؛ وغيره.

مرحوم مولوي صاحب جي همعصرن جي فهرست ۾، مولوي پير محمد شاهه ذاڪري (تعلقو سڪرنڊ، ضلعو نوابشاهه)، مولوي محمد صالح پاڻپوٽو (ڳوٺ دودو ڀگهيو، تعلقو

مورو)، مولوي فضل محمد صابوگر (لوشهرو فيروز)، ۽ مولوي رضا محمد ڏاهريءَ (گوٺ گلن جام ڏاهري، تعلقو مورو) جهڙا بزرگ شامل آهن.

مولوي صاحب جو سلسلو طريقت نقشبندي هو، جو کين کنيارين ۽ ملکاڻيءَ جي بزرگن کان مليو. کين شعر و شاعريءَ سان بيحد دلچسپي هئي، ۽ ڪنهن زماني ۾ پاڻ به شعر چوندا هئا. مولوي صاحب نهايت خوش الحان هئا، ۽ کين حاضرجوابيءَ جو خداداد ملکو هو. سندن ڪا به تصنيف طبع جي زيور سان آراسته ٿيل نه آهي، البت وعظ ۽ فقه تي سندن عربي، فارسي ۽ سنڌي زبان ۾ چند قلمي نسخا موجود آهي.

مولوي صاحب مرحوم تاريخ ٻهرين رجب المرجب ۱۳۶۰ هجريءَ ۾، اسي سالن جي عمر ۾ وفات ڪئي، ۽ پنهنجي گوٺ ڪچيري ۾ مدفون آهن.

مولوي غلام رسول لاڙڪاڻوي

علامہ سيد محمد مرحوم نورنگي

حضرت موصوف بلوچ قوم، جاگيراڻي، ويڻل گبوٽ راضي گورڙ تعلقي قنبر جا هئا. سندن والد ماجد جو نالو ملان محمد هاشم هو، جو هڪ بزرگ، نيڪ سيرت ۽ مسجد شريف جو پيش امام هو. سندن والد موصوف راوي آهي ته "مون پنهنجي هن فرزند جي ولادت کان اڳ هڪ خواب ۾ ڏٺو ته منهنجي گهر ۾ سراج (ڏيو) روشن ٿيو آهي، جنهن جي روشنيءَ کان دور دراز پنڌ تائين چاڌو ڪي ٿي ويئي آهي. ٿوري ئي وقت ۾ هي فرزند جائو، جنهن جو تعبير اهو جاتم ته هي نونهال سراج آهي، جنهن مان علم ۽ سنت نبوي زنده ٿيندي. انهيءَ ڪري، سندس تعليم ۽ تربيت تي خاص ڌيان ۽ توجهه ڏنو ويو".

پهريائين قرآن شريف جي تعليم پنهنجي والد ماجد وٽ پڙهيا؛ تنهن کان پوءِ جناب مولوي عبدالله صاحب ۽ جناب مولوي فيض محمد صاحب (ويڻل پير جو گبوٽ، تعلقو قنبر) کان فارسيءَ جي تعليم ورتائون؛ صرف-نحو ۽ سندن استاد جناب مولوي محمد اسماعيل صاحب منطقي اڀڙن وارو آهي، ۽ قدري منطق جي تعليم جناب مولوي محمد اسماعيل صاحب خيرآباديءَ وٽ (جو هڪ بينظير عالم، فيلسوف ۽ نهايت درجي جو متوڪل ۽ متبع سنت عالم هو) ورتائون؛ قدري تعليم جناب مولوي عبدالله صاحب بنگل ديرائيءَ کان ۽ حاصل ڪيائون. ان کان پوءِ، مولوي قمرالدين صاحب (جو هڪ متبحر عالم، متقي، صوفي مزاج ۽ سهروردي طريقي جو هو) کان ۽ فيض حاصل ڪيائون، ۽ ٿورو وقت جناب مولوي نظر محمد صاحب (ڀنگ، ملتان ڊويزن) جن وٽ رهي لاهور هليا ويا، ۽ جناب مولوي امام بخش صاحب محدث بهاولپوريءَ جي خدمت ۾ رهي ڪري، نصاب حديث ۱۳۱۴ھ ۾ مڪمل ڪري، فارغ از تحصيل ٿيا، ۽ پنهنجي وطن مالوف ۾ توڪلاً علي الله ڪري تدريس شروع ڪيائون.

ڪين معاش لاءِ پنهنجي زمين هئي. اهل دنيا سان تعلق ڪي پاڻ چگو نه ڄاڻندا هئا، ۽ انهن کان بينياز ۽ لاپرواهه رهندا هئا. پاڻ حسن خلق ۾ بينظير هئا ۽ سندن صحبت ۾ اهڙي ته جاذبيت هئي، جو هڪ دفعو ملاقات کان پوءِ هميشه سندن زيارت لاءِ دل مشتاق رهندي هئي. ڪين وعظ ۽ نصيحت ڪرڻ جو نهايت شوق هوندو هو. سندن حق گوئي، صلاءِ رحم ۽ مهمان نوازي قابل رشڪ هئي. مدائن سندن چهرو مبارڪ خندان هو. سندن ساري

حياتيءَ جو وقت تعليم ۽ تدريس ۾ گذريو. پاڻ شاگردن کي اولاد جيان پائيندا ۽ عزيز جاڻندا هئا، ۽ تعليم کي بين عبادتن کان اعليٰ ۽ افضل سمجهندا هئا. سندن مجلس ۽ کچهري به هڪ علمي درگاهه هوندي هئي، جنهن ۾ قرآن ۽ حديث کان سواءِ ورلي ڪو لفظ هوندو هو. سنت نبوي لاءِ نهايت محبت رکندا هئا؛ مطلب ته سندن اٿڻ ويهڻ، کاڌي پيتي ۽ ڪلام سلام ۾ سنت جو اتباع نمايان ۽ نصب العين هوندو هو. اقامت الصلوات سندن خاص صفت هئي. نماز ۾ خشوع خضوع ۽ خوف الاهي جي ڪري کين ڪهڙو ڪري استغراقي حالت ايتريقدر تہ طاري ٿي ويندي هئي، جو ماسوا الله تعالىٰ کان بلڪل فارغ ٿي ويندا هئا. نماز جا آداب ۽ تعديل ارڪان سندن ڏسي، صلواة الصحابہ ياد اچي ويندي هئي. پاڻ تهجد جا سخت پابند ۽ عامل هئا، جنهن ۾ غالباً ٿي سپارا قرآن مجيد جا تلاوت ڪندا هئا. هميشہ باوضو رهندا هئا. اجابةالدعا ۾ بہ بيمثال هئا. پاڻ ٿي پيرا هاران نماز پڙهائون، تہ ڪڏهن ظاهر ٿيا ۽ مينهن وسڻ شروع ٿي ويو. سڪرات واري وٽ پهچندا هئا، تہ سندن دعا سان خدا تعالىٰ جي فضل سان بيمار جي زبان کلي پوندي هئي، ۽ هو شهادت جو ڪلمو پڙهندي جان بحق تسليم ڪندو هو.

ڪين علم حديث سان خاص محبت هوندي هئي. سندن مذهب حنفي هو، مگر عملاً ڪوشش ڪندا هئا تہ اهڙي طريقي تي عمل پيرا ٿجي، جو اختلاف کان بلڪل بچجي. علم جي تعظيم ۽ تڪريم سندن زندگيءَ جو خاص مقصد هو. اهل ممات کي نيڪيءَ سان ياد ڪندا هئا. قبرن جي زيارت ۽ انهن کي ثواب حاصل ٿيڻ جا قائل هئا. بدعت جي سخت خلاف هوندا هئا.

سندن روحاني تعلق فقير فيض محمد اوڍهي واري سان هو. توڪل، زهد، حُب الله ۽ حب رسول اڪرم صلعم سندن صحبت مان ظاهر ۽ آشڪار هو. پاڻ سن ۱۳۱۵ھ ۾ حج بيت الله ۽ زيارت رسول مقبول صلعم جي ڪان مشرف ٿيا، ۽ ڇهہ مهينا عرب ۾ رهي ڪري اتي جي بزرگن ۽ مشائخ حضرات سان ملاقات ۾ رهيا. انهيءَ نيڪ سفر ۾ بہ حاجين سان امربالمعروف جي رهبري ڪندا رهيا.

سندن شاگردن جو تعداد تمام ڪهڙو آهي. اٽڪل ۴۵ ورهيہ درس ڏنائون. انون شاگردن مان فارغ التحصيل متبحر عالم هيٺ ڏجن ٿا: (۱) مولوي شفيع محمد صاحب مسجدي، تعلقو ميهڙ (هي صاحب گويا هڪ سلسلي جو مالڪ، فقيهہ، اديب، شاعر، صاحب فتويٰ ۽ علم خطابت جو ماهر ۽ جاڻو هو)؛ (۲) مولوي محمد صالح بروهي، ڪراچي (هي صاحب هڪ عمدو واعظ ۽ محدث هو)؛ (۳) مولوي حبيب الله قاضي، لس بيلو؛ (۴) مولوي حافظ محمد ڪامل، ڳوٺ سنهڙي؛ (۵) مولوي عبدالڪريم صاحب، ڳوٺ ڪهڙو؛ (۶) مولوي گل محمد، ترائي؛ (۷) مولوي محمد امين، تعلقو ٽمبر؛ (۸) مولوي پير محمد صاحب، تعلقو ٽمبر؛ (۹) مولوي عبدالعزيز، سندن ڳوٺائي؛ (۱۰) مولوي خوش محمد، ميرو خان؛ (۱۱) مولوي عبدالڪريم صاحب، ڪور سليمان؛ (۱۲) سندن برادر عزيز مولوي عطا محمد صاحب؛ ۽ (۱۳) هيءَ راقم الحروف.

سندن ولادت جي تاريخ جو پتو لڏو پوي، مگر وفات مورخہ ۱۰ محرم سن ۱۳۶۱ھ تي ٿي. کين رمضان مبارک ۾ نمونيا ٿي، جا پن هفتن کان پوءِ گهٽ ٿي ويئي، مگر ضعف ۽ خفيف بخار رهجي ويو. راقم الحروف سان سندن خاص اُلفت هوندي هئي، تنهنڪري مون مسڪين وٽ گهوٽ پيڙي جاڏيي ۾ اچي رهيا. نهايت ضعف ۾ به پابنديءَ سان نماز خوانيءَ تي مستقل هئا. رحلت کان هڪ هفتو اڳ، هن مسڪين وٽ مولوي حميدالله صاحب آندو کي دستاربندي ڪرائڻون، ۽ علم جي فضيلت ۾ طويل تقرير ڪيائون. پوءِ ضعف زور ورتي ويو. وفات کان هڪ ڏينهن اڳ، خميس ڏينهن، مسڪين جي مشوري سان گهوٽ ويا، ۽ آڃ ٽڪ خدمت ۾ حاضر رهيس. ۱۰ محرم جمعي رات، مغرب جي نماز ادا ڪري، تلاوت ۽ ڪلمءِ شهادت جو تڪرار ڪيائون؛ بعد ازان، ضروري وصيت ڪري، پوءِ بارگاهہ باري تعالىٰ ۾ دعائون گهرندي، "اللّٰهم اغفرلي بحق محمد صلي الله عليه وسلم" چوندي، جان بحق تسليم ڪيائون. جنازي نماز، سندن وصيت موجب، هن مسڪين پڙهائي. سندن مرقد مسجد شريف جي اتر کان آهي. کين ٽي فرزند آهن، جي پيريءَ ۾ کين جاوا؛ اهي ٽئي علم جي زيور کان مزين آهن.

سندن وفات تي مولانا دين محمد صاحب "اديب" فيروزشاهيءَ "قصيده ميريه" در مدح و تاريخ وفات چيو، جو هيٺ ڏجي ٿو.

کامل و اکمل و لبيبِ شهير؛ فاضل و افضل و اديبِ کبير؛
پيشوا پارسا عديم نظير؛ مقتدا رهنما حکيم خبير؛
ماهر و حاويءِ اصول و فروع؛ بحر فقه و حديث و هم تفسير؛
عالم ماهرِ فنونِ دقيق؛ علّمِ اندر زمان محمّد ميرؒ؛
علمِ علم تا باوجِ فلک؛ برسانده بهمت و تشمير؛
حاميءِ سنّت رسولِ خدا؛ بهر خيرالامم بشير و نذير؛
عمرِ او صرف گشت در تدريس؛ در بلاغِ بحمائر و تذکير؛
لعلِ لائم ورا لترسانيد؛ بي تحاشا بگفت حق باصير؛
عمرِ او وقفِ نصرتِ اسلام؛ کرد با خصمِ دين جهادِ کبير؛
حسن سيماش ساحر دل و جان؛ منطقش کرد فلسفي نخچير؛
کرد محسوس حکمتِ معقول؛ کرد تسهيلِ عقدهاي عسير؛
فوتِ فکرِ او چگويم بات؛ لکتِ شارده نمود اسير؛
حيجَشٌ بود مسقط و مسکت؛ نظريات او فقيد نظير؛
ربع مسکون زفيض او مشحون؛ گشته مرهون بلطفهاي کثير؛
چون شبيهش کسي ندید کسي؛ بسکه بردند در جهان تصوير؛
شکلِ زيباش پيکرِ اخلاص؛ زان پذيرفت فيض او توفير؛

از اداي اداش و آن لطيف، عاجز و تنگ فكر و هم تعبير؛
مقصدِ عمرِ او بسي اعلي، بشبستانِ شش جهت تنوير؛
صدقهٔ جاري است تعليمش، تا قيامت بماندش تاثير؛
فطرتِ او شريعتِ بيضا، دينِ حق در سرشتِ او تخمير؛
زهد و تقواش عروهٔ وثقي، رهبرِ اتقيا امامِ بصير؛
مستفيدان مستفيدانش، كرد لطف لطيف جرم غفير؛
فيضِ تعليم او محيط جهان، كرد بذلِ فيوض بي تقصير؛
چون پدر مهربان شاگردان، لطف فرماي هر صغير و كبير؛
بتو "آستادكل" لقب داده- علما، بالوفاق غير نكير.

آفرين بر عزائمِ عالي، همچو سدّ سكندرت تعمير!
هيچ طوفان نمي تواند كشت، مر چراغي كه كردهٔ تنوير؛
زان كه دنيا اگر بگردد باد، نورِ حق را نمي رسد تغيير؛
بسرت تاجِ علم شد نازان، تو بملكِ علوم عالمگير؛
رعبِ حق در رخِ تو لامع بود، حكمبردارِ تو امير كبير؛
بكمالات مرجع آفاق، بر سپهرِ كمال مهرِ منير؛
شاه بودي بصورتِ درويش، بحصيرت سرير مير حسير؛
بهرِ إرواءِ مزرعِ ايمان، آنهُرِ علم كردهٔ تفجير؛
دورِ غربت رسيد بر اسلام، از تو ترويج يافت هم توقير؛
دُرَرِ حسنِ معني و صورت، نتواند بنظم سفت ظهير؛
آنچه در سلك نظم سفت "اديب"، از كمالات نيست عشر عشير.

كرد رحلت بيوم عاشوريٰ، هر يكي در فراق او بنفير؛
بعد الف و سه صد، سن شصتم، روز آدينه بود اين تقدير؛
گشت قلب و جگر ز مرگش چاك، سخت بگريست لوجوان هم پير؛
كرب در كرب كرد بلا افزود، شد شفق خون فشان، زمين دلگير؛
چون نباشد، كه موت عالم را، موت عالَم قرار داد قدير!
ابر رحمت بود بر او باران، مرقد او شود چو باغ نضير!
عين حق بنگرد براي العين، در جنانش شود مآب و مصير؛
در جوار رسول پاك بود، باغ رضوان كند مقام و مَسير!
"غفر الواجد" لَه"- گفتم، سالِ ترحيلِ او بيء تبشير.
زه ز قرآن شنو: "لَهُمْ غَرْفَه"- سالِ وصلش ولي بغرقِ يسير.
"مَغْفِيرَه لَه" هم ست تاريخش، بي سخن بخشدش خداي خبير!

مرحوم حاجي محمد سماعيل جان "روشن" مجددي سرهندي

واءِ حسرتا! اڄ قلم کي انهيءَ مجسمهءِ علم و ڪمال جو ماتم ڪرڻو آهي، جنهن جي وصف ۽ مدح جي فرض کان ڪڏهن به سبڪدوش ٿي نٿو سگهجي. مجددي خاندان جي خانقاهه ۾ فضل ۽ ڪمال، معرفت ۽ حقيقت، زُهد ۽ تقويٰ جي جيڪا شمع پنهنجي ضياپاشين سان محفل کي روشن ڪري رهي هئي، اها بالاخر تاريخ ۱۴ ماهه جمادي الثاني سن ۱۳۶۱ هه ۾ هميشه جي لاءِ آجهامي ويئي.

مجددي خاندان ۾ سندن ذات نمايان حيثيت رکندي هئي، ۽ بزرگ آباءِ و اجداد جي گهڻين روايات جي حامل هئي. پاڻ ارشاد و هدايت، علم و عمل، زهد و تقويٰ جا پيڪر هئا. انهن ظاهري ۽ باطني ڪمالات سان گڏ، دين ۽ ملت جي راهه ۾ سندن جان فروشانه جذبو ۽ مجاهدانه ولولو، سلف صالحين جي ياد تازي ڪندو هو. سرزمين سنڌ ۾ سندن ذات علماء و مشائخ، ادباء و شعراء ۾ ممتاز هئي. انهيءَ نقطه نظر سان، سندن وفات جو حادثو نه فقط سندن عزيزن ۽ اهل خاندان، بلڪ پوري ملڪ ۽ قوم لاءِ هڪ ناقابل تلافي نقصان آهي. اهو واقعو تاريخ سنڌ جو هڪ اندوهناڪ باب ليکيو ويندو. اگرچ هن وقت اها 'روشن' شمع وسامي ويئي آهي، مگر هن جي دونهين جي سياهيءَ سان جريدهٔ عالم تي هميشه جلي حروف ۾ هي لکيل نظر ايندو:

"رفتم و از رفتنِ من عالمي تاريڪ شد،
من مگر شمعم چو رفتم ازم برهم ساختم".

سندن اسم گرامي حضرت حاجي محمد اسماعيل جان، ابن حضرت آغا حاجي محمد حسن جان هو. نسباً فاروقي، مجددي، اولاد حضرت امام رباني مجدد الف ثاني شيخ احمد سرهندي مجددي الفاروقي رضي الله تعالىٰ عنه مان آهن. سندن شجرهٔ نسب حضرت مجدد (رح) تائين هن طرح آهي:

حضرت حاجي محمد اسماعيل جان رحمة الله عليه، ابن حضرت حاجي محمد حسين جان رحمة الله عليه، ابن حضرت خواجه حاجي عبدالرحمان رحمة الله تعالىٰ، ابن حضرت خواجه شاهه عبدالقيوم رحمة الله تعالىٰ عليه، ابن حضرت خواجه شاهه فضل الله المجددي رحمة الله عليه، ابن حضرت شاهه غلام النبي المجددي رحمة الله تعالىٰ عليه، ابن

حضرت شاھ غلام حسن المجددي رحمة الله عليه، ابن حضرت شاھ غلام محمد المجددي رحمة الله عليه، ابن حضرت شاھ غلام محمد معصوم رحمة الله عليه، ابن حضرت شيخ محمد اسماعيل المجددي رحمة الله عليه، ابن حضرت خواجه صبغت الله المجددي رحمة الله عليه، ابن حضرت عروه الوثقيٰ خواجه محمد معصوم رحمة الله عليه، ابن حضرت امام رباني مجدد الف ثاني شيخ احمد سرهندي الفاروقي رحمهم الله تعالىٰ عليهم اجمعين.

انهيءَ طرح سان سندن شجرهٔ نسب، پارهن واسطن سان، حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رحمة الله تعالىٰ عليه تائين پهچي ٿو، ۽ چوئيتاليهن واسطن سان خليفه ثاني امير المومنين حضرت سيدنا عمر ابن الخطاب رضي الله تعالىٰ عنه سان ملي ٿو.

سندن ولادت باسعادت، تاريخ ۾ رمضان المبارڪ، سن ۱۳۰۷ھ، ڳوٺ ٽڪڙ تعلقي ڳوني ضلعي حيدرآباد سنڌ ۾ ٿي. پاڻ پنهنجي تاريخ ولادت هن طرح چئي اٿن:

چو جست "روشن" سال ولادتش الحال،
بفكر..... آمد "هزار باغ كمال"۔ (۱۳۰۷ھ)

سندن ابتدائي تعليم ۽ تربيت، سندن جد امجد حضرت خواجه عبدالرحمان رحمة الله عليه جي نظر فيض اثر هيٺ شروع ٿي. انهيءَ کان بعد، وقت جي عالمن ۽ پنهنجي والد ماجد حضرت آغا حاجي محمد حسين جان کان مروجه ديني علوم جي تڪميل ڪيائون. سندن استادن ۾ حافظ محمد يوسف ٽڪڙائي ۽ ان جو فرزند حافظ هارون "دلگير" به هئا. طالب علميءَ جي زماني ۾، پاڻ علمي ۽ ادبي جستجو کان سواءِ ڪنهن بيءَ ڳالهه سان مقصد نه رکندا هئا. پاڻ اهڙي ماحول ۾ پروش پاتائون، جنهن ۾ علم ۽ معرفت کان سواءِ بي ڪا قيل و مقال نه ٿيندي هئي. اهڙن خدا رسيده بزرگن ۽ باڪمال استادن جي نظر هيٺ تربيت وٺي، جواني ۾ جي منزل ۾ قدم پاتائون. بقول شاھ صاحب

"سي پوڃارا پُر ٿيا، سمنڊ سيوبو جن،
آندائون عميق مان، جوتي جواهرن،
ڪانهي قيمت تن، ملهه مهانگو ان جو".

سندن جد امجد حضرت خواجه حاجي عبدالرحمان رحمة الله تعالىٰ انهيءَ وقت ٽڪڙ ۾ جلوه افروز هئا. اهو نديرو ٻوٽ انهيءَ زماني ۾ مرجع خلائق ۽ ملجاي عالم بنيل هو. افغانستان، هندوستان ۽ سنڌ جي گوشي گوشي مان خاص ۽ عام، امير ۽ فقير، مشائخ ۽ علماءِ دور دراز منزلون ۽ سفر جا ڪشالا ڪٽي ايندا هئا، ۽ حضرت خواجه صاحب عليه الرحمت جي چشمهٔ فيض ۽ برڪت مان سيراب ٿي موٽندا هئا: گويا ٽڪڙ انهيءَ وقت روحاليت ۽ معرفت جو مرڪز بنيل هو. اسان جي ممدوح، حضرت حاجي محمد اسماعيل جان، پنهنجي زلدگيءَ جا ابتدائي سال، يعني ۱۳۰۷ھ تائين، نو سال، پنهنجي جد امجد حضرت حاجي صاحب رحمة الله عليه جي

سايه عاطفت ۾ گذاريا. سندن ظاهري ۽ باطني علوم جا استاد ۽ مرشد حضرت حاجي صاحب (رحم) هٿا. حيرت جهڙي گالهه آهي ته نـوّن سالن جي ننڍيءَ ڄمار ۾ سندن جد امجد پنهنجي هن خورد سال فرزند کي پنهنجو مريد بنايو! هڪ ڏينهن جي گالهه آهي ته حضرت حاجي صاحب (رحم) جن هنن تي پنهنجي فيض جي هالوت ڪئي، ۽ کين قلبي ذڪر جي تلقين ڪيائون. سندن هڪ ئي اشاري سان هن نوعمر مريد جي قلب جون تارون چُرڻ لڳيون، ۽ بروقت مرشد ڪامل جي فيض جي انوار ۽ تجليات منّ اهڙو ته اثر ڪيو، جو ٻاڻ بيخود ٿي ويا.

سندن جد امجد ۽ مرشد حضرت خواجه حاجي عبدالرحمان رحمة الله عليه سن ۱۳۱۵ هـ ۾ ڪڙ شريف ۾ وفات ڪئي، ۽ هن گنجينهٔ علوم اسرار کي گنجي ڏکر ئي ڪڙ جي لڳ دفن ڪيائون، جتي سندن مزار پُرانوار اڃڪالهه "مقبره شريف" جي نالي سان زيارتگاه عام و خاص آهي ـ بقول شاهه شاحب :

"ساري رات سبحان، جاڳي جن ياد ڪيو،
ان جـي عبداللطيف چئي منهنجا لـڏو مان،
ڪوڙين ڪن سلام، اچي آسڻ ان جي".

مولانا خليفو يار محمد مرحوم شڪارپوري

حضرت مولانا مرحوم جي ولادت جي تاريخ معلوم نه ٿي سگهي آهي. مولانا موصوف سموري تعليم شڪارپور سنڌ ۾ ورتي، ۽ سموري عمر شڪارپور ۾ گذاريائون. ابتدا ۾ تعليم پنهنجي ڏاڏي مرحوم حافظ خليفي الهه رکيي صاحب کان ورتائون، ۽ بعد ۾ مولوي ميان عبدالرحيم صاحب مرحوم شڪارپوري ۽ مولانا مولوي حافظ محمد حيات صاحب مرحوم شڪارپوريءَ کان تعليم حاصل ڪيائون.

مولانا يارمحمد صاحب مرحوم جي شاگردن ۾ حڪيم مولوي الاهي بخش صاحب اعوان شڪارپوري (فاضل ديوبند ۽ فاضل الطب والجراحت، دهلي)، مولوي پير فضل احمد صاحب سرهندي شڪارپوري، مولوي عبدالفتاح صاحب صديقي شڪارپوري، ۽ پير حضرت غلام مجدد صاحب سرهندي شڪارپوريءَ جا نالا قابل ذڪر آهن

مولانا مرحوم جي همعصرن ۾ هيٺيان بزرگ شمار آهن: حضرت مولانا مولوي عبدالرحمان صاحب ميمڻ مرحوم، شڪارپور: حضرت مولانا مولوي قاضي سيد بهادر علي شاهه مرحوم، شڪارپور: حضرت مولانا مولوي غلام رسول صاحب چشتي مرحوم، شڪارپور: حضرت مولانا مولوي جهان خان درائي نقشبندي مرحوم، شڪارپور: حضرت مولانا مولوي حافظ محمد حيات صاحب قريشي، شڪارپور: جناب اعوان مسٽر عبدالحميد صاحب درويشائي مرحوم، پرلسپال خيرپور ميرس: حضرت مولانا مرحوم عبدالغفور صاحب همايوني رحمة الله عليه: ۽ حضرت قبله مولانا امروٽي رحمة الله عليه.

حضرت مولانا صاحب مرحوم جو سلسلاءِ طريقت چشتيه صابريه هو. پاڻ حڪيم الامت مولانا شاهه اشرف علي صاحب ٿانويءَ جا مريد هئا. نهايت عابد، صالح، ذاڪر ۽ پرهيزگار شخص هئا. هميشه مسجد شريف ۾ درس تدريس جي شغل ۾ مشغول هوندا هئا. هر هڪ ماڻهوءَ کي مولانا مرحوم جي لاءِ هڪ خاص قسم جو حسن ظن هوندو هو، ۽ هر طبقي ۽ هر گروهه جا ماڻهو کين عزت ۽ احترام سان ڏسندا هئا ۽ بزرگ سمجهندا هئا. طبعيت جا بيحد حليم، خوش اخلاق ۽ منڪسر هئا. صوفي منش هئا، ۽ پنهنجي مرشد تي عاشق هئا- هميشه سندن هدايتن تي عمل ڪندا هئا.

هن بزرگ جي وفات ۹ نومبر ۱۹۴۳ع، مطابق ۲۹ شوال ۱۳۶۱هـ، ڏينهن سومر، صبح صادق جي وقت ٿي، ۽ کين شڪارپور ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو.

ڈاڪٽر لبي بخش خان بلوچ

قاضي عبدالرؤف مرحوم سورائي*

قاضي مولوي عبدالرؤف، ۱۲۹۹ هجريءَ ۾ موري (ضلعو نوابشاهه) ۾ تولد ٿيو. مٿارين جي قاضي عبدالڪريم ۽ عبدالرحيم ٻنهيءَ وٽ تعليم حاصل ڪيائين.

قاضي عبدالرؤف تحرير جو وڏو قابل هو. سندس شاگردن جو تعداد تمام گهڻو آهي- چند لائق شاگردن جا نالا هي آهن: (۱) حافظ ابراهيم نابينا، ڊڪڻ، اصل ويڙل دولتپور جي آسپاس جو، پوءِ اچي دودي ڀاڻ پوٽي جي ڳوٺ ۾ ويٺو. هي عالم هو ۽ پڙهائيندو به هو. هن حافظ صاحب جو پٽ مولوي محمد حسين صاحب به چگو عالم هو. انهيءَ جو پٽ مولوي محمد عمر صاحب اڄ تائين زنده آهي؛ عربي فارسيءَ کان چگو واقف آهي، ديندار ۽ نيڪ شخص آهي. (۲) مولوي عبدالڪريم ڏاهري، ويڙل سن- هي بزرگ سگهوئي فوت ٿي ويو. (۳) قاضي خدابخش چنيجن وارو: عالم ٿيو، پر پوءِ مجذوب ٿي ويو. (۴) حيدرشاهه، مير حسن عليءَ جي ٽنڊي وارو. (۵) سيد تاج محمد صاحب امروٽي به ڪجهه وقت پڙهيو؛ اصل مولوي عبدالقادر پنهواري واري وٽ پڙهيو هو. (٦) ميان عطاءالله صاحب فيروزشاهي "شرح ملا" تائين پڙهيو، ۽ پوءِ شهداد ڪوٽ وڃي پڙهيو. ميان عطاءالله صاحب جو والد ميان خيرمحمد وڏو عالم هو.


پير محمد سعيد لواريءَ واري، ميان شفيع محمد پاڻائيءَ خواه قاضي عبدالرؤف وارن ڏي چوائي موڪليو تہ "اوهان اڳوا خطبا ڪاهيو، جنهن ۾ وهابيت جو رد هجي"؛ جنهن تي هي خطبو جوڙيائين:

نَخصُّ اَلحمدَ لِلّٰه ذوالجلال — علي ما عمَّ فضلا بالنوال
اللّٰهُ واحد فردٌ قديم — تَنزّه عن مشاركه المثال
له ملك و حمد و هو يُحي — يُميت الخلق من غيرالمقال
قديرٌ هُوَ علىٰ ماكل شَيءٍ — جديرٌ هو باوصاف الكمال

* هڪ مختصر ملاقات (۲۱ آڪٽوبر ۵۶ء) ۾ مولانا محمد صادق صاحب سورائيءَ کان جيڪي ڪجهه احوال ملي سگهيو، سو پيش ڪجي ٿو. جناب مخدوم اميراحمد صاحب جن، قاضي حاجي عثمان ۽ قاضي محمد عالم بابت حوالن جو اضافو ڪيو ۽ پڻ عربي خطبي جي تصحيح ڪئي. -مرتب

موري جا قاضي صاحبان

(عبدالخالق بن محمد يوسف بن محمد هاشر: محمد هاشر ۽ محمد طاهر ٻئي ٻالر، جي ٻاهران آها ۽ موري ۽ اچي رهيا.)



تقدّس عن صفات الخلق طرّاً و عمّا لا يليق من الخصال
فذاك المصطفي إختاره الله وَ فضّله باعلاء الكمال
صحابتهُ نجومٌ لاهتداء رجومٌ هم لاصحاب الضلال
خصوصاً اربع منهم جميعاً تجلّو بالجلال مع الجمال
تسلّطهم علي اعداء دين كضرغام تسلّط لاغتيال
تترّحمهُم لاهل الدين جمعاً كترحمة ربهم كلّ المَوال
هم الصدّيق والفاروق ايضاً و ذوالنّورين اسدالله عالى
و سبطي مصطفي و ابنا بتول بصحبة جدّهم بلغا المعالى
لهم فضلٌ و راء الفضل هذا لما يحويهما مفهوم آل
و عمّاه مكرمٌ كل احدٍ و صنوَالاب اعمام الرّجال
صلاة الله كانت مع سلامٍ علي خيرالبرايا و الزّلال
و يتبعه الصحابة بعد آلٍ و من تبعٌ لهم في الاعتدال
فكُن في هذه الدنيا غريباً تسير مُعجّلاً لِلارتحال
و لا تغترّ مُفتخراً بمال ستبقي مُفلساً من غير مال
و لا تشغل باولاد عن الله و لا تَركُن الي ما في الزّوال
و تُب عمّا فعلت من المعاصي و عما قلت من شرّ المقال
و لا تنس الجحيم و لاالقيامه و لا قبراً و مافي سوء حال
من العبدالمضاف إلي رئوفٍ سَيبقي واعظا بعد ارتحال

مولوي محمد صادق صاحب مورائيءَ چيو ته خواجه حسن جان صاحب سرهنديءَ ان کي پڌايو ته مولوي فيض الکريم هڪ نظم عربيءَ ۾ لکي آيو، جنهن ۾ هن قاضي عبدالرؤف جي متين ٿالي واري مصرع کي هن طرح پنهنجو کيو:

"من الفيض المضاف الي الکريم سيبقي واعظا بعد ارتحال"

قاضي عبدالرؤف جون هيٺيون تصنيفون معلوم ٿي سگهيون آهن:

(۱) "إراء ارشادالحق الي اهواء افساد المشرک" - هيءَ رسالو و هابيت جي رد ۾ لکيائين.

(۲) "تنزيه از تشبيه" - هيءَ کتاب فارسي نظم ۾ "خدائي تشبيهه" (يعني ته خدا تعالي جي وجود کي ماڻهوءَ جي جسم سان تشبيهه ڏيڻ) واري عقيدي جي رد ۾ لکيائين. سنڌ ۾ قاضي حاجي عثمان ۽ مولوي عيسي انهيءَ عقيدي جا حامي ٻنيا هئا. قاضي حاجي عثمان، اسان جي سنڌ جي نامور حڪيم شمس الدين ۽ سياسي اڳواڻ قاضي فضل الله جو ڏاڏو هو. قاضي عثمان ۽ مولوي عيسي ٻئي حج تي ويا، ۽ اتان فارغ ٿي نجد ۽ يمن جو سير ڪيائون. اتي محمد بن عبدالوهاب نجديءَ جي پوئلڳن کان گهڻو متاثر ٿيا، ۽ مشهور اهل حديث فاضل،

علامہ شوڪاني، مصنف "نيل الارطار" وٽ حديث جو علم پڙهي، سند وٺي، واپس آيا. قاضي حاجي عثمان "مُشبّه" هو، ۽ قاضي محمد عالم نوشهرائي ۽ سندس صحبت ۾ سندس همخيال بنيو. قاضي محمد عالم هڪ وڏو عالم ۽ حڪيم هو*. قاضي حاجي عثمان جي رفيق مولوي عيسيٰ جو فرزند مولوي فيض الڪريم به ڇڪو عالم ٿيو، ۽ اهل حديث جي مسلڪ تي قائم رهيو. قاضي عبدالرؤف جي ڪتاب "تنزيه از تشبيه" جي شروعات هن طرح هئي:

هر ثنائي ڪه در وجود آيد، از ورا مرورا همه شايد؛
ذاتِ خود را ڪه خود ستايش ڪرد، گشت از عجزِ ما سوايش گرد؛
بينياز است با غنا از غير، ليس ينسب اليه الا الخير؛
هرچه از ڪائنات تا ابد است، بانيازي بدرگهِ صمد است؛
هست ذاتش منزه از تمثيل، هم صفاتش ز تهمتِ تبديل†؛
عرض "عبدالرؤف" مي دارد، غرض از نظم نُصح مي آرد:
ڪه همي صنعت آزچه ڪارم ليست، لائق رزگار زارم ليست:
ليڪ وهابيه چو نوع فساد، در نهادي ز جنسِ خويش نهاد؛
خاص عيسيٰ ڪه از فضول فتن، ڪرد مر عام را اسيرِ محن؛
هر زباني ڪه داشتم معلوم، هم دران نُسخ ڪرده ام مرقوم؛
سندي و پارسي دگر عربي، بهتر است از همه زبانِ نبي؛
تا شود انتفاعِ عام بدان، شهره گردد بملڪ نام بدان؛
تا ازين قوم احتراز ڪنند، باب بغضا بروش باز ڪنند؛
پارسي لشر هست گرچه بس، فهمِ آن سهل گشت بر هرڪس؛
ليڪ چون نظم هست شيرين خوش، بس لذيذ است بيشتر دلڪش؛
گشت منظوم نسخهٔ تنزيه، نام تنزيه دارد از تشبيه.

ميان محمد مسعود چوٽيارن واري، قاضي صاحب جن ڏانهن لکيو ته "علم باطن" فرض ڪاهي"؛ قاضي صاحب لکيو ته "فرض آهي". اها تحرير هن ٽن جزن ۾ هئي، ۽ ڪنيارين وارن جي معرفت اها لکپڙهه ٿيندي هئي. قاضي عبدالرؤف تحرير جو وڏو قابل هو. مخدوم امير احمد صاحب جن ٻڌايو ته وهابين جي رد ۾ سندس فارسيءَ ۾ لکيل ڪي تحريرون ۽ مسئلا مون سندس شاگرد مولوي فضل محمد مرحوم جي ڪتبخاني (نوشهرو فيروز) ۾ ڏٺا هئا. تحريرن مان موصوف جو علمي تبحر صاف ظاهر هو، ۽ ڪيس تحرير جي فن ۾ قدرت خاص ملڪو عطا

---

* قاضي محمد عالم ڪان پوءِ سندس پٽ حافظ عثمان وڏو حڪيم ۽ ڇڪو عالم هو؛ سندس پٽ قاضي احمدي به حڪيم ۽ ڇڪو عالم هو. قاضي احمديءَ کي ٻ پٽ آهن ـ قاضي عبدالهادي، جو حڪيم ۽ عالم آهي؛ حافظ عثمان، ۽ قاضي اڪرم. سندن سڪونت نوشهري ۾ آهي. † اصل: ترتيب.

کیو هو. قاضي صاحب فارسي زبان جو خاص طرح وڏو انشاپرداز هو-ا. هـ. فارسي نظم ۽ به کافي دسترس هئس-جئن مٿين نظر مان ظاهر آهي. مولانا محمد صادق موراڻيءَ چيو ته پير صاحب پاڻ ارن جي جدامجد حضرت محمد راشد رحـ جي سلسلہ طريقت بابت هيٺيان اشعار هنا:

از مجدد الف ثالي فيض عالمگير شد — وز جناب شان ما را برکت و تاثير شد
شيخ آدم گشت از فيض مجدد کامياب — شيخ سعدالله از و گشته منور مستطاب
زو است ايوب ولي و هم جمال الله شاه — زو است مخدوم "پريالو" را بقا(۱) مانند ماه
زو شده راشد خليفة از فيوضش بهره مند — در طريقهٔ عالي حضرت جنابِ نقشبند

-قاضي عبدالرؤف اشعار ٻڌي، آخري شعر جي پهرين مصرع جي هن طرح اصلاح ڪئي:

"شد محمد راشد از فيض فتوحش بهره مند"

قاضي عبدالرؤف صاحب سن ۱۳۶۳هـ ۾ وفات ڪئي.

---

(۱) يعني، حضرت سيد محمد بقا والد حضرت سيد محمد راشد عليه الرحمة.

حافظ قاري محمد

مولانا حاجي شفيع محمد "مسجدي" مرحوم

مولانا صاحب جن هڪ مستند عالم ۽ محقق بزرگ هٿا. سندن نالو شفيع محمد بن ولي محمد ۽ تخلص "مسجدي" هو. سوڍاري ڳوٺ جا رهاڪو هٿا، جنهن کي اڪثر "مسجد سوڍاري" چوندا آهن. شهر بَدَڻ کان اڌ ڪ مسجد جوڙائي ويئي ۽ ان کان پوءِ ڳوٺ جي تعمير جو سلسلو شروع ٿيو، انهيءَ ڪري ان ڳوٺ جو نالو سوڍاري مسجد پئجي ويو. انهيءَ ڳوٺ ۾ مسجد جو بنياد ۽ مولانا مسجديءَ جي وڏن وڏو. پاڻ انهيءَ ڳوٺ ۾ پيدا ٿيا، سندن تاريخ ولادت معلوم نه ٿي سگهي آهي. مولانا صاحب جن ذات جا "سوڍر" هٿا، مگر جڏهن ته سندن آبا و اجداد قضا جي منصب تي فائز رهيا هٿا، انهيءَ ڪري کين "قاضي" به سڏيندا هٿا. انهيءَ خاندان جي ڪوشش سان سنڌ جو مشهور عالم سيد مصري شاهه صاحب خيرپور ناٿن شاهه وارو انهيءَ ڳوٺ ۾ تعليم ڏيندو هو، جنهن جي تعليم ۽ تدريس مان سوين ماڻهو فيضياب ٿيا*.

مولانا مسجدي جن قرآن ۽ فارسي اشرف سوڍر جي ڳوٺ ۾ پڙهيا. انهيءَ ڳوٺ ۾ ئي پائر سوڍر عالم هٿا- مولانا غلام محمد، مولانا غلام رسول، ۽ مولانا غلام نبي. اهي ٽيئي عالم عربي ۽ فارسيءَ جا ماهر هٿا. الهن مان پويان به شاعر به هٿا. مولوي غلام رسول جو عربي خطبو مشهور آهي، جنهن ۾ مطلع ۽ مقطع هي آهن:

ثَنَاءٌ وَفِيْرٌ وَ حَمْدٌ كَثِيْرٌ
لِمَنْ هُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قدير
لِيَدْعُوْ بِبَابِكَ غُلَامُ الرَّسُوْل
فَانَّكَ لَهٗ بِالاجَابَةِ جَدِيْرٌ

---

* مولانا مصري شاهه هالن مان فارغ التحصيل ٿي اچي "سوڍاري مسجد" ۾ پڙهائڻ لڳو. شاهه صاحب جو وڏو ڪتبخانو هو، جو پوءِ خورد برد ٿي ويو. سندس ڪيترائي شاگرد ٿيا- مثلا مولوي حبوب الله سولنگي، ويئل "شادي ديهي" لڳ راوت لغاري، جو پوءِ روهڙيءَ لڏي ويو؛ حافظ محمد عيسيٰ هوڪ، ساڪن ڳوٺ هوڪ، تعلقو دادو، ۽ ٻيا.

ان کان پوءِ مولانا مسجدي، حافظ عبدالله رضي نابينا وٽ پيري (تعلقو ميهڙ) ۾ صرف ۽ کجهه نحو پڙهيا. حافظ رضي اگرچ ظاهري بصارت کان معذور هو، مگر خدا جي فضل سان باطني بصارت سان معمور ۽ پر نور هو، ۽ ٿي پُرگو شاعر هو. هيٺيان بيت حافظ صاحب جا چيل آهن:

بحمد الله ابن ميمون سرقوم،
ز عبدالله رضي گرديد مختوم.
که باشد «واهڙ مرزا» موطن آن،
بلاشک و ريب، ذاتش «چانديه» دان.
شد از شهداد پُر* تحصيل علمش،
خدا بخشاد اورا عزّ حلمش.

ان کان پوءِ مولانا مسجدي، ميهڙ تعلقي ۾ منگسين جي پرسان ڳوٺ فيض محمد آگري ۾، مولانا محمد پريل آگري وٽ پڙهڻ ويو. اتي منطق ۽ کجهه فقه ۽ کجهه نحو پڙهيائين. مولانا محمد پريل جن وڏا فقيه ۽ نحو جا ماهر هئا، ان هوندي به مولانا مسجدي کانئن رخصت ٿي، وڌيڪ منطق ۽ معقولات وغيره جي تحصيل لاءِ مولانا ميرمحمد نورلنگيءَ جي خدمت ۾ تعلقي قنبر ۾ نورنگ ڳوٺ ۾ آيو، ۽ اتي باقي رهيل کتاب پڙهي پورا ڪري، اتيئي دستاربندي ڪيائين. ڳوٺ نورنگ واري زماني ۾، کجهه وقت منطق مولانا محمد اسماعيل ابڙن واري وٽ به پڙهيا. اتي "ميبذي" وغيره پڙهيائون.

تحصيل علم جي فراغت کان پوءِ پنهنجي ڳوٺ ۾ في سبيل الله متوکلا علي الله تعليم جو ڪم شروع ڪيائون. شب و روز درس تدريس ۾ مشغول رهيا. گهڻا ماڻهو سندن فيض جي سرچشمي مان سيراب ٿي ويا ـ خاص ڪري هيٺ ذڪر ڪيل ونائون دستاربند ٿيا:
(۱) مولانا حاجي الاهي بخش، مدرس ڳوٺ پانهو لاکير، تعلقو ميهڙ؛ (۲) مولانا محمد عالم سومرو، ويڙل پنيور، تعلقو ميهڙ؛ (۳) مولانا الاهي بخش بروهي، ساکن ملک نال؛ (۴) مولانا حبيب الله ٻيرزادو، ويڙل سيد جو ڳوٺ، تعلقو ميهڙ؛ (۵) مولانا عبدالرحمان تيوٽو، ساکن ڳوٺ ٻاگو، تعلقو ميهڙ؛ (۶) مولوي غلام حسين، خلف مولانا الاهي بخش، پانهي لاکير وارو؛ (۷) مولانا عبدالواحد منگسي، ويڙل ڳوٺ ساهڙ؛ (۸) مولانا محمد بروهي، ملک خراسان؛ (۹) مولوي محمد محسن تيوٽو، ڳوٺ مرزا جو واهه (ميهڙ)؛ ۽ (۱۰) مولانا نظام الدين بلوچ مرڙائي، ڳوٺ مرزا جو واهه.

تدريس سان گڏ مولانا صاحب جن تحرير ۽ فتوا نويسيءَ جو ڪم به ڪندا رهيا. سندن فتوائن جي حقانيت ڪري سنڌ ۾ سنڌ، ۽ بلوچستان ۽ خراسان کان به استفتائون ايندا هوندا هيون ـ انهيءَ ڪري مقبول عام ۽ خاص ٿيا. ڪوڙا ۽ پيچيدا مسئلا وٺي ايندا هئا، ته نور بصيرت

* انهيءَ «شهداد پُر» کي هاڻي «شهداد ڪوٽ» چوندا آهن.

۽ خداداد لياقت سان الهن جي عقده ڪشائي جلد ڪندا هئا؛ الهيءَ ڪري وڏين خانگاهن ۽ سردارن جي طرفان ميراث جي مسئلن لاءِ امين مقرر ڪيا ويندا هئا. سندن فتوا ۽ تحرير تي ايترو يقدر اعتماد هو، جو جيڪڏهن ڪنهن تحرير تي سندن تصديق نه هوندي هئي، تہ اُن تي پروسو نہ ڪيو ويندو هو: مطلب تہ پنهنجي آبا و اجداد جي پراڻي قضا جي منصب کي اوج ترقيءَ تي پهچايائون.

مولانا صاحب سڀني علمي فنون ۾ باڪمال ماهر هئا: بالخصوص ادب، منطق، حڪمت، فلسفي ۽ فقه ۾ ڪمال رکندا هئا؛ نثر ۽ نظم ۾ ماهر هئا؛ عربي، فارسي ۽ سنڌيءَ ۾ بيتڪلف پختا شعر چوندا هئا؛ پُرگو ۽ پختہ گو هئا. تنهي زبانن جي شعر جو نمونو عرض آهي:

لَقَدْ ضَاقَتْ عَلَيَّ الْاَرْضُ طُرًّا،
وَ اَهْلُ الْاَرْضِ مَا عَرَفُوا دَوَائِي.
فَدِ انْقَطَعَ الرَّجَاءُ فَقُلْتُ رَبِّي،
رَجَائِي اَنْتَ حَقَّقْ لِيْ رَجَائِي.

* * *

خوش قسمت آنکه شبلیءِ دوران بداو رسید، آري جيندِ وقت حسن جان من بود.
پيوسته باد رونق اسلام اي خدا، تا آسمان ست ماه درخشانِ من بود.
زين هرج و مرج بادمهون "مسجدي" کزان، مانندِ بيدِ لرزه بايمان من بود.

* * *

عمر منهنجي وئي هلي مون کوڻ کو توشو ڪيو، جن ڪمن کان جهل هئي تن کان نہ مون گوشو ڪيو.
سيڪنهن جي ٻار ۾ ليکيءَ سندو انبار آهي، ڪر نصيبيءَ کان ميسّر مون نہ هڪ خوشو ڪيو.
ڪاميابي "مسجدي" توکي اگر منظور آهي، وٺ روش ۽ راهِ تن جي، جن عمل توشو ڪيو.

۱۹۴۲ع ۾ ٿيڻ ٿي هئي، ان بنسبت ٻڌ سنڌيءَ ۾ هڪ بهترين نظم لکيو اٿن. کين تصوّف سان بہ گهڻي دلچسپي هُئي. تصوّف جا ڪتاب "احياء العلوم"، "فتوحات مڪيہ" وغيره، سدائين سندن مطالعي ۾ رهندا هئا. اڪثر اوقات سندن گفتگو جو موضوع تصوّف جون گاڙهيون هوندیون هيون. هڪ ناقص صوفيءَ سان ظاهري توجهہ جي تاثير ڪري (جنهن کي عام طرح ڪمال جي علامت سمجهي ويندي آهي) مُريديءَ جو تعلق پيدا ڪيائون، ۽ جيئن تہ هو بعضي فرضن ۾ قاصر هو، ڪانئس اهو تعلق ڇڏي ڇڏيائون.

مولانا مرحوم سياست ۾ ڪافي دلچسپي رکندا هئا. روزانہ اردو اخبار "مدينہ"، جا ان وقت هندوستان ۾ صحافت جي لحاظ نظر ڪان بلند درجو رکندي هئي، سا ڇاڙي ۽ تائين گهرائيندا رهيا. ٻي عظيم جنگ جي وقت، هٽلر شاهيءَ جي فحش ڪرتوت ڪري دنيا جي ملڪن ۾ جيڪا ردوبدل ٿيندي پئي رهي، ان کي ڄاڻڻ ۽ وقت ۽ حالتن جي جائزي وٺڻ خاطر سندن اوطاق ۾ ايشيا، يورپ ۽ دنيا جا نقشا ٽنگيل نظر ايندا هئا. هڪ دفعي،

پنهنجي عقيدتمند ماستر يارمحمد پنهور طرفان جنگ متعلق پڇ تي فرمايائون، "ابا، هي ظالم نازي دنيا مٿان وري پيهر غلاميءَ جو دور مڑهڻ ٿا چاهين - خدا کين شڪست ڏئي ۽ برباد ڪري!"

مولانا مرحوم، شاهه ولي الله محدث دهلويءَ کي پنهنجو روحاني امام تسليم ڪندا هئا، ۽ سندن طريقه فڪر جا پيرو هئا: فرمائيندا هئا ته "شاهه ولي الله جي فڪر پڙهڻ کان پوءِ قرآن ۽ حديث جي سمجهڻ ۾ ڪابه دقت نٿي ٿئي". پاڻ غريبن تي هروقت مهربان هوندا هئا. ڪو به ضرورتمند جڏهن وٽن ايندو هو، ته ان جي هرطرح مدد ڪندا هئا.

۱۹۳۸ع ۾ حج کان پو مشرف ٿيا. چوندا هئا ته "حج جي سفر ۾ مصري منهنجي ڏاڙهي چمندا هئا، ۽ چوندا هئا ته مصر ۾ فقط هڪ شيخ الاسلام ڪي ڏاڙهي آهي، پيا مولوي ته ڏاڙهيءَ جو بار گران ڪٽي نٿا سگهون". چيائون ته "مصر يا پين ملڪن جا چڱا مولوي به قصر نماز جي احڪامن کان پوريءَ طرح واقف نه هئا (اهي غير مقلد هئا)؛ مون انهن کي چيو ته فقه جو هڪ ڪتاب "قدوري" پڙهي ڇڏيو، ته هوڏي معمولي غلطي اوهان کان نه ٿيندي".

مولانا جن کي موروثي زرعي زمين ڪافي هئي، مگر شروعات ۾ ٻاڻيءَ جي قلت ڪري زمينون آباد ڪونه ٿيندڙ هيون، ته به صبر سان وقت گذارينداهئا. هڪ دفعي پنهنجي شاگرد، اسان جي استاد الاستاد مولانا الاهي بخش، ڏانهن انهيءَ قسم جو خط لکيائون، ان جي ٻڌاڙيءَ ۾ هي فقرو لکيائون: "فَلَا شكوىٰ فَاِنَّ خَيْرَ الزَّادِ التَّقْوىٰ"۔ (تنگدستيءَ جي ڪري شڪايت ڪرڻ نه گهرجي، جو ته بهترين توشو تقويٰ آهي). نيٺ انهيءَ تقويٰ جي برڪت ڪري، پوئين وقت، سندن زمينون بيراج جي نڪرن ڪري آباد ٿيون، ۽ سندن تنگي خوشحاليءَ ۾ بدلجي ويئي. پاڻ بالڪل سخي ۽ مهمان نواز هئا.

کين ٻه صاحبزادا ٿيا - ميان محمد شافع، ۽ ميان ولي محمد. پويون صاحبزاده گذاري ويو، باقي ٻهريون ميان محمد شافع سندن نقش قدم تي هليو آهي. شل خدا کيس وڌيڪ توفيق ڏئي ته عربي مدرسو قائم ڪري ۽ ان جي خدمت ڪري!

مولانا صاحب جن ۱۳ رمضان مبارڪ ۱۳۶۴ھ ۾ وفات ڪئي. اهو ٻوڏ جو زمانو هو، جنهن ۾ زمين وارن تي آسمان جا دروازا کليل هئا: جاڃا هرطرف موج در موج هئي، بحرن کي ٻُحران هو، طوفان کان طغيان هو: اوچتو موت جو سڏ ٿيو، جنهن تي مولانا صاحب جن جان جانان کي سُپاري - انا لله و انا اليه راجعون. سندن آخرين آرامگاهه مسجد جو ڏاکڻيو طرف آهي - شل مٿن رحمت جا مينهن سدائين وسندا رهن، ۽ سندن پوين کي علم ۽ عمل جو ورثو عطا ٿيندو رهي! وفات وقت مولانا صاحب جن جي عمر عزيز سٺ ۽ ستر جي وچ ۾ هئي. مولوي دين محمد صاحب "اديب" سندن وفات تي هيٺيون قطعه تاريخ چيو:

مولوي معنوي مسجدي، رفت از دنيای دون سوي خدا:
صاحبِ علم و عمل پرهيزگار، حق پرست و حق نيوش و پارسا؛
در فنِ تدريس و تحرير او فريد، شاعرِ شيرين مقال و خوش لقا؛
صاحبِ سحرِ حلال و باڪمال، صاحبِ صدق و صفاؤ بي ريا؛
بست در رمضان بروزِ سيزده، رختِ رحلت بهرِ ديدارِ خدا.
بخشش انعام اي خداي ذوالڪرم، از طفيلِ سرورِ هر دوسرا.
آرزو دارد "اديب" از لطفِ حق، "باد در محشر شفيعم مصطفيٰ"

مولانا محمد سلیمان واعظ مرحوم

مولوي محمد سليمان صاحب جي ولادت ڳوٺ ٽرڙي محبت تعلقي ميهڙ ۾ ٿي. مولوي صاحب پنهنجي ڳوٺ جي هڪ بزرگ مولانا حافظ محمد صادق وٽ تعليم حاصل ڪئي. ان بعد، رتيديري ۾ مولانا مولوي عبدالله صاحب جن وٽ به پڙهڻ لاءِ ويا. تعليم و تدريس ختم ڪرڻ بعد، هاڻ ميهڙ جي پرسان ٽيهن زميندارن کي پڙهايو. پچاڙيءَ واري عمر ۾ ٽرڙي جي پرسان "جهتيالن" جي ڳوٺ ۾ ڪيترائي سال تعليم ڏنائون. اتي سندن خدمت، حڪيم محمد موسيٰ جو واله ميان فتح محمد صاحب ڪندو هو.

مولانا صاحب پنهنجي وقت ۾ وعظ جي فن ۾ يڪتا هئا. هاڻ هميشه بلند آواز ۽ خوش الحانيءَ سان وعظ ڪندا هئا. سندن وعظ ۾ ڏاڍي ڪشش هوندي هئي. آسپاس جا ماڻهو ججهي انداز ۾ سندن واعظ ٻڌڻ لاءِ ايندا هئا، ۽ سندن وعظ جو اثر عوام تي تمام گهرو ٿيندو هو. ساڳيءَ طرح سان، خواص به سندن انداز بيان کان بيحد متاثر ٿيندا هئا: مطلب ته مولانا صاحب وقت جو لائق ۽ پُراثر خطيب هو. رحلت کان پوءِ اڄ تائين ڪنهن به خطيب يا واعظ سندس جاءِ نه پري آهي.

مولانا صاحب چوندا هئا ته ڪين چار پنج سؤ حديثون ڇڪيءَ طرح ياد آهن. منجهن تمام گهڻو اخلاص هو. وڏن ماڻهن جا خانداني جهيڑا ۽ ضد، جي ڪيتري ئي عرصي کان هلندا ايندا هئا، سي هن بزرگ پنهنجي خداداد قابليت سان لاهي ڇڏيا، ۽ سيني کي پرچائي سرچائي ڪير-ڪنڊ ڪري ڇڏيندو هو.

مولانا صاحب جن شب برات سن ۱۳۶۷ھ ۾ وفات ڪئي. چون ٿا ته ڪن وفات جي اڳي ئي ڄاڻ هئي ۽ قبرستان ۾ پنهنجي قبر لاءِ جاءِ ڏيکاري آيو. سندن رحلت به هوش ۽ حواس جي حالت ۾ ٿي.

مولوي دين محمد "وفائي" مون کي چيو ته "مولانا محمد سليمان جي وفات جو قطعه تاريخ لک"؛ جنهن تي مون چيومانس ته "مون پنهنجي بزرگن جائي قطعا نه لکيا آهن، سو پين لاءِ ڪيئن لکان؟" ان تي مولوي صاحب جن چيو ته "جنهن مولانا جي وعظ سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ هزار ماڻهو بارگاهه الاهي ۾ گناهن کان توبهه تائب ٿيا آهن، اهڙي شخص لاءِ قطعو ضرور لکڻ گهرجي". مولوي "وفائي" صاحب جي اخلاص جي برڪت سان هيٺ ذڪر ڪيل قطعه تاريخ ڇڪيرو لکجي ويو.

قطعه تاریخ وفات

مائیر جهان جهان پریشان، از رحلت حضرت سلیمان.
ای ذات تو بود فیض گستر، فیّاض بپیء عیال یزدان؛
موقوف پیء صلاح إنسان، مشغوف پیء فلاح انسان؛
از لطف لطائف تو خلقی، خندان شده گاه و گاه گریان؛
گشتی ز تو خلق در یکی وقت، خندان چوگل و چوابر گریان؛
از وعظ بلیغ تو زن و مرد، در راه حق اند چست پویان؛
از یمن مواعظ تو لاریب، راجع بحق اند صد هزاران؛
همپایهٔ تو ندید دیده، در طرز بلیغ خوش بیانان؛
کرده لقب تو «واعظ دین»، مخصوص برای تو مسلمان؛
مسحور و اسیر هم نمودی، با سحر حلال نفس و شیطان.
ای وعظ تو خاتم سلیمان، شد دیو و پری مطیع فرمان؛
قتّالیء تو حریف کرده، بی نیل مرام مانند حیران؛
در نقل تو جهد کرد واعظ، از عجز شده ندبر حرمان؛
در نقل کمر ببست ناصح، در گل چو حمار در بماندآن؛
در صلح اصاغر و اکابر، حق داد مهارتت فراوان؛
دلهای بغیض ز اهتمامت، گردیده حمیم و مثل اخوان؛
تو دانشمند و هم خردمند، دانش بخرد چو مهر تابان؛
جذّاب جهان بحسن دلکش، لبخچیر اداي تو عقیلان؛
ای مرگ تو گشت مرگ عالم، این رمز بداند اهل عرفان؛
هرخرد و کلان ست ماتم آرا، صف بسته بشهر و در بیابان؛
هان یاد ترا مدام دارد، نسلاً مین بعد نسل انسان؛
در لیل برات انتقالت، فال است برای فضل رحمان؛
پر نور خدا کناد گورت، در خلد برین کناد مهمان!
بخشاد حقت نجات کلّی، از برکت شافع ائیمان!

در فکر "ادیب" ماه آمد،
از بهر سنت ـ "بخلد رفت آن".

۱۳۶۷ هـ

سرحوم سولانا دين محمد "وفائي"*


سنڌ جي سر زمين ڪنهنجي تاريخ جي مختلف دورن ۾ اهڙن بزرگ، محب وطن ۽ انسان دوست شخصيتن کي پئي جنم ڏنو آهي، جن جي پرخلوص ۽ بي انتها کوشش سبب سنڌ جو نالو هميشه روشن ٿيندو رهيو آهي. انهن شخصيتن نه فقط سنڌ جي مخصوص تهذيب ۽ تمدن کي قائم رکيو، ڀلڪ انساني تهذيب جي ارتقا جو خنده پيشانيءَ سان آڏر ياڻ ڪندي، سنڌ ۽ سنڌين کي به دنيا جي انهن سڌريل ملڪن جي درجي تي پهچائڻ جون الڻ کوششون ڪيون، جن جي ڪري آهي عزت ۽ وقعت جي نگاهه سان ڏسجڻ لڳا.

جيتوڻيڪ سنڌ جو هر دور ڪنهن نه ڪنهن مذهبي، تهذيبي ۽ علمي اهميت جو حامل آهي، ليڪن ويهين صديءَ وارو دور سنڌ جي تاريخ ۾ هڪ اهڙي اهميت رکي ٿو، جنهن جو مثال ملڻ مشڪل آهي. نه فقط سنڌ ۾، ڀلڪ سموريءَ دنيا ۾ هيءُ دور هڪ اهڙي حيثيت رکي ٿو، جنهن جي شروع ٿيڻ تي دنيا پرائيون راهون طي ڪري هڪ نئين منزل جي راهه تي قدم رکي ٿي. هن دور ۾ وڏا وڏا انقلاب ٿيا؛ شهنشاهيت جي قصرن جا ڪنگرا ڪري اڇي پٽ پيا؛ علم و ادب ۾ نون نون نظرين ۽ اصولن کي قبول ڪيو ويو؛ سائنس جي گوناگون ايجادن ۽ ڪوجهائن انسان جي روزانه زندگيءَ ۾ اهڙا ته اثر پيدا ڪيا، جن جو نتيجو زندگيءَ جي هر هڪ شعبي ۾ ظاهر ٿيڻ لڳو. جئن ته سنڌ ۾ انگريزن جو اقتدار هو، تنهنڪري هتي به انهن نون اصولن ۽ نظرين جو تيزيءَ سان چرچو ٿيڻ لڳو، جن جي ڪري دنيا جي مهذب ملڪن ۾ اڳي ئي ڌرتلو برپا هو؛ ويهين صديءَ جي شروع ۾ سنڌ کي هڪ ئي وقت اهڙين ديني، علمي، ادبي، سياسي، معاشرتي ۽ اصلاحي تحريڪن مان گذرڻو پيو، جن جو مثال گذريل تاريخ ۾ ملي نٿو سگهي. انهن هم گير تحريڪن سنڌ ۽ سنڌين تي آهي نقش ڇڏيا آهن، جيڪي اڄ اسان ڪان لڪل ڪين آهن، ليڪن انهن عالمگير تحريڪن جي پليان جن بزرگ ۽ مخلص شخصن ڪم پئي ڪيو، سي جيڪڏهن نه هجن ها ته سنڌ انهن ڪاميابين کي ڪڏهن به حاصل نه ڪري سگهي ها، جيڪي هن وقت ڪيس حاصل آهن.

مولانا دين محمد "وفائي" به سنڌ جي اهڙين ئي اعليٰ شخصيتن مان هڪ هو، جن جي بخشيل برڪتن تي جيترو به ناز ڪجي اوترو گهٽ آهي. مرحوم "الوحيد" اخبار ۽ ماهوار

---

* علامه "وفائي" مرحوم جي سوانح عمريءَ جو مواد، مولانا جي خود نوشت سوانح عمريءَ ۽ سرشار جي مضمون تان ورتل آهي. — مرتب



مولانا دين محمد وفائي

"توحيد" رسالي جو هر هڪ پرچو مولانا جي قومي خدمت ۽ تبحر علمي جو بهترين مثال آهي. انهيءَ اخبار ۽ رسالي جي ذريعي مولانا صاحب سنڌ جي ديني، علمي، تهذيبي ۽ سياسي فلاح و بهبود بابت هر هڪ سڌاري ۽ هر هڪ عملي قدم کان سنڌ جي ڇڇي ڇڇي کي واقف ۽ سجاڳ ڪرڻ جي لاءِ جيڪا انٿڪ کوشش ڪئي آهي، انهيءَ کي ڏسي سندس حب الوطني ۽ علمي بزرگيءَ جو ڏاکو دل تي جمي وڃي ٿو. مولانا جو "الوحيد" اخبار سان ٽيويهن سالن تائين رشتو قائم رهيو، ۽ انهن ٽيويهن سالن ۾ مولانا جيترو مواد علمي توڙي ادبي، سياسي توڙي ملڪي حالتن تي پيش ڪيو، انهيءَ کي جيڪڏهن گڏ ڪري هڪ هنڌ ڪجي، تہ هوند جلدن جا جلد ٿهي پون. ائين نہ سمجهڻ گهرجي تہ مولانا پنهنجي زندگيءَ جو سمورو عرصو "الوحيد" جي ميز تي ويهي گذاريو، بلڪ سندس سڄي حياتي سنڌ ۽ سنڌين جي سڌاري ۽ بهبوديءَ جي تحريڪن ۽ جدوجهد جي نذر ٿي ويئي. سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ جتي بہ ڪا اهڙي خالص ديني، علمي ۽ اصلاحي تحريڪ شروع ٿيندي هئي، تہ مولانا پنهنجون خدمتون ان جي حوالي ڪندا هتا، ۽ سواءِ ڪنهن پس و پيش جي ڏاڍي دلچسپي ۽ سڃائيءَ سان پنهنجي فرض ادائي ڪندا رهندا هتا.

مولانا دين محمد "وفائي" جي ولادت، تاريخ ۲۷ رمضان المبارڪ سن ۱۳۱۱ هـ ۾، سندس اباڻي ڳوٺ ڪٽي عرف نبي آباد تعلقي ڳڙهي ياسين ۾ ٿي. سندس والد جو نالو خليفو حڪيم گل محمد هو، ۽ پاڻ ذات جو پٽي هو. مولانا جي اوائلي تعليم سندس والد صاحب جي نظر هيٺ ٿي، جتي "پندنامہ عطار" تائين فارسيءَ ۾ تعليم حاصل ڪيائين. اڃا لوڻ ورهين جي ڄمار ۾ هئس تہ پيءُ جو سايو سر تان کڄي ويو، ۽ سندس پرورش جو سمورو بار سندس مادر مهربان جي ڪلهن تي پيو. اهڙيءَ حالت ۾ مولانا پنهنجي علمي سلسلي کي ختم ڪرڻ نہ ڏنو، ۽ فارسيءَ جي رهيل تعليم پنهنجي عزيز ميانجي محمد عالم وٽ رهي پوري ڪيائين. ان بعد، عربيءَ جي تحصيل واسطي حضرت مولانا ابوالفيض غلام عمر صاحب جتوئيءَ جي شاگردي قبول ڪيائين. مولانا ابوالفيض پنهنجي ڳوٺ سوني جتوئي تعلقي لاڑڪاڻي ۾ رهندو هو، جنهنڪري مولانا دين محمد ٻڌي، سال ۱۳۲۵ کان ۱۳۳۰ هجريءَ تائين، اتي رهي، پنجن سالن جي عرصي ۾، عربيءَ جي سيني ڪتابن، منطق ڪبريٰ جي رسالن ۽ ملاجلال ۽ ميرزا زاهد جي تصنيفات کي پڙهي، تحصيل علم کان فراغت حاصل ڪئي. ان وقت مولانا جي ڄمار اوڻيهہ سال هئي، ۽ انهيءَ دوران ۾ سندس شادي سکر جي عزيزن مان ٿي، پر افسوس جو هڪ سال کان پوءِ مولانا جي گهر واريءَ وفات ڪئي. عربيءَ جي تعليم ختم ڪرڻ بعد، مولانا ابوالفيض کيس ڪراچيءَ جي سنڌ مدرسي ۾ تعليم ڏيڻ لاءِ مشورو ڏنو، ۽ مولانا حڪم جي تعميل ڪري سنڌ مدرسي ڪراچيءَ ۾ آيا، جتي ٻن سالن تائين تعليم ڏيندا رهيا. انهيءَ وچ ۾ مولانا جي ملاقات مخدوم حاجي حسن الله پاڻائي رحمة الله عليه سان ٿي، جنهن جي صحبت مان مولانا کي بيحد فيض حاصل ٿيو. انهيءَ وچ ۾ مولانا جي علمي بزرگيءَ

جو چرچو سڄيءَ سنڌ ۾ ٻڪڑجي ويو، جنهن کان متاثر ٿي، سن ۱۳۳۲ھ مطابق ۱۹۱۴ع ۾، مولانا کي ڪراچي ڇڏي، جيلاني پير جي صاحبزادن کي تعليم ڏيڻ لاءِ، راڄپور وڃي رهڻو پيو. ۱۹۱۶ع ۾ اهو اتفاق ٿيو جو مولانا کي مجبوراً راڄپور کي ڇڏڻو پيو. راڄپور ۾ رهائش جي دوران ۾ مولوي صاحب جي سکر مان ٻي شادي ٿي، جنهن مان ڪيس اولاد پيدا ٿيو. راڄپور کي ڇڏڻ کان پوءِ مولانا ستت ئي ٽلاهه شريف ڏانهن روانو ٿيو، جتي ڪيس پير سيد حاجي امام الدين شاهه راشديءَ جي فرزندن کي تعليم ڏيڻ جا فرائض سپرد ڪيا ويا هئا. مولوي صاحب جي هتي رهائش وارو زمانو ۽ بزرگ ۽ علمي شخصيتن جي صحبت فيض اثر ۾ گذريو. انهن بزرگن ۾، قدوة العارفين حضرت پيرسيد محمد رشدالله رحمت الله عليه صاحب العلم (جهنڊي وارو) جو نالو گرامي قابل ذڪر آهي.

هي زمانو دنيا جي افراتفريءَ جو زمانو هو. انهيءَ وقت پهرين مهاياري لڙائي اوج تي هئي، جنهن جي ڪري دنيا جو هر هڪ ماڻهو حيران ۽ پريشان هو. سنڌ جي حالت ۽ ڪا ڇگي ڪاڻ هئي، ۽ جنگ جي تباهين کان الٻت بچاءَ هو؛ ليڪن سياسي ناانصافيءَ جي ڪري جيڪو مواد اندر ئي اندر جمع ٿي رهيو هو، سو جنگ ختم ٿيڻ کان پوءِ هڪدم ڦاٽي پيو. هن سلسلي ۾ جيڪا تحريڪ سڀني کان اڳري هئي، سا هئي "تحريڪ خلافت". جئن ته هن تحريڪ جو تعلق خاص طرح مسلمانن جي سياسي آزاديءَ سان هو، تنهنڪري تحريڪ جي شروع ٿيندي ئي مولانا ٽلاهه شريف کي الوداع چئي تحريڪ ۾ شامل ٿي ويو. انهيءَ تحريڪ کي دٻائڻ جي لاءِ انگريز سرڪار هر ممڪن ڪوشش ڪئي، جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو هڪ انگريز-دوست مسلي، مولوي فيض الڪريم، ترڪيءَ جي خلافت جي برخلاف حجاز جي شريف حسين جي فائدي ۾ هڪ رسالو لکيو، جنهن جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪرائي، ڪن اسلام-دشمن ماڻهن جي اونهين چالاڪين سان، سنڌ جي ڪيترن ئي علمائن ۽ سجاده نشين کان انهيءَ تي صحيون وٺي، هزارن جي تعداد ۾ ڇپائي، عوام تائين پهچايو ويو، جئن ترڪيءَ جي حڪومت سان ماڻهن جي وڻندڙ همدردي ختم ٿئي ۽ انگريزن جي طرفدار شريف حسين جو پاڻ ئي سگهي. انهيءَ رسالي جي ڇپجڻ سبب سنڌ ۾ تحريڪ کي نقصان پهچڻ جو سخت انديشو هو، ليڪن مولانا انهيءَ گاله کي هڪدم محسوس ڪيو، ۽ مولانا شيخ عبدالعزيز (مالڪ اخبار "الحق"، سکر) سان گڏجي، رسالي جي برخلاف سخت پروپئگنڈا جو ڪر شروع ڪيو. ساڳئي وقت، امروٽ شريف ۾ قدوت السالڪين حضرت مولانا سيد تاج محمود رحمة الله عليه جي نظرداريءَ هيٺ، انهيءَ رسالي "تحقيق الخلافة" جي رد ۾ "اظهار الڪرامت" نالي رسالو لکي تيار ڪيائين، جيڪو مارچ ۱۹۲۰ع ۾ لاڙڪاڻي جي خلافت ڪانفرنس جي موقعي تي ڇپائي تقسيم ڪيو ويو. انهيءَ ڪانفرنس ۾ مولانا ابوالڪلام "آزاد"، مولانا عبدالباري مرحوم لکنوي ۽ مولانا شوڪت علي شريڪ ٿيا هئا. جلدئي مولانا کي جميعت العلماء سنڌ جو ناظم مقرر ڪيو ويو، جنهنڪري هاڻ هميشه لاءِ ڪراچيءَ ۾ رهائش اختيار ڪيائون.

کراچيءَ ۾ رهائش وارو مولانا جي زندگيءَ جو خصو خاصي اهميت رکي ٿو- خاص ڪري سنڌي صحافت، صحيح معنيٰ ۾ انهيءَ دور ۾ ئي وجود ۾ آئي. ان وقت نه رڳي سنڌي اخبارون ۽ رسالا گهڻي تعداد ۾ ۽ اعليٰ معيار جا هنا، ۽ نه وري ماڻهن کي صحافت سان دلچسپي هئي-حتاڪ پڙهيل طبقي جو به- انهيءَ ڏانهن ڪو خاص ڌيان ڪونه هو. اهوئي دور هو، جڏهن مولانا صاحب سنڌي صحافت کي سنوارڻ جو ڪم پنهنجي سر کنيو. هونئن ته طالب العلميءَ جي زماني کان وٺي ئي مولانا جي صحافت سان دلچسپي هئي، پر انهيءَ دلچسپيءَ کي عملي صورت ۾ آڻڻ جو ڪارڻ-بقول مولانا صاحب-مولوي عبدالله صاحب ميرپوري (جهنڊائي) ئي هو. ٻئي طرف وري شيخ عبدالعزيز محمد سليمان، مالڪ اخبار "الحق" سکر، جي همت افزائيءَ مولانا صاحب کي مضمونن لکڻ جي مشق تي آماده ڪيو. راڻيپور واري زماني ۾ قاديانين جي رد ۾ هڪ رسالو "صحيفهء قادريه" جي نالي سان شائع ٿيو؛ ۽ للاهه جي رهائش واري دور ۾، پيرسيد عبدالغفار شاهه راشديءَ جي سرپرستيءَ هيٺ "الڪاشف" ماهوار رسالو وجود ۾ آيو. هنن پنهين رسالن ۾ مولانا صاحب پوري دلچسپيءَ ۽ تندهيءَ سان ڪم ڪيو. مارچ سن ۱۹۲۰ع ۾ ڪراچيءَ مان روزانه "الوحيد" جو اجراء ٿيو، تڏهن مولانا کي اخبار جو معاون مدير مقرر ڪيو ويو. سال ۱۹۲۳ع ۾ مولانا صاحب پنهنجي ادارت هيٺ "توحيد" رسالو جاري ڪيو. انهيءَ زماني ۾ مولانا صاحب جي مصروفيت جو هي عالم هوندو هو، جو هڪ طرف "الوحيد" کي مڪمل ڪرڻ لاءِ سلپ ٻئيان سلپ پيو موڪليندو هو، ته ٻئي طرف وري ماهوار "توحيد" جي لاءِ علمي ادبي ۽ ديني مباحثا ۽ تاريخي مضمون به پيو قلمبند ڪندو هو. ساڳئي وقت وري بزرگن ۽ عالمن جي ڪچهري جدا ٻئي هلندي هئي، جنهن ۾ ديني، ادبي ۽ سياسي مسئلن تي زبردست بحث مباحثا ٿيندا هنا. جلدئي سن ۱۹۳۶ع ۾ سنڌ، بمبئي پرڳڻي کان جدا ٿي، علحدي صوبي جي صورت اختيار ڪئي. انهيءَ مبارڪ موقعي تي، "الوحيد" اخبار پنهنجو هڪ خاص نمبر ڪڍرو ڪيو، جنهن ۾ سنڌ جي گذريل تاريخ، تهذيب ۽ علم و ادب تي بهترين شهپارا شامل ڪيل هنا. سنڌ جي صحافت ۾ هن وقت تائين "الوحيد" جو "سنڌ-آزاد نمبر" هڪ زبردست اهميت جو حامل آهي، ۽ اڃ جهڙو مثال سنڌ جي سموريءَ صحافت ۾ هرگز هرگز ملي نه سگهندو. انهيءَ نمبر ۾ سنڌ جي تاريخ، علم ادب ۽ سنڌي بزرگن ۽ عالمن ۽ سنڌي معاشري جي هرحصي تي گوناگون مضمون ۽ مقالا موجود آهن، جيڪي گهڻي انداز ۾ مولانا صاحب جي قلم جا مرهون منت آهن. انهيءَ دوران ۾ مولانا صاحب کي سن ۱۹۲۶ ۾ سنجوگي شيخن ۾ تبليغي ڪم جي سلسلي ۾ هڪ سال لاءِ ڪراچيءَ کان باهر رهڻو پيو، جنهنڪري ماهوار رسالو "توحيد" بند ٿي ويو. سن ۱۹۲۷ع ۾ مولانا صاحب مرحوم، پيرسيد حزب الله شاهه عرف جيئل شاهه شهيد جي سرپرستيءَ هيٺ، سکر مان هفتيوار اخبار "الحزب" جاري ڪئي-هي اها گهڻو وقت

هلي نہ سگهي، ۽ ست ئي مولانا صاحب کي "الوحيد" اخبار ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ واپس گهرايو ويو.

سن ۱۹۳۴ع ۾ مولانا صاحب ماهوار "توحيد" رسالو وري نئين سر جاري ڪيو، جيڪو سندن حياتيءَ جي آخرين گهڙين تائين برابر ظاهر ٿيندو رهيو. سن ۱۹۳۹ع ۾ مولانا عبيدالله سنڌي صاحب سنڌ ۾ واپس موٽي آيو، ۽ سنڌ ۾ به عبدالٰهي تحريڪ شروع ڪيائين. مولانا صاحب انهيءَ تحريڪ جو هڪ سرگرم ڪارڪن ٿي رهيو-ايتريقدر جو، سال ۱۹۴۳ع ۾، تحريڪ سان والهاڻ محبت هڻڻ سبب ڪپس "الوحيد" سان لاڳيتن ٽيويهن سالن جي پرڻن رشتن کي به ٽوڙڻو پيو. "الوحيد" کان علحده ٿي، مولانا صاحب، مرحوم الله بخش سومري جي جاري ڪيل روزاني اخبار "آزاد" جي اداري ۾ شريڪ ٿيو.

مولانا صاحب پنهنجي حياتيءَ جي انهيءَ عرصي ۾، اخباري زندگيءَ ۾ سخت مصروف رهڻ کان پوءِ به، ڪيترائي ڪتاب مذهبي، علمي ۽ ادبي تصنيف ڪيا، جن ۾ هيٺيان ڪتاب قابل قدر آهن: ۱- تاريخ محمد مصطفيٰ، ۲- صديق اڪبر، ۳- فاروق اعظم، ۴- سيرت عثمان، ۵- حيدر ڪرار، ۶- خاتون جنت، ۷- غوث اعظم، ۸- نو مسلم هندو راڻيون، ۹- راحت الروح تذڪره مخدوم نوح هالائي، ۱۰- توحيد اسلام ترجمه تقوية الايمان، ۱۱- اعتقاد صحيح (مذهب اهل حديث)، ۱۲- مقصد زندگي (فلسفهء علم نفس)، ۱۳- الختر علي فهم الخصم (رد نادياني)، ۱۴- لا جواب تحرير، ۱۵- قرآني صداقت، ۱۶- هندو ڏرم ۽ قرباني (رد آريه و هنود)، ۱۷- الهام الباري ترجمه تجريد البخاري، پنج جلد، ۱۸- ترجمه فتوح الغيب (تصوف-نامڪمل)، ۱۹- تذڪره مشاهير سنڌ، (نامڪمل)، ۲۰- اظهار الڪرامة في مسئلة الخلافة و الامامة (اسلامي سياست)، ۲۱- اذڪار حسين (رد شيعه).

مٿين ڪتابن مان گهڻا ڪتاب ڇپيل آهن، جيڪي نايابه ٿي ويا آهن. انهن کان سواءِ گهڻا ئي ڪتاب اڃا مسودن جي صورت ۾ هئا، جن مان گهڻو تعداد ضايع ٿي ويو. مولانا صاحب جي سڀ کان اهم تصنيف "تذڪره مشاهير سنڌ" آهي، جنهن ۾ سنڌ جي اعليٰ ۽ مقتدر شخصيتن جي زندگيءَ جو احوال هڪ هنڌ جمع ڪيل آهي. هيءُ ڪتاب، مسودي جي صورت ۾، سال ۱۹۴۴ع ۾ چورائجي ويو. مولانا صاحب کي انهيءَ تصنيف جي ضايع ٿيڻ جو سخت صدمو پهتو، ليڪن مولانا صاحب جنوري ۱۹۴۵ع ۾ انهيءَ ڪتاب کي وري نئين سر لکڻ شروع ڪيو، جنهن ۾ ۱۹۴۶ع تائين اوائل اسلام کان وٺي سنڌ جي ڏيڍسؤ بزرگن، صوفين، عالمن ۽ شاعرن جا احوال جمع ڪيا هئائين. انهيءَ کان سواءِ اڃا به ٽن سون کان وڌيڪ سنڌي بزرگن جا حالات منتشر حالات ۾ وٺس موجود هئا، جن کي هٿ ڪرڻ لاءِ مولانا صاحب سنڌ جي ڪيترن ئي تديم ڪتبخانن جي خاڪ چاڻي هئي. هنن ڪتابن کان سواءِ، مولانا صاحب جا اهي بيشمار علمي ۽ تحقيقي متفرق مقالات وغيره علحده آهن، جيڪي ماهوار "توحيد" جي ويهن سالن جي پرچن ۾ پکڙيا پيا آهن. مولانا صاحب فارسي ۽ عربيءَ جو جيد عالم، ۽

سنڌي ٻوليءَ جو ماهر هو. سندس سنڌي لکڻيءَ جي هڪ خاص خوبي هيءَ آهي، جو هر ڏهيل توڙي اڻڏهيل ان مان هڪجيترو فائدو وٺي ٿو سگهي. فارسيءَ ۽ عربيءَ جا اکر به اهڙيءَ طرح تہ استعمال کيا اٿس، جو سنڌيءَ جي سونهن ويتر وڌي ويئي آهي. مولانا صاحب لٽريچريءَ سان گڏ شاعريءَ جو به هڪ ٿهٽو مذاق رکندو هو. سندس تخلص "وفائي" هو. اوائلي دور ۾ ڪجهہ شعر و شاعري به ڪيائون. سندس پهريون شعر ڪراچيءَ مان نڪرندڙ قديم سنڌي ماهوار رسالي "الاسلام" ۾، ۱۹۱۳ع ۾، شائع ٿيو. "امداد يتيمان" جي عنوان سان نظم به مولانا صاحب جي تصنيف آهي. اخباري ۽ قومي مصروفيت سبب، شاعريءَ جو شغل گهٽو وقت رهي ڪ سگهيو؛ انهيءَ هوندي به جيڪا شاعري ڪئي اٿن، ان ۾ گهڻي قدر قومي رنگ موجود آهي. البت، رسالي "توحيد" ۾ جابجا تاريخي قطعات نظر اچن ٿا، جيڪي مولانا صاحب پنهنجي دوستن ۽ عزيزن جي وفات تي قلمبند ڪيا هٿا. مولانا صاحب جي آخرين تصنيف "لطف اللطيف" آهي. اهو ڪتاب مولانا صاحب پنهنجي وفات کان اڳ، ٿن مهينن جي مختصر عرصي ۾ ـ ماهہ سپٽمبر کان نومبر ۱۹۴۹ع تائين ـ لکي ختم ڪيو، ۽ سندس حياتيءَ ۾ ئي ڇپجڻ شروع ٿي ويو؛ ليڪن ڪتاب جي مڪمل ڇپجڻ کان اڳي ئي مولانا صاحب وفات ڪري ويو.

سن ۱۹۴۲ع ۾، سنڌ سرڪار سنڌي ادب جي سڌاري ۽ وڌاري لاءِ هڪ "سنڌي مرڪزي بورڊ" قائم ڪيو، جنهن سنڌي لغت ٺاهڻ لاءِ هڪ رٿ پيش ڪئي. انهيءَ رٿ کي پايہ تڪميل تي پهچائڻ لاءِ، جن ميمبرن جي هڪ لغت-ڪميٽي ٺاهي ويئي: انهيءَ ڪميٽيءَ جو هڪ ميمبر مولانا صاحب به هو. ايتري ۾ پاڪستان وجود ۾ آيو، ۽ سنڌ سرڪار اسڪولي سنڌي ڪتابن کي نئين سر جوڙڻ لاءِ جنوري ۱۹۴۹ع ۾ هڪ ڪميٽي ٺاهي، جنهن ۾ پڻ مولانا صاحب کي شامل ڪيو ويو. هن ڪميٽيءَ کي حيدرآباد ۾ رهي ڪم ڪرڻو هو، پر حيدرآباد ۾ پهچڻ کان پوءِ مولانا ڊبل نمونيا ۾ مبتلا ٿي پيو ۽ ڪميٽيءَ ۾ شريڪ ٿي نہ سگهيو. مولانا صاحب کي گهڻي عرصي تائين هيءَ بيماري هلي، پر انهيءَ مان به آٿي ڪڙو ٿيو ـ ليڪن اچانڪ ڪيس سندس دل گهرئي دوست رئيس حاجي علي محمد خان مريءَ جي اوچتي وفات جو اطلاع پهتو، جنهن جي صدمي مولانا صاحب جي صحت کي وري سڌرڻ نہ ڏنو، ۽ آخر ۲۲ جمادي الاخر ۱۳۶۹ھ، برابر ۱۸ اپريل ۱۹۵۰ع، اڳاري رات، هن دارفاني مان دارالبقا ڏانهن لاڏاڻو ڪيائين ـ انا لله و انا إليه راجعون.

قطعہ تاريخ وفات

(از دين محمد "اديب" فيروزشاهي)

اڄ هاءِ لڏي ويو "وفائي"، سنڌيءَ جي سنڌ، اديبِ دوران!
اي هاءِ، حبيب ٿي جدا ويو، دنيا مان ويو ـ ويو وڃڻ ڪان!
دل چُور هئي اڳي غمن کان، زخمن تي لڳو هي زهري پکان.
موٽي نہ وري، وڃي هتان جو، ٿي ان جو ملڻ مرڻ پچائسان.

دنياي ادب ۾ حادثو آهي،
نااهل جبر آهي نقصان.

اڄ ڪير ڪري ادب جي خدمت،
هي باغ ٿيو ادب جو ويران!

مشاطه عروس فڪر ماهر،
هو سحر نگار سنڊي سبحان؛

منجهه نثر انهيءَ جو پايو عالي،
همپايه نه ان جو ڪو نمايان؛

تاريخ نويس، علم-جويا،
ان نڪتي سموهيا پريشان؛

تازي و دري ۾ درفشان هو،
هو درِ ادب جو بحر عمّان؛

هي باغِ ادب جو باغبان هو،
هو باغِ سخن جو ابرِ نيسان؛

ان شاهه لطيف جو لکيو حال،
ان ڪار ڪي شاهڪار چاڻان؛

جرات سان چيائين حق جو ڪلمو،
جرات تي سندس، جريءَ حيران؛

منجهه وقت "خلافت" جي ڪئي جنگ،
ان جنگ جي لاءِ مرد ميدان؛

پروا نه ڪيائين جيل جي ڪا،
پرواهه جان باهه ۾ وڌئين جان؛

هن، طرز تي پالهنجي ڪيو ڪم،
ورچيو نڪڻهن هو پنهنجي ڪرڪان؛

هو محڪم عزم، عالي همت،
مٽ ان جو هجي ڪو ورلي انسان.

مردن جو هو ڪال اڳ گهٽوئي،
هيڪاري وڏيو سندس وڃڻ ڪان؛

اميدون هيون منجهس گهڻيئي،
سڀ خاڪ ٿيون-درياغ، ارمان!

ساتم ٿيو محفلِ ادب ۾،
ساتمڪده آهه بزمِ عرفان.

بيگاني يگاني ڪي سندس غم،
ان درد ڪان اهلِ ذوق لرزان.

دلِ ديده رڻن، جگر ٿيو داغ،
هن سوز ڪان صاف سينو سوزان.

مشرب ۾ عميق فرق هوندي،
ٿيا دل جا وسيع، تنگ غم ڪان.

بخشيس قصور پاجهه وارو،
بخشيس قصور، حور غلمان؛

ڪر لطف جو ڇاڇو قائم ان تي،
ليت ان تي وساءِ ابر احسان؛

آغوش ڪرم ۾ وٺ، ڪريما!
بديون بدلاءِ نيڪين سان.

ٿئي حڪم نجات لاءِ جاري،
منجهه خلد برين وچي خرامان؛

سال آهه - "باغهاي فردوس"،
فردوس ۾ ڏينس باغ بستان.

مقبول "اديب" جي دعا ڪر،
ايمان سان لڏاءِ هن جهان سان!

ابوبکر شبلي

مولانا عبدالعزيز مرحوم ٹريچاڙوي

اسان جي سونهاريءَ سنڌ ۾ تازو جيڪي علمي ۽ ديني شخصيتون ٿي گذريون آهن، انهن ۾ مولانا عبدالعزيز صاحب ٽريچاڙوي رحمة الله عليه جي هستي به شامل آهي. ٻاڙ تعلقي ٻني عاقل، ضلعي سکر جي هڪ ڳوٺ "ٽريچاڙيءَ" ۾ پيدا ٿيا، ۽ اتي ئي وفات ڪيائون. سنڌ ۽ اڻ ڪان ٻاهر، علمي ۽ ديني حلقن ۾، جيڪا شهرت ان ڳوٺ کي حاصل آهي، سا سندن وجود مبارڪ جي ڪري ئي آهي.

هن ڳوٺ تي "مهراڻ" جي مهربانين ڪري ڪيترائي القلاب ۽ ڦيرا آيا. جنهن "ٽريچاڙيءَ" ۾ مولانا موصوف جي ولادت ٿي، سا شهر روهڙيءَ جي ويجهو هئي: درياءَ جي ٻاڻ ڪري، وري ٻندرهن ميل پري اوپر ۾ آڏائي ويئي؛ اتي به جڏهن درياءَ ڪيس نه ڇڏيو، تہ پوءِ سانگي اسٽيشن جي پرسان (تعلقي ٻني عاقل ۾)، آباد ڪئي ويئي: اڄ تائين اتي ئي قائم آهي ۽ ان ۾ ئي مولانا موصوف جن ٻنهنجي رب ڏانهن لاڏاڻو فرمايو.

مولانا موصوف جو خاندان شيخ جي نالي سان مشهور آهي، ۽ تحقيق مطابق ٻاڙ قريشي آهن، ۽ سندن سلسلہ نسب حضرت ابوبڪر صديق سان وڃي ملي ٿو. عربستان ۾ وڏي ماٺوءَ کي "شيخ" سڏيو ويندو آهي: سندن وڏا جي عربستان کان آيا، سي اتي به 'شيخ' جي لقب سان مشهور هئا، انهيءَ ڪري هت به 'شيخ' جي نالي سان مشهور ٿيا- ۽ اڳتي هلي اهو سندن خاندان جو خاص نالو بنجي ويو. چون ٿا تہ سندن نسبي سلسلي جو شجرو تعلقي ڪنڊياري جي ڳوٺ "شيخاڻيءَ" ۾ سندن ڪن عزيزن وٽ موجود آهي.

مولانا مرحوم جي جنم جي تاريخ معلوم نہ ٿي سگهي آهي. ٻاڙ شروعاتي تعليم ٻنهنجي والد ماجد مولوي محمد حيات صاحب وٽ ورتائون، جو خود روحانيت جو مالڪ ۽ دين جو وڏو ڄاڻو هو. ڪجهہ وڏا ٿيا، تہ ڳوٺ "ٻنهواري" تعلقي ٻني عاقل جي هڪ ديني مدرسي ۾ داخل ٿيا، جتي مولانا عبدالقادر صاحب انڙ درس ڏيندا هئا. ٻاڙ ظاهري علم ڪان سواءِ طريقت جو به سلسلو رکندا هئا. سندن ئي صحبت ۾ مولانا عبدالعزيز صاحب جن کي به طريقت ڏانهن لاڙو ٿيو. ان وقت ۾ مولانا تاج محمد صاحب امروٽيءَ جي روحانيت جي شهرت هئي. مولانا عبدالعزيز صاحب جي وڏن جي، مولانا تاج محمود صاحب جي وڏن

سان عقيدت هئي. انهيءَ گالهايي جي ڪري، ٻاڻ ديني تعليم جي تڪميل ڪان اڳ ئي پنهواري ڇڏي امروٽ هليا آيا، ۽ درگاهه ۾ هڪ خادم جي حيثيت سان رهڻ لڳا. ان عرصي ۾ مولانا عبيدالله صاحب سنڌي جن ديوبند ڪان موٽي امروٽ شريف ۾ هڪ ديني مدرسو ۽ هڪ اسلامي اشاعت- گهر کوليو. مولانا عبدالعزيز صاحب جن ان مدرسي ۾، مولانا سنڌيءَ ڪان شاهه ولي الله جو فلسفو پڙهيو، ۽ اشاعت- گهر ۾ به خاص دلچسپي ورتائون. قرآن شريف جو سنڌي ترجمو، جو مولانا امروٽي صاحب ڪيو آهي، ان ۾ به ٻاڻ ڳهٽو ياڳو ورتائون. جيئن جيئن عام تصوف جا مختلف درجا طي ڪندا ويا، تيئن تيئن ذڪر فڪر ۾ وڌيڪ مشغول ٿيندا ويا. ترت ئي کين خلافت جي خلعت عطا ٿي. ٻاڻ پنهنجي مرشد سان انتهائي عقيدت ۽ محبت رکندا هئا. سندن مرشد جي به مٿن خاص شفقت هوندي هئي. انهيءَ ڪري، مولانا امروٽي رحمة الله جن کين پنهنجو سجاده نشين ۽ مقرر ڪيو هو، پر ڪن مجبورين سبب سندن وفات ڪان پوءِ ان تي عمل نه ٿي سگهيو.

ٻاڻ مولانا امروٽيءَ جي حياتيءَ ۾ ڪافي عرصو امروٽ شريف ۾ رهيا. ننگر جي خدمت ڪان علاوه، پنهنجي مرشد سان گڏ مذهبي، تبليغي، سياسي ۽ سماجي ڪمن ۾ به ڀرو ونڊندا هئا. "خلافت تحريڪ" ۾ ٻاڻ خاص ڀرو ورتائون. ٻاڻ انگريزن جا سخت مخالف هئا- ان ڪري سندن خلاف سخت تقريرون ڪندا هئا. انهيءَ سببان کين جيل به وڃڻو پيو. مولانا امروٽيءَ جي وفات ڪان پوءِ، بادلِ ناخواسته، امروٽ شريف ڇڏي ٽريچاڻي آيا، ۽ اچڻ سان اشاعتِ اسلام ۽ علمِ تصوف جي تعليم جو سلسلو شروع ڪري ڏنائون. ٿوري ئي وقت ۾ سندن مريدن جو تعداد هزارن تائين پهچي ويو. ان ڪان سواءِ سياست ۽ سماجي ڪمن ۾ به ڀرو ونڊندا رهيا. ٻاڻ ڪيترن ديني مدرسن جي سرپرستي فرمايائون، ۽ مختلف سياسي جماعتن ۾ حصو ونڊندا رهيا.

ٻاڻ هندو-مسلم اتحاد جا وڏا حامي هئا، پيو مسجد منزلگاهه جي هلچل ۾ الائجي جو هندن کي ڪانشن غلط فهميون ٿيون ۽ سندن خلاف حڪومت کي شڪايتون ڪيائون. حڪومت کين گرفتار ڪري رياست بهاولپور جي شهر خانپور ۾ نظربند رکيو، پر جيئن ته اهي شڪايتون بي بنياد هيون، ان ڪري ترت ئي کين آزاد ڪيو ويو.

ٻاڻ مهمان لواز، خوش اخلاق، همدرد ۽ خوش مذاق هئا. ڏهن ويهن مهمانن کي روزانو پنهنجي هٿن سان ٻاڻ ڪاڏو ڪارائيندا هئا. مهمانن ۽ غريب مسافرن جي خدمت ڪندي ڏاڍا خوش ٿيندا هئا. ڪنهن مسافر لاءِ، جيڪڏهن گهر ۾ ڪجهه نه هوندو هوندو، ته پين درن تي وڃي به ڪجهه نه ڪجهه حاصل ڪري ايندا هئا. هزارين سندن مريد هئا، پر پنهنجي لاءِ ڪا خاص مسنه نه بنايائون. ڪٿون هجن يا فرش-ميني سان ساڳيءَ جاءِ تي ڪڏ ويهندا هئا؛ ڳهٽو ڪري مريدن سان گڏ ويهي ڪاڏو ڪائيندا هئا، ۽ پنهنجي لاءِ ڪوبه خاص امتيازي نشان نه رکندا هئا. سنت رسول ۽ خدا جي هيڪوائيءَ تي خاص زور ڏيندا هئا. بدعتن ۽ شرڪ جا سخت مخالف هئا.

سندن سلسلو قادري هو، جو هن طرح آهي: عبدالعزيز، تاج محمد، امروئي؛ مولانا محمد صديق، شاهه حسن (سوئي شريف)؛ شاهه محمد راشد (پير گوٺ)؛ سيد محمد بقا (پير گوٺ)؛ سيد عبدالقادر جيلاني، خاموس (پير گوٺ سڏائو)؛ سيد محمد صالح (آچ شريف)؛ سيد شمس الدين ثاني (آچ شريف)؛ سيد حامد گنج بخش، (آچ شريف)؛ سيد عبدالقادر، رابع (آچ شريف)؛ سيد عبدالقادر، ثالث (آچ شريف)؛ سيد حامد گنج بخش، ڪلان (آچ شريف)؛ سيد عبدالرزاق (آچ شريف)؛ سيد عبدالقادر، ثاني (آچ شريف)؛ محمد غوث گيلاني حلبي (آچ شريف)؛ سيد شمس الدين جيلاني، بغدادي (حلب شريف-شام)؛ شاهه مير (حلب)؛ سيد علي (حلب)؛ سيد مسعود (حلب)؛ سيد ابوالعباس احمد (حلب)؛ سيد صفي الدين صوفي (بغداد)؛ شيخ سيف الدين عبدالوهاب (بغداد)؛ سيد عبدالقادر جيلاني اول (بغداد)؛ ابوسعيد مبارڪ مخزومي (بغداد)؛ شيخ ابوالحسن هنڪاري (بغداد)؛ ابوالفرح طوسي (اندلس)؛ عبدالواحد تميمي (بغداد)؛ شيخ ابوبڪر شبلي (بغداد)؛ شيخ جنيد بغدادي (بغداد)؛ شيخ سري مسقطي (بغداد)؛ معروف ڪرخي (بغداد)؛ خواجه حبيب عجمي (بصرو)؛ داؤد طائي (بغداد)؛ خواجه حسن بصري (بصرو)؛ ۽ حضرت علي ڪرم الله وجهه، خليفة المسلمين الرابع.

سندن همعصرن جو تعداد نهايت گهڻو آهي: جئن ته حضرت مولانا حماد الله صاحب هاليجوي؛ حضرت مولانا احمدعلي صاحب لاهوري؛ حضرت مولانا عبدالڪريم صاحب چشتي؛ حضرت مولانا عبدالڪريم صاحب ڪهاڙو؛ وغيره. سندن ڪي خليفا ۽ آهن-جن ۾ حاجي حضرت شفيع محمد صاحب پهوڙ، مقيم گوٺ جونگل، تعلقو ٽل، جو ٽالو قابل ذڪر آهي.

سندن چار پٽ آهن-هڪ مولوي محمد صاحب، مولوي محمدحسين صاحب، مولوي محمد يحيي صاحب، ۽ مولوي محمد هارون صاحب. سندن چوٿون پٽ پنهنجي والد وانگر دين جي تبليغ، اسلام جي اشاعت ۽ روحانيت جي تعليم ۾ هم تن مصروف آهن. سندن ادارت ۾ هڪ ديني مدرسو به آهي، جو حضرت مولانا موصوف جو زنده يادگار آهي. سندن پوري خاندان جو ماحول مذهبي آهي. اهر سنڌ ۾ ديني هلچل ۾ هن خاندان جو وڏو هٿ آهي.

سنڌ جي هن عالم ۽ صوفيءَ ۶ آگسٽ ۱۹۵۰ع، آچر ڏينهن هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪيو. خدا شل مٿس لک لک رحمتون تا ابد نازل فرمائي-آمين!

سرحوم مخدوم غلام حيدر صديقي قريشي هالائي


سنڌ جو هر هڪ باشندو، عالم و فاضل خواهه چار اکر پڙهيل شخص، مرحوم مخدوم غلام حيدر صاحب جن کي بخوبي سڃاڻي ٿو: اکثر کين ماڻهن ڏٺو هوندو، نه ته ٻڌو ضرور هوندو. ٻاڻ صديقي قريشي خاندان جا فرد، ۽ حضرت غوث الحق مخدوم نوح عليه الرحمة جي نمبر چوڏهين سجاده نشين، مرحوم مخدوم ظهيرالدين عرف پروچام صاحب، جا چوٿون نمبر فرزند هٿ؛ ۽ نمبر پندرهين سجاده نشين، مرحوم مخدوم غلام محمد صاحب، جا ننڍا پٽ هٿا. ٻاڻ ۱۲ ذوالحج سن ۱۳۱۶ھ ۾ تولد ٿيا. سندن اذان بعد نالو "محمد سعيد" رکيو ويو.

ابتدائي تعليم پنهنجي گوٺ ۾ هڪ خاص حافظ ۽ عالم وٽ شروع کيائون؛ ٿوري وقت بعد هڪ ٻاهريون عالم مولانا شاهه محمد صاحب مرحوم گهرايو ويو، جنهن وٽ به ڪجهه وقت تعليم ورتائون؛ آخر سندن والد بزرگوار کين ديوبند موڪليو، جتان تعليم جو مقرر کورس پڙهي دستار بندي ڪري موٽيا.

ان بعد، سندن والد مرحوم پنهنجو جملي کاروبار سندن حوالي ڪري، ٻاڻ آزاد ٿي ويٺا. انهيءَ وڏيءَ مشغولي هوندي به ادبي ۽ علمي صحبتن ۽ رهاڻن کي جاري رکيو آيا. پنهنجي خانداني کنبخاني ۾ وڏو اضافو کيائون، ۽ ٻاهران عالم گهرائي، وقت بوقت وعظ ۽ نصيحت جون مجلسون منعقد ڪرائي، عوام کي مستفيض ڪندا رهيا. سنڌ جا وڏا وڏا مدرسا ۽ تعليم گاهون هميشه سندن همدردين ۽ پيسي جي مدد حاصل ڪندين رهيون. گهٽن تربيتگاهن ۽ مدرسن کي سالانه مقرر ٽيل وظيفا ڏيندا هٿ، جي اڃا تائين قائم آهن.

جڏهن سنڌ جدا ٿي، سنڌ اسيمبلي وجود ۾ آئي، ته ٻاڻ سياست ۾ ٽڙ ٻوڙو وڻڻ لڳا. ابتدا کان وٺي پنهنجي آخري عمر تائين، سنڌ اسيمبليءَ جا ميمبر به رهيا ۽ اڳواڻ ٿي. هالا ميونسپالٽي ۽ هالا مسلم ليگ جا هميشه پريزيڊنٽ به رهيا، ۽ نهايت دانائيءَ سان انهيءَ قوم جي خدمت ۾ ڪامياب رهيا. ايڏين مصروفيتن جي باوجود به مطالعي ۾ هميشه مشغول رهيا.

چند ڪتاب به تصنيف ڪيائون، جي ڪجهه ڇپيل آهن ۽ ڪي اڻڇپيل.



مرحوم مخدوم غلام حيدر صديقي

حضرت غوث الحق مخدوم نوح عليه الرحمة جن جي درگاهه تي هڪ عظيم الشان ورالدو
ن ۱۳۵۱هـ ۾ تعمير ڪرايائون، جنهن جو ڪم ۵ جمادي الاول سن ۱۳۵۱هـ کان شروع
ٿيو، ۽ ۳ ذوالحج سن ۱۳۵۱هـ تي مڪمل ٿيو.

۵ جنوري ۱۹۴۲ع تي، هالن ۾ "مخدوم غلام حيدر هاءِ اسڪول" برپا ڪرائون، جنهن
جو سنگ بنياد آنربل وزير تعليم پير الاهي بخش رکيو. وري هاءِ اسڪول جي هاسٽل برپا
ڪرائون، جنهن جو سنگ بنياد به آنربل پير الاهي بخش وزير تعليم ۲۰ فيبروري سن ۱۹۴۴ع
۾ رکيو. ان کان بعد، هالن ۾ "سروريه اسلاميه ڪاليج" برپا ڪيائون، جنهن جو سنگ
بنياد به آنربل پير الاهي بخش صاحب ۲ مي سن ۱۹۴۷ع تي رکيو. ازان سواءِ، پي به هر
نموني ۾ علمي خدمت لاجواب ڪيائون.

دارفالي جي دستور موجب، هن جهان مان ۲۶ رمضان سن ۱۳۷۲هـ، مطابق ۹ جون
سن ۱۹۵۳ع، اڳاري ڏينهن، صبح جو ڏهين بجي، داربقا ڏي رحلت ڪيائون.

مولوي محمد قاري

مولانا عبدالكريم مرحوم ڏيرو

هي عالم ربالي، زاهد الزمان، ساده طبع، تكلف ۽ تصنع كان عاري، هڪ نندي ڳوٺ نالي "رضامحمد ڏيرو" (تعلقو ڪڪڙ، ضلعو دادو، سنڌ) ۾، سن ۱۳۱۵ هجري ۾ تولد ٿيو. سندن والد بزرگوار جو نالو حاجي الهورايو هو، جو نيڪ ۽ تهجدگذار شخص هو. ابتدا كان انتها تائين ڳوٺائن مدرسن ۾ تعليم ورتائون. ابتدائي تعليم قران شريف، فارسي ۽ عربيءَ جا اكثر كتاب، پنهنجي ڳوٺ جي مدرسي ۾، مولانا مولوي محمد اسماعيل صاحب كنڀي واري كان پڙهيائون، جو عربي علم، خاص طرح صرف نحو ۽ ادب جو وڏو ماهر هو. ان كان پوء باقي عربي علم، اديب الزمان، فصيح اللسان، رئيس الشعراء حضرت مولانا مولوي الاهي بخش صاحب، ساكن ڳوٺ "پانهون لاكير" تعلقي ميهڙ جي خدمت اقدس ۾ رهي حاصل كيائون.

سندن طبع كي شهرت پسند نه هئي، ان كري كافي زور پرڻ تي به مروج دستاربنديءَ كان انكار كيائون. لله في الله تعليم جو ڪم شروع كيائون. پنهنجي ڳوٺ ۾ مدرسو قائم كيائون. سندن تعليم جي عمدگيءَ ۽ پختگيءَ كي جلد شهرت ٿي ويئي. ان كري طالب علم، شمع تي پتنگن وانگر اچڻ لڳا. كين تعليم ۾ ايتريقدر مهارت هئي، جو سندن شاگرد عربي زبان ۾ تقرير كري سگهندا هئا، ۽ عربي زبان ۾ مضمون نويسي چگيءَ طرح كري سگهندا هئا.

انهيءَ زمالي ۾ كين طريقت جو به شوق ٿيو. پاڻ خاص انهيءَ مقصد لاءِ هندستان جو سفر كيائون. گهڻن الله وارن سان صحبت كيائون، پر آخري طرح طريقت جي سلوك لاءِ حضرت خواجه جواجگان، مرجع اهل زمان، خواجه محمد عمر جان صاحب چشموي رحمة الله عليه جا دست بيعت ٿيا. هر سال كجهه وقت حضرت صاحب جي صحبت ۾ وڃي رهندا هئا.

تعليم سان گڏ، طالبن جي اخلاقي تربيت كندا هئا- گويا منجهن صحيح تصوف جو روح ٽوكي ڇڏيندا هئا. علم تصوف ۽ اخلاقي كتابن جي پڙهائڻ جو كين گهڻو اهتمام هو: "بداية الهداية" امام غزالي جي ۽ "كيميا سعادت" وغيره پڙهائيندا هئا؛ "احياء علوم دين"؛ ۽ "اربعين في اصول الدين" طرف توجهه ڏيارينداهئا. حضرت سيد علي اكبر شاهه جن "اسلامي اخلاق" نالي، "الاربعين في اصول الدين" كتاب جو ترجمو ڇپايو، سو حضرت ڏيروي جي توجهه سان پڙهايو ويندو هو. علم اخلاق جي رواج ڏيارڻ لاءِ هوريءَ طرح كوشان رهيا، تہ جيئن صحيح تصوف رائج ٿئي.

قرآن شريف جي صحيح قرات جي قاعدن سان پڑهڻ جو رواج سنڌ ۾ بلڪل گهٽ ٿي چڪو هو- ان کي تمام وڏي ۽ کوشش سان رواج ڏياريائون. سنڌي زبان ۾ قرات جا ڪتاب لکيائون. پنهنجن شاگردن کي وڏن قارين وٽان قران کريم صحيح پڙهايائون- حتاڪ عربستان تائين سندن شاگرد ويا ۽ قران کريم صحيح پڙهي آيا. انهن کي تعليم ڏيڻ لاءِ همٿايائون. قرات ۾ تجويد جا دورا تائم ڪرايائون- تان جو سندن حياتيءَ ۾ تجويد ۽ قرات رواج ورتو: ڪيترا خاص مدرسا قرات جا قائم ٿيا ۽ اڪثر عربي مدرسن ۾ قرات جي تعليم لازمي ڪئي ويئي. ٻين علمن جي معلمن وانگر هن علم جا جاڻندڙ قاري معلم مقرر ڪيا ويا: سنڌ لاءِ هي ڪارنامو "تجديدي" چئجي ته بجا ٿيندو.

حقوق العباد جي ادائيءَ بابت کين تمام گهٽو خيال رهندو هو. صفائي، معاملات ۽ آداب المعاشره وغيره جي ڪتابن جي مطالعي لاءِ ٻاڻ توجهه ڏيارينديا هٿا- انهيءَ لاءِ ته طالبن ۾ به حقوق جي ادائگيءَ جو جذبو پيدا ٿئي. ٻاڻ وٽ هڪ وصيتنامو رکندا هٿا، جنهن ۾ حقوق لکندا رهندا هٿا- حتاڪ ڪنهن کان ڪو ڪتاب مطالعي لاءِ وٺندا هٿا، ته ان جي مٿان به مالڪ جو پورو نالو ۽ پتو لکي ڇڏيندا هٿا ۽ پهچائڻ لاءِ پورو پورو انتظام ڪندا هٿا.

تواضع سنڌن خاص شيوو هو: هر هڪ ماڻهوءَ سان تمام عزت سان ملندا هٿا، ۽ پوريءَ طرح خدمت ڪندا هٿا. پنهنجن شاگردن سان به مهمانيءَ وغيره ۾ پوريءَ طرح خدمت ڪندا هٿا- گويا ان وقت خادم، ۽ سبق وقت استاد هوندا هٿا. هر هڪ مسلمان جا ٻاڻ خيرخواهه رهندا هٿا. ساري عمر شريعت جي ڪمن ۾ "الڪهم فالڪهم" تي عمل ڪندڙ هٿا. ديني تعليم ۾ به اول شاگردن کي ديني فرضي علمن جي سنڌي، اردو، عربي ۽ فارسي زبانن ۾ تعليم ڏيندا هٿا، ته جيئن ديني ضروري علمن جي خبر پئجي وڃين. انهيءَ لاءِ ٻاڻ هڪ ديني نصاب به تيار ڪيائون، جو اڄا تائين موجود آهي. اهو نصاب ٻوءِ سڀني علمائن جي خدمت ۾ موڪلڻ جو ارادو به ڪيو هٿائون، پر سندن حياتيءَ وفا نه ڪئي.

ڪنهن خصوصي ناليءَ سان تردد ڪرڻ کان پرهيز ڪندا هٿا، ۽ عمومي طرح عقائد باطل جي تردد ڪندا هٿا. سندن تردد جو ڍنگ نرالو هو: علماي سلف جون عبارتون لکي ڪتاب جوڙيندا هٿا، ۽ ان ۾ انهن جي تردد ڪندا هٿا- جيئن ته لواريءَ جي عقائد باطل جي تردد؛ رسمي پيري-مريديءَ جي تردد؛ حضرت امام رباني مجدد الف ثاني جي مڪتوبات مان عبارتون چونڊي، ڪتاب "اعتقاد نامه امام رباني" لکيائون؛ "ڪتاب فضائل آل و اصحاب" لکي، ان ۾ مختصر مگر قوي دليلن سان مخالفن جي تردد ڪيائون.

ٻاڻ هر هڪ معاملي کي شريعت مطهره جي ميزان تي تورينديا هٿا ۽ ان موجب فيصلا ڪندا هٿا. شادي غمي، خريد فروخت، ڪاڻ ٻيڻ، سٽ سپرده، وغيره- سڀ ڪالهين ۾ شريعت موجب رهندا هٿا: پنهنجي همعصر علمائن کان انهيءَ ۾ ممتاز هٿا.

تصنيفات جو سلسلو اول کان ئي جاري رکيائون- هيٺان کتاب سڀ سندن تصنيف ۽ تاليف ٿيل آهن.

عربي زبان ۾: (۱) مقدمه تفسير قرآن؛ (۲) المکاتيب الجديده؛ (۳) صفيحة الخشوع؛ ۽ (۴) راحة القلوب في لسان المحبوب.

فارسيءَ ۾: (۱) اخلاق نامهٔ امام غزالي؛ (۲) اعتقاد نامه امام رباني؛ (۳) فوائد دينيه؛ (۴) هدايت نامه امام رباني؛ (۵) تعليم قران؛ (۶) معلم القرات؛ (۷) فضائل آل و اصحاب؛ (۸) قصو پير دستگير؛ (۹) نصيحت نامه پير دستگير؛ (۱۰) قصو امام رباني؛ (۱۱) نصيحت نامه امام رباني؛ (۱۲) کرامات اولياء الله؛ (۱۳) نصيحت نيڪ؛ (۱۴) نصيحت قرآن؛ (۱۵) نصيحت ذڪر؛ (۱۶) ضروري مسئلات؛ (۱۷) ديباچه فقه حنفي؛ (۱۸) کتاب الصلواة سنڌي؛ (۱۹) قواعد عربيه؛ (۲۰) قواعد فارسي؛ (۲۱) دلائل وجوب التجويد؛ (۲۲) معجزن جو کتاب؛ (۲۳) مولودن جو کتاب؛ (۲۴) عريضه اصنف العباد في مسئله الضاد؛ ۽ (۲۵) اعلام العباد في مسئله الضاد.

ٻاڻ اول پنهنجي ڳوٺ رضامحمد ڏبري ۾ مدرسو قائم ڪيائون، ۽ ڪيترا سال اتي تعليم ڏنائون. سن ۱۳۴۱ھ ۾، حضرت خواجه خواجگان اهل زمان خواجه محمدحسن صاحب سرهندي ثنبڙي سائينداد وارن جي کوشش سان، هڪ مدرسو ڳوٺ گاهي مهيسر لڳ ميهڙ ۾ قائم ٿيو، ان لاءِ خواجه صاحب جن کي قابل عالم جي ضرورت هئي: سندن نظر انتخاب حضرت مولانا ڏيرويءَ تي ٻيٺي ۽ کين خواجه صاحب جن گهڻو اصرار ڪيو، ان ڪري ٻاڻ مدرسي عربيه گاهي مهيسر ۾ آيا، ۽ اتي ۱۳۴۹ھ تائين تعليم ڏيندا رهيا. ان کان بعد، سيد علي اڪبر شاهه صاحب جن سان مشورو ڪري، ميهڙ ۾ عربي مدرسو قائم ڪيائون، جو اڄ تائين جاري آهي ۽ هن وقت "مدرسه دارالقرآن" جي نالي سان مشهور آهي، جنهن ۾ چهه مدرس ڪم ڪن ٿا ۽ سيني علمن جي تعليم ڏني وڃي ٿي.

سندن شاگردن جو سلسلو تمام گهڻو آهي، ۽ ڪجهه نالا هي آهن: (۱) مولانا عبدالغفور، خدابخش، بلوچ، بهاولپور، ضلعو دادو، سنڌ؛ (۲) مولانا محمد يوسف صاحب، ڏيپر، پيش امام مسجد انجمن شيدي، ڪوٽڙي؛ (۳) مولانا قاري احمد صاحب چارڻ، مدرس مدرسه اسلاميه، مولهڻ، لڳ ٽاروشاهه، سنڌ؛ (۴) مولانا دين محمد صاحب "اديب" فيروزشاهي، معلم دينيات، نورمحمد هاءِ اسڪول، حيدرآباد؛ (۵) مولانا غرض محمد "سانگي"، معلم عربي، جامعه عربيه، حيدرآباد؛ (۶) مولانا درمحمد صاحب پنهور، معلم عربي، مدرسه دارالقرآن، ميهڙ، دادو؛ (۷) مولانا علي محمد صاحب ڪلال، معلم مدرسه رباڻيه ٽاڻري، لڳ ٻاڊه؛ (۸) مرحوم مولانا عبدالڪريم صاحب ڊڪڻ، سابق مدرس مدرسه عربيه، لنڊ ڳوٺ، مورو؛ (۹) مولانا حڪيم قطب الدين صاحب، ڳوٺ پٽڙا، تعلقو ميهڙ، دادو؛ ۽ (۱۰) راقم آثر (قاري) محمد، ڏبرو، مهتمم مدرسه عربيه دارالقرآن، ميهڙ، دادو.

سندن وفات حسرت آيات ۸ رجب المرجب ۱۳۷۳ هـ، مدرسہ دارالقرآن ميهڑ ۾ ٿي. تاريخ ولادت جي حساب سان سندن عمر ٽيهٺ ورهيہ ٿي. حضرت مولانا مرحوم، پنهنجي آخري وقت ۾، حضرت مولانا مولوي درمحمد صاحب کي فرمايو تہ "هائي عمر حضور پاڪ صلي الله عليه وسلم جي عمر موافق ٿي آهي: جيڪڏهن هن وقت خاتمو ٿيو، تہ موافقت عمر جو شرف ۽ حاصل ٿي ويندو"۔ ٿيو ۽ ائين. سندن مزار، ميهڑ شهر جي مغربي قبرستان ۾ آهي.

قطعہ تاريخ وفات

بشد عبدالكريم آن عالمِ دين، ز دنيا سوي درگاهِ خدائي.
فقيه و مصلح و فيّاضِ دوران، دريغ از دوستان كرده جدائي!
ز بدوِ عمر از پاكيِ طينت، بزد چنگل بحبلِ پارسائي.
نمودہ ترک لذّاتِ جهان را، بحق مي باخت نردِ آشنائي.
مدرّس هم مصنّف ناشرِ دين، ز بدعت داد مردم را رهائي.
كمالاتِ طريقت كرد حاصل، دلش شد مطلعِ نورِ خدائي.
خدا كردش طبيبِ جسم و جانها، عطا كردش خواصِ كيمياي.
فنِ تجويد را ترويج بخشيد، نمود اين علم را مشكل كشائي.
"اديبا"، چون نمودم فكرِ تاريخ، خرد گفتا: "ز خاصانِ خدائي".

۱۳۱۳

(۲)

"عبدالكريم ديروي"، آن عارفِ خدا، رفت از جهان بجنتِ فردوس دلكشا؛
بنمود چون "اديب" ز هاتف سوالِ سال، ايما بلطف كرد، "بآغوشِ انبيا".

حاجي عمر الدين چنو مرحوم

هي بزرگ هڪ با اثر عالم هو. خيرپور ناٿن شاهه جي پرسان، ابراهيم چني جي ڳوٺ (تعلقو ڪڪڙ، ضلعو دادو) جو باشندو هو. سن ۱۲۸۸ هجري ۾ ڄائو. سندس منظر ۽ نظر جاذب هٿا. فيروزشاهه ۾ مولانا خيرمحمد وٽ، ۽ پوءِ ان جي فرزند مولانا عطاءالله ۽ ان جي شاگرد مولوي محمد صاحب آگري وٽ تعليم ورتائين؛ آخر ۾ گهونڪيءَ ۾ مولانا قمرالدين وٽ تعليم ورتائين، ۽ ۱۳۱۷هـ ۾ ونس دستاربندي ڪيائين. مولوي صاحب جي عمر پنجاسي سال هئي. اڪثر و بيشتر لاڙ ۾ پڙهايو اٿس، ۽ ڪچ وقت عمرڪوٽ تعلقي ۾ رتي ڪوٽ ۾ پڙهايو اٿس. ونس شاگرد گهڻا پڙهن ايندا هٿا. ڪن مشهور شاگردن جا نالا هي آهن: مولوي محمد صاحب آڙهونو، ويڙل ڳوٺ احمد شاهه گروهڙي (ڪپرو)؛ مولوي محمد يعقوب صاحب هنگورجو، ويڙل رتوڪوٽ، ڪپرو؛ مولوي عبدالحليم ٻهنور، ويڙل ورند جا پاڻ (ميهڙ)؛ مولوي محمد علي صاحب لانڊر، سانگهڙ؛ مولوي غلام محمد صاحب ٻير، ڳوٺ لڏاڻ (ڪڪڙ، دادو)؛ مولوي نجم الدين صاحب مهر ريگستاني (ضلعو ٿرپارڪر)؛ ۽ مولوي عبيدالله مرحوم، (مولانا جو عزيز ۽ ڳوٺائي). آخر عمر ۾ مريد ٿي ڪيائين. پاڻ مولانا غلام صديق شهداديءَ جو مريد هو.

مولوي صاحب سخن-شناس ۽ هڪوئي هو. مرحوم نورمحمد تي لکيل مرثيو مون کين ڏنو، پاڻ پڙهي چيائين ته "هن بيت ۾ ڏاڍو درد آهي"-ـ هو ٻه ائين، جو ته مون کي ان بيت جي جوڙڻ مهل گهڻو درد محسوس ٿيو هو. مولوي صاحب منهنجي والد جو ماسات هو. مون سان ٻ سندس محبت گهڻي هئي.

تاريخ ۱۶ ربيع الاول سن ۱۳۷۴هـ، برابر ۱۳ نومبر ۱۹۵۴ع تي وفات ڪيائين. مون سندس وفات تي هيٺيون قطعه تاريخ لکيو:

فاني ست اين مڪان و زمان، ارض و آسمان،
باقي ست تا ابه ز ازل ذات ذوالجلال؛
رفتند انبيا، نه بمانند اوليا،
تو کيستي که غره شوي بر متاع و مال!

علامهٔ زمان عمر الدین با خدا،
رفت از جهان بسوی خدا ولد لا یزال.
عمر تمام صرف بتعلیم دین نمود،
عمر عزیز یافته هشتاد و پنج سال.
ای صورتت مسخّر دلهای مردمان،
و ای سیرتت بدام فگنده همه رجال؛
سیراب شد ز بحر علومت جهان جهان،
اهل جهان ز مغرب و مشرق، یمین، شمال؛
گریند در فراق تو دلدادگان تو،
هر مهر و ماه و انجم و شب روز و ماه و سال؛
وابستگان فیض تو نالند چون سحاب،
آن ذاکران امر خدا ولد بی مثال.
گفتهٔ "ادیب" سال تو "غَفَرَ اللهُ لَه"،
بابی نعم که نامده در وهم در خیال.

سولانا احمد مرحوم هالائي

مرحوم مولانا صاحب جن جي ولادت، حيدرآباد ضلعي جي مشهور شهر هالا ۾ ٿي. تاريخ ۷ جمادالثاني سن ۱۳۱۲ هجريءَ ۾ ٿي. سندن والد جو نالو مولوي محمد هالائي هو. مولانا صاحب جن ننڍي هوندي کان ئي طبيعت جا ذڪي، ذهين ۽ بالڪل هوشيار هوندا هتا. ابتربقدر جو صرف ارڙهن سالن جي عمر ۾ پنهنجي والد بزرگوار وٽ قران شريف فارسي جو سارو نصاب، ۽ عربيءَ جو جملي نظامي نصاب ختم ڪري دستار فضيلت پڌائون. سندن دستاربنديءَ جي رسم، تبرڪاً، حضرت مولانا و مرشدنا الحاج خواجه آغا حافظ محمد حسن جان صاحب مرحوم سرهندي جن کان ڪرائي ويئي هئي.

مولانا صاحب جن دستاربنديءَ بعد پنهنجي "مدرسه محمديه" ۾ درس ڏيڻ لڳا. سندن شاگردن مان مشهور شاگرد، مولوي محمد عرس، دهري (متصل ٽنڈو آدم)، مولوي محمود سانوٽي هالائي، حڪيم شيخ حاجي عبدالواحد متعلوي، ۽ مولوي محمد هالائي (سندن فرزند)، وغيره آهن.

مولانا صاحب جن پنهنجي مدرسي جي مهتمميءَ سان گڏ، تحريرتويسيءَ ۽ شرعي فيصلن جو ڪم به بلڪل گهٽي انداز ۾، باحسن الوجهه ڪندا هتا. سندن فن افتاء ۽ تحريرتويسيءَ جي هاڪ سڄي سنڌ ۾ هوندي هئي. حضرت مرحوم مولانا دين محمد صاحب "وفائي" (مشهور غيرمقلد) به ڪيترا اوقات ڪانئس فقهي تحقيقون ڪرائيندو ۽ مثلاً لکارائيندو هو- ۽ هميشه کين انهيءَ فن ۾ داد ڏيندو هو.

مولانا صاحب جن پنهنجي سڄي عمر پنهنجي ڳوٺ هالن ۾ بسر ڪئي، تاهم سندن صحبت ان وقت جي ڇڻن ڇڻن عالمن سان هئي. انهن بزرگن مان مرحوم مولانا محمد صادق صاحب ڪڏي وارو (ڪراچي)، مرحوم مولانا دين محمد "وفائي"، مرحوم مولوي فتح محمد سيوستاني، مرحوم عبدالقيوم صاحب بختيارپوري، مرحوم مولانا عبدالرؤف بختيارپوري، مرحوم مولانا حاجي عبدالله ڪبراڻي، ۽ مرحوم مولانا محمد سليمان واعظ الاسلام ٽرڙائي، جن جا نالا قابل ذڪر آهن.

مولانا مرحوم جن حيدرآباد ۾ نوابشاهه ضلعن جا وڏا مفتي هئا. طريقو نقشبنديه هون، ۽ بيعت خواجه آغا حافظ محمد حسين صاحب سرهندي مجددي ٽڪڙائيءَ سان هئن. سندن طبع بلڪل نرم، خوش اخلاق، مزاج مرنجان، بردبار ۽ ماليڻي هئي. موجوده قحط الرجال جي زمانيءَ ۾ سندن شخصيت اعليٰ درجي جي هئي: مطلب ته پاڻ صحيح معنيٰ ۾ بينظير عالم باعمل، نهايت پرهيزگار، متقي، متشرع، زبردست نقيه ۽ عالم حقاني هئا. پاڻ هميشه اومي خيال رکندڙ ۽ سياست جا ڄاڻو هئا. خلافت تحريڪ کان وٺي جيڪي به سياسي ۽ مذهبي تحريڪون وقت بوقت ٿينديون ٽي رهيون، تن ۾ نه فقط همدرد ۽ معاون هئا، مگر پاڻ هڪ اعليٰ رکن جي حيثيت سان مصروف عمل ٿي رهندا هئا.

مولانا مرحوم جن، ۱۵ محرم الحرام سن ۱۳۷۶ هجريءَ ۾، هالن پرائن ۾ وفات ڪئي. سندن قبر پنهنجي والد بزرگوار جي قبر جي ڀرسان آهي. سندن پٽ مولوي عبدالله صاحب، سندن تاريخ وفات هن طرح لکي آهي:

دريغا از وصالِ مردِ مبرور، مثال آمد تو گوئی "نفخ في الصور"!
ز هجرتِ او چراغِ فيض گشت، ز رحلتِ او بر آمد ظلمت از نور.
ازين واقعه جدائی جيد عالم، اهالي علم و عالم گشت رنجور.
جنابِ مولوی "احمد" مدرس، ز دنيا رفت و علم دين شد دور.
اديب و عالم و مشفق محقق، فقيه و فاضل و مفتي مشهور:
ز هر تلميذ عندالناس مشکور، شد از تدريس عندالله ماجور.
بخمسة عشر تاريخ محرم، شبِ خميس گشت آن ماه مهجور.
بسالِ وصلِ او "احقر" چنين گفت: "شده مشغولِ حق و با خير مامور". (۱۳۷۶)

مولانا محمد ملوک

مولانا مولوی محمد ملوک صاحب، اصل سهاگ کمانگر تعلقي ميهڙ جا ويڙل آهن. علامہ حاجي عطاءالله صاحب فيروزشاهيءَ کان تعليم حاصل کيائون. مولانا محمد ملوک صاحب راقم الحروف سان پنهنجي مختصر سوانح حيات هن طرح بيان کئي هئي:

"آءٌ گوٹ گهلو (تعلقو دادو) ۾ رهندو هوس. ڪوٹ جي ڪرت ڪندو هوس. هڪ رات خواب ۾ هڪ دلڪش صورت جي عورت ڏٺم، جا حسن و جمال ۾ بيمثال هئي، ۽ زيورن ۽ زربفت جي لباس سان آراسته پيراسته هئي. مون کي مخاطب ٿي چيائين ته "منهنجو نالو آهي "هدايت"، ۽ آءٌ تولاءِ آهيان". انهيءَ خواب مون کي بيخواب ڪري ڇڏيو. ڪر کار ڪونہ پيو پُڇي! ڪاڻيءَ تي ويس ته ڪاڻيءَ کان ٻ ڪنوٽي پيس: يا ته اڳ سيني کان اڳ ۾ هوندو هوس، ۽ اڄ سيني کان ڪاڻيءَ ۾ پٽي هوس. ماڻهن کي ٻ منهنجي هن حالت تي عجب ٿيو لڳو.

"انهن ڏينهن ۾ هڪ عرب مسافر گهلن ۾ آيل هو، ان سان اهو خواب ۽ پنهنجي دل جو حال بلا حجاب بيان ڪيم. ان چيو ته "تون فيروزشاهہ وڃي ديني علم پڙهہ". مان سندس صلاح موجب فيروزشاهہ ويس. گوٹ کان ٻاهر مولانا عطاءالله فيروزشاهي مون کي ملیو، ۽ مون کيس طلب علم جو مقصد ٻڌايو. مولانا صاحب مون کي ڏهيءَ تي الف-ب لکي ڏني، ۽ پنهنجن ڳڻن جي ڏنارپ ٿي منهنجي سپرد ڪيائين؛ چنانچہ آءٌ اهو ڪر ٻ ڪندو هوس-ڳڻن سان گڏ پڙهندو ٻ هوس. بزرگ باڪمال هو، ان جي برڪت سان منهنجي قسمت جاڳي ٿيئي. ڇهن سالن جي عرصي ۾ فارسي ۽ عربيءَ جي تحصيل ڪيم. انهيءَ کان پهرين، مولانا فيروزشاهيءَ وٽ ڪوبہ دستاربند ڪونہ ٿيو هو.

"دستاربنديءَ کان ٿورو اڳ، مون خواب لڏو ته فيروزشاهہ جي مسجد يا حجري ۾ سرور ڪائنات، فخر موجودات، سيدنا رسول اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن رونق افروز آهن، ۽ مولانا فيروزشاهي ٻ اتي موجود آهي؛ آءٌ ٻ ان مجلس ۾ حاضر آهيان، ۽ گفتگو اشارن ڪنايين ۾ ٿي رهي آهي. استاد صاحب مون لاءِ التجا ڪئي، جن مان کي سفارشون قبول ڪيون ويون، ۽ کي نہ."

مولوي محمد ملوک صاحب ڪئي ڪئي ڪتابون ان جو مون کي علم نہ آهي. هالن ۾ مولوي هدايت الله ۽ سندس والد مولوي محمد حسن کي پڙهايو اٿن.

مولانا محمد ملوک صاحب اڇڪلهہ ضلعي دادو ۾ پياري گوٹ اسٽيشن جي ڀرسان رهن ٿا: اتي زمين خريد ڪئي اٿن، ۽ پنهنجو گوٹ آباد ڪيو اٿن.

مولانا دين محمد "اديب"

حضرت سيد حاجي شير محمد شاهه مهاجر مدني

"باز گو از نجد و از ياران نجد،
تا در و ديوار را آرد بوجد."

حضرت حاجي شيرمحمد شاهه، ولد سيد عارف شاهه رحه، گهوٽڪيءَ وارا، خالداني پير آهن. سندن گهڻائي مريد آهن. فارسي ۽ عربي پڙهيل آهن. اصطلاحي 'مولوي' آهن يا نه، اُن جو مون کي علم ناهي، مگر سندن علمي دستگاهه، مصطلح عالمن کان گهڻي بلند آهي. ساري عمر علم ۽ عمل ۾ آندي اٿن. فن تجويد جا ماهر ۽ قاري آهن. سندن عمر اسي سالن کي قريب آهي. سندن تاليف هيءَ آهي: (۱) "القول المختصر في زكواة الغنم" (اردو)- هن ۾ رڍن ۽ ٻڪرين جي زڪوات بابت بحث ڪيل آهي؛ انهن ٻنهي جي زڪوات ۾ ڪجهه تفاوت آهي، جنهن بابت سنڌ جي هڪ وڏي مفتيءَ کان غلطي ٿي ويئي؛ ديوبند جي عالمن ان تي روشني وڌي آهي؛ عالمن جي ڏسڻ لائق آهي؛ (۲) "جمال القرآن" جو سنڌيءَ ۾ ترجمو؛ (۳) "بهشتي زيور" جي ستين حصي جو سنڌي ترجمو؛ (۴) "قراةالعينين في زيارة الحرمين" (اردو ۽ سنڌي)- اردو وارو ڇپايل آهي.

حڪيم الامت مولانا اشرف علي ٿانويءَ جا خليفه مجاز آهن. سندن خليفن جي فهرست ۾ حاجي صاحب جو ڏاڙهو ڇوڻون نمبر آهي- ان جو مطلب هي آهي ته حاجي صاحب جو تعلق حڪيم الامت سان پراڻو آهي. سندن خدمت ۽ صحبت مان گهڻو ڪجهه علم ۽ عمل جي دولت حاصل ڪئي اٿن. حڪيم الامت جي تعليم جو اثر ٿيو جو حاجي صاحب رسمي پيري-مريديءَ کي ڇڏي ڏنو ۽ بالڪل سچي فقيريءَ کي اختيار ڪيو. سندن اڪ يا نو دفعا حج ڪيل آهي، مگر جوار حبيب جي اشتياق کين هتي سنڌ ۾ رهڻ نه ڏنو: آل، مال ۽ دليوي اقبال ڇڏي، ڪيترن سالن کان وڃي ڪوي حبيب ۾ ساڪن ٿيا آهن. هن کان ٻه سال اڳ، سندن وڏو ڀاءُ ميان فخرالدين شاهه ۽ سندن اهليه حج تي ويا، انهن کين سنڌ ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي؛ انهن جي اصرار ڪري تيار ٿيا، پر هوءِ چيائون ته حضور جن جي قرب کي نٿو ڇڏيان. ماني

به پاڻ پڇائيندا آهن. هڪ دفعي ماني پڇائيندي استو تان کين ٻاهر لڳي ويئي، جنهن کين سخت زخمي ڪيو، مگر اهي تڪليفون برداشت ڪريو ويٺا آهن. هي آهي عشق نبوي، ۽ هي آهي ترڪ دنيا!

حاجي شيرمحمد شاهه جو پاڻ پير فخرالدين شاهه وٽ سيد عارف شاهه، ڪهوڙيءَ وارو، عالم آهي؛ حاجي شيرمحمد شاهه کان اٺ مهينا وڏو آهي. هي بزرگ به حضرت ٽانوي رحه جو خليفو مُجاز آهي. حڪيم الامت جي برڪت ڪري، هن بزرگ به رسمي پيري-مريدي ڇڏي ڏني. دين جي خدمت ڪري رهيو آهي؛ وڏو عربي مدرسو هلائي رهيو آهي؛ مدرسن جي تنخواهه ۽ طالب علمن جو کاڌو سڀ سندس ذمي آهي؛ مدرسو تمام خوش اسلوبيءَ سان هلي رهيو آهي: هيءَ سندس اخلاص جي برڪت آهي.

مخدوم امير احمد

مولانا محمّد هاشم انصاري

حضرت استاذي و استاذ العلماء مولانا محمد هاشم صاحب انصاري، ۱۲ ربيع الاول ۱۳۰۵ هجريءَ ۾، ڳلجي تعلقي جوهي ضلعي دادوءَ ۾ ڄاوا. سندس وڏو ڏاڏو، خواجه ڪرم الله، مدينه منوره زادهاالله شرفا و تعظيما ۾ رهندو هو، ۽ مدينيِ منوره جي انصارن مان هو.

حضرت مولانا جي وڏن ۾ اها روايت مشهور هئي تہ خواجه ڪرم الله جيي، لواريءَ جي مشهور نقشبندي خاندان جي مورث اعليٰ حضرت خواجه محمد زمان عليه الرحمة سان پهرين ملاقات مدينيِ شريف ۾ ٿي، جتي هو صاحب خواجه محمد زمان جي ولايت ۽ بلند مقامات ڏسي مٿن موهجي پيو ۽ سندن مريد ٿيو. هو صاحب خواجه صاحب جي محبت ۽ عقيدت جي زنجير ۾ اهڙو تہ جڪڙجي ويو، جو وطن جي وٽن کي خيرباد چئي، سائن ڪڍجي سنڌ ۾ آيو، ۽ سندس صحبت ڪيميا-اثر ۾ رهي، رچي ريٽو ٿيو. سنڌ کي پنهنجو دائمي وطن بڻايائين. پير صاحب جي هڪ مريد، بلال ملاح، جي نيائيءَ سان شادي ڪيائين. بلال ملاح ڳلجيءَ جو رهاڪو هو، تنهنڪري خواجه ڪرم الله انصاريءَ ۽ ڳلجيءَ کي پنهنجو مستقل سڪونتگاهه بڻايو. خواجه ڪرم الله، حضرت خواجه محمد زمان عليه الرحمة جي وڏن خليفن مان شمار ٿيندو هو. سندس مزار مبارڪ ڳلجيءَ ۾ اڄ تائين موجود آهي، ۽ عام خاص ماڻهن جو زياتگاهه آهيءَ خصوصاً لواريءَ شريف جي جماعت جي اتي تمام گهڻي آمدرفت رهي ٿي.

خليفي ڪرم الله کي بلال ملاح جي نيائيءَ مان ۽ فرزندءِ حاجي هدايت الله ۽ مولوي عبدالصمد ۽ هڪ نيائي پيدا ٿيا. تنهي جو اولاد اڃا تائين موجود آهي. اسان جو مولانا محمد هاشم صاحب، مولوي عبدالصمد صاحب جي اولاد مان آهي. سندن سلسلاءِ نسب خواجه ڪرم الله سان هن طرح ملي ٿو: محمد هاشم، بن ملا محمد، بن حافظ الهڏنو، بن حاجي احمد، بن مولوي عبدالصمد، بن خواجه ڪرم الله مدني انصاري.

مولانا محمد هاشم صاحب جا وڏا، خليفي ڪرم الله انصاري عليه الرحمة جي وفات کان پوءِ ۽ اتي ٿي ڳلجيءَ ۾ رهندا هئا: اگرچ سندن والد ملا محمد صاحب، ڪن سببن ڪري، ٿورو عرصو ڳلجي شهر کي ڇڏي، اچي ڳلجيءَ جي اسٽيشن جي قريب هڪ تمام ننڍڙي ڳوٺ، "اوباهيي فقير جو ٽلهو"، ۾ بود و باش اختيار ڪئي هئي؛ آخر جاءِ ۽ ٿوراڻي مٿائين، ۽ سندس

۽ مولانا صاحب جي کوشش سان اتي هڪ مسجد به ٺهي تيار ٿي هئي؛ مگر آخرڪار، والد صاحب جي وفات کان پوءِ، مولانا صاحب وري وڃي پنهنجي اباڻي وطن ڦلجيءَ کي وساريو. هن وقت سندن مستقل رهايش ڦلجيءَ جي شهر ۾ آهي. ذات جي مشهور معروف نيڪ نيت انسان قاضي غلام مصطفيٰ، رٽائرڊ ڪليڪٽر، جي نيڪ ڪوشش سان ڪين سندن اباڻي زمين به واپس ملي آهي، جنهن تي سندن مائٽ ناجائز قبضو ڪري ويا هئا. ۽ مولانا صاحب خواهه سندس والد مرحوم يا ڀائرن کي ويجهو به اچڻ ڏنائون. قاضي صاحب، مولانا جي هيءَ مدد انهيءَ وقت ۾ ڪئي هئي، جڏهن ڀاڙ داڏوءَ جو ڏينهن ڪليڪٽر هو.

مولانا صاحب جي والد ملا محمد کي چار پٽ جاوا: (۱) مولانا محمد هاشم صاحب، (۲) ميان محمد حسن (۳) مولوي عبدالله صاحب، ۽ (۴) ميان محمد عيسيٰ. هن وقت چارئي خدا جي فضل سان حيات آهن. ٻيو ۽ چوٽون نمبر پٽ، زماني جي گردش ۾ گرفتار ٿي، علم جي نعمت کان بي بهره رهجي ويا؛ باقي ٻهريون ۽ ٽيون نمبر خدا جي فضل سان علم جي دولت سان ڇڪيءَ طرح مالا مال آهن.

مولوي عبدالله صاحب، پنهنجي ڀاءُ مولانا محمد هاشم جو شاگرد آهي. راقم الحروف سان هم-سبق هو. سڄي عمر مجرد رهي گذاري اٿس. هن وقت ماتلي ضلعي حيدرآباد ۾ رهي ٿو. فارسي ۽ عربيءَ جو وڏو اديب ۽ ماهر آهي. سندس تصنيفات سان شاهه ولي الله صاحب جي معرڪة الآرا ڪتاب "حجة الله البالغ" جو عربي حاشيو مشهور آهي، جو قلمي صورت ۾ ونس موجود آهي. ڀاڙ سنڌي ۽ فارسي زبانن جو تمام سٺو شاعر آهي. سندس مولود، ڪافيون ۽ غزل مشهور ۽ مقبول آهن.

مولانا محمد هاشم صاحب، ننڍپڻ ۾ پنهنجي شهر ڦلجيءَ ۾ قرآن پاڪ ۽ فارسيءَ جي تعليم حاصل ڪري، عربي وڃي جوهي شهر جي مشهور معروف عالم ۽ مدرس مولانا محمد حسن صاحب ڪوسي بلوچ وٽ پڙهڻ شروع ڪئي-(مولانا محمد حسن جو مدرسو الهيءَ وقت "دڳهه بالا" تعلقي جوهيءَ ۾ هوندو هو).

مولانا محمد حسن صاحب، مولانا عبدالرحمان ڪامراڻي جو شاگرد هو. ڪامراڻا، هڪ ننڍڙو ڳوٺ، لاڙڪاڻي جي پسگردائيءَ ۾ آهي. مولانا عبدالرحمان رياست بهاولپور جي نامي گرامي عالم مولانا نظر محمد صاحب ڀنگ واري وٽان فارغ التحصيل ٿيل هو. مولانا محمد حسن صاحب، هوڻن ته سڀني رواجي عربي ۽ ديني علمن ۾ وڏي دسترس رکندو هو، پر خاص طرح ميراث جي علم ۾ ناڏءِ چڙهيل هو.

مولانا محمد هاشم صاحب وچ ۾ سنڌ جي ٻين بزرگن کان به استفادو ڪيو: جهڙوڪ مولانا عطاءُ الله فيروزشاهي، جو حضرت مولانا شهداد ڪوٽيءَ جو شاگرد هو ۽ وڏو صاحب فيض ۽ علم ۾ باعمل هو، مگر آخر وري به اچي مولانا محمد حسن وٽ پڙهڻ لڳو ۽ اتي ئي رواجي نصاب جي تڪميل ڪيائون.

پاڻ تمام ذهين طالب علم هئا. مولوي دين محمد صاحب "اديب" ڳالهه ڪئي ته سنڌ جو مشهور عالم، اديب ۽ شاعر مولانا الاهي بخش صاحب بالهي لاڪير وارو چوندو هو ته "مون وٽ پڙهڻ لاءِ ڪهڙا ئي طالب علم آيا، پر مولوي محمد هاشم جهڙو ذهين شاگرد ڪو ڪونه آيو". ياد رهي ته مولانا محمد هاشم صاحب جن کي ٿورو وقت مولانا الاهي بخش صاحب وٽ پڙهيا هئا. طالب علميءَ جي زماني ۾ ڪين علم جو نهايت عشق هوندو هو. پاڻ ڳالهه ڪندا هئا ته "ڪيترا دفعا اڌين ۾ ٽيو جو سومهڻيءَ جي نماز کان پوءِ آءٌ ڪنهن ڪتاب جي مطالعي کي لڳي ويس، مانيءَ ۾ ۽ رکي رهي، ۽ محويت جي عالم ۾ مانيءَ کائڻ وسري ويئي—خبر تڏهن پيئي، جڏهن مؤذن اچي صبح جي بانگ ڏني! مان چرڪ پري هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳس، ۽ عجب وچان زبان مان نڪري ويو ته "مار، هيتري ۾ رات گذري ويئي"!"

تحصيل ڪرڻ کان پوءِ، پاڻ دادوءَ ۾ قاضين واريءَ مسجد ۾ اچي درس تدريس جو شغل جاري ڪيائون. ٿوري ئي وقت ۾ سندن هاڪ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙجي ويئي، ۽ پري پري جا طالب العلم هن علم جي شمع تي پروانن وانگيان اچي جمع ٿيا. پاڻ سنڌ ۾ مختلف جابن تي تعليم جو شغل جاري رکيائون—جهڙوڪ (۱) "ميان جو پٽ"، لڳ اسٽيشن همايون، ضلعو سکر: هتي پاڻ علامه عبدالغفور همايوني رحمة الله جي شاگرد، ميان مبارڪ جي فرزند ميان عبدالحي جي پاڙهڻ لاءِ آيا، ۽ انهيءَ سان گڏ ٻيا به ڪيئي علم جا پياسا پنهنجي پياس لاهيندا رهيا؛ (۲) ڪهڙا، رياست خيرپور: هتي پاڻ راقم الحروف ۽ ڪهڙن جي مخدومن جي ٻين ٻارن کي پاڙهڻ لاءِ مقرر ٿيا، مگر هتي به باهريان طالب چگهي تعداد ۾ آيا ۽ فائدو ونڊندا رهيا؛ (۳) قاضيءَ جي ڪنڊي، لڳ اسٽيشن قلجي: هتي پاڻ مولانا محمد حسن ڪنڊيائي، ثم حيدرآبادي، جي فرزند قاضي حاجي محمد ۽ قاضي خاندان جي پگهدار قاضي ميان عبدالله جي پاڙهڻ لاءِ رهيا، تڏهن به سنڌن علم جي درياهه مان فيض پرائڻ جي منع ڪنهن کي ڪا هئي؛ (۴) دادوءَ جي شهر ۾ ميان جيوڻ شاهه جي مسجد: هتي ڪنهن خاص ماڻهوءَ جو پاڙهڻ مدنظر ڪونه هو، بلڪ هڪ عام مدرسو هو؛ هتي به شهر خواهه باهر جا ڪافي طالب علم پنهنجي مقصود جي گوهر هٿ ڪرڻ لاءِ اچي جمع ٿيا؛ (۵) شڪارپور: هتي حضرت پير ضياءُ معصوم سرهندي عليه الرحمة جي فرزند مولوي پير غلام مجدد جي پاڙهڻ لاءِ اچي رهيا، ۽ سنڌن مفتوان هتي به سنڌن پٽ نه ڇڏي؛ (۶) ڪاهي ڪنڊيا، لڳ نوشهرو فيروز: هتي پاڻ سنڌ جي مشهور ولي سيد ميان نورشاهه جي درگاهه جي سجاده نشين پير ميان امام بخش شاهه جي فرزندن—سيد ميان نورشاهه ۽ سنڌن پائرن—جا استاد مقرر ٿي آيا؛ سنڌن فيض جو دروازو هتي به عام طرح کليل هو.

ڪاهي ڪنڊن کان پوءِ، ڪو ٿورو وقت، نوشهري فيروز ۾ اتي جي مشهور حڪيم ۽ عالم قاضي ميان احمديءَ جي فرزند ميان عبدالهاديءَ کي تعليم ڏنائون؛ پوءِ ستت ئي نوابشاهه

جي جامع مسجد جا پيش امام مقرر ٿيا ۽ اڃا تائين اتي رهندا اچن ٿا ـ متعنا الله تعالي وسائرالمسلمين بطول بقائه!

سندن تعليم ۽ تربيت جي ڪوڙي تعريف ڪجي ـ گويا امير خسروءَ جو هيءُ مصرعو سندن حق ۾ چيل آهي:

"آفاقها گرديده ام، محرِبتان ورزيده ام،
بسيار خوبان ديده ام، ليڪن تو چيزي ديگري!"

پاڻ شاگردن جي تعليم ڪان وڌيڪ، انهن جي تربيت ڪي مقدم سمجهندا آهن. انگريزي ڪولي جاڻن، مگر انگريزيءَ جي هڪ مقولي ـ "every thing lost، Character lost" تي ڪين پورو پورو اعتقاد آهي. انهيءَ ڪري، پاڻ شاگردن جي اخلاق، اطوار ۽ عادات جي تمام سخت نگراني ڪندا آهن، ۽ ڪنهن شاگرد جي ٿوري به ناموزون حرڪت ڏسندا، ته هروقت ٽوڪ ۾ ڏير هلڪل نه ڪندا آهن.

شاگردن جي طبيعت، رجحانات ۽ استعداد ڪي جاچي وٺڻ جو ڪين خاص ملڪو حاصل آهي: هن ڏن صحبتن ۾ جاچي وٺندا آهن ته هيءُ ماڻهو علم پرائڻ جي اهليت رکي ٿو يا نه: ڪين معلوم ٿيو ته هيءُ نااهل آهي، ته انهيءَ کي هڪدم ڪڍي وڃائيندا ۽ فرمائيندا ـ "تربيت نا اهل را چون گردگان برگنبد ست"؛ باقي جنهن کي اهل ڏسندا، پوءِ انهيءَ سان ڪيتري به محنت ڪرڻ ڪان ڪين گهسندا ـ پلي ته ڪين ڪيتري به قيمت ڏيڻي پوي، مگر شاگرد جي حياتي وڃائڻ نه پسند ڪندا. مون کي پنهنجو مثال ياد آهي: پاڻ جڏهن اسان مخدومن جي پارن کي هاڙهن لاءِ کهڙن جي شهر ۾ تشريف فرما ٿيا، ۽ مخدومن واريءَ مسجد جي حجري ۾ رهي اسان کي تعليم ڏيڻ شروع ڪيائون، تڏهين اسين جملي پنج ڇهڙا ننڍڙا مخدوم، وڏن تعليم وٺڻ لڳاسين. مون کي ته پنهنجي مڙيءَ امڙ (جا کهڙن جي مشهور عالم ۽ فاضل مخدوم ميان محمدعاقل عرف مخدوم پيرمحمد جي ٻانهي هئي؛ پنهنجي ٻيءَ ڪان تعليم پرايل هيس، ۽ فارسي ـ عربيءَ ڪان به ڪنهن حد تائين واقف هئي) پهرئين ئي ڏينهن پنهنجي پر ۾ وهاري، علم جي فضيلت، استاد جي ادب، ۽ سندس آڏو بافضيلت رهڻ تي هڪ وڏو وعظ فرمائي، هٿ مٿي تي ڪٽايو، ۽ فرمايو ته "وڃي مولانا صاحب جي خدمت ۾ رهه، ۽ نهايت ادب ۽ اخلاص سان سندن هرخدمت جي بجاوري آڻيندو رهج. خبردار، ڪنهن کي تنهنجي شڪايت مون وٽ آئي آهي!" مون ته انهيءَ تي ڪاربند ٿي، دل و جان سان مولانا صاحب جن جي خدمت ڪرڻ شروع ڪئي، ۽ هين ڏڪڻ ڪان فارغ ٿي رات ڏينهن علم پرائڻ کي لڳي ويس؛ مگر هيا صاحبزادا...؟ انهن جي مغز ۾ مخدوميءَ جو واءُ پريل، مي ڪٽي ٿا استاد جي خدمت ڪن، يا آڪ لي هر علم جي طلب ۾ صرف ڪن! وري خدا جي فضل سان منهنجو ذهن ۽ ذڪاءُ به هين ڪان ڪٽر هو. هوڏانهن، وڏن مخدومن وٽان مولانا صاحب کي حڪم ٿيو ته "ڏسج، متان هيءُ ڇوڪرو اسان جي فرزندن ڪان اڳي

نکري وڃي!" مگر مولوي صاحب جن فرمايو تہ "مون کان اهڙو ظلم هرگز نہ ٿيندو: مان استعداد هوندي کنهن شاگرد جي زندگي خراب کرڻ گناهہ ٿو سمجهان". نتيجو اهو ٿيو، جو انهيءَ گناهہ جي پاداش ۾ مولانا صاحب کي گهڻيون تکليفون سهڻيون پيون ۽ آخر کهڙن جا وڻ چڏڻا پين. پاڻ اهو سڀڪجهہ برداشت کيائون، مگر پنهنجو اصول نہ ڀڃائون.

سندن اها به خوبي آهي، جو پاڻ تعليم ڏيڻ وقت شاگرد جي ليول تي لهي ايندا آهن: شاگرد جيڪڏهن ابتدائي کتاب ٿو پڙهندو، تہ انهيءَ کي وڏيون وڏيون ڳالهيون کين ٻڌائيندا، بلڪ سبق پاڙهڻ وقت ڪيس کتاب جي لفظن ۽ معني وغيره متعلق مختصر ۽ واضح سمجهاڻي ڏيندا آهن، جو کتاب جو متن هن کي پوريءَ طرح ذهن نشين ٿي ويندو. سبق جي اڳوات مطالعي کرڻ تي تمام گهٽو زور ڏيندا آهن: جيڪڏهن کين معلوم ٿي ويو تہ شاگرد سبق مطالع کونہ ڪيو آهي، تہ انهيءَ کي کتاب اڇلائي ڏيندا ۽ سبق بالکل نہ پاڙهيندا آهن. منتهي طالب العلمن سان سندن پاڙهڻ جو طريقو، بحث ۽ تمحيص جو هوندو آهي: اڄ شاگردن کي سڏي چوندا تہ "سڀاڻي هن صفحي کان وٺي هن صفحي تائين پڙهنداسون، هرهڪ شاگرد تيار ٿي اچي"؛ ٻئي ڏينهن صبح جو هڪڙو شاگرد پڙهڻ شروع کندو ۽ ٻين سڀني شاگردن کي عام اجازت هوندي تہ جتي ٻہ ڪنهن کي ڪو سوال ڪرڻو، اعتراض ڪرڻو، يا سمجهاڻي گهرڻي هجي تہ پنهنجي پڙهڻ واري رفيق کان گهري سگهي ٿو. اهڙيءَ طرح، ڪتاب جي اهڙ مقامات تي بحث ڇڙي پوندو آهي، ۽ هرهڪ شاگرد پنهنجو خيال آزاديءَ سان پيش کندو ويندو آهي. آخر ۾ فيصلو پاڻ ڏيندا آهن. سندن فيصلي تي ٻہ شاگردن کي اعتراض کرڻ جو پورو پورو حق هوندو آهي. ڪيترا دفعا ائين ٻہ ٿيندو آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن شاگرد سندن راءِ کي قوي دليلن سان رد ڪيو، تہ پاڻ پنهنجي راءِ کان رجوع کرڻ ۾ دير ڀلڪل نہ ڪندا آهن ۽ نهايت خنده پيشانيءَ سان انهيءَ شاگرد کي آفرين ڪندي فرمائيندا تہ "بيشڪ تون صحيح آهين". مگر، انهيءَ بحث ۽ تمحيص ۾ ڪنهن ٻہ شاگرد کي لايعني يا اڄائي ۽ بي بنياد سوال کرڻ جو حق نہ ڏيندا آهن ـ بلڪ اهڙي واهيات سوال واري تي سخت ناراض ٿيندا آهن. پاڻ ائين ٻہ ڪندا آهن، جو وڏن وڏن ڪتابن جي ڏکين مقامن جو شاگردن کي اڳوات اطلاع ڏيندا آهن تہ 'سڀاڻي جيڪو سبق آهي، سو نهايت ڌڪيو ۽ منجهائيندڙ آهي: اها جاءِ موس ماٿو ٿي مطالع ڪجو، ڏسون تہ ڪير ٿو سمجهي اچي!' پوءِ، ٻئي ڏينهن هڪ هڪ کان پڇندا، ۽ جيڪو محنت ڪري سمجهي آيو هوندو، تنهن کي آفرين ڪندا آهن ۽ ٻين شاگردن جي اڳيان ان جي تعريف ڪندا. بعضي وقت تي تہ ڪنهن مشڪل مقام جي حل ڪرڻ تي انعام ٻہ رکندا آهن، ۽ شاگردن کي ڏيندا آهن. آڻ هتي هڪ مثال پيش کرڻ تي اکتا ڪريان ٿو: شڪارپور ۾ آڻ، مولوي عبدالله صاحب، پير غلام مجدد صاحب شڪارپور وارو، مولوي محمد اعظم ۽ مولوي محمد صالح صاحب، هم-سبق هئاسون. خدا جي فضل سان سڀني ذهين ۽ محنتي هئاسون. متيان ڪتاب ٿي پڙهياسون. هڪ ڏينهن پاڻ "شرح عقائد نسفي"

جي حاشيه "خيالي" جي هڪ مقام بابت فرمايائون ته "هيءَ عبارت نهايت مشڪل ۽ پيچيدي آهي ۽ اڪثر طالب علمن کي سمجهائڻ کان پوءِ به سمجهڻ ۾ نه ايندي آهي: توهان مان جيڪو اها عبارت سمجهي ايندو، تنهن کي ڏهه روپيا انعام ڏينداسون". پئي ڏينهن صبح جو آءٌ سبق پڙهڻ هو. رات جو تيار ٿي، ڪتابن جا ڍير گڏ ڪري، مطالعي تي ويناسون. انعام جي لالچ تي ڪو ڪنهن کي ڪجهه ڏسي نه سگهيو- جنهن جيڪي سمجهيو، انهيءَ تي خوش. صبح - اچي حاضر ٿياسون. پئي ته ڪنهن کي به استاد جي سامهون تقرير ڪرڻ جي جرات ڪانه ٿي مون ۽ مولوي عبدالله صاحب الڳ الڳ انهيءَ مقام جي سمجهاڻي ڏني. اسان جي سمجهاڻي تي پاڻ ڏاڍا خوش ٿيا. فرمايائون ته "هينئر مون کي يقين آهي ته توهان عربيءَ جي ڪنهن به ڏکئي ۾ ڏکئي ڪتاب ۾ نه منجهندا". اسان پنهي کي انعام مليو، جو استاد جو تبرڪ سمجهي ڪٽي چمي اکين تي رکيوسون.

پاڻ پنهنجن شاگردن کي اولاد کان به وڌيڪ پيارو سمجهندا آهن: شاگرد جي خوشي پنهنجي خوشي، ۽ شاگرد جو غم پنهنجو غم ڪري تصور ڪندا آهن. مون کي تحصيل ڪرڻ کان پوءِ، ابتدائي دور ۾، مائٽن جي حسد ۽ زماني جي ناسازگاريءَ ڪري ڪي تڪليف رسيون ٿي، ته ڪين هر وقت انهن جو انتظار رهندو هو، ۽ رب جي درگاهه ۾ رات ڏينهن دعائون ڪندا رهندا هٿا- بلڪ ٻين پيارن کان به دعائون ڪرائيندا هٿا، نيٺ، سندن دعا جي برڪت سان، آهو تڪليف جو ڪڪر هٽي دور ٿيو، مولا مهربان اطمينان جون گهڙيو نصيب ڪيون. اڄ تائين پنهنجي اورين خواهه پرين شاگردن جي خبرچار ونندا رهندا آهو ڪڏهن به ڪنهن کي وساريندا نه. خداوندڪريم شال سندن پاڇو اسان ڇوڙن خادمن کان گهٽو وقت قائم رکي!

مڪي شريف ۽ مديني شريف سان خاص محبت اٿن. پاڻ ڇهريون حج سن ۱۳۴۱ھ ڪيائون. ان سال مون، پير غلام مجدد صاحب سرهندي شڪارپوري، ۽ مولوي عبدالله صاحب عالم جي تحصيل کان فارغ ٿي، دستاربندي ڪئي. تڏهن حجاز مقدس تي شريف حسين جي حڪومت هئي. اتي، مديني شريف جي وڏي عالم حضوت مولانا عبدالباقي انصاريءَ (فرنگي محل لکنؤ وارو) جي خدمت ۾ علم حديث جي سند حاصل ڪيائون. مولانا عبدالباقي انصاري اصل "فرنگي محل" لکنؤ جو هو، ۽ لکنؤ جي وڏي ۾ وڏي عالم مولانا عبدالباري فرنگي محليءَ جو شاگرد هو؛ هندستان جي گوڙ ۽ گمسان کان تنگ ٿي، هجرت ڪري، و مديني شريف ۾ رهيو هو، ۽ اتي حرم نبويءَ ۾ حديث جو درس ڏيندو هو. وري پيو د حجاز ۾، نجديءَ جي حڪومت قائم ٿيڻ کان پوءِ، حج ڪيائون. انهن ڏينهن ۾ سندڪ مشهور مفڪر ۽ عالم، حضرت مولانا عبيدالله سندي، مڪي شريف ۾ جلاوطنيءَ جا ڏي گذاري رهيو هو. پاڻ انهيءَ جي خدمت ۾ رهي، حڪيم الامت حضرت شاهه ولي الله محد دهلويءَ جا ڪتاب- "حجة البالغة"، وغيره- پڙهيائون. مولانا سنديءَ، سندن اهليت

تعداد ڏسي، کين ازخود سيني علمن جي سند عطا فرمائي. هن حج تي سندن پاڻ مولوي عبدالله به ساڻ گڏ هو. پاڻ ته حج جي موسم کان پوءِ موٽي آيا؛ باقي مولوي عبدالله صاحب ڪجهو سال رهي پيو، ۽ "حجة البالغه" جو حاشيه به آتي لکيائين، جو مولانا سنڌيءَ جي لارمان اکتو ۽ پاڻ پسند فرمايائون.

حضرت مولانا محمد هاشم صاحب جن، تقريباً، سن ۱۹۳۶ع کان نوابشاهه ۾ رهڻ لڳا هن. نوابشاهه ۾ اچڻ کان پوءِ کين قرآن شريف جي حفظ جو شوق ٿيو، ۽ پنهنجي منهن محنت ڪري قرآن شريف ياد ڪري ورتائون. جيستائين کين طاقت هئي، تيستائين رمضان شريف ۾ اويحن ۾ جماعت کي قرآن شريف ٻڌائيندا رهيا.

گهڻي وقت کان پوءِ، جڏهن پاڻ انڪل سن ۲۰-۱۹۲۱ ۾ دادوءَ ۾ ميان جيوڻ شاهه واري مسجد ۾ پاڙهيندا هئا، تڏهن کين معدي جي بيماري ٿي پيئي هئي، ۽ رفتي رفتي انهيءَ بيماريءَ هڪ مستقل بيماريءَ جي صورت اختيار ڪئي. هاڻي انڪل ڏهن سالن کان، انهيءَ بيماريءَ تمام شدت اختيار ڪئي آهي. سندن هاضمو نهايت ڪمزور آهي-ڪنهن خاص نرم يا ودڻ هضم ڪاڏي کان سواءِ ٻي ڪا شيءِ هضم ڪانه ٿي ٿئي. بدن ۾ نهايت نحيف ۽ ضعيف ٿي ويا آهن، تڏهن به حرمين شريفين جي محبت جي اهائي تار ٻيڻي اٽن. هينئر ته ساڻن رب پاڪ جو اهڙو لطف آهي، جو تقريباً، هر سال حج جي موسم کان اڳ غيبي امداد سان اهڙا اسباب ڏيا ٿي وڃن ٿا. جو پاڻ حرمين شريفين جي زيارت جو شرف حاصل ڪري اچن ٿا. هن وقت تائين پاڻ ڏهه دفعا هيءَ سعادت حاصل ڪري آيا هوندا. تازو هن سال به حج تي ويل هن-مولا پاڪ کين باسلامت واپس آڻيندو- هيءَ سندن بارهون حج ٿيندو.

تفسير حديث ۽ فقه جي علمن سان سندن خاص شغف ۽ شوق آهي. هڻڙي پيراني سالي بيماريءَ جي حالت ۾ به طالبن کي مٿين علمن جو درس ڏيندا رهن ٿا. طالب علميءَ جي زماني کان ئي کين علم تصوف ۽ سلوڪ جو شوق هو. انهيءَ زماني ۾ پنهنجي والد مرحوم ان گڏ وڃي حضرت خواجه محمد سعيد مڪي لواريءَ شريف جي مشهور بزرگ جي بيعت ڪيائون. مٿين بزرگ جي فوت ٿيڻ کان پوءِ جڏهن سندن فرزند پير احمد زمان لواريءَ وارو تا پير هليو، تڏهن انهيءَ جي بيعت فسخ ڪري، وڃي حضرت مولانا خادم حسين رتيديري واري سان (جو جيڪب آباد جي پرسان پليڏنه آباد ۾ رهندو هو) صحبت ڪيائين، ۽ اتي رهي شبندي سلسلي جي اجازت حاصل ڪيائون. حضرت مجدد الف ثانيءَ جي مڪتوبات خواهه ٻين صوف جي ڪتابن جو اڀوڪي زماني ۾ حضرت مولانا محمد هاشم صاحب کي بهترين ڄاڻو سليم ڪيو وڃي ٿو.

مولانا خادم حسين صاحب، مولانا لطف محمد صاحب پٽنگ واري جو شاگرد، ۽ حضرت خواجه محمد عمر صاحب چشمي شريف واري جو خاص خليفو هو. عام طور سيني عربي ۽ ديني علمن

جو ماهر هو، ۽ خصوصي طور علم ڪلام جو وڏو ڄاڻو هو. انهيءَ وقت جي طالب العلمن ۾ هيءَ بيت مشهور هوندو هو ته

"خيالاتِ خيالي بس بلند ست، برای حل آن خادم حسین ست".

اصل بيت هن طرح آهي:

"خيالاتِ خيالي بس بلند ست، که آنجائي نه قل احمد نه جند ست".

حضرت مولانا محمد هاشم جو وجود مبارڪ اچوڪي قحط الرجال جي دور ۾ غنيمت آهي. سندن صحبت سراسر فيض ۽ برڪت آهي. سندن صحبت ۾ ويهڻ ڪاڻ هوءَ دل نه گهرندي ته ڪو آڇي. سندن زبان ۾ خداوندڪريم ايترو ته تاثير وديعت رکيو آهي، جو ڪيترا بدڪار گنهگار سندن صحبت ۾ اچي، بدڪاريءَ کان توبهه ڪري، تائب ٿي، پاڪبازانه زندگي گذاري رهيا آهن. هڪ دفعي نوشهري جي قاضي ميان عبدالغفور (بي. اي.، ايل. ايل. بي.) گالهين ڪندي ذڪر ڪيو ته "عالم اسان ۾ گهٽا ڏٺا آهن، پر مولانا محمد هاشم صاحب جن جي صحبت ۾ ويهڻ سان ائين معلوم ٿيندو ته واقعي ڪنهن الله واري جي صحبت ۾ ويٺا آهيون: انهيءَ وقت پنهنجو وجود قطعا وسري وڃي ٿو، ۽ سندن شخصيت اسان جي مٿان حاوي ٿي وڃي ٿي- باوجود يڪ سندن زندگي نهايت سادي آهي، ۽ سندن ڪچهريءَ ۾ ظاهري ساز و سامان جو نالو نشان به ڪونهي".

حضرت مولانا جي دعا تيربهدف آهي. سندن زبان مبارڪ مان لفظ نڪرندو، الاهي درگاهه ۾ قبول ٿيندو. هزارين عقيدتمند سندن دعا جو فائدو وٺي چڪا آهن، ۽ وٺندا رهن ٿا.

پاڻ حضرت مولانا خادم حسين، جا خليفه مجاز آهن؛ مگر جيئن ته سندن خاص شوق ۽ توجهه ظاهري علم- خصوصاً قرآن، حديث ۽ فقه- ڏانهن رهيو ۽ رهندو آيو آهي، تنهنڪري سندن بيعت جو سلسلو ايڏو دراز ڪونهي- باڪ چند خاص اهل علم سندن بيعت ۾ داخل آهن، ۽ سندن رهنمائيءَ ۾ سلوڪ جون منزلون طي ڪري چڪا آهن ۽ ڪندا رهن ٿا. هتي مثال طور مولانا صاحب جن جي هڪ مريد جو جنسي خط نقل ڪجي ٿو، جنهن مان معلوم ٿيندو ته سندن نظر ڪيميا- اثر ۾ ڪيڏو نه اثر آهي.

"قبلهٔ داربن، مدظله العالي-

"بعد از تسليمات و آداب کے عرض هے که مدت هوئي، بنده حضور کي خدمت عالي مين اپني درخواست پيش نه کرسکا- معافي کا خواستگار هون.

"ظاهري زيارت کے سوا اب کوئي خواهش باقي نهين. آپ کي غائبانه توجه سے دل مسرور هے. وه کيفيت جو دماغ سے شروع هوئي تهي، پاؤن تک پهنچ گئي هے. حضرت امام رباني کا خوب ارشاد هے که 'هر انتها کي ايک اور ابتدا هے: نهايت اور هے، اور نهايت النهايات اور هے'. آپ کي عالي توجه سے نسبتِ خاصه کا حصول، نعمتِ عظميٰ هے- اور آينده اميد هے که حضور کے زير قدم باري تعالي رکهکر خاص اپني رحمت سے نوازينگے- والله يختص برحمته من يشاء.

"و كل ولي له قدم و اني
علي قدم النبي بدر الكمال. (هيءَ بيت غوثيه جو آهي.)
"و اني (اے اکبرعلي) علي قدم رسولي (اے مولانا محمد هاشم) بدر الكمال.
(هيءَ ٽکرو مولانا جي مريد جو تاثر آهي)

"مخدوما! يہ سب حضور کي ذره نوازي هے، ورنہ "من معمولي مرد کمينہ
بنجاهيم، و ليكن صحبتِ آنجناب اين من خام را كندن كرده".

"مکرمي جناب قاضي جان محمد صاحب بخير و عافيت هين. انهون نے عاجده عريضہ
ارسال خدمت كيا هے۔ غائبانہ توجه مين شامل رکھکر ممنون فرماوين.
بروز شنبہ ۔خاکپاي اکبرعلي عفي عنہ"

(هيءَ اکبرعلي هڪ مولوي صاحب آهي. مولانا صاحب جن جو خليفو آهي. مريدن کان
بيعت وٺڻ جي اجازت مليل اٿس. هن وقت ڪراچيءَ ۾ رهي ٿو.)

هن وقت مولانا صاحب جن نوابشاهہ جي جامع مسجد جا خطيب ۽ پيش-امام آهن.
وعظ، نصيحت ۽ درس قرآن پاڪ جو سلسلو جاري رهي ٿو. سندن وعظ ۾ بہ الله تعالي تمام
گهڻو تاثير رکايو آهي. هري پري جا ماڻهو شوق سان اچي سندن وعظ ٻڌندا آهن. سندن
وعظ نہ آهي، پر هڪ صيقل آهي، جو قلب جي کس ۽ ڪٽ لاهي، انهيءَ کي صاف ڪري،
نوراني بڻائي ٿو ڇڏي.

حضرت مولانا صاحب جن موجوده گنديءَ سياست کان هميشه پري رهندا آيا آهن؛
البت خلافت تحريڪ، جا پهرينءَ عالمي جنگ کان پوءِ سال ۱۹۱۹-۲۰ع ڌاري شروع ٿي
هئي، تنهن ۾ دل کولي ڪم ڪيو هٿائون. سندن تقريرون ۽ تحريرون نهايت مؤثر هونديون
هيون. انهيءَ وقت ۾ منعقد ٿيل تقريباً جملي کانفرنسن ۾ پاڻ شريڪ رهيا-جهڙوڪ حيدرآباد
واري خلافت کانفرنس، جا شاهہ جي قدمن وٽ جناب پير غلام مجدد صاحب ۽ ميان عبدالجبار
وکيل ۽ ٻين خلافت جي گهٽگهرن جي کوشش سان منعقد ٿي، ۽ ٻيون لاڙڪاڻي، دادو
وغيره جون کانفرنسون. 'خلافت' سان سندن خاص شغف هو، مگر تڏهن بہ پاڻ انڊي جذبي
۽ جوش جو شڪار ٿي ڪڏهن بہ خلافتي بزرگن جي غلط قدم جي تائيد ڪانہ ڪيائون. مثلاً
انهيءَ زماني ۾ انگريزن جي مخالفت جي جوش ۾ هندستان جي مسلمانن کي افغانستان ڏانهن
هجرت ڪرڻ لاءِ اياريو ويو هو: هڪ طرف مذهبي فتوائن سان کين ٻڌايو ويو تہ جيڪڏهن
هجرت نہ ڪندا تہ ڪافر ٿي مرندا، ۽ ٻئي طرف وري کين اهي سبز باغ ڏيکاريا ويا تہ
افغانستان ۾ کين هڻڻا سک ۽ آرام ملندا، وغيره. اسان جي مولانا صاحب انهيءَ وقت هن
تحريڪ جي زباني خواهہ عملي مخالفت ڪئي-۽ پاڻ جيئن فرمايائون ٿي، آخر آهوئي نتيجو
نڪتو ۽ هجرت واري تحريڪ سخت ناڪام ٿي.

انهيءَ وقت مولانا ابوالڪلام "آزاد" جهڙن هندستان جي جوشيلن عالمن شرعي فتوا شايع ڪئي، جنهن ۾ قرآن، حديث ۽ فقه کي مروڻي سروڻي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي ته ولايتي ڪپڙي جو استعمال ڪرڻ قطعي حرام آهي؛ سنڌ جي عالمن جي اڪثريت به انهن سان همنوا ٿي ويئي؛ مگر مولانا محمد هاشم صاحب، جو هڪ پڪو خلافتي ۽ کدر-پوش هو، تنهن باڪل صاف ۽ واضح لفظن ۾ اعلان ڪيو ته "شريعت محمديءَ جي ڪنهن به دليل سان ولايتي ڪپڙي جي حرمت ثابت ڪالهي، تنهنڪري خواهه مخواهه الله ۽ رسول تي افترا پردازي نه ڪئي وڃي؛ باقي بيشڪ مسلمانن کي ٻڌايو وڃي ته هندستاني ماڻهن جي بهتري انهيءَ ۾ آهي ته ولايتي ڪپڙو استعمال نه ڪن". ٻاڻ اهڙي تحريڪ لکي، وقت جي عالمن آڏو رکيائون، مگر مجموعي خواهه انفرادي ڪوششن جي باوجود به سندن تحريڪ جو جواب لکجي نه سگهيو.

شعر ۽ شاعري سندن ڪو خاص شغل ناهي، مگر حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جي عشق جا آڌما ڪڏهن ڪڏهن شعر جي صورت ۾ سندن زبان مبارڪ مان لکري نروار ٿيندا آهن. سندن ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

(فارسي)

نعت شريف

شدم در عشقِ تو حيران پريشان، يا رسول الله،
فتاده خشک لب در تب چو مستان، يا رسول الله!
ڪسي ڪز عشقِ تو عاري، بلا شڪ بيڪس و ناري،
نه زائد زين زيان ڪاري بدوران، يا رسول الله!
چو باغِ حسنِ تو ديدم، چو لاله داغ در دل شد،
ز گل وصلت بڪن مارا تو خندان، يا رسول الله!
ز گريه من چه برخيزد ڪه از صدمهٔ يڪي شويد،
شعاعت ڪن چو بيحد شد گناهان، يا رسول الله!
'عمر دين' را نشد ديگر بجز "لا تقنطوا" تڪيه،
رهائي ده تو "هاشم" را ز هجران، يا رسول الله!

("عمر دين" سندن وڏي فرزند جو نالو آهي. ابتدا ۾ جيڪو شعر چوندا هئا، تنهن ۾ عمر دين جو نالو شامل ڪندا هئا.)

(سنڌي)

مولود شريف

ادا قاصد! خبر ڏج هيءَ عرب جي تون عجبين کي،
سڀائجج حال تون هڪدم، مديني جي حبيبن کي،
ادا قاصد، عرض ڪج هيءَ وڃي تون ميرمرسل کي:
گهرايو سنڊ مان سائين هينئر پنهنجن مريدن کي.
آهي اُمت مٿا تنهنجي غرق غفلت گناهن ۾،
شفاعت جو دلاسو ڏيو، پرين، پنهنجي غربين کي.
مرض ماري وڏو آهي، درد ڳاري ڇڏيو آهي-
وڃي ڪج ڳالهه هيءَ منهنجي مديني جي طبيبن کي.
دوا هن درد منهنجي جي، آهي ديدار دلبر جو،
ڪري کو حال "هاشم" جو مديني جي حڪيمن کي.

(۲)

ادا مؤمن، مديني ڏي هيئنر هڪدم هلڻ گهرجي،
باقي ڏينهڙا حياتيءَ جا اتي عاشق رهڻ گهرجي.
مديني ۾ اگهر قسمت ادا عاشق ٿئي تنهنجي،
مٿي مرسل جي مسجد ۾ وڃي سجدو ڪرڻ گهرجي.
رقيبن کان اگر رخصت، ادا عاشق ملي توکي،
چپن سان يار جي چانڊ، ادا توکي چمڻ گهرجي.
صبح سانجهيءَ سلامن سان ڪندو رهه ساهه کي سرهو،
رسول الله جو روضو اکين سان پڻ ڏسڻ گهرجي.
مديني ۾ مزا آهن، ٻڌايان يار ڇا توکي،
مديني جي گهٽين الدر محبت سان گهمڻ گهرجي.
ادا خاڪ قدم دلبر دوا آهي، شفا آهي،
"هاشم" جهڙن مريضن کي مديني ۾ مرڻ گهرجي.

حضرت مولانا صاحب "بقية السلف" جي حيثيت رکن ٿا. سندن علمي فيض جي درياهه کيئي اجايل ڏاوا، ۽ کيئي بٺ ساوا ڪري ڇڏيا آهن. سندن شاگردن جو تعداد ڳڻڻ کان ٻاهر آهي - مختصر چند نامي گرامي حضرات جا نالا هيٺ ذڪر ڪجن ٿا: (۱) حضرت مولانا صاحب الحاج سيد اميرشاهه، ساڪن امينائي، لڳ دادو: هيءَ بزرگ حضرت مولانا محمد هاشم جي پهرين شاگردن مان آهي؛ وڏو متبحر عالم آهي؛ چاليهن پنجيتاليهن ورهن کان وٺي پنهنجي

گوٺ ۾ عربي مدرسو هلائي رهيو آهي، ۽ سندس مه رسي مان هن وقت تائين سوين شاگرد فيضياب ٿي چڪا آهن. شاهه صاحب ۽ نقشبندي سلسلي ۾ داخل آهي، ۽ حضرت مولانا خادم حسين صاحب رتيديري واري جو خليفه مجاز آهي. الله تعالى کيس وڏي حياتي عطا ڪري!

(۱) مولوي ابوبکر صاحب، ساکن رياست لسبيلو: هي صاحب ۽ وڏو عالم ۽ فقه حنفيءَ ۾ نهايت مهارت رکندڙ هو؛ ڪيترو عرصو رياست لسبيلي جو مفتي ٿي رهيو، ۽ وفات ڪري ويو.

(۳) مولانا محمد قاسم صاحب پنهور، ساکن اسٽيشن قلجي: هڪ نامي ڪرامي عالم آهي. ونائس ڪيترائي شاگرد فيضياب ٿيا آهن، جن مان ڪيترائي اڄا تائين تدريس جو ڪم ڪندا رهن ٿا.

(۴) مولانا مولوي عبدالله صاحب، مولانا صاحب جن جو پاڻ سندس مختصر تعارف ڪرائي چڪا آهيون. (۵) مولانا مولوي امام الدين صاحب ڏندي وارو: هن لاڙ ۾ چشمهء فيض جاري ڪيو، جنهن مان ڪيئي فيضياب ٿيا. ازان سواءِ، مولوي قاضي حاجي محمد صاحب ڪنديءَ وارو (هالي ساکن دادو)، مولوي علي محمد صاحب حڪيم (دادوءَ وارو)، مولوي محمد عظيم صاحب شڪارپوري، مولوي محمد صالح صاحب ڪوهي خيري جماليءَ وارو، مولوي پير غلام مجدد صاحب سرهندي شڪارپوري، وغيره بزرگن جا نالا پڻ قابل ذڪر آهن.

مولانا محمد هاشم صاحب جن ۽ شاديون ڪيون ۽ پهريائين هڪ شادي پنهنجن مائٽن مان ڪيائون، جنهن مان هڪ فرزند نالي ميان عمرالدين پيدا ٿيو؛ انهيءَ گهرواريءَ جي فوت ٿيڻ کان پوءِ وري ٻي شادي ڪيائون، انهيءَ سان کيس ٽي فرزند آهن. دعا آهي ته خداوند ڪريم کين پنهنجي والد بزرگوار جي نقش قدم تي هلڻ لاءِ توفيق عطا فرمائي ۽ آمين!

مولوي محمّد صادق راڻيپوري *

بندي جو هيٺيون شجرو عزيزم جناب مولوي قطب الدين سيواڻي کنيرو، رهندڙ ڏلي کنيراڻي، تعلقي احمدپور، رياست بهاولپور، جي بياض تان ورتل آهي:

«مولوي صادق علي، عرف محمد صادق، راقم الحروف، بن مولوي الهه بخش (۱)، بن صادق علي عرف ملا صادق، بن اسماعيل، بن جام چتو (۲)، بن جام قاسم (۳)، بن حافظ محمد معروف، بن ولي محمد (۴)، بن محمد اسلام، بن ميان يار محمد، بن ميان لصير محمد، بن ميان الياس، بن ميان محمد دائود، بن ميان آدم شاهه شهيد، بن ميان نور شاهه عرف گجن شاهه، بن ميان صاحبڏنو، بن ميان خان محمد، بن طاهر، بن رانع (۵)، بن شاهه محمد (۶)، بن ابراهيم (۷)، بن محمد، بن طاهر، بن چنّيه (۸)، بن قائم (۹)،

---


* مولانا صاحب جي سوانح عمري، سندن ڏنل مواد مان ورتل آهي. —مرتب

(۱) هن کي پ پٽ ٿيا — هڪ مولوي صادق علي، راقم الحروف؛ ۽ ٻيو محمد کاظم، جو لاولد فوت ٿيو.

(۲) «جام» لقب جي معنيٰ «سردار» آهي، جو سنڌ ۾ نه مخصوص آهي. ياد رهي ته توڙي جو راقم الحروف جا ابا ڏاڏا دائود پوٽن جي سردارن سان گڏ ملڪ پنجاب ۾ وڃي رهيا. تاهم اُن وقت کان وٺي اڄ سن ۱۳۷۶ھ تائين پ سندن زبان سنڌي آهي. لقب «جام» کين دائود پوٽن جي سرداريءَ سبب مليو. (۳) جام قاسم کي پ پٽ، هڪ «جام چتو» ۽ «جام موسيٰ» نالي، ٿيا. (۴) ميان شفيع محمد کي پ پٽ ٿيا — هڪ ولي محمد ۽ ميان الله بخش. شجري ۾ ميان ولي محمد شفيع محمد جو نسب هلندڙ آهي: باقي ميان الهه بخش کي هڪ پٽ ميان صادق علي نالي ٿيو، جنهن کي ۱۱۹۴ هجريءَ ۾ ٽالپر سردارن سنڌ ۾ حاڪم مقرر ڪيو. (۵) سنڌي ماڻهو «رانع» کي «راڻو» ڪري سمجهندا هئا. هن نالي کي سنڌي نالو سمجهندا آهن، ڇو ته عمرڪوٽ جي هندو سردارن جو لقب پڻ «راڻو» آهي: پر «رانع» لفظ عربي آهي، جنهن جي معنيٰ آهي «ڪيڏاري». اها پڻ عقل کان ٻاهر ڳالهه آهي، ته عربيءَ سنڌ ۾ اچڻ کان پوءِ کو ايترو جلدي عربي نالا ڇڏي سنڌي نالا اختيار ڪيا هوندا. (۶) اصل نالو «محمد»: هي پهريون نبي بزرگ آهي، جنهن کي «شاهه» جي لقب سان سڏيو ويو. سنڌ جي محاوري ۾ گهٽو ڪري «شاهه» لقب، نالي کان اڳ ۾ استعمال ڪندا آهن — جئن ته شاهه پٽائي، شاهه گودڙيو، شاهه پنجو، شاهه جاڙو، وغيره. (۷) هي حيدرآباد سنڌ جي آسپاس ڪنهن ٽڪريءَ ۾ اڄي خلوت نشين ٿيو، ۽ باڪل اڪيلو گذارڻ لڳو. هن نئي پاڻ کي «ڪلهوڙو» مشهور ڪيو: ڇو ته «ڪلهو» زبان سنڌي ۽ سرائڪيءَ ۾ اڪيلي يا تنها کي چوندا آهن، ۽ لفظ «ڙو» سنڌي زبان ۾ تصغير ۽ انڪسار لاءِ مخصوص آهي — جئن يتيم کي «يتيمڙو»، غريب کي «غريبڙو»، ۽ مسڪين کي «مسڪينڙو» چوندا آهن. پاڻ «ابراهيم ڪلهوڙو» جي ٻدران «ڪوهڪ ڪلهوڙي» مشهور ٿيو،

(۷، ۸ ۽ ۹ حاشيه ڏسو صفحي ۲۱۴ تي)

بن طاهر، بن احمد، بن جاهره، بن قائم، بن عبدالرحمان، بن عباس، بن مامون، بن هارون، بن ابو عبدالله مهدي، بن ابو جعفر منصور (۱)، بن محمد، بن علي، بن عبدالله، سيد المضرين، بن حضرت عباس - عم النبي صل الله عليه وسلم.



راقم الحروف جو ڏاڏو مولوي صادق علي، عرف ملا صادق، وڏو عالم ۽ حڪيم هو، حضرت خواجه فخرالدين عرف فخر جهان اوحديءَ جو مريد هو. منهنجو والد مولوي الله بخش، صغيريءَ پرئي يتيم ٿي ٻيو، جنهن کي سندس سوٽ چاچڙان شريف کان

(حاشيه ۷، ۸ ۽ ۹ اندل صفحي ۲۱۳ تان)

سو ائين، جنن سنڌيءَ ۾ حيدرآباد واري کي «حيدرآبادي»، شڪارپور واري کي «شڪارپوري» سڏيندا آهن. در اصل حاسدن جو هي هڪ ڪوڙ آهي، جو اهڙيءَ بزرگ هستيءَ کي «کوهڪ» جي نالي سڏيائون: حقيقتا هن «کوهڪ» کي ابراهيم «کلهوڙي»، يعني کلهوڙا والي، سڏيائون. (۸) در اصل هي نالو «غتنيه» جي وزن تي هو، بمعنيٰ ريشمي چادر: جنن تہ احمد بن عيسيٰ بن «جنيه»، محدث هو، ۽ جهالت جي سبب صورتخطيءَ ۾ «چنيه» سنڌي ٿي ٻيو، چو تہ هو زبان عربيءَ کان واقف کونہ هنا- ايتريقدر جو ڪن «چنہ» (چ-ن-ه) ۽ «چنا» لکيو، جو لفظ خاص ڪشمير وزن (موچين) لاءِ آهي؛ عباسين جي شجري ۾ دائودپوٽن وري «چيني» لکيو (چ-ي-ن-ي). غالباً، نقل ڪرڻ وارن ڪاتبن غلطيءَ کان صورتخطيءَ ۾ «چيني» لفظ جي «ي» کي «ن» کان اڳ لکيو، ۽ آهستي آهستي، ڳهٽائيندي ڳهٽائيندي، «چيني» (سنڌي زبان ۾ - «هر، هوز چڏي) لکيائون، جو در اصل «جنيه»، يا «جنيح»، هو- و الله اعلم. (۹) قائم ۽ امير احمد ٻڌي ٻائر سن ۲۵۹ هـ ۾ ڪيچ مڪران جي رستي کان سنڌ ۾ ڳڏيا (جدا جدا ٿي آيا)- هنن ٻنهي نالن وچ ۾ لفظ «امير» احمد»، ذڪر ڪيل مولوي صاحب جي بياض ۾ لکيل آهي. هي لفظ آهي، جو هنن ٻنهين فرزندن سان آهي، سو يا تہ سندن لقب طور آهي ۽ سندس نالو «احمد» هو، يا «امير» بمعنيٰ حاڪم آهي؛ چو تہ «امير- قائم» يا «امير- احمد» عربي نالن سان ٻڌ آهن- و الله اعلم بالصواب.

(۱) هن جو لقب ابوالعباس عبدالله آهي، ۽ ڪيس بني آمين «بالسفاح» سڏيو.



مولوي محمد صادق

پنهنجي وطن ، ڳوٺ عبدالواحد ڪنيڙي تعلقي احمد پور ، ۾ ولي آيو ۽ شادي ڪرايائينس- اتي ئي هي عاجز راقم ، ڳوٺ جليل ڪنيري ۾ جائو. سون کي ۱۸۸۳ع ۾ چاچڙان شريف جي پرائمري اسڪول ۾ داخل ڪرايو ويو ، ۽ انڪي رجسٽر ۾ منهنجو نالو 'صادق علي' درج آهي. والد سائين جن ، حضرت خواجه غلام فريد صاحب جن جا خليفا ۽ خادم هئا. ۱۳۱۳ هجريءَ ۾ ، حضرت پير صاحب سيد ميان غلام محي الدين شاهه صاحب گيلاني ، سجاده نشين راڻيپور شريف جن ، حضرت خواجه غلام فريد صاحب جن جي ملاقات لاءِ ، چاچڙان شريف تشريف فرما ٿيا هئا. حضرت خواجه صاحب جن جي طرفان جيڪي خادم خليفا سندن مهمان نوازيءَ لاءِ مقرر ٿيل هئا ، انهن ۾ منهنجو والد صاحب به شامل هو. حضرت خواجه صاحب ۱۳۱۹ هجريءَ ۾ وفات ڪئي. ان سانحي کان پوءِ والد صاحب جن راڻيپور شريف هجرت ڪري آيا ، ۽ ان وقت جي سجاده نشين ، حضرت پير ابو محمد صالح شاهه صاحب گيلاني ، والد صاحب کي نهايت مهرباني سان پاڻ وٽ رهايو. ۱۳۲۱ هجريءَ ۾ راقم جي همشيره جو نڪاح پير صاحب جن سان ٿيو. قضا الاهيءَ سان منهنجي همشيره فوت ٿي ويئي. مرحومه درگاهه شريف ۾ مستورات جي چوڪنڊي ۾ مدفون آهي.

حضرت پير صاحب قبلہ جن شروع ۾ منهنجي پيش نويس ميان الهه بخش صاحب عباسي کهڙن واري کان ڪجهه فارسي تعليم ڏياري ، ۽ پوءِ تبرڪاً پهريون سبق شرح جاميءَ جو حضرت علامه مولانا عبدالغفور صاحب هُمايونيءَ کان روبرو ڏيارياٿون. عربيءَ جي تعليم مولوي عبدالرؤف کان ڏيارياٿون ، ۽ آخر ۾ حضرت استاذ العلماء مولانا الحاج محمد صاحب لغاري رحه کي سانگهڙ مان گهرائي ، ان کان تعليم ڏيارياٿون ، ۽ کانئن فارغ التحصيل ڪرائي ، دستاربندي ڪرايائون.

راقم کي حضور سرڪار هز هائينس مير علي نواز خان صاحب بهادر مرحوم ، والي رياست خيرپور ، سان سندن ايام وليعهدي ۾ ڏيٺ هئي ، ۽ حضور موصوف ۽ مير غلام حسين خان ٽالپر کي راقم جي ناچيز علمي لياقت ، شرافت ۽ طبي دستگاهه جي چڱيءَ طرح سان ڄاڻ هئي ؛ چنانچه منهنجي خواهش موجب ، سرڪار هز هائينس جي حقيقي ٻيءَ جي معرفت ، شاهي خزاني مان هڪ سو ماهوار پينشن ملڻ لاءِ پروانو صادر ٿيو ، جو هن وقت به مون وٽ موجود آهي.

هز هائينس مير علي نواز صاحب مرحوم جي ايماء تي ، هن عاجز راقم هڪ اردو رسالو "دعوة الاعتصام بدين الله الاسلام" لکيو ، جنهن ۾ امتِ مرحومه جي سڀني فرقن ۽ گروهن کي هڪ پليٽفارم تي جمع ٿيڻ لاءِ اپيل ڪئي ويئي آهي ، ۽ عام مسلمانن کي توحيد پرستيءَ جي تلقين ڪيل آهي. انهيءَ رسالي ۾ هڪ خدائي تحريڪ ، "دين الله" جي قيام جو اعلان ڪيو ويو آهي ، ۽ مسلمانن کي تحريڪ ۾ شامل ٿيڻ جي عام دعوت ڏني ويئي آهي- ليڪن چند وجوهات جي سبب اهو مقصد حاصل ٿي نه سگهيو. علاوه ازين ، مذڪوره رسالي جو مير صاحب مرحوم جي سرپرستيءَ هيٺ انگريزي ترجمو به God's Religion جي نالي ٿي

چکو آهي، مگر شيعہ حضرات جي مخالفت سبب اهو مکمل رهجي ويو. هڪ غير مطبوعہ رسالو "احسن المنادي في السلام غاندي (گانڌي)" پڻ هي عاجز لکي چکو آهي، جو انشاء الله جلدي طبع ٿيڻ وارو آهي. ان ۾ پيغمبر اسلام متعلق چند هندو دوستن جا بهترين رايا پيش کيا ويا آهن، ۽ راقم جي مهاتما گانڌيءَ سان خط و کتابت جا کجهه حصا بہ ڏنل آهن.

۹۲۳: عيسويءَ ۾، راقم، حضرت قبلہ پير سيد ابو محمد صالح شاهہ صاحب ۽ علامہ دين محمد "وفائي" مرحوم سان گڏ، آريہ سماجين ۽ قاديانين جي خلاف هڪ محاذ قائم ڪيو، ۽ سڄ جي مختلف شهرن ۽ ڳوٺن ۾ عام جلسا ڪوائي، شڊيءَ ۽ قاديانيت جي فتني جي ڊاب لاءِ سرتوڙ ڪوشش ڪئي، ۽ الحمدالله جو راقم کي سندس محترم رفيقن سميت خاطرخواه ڪاميابي نصيب ٿي.

هن عاجز کي حڪمت جي فن ۾ الله جي فضل و ڪرم سان ڪافي دسترس آهي، ۽ ڪيترا لاعلاج مريض راقم جي علاج سان شفايابب ٿي چڪا آهن. منهنجي حڪيمانہ خدمات جي صلي ۾، نواب صاحب جهوناگڙهہ، ۱۹۴۵ء، هڪ سو روپيا ماهوار پينشن پڻ مقرر ڪئي هئي. علاوه ازين، انهيءَ سلسلي ۾ راقم وٽ ملڪ جي ڪيترين معزز ۽ موقر هستين جا آفرين نامہ ۽ اعتراف نامہ موجود آهن ـ ۽ هي سڀ الله جي فضل و ڪرم جي ٿي طفيل آهي.

عاجز راقم کي شاعريءَ جو فطري شوق آهي، مگر غفلت شعاريءَ سبب ڪلام جو گهڻو حصو ضايع ٿي چڪو آهي ـ تاهم ڪلام جو کجهه نمونو پيش ڪريان ٿو.

گيتا جي منظوم ترجمي مان چند اشعار

فيل گون ضمي که چشمِ عالم حيران او ست، آسمان با اين همه گردش بلاگردان او ست.
سرمهٔ اهل نظر يا سومن باغِ بهشت، آسمانِ نور يا خود چهره تابان او ست.
موج دريائي چو سيما پيچ و تابِ عاشقان، شرحِ طومارِ قضا يا کاکلِ پيچانِ او ست.
قطعهٔ نيلم بود رخسارتش از جوشِ صفا، نقدِ جان دادن سودا قيمت ارزانِ او ست.
تلخيءِ مرگم بود شيرين ز شکر خنده اش، ز آنکه آبِ زندگاني در لبِ خندانِ او ست.
رخنه در دلها کند از جنبشِ مژگان تير، فتنه انگيزِ دوعالم نرگس ختانِ او ست.

* * * *

زهي دل از غمِ حسنِ سياهت گشته سودائي، نگه را همچو خالِ مردمک سامانِ بينائي.
بمشکيني ز زلف خوبرويان برده سبقت، چو خالِ گلرخان بر چهرهٔ ايام زيبائي.
تراکانِ نمک خوانند خوبانِ جهان ليکن، بشرّيني لب لعلت بود دکّانِ حلوائي.
ز حالِ زارِ مخموران کنجِ غم چه هروايت، که چون چشمِ سياهي خود ز مستي باده پيمائي.
شنيدم پيش ازين در پرده کارت بود دل برمن، بنورِ حسنِ خود چون شمع اکنون محفل آرائي.
شمارِ جسم ما چندان که باشد ناتوانيها، بسرو قد دلجوئي تو باشد چشمِ رعنائي.

قصیده در مدح الله آندو شاه دربیلوی

کجا شد عقدهٔ لاحل، کجا آن صعب دشواری،
مبدل شد بآزادي، که میگفتم گرفتاری!

یکایک چرخ باز آمد ز عادت جور و مکاری،
معطل کرد دوران یک قلم طرز ستمگاری؛

جریح خسته را راحت پدید آمد زود اکنون،
که مرهم زخم دلها گشته است این فلک زنگاری؛

مزاج نازک و طبع لطیف آورده ام چندان،
که معنون کرد دلبرکند ثقل و گرانباری؛

ولے تغیر عالم چو بپرسیدی سبب بشنو،
باعزاز آنزیبل گشت ممتاز از خبرداری.

باقبال و خورشید آسمان عزت و عظمت،
سحاب بذل و احسان آفتاب زهد و دینداری.

فلاطون دانش و لقمان عقل و رستم میدان،
سکندر جاه و حاتم جود و دارائي جهانداری.

رفیق مومنان خان بهادر الله آندو شاه،
کزان فیاض عالم هست ینبوع کرم جاری.

بتائیدابزدي فتح و ظفر نصرت ترا خادم،
حسود سیه قسمت را میسّر شد سیه کاری.

سیه روی تیره دل گوئید بمیر ذلّت سیدی،
الا یا ایهاالمومن ببین این کوری نارای!

چو از شومي بخت خود مقابل هر که شد باتو،
بچشم خویش مي بیند تباهي خانه مسماری.

سفید تند خورا آنچنان بگرفت اسرافش،
که نتوان رفت جز مرگش ز دل این داغ ناداری.

شگفته خاطرت چندا نکه دشمن تنگ دل مانده،
ترا خواب و سکون چندانکه اورا سحر بیداری.

توئي آن حاتم دوران که محتاج درت بینم،
چه ملتاني و لاهوری چه کشمیری و تاتاری

تو آن علم آشنائي همگنان نخواند در مدحت،
فقیه و قاضي و مخدوم و شیخ و عالم و قاری.

رسد افتاد گانرا هردم از ذات تر پامردی،
که طبع اهل همت نیست از لطف کرم و عاری.

خدا یا تاکه باشد مهرو ماه و انجم و اختر،
الهي تابود گردنده چرخ پیر زنگاری.

نصیب دوستانت عیش و عشرت جاودان بادا،
مُیسّر دشمنانت را همیشه ذلت و خواری.

زبانم راند نیروئے که مدحت سرکند یکسر،
سراپا حسن اوصافي و طبع من ازان عاری.

بحال گفتن وصف تو صادق از کجا آرد،
ازان رو ختم کردم این قصیده را بنا چاری.

●

خوش آن گروه که با یاد حق هم آغوش اند،
بسرنگ پیکر تصویر جمله خاموش اند.

بدل ز کیفیت عشق نشه دارند،
چو شیشه از سخن غیر پنبه در گوش اند.

نظر با طاس و دیبای این جهان کنند،
چو اخگر از تن فرسوده پیرهن پوشند.

کجا خرابي اهل جهان؟ دارند،
سبک روان که خود از باد خود فراموش اند.

حدیث ساقي خود را بلب نمي آرند،
بدل برنگ خُم می همیشه در جوش اند.

●

بوصف خط مشکین اے سواد خامه تحریرے،
بنطق لعل مشکین اے زبان کلک تقریرے!

ز درد دل بجانم اے طبیب جان و دل رحمي،
ز سوز سینه مردم، اے مسیحا، ساز تدبیرے!

بعزم صید رفتی اے سواد باد پیمائي،
اسیر بند فراقت شد اے صیاد نخچیرے!

نہ بردی بر درش اے نالہ جا نگاہ فریادی، نہ کردی در دلِ آن سنگدل اے آہ تاثیرے!
بہ بندِ زلفِ مشکین میروی ای دل تو مجنونے، کہ اینجا صد حریفا نند دیوانہ بز زنجیرے!
فتادہ سرنگون "صادق" بہ پیش پایت اے قاتل،
کشیدي تا بدستِ خویش اے خونریز شمشیرے!
(اردو)

●

ـ صاحبزادي فیض محمد جي ولیعهد تسلیم ٹیڈ جي موقعي تي

هم محوِ ذکرِ حق بوقتِ سحر رهے، جوش دعا تهي دل مین پیا بے اظهر رهے۔
میري زبان پہ جاري تها وہ کلام پاک، سن سن کے تهے فرشتے زمین پر اتر رهے۔
سلطان 'علینواز' سے اخلاص تها قدیم، یون تهے میري ذهن مین مقامي گذر رهے۔
یا رب هو میر 'فیض محمد' مراد مند، حامي همیشه سید خیرالبشر رهے!

●

تکتي ہے رہ مجرم، رحمت کي خطا پوشي، آزردہ نہ هو میکش، جاری رهے مي نوشي!
کهل جائو ذرا هم سے، هنگام بهہ مستي، اس حال مین عاشق سے کیسي یہ حیا کوشي!
تمهیدِ پریشاني یہ گل کا تبسم هے، اک راز هے سربستہ غنچہ کي یہ خاموشي۔
پیغام پریشاني لے آئي هے کیسي یہ، کرتي هے نسیم آکر پهولون سے جو سرگوشي۔
رہ جاتي هے بوِ باقي، مینا هے اگر خالي، انفاس هین رندانہ، گو ترک هے مي نوشي۔
تاوانِ محبت تها یا قرضِ هوا خواهي، جان دیکے هوا حاصل مقصود سبک دوشي۔
آئے میري تربت پہ وہ لے کے رقیبون کو، کچهہ کم نہ هوئي ابتک قاتل کي جفا کوشي۔
آنکهون سے میري گرتے هین لعل و گوهر پیهم۔ کانون مین اسے کهد و کوئي کرکے یہ سرگوشي۔
هے شوقِ سخن "صادق"، کچهہ قوم کے حق مین لکهہ،
بیهودہ تغزل کي یہ محنت و سرجوشي۔

●

عرض کي 'غیر سے هو بزم خالي'، تو دلوادي مجهے فوراً نکالي!
بهت هین نازنین دل لینے والے، و لیکن هے ادا اسکي نرالي۔
سجن! برسات کي رت هے نہ جائو، کهان پهر ایسے ایام و لیالي۔
کهان جاتا هے تو اب پي پلاکر، ادهر تو دیکهہ مین بهي هون سوالي!
دلائے یاد جهوٹے وعدے ان کو، تو بولے 'تم هو اک پاگل خیالي'!
دیوانہ کرکے الفت مین همارا، منانا چاهتا هے وہ دیوالي۔
کمر باریک تیري پر هون قربان، اسي سے سیکهہ لي نازک خیالي۔
هے عرشِ حسن پر پرواز اس کو، یہ شاهِ ناز کي هے تیز چالي۔
ریاست حسن پر هے ناز کا حکم، اکیلے آپ کچهہ تهوڑے هین والي!
هے بزم سخن کا اب رنگ پهیکا، گئے اٹهہ 'اسیر' و 'آزاد' و 'حالي'۔

رباعي

تا اهل سے کب دادِ وفا لیتا ہون،
صراف سے قدر و قیمت پا لیتا ہون،
وہ دوست کہان جن سے تھا دل کا پیوند،
اب دشمنون سے سنکے دشنام، دعا دیتا ہون.

قطعہ تاریخ وفات محمد بخش "واصف" حیدرآبادي

چون محمد بخش 'واصف' شاعرِ نازک خیال،
کرد از دنیاي فاني سوي عقبیٰ انتقال،
سالِ تاریخِ وفاتش این چنین "صادق" نوشت:
"بادِ جنت جاي 'واصف' صاحبِ فطنت کمال". (۱۳۷۲ ھ)

(سندي)

●

کئي نہ ترک چو صیاد گیرودار ایا،
رهي ٿي بلبلِ نالان چمن کان ڈار ایا.
چپي ٿو هيءَ گل و غنچہ اکین ۾ خار جیان،
بهار آئي، نہ آئین تون گلعذار ایا.
رهي نہ عزّتِ دین ۽ نہ آبروي شرع،
روئي ٿي امتِ مرحوم زار زار ایا.
جو خاک و خون ۾ غلطان ٿئي حسین مثل،
ٿیو نہ دین جو پیدا کو جان نثار ایا.
ضعیف پیر ٿیو آهہ فقیر "صادق"، پر،
جئي ٿو عشقِ محمد ۾ هوشیار ایا!

جناب مولانا محمّد ابراهيم صاحب ڪڙهي ياسيني

سال ۱۳۰۷ھ ۾ سندن تولد ٿيو. ابتدائي ڪتاب پنهنجي والد بزرگوار مولانا محمد هاشم صاحب وٽ پڙهيا؛ ٻيو سمورو علم پنهنجي وڏي پاءُ مولانا محمدقاسم صاحب وٽ پڙهي فارغ التحصيل ٿيا. علامہ مولانا عبدالغفور صاحب همايوني، پنهنجي ڏوهٽي، موجوده سجاده نشين، مولانا عبدالباقي صاحب جي تعليم لاءِ ڪيس ڪورايو، جنهن ڪي سمورو علم پڙهائي فارغ التحصيل ڪيائون. سندس مدرسي مان ٻيا به ڪيترا طالب العلم ڪامياب ٿيا ـ جيئن ته مولوي يارمحمد چنا، مولوي صدرالدين صاحب صحبت پوري، مولوي خليل الرحمان صاحب جوڏپوري، مولوي مفتي محمدعلي صاحب جيڪب آبادي، مولوي جان محمد صاحب شڪارپوري، حافظ خيرمحمد صاحب اوحدي، مولوي عبدالعزيز صاحب درهائي، ۽ مولوي حافظ محمد موسيٰ صاحب الياسيني.

پنهنجي وڏي پاءُ مولانا محمدقاسم صاحب جي رحلت کان پوءِ، شهر ڪڙهي ياسين ۾ اچي پنهنجي مدرسي ۾ پڙهائڻ ۽ فتويٰ نويسيءَ ۾ مشغول ٿيا. سندن تصنيفات مان متعدد تحريرن جي علاوه، قرآن شريف جي ڪن سيپارن جو ترجمو مع تفسير، ديوان ناظم فارسي، مجموعه تاريخ، ۽ پنجاهه سٽ ڪن ٻيا ديني رسالا آهن، جن مان هيٺيان ڪتاب چاپي ۾ آيل آهن:
(۱) ترجمو مشڪواة شريف، ربع اول؛ (۲) رسالو ازالة الارتياب (فارسي)؛ (۳) رساله حڪم فوٽوگراف (عربي)؛ (۴) قوت ايمان (سنڌي)؛ (۵) العقول الصواب (سنڌي)؛ (۶) مناسڪ حج (سنڌي)؛ (۷) رساله جماعت ثانيه (فارسي)؛ (۸) لباس النبي (سنڌي)؛ (۹) تعليم المسلمين (سنڌي)؛ (۱۰) آداب رسول الله (منظوم، فارسي)؛ (۱۱) 'ما مريدان' (منظوم، فارسي)؛ ۽ (۱۲) هداية العباد فيمايتعلق بالضاد (فتوا متعلق ضاد بتصديق قاري مدني).

هن وقت سندن عمر ۶۹ سال آهي. سنڌ بلوچستان مان شرعي استفتاء بڪثرت ايندا رهن ٿا، جن جا جواب ڏيڻ ۽ تدريس ۾ پنهنجو وقت گذاري رهيا آهن.

مولانا محمّد يوسف عبّاسي

هي عالم سکھورو، ڪڪڙ جي پرسان "جڳ شينهن" نالي هڪ ڳوٺ جو ويڙل آهي. قرآن شريف پنهنجي ڳوٺ ۾ آخوند شيرمحمد وٽ پڙهيائين؛ فارسي ۽ عربيءَ جي ڪجهه صرف مولانا محمد صديق ڪلهوڙي وٽ پڙهيائين، جو اهو به ڪڪڙ جي پرسان "شولاري" ڳوٺ جو رهاڪو هو؛ ان کان پوءِ مولانا صاحب مختلف مدرسن ۾ گهڻن وٽ پڙهيو آهي. زياده عرصو جن استادن جي شاگرديءَ ۾ رهيو آهي، آهي هي آهن: (۱) مولانا شفيع محمد مسجدي؛ (۲) مولانا ميرمحمد لورنگي؛ (۳) مولانا عبدالوهاب؛ (۴) مولانا محمد صاحب ديري غازيخان وارو، جنهن پير جهنڊي ڳوٺ ۾ گهڻو وقت پڙهايو؛ (۵) مولانا حاجي حامد الله، ويڙل پيلو، تعلقو سجاول؛ ۽ (۶) مولانا خيرمحمد منگسي، ٽنڊي محمد خان وارو. پڇاڙيءَ واري استاد (مولانا خيرمحمد منگسي) وٽ فارغ التحصيل ٿيو، ۽ دستاربندي ڪيائين.

مولانا کي تحصيل علم جو ڏاڍو شوق هو؛ سخت منحتي به هو. مشڪل مقامن کي کوشش ڪري زياده ڪو ڪندو هو. گهٽا ڪتاب برزبان ياد به ڪيائين - جيئن ته "فصول اڪبري"، "ڪافيه"، "ايسا غوچي"، "تهذيب المنطق"، "سلم العلوم"، ۽ "منار متن نور الانوار".

منطق ۽ صرف ۾ ڪيس گهٽي مهارت آهي. مختلف هنڌن تي پڙهايو اٿس: (۱) جهرڪن ۾ پير غلام فريد جان سرهندي مرحوم وٽ، (۲) جمڙائوءَ جي پرسان حاجي قادربخش لغاريءَ وٽ، (۳) ملير ۾ پير ضياءاحمد وٽ، ۽ (۴) هاڻي نورمحمد هاءِ اسڪول حيدرآباد ۾ عربيءَ جو معلم آهي. ڪيس مطالعي جو وڏ چڱو ملڪو آهي. ڏکيا ڪتاب به پڙهائي سگهي ٿو، ۽ پڙهايا اٿس. ڪيس لکڻ تي به سٺي قدرت آهي. شعر عربي ۽ فارسيءَ ۾ چئي سگهي ٿو. "معلم الصرف" نالي عربي صرف لاءِ فارسيءَ ۾ بهترين ڪتاب تصنيف ڪيو اٿس، جو اڃا مخطوطي صورت ۾ پيو آهي. سنڌي زبان ۾ "قواعد فارسي" ڪتاب تاليف ڪيل اٿس.

غلام محمّد "گرامی"

سولانا دین محمّد "ادیب" فیروز شاهي

مولانا دین محمد صاحب، تخلص "ادیب"، تاریخ ولادت شب جمعه، ۱۵ شوال ۱۳۱۴ھ مطابق ۲۱ مارچ ۱۸۹۷ع آهي. تاریخي نالو "منظور حسن" آهي. سجعه (مؤلفه حضرت مولانا ثانوي رحہ): "شرف یافت دلیا ز دین محمد".

سنڌ جو مردم خیز خطو، فیروزشاهہ تعلقو میهڑ آهي. میهڑ جیکي چند شاعر، ادیب، اهل قلم ۽ فاضل شخص پیدا کیا آهن، تن ۾ حضرت مولانا 'ادیب' هڪ خاص خصوصیت جو مالک آهي. سندن نسبي تعلق حضرت غوث الحق مخدوم بهاءالدین زکریا ملتاني رحہ جي خلیفي ۽ وقت جي کامل بزرگ ۽ عارف زمانہ حضرت مخدوم عبدالله صاحب عرف پیروج آج واري سان لڳي ٿو. حضرت مخدوم عبدالله صاحب پیروج کي ٽي صاحبزادا- مخدوم محمد ابراهیم، مخدوم احمد، ۽ مخدوم اسحاق هٿا. حضرت مخدوم پیروج وڏيءَ عمر وارو بزرگ هو. سندس عمر ۱۲۵ سال هئي. سندس مزار پرالوار اڄ به مرجع انام خاص و عام آهي. سندس وچیون پٽ، مخدوم احمد، وڏو عالم ۽ درویش هو. پاڻ مخدوم محمد عثمان درهیلي واري وٽان علم جي تحصیل کئي هٿائون. سندس اولاد ۾ به وڏا وڏا عالم ۽ درویش پیدا ٿیا- جیئن ته مخدوم عبدالمجید صاحب، جنهن مخدوم محمد عثمان شهید متعلوي، وٽان علم حاصل کیو هو؛ مخدوم میان خیر محمد صاحب، بن مخدوم عبدالمجید؛ مخدوم میان خیر محمد جو فرزند، علامہ دوران حضرت مولانا عطاءالله فیروزشاهي، جو پنهنجي وقت جي علماي کرام ۾ هڪ جیڏو عالم ۽ سینې فن ۾ متبحّر 'استاذالعلماء' هو. سندس استادن ۾ مولانا عبدالرؤف صاحب مورائي ۽ مولانا نورمحمد ۽ مولانا گل محمد شهداد کوٽي مشهور آهن. مولانا عطاءالله فیروزشاهي، سنڌ جي وڏن عالمن مان هڪ وڏو عالم هو. سندس هزارون ۽ مشهور شاگرد، حدیث ۽ فقه جو ماهر، مولانا حاجي حامدالله صاحب میمن رحہ (هیلي، تعلقي سجاول جو) آهي. ان کان سواءِ پیا به ویهارو کن سندن فارغ التحصیل شاگرد آهن، جن اطراف سنڌ ۾ وچي الله جي آسري تي مدرسا کولیا، ۽ قرآن حدیث ۽ فقه جي خدمت کئي. مولانا 'ادیب' فیروزشاهي به مخدوم احمد صاحب جي اولاد مان آهي، ۽ ان علمي ۽ روحاني خاندان مان کیس هر وجهہ بخرو ملیل آهي.

حضرت علامہ عطاءالله صاحب جن جي مدرسي ۾ مولانا "ادیب" ابتدائي تعلیم حاصل ڪئي، ۽ فارسي شروع ڪئي، جا مولانا جي وفات کان پوءِ سندن مدرسي جي ٻئي عالم مولانا عبدالرحمان صاحب وٽ "پندنامه" ۽ "تحفه نصائح" تائين پڙهي. پوءِ سندن جي مشهور استاذ العلماء حضرت مولانا الاهي بخش صاحب رحہ (ويڙل ڳوٺ ڀانهو لاکير، تعلقو ميهڙ) جي مدرسي ۾ داخل ٿيا. حضرت مولانا الاهي بخش صاحب تعليم جي فن ۾ واقعي ماهر هو، ۽ فارسيءَ ۾ يگانهء وقت هو؛ شاعر به هو، ادیب به هو؛ ان سان گڏ عالم باعمل، متشرع ۽ فقيه هو. سندس شاگردن مان استاذ العلماء حضرت مولانا عبدالڪريم صاحب ديرويءَ جهڙو يگانهء عصر عالم ۽ صوفي، محقق ۽ فقيه آهي؛ ۽ جناب سيد حاجي علي اڪبر شاهه صاحب ڀاني "جامعه عربيه" جهڙو سياستدان، ابوالبيان، فصيح اللسان، ادیب، مقرر ۽ مذهبي پيشوا آهي. مولانا ادیب صاحب، حضرت مولانا الاهي بخش صاحب جي شهرت ۽ شفقت، ڪمالات علمي ۽ فيوضات باطني ڏانهن ڇڪجي آيو. پندرهن مهينن ۾ "گلستان"، "بوستان"، "زليخا" هرسه دفتر، "انشاءابوالفضل"، "بهار دانش"، "سڪندر نامه"، "تحفة الاحرار جامي" ۽ "انوار سهيلي" وغيره وغيره تائين پڙهيا. مولانا "ادیب" ننڍائيءَ کان وٽي ذهين ۽ صالح هو، تنهنڪري ايترن ڪتابن جي مطالب ۽ معاني، بديع ۽ بلاغت سميت تقريرن ۽ تشريحن سان پڙهي، فارسيءَ ۾ وڏو استعداد حاصل ڪيائين؛ تحرير ۽ تقرير تي عبور حاصل ڪري، فارسيءَ ۾ شعرگوئي به شروع ڪيائين. ان کان پوءِ، عربيءَ جو مروج نصاب شروع ڪري، شوال ۱۳۳۴ھ ۾، پنجن سالن جي مسلسل محنت شاقہ کان پوءِ، دستاربنديءَ تائين پهتا.

مولانا "ادیب" جي طبع ننڍائيءَ کان وٽي صلاحيت ڏانهن مائل هئي. سندن صحبت جن بزرگن سان رهي، سي زماني جما نہ فقط عالم ۽ عارف هئا، پر وڏا شاعر ۽ ادیب، سخن سنج ۽ سخن‌شناس هئا. حضرت علامہ عطاء الله رحمہ کان پوءِ، حضرت مولانا الاهي بخش صاحب رحہ وڏو عالم ۽ شاعر هو، جنهن جي شاعراڻ فيوضات ۽ ادیبانہ ڪمالات مولانا "ادیب" جي لکل ادبي قوتن کي زندگي بخشي، ۽ ڪوشش عافيت مان ڪڍي بزم شاعريءَ ۾ آندو. مولانا الاهي بخش صاحب رحہ جي فارسي نوڙي سنڌي تحرير، شسته ۽ شائسته هئي. سندن ڪلام فيض انجام ۾ جدت ۽ ندرت هئي، فصاحت ۽ بلاغت هئي، سلاست ۽ رواني هئي، شگفتگي ۽ سادگي هئي: اهي جوهر هئا، جي مولانا "ادیب" کي به ملیا، ۽ مولانا جي شعرگوئي ان عالم ۾ شروع ٿي. صالحن جي صحبت ڪري، مولانا "ادیب" کي حضرت نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم - فداه امي و ابي - جن جو اشتياق ما لا يطاق نصيب ٿيو. ان وقت پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي شان اقدس ۾ نعتيه ڪلام چيائون، جو سوز ۽ درد، فراق ۽ اشتياق جي عاشقانہ تصوير آهي. سندن نعتيه ڪلام اڄ تائين موجود آهي، جو هر وجه عروضي ۽ شاعراڻ ڪمالات جو دليل ۽ سندن پختہ گوئيءَ جو زنده ثبوت آهي-

"يا رسول خدا ترحم كن، زاريء سن ببين تكلم كن،
مشكل آسان كن از سر شفقت، سه جبينم نما تبسم كن.

هڪ صحابيه جي هن عربي نظم جو سندن فارسي ترجمو ملاحظه ڪريو:

"يَا مَنْ لَمْ يَشْبَعْ مِنْ خُبْزِ الشَّعِيْرِ، يَا مَنِ اخْتَارَ الْحَصِيْرَ عَلَى السَّرِيْرِ،
يَا مَنْ لَمْ يَنَمْ لَيْلَ كُلَّهُ، مِنْ خَوفِ عَذَابِ رَبِّ السَّعِيْرِ."

فارسي ترجمو:

(الف) نمودي نه سيري ز نانِ شعير، گزيدي به دل بوريا بر سرير،
نخفتي همه شب شفيع الوريٰ، ز خوفِ عذابِ خداي سعير.

(ب) اي نكردي سيري ازنانِ شعير، اي گزيدي بوريا را بر سرير،
اي نخوابيدي همه شب توگهي، از هراسِ بطش مولاي سعير.

تحصيل ۽ تڪميل ڪان پوءِ، مختلف عربي مدرسن ۾ پاڻ درس تدريس شروع ڪيائون- خاص طور پات شريف ۾ حضرت علامہ مخدوم مولانا محمود صاحب صديقي رحہ جهڙي عالم ۽ عارف جي ڪشش ۽ محبت ڪين پات ۾ ڪافي وقت رهايو. اتي عربي نصاب پوريءَ طرح پڙهايائون* ۽ علوم عربيہ تي عبور حاصل ڪيائون. ان سان گڏ، تحرير ۽ فتويٰ نويسي ۾ ڪيائون. ان وقت کي ياد ڪري، اڄ به هي بيت پڙهندا آهن:

"بِلَادٌ بِهَا كُنَّا وَ كُنَّا نُحِبُّهَا، إِذَا النَّاسُ نَاسٌ وَالزَّمَانُ زَمَانٌ".

(يعني، اسان ڪن شهرن ۾ رهندا هئاسين ۽ انهن سان محبت رکندا هئاسين، جنهن وقت ان جا ماڻهو ڪامل ماڻهو هئا ۽ زمانو به سٺو زمانو هو.)

مولانا "اديب" جي ڪمالات علميءَ لاءِ واهڻ جي محدود زندگي موزون نه هئي؛ قدرت گهريو ٿي ته سندن جوهر باطن ۽ ڪمالات علمي مان ادب ۽ اهل ادب مستفيد ٿين؛ تنهنڪري ڪنهن جسماني عارضي جي علاج خاطر حيدرآباد سنڌ ۾ آيا- ۽ اهڙو آيا، جو وري نه موٽيا- اڄ تائين حيدرآباد ۾ آهن. مرحوم نورمحمد صاحب وڪيل، جو رڳو علوم ظاهري جو ڄاڻو ۽ قانوندان نه هو، پر مردم شناس به هو، تنهن مولانا "اديب" جي صحبت ۽ معيت

---

* موحوم مولوي ميان رحمت الله ولد حافظ عبدالله چنو، ويڙل وڪڙو تعلقو ڏوڪري، مولانا "اديب" جي ماسات، ونس فارسيءَ ۽ عربيءَ جو سمورو نصاب پڙهي پورو ڪيو، ۽ ونس دستار بند ٿيو. هيءَ ڏاڍو نيڪ، صالح ۽ ذڪي هو. سندس سڀ خواب سچا هوندا هئا، ۽ ان جون استخارائون صحيح هوندا هيون. دستاربنديءَ کان پوءِ پنهنجي مسجد ۾ پڙهائيندو رهيو. افسوس جو سندس عمر عزيز ٿوري هئي: دستاربنديءَ کان پوءِ سال ٻن ۾، ۱۲ شعبان المعظم ۱۳۴۵ ۾ وفات ڪري ويو- انا لله و انا اليه راجعون!

پهول تو اپني بهارِ جانفزا دكهلا گئے، حسرت ان غنچون په هے جو بن كهلے مرجها گئے!

سندس وفات جو تاريخي سادو آهي- "فارغ البال" (۱۳۴۵).

کی پاڻ لاءِ برکت پريو سمجهي، مولانا کي پنهنجي هاسٽل ۾ پيش امام مقرر ڪيو. اتي ساڍا ٽي سال امامت ۽ خلق جي خدمت جا فرائض انجام ڏيندا رهيا.

حيدرآباد سنڌ جي شهري زندگي، جديد علوم ۽ فنون ۽ مغربي تهذيب جي مصنوعي چمڪ دمڪ مولانا تي ڪو اثر نه ڪيو. هي پاڪ نهاد، صوفي طبع، عارفن ۽ عالمن جو صحبت يافتو، صالح مرد، جو وقت حيدرآباد سنڌ ۾ مقيم هو، اهو دين جي شغف، مطالعهٔ ڪتب، مصروفيت اوراد و اشغال، ۽ صالحن جي صحبت ۾ گذاريندو رهيو. نيڪيءَ جو بيج بوکيل هو: بزرگان دين جي تصنيفات ۽ روحاني اتصال ۽ برڪت، آبياريءَ جو ڪم ڪيو، ۽-

"باران که در لطافتِ طبعش خلاف نيست، در باغ لاله روياد و در بوم شور خس."

جي مصداق، سندن خزينهء قلب ۾ الله جي سچي محبت ۽ رسول الله صلي الله عليه وسلم جي والهانه محبت پيدا ٿي: عشق عربي رسول، برق جان سوز، جي لمعاتي ۽ فيوضات عرفاني ڪان سندن نهانخانهء قلب "بيت المعمور" بنجي پيو. ان زندگيءَ ۾، دوباره، حيدرآباد کي ڇڏي، مرحوم نورمحمد جي والد جي استدعا تي، مرحوم نورمحمد جي گهوٽ واپس آيا. ذڪر ۽ فڪر سان گڏ، ديني ڪتابن جي مطالعي ۽ نصاب نظامي جي درس و تدريس ۽ امامت، خطابت ۽ خدمتِ خلق ۾ وقت گذارڻ لڳا. حيدرآباد سان هجرت ۽ ڏوري، مرحوم نورمحمد لاءِ ناقابل برداشت رهي: پنهنجي ننڍڙي گهوٽ جي اصلاح ۽ ديني خدمت جي بجاءِ، مولانا کي همیشه لاءِ انگريزي دان گروهه جي اصلاح ۽ ديني تربيت لاءِ واپس حيدرآباد آندو ويو، ۽ اهو سلسلو اڄ تائين جاري آهي.

علماء اسلام ۽ صوفياء ڪرام ۾، دور جديد جو عارف ڪامل، حڪيم الامت، حضرت مولانا شاهه محمد اشرف علي ٿانوي رحمة الله تعالي عليه جي ذات گرامي ڪنهن به تعارف جي محتاج نه آهي. سندن تصنيفات ۾ تفسير، حديث، فقه، فلسفه، حڪمت، تصوف ۽ اصلاحي نقطه نظر سان آڻن سون ڪان زياده قابل قدر ڪتاب ۽ رسالا موجود آهن. سندن مواعظ حسنه، تر ياق القلوب جي حيثيت رکن ٿا. هر طبع، هر ذوق، ۽ هر استعداد واري شيخ، معمر ۽ جوان پُر شباب لاءِ سندن تصنيف اڪسير جو ڪم ڪيو آهي. سندن معتقدين ۽ متوسلين ۾ مولانا ظفر احمد ٿانوي، عبدالماجد دريابادي، مولانا مفتي محمد حسن لاهوري، سيد سليمان صاحب ندوي، قاري محمد طيب ديوبندي، مولانا حاجي شيرمحمد صاحب ڪهوڙڪيءَ وارا مهاجر مدني، مولانا عبدالباري ندوي، مولانا عبدالرحمان صاحب ڪيملپوري، ۽ مفتي محمد شفيع صاحب وغيره آهن. مولانا "اديب" اهڙي عارف ۽ روحاني حڪيم جو نه فقط معتقد آهي، پر مريد صادق آهي. سندن اخلاقي ۽ اصلاحي مواعظ ۽ رسالجات جي مطالعي ڪرڻ سان، مولانا سان ڪين قلبي رابطو، روحاني ۽ مريدانه تعلقات پڪا پيدا ٿي ويا: پاڻ ارڙهن سالن جي عمر ۾ "ڏاند پون" پهتا، ۽ حضرت جي دست بوسيءَ ۽ صحبت سان مستفيد ٿيا؛ بيعت لاءِ درخواست ڪيائون، جا ڪن مصلحتن ۽ طالب العلمي جي مناسب نه هجڻ سبب قبول نه ڪئي- پر دورِ طالب العلمي ڪان پوءِ

قبول فرمايائون. مولانا ثانوي، رسمي پيري-مريديءَ جي خلاف هو. نا اهل، ناپختہ، هرجائي ۽ ريائپسند کي ويجهو اچڻ نہ ڏيندا هئا. ان کان سواءِ، سندن معيار موجب، چگي انداز ۽ استعداد ۽ صلاحيت وارا ماڻهو پيدا ٿيا، جن کي سندن بيعت جو شرف حاصل ٿيو آهي- باقي معتقدن جو انداز لکن کان باهر آهي. الحمد لله، جو مولانا 'اديب' اهڙي عارف ۽ حڪيم الامت جي معيار تي پورو آيو، ۽ کين حلقءِ ارادت ۾ داخل ڪيو ويو. مولانا 'اديب' ادب ۾ پاڻ کي اڃا تائين طالب العلم، ۽ تصوف ۽ طريقت جو نوسفر سالڪ سمجهن ٿا: اها سندن انڪساري آهي، ورنہ سندن باطن گهٽو چگو آهي. پاڻ رگهو قال جو صاحب نہ آهي، پر حال جو صاحب ٻہ آهي: ۽ جذب ۽ وصال جو طالب پڻ.

شعر و شاعري: تصوف ۽ شاعريءَ جو تعلق، جسم ۽ جان وارو واسطو آهي. مشرقي شاعري، تصوف جي ترجمان آهي. بالخصوص، فارسي شاعريءَ ۾ "سنائي"، "عطار"، "رومي"، "حافظ"، "سعدي"، "خسرو" ۽ "جامي" جو ڪلام عارفانہ لڪات ۽ صوفيانہ تعليمات جو بيش بها خزانو آهي. مولانا هڪ صالح ۽ باذوق طالب العلم هو: نفاست ۽ نزاڪت هئي، خيالات ۾ پاڪيزگي هئي، زبان ۾ شگفتگي هئي، ڪلام ۾ رواني ۽ برجستگي هئي، سارو ماحول عالمانہ ۽ شاعرانہ هو، استادن ۾ سڀ استاد وڏا شاعر ۽ اهل زبان هئا، تنهنڪري کين شستہ ۽ شائستہ ملڪو پيدا ٿيو: رڳو سان گڏ جذبات ۾ شوڪيہ حدت پيدا ٿي، شاعريءَ جو چشمو جاري ٿيو. حضرت مولانا الاهي بخش مرحوم جي صحبت ۾ شاعريءَ جي شروعات ٿي، ۽ هاڻي روبترقي آهي- اللّٰهُمَّ زِدْ فَزِدْ!

۱۳۳۰هـ ۾، فارسيءَ سان گڏ سندي شاعري ٻہ شروع ٿي. اڪثر ڪري نعتيہ ڪلام چيو ويو. ان کان پوءِ اصلاحي، قومي، اخلاقي ۽ تاريخي ڪلام چيو ويو، جو ان وقت جي سندي رسالن، ۽ اخبارن- "آفتاب"، "الحق"، "الامين"، "الاسلام" ۽ "الڪاشف"- ۾ شايع ٿيندو رهيو. مولانا فتح محمد مرحوم جي مدير هڻڻ جي دور ۾، "الحق" اخبار ۾ نظم سان گڏ نثر بہ موڪليندا هئا. مولانا فتح محمد مرحوم، مولانا اديب جي ڪلام ۽ مضمونن کي خاص طور نمايان جاءِ تي شايع ڪندي، تعارفي ۽ تعريفي نوٽ لکي، مولانا جي همت افزائي ڪندو هو، ۽ مولانا کي مشق جاري رکڻ جو تاڪيد ڪندو هو.

هن هلندڙ دور ۾ مولانا جي سخن فهمي ۽ سخن سنجي تسليم ٿيل آهي. شاعريءَ جي هرصنف تي سندن معياري ڪلام موجود آهي. "الوحيد" "توحيد"، "اديب" ۽ ٻين رسالن ۾ سندن ڪلام شايع ٿيندو رهيو آهي، ۽ نهايت قابل تحسين، عالمانہ ۽ پختہ پايي جي شاعري آهي.

سندن فارسي ڪلام هاڻي سنڌ يونيورسٽيءَ هڪ فارسي ايم. اي. جي متعلم جي ذريعي جمع ڪرائي، يونيورسٹيءَ ۾ محفوظ رکيو آهي، جنهن کي يونيورسٹي شايع ڪرائيندي.

انهيءَ ايم. اي. جي فاضل شاگرد، مولانا 'اديب' جي گڏ ڪيل فارسي ڪلام تي فل اسڪيپ سائيز ۾ني تي ايڪهٺ صفحن ۾ انگريزيءَ ۾ تبصرو لکيو آهي، اهو ۾ڻ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ محفوظ آهي. اهو شاگرد خوش نصيب چئبو، جو انهيءَ ڪلام جي خدمت ڪرڻ جي برڪت سان، پنهنجن سڀني همدرسن ۾ فسٽ ڪلاس ۾ پاس ٿيو.

فن تاريخ گوئيءَ ۾ ۾اڻ عديم المثال آهن. سرزمين سنڌ ۾ هڪڙو تاريخگو شاعر ڪين ٿيو آهي. «مادهاي تاريخي» جا سوين مثال موجود آهن، جي لاجواب آهن. اهڙا اهلِ فن هندستان ۾ به ٿورا ملندا. مولانا جي همه دانيءَ جو اهو هڪ دليل آهي. اڇلڻ غزل چوڻ ئي شاعريءَ جو ڪمال آهي، پر مولانا غزل کي به افاديت لاءِ استعمال ڪري ٿو؛ ان سان گڏ مثنوي، تاريخ، قطعه، مسدس، ترجيع‌بند ۽ ترڪيب بند ۾ به بدطولي رکي ٿو. مرثيه گوئي ۽ واقعي نگاريءَ ۾ به بيمثال آهي. مرحوم نورمحمد تي چيل مرثيو، هندستان جي وڏن وڏن مرثيه لويس شاعرن کان مٿي آهي.

حضرت خواجه مولانا محمد حسن جان صاحب سرهندي رحمة الله عليه، مولانا 'اديب' جو هڪ طالب علميءَ جي زماني جو غزل ڏنو: ۾اڻ ڏاڍو خوش ٿيا ۽ فرمايائون ته "هنوز آغاز ست، خوش کلاميش متوقع" (ايا آغاز آهي، سڀي شاعريءَ جي اميد آهي). حضرت مولانا الاهي بخش 'سندن استاد' هيءَ مصرعه "کار بداعمال بد سبب خجالت کرده ام" ڏسي، طالب علميءَ جي زماني ۾، مولانا 'اديب' تي اعتراض فرمايو ته "ڇا خجالت جي ڪري کار بد ڪيا اٿيئي؟" ان تي مولانا 'اديب' عرض ڪيو ته "'کار بد' کي خجالت جو ڪارڻ بنايو اٿم". مولانا ٿوري فڪر کان پوءِ فرمايو ته "تون سڀو شعر چوندين!" اهو سندن چوڻ مقبول ٿيو.

تصنيف ۽ تاليف: مولانا صاحب شعروشاعري، درس وتدريس، اوراد ۽ اشغال، سلوڪ ۽ طريقت سان گڏ، تصنيف ۽ تاليف جو ڪم به خاموش نموني ۾ ڪندا رهيا آهن. سندن تصنيف زياده تر مولانا ثانويءَ جي ترجمي تي مشتمل آهي، ۽ ۾اڻ مولانا ثانويءَ وانگر "بلامعاوضه" ڪتاب وقف ڪيا آهن، ۽ هرشخص کي ڪتاب بنا معاوضي ڇاپڻ ڏيندا آهن: جيڪڏهن ڪو سڀي ڪاغذ تي ۽ صحيح نموني ۾ ڇاپڻ جي ضمانت ڏيندو ته پوءِ ان کي اجازت ڏيندا آهن. سندن مخلصانه جذبو ۽ استغنا مولانا ثانويءَ جي برڪت ڪري آهي. ان بزرگ به پنهنجي تصنيفات کي وقف عام فرمايو آهي. سندن ڪتابن جو مختصر تعارف ڪرائڻ مناسب سمجهان ٿو.

(۱) "جزاء الاعمال": مولانا ثانويءَ جي اصلاحي ۽ اخلاقي رسالي جو ترجمو، "اصلاح الاحوال" نالي ٿيو آهي؛ منجهس دنيا ۾ چڱن ڪمن مان فائدا ۽ برائين مان نقصان بيان ٿيل آهن. (۲) "بهشتي ڪوثر": مولانا ثانويءَ جي مشهور معروف ضخيم ۽ مبسوط ڪتاب "بهشتي زيور" جي پهرئين حصي جو شگفته ۽ پراثر سنڌيءَ ۾ ترجمو؛ شايع ٿيل آهي؛ هينئر ڪمياب آهي. (۳) "علاج القحط والوبا": هي مولانا ثانويءَ جي اصلاحي رسالي جو ترجمو آهي؛ نهايت

عمدو ۽ پراثر آهي؛ ايا شايع ٿيو آهي. (۵) "زاد السعيد في الصلواة علي النبي الوحيد": فضائل صلوات ۾ مفيد اصلاحي رسالو آهي؛ ايا اڇپيل آهي. (۵) "لورٌعلي لوز ترجمه خاتم الانبيا": مولانا مفتي محمد شفيع ديوبنديءَ جو سيرت نبوي ۾ هڪ معياري ۽ مختصر رسالي جو ترجمو آهي، جو اسڪولن ۾ داخل نصاب ٿي چڪو آهي. (۶) "علم الاخلاق عرف اسلامي اخلاق": امام غزالي رحه جي اربعين جي پوين ڏهن فصلن جو شستہ ۽ ڪامياب ترجمو آهي؛ زبان اصليت تي قائم آهي؛ نهايت معياري ترجمو آهي، ۽ عربي يونيورسٽي حيدرآباد سنڌ جو شايع ٿيل آهي؛ قديم ۽ جديد تعليم يافته بزرگن لاءِ نهايت ڪارآمد ۽ سبق آموز، اصلاحي ۽ اخلاقي چيز آهي؛ هاڻي پهرو دفعو ڇپيو آهي. (۷) "چهره ڪشاي مثنوي، ترجمه "رونماي مثنوي"": مولانا رومي رحه جي "مثنوي" جي ديباچي وارن چاليهن بيتن جو نظم ۾ شرح آهي؛ پهرو دفعا شايع ٿيو آهي. (۸) "اختتام مثنوي"؛ مثنويءَ جي ڇهين دفتر جو تتمه آهي؛ مولانا الاهي بخش ڪاندلويءَ مولانا روميءَ جي منامي ارشاد موجب ۱۲۱۶هه ۾ لکيو آهي، ان جو منظوم ترجمو مولانا 'اديب' ڪيو آهي. (۹) "حيات المسلمين". حڪيم الامت ٿانوي رحه جو اصلاحي رسالو آهي؛ آيات قرآني ۽ احاديث نبوي سان پورا ۲۵ باب رٿيل آهن؛ مومن زندگيءَ جي لاءِ عارفانه دستور العمل آهي؛ زير طبع آهي. (۱۰) "منع الانام عن وضع الايدي علي الاقدام": فارسي زبان ۾ آهي؛ پيرن پوڻ جي تعظيمي رسم بابت عدم-جواز جو فيصلو دليلن سان ڏنل آهي؛ مٿس وڏن عالمن جون تصديقون آهن؛ ايا اڇپيل آهي. (۱۱) "مجموعة الاشعار (فارسي)": هي مولانا جو بياض آهي، جنهن ۾ مختلف شاعرن جا اٺ سؤ ڪن اشعار ڪڏيل آهن؛ تصوف ۽ اخلاق 'ادب' ۽ تهذيب' اصلاح ۽ تربيت لاءِ نهايت مفيد مجموعو آهي؛ ايا اڇپيل آهي. (۱۲) بهشت جي ڪنجي-نماز ۾؛ (۱۳) "معلم الاسلام"، چار حصا، عقائد ۽ ارڪان اسلام ۾؛ (۱۴) چاليهن دعائن جو ترجمو؛ (۱۵) "ڪليات اديب"، نظم؛ (۱۶) صبح ۽ شام جون دعائون؛ (۱۷) "خلفاي راشدين"؛ (۱۸) "ڪشف المحجوب" جو ترجمو-ايا تشنهء تڪميل آهي؛ (۱۹) "اخلاق النبي"؛ (۲۰) "اشرف العلوم"، ترجمه منظوم مثنوي مولانا روم، ڇهه دفتر: مولانا 'اديب' جو هي معرڪة الارا شاهڪار آهي، جو مولانا جي حيات جاودان جو ضامن آهي*.

مثنوي شريف ڏانهن توجهه ۽ ذوق پيدا ٿيڻ جا ڪيئي سبب آهن: فيروز شاهه، جو مولانا جو زاد بوم آهي، جتي سندس تعليم ۽ تربيت ٿي، ۽ جو علامهٔ زمان استاذ العلماء حضرت

---

* پروفيسر سعيد نفيسي ايراني، "مولوي، در پاکستان" جي عنوان سان، لکي ٿو:

"در سراسر اين کشور بزرگ و درميان اين هشتاد ميليون جمعيت هيچ کتابي بشهرت مثنويء مولانا نيست. در حيدرآباد سند پيرمرد خميده، خوش سيما، با ريش سفيد و چهره گيرا، مولوي دين محمد 'اديب' فيروز شاهي، يک دوره ترجمه منظوم شش دفتر مثنويء مولانا را که بهمان بحر رمل بزبان سندي منظوم کرده است باکمال خضوع و مهرباني بمن يادگار داد. (صفحه ۴۷ و ۴۸، رساله "هلال" ڪراچي، نومبر ۱۹۵۶)

مولانا حاجي عطاءالله رحمة الله عليه جي وقت، عالم ۽ فضل، ادب ۽ فيض جو شهره آفاق مرڪز هو: اتي سوين اهل الله ۽ اهل دل عالم ۽ بزرگانِ دين ايندا هئا، ۽ حضرت علامہ جي "فقيهانہ محفل" منجي، "فقيرانہ مجلس" ٿيندي هئي. پاڻ بنا ساز جي سماع ڪندا هئا، ۽ فراغت جي وقت ۾ "مثنوي شريف" نهايت رقت آميز ۽ دلڪش لهجي ۾ ويهي پڙهندا هئا، ۽ روحاني طمانيت ۽ وجدانگيز ڪيفيت حاصل ڪندا هئا. مولانا 'اديب' جهڙو ذڪي ۽ ذهين طالب پنهنجي استاد محترم جي ان تاثر ۽ جذب کان متاثر ٿيندو هو- غالباً 'مثنوي' سان قلبي رابطي جو بهربون دور اهوئي هو. ساڳئي وقت، مولانا عطاءالله رحمہ، درس نظامي جي خلاف قانون، منتهي طالبن کي مطول سان گڏ مثنويءَ جي عارفانہ رموز ۽ اسرار سان به سيراب ڪندا هئا، جنهن کي ڏسي ۽ پڌي، مولانا 'اديب' جي دل تي مثنويءَ جي عظمت ۽ جلالت جو غيرفاني اثر پيدا ٿيو. اهو سبب آهي، جو ان زماني جا عالم اڄتي هلي قال سان گڏ حال جا صاحب ٿيا- مگر اڇڪلهہ رڳو "قال ۽ تال" آهي، "حال" ڪونہ آهي.

"مصرعہ ۾ لڳو لڳ ٻي اضافتون هجن، انهن جو سنڌي اضافت جي نشانين ظاهر ڪرڻ سان گڏ ترجمو ڪرڻ، حوصلي شڪن ٿا آهي تہ ڇا آهي؟ ڏسو هڪ بيت جي پوئين مصرعہ:

"عکسِ مهرويانِ بستانِ خدا ست"

- هر انهن ڏکين چاڙهين هوندي به، هڪ بيت جو ترجمو هڪ بيت جي التزام سان نہ ڇڏيو: راتيون جاڳيس، ار جو اٽيس، مشڪل جاين تي نا اميديءَ ڪري رئڻ جهڙو ٿيس: مگر ان مبدء فياض عين نا اميدي ۾ رئڻ نہ ڏنو، بلڪ رئڻ جي بجاءِ يڪدم ڪلايو، ۽ مشڪل کي يڪدم آسان ڪري ڏنو. انهيءَ ڪري، معمولي بيتن کان به بعضي مشڪل بيتن جو ترجمو تمام فصيح ٿيل آهي، جنهن تي نہ صرف زبان الحمدللّٰه ٿي چيو، بلڪ ان سان گڏ قلم به اهو فرض ادا ٿي ڪيو."

مولانا 'اديب' جي متين لفظن سان سندن همت، خلوص، محنت ۽ دلي شغف جو پتو پوي ٿو: ان سان گڏ 'تائيدِ غيبيءَ' جي به خوشخبري معلوم ٿئي ٿي. الله تعالىٰ کين توفيق عطا فرمائي جو "اشرف العلوم" پايہء تڪميل کي پهچي وڃي، سنڌي ادب ۽ تصوف ۾ نمايان اضافو ٿيو، ۽ مولانا لاءِ نجات آخروي جو باعث ٻيو! خدا مولانا کي حيات خضري عطا فرمائي، اعمال صالح ۾ مشغول رکي، ۽ خاتمو بالخير ڪري- بحرمت سيد المرسلين، و امام المتقين، صاحب التاج والمعراج والبراق والعلم. -آمين!

مولانا 'اديب' جي صاحبزادي محمد منير وڪيل (بي.اي.، ايل.ايل.بي.- ميڊلسٽ) کي تاليف جو شوق پنهنجي والدکان ورثي ۾ ملیل آهي. طالب علميءَ جي زماني ۾ هن "اڪابر اسلامي" ٽالي هڪ سلسلو شروع ڪيو آهي. آمي بزرگن جون مختصر سوانح عمريون، ستن پاڳن ۾، شايع ٿي چڪيون آهن. ٻہ حصا خاص سنڌي بزرگن جي حالات ۾ تيار ٿيا پيا آهن، ۽ اڃا ڇپيا نہ آهن. "تعليم الدين" جو به ترجمو ڪيو اٽس.

مولانا 'ادیب' جي منظوم کلام جا جملي بيت تقريباً ايڪنيهه هزار ۽ ڪجهه زياده آهن - چويهه هزار ڇهه سؤ ۽ سٺ بيت "مثنوي" جي ترجمي جا؛ پارهن سؤ اختتام 'مثنوي' جا؛ ڏيڍ هزار سنڌيءَ ۾ مختلف نظمن جا؛ هڪ سؤ بيت عربيءَ جا؛ ڏيڍ سؤ بيت اردوءَ جا؛ هڪ سؤ ايڪيهه بيت "چهره ڪشاى مثنوي" جا؛ ۽ ڏيڍ هزار فارسي بيت.

نمونہ ڪلام

(فارسي)

عاجز از تفسيرِ شمس و ليلِ تو، ابنِ جرير! — از حديثِ حسنِ تو 'مسلم' 'بخاري' در نفير؛
عقل ڪل بلبل صفت در باغِ علمت در صفير، — جبرئيل از حق تعالي در جنابِ تو سفير؛
چشمِ صدّيق از جمال و حسنِ تو روشن، بصير، — ديدهٔ بوجهل از برقِ جمالِ تو ضرير؛
در صيبا گشته 'علي' از عشقِ ذاتِ تو جوان، — 'باب شهرِ معرفت' زان آمده شاهِ شهير؛
لوحِ محفوظ ست تعبيرِ دگر بهرِ دلت، — ذرّه ذرّه ڪرد روشن پيش تو مهرِ منير؛
از ازل گل را رسيده شمّه از خوشبوي تو، — بلبل از سوزِ دلت دريافته سوزِ ضمير؛
دفترِ پارينه ني، بل گم شده جمله ڪتب، — در شبستانِ جهان قرآن بود شمعِ منير؛
سوي فهمي سوي فهمان را نموده بدحواس، — نار را دانند نار و نور را نارِ سعير؛
چون شود فضلِ اجل شامل بحالِ عاصيان، — گردد از يمنِ شفاعت نار عڪسِ زمهرير؛
مهر تازي ڪرد نورِ 'فارسي' را بر فلڪ، — ديدنِ اين نور بر خفّاش گرديده عسير؛
ذاتِ پاڪت مظهرِ ڪامل براي ذوالجلال، — مُنصبغ در رنگِ تو مصبوغِ رنگِ بي‌لظير؛
جِئْتَنَا مَوْلَيَّ رَحْ وفنا رَاحِماً مِن رَبِّنَا، — رَبَّنَا رَبَّ ڪَرِيمٌ نِعْمَ مَوْ لِينَا النَّصِيرُ؛
از ڪمالِ فضلِ تو يڪ تارِ مو گفته نشد، — گرچه در هر دور جهدي ميڪند جمّ غفير:
التجا دارد بدرگاهِ رفيعت سگ "اديب"، — بهرِ حق گردان دلم را تا ابد در حق اسير!

* * *

بر رولق و خوش آمده بازارِ اهلِ دل، — باغِ ارم ڪجاست چو گلزارِ اهلِ دل!
هرگز ز بادِ تند نميرد چراغِ شان، — مامون ز باد شمعِ بر انوارِ اهلِ دل.
برنگِ پوست دل مده، اي خيرخواهِ دل! — رنگين ڪنش بصبغهٔ دلدارِ اهلِ دل.
دل مرده شد ز صحبتِ دل مردگانِ دهر، — يا رب، مدام ساز مرا جارِ اهلِ دل!
تقليدِ تن پرست نمي زيبدت "اديب"! — بگزين پيءِ صلاحِ دل اطوارِ اهلِ دل.

●

موگانِ مهوش ست چسان؟ گو سنان سنان! — چون در ڪمان سنان بڪشد، گو امان امان!
تيرِ فراق ڪرد مرا چون ڪمان ڪمان، — اي سرو من! بيا ببرِ من چمان چمان!
در دورِ فتنه‌زاي تو امن و امان ڪجا؟ — آهو ز چشمِ تست بصحرا رمان رمان!

بشکست بارِ هجرِ تو آعظامِ گردنم، هان، مومیاي وصل بده در زمان زمان!
چون نازنین خویش ندیدیم یک حسین، هر چند گشته ایم بسي در جهان جهان!
اي مستِ عهد و چستِ جفا، میروي کجا؟ برسینهء و سرِ من یک شب بمان بمان!
چون بسته شد بزلفِ تو شیرِ دلِ "ادیب"؟ در شیرِ دل نبود چنینم گمان گمان!

●

اي گُل، ز تست در دل من خار، الغیاث! نالم هزار وار ز آزار، الغیاث!
در راهِ عشق فرقِ مراتب کجا شود؟ در یک صف ست بنده جهاندار، الغیاث!
مقبولِ عشق هست بعالم ذلیل و خوار، سردار مي نهند سرِ دار، الغیاث!
مَردانِ عشق را نسزد زینت جهان، باشد بدلق گوهرِ شهوار، الغیاث!
خطت بگردِ روي تو چون هاله گردِ ماه، گیسوي پیچدارِ تو چون مار، الغیاث!
نزدیک روي سرخِ تو زلفِ سیاه چیست؟ این ست برخزینهٔ زر مار، الغیاث!
هان، 'لَنْ تَرَانِي' آمده درگوش من "ادیب"، 'آرِنِي' بگفتم ار چه من زار، الغیاث!

قصیده نعتیه

ایمان بشود تازه ز آذکارِ محمّد، کردار لبي مید هد انوارِ محمّد.
گردید همین تیره زمین رشکِ سماوات، چون تافت بر او مطلعِ انوارِ محمّد.
در عشقِ محمد نشوي تا که تو فاني، عارف لتوان گشت باسرارِ محمّد.
ز اسلام کسادي ست بازارِ مذاهب، شد روز فزون رونقِ بازارِ محمّد.
آن ختمِ رسل، خاتمِ هر فیض و کمالات، مرحوم شده خلق ز ایثارِ محمّد.
هر لحظه بعرش ست گذر شاهِ دو عالم، بیمثل شده همتِ افکارِ محمّد.
تا روزِ قیامت بنوازلد بدنیا، هر روز همین نوبتِ یک-چارِ محمّد.
اسلام باقصاي جهان برد صحابه، هم معجزه شد لشکرِ جرّارِ محمّد.
اسلام نیفزود بشمشیر و بصمصام، افزود باخلاصِ ظفربارِ محمّد.
'سحبانِ عرب' گنگ زبان کرد بیانش، مغلوب شده جمله بمضمارِ محمّد.
اخلاق بمعراجِ کمال آن برسانید، اي بنگر ابرار نکوکارِ محمّد.
ایثارِ مجسّم همه اصحاب نموده، بین در 'بدر' و نیز بانصارِ محمّد.
از بدْوِ جهان تا بهمین دورِ مؤخر، گیتي نبزائید چو احرارِ محمّد.
در غارِ حریٰ کرد عبادت بجواني، از بندگیش پرس ز کهسارِ محمّد.
بیخود شود و وجد کند عاقل و هشیار، از شهرِ مدینه، در و دیوارِ محمّد.
آهنگِ حجازي ست گدازندهٔ دلها، هم نجد کند وجد بآثارِ محمّد.
تسلیم، صبا! گو ز منِ بلبلِ لالان، هر گاه شوي داخلِ گلزارِ محمّد.
وه وه چه نصیب ست گر از لطفِ نگاهي، یکبار شود سوي دل افگارِ محمّد!

پیدا بهمین نظم بگردید حلاوت، در آخر هر شعر بتکرار «محمّد».
با من مکن اي دوست! حدیث عمر و زید، با بنده بگو صرف ز اخبار محمّد.
از دام هواء و هوس آزاد مرا کن، این بنده شود محض گرفتار محمّد.
امید که بخشند بما خرقه «ادیبا»، هستیم چو ما مطرب سرکار محمّد.

(مطلع ثاني)

هر دیده‌وري مي کند اقرار محمّد، خفاش‌صفت مي کند انکار محمّد.
اخلاق بگیتي ست ز آثار محمّد، شد روشن‌تر چرخ ز انوار محمّد.
از فیض نبي جهل شد و علم بیفزود، در پارس فروغ آمده ز انوار محمّد.
«سندي» ز عرب دولت جاوید گرفته، این ست ثمرگیر ز گلزار محمّد.
در مشرق و مغرب ز عرب شمس ادب تافت، خفاش کجا بنگرد انوار محمّد؟
دادلد همي باکره در نیل بهر سال، این ظلم شده خشم ز اخیار محمّد.
یا خاک لگیرند همه جود و سجودت، گر مي کني اي بیخبر انکار محمّد!
هان، هیچ نیرزي بجز از عشق عزیزش، باید بجهان گشت خریدار محمّد.
اي عشق نبي هست گرانمایه متاعي، صدیق همه داده بشد یار محمّد.
در جاي خطرناک علي خفت بجایش، صدیق بجان رفت سوي غار محمّد.
پروانه‌صفت خلق ز هر سمت در آید، بر شمع‌صفت قبر پُر انوار محمّد.
بشنو که خدا عفو کند مجرم خود را، اما نکند عفو گنهکار محمّد!
آزادگیم باعث آزار دلم شد، یا رب، بکرم ساز گرفتار محمّد!
بیزار ز عقل ست همین خاطر مجنون، کن بند بگیسوي گره‌دار محمّد!
از دوستيء خلق رهانیم دلم را، خواهم که شود بلبل گلزار محمّد!

کن عرض «ادیبا»! ز خداوند تعالی:
توفیق عمل بخش بگفتار محمّد!

دنیای ادب را شده معمار محمّد، کرده بجهان شاعر و نثّار محمّد.
فیّاض جهان مشفق و غمخوار محمّد، دلجوی جهان، دلبر و دلدار محمّد.
آن افصح و ابلغ ز بلیغان عرب بود، در وقت سخن بود گهربار محمّد.
با شاهد مقصود هم آغوش توان شد، از مَهْر توسّل بضمانداد محمّد.
«لولاک» بیء شان نبي شاهد عادل، از بهر جهان باعث اظهار محمّد.
غم نیست گر از نقد عمل مایه ندارم، از جود غني سازد سردار محمّد.
مصلح نه چنین دید زمین و نه زمانه، اشرار بدل کرد باخیار محمّد.
شیرین ز شکر شیر شده نام لذیذش، هر لحظه بگوئیم و نه صد بار «محمّد»؟

در هند و اروپاست روان فیض پیمبر، گیرند بهرکنار مددگار محمّد.
می سوخت زنِ زنده بیء مرده به بهارت، از لطف برون ساختش از نار محمّد.
آغلال بدر کرد ز اعناق خلائق، از اِصر جهان کرد سبکسار محمّد.
اِصلاح رسومات چنین کرد فیوضش، آزاد جهان کرد ز اوزار محمّد.
«ہرناد» بگفتا که «شود امن بعالم- گر باز کند عود دگربار محمّد».
بگذاشت بیء امن، ضمانی بزمینی، قرآن و احادیث و هم آثار محمّد.
بنمود بما راهِ سعادات، "ادبا"، با حُسنِ عمل، نیز بگفتار محمّد.

* * *

قندیلِ فلک پرتوِ انوارِ محمّد، جبریلِ امین خادمِ دربارِ محمّد!
در جمره فتد روح بگفتارِ محمّد، ہر شوره دمد سبزه برفتارِ محمّد!
آزاد شد آن خسته ز آزارِ دو عالم، کان را ست بجان و جگر آزارِ محمّد!
تحقیرِ گنهگار مکن زانکه گنهگار- از حبّ شود مطمحِ انظارِ محمّد!
اقرارِ خدا صِرف بمیزان نه بسنجند، شامل نشود تا که باقرارِ محمّد!
تحصیل نموده ز خدا احسن تادیب، برتر ز همه کُمّل اطوارِ محمّد!
در مکتبِ عشق ست همان مرد ادیبم،
گردید سره آنکه بمعیارِ محمّد!

(اردو)

●

ملجائے دو گھڑی کو جو تیری نظر مجھے، آئے فنا کھوں نہ میں باردگر مجھے!
ملجائے دو گھڑی کو جو تیری نظر مجھے، فانی رہوں رہے نہ کسی کی خبر مجھے۔
ہو بات میں خدا کا اگر میں رہون مطیع، مانینگے بے تامّل سب بحر و بر مجھے۔
عرشِ بریں کا زینہ ہے «احمد» کی پیروی، اسپہ سیکھا عروج کا یا رب ہنر مجھے۔
پرخوف راہِ منزل لیلیٰ ہے خارزار، بزدل یہ عقل لیکر مجنون کر مجھے۔
ہے اتباع پیر کا اکسیر بے نظیر، اکسیر اشرفی سے بنا خاص زر مجھے۔
زنجیرِ پا ہے زلفِ بتان راہ یار سے، ہے رہبرِ حقیقت شاخ و شجر مجھے۔
"اللہ کے بنو، نہ بنو نفس کے غلام"- کردو دعا کہ اس کا ہو حاصل اثر مجھے۔
کچھ ہے خبر کہ دین کا سامان لُوٹ کر، لیجاتے ہیں کدھر کو بھی سیمبر مجھے؟
ظالم! کبھی تو بھولے سے مجھکو بھی یاد کر، تو دل میں یاد آتا ہے شام و سحر مجھے!
سن! نقش پای یار کو کرتا ہوں میں تلاش، کرنا نثار اسپہ ہے جان و جگر مجھے۔
لیجائے یار تک یہ میری کوئی روئداد، اللہ سے دعا ہے ملے نامہ بر مجھے!

کرتا رہیگا کب تک یہ لن ترانیاں، کر رشکِ طور، ہو کے ذرا جلوہ گر، مجھے!
گو جانفزا ہے حیدر-آباد کی ہوا، عُریاں اسی کا حسن ہے قاتل مگر مجھے!
کرتی ہے نونہالوں کو تعلیمِ نو خراب، دن رات اسکا تجربہ ہے خوبتر مجھے۔
اردو ادب کا آج ہوا ہوں میں بے ادب، ہے عمر بھر میں پہلی خطا، عفو کر مجھے!
یا رب، کلامِ میرا حقیقت نما بنے، خاصوں کے سینہ سے ملے نورِ نظر مجھے!
دیدارِ کوے دوست نصیبِ "ادیب" ہو،
لِلّٰہ کر زیادہ نہ اب دربدر مجھے!

(سندي)

بلند اخلاقيءَ جو نادر مثال

حورو پري جي رشڪ هئي هڪ عرب هر زال، حسن و جمال هر نه سندس ثاني و مثال:
مشهور ان جي سونهن عرب ۽ عجم هر ٿي، وردِ زبان خلق سندس حسن جي مقال:
جاري انهيءَ جو حڪم ٿيو مُلڪ حسن هر، ٿي هاڪ ان جي حسن جي منجهه بحر، بر، جبال:
مؤگان انهيءَ جا تيرَ، ڪمان جان پرون ٿيا، گيسو انهيءَ جا دام ٿيا، دانه ان جا خال:
گيسو انهيءَ جا سنبل، رخسار رشڪِ گُل، بدرِ منير چهرو، پرون ان جا چڙ هلال:
رمضان جي عيد چاڻ ڏسڻ هن هلال جو، ان کي ڏسي ٿيا ڏٺون، چولين جان چال:
علم و هنر نه تاب جهلي ان جي حسن جو، عابد مثالس شيفته، مجنونَ باڪمال:
صاحب نظر انهيءَ جي لنظر سان ٿيا شهيد، هن تيغِ حسن سان ڪيا صدها جوان حلال:
بجلي جان ان جي جلوي ڪيا ڪيترا هلاڪ، ڪيئي رسايا زهرِ نظر ان جي، در زوال:
ڪسيو بصر جو نور انهيءَ شمع جي شعاع، لورِ نظر ڪسڻ هر هئس برق جو ڪمال:
پڻ گفتگو انهيءَ جي هئي جا ذبِ قلوب، يا در حقيقت ان جو بيان سحر هو حلال:
سحرِ بيان سان ڪيا مسحور ان بليغَ، ان جي سخن جي پيٽ هر ٻڌيا فصيح لال:
دشمن جي قتل لاءِ سندس سيف ٿي زبان، لب دلنوازِ دوست، بدخشان جا خاص لال:
آواز قوتِ روح، سندس حسن حظِّ نفس، لامرد ڪيا ٿي زالَ انهيءَ سحر سان، رجال:
هر ملڪ جا حسين انهيءَ ڪان سکڻ لڳا- ناز و خرام، غمزه، اداڪاري و دلال:
ٿوها انهيءَ جي چاهِ ذقن هر ٻڌي ويا، سرخيءَ گلن کي داغ ڏنو لاله جي مثال:
رخ، زلف ان جو ڪافر، مؤمن جي دل جيان، مؤمن ۽ ڪافرن جي وٺس فوج لاءِ قتال:
هن ڪان بچاءَ جا نه ٿيا ڪارگر آپاءَ، تقويٰ سندي نه جوشن، همت سندي نه ڍال:
آبِ حياتِ حسن جي لاءِ آهه هي زُلال:
هاروت ان جا هاٿ، ماروت مبتلا، زهره نچي فلڪ تي، ڏسي ان سندو جمال!
دنيا جي ڪنڊ ڪڙ منجهان آئيا آپار- ديدار لاءِ شائق هسوار ۽ رجال:
عقل و هنر جا حيلا ڪيائون هزار، پر، ان سنگدل صنم سان ڪنهين جي گهري نه دال.

ڪر مختصر ڪلام "ادبا" نہ ڪر دراز،
روز قيامت آهه اهو، يا شب فصال؟

منهنجي سخن جان حسن پري بي‌نهايت آهه،
عشر عشير کي نہ رسي منجهه هزار سال!

آهن انهيءَ جي و صف ۾ طومار بيشمار،
هان ڏيکهه کي ڇڏي ٿو وڃان راه اعتدال.

آهن 'مطوّل' ان جي ثنا مدح ۾ ڪتاب،
نازڪ ٿين نہ تنگ، ڪيا 'مختصر' مقال:

تون غنچه ٿي نہ منهنجي نسيم ڪلام ڪان،
ان ڪان شگفته شاد ٿين غنچا، پُر ملال!

ابر بهار آهه سندم دُرفشان سخن،
نَشئو و نُما انهيءَ ڪان لهن تازه، نونهال.

ٿي سير شعر منهنجي ڪان، بيذوق! ڪونہ تون،
بيذوق وٽ وڃي نہ سخن لاءِ ٿي مجال.

* * *

طالب انهيءَ جي عقد جا پير و جوان ٿيا،
تن آڇيو انهيءَ کي گهٽو گنج، ملڪ، مال؛

هيءَ تاجدار حسن جي، لالچ ڪان ٿي بلند،
هرڪائيو نہ ان کي ڪنهن جي به عرض مال؛

هڪ نوجوان نياز سان ليلا ٿيو گهٽو،
دعويٰ ڪيائين 'عشق اثر تنهنجو لايزال'؛

'ليلىٰ' جي عشق ۾ اهو مجنون-صفت ٿيو،
آواره گرد دشت جنون ڪيي ماه، سال؛

هن منجهه طريق عشق ڏٺا رنج ۽ عذاب،
جيئن دين لءِ رسول جي عاشق سچي بلال؛

ديوانه پنهنجي ڪار ۾ فرزانه هو گهٽو،
حيلا لطيف خوب ڪيا، تال ۽ پخال؛

هن ڪي بچائي لال ڪيو باهه عشق جي،
جيئن ڏانهءَ ڪي بچائي نهائينءَ ۾ ٿو ڪلال؛

هُو نار-وار زار رُنو روزَ راتيون،
صد سال ان قياس ڪيا روز ۽ ليال؛

سوزن پوڻ جو سوز ڪان لائق ٿيو سڪو،
خلد وصال ۾ نہ ويو تہ ٻہ شڪسته بال.

* * *

هيءَ پاڪباز شرم حيا جو مجسّمو،
جيئن شڪل ان جي خوب ٿين دل برخوش خصال:

ٿي عجز ڪان انهيءَ جي پريشان پري-نشان،
دل ۾ چيائين، 'دفع ڪريان سرتان ڪين وبال':

هي هوشيار هوش سان ان ڪي ٽڏي ٿي هاڻ،
جوڏا جوان ٽڏين جئين راند ۾ ڏا بال.

ان ڪي چيائين، 'مهر ۾ احمد جو گهوڙو ڏينر:
هن شرط سان مان سڏائين سندم وصال!'

* * *

احمد عرب جو گهوڙو هو مشهور ملڪ ۾،
بجلي-صفت الهيءَ جي هئي ڊوڙ، تيز چال؛

ناڻي گهٽي سان ان جا خريدار آئيا،
آڇاڻون ان کي سونَ سان گڏ خيل ۽ بغال.

گهوڙي جي وار وار تان احمد هٿو نثار،
تن جي متاع مال کي ڇاتو نہ ان سڀال.

زر سير آهه عشق جي فتويٰ ۾ نيچ خاڪ،
گهوڙي جي خاڪ مَٽ ان ڇاتو نہ تن جو مال:

صدها امير گهوڙي ڪان محروم ان ڪيا،
موڙائيائين ان جا خريدار باجلال.

ان نوجوان دغا سان وڃڻ گهوڙو ڇاهيو،
زرسان وڃڻ انهيءَ جو ٿيو هو جڏهن محال:

ان وات تي ستو، جت احمد ٿي آئيو،
ظاهر ڪيائين پاڻ کي بيمار خسته حال.

احمد لهي انهيءَ کي کيو گهوڙي تي سوار،
تا پهچي خير سان گهر، ٻڌجي نه پائمال.

ٽيندي سوار، گهوڙي کي ڊوڙائيو جوان،
احمد چيس، "ٻڌي وڃ هڪ ڳالهه، اي شغال!

"ڪنهن کي نه چؤ "فريب سان گهوڙو وتو اٿر"-
ڪافر ٿين نه دين کان بدظن ۽ بدخيال!

"گهوڙو وڃڻ سهان، نه سهان داغ دين تي،
بدنام ڪر نه دين دغا سان، بدمآل!"

گهوڙي تان هن چوڻ سان لهي لوجوان پيو،
احمد کي سونپي گهوڙو، ڪيئين پنهنجو عرض حال:

"آخر ته دوست! مان بـ مسلمان آهيان،
بدنام دينَ ڇو ڪيان لءِ باجمال زال؟

"مون دل ڏني الهيءَ کي، نه ايمان دين ڏنر،
آهي اگرچه هوشربا سا پري جمال:

ٽورائتو مان تنهنجي نوازش جو آهيان،
سونهون ٽئين، ورنه وکوڙيم ها ضلال"!

* * *

اسلام کي عروج ٽيو صالحن سبب،
جي ها "اديب" دين جا، اسلام جو مثال؛

آفاق گير خُلق جي شمشير سان ٽيا،
هو حُسنِ خلق تن جو تکي تيغ لءِ جدال.

يا رب، انهن تي فضل جي بارش وساءِ جام،
انعام تن کي خلد ۾ تنهنجو ٽئي وصال!

ايمان سان لڏاءِ سُنکي هن جهان مان،
ڪر عفو سڀ گناهه، پلايون کرينر پال!

هرهنڌ آهه چار وچايل جمال جو،
عُريان آهه حسن، بچائينر ذوالجلال!

ايمان جا ته "ايتم" آهن پري-صفت،
تن "راکڻ" کان دور رکج نيڪ نولهال؛

مون ظلم پنهنجي نفس تي آهي ڪيو، ڪريم!
ڪر صدقي مصطفيٰ جي ڪرم مون سان آل جال؛

لت والدينُ، "اديب" سندم، مرشدن کي بخش،
فردوس ڏينر فضل سان با اهل و باعيال؛

موڪل رسول پاڪ تي صلوات ۽ سلام،
تن تي به، ان جا آهن جي يار، پاڪ آل!

مولانا الاهي بخش سلطان کوٽي

سولانا مفتي محمد صاحبداد جمالي

حضرت محمد صاحبداد، شيخ الجامعه "جامعه راشديه"، پير جو گوٺ، (ضلعو سکر، سنڌ) ۱۳۱۶ هجريءَ ۾ لوٽي ضلعي سبي بلوچستان ۾ تولد ٿيا. سندن والد بزرگوار جو نالو خميسو خان هو. ٻاڻ جمالي بلوچ آهن. سندن آبائي وطن جهوڪ سيه قاسم شاهه (تحصيل پاڳ، ڊويزن قلات) آهي، جتي سندن ڪافي باراني زمينون آهن.

ابتدا ۾، حضرت مولانا، قرآن پاڪ هڪ مشهور اهل الله سيد خواجه محمد شاهه عليه الرحمة وٽ مقام انجڻ شيد سبي ۾ پڙهيا. ۽ ٽي درجا اردو ۽ هڪ انگريزي "برنس سکول" سبي بلوچستان ۾ پڙهيا، عربي ۽ فارسيءَ جي ابتدائي تعليم حضرت مولانا محمد يوسف صاحب عليه الرحمة (متوطن لانڊي فقير صاحبان، تحصيل پاڳ، رياست قلات بلوچستان) ڪان حاصل ڪيائون، ۽ ۱۳۲۶ ڪان ۱۳۳۰ هجريءَ تائين اتي ئي پڙهيا. ان کان پوءِ، سنڌ جي مختلف ديني عربي مدرسن ۾ مروجه درس نظامي جي تعليم حاصل ڪندي، ۱۳۳۴هـ ڪان ۱۱ ذيقعد ۱۳۳۶هـ تائين، "مدرسه قاسميه" گڙهي ياسين (ضلعو سکر) ۾ حضرت علامه مفتي محمد قاسم صاحب قدس سره ڪان سند فراغ حاصل ڪيائون. ان بعد، علامه صاحب کين علمي سند عطا فرمائي، ۽ تمام اصول و فروع ۽ معقول و منقول پڙهائڻ جي اجازت ڏني.

حضرت مولانا مختلف هنڌن تي تعليم ڏني آهي: چنانچه پهريائين راڻيپور رياست خيرپور ميرس ۾، حضرت پير سيد علي مدد شاهه صاحب جيلانيءَ جي طلب ۽ حضرت استاد صاحب جي ارشاد موجب، ڪجهه وقت حضرت پير سيد عبدالجبار شاهه صاحب راڻيپوريءَ ۽ مولانا الحاج صاحبڏني صاحب قرنيءَ کي تعليم ڏنائون؛ پوءِ حضرت مولانا محمد حسن (ڪنباري، بلوچستان) جي اصرار تي، سندن استاد صاحب کين بلوچستان موڪليو. موجوده سجاده نشين ڪنباري، حضرت مولانا تاج محمد صاحب، ۽ مولانا ميان عبدالحي صاحب ۽ مولانا ميان فخرالدين صاحب مرحوم وغيره، حضرت مولانا صاحب جا شاگرد آهن. ۱۳۴۰هـ ۾ مولانا صاحب سلطان کوٽ ۾ مستقل توطن اختيار ڪيو، ۽ حضرت مولانا عبدالباقي صاحب همايونيءَ جي صوابديد تي باقاعدي تدريس، تبليغ، تاليف ۽ افتاء علمي جي نشر و اشاعت جو سلسلو

شروع ڪيائين. راقم الحروف الاهي بخش، مولانا ولي محمد صاحب ڪنباري، مولوي ميان دوست محمد صاحب، ۽ الحاج مولوي عبدالستارصاحب، درس نظاميه جي تڪميل اتي حاصل ڪئي.

مولانا موصوف، ربيع الثاني ۱۳۵۳ھ مطابق جولاءِ ۱۹۳۴ ع، سنڌ ۽ بلوچستان جي مشهور بزرگ حضرت خواجه محمد حسن صاحب مجددي قدس سره جي انتخاب موجب، خان معظم قلات الحاج ميراحمد يارخان صاحب جو استاد، ۽ قاضي القضاة رياست قلات جو مقرر ٿيو، مگر خان موصوف جي شاهاڻ تلون مزاجي ۽ عدم استقلال ان جو مانع ٿي. جلدئي ۳۱ مي ۱۹۳۵ع جو تباهڪن زلزلو آيو، جنهن ڪوئٽيا ۽ قلات کي سخت نقصان پهچايو، ۽ حضرت مولانا جو ڪوئٽيا وڃڻ مشڪل ٿي پيو. آخرڪار، سندن توجهه ڇڪائي تي، خان معظم، قلات ۽ ڪوئٽيا مان سندن اڪثر قيمتي ڪتاب ڪيرائي سلطان ڪوٽ ڏياري موڪليا. خان معظم جا مولانا موصوف سان تعلقات اڄ ڏينهن تائين نهايت خوشگوار آهن. خان معظم، حضرت مولانا جي قلات ۽ ڪوئٽيا جي دوران قيام ۾، سندن شادي هڪ ممتاز سردار خاندان مان ڪرائي، جنهن مان ڪين چار صاحبزادا آهن، جي هن وقت سنڌ مدرسته الاسلام ۽ سنڌ مسلم ڪامرس ڪالج ڪراچي ۾ تعليم وٺي رهيا آهن.

سندن تصنيفات جو سلسلو قائم آهي. اهو سلسلو هڪ ماهوار رسالي "الهمايون" ـ حضرت "هماء" همايوني عليه الرحمة جي يادگار ـ ۾، رجب ۱۳۴۲ھ کان ۱۳۴۵ھ تائين جاري رهيو. حضرات علماء ۽ مشائخ ڪرام جي اصرار تي، ماهنامه "الاسلام"، سلطان ڪوٽ مان، ۱۹۳۵ کان ۱۹۳۸ع تائين، چار سال جاري رهيو، ۽ انهيءَ عرصي ۾ پيون تصنيفون به شايع ٿيندیون رهيون ـ جن مان قابل ذڪر هي آهن: (۱) البلاغ المبين، (۲) الحق الصريح، (۳) سيف الرحمٰن علي اعداء القرآن، (۴) السيف المسلول علي اعداء آل الرسول، (۵) اقامة البرهان، (۶) الصارم الرباني علي ڪرشن القاديالي، (۷) فتاوي الهمايوني، (۸) عشره عاشره، (۹) مدلل فتوي جواز عرس و ميلاد، (۱۰) اخلاق النبي صلي الله عليه وسلم، (۱۱) سماع موتي جو مدلل بحث، (۱۲) وهابي شفاعت جا منڪر آهن، (۱۳) گستاخ وهابين جا جواب، (۱۴) التوسل به سيدالرسل الي خالق الڪل ـ اردو ۾، (۱۵) ست پرڪاش ـ آرين جي تردید ۾، (۱۶) مطالبه حق ـ آرين جي تردید ۾، (۱۷) اردو ۾ رسالو، اهر فتوي، بابت احڪام رويت هلال ۽ نماز ۾ لائوڈ اسپيڪر جو استعمال ڪيئن آهي، (۱۸) تعمير مساجد ڪا اهر فتوي ـ اردو ۾، ۽ (۱۹) رسالا. تعداد ازواج.

مولانا موصوف، ۱۹۳۹ ۾، مذهبي نقطه نظر کان، مسلم ليگ ۾ شامل ٿي ڪري، ڪانگريس حڪومت جي خلاف مسجد منزل گاهه سکر جي آزادي واري تحريڪ ۾ وڏو حصو ورتو، ۽ اتمام حجت لاءِ سنڌ جي ڪانگريسي وزير اعلي خان بهادر الهه بخش سومري کي ۱۶ آگسٽ ۱۹۳۹ تي مسجد جي واگذاريءَ، مسلمانن جي حق جي احترام ۽ تحريڪ جي نتائج کان خط لکي آگاهه ڪيو؛ مگر افسوس جو موصوف کي به توجهه نه ڏنو! ان کان ٿورو عرصو بعد ۾ سنڌ ۾ ڪانگريس وزارت جو خاتمو ٿيو، مگر ليگين جن مڪروهه شرطن سان

وزارت قبول ڪئي، ان ڪان ٻه مولانا بيزاريءَ جو ڪلمو ڪلام اظهار ڪيو- جاڪاڻ جو مولانا جو مقصود خدا تعاليٰ جي خوشنودي هئي، نه سياسي يا دنياوي مفاد.

مولانا موصوف سنڌ مدرسي ڪراچيءَ ۾ ٻه ڇڇ وقت تائين دينيات جي تعليم ڏيندا رهيا آهن، ۽ ۱۹۵۲ع ۾ انهيءَ خدمت ڪان سبڪدوش ٿيا.

پاڪستان قائم ٿيڻ ڪان پوءِ مولانا صاحب کي سنڌ ۽ ڪراچيءَ جي "جمعية اهل سنت" جو صدر مقرر ڪيو ويو.

موجوده حضرت پير صاحب پاڳاري مدظلہ، گادي نشينيءَ ڪان پوءِ، پنهنجي جماعت ۽ عام مسلمانن جي ديني سڌاري لاءِ، "جامعہ راشديہ" جي نالي سان هڪ عظيم الشان درسگاهہ قائم ڪيو، ۽ حضرت مفتي محمد صاحبداد صاحب کي 'جامعہ راشديہ' جو شيخ الجامعہ مقرر ڪيو. مدرسہ 'جامعہ راشديہ'، درگاهہ شريف پير جو گوٺ، ضلعو سکر سنڌ، حضرت پير سائين قبلي جي سايي هيٺ، حضرت مفتي صاحب ۽ پين جي ڪوششن سان، ترقيءَ جون منزلون طي ڪري رهيو آهي.

شهاب الدين چشتي

مولانا عبدالڪريم چشتي

شڪارپور جو مشهور قومي اڳواڻ مولانا محمد عبدالڪريم چشتي، سن ۱۸۹۸ع ۾ شهر شڪارپور ۾ ڄائو. ڄڻ ورهين جي ڄمار ۾ خليفي حاجي عبدالغفور وٽ قرآن شريف جي تعليم لاءِ ويٺو؛ ۱۹۰۶ع ۾ قرآن شريف جي تعليم پوري ڪري، ۱۹۱۰ع تائين سنڌي ۽ اردو تعليم وٺندو رهيو، جنهن کان پوءِ عربي ۽ فارسيءَ ۾ مشغول ٿيو؛ ۽ سن ۱۹۱۸ع ۾ سيالڪوٽي نصاب ختم ڪيائين. مولانا مولوي غلام رسول صاحب چشتيءَ صرف نحو ۽ ابتدائي مرحلا ڪيس طي ڪرايا؛ وڌيڪ حضرت مولانا علامہ عبدالرحمان صاحب ميمڻ، صدر معلم "وڪٽوريہ عربي اسڪول"، وٽ فقہ، اصول، حديث، تفسير، ادب ۽ منطق پڙهي ختم ڪيائين. ۱۹۱۷ع ۾، سندن والد صاحب هن جهان فاني مان دارالبقا ڏانهن راهي ٿي ويو، پر مولانا صاحب هي صدمو سهي ۽ پنهنجي تعليم کي لڳو رهيو. ان تعليم سان گڏ، مولانا چشتي صاحب طب جو علم ۽ حاصل ڪري ورتو.

ان بعد، مولانا پنهنجو طبابت جو دڪان کوليو. سن ۱۹۱۷ع ۾ ڊاڪٽر اني بيسنٽ جي "انڊين هوم رول ليگ" ۾ شامل ٿيو، ۽ ملڪ جي آزاديءَ واري ميدان ۾ قدم وڌائين. جنهن کان پوءِ، ۱۹۱۸ع جي آخر ۾، ڪانگريس ۾ شريڪ ٿيو. ساڳئي وقت، پنهنجي استاد مولانا عبدالرحمان عليه رحمة سان مشوري ڪرڻ کان پوءِ، "انجمن مجاهدين اسلام" برپا ڪيائين، جنهن جو مقصد هو تہ "اسلامي وڏن ڏينهن تي دين جي وڏن بزرگن جون حياتيون پڌاريون وڃن". الهيءَ انجمن قريباً ۽ ورهيہ خوب خدمت ڪئي. ۱۹۱۹ع ۾ جيئن خلافت ڪاميٽي قائم ٿي، تہ مولانا صاحب ان جو ميمبر ٿيو، ۽ ۱۹۲۰ع ۾ مسلم ليگ جو ميمبر ٿيو. "قطع تعلقات" جي هلچل ۾ ٽي ڀيرا جيل ويو- ڀريون ڀيرو فوجداري ڏوهہ (بنا اجازت جلوس ڪڍڻ) ۾ جيڪب آباد مان هڪ مهينو جيل؛ ٻيو ڀيرو ۱۴۴ قلم جي نافرمانيءَ سببان ۾ مهينا ميڙ مان جيل؛ ۽ ٽيون ڀيرو ۱۰۸ قلم سان بغاوت جي ڏوهہ هيٺ لصيرآباد مان ٻارهن مهينا جيل جي سزا ڏنائين.

مولانا صاحب ٽي ورهيہ، بنا ڪنهن پگهار جي، ڪانگريس ۽ خلافت جو سچيءَ سنڌ ۾ ڪم ڪيو. ۱۹۲۱ع ۾ مولانا "مدرسہ محمودیہ" جو بنياد وڌو، جنهن کي پورا ڇهہ ورهيہ مولانا قائم رکيو، ۽ جنهن جو ڪڏهن بہ ڪو عيوض لہ ورتائين. ۱۹۲۳ع جي ٻئي ڀيري واري



مولانا عبدالكريم چشتي

جيل جي وقت ۾، مولانا جي پهرين گهر واري ۽ سندس فرزند برڪات احمد رحلت ڪري ويا. مولانا صاحب وري ٻي شادي ۱۹۲۸ع ۾ ڪئي، ۽ وري ٽين شادي ۱۹۳۸ع ۾ ٻي گهر واريءَ جي رحلت ڪرڻ سبب ڪيائين. ان پوئين گهر مان به ڏيئرون ۽ هڪ پٽ جائس.

۱۹۲۴ع ۾ مولانا صاحب شڪارپور جي مشهور "انجمن اشاعت اسلام" جو بنياد وڌو، ۽ اڄ تائين خدا ڪارڻ پوري جوش سان انجمن جي خدمت ڪندو رهي ٿو. مولانا صاحب ڪيترو وقت سموريءَ سنڌ ۾ سوراج، سودیشي ۽ هندو-مسلم، ايڪتا جو پرچار ڪندو رهيو. "ڪامل آزادي" سندس مٿو رهيو آهي. وطن سان بيحد محبت انس. هڪ طرف کان هن جو ملڪي عشق عجيب آهي، تہ ٻئي طرف کان هي ۱۹۲۱ع کان وٺي تبليغ، تجارت ۽ اصلاح رسوم تي وعظ ٻيو ڪندو اچي-خصوصاً ۱۹۲۴ع کان وٺي تبليغ ۽ تنظيم ۾ مولانا ڏاڍو گهٽو ڪم ڪيو آهي. ۱۹۲۷ع ۾ آرين جي مقابلي ۾ مولانا قلم ۽ زبان سان جيڪو عظيم جهاد ڪيو سو هميشه ياد رهندو.

آگسٽ ۱۹۲۷ع ۾، مولانا جيڪب آباد مان "صداقت" اخبار جاري ڪئي، جا پنجن مهينن کان پوءِ مسٽر نائوريءَ (ايڊيٽر "الحنيف") جي حوالي ڪيائين. "صداقت"، مولانا جي ايڊيٽريءَ وقت ڏاڍي مشهور ۽ مقبول عام هئي. ان بعد مولانا ۱۹۲۹ع ۾ شڪارپور مان "پيغام" اخبار جاري ڪئي، مگر ڪم فرصتيءَ ۽ ڪوٺ سبب ڇهن مهينن کان پوءِ "پيغام" جي اشاعت باقاعدي جاري نہ رهي سگهي.

۱۹۲۶ع ۾ مولوي صاحب حج تي ويو. سنڌ-خلافت-ڪاميٽيءَ جي وڏن اتي رهڻ واري وقت ۾، "خدام الحجاج" جو ڪيس پريزيڊنٽ مقرر ڪيو. هن ويندي، آيندي، ۽ حجاز ۾، ڪل ۳۹۶ بيمار ماڻهن جي مفت دوا ڪئي، ۽ مدينہ پاڪ ۾ 'خلافت' طرفان قريباً ويهہ هزار رپيا تقسيم ڪيا. مولانا جي عرب جي بادشاهہ، گورنرن، ۽ اتان جي عالمن، پيرن ۽ معززن ڏاڍي مرحبا ڪئي ۽ دعوتون ڪيون. ان بعد ۱۹۳۲ع ۾ ٻيو حج ڪيائون، ۽ ۱۹۳۳ع ۾ ٽيون حج ڪيائون، ۽ چوٿون حج ۱۹۴۴ع ۾ ڪيائون.

مولانا عبدالڪريم صاحب پنجونجاهہ ڪن عمدا عمدا ڪتاب پڻ تصنيف ڪيا آهن، جن مان ست فارسيءَ ۾ لکيل آهن ۽ باقي سنڌيءَ ۾ لکيل آهن. اهي سڀ ڪتاب ڇپجي مقبول عام ٿي چڪا آهن. ڪي ڪتاب تہ ٻہ ٻہ ۽ چار چار ايڈيشنون ڇپجي چڪا آهن-جهڙيءَ طرح مولانا مضمون نگاريءَ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي، تهڙيءَ طرح وعظ توڙي تقريب ۾ بہ لاثاني آهي: اجمير، ملتان، خانپور، لاهور، دهلي، لکنو وغيره ۾ سندس تقريرون ڏاڍيون پسند پيون. مولانا سنڌ مسلم ائسوسيشن جو ميمبر بہ آهي. تنهن کان سواءِ ڪيترا سال "سنڌ خدمت ڪاميٽي" (ڪراچي) جو نائب صدر، ڪيترا سال "جميعتہ العلماءِ سنڌ" (ڪراچي) جو نائب ناظم، ۽ ڪيترا سال "آزاد قومي پارٽي" جو نائب ناظم پڻ ٿي رهيو آهي. ان کان سواءِ "پيغام" هفتيوار اخبار شڪارپور، "صداقت" هفتيوار اخبار جيڪب آباد، "جمهور"

هفتيوار اخبار شڪارپور، "الوحيد" روزانه اخبار ڪراچي، "آزاد" روزانه اخبار ڪراچي، "قرباني" روزانه اخبار ڪراچي، "مجاهد" روزانه اخبار ڪراچي، ۽ "پاڪستان" هفتيوار اخبار لاڏڪاڻي جا ايڊيٽر به رهي چڪا آهن.

سن ۱۹۵۰ع ۾ جيڪا يارهين "سنڌ ادبي ڪانفرنس"، ۹ نومبر ۱۹۵۰ع ۾ منعقد ٿي هئي، تنهن ۾ بالاتفاق "سجبان سنڌ" جو خطاب مولانا صاحب جن کي عطا ڪيو ويو هو. ڪي سال شڪارپور ميونسپل جو وائيس پريزيڈنٽ، ۽ چار مهينا پريزيڈنٽ ٿي رهيو آهي؛ پارهن ورهين کان 'جي. پي.' جو خطاب به اٿس.

گذريل سال ۾ سنڌ ۽ هندستان ۾ ڪاڪ اهڙي ملڪي ۽ اسلامي تحريڪ جاري نه ٿي آهي، جنهن ۾ مولانا حصو نه ورتو هجي. مولانا جي دوستن ۽ مخلصن جو شمار ته بيان کان ٻاهر آهي مثلاً: حضرت علامه مولانا الحاج محمد صادق صاحب، محلو ڪڏو ڪراچي؛ حضرت مولانا حڪيم فتح محمد صاحب سيوستاني ڪراچي؛ حضرت مولانا مولوي دين محمد صاحب "وفائي"؛ حضرت مولانا محمد سليمان 'واعظ الاسلام'، ٽنڊو محبت، ضلعو دادو؛ حضرت مولانا محمد هاشم 'واعظ الاسلام'، رڪ، ضلعو سکر؛ حضرت مولانا قمرالدين، ڳوٺ منگي، لڳ مدئجي، ضلعو سکر؛ محمد بخش صاحب "واصف" مرحوم، حيدرآباد؛ ۽ مرحوم محمد هاشم صاحب "مخلص"، ميرپور خاص؛ وغيره.

خلد آشيان مولانا حڪيم فتح محمد سيوستانيءَ جيي عبدالڪريم چشتيءَ سان محبت هيٺ ڏنل پارسي خطن مان ملاحظه فرمايو، جي اصل خطن جو سچو نقل آهن. اهي خط ۲۴-۵-۳۰ ۽ ۳۰-۵-۴۲ع تي مرحوم لکيا هٿا.

"محبتے که بذات گرامیءِ شما دارم، و مودتے که بجنابِ شما وظیفهء قلبِ من است،- "دلِ من داند و من دانم و داند دل من". مولانا المحترم، بنده را دلي است بدرد قحط الرجال آشنا، و قلبے است بقدر فضلاي وقت و اجلال علماي عصر مملو. بنابر این یقین دانید که امثالِ شما، زینتِ محلِ وقوع قلبِ من است. شما محبوبِ منید، و من محبِ شما: من مخلصِ شمابم، و شما مطمحِ نظرم. در این دور پُرجور و زمان پراگنده و پریشان بعض شخصیات مشخصه و اکابر مخصصه منجمله مغتنماتِ وقت اند و از زمرهٔ نعماتِ حق. گمانم میرود بلکه یقینم میشود که در قرب اوقات و اسرع ساعات وجود آنها عنقا خواهد شد، و چشمهاي جوينده از لقاي آنها محروم خواهند ماند!"

(۲)-"مولانا صاحب، لدانید که آنچه در مکتوبِ سابق از جذباتِ صادقانهء خود نوشته ام، گونه نمائشے کرده ام، بلکه حقا که از ضمیرِ قلب است آنچه حواله قلم نموده ام، چونکه در تهیهء رخت سفرِ آخرت مصروفم، و میدانم که پیمانه حیات بے ثبات قریب بلبریز است و عمرم نا تمام نزدیک به تمام است، مناسب دانستم که جذباتِ مخلصانه که بجانبِ دوستانِ جان و احبابِ لاثان دارم، در اظهارِ آنها دریغ نکنم....."

اپر سندن ۾ مولانا صاحب جا سوين مريد پکو ٿيل آهن. سندن آبائي طريقو چشتي آهي، ۽ پاڻ بيعت پنهنجي پيءُ بزرگوار مرحوم آخوند ميان عبدالله جي هٿ تي ڪئي اتس-سندن خاندان پشت بپشت پنهنجي والد بزرگوار جي هٿ تي بيعت ڪندا آيا.

مولانا صاحب پنهنجي عمر جي وقت ۾ سير و زيارت مقامات مقدس-عراق، نجف اشرف، بغداد، ڪربلا معلي، وغيره به ڪري آيا آهن.

هن وقت مولانا صاحب ميونسپل ميمبر، جي. پي. شهر شڪارپور، نيو ايرا هاءِ اسڪول جو چونڊيل پريزيڊنٽ، "مدرسه محموديه" عربيءَ جو صدر، "جميعت علماي اسلام" شڪارپور جو صدر، "انجمن اهل سنت" شڪارپور جو صدر، "انجمن اطباء" شڪارپور جو نائب صدر، ۽ سنڌ جي مشهور جامع دينيه "دارالهدي" ٽيڙهي شريف جو نائب صدر آهي.

مولانا عبدالڪريم چشتي پنهنجي وقت جو هڪ مشهور اديب به آهي. هن صاحب اڄ تائين ڪل پنجونجاهه ڪتاب لکيا آهن، جن مان ۴۸ سنڌي آهن ۽ ۷ فارسي آهن. مولانا صاحب جي ڇپايل ڪتابن ايتري ته مقبوليت حاصل ڪئي، جو ٽي ٽي، چار چار ۽ پنج ڇهه دفعا ڪتاب ڇپيا رهيا! سڀني ڪتابن جي فهرست هيٺ ڏجي ٿي.

سنڌي: (۱) هدايات محمدي، (۲) انوار محمدي، (۳) حالات محمدي، (۴) ڪمالات محمدي، (۵) احسانات محمدي، (۶) وصال محمدي، (۷) حبيب خدا، (۸) آئينه حق، (۹) تلوار حق، (۱۰) آفتاب حق، (۱۱) صراط المستقيم (۱۲) برهان رباني، (۱۳) حجت حقاني، (۱۴) اهليت المومنين (۱۵) شهيد ڪربلا، (۱۶) قضيه ڪربلا، (۱۷) امام اعظم، (۱۸) امام شافعي، (۱۹) محبوب سبحاني، (۲۰) امام رباني، (۲۱) سلطان الهند، (۲۲) بيان المعراج، (۲۳) نورخدا، (۲۴) جواهرات، (۲۵) تعليم الاسلام (۲۶) مجاهد اسلام، (۲۷) اولياء اسلام، (۲۸) رهبر حج، (۲۹) علامات قيامت، (۳۰) امير معاويه، (۳۱) تقديس الرسول، (۳۲) پيغام محبت، (۳۳) جواب لاجواب، (۳۴) عملن جو انجام، (۳۵) مجموعه وظائف، (۳۶) ڪتاب النڪاح، (۳۷) هدايت المسلمين، (۳۸) ميلاد نبي، (۳۹) باطل نبوت، (۴۰) طاهرات، (۴۱) قرآني دعائون، (۴۲) پيغمبري دعائون، (۴۳) مجربات چشتيه، (۴۴) پنج-سوره مترجم، (۴۵) شفاءُ الاسقام، (۴۶) عبدالڪريم، ۽ (۴۷) معجزات محمدي.

فارسي: (۱) قرب قيامت، (۲) معامله باغ فدڪ، (۳) القول المقبول، (۴) القول الاظهر، (۵) التلقين والهداية، (۶) ڪشف الغطاء، ۽ (۷) رافع الحجب.


ڈاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

مخدوم امير احمد

مخدوم اميراحمد صاحب جو تعلق رياست خيرپور جي شهر کهڙن جي مشهور مخدوم خاندان سان آهي، جن سنڌ ۾ اسلامي شريعت کي رائج ڪرڻ ۾ جاني توڙي مالي قربانيون ڪيون، ۽ هن ملڪ ۾ علم جا درياهه وهايا. سندن نسب هن ريت آهي: اميراحمد، بن مخدوم احمدي، بن مخدوم عصمت الله، بن مخدوم احمدي، بن مخدوم محمد عاقل، بن مخدوم احمدي، بن مخدوم عبدالرحمان شهيد: ان کان مٿي نسب جو سلسلو حبرالامة حضرت عبدالله بن حضرت عباس، رسول پاڪ جن جي سوٽ سان لڳي ٿو*.

مخدوم صاحب، سن ۱۹۰۱ع ۾ کهڙن جي شهر ۾ جائو؛ ۱۹۱۲ع ۾ سنڌي سکول ۾ داخل ٿي، ۱۹۱۶ع ۾ درجو چوٿون پاس ڪيائين. انهن ڏينهن ۾ سردار محمد ابراهيم شيخ کي ناز هاءِ سکول کي زور وڌائڻ جو خيال هو، تنهنڪري سندس حڪم هو ته رياست جي حدن اندر جتي به هوشيار چوڪرو ڏسجي، انهيءَ کي زبردستيءَ وٺي ناز هاءِ سکول ۾ داخل ڪرائجي، ۽ سندس سمورو خرچ، ڪاڏي پيتي ۽ ڪتابن وغيره سميت، رياست طرفان ادا ڪيو وڃي. جيئن ته مخدوم صاحب شاگرديءَ واري زماني ۾ هميشه پهنجي ڪلاس ۾ پهريون نمبر هوندو هو، تنهنڪري ڪيس به رياست جي انهيءَ حڪم موجب ۱۹۱۶ع ۾ ناز هاءِ سکول ۾ داخل ڪيو ويو. مخدوم صاحب هاءِ سکول ۾ فقط هڪ هفتو رهيو، پر پوءِ والدين جي مرضي نه هڻڻ سبب سندس نالو اتان ڪڍايو ويو. ان بعد، کهڙن ۾ حافظ محمد سليمان وٽ قرآن شريف ياد ڪرڻ لاءِ ڪيس ويهاريائون، جتي هُن به سيپارا ياد ڪيا. پوءِ اتان به ڇڏائي، ڪيس مولوي بخشعلي صاحب وٽ فارسي پڙهڻ لاءِ ويهاريو ويو. مولوي بخشعلي صاحب اصل ننبي شهبازي (ضلعو دادو) جو ويڙل هو، مگر انهن ڏينهن ۾ کهڙن ۾ رهندو هو، ۽ مخدومن جي مسجد جي لڳ مخدومن جي قديمي مدرسي ۾ پڙهائيندو هو. اتي ٽي مهينا مولوي صاحب وٽ پڙهيو، ۽ مولوي صاحب فوت ٿي ويو. ان بعد وري به حافظ سليمان وٽ ڪجهه وڌيڪ فارسيءَ جا ڪتاب پڙهيائين. انهيءَ کان پوءِ، ساڳئي مدرسي ۾ مولانا محمد هاشم

* ڏسو سوانح "مخدوم عبدالرحمان شهيد"



مولانا مخدوم امیر احمد

صاحب انصاري ڪلجيءَ واري کي آئي وهاريائون، تنهنڪري مخدوم صاحب ۽ حافظ سليمان وٽان ڇڏي وڃي مولوي صاحب وٽ پڙهڻ شروع ڪيو، جتي پنهنجي اعليٰ ذهن ۽ ذڪاوت سان مخدوم صاحب فارسيءَ جو مروج نصاب اٽڻ مهينن ۾ پورو ڪيو، ۽ عربيءَ جو سمورو نصاب صرف ڇهن سالن ۾ پورو ڪيائين. مولانا محمد هاشم صاحب، مولانا محمد حسن جوهيءَ واري جو شاگرد آهي؛ مولانا محمد حسن وري مولانا عبدالرحمان ڏامراهي جو شاگرد هو، ۽ اهو مولانا نظر محمد ٻُڌنگ واري جو شاگرد هو.

فارغ التحصيل ٿيڻ کان پوءِ، مخدوم، تقريباً ٻه سال پنهنجي ڳوٺ رهي، ساڳئي مخدوم صاحبن واري قديمي مدرسي ۾ درس و تدريس جو شغل جاري رکيو. ونس پري پري کان شاگرد اچي جمع ٿيا. شهر جا ماڻهو دل و جان سان مدرسي جي خدمت ڪرڻ لڳا، ۽ ماڻڻ جي ناسازيءَ سبب حالتون اهڙيون پيدا ٿيون، جو شهر کي خيرباد چئي، سن ١٩٢٦ع ۾، نوشهري فيروز ۾ وڃي، اتي جي مشهور حڪيم قاضي ميان احمدي جي تعاون ۽ مدد سان، قاضين جي مسجد ۾ مدرسو کوليائين. مخدوم صاحب ڇهه سال نوشهري فيروز ۾ انهيءَ عربي مدرسي ۾ پاڙهيندو رهيو، جتان ڪافي طالب علمن فائدو ورتو. سندس انهيءَ وقت جي شاگردن مان مولوي عبدالحق شڪارپوري (هي به ڪهڙن ۾ پڙهيو)، پير فضل احمد صاحب سرهندي شڪارپوري، حڪيم قاضي عبدالهادي نوشهرائي، مولوي محمد صادق پرڙو ٽارو شاهي، ۽ مولوي دائود صاحب پاڻ پوٽو ٻڌهيو (هيءَ به ڪهڙن ۾ پڙهيو: ويڪل ڳوٺ "دودي ٻڌهڻي جا پاڻ"، تعلقو مورو) قابل ذڪر آهن.

مخدوم صاحب انهيءَ وقت ۾ پنهنجي شوق سان قرآن پاڪ به ياد ڪيو، جنهن ۾ ڪيس جملي آٺ مهينا لڳا.

١٢ مئي سال ١٩٣٢ع ۾، انهيءَ وقت جي هيڊ ماسٽر مسٽر انصاريءَ جي ڪوشش ۽ شوق سان، مخدوم صاحب نوشهري فيروز جي گورنمينٽ مدرسي ۾ هاءِ سڪول ۾ پهريون عربڪ ٽيچر مقرر ٿيو. نوشهري مدرسي هاءِ سڪول ۾ اهو پهريون ئي سال هو، جو چوٽين درجي انگريزي ڪان عربي پڙهائڻ شروع ڪئي ويئي هئي. راقم ان وقت چوٽين درجي ۾ هو، ۽ اها اسان جي ڪلاس جي خوش قسمتي هئي جو مخدوم موصوف جهڙو لائق استاد اسان کي مليو، جنهن عربي ٻوليءَ لاءِ اسان ۾ هڪ خاص ذوق پيدا ڪيو. الهيءَ ابتدائي ذوق جي ئي برڪت هئي، جو ايم. اي. تائين راقم عربيءَ جي تعليم ورتي.

سال ١٩٣٨ ۾، نوابشاهه جي لوڪلبوڊ هاءِ اسڪول جي هيڊ ماسٽر حاجي مهرعلي خواجه جي ڪشش ۽ ڪوشش سبان، مخدوم صاحب نوشهري مدرسي کي الوداع چئي، نوابشاهه لوڪلبوڊ اي. وي. اسڪول ۾ عربڪ ٽيچر مقرر ٿيو. هتي ٻئي مخدوم صاحب پهريون ئي عربڪ ٽيچر هو. سڪول جي ترقيءَ لاءِ مخدوم صاحب، مسٽر خواجه جو ڇڳيءَ طرح ٻانهن- ٻيلي

ٿي ويئو. بورڊنگ هائوس جي چارج سندس حوالي هئي. هاءِ سکول ٿيڻ کان پوءِ، اسکول جو پهريون باغ ۽ سندس ئي کوشش سان رکايو ويو.

سال ۱۹۴۴ع ۾، حيدرآباد سنڌ ۾ "جامع عربيه" (عربي يونيورسٽي) قائم ٿيڻ لاءِ کانفرنس ٿي، جنهن ۾ مخدوم صاحب نوابشاهه لوکلبورڊ هاءِ سکول پاران شرکت ڪئي، ۽ عربيءَ جي مروج نصاب ۾ ترميم تبديل ڪرڻ تي تمام مؤثر ۽ مدلل تقرير ڪيائين، جا ميٽي کي وڻي؛ جنهنڪري جلدئي سال ۱۹۴۵ع ۾ ڪيس "جامعه عربيه" جي عربي ڊپارٽمينٽ جو سربراهه ڪري مقرر ڪيو ويو. ۱۹۴۶ع ۾، "جامعه عربيه" جو پهريون پرنسپال مقرر ٿيو، ۽ انهيءَ ئي سال مخدوم صاحب کي سنڌ يونيورسٽيءَ جي سينيٽ جو ميمبر پڻ نامزد ڪيو ويو.

مخدوم صاحب ۱۹۵۲ع ۾ حرمين شريفين جي زيارت جو شرف به حاصل ڪيو. ساڳئي سال "سنڌ اورنٽيل ڪاليج" جو پهريون پرنسپال مقرر ٿيو. انهيءَ عهدي تي صاحب موصوف اڃا تائين قائم آهي. سال ۵۱-۱۹۵۲ع ۽ ۵۲-۱۹۵۳ع ۾ ڪيس "مسلم گرلس ڪاليج" ۾ پارٽ ٽائيم-ٽيچر جي حيثيت سان ٻي. اي. آنرس جي ڪلاس کي عربي پڙهڻ تي مقرر ڪيو ويو. سندس هڪ شاگرد ياڻي سڄي يونيورسٽيءَ ۾ پهريون نمبر آئي. سال ۱۹۵۵ع ۾ سندس ڪوشش سان "اسلاميه ماڊرن هاءِ سکول" قائم ٿيو، جنهن جو پاڻ جنرل سيڪريٽري آهي. انهيءَ کان سواءِ، حمايت الاسلام هاءِ سکول ۽ ڪاليج، حيدرآباد، جي قيام ۾ به سندس مشورن ڪي ڪافي دخل آهي؛ اڃ "حمايت الاسلام" ائسوسيئيشن جو هڪ سرگرم رڪن آهي. ساڳئي وقت، "سنڌ طبيه ڪاليج" جي مجلس عامله ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جي سينيٽ توڙي سنڊيڪيٽ جو به ميمبر آهي.

مخدوم صاحب سنڌ جي چوٽيءَ جي عالمن ۽ اديبن مان آهي. عربي لغت توڙي ادب ۾ ڪافي دسترس اٿس، ۽ شايدئي ڪو ٻيو سنڌي عالم اهڙيءَ اهليت جو مالڪ هجي. بنده راقم جهولاڳڙهه ۾ پڙهندو هو، ۽ ان وقت انٽر آرٽس جي عربي ڪورس لاءِ "اِبن دُرَيد" جو مشهور قصيدو-جو "مقصوره ابن دريد" جي نالي سان مشهور آهي-رکيل هو. هي قصيدو نه صرف ڪلاسيڪل رنگ ۾ لکيل، پر نهايت مشڪل عربي لفظن، محاورن ۽ استعارن سان ڀريل آهي-جاڪاڻ ته ابن دريد عربي لغت جو جڏ امام هو، ۽ انهيءَ کري گهٽا ڏڪيا الفاظ ڪم آندا اٿس. مون ڪاليج جي ڪلاسن کان سواءِ پنهنجي روءِ ۽ هن قصيدي کي سمجهڻ ٿي چاهيو؛ انهيءَ کري وڪيشن ۾ نوابشاهه وڃي مخدوم صاحب جن کان هن 'مقصوره' پڙهڻ جو ارادو ڪيو. البت دل ۾ اهو شڪ هو ته هيءَ ڪاليج جو ڪتاب شايد مخدوم صاحب پڙهائي نه سگهي: منهنجي حيرت جي حد ئي نه رهي، جڏهن مخدوم صاحب بنا تڪليف جي هي سڄو مقصوره مون کي لفظ بلفظ ڪري سمجهايو! مون وٽ فقط هڪ ڪتاب هو، جو آڇ پنهنجي آڏو کولي ويهندو هوس؛ مخدوم صاحب سامهون ويٺو هوندو هو، ۽ انهيءَ آڏي رکيل ڪتاب کي ڏسندو ۽ پڙهائيندو ويندو هو؛ فقط کي جزوي لفظ هٽا، جن لاءِ عربي لغت جو ڪتاب ڏسندو هو. سندس عربي ادب جي لياقت سبحان، ڪين گذريل سال

سنڌ يونيورسٽيءَ طرفان، عارضي طور، يونيورسٽي جي شاگردن کي عربيءَ جي ڪن "پيپرن" پڙهائڻ لاءِ مقرر ڪيو ويو آهي، ۽ هو صاحب بي. اي. آنرز توڙي ايم. اي. جا ڪي ڪتاب پڙهائي ٿو.

مخدوم صاحب جن نوشهري واري زمالي کان انگريزي زبان کي به سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي، ۽ آهستي آهستي پاڻ ۾ هڪ مئٽريڪيوليٽ جيتري لياقت پيدا ڪيائون. هن وقت سندن انگريزي لياقت رواجي گريجويٽ کان ڪنهن به حالت ۾ گهٽ نه آهي.

مخدوم صاحب جن جو سنڌي ادب ڏانهن به شروع کان ئي لاڙو هو. نوشهري مدرسي خواهه نوابشاهه هاءِ اسڪول ۾ "بزم مشاعره" قائم ڪيائون، جنهن جا پاڻ صدر هئا. نوشهري مدرسي ۾ آڳ اتي جي بزم جو سيڪريٽري هوس. مخدوم صاحب جن اسان جي نظمن جي نهايت سهڻي اصلاح ڪندا هئا، ۽ پاڻ به اعليٰ نظم پڙهندا هئا. هينئر ڪائنس معلوم ٿيو ته نظم نويسيءَ جو ذوق ڪين باقي نه رهيو آهي-ايتريقدر جو پنهنجي نظمن جي ڪتاب کي محفوظ رکڻ جي به ضرورت محسوس نه ڪيائون. حيدرآباد ۾ اچڻ بعد، مخدوم صاحب جن سنڌي ادب جي اڪثر حلقن ۾ حصو ورتو آهي. سندن مضمون "شاهه عبداللطيف يادگار مخزن" توڙي ٻين رسالن ۾ شايع ٿيا آهن. 'اورينٽيل ڪاليج' مخزن سندن رهنمائيءَ هيٺ شايع ٿئي ٿي. مخدوم صاحب جن گذريل ڇٽن سالن ۾ "سنڌي ادبي بورڊ" طرفان فارسيءَ ۾ لکيل سنڌ جي ٽن مشهور تاريخي ڪتابن-"فتحنامه"، "تاريخ معصومي" ۽ "تحفة الڪرام" جو سليس زبان ۾ ترجمو ڪيو آهي. اهو ادبي ۽ تحقيقي ڪم مخدوم صاحب جن جي علمي لياقت جي ساک ڀري ٿو. هن وقت مخدوم صاحب، سنڌي ادبي بورڊ طرفان، مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي عربيءَ ۾ لکيل مشهور ڪتاب "حيات القاري في اطراف صحيح بخاري" کي ايڊٽ ڪري رهيو آهي. حديث جي سلسلي ۾ هيءُ هڪ مشڪل فني ڪتاب آهي، مگر مخدوم صاحب جن حديث جي علم تي هڪ جامع نظر رکن ٿا، ۽ اميد آهي ته هن ڪتاب جي تصحيح ڪري، ان کي ڪاميابيءَ سان ايڊٽ ڪندا.

٢

بغاوت جا باني ۽ آزاديءَ جا علمبردار

سنڌ سوين سورهيه ۾ سرويچ سردار پيدا ڪيا، جن ڏاڙهن جي غلامي قبول نه ڪئي: جيڪڙا هٿا تہ مقابلا ڪيائون، ۽ جي سر تي آئي تہ سر ڏيئي سرها ٿيا: دودي سومري، علاؤالدين طرفان آيل فوجن جو مقابلو ڪيو، جام اُنڙ ۽ جام تماچيءَ، سلطان فيروزشاهہ جي فوجن کي شهہ ڏني، دريا خان، ارغونن سان جنگ جوڙي ـ هڪ دفعي کين شڪست ڏائين، ۽ ٻئي دفعي شهيد ٿيو؛ ۱۸۴۳ع ۾ ميرشيرمحمد خان، ليپٽر جي فوجن سان مقابلو ڪيو. ان بعد، انگريزن جي حڪومت ۽ طاقت، غلاميءَ جا زنجير ايترڀقدر تہ مضبوط ڪري ڇڏيا جو کنهن کي ڇُرڻ جي به طاقت نہ رهي؛ دلاور دهاجي ويا، ۽ سردار سهڻجي ويا!

انهيءَ غلاميءَ جي هيبتناڪ ماحول ۾، پير پاڳاري سيد صبغت‌الله شاهہ ثانيءَ (جنهن کي جماعت طرفان عام طرح "پگ-ڏٽي" جي لقب سان ياد ڪيو وڃي ٿو) انگريزن جي جابراڻ حڪومت سان سينو ساهي ٽڪر ڪاڏي، ۽ جارج ٻڌين خلاف بغاوت جو جهنڊو بلند ڪيائين: انهيءَ آڻ ۾ پاڻ سر ڏيئي سرهو ٿيو، ۽ سنڌ جي سورهيه سردارن واريءَ سُنت کي نڀائين سر جياري ڇڏيائين.

ٻئي طرف، سنڌ جي سرزمين جي تعليم ۽ تربيتَ عبيدالله سنڌيءَ کي اڀاريو، ۽ کيس سنڌ جي ٻئي صالح سپوٽ عبدالله لغاريءَ جهڙو رفيق ڏنو، جن ٻوئين دور ۾ انگريزي حڪومت جي خلاف بغاوت ڪرڻ ۽ هن برصغير کي آزاد ڪرائڻ واري ٻهرئين منصوبي کي عملي جامي ٻهرائڻ لاءِ پيشقدمي ڪئي. "رولٽ ائڪٽ رپورٽ" ۾، انگريزن طرفان، هنن باغين جا نالا نمايان طور ڏيکاريا ويا. خلافت تحريڪ توڙي ڪانگريس جو زور پوءِ ٿيو؛ عبيدالله سنڌيءَ ۽ عبدالله لغاريءَ بغاوت جو بيج اڇ ٻوڪيو، ۽ آزاديءَ لاءِ جدوجهد اڇ شروع ڪئي.

ڈاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

پير پاڳارو سيد صبغت الله شاهه ثاني رح

سنڌ جي هن سورهيه سردار جي شخصيت ۽ بلند ڪردار تي انگريزي حڪومت جي هڪ-طرفي ۽ زوردار منظم پروپيگنڊا جيڪي پردا چاڙهيا، تن کي فقط وطن سان محبت رکندڙ نگاهون ڏيري، حقيقت جو مشاهدو ڪري سگهن ٿيون. ان وقت انگريزي حڪومت جي اشاري تي هلندڙ ۽ سندن سرپرستيءَ ۾ سابي هيٺ نڪرندڙ اخبارن ڪي انگريز سرڪار جي هن مخالف مرد خلاف جيڪي ڪجهه لکڻو هو سو لکيائون، جيڪي ڪجهه چوڻو هو سو چئي ڏنو ڪيائون-ايتريقدر جو پوين لاءِ ان تي اضافي ڪرڻ جي گنجايش به خير کا ڇڏيائون. ٻئي طرف، سنڌ جي هن مٿير مرد جي سوانح بابت صحيح حالات ايترو روشن نه ٿيا آهن، جو سندس بلند ارادن، ڪوششن ۽ حڪمت عمليءَ جي پس منظر توڙي سندس همت، جرات ۽ مردانگيءَ جو ڪماحقه قدر ڪري سگهجي: البته خاندائي پس منظر ۽ ماحول، ۽ بعد جي خارجي حالات جي مطالعي جي بناء تي، سندن شخصيت ۽ ڪردار توڙي رڪيل پروگرام جو قدري اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

اول ته سيد صبغت الله شاهه جڏهن "پير پاڳاري" جي حيثيت ۾ دستاربندي ڪئي، تڏهين شاهي تجمل ۽ طاقت، آزاديءَ لاءِ جدوجهد جو جذبو، ۽ انگريزن خلاف نفرت ڪيس ورثي ۾ مليا. پير پاڳاري، جي خاندان ۾ آزاديءَ لاءِ جدوجهد جو بنياد حضرت صبغت الله اول (وفات ١٢٤٦ھ) وڏو، جڏهين سنڌ مان هو صاحب سيد احمد شهيد جو هانهن-هيلي ٿي ٻيٽو، ۽ ڪيس رسد جو سامان توڙي مجاهدن جا دستا مدد طور ڏنائين. انهن مجاهدن ڪي ئي پهريائين "حُر" يعني "آزاد" سڏيو ويو. هن خاندان ۾ اهو آزاديءَ جو جذبو موروثي طور هلندو پئي آيو، ۽ صبغت الله شاهه اول جي اولاد مان سندس نالي پويان سڏيل سيد صبغت الله شاهه ثانيءَ ۾ انهيءَ جذبي جو هڻ بلڪل ممڪن هو. سنڌ مان، پير پاڳاري جي خاندان طرفان، سيد احمد شهيد جي حمايت ۽ سنڌ مان حرن مجاهدن جي دستن جو جهاد لاءِ وڃڻ وارو واقعو (١٨٣٠-٢٩ع)، ان وقت هندستان ۾ انگريزن جي اسرلڏ حڪومت کان ڳجهو ڪونه هو. انهيءَ ڪري، جڏهين تيرهن ورهيه ڪن پوءِ انگريزن سنڌ تي غاصبانه قبضو ڪيو، تڏهين پير پاڳاري جي خاندان کي خاص طور اک ۾ رکيائون: الهيءَ ڪري ئي پير پاڳاري جناب

حزب الله شاھ صاحب (۱۸۴۷-۱۸۹۰ع) جي وقت ۾ حرن توڙي عام جماعت جو رخ ڦري انگريزن جي خلاف ٿيو، ۽ انگريزن اھو نفرت جو جذبو آخرڪار ھي حُر تحريڪ (۱۸۹۶ع) ۾ لمايان ٿيو. انھيءَ واقعي بعد، پير پاڳاري ۽ جماعت جي خلاف انگريزي حڪومت منظم طور تي ڪارواين شروع ڪيون: جماعت مان ھر سڳھي ۽ صحتي نوجوان کي لوڙھن اندر بند ڪيو ويو، ۽ ھر چُرندڙ ۽ طاقتور فرد کي ويسارپور ضلعي احمد نگر ڏانھن جلاوطن ڪيو ويو. اھو لوڙھن (Concentration camps) جو سلسلو ھلندو ٻئي آيو، تان جو شمس‌العلماء شاھ مردان (عرف ڪوٺ-ڏڻي) انگريزن کي مطمئن ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ۱۹۱۴ع واري لڙائيءَ ۾ حڪومت آزمائش طور ڪالئن ساڻھو گھريا. پير صاحب جن ڇنڇ سؤ ماڻھو ڏيڻا ڪيا ۽ ھي مالي مدد ڪئي، تڏھين وڃي لوڙھن جو خاتمو ٿيو. انھيءَ ھوندي ب، انگريزن ھن گاديءَ کي اک ۾ رکيو. ٻئي طرف، پير صاحب پاڳاري توڙي سندن جماعت ب انگريزن جي غير مسلم ۽ ڏاريءَ حڪومت، جنھن منّ ايترين سختيون ڪيون ھيون، تنھن کي نفرت جي نظر سان ڏي ڏٺو.

ھيو ته سيد صبغت‌الله شاھ ٻارھن ورھين جي نديءَ وھيءَ ۾ تخت ۽ طاقت جو صاحب ٿيو. سندن ولادت ۱۳ صفر سن ۱۳۲۷ھ ۾ ٿي، ۽ پنھنجي والد شمس‌العلماء جناب شاھ مردان شاھ جي وفات (۷ ربيع الاول ۱۳۳۹ ھ) بعد 'پير پاڳاري' جي حيثيت ۾ دستاربندي ڪائون. سندن نديءَ عمر ھٿ ڪري، ھڪ طرف سندس ويجھن ۽ وڏن عزيزن کي اميد ٿي ته ھيءَ نديڙو پير پاڳارو سندن صلاح سان اڀندو ويھندو، ۽ انھيءَ ڪري سندن ذاتي اثر رسوخ ۾ ھڻ واڌارو ٿيندو، ٻئي طرف انگريزي حڪومت جي ھوشيار ڪارپردازن سوچيو ته ھن نديءَ پير تي اثر وجھي سندس نشو و نما اھڙي نموني سان ڪجي، جئن ھو خاندائي روايات کان منھن موڙي انگريزن جو دوست ۽ وفادار ٿي رھي، ٽئين طرف دربار جي جھونن خدمتگارن ۽ جماعت جي ڪن وڏن خليفن کي آسرو ٿيو ته ھو پير صاحب کي پنھنجي مرضيءَ موجب ھلائيندا. مگر، نديءَ ھوندي ڪان ئي سيد صبغت‌الله شاھ جي شخصيت ۾ ھڪ خاص انفراديت ھئي: ھو ھڪ آزاد طبع جو مالڪ ھو، جنھن کي خارجي ضابطن خلاف نفرت ھئي؛ ھو پنھنجو پاڻ سوچيندڙ ھو، الھيءَ کري مشورن کي محض مشورا ڪري ٿي ڇاتائين، ۽ پين جي صلاحن کي جئن جو تئن مڃڻ لاءِ تيار نه ھو. ذاتي طور ھو ھڪ جرائتمند، جفاڪش ۽ محڪم ارادي جو مالڪ ھو، ۽ سندس شخصيت ۾ ڪردار جو روح خود اعتمادي ۽ ارادي جي مضبوطيءَ ۾ سمايل ھو.

ٻئي ڪنھن شخص جي حالت ۾ نديءَ وھيءَ ۾ انھن وصفن جو ھجڻ باعث غنيمت ڄاڻي ھا، ۽ پير پاڳاري سيد صبغت‌الله شاھ لاءِ اھي خوبيون آزمايش جو ساسان ڪئي آيون. خدمتگار ۽ خليفا ڪٿي خاموش رھيا، ۽ ويجھن عزيزن توڙي انگريزي حڪومت جي ڪارپردازن جون اميدون پوريون نه ٿيون. پير صاحب پنھنجن عزيزن توڙي انگريزي حڪومت جي آفيسرن



پير پاڳارو صبغت الله شاهه ثاني

جي اشارن موجب هلڻ کان صاف انکار ڪيو ۽ انهيءَ ڪري اهي ٻئي طرف هن نندي پير پاڳاري جا مخالف ۽ هڪٻئي جا دوست بنجي ويا.

پير پاڳاري ٽيڻ بعد سيد صبغت الله شاهه هڪ پيري سندن چاچي مرحوم پير پاڳاري جناب علي گوهر شاهه ثاني جي نالي انگريزن طرفان ملهل کو آفرين نامون فريم ۾ بنگلي جي ڀت تي ٽنگيل ڏٺو. چيائون ته "اسان جا وڏا ڪهڙا نه سادا هٿا: خدا تعالىٰ سندن ذاتي عزت ايترو بلند ڪئي، پر تنهن هوندي به هي رکي ڇڏيا اٿن!" ائين چئي، آهو آفرين نامون ۽ فريم لهرائي ڇڄائي ڇڏيائون. انگريزي حڪومت کي هن نندي پير پاڳاري جي لاغرض طبيعت خدشي ۾ وجهي ڇڏيو، ۽ هنن کيس نندي‌ءَ وهيءَ ۾ انگريزي حڪومت جي طاقت جو چٽڪو چکائي آڻ مجائڻ جا سامان پيدا ڪيا. خوش قسمتيءَ سان حڪومت کي پير صاحب جن جي پنهنجن عزيزن سان فريادي ۽ شاهد ملي ويا، ۽ نندين گالهين کي وڏو ڪري، تيليءَ سان ٽنب بنائي، پير صاحب جن تي سکر ۾ ڪيس هلايو ويو. پير صاحب جن جي طرفان "جناح" صاحب وڪالت ڪئي. چون ٿا ته جناح صاحب کي راز طور ٻڌايو ويو ته حڪومت هر حالت ۾ پير صاحب کي نه ڇڏيندي، انهيءَ ڪري هو سندس وڪالت نه ڪري؛ پر جناح صاحب نه مڃيو: ڪورٽ ۾ آيو، مگر جج طرفان ٽيندڙ زيادتين تي احتجاج ڪري هليو ويو. حڪومت پير صاحب کي ڏهن سالن جي سزا ڏيئي سنڌ کان ٻاهر آڻائيو.

وطن کان دور انهيءَ وڏي عرصي ۾، پير صاحب جن پنهنجن وڏن جي تعليمات کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي. رتناگري جيل ۾، سندن جد امجد عالي جناب محمد راشد روضي ڏٺي وڃ جي ملفوظات جو خاص طرح گهرو مطالعو ڪيائون؛ ازان سواءِ ٻيا فارسي، اردو ۽ سنڌي ڪتاب ڪافي پڙهيائون، ۽ انهن ڪتابن مان پنهنجا انتخابات تاليف ڪيائون (ڏسو ضميمو). جڏهن رتناگري جيل مان ڪين مدناپور مرڪزي جيل، ڏانهن منتقل ڪيو ويو، تڏهن آتي پڻ پنهنجو مطالعو جاري رکيائون. انهيءَ عرصي ۾ هندوستان جي سياست کي پڻ پوريءَ طرح سمجهڻ جي ڪوشش ڪيائون، ۽ غالباً انگريزن کي ملڪ مان ٽوڙي ڪڍڻ واري حڪمت عمليءَ تي پڻ انهيءَ عرصي ۾ غور ڪيائون. اتي مختلف جماعتن جي سياسي ورڪرن سان پڻ سندن تبادلءِ خيالات ٽيندا رهيا.

پير صاحب جن جي آزاد ٽيڻ ۾ اڃا سال ڏيڍ کن هو ته هويان حڪومت طرفان جماعت جي خيالات ۽ رجحانات معلوم ڪرڻ جي مهم شروع ڪئي ويئي. هرهڪ ٽاڻي جي حد اندر رهندڙ مريدن کي گهرايو ويو، ۽ بالغن جوانن کان وٺي پير مردن تائين سڀني جا نالا لکيا ويا. ان بعد، سڀني کي ضلعي جي ايس. پي. ۽ ڪليڪٽر جي آڏو پيش ڪيو ويو. غالباً حڪومت طرفان اها هڪ قسم جي پيش قدمي هئي؛ ڇاڪاڻ ته پير صاحب جن جي انقلابي رجحانات جو حڪومت کي پتو پڄي ويو هو، ۽ ڪين خدشو هو ته پير صاحب جن واپس پهچي نه معلوم

کھڑو رويو اختيار ڪري: انهيءَ ڪري پير صاحب سان جماعت جي عقيدتمنديءَ کي پرکڻ ۽ پير صاحب جي طاقت کي ڪٽڻ خاص اهي قدم کنيا ويا.

سنڌ ۾ واپس اچڻ بعد، پير صاحب پهريائين پهريائين پنهنجي مريدن جي اصلاح ۽ تربيت طرف توجهه ڪيو. پهريائين حڪم ڪيائون ته "اسان جا مريد هرقسم جي نشي کان پرهيز ڪن". انهيءَ تي ٻڌين ۽ چلن جي موالين تماڪ پڙ ڇڏي ڏني، ۽ پنجاهه سٺ ورهين جي ڪن موالين ڪوندا پيچي ڇڏيا ۽ ڏنڌا ساڙي ڇڏيا. نفساتي طور جماعت تي هن حڪم جو وڏو اثر ٿيو. ان بعد حڪم آيو ته "عورتون عاج جا چوڑا نه پائين"-جماعت جي سڀني عورتن چوڑا ڀڃي ڇڏيا. پير صاحبن جن صرف اهي حڪم ڪين ڏنا، پر پاڻ پنهنجي سر جانچ ڪيائون ته ڪهڙي قدر انهن جي پوئواري ڪئي وڃي ٿي. سانگهڙ جي پرسان گڙنگ لڳ سندن واسطي جماعت هڪ بنگلو ٺهرايو هو، جتي پاڻ مريدن جون دعوتون ونڊندا هئا. هن گڙنگ واري بنگلي کي پير صاحب جن پنهنجي ٽئينءَ تحريڪ کي عملي جامي پهرائڻ لاءِ جڙ مرڪز مقرر ڪيو. بنگلي جي چوڌاري مريدن جا ميڙا لڳا پيا هوندا هئا. رات جو پير صاحب جن پوشاڪ بدلائي، ڪٽا اوڍي، جماعت جي ويس ۾ فقير بنجي وڃي جماعت ۾ گهمندا هئا. جيڪي ماڻهو لڪچوريءَ ٻڙي پيا پيئندا هئا، انهن جون جايون ۽ ٻٽاريون جانچي صبح جو گهرائي، انهن کي پوري تنبيهه ڪندا هئا. انهيءَ پڪڙ ڇاڙ جو وڏو اثر ٿيو، ۽ سڄيءَ جماعت ۾ غالباً طور حڪم ميڙ جو مادو پيدا ٿيو. ان بعد حڪم ڏنائون ته "جماعت جو ڪوبه ماڻهو ولائتي ڪپڙو نه پائي ۽ پنهنجي ملڪ جو اٽيل ڪپڙو پائي"؛ ۽ ٿيو ته "ڪوئن ۾ مسلمان توڙي هندو پاڻ ۾ متفق ٿي رهن ۽ ڪوبه فساد ٿيڻ نه ڏنو وڃي". انهن حڪمن سان ظاهر آهي ته پير صاحب جن جي ذهن ۾ ٻهلڪ طرفان هن ڌاري حڪومت خلاف هڪ متحده محاذ قائم ڪرڻ جا خيال هئا.

انگريزن جي بيدار مغز حڪومت کي اڳ-ئي اون هئي، مگر ولائتي ڪپڙي پاڻ خلاف نڪتل حڪمن بعد حڪومت جي سڄي مشنري تحرڪ ۾ اچي ويئي، ۽ پير صاحب جي جماعت تي چوڪسيءَ جا حڪم ڪري ويا. انهيءَ دور ۾ پير صاحب جن طرفان حڪم ٿيتو ته 'جماعت جا اهي ماڻهو، جي غازين جي صف ۾ شامل ٿيڻ چاهين، سي پنهنجا نالا لکائين'. جماعت جي اڳواڻ فقيرن کي حڪم مليو، جن پنهنجي حدن اندر گهوٽ گهوٽ ۾ وڃي غازين جا نالا لکيا، ۽ اهڙيون لسٽون تيار ڪري پيش ڪيائون. پير صاحب جن کي فقط نالن جي ضرورت ڪانه هئي، پر ڪين هرهڪ ماڻهوءَ کي نظر مان ڪيڏو هو ته ڪيتري پائيءَ ۾ آهي. گڙنگ واري بنگلي تي پير صاحب جن جدا جدا وقتن ۽ موقعن تي انهن غازين جو معائنو ڪيو: پاڻ ڪرسي وجهي ويهندا هئا؛ هوءَ مختلف طرفن جا غازي، انڪل پندرهن ڪان وڌي ٽيهن تائين ٽولا ٽولا ڪري، اندر گهرائيندا هئا. حڪم هوندو هو ته اندر اچن ته قطار ڪري ويهن. هوءَ جڏهن قطار ڪري ويهندا هئا ته پير صاحب جن ڪائنس پڇندا هئا ته "اوهان سڀ غازي

ٽيا آهيو؟" فقير چوندا هئا ته "هائو قبلا". جواب ۾ پاڻ چوندا هئا ته "فقيرو! اوهان کي مبارڪ هجي جو اوهين غازي ٽيا آهيو؛ اوهان تي صد رحمت هجي؛ انشاءالله پاڻ پار آهيون، اسان مان جيڪي هوندا سي رنگ ڏسندا!" البت جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي ذرا سست ۽ لڏيل ڏسندا هئا ته ان کي همتائيندا هئا. کي ٽولا اندر وڃڻ وقت ٽي نعرا هڻندا جماعتي راڳ ڪندا ويندا هئا. انهن موقعن لاءِ جماعت طرفان هڪ ڪافي رائج ٿي ته:

"سورهيه سر جو سانگو لاهي،
آيا سرد ميدان تي ڪاهي؛
سر ڏنوسون مرشد کي،
پوءِ عيد اسان لاءِ آهي."

اڪثر ٽولا اها ڪافي چوندا پير صاحب جن جي آڏو وڃي بيهندا هئا. پير صاحب جن جي طرفان، ظاهري طرح 'غازي' بنجڻ ۽ سير ڏيڻ جو مقصد بيان ٿيل ڪونہ هو، پر 'غازي' جي لقب خود بخود فقيرن ۾ اهو خيال پيدا ڪيو ته 'غازي' بنجي سير قربان ڪرڻو آهي.

پير صاحب جن انگريزن جي تسلط کان پوريءَ طرح آگاهه هئا. پاڻ اندروني طور جماعت جي اصلاح ڪندا رهيا، ۽ کين قرباني ڏيڻ لاءِ تيار ڪندا رهيا. ان وقت مسجد منزل گاهه وارو معاملو شروع ٿي چڪو هو ۽ هندن ۽ مسلمانن جي چڪتاڻ وڌي ويئي هئي. پير صاحب جن ان وقت غازين کي گهوٽن ۽ شهرن ۾ امن امان قائم ڪرڻ لاءِ حڪم ڏنا، ۽ انهيءَ طرح حڪومت طرفان غازين جي پرتيءَ جي آڙ ۾ جيڪي الزام گهڙجي رهيا هئا، تن کي رد ڪيو ويو. انهيءَ عرضي ۾ خود پير صاحب جن جي گهوٽ جي هندن تي حملي لاءِ تيارين ڪرايون ويون: پس پرده مقصد اهو هو ته جيڪڏهين خود پير صاحب جن جي گهوٽ جي هندن کي ماريو ويو، ته امن رکڻ خاطر غازين جي پرتيءَ وارو بهانو ٿي پوندو. جنهن رات اها سازش عمل ۾ اچڻي هئي، انهيءَ کان ڏينهن اڳ پير صاحب جن کي سانگهڙ ۾ هنگلي تي اطلاع پهتو ۽ اتان فوري حڪم نڪتا، جنهن تي پير صاحب جن جي گهوٽ ۾ غازين پنهنجي طاقت جو اهڙو ته مظاهرو ڪيو، جو حملي آور حملي جي همت ئي نه ڪري سگهيا. ٻئي ڏينهن، شهر جا هندو وفد ڪري سکر جي ڪليڪٽر وٽ پهتا ته پير صاحب جن جي غازين رات اسان جي جان بچائي آهي؛ اهڙيون تارون مٿي حڪومت کي ٻه پهتيون. انهيءَ ڪري "غازين" جي وجود کي حڪومت طرفان 'خطرناڪ' ثابت ڪرڻ جي جيڪا اسڪيم هئي، سا في الحال ناڪامياب ٿي.

حڪومت طرفان هاڻي هڪ ٻي حڪمت عملي سوچي ويئي. هن واقعي کان ٽورو پوءِ سکر جي ڪليڪٽر طرفان پير صاحب جن کي ملاقات لاءِ پيغام پهتو. پير صاحب جن خليفي احمد کي موڪليو ته وڃي ڪليڪٽر سان ملي. سکر جو ڪليڪٽر ڪوٺاوالا هو، جنهن سان خليفو احمد وڃي مليو ۽ گجراتيءَ ۾ ساٿس گالهايائين. ڪليڪٽر پارسي هو ۽ گجراتي سندس مادري زبان هئي. هو خليفي احمد سان نهايت سهڻو پيش آيو، ۽ کيس چيائين ته "پير صاحب جن کي هڪ

خاص پيغام ڏيڻو آهي تہ "امن قائم ڪرڻ ۾ پاڻ جيڪو ڪر ڪيو اٿن، ان کان خوش ٿي سرڪار سندن لاءِ هڪ تلوار ۽ هڪ بندوق انعام طور مقرر ڪئي آهي، ۽ پڻ سندن واسطي خطاب جي سفارش منظور ڪئي آهي'؛ اميد تہ پير صاحب جن هي انعام قبول ڪندا". خليفي احمد سچو احوال اڳي پيش ڪيو. پير صاحب جن چيو تہ "ڪليڪٽر جو اسان جي طرفان شڪريو وڃي ادا ڪر ۽ ڪيس ڇڏ تہ هٿيار اسان وٽ موجود آهن، ۽ 'پير پاڳاري' جو خاندائي خطاب ٿي اسان لاءِ ڪافي آهي". خليفي احمد موڻي اڳي ڪليڪٽر سان خبر ڪئي، جنهن تي ڪليڪٽر چيو تہ "پيرصاحب جن وڏي غلطي ٿا ڪن ـ گورنمينٽ سندن انڪار کي شڪ جي نگاهہ سان ڏسندي!"

بس، گورنمينٽ طرفان پيرصاحب جن جي خيالات ۽ رجحانات جي هيءَ آخري آزمايش هئي. هن بعد حڪومت کي يقين ٿيو تہ پير صاحب تي گورنمينٽ سان وفادار ٿي رهڻ بابت کوبہ پروسو نٿو ڪري سگهجي. انهيءَ عرضي ۾ حڪومت طرفان، پوليس آفيسرن معرفت، پير صاحب جن جي مڙني برجستن مريدن خلاف ڪاغذي ڪاروايون مڪمل ٿي چڪيون هيون. پير صاحب جن هينئر سالگهڙ لڳ گڙنگ واري بنگلي کي اڳي مرڪز بنايو، ۽ سڄا ڇهہ مهينا اتي رهڻ جو پروگرام رکيائون ـ انهيءَ لاءِ تہ هن ڏاريءَ حڪومت جي زبردستيءَ کي مُنهن ڏجي. پاڻ خاص برجستن ماڻهن کي سپاهياڻ زندگيءَ جي تربيت ڏنائون ۽ هوريءَ طرح آزمايائون. انگريزن خلاف سڄي جماعت ۾ عام طرح، ۽ غازين ۽ ٻين چوندڙ اڳواڻن ۾ خاص طرح، هڪ نفرت جو جذبو پيدا ٿي چڪو هو. ڇٽي نٿو سگهجي تہ ان وقت پير صاحب جن جي طرفان انگريزن جي مخالفت جي سلسلي ۾ ڪهڙي حڪمت عملي پيش نظر هئي. جيتوڻيڪ عام طرح اها ڳالهہ مشهور ٿي چڪي آهي تہ پير صاحب جن پنهنجي مريدن کي بندوقن ۽ رائفلن جي ٽريننگ ڏيڻي انگريزن خلاف سنئين سڌي لڙائيءَ لاءِ تيار ٿي ڪيو، مگر انهيءَ قسم جي راءِ جي ڪابہ تصديق ٿي نٿي سگهي. انهيءَ ۾ کوبہ شڪ ڪونهي تہ پير صاحب جن سڄيءَ جماعت توڙي غازين کي بيدار ڪيو، ۽ ڪن خاص چوندڙ فقرن کي سندن حال آهر پوريءَ طرح ٽريسنگ ڏيڻي تيار ڪيو، مگر اهو ڇڻي نٿو سگهجي تہ اها تياري ڪنهن فوري مقابلي لاءِ هئي. پير صاحب جن جي پيش نظر البتہ جماعت بنديءَ، اتحاد ۽ طاقت پيدا ڪرڻ جا فوري نظريا هئا ـ انهيءَ لاءِ تہ آيندي واري جدوجهد ۾ ڪاميابي حاصل ڪجي. ٻئي طرف، انگريزي حڪومت پير صاحب جن کي ذهني طور پنهنجو باغي تسليم ڪري، ڪنهن نہ صورت ۾ فوري ٽڪر جي صورت پيدا ڪري، پير صاحب جن کي گرفت هيٺ آڻڻ ٿي چاهيو. انهيءَ اسڪيم کي ڪامياب بنائڻ لاءِ هيٺيان طريقا اختيار ڪيا ويا: (۱) هر قسم جي ڏوهہ کي بنا جانچ جونچ جي حُرن ڏانهن منسوب ڪري، خاص خاص برجستن ماڻهن جي گرفتاريءَ لاءِ رڪارڊ تيار ڪيا ويا؛ (۲) ننڍن وڏن حرن لاءِ حد جي پوليس ٿاڻن تي هفتيوار حاضريون مقرر ڪيون ويون ـ ڪن تي هفتي جي بدران هر ٽئين روز، ٻئي روز، بلڪ روزاني حاضريون مقرر ڪيون ويون؛ (۳) پير صاحب جن جي گڙنگ واري بنگلي تي چوڪسي لاءِ پوليس جو مختصر عملو مقرر ڪيو ويو، تہ من

انهن تي حملو ٿئي ته پير صاحب خلاف کارروائي ڪري سگهجي. پير صاحب جن انهن ٿنهي قدمن خلاف احتجاج ڪيو. خاص طرح، گورنمينٽ جو توجهه روزانه حاضرين ڏانهن ڇڪايو ته 'جيڪي ماڻهو روزاني الٽن ڏهن ميلن جي مفاصلن تان پيدل هلي اچي ٽائن تي حاضريون ڏيندا، سي پنهنجي پارن ڇڻ لاءِ ڪهڙي وقت پورهيو ڪري سگهندا: فقط "حر" جي نالي کان متنفر ٿي، غريبن ۽ اشرافن کي هن قسم جي روزاني تڪليف ۾ مبتلا ڪرڻ انصاف ناهي!' باوجود هنن احتجاجن جي، حڪومت ويتر سختيءَ کان ڪم ورتو. انهيءَ تي پير صاحب جن حاضري ڏيندڙ ماڻهن ۽ ڏزن ڪن برجستن ماڻهن کي گهرايو ۽ کين چيو ته "فقيرو، هاڻي اڳتي لاءِ اوهين حاضري نه ڏيو!"

ڪن جو چوڻ آهي ته انهيءَ حڪم جو اهو مطلب هو ته 'اوهين حاضري ڏيڻ کان انڪار ڪريو ۽ پنهنجن گوٺن ۽ گهرن ۾ پنهنجو ڪم ڪار ويٺا ڪريو: پوءِ حڪومت اوهان کي گرفتار ڪري- آخرڪار کيترن کي گرفتار ڪري پوري پوندي!' پين جو چوڻ آهي ته پير صاحب جن حڪومت جي ضد ۽ ناانصافيءَ کان تنگ ٿي، انهن چوندڙ ماڻهن کي چيو ته 'اوهين روپوش ٿي وڃو، ۽ حاضريءَ لاءِ ٽائن تي هرگز حاضر نه ٿيو: ڏسون ته گورنمينٽ ڇا ٿي ڪري؟' بهرحال، پير صاحب جن کي يقيني طور هڪ قسم جي 'سول نافرماني' مدنظر هئي. اهي چوندڙ فقير انهيءَ حڪم موجب حاضرين تي ڪوڙ ويا ۽ پنهنجي گروهه جي مصلحت موجب روپوش ٿي ويا. جڏهن حڪومت طرفان پير صاحب تي زور پيو، ته پير صاحب جن چيو ته سرڪار انهن ماڻهن کي گولي هڻ ڪري. ٻئي طرف، چوندڙ سرڪاري ڪامورا هن سڄي معاملي سان وابسته ڪيا ويا، جن انتظامي تدبر کان ڪم وٺڻ جي بدران، مليل هدايتن موجب، ويتر هن باهه کي ڀڙڪايو ۽ پير صاحب ۽ فقيرن خلاف هر قسم جون رپورٽون حڪومت کي موڪلينداً رهيا. پير صاحب جن کي ۽ انهن ڪامورن جي غيرمنصفانه بلڪ معانداڻ روش بابت سڀڪجهه معلوم هو، انهيءَ ڪري جڏهين به اهي پاڻ يا سندن نائب پير صاحب جن کي ملڻ ٿي آيا ته پير صاحب جن ۽ کين انهيءَ نقطه نگاهه کان ٿي ڏٺو. پير صاحب جن کي ڪن مريدن ۽ پين خيرخواهن طرفان مشورا ڏنا ويا ته انهن ڪامورن کي خوش ڪجي؛ مگر پاڻ چيائون ته رشوت ڏيڻ انسان جي مذهب ۾ حرام آهي.

بهرحال، هيٺان موڪليل رپورٽن جي بناء تي، پير صاحب جن کي ڪوٽ بنگلي تان نظربنديءَ جي حالت ۾ ڪراچيءَ وٺي ويا، جتي کين وڏي وزير چيو ته 'اوهان کي حفاظتي قانون موجب هتي ڪراچيءَ ۾ رهڻو آهي ۽ باهر نه وڃڻو آهي'. پير صاحب جن چيو ته 'جيڪڏهن انسان جو ڪو قصور هجي ته سرڪار انسان تي مقدمو هلائي، يا هت ڪراچيءَ ۾ رهڻ بابت تحريري حڪم ڏئي ته اسين انهيءَ پابندي خلاف قدم کڻون'؛ مگر انهيءَ جو ڪوبه جواب ڪونه مليو. انهيءَ تي پير صاحب جن آخري طور وڏي وزير (سر غلام حسين) کي چيو ته 'هيءَ بندش بيقاعدي آهي ۽ هت اسين وڌيڪ نه رهنداسون- اوهان کي جيڪي ڪرڻو هجي سو

کندا". ائين چئي، پير صاحب جن راتو رات موٽر ذريعي ڪراچيءَ مان گڏنگ جي بنگلي تي پهتا. ڪين يقين ٿي ويو هو ته حڪومت بهرحال سندن ذات جي خلاف ڪارروائي ڪندي؛ انهيءَ ڪري فقيرن کي حڪم ڏيئي چڏيائون ته جي معاملو وڌي وڃي ته ڏنل هدايتن موجب هڪ پوري نظام هيٺ جدوجهد جاري رکن. اتان درگاهه شريف تي پهتا، ۽ جيڪي ڪي مختصر حڪم احڪام ڏيڻا هئا سي ڏنائون. ٻئي ڏينهن سندن نظربندي عمل ۾ آئي، ۽ ڪين ڪراچيءَ پهچايائون.

ان بعد، حڪومت طرفان پير صاحب جن جي خلاف بغاوت جي مقدمي لاءِ مواد گڏ ڪيو ويو. ٻئي طرف، سرويچ حُرن ڪارروايون شروع ڪيون. حڪومت طرفان، حُرن جي همت کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ، پير صاحب جن جي گڏنگ واري بنگلي کي گهيرو ڪرائي، سندن ڪٽنب کي نظربند ڪيو ويو ۽ ٻاهران سڀ لائيون ساڙايون ويون. ان بعد بنگلي تي بمباري ڪئي ويئي، ۽ درگاهه شريف تي پير صاحب جن جي حويلين ۽ ڪوٽ کي بارود ذريعي ڪيرايو ويو. پر، اهي ڪارروايون حرن جي همت کي پست نه ڪري سگهيون، ۽ هنن مردن "مارشل لا" کي مڙس ٿي منهن ڏنو. ان وقت سرزمين سنڌ جي هنن سورهين جيڪي پوليس ۽ ملٽريءَ سان مقابلا ڪيا، انهن ۾ سندن حڪمت عملي ۽ بهادريءَ تي هڪ جدا مضمون لکڻ جي ضرورت آهي. انهن مقابلن ۾ زالن به پنهنجن مردن جو ساٿ ڏنو، ۽ ڪن زالن جي همت ۽ بهادريءَ جا ڪارنامه حيرت انگيز آهن: مطلب ته پير صاحب جن جي ڏنل تربيت انهيءَ حد تائين مؤثر ثابت ٿي، جو اڳواڻ (پير صاحب) جي غير حاضريءَ جي باوجود سپاهين (حُرن) پنهنجي نظام ۽ انتظام هيٺ جنگ جاري رکي. مقابلن ۾ وڏا مارجي ويا ته ننڍن سندن جايون پريون. انهيءَ دور ۾ ڪيترائي ملڪي ماڻهو، انگريزي حڪومت جي زور ۽ اثر هيٺ، جاسوس بنجي فقيرن جي پويان پيا. فقيرن جوابي حملا ڪري بدلو ٻئي ورتو. انهيءَ جنگ ۾ بيشڪ سُڪن گڏ ساوا به سڙي ويا: هڪ طرف ملڪ جا ڪي غريب ماڻهو بيگناهه مارجي ويا، ته ٻئي طرف "مارشل لا" جي آڙ ۾ ملٽريءَ وارن قهر ڪري چڏيا: نه فقط حُرن، پر پير صاحب جي عام مريدن توڙي سندن تعلقدارن کي هارين پچين گرفتار ڪيو ويو ۽ ڪين نهايت بيدرديءَ سان جيلن ۽ ڪئمپن ۾ بند ڪيو ويو، جتي سوين ٻارڙا، زالون ۽ ٻڍڙا، بک ۽ بيماريءَ جي وڪهي مري ويا! حيدرآباد جيل ۾ انگريزن پنهنجن جاسوسن کي برقعا پارائي "حُرن جي سچاٽ" لاءِ ٿي موڪليو، ۽ انهن برقعي پوشن فقط پنهنجي آقائن اڳيان سرخرو ٿيڻ لاءِ نوجوانن تي هٿ ٿي رکيا، ۽ انهن نوجوانن کي محض انهيءَ 'سچاٽ' جي بنياد تي ڦاسيءَ تي لٽڪايو ٿي ويو! چون ٿا ته هڪ دفعي، هڪ اهڙي برقعي واري، هڪ اهڙي ماڻهوءَ تي اچي هٿ رکيو جو "مارشل لا" کان اڳ جو قيدي هو-تنهن جڏهن دانهون ڪيون، تڏهن وڃي 'برقعي پوشن' جي قلعي کلي.

بهرحال، انهيءَ هيبتناڪ ماحول ۾، سنڌ جي ڪن وڏيرن ۽ زميندارن ڪان زبانيون ڏياري، پير صاحب جن تي جان جي سزا مقرر ڪئي ويئي. چون ٿا ته پير صاحب جن دستور

موجب هميشه شب خيز هوندا هئا. هڪ انگريز آفيسر اچي سائن شطرنج راند ڪندو هو، ۽ پاڻ ان کان سيءِ راندیون ڪٹندا هئا. حياتيءَ جي آخري رات ۾ انهيءَ آفيسر پير صاحب جن سان راند ڪئي، تہ من پير صاحب جن کي پنهنجي جان جو فکر هجي ۽ انهيءَ کري کانئن راند ڪٹي سگهي: پر پير صاحب جن کانئن دستور موجب وري ۾ راندیون ڪٹيون، ۽ اها آخري رات پاڻ نهايت گهري لنڊ ڪيائون.

ان وقت سنڌ ۾ مارشل لا ۽ آفيسرن جي رعب تاب ذريعي اهڙو تہ هيبتناڪ ماحول پيدا ڪيو ويو، جو پيرصاحب جن جي حمايت ۾ ڪن ٹورن کي حق جي ڪلمي چوڻ جي توفيق ٿي. ان وقت مسلم ليگ پوري طاقت ۾ هئي. جڏهن عليگڙھ مسلم يونيورسٹيءَ مان کي شاگرد ان وقت وفد وٹي دهليءَ ۾ مرحوم لياقت علي خان کي وڃي مليا، تڏهن هن چيو: "اسان کي پير صاحب پاڳاري لاءِ پوري همدردي آهي، پر سنڌ جي مسلم ليگي ليڈرن ۾ جرات ڪانهي جو پير صاحب جي حمايت ۾ کو هٹ ڏکيرين، ۽ اسان کي مداخلت جو موقعو ڏين". بهرحال، پيرصاحب جن ۱۹۴۳ع ۾، الين ڇڏي، ويهين مارچ تي، سر ڏيئي سرها ٹيا. چون ٿا تہ مقدمي وقت حکومت طرفان کن ماڻهن کي پير صاحب جن ڏانهن موڪليو ويو تہ جيکڏهن پير صاحب معافي وٹي تہ حکومت سندن 'معافيءَ' تي غور ڪندي. پير صاحب جن چيو تہ "معافي هڪ الله ۽ الله جي رسول کان وٹبي، نصاري کان کهڙي معافي وٹبي!" جڏهن شروع ۾ پير صاحب فقيرن کي تربيت ڏني، تڏهن ڪنهن هڪ فقير چيو تہ "قبلا، انگريزن کي تڙي ڏيڻ ۾ ڪيئن ڪامياب ٿبو!" انهيءَ تي پيرصاحب جن چيو تہ "انشاءالله، اسان ۽ توهان مان جيکي هوندا سي پاٹيهي رنگ ڏسندا!" بهرحال، پير صاحب جن ۱۹۴۳ع ۾ پنهنجي جان جي قرباني ڏني، ۽ ۱۹۴۷ع ۾ انگريزن ٹپڙ ٻڌا.

پير صاحب جن جي ذاتي زندگيءَ بابت هيٹيون مختصر حقيقتون معلوم ٿي سگهيون آهن: (۱) بسا اوقات پنهنجي ساني پاڻ پچائيندا هئا؛ (۲) صبح جو وڏي اسر اٹي ورزش ڪندا هئا ۽ ان بعد نماز ادا ڪندا هئا؛ (۳) اڪثر موقعن تي پاڻ فقيرن سان گڏجي بيهي کر ڪندا هئا: هڪ دفعي کينيءَ ۾ لانڊين کي لوڙهو پٹي آيو تہ پاڻ به اچي پُور ڪٹي لوڙهو ڏيڻ لڳا؛ هڪ دفعي فقيرن ڪڪ جون ڳوٹيون ڪٹي مٹي گدام تي ٿي رکيون تہ پاڻ به اچي کر ۾ شامل ٹيا، ۽ ڳوٹين کي ڪنڌن ۾ مضبوط هٹ وجهي يڪي اچل سان مٹي ستيءِ تي پٹي چاڙهيائون؛ (۴) جيکڏهن سندن کو فقير نقد آٹي نذر طور ڏيندو هو ۽ چوندو هو تہ "قبلا، قبول پوي"، تہ پاڻ چوندا هئا "قبول"؛ پر جيکڏهن کو لک صلواة جو اچي پيش ڪندو هو تہ چوندا هئا تہ "قبول، آفرين هجيئي!" الين چٹي مٹن دعا گهرندا هئا؛ (۵) سندن دستور هو تہ پئسي جو نذرانو هٹ ۾ نہ وٹندا هئا، پر جيکڏهن کو فقير وِرهَ (کپڙ جون پاڙون) جا ڏندڻ آٹي نذراني طور پيش ڪندو هو تہ هٹ ڏکيري کانئس وٹندا هئا؛ (۶) هڪ دفعي سيڻارجن کان اوپر ميرواهہ تعلقي ۾ "تلي" جي

دعوت تي هڪ مائي چٽن جي پٽي جنهيءَ ۾ وڃهي تحفي طور ڪٽي آئي- پير صاحب جن چيس تہ 'امان، اها سئي رڌي ۽ تون سگهندينءَ: جوڙ جون مانيون ۽ اهو ساڳ رڌي ڪٽي اڄ، جماعت دعوتيءَ جي دعوت ڪائيندي، مان تنهنجي دعوت ڪائيندس'؛ (٦) سانگهڙ لڳ گڙنگ واري ٻنگلي تي هڪ ڊپٽي ڪليڪٽر ڪائٽن پچيو، 'پلا ڪهڙي سبب ڪان گورنمينٽ ۽ گورنمينٽ جي ڪاموڻن جي عزت نٿا ڪريو؟' پير صاحب جن جواب ڏنو تہ 'عام هلت چلت ۾ اطوار ڏسڻ بعد جڏهن اوهان جي عزت ڪرڻ جو رکو خيال اچي ٿو، تہ مون کي پنهنجي نسل ۾ شڪ ٿو پوي تہ آءٌ ڪو 'حسيني' آهيان!'

سندن علمي ۽ ذهني رجحانات تي هيٺ ڏنل ضميمي مان روشني پوي ٿي.

ضميمو

[نوٽ: رتناگري جيل ۾ پير صاحب هڪ بياض ۾ سلوڪ جي مختلف نڪتن کي منتخب ڪري قلمبند ڪيو. هن بياض جي پهرئين صفحي تي انگريزيءَ ۾ هن طرح نوٽ آهي:

Certified that this book contains 100 Pages.

(?) .Ellis

Superintendent R. Prison

16-4-31

ان بعد پير صاحب جن جي هٿ اکرين نوٽ: "هي ڪتاب امان کي رتناگريءَ جي جيل ۾ ملیو- تاريخ ۱۲ ربيع الاول ۱۳۵۰ جي، مطابق ۲۸ جولائي ۱۹۳۱ جي".

هن بياض مان انتخاب ڪيل مواد مان خود حضرت پير صاحب جن جي مطالعي، ذوق توڙي بلند اخلاق تي روشني پوي ٿي. سندن نثر ۾ پير صاحب جن جي عبارت ۾ ڪن جاين تي نهايت مؤثر ۽ دلڪيز آهي. هيٺ هن بياض مان، جو خود پير صاحب جن جي هٿ جو لکيل آهي، ڪي اقتباسات ڏنا وڃن ٿا.]

"بسم الله الرحمٰن الرحيم

"هن ڪتاب ۾ امان نصيحت جهڙيون گالهيون لکندا سي خاص خلق جي هدايت لاءِ تہ بچڻ ڪمن کان بيزار ٿين، خدا پاڪ کي ياد ڪن ۽ چيل نڪتا معرفت جا ڏنهن امان جي ٻڌي ان تي عمل ڪن، تہ ٻنهي جهانن جي تڪليف کان ڇٽن ۽ فيض باطني هٿ ڪن ۽ ڏنهن حڪم خداءِ پاڪ ۽ رسول جي منهن نہ موڙن- بيت فارسي:

"گردن از حڪم خدايت ہر مہ تاب تا نماني روز محشر در عذاب"

[حڪايت پهرين]. "هر جيڪو مريد سائ سچي ايرادي جي مرشد ٿو ٿئي ۽ امر مرشد پنهنجي جو بجا نٿو آڻي، اهو مريد ڏنهن فيض حقيقيءَ جي نا اميد رهندو. مريد کي جڳائي تہ جو نٿڪتو معرفت جو ڏنهن پير جي ٻڌي، ان کي منجهه ورتن دل جي لکي ۽ عمل ڪري، تہ انشاءالله تعالي ڏنهن برڪت مرشد جي فيض وارو ٿيندو. اي يار منهنجا! هي جيڪي اسين چئون ٿا اهو حق آهي ۽ اوهان حق جاڻو. بيت فارسي:

"هر نقطه از شگفته باغي، افروخته تر ز شب چراغي،
لفظش چو طراوت جواني، معنيٰ چو آب زندگاني."

[حڪايت ٻي]. "اسان هي ڪتاب نايابن ان لاءِ لکيو آهي تہ طالب خدا جا مطالع ڪن ۽ سير ڪن باغ حقيقت جي جو ۽ سنگهن گل معرفت جو، چاکاڻ جو مغز ماڻهن جو ڏنهن زڪام ٻي ايرادي جي بيمار آهن، سو ڏنهن ٻوءِ گل معرفت جي مغز ۽ روح طالب جو سرهو ٿئي ۽ دل خوشحال ٿئي—جيئن جو فارسيءَ واري چيو آهي:

"چنين گفت مرد سخندان بمن، ڪہ اي باغبان رياض سخن،
درين روضہ پاڪ مي نوشان، درخت معاني بہ نوع نشان،
ڪہ هرڪو خورد ميوۂ زين درخت، نشانند را گويد اي نيڪ بخت."

"اي عزيز، علم جو آهي سو مثال درخت ميوه دار جي آهي، ٻوءِ هر جيڪو اهو درخت پوکيندو، اهو عجيب حڪمت جا ميوا کائيندو. اسان اوهان مريدن لاءِ هي ڪتاب مثال درخت جي پوکيو آهي: اوهان اسان جي حڪم تي عمل ڪري هن درخت جا ميوا کائو."

[حڪايت ٽي]. "هزار نڪتہ باريڪ تر از موئی اينجا ست،
نہ هرڪہ سر بتراشد قلندری داند.

"اي دوستو! هر نڪتو جو اسان چيو آهي، ان کي سچو ڄاڻو، ڇا لاءِ جو ڏنهن هر حرف جي سؤ معنائون غيبي آهن ۽ ڏنهن هڪ هڪ ڪلمي جي هزار هزار لطيفا لاريبي آهن: ڏنهن هر عبارت جي فيض عام ۽ ذوق تمام، ۽ ڏنهن هر معنيٰ جي مفهومات بلا نهايات آهي؛ ۽ ڏنهن هر ادراڪ جي مقامات بسيار، ۽ ڏنهن هر حالت جي اهڙو ذوق، جو ان کي تارازي بيان جي نہ توري—يعني ڪو بہ ان جو بيان ڪري نہ سگهي.—هتي هي بيان ختم ٿيو."

[حڪايت چوٿين]. "هاڻي هتي اسان بيت فارسي لکڻ شروع ٿا ڪيون. هي بيت گهڻن ڪتابن مؤن چونڊي اسان لکيا آهن، وڏيءَ تکليف سان—خاص ڪري تکليف واريءَ جاءِ ۾. ان لاءِ، هر پڙهندڙ تي واجب آهي تہ ڪي نہ ڪي بيت لکيل اسان جا ياد ڪري، ڇا لاءِ جو هرهڪ بيت عجيب معنيٰ، ساڻ سهڻي مطلب جي، رکندو آهي: ان لاءِ اوهان بيت ياد ڪيو. جنهن ماڻهوءَ کي هي بيت ياد هوندا، اهو ماڻهو هرهنڌ گفتگو ۾ اهي بيت ڪم آڻي سگهي ٿو ۽ ڪنهن بہ ڳالهہ جي رد ۾ يا مثال لاءِ يا نصيحت لاءِ چئي سگهي ٿو. هي بيت هنن ٽالن وارن ڪتابن مؤن چونڊي ڪڍيا ويا آهن: هڪ انوار سهيلي، ٻيو حافظ ديوان، ٽيون بوستان، چوٿون گلستان. پهريون اسان انوار سهيلي جا بيت لکون ٿا:

"بسم الله الرحمٰن الرحيم

"بحڪمت حل هر مشڪل توان ڪرد، بحڪمت ڪار دل حاصل توان ڪرد"—الخ.

* * *

[صفحي ٣ تي سڄي پاسي نوٽ لکيل آهي ٿ]. "هتان کان اڳتي ڪاڻهين به روٽ تي سائي مس سان لکيل هجي، ان کي اسان جو چوڻ سمجهندا. اسان چگا نڪتا ٿورن جملن ۾ هدايتن وانگر لکيا آهن، اوهان مريدن تي فرض آهي حڪم تي عمل ڪرڻ".

[ان بعد حاشيه تي مس سان هيٺيان نڪتا لکيل ملن ٿا]

(١) "سڄي تي ڪاوڙ ڪرڻ، اها خراب ڪالهه آهي. اي دوست، جي سچو آهين ته سڄي کي مان ڏي."

(٢) "جو شخص غير حاضر آهه، ان جو حصو حاضر آهه."

(٣) "اي دوست، حرص نه ڪو، جو حرص قاتل آهي؛ حريص جو حرص نه ڪر، جي مرد آهين."

(٤) "هزار عبادت هڪ گناهه جي مقابلي ۾ نيست آهي، يعني گهٽ آهي."

(٥) "اي دوست! جي تون پنهنجي نفس کي پهتين، ته گويا ڪ خدا کي پهتين. اي يار، نفس کي شڪار ڪر، جو عجب شڪار آهي."

(٦) "ناجنس جي دوستيء ڪوڻ موت کي ٻلو جاڻ، ۽ ان جي دوستيء ۾ ٻلو نه ڏسندين."

(٧) "علم ۽ حيا ۽ فياضي ۽ رحم—اهي مثال مان جاڻ: انهن شين کي هٿ ڪوڻ نه ڇڏ".

(٨) "اي يار، بيٽ تنهنجو دشمن آهي: ان لاءِ روزا گهٽا رکي علاج بيٽ سجو ڪر، جو اهو ايذاء بهتر آهي."

(٩) "ڪوڙي جي حڪومت کن لمحن تائين هلي سگهندي؛ سچي جي حڪومت تاقيامت آباد هوندي. اي يار، ڪوڙ کان بچ جو ڪنڇي ايمان جي آهي ۽ ڪوڙي تي خدا جي لعنت آهي."

(١٠) "اي دوست، حساب پنهنجو صاف رک، پوءِ چڪ نه ڪر—اهو چيو ياد ڪر."

* * *

[اڳتي هڪ نوٽ]. "'حافظ ديوان' جون هن ڪتاب ۾ ڪل رباعيون اسان پاس ڪري (٦٨) اٺهٺ لکيون آهن. اهي سڀ رباعيون ٢٨ تاريخ آڇر جي ڏينهن لکي ختم ڪيوسين—رتناگيري جيل ۾، مهينو جمادي الاول ١٣٥٠ هـ، مطابق ١١ آڪٽوبر ١٩٣١ع.—صحي سيد پير محمد صبغت الله هاشمي جلالي—وقت نو سادا."

* * *

—"هي سڀ بيت [فارسي] ملفوظات حضرت روضي ڌڻي واريءَ مڙن اسان چونڊي لکيا آهن. اوهان پڙهندڙن کي تاڪيد ٿو ڪجي ته هنن بيتن مڙن ٿورا گهٽا بيت ضرور ياد ڪن، جا لاءِ جو عجب معنيٰ ۽ شوق ذوق رکندا آهن. لکي ختم ڪياسي تاريخ ٥ جمادي الاخر جي ١٣٥٠ هـ، مطابق ١٧ آڪٽوبر ١٩٣١ع جي، رتناگيري جيل ۾.—صحي سيد پير محمد صبغت الله شاهه هاشمي جلالي راشدي حسيني شاهمردان."

"هي 'بوستان' جا بيت تاريخ ۱۲- جمادي الاخر چنڊر جي ڏينهن ۱۳۵۰ھ. جي رتناگيري جيل ۾ اسان لکي ختم کيا، مطابق ۲۴ آڪٽوبر ۱۹۳۱ع جي. - صحي سيد پير محمد صبغت الله شاهه هاشمي، جلالي، راشدي، شاهمردان شاهه."

* * *

[صفحي ۲۷ تي]. "هتؤن کان اڳتي اسان کي گالهيون هدايتن جهڙيون تا لکون، جي گالهيون اوهان مريد منهنجا سچائيءَ سان پڙهندا ۽ چگيءَ صورت لکيلن حڪمن تي عمل ڪندا، ۽ مطالع ڪرڻ هن ڪتاب جو سير ڪرڻ باغ حقيقت ۽ سنگهڻ گل معرفت جي جو آهي هرڪنهن شائق طالب لاءِ، چا لاءِ جو ڏنهن زڪام بي ارادي جي مغز عام خاص جو خالي آهي: جنهن کي جا مٺين بيماري نه هوندي، اهو ڏنهن هنن حڪمن جي ۽ پين حڪمن جي به غافل نه رهندو ۽ پنهنجيءَ قوت آهر کا کوتاهي نه ڪندو. اي دوستو، مون کي ڏنهن خزاني فراق جي انعام مليو آهي: ان انعام ۾ اوهان کي به مون حصيدار جاڻي سچن ۽ ايمان وارن لاءِ هي نڪتا گڏ کيا آهن، ته من ڪنهن کي فيض رسي. اي مريد منهنجا، دل منهنجي منجهه چنبي فراق جي آهي، مثل بلبل جي، ۽ هروقت مٺي زبان جي هي بيت ورد ڪندڙ آهي:

"ڪجا شد سرو من يا رب ڪه در بستان نمي بينم،
شدم مشتاق چون بلبل، گل و ريحان نمي بينم.

معنيٰ بيت جي: ڪاڏي ويو سرو منهنجو، اي الله پاڪ، جو منجهه باغ جي نٿو ڏسان مون: مون ٿيس سڪايل بلبل جيئن گل ۽ بوءِ نٿو ڏسان مون.

"اي يارو، اڄ دل منهنجي نه مٺي فرش جي آهي، بلڪ مٺي عرش جي آهي. ان گالهه لاءِ آيت شاهد آهي: 'قلوب المومنين حرم الله'.

"هتي هي بيان ختم ٿيو، اڳتي اسان هڪ ڪافي تا لکون، جا اسان جي ناهيل آهي-

"ٽل: مون کي هٽي ڪو جادو سهڻا يار دل لٽي وئين،
ڪري چشمن سندو ڪو چالو، سر ساهه ٻٽي سٽي وئين.

۱. ڪري پهريون مٺيون تو گالهيون، وڏي يار دل کي دواليون،
هٽي ٽيٽن سنديون دنالسيون، منهنجا دوست دل ڏٽي وئين.

۲. تنهنجو عشق آهي قهري، مثل، برَ! باز بحري،
وئي بلبل جيئن ٿو سحري، تيئن جهت منجهه دل جهٽي وئين.

۳. 'صبغت الله' جي سڻ تون زاري، ڪر ڪا تون ستاري،
هيڪر ڏيئي ڏيڪاري، تيهان پوءِ منهن مٽي وئين."

[صفحي ۲۸ تي حڪايت ۱۳]. "اي مريدو! هن وقت ۾ جو ماڻهن منجهه بيدينيءَ جي موج هلي رهي آهي، ان خراب حالت کي مدنظر رکي، اسان کي گالهيون، کي بيت،

کن کتابن مان چونڊي، اوهان جي فائدي لاءِ لکيون آهن. هن وقت جو سن ۱۳۵۰ھ ۾ بجاءِ عدل جي ظلم، بجاءِ علم جي جهل، ۽ بجاءِ ادب جي بي ادبي، ۽ بجاءِ سچ جي کوڙ، ۽ بجاءِ رحم جي غضب باقي رهيو آهي، اکثر هر اخلاق موچارا ساڻ وصفن بچڙن جي مبدل ٿيا آهن ـ جيئن حافظ شيرازيءَ چيو آهي:

«این چه شوریست در دور عمر مي بینم،
همه آفاق پر از فتنه و شر مي بینم.

«اي دوستو، زمانو کهڙو خاصو آهي، پر کو خود پاڻ خاصو ٿئي؛ زماني کي خراب چوڻ اها خود بيجائي آهي، زماني کي خراب چوندڙ خود پاڻ خراب آهي؛ زمانو خراب نه آهي بلڪ ارکان ماڻهن جا خراب آهن. ان لاءِ، اوهان سچن ايمان وارن مريدن کي جڳائي ته جو هر لکتو ڏٺهن زبان وحي ترجمان ڏنهن پير پنهنجي ٻڌي، ان کي منجهه ورقن دل جي، حڪم مرشد پنهنجي جا لکي ۽ عمل کري ته فيض وارو ٿئي ۽ منهنجي دل کي خوش کري، جو مان چگيءَ ليت سان هي کتاب ۽ ٻيا کتاب اوهان جي فائدي لاءِ لکيا آهن. اي يارو علم جو آهي سو مثل وحشي آهي، مون ان کي منجهه ورقن کتاب جي لکي قيد کيو آهي، جيئن جو هر لفظ مثل گلاب جي معطر منجهه شيشي کتاب جي گڏ کري، مٽي دکان اشتهار جي رکيو، جو مغز هر خاص عام جو ڏٺهن زکام بي ايراديءَ جي بيمار آهي. ان لاءِ، اوهان وٽو بهرو هن کتاب مؤن، جو ڏيکاري ٿو وات سچائيءَ جي. هي بيان هتي ختم ٿيو. ٻيو ته اسان هن کتاب ۾ بيت سنڌي، فارسي غزل، سنڌي فارسي کافيون سڀ لکيون آهن، چالاءِ جو فارسيءَ واري چيو آهي:

«سخنها ز بد مست و از خرد مند،
نظم و نثر بايد داد پيوند.

«ٻيو ته اسان بيتن جون معنائون کونه لکيون آهن، چالاءِ جو سڀ گهاڻه جي مطلب تي ظاهر آهن ۽ معني ۽ ظاهر پيئي نظر اچي، ۽ جي لکون ها اسان معني بيتن جي ته جيکر ٿوري گهاڻه ۽ وڏي ٿي پوي ها ـ

«جڳائي کرڻ يار ٿورو بيان،
ٿئي ٿوسمجهه منجهه سڀ کي عيان.»

* * *

[حڪايت ۱۸]. «اي مريد منهنجا، غنيمت جاڻو عمر پنهنجيءَ کي: ان وقت ٿوريءَ عمر جي ۾ ٻني جهانن جو ڪم راس کيو: همت پنهنجيءَ جا گهوڙا ڏنهن طرف باغيچي بهشت جي ڏکايو، ۽ پنهنجي منزل ساڻ خير جي پهچايو».

[صفحي ۳۲ تي ۽ ان کان اڳتي «بيت سنڌي اسان جا ناهيل» جي عنوان سان پنهنجا چند بيت قلم بند ڪيا اٿن ـ مثلاً]

"جڳائي مدامي ذڪر سان زبان ۾ ڪوڙي دنيا جو ڪجي ڪو بيان
سڃائي سندو يار ڪن تون قدم ۾ چيو آ عجب دوست منهنجي قلم
ٻڌ تي پريو آهي ٻيرن زور ۾ ٻڌ ڪر الهيءَ جو جو گانڍو لغور
ٻڌن پير ٿا پيا هميشه مدام ۾ وڃي ڪن ٿا ماٿهن جو گهر منجهه سلام
رکن پير ٿا دزد مثل گرگ جي ۾ مريدن ڪي پائڻ مثل مرغ جي
ڏ ٻيرن ڪئي خلق جي رهبري ۾ ٻگ ۾ ٻڌن ٿا ڪوڙن جي پري
رکج يارتون پانهنجي صاف دل ۾ ڪري خيال ڏس جو تون آهين امل
دل ڪي رکج تون هميشه صفا ۾ ڪوڙي دنيا جا ڇڏي سڀ خفا
زبان دل جنهين جي ٿئي هڪ يار ۾ تنهين تان سويسن سر آهن نثار"

[صفحي ۷۷ تي حڪايت ۳۹۷ نقل ڪري ان بعد لکن ٿا]-"منڊ ڪوڻ وٺي هيستائين جو ڪجهه لکيل آهي، سو اسان رتناگري جيل ۾ لکيو آهي. مدناپور سينٽرل جيل بنگال ۾ ڪجهه به نه لکيو انسين، ۽ اسان جيل ۾ ڪتاب ناهڻ بند ڪيو آهي-ان جا سبب هي آهن: هڪ ته سرڪار اوهان کي اسان جا لکيل ڪتاب نٽي ڏئي، پيو ته اسان کي به ناهڻ ۾ تڪليف ٿي ٿئي-ان لاءِ اسان هتي ڪتاب لکڻ بند ڪيا آهن. جي حياتي آهي ته باهر اچي لکنداسين؛ هتي فقط ڪتاب پڙهندا وڃون ٿا، ۽ جيڪي گهالهيون يا مثال لکڻا آهن، انهن تي نيشان ڏيندا ٿا وڃون. اميد ته يا اسان يا اوهان اهي سڀ گهالهيون گڏ ڪندؤ-آمين! صحي سيد پيرمحمد صبغت الله شاهه جلالي راشدي"

[وري ڪتاب جي آخري صفحن (۱۲۲ کان ڪاپي پاسي) تي "ديوان حافظ" مان اشعار ۽ چند اردو اشعار نقل ڪيا اٿن.]

علي نواز وفائي

مولانا عبيدالله سندي رحہ

مولانا عبيدالله سندیءَ جھڙي انقلابي، سياستدان، قرآن ۽ حديث جي عالم، تاريخ ۽ تصوف جي ماهر، شريعت ۽ طريقت جي جامع، فلسفيءَ، پاڪ دل صوفيءَ ۽ عارف بزرگ لاءِ چا لکجي ۽ هن جو کھڙيءَ زبان ۽ کھڙيءَ عبارت ۾ تعارف کرائجي!

لکت دان، نکت سنج، نکتہ شناس،
پاڪ دل، پاڪ ذات، پاڪ صفات. —"حالي"

مولانا عبيدالله جن، ۱۸۵۷ واري ہلوي کان ٿورو عرصو پوءِ، ۱۲ تاريخ محرم‌الحرام سن ۱۲۸۹ھ مطابق ۱۰ مارچ سن ۱۸۷۲ع ۾ خميس ڏينهن صبح جو ضلعي سيالکوٽ جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ چيانواڻيءَ ۾، هڪ سک خاندان جي گھر ۾ پيدا ٿيا. مولانا جي ٻيءَ جو نالو رامسنگ، ڏاڏي جو نالو جسپتراءِ ۽ سندس پڙڏاڏي جو نالو گلا براءِ هو. سکن جي حڪومت جي دور ۾ گلا براءِ ٻنهنجي ڳوٺ جو مختيارڪار هو. سندس خاندان جو اصلي پيشو سونارڪو هو، پر ڪنهن وقت ڪان هڪ حصو سرڪاري نوڪريءَ ۾ لڳي ويو، ۽ الهن ۾ ڪيترا شاهوڪار وياج تي پيسن ڏيڻ جو ڌنڌو ڪندا هئا. مولانا جو والد، مولانا جي ڄمڻ کان چار مهينا اڳ ئي وفات ڪري ويو هو؛ ان سالن کان پوءِ سندس ڏاڏو ۽ گذاري ويو؛ نيٺ مولانا جي والده ٻنهنجي يتيم ٻارڙن سميت ٻيڪي گھر اچي رهي.

مولانا جو ماموٚ جامپور ضلعي ديري غازيخان ۾ تبيدار هو. مولانا سن ۱۸۷۸ع ۾ جامپور جي هڪ اردو مڈل اسڪول ۾ تعليم وٺڻ شروع ڪئي. سن ۱۸۸۴ ۾ اسڪول جي هڪ آريہ سماجي شاگرد وٽ مولانا صاحب "تحفةالهند" ۽ شاهہ اسماعيل شهيد جو ڪتاب "تقويتہالايمان" ڏٺو. مولانا جن ڪتابن ڏسڻ سان الهن جي مطالعي ۾ محو ٿي ويا ۽ کين اسلام جي صداقت تي يقين ٿي ويو.

سن ۱۸۸۷ع ۾ جڏهين مولانا ستين درجي ۾ پڙهندا هئا، تڏهين مسلمان ٿيڻ جي شوق ۾ ٻنهنجي گھر ڪان همیشه لاءِ ڏار ٿي ويا، ۽ "تحفة الهند" جي مصنف جو نالو "عبيدالله" ٻاڻ تي رکيائون.



مولانا عبيدالله سندي

سنڌ ۾ پهريائين جناب حضرت حافظ محمد صديق رحـ پرچوندي وارن بزرگن جي خدمت ۾ حاضر ٿيا. حافظ صاحب جن پنهنجي دور ۾ مذهب جي لحاظ سان ڏاڍا مشهور معروف هئا. مولانا تي حافظ صاحب جن جي صحبت جو وڏو اثر ٿيو. مولانا صاحب جن ۱۹۱۰ ۾ پير جهنڊي گوٺ ۾ هڪ ديني مدرسو کوليو، جنهن جا پاڻ ناظم ۽ نگران هئا ۽ ان بطور معلم پڙهائيندا رهيا. حضرت موصوف هڪ ڏينهن پريءَ مجلس ۾ مولانا متعلق فرمايو تہ "عبيدالله السلڪارڻ پنهنجا مٽ مائٽ ۽ مذهب ڇڏيو آهي ـ هاڻي اسان هن جا ديني ساٿ پيءُ آهيون". مولانا جي دل تي انهن لفظن ڏاڍو اثر ڪيو، ۽ پاڻ ٻہ حضرت حافظ جن کي پنهنجو ديني پيءُ ڪري سمجهيائون. انهيءَ سبب ڪري، سنڌ کي مستقل طرح پنهنجو وطن سمجهيائون. مولانا جن قادري ۽ راشدي طريقن جي بيعت حضرت حافظ جن وٽ ڪئي. ڇٽ پنجن مهينن کان پوءِ جڏهين مولانا جن وڏيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ اتان روانا ٿيا، تڏهين حافظ صاحب جن دعا فرمائي تہ 'خدا ڪري تہ عبيدالله جو ڪنهن راسخ عالم سان لاڳاپو پيدا ٿئي!' چنانچہ اها دعا قبول ٿي، ۽ الله تعالي پنهنجي فضل سان مولانا کي حضرت شيخ الهند جي خدمت ۾ پهچايو.

شوال سن ۱۳۰۸ھ ۾ مولانا جن حضرت ابوالحسن تاج محمد صاحب وٽ امروٽ ۾ ويا. ان وقت بزرگ امروٽيءَ خيال ڪيو تہ مولانا جي شادي ڪرائجي، سو ڪين سکر ۾ اسلاميہ اسڪول جي مولوي ماستر محمد عظيم خان يوسف زئي جي صاحبزاديءَ سان نڪاح ڪرايائون. مولانا جي والده کي ٻہ ان وقت گهرايو ويو. ان کان پوءِ سندن والده ساڻن گڏ رهي، ۽ پنهنجي اصلي سڪ مذهب تي محڪم هئي. حضرت امروٽي، مولانا جي مطالعي خاطر تمام وڏو ۽ ناياب ڪتبخانو گڏ ڪيو. سن ۱۳۱۵ھ تائين مولانا جن نهايت ئي اطمينان سان مطالعو ڪندا رهيا، ۽ حضرت جن مولانا کي پنهنجي اولاد وانگر سمجهندا هئا.

گوٺ پير جهنڊي ضلعي حيدرآباد ۾ راشدي طريقي جي پير صاحبن وٽ ديني علم جو بينظير ڪتبخانو هو. مولانا جن دوران مطالعي ۾ گوٺ پير جهنڊي واري پير صاحب ڏانهن ٻہ تمام گهٽو ايندا ويندا هئا. مولانا جي مطالعي جي اضافي ۾ ڪتبخاني جو وڏو دخل هو، ان سان گڏ حضرت مولانا جن پير رشيدالدين صاحب جي صحبت مان ٻہ مستفيد ٿيا، ۽ ذڪر "اسماءِ الحسنيٰ" ٻہ انهن کان سکيا. هي بزرگ دعوت توحيد ۽ جهاد جو هڪ مجدد هو. حضرت مولانا جن پير ابوالتراب رشدالله صاحب العلم السرابع سان ٻہ علمي صحبتون ڪيون. هو صاحب علم حديث جو وڏو عالم ۽ صاحب تصنيف هو. ان کان سواءِ، قاضي فتح محمد لڪاماڻي صاحب سان ٻہ علمي بهاري ۾ روح-رهاڻيون ڪيائون. قرآن شريف، حديث ۽ فقه جي تحقيق ۾، حضرت مولانا محمدقاسم[2] صاحب رحـ ديوبنديءَ کان ويندي امام ولي الله رحـ دهلويءَ تائين جيڪي ٻہ وڇ ۾ عالم ٿي گذريا، تن کي مولانا صاحب پنهنجو امام تسليم ڪيو.

مولانا صاحب جن ۱۹۱۴ع ۾ دهليءَ ويا، جتي پاڻ ڊاڪٽر انصاري ۽ حڪيم اجمل خان سان گڏجي، ترڪيءَ کي بچائڻ ۽ هندستان کي آزاد ڪرڻ جي تحريڪ ۾ حصو ورتائون.


سن ۱۳۳۳ھ مطابق سن ۱۹۱۵ع ۾ حضرت شيخ الهند رحہ جي حڪم موجب، مولانا جن کابل ڏانهن روانا ٿي ويا ۽ کين اتان جو کوبہ مفصل پروگرام ڪو نہ ٻڌايو ويو هو. مولانا جن دهليءَ جي سياسي جماعت کي ٻڌائي ڇڏيو هو تہ سان کابل وڃڻ وارو آهيان. انهن مولانا کي هندستان جو نمائندو ڪري موڪليو. کابل پهچڻ شرط مولانا کي معلوم ٿيو تہ حضرت شيخ الهند رحہ جنهن جماعت جو نمائندو هو، ان جي پنجاهہ سالن جي محنت جو حاصل سندس اکيان غير منظر شڪل ۾ حڪم مڃڻ لاءِ موجود ۽ تيار هو. انهيءَ راز معلوم ڪرڻ بعد، پنهنجي هجرت ۽ حضرت شيخ الهند طرفان سندن انتخاب تي ويتر کين خوشي ٿي.

مولانا صاحب جن ست سال ساندهہ کابل جي حڪومت ۾ شريڪ ٿي هندستان جي آزادي لاءِ انقلابي ڪم ڪندا رهيا. سن ۱۹۱۶ع ۾ امير حبيب‌الله خان کين هندستان جي سياسي جماعتن سان ملي ڪري ڪم ڪرڻ جو حڪم ڏنو. امير حبيب الله جي چوڻ موجب، مولانا صاحب انڊين نيشنل ڪانگريس سان رابطو پيدا ڪيو. جيئن تہ مولانا صاحب جن تي کابل اچڻ کان اڳ انگريزي حڪومت طرفان گرفتاريءَ جا حڪم جاري ٿيل هئا، تنهنڪري انگريزن کابل جي بادشاهہ امير حبيب‌الله کان مولانا جي پاڻين گهري، پر بادشاهہ مولانا جن کي سونائڻ کان انڪار ڪيو.

مولانا صاحب کابل ۾ رهي انگريزن کي هندستان سان تڙي ڪيڏ جون عملي تجويزون سٽيندو رهيو. امير امان الله جي هندوستان تي حملي ۽ ان کان پوءِ صلح ٿيڻ بعد، مولانا جن ماسڪو ويا ۽ پنهنجي نوجوان رفيقن جي مدد سان اتي سوشلزم جو باقاعدي مطالعو ڪيائون. روس جي حڪومت مولانا کي پنهنجو معزز مهمان ڪري جاتو، ۽ کين مطالعو ڪرڻ لاءِ هرقسم جي سهوليت ڪري ڏنائون: انهيءَ مطالعي جو نتيجو اهو ٿيو، جو مولانا جن پنهنجي مذهبي تحريڪ (جا امام ولي الله دهلويءَ جي فلسفي تي مبني آهي) کي هن زماني جي لادينيءَ جي حملي کان محفوظ رکڻ لاءِ تدبيرن سوچڻ ۾ ڪامياب ٿيا.

سن ۱۹۲۴ع ۾ مولانا جن انگورا ويا. ترڪيءَ جي سفير ۽ ماسڪو جي وزارت خارجہ- پنهي ڪڍ جي مولانا لاءِ سفر جو رستو آسان ڪري ڏنو. برطانوي جاسوسن کي انهيءَ راز جي بلڪل خبر ڪانہ هئي. مولانا جن ساندهہ ٽي سال ترڪيءَ ۾ رهي، تحريڪ اتحاد اسلاميءَ جو تاريخي مطالعو ڪيو.

حضرت مولانا يورپ مان ٽيندا مڪہ معظمہ پهتا، ۽ ساندهہ ٻارهن سال مڪہ معظمہ ۾ رهيا، پر حڪومت سان سندنڪو بہ تعلق ڪونہ هو، نہ وري مولانا جن ڪو سياست ۾ بهرو وٺندا هئا. مولانا جن فرمائيندا هئا تہ "امان خانہ ڪعبہ ۾ اچي امن ورتو آهي". اتي مولانا صاحب جن پوپال جي رباط ۾ رهندا هئا، ۽ پنهنجي هميشہ واري دستور موجب توڪل واري زندگي بسر ڪندا هئا. اسلامي دنيا جا ڪيترائي عالم ۽ هندستان جا انگريزي خوان ڪاڪن قرآن حڪيم جو درس وٺندا هئا. مڪي معظمہ جي حرم جو پيش امام ۽ ٻيا علماء ڪرام، جي جامع ازهر جا فارغ التحصيل هوندا هئا، اهي بہ مولانا مرحوم وٽ قرآن حڪيم جو درس وٺندا هئا. روس



مولانا عبیداللہ سندیؒ ظفرالحسن (استنبول ۴، جون ۱۹۳۶ع)



مولانا عبيدالله ء زعماءَ افغانستان (كابل)

جو عالم موسيٰ جارالله جڏهن مڪ معظم ۾ آيو، تہ مولانا جو درس ڏڏي گرويده ٿي پيو ۽ مولانا صاحب کان درس وٺندو رهيو.

۱۹۳۸ع جي شروعات ۾، مولانا مرحوم، سنڌ جي ليڊرن جي ڪوشش سان، پنهنجي وطن سنڌ ۾ پهتا. ان وقت مولانا پوڙها ٿي ويا هئا ۽ مسلسل ڏيهن سالن جي سفر جي تڪليف کين ضعيف ڪري ڇڏيو هو- تاهم سندن فڪر جوان هو، ۽ همت عالي هئي؛ وطن جي خدمت جو جذبو ڀڻ منجهن ڀرپور هو. اهوئي سبب هو، جو مولانا جن انهيءَ ڀريءَ ۾ ڀڻ هندوستان جي قومي ۽ ذهني آزاديءَ لاءِ عملي تدبيرون سوچيندا رهيا.

مولانا عبيدالله جي سموري زندگي، قوم لاءِ، ڏکن ڏاکڙن ۾ گذري. عموماً ننڍپڻ، ايندڙ زندگيءَ لاءِ اميدن جي خوابن جو زمانو هوندو آهي، جواني انهن اميدن جي حسرتن پوري ڪرڻ لاءِ، ۽ ڀلائي آرام گهرندڙ آهي؛ پر مولانا سنڌيءَ جي حياتي انهن حالتن ۽ خيالن کان ٻنهي مختلف گذري: ننڍپڻ ۾ سندن نيڪي-طلب طبيعت ۽ نڪتہ رس دماغ، دل جي آرام خاطر، مذهبي عقيدن کي پنهنجي اعليٰ صلاحيت واري طبيعت جي ڪسوٽيءَ تي پرکڻ لاءِ مجبور ڪيو، ۽ پنهنجي بيقرار دل جي قرار خاطر گهر ڇڏي بي گهر ٿيا. ديني اعتقاد کين عمل لاءِ اڀاريو. ان کان پوءِ جواني آئي، پر اها ۽ سرتاپا انقلاب ۽ عمل بڻجي آئي: ڪا جاءِ نہ هئي، ڪو شهر نہ هو، جتي مولانا سنڌيءَ جي پاري وانگر تڙپندڙ دل آرام ورتو! ڀڏاهي کين مايوس ڪرڻ بدران وڌيڪ جوش ڏياريو: پنهنجي زندگيءَ جو ڏيو وسامندو ڏسي، نهايت جوش سان ڪوشش ڪرڻ لڳا تہ جيئن کي اهڙا نوجوان پيدا ڪري وجهجن، جيڪي پنهنجي ذهني بيداري ۽ حڪمت عمليءَ سان قوم، ملڪ ۽ ملت جي خدمت ڪن ۽ هن برعظيم کي ڏارين جي غلاميءَ کان آزاد ڪرائين. آخرڪار، ۲۲ آگسٽ ۱۹۴۴ع ۾، شمع هدايت ۽ انقلاب جو امام اسان جي نظرن کان هميشه لاءِ غائب ٿي ويو. مگر، سندن علمي توڙي عملي ڪارناما اسان جي آڏو موجود آهن، جن جي روشنيءَ ۾ اڄ ب اسين ترقيءَ جون منزلون طي ڪري سگهون ٿا.

ڈاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

مولوي عبدالله لغاري*

عبدالله، بن نهال خان، بن محمد خان، بن رستم خان، بن فتح محمد خان (پاڙو ڪالو واڻي احمداڻي) لغاري، سن ۱۲۸۸ هجريءَ ڌاري، ڳوٺ داد لغاري تعلقي ميرپور ماتيلي ۾ ڄائو. مولوي محمد يعقوب صاحب لغاريءَ (۱) سندس نالو 'عبدالله' رکيو. پهريائين ڳوٺ داد لغاريءَ ۾ پنهنجي پٺڀات مولوي محمد امين لغاريءَ وٽ پڙهڻ ويٺو ۽ اتي 'صرف' تائين پڙهيو؛ ان بعد مولوي عبدالقادر صاحب وٽ ڳوٺ "پنهواري" (لڳ اسٽيشن 'سالڪي') ۾ پڙهيو، جتي صرف ختم ڪيائين ۽ ڪجهه 'لحو' به پڙهيائين؛ ان بعد نوشهري فيروز ۾ قاضي محمد عالم، قاضي عبدالرؤف، قاضي عبدالحفيظ ۽ مولوي فيض الڪريم وٽ پڙهيو؛ ان بعد ٺارو شاهه لڳ "ساندن" جي ڳوٺ ۾ حڪيم شمس الدين صاحب جي چاچي مولوي عبدالڪريم بن مولوي محمد عثمان (۲) وٽ پڙهيو؛ اتان وري ڊيري لڳ مخدوم حبيب الله جي پٽ مخدوم غلام محمد

---

* هن مضمون جو مدار اسان جي پنهنجي يادداشت تي آهي، جا مولوي عبدالله صاحب سان مختلف ملاقاتن جي دوران ۾ قلمبند ڪئي ويئي. —نبي بخش

(۱) مولوي محمد يعقوب صاحب سن ۱۲۸۹ هـ ۾ وفات ڪئي. مولانا عبدالله صاحب چيو ته 'منهنجي ڄمڻ کان ٿورو پوءِ، مولوي محمد يعقوب صاحب وفات ڪئي'. ڄائين ته 'مولوي محمد يعقوب صاحب وڏو عالم، فاضل، شاعر ۽ هڪ بيدار مغز قومي ڪارڪن هو. فارسي توڙي سنڌيءَ جو شاعر هو. تخلص "سامي" ڪندو هو. سندس هڪ مصرع آهي: "اسامي، از ذات امت صفاتش بصفات". مولوي بهائي صاحب هر لحاظ سان شاعريءَ ۾ مولوي محمد يعقوب جو رهين منت هو، ۽ سندس گهڻا اشعار تضمين طور پنهنجي ديوان ۾ آندا اٿس. مولوي محمد يعقوب، پرچوندي وارن بزرگن جو خليفو هو. خدمت خلق، غريبن جي مدد ۽ مظلومن سان همدردي سندس زندگيءَ جا خاص مقصد هيا. پنهنجي ڳوٺ جي آسپاس ڏهن ٻارهن ڪوهن ۾ گشت ڪندو هو، ۽ تڪليف وارن جون تڪليفون دور ڪندو هو. هارين کي قرض کان بچائيندو هو—ڪنهن کي ڏڳا وڻي ڏيندو هو، ته ڪنهن جي لاءِ ٻج جو انتظام ڪندو هو. نه فقط مسلمانن جي، پر هر مظلوم جي مدد ڪندو هو—رامو ڏيڪي واڻين کان آن وڻي ڏنائين. هارين کي چوندو هو ته ڏڄجي ڪم ڪريو ۽ پنهنجا جوڙا ڏڄجي وڃابو. مولانا عبيدالله چوندو هو ته 'مولوي محمد يعقوب جي تحريڪ جو قدر اسان کي تڏهين پيو، جڏهين اسين روس ۾ وياسون'. (۲) مولوي محمد عثمان صاحب حديث جو حافظ ۽ ڄاڻو هو. هو علامه شوڪاني (مصنف "نيل الاوطار") جو شاگرد هو—(مولانا عبدالله).



مولانا عبدالله لغاري

وٽ پڙهيو: اتان ويجهو "ٽکرن" جي ڳوٺ ۾ مولوي عبدالقدوس صاحب رهندو هو، جو هڪ صوفي درويش ۽ وڏو خطاط هو، ان وٽ "شرح تهذيب" ۽ ٻيا منطق جا ڪيترا ڪتاب پڙهيائين. ان بعد، ڪراچيءَ ۾ مولوي محمد صادق جي والد مولوي عبدالله وٽ ڪي ٿورا سبق پڙهيو. اتان ڏني ۾ آيو، اتي جو مشهور مدرس ۽ عالم مولوي محمد علي فوت ٿي ويو هو، ۾ سندس شاگرد موجود هئا، جن سان ڏهه چار مهينا ڪن صحبت ڪيائين. ڏني مان موڻي ڳوٺ آيو، ۾ مولوي محمد امين صاحب مٽس ڪاوڙيو ۽ چيائين ته "تو اجايو وقت وڃايو آهي، ۾ پڙهڻين کوڙ هاڻي ملتان ۽ پنجاب طرف وڃي علم جي تڪميل ڪر".

مولانا عبدالله صاحب چيو ته

"پوءِ آءٌ سنڌ مان روانو ٿيس، ۽ هڪ سال ڪن مولوي سلطان محمود محدث (غير مقلد) ملتانيءَ وٽ پڙهيس. ان بعد، رياست بهاولپور ۾ 'صاحب السير' جي خانقاهه تي سال ڪن مولوي عبدالرشيد وٽ پڙهيس. ان بعد، ڪي ڏيهاڙا مولوي محمد عاقل صاحب وٽ 'جلال پور پير واري' (تعلقو شجاع آباد، ضلعو ملتان) وٽ پڙهيس. اتي اسان حافظ فتح محمد صاحب ڪي ڏٺو، جو هڪ وڏو بزرگ هو ۽ پرچونديءَ وارن بزرگن جو خليفو هو. اتان پوءِ جلال پور لڳ ٻن ميلن تي 'ديهه عمرپور' ۾ مولوي الاهي بخش لانگاهه منطقي عمرپوريءَ وٽ حديث، فقه ۽ منطق جي آخري ڪتاب 'ملا حسن' (تصورات) ۽ 'حمدالله' (تصديقات) پڙهيس(۱).

"اڳ جدا جدا ڪتاب، جدا جدا استادن وٽ پڙهندا هئاسون: معلوم هوندو هو ته فلاڻو استاد فلاڻو ڪتاب سڀ ٿو پڙهائي، ۽ ان لحاظ سان، پنهنجي ذوق ۽ ضرورت موجب، شاگرد وڃي اهو خاص ڪتاب انهيءَ استاد وٽ پڙهندا هئا".

ان بعد مولانا عبدالله جي پڙهائي ختم ٿي، ۽ واپس وطن آيو. سن ۱۳۱۶ هجريءَ ۾ شادي ڪيائين. ان ڪان پوءِ امروٽ ۾ مولانا عبيدالله سنڌيءَ سان سندس ملاقات ٿي. انهيءَ ملاقات سندس زندگيءَ ۾ هڪ نئون ورق ورايو، ۽ ڪيس القلابي سياست ۾ مولانا عبيدالله جو رفيق بنايو. مولانا عبدالله چيو ته

"مولانا عبيدالله جي انقلابي خيالن مون تي جو ايترو اثر ڪيو، انهيءَ لاءِ هڪ خاص سبب هو: اسان جو وڏو ڏاڏو ميان احمد خان لغاري، مير شير محمد خان جي سائين ۽ سپهه سالارن مان هو. آخري طور جڏهين کونهيري واري لڙائيءَ ۾ مير شير محمد خان کي شڪست

---

(۱) اهي ٻئي ڪتاب، منطق جي مشهور ڪتاب "سُلّم" جون شرحون آهن. مولانا عبدالله جي راءِ ۾ — "تڪميل الاذهان"، "سُلّم" کان زياده بلند آهي، ۽ ان کي مدرسن جي نصاب ۾ داخل ڪيو وڃي ته زياده مفيد ٿيندو". "تڪميل الاذهان" آڳاٽو ليٿو ۾ ڇپيل هئي، پر هاڻي ناياب آهي. ان جو هڪ قلمي نقل سنڌ يونيورسٽيءَ جي ڪتبخاني ۾ موجود آهي.

آئي، تڏهين مجبوراً هنن کي هيءَ پاسو چڏڻو پيو. جيڪو سندن لشکر بچيو، اهو، پر توبون ۽ پيو اثالو ساڻ ڪري، سانگهڙ وٽان اچي ناري جي آٽل واري پاڻيءَ ۾ گهڙيا، ۽ پاڻيءَ واري خفيه وات ذريعي هو نڪري ويا، ۽ انگريزن جو لشکر اچي بيهي رهيو. ٻوءِ، هي سڄو اثالو ايرندي طرف ناري جي ٻريان نڪري ويو، ۽ "راڪلي بند" وٽي وڃي ميرپور ماٽيلي ۾ لغارين ۽ پين بلوچن جي جميعت هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائون. انهيءَ شڪست ۽ سفر ۾ ڏاڏو محمد خان، پنهنجي ٻارن ڇڪ سميت، مير شير محمد خان جي ڪئمپ سان گڏ هو. اسان جي ڏاڏي اها سڄي گاله اسان کي ٻڌائيندي هئي، ۽ چوندي هئي ته ميان محمد خان هميشه چوندو هو ته 'وري سنڌ فتح ڪنداسون'. انهن گالهين ٻڌڻ سببان، انگريزن کي ملڪ مان ڪيڏن ۽ آزادي حاصل ڪرڻ جا خيال دماغ ۾ جاگير ٿي چڪا هئا. مولانا عبيدالله جي انقلابي خيالن ۾ اسان کي پنهنجي خواب جو تعبير نظر آيو، ۽ مولانا موصوف جي رهنمائيءَ هيٺ انقلابي سياست کي مون پنهنجو نصب‌العين بنايو. ان کان پوءِ منهنجي زندگيءَ جو احوال، مولانا عبيدالله صاحب جي زندگيءَ جي احوال سان واسته آهي".

مولانا عبيدالله جي پوليٽيکل نظرين کي اڳتي وڌائڻ لاءِ هڪ اداري جي ضرورت هئي؛ انهيءَ ڪري امروٽ شريف ۾ هڪ مدرسو کوليو ويو، پريس قائم ڪئي ويئي ۽ "اخوان‌المسلمين" نالي هڪ رسالو ڪڍيو ويو. لٽريچر جي اشاعت جي سلسلي ۾، "طحاوي جا عقائد" ۽ ٻيا رسالا ڇاپيا ويا. انهيءَ اداري جو ٻاني مولانا عبيدالله صاحب هو، ۽ مئنيجر مولوي عبيدالله صاحب هو. اداري تي ڪافي قرض ٿي ويو. مولانا عبيدالله مالي امداد جي تلاش ۾ هليو ويو، ۽ مولوي عبدالله کي قرض وارن اچي وکوڙيو. امروٽ وارو بزرگ به ناراض ٿي پيو، جو قرضدارن چيو ته اوهان جي ڪري ئي اسان هن اداري کي قرض ڏنو. نهايت نازڪ حالت هئي، جو رڪ اسٽيشن تي، جيڪب آباد جي ڪنهن صاحبِ خير، مولانا عبيدالله کي پاڻمراد وڏي، ڪافي رقم ڏني، جا هو صاحب ڪٽي اچي امروٽ ۾ پهتو. رقم ايتري هئي جو سڀني قرضدارن جو قرض لاٿو ويو. تقريباً ٽي سال، سن ۱۳۱۶ هـ کان ۱۳۱۹ هـ تائين، هنن ٻن رفيقن اهو ادارو هلايو؛ پر امروٽ جهڙي پهراڙيءَ واري ڳوٺ ۾ رهي، هن اداري ذريعي رڪيل سياسي پروگرام کي ڪامياب بنائڻ مشڪل نظر ٿي آيو. مولوي عبدالله چيو ته

"مون آخر ڪار مولانا عبيدالله صاحب کي چيو ته 'جي پريس ۽ اشاعت ذريعي پروگرام هلائڻو اٿو، ته هلو ته ڪم از ڪم حيدرآباد جهڙي شهر کي هلي مرڪز بنايون؛ ۽ جيڪڏهين هروپرو ٻيرن ۾ ويهي ڪم ڪرڻ ٿا چاهيو، ته ٻوءِ هلو ته ٻير صاحب پاڳاري وٽ هلون.' "انهن گالهين ۽ خيالن ۾ رهياسون جو هڪ ڏينهن هڪ ماڻهو اچي پهتو، جنهن مولانا عبيدالله صاحب کي چيو ته 'مدرسي قائم ڪرڻ جي سلسلي ۾ اوهان کي پير صاحب جهنڊي واري گهرايو آهي'. امروٽ وارن بزرگن کان مولانا کي وڃڻ جي اجازت ملي چڪي هئي، انهيءَ ڪري اسان هاڻي امروٽ کي في‌الحال چڏيو. آءٌ هليو ويس ديپور،

۽ مولوي صاحب ۽ وڃي ٽلاهه (ضلعو لاڙڪاڻو) ۾ پير جهنڊي وارن سان ملي آيو. پير صاحب جن ڏي سؤ روپيا ماهوار نقدي طور منظور ڪيا. مولوي صاحب اها ڳالهه قبول ڪري ديڌپور آيو. جڏهين ديڌپور وارن بزرگن ٻڌو، تڏهين چيائون ته "اها رقم نقدي طور اسين ڏيون ها، ڪهڙو نه بهتر ٿئي ها جو اوهان هت رهو ها" بهرحال، وعدي موجب، اسان هاڻي پيرصاحب جهنڊي واري جي گوٺ کي مرڪز بنائڻ جو ارادو ڪيو".

مولوي عبدالله، اڳوات ابتدائي انتظام خاطر، "پير جهنڊي" پهتو؛ ان بعد مولانا عبيدالله به آيو. مدرسي جو نالو "دارالرشاد" تجويز ٿيو. مولوي عبدالله جي راءِ موجب، مولوي محمد صاحب لغاريءَ کي جام پور (ضلعو ڊيرو غازيخان) مان، ۽ مولوي محمد امير کي "جهنگ" مان، گهرايو ويو. مولانا عبيدالله صاحب مدرسي جو ناظم ۽ مهتمم هو، مولوي عبدالله صاحب نائب مهتمم هو، ۽ تعليم جي نگهباني توڙي طالبن جي سنڀال سندس حوالي هئي. تقريباً ۱۳۱۹ھ تائين مدرسو "دارالرشاد" هلا ٻائون. ۽ تعليم جو هڪ وڏو مقصد "طالبن جي ذهني بيداري" ڪري ورتائون.

انهيءَ وچ ۾ سندن خط و ڪتابت جو سلسلو ديوبند سان ٻ رهيو. مولانا محمود الحسن صاحب ٽيٽ خط لکي مولانا عبيدالله کي ديوبند گهرايو. مولوي عبدالله صاحب چيو:

"مولانا محمود الحسن صاحب، "جميعت الانصار" جي دستاربنديءَ واري جشن کان تقريباً ڏيڍ يا ٻه سال ڪن اڳ، مولانا عبيدالله صاحب کي ۽ مولوي محمد صادق صاحب کڏي (ڪراچي) واري کي گهرايو. آڻ ٻ مولانا عبيدالله سان گڏجي ويس. انهيءَ ملاقات کان پوءِ اسان جي انقلابي سياسي زندگيءَ جو آغاز ٿيو.

"انهيءَ ملاقات واري موقعي تي، مولانا عبيدالله ۽ مولانا محمد صادق ٻئي مولانا محمودالحسن صاحب جي آڏو ويٺا هٿا، ۽ آڻ ٻويان ويٺو هوس. مولانا محمودالحسن صاحب چيو ته "هيءَ ديوبند جو مدرسو سن ۱۸۶۶ع ۾ قائم ٿيو. آڻ ٻهريون شاگرد هوس. مولانا محمد قاسم صاحب نانوتوي ان موقعي تي جيڪا تقرير ڪئي، سا مون کي ياد آهي". چيائون ته "هيءَ مدرسو انهيءَ لاءِ کوليو ويو آهي ته ۱۸۵۷ع واريءَ شڪست جي تلافي ڪجي: مگر هن وقت هيءَ مدرسو انهيءَ اصل مقصد کان ڪري ٻيو آهي. محض پڙهائڻ لاءِ ته هاڻي هن قسم جا ٻيا مدرسا ٻ قائم ٿي چڪا آهن. ڇا ڪرڻ گهرجي، جو مدرسو پنهنجو اصل مقصد پورو ڪري—آڻ هڪ رات خواب ۾ ٻ انهيءَ خيال ۾ غرق هوس، جو ڏٺم ته سندن مان هڪ شخص آيو آهي، جنهن جي ڏاڙهي چاڙين ۽ وضع قطع ۾ پوري آهي، ۽ انهيءَ شخص اچي هن اصل مقصد طرف رهنمائي ڪئي آهي. ننڊ مان سجاڳ ٿيڻ تي غور ڪيم، ته خيال ۾ آيو ته سندن ۾ مولوي عبيدالله ۽ مولوي محمد صادق انهيءَ وضع قطع وارا ٻ شخص آهن—۽ انهيءَ ڪري اوهان کي مشوري لاءِ سڏيو اٿم". اهو ٻڌي، مولوي عبيدالله چيو ته "منهنجي راءِ آهي ته هن مدرسي جي جملي فارغشده طالبن

کي، جي هندوستان خواه هندوستان کان باهر آهن تن کي، دستاربنديءَ جي جلسي لاءِ گهرايو وڃي. انهيءَ اجتماع ذريعي، هن مدرسي جي مرڪزي حيثيت ۽ اهميت بہ واضح ٿيندي ۽ مدرسي جي اصل مقصد واريءَ تحريڪ کي ڪامياب بنائڻ لاءِ ٻڌ تجويز سوچي سگهبي'. انهيءَ تي مولانا محمود الحسن صاحب مولوي صاحب کي چيو تہ 'اوهين هاڻي هتي رهو، ۽ الهيءَ جلسي جي تدبير ڪريو؛ باقي مولوي عبدالله پل واپس وڃي مدرسو (دارالرشاد، جهنبدو) هلائي".

انهيءَ فيصلي بعد، مولوي عبدالله صاحب ديوبند مان واپس گوٺ پير جهنڊي آيو، جتي مدرسي 'دارالرشاد' جو مهتمم توڙي ناظم ٿي رهيو. دستاربنديءَ واري جلسي جي موقعي تي ديوبند ويو، ۽ مولانا عبيدالله صاحب ۽ ٻين سان ملي وري موٽي آيو، ۽ مدرسي 'دارالرشاد' جي ڪم ۾ رڌل رهيو- تان جو ۱۹۱۴ع ڌاري مولانا عبيدالله کي ڪنهن سياسي مشن سان ڪابل ڏانهن وڃڻو ٿيو؛ انهيءَ خيال سان هو مدرسي 'دارالرشاد' ۾ ڇڏيو ۽ مولوي عبدالله کي آگاهہ ڪيائين تہ ڪيس ٻڌ رفيق ٿي ڪابل هلڻو پوندو.

مولوي عبدالله صاحب چيو:

" هڪ سال ڪن اسان کي ضروري تياريءَ ۽ تدبير سوچڻ تي لڳو تہ انگريزي حڪومت جي سخت چوڪسيءَ هوندي بہ ڪيئن ڪابل پهچون. آڏو رمضان شريف آيو، جنهن ۾ آڻ گوٺ پير جهنڊي مان پنهنجا ٻار ٻچا وٺي، گوٺ (ڪوٺ نواب، تعلقو سانگهڙ) ڇڏي، تيار ٿي آيس. غالباً آگسٽ (سن ۱۹۱۵ع) جي ٻالڪل شروعات هئي، جو مولانا عبيدالله خانپور طرف روانو ٿيو، ۽ مون کي چيائين تہ ٻاڻ اتي بزرگن (عارف غلام محمد صاحب دينپوري) ڪان آڻ هٽ ڪري مون کي تار ڪندو. جڏهين تار پهتي، تہ آڻ بہ وڃي اتي پهتس. مولانا عبيدالله چيو تہ 'آڻ گهرياسون سي آيا، پر بزرگن کين ڏنا؛ باقي ڪٽڪ جو هيءَ ستُون ڏنائون: پٺسو بہ ڪونهي، هاڻي ڪهڙي تدبير ڪجي؟'. اتي مون وڃي بزرگن جي نائيءَ مولانا عبدالقادر ڪان ٿي گنيون ورتيون- جن سان بہ مولانا صاحب کي ڏنم ۽ هڪ ٻاڻ وٽ رکيم. ان بعد، اها صلاح ٻيٺي تہ مولانا صاحب سنڌ جي سرحد کان سڀيءَ تائين خشڪيءَ ذريعي پهچي، ڇاڪاڻ تہ ريل ۾ سندس پڪڙجڻ جو امڪان آهي؛ باقي آڻ اڳوات انتظار خاطر ريل ذريعي روانو ٿيس. مولوي احمدعلي صاحب لاهوريءَ جو ٻاڻ محمدعلي (جو ان وقت لنڊو هو) بہ مون سان گڏ هليو، ۽ اسين اڇي سڀيءَ ۾ پهتاسين. مولانا عبيدالله صاحب، امروٽ شريف مان ٿيندو، جيڪب آباد کان پيدل روانو ٿي، 'جهٽ پٽ' اسٽيشن تان اڇي گاڏيءَ ۾ چڙهيو، ۽ سڌو وڃي کوئٽا پهتو. اتان جڏهين سندس پيغام اسان کي پهتو، تڏهين اسين بہ وڃي کوئٽا پهتاسون. اڄان اهو مهينو آگسٽ سن ۱۹۱۵ع هو. اسان وٽ سفر جو خرچ خيرڪو هو. سڀيءَ ۾ مون چندو ڪيو، جنهن مان آمي روپيا ٽيا، جي ساڻ ڪري کوئٽا پهتو هوس. کوئٽا کان اڳتي پيدل وڃڻو هو. اختر نالي هڪ

پٹاڻ نوجوان کي هڪ گني ڏيسون ۽ هن اسان کي، عام رستن جي بدران مخفي رستن ذريعي سرحد تي پهچائڻ جو وعدو ڪيو. جنهن ڏينهن اسين روانا ٿيڻا هئاسين، انهيءَ ڏينهن شيخ عبدالرحيم صاحب حيدرآبادي به اچي پهتو، جو پنهنجي بارڙن جا گهر ڇڏي ڪٿي ست سؤ روپيا ڪٽي آيو هو، جي اسان کي ڏيڻي هاڻ فوراً واپس هليو ويو. اسين هوءِ خشڪي رستن سان شوراوڪ، ڪندني (چمن، افغانستان) ۽ قندار مان ٿيندا، بالاخر اچي ڪابل پهتاسين".

ڪابل ۾ قيام واري عرصي ۾ مولوي عبدالله، مولانا عبيدالله صاحب جو معتمد صلاحڪار ٿي رهيو. امراء ۽ رؤساء سان ملاقاتين ۾ هميشه مولانا عبيدالله سان گڏ رهيو: صرف امير حبيب الله کي مولانا عبيدالله صاحب اڪيلو ملیو، باقي ولي عهد عنايت الله خان، نادر خان، امان الله خان، محمود خان ترزي وغيره امراء سان ملاقاتين وقت، مولوي عبدالله، بحيثيت معتمد صلاحڪار جي، مولانا عبيدالله صاحب سان گڏوگڏ رهيو.

تقريباً ٻن سالن کان پوءِ، مولانا عبيدالله صاحب، مولوي عبدالله صاحب کي واپس هندوستان ڏانهن هڪ خاص ڪم لاءِ موڪليو: اهو ڪم هيءُ هو ته اول مولوي عبدالله صاحب، راجا موهندر پرتاب جا خط ۽ مولانا عبيدالله صاحب طرفان لکيل خط (مولانا محمد علي، ڊاڪٽر انصاري، حڪيم اجمل خان ۽ ٻين ڏي) سلامتيءَ سان پهچائي؛ ۽ ٻيو ته بزرگ ديوبندي، بزرگ امروٽي ۽ پير جهنڈي وارن کان هڪ عبارت (جا ڪيس قلمبند ڪرائي ويئي هئي) سندن دستخط لکارائي، انگريزن خلاف جهاد جي اجازت وٺي، واپس ڪابل موڪلي. انهيءَ مقصد جي تڪميل لاءِ، مولوي عبدالله صاحب ڪابل مان روانو ٿيو. شيخ عبدالرحمان نالي هڪ نؤمسلم به پريان سائس گڏجي وطن ڏانهن واپس اچڻ لاءِ رفيق ٿيو. مولوي صاحب مارچ اپريل ۱۹۱۶ع ۾ هندوستان پهتو، ۽ جملي خط پهچائي، مولانا عبيدالله کي خط ذريعي اطلاع ڏنائين. ان بعد، لکيل عبارت تي دستخط وٺي، اهي جهاد جون اجازتون، ڏنل حڪم موجب، سردار عبدالرزاق ميزان العلماء* ڪابل ڏانهن سڏو روانيون ڪيائين.

مولوي عبدالله صاحب چيو:

"اسان کي پوءِ خبر پيئي ته جهاد جون اهي بيعتون ۽ اجازتون اُمير حبيب الله جي ڪم جون هيون. مولانا عبيدالله صاحب کي به خبر ڪانه هئي، ورنه مون کي هندوستان ڏانهن ڪونه موڪلي ها. حقيقت هن طرح هئي ته امير حبيب الله اهي جهاد جون بيعتون گڏ ڪري هندوستان جي وائسراءِ ڏانهن موڪليندو هو، ۽ ڪيس هڪ بيعت لاءِ چار پنج گنيون ملنديون هيون. انگريزن کي خدشو هو ته متان لڙائيءَ جي دوران ۾ مسلمانن طرفان کا بغاوت ٿئي: هنن چاڻي ٻجهي امير حبيب الله کي ان بغاوت جو سرڪردو بنايو؛ جهاد جون سڀ بيعتون امير حبيب الله سان ٿي ڏيون: جنهن جي معني ته امير حبيب الله جهاد

* سردار عبدالرزاق، مولانا رشيد احمد گنگوهيءَ جو شاگرد هو.

جو امير هو، ۽ سندس طرفان ٿي جهاد جو اشارو ۽ اعلان ٿيڻو هو. مگر، امير حبيب الله سان انگريزن جو معاهدو هو، ۽ هو سائن وفادار هو. اهي بيعتون صوبي سرحد ۽ بين هندستان ورتيون ٿي ويون".

هندوستان ۾ پهچڻ تي، انگريزن کي کڙڪ پئجي ويئي ته عبدالله پهچي ويو آهي ۽ کابل مان کي شيون آنديون اٿس- ۾ مولوي عبدالله پنهنجو ڪم پورو ڪري ورتو. ان بعد، انگريزن جي چوڪسي محسوس ڪري، هو في الحال وري دينپور جي بزرگن جي هارن کي پڙهائڻ لاءِ معلم ٿي وڃي رهيو. ان بعد، مٿي جو مهينو (۱۹۱۷-؟) هو، جو شيخ عبدالحق کابل مان مولانا عبيدالله صاحب کان خط وٺي اچي دينپور پهتو، ۽ بزرگن سان ذڪر ڪيائين. اهي خط مخفي طرح ريشمي رومالن تي لکيل هئا. شيخ عبدالحق کي اهي خط حيدرآباد ۾ شيخ عبدالرحيم کي پهچائڻا هئا، جنهن کي وري اهي خط مولانا محمود الحسن صاحب کي حجاز ۾ پهچائڻا هئا. شيخ عبدالحق اصل ۾ ملتان ۾ مسلمان ٿيو هو، سو کابل مان ايندي غالبا اڳ ۾ ملتان لٿو، ۽ اتي رنواز(؟) نالي هڪ پٺاڻ سان ان راز جو ذڪر ڪيائين. رنواز اها خبر فوراً انگريزي حڪومت تائين پهچائي، ۽ سڀني واسطيدارن کي گرفتار ڪرائڻ لاءِ منصوبو سڱيو ويو.

مولوي عبدالله صاحب چيو:

"شيخ عبدالحق دينپور ۾ آيو، ۽ بزرگن آڏو اچي ريشمي رومال وارا خط پيش ڪيائين. ان سان گڏ ٻيا خط بزرگ دينپوري، امروٽي ۽ پير جهنڊي وارن ڏانهن پڻ هئا، جي اسان کانئس وٺي رکيا. سون کي سندس ڳالهين سان کجهه شڪ جاڳيو، انهيءَ ڪري جڏهن هن اجازت گهري ته هو اهي مخفي خط ڪٽي وڃي حيدرآباد ۾ شيخ عبدالرحيم کي پهچائي، ته مون بزرگن کي جهليو ته "هن کي خط نه ڏيو، آڇ پاڻ پنهنجي سر وڃي پهچائيندس"؛ مگر جڏن ته هو سڌو بزرگن وٽ آيو هو، انهيءَ ڪري فيصلو سندن هٿ ۾ هو- پاڻ چيائون ته "نه، پلي خط هيءَ پاڻ وڃي پهچائي". شيخ عبدالحق اسان کي ٻڌايو ته خط پهچائڻ بعد هو کابل روانو ٿي ويندو، انهيءَ ڪري مون کان خط ورتائين ته مون هٿ اچي چاڇا ڪيو. مون اهڙو خط ڪيس ڏنو، جنهن ۾ بيعتن جو ذڪر هو، جڏهين عبدالحق روانو ٿيو ته احتياط طور اسان، بزرگن جو پٽ ۽ سندن نائي مولوي عبدالقادر سائس گڏ روانا ڪيا ته ڪيس وڃي سڌو حيدرآباد جي ٽڪيٽ وٺي ڏين. هنن الين ڪيو، ۽ پانڇجي ٽو ته هو اڳتي ڪنهن اسٽيشن تي لهي فوراً ملتان پهتو، ۽ جملي خط وڃي رنواز کي ڏنائين، ۽ سائس سڄو احوال ڪيائين. انهيءَ وچ ۾ رنواز سڄو انتظام ڪيو هو: خط سڀني سرڪار جي حوالي ٿيا، ۽ وڃي وائسراءَ تائين پهتا؛ رنواز کي خانبهادريءَ جي خطاب ۽ ۱۲ مربع زمين جي انعام لاءِ حڪم صادر ٿيا؛ ۽ اسان سڀني جي گرفتاريءَ جا آرڊر نڪتا. پوليس اچي بهاولپور ۾ لٿي، اتان راتو رات دينپور

پهچڻي هئي، پر اتي جي ڊي. ايس. پي. ڪين ترسايو ۽ صبح جو وڃڻ جي صلاح ڏني؛ راتو رات بزرگن کي پيغام موڪليائين ته "پوليس اوهان وٽ ايندي ۽ ڪي گرفتاريون ڪيڻ واريون آهن". بزرگن منهنجي نالي سمجهيو ته شايد آءٌ (عبدالله) گرفتار ٿيندس، سو رات جو مون کي اچي ننڊ مان اڻاريائون ۽ چيائون ته "تون هليو وڃ! مون سندن حڪم مڃيو، پر سندن نائي مولوي عبدالقادر کي چيو ته "آءٌ نلائي هنڌ جهنگ ۾ وڃي ٽو ويهان، جي ضرورت پوي ته مون کي سڏجو". اسان جي خيال ۾ هو ته هي گرفتاريون بيعتن وڻڻ سبب آهن ـ اسان کي ريشمي رومال وارن خطن ڏانهن ته گمان کوڻ ٿي ويوا بهرحال، پوليس اچي پهتي، ۽ بالاخر منهنجي ڀانهن هٿ ڪرڻ لاءِ زور رکيائون. مولوي عبدالقادر اچي مون کي گولي لڏو، ۽ چيائين ته "تون هل، نه ته بزرگ کي ٿا گرفتار ڪن!" آءٌ سائس گڏجي آيس. اول منهنجي ڪمري جو جهاڙو ورتائون: ميز جا ۽ خانا جانچيائون، پر ڪيون، جنهن ۾ بزرگ امروڻي ۽ پير جهنڊي وارن ڏانهن آيل خط رکيل هئا، سو کوڻ کوليائون. اتي پوليس سپرنٽينڈنٽ منهنجي بدن جي تلاشي ورتي، ۽ اوچتو منهنجو پٽڪو لاٽائين. جڏن ئي منهنجو پٽڪو لاٽائين، ته مون ۾ هٿ سان سندس پڪڙيءَ کي ڏڪ هنيو، جا اڏامي وڃي ٻري پيئي! اتي گوڙ ٿي ويو، ۽ انهيءَ ڪري اهو ڪيون خانو، جنهن ۾ خط پيل هئا، اهو بنا تلاشيءَ جي رهجي ويو".

پوليس اتان بزرگن کي، مولوي عبدالله کي ۽ ٻين سڀني واسطيدارن کي گرفتار ڪري لاهور وٺي ويئي. جيل ۾ سڀني کي جدا جدا رهايائون. مولوي عبدالله پنهنجي بيان ۾ چيو ته "شيخ عبدالحق جيڪڏهين کي مخفي خط آندا، ته اهي وٺي رهيا؛ باقي جيڪي خط بزرگ امروڻي ۽ پير جهنڊي وارن ڏي لکيل هئا، سي مون کي ڏنائين، جي مون وٺي رهيا ۽ مون ڪنهن کي به ڪين پهچايا". سندن انهيءَ بيان تي بزرگ امروڻي ۽ جهنڊي وارا آزاد ٿيا. مولوي عبدالله کي هڪ مهينو لاهور جيل ۾ رهائڻ بعد، پٽاڻ ڪوٽ جيل ڏانهن موڪليائون. انهيءَ سال ڊسمبر ۾، يا ٻئي سال جي شروع ۾، ڪيس وٺي اچي ڊينپور جي جيل ۾ نظربند ڪيائون. ڪجهه عرصي بعد ڪيس ڪراچي جي جيل ۾ اماڻيائون، جتان اٽڪل هڪ سال بعد وري ڪيس موڙائي آڻي ڊينپور جيل ۾ رکيائون. اتي نو مهينا يا سال ڪن رهيو، جو پهرين عالمگير لڙائي ختم ٿي ۽ ڪيس جيل مان آزاد ڪيائون. جيل مان نڪرڻ بعد، مولوي عبدالله اول ڊينپور ۾ بزرگن وٽ ويو، ۽ اتان پنهنجي گوٺ ڪوٽ نواب ضلعي سانگهڙ ۾ آيو. اتي ٻوءِ يڪدم ئي ڪيس وري پنهنجي گهر ۽ گوٺ ۾ نظربند ڪيائون.

مولوي عبدالله چيو ته

"نظربنديءَ جي آرڊر پڌائڻ وقت مون کي ڊي. ايس. پي. چيو ته "توکي نظربند ڪيو وڃي ٿو، ڇاڪاڻ ته تنهنجو استاد مولوي (عبيدالله صاحب) سرڪار سان وڙهي ٻيو آهي". حقيقت هيءَ هئي جو ان وقت امان الله، انگريزن سان جنگ شروع ڪئي هئي. انگريزن

جي خيال موجب انهيءَ منصوبي جو سڏيندڙ مولانا عبيدالله هو، جو ان وقت کابل ۾ وڏي حوصلي سان ڪم ڪري رهيو هو".

ڪجهه عرصي بعد، مولوي عبدالله صاحب کي گهر ۽ ڳوٺ جي نظربنديءَ کان آزاد ڪيو ويو. ان بعد ڪيس معلوم ٿيو ته مولانا عبيدالله صاحب حجاز ۾ اچڻو آهي، انهيءَ ڪري حج تي روانو ٿيو. هڪ سال اتي انتظار ۾ رهي ٻيو، پر مولانا عبيدالله کوڻ پهتو؛ انهيءَ ڪري مولوي عبدالله صاحب واپس موڪلي آيو. هت پهچڻ بعد، ٻئي حج جي موقعي تي، ڪيس معلوم ٿيو ته مولانا عبيدالله صاحب مڪي شريف ۾ پهچي ويو آهي؛ انهيءَ تي هو وري هتان روانو ٿيو، ۽ وڃي مولانا عبيدالله صاحب کي مليو. بس، پوءِ مولوي صاحب اتي ئي رهي ٻيو. مولانا عبيدالله صاحب سان حجاز ۾ قيام واري عرصي ۾، مولوي عبدالله صاحب وڏي علمي خدمت سرانجام ڏني: مولانا عبيدالله صاحب انهيءَ عرصي ۾ قرآن شريف، اسلامي علوم، ۽ شاهه ولي الله جي فلسفي جي تعليم ڏيندي جيڪي به تقريرون ڪيون، سي مولوي عبدالله صاحب قلمبند ڪيون؛ مولانا عبيدالله صاحب جي سياسي ڊائري به قلمبند ڪيائين؛ لاهور ۾ جيڪي ڪتاب مولانا عبيدالله صاحب جي افڪار ۽ شاهه ولي الله جي فلسفي تي شايع ٿيا آهن، تن جو مواد درحقيقت مولوي عبدالله صاحب جي قلمي ڪشالي جو نتيجو آهي - جيتوڻيڪ انهن ڪتابن ۾ هن بزرگ جي خدمت جو ڪماحقه اعتراف نه ڪيو ويو آهي.

۱۹۳۸ع ڌاري، مولانا عبيدالله صاحب جي پنهنجي وطن ڏانهن واپسيءَ جو هوائو ٿيو. مولوي عبدالله فوراً روانو ٿيو ته اڳواٽ پهچي سڀني احبابن کي آگاهه ڪري، ۽ اڳتي جي پروگرام خاطر ابتدائي انتظام ڪري. مولوي عبدالله صاحب هت ۱۹۳۸ ۾ پهتو، پر مولانا عبيدالله صاحب ۱۹۳۹ع ۾ آيو. مولوي عبدالله صاحب سائين گڏ ڪنڊي (ڪراچي) ۾ رهيو- تان جو مولانا صاحب هندوستان روانو ٿيو، ۽ مولوي عبدالله صاحب، سندس ارشاد موجب، ڪنڊي ۾ رهيو. مولانا عبيدالله صاحب موڪلي آيو ۽ وري دهليءَ روانو ٿيو، ۽ مولوي عبدالله کي چيائين "هاڻي تون پل وڃي پنهنجي گهر رهه". ان بعد، "مارشل لا" جي وقت (۱۹۴۲ع) ۾، مولوي عبدالله ميرپورخاص ۾ لڏي آيو. مولانا عبيدالله صاحب سنڌ ۾ ايندو هو، ته ونس ميرپورخاص ۾ ايندو هو. ان بعد چار مهينا ڪن وري مولانا عبيدالله صاحب ۽ مولوي عبدالله صاحب وڃي پير جهنڊي ۾ رهيا. ان بعد مولانا عبيدالله صاحب وري دهليءَ ويو، جتان بيمار ٿي پير جهنڊي ۾ پهتو. مولوي عبدالله صاحب کيس وڃي اتي مليو، ۽ اتان سائس گڏجي حيدرآباد ۾ آيو، جتي بيماريءَ جي حالت ۾ ئي مولانا عبيدالله صاحب شاگردن جي هڪ جلسي ۾ قلعي اندر تقرير ڪئي. اتان مولانا عبيدالله صاحب ڪراچيءَ ويو، ۽ هيڪاري وڌيڪ بيمار ٿي پير جهنڊي پهتو- مولوي عبدالله صاحب اتي سندس خدمت ۾ رهيو. ان بعد، مولانا عبيدالله صاحب جو ڏوهٽو اتي آيو، جو مولانا صاحب کي دينپور وٺي ويو، جتي مولانا صاحب وفات ڪئي. مولوي عبدالله صاحب خبر پڏڻ تي دينپور پهتو، ۽ پنهنجي استاد

جي وفات جي صدمي کان نهايت متاثر ٿي واپس سنڌ آيو ۽ پکو ارادو ڪيائين ته تادم حياتي پنهنجي استاد مولانا عبيدالله صاحب واريءَ تحريڪ (يعني اسلامي فڪر جي اشاعت ۽ آزاديءَ جي ترغيب ڏيڻ) کي اڳتي وڌائيندو رهندو.

ان بعد مولوي عبدالله صاحب سنڌ جي علمي اداري سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ رهي، يونيورسٽيءَ جي تعليم يافته استادن ۽ نوجوان شاگردن کي قرآن شريف جي تفسير، شاهه ولي الله جي فڪر، ۽ مولانا عبيدالله جي عملي تحريڪ جي تعليم ڏيڻ کي پنهنجو نصب العين بنايو. ان سلسلي ۾ اول هو سنڌ يونيورسٽيءَ جي ٽيڪ نيت ۽ روشن خيال وائس چانسيلر سان مليو، ۽ ۱۹۵۳ع ۾ استادن ۽ شاگردن جي مخصوص گروهه کي قرآن شريف جي حڪمت ۽ حقيقت تي ليڪچر ڏنائين.

ان بعد مولوي صاحب جن جو مستقل قيام، سنڌ يونيورسٽيءَ ۾، جناب ڊاڪٽر عبدالواحد هالپوٽي صاحب وٽ يا بنده راقم الحروف وٽ رهيو، ۽ اسين ٻئي ڏوڻي ٻيا تشنه ڪام طالب العلم وٽائس مستفيد ٿيندا رهياسين. سندس صحبت سان معلوم ٿيو ته قرآن شريف جي حڪمت خواهه اسلامي فڪر بابت مولوي صاحب جو نظريو انقلابي آهي: يعني ته مظلوم جي حمايت ڪري ظالم کي شڪست ڏيڻ، انسان ذات کي آزاد ڪرڻ، ۽ حق ۽ انصاف جي بناء تي حڪومت قائم ڪرڻ. هڪ دفعي مون کانئس اسلامي تصوف بابت ڪجهه سمجهڻ چاهيو، ته مولوي صاحب نهايت ئي سهڻي نموني ۾ هن مسئلي تي روشني وڌي، ۽ "وحدت الوجود" ۽ "وحدت الشهود" جي مسئلن تي فلسفيانه نڪته نظر سان بحث ڪيائين. انهيءَ عرصي ۾، مون کانئس مولانا عبيدالله صاحب جي سياسي ڊائريءَ ۾ ڄاڻايل ڪن مختصر حقيقتن جي تشريح پڌي، ۽ هندستان ۽ افغانستان ۾ مولانا عبيدالله صاحب جي عملي زندگيءَ بابت سوال پڇا. مولوي صاحب جن جي جوابن مان معلوم ٿيو ته بيشڪ هو مولانا عبيدالله صاحب جو هڪ مخلص، عقيدتمند ۽ بيدارمغز ساٿي هو. انهيءَ دوران ۾ مولوي عبدالله صاحب، مولانا عبيدالله صاحب جي سياسي ڊائريءَ ۾ بيان ٿيل اشارن کي تفصيل وار لکايو، جنهن کي بنده راقم الحروف دوباره صاف ڪرايو-(الهيءَ مسودي تي سنڌ يونيورسٽيءَ جي پروفيسر محترم ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان نظر ثاني ڪئي آهي، ۽ اميد ته هيءَ ڪتاب عنقريب شايع ڪيو ويندو.)

گذريل پنج ڇهه مهينا مولوي عبدالله صاحب جن پنهنجي گهر شهر سانگهڙ ۾ گذاريا آهن. وچ ۾ ڀاڙ آيا هٿ، ۽ انهيءَ صحبت ۾ کانئن سندن سوانح حيات جو هيءُ مواد قلمبند ڪيو ويو. هن وقت سندن عمر ۹۰ سال کان به مٿي آهي، ۽ اڃا تائين مطالعي جو مشغلو باقاعدي جاري آهي. ڀاڙ نهايت خوش مزاج ۽ خوش خلق آهن. سندن صحبت مان سنڌ جي گذريل سياسي ۽ علمي تاريخ بابت ڪيئي مفيد معلومات حاصل ٿي سگهن ٿا-

"تان ڪي وڻن وهه، جان ڪي آهن جوءِ ۾"!

٣

قومي خادم ـ سياسي رهنما

قومي ۽ ملڪي خدمت جي شريف جذبي جو بنياد نيت جي صفائيءَ، خلوص ۽ ايثار جي اصولن تي آهي. هر قوم ۽ ملڪ ۾ اهڙا اصول پرست انسان هر وقت پيدا ٿيندا ٻڌي رهيا آهن، جن پنهنجي قوم ۽ ملڪ جي خدمت جي راهه ۾ هر طاغوتي طاقت سان ٽڪر کاڌي، کال-کوڙين ۾ هڏ ٽوڙ سزائون پوڳيون، اهل اولاد جون دربدريون سٽيون، بک ۽ افلاس جا ڏولا وڏاءِ: مطلب ته هر ذهني ۽ جسماني عذاب کي خوشيءَ سان برداشت ڪيو- حتاڪ گولين جي وسڪارن ۽ ڦاهيءَ جي ڦندن ۾ به انهن کي مرڪندي ڏٺو ويو! انهن ايثار وارن اڳواڻن پنهنجون حياتيون قومي ناموس کي برقرار رکڻ لاءِ وقف ڪري ڇڏيون، ۽ پنهنجي ملڪ جي سروخروئيءَ کي آخر دم تائين قائم رکڻ ۾ ڪاب ڪسر ڪانه ڇڏي. ٻئي طرف، اهڙا ضمير فروش شخص ٻڌ هر وقت موجود رهندا ٻئي آيا آهن، جيڪي ٻاڏيهي پنهنجي "قومي اڳواڻ" هجڻ جي دعوا ته وڏي واڪي ڏهرائيندا ئي رهندا آهن، ۽ پنهنجي ذاتي مفادن جي مقابلي ۾ هو اڪثر پنهنجي قوم ۽ ملڪ جي ننگ ۽ ناموس کي کوڙين جي ملهه ڏارين وٽ وڪڻي ڇڏڻ کان به ذري ماتر کين شرمائيندا آهن!

قوم ۽ ملڪ جي خدمت، حفاظت ۽ حرمت جا امانتدار ۽ دعويدار اهي ٻئي اڳواڻ ٽولا-خادم ۽ غدار- دنيا جي هر ملڪ جي تاريخ ۾ ٻنو ٻٽ نظر ايندا: جنهن قوم پنهنجي خدمتگذارن کي صحيح سڃاتو، ان کي پنهنجا غدار ٻڌ نظر اچي ويا؛ ۽ جنهن قوم کي پنهنجا غدار نظر اچي ويا، ان کي پنهنجي صحيح رهنمائن جو قدر ٻڌ معلوم ٿي ويو.

سنڌ پنهنجي اڳواڻن سڀان سدائين خوش نصيب رهي آهي. سنڌ وقت بوقت جيڪي قومي خادم ۽ رهنما پيدا ڪيا، سي نه صرف پنهنجي ماحول جي وسعتن تي اثرانداز ٿيا، بلڪ اڪثر وقتگير انقلابن جو آغاز ئي سنڌ جي سر زمين تان ٿيو، ۽ انهن جي پيشوائيءَ لاءِ سنڌ جا ئي سڃاڻ سردار سرگرم عمل رهيا. اهڙن مڙني محسنن جي ڪارنامن کي ور ور ڏيڻي ورجائڻ جي ضرورت آهي.

سنڌ جي قومي خادمن ۽ سياسي رهنمائن جي فهرست نهايت طويل آهي. افسوس جو هن باب ۾ اسين ڪوشش جي باوجود به ڪجهه بيش ئي ڪري ڪين سگهيا آهيون.

رئيس المهاجرين مرحوم جان محمّد جوڻيجو *

اسان جي سنڌ سونهاري انگريزن جي غلاميءَ واري زماني ۾ به اهڙا جليل القدر ۽ صاحب استقلال مرد پيدا ڪيا، جن آزاديءَ جي جدوجهد ۾ هر قسم جون قربانيون ڪيون. انهن مان رئيس غلام محمد خان پرڳڙي صاحب، مولانا عبيدالله صاحب سنڌي، مولانا تاج محمّد صاحب امروٽي ۽ رئيس المهاجرين جان محمّد خان جوڻيجو قابل ذڪر آهن.

خلافت جو سوال ۽ ترڪيءَ جي تباهي، سنڌ جي مسلمانن لاءِ هڪ امتحان هو، ۽ ڪين ورهين جي غفلت ۽ غلاميءَ جي گهريءَ نند مان بيدار ڪرڻ لاءِ هڪ الاهي رحمت هئي. ٻيڪ انهيءَ وقت، جڏهن آزمايش لاءِ آواز بلند ٿيو، تڏهن اسان جو رئيس المهاجرين ٻهريون شخص هو، جنهن سر تريءَ تي ڪٽي سنڌ جي سرفروش مسلمانن جي جماعت ساڻ ڪري هجرت ڪئي. خلافت- هلچل ۽ ڪابل جي هجرت ۾ سنڌ جي هن مرد مجاهد جيڪي قربانيون ڪيون، تن جي مثال ڏيڻ کان هندوستان به قاصر آهي.

مرحوم جان محمّد خان جوڻيجو، سن ۱۳۰۴ھ ۾، لاڙڪاڻي جي ويجهو "ڏامسراها" ڳوٺ ۾ ڄائو هو. سندس والد بزرگ، حاجي ڪريم بخش خان، شهر جو معزز زميندار ۽ دولتمند ماڻهو هو. هن پنهنجي فرزند کي ابتدائي تعليم لاءِ ڳوٺ جي مدرسي ۾ ويهاريو، جتي هن فارسيءَ جي لصاب ختم ڪرڻ سان گڏ عربيءَ جي تعليم حاصل ڪئي. ٻارهن ورهين جي عمر ۾ ڳوٺ خيري ديري (تعلقو رتوديرو) جي سنڌي اسڪول ۾ داخل ٿيو، ۽ ستت ئي انگريزي تعليم پرائمري لاءِ لاڙڪاڻي جي مدرسي ۾ اچي داخل ٿيو. مدرسي ۾ فقط پنج درجا انگريزي هٿ، جي پورا ڪري، ڪراچيءَ جي سنڌ مدرسة الاسلام ۾ داخل ٿيو، جتان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين. اتي مسٽر عبدالرحمان حسنعلي بئريسٽر ۽ مسٽر علي گوهر پٺي (جو اڄا حيات آهي) سان صحبت هوندي هيس. مسٽر علي گوهر جي ولايت وڃڻ ڪري مٿس به ولايت وڃڻ جو شوق ٿيو، ۽ سندس والد کيس ۱۹۱۰ع ۾ ولايت موڪليو. اتي ٽي سال رهي، بئريسٽريءَ جو امتحان پاس ڪيائين؛ ان بعد به سال پرٽڪٽس خواهه سير و تفريح لاءِ رهي ٻيو. سندس ٻوين جي چوڻ موجب، ٻهرپائين مرحوم کي في‌الحال وطن ڏانهن موٽڻ جو خيال ڪونه هو، ان ڪري سندس والدين سخت پريشان ٿي پيا. هڪ دفعي خواب ۾ ڏٺائين ته پاڻ لنڊن شهر جي هڪ بازار ۾ گهمي رهيو آهي، ته اوچتو هڪ فقير ڪل تي چمات وهائي

* هن مضمون جو مدار ميان نبي بخش منگي ۽ ميمڻ عبدالمجيد صاحب سنڌيءَ جي موڪليل مواد تي آهي.
- مرتب


کيس ۽ چيائينس تہ 'ٻانيان عزيز روئي رهيا آٿيئي، ۽ تون هتي گهمي رهيو آهين!' هڪدم سجاڳ ٿي ٻيو، ۽ گوٺ ورڻ لاءِ نهايت پريشان ٿي پيو- ٻوءِ جلدئي اچي گوٺ ٻڌو.

سنڌي مسلمانن ۾ غلام محمد خان پرگڙيءَ کان هي ٻيو نمبر نوجوان هو، جنهن بئريسٽريءَ جو امتحان پاس ڪيو. سندس بلند اخلاقيءَ جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو، جو انگلنڈ کان موٽڻ بعد سندس آزاد طبيعت ۾ ڪنهن به قسم جو فرق نہ آيو. آزمودي وڏائڻ لاءِ، ڪجهہ وقت پهريائين ڪراچيءَ ۾ رهيو، پر ٻوءِ لاڙڪاڻي ۾ اچي مستقل طرح وڪالت جو ڌندو اختيار ڪيائين. ٿوري ئي عرصي ۾ سندس والد بزرگوار وفات ڪئي، جنهنڪري زمينداري ڪاروبار ٻہ سر تي اچي ويس. انهيءَ زماني ۾ هارين نارين سان ڏاڍا سهنج ڪري، مقروض هارين کي قرض ڪان آجو ڪيائين. ان کان سواءِ، ٻيون به هر قسم جون سهوليتون ڏنائين: انهيءَ ڪري ڪڙمي ڪيس ڏاڍو پائيندا هٿا.

۱۹۱۷ع ۾، جڏهن مرحوم غلام محمد خان پرگڙيءَ جي ڪوشش سان ڪراچيءَ ۾ مسلم ليگ جي شاخ کُلي، تڏهن پهريائين جيڪي چند ميمبر ٿيا، تن سان هڪ اسان جو نوجوان رئيس بہ هو. اتان کان سندس قومي زندگي شروع ٿي، ۽ ٿوري ئي عرصي ۾ 'فنا في القوم' کي وڃي پهتي. مارچ ۱۹۱۸ع ۾، شيخ عبدالعزيز صاحب سنڌ ۾ "عربي-انگريزي اسکول" جي قيام لاءِ سکر ۾ هڪ تعليمي ڪانفرنس سڏائي، ان ۾ جان محمد خان فراخدليءَ سان حصو ورتو ۽ رئيل اسکول ۾ ٻن شاگردن لاءِ اسکالرشپون ڏيئيون ڪيائين- مگر افسوس جو خلافت- هلچل کان پوءِ اهي رٿون عملي جامو پهري نہ سگهيون.

ترڪي سلطنت جي ورهاڱي جي سوال تي پهريائين لکنؤ ۾ هڪ آل انڊيا مسلم ڪانفرنس سڏائي ويئي هئي، جنهن ۾ هيءَ رٽ پاس ڪئي ويئي تہ ۱۷ آڪٽوبر ۱۹۱۹ع تي نئين وڏن شهرن ۾ ترڪي جي سلطنت جي بقا لاءِ دعا گهري وڃي: انهيءَ ڏينهن کي 'پهريون يوم خلافت' سڏيو وڃي ٿو. انهيءَ وقت اهڙو ڏينهن ملهائڻ سڙو نہ هو؛ پر اسان جي رئيس، حضرت پير تراب علي شاهہ جي مدد سان، سرٽوڙ ڪوشش ڪئي، پنهنجي ٻنگلي جي سامهون عيد گاهہ ۾ ڏاڍو ڏوم سان هڪ عام جلسو ملهايو. نومبر ۱۹۱۹ع ۾ آل انڊيا خلافت ڪانفرنس دهليءَ ۾ سڏائي ويئي، جتي اهو ٺهراءُ پاس ڪيو ويو تہ 'اينڊ صلح-جشن، جو نومبر جي ۱۳ کان ۱۶ تاريخ تائين ٽيٽو آهي، ان جي خلاف بائيڪاٽ ڪيو وڃي'- جنهن جي تصديق "جميعت العلماء هند' به ڏني. ڪانفرنس ۾ سنڌي ليڊرن جي ويل وفد ۾ اسان جو رئيس به شامل هو، اتي لاڙڪاڻي ضلعي جي هلچل سندس ذمي ڪئي ويئي. هن موٽي اچي پير تراب علي شاهہ جي رفاقت سان زبردست هلچل هلائي. "صلح-جشن-ڈينهن" تي لاڙڪاڻي مان ڪارن جهنڊن سان سرڪس ڪڍي ويئي، ۽ هڙتال ٻڌ ڪئي ويئي.

تاريخ ۴ جنوري ۱۹۲۰ع تي حيدرآباد سنڌ ۾ پهريون دفعو خلافت جو جلسو ٿيو، جنهن ۾ رئيس مرحوم لاڙڪاڻي ضلعي جي ظلمن متعلق هڪ ولولہ انگيز تقرير ڪئي. تاريخ



مرحوم رئيس المهاجرين جان‌محمد جوئيجو

۶-۷-۸ جون تي وري سندس سرڏوڙ ڪوشش سان لاڙڪاڻي ۾ ٻي خلافت ڪانفرنس، زير صدارت پير صاحب جهنڊي واري جي، منعقد ٿي، جنهن جي استقباليه ڪاميٽيءَ جو سيڪريٽري پاڻ هو. هن ڪانفرنس ۾ مولانا شوڪت علي، مولانا محمد علي، مولانا عبدالجبار لکنوي، مولانا آزاد، رئيس غلام محمد خان پرڳڙي، سيٺ عبدالله هارون، مولانا امروٽي، مهاتما گانڌي، ڊاڪٽر ڪچلو، وغيره جن شرڪت ڪئي. ڪانفرنس جي آخري ڏينهن تي فيصلو ٿيو ته سنڌ جو هڪ وفد بمبئيءَ وڃي، سنڌ ۾ ڪامورن جي ٽيل ظلمن بابت گورنر جو ڌيان ڇڪائي. انهيءَ فيصلي مطابق، هڪ سفارت تيار ٿي بمبئيءَ ويئي، جنهن ۾ پير صاحب جهنڊي وارو، مولوي دين محمد "وفائي" ۽ ٻيا ڪيترا معزز شريڪ هئا. ان سفارت جو لسان الوقد رئيس صاحب هو. بمبئيءَ ۾ ڇوڪرن ڏينهن جي رهڻ کان پوءِ به گورنر کين ملاقات جو موقعو نه ڏنو، ليڪن سندن وڃڻ مان هڪ ٻيو فائدو ٿيو جو ڪين آل انڊيا خلافت ڪانفرنس جي اجلاس (جو غلام محمد خان پرڳڙيءَ جي زير صدارت منعقد ٿي رهيو هو) ۾ شريڪ ٿيڻ جو موقعو مليو.

اپريل ۱۹۲۰ع ۾، سيوهڻ ۾، مولانا عبدالڪريم "درس" جي زير صدارت، خلافت جلسو ملهايو ويو هو، جنهن ۾ رئيس مرحوم ۽ ٻين زوردار تقريرون ڪيون. هجرت بابت ٺهراءُ پاس ڪيو ويو، جنهن جيڪب آباد واريءَ ڪانفرنس ۾ عملي صورت اختيار ڪئي. جيڪب آباد واريءَ ڪانفرنس ۾ رئيس مرحوم پهريائين پهريائين قطع تعلقات جو سوال آڻاريو. جيڪب آباد ۾، ساڳئي ٻي سال، مولانا تاج محمد صاحب امروٽيءَ جي زير صدارت، خلافت جلسو منعقد ٿيو. جلسي ۾ تقرير ڪندي رئيس صاحب اعلان ڪيو ته "مان سرداريءَ جي پيو لمبر ڪرسي، ميونسپل ڪمشنري، لوڪلبورد جي ميمبري، ٻريسٽريءَ جي ڊگري-سڀ ترڪ ڪريان ٿو ۽ دل ڏيڻ کان به انڪار ڪريان ٿو" سندن تقرير جو اهو اثر ٿيو، جو "ترڪ موالات" جو جوش اهڙو ته ٿهلجي ويو جو ڪيترن ماڻهن حيثيت سارو الگريزن سان قطع تعلقات جا اعلان ڪيا.

انهيءَ کان پوءِ، هجرت جي سانباهي لاءِ باقاعدي هجرت-ڪاميٽي مقرر ٿي، جنهن جو صدر پير تراب علي شاهه ۽ سيڪريٽري رئيس مرحوم چونڊيا ويا. ڪيترن ماڻهن ڪابل ڏانهن هجرت ڪرڻ لاءِ دفتر ۾ الا داخل ڪرايا. سندن بنگو هجرت-ڪاميٽيءَ جو دفتر ڪيو ويو. مئي مهني جي ۲۴ تاريخ، حيدرآباد ۾ پير تراب علي شاهه جي زير صدارت جلسو منعقد ٿيو، جنهن ۾ رئيس مرحوم جي صحيح سان بمبئيءَ جي گورنر جي پوليٽيڪل سيڪريٽريءَ ڏانهن تار به ڪئي ويئي. ان کان پوءِ حڪومت سندس پنين کي پاڻي ڏيڻ بند ڪري ڇڏيو، پر رئيس صبر ڪري هجرت جي تياريءَ ۾ لڳو رهيو. ساري هندستان ۾ هي پهريون سنڌي مجاهد هو، جنهن هجرت ڪئي. مٽس سنڌ ۽ سنڌي جيترو به ناز ڪن، اوترو ٿورو آهي.

جولاءِ ۱۹۲۰ع تي پهريائين پهريائين لاڙڪاڻي شهر مان، اسپيشل ٽرين ڀاڙي ڪري، سادن ستن سون مهاجرن جو سات ساڻ ڪري، افغانستان روانو ٿيو. ضلعي خلافت

کانفرنس جو اٹون اجلاس، جو زير صدارت رئيس الاحرار مولانا شوکت علي صاحب جي ۲، مارچ ۱۹۲۲ع سکر ۾ منعقد ٿيو، ان ۾ ضلعي سيکريٽريءَ عبدالستار آدم جيکا رپورٽ پيش ڪئي (جا هوءَ ڇپائي ويئي)، ان جي صفحي ۹ تي سيکريٽريءَ رئيس جي هجرت ڪي هن طرح ساراهيو آهي: "هجرت جو معاملو، جنهن گورنمينٽ کي هڪدم پريشان ڪري ڇڏيو، انهيءَ جي ڪاميابيءَ جا سهرا سڄي هندستان ۾ جنهن هستيءَ جي سر تي سونهن ٽا، سو رئيس المهاجرين نواب مرحوم جان محمد خان جوٽيجو هو، جو سنڌ مان هجرن مهاجرن جي اسپيشل ٽرين وٺي ويو". مهاجرن کي لاڙڪاڻي کان روهڙيءَ تائين سڀني اسٽيشنن تائين هزارن ماڻهن الوداع ڪئي. سنڌ کان باهر ٻڌ هنن مهاجرن جي بلڪل ڇڪيءَ طرح مرحبا ٿي. هي قافلو ۱۹ جولاءِ جلال آباد ۾ پهتو. افغان سرڪار کين سهوليتون ڏنيون، مگر هوءَ گهڻن مهاجرن وڃڻ ڪري بي بندوبستگي ٿي ٻڌي. آڪٽوبر مهيني ۾ رئيس المهاجرين هڪ وفد ساڻ ڪري اول مقصد سر انجام ڪرڻ لاءِ مولانا محمد علي "جوهر" جي ملاقات لاءِ روانو ٿيو. مولانا انهن ڏينهن ۾ "ترڪ موالات" جي ڪاليج جي شاگردن ۾ تبليغ ڪري رهيو هو، تہ رئيس صاحب ۽ وڃي ساڻن شريڪ ٿيو؛ ۽ ان بعد مولانا صاحب سان گڏجي هندوستان جي گهڻن شهرن جو گشت ڪيائين.

نومبر جي پوين تاريخن ۾ الله آباد واري ڪانگريس اجلاس ۾ شرڪت ڪري، لاڙڪاڻي موٽي آيو تہ ڪيس سنڌ جي جڊيشل ڪمشنر جو نوٽيس ٻهتو، جنهن ۾ حڪم مليل هو تہ ڪراچي اچي ۽ جيڪب آباد وارين تقريرن بنسبت جواب ڏي؛ ۾ رئيس صاحب وڃڻ جي بجاءِ کين هي جواب موڪليو تہ "جيئن تہ مان افغانستان جي بادشاهه جي رعيت آهيان ۽ انجمن مهاجرين هند جي طرفان موڪليل آهيان، تنهنڪري جيڪڏهن انهن جو حڪم ايندو تہ ايندس، نہ تہ نہ". نيٺ بمبئيءَ ويو، جتي ڪيس "بمبئي خلافت ڪاميٽيءَ" طرفان پنجاهه لک روپيا ۽ وقت امداد ڏني ويئي، جا هڪدم ڪابل روانو ڪيائين، ۽ پنجن لکن رپين ڏيڻ جو واعدو ٿيو. ڪابل ويندي ڪيس سرحد تي روڪيو ويو، جتي ڪيس ويهه ڏينهن لڳا. پشاور ۾ فارسيءَ ۾ تقرير ڪيائين، جنهن ۾ هاڻ کي افغان رعيت ڄاڻايائين، ۽ وڃڻ کان روڪڻ جو اظهار ڪندي انگريز حڪومت کي خوب لنديائين. پشاور مان ٻ ڪيس لڪري وڃڻ جو نوٽيس ملیو، جنهنڪري لاهور آيو ۽ اتان لکنو ۾ اٹوڌ خلافت ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿي فارسيءَ ۾ تقرير ڪيائين.

ان بعد، مولانا محمد علي "جوهر" جي سنگت ۾ اجمير جي خلافت ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ آيو. اتي ڪيس ٽورو بخار ٿي ٻيو ۽ جلسي ۾ اچي نہ سگهيو، ۽ پنهنجي فارسيءَ ۾ لکيل تقرير پڙهڻ لاءِ موڪلياٿين. سندس بخار وڌي وڃي خوفناڪ بيماريءَ جي صورت اختيار ڪئي- تان جو ۲۷ رجب المرجب ۱۳۳۹ هـ، برابر ۱۶ اپريل ۱۹۲۱ع تي، مسافرءِ مهاجر جي حالت ۾، حضرت ولي الهند خواجہ معين الدين چشتي، غريب النواز، جي درگاهہ اجمير شريف ۾، صبح جي وقت، قومي شهادت جو جام نوش فرمائي، حيات جاوداني حاصل ڪيائين- انا لله و انا اليه راجعون.

سندس جنازي جي نماز خواجہ صاحب جي درگاھ ۾ مولانا حڪيم معين الدين اجميريءَ پڙھائي. سندس جنازي کي ساگر تلاءَ جي ڪناري مدفون ڪيو ويو.

"شيرل" صاحب، رئيس صاحب جي هجرت واري قافلي ۾ شريڪ ھو، جنھنڪري سندس بيتن مان هجرت جو سچو احوال ملي ٿو. هي بيت "شيرل" جي شعر جي ڇاپل چوپڙيءَ "عشق جو رسالو، لينھن ۾ نرالو" عرف "فراق نامو حسيني" تان ورتل آھن.

*

جان محمد جوڻيجو سورھيہ سامايو،
راضي تنھن تي رب ٿيو، تنھن کي واحد وڏايو،
سخي ھو سخاوت ۾، ڪيائين روح اندر رايو،
گھاڻھہ اھا گھايو، مرد تنھن ملوڪ جي.

*

مرد تنھن ملوڪ کي ڏاتر ڏڻا ڏاڻ،
عھدو وڪالت ٻريسٽريءَ جو ورتائين ھمت ساڻ،
علم پڙھي عالم ٿيو، ھيس انگريزي اھجاڻ،
ھاڻ ڪيان روح رھاڻ، ساراھہ سپرين جي.

*

ٻڌ ساراھہ سپرين جي، جنھن کي مولا ڏنو مان،
ھت ھوس حاڪمن جو، شاھي جنھن جو شان،
ڪامل ٿي ڪورٽون ڪيون ٻڌي ٻات بيان،
جيءَ اندر آھن جولان، سڪ تنھنجي ساھہ کي.

*

سڪ تنھنجي ساھہ کي اندر لہ آھي آرام،
ڪائڻ لہ آھي خوشيءَ جو، چش لہ ڏئي طعام،
ھجرت تي سنپري ھليو ڪري اھو انجام،
اڳ ۾ ٿي امام، قافلو ڪيائين ڪيترو.

*

قافلو ڪيائين ڪيترو لکين خرچ ڪٽي،
جيڪا رضا رب، واھہ تنھن کي وٽي،
مھاجرن جي محبت ۾ ٻاڻ ڪيائين ٻڌي،
لاڙڪاڻي تي لقب ھٽي، ريل تي چڙھي رکن ڏي ھليا.

*

ريل تي چڑهي رکن کون ٿيا سکر روانا،
عرض ڪيائين الله کي اسين آهيون تنهن جا ٻانها،
داڻي ٻاڻي نصيب جي آهي انهي ۾ معنا،
اچي سلتانا ڏيهرو ڪيائين ڏينهن جو.

*

ڏيهرو ڪيائين ڏينهن جو هليا چڑهي لاهور،
اتي عزت ملي امير کي سرڪائين گهور،
ڪائڻ آندائون خوشيءَ سون ڏنائون زور،
اهڙي دستور راولپنڊي رڙهي هليا.

*

راولپنڊي رڙهي هليا ڪانولپور ڪاهي،
واڳ وس نه پنهنجي ڏور وڏي ڏاهي،
گاڏي ڇني ڇوهه مون ڏس ڇا منجهون چاهي،
پشاور ۾ لاهي ڏينهن ڇڏيائون ڪيترا.

*

اتي ڏينهن رهي ڪيترا هليا پيادا ڪلي ٻڌي،
رفيق ٿياسون راهه سون راهي سڻي رندي،
رکيائون ناسڪ سرير ۾ خودي ڪيائون بندي،
اچي ٿيا سي هڪ هنڌ بيني ڪوٽ جنهن کي چون.

*

بيني ڪوٽ جنهن کي چون رکيائون جلال آباد جوش،
عقل ڇڏي ويو اڳ ۾ ڪونه رهيو هوش،
ڪونه وڙهي ڪنهن سان دشمن ٽوڙي دوس،
مڙني ڪئي خاموش محبت رکي من ۾.

*

محبت رکي من ۾ ڪابل ڪيائون ڪاهه،
دونهان درد ڏکايا عشق اندر آڳاهه،
پنڌ اڻانگو پنڌيون رهي آيا راهه،
اهڙوئي آهه الله امير صاحب ڏنائون اکين سان.

*

امير صاحب عزت ڏني مولوي عبيدالله صاحب سڏائي،
دعوت ڪاڏائون دل سان راتيون رهائي،
سينڌن چيو سڪ سان آيا آهيون سرڙا لهرائي،
توڻي وجهين ڪهائي، جان محمد چيو جوش مان.

*

امير ڪي اٽين نہ گهر هو ڏنائين مهاجرن ڪي موڪل،
سيءَ رکيائين سريسر پر نہ ڪيائين توڪل،
ڪجهہ اندر جون ڳالهيون تون جوش اندر پر جل،
راهي ٿيا رلمل، سوٽي پنهنجي ملڪ تي.

*

سوٽي پنهنجي ملڪ تي آيو جان محمد جائي،
رات ڏينهان روح پر هيس وات اها وائي،
دانهون ڪيان درد مؤن ڪونهي حال ٻائي،
نصيب داڻو ٻاڻي، ڪاڻي هلي آيا هندستان پر.

*

هندستان ڏي روانا ٿيا خواجہ اجمير شريف،
سڪ رکيائين ساهہ پر ڪهڙي ڪريان تعريف،
ملڪ ڇڏي مسافر ٿيو سهي گهڻي تڪليف،
اکيون ڪوريون ڪيف، مانجهيءَ تنهن ملوڪ جون.

*

مانجهي تنهن ملوڪ جي هئي عمر ٽيهہ ورهيہ پوري،
رضا تي راضي رهيو ڪيائين صبوري،
مرڻ مهل تي موت رکيائين منصوري،
آيا ملائڪ صفوري، سڪرات ڏنائين ڪالہ ڪا.

*

سڪرات ڏنائين ڪالہ ڪا، ساهہ ڏنائين سهنجو،
"شيرل" چوي شهيد ٿيو وطن ڇڏي پنهنجو،
سوال ڪريان توکي سيڊا ڪرنہ ڪانيارو ڪنهن جو،
هٿ آهي منهنجو، دامن دستگير جي.

*

جان محمد جُوءِ مان ويو ڪست منجهان ڪاهي،
مال مڏيون ٿيون ڪري ويو لاڳاپا لاهي،
جنهن ڪي ٻڪ سرير ۾ ڏور وڏي ڏاهي،
اجمير ۾ آهي، مقبرو ملوڪ جو.

*

مقبرو ملوڪ جو جودڻ جوڙيائون،
جهنڊ تنهن جوان جا خوبا ڪوڙيائون،
ماتم ڪيائون من ۾ ڳل ڳوڙها ڳاڙيائون،
پريت پاڙيائون، جو صوبو هو سنڌ جو.

*

صوبو هو سنڌ جو مُلڪن جو سير،
صاحب ٿي صاحبي ڪئي جو بادشاهي وزير،
شهيد ٿيو شوق مان نيٽن وهايان لير،
اتر وارا ٻير، پناهه ڏيندين پرديسيءَ ڪي.

*

پناهه ڏيندين پرديسيءَ کي جنهن صدقي ڪيو ساهه،
ميڙي محمّد صلعم جام جي توکي آئيندو اللّه،
حضرت ٿيندءِ حاسي ڪندءِ واهه،
باري آهين بيپرواهه، سام اوهان جي سيّدا.

ابن الياس سومرو

حيدر بخش الهداد خان جتوئي

حيدربخش جتوئي جي شخصيت، سنڌ جي ماڻهن آڏو هڪ محب وطن شاعر ۽ هڪ دلير سياسي اڳواڻ جي حيثيت ۾ آيـو. پنهي صورتن ۾ سندس شخصيت جي انفراديت پيئي بڪي. "حيدر" هڪ شاعر، ۽ "جتوئي" هڪ سياستدان ـ پنهي جا نظريا انوکا ۽ نرالا، پنهي جي شخصيت محنت کندڙن لاءِ قربانين ڏيڻ لاءِ هردم تيار! جي 'شاعر' حيدر، "تحفـهء سنڌ" ۾ ڏڻ ويل عوام جي حمايت ۾ شڪوو کندي کتاب ظبط کرائي ٿو، تہ 'سياسي' حيدربخش جتوئي، هاري پارٽيءَ جي صدر جي حيثيت ۾ گرفتار ٻ ٿئي ٿو. هن جي زندگي، شاعر توڙي سياسي رهبر جي حيثيت ۾، سنڌ ۽ سنڌ جي غريب ۽ محنت‌ڪش مظلومن لاءِ وقف آهي. هو جلسن ۾ وڃي سنڌ جي سڪ جي چنگ ماڻهن جي دلين ۾ وڪائي ٿو، تہ مشاعرن ۾ "پلي آئين، جي آئين، درياهه شاهه" پڙهي، ماڻهن جي دلين ۾ وطن پرستيءَ جي مقدس جذبي جون چوليون اڀاريو ڇڏي.

اصل وطن بکو ديرو ضلعو لاڑڪاڻو آتس، هاڻ مستقل طور حيدرآباد ۾ رهي ٿو. سندس ابتدائي بود و باش ڪراچيءَ ۾ ٿي، جتي شعر چوڻ شروع ڪيائين. شعر جي شروعات تہ سندس گهوٽ ۾ ئي ٿي، پر بکو ۽ پختو شعر ڪراچيءَ ۾ چوڻ لڳو. ڪراچي شهر جي مجلسي ماحول ۾ جيڪي احباب مليس، سي خوش قسمتيءَ سان اڄ به آسمان ادب جا چمڪندڙ ستارا آهن. رات ۽ ڏينهن جو وڏو حصو، علمي ۽ شعري ادب جي باريڪ نڪتن ڪي حل ڪرڻ ۾ گذرندو هوندِ. علامہ دائود پوٽي، سيد ميران محمد شاهه ۽ ٻين اهڙن عالمن ۽ باڪمال شخصيتن جو اهو دور اڄ به ڪاليجن ۽ اسڪولن ۾ شال موٽي اچي!

حيدر جتوئي، سال ۱۹۰۰ع ۾ پيدا ٿيو؛ ابتدائي سنڌي تعليم پنهنجي پياري گهوٽ بکو ديري ۾ حاصل ڪيائين، جتي جي حالتن کيس گهڻو متاثر ڪيو. هن جي ابتدائي شعرن ۾ ڏسبو تہ ماحول جو رنگ گهڻو نظر ايندو. چولدا آهن تہ "هرهڪ السان تي ماحول جو اثر پوندو آهي" ـ انهيءَ نظريي جي ماتحت، "حيدر" کي قريب قريب ڇڻ قسمن جي ماحول سان واسطو پيو آهي. لاڑڪاڻي ضلعي جي نمايان وصف اتي جي زرعي ۽ آبي برتري آهي. وڏي کان وڏا زميندار ۽ نندي ۾ نندا هاري اتي اوهان کي نظر ايندا. "حيدر" جڏهين

هوش سنبالیو، ته آسپاس رکو سرسبز ۽ جھولیندڙ ٻنیون ۽ پوکون ڏٺائین، دل کي مست ڪندڙ پاڻيءَ جي روانيءَ هن لنڊڙي لکل شاعر کي پاڻ ڏانهن متوجھ ڪيو: مگر رنگارنگي فضا جي ھردي ٻڌيان غريب ۽ بيڪس هارين جي مظلوم حالت، هن جي ڪچڙيءَ دل مان سڀ خوشيون ڪافور ڪري ڇڏيون: اهو نڊيڻ جو ڏهني عڪس، وڏيءَ عمر تائين به سندس دل ۽ دماغ تي قائم رهندو آيو آهي، ۽ سالن گذرڻ کان پوءِ به تازو ٻيو ڏسجي. هو انساني زندگيءَ جا ٻه متضاد پهلو ڏسيي، ڏهني ڪشمڪش ۾ مبتلا ٿي ٻيو. ان کان پوءِ هو ڪراچيءَ ۾ شهري تهذيب جي روشني ۾ اچي رهيو. شهرن جا جديد ترقيءَ جا منظر ڏسي، ڪير به ائين نه سمجهندو ته سندس جي اندرئين ماحول ۾ ڪا اهڙي ڀيانڪ ٻيمزگي هوندي. يقيناً، کوڙ انسان اهڙيءَ حالت ۾ سندس جا دل ڏکوئيندڙ نظارا گهٽو وقت ياد نه ڪري سگهندو آهي. اهڙي وقت ۾ "حيدر" کان پنهنجي سندس ۽ سندس جا نظارا، ڳوٺ ۽ وطن، دل تان نه لٿا. مثلاً، ڪراچيءَ ۾ ويهي قنبر کي ياد ڪري ٿو ۽ اتي جي ٻهن، سڳداسي چانورن، پاڻيءَ ۽ ٻڙ جي تعريف ۾ مست ٿي وڃي ٿو-


سڳداسي سنڌي سنهڙا، چانديءَ مثل ٽا چلڪن،
هيڪار ۾ مُعطر، ڪن ٽا تمام 'قنبر'.
مڙيون ٻڙ جون ڏوڏيون، ٻه بيشمار آهن،
ڪائن وڏا ننڍا ٽا، سڀ عام جام 'قنبر'.

ماڻهن جي ساراهه هيٺ ٿو ڪري:

ڪهڙا نمڪ-پريا هن، قنبر جا آدمي سڀ،
پاڻي نمڪ-پرور ٽا، ٻيٺن مدام قنبر.
پائن سفيد ڪپڙا، چهرا هميشه چمڪرا،
ڪهڙو ڪلر جو آهي، تاثير تام قنبر!

ڪراچيءَ ۾ تعليم حاصل ڪندي "حيدر" کي مطالعي جو ڪافي موقعو مليو، جنهن ۾ هن ادبيات سان گڏ سياسي ڪتاب به نظر مان ڪيا. تنهن کان سواءِ، ان وقت ڪراچي به متحده هندستان جي ٻين وڏن شهرن وانگر سياسي مرڪز هو ۽ سياست جا چڱا چڱا ماهر ۽ علمي ڪم ڪندڙ اتي موجود ۽ ايندڙ ويندڙ هٿا: انهن کي سمجهڻ ۽ انهن جي خيال تي غور ڪرڻ جو وجهه به "حيدر" کي ڪراچيءَ ۾ مليو.

انهيءَ ۾ ڪو شڪ نه آهي ته شاعر کي شروع ۾ مجازي عشق ئي اڪثر وڌائيندو آهي، ۽ سندس دل جا جذبا ۽ امنگ بيدار ڪندو آهي: مگر "حيدر" جي شروعاتي شاعريءَ کان ئي ڏسبو ته سندس ڪلام ۾ سوز ۽ عشق نالي ماتر به موجود نه آهي: دستِ ناز، تير مژگان، برقِ جمال، وغيره جهڙن لفظن جي بجاءِ، هاري، هر، ڏاڍو ۽ ڪوڏر جهڙا لفظ نظر ايندا. معشوق سان بيوفائيءَ جي شڪايت ڪرڻ جي بجاءِ، قومي پاڙن جي ڏک سبب خدا سان



حيدر بخش جتوئي

شڪوو ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح، سندس ڪلام ۾ فراق ۽ عشق جي برخلاف سُلڪي ۽ قومي سوز نظر اچي ٿو ـ اها سندس امتيازي خوبي آهي. سندس جيڪو پهريون نظم "درياهه شاهه" آهي، تنهن ۾ سنڌو درياهه سان قومي حب ۽ محبت جو جذبو بيحد پريل آهي.

پلي آئين، جي آئين، دريـاهه شاهه!
ٿي 'راوي' اچي تنهنجي ديدار تي،
۽ 'ستلـج' ۽ 'جهلم' نمسڪار تي:
ٿين مست ٿيـون تنهنجي للڪار تي،
ڪيرن تنهنجي قـدمـن جـي آڌار تي؛
ٿين توتي قربان، فنا پنهنجي ڪن جان، ڏين پاڻ پنهنجو، لهـن وصل تنهنجو-
جـو ميلو سـمـايـل فـنـا انـدر آهـ-
پلي آئين، جـي آئين، دريـاهه شاهه!
ٿـي سـانـوڻ ۾ تـوڪـي بهاري ٿئي،
بهاريءَ ۾ خـوش خـلـق ساري ٿئي؛
ٿـي 'ساري' سان ڏرتي ٻ ڪاري ٿئي،
ٿـي هـرڪـا زمين پـوک واري ٿئي:
پنيون ريج ڪائن، سگهو ان آپـائـن، پـرن واهه ريـلا، ڪري جهنگ پيلا:
ٿئي جهنگ جهر پاڻي ٿـو چـار ماهـ-
پلي آئين، جـي آئين، دريـاهه شاهه!

۱۹۲۷ع ۾ بي.اي. امتياز سان پاس ڪري، "حيدر" سرڪاري نوڪريءَ ۾ گهڙيو، ۽ مختيارڪار جي حيثيت ۾ ملازمت ڪندو رهيو. روينيو ڪاتي ۾ قصو آهي ٿي هارين ۽ زميندارن جو، ديلن ۽ پوڪن جو؛ "حيدر" جي دل ۾ نديي هوندي ٿي اهي لظارا گهر ڪري ويا هئا، ويتر سنڌ جي جدا جدا حصن ۾ تبادلي ۽ مسافري ڪرڻ سان وڌيڪ حالتن کان روشناس ٿيو، ۽ زندگيءَ جا ابتدائي جذبا ۽ گذريل نقشا وري دل تي تري آيس. دوران ملازمت ۾ ٻه شعر و شاعريءَ جو شوق بدستور جاري هوس. جدا جدا هنڌن تي سڄي چيل ڪلام کي گڏ ڪري، ۱۹۳۰ع ڌاري، "تحفه سنڌ" جي نالي شايع ڪرايائين. ان وقت "حيدر" ڏين ۾ مختيارڪار هو. ان ڪتاب تي ڪيترن عالمن ۽ بلند پايي شاعرن سخت اعتراض آڻاريا. اهو ساڻيو زمانو هو، جڏهين 'شڪوه' لکڻ سبب علامه اقبال تي هندستان جي عالمن اعتراض اڻاريا هئا؛ سال ٻ قريب قريب ساڻيا هئا. پائنجي ٿو ته خود "حيدر" کي ان مخالفت جو اڳي ٿي احساس هو، جو ته ڪتاب جي پيش لفظ ۾ لکي ٿو: "مان هي ٿورا شعر پنهنجن دوستن جي اڳيان پيش ٿو ڪريان، ليڪن پانيان ٿو ته هي شعر ڪهڻ کي پسند نه ايندا، بلڪ کي

دوست ۽ منهنجا دشمن ٿي پون تہ عجب نہ آهي- مگر اهي سڀ محبت ۽ جستجوی حق جو نتيجو آهن". محبت ۽ حق جي جستجو جي نتيجي ۾ لکيل الهيءَ کتاب جو هر شعر صحيح قسر جي جذبات تي مشتمل ، ۽ اعتدال جي الدر آهي: سواءِ "شکوه" جي کن شعرن جي ، سموري کتاب ۾ کو هکڙو شعر ۽ اهڙو نہ آهي، جنهن ۾ جذبات جو کو ايڏو شديد اظهار کيو ويو هجي، جنهن کي اعتراض ۽ اختلاف جوکو نہ ٿرائي سگهجي.

۱۹۳۴ع ڏاري، علامہ عمر بن محمد داؤد پوٽي "سرها گل" جي نالي سان شعرن ۽ کافين جو هک انتخاب شايع کرايو هو، ان ۾ حيد ربخش جو احوال لکندي علامہ صاحب فرمائي ٿو:

-"سندس فطري لاڙو شعر ۽ تفکر ڏي آهي، ۽ نظر پختو ۽ سنجيده لکي ٿو. تازو پنهنجي شعر جو کجهہ حصو "تحفہ سنڌ" جي نالي هيٺ ڇپائي، مخالفت جو طوفان اٿاريائين".

"حيدر"، "شکوه" جي مخالفت ڏسي، "جواب شکوه" لکڻ جو ارادو ڏيکاريو؛ ازان سواءِ، بقيہ کلام ۾ شايع کرائڻ جو خيال هوس، ۽ مخالفت ۽ ٻين وجوهات سبب شعر نہ ڇپايائين ، بلڪ خاموشيءَ سان ۽ پنهنجي وس آهر فن ۽ ملڪ جي خدمت کندو رهيو. انهيءَ دوران ، بين الاقوامي حالتن ۾ ۽ خود سنڌ ۾ کيترا انقلاب آيا ۽ ڇڪي اٽل پٽل ٿي. سنڌ جا شاعر ، يا خاموش هٿا يا روزگار جي مسئلن ۾ قائل هٿا. حيد ربخش ان وقت مطالعي ۾ محو هو ، ۽ هو عالمگير حالتن ۽ سياست جو گهريءَ نظر سان اپياس ۾ کندو رهيو. الهيءَ وچ ۾ "حيدر" ترقي کري، لاڙکاڻي ضلعي ۾ -جتي سندس ننڍپڻ گذريو هو- ڊپٽي کليکٽر ٿي آيو؛ مگر سندس آزاد طبيعت کي حقيقي سکون بلکل نصيب نہ ٿيو. جنگ عظيم جي پيدا کيل حالتن ملڪ جي هرهک طبقي کي اڏ-مٿو کري ڇڏيو هو. غير ملکي حکومت عوام جو رت ٻي انهن کي پيڙي ڇڏيو هو ، ۽ انهيءَ جو وڏو اثر هارين تي پئجي رهيو هو: ٻين سان گڏ خود سندن پاڻ- زميندار- کين صدقي جي ٻکري سمجهي سڏي چريءَ سان ذبح کري رهيا هٿا. "حيدر" جي شاعرانہ ۽ انقلاب- پسند طبيعت اها روئداد کٿي ٿي برداشت کري سگهي؟ حالتن کيس ايڏو تہ ڏک پهچايو، جو شعر ۾ پاڻ کي ملامت کرڻ لڳو!

حيف "حيدر" هي کلام آهہ ، مگر آهي ڇا؟
ٻاڪ آزادي سندان اهڙي نظر آهي ڇا؟
ٿون تہ آزاد طبيعت هٿين ، پر آهي ڇا؟
هي غلاميءَ ۾ غلاميءَ جو اثر آهي ڇا؟
-جنهن کرائي نظرانداز آ آزاديءَ قومر!

شعر هڙي کان تہ هٿي توکي خموشي بهتر،
تنهنجي ٻک ٻک جي گلا ٿي هلي گهر گهر، درد ز؛
هاڻ کجهہ طرزِ سخن ڦير ۽ آڻ اهڙو اثر،
جو مُدبّر ۽ چون مست ٿي "حيدر!" "حيدر!"
-نظر هي ٿاهہ ، هي اعجاز آ آزاديءَ قومر!

ٻئي طرف، وڏيرا شاهي ۽ ڪامورا شاهيءَ طرفان سنڌ جي هارين مٿان لڳاتار ظلمن ۽ عقوبتن کي ڏسندي، سندس انسان-دوست فطرت ۽ آزاد ذهن جڙ تڙ ٻي آڻيا، ۽ هاڻي هو ڪنهن عملي جدوجهد جون صورتون سوچڻ لڳو. جڏهن ٻه ڪنهن بيدار دل ۽ صحيح دماغ رکڻ واري انسان کي پنهنجي آسپاس تي سوچڻ جو ويچار ٿئي ٿو، تہ ان جي رد عمل ۽ نتيجي ۾ هو ضرور اهائي راهہ اختيار ڪري ٿو، جيڪا انسان جي اصل عظمت ڏانهن رهنمائي ڪري ٿي، ۽ ان کي ذلت ۽ زبونيءَ، ظلم ۽ ڏاڍ کان پاڻ ڇڏائڻ جا حوصلا بخشي ٿي: حيدربخش اهو ئي سوچيو، ۽ اٽين ئي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو.

بالآخر هو، ۱۹۴۳ع ۾، انگريزي حڪومت جي نوڪريءَ مان استعفا ڏيئي، اڳوپوءِ ملڪي خدمت ۾ لڳي ويو، ۽ "سنڌ هاري ڪاميٽي" ۾ شريڪ ٿي ڪم ڪرڻ لڳو. دوستن سمجهايس، پنهنجن منع ڪيس تہ انهيءَ مان ڪجهہ ڪين ورلدئي، ۽ هن ڪوڙ مڃيو، پنهنجيءَ ڌُن ۾ مست رهيو. اڪثر هٿ تنگ رهڻ لڳس، ۽ بعضي تہ لنگهڻ به ڪيڏا ڏيس: پٽ سٽ ڪري شعرن جو طويل مخمس "آزاديءَ قوم" لکي شايع ڪرايائين، جنهن ۾ پاڻ قوم-پرست جي حيثيت ۾ غلاميءَ تي خوب چوهہ چنڊيا اٽس. لفظ لفظ ۾ هڪ جوش ۽ تخي آهي،- اهو هن ڪري تہ زماني جو تلخ تجربو ٿيس. صوبي سنڌ جي تاريخ ۾ اهو طويل نظم، قومي لقط لڳاهہ کان پنهنجي قسم جو واحد نظم آهي، جنهن جهڙو هن کان اڳ ڪنهن به نہ چيو آهي. البت، دقيق ۽ ڪثرت سان عربي ۽ فارسي الفاظ جاءِ بجاءِ ڪتب آندا اٽس، جنڪري پڙهڻ ۾ سو ڪافي تڪليف ٿئي ٿي.

"حيدر" کي ادبيات ۽ سياست جو ڪافي ۽ وسيع مطالعو هو، ويتر هاڻ واندوئي عملي طرح سياست ۾ ڪم ڪرڻ لڳو. انهيءَ سال هاري ڪاميٽيءَ جو صدر ٿيو، ۽ "هاري حقدار" نالي هفتيوار اخبار جاري ڪيائين، جنهن جو ايڊيٽر به پاڻ ٿيو. سندس زندگيءَ ۾ جيئن بناوٽ ۽ وڌاءُ ڪونهي، تيئن شعر ۾ به خلوص کان ڪم ونندو آهي. هرڪا ڳالهہ صاف صاف بيان ڪرڻ جي عادت اٽس. ۱۹۵۶ع ۾ "سنڌي ادبي سنگت" حيدرآباد پاران، "بيسنت هال" ۾، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي عليه رحمت جي ورسي ملهائي ويئي؛ صدارت شايد محترم عبدالله چنا ڪري رهيو هو؛ حيدرآباد جا سڀ اديب ۽ شاعر اتي موجود هئا، ۽ دستور موجب سڀني "شاهہ" جي ڪلام جون خوبيون ٻڌائيندي ان جي شخصيت سان عقيدت جو اظهار ڪيو: جڏهين حيدربخش جو وارو آيو، تہ هن ڳالهائيندڙ حضرات جو هن ڳالهہ ڏانهن توجهہ ڇڪايو تہ "شاهہ صاحب تي شاعري ختم نہ سمجهو، بلڪ ان کان ٻوءِ به بلند پايي جا شاعر ٿيا آهن، ۽ اهو هينئر به ناممڪن نہ آهي جو ڪو اهڙوئي وڏو شاعر پيدا ٿئي". ان تي ڪن وڏن اديبن اعتراض ڪيو، ۽ "حيدر" کي تقرير اڌ ۾ بند ڪري ويهڻو پيو.

"حيدر" جڏهن پهرين پهرين شاعر جي حيثيت سان ادب جي محفل ۾ آيو، تہ هو بلڪل نئون ۽ نرالو پئي لڳو- اٽين نئون، اٽين نرالو، جئن ڪنهن وڏي ساري اونداهي ميدان ۾ اڪيلو ٻيڙل

روشنيءَ جو منارو. چو طرف گلن ۾ بلبلن جا صدين کان سُسٹيل ڪنٽيل موضوع، قافين ۽ ردين جي چستيءَ جا چرچا؛ ۽ ادب ۾ اندر جي آٿل، ۽ وري کا جذبن جي اپٿار: ائين ٿئي لڳو جڻ ادب انسانن جي زندگيءَ کان رُسي ويو آهي. "حيدر" رُئل ادب کي ڀرچائي، ان کي انسانن جي محفل ۾ وٺي آيو؛ ادب ۽ انسانيت جو هڪ ٻئي سان تعارف ڪرايو. بيشڪ سندي ادب کي موجوده ماحول بخشڻ ۾ حيدربخش جي حيثيت نهايت اهم ۽ نهايت بلند آهي.

ساڳيءَ طرح، سياسي دنيا ۾ به هن جو وجود اوهرو ٿئي لڳو. سندس خيال نه اڳ ٻُڌل، ۽ نه سندس تصور جي دنيا ڪنهن جي ڏنل؛ نه ڪنهن کيس سمجهيو، نه سڃاتو. سنڌ جي سياست، جيڪا "وزارت جي جُوا" هئي، سا اڇي ڏني. هن کي گرفتار ڪيائون، دربدر ڪيائون، ليڪن هن جي دل ۾ جيڪا هارين جي همدرديءَ ۽ سڃاڻيءَ جي چٽگ دکيل هئي، ان سان ويو انسانن جون دليون جرڪائيندو، ڏِٺي سان ڏيئا ٻاريندو ـ تان جو اڄ هن جي تحريڪ، هاري پارٽي، سنڌ جي ستابلن جي اڪيلي همدرد جماعت آهي.

جڏهين ۱۹۴۷ع ۾ ملڪ آزاد ٿيو، تہ "حيدر" ڏاڍو خوش ٿيو ۽ هڪ نظم چيائين، جنهن ۾ هن طرح پنهنجي خوشيءَ جو اظهار ڪيو اٿس:

سوز ۾ جان سڙي خاڪ ٿي، چا چا نڪتا ـ
"حيدر" اڪين مان سنڌ ۽ باهه جا شعلا نڪتا!
ذري ذري مان اهي خاڪ مان واڪا نڪتا:
'ديس جا جيڪي به دشمن هٿ، نڪتا نڪتا!'
ڪَر آڇي ملڪ هي ممتاز ـ آ، آزاديءَ تو ۾!

هاڻي "حيدر" جي زندگيءَ جو هي چوٿون دور شروع ٿيو. اهو چوٿون دور نه رڳو هن جي زندگيءَ جو آهي، پر خود سندس شاعريءَ جو به آهي؛ ڇاڪاڻ تہ سندس زندگيءَ جي وڏي مدعا ۽ تمنا زندگيءَ ۾ ٿي پوري ٿي، ۽ ملڪ آزاد ٿيو. هن وقت سندس خيال ۾ جڏهن هاڻ فقط هڪ مقصد کي مڪمل ڪرڻ ۾ لڳل آهن ـ ۽ اهو مقصد آهي "سنڌي هارين ۾ اصلاح آڻڻ". هن وقت هو پنهنجي انهيءَ مقصد لاءِ قلمي ۽ عملي طور پاڻ پتوڙي رهيو آهي. ان مقصد سان، تازو هڪ گيتن جو مجموعو "هاري گيت" مرتب ڪيو اٿس، جنهن ۾ سندس مشهور نظم "هاريءَ جو زمانو" پڻ شامل آهي. هن ۾ هاريءَ سان جنهن محبت ۽ سوز سان مخاطب ٿيو آهي، اهو "حيدر" جوئي حصو آهي. پڙهندڙ کي سنڌي هاريءَ جي مڪمل تصوير اکين اڳيان تريو اڇي، ۽ دل ۾ هڪ ڏک ۽ همدرديءَ جو جذبو بيدار ٿيو وڃي. هاريءَ کي "سنڌ جو سردار" سڏيندي، چوي ٿو:

سنڌ جا ساهه ۽ سردار ۽ دلبر هاري،
قوم جا هار ۽ سينگار ۽ زيور هاري،
تنهنجي احسان جي هيٺ آهه بشر هر، هاري،

ٽيا زمانو ۽ زميـن تنهنجا ٽاگر، هاري،
قـوم سـاري ٽـي هينئر ڳائي ترانو تنهنجو،
اٽ اي هـاري، اجهو آيـو آ زمانو تنهنجو!

هاريءَ جي محنت کي ساراهيندي وڌيڪ چوي ٿو:

تنهنجي محنت ٽي ڪري ڪڪ ۽ جوئر پيدا،
ڏوڻ سٽيءَ منجهان موتي ۽ جواهر پيدا،
باغ باغات گلستان معطر پيدا:
آهي ڇا ڇا نه ڪيو ڏاڍي ۽ ڪوڏر پيدا؟
هـي جهان آهـ ڪرامت ۽ فسانـو تنهنجو،
اٽ اي هـاري، اجهو آيـو آ زمانو تنهنجو!

آخر ۾ هاريءَ کي دعا ڪري ٿو، ۽ سنڌ جي قديم روايت وانگر پنهنجي مادر وطن کي به دعا کان خالي نٿو ڇڏي-

هاري! تنهنجو هي نظام اشرف ۽ آباد رهي،
جـو بـ بيڪار آ بدڪار آ، برباد رهي،
جو ب مزدور آ هاري آ سدا شاد رهي،
ديـس سـرسبز رهـي، زنده ۽ آزاد رهي!
سوين "حيدر" جيان ڳائڻ جڻ گانو تنهنجو-
ڏس اي هـاري، اجهو آيـو آ زمانو تنهنجو!

"حيدر" زندگيءَ جي چوٽين دور ۾ خوشيون ب ڏٺيون، ته مصيبتون ب سٺيون. اختلاف راءِ رکڻ سبب ب دفعا کيس بنا دريافت جيل ۾ قيد ڪيائون، پر هي مجاهد مڙس جيل جي سختين کان ب سخت ۽ محڪم نڪتو. هڪ دفعي، "هاري حقدار" آفيس ۾ باهر چٽڪار ڪرايو ڪرسيون ۽ ڪتون وجهايو ويٺو هو: آسپاس پٽڪن ۽ ميرن ڪپڙن سان هاري ويٺا هٿ، جن سان اهڙي ته نموني پائيچاري جون ڳالهيون پئي ڪيائين، جو مون سان گڏجي آيل دوست کي جڏهن اها خبر پيئي ته حيدر صاحب اڄ جيل مان پٽي آيو آهي ۽ آڻ سائس گڏجڻ آيو آهيان، ته هو سخت حيران ٿي مون کي چوڻ لڳو، "هن کي ته جڙ کو واقعوئي بيش کولڻ آيو آهي!" حالانڪ "حيدر" جيل ۾ هو ته هوياں سندس پٽ سخت عليل ٿي پيو هو، ۽ اخبارن ۾ سندس رهائيءَ جي تقاضا ڪئي پئي ويئي- پر "حيدر" جي منهن تي ملولائيءَ جو ڪو معمولي اهڃاڻ ب هجي، سو نهه نه!

"حيدر" جي ڪلام جو ڪجهه نمونو وٺڻ لاءِ آڻ سندس جاءِ تي هڪ دفعو ويس، ته مون کي پنهنجي ذاتي ڪتبخاني ۾ وڻي ويو ۽ اهو هٿ-لکيل بياض مون کي ڏٺائين، جنهن ۾ شاگرديءَ جي زماني کان وٺي اڄ جو ڪلام پنهنجن هٿ-اکرن ۾ قلمبند ڏيل اٿس.

گھٹو ذخيرو انگريزي ڪتابن جو هو، جن ۾ ٻه گھٹو تعداد فلسفي ۽ سياست جو هو. هن عمر ۾ ٻه ڇهه ڪلاڪ مسلسل مطالعي ۾ مصروف رهندو آهي. شال هي سنڌ جو سورهيه سپوت اڃا گھٹي چمار مائي، ۽ ان طرح سنڌ جو ٻنهنجي شخصيتن تي فخر قائم رهي!

نموني طور، "حيدر" جي ڪلام مان ڪي چيزون پيش ڪريان ٿو.

هم او است.

هر شي ۾ حسن تنهنجو، يا رب نظر اچي ٿو،
انڌين اکين جي آڏو، ٻردو مگر اچي ٿو؛
گلشن ۾ حسن تنهنجو، بلبل ڪي تنهنجي سودا،
جنهن جي زبان مان دم دم لعل ۽ گھر اچي ٿو.

فاني زمانو.

هرڪنهن کي هلڻو آهي هي فاني وطن ڇڏي،
پيارا عزيز دوست ۽ گلشن چمن ڇڏي؛
هن تختهء زمين کي هزارين وڃن ڇڏي،
هرڪو وڃائي وارو وڃي انجمن ڇڏي؛
ڏهين ٿو روح پاڪ معطر بدن ڇڏي،
دنيا ۾ تنهن کي ڪوڙ گوڙي هڪڙي ڪن ڇڏي.

رباعي

الله جو رستو وڏي مشڪل ۾ ڏٺم،
مسجد ۾، ٽڪاڻي ۾، نه ديول ۾ ڏٺم؛
هت بحث ۽ منطق جو نه ڪج آهه ضرور،
مولا کي ڏٺم جي ته سچيءَ دل ۾ ڏٺم.

۴

درویش ء فقراء

سنڌ سونهاري، اسلام جو در ۽ ولين جو گهر آهي: هتي جو هر ڪوٽ ۽ شهر عابدن جي آرامگاهه آهي، بلڪ هتي جو هر ٻر توڙي بحر عارفن جو تڪيو ۽ درگاهه آهي. هتي جي هر گس ۽ واٽ تي درويش گهميا آهن، ۽ هتي جي هر پنڌ ۽ پيچري تي فقير ڦريا آهن. روهڙي، ڪلي ۽ سيوهڻ ۾ سوين الله جا سنواريا ستل آهن، بلڪ سنڌ جي هر مقام ۾ ڪيترائي نيڪدل ۽ نيڪ نظر مدفون آهن. رڳو هن پوئين زماني ۾ جيڪي فيض وارا فقير ٿي گذريا آهن، تن جي سوانح لکڻ لاءِ ٻه سال گهرجن. هتي فقط جن ٿورڙن درويشن ۽ مجذوبن جون سوانح دستياب ٿي سگهيون، سي ڏنيون ويون آهن.

سيد علي‌مردان شاھ لکياري

فقير خيرمحمّد هيسباڻي بلوچ

فقير خيرمحمّد ولد رئيس غلام حيدر ولد رئيس عرض‌محمّد، هيسباڻي بلوچ، ساکن پوڙ تعلقو ڪنڊيارو ضلعو نوابشاھ، ويهن سالن تائين، پنهنجي ڳوٺ پوڙنرن ۾ رهيا؛ ان کان پوءِ باقي حياتيءَ جو عرصو، پنهنجي والد سان گڏ هجرت ڪري، ڳوٺ ٽڳرن (تعلقو ڪنڊيارو) ۾ وڃي رهيا. پوڙنرن ۾ ابتدائي تعليم پوري ڪري، پنهنجي مرشد جي صحبت ۾ نوشهري فيروز ۾ تعليم ورتائون؛ جيو وڃي ٿو تہ جڏهن ڀاڻ ٽڳرن ۾ لڏي آيا، تہ اتي پنڊ ۾ چار سال تعليم ورتائون. پوڙنرن ۾ سندن استاد آخوند بخش‌علي‌خان مرحوم گاڏهي هو، جو وڏو قابل ۽ مڃيل ماڻهو هو. نوشهري فيروز ۾ پنهنجي مرشد جناب شهاب الدين صاحب جن وٽ تعليم ورتائون، ۽ ٽڳرن ۾ مولانا مولوي عبدالقدوس صاحب جن وٽ باقي تعليم ختم ڪري تحصيل ڪيائون. سندن شاگرد ڪوڙ هئا، مگر طالب ڪافي تعداد ۾ آهن، جن مان چتو فقير سالڳي، عثمان فقير سالڳي، دريا خان ڪلهوڙو، شاھ محمّد فقير ديدڙ؛ ۽ قاضي محمّد هريل صاحب ٽالپرن وارو، مشهور آهن.

فقير خيرمحمّد جا هم صوبتي جناب فقير عبدالستار صاحب صوفي اول (جهوڪ شريف)، جناب فقير محمد يوسف عرف نانڪ يوسف صاحب اڳڙن وارو، جناب بيدل فقير صاحب روهڙيءَ وارو، ۽ جناب فقير غلام حيدر صاحب شر ڳوٺ مينگهو فقير (خيرپور رياست)، وغيره هئا.

سندن وڏا اصل ۾ ميان آدم شاھ ڪلهوڙي سان گڏ سنڌ ۾ آيل هئا، ۽ ميانوالي طريقي جا هئا؛ باقي فقير صاحب ڀاڻ نقشبندي طريقي جو عالم باعمل هو. سندن مرشد جناب عبدالحي صاحب هو، جن جي درگاھ نوشهري ۾ آهي. فقير صاحب جي ولادت باسعادت هجري سن مطابق ۱۲۲۴ھ آهي. سندن عمر ستر سال هئي، ۽ تاريخ ۲ محرم سن ۱۲۹۴ هجريءَ ۾ ٽڳرن جي ڳوٺ ۾ وفات ڪيائون، ۽ اتي ئي دفن ڪيا ويا. سن ۱۹۰۵ع ۾، سنڌونديءَ جي ڀاڻ ڪري، سندن ابدي آرام ڪرڻ واري صندوق، ٽڳرن سان ڪٽائي، ڪروندييءَ (تعلقو فيض گنج، رياست خيرپور) جي نزديڪ پنهنجي جاگير ۾ اچي دفن ڪيائون، جنهن ڪري هاڻي فقير "خوش" خيرمحمد جو ڳوٺ چيو وڃي ٿو.

سندن ۾ چار کتاب تصوف جي باري ۾ لکيل هئا، مگر اهي هن وقت ناپيد آهن. سندن ڪلام - بيت ۽ ڪافيون - سندن فقراءِ جي سيني ۾ سانڍيل آهي، ۽ پڻ سڄيءَ سنڌ ۾ مشهور آهي. فقير صاحب جي سڄي عمر خلق خدا جي خدمت ڪرڻ، ۽ وقت جي حاڪمن کان غريبن کي حق رسيءَ لاءِ جدوجهد ڪرڻ ۾ صرف ٿي؛ تنهن ڪانِ سواءِ پاڻ ۾ صاحب سخا هئا. نموني طور سندن ۾ ٿي ڪلام هيٺ ڏجن ٿا.

ولـد روز شب آهـن مـدا، وحدت جي وادييءَ ۾ غرق،
ڪوڙيون ڪتابن جون پڙهين، تـ ۾ آهي هين هُن جو فرق.

تن کي نصيحت چا ڪندي، هڪ ٿـا چاڻن ليکي هدي،
هيءَ ڪا رسم آهـي رلدي، اصلوڻ ملامت جـن مرڪ.

ڪرين محتسب تون ڪيترو، عاشقن کـي وعـظ ايترو،
لـاهـي تنهين تـر جيترو، لعنت ۽ رحمت جـو فـرق.

گمراهـ چـاڻـن غـيـر آ، صوفي جـوسپ ۾ سـيـر آ،
آهـي قسم هـيـو ڪـيـر آ، سوريءَ چڙهي پڙهي سبق.

آزاد ٿيا هـن اجـر ڪـوڻ، روزي لـمـاز ۽ نظر ڪوڻ،
خوف و رجا جي خطر ڪوڻ، توحيد ريءَ هيو ڪن ترڪ.

عشق چا چاڻي ايمان مـان، چـا نفعي چـا نقصان مان،
چـا مسجد و بتخان مـان، ٿيو درس خاصي ۾ درڪ.

"خوش" خيرمحمد چاڻ تون، پنهنجو نـ آٿـج پاڻ تون،
صـورت صفاتي سچاڻ تـون، پير-مغـان هـادي و حـق.

* * *

بيخودي وچ جسم نـ ڪوئي، رمز ان الحق هوئي، وه واه!
اربـع عناصر آک چڪياسي، بيخودي او بـاس نـ باسي،
مستي تـول وڪامن ماسي، سالڪ سمجهـ ڏٺوئي، وه واه!

جس دن آپ الست آکيوئي، آس دن اي من مست ڪيتوئي،
دلڙي اساڏي دست ڪيتوئي، اور نـ آها ڪوئي، وه واه!

بي مثل هين روح روحاني، اصلوڻ آهـوين لا مڪاني،
خيرمحمد "خوش" مست ميثاقي، حق دي نال رهيا وچ باقي،
دستوڻ آب حيات اي ساقي، پيالا عشق پيتوئي، وه واه!

جوڑ مصور صورت کون، مُٹ خاکو وچون کیتا موجود،
آدم لار رکیولهین آسدا، خالق ویک ٹیا خوشنود.

آدم دي اي عبرت ویکو، اصاؤن آهسا عدم وجود،
کیهي سبب اهین خاکي کون، میل ملکین کیتا کیوین سجود.

وچ بهشتین بیحد سزي، کٹي پوکڑ دا کیها سود،
رمز اهین دا اصلاً رایا، شوق وڈي کنون ٹیا مشهود.

جامع مظهر صورت دا هي، محبت والیان دا مقصود،
آپي زور پیدا وچ ذاتي، اربع عناصر وچ آلود.

بوتي دي وچ پون پوڑ کون، ساز ٹئي هن سپ سرود،
حوران تصوران نال خوشي دي، گیت گایونهین مل مولود.

خیرمحمد "خوش" خیال ملڑ دا، ذوق زیاده ٹیوي زود،
جي تون عاشق اثباتي دا هین، نال نفي دي کر نابود.

* * *

مرد ٹي میخاني پر آ، "لا" جي هیٹون تون لنگهي،
هي جي سُرکيءَ لئه متارن کون مُکي سر ٹو منگي.

کین ترسیا تر هکو، عاشق ویا اتي سر انگي،
نشي غالب نینهن جي، وڈا وجُد وحدت جي ونگي.

سُرت سڏڑي کوڑ وئي، کُهیل پیو ڈورئون کنگهي،
کو عاشق ایندو اتي، سورهیه سیري چاهیون چنگي.

کیو مُکي چپ وات پر، پیو کات کیائین هٹ پر پنگي،
گهیرُ ته عاشق گهوت ٹئین، چڈ اوت آڳ سینو ٹنگي.

"خوش" خیرمحمد خیال سان، دُرس پیو دل دنگي،
ڈسي مردن جا مناقب، هي سر مٹي کوڑ کیئن سنگي.

نيک محمّد بلوچستاني

مرحوم فقير محمّد خان ڏالپر

فقير محمد خان ولد مراد خان ڏالپر ڳوٺ مراد خان ڏالپر، تعلقو ٽنڈو باکو (جنهن جي نالي سان ڳوٺ مشهور آهي) هڪ وڏو شاعر ۽ سگهڙ ٿي گذريو آهي. فقير صاحب کي راڳ ۽ ساز جو تمام گهڻو شوق هوندو هو. سندس کچهري هميشه سرود ۽ سماع سان پريل هوندي هئي. ڏوهه جواني کان ئي فقير صاحب کلام چوڻ شروع کيو. پاڻ ۽ فقيرن سان گڏ يکتاري تي گهائيندو هو، ۽ کلام چوندي چوندي جڏهن وجد ۾ اچي ويندو هو ته کيس کنهن ۽ گالهه جي سڌ نه رهندي هئي. سماع وقت کيس ايترو ته جوش ٿيندو هو جو کلام چوڻ مهل اکثر ڪري هڪ دلو يا مٽ فقير صاحب لاءِ خلاصو رکيل هوندو هو، ۽ وجد حال ۾ اچڻ مهل فقير مٺائس پاڻي ڇڪاريندا هئا. ٻوءِ مس مس حال ۾ ايندو هو.

رئيس حاجي محرم خان نظاماڻي ساکن بخشو خان نظاماڻي، تعلقو ماتلي، سان سندن ڏاڏي روح رهاڻ ٿيندي هئي. هڪ دفعي جي گالهه آهي ته فقير صاحب، رئيس حاجي محرم خان جي ڳوٺ آيا مجاڻ جو اتي علاڻ شاهه نالي سيد اگهي ئي مهمان طور ترسيل هو، ٻوءِ ته کچهري تي سڄي ڳوٺ جا ماڻهو اچي ملڻيا. علاڻ شاهه چيو ته "فقير سائين عشق آهي ئي ڪوڙ" فقير وراڻيو ته "قبلا سائين عشق اڃا ۽ موجود آهي ۽ تيستائين رهندو جيستائين ڪائنات جو وجود قائم آهي." شاهه صاحب چيو ته "ثابت ڪري ڏيکاريو ته ڪيئن عشق موجود آهي". فقير چا ڪيو جو پر ۾ پيل ڪوزو پاڻيءَ جو ڪڍي پنهنجي منڌ تي هاريائين، سندس وار اپا ٿي ويا، پاڻي جو هڪ قطرو ۽ زمين تي ڪونه ڪريو ۽ يڪدم يکتارو ڪڍي هي کلام چوڻ لڳو.

برهه وڏي آهيان ٻن ۾ ٻيري، عشق لڏائي چاڙهيس انگاسين.
ٻڙڪ بدل ڪر آئي بجلي، طورسينا جيئن ساڙي تجلي.
جيئن ڪو انگ لوسا ٿيم جيري، خاصين خبرين خاص خلاصين.
هيس سين ۾ سگهڙ سياڻي، نينهن نمائي کيس نماڻي.
ڏيٺو هڻي ويا دل کي ڏيري، اوڏيم سر تي ويس سناسين.
سور سمهان ٿيم ٻاب بيراگي، اج نه ادبون منهنجي صورت ساگي.
دعويٰ چڏايم يار تنهن ديري، کين پڳيس سان نال بيعتياسين.
خوش ٿي پتنگ جيئن آتش آيو، "ڏالپر" ٿپ ڏيئي ٻاڻ پچايو.
جنهن کي جڙ لڳي ويئي جيري، ساڻ محمّد کر کاچين چاسين.

اهڙيون رس پريون ڪچهريون ڪيتريون ئي فقير صاحب جن جون ڏڏيون، مگر افسوس جو اڄ فضا خاموش آهي، ۽ ائين اسان جا سلف سياڻا اسان جي هيڏي حال تي هنجون هاريندي، پنهنجي وطن ڏي واڳ واري ويندا رهيا.

ڪلام

حال محرم ويا ڇڏي، جو درد دل جو اوريان،
هاڻ ويئي منجهه مونجهاري، چرخو سورن چوريان.
ڳڻ عجيبن جا گهڻا، مون وٽ لکيل جيئن ڪتاب،
منجهه توراڙي ٽين نه پورا، اپ زمين جي توريان.
ڪيئن لهوارا ڪيئن اوپارا ٽا وهن واهڙ وجود،
تن جوڙيم تسبيح فڪر جي، سڪ سچڻ جي سوريان.
جي خفو خفقان جو سودا مثل آ ڏينهن رات،
جيئن ڪڏيءَ سان راند ڪرڻي، ڏک اندر ٿي ڏوريان.
ڏيو واڌايون خير جون، "محمد" آيو منهنجي اڳڻ.

* * *

ڏينهن اڇوڪا گيا گذر ٿي، ول ڪيوين هٿ آولدا،
جنهن پچاڙي پهر ٻيئي سو سدائين وقت ويندا.
ڪيئن سڪندر ڪيئن قلندر، نام نادر ڇوڙ ڳئي،
رنگ رسالي ڪون والي، ڪل ڪشالي ٻوڙ ڳئي.
رک خزاني ٽئي بيگاني، ڪارخاني ڇوڙ ڳئي،
ڪيئن اڻانهين جوڙ جائين، مار ٻانهين رت رولدا.

سون ساري اڏ اوناري، ٿي ويچاري هل ڳئي،
ماڳ ميران وچ وزيران، ڪل صغيران پل ڳئي.
روح رڻاهين ٽيان جڻانهين، سي تڻالهين گل ڳئي،
نال پائي ڪنهن نه چائي، ڪر صفائي دست ڏوندا.

مال مايا ٽيا پرايا، ڪون آيا ڪار ڪم،
ڳيا اجايا چار چايا، بي بقايا هار هم.
راج راڻي ٽي نماڻي، ڇوڙ ماڻي غار غم،
ڪنهن بلاسا ڪونه باسيا، خويش خاصا مفت ڪوندا.

جند جواني هي بيگاني، جاڻ فاني تون ادا،
نيٺ ويسي ڪان ملسي، سانه ملسي تيئن ادا.
يار ياري ڇوڙ پياري، ڪر تياري الوداع،
"محمد" ملدا دوست دلدا خان، ڪلدا بهشت نيندا.

سوا يار جي ديدار ڪري سينگار ڪبو ڇا،
ٽٽي ڌار جي دلدار جي جمار ڪبو ڇا.

منجهه ميدان اچو جوان ڪن چوگان گهٽيرا،
وقت تنگ لڳي جنگ ري هٿيار ڪبو ڇا.

منجهه بازار ڪن واپار شاهوڪار گهٽيرا،
قدر سون ڇاڻن ڪونه خريدار ڪبو ڇا.

پنهنجي حال سندي گهالهه ڪجي پيش نه ڪنهنجي،
سٽي گوش نه گفتار تنهن اظهار ڪبو ڇا.

"محمد" ٻاڻ ٿي غلام مٿان لام وڪاڻو،
جنهن جي وات نه پڪي بات تنهن دووار ڪبو ڇا.

* * *

ملڻ خاص، ڪر پاس، گهيا ماس ڳل ڳل،
تيڏي ڪاڻ، ميڏي دل، پيٽي ساري پل پل.

لهي چرڪ، ستي خواب، اکين آب اي جاري،
صبوح شام بي آرام، انهيءَ سام اي ماري،
سانوڻ ڏينهن وسن مينهن، نديان جاري جاري،
اوچي گهات ڏيکي وات، ڪر نه مات بلڪل.

شرف شان ڪيئن دان، ٽٽي دربار غلامي،
چرين چال چوڙي وال، سا مٽين نال سلامي،
اي خود مستان دي ارڪان، ڏکي تنهن ڪون جهل جهل.

وڃي ڏور ٿي وهلور، ساعت سور نه سهندي،
سڻ مذڪور وڃي ڏور، اکين لور پيٽي روئندي،
ڪنهن دستور موڙي نه مور، پيٽي پور پئي پوندي،
جنهن دي ڪاڻ مٽل ٻاڻ، دکي ٻاهه پل پل.

ڏينهن رات وائي وات، تاڙي تات تنواري،
ساري مات ملان ڪات، "محمد" جهات پياري،
ڪونه سوال ملڻ شال، لکين ٻال پالاري،
اها آس ٽٽي ٻاس، گهني واس بلبل.

جيءَ وچ جوگي ياد گرو ڪر، ڪيها ڪر رلڻ دا.

آپ برهمڻ ساڏ سڏاوين، سينڌ رلگ ڏي تلڪ لڳاوين،
ست پڙيان لڪ روٽيان ڪاوين، ڪيتڻي ٻيڪ ٻڌڻ دا.
تن وچ تيرت تن وچ تڪيا، جويي طلبين سڀ ڪجهه هڪيا،
بابو منگدئين ٻي در ٻڪيا، لڄائين ويڪ لڄڻ دا.
گنگا گومت گار اٽاهين، نالڪ لڄمڻ رار اٽاهين،
"محمد" مسجد مار اٽاهين، مطلب سڀ ملڻ دا.

* * *

ڏيوو يا گهنو هي سودا صاف سر دا،
نهين مال ملڪيت ذرا ايڪ زر دا.

ٻڪي پيٽ ڪيتئي وتا وڻ ماريندا، نه ٽيا قوت واڏو ڏولگر ڏس ڏورينداء
ـ ڪنيڙ مار ڪس پيا فڪر رڪ فجر دا.

آڻن ۽ چاڙهن پاڇي ڪان پائي، هي ڏون ڏهاڙي لاٻارا جو لائي،
سنبردي گذر گيسا سمر بيسفر دا.

سڻي ۽ مائٽي رکن يار ياري، نه رهندي هميشه پيسي ري پياري،
ـ ٻڪئي ٻاس ٻڌدا جاني يار جگر دا.

صفا سر حاضر هي نهين ٻيٽ ناڻان، اتر ۽ ستر دي ٻي طاقت نه جاڻان،
ـ سهانگا مهانگا "محمد" مال گهر دا.

ميمن عبدالمجيد سنڌي

ڏنبن فقير جيهو سرحوم

فقير صاحب جو سڄو نالو نبي بخش ولد قتوهل ذات جيها آهي. سندس ولادت توڙي وفات ڳوٺ جيها، تعلقي ڳڙهي ياسين ۾ ٿي.

سندس عمر بابت فقير امام بخش روايت ٿو ڪري تہ وڏي ليٽ (ٻوڏ، جا ۱۹۴۲ع ۾ آئي هئي) ڪان ۱۳ سال اڳ فقير صاحب وفات ڪئي. ان وقت کين اڏ اڇا ۽ اڏ ڪارا وار هٿا. عمر انڪل ۵۰ سال هيس. انهيءَ روايت موجب فقير صاحب انڪل سن ۱۸۷۹ع ۾ پيدا ٿيو ۽ سن ۱۹۲۹ع ۾ وفات ڪئي.

ڏنبن فقير جو ننڍي هوندي ڪان ئي فقيريءَ ڏانهن لاڙو هو. پهريائين پهريائين جڏهن اڇا فقيريءَ ۾ پير ڪونہ پاتو هٿائين، تنهن زماني ۾، جڏهن ڪنهن مجلس ۾ ويندو هو، تہ مجلس وارن تي ايترو رعب طاري ٿي ويندو هو، جو سڀ ماڻ ڪري ويٺا هوندا هٿن؛ ۽ سندس گفتگو ٻڌڻ لاءِ آتا هوندا هٿا.

ڏاڙهي ڪاري هيس، يعني ان وقت عمر انڪل ۳۰ يا ۳۵ سال هيس، جو خواب ۾ حضرت غوث اعظم محبوب سبحانيءَ جو ديدار لصيب ٿيس، جن کيس هدايت ڪئي تہ "محبوب جي ٻنگلي ۾ وڃي ڇڏ فقير وت رهہ". انهيءَ واقعي کان پوءِ فقير ٿي ڦيرندو رهيو، جنهن تي عزيز قريب کيس ڇڪيءَ نظر سان نہ ڏسڻ لڳا. انهيءَ ڪيفيت جو ذڪر پنهنجي هڪ ڪافيءَ ۾ هن طرح ڪيو اٿس:

دليا جي آسباب مان نڪري، آلهہ جسي آذار آيسا سي!
عرب، عجم، ايراني، يمن سونسان تورائي،
مليو دل جي اندر جاني، ناحق ٻيا ملڪ مائيا سي.
ڇڏيا سي دنيا سندا سالگا، لنگهيا سي لڪ مڙئي لانگها،
ٻڌي چيريون ٿيا سي نالگا، نچي نئون ليهن لايو سي.
چوي 'نبن' مليو هيڪاندو، ميان محبوب لاءِ من ماندو،
ورين پياروالله ڪئي آندو، ڪسڻ وارو ڪات لايو سي.

کجھہ وقت "محبوب جي بنگلي ۾" چتل فقير وٽ رهڻ کان پوءِ، قلندر شهباز جي درگاهہ تي سيوهڻ وڃي رهيو. سيوهڻ ۾ کيس "لبن فقير صوفي" ڪري ڪوئيندا هئا.

سيوهڻ ۾ ڪجھہ وقت رهڻ کان پوءِ سندس خيال ٿيو، تہ آتي هڪڙي ڪافي ٺهرائجي، جا زيارتين، خاص ڪري سندن گوٺ وارن، جيڪي گهٽي تعداد ۾ اچن ٿا، تن کي سهوليت ڏئي. انهيءَ خيال ماتحت گوٺ اچي، وڏن واري سموري زمين وڪڻي، سيوهڻ شريف ۾ وڃي ٽن سؤ ڪن رپين پٽ ورتائين. آن زمالي ۾ گوٺ وارن ذات پائين کي گهٽيءَ حد تائين معتقد ڪري چڪو هو، تنهنڪري پٽ وٺڻ کان پوءِ وري گوٺ آيو ۽ گوٺ جي معتقد جيهن جو ولر سائ ڪري اوڏانهن ويو. ڏسي ڏاڍين تي سمورو سامان گوٺائڻ کان ڪٽائي، آتي وڃي اڏاوت جو سمورو ڪم پاڻ ڪرائين، ايتريقدر جو سيرون ٻہ پاڻ وڌائين. امام بخش فقير جيتوڻيڪ آن وقت ننڍو هو، تڏهن ٻہ ڪم ۾ شريڪ هو. ڪافي، اڄ تائين فقير صاحب جي نالي سڏجي ٿي ۽ زيارتون کي منجهس رهڻ لاءِ هرطرح جي سهوليت ملي ٿي.

پين حقيقي عاشقن جيان، هن فقير کي ٻہ پهريائين مجازي عشق جي چٽنگ چولي ۾ پيئي. فقير صاحب پنهنجي هڪ عزيز ۽ پاڙيسرڻ مائي پانيهہ تي عاشق هو. فقير صاحب جو تہ مائيءَ سان حقيقي نظارو هو، ۽ سندس مائٽن پنهنجو تہ ناجائز تعلق انس؛ تنهنڪري فقير صاحب جي مارڻ جي ڪوشش ڪيائين. اوٺهاري جي مند ۾، هڪ دفعي فقير صاحب کوڻي تي جٽن سمهيو پيو هو ۽ کافيون گائي رهيو هو، تيٽن مائيءَ جا عزيز کهاڙيون کڻي مارڻ لاءِ کوڻي تي چڙهي آيس. جا ڏسن تہ فقير صاحب کوڻي تي تہ آهي ٿي کوڻ ۾ پر هيٺ پيو کافيون چئي؛ وري هيٺ اچن تہ ڏسن تہ مٽي پيو گائي! کوڻي کي ڏاکڻ ٻہ فقط هڪڙي هئي. هوءَ ٻہ دفعا ائين لٽا ۽ چڙهيا. آخر شڪي ٿي پيش پيا ۽ معتقد ٿيا. تنهن کان پوءِ فقير صاحب ڏي مائي ٻہ آن مائيءَ جي گهران ايندي هئي. فقير صاحب مائيءَ کي ٻہ حقيقي رنگ ۾ رڳڙ ٿي گهريو، ۽ هوءَ دولت جي طالبو ٿي پيئي. انهيءَ کري فقير صاحب جي برڪت سان، سندس گهر تمام غريب مان ڇڪو آسودو ٿي پيو. آها مائي فقير صاحب جي پيرانديءَ کان پوريل آهي.

فقير صاحب شادي ڪئي هئي، جنهن مان ڪيس ٻہ نياڻيون ٿيون، جن جي شادي ڪرايائين- جيتوڻيڪ سندس هڪ نياڻيءَ شادي نٿي ڪئي. سندس آها نياڻي فقيري خيال جي هئي، راڳ ٻہ سٺو ڪندي هئي. گهٽو ڪري پنهنجي پيءُ جو ڪلام گائيندي هئي، ۽ شاديءَ کان پوءِ ڏينهن پوءِ وفات ڪيائين. پيي نياڻيءَ کي هڪ ڏيءُ جايس. فقير صاحب يا سندس نياڻين کي پٽياڻو اولاد ڪونہ ٿيو.

فقير صاحب وٽ پري پري جا فقير سدائين مجلس ۾ رهندا هئا: هڪڙو تہ ماستري ڇڏي اچي سندس طالب ٿيو هو، جو سندس کافيون ۽ بيت هڪ بياض ۾ قلمبند ڪندو هو. طالبن مان ڪيترا شاعر ٻہ هئا. انهن مان هيٺين جا نالا قابل ذڪر آهن: (۱) هدايت الله "نجفي"- مشهور سنڌي شاعر ۽ صاحبِ ديوان؛ (۲) چٽو فقير- مشهور شاعر ٿي گذريو آهي؛ (۳) آچن شاهہ-

هيءَ صاحب سهڪجي، لڳ رُستر، تعلقي شڪارپور جو ويڙل آهي، چگو شاعر آهي؛
(ع) امام بخش فقير- فقير صاحب جي پائڻي جو پُٽ، چگو شاعر آهي.

اڳي ڄاڻايو ويو آهي تہ هڪ طالب ماستر، فقير صاحب جو ڪلام لکندو ويندو هو؛ امام بخش فقير جو چوڻ آهي تہ هن سمورو ڪلام لکيو هو ۽ اهو بياض مون وٽ هوندو هو؛ فقير صاحب جي وفات ڪان ٿورو وقت پوءِ، اهو بياض وڃائجي ويو ۽ اڄ تائين ان جو ڪوبہ پتو ڪونہ ٻيو آهي. الهيءَ ڪري، فقير صاحب جو لکيل ڪلام هٿ ڪونہ آيو؛ باقي امام بخش فقير ۽ ٻين جي واتان جيڪو ٻُڌو ويو، اهو قلمبند ڪيو ويو آهي.

فقير صاحب جو ڪلام نهايت پُراثر ۽ ميٺاج وارو آهي، ۽ تصوف جي باريڪ نُڪتن سان پرپور آهي. سندس ڪلام ۾ هي نظريو هرهنڌ نمايان نظر ايندو تہ "پنهنجو پاڻ سڃاڻجي ۽ حق جي ڳولا لاءِ هيٺ ڏنل اجايو آهي. حقيقت ڪي پاڻ ئي پَسي سگهجي ٿو." "پاڻ سڃاڻ" ڪي ايترو ڏکيو ٿو چوي، جو الله سڃاڻ بہ ان ڪان سَهنجو ٿو سمجهي.

چوي ٿو تہ

آلله سُڃاڻ سَهنجو، آهنجو سُڃاڻ پاڻ،
حُجّت ناهي هوش جي، جي مرد ٿئين، لهين مَڪان،
جتي هٿ نہ پُڄن پيرڙا، آتي ڪيئن پُڄايان پاڻ،
"نبن" جڏهن حق ڏسي 'هو' ڪئيسي.

"حق کي پاڻ ۾ ڳولڻ" لاءِ هڪ ڪافيءَ ۾ چوي ٿو-

آڻي 'الف' سان اور اندر ۾، ڪهوٽ ڪهولي وَٽ پنهنجي گهر ۾،
ـڪَر گهين وَڻج واپار.

ٻئي هنڌ فرمائي ٿو:

"عرب، عجم، ايراني، يمن يونان تورانيء
مليو دل جي اندر جاني، ناحق ٻيا ماڪ ماٽياسي."

اهو عقيدو 'وحدت الوُجُود' جي سڀني صُوفي شاعرن جي شاعريءَ ۾ ملي ٿو.

فقير صاحب جو جيڪو ڪجهہ ڪلام هٿ آيو آهي، اهو هيٺ ڏجي ٿو:

(ڪافيون)

پلي آئين پورل پيارا، سر لوڪ ڏسي جڳ سارا!
راز تنهنجي مان رنگ جو لڳيو، ڪليو آهي گل گلزارا.
ديدن تنهنجن دولها ڏکايا، آڻي آڏ پاسي اوتارا.
سيڪندي سيڪندي سال لنگهي ويا، نيٺن سؤن وَهن لارا.
نوان لينهڙا لا ٽئي يار "نبن" سان، سورت جا سردارا.

ڪو در گڏ گذار دلبر، در ته ٽيءَ تون ڏار دلبر!
ٻالو ٻڏي مان، لينهڙو لاتو، ٻُنهل جي ته پچار دلبر.
ڳولهي ڦولهي يار لڏوسي، نيٽين ڪري لروار دلبر.
صحيح سڃاتوسي ساڳوسيرُ هو، ڪولي ٽي ته گذار دلبر.
نالو "نبن" نيروار تنهنجو، عرشن ۾ آهه اظهار دلبر.

* * *

جاڳ ٻُڌ سان رک جار، ڪر نه پياري نند نندوري!
آئي 'الف' سان اور اندر ۾، ڪهوت ڳولهي وٺ پنهنجي گهر ۾-
ڪر گهين وڃ وارپار.
'و نحن اقرب' ورنهه ويجهو، 'و في انفسڪم' هاڻ ۾ پنهنجو-
دل سان ڏس دلدار.
"نبي بخش" سيڪ نوري نظارو، اهي پربن ٽي پل ۾ پيارو-
در نه جاليان ڏار.

* * *

هوت پنهنجي وطن ٿا وڃن ويهندا ويراڳي،
سور انهيءَ ساڙي ڪيا ڏُني فراقي.
اوريون اورن 'الف' سان، پي ٻُوءِ نه جن باسي،
پوريا پورب پار ڏي، آهي سامي سنياسي؛
ڪنَ چيرايو ڪاپڙي، جاڳڪ ٿيا جوگي،
لڳن هير ٿيا سُڌبر، ڪيا ٻرهه ٻيراگي؛
ڪُوڪ سُڻي سي سيني اندر، 'انا احمد' آلاپي،
ٻُڌي ٻول ٻاروچ جا، لڙن جين لاتي؛
"لبن" لائي نينهڙو، ٿيا عاشق آداسي،
آهي طالب ترسن ڪينڪي، جي پتنگ پياسي.

* * *

ڪالڳل وڃي ڏي سلام، منهنجي پارئون محبوبن کي!
ناهي آرام عاشق کي، سوا صورت ڏسڻ تنهنجي،
سڃڻ آءٌ اڳڻ منهنجي، ڪيان سير گهور تو ڏون هي.
لکين ٿورا تنهنجا پانيان، ڪڏهن مان کين کي لاهيان،
سوين ڳڻ تنهنجا مان ڳايان، سُجاتوَ لنگ پنهنجي کي.
چوي "نبن" مليا دلبر، لٿا غم سيئي گونڊر،
سڃي صورت ڏسم سرور، سُجاتوسي ساڳي سر کي.

رانجهن يار ڏسي اکيون اڙيون، ڏاڍي خيال مان کُپي کڻ يون!
هنن اکين سون گهٽو سمجهايو، پير پرائي اگڻ نه پايو،
ـ لوڪ لحاظ نه لڙيون.
هنن اکين لڳي آ لوري، ليا پائين چوري زوري،
ـ ميڙ منٽ نه مُڙيون.
مڃ محبت ۾ متڃي وڃي بيٺيون، رنگ حسن ۾ رچي وڃي بيٺيون،
ـ چاڙهه عشق جي ڏئين وڃي چڙهيون.
"نبن" رک لينهن سان لاتو، هيءَ خبر انهن کي جن عشق سُجاتو،
ـ مائکيون مائکين سان جُڙيون.

* * *

کيئن ٻُڌندا عشق وارا، هن عام جون وايون،
اسان ديدان نيٺي دلبر سان پايون!
مُلان پنهنجين متين منجهايا، پائڻ انهيءَ پولي پُلايا،
آڻ عشق جي کين جو آيا، غير کَنيُن گهراهيون.
ٻيهي پورب پنڌ پچايون، چُمي ملامت سر تي چايون،
رانجهن اسين هڪ ٿياهون، رهبر رند سڏايون.
غير جون گودڙيون ڏوئي ڇڏيائون، سورن سڙڻ پوئي ٻاتائون،
مزو محبت موج ماڻيائون، موڪڻ پاليون مدايون.
"نبن" هن لينهن جون، آهن عرش ۾ اوگاهيون،
هي اچن ٿا هار هنيون، سير سُوريءَ سنيرايون.

* * *

اج برابر عشق آيو، ٻيرهه ڪٽي بار.
هٿيس ڪارڻ حق جي، سون لانگو ٿي نروار.
پلؤ لاتم پريت جسو، آهي اهو اکيچار.
راڻل آيو راج ۾، سون سوين کيا سينگار.
ساري ويو موسل کي، لائي لؤن لؤن ۾ لغار.
لڳم بند بلوچ سان، آڳي سان اظهار.
سوين ڏٺم سُهٽا، مٽ له پايان يار.
سيد مليو سيگهه ۾، جنهن ڏني خبر چار.
لالي لينهن "لبن" کي، طالب ٿيو تڪرار.

(بيت)

تالو پنهنجو لالهه ۾ ٿا لاهوتي ليکَن،
ملڻ کان محبوب جي هر هر ڪيو هرکَن،
کيل ۽ خوشيءَ جا اهي در ٻڌيا داغَن،
ورق وارئي ويجهڙو ڪيو آڏو عجيبَن،
"نبن" عاشق آهي سڏ جَن، جي هت ملن هوت سان.

اڳڻ آسوَنديءَ جي ڪاهي آيا ڪرڪَل،
لينهن نوکان کوڙيون، نڪا جهل نه ٻلَ،
"نبن" معاف تنين تان پُلَ، جيڪي ٻکي ٻيهي آئيا.

جيڪي ٻکي ٻيهي آئيا، سي سڙيئي ٿيا مهندارَ،
هاڙهي ڏي هلڻ جا، ٻودن ڪنيا بارَ،
"نبن" سي سيئي يارَ، جي ٻکي ٻيهي آئيا.

جهين ۾ جائي، لوڙهو لاهوتين جو،
آتي آڏوتي ڪن، وحدت جي وائي،
قل هوالله چيو ڪاڙين، ڪو اشارو الاهي،
"نبن" آهي آهجائي، جن تي فضل ٿيو فرقان جو.

اکين کي آهن، عجب جهڙيون عادتون،
ڪيرايو کوهن ڏون، وڏيون وارا ڪن،
ملڻ کان محبوب جي، هر هر ڪيو ٻهکن،
"نبن" نيٺ وڃي اڙجن، دلبر سندي دار ۾.

رحمت الله فقير ونڊير

جمال الدين فقير "جمال"

جمال الدين فقير ولد الهه اوباهيو، ذات جو سهتو، مشائخ سعد الله رحـ جي اولاد مان هو، ان کري "سڌوپونو" ۾ سڏيو ويندو هو. فقير جي جمڻ جو هنڌ ڳوٺ "تجّل"، تعلقي ناري، ضلعي خيرپور ۾ آهي. هي فقيرصاحب تاريخ ۵ فبروري ۱۹۰۷ع ۾ ڄائو هو. فقير پڙهيل ڪونہ هو، باقي لماز جون سورتون ياد هئس. نماز جو پابند ۽ متشرع هو. درويشن سان دوستي گهڻي هيس. سنديس دل ڪليل هئي. ننڍي هوندي جڏهن ماڻڻ پڙهڻ وهاريس، تڏهن استاد جيڪو ۽ سبق ڏيندو هوس، اهو ياد کري ٻڌائيندو هو؛ وري جڏهن اکر ڇڇو هوس تہ چولدو هو تہ "سائين، اهو اکر تہ الاجي ڪوڙو آهي، باقي هر زبان تہ ياد سيئي اکر اٿو"!

سندن شاعرانہ صحبت، ڀچائي فقير رند سان بہ هئي. فقير جو وصال سال ۱۹۵۲ع جي ڊسمبر سهيني ۾ "ملکي" ڳوٺ ۾ ٿيو. آخر دم تائين نماز نہ ڇڏيائين، ۽ "الله الله" ڪندي سندس روح پرواز کري ويو. فقير جو مقبرو ملکي ڳوٺ واري مقام ۾ آهي. فقير جي ڪلام جو ڪجهہ لمونو هيٺ ڏجي ٿو:

ساراهيان سچو ڏڻي، ساراهيان سبحان
هڪڙو حمير سومرو هو، تنهن جو ٻڌ بيان:
'عمر' لالي تنهن جو، ٻٽ بہ هو پهلوان،
شڪار جي شوق تي، ڪڙو هوندو هو خان؛
ميڙ کي ميڙ جو، اڳ نہ هو امتحان؛
ڏري 'ڏوڳ' آيو، اچي شامل ٿيس شيطان:
"سوڍي' سا مائي آ سڏي، اها نار بہ آ ليشان،
"ڪونج حسن جي ڪڙي آ، جنهن جو ڏيءَ رکيو آ ڏيان!"
بادشاهہ ٻڌي بيان ڪهڻو، ٿيو حيرت ۾ حيران،
هر انهيءَ ٻڌبان جو، سڏو ڪيئين سامان،
تکي لڏو اچي انهيءَ تڙ تي، ويو بہ ٿيو ويران.

مارئيءَ کي ساڻ هئي، سڌ ڏني ساڏان:
"عمر تنهنجو پاڻ ٽئي، متان گوهر ڪرئي گمان!"
هوءَ سُڌ ويندي هئي مال سان، جنهن جوهو غريبي گذران،
پهر ڏينهن لئي اچي پاڻيءَ تي، ڏٺين پري جو مهمان؛
عمر اٺاهون وٺي هنئين ڏاڙي جو دوفان،
هن رڙ وٺي ڪيا راهڙا، 'جيڪر ڏين جيدان!'
هن ڪشيو وٺي پنهنجي ڪوٽ تي، سو رهيه هو سلطان-
"ڪيو ٽئي جڏو ڪر، 'جمال' چئي، ميرن تنهنجو مان:
"هاڻي قسم کڻان ٿي قرآن، پاڻ آهيون هڪ ابي امان جا!"

* * *

هن جهان ۾ "جمال" چئي، ڪهيڙ جوڙيئين گهڻڙا،
پهرئين ڏينهن ٻيڙا ڪيئين، آدم جا لٽيڙا،
پوءِ رب مٽس راضي ٿيو، ڏنائنس حياءَ جا هٽڙا،
پَرَ ڏنائين پکين ڪي، جن جا خوب ڪيئين ڪنيڙا،
مولا پيدا مال ڪيو، جنهن جا سٺا جوڙيئين سگڙا،
ڪک چَرَن ڪريم جا، پَٽين ٽا پَنيڙا،
پيا ڪي جالور جهنگ ۾، پيا هين پرور جا پکڙيا،
ڪري "سڏو پوٽو" سڏڙا، بخش خطائون مون سنديون!

هن جهان ۾ "جمال" چئي، مالڪ جوڙيو ميڙ،
لانگهو اهو لنگهه، جتان گهٽ ٻ اٽئي گهير،
ترڪ ٽ اٽئي تار ۾، تون سمجهي رکجان پير،
ڪئين ٻُڏا آهن ڪيترا، جن اهو پيڊ نه آندو پير،
سمنڊ جي سير ڪي، ڏايو اٽئي شور،
ٻوءِ اڳيان درياءَ ڪري ٽوزور، ڪٽ ڪو پٽ پاڻ سان.

هن جهان ۾ "جمال" چئي، ڏس قدرت قادر جي،
پهرئين ڏينهن ٻيٽون پيٽ تي، ٻيلي تون ٻ اچي،
بنا خرچ کاڏو اٽئي، ڏس پڙهيَن کان ڇڄي،
گور ٽيون سنديءَ غفلت ۾، ويون مٽي مجهه مچي،
خالي پيلي خواب ۾، ڪٽي ڪئي اٽئي گهالهه ڪچي،
سڌ ٻ پوندي صاحب وٽ، هٿ ٽو پيو پڇين،
مٽان پاڻ پڇين، رک تون خوف خداءَ جو.

هن جهان ۾ "جمال" چئي، تون موڪا پڌي ميڙهين،
دليا دورلگي پيو ٽو سيڙهين،

هيسو هيسين کي، سوجون ٿو سائين،
مهمودين ململيون، چوکين ٿو چوڙين،
'عاجس' تنهنجي اها آهي، انڊي اجوڙين، -(عادت)
سڄي اتي ساري، پٽي هوندي سوڙي،
خان توسان "جمال" چئي، هلندي کفن جي اگڙي،
هائي مڙ پيو ٿو ميڙين، هر هاڻ نه هلندءِ هاڻ سان.

هن جهان ۾ "جمال" چئي، وئي ٿو واڻ،
مزو ۽ محبت گهٽ، منجهس آ ساڻ،
خوشيون ۽ خيال، تاب گهٽو ٿس تاڻ،
والد گڏي پئي آ رنگ ۾، کو دادلو ڪندو داڻ،
قادر جوڙيو قدرت سان، آهي بي بقاڻ،
بي ست سماڻ، هوندي پڙهين کي ان ۾ جي.

ديهه ڪڙي تهي کهنواري تعلقي لاري ۾ شروع ۾ سَرَ، پوڙا ۽ جهنگ هوندو هو، جتي ٻگهڙ ۽ ٻيا جانور رهندا هٿا. تن ڏينهن ۾ ناري کي پُل يا دروازا کونه هوندا هٿا. درياءَ جي اڀل ڪاڻ ڪري ناري ۾ ٻه پاڻي آڻلي ايندو هو، ۽ اتان وري گهارا ڪري جهنگ ۾ وهندو هو. هوءِ جيڪو وڏو گهارو ٿيندو هو، ان کي 'سانگ' ڪري سڏبو هو، جنهن ۾ سندن چوپايو مال چرندو هو. وري ڪٿي ڪٿي جهنگ ڪڍي، ڪجهه زمين سيلابي آبادي هيٺ آڻيندا هٿا، ته ان جو حقدار اهو ٿيندو هو جيڪو زمين ٺاهيندو هو. جمال فقير ٻ مٽيءَ ذڪر ڪيل ديهه ۾ جهنگ ڪڍي زمين جو ٽڪر ٺاهير هو. ساڻس سندس ننڍو پاءُ گل محمد ٻ رهندو هو. پوءِ سرڪار جي طرفان، تالي سيد پير علي شاهه انڪواري آفيسر مقرر ٿيو، جنهن صاحب فرمايو ته 'جن جن ماڻهن ديهه ڪڙي ۾ زمين ٺاهي آهي، ان سرڪاري زمين تي انهن جو ئي حق آهي، باقي زمين سرڪاري هٿ گهرجي'. جمال فقير کي مسڪين ڏسي، تالي ميان جنيد ملان، ويڙل ملڪي ڳوٺ جي، جمال فقير کي پنهنجو ڪڙمي ٺهرايو. ۽ زمين تي پنهنجو ڪاتو وجهرائڻو ڪيو. رشوتن ڏيڻ، ۽ وڏيري غلام حسين ۽ ٻين کي پيسي جي زور تي پنهنجو طرفدار بنائڻ لڳو. شاهه صاحب جڏهن تجل ۾ منزل انداز ٿيو، ۽ فقير ڏٺو ته هاڻي وڏيرا ۽ ننڍا ڪامورا سڀ ملان جو طرف آهن ۽ زمين سون کان ويندي، تڏهن کجهه بيت ٺاهي، سموري حقيقت بيتن ۾ چاڻائي، وڃي پير علي‌شاهه کي اگهاڻ ڏي ٻڌائي. آخر انڪواري ٿي ۽ سيڻي رشوتي، فقير جي برخلاف بيان ڏيڻ لڳا؛ ڪن خاص خدا جي خاطر، فقير جي حقيقت کي وزن ڏنو. شاهه صاحب پورو پورو عدل ڪري، فقير کي وزن ڏياريو، ۽ اجر ڪيو. اهي بيت هي آهن:

ساراهيان سچو ڏڻي، جنهن جوڙي آهي جوڙ؛
پير علي شاهه پاڻ ڪنَ ڏئي، ڪر هن درخواست جو دوڙ؛
عزت تنهنجي الله ڪئي آهي، خاوند گهٽي ڪوڙ؛
ٽڪر ڪيا اٽئون ٽونا، ڪجهه ڪيڙي اٽئون ڪور،
هڪڙا جوئر جا پارا "جمال" چئي، پي برهه اٽئي ووڙ؛
جڏهن دڙا پڳا هن درويش، تڏهن سختي گهٽي هئي سوڙهه؛
ٻُوڙا بَتُ هي ٻالهو آهي، ٻيا غائبا ڪن ٽا ڪوڙ؛
'غلام حسين' اٽئي غمزي تي، ڏامچ ڪري ٽوڏوڻ؛
ملان اٽئي مطلبي، جنهن وٽ نَڪن جا اٽئي ٽوڙ؛
محمد جي ميڙي ۾، سيد بَڏندين موڙ؛
هاڻي توکي ڪريان هٿ جوڙ، سارنگ سچي ساري جي:

سانگ سچي ساري جي، توکي سيد ڪيان سدا؛
ته ڪاتو ڪري ڏي خوشيءَ سان، وجهه اڪر صحيح سندا؛
جلد ڪر "جمال" چئي، وڃن پَهر ٽا ٻوندا؛
امين ڪٽي آڏاءِ پاڻهي، شاهدي ڪن سندا؛
اڳي بہ هر هنيل هو، يا هاڻي هي ٿا ارڙو ڪن اندا؛
جنهن مهل قسر آين ڪورٽ ۾، تڏهن خوب اتي ڪنگهندا؛
جڏهن هليا 'هائيس' ۾، تڏهن پَوَ ۾ پرڪندا؛ (آفيس)
ڪنيندن ڪوٽوار وڃي، ڪنڊ پر ڪرلندا؛
ٽاپي سان ٽوندا، جڏهن پڏائون واعدو وزير جو.

وزير جي واعدي جي، اوهين ڪيو ڪوڙ پچار؛
هو تہ ويڻا واجهه وجهن، جاريون ٻيا چار؛
مُلي ملڪي ۾ رڳا، اونڌا ڪيا آچار؛
سو بہ ٻنيءَ جي پاري جي، ستت لهڻ آيو سار؛
اچي تہ 'فتح جا' فري وياء، جيڪي باقي هٿا يار؛— ('فتحجا' ذات آهي)
تن ڪي من ۾ ملو چئي، هٿا سوين سندا سنسار؛
سيد هن سانگ جي، ڪهڙي پچين 'پيرل شاهه' پچار؛
ملن جو راج مسڪين اٽئي، تن تي ڪري وڃ ستاري سردار؛
ڪيانءِ ٽو سوالن جا سَوَ هزار، صاحب هن سانگ جا.

صاحب الهيءَ سانگ جو، ڪيان ٽو انڪواري توعرض؛
هڪڙا اٽئون ڪنڌا ڪنيا، ٻيو اٽئون مهتن جو ٽيو قرض؛

ڪندين ماڻ مسڪين تي ، نہ آهي گهٽ غربن کي غرض ؛
ہر مُلڪ کي مرض ، اٿئي ميرَ مهاڳڻ جو .

اسين ميرَ مهاڳي جا ، آهيون چوٽيءَ تائين چور ؛
جيئن وٺي "جمال" چئي ، تون معافي ڏئي وڃ مور ؛
هاڻ ڪجاڻ ڪاڙ چور ، پچور ، سيد هن سانگ کي .

سيد هن سانگ کي ، ڪر نہ ہر ہيا ؛
بخشي وڃ بخشش ڪري ، تنهنجا ٿورا ٿيا ؛
هن تي ڪيئن هل هڻي ، تہ ہ سيد ڏئي وڃ سانگ اسان کي .

سيّد ڏئي وڃ سانگ اسان کي ، چني ۽ ڏاڙي ؛
هڪڙو غريب نالي ' گل ' اٿئي ، تنهن جو ڪاتو وڃ چاڙهي ؛-(جمال جونڊيو پاڻ)
'هيڪل' جي حد ہر هڪڙو سيد سوالي ويٺو آ الله توکي ڏهن آڻي ؛-(گوٺ جو نالو)
سو ہيو ٿو ڏينهن گهٽي ، ڏهن ہير علي شاهه ايندو هن پٽ ہر .

هي جو فسادين ڏڏو رٽيو ، سو ہہ لاهي وڃ ڏنڊو ،
حضرت هوڻي جا ڪٽي ، قادر ڪر ڪندو ،
تہ ڪري ڏي سيد تون ہ سنڊو ، ہاڻ ڏيڪار هلي پاهڻ تون .

ہير ڪهاڻ هلي پاهڻ تي ، تون ہير علي شاهه ہرڏر ؛
ہين جي ڪَل ہوي ٿي ڪاڙ ڪا ، هڪ تو ہر پايان ڏر ؛
مون ڪنهن جي سيري ماري آڪاندڪا ، اتي هوندا هٿا ہير علي شاهه ہڏر ،
اڳي تہ 'ہرا' هوندا هٿا ہگهڙن جا ، ہرابر هٿا ہر ؛ -(آواز)
سائين سيڪنهن کان سڏي ڇچي هوندا هٿا ٽاڪر مرن جا ٽر ؛
ہوءِ کو 'الون' اڏامي آيو ، وٽي چيرائي چر ؛ -(ہاهه جي چٽنگ)
سيکو اتي سجاڳ ٿيو ، اچي ڪنڌا ڏنائون ڪهر ؛
ونڊيائون ورچيائون پاڻ ہر ، هٽي ڪاڻن جا ڪهڙ ؛
ہوءِ پي ڏويون دار هٽايائون ، جهنگ ڏيئي جهر ؛
ہوءِ ڪانهن ڪڍياسون ڪنڌن نائين ، صفا ڪياسون سر ؛
مَڪ ڏوي تون چڏ اسان کي ، هيلهه ہڏا اٿون هر ؛
جام توکي "جمال" چئي ، خوب ڏيان ٿو خبر ؛
سوالي ہيو سوال ڪري ، سيد تو سڏر ؛
اها کور ہہ ڏئي وڃ ڪر ، ڪري وڃ امداد اسان تي .

ڪري وڃ امداد اسان تي ، تون سيد چڙهه سيج ،
هيءَ ڏئي وڃ جاءِ "جمال" کي ، تنهنجي نظر ٽيندي ليج ؛
ہير علي شاهه تنهنجي ہڻن مان ، شل قادر ڪندو ڪيج ؛
جڏهن بحال ٿي آهه ہريج ، تڏهن وريو داڻ وڏرن جو .

غلام حيدر بلوچ

سرحوم فقير پير بخش کلوئي

هي فقير، نالي پير بخش ولد جيئند، ذات کلوئي، ويڙل ڳوٺ ڇل کلوئي، تعلقي ٽنڈي باگي ڳوٺ عالماڻي کان اٽڪل ميل منو ٻنڌ ڏکڻ طرف پُراڻ جي ڪپ تي ويڙل هو- (واضح هجي ته ضلعي ٽڙپارکر ۽ ضلعي حيدرآباد جي سرحد انهيءَ ٻنڌ پُراڻ تي آهي). سندس ولادت باسعادت جو سال ۱۲۸۳ هجري آهي. سندس مائٽ ننڍپڻ ۾ ئي الله کي پيارا ٿي ويا هئا. ڀاڻ چورو ڇنو، ننڍپڻ ۾ ڏڏهن ڪنهن جو مال چاريائين تہ ڏڏهن ڪنهن وٽ پيٽ-ڳذر خاطر مهيني تي ٻيلو. آخرڪار ڏڪا ڏوما ڪائي، اچي باوغت کي رسيو. ننڍپڻ ۾ تعليم جو هڪ اکر به نہ ورتائين؛ ڏڏهن وڏو ٿيو تڏهن سيرڙيو هاري ٻيلو.

ننڍپڻ کان وٺي، هاشم ولد گامون علياڻي ۽ سهراب ولد مير محمد علياڻي (حاجي جام جو پاڻ) سان سندس گهڻي صحبت هوندي هئي- ۽ خاص صحبت هاشم سان هوندي هيس، جو ننڍپڻ کان مال گڏ چاريندا هئا. هاشم ڏڏهن وقت جي لحاظ کان ٻين کان سڪيولیڪچڙ ۽ ايندو هو. ٻوءِ، هڏ ته سنگت جو ناتو، ٻيو وري چئن ٻيسن وارو ماڻهو هو، ڏڏهنڪري اکثر پير بخش هن وٽ هاڻي طور ٻيهندو هو. ٽيئي نڙ وڃائڻ جا شوقين هئا. رات جو ڏاڍي مجلس ٽيندي هئي. ڪي بيت چوڻ جا شوقين تہ ڪي ٻڌڻ جا، سڀ اچي هاشم جي اوطاق تي گڏ ٽيندا هئا.

پير بخش فقير ڦهرين حتي ڇڪڻ ۽ ٻين نشن واپرائڻ جو عادي هو، ۽ ٻيون ٻ منجهس ڪيترين ئي خراب عادتون هيون؛ پر ٻوءِ سندس صحبت حضرت پير سائين پاڳاري جن جي مريدن سان ٽيڻ کري، عادتن ۾ آهستي آهستي ڦيرو اچڻ لڳو. ٽيٻ، سن ۱۳۰۸ هـ ڌاري، حضرت پير سائين پاڳاري علي گوهر شاهہ ثاني عرف "محفي ڏڻي بادشاهہ" کان ذکر ورتائين. ذکر وڻ کان ٻوءِ، مڙني عادتن ۽ نشن واپرائڻ کان بلکل پاسو ڪيائين؛ دنيوي ڏندن کي ڇڏي، تارک فقير ٿي، مرشدن جي زيارت خاطر پاپيادو درگاهہ شريف تي وڃڻ لڳو. ڏڏهن مهينو ڏڏهن پندرهن ڏينهن ترسي، پنهنجي ماڳ تي موٽي، وري ٻ ساڳئي نموليِ گهمندو ڦرندو اچي پنهنجي ڳوٺ پهچندو هو. ڳوٺ گهٽو ڪونہ رهندو هو، رڳو ٻيو گهمندو ڦرندو هو. وري ٻ جڏهن مرشد جي حب دل ۾ جاڳندي هيس، تہ ٻيرين پيادو درگاهہ شريف تي ويندو هو.

پهرين جهڙو نشي واهرائڻ ۽ هرين عادتن جو گهر هو، تهڙوئي وري مريد ٿيڻ کان پوءِ نيڪ، پرهيزگار ۽ الله-لوڪ ٿيو. مرشدن جي سڪ ۽ الاهي عشق ۾ غلطان رهي، بي‌انداز دل ڏارينڊ ڪافيون چيون انس، جي هڪندڙ تي رقت طاري ڪريو ڇڏين. سندس طبيعت ۾ خوش‌طبعي پڻ سمايل هئي: ڪيترائي خوش‌طبعي جا ٽوٽڪا جوڙيا اٿس، جي هڪڙ لائق آهن. انهن مان هڪڙي سيٺ مينگهواڙ ۽ سندس جتيءَ تي جهيڙي بابت چيل آهي، جا دلچسپ ۽ مشهور آهي. انهيءَ سيٺ جي خبر آهستي آهستي حضرت پير سائين پاڳاري شاهمردان شاهه عرف "ڪوٽ-ڏڻي بادشاهه" جن جي ڪن پهتي. پاڻ پير بخش ڪي گهرائي اها سيٺ چوايائون. فقير صاحب سيٺ چئي جڏهن بس ڪئي، تڏهن حضرت سائين جن فرمايو تہ "افسوس آهي، جيڪڏهن هيترو متو قرآن شريف تي هٽين ها تہ ڪر اهو پڙهي وڃين ها!" فقير صاحب انهيءَ کان پوءِ قرآن شريف پڙهڻ لڳو، جو ٽوري ٽي عرصي اندر پڙهي پورو ڪيائين. ان بعد کانہ خوش‌طبعي نہ جوڙيائين؛ انلندو مرشد صاحب جن جي محبت وڌڻ لڳس ۽ دلسوز ڪافيون چوڻ لڳو، جي اڄ تائين جماعت مريد حضرت پير پاڳاري جي ۾ چوڻ ۾ اچن ٿيون.

پاڻ هڪ شادي جوانيءَ ۾، جڏهن اڃا پير صاحب پاڳاري جن جو مريد ڪونہ ٿيو هو جو ڪئي هٿائين؛ پر سندن گهرواريءَ جلدئي راهہ رباني ورتي، جنهنڪري اولاد ڪوبہ ڪونہ ٿيو، ۽ لہ وري بي شادي ڪيائين. انڪل ۱۳۵۷هـ ڏاري، هڪ دفعي، پاڻ پاپياد و زيارت حضرت مرشد جي تي ويو، تہ وات تي بيمار ٿي ٻيو، ۽ رب‌العزت جي رضا تي راضي رهي، دارالبقا جو سفر اختيار ڪيائين- انا لله و انا اليه راجعون. اها پڪي خبر نٿي پڄي سگهي تہ سندن مزار مبارڪ ڪٿي آهي، پر ايترو هڪڙ ۾ اچي ٿو تہ سندن مزار ڪڏڻي جي ڀرپاسي ۾ آهي. وفات وقت سندن عمر چوهٽ-پنجهٽ ورهين جي قريب هئي.

نمونو ڪلام جو

سڄي سيالي پوون پالي، مين آداڻ آڄ دي،
يار پياري دي اوتاري، مين سامڻ سڄ دي.

پنهل ڳولان، جبل ٽولان، بس ڪهولان سات تون،
درس دِلان، وچ ميلان، سين اَ وَلان وات تون،
ڪيچ جاوان، ڪنڊ پاوان، ميندي لاوان هات تون،
پنهل پَهندڙ، سيج ٿهندڙ، مين جا رهندڙ رج دي.

ڪيچ ٽيوان ول جيوان، سيج سيوان حق دي،
سيج سوڙان ول جوڙان، پٽ سوڙان پهڪدي،
پنهل تي پگهه خادم جگهه، امين ول دگهه دهڪدي.

اکين دي اوج، مريندي فوج، اهين ول موج منجهدي،
کچ کاهان، ڏيوان واهان، کر دانهان ڀڪدي،
وڃان جيکر، ميلان هيکر، ٿيوان نوکر نڪدي،
عشق عزت نہ عزيزت گهنان لديت لڪدي،
ٻنهل هي ٻاک، سين مشتاق، سر املاک سڄ دي.
برهه باري، ڪيڪناري، ميڪون ماري مار ڪئي،
ڏيک ڏونگر، ٻڏان هونگر، گهت گوندر گهار ڪئي،
زال زادي، پير پيادي، اهين وادي وار ڪئي،
جبل جاڙي، ڪات ڪاڙي، مار ڏاڙي ڏج ڪئي.
آٽ کونگي، زبر زونگي، کر جُنگي جاڙ ڪئي،
گهت ڏوري، ظلم زوري، هوت چوري چاڙهه ڪئي،
ميڌا گهن مور، پنهون ڪئي زور، سارا پنيور ساڙ ڪئي،
اندر دي اداس، ماڻ دي خواس، "پيرو" دي آس پڄ ڪئي.

* * *

آيا پربن جا پروانا،
دل دوست اکر مٿن واريان ـ ڪيتوئي دوست اکر ديوانا.

ب ـ بدر وچ لڳي لڙائي، جنگ ڪئي ڪر جوانا،
مدد علي دي مردانا، جنهن ڪفر ڪٽيا ڪفرانا.
ت ـ تبل وچ تاب علي دا، سر ڪلنگي تون قربانا،
منهن مبارک محافي والا، صورت دا سبحانا.
ع ـ اندر اوطاق علي دي، م ـ اندر ميدانا،
لوح قلم ڪنون اڳ هويا، محمد تي مهربانا.
ج ـ جانب داجهلکا جهڳ ـ ڳ، جهت پت ڪي جهلکانا،
گونگهت دي وچ سرمونگهت، موهي محمد تي مرکانا.
"پيرو" چوي پنجن تنن دي، هت هت زيب حقانا،
چارئي يار چوغان علي دي، مست گهمن ميدانا.

(ريختہ)

اول امر الله دا، جنهن جوڙئي هين جهان ڏونهين،
هڪ جو نالا ڦهري، يا رحمي، اهي دلبر دي هن شان ڏونهين،
لوح محفوظ ڪرسي دي ناليي هين نشان ڏونهين،
جيکو ربّي سو رسولي، اهي ثابت هن سبحان ڏونهين،

جيڪو احمد سوئي محمد، يارو من وچ هن ميخان ڏونهين،
محبوب اسڏا هڪوئي ماڻهو دي هن مڪان ڏونهين،
اول آخر عاشق دي مرسل دي هن ميدان ڏونهين،
جبرئيل عزرائيل آکي دي هن اکوان ڏونهين،
جڏان جبرئيل جواب آلدي، ٽئي عاشق معشوقان ڏونهين،
عزرائيل الوٽ ڪيتي لک سکندر ٻي سنان ڏونهين،
اسرافيل ميڪائيل قدرتي قربان ڏونهين،
اسرافيل چا لفيل ڏيسي ٿوڪا، ٽيسي شوڪا، ٽيسن جملي سي جهان ڏونهين،
ميڪائيل مينهن وسي هڪ ڏينهن، تڏان گڏيسن زمين تي آسمان ڏونهين،
صديق، شاهه علي، اڪبر جنگي جوان ڏونهين،
پيغمبر دي پياري هين عمر تي عثمان ڏونهين،
عشق امر اولاد علي دي مَي پي ٽئي مستان ڏونهين،
محي الدين ملڪ گڏئي، استنبول تي ايران ڏونهين،
جائين هن يوسف ديان، مصر تي ڪنعان ڏونهين،
خواب وچون وچ ڪوهه پيا، جنهن دي ماڻه پيو ٽئي حيران ڏولهين،
رو رو ليڙ زليخان دي اکين ٽيان عريان ڏولهين،
يونس پا هڪا مڇي وچ نه ٽئي ماڻهو سي حيوان ڏونهين،
هابيل کابيل پٽ آدم دي، توڙئون هن تکبان ڏولهين،
منڪيران نڪيران گهڙ آوسن سوڙي وچ سلطان ڏونهين،
هچ جواب ڏوهه ثواب پچين تُل سن ترميزان ڏونهين،
اڻان مرشد هوسي منڊا، جنهن دي اکڙن شمس قمر شرمان ڏونهين،
سچ چنڊ سهڻي دي ويکڙ لئي، هن ديوان ڏولهين،
ايڏي قطب، اوڏي قطب، وچون ڪلنگي، اهي سهڻي دي هن سخان ڏولهين،
نڪ نراڙا ليلوفر، بلبل ويک باغان ڏونهين،
پنبڻيان پاڪ شهيد پکهر نازڪ هن لوران ڏونهين،
ڪلهي ڪافور ڪوش وچون جوڙئي هن جلشان ڏونهين،
ڪرايان جي توت واليان داسل وچ دستان ڏونهين،
سي گل گونٽي، ڏيوَن جهوڻي، ٻرون سي ٻرڪان ڏونهين،
وات درياهه وحدانت دا، لوح قلم لبات ڏونهين،
اڪين ڪرن آواز الستي، لفظي هن لسان ڏونهين،
جتي جوراب جيءَ وچ سانديان، موزي سي مهربان ڏونهين،

ڈنـد مبارک سونهاري، جيوين بـادل سي برسان ڈونهين،
چشمان چوٽ چکر لائي چوڏس چمکان ڈونهين،
نوري نيڻ سڃڻ دي ويکان، چمان شال گندان ڈونهين،
ول گهتن واسينگان والـگي، ٻڌ کريندیان ٻاڻ ڈونهين،
ڈيون گهور، گهمائي گهاون، بشير وانـگين بان ڈونهين،
نرگس نيڻ نبوّت والي رمزي سي ربان ڈونهين،
کرن سنڪي، ڈيون جهنڪي، ترکش تيرکمان ڈونهين،
مرغ ملک کيتنئي سڀ تيڏي تابع دان ڈونهين،
هک جو سهڻا ٻي بيپرواهي، اهي تجلي دي سي تان، ڈولهين،
هک سکڻ ٻيا سر ڈيوڻ، اهي عاشق دي هن ارکان ڈونهين،
عشق لـگا اِمامان کون، ٽئي شير ٻ شهيدان ڈونهين،
چار کتابان چار مُصلّي، لئي هن عرشان ڈولهين،
هک جو مُصلي هي محمد دا، کلما تي قرآن ڈونهين،
لا الٰه ـ الا الله، اهي اکر هن عاليشان ڈونهين،
الله هو حق دا نعرا، اهي مرشد دي سي مان ڈولهين،
"ٻروٗ" آکي پـڑهـو کلما، ڇڏ وهي جهان ڈولهين.

خليفو محمّد امين ٻلي

فقير قلندر بخش صوفي مرحوم

فقير قلندر بخش جو نالو نامي اسر گرامي کنهن ۾ تعارف جو محتاج نه آهي. هو ناري جي مشهور درويش صوفي محمدصديق عرف صادق فقير جو پٽ پوٽو، ۽ فقير حاجي محمد صوفيءَ جو وڏو فرزند هو. فقير صاحب قرآن مجيد گهر ۾ پورو ڪري، سنڌيءَ جي تعليم صوفيءَ جي اسکول ۾ پوري ڪئي. سندس فارسي تعليم لاءِ فقير صاحب وڏي، مرحوم محمد هاشم "مخلص" کي مقرر ڪيو، جنهن وٽ "سڪندر نامه" تائين فارسي ۽ عربيءَ جا ابتدائي ڪتاب پڙهيائين. فقير صاحب جي ولادت تقريباً ۱۲۹۷-۹۸ھ ڏاري ٿي هئي. فقير صاحب جو ننڍي هوندي کان وٺي عبادت ۽ رياضت ڏاڍهن لاڙو هو. سال بسال هميراڻي پڙي ۾ وڃي احتکاف ڪندو هو، جتي جس دم پڄائيندي، هڪ دفعي ته سندس مرڻ جو هل پئجي ويو. قلندر بخش جهڙو جدي، بيباڪ، رحمدل، سخي ۽ فياض، عادل، بي ريا، سيرت خواهه صورت جو سهڻو ۽ پسنديده خصلت، صوفي خاندان ۾ ڪو مشڪل پيدا ٿئي.

هن حق صداقت جي علمبردار ڪڏهن به حق جو طرف نه ڇڏيو. هن جي ايمان ۽ استقلال ۾ ڪڏهن به رتيءَ ماتر لرزش ڪانه آئي. ڪنهن وڏي کان وڏي عملدار جي اڳيان به فقير قلندر بخش ڪڏهن ڪنڌ نه جهڪايو؛ قلندر بخش جو ڪنڌ هميشه پنهنجي پروردگار ۽ خلائق عالم جي اڳيان جهڪيل هوندو هو. فقير صاحب، وڏي کان وڏي ظالم سان به مظلوم جي حمايت ۾ ٽڪر کائڻ لاءِ تيار ٿي ويندو هو. فقير صاحب مرحوم ارادي جو پڪو، واعدي جو وفادار، قول جو سچو ۽ مستقل مزاج هوندو هو. پنهنجي عبادت خواهه رهٽي ڪرٽيءَ جو طريقو جيڪو شروعات کان اختيار ڪيو هئائين، تنهن ۾ تيرِ به تفاوت اچڻ نه ڏنائين. رات جي مالي کائي، عشا جي نماز ۽ وظائف بعد وڃي آرام ڪندو هو، ۽ ٿي بجي ڏاري اٿي، تهجد ادا ڪري، صوفيانه طريقي جو بلند آواز سان ذڪر ڪندو هو؛ ان بعد قرآن مجيد جي تلاوت ڪري، ڪو ديني يا تاريخي ڪتاب پڙهندو هو؛ صبح جي نماز ادا ڪري، گهمڻ نڪرندو هو؛ تسبيح هميشه هٿ ۾ هوندي هيس، ۽ ڪنهن سان ڪلام نه ڪندو هو؛ اشراق جي نماز پڙهي، ليرن ڪري، اچي بنگلي ۾ زمين تي وڇايل شينهن جي ڪل تي قديم رواج موجب ڪاٻ ٻڌي وهندو هو، ۽ ماڻهن جا فيصلا به ٻيو

کندو هو ۽ پنهنجي نوڪرن کي ڪاروباري هدايتون ۽ ڏيندو رهندو هو. ٻن ڀهرن جو واندو ٿي، ماني کائي، ٿورو وقت قيلولہ ڪري، ٻپهريءَ جي نماز ادا ڪري، وري ۽ اچي ڪچهري ڪندو هو، ۽ وچين نماز تائين ويٺو هوندو هو. ان بعد، وچين ۽ سانجهي هڪڙي مصلي تي پڙهي، ڪلاڪ ۽ وري ۽ پنهنجي گهرو معاملات مطابق هدايتون ڏيئي، ماني کائي، عشاء جي نماز ادا ڪري، وڃي آرام ڪندو هو.

فقير صاحب مرحوم، اوائل زمالي ۾، ملڪي ڪمن ۾ بہ ڀرو ونڊندو هو. هڪ ۽ پيرو ٻمبئي ڪائونسل جو ميمبر ۽ لوڪلبورڊ جو صدر بہ ٿي رهيو؛ ليڪن فقير صاحب جي حق گوئي ۽ انصاف پسندي، حڪام وقت کي نہ وڻي، تنهنڪري مٿيان عهدا هميشه لاءِ ترڪ ڪرڻا پيس.

فقير صاحب سخي ۽ فياض ۽ هوندو هو. ڪوبہ سوالي سندس در تان خالي نہ ويندو هو. هڪ ۽ دفعي تہ پنهنجي بدن جا سڀ ڪپڙا ۽ لاهي سوالين کي ڏنا هٿائين. ڳوٺ جي ٻيوهہ عورتن خواهہ يتيم ٻارن کي گهر ويٺي مدد پهچائيندا هٿا. ڪنهن غريب مظلوم، ڪيس ڪنهن ظالم جي ظلم ۽ ڏاڍائيءَ جي دانهن ڏني، تہ تيستائين آرام نہ ايندو هون جيستائين مظلوم جي حق رسي نہ ڏيندي هئي. غريبن جي حمايت ۾ گهاڻي ڪان گهاڻي دوست ساڻ ۽ لڙي پوندو هو. فقير صاحب جو علم ۽ علم وارن ماڻهن سان ۽ دلي چاهہ هو. وقتي شعر ۽ چوندو هو.

سنڌ جي قديم تاريخ جو هڪ نسخو پنهنجي قلم سان لکيو هٿائين، جنهن جو اختصار "ادبي سوسائٽيءَ" وارن شايع ڪيو هو. سندس علمي ۽ تاريخي چاهہ جو اڄ ۽ سندس شاهي ڪتبخانو شاهد آهي، جو سندس پوين وٽ محفوظ آهي.

فقير صاحب بدن ۾ پريل، قد جو پورو پنو ليڪن مائل ۽ ڪوتاهي، پيشاني ڪشادي ۽ لڪ وڏو، اکيون سهڻيون ۽ وحدت جي نشي ۾ هميشه سرشار، چپ سنها، وات سهڻو، گفتگو نرم ۽ من موهڻي، ڏاڙهي چاپئين ۽ سهڻي، شهپر سنت تي پورا ورتل، وار ٻٽوڻان ۽ گهنڊيدار، آواز سنهو ۽ سريلو، رفتار تيز، پوشاڪ زرق برق امراڻي طرز جي، زيڪ ۽ چلڪ يا ڪيمخواب جو ڪوٽ، ۽ مشهدي لنگي ڪلي تي زيب سر ڪندو ۽ ٻيا ڪپڙا سڀ سفيد پسند ڪندو هو. عمر ۵۲ ورهين هوندي ۽ وار سڀ سياهہ هوندا هئس. تاريخ ۹ محرم الحرام بروز جمع سن ۱۳۴۹ھ ۾، بحالت روزه، سندس شهادت کهاڙين سان واقع ٿي. سندس قبر؛ روضي مبارڪ صادق فقير صوفيءَ جي صحن ۾ آهي. فقير صاحب مرحوم جو فقط هڪ فرزند فقير شمس الحق نالي صالح، پرهيزگار، شب خيز ۽ عابد نوجوان هو، جو لاولد وفات فرمائي ويو.

قصيده تاريخ وفات

اي قلندر بخش صوفي، صاحب عزم و قلم،
لائق عيز" و شرف ۽ اي امير، محترم؛
كامل اكمل مكمل اي بهادر با وقار،
عابد و شب خيز صادق جي مثل پرهيزگار؛
راتيون جاڳي خدا جي تو عبادت ٿي ڪئي،
بيوسين بيڪسن جي تو عدالت ٿي ڪئي؛
تو اڳيان امراء ۽ مسڪين ٻئي يڪسان هٿا،
لالچن تي ڪين لرزئين، اي جبل ايمان جا؛
چاهلوسيء مان مزو توڪي نٿي آيو ڪڏهن،
ڪنهن به افسر جي اڳيان تو سر نٿي نايو ڪڏهن؛
خوف خالق جي ۾ تنهنجي اک سدا هئي اشڪبار،
ريء عبادت ۽ عدالت ڪوٺ آيٿ ٿي قرار؛
حسن صورت، حسن سيرت، آسوه حسنه بيمثال،
با وضو ۽ با خدا، ۽ با فضيلت با جمال؛
نيڪ صورت، نيڪ سيرت، نيڪ عادت، نيڪ ڪار،
نيڪ عابد، نيڪ زاهد، نيڪ نالو آشڪار؛
هر ڪهڙ ظالم صفت ل ۽ اسر تنهنجو هو آهاڙ،
بيڪسن جو پرجهلو ۽ تون صداقت جو ٻهاڙ؛
حيدري حشمت ۽ همت سان ٿئين تون آشڪار،
اي قلندر بخش صاحب، تون علي جو ذوالفقار؛
پائرن جي ويڙهه ۾ آخر ٿئين مظلوم تون،
صف شهيدن ۾ وڃين مسرور ٿئين مخدوم تون؛
درس مي دارد مدامي آرزو تاريخ جو،
"جس قلندر بخش" صوفي - غيب مان الهام ٿيو.

۱۳۴۹ھ

محمّد عالم "شور" خانپوري

صاحب فقير رک

هي بزرگ "صاحب"، "صاحبڏنو" ۽ "صابو" جي نالن سان مشهور آهي. سندس والد بزرگوار جو نالو محمّد بخش فقير هو. ذات جو رک، ڳوٺ محمّد عثمان رک تعلقي گهوٽڪي ضلعي سکر ۾ تولد ٿيا. سندن جنم خواه وفات جي تاريخ پڪيءَ طرح معلوم ڪانهي. ٻهرين دست بيعت "صاحبن جي لوءِ" عرف گهوٽڪيءَ جي خاندان جو ٿيو. ان گهاڻ کي پندرهن ويهه سال گذري ويا، ان بعد حضرت محمد حسن شاهه جيلاني بادشاهه، متولي درگاهه سوئي شريف عرف حسن آباد شريف (تعلقو اباوڙو)، جن ان ڳوٺ ۾ مريدن جي گهر تشريف فرما ٿيا: پيا گهٽا مريد ٿيا، ۽ هي فقير مريد نه ٿيو. وري ڪن ڏينهن کان پوءِ جيلاني بادشاهه مذڪور ڳوٺ ۾ دعوت تي آيو: جڏهن قدم ڏيڻ شروع ڪيائون، تہ هن فقير پڻ عرض ڪيو تہ "جناب عالي، هن خاڪسار جي گهر ۾ قدم رنجه فرمايو." آخرڪار، جڏهن جيلاني بادشاهه جن خير سان موڪلائي ويا، تڏهن رستي تي بيهي رهيو. ان جماعت جو فقير نالي قادربخش هوڻي ڪنهن ڪم سان موٽيو، جو ان ڳوٺ جي ڪنيرڪان ڪوزو ڪٽڻ آيو، جو ان ڪنير جا ڪوزا تمام ڀلا هٿا. اتي صاحب فقير ان قادربخش کان پڇا ڪئي تہ "ڪيڏانهن ٿو وڃين"، جنهن تي فقير سموري گهاڻ ڪري ٻڌايس؛ تنهن تي صاحب فقير ڪيس چيو تہ "چڱو، جڏهن ڪوزو ڪٽي واپس ورين تہ هتان مون وٽان ٽيندو وڃ، تيستائين مان هتي بيٺو آهيان". گج وقت کان پوءِ قادربخش فقير جڏهين ڪوزو ڪٽي واپس موٽيو، تہ صاحب فقير اتي موجود هو، ۽ يڪدم ڪاڦي ٺاهي، آگر سان لڪي، فقير کي ڏنائين تہ هي وجي حضرت سوئي شريف ۾ جيلاني بادشاهه جي خدمت ۾ عرض رک تہ "صابو چاڻ 'سوئي' آيو". گهر ۾، "صاحبن جي لوءِ"، چوائي مڪائين تہ "صابو هاڻي 'سوئي' وارن جو آهي." ائين چئي روانو ٿيو، ۽ اچي سوئي شريف جي ٻاهران مست ٿي ويهي رهيو. جڏهن قادربخش فقير اهو ڪوزو جيلاني بادشاهه جي خدمت ۾ پيش ڪيو، تہ سائين جن پڇي فرمايو تہ "هيءُ صابو فقير، سچل فقير جي منزل ۾ هاڻي ئي اچي ويو آهي"!

جڏهن صابو فقير سوئي شريف ۾ وارد ٿيو، تڏهن مٿي مٿي ۾ هيس ۽ هوش کان ٻاهر هو. وڏي ڪڏ ڪٽي، ڪوئي بنائي، ان ۾ وجي رهيو. جو ڪجهه اتي ٻانمرادو ڪيرڏيندو هوس

ته کائيندو هو، نه ته کنهن کان گهرندو کجهه به نه هو. پوءِ شوق ۽ اشتياق ۾ اندر جي تاکي ڪلي پيس، امانت جي پلت ٽيس، ادراڪ روشن ٿيس، ۽ کافيون ۽ مولود چوڻ ۽ ٺاهڻ لڳو. جمعي جي ڏينهن تڙ ڪري، ڏوتل ڪپڙا پائي، نماز به پڙهندو هو، ۽ نماز بعد، دستور موافق، زيارتن وقت، مولود شريف به ڳائيندو هو. اها خبر نيٺ "صاحبن جي لوءِ" جي بزرگن کي وڃي پيئي ته "اوهان جو مريد صاهو فقير، ڪو لاهور کان جيلاني پير آيل آهي ان جو وڃي مريد ٿيو آهي، ۽ ان جي اڳيان مولود ۽ کافيون چوندو آهي." تنهن تي "صاحبن جي لوءِ" جي بزرگن طيش ۾ اچي فرمايو "اسان جو مريد ٻين جي اڳيان مولود شريف نه چئي سگهندو!" جڏهن ٻيو جمعو آيو، تڏهن فقير حسب معمول نماز پڙهي مولود پڙهڻ ويٺو، ته سندس آواز ٻاهر نه ٻيو نڪري! آخرڪار جيلاني بادشاهه کي عرض ڪيائين ته آواز نٿو لڪري؛ تنهن تي جيلاني بادشاهه اشارو ڪيس ته "تون چؤ، ته زبان پاڻيهي ڪٽلندي." نيٺ چيائين، ته اڳئين کان وڌيڪ مزو ڏين لڳو. اتي جيلاني بادشاهه فرمايو ته "اسان صاهو فقير کي فولاد جو ڪوٽ ڏيئي ڇڏيو آهي، - هينئر سيڪنهن کي موڪل آهي، اميد ته فقير جو وار به ونگو نه ٿيندو." تنهن تي صاحبن جي لوءِ جي بزرگن فرمايو ته "اسان وٽ فقط ڏيو هري ٿو، پر جيلاني بادشاهه جهنگ کي باهه ڏني آهي- هي اسان کان هر حالت ۾ زوراور بادشاهه آهي!" اهڙيءَ طرح، صاهو فقير اتي حضرت سوئي شريف ۾ رهيو، ۽ حضرت جيلاني بادشاهه جو عاشق صادق ٿي رهيو، ۽ سندن هر فعل ۽ اطوار جو نقش چٽيو اٿس.

سندس عمر انڪل نوي ورهيه چون ٿا، ۽ وفات کي به ڪافي عرصو گذريو آهي. باقي جنم ۽ فوت ٿيڻ جي پوري تاريخ يا سن وغيره ڪونه ٿو ملي. سندن پويان اهڙا پڙهيل قابل کار کين هٿا، جو سندس سوانح عمري قلمبند ڪن ها. يا مولود شريف ۽ کافيون لکن ها. ڪجهه جماعت ۾ ٽوڙيل پکڙيل آهن. هينئر هڪ فقير ٽالي حاجي الهه وسايو رکي، جو چون ٿا ته سندس ستين پيڙهيءَ ۾ آهي، مولود شريف چوندو آهي. چون ٿا ته حضرت اشرف شاهه ڪاموري واري بزرگ جو صاهو فقير همعصر هو، پاڻ ۾ کافين رستي حال احوال ڏيندا ونندا هٿا: هوڏانهن هو ڪافي ٺاهي بس ڪندو هو، ته هي وري ان جو جواب ٺاهي عرض رکندو هو.

فقير جي تربت سوئي شريف ۾ آهي، ۽ سندس پويان هينئر سڀ حضرت سوئي جا سرويچ ۽ سڄار مريد آهن. صاهو فقير، چاپئين ڏاڙهيءَ، بلند قد، وڏين اکين ۽ جاڙن پيرن وارو سهڻو جوان ۽ زماني جو قطب ٿي گذريو آهي.

ڪلام

مولود شريف

سرهو سات سيد جو، مون کي ڏيکاريو ڏاتر،
سرهو سڳ مرشد جو، مون کي پسايو پرور!
جي هوند جاڻان جيڏيون، هين کي مون وٽ مسافر،
جاڳيس کين جتن لءِ، هي هي ڏوريان کيڙ ڏونگر.

پائر هوت پنهل جا، هُيڙا سائي سپ سهر،
ترس نه آيو تن کي، ويڙا ڇڏيون منجهه ڇپر.
کيڇون آيا پنيپور ۾، ٿي سڃڻ سوداگر،
هوتن هانجي جو ڪنيو، وٽجي سپ وکر.
کانگل آيم کيڇ ڏنهون، ڏي کا سندي خان خبر،
سُٽيوَ هن سڙيءَ جي، کا پرين وٽ پڇر؟
مولا مون کي ميڙئين، تون جي هوتن سان هيکر،
جيڙي وڃي جيءَ سان، هوند جدائي جيکر.
مڌ نه هير سرتيون، ته کي هن مون وٽ مسافر،
جاڳيس کين جتن لءِ، ڏورڻ آيم ڏونگر.
اهو ائم آسرو، کا جا پيڙن ڪَنَ ڪُوڪَر،
"صاحب" پنهنجي ساڪ کي، ڏيندو آرياڻي آڏر.

کافيون

يار سالول، تنهنجون گهڻي گهڻي گالهيون،
پاڻ پنهنجو منجهه پور وڏوسي!

بيخبريءَ جي ملڪ ۾، محڪم مستي جي مخمور وڏوسي ...
آڻ ئي پهر منجهه اوراتي، انهي غمزن منجهه گهور وڏوسي ...
يار "صاحب" کي يڪ رنگي ۾، ساهه سوريءَ منصور وڏوسي ...

* * *

آلا شال اچن، ويا نه وسرن، دلبر منهنجي دل جا!

عجب چاڻي عشق جي، الا، ڪئي جا ڪيڇڙن،
جن ڪاڪيون ڪم وساريا، الا، ووءِ ووءِ، ويچارن ...
پَن حياتي هيڪڙي، الا، دم بنا دوستن،
جيڪي جيان ڏينهڙا، هجان پاڙي سان پرين ...
نيڻن نند نه آڇهي، الا، اکيون جار منجهان جاڳن،
ميلا پسي جا مون پرين، من ڪي مينهن وسن ...
پائي ٻانهه گچيءَ ۾، الا، ٿي هيرين پوان پاڌن،
سڌکيو ڏيان سنيهڙو، الا، گهات پري گهوڙهن ...
"صاحبڏني" جي سيکڙي، الا، سپرين سار لهن،
آس ائر آسرو، الا، من ڪي محب ملن ...

عمر! ساري رات، مون ماروسنياريا، ووءِ ووءِ!
وڃهل ويڙهيچن جي، وائسي اٽر وات ...
ڪير بنديائي بند مان، ڪُهن ٽيا پيا ڪات ...
وينديس ويڙهيچن ڏي، پرهه ڏني پريات ...
"صاحبڏنو" ڇڻي سانگين جي، اٽر تن اندر تات ...
* * *
جيڏيون وس نه سليان، هوند گالهيون ٻڌل جون-اکين اورانيو لاہو هو!
ڪاڏهون آيم ڪيچ جا ڏاڙي، ڏکن سورن جي ڏيئي ويا اماڙي،
-ويندي ور نه واجهايو هو ...
ڪڏهن ٻڌل هيون تنهنجون ڪيچ اوطاقون، ورهه وکوڙيس تنهن ڏينهن لاکون،
-سورن سخت ستايو هو ...
شيخ ڪري ٿو شوق شنيدان، اڳڙ آيو پرين، اسان ڪيون عيدان،
-درد منهنجي جو ڪو دايو هو ...
"صاحب" ويهه نه وطن وساري، هتان ويندين ڏينهن ٻه ٽي گهاري،
-جر ته ٻڌل جو جت جايو هو ...
* * *
پلي آئين تون ڪانگا، نچ آئين تون ڪالگا،
اچي ويهه تون اکين ۾، ٻول تون منڙي ٻولي!
ڏي ڪا خبر ڪير جيي اسان ڪي پلي برهه جا ٻالگا،
-هينڙي ۾ هردم ورهه جي هولي ...
هت هميشه آهيون اداسي، لينهن سڃڻ جي ۾ لانگا،
-تنهنجي ٻانهن جي مان ٻانهپ ٻولي ...
اسان ڏي اچڻ جا ڪڏهن وري ٿيندا، سندا سپرين سانگا؟
-درد جي ڇلن سازي آهي ڇولي ...
صحيون "صاحب" گڏيا سي ٿي، لکيون لنگهي سپ لانگها،
-ٿيون خوشيون ڏسي تن جي ڏولي ...
* * *
ساڏي ويڙهي الله آندا، ٿيون شاديون جي شاهه آيا!
لٽو فراق ويو وڇوڙو، هاديءَ ڪيا هيڪالدا-مولي ساڻي محب ملايا...
جنهن جي ڪارڻ منهنجو ڙي جيڏيون، من هميشه مالدا-تن پرين ۾ گهمايا...
ڪيو اتار عجيب اندر ۾، ٿيا ورهه ڪان واندا-جڏهن محن منجهه ڏيکاريا...
ڏسي من ناهي هوشياري، لٽا سهم سياندا-صاحب سيني منجهه سمايا...

خوش هوندو سدا جند جيوي سدا
پير ميان منهنجو لکي لاهوري لاڏلو!
نائب ناهي سچي نبيءَ جو، کامل قطب کبير، ميان...
حاجي غازي نينهن لمازي، ولهن وارث ويڑ، ميان...
"صاحبڏنو" چوي سچي سنگت سان، پار لنگهائيندو پير، ميان...

* * *

الا، ماڳين موت دلبند جاني، الا، وري آ سهڻا دل جاني،
اوجاني آهيان مان ديوالي، الا!

کوهه وجين ٿو کيچ ڏي، او کيچ ڏي، سانول سات کنيو، جڙيا جاني، پر منهنجا!
وڃي ٿو ٻر ولهيءَ جي، ولهيءَ جي هانيجي دل هنيو-او وري آ دلبند جاني!
ڪر سيکهڙو سپرين، سپرين، او پيرو سنجهه پنيور-جڙيا جاني پر منهنجا!
اگڻ واس عطرسان، عطرسان، او مشڪ پريائي مور-وري آ دلبند جاني!
آهيان اداسي ٿو بنا، تو بنا، او سانول سپ چمار-جڙيا جاني پر منهنجا!
سڻ "صاحب" جا سڏڙا، سڏڙا، او موڙي آڻ مهار-وري آ دلبند جاني!

* * *

اگڻ آبر ٽلي، او، ٽير پير عيدان!

منهنجي هاديءَ جو هرجا هوکو، او چا وکن لٽن واريان،
-او چا وکن چا دلي، او...

غم گوندر سپ ويڙ وچوڙو، او مست کيائون لٽن واريان،
-او مست کيو هٿون ملي، او...

دلڙي ديواني درد ٻر هيڙي، او، خوش ڪئي لٽن واريان،
-او خوش کيائون کلي، او...

صيحون "صاحب" کي آهي اوهان جي، او نينهن نشالي لٽن واريان،
-او نينهن نشاني ملي، او...

سيد مظفّر مديجوي

ڪرم فقير سوسرو

هيءَ فقير، شاهه آباد نالي ڳوٺ جو ويڙل هو، جو تعلقي ڳڙهي ياسين ۾ هڪ ڳوٺ آهي. فقير ذات جو سوسرو ڏکڻ هو، ۽ سيد فضل علي شاهه عليه الرحمة مديجيءَ واري بزرگ جو طالب هو. ٻاڻ فقط ڪلام الله شريف پڙهيل هو، تاهم سنڌي پڙهي ويندو هو. هن جي عمر ستر ورهيه ڪن هئي.

سندس ولادت ماهه شعبان ۱۲۹۵ هجري ۾ ٿي، ۽ سندس وفات سن ۱۳۶۶ هجريءَ ۾ ٿي. سندس مزار سليم شاهه عليه رحمت جي مقام ۾ آهي، جو شاهه آباد لڳ مرزانپور جو هڪ جهونو ۽ وڏو مقام آهي.

فقير طبيعت جو بلڪل سادو سودو هوندو هو، ۽ مرشد جو نهايت فرمانبردار مريد ٿي گذريو آهي. مٺس مرشد جو گهڻو راز هو، ۽ مرشد صاحب پنهنجي سخي طبيعت موجب هن کي چگو فيض ڏنو. فقير صاحب شڪل شباهت جو چگو هو. ڪنهن ۾ شخص جي واتان اگر خراب لفظ ٻڌندو هو، ته فقير کي سخت مٺيان لڳي ويندي هئي. هي بلڪل هڪ سنئون سڌو مسلمان هو. مرشد جي جلالي طبيعت سبب هن ۾ به جلالي جذبو پيدا ٿي ٿيو هو. خدائي محبت ۾ ڪو وقت ايترو ته مست ۽ مگهن هو، جو ڪيس چريو چاڻي ڪجهه. وقت لاءِ ڪات ۾ وڏو ويو هو؛ مگر سندس مرشد جي اچڻ تي ۽ ڪيس رمز رموز سمجهائڻ کان بعد ڪات مان ڪڍيو ويو.

هن فقير گهڻو شعر چيو آهي، مگر افسوس جو اهو سندس وفات بعد بلڪل ناپيد آهي. فقير صاحب جي ڪلامن مان جو هڪ به ڪلام هٿ لڳو آهي، اهو درج ڪجي ٿو.

(هي ڪلام هڪ ڳوٺاڻي هندوءَ نالي طوطي مل کي نصيحت ڪري چيو اٿن، جو طوطومل ڪڙمين کي پيڙيندو هو.)

ڇڏ تون طوطا اهو تال، خاصو رکجان خيال.
نالو رکائين پکيءَ جو وري ميڙين مڏيون مال!
سيءَ ٻاري ڪڙمي ويچارا صبح جو ڪن سوال.
"ڪرم" چئي ڪر تون پنهنجو، چتونءَ جيئن چال.

* * *

(هي ڪلام دهقاني نوجوان جي سمجهائيءَ لاءِ چيو اٿن.)

ڇڏ تون نرڙا اها ناءِ، ٻڌين ڏٺا، ڪرين ڏاءِ!
لنب لچو ڪين سڪيو، ٻوليس ٻچا وتي لڪو ڪاندو ڪين گساءِ.
ٿوٿ نرڙا ڪري ورڙا، مڪي تيل گهمين گهرڙا ياڙيا ائين نه پساءِ.
"ڪرم" چوءِ مڃ نصيحت، واليءَ سنڌي وٽ وحدت ڪالهيون چگيون پنهنجون ڳاءِ.

پير علي محمّد "اظهر" گيلاني

مخدوم پير رکيل رَيلائي

ريلائي پير، مخدوم رکن الدين جي اولاد مان آهن. مخدوم رکن الدين ۽ مخدوم فخرالدين ٻئي پائر، ڪوٽ ڪروڙ ۽ ديري جات مان سنڌ ۾ آيا. هنن جو خاندائي سلسلو، خليفي اول حضرت ابوبڪر صديق رضه سان وڃي لڳي ٿو. مخدوم نوح رح هالن وارو، مخدوم فخرالدين جي ڇهين پيڙهيءَ مان آهي. مخدوم رکن الدين ڳوٺ درس تعلقي موري ۾ اچي ساکن ٿيو، جتان سندس اولاد وڏي ويجهي سنڌ جي ٻين ڳوٺن ۾ وڃي سڪونت پذير ٿيو، جي 'ريلائي پير' سڏجن ٿا. مخدوم پير خاوند ڈنو، پنهنجي سؤٽي مخدوم پير غلام حيدر ڀڳدار سان ڪاوڙجي، درسن مان لڏي اچي دادو تعلقي ۾ ويٺو، جتي هينئر مشهور درگاهه مخدوم پير رکيل ريلائيءَ جي آهي. مخدوم پير خاوند ڈني کي ٻه فرزند هٿا- مخدوم پير دوڙل اول، ۽ مخدوم پير ڪريمڈنو اول. پير ڪريمڈنو اول، درسن جي پرسان پنهنجي عزيزن مان شادي ڪري آيو. سندس زوجه جا ٻه يتيم پائٽيا ٻڌ اتان اچي سندس سنيال ۾ رهيا، جن مان هڪ جو نالو هو 'پير بيگن سائين'، ۽ ٻئي جو نالو هو 'پير رکيل سائين' جنهن جو اسين هت ذڪر ڪريون ٿا.

پير رکيل ريلائيءَ جي ولادت باسعادت ڳوٺ درس تعلقي موري جي پرسان هڪ ننڍڙي واهڻ ۾ ٿي، جتي ٻڌي گهر ريلائي پيرن جا هٿا. سندس والد سڳوري جو نالو پيرخان محمد هو. سندس جنم جي تاريخ ڇڏيءَ طرح معلوم ٿي نٿي سگهي. سندس وفات ڪي انڪل چاليهه ورهيه گذريا آهن - اندازاً ۱۵-۱۹۱۶ع ڌاري سندس وفات ٿي آهي. ان وقت سندس عمر انڪل روءِ اسي-پنجاسي ورهيه چئي وڃي ٿي: تنهنڪري اندازو ٿو لڳائجي ته سندس ولادت باسعادت ۱۸۳۰ع جي لڳ پڳ ٿي هوندي.

ريلائي پيرن جو ڀڳدار مخدوم پير نبي بخش درسن وارو (پير ابن شير نر) جڏهن به ايندو هو، تڏهن مخدوم پير ڪريمڈلي اول ۽ مخدوم پير پليڈني اول کي پير رکيل جي پارت ڪندو هو، ۽ چوندو هو ته 'هن ۾ ڪي دائا مڙيوئي ڏسجن ٿا'؛ ۽ پير خيالي اول، پير وريل اول ۽ پير پريل اول ۽ ٻين جملي پيرن کي چوندو هو ته 'ابا، هن جو مڙيوئي ادب ڪجو'. پير ڪريمڈلو اول ۽ پير پليڈنو اول به وڏا درويش ۽ امانت، ڪرامت ۽ ولايت جا

صاحب هئا، تن جو بہ هن تي ڏاڍو راز هو. ٻيو وري سڀ کان انگورڙن ٻلو هو، سو ٻاڻ بہ خدمت چاکريءَ ۾ ڪوبہ گھٽايائين. ڏينهن تہ ٽيو ڏينهن، ٻرسجيون راتيون اوجاڳا ڪري، جان کي جفا ڏيئي، خدمت ۽ رياضت جا حق ادا ڪيائين. هو ٻئي بزرگ باطن جي علم ۾ وڏا ڪامل هئا، تن ڪيس ريٽي وانگر رنگي لال ڪري ڇڏيو.

جئن جواني ايندي ويئي، تئن مستي بہ ويئي جوان ٿيندي ۽ مجاز جي چوٽ لڳي ويئي. سندس نظارو هڪڙيءَ سيربحر نيگريءَ تي ٿيو، جنهن جو نالو "خيري" هو- ان کي "ڪنوار" سڏيندو هو. مجاز جي منزل مڙسيءَ سان طي ڪري، وڃي حقيقت کي حاصل ٿيو. لنبڙ کا تمام ٿورو وقت ڪندو هو. "جي جاڳندي من ۾، ستي پٽ سيئي"- ٻڌائيءَ جي بيت موجب، قلب، خدائي ذڪر ۾، جاڳندي خواهہ ننڊ ۾، چالو هوندو هوس. سڀ وهب الاهي بہ هو، ۽ جمندي ئي جام هو. جئن بہ چوندو هو، تئن ئي ٿيندو هو. مسلمان خواهہ هندو. سندس هزارين مريد ۽ معتقد هوندا هئا.

سير و سياحت سان گھڻو شوق هوندو هوس. هميشہ پيادو هلندو هو. ڪنهن بہ وهت تي سواري ڪانہ ڪيائين. ڪو ماڻهو وهت ڪاهي وٺڻ ايندو هوس، تہ ان کي چوندو هو تہ "ابا، تون هل تہ مان تنهنجي پٺيان ٿو اچان". ڪيڏو بہ تيز رفتار اٺ خواهہ گھوڙو هجي، اهو ماڻهو ان کي تيز هڪلي جڏهن موڻي پنهنجي ڳوٺ ويندو هو، تہ ڏسندو هو تہ اڳ ۾ئي شهر جي ٻاهران پير رکيل بيٺو هوندو هو: ٻيو پير چنڊيندو هو، ۽ ان ماڻهوءَ کي ڏسي چوندو هو تہ "ابا، اجهو مان بہ هينئر تنهنجي اڳيان آيو آهيان"! شهر جي ٻاهران جڏهن بہ پهچندو هو، تڏهن بلند آواز سان ۽ وري وري "الله تو آهر" چوندو هو. پوشاڪ بلڪل سادي- اڇو ٽمڪو، اڇو ڦهراڻ، اڇي يا ليير جي ٻڌل اچانگڙي ڪائنچ اوڍيندو هو، جنهن جا ور اڪثر ڪنجل هوندا هئا. ڪلهن تي اڇي چادر ڪندو هو، ۽ پيرن ۾ جتي پائيندو هو. ميندي‌ءَ سان گھڻو شوق هوندو هوس. اڪثر هٿن پيرن کي ميندي مڪائيندو هو، ۽ پڇاڙيءَ ۾ ريش مبارڪ کي بہ ميندي ڪرائيندو هو. جڏهن ڪيس ميندي مکيندا هئا، تڏهن سهرا ۽ لاڏا چوائي پوءِ ميندي مکائيندو هو. ڪاڏو بلڪل سادو ڪائيندو هو. دل ۾ ڏاڍو قياس هوندو هوس، جانورن تي ڏاڍي کهل ڪندو هو. وڏائي اصل ڪاڻ هوندي هيس. شڪل جو سهڻو، رنگ پکيرو، بدن ۾ ڪنبو ۽ پوري قد وارو هو. جڏهن کو سندس تلاش ۾ نڪرندو هو، تہ بعضي تہ آسانيءَ سان هٿ اچي ويندو هو، بعضي تہ ڏس پوندو ويندو هو تہ "اجهو اڳيان ٿو وڃي، هتان هاڻي نڪتو آهي". پوءِ گھوڙو ڊوڙائي ڊوڙائي ٽڪجي ٽٻو هو، تہ بہ ساڳيو ڏس پوندو ويندو هو، باقي هٿ ڪونہ ايندو هو.

سندس ڪرامتون تمام گھڻيون مشهور آهن. درگاهہ جي اردگرد ٻارهن-ڪوهيءَ ۾ پنجاهہ سٺ ورهين کان مٿي عمر وارا هزارين ماڻهو، زالين مڙسين، سندس اڪثين ڏاڍل ڪرامتن جا اڄ تائين گيت ڳائين ٿا. تب وارن کي موچڙا هٿندو هو- جن جو انداز اڪثر ٻي هوندو هو.

جنهن تيل کي موچڑا هٽندو هو تہ ان کي تپ بکدم چڏي ويندو هو ۽ وري وس لڳندي ان ماڻهوءَ کي تپ نہ ايندو هو.

(۱) مولوي صاحب حافظ حاجي عبدالرحمان ٻهر، مدرس مدرسو ٻريو جوٽيجو تعلقو ڪڙ، روايت ٿو ڪري تہ "اسان جي ڳوٺ گل ٻهر تعلقي جوهيءَ ۾ پيرڪيل آيو؛ اتي هڪڙن ٻن پائرن کي گهٽي وقت کان ٽيٽر تپ ايندا هئا، ۽ ويچارا سڪي ڪاڏيون ٿي ٻيا هئا، تن جي ماءُ گهر جي در تي ٽيي ٻيٽي جو اتان پيرصاحب اچٹو هو؛ جڏهن پيرصاحب آيو، تڏهن مائيءَ حقيقت ڪيس؛ پيرصاحب انهن ٻنهي پائرن کي ٽي ٽي موچڑا هنيا، جي نوبنا ٿي ٻيا ۽ وري سڄيءَ عمر ۾ ٽيڙ تپ ڪونہ آين"!

(۲) خدابخش ابڙو، ڳوٺ درمحمد، تعلقو ڪڙ؛ ڪبڙ ٻهر، ويڙل ڳوٺ ٽرڙي جادوشهيد تعلقو جوهي؛ وڏيرو آدوخان، ويڙل ڳوٺ عبدالرحيم ابڙو، تعلقو دادو؛ ۽ ٻيا ڪيترا ماڻهو روايت ڏا ڪن تہ "ڪيترا دفعا پيرڪيل تار وهندڙ ڏاري خواهہ پرچرد واهہ سان هڪڙي ڪپر کان ٻئي ڪپر لنگهي ويو، تہ کيس ڪپڙي- ٻوڙ پاڻي مس آيو"! هيءَ تمام مشهور ڳالهہ آهي.

(۳) ڳوٺ عبدالرحيم ابڙي تعلقي دادوءَ ۾ باغ ابڙي جو ٻٹ امام بخش بيمار ٿي ٻيو؛ طبيبن ۽ حڪيمن ان کي لاعلاج ڪري چڏيو؛ باغ اچي پيرڪيل کي چيو تہ "سائين، دعا ڪيو تہ الله سائين مون کي هڪڙو ڪٹو رکي ڏئي"؛ پيرصاحب هن سان گڏجي سندس گهر ويو، ٻيڪ ڪيي امام بخش کي وات ۾ وڌائين، ۽ چيائينس تہ "ابا ٽينگو، اڄي ٽينگ ڏي!" باغ کي چيائين تہ "الله سائين تنهنجي ڪٹي مان ڪيج ڪندو". ٽينگو انهيءَ ٿي ڏينهن چگو ٻلو ٿي ٻيو؛ پوءِ هميشہ پيرصاحب وٽ گهٽو ويندو هو، ۽ پيرصاحب بہ کيس ڏاڍو پائيندو ۽ دعائون ڪندو هو. اهو چوڪرو امام بخش، "ٽينگوءَ" جي نالي سان مشهور ٿي ويو، ۽ ماڻهو کيس اڄ تائين 'ٽينگو' سڏيندا آهن. ايا بہ زنده آهي؛ عمر پنجاهہ کن ورهيہ ٽيندس؛ کيس ڏهہ پٹ آهن، ۽ ڏاڍو سکيو ستابو ماڻهو آهي؛ عام خاص کيس عزت جي نگاهہ سان ڏسندا آهن.

(۴) محمد ٻريل ٻريي (ويڙل ڳوٺ ٻريا، تعلقو ڪڙ) جي روايت آهي تہ "مان جڏهن الگريزي پڙهندو هوس، تڏهن پنهنجن ٻين ٻن دوستن سان گڏ فوٽو ڪڍايو هوم، جو اسان جي گهر ٽنگيو پيو هو؛ پيرصاحب اسان جي گهر آيو ۽ فوٽا ڏسي چيائين تہ "ابا، هي صاحب آهن!" کيس چيوويو تہ "قبلا، اوهان جي ننڍڙي مريد ٻريل ۽ ان جي سنگتين جا فوٽا آهن"، تہ چيائين تہ "هائو ابا هائو، هي وڏا صاحب آهن"-آخر اهي ٽيٹي فوٽن وارا ماڻهو، گزيٽيد آفيسر ٿيا!"

(۵) ميان دوست محمد جوٽيجو ٻاڌائي ۽ ٻيا ڪيترائي ماڻهو روايت ڏا ڪن تہ "پيرصاحب پات جي شهر ۾ مريدن ۾ تمام گهٽو ايندو هو. پات جو هڪڙو قاضي صاحب، جو شريعت جو پابند ۽ بزرگ شخص هو (ان جو نالو راقم کان وسري ويو آهي)، سو پيرصاحب جي

مريدن کي چوندو هو تہ "هن جڳہ مست پير ۽ جا رکيو آهي: شريعت جي کابہ پابندي ظاهر ۾ منجهس کائہ ٿي ڏسجي، هن ۾ کهڙي ڪرامت ۽ ولايت هوندي، هن جي ٻڌيان لڳي ڇو گمراهہ ٿيا آهيو؟" انهيءَ قاضي صاحب تي ايترو قرب ٿيو، جو حضور جن جي دربار ۾ ويوا جڏهن نماز جو ٽائيم ٿيو ۽ جماعت نماز پڙهڻ لڳي، تڏهن قاضي صاحب کي پاڻي کونہ ٻيو ليي جو وضو ڪري نماز پڙهي. ڏاڍو پريشان ٿيو، تہ پير رکيل اڳي پاڻهن مان ورتس ۽ چيائينس تہ "قاضي، هل تہ توکي بنا وضوءَ نماز پڙهايان!" ۽ گڏجي وڃي جماعت سان نماز پڙهيائون. وري جڏهن پاڻ جي شهر ۾ پير رکيل آيو، تہ قاضي صاحب ٻہ زيارت ۽ ملاقات لاءِ آيو. پير صاحب قاضيءَ کي پاڻ ڏانهن ايندو ڏسي چيو تہ 'يار، اسان جو حال تہ برابر اهو آهي جو ماڻهو اسان ۾ شريعت جي ظاهري پابندي کائہ ٿا ڏسن، ۽ تو جهڙي شريعت جي پابند کي ٻہ تہ بنا وضوءَ نماز پڙهائي ڇڏيسين!' قاضي ٻرن تي ڪري چيو تہ "قبلا، مون تي وڏو احسان آهي، تون بيشڪ اللہ جو پيارو ٻانهو، ولايت ۽ ڪرامت جو صاحب آهين".

(٦) پير رکيل هڪڙو لاطمع درويش هو ڪيس جيڪو ٻہ نذرانو ملندو هو، سو اڪثر پير ڪريمڊني دوم- پير ڪريمڊني اول جي پوئي- يا لونگ فقير پڙدي‌ءَ کي ڏيئي ڇڏيندو هو؛ هڪڙن ڪان ولي ٻين کي ڏيئي ڇڏيندو هو. هندن وٽان پتاشا تمام گهٽا ملندا هئس، جي ننڍن ٻارن ۾ ورهائي ڇڏيندو هو؛ يا انهن مان شربت ٺهرائي، ماڻهن کي پيارينده هو. پاڻ مال ملڪيت گڏ ڪونہ ڪيائين؛ نہ زمين ورتائين، نہ وري ڪا جاءِ جڳهہ ٺهرايائين. ٻنهنجي گوٺ ۾ هڪڙو ڪوهہ ڪٽايائين: جڏهن ڪوهہ لاءِ سرون پڇي راس ٿيون، چڪ تيار ٿيو، جنهن کي ميندي مکي، گانا ۽ موڙ ٻڌي، ڪڏي ۾ لاهڻ لاءِ تيار ڪيائون. دهل شرنايون پيون وڄن، سرهہ ۽ معتقد زالين مڙسين اڳي ڪٽا ٿيا، سهرن ۽ لاڏن جو اڳي ڏمڙ متو، تڏهن پير خيالي وڏو اڳي ناراض ٿيو تہ 'ڪوهہ ڪٽائڻ ٻہ هڪڙي ٻڌي مراد آهي، هن موقعي تي عزيزن قريبن ۽ ريلا ين جي ٻگدار مخدوم پير سوائي سائين درسن واري کي دعوت نہ ڏني ويئي آهي، سي ضرور دل ۾ ڏک ڪندا'. ماڻهن انهيءَ حقيقت کان پير رکيل کي واقف ڪيو، جنهن يڪدم چيو تہ 'اها آهي ٻہ ايندا ۽ ضرور ايندا؛ جهستائين اهي نہ ايندا، تيستائين چڪ ڪڏي ۾ کونہ لهرائبو'. پاڻ پير خياليءَ اول کي اڳي روبرو چيائين تہ 'سائين، مخدوم پير سوائي سائين ۽ مٽ مائٽ سيٽي ايندا، ۽ انهن جي اڇڻ کان اڳ چڪ ڪڏي ۾ کونہ لهرائبو، مون کي اها گهڻ اگهي ٿي آهي'. ان چيس تہ 'مست! انهن کي کهڙي خبر، اهي ڪيڏن ايندا؟' جواب ڏنائين تہ 'قبلا، اجهي ٽا اڇن، ۽ ضرور ايندا'. آخر ڪلاڪ ڪن مس گذريو، تہ مخدوم پير سوائي سائين ۽ ٻيا ريلائي پير گهوڙن تي ڏنب ڪري اڳي نڪتا، جن چيو تہ 'اڄ صالحپور تعلقي موري ۾ سڀ قدرتي اوچتا اڳي گڏ ٿياسين، گهالهين ڪندي گهالهہ لڪني تہ اڄ سيٽي پير گڏ ٻہ ٿيا آهيون، پير خيالي ۽ پير رکيل وارن سان هلي ملي

اچون ته ڏاڍو چڱو، جو ملئي گهڻو وقت گذري ويو آهي؛ اهڙي ڪشش ٿي، جو يڪدم تياري ڪري، گهوڙا تيز ڪري، پٽڻ ٿيي، ٽن ڇڻ ڪلاڪن ۾ اچي هت رسيا آهيون'. "گهوڙا ۽ گهر، ڏوڙ، چو ٿو پڇين ولها"—ست آت ڪوهه ٻڌ ٻلن گهوڙن جي آڏو ڪهڙي گالهه آهي؟ مهمان ۽ ميزبان ڏاڍو خوش ٿيا. چڪ ڪڏي ۾ لاٿو ويو، ۽ ٻوءِ ڪوهه تيار ٿيو. سمورو ڪم ۽ خرچ پڪو مريدن ڪيو. پي پنهنجي ڳوٺ ۾ جامع مسجد نهايت شاندار پنج-قبائين ٺهرائي هٽائين، جا پنج ڇهه سال ٿيندا ته شهيد ٿي ٻڌي، ۽ ان کي وري پير ڪريڙني دوم (منهن جي والد سڳوري) تيار ڪرايو.

(۷) هڪڙي سال ڪاڇي ۾ اچي جوڙ ۾ سوڪ ٿي؛ مريد ڪيس دعا لاءِ وڃي ويا؛ جوڙ گهمندو وتي، ۽ چوندو وتي ته "ابا، هيڻان ٻاڻي مٽان آن"، سڀ پڇندي'—ٽيو به ائين، ڪاني ڪي ڇڪ ڏئي ٻڌيندا هٽا ته ٻاڙن ۾ آلي گپ لڳي ٻڌي هوندي هٽي.

(۸) ٻئي دفعي وري ڪڏ تعاقي ۾ ٻوڙيءَ جي پرسان، سارنگ چانڊيي جي اردگرد، ٻاڻيءَ جي ڪٽيءَ سڀ جٽواريون سوڪ ٿي ٻيون؛ پير صاحب جن کي دعا لاءِ وڃي ويا، جوڙ گهمندي گهمندي، وڃي "ٻيڙ! ٻيڙ!" ڪيائين: نڪو آسمان ۾ جهڙ، نڪو ڪڪر—جهٽ پلڪ ۾ آسمان ڪڪرن سان ملجي ويو، ۽ ڏاڍو مينهن آڏو: فصلن کي پاڻي اچي ويو، جواريون رائيٽ ٻڇي تيار ٿيون!

(۹) پير ڪريڙني اول جي پوٽي پير ڪريڙني دوم (منهنجي والد سڳوري) کي وڏن جي نالي جي ادب کان نالو وڃي ڪونه سڏيندو هو؛ ڪيس "نيڙو ٽينگر" ڪري سڏيندو هو؛ ۽ ڏاڍيون دعائون ڪندو هوس. چوندو هو ته "ابا، نيڙي ٽينگر کي هڪڙو پٽ ڄمندو، ته نالو رکنداسونس پير شاهه محمد؛ ٻيو پٽ ڄمندس، ته نالو رکنداسونس پير علي محمد؛ ۽ ٽيون پٽ به ڄمندس." پر، ٽئين جو نالو پاڻ اڳوات ڪونه رکيائين. ان وقت پير خيالي اول به حيات هو. بابي سائينءَ کي پهريون پٽ پير شاهه محمد، منهنجو وڏو ڀاءُ، پير رکيل سائينءَ جي حياتيءَ ۾ ڄائو، ۽ مان (پير علي محمد) پير رکيل جي وفات کان ٻوءِ ساڳئي ٻي سال ڄائس؛ وري جڏهن پير خيالي اول وفات ڪئي، ته ان کان ٻوءِ ساڳئي ٻي سال اسان کي ٽيون ڀاءُ به ڄائو، جنهن جو نالو پير خيالي دوم رکيو ويو: ٻوءِ مائهن اندازو اهو لڳايو ته ٽئين پٽ جو نالو پير رکيل انهيءَ ڪري نه پڌائيندو هو، جو پير خيالي اول زنده ويٺو هو.

(۱۰) سندس دعا ۽ ڪلام سان، لونگ فقير ٻوڏيءَ کي پنج پٽ ڄاوا: ميان دوست محمد جوٽيجي ٻاڻائي کي پنج پٽ ڄاوا؛ رئيس ولي محمد خان چانڊيي (لڏاڻ وارو) کي ٻه پٽ—محمد وارث ۽ صحبت خان ڄاوا.

اهڙيءَ ريت، ڪئين مثال آهن، طوالت کان وڌيڪ ڪرامتن جو بيان نٿو لکجي.

سندس دل وارا طالب—شلمون فقير هندو جبير جيءَ وارو، سيٺ ڏنراج مل ڪائين وارو، لونگ فقير ٻوڏي ڪڏ وارو، ميان دوست محمد ۽ ميان فيض محمد جوٽيجا ٻاڻ وارا، احمد

موچي غازيخان جي گوٺ وارو، وڏيرو سوريو ڪائيو ڪائين وارو، گلڻ ميربحر چڪڻ وارو، ٻيو جوٽيجو ٻئي وارو، حاجي ماچي دلوءَ جي گوٺ وارو، ۽ ٻيا ڪي هوندا هٿا، جن وٽ گهٽو رهندو هو؛ باقي مريدن ۽ معتقدن جو شمار ۽ انداز ڪونہ هو، جي اڄ سوڏو سندس درگاهہ جا پانڌ ٻڙو آهن. فقيرن مان فقط ميان فيض‌محمد جوٽيجو ۽ گلڻ ميربحر چڪڻ وارو زنده آهن.

ٻاڻ شادي ڪانہ ڪئي هٿائين، ۽ جتيي ستيي هو. آخر عمر ۾ جڏهن بيمار ٿيو، تڏهن لونگ فقير ٻڙدي‌ءَ وٽ ڪڙ ۾ رهيل هو، جتان عزيز ۽ مريد ڪيس ڏولي‌ءَ ۾ پنهنجي گوٺ ڪٽي آيا. پهرائين اڇڻ کان انڪار ڪيو هٿائين، پر جڏهن ڪيس عرض ڪيو ويو تہ "حالت ضعيف آهي، مبادا هن جهان مان سفر پورو ٿئي وارو هجي، ان ڪري پنهنجن ڪکن ۾ هلڻ بهتر آهي"، تڏهن صبر ڪري ڪئي اڪيون پوٽيائين. سندس وفات جي تاريخ ۲۷ محرم آهي. وفات جو سال مٽي ڇاڻايو ويو آهي. سندس رحلت جو ٻڪي‌ءَ طرح سال چئي نٿو سگهجي، جو حاويلين ٽرڻ جي ڪري اڳيون سمورو دفتر سڙي ويل آهي. سندس آرام واري ڪٽ ۽ ٻيون سندس هٽن جون ڪي شيون هن وقت تائين مون وٽ موجود آهن. سندس رحلت کان پوءِ ستت ئي شامون فقير هندوءَ کي حڪم ٿيو تہ "اچي مجاورٽي!" هن مجاوري‌ءَ جا فرائض تا حياتي‌ءَ دل و جان سان بجا آندا، ۽ سڄي عمر درگاهہ تي درگاهہ جي خدمت ۾ گذاري، جو ۱۹۴۲ع ۾ گذاري ويو.

پير صاحب جي وفات کان وٺي اڄ تائين سندس درگاهہ تي هر سال تاريخ ۲۷، ۲۸ ۽ ۲۹ محرم مهيني جي ٽي ڏمالون وڏو ميلو لڳندو آهي، جنهن ۾ تمام وڏي خلق ايندي آهي. واپار جو ڏاڍو چلتو ٿيندو آهي. ٽئي ڏينهن ملاکڙو لڳندو آهي، جنهن ۾ سنڌ جا وڏا مشهور پهلوان ايندا آهن. هڪڙي پاسي عالم ۽ حافظ قرآن شريف جا ختما کيڏندا آهن، ٻئي پاسي شغلي خوش الحان سان ٻيا غزلخواني ڪندا آهن، ٽئين پاسي صوفي فقير يڪتارا ۽ چيريون وڄايو ٻيا نچندا ۽ ڳائيندا آهن، تہ چوٽين پاسي وري ڪيڙيون ۽ ناڇو ٻيا مجرو ڪرندا آهن. ٽئي ڏينهن صبح جو دهلن شرنائين ۽ لغارن تي ٻڙ ۾ ڏمال لڳندي آهي، جتي فقير نفيلون لاد وڃائي لڇندا آهن: مطلب تہ جٽن سنڌ جا ٻيا وڏا ميلا لڳندا آهن، تٽن هي ميلو ٻ وڏي پيماني تي لڳندو آهي. ميلي کان سواءِ، هر ڪنهن مهني ۾ ماه-پهريون-سومار ٻ لڳندو آهي، جنهن تي پڻ راڳ-ناچ، شغلين جي غزلخواني ۽ ميانوالن جي موج ٿيندي آهي. سنڌي سازن جا فنڪار پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندا آهن، ڪٽين زوائر ۽ سوالي ايندا آهن. ان کان سواءِ ٻارهوئي درگاهہ تي رنگ لڳو پيو آهي. جهنڊا ٻن مسٽن جا مندل، زوائرن ۽ سوالين جي آمد رفت هميشہ چالو آهي.

درگاهہ تي ڏڪراجمل ڪائين واري جي ڪهي ڪٽايل آهي. پير صاحب جي مزار تي پڪو پيل هوندو هو. ۱۹۴۱ع ۾ سيد ڪامل شاهہ لڪياري‌ءَ آراضي‌ءَ واري ۽ منهنجي ڪوشش سان

تبو تيار ٿيو، جو ۱۹۴۲ع واريءَ ٻوڏ ۾ شهيد ٿي ٻيو، رهيل کهيل پٽيون ۱۹۵۶ع جي برسات ۾ ٻوڏ ۾ زبون ٿي ڏهي پيون آهن. مسافرن جي رهڻ جا مڪان ۽ درگاهه جي ننڍڙي مسجد ۱۹۴۲ع جي ٻوڏ ۾ صفا ڏهي ويا هئا، جي فقيرن ۽ مريدن وري ٺهرايا هئا، پر اهي ۱۹۵۶ع جي برساتي ٻوڏ وري ٻوڙي ڏاهي ڇڏيا آهن. هينئر وري ٻ مريدن ۽ معتقدن کي مڪانن ۽ ننڍڙي مسجد ٺهرائڻ جو خيال ۽ تياري آهي، جي اميد ته جلد ٺهي راس ٿيندا. مزار مبارڪ تي چوڪنڊي ٺهرائڻ لاءِ، مخدوم المخدومين پير محمّد زمان طالب المولي، سجاده نشين درگاهه غوث الحق مخدوم نوح عليه الرحمة، هالن واري، حڪم ڪرڻ فرمايو آهي، ۽ هاڻ ٻ ان تعميرات ۾ مدد ڪرڻ جو واعدو ڪرڻ فرمايو آهي. هن وقت درگاهه جو سجاده نشين مان آهيان، سالياني ميلي ۽ ماهه پهرئين-سومار کي دستور موجب چالو رکيو اچي ٿو.

احمد خان طالباڻي عامري

پير حاجي نظر محمّد شاهه جيلاني

جناب پير حاجي نظر محمد شاهه ، ولد پير چنڊ شاهه ، ولد پير نور محمد شاهه ، ولد پير نظر محمد شاهه ، سن ۱۳۰۷هه ۾ ، ڳوٺ "ناسري" (تعلقو سڪرنڊ ، ضلعو نوابشاهه) ۾ ڄاڻو ۽ سندس ڪٿو عرصو ڳوٺ ناسري ۾ رهڻ ٿيو. ۱۹۲۸ع ۾ ، ڳوٺ ناسريءَ کي درياهه پاڻ سبب ، انهيءَ ڳوٺ کان اوپر طرف ، بچاءَ-بند جي اندر ، ڳوٺ چتن شاهه لڳ پنهنجو ڳوٺ ٻڌارائي رهڻ لڳا. اهو "ڳوٺ پير نظر محمد شاهه" اڄ تائين موجود آهي. پاڻ انهيءَ ڳوٺ جي پرسان دفن ٿيل آهن.

پاڻ ننڍي هوندي ملا محمّد ابراهيم ڏونگري (ويڙل عامري) وٽ قرآن مجيد پڙهيائون ، جنهنڪري لکي پڙهي سگهندا هئا. شاهه صاحب جن ڇڏهن سورهن سالن جا ٿيا ، تہ سندن والد وفات ڪئي ؛ پوءِ اسر-ذاتي جي حاصل ڪرڻ لاءِ ديس ڇڏي پرديس روانا ٿي ويا.

سنڌ ۾ ڪيترين ئي زيارتگاهون ڏسندو گهمندو جستجو ڪندو ، 'شيخ پرڪئي' (ضلعو حيدرآباد) جي اتر ۾ مڪان درگاهه "پوچڙائي" تي پهتو ، جتي بزرگ مخدوم عبدالحميد ڪاتيار جي گادي نشين سيد محمد علي شاهه جي خدمت ۾ حاضر رهيو. پوچڙائي درگاهه شيخ پرڪئي کان ٻہ ميل اتر طرف آهي ، جتي درگاهه جي گادي نشين الحاج سيد محمد علي شاهه جن ، پير نظر محمد شاهه جيلانيءَ کي ، حق جو طالب سڃاڻي ، پنهنجي محبت ۾ محو ڪري ، ذات پاڪ جي اسر اعظم ڏيڻ سان سرفراز ڪيو. اهڙيءَ ريت ، پنهنجي مرشد سگهوري جي حضور ۾ حاضر رهي ، جهد ۽ تڪليفون ڪري ، ڪمال درجو حاصل ڪيائين.

جڏهن مرشد پير حاجي محمد علي شاهه جن برقعو مٽايو ، تڏهن پير حاجي نظر محمد شاهه ويڳاڻو ٽي لکيءَ ۾ حضرت شاهه صدر رحمت الله عليه جي درگاهه تي ويهي ذڪر ۽ فڪر ۾ محو رهيو. هر هڪ جمعي رات ، مشڪلات خواهه مرض ۾ مبتلا ٿيل ، تہ ٻ اڇي جماعت سان صلوات سگهوري ۽ ذڪر ذاتي جي محبت ۾ مائل ٿي ، هر طرح جي فائدي کان فيضياب ٿيندا رهيا. ڪين حضرت شاهه صدر رحمہ جي روضي شريف جي اڳيان مسجد شريف ٺهرائڻ جو شوق ٿيو ، تنهنڪري پاڻ ملتان مان ڪاريگر ڳهرائي موجوده مسجد شريف ۽ درگاهه جو ٻاهريون دروازو تيار ڪرايو. پاڻ ٻخاليءَ هٿان ميل ٻہ ٻڌ تان درگاهه شريف تي پاڻي پرائي،

غريب غربا مريض مسافرن جي رهائش ۽ کاڌي خوراڪ وغيره لاءِ خاص خدمتگار موجود ۽ مُهيا ڪري، رات جو جاڳڻ هلائي، ڪلمه توحيد جي تنوار سان، اندر اوجاريندڙ آلاپن سان، ساهه سائينءَ جي سپرد ڪري، ڏينهن جو غرباء ۽ فقراء جي ڪالي ڪائڻ ۾ مست رهيا؛ جنهنڪري گلستان بارگاهه جي گلڙن، "جماعت" جون مکڙيون مرڪڻ سبب، شاهه صدر عليه الرحمة جي نوجوان ۽ نوڻهال ننڍن ڪي اڇي دل مبارڪ تي اهو وهم ويڻو ته مبادا اهو جيلالي جوان (حاجي نظر محمد شاهه) اسان جي ڏاڏا سائينءَ تي هميشه لاءِ قبضو ڪري، تنهنڪري هن درويش ۽ غربا جي دلين جي سوداگر، اهو سُر سمجهي، سواءِ سبب جي، پنهنجو سموري فقرآءِ وارو لڏو ساڻ ڪٽي، وطن واصل ٿيو. اندر ۾ اهائي آس ته ڪنهن جي دل نه رنجائجي.

تنهن کان پوءِ، ٻاڻ حضرت مخدوم نوح رحه جي درگاهه تي جماعت سميت ايندا رهيا، ۽ الاهي عشق ۾ دنيا کي ترڪ ڪري، عبرت جي مڪان کي لوچي لڏائون. سندن سدائين پاڻاري پٽ تي هوندي هئي. هن درگاهه تي ڪيل خدمت ۾، مخدوم غلام حيدر سندن سهڻيءَ سيرت تي موهجي پيا.

آخر درگاهه شريف قلندر شهباز رحه جي سجاده نشين سردار ولي محمد شاهه صاحب، لکي شاهه صدر رحه جو سرسبز ٽيل غنچو، ذرا موسم سرديءَ ڪري ڪومايل پسي، پير حاجي نظر محمد شاهه جن ڏاڻهن حضرات لکياري سادات جو وفد (جناب حاجي قادر بخش شاهه، حاجي غلام عباس شاهه صاحب ۽ سيد جنڊل شاهه صاحب) دوباره درگاهه شريف تي آڻڻ لاءِ موڪليو، جن ڪيس آڻي لکي شريف ۾ ميان غازيخان جي اوتاري ۾ رهايو.

لنگرخاني لاءِ، رسول بخش فقير، جاڏهه ٻيهي، مسافرن جي خدمت ڪري، ذڪر ذاتي ۾ مشغول آهي: اهو لنگرخاني جو سنياليندڙ، سچو سُڪي ۽ هلڻ چلڻ ڪان عاجز ٿي، ڪنولي داخل هو، جو پير صاحب جي دعا سان هاڻي پاڻي پري، ڪاڏو رڌي ۽ پچائي ٻيهي، مسافرن جي خدمت ڪرڻ سان، اڄ اولياء صاحب جي درگاهه جو خادم ۽ موجود آهي، جنهن جي دعا ٻڌ الاهي درگاهه ۾ مستجاب آهي-(ثابتيءَ لاءِ درگاهه لکي شاهه صدر عليه الرحمه تي ڏسي سگهجي ٿو).

شاهه صاحب موصوف جي حياتيءَ جو سموري وقت ۽ زمانو، مماتي وارن جي محفل ۽ مجلس ۾ گذريو. هميشه اهو فڪر هوندو هون ته نفس آمّاره کي نابود ڪجي. هڪ دفعي، عامريءَ وٽان لڳهندي، سندن مريد چيو ته 'سائين، اوهان تي خدا جي ايتري نوازش آهي جو جيڪر نظر ڪريو ته هي جو ڳوٺ لڳ (آتر طرف) سڀيءَ جو ڏڙو آهي، سو به هوند سونو ٿي پوي!' جواب ۾ چيائون ته 'سڀيءَ جو ڏڙو سولو ڪرڻ يا درياء مان جيڏرا پٽلا هٿ سان وٽڻ واري کي پير نه چٽبو؛ پر پير آهو آهي، جو پنهنجي نفس ناقص کي ماري مات ڪري، رت ماس خدا تعالىٰ جي عشق ۽ ياد ۾ سُڪائي'. مگر، اڄ تيل تماڪ جا طالب گهڻا آهن،

بر حق جو طالب کو کو: جو مُنڊي دل جياري، سوئي عاشق الله تعالي جل جلاله جو آهي. سخا جو ته اهڙو عاشق هو، جو پنهنجو مال ته بجاءِ خود، هر جُسي جا ڪپڙا به خيرات ڪرڻ کان کين گسندو هو!

سندن مرشد سڳورن جي درگاهه تي پير غلام حسين شاهه صاحب "موجوده" جي دستاربنديءَ کان پوءِ ته هر طرح خدمت ڪرڻ لاءِ ڪمر ڪشي، مانجهي مرد، ميدان ۾ لروار ٿي، آن درگاهه شريف، مسجد شريف ۽ بين جاين جي تعمير ڪرائڻ ۾ مشغول رهيا، ۽ صبح شام، رات ڏينهن، قلب کي پرين جي تات ساهه پساهه، قلبي ذڪرسان ذوق ۽ شوق زياده هون؛ ۽ ساري فقراء جماعت جو جنسار، اندر اوجار سيلاني، سدائين سفر ۾ گذارينندو هو.

سندن همعصر حضرات مان هيئيان صاحب قابل ذڪر آهن: سيد ولي محمد شاهه، سجاده نشين درگاهه قلندر شهباز رحه؛ مخدوم مولوي حيدر صاحب مرحوم؛ طالب المولي جناب مخدوم محمد زمان (ان وقت ننڍا هئا، مگر سائس مجلس ڪندڙ هئا)؛ سيد قاضي محمد ابراهيم شاهه صاحب ۽ سندن پٽ حاجي محمود شاهه (حيدرآباد جا قاضي صاحب)؛ پير غلام حسين شاهه صاحب درگاهه پوچڙائي؛ سيد الحاج ميران محمد شاهه صاحب؛ ۽ سيد غلام مرتضي شاهه صاحب؛ وغيره. مطلب ته سندس ساريءَ سنڌ اندر هرهنڌ هيڪار هئي، باڪ اڄ تائين عربستان الدر ۾ سندس فرزند ارجمند ۽ خليفي احمد نُورياريءَ خواهه ساداتن جي آمدرفت ۽ سندس معتقدن سان خط ڪتابت جاري آهي.

سندن وفات تاريخ ۲۹ جمادي الثاني سن ۱۳۷۰ھ، چنڇر رات، ٽيهٽ ورهن جي عمر ۾، پنهنجي ڳوٺ ۾ ٽي، جو تعلقي سڪرنڊ ضلعي نوابشاهه ۾ آهي. سندن مزار ۾ آن ڳوٺ جي پرسان آهي.

ڪارناما: هن ڪامل درويش، مرشد صاحب، فيض بشارت، جي وطن پهچڻ تي ونس هڪ عورت دانهين آئي ته "منهنجو مڙس مجازي عشق ۾ اهڙو غلطان آهي، جو ان کي شايد ڏينهن ۾ مخالف ڏر، جان جو نقصان ڪري وجهن، جنهن کي دعا ڪريو ته خدا صاحب هدايت بخشيس". قدرتاً، اهو مرد (ذات جو لاکو)، ٻئي ڏينهن، عشق جي الڏي گهوڙي تي هسوار، تاکيي جي سلوار، ٽئي جي ريشمي لونگي، زريءَ سان جُٽي پايو، شاهه صاحب جي اوتاري وٽان اچي لانگهائو ٿيو. سندس دل ۾ آيو ته پير نظرمحمد شاهه ويٺو آهي، چو نه پيرين پوندو وڃان. بس، لاکي احمد جو پير صاحب جي ملڻ لاءِ اچڻ، ۽ درويش ڪامل جو توجهه ڪرڻ... پوءِ ته زمين تي ڪڙ ڪي سير وجهڻ وقت جئن ڏٽڪو لڳندو آهي، تئن سندس ڏڙن ۾ ڏٽڪو ۽ جان ۾ جولان جاڳيو، جو ڪلاڪ کن هليو. تنهن کان پوءِ جڏهن سامت ۾ آيو، تڏهن آڏي پير صاحب جو حضور ۾ حاضر ٿي، اڳيان اچي، مولا سائين جي محبت ۾ محو ٿي ويو. ڪاڏي ويا ويس وڃا: عشق مجازيءَ مان ڦيري عشق حقيقي اهڙو حاصل ٿيو، جو ڪٿي جي ڪوڏ، پير اڳهاڙا ۽ بالهن جهڙي ٻهر جي ٽلهي لٽ ڪلهي

تي ڪٽي، ڪلمءَ توحيد ۽ حياتي خواهه مماتي وارن بزرگن جي محفل ۽ مجلس لاءِ حيران پريشان، باقي وقت حياتيءَ جو خدا تعاليٰ جي خوف کان سهڻي آرام نه ڪيائين؛ ٿڻ عشق جي آتش جا آواز آچاريندو، ڪلمءَ توحيد جي برڪت سان ڪافرن ۽ ڪٽن جون مٽل دلبون جياريندو، شاد ۽ آباد ڪندو رهيو.

منهنجي شاگرديءَ جي زماني ۾، هڪ دفعي، ڪنهن سادات جي چورٽ تي، ذڪر توحيد جو ڪندي، منهنجي استاد ڪيمچند نالي، سندس ذڪر ٻڌي، ڪيس اهڙو تہ بدن ۾ لرزو اچي ويو، جو آن سيد کي چيائين تہ "هاڻي بند ڪرائينس!" جنهن تي مذڪور سيد وراڻيو تہ هي پنهنجي مرضيءَ سان بند ڪندو، نہ ڪنهن ٻئي جي چوڻ سان، ان کان پوءِ استاد ڪيمچند جيترو وقت حيات هو، سو پير صاحب جي خدمت، صداقت ۽ رات جو جاڳڻ سان گذاريائين.

مٽيئن احمد لاکي لاءِ ڪنهن ٻئي فقير، پير صاحب پاڳاري کان ڏٺا گهري؛ جواب ۾ فرمايائون تہ "ڪيس پير صاحب ڪٽي جي گوڏ ٻڌائي آهي، جا امانت وٽس قائم رهندي." سندس پٽ گلن لاکو به اهڙوئي درويش فقير، محبت وارو ٿي گذريو آهي.

حاجي مولڊني درس فقير تي، ڪنهن شخص، دشمنيءَ سبب، برٽس مان بلوچستان ۾ ڪيس ڪرائي، ڇهہ مهينا دربدر خاڪ بسر، بيروزگار ۽ ذليل ڪرايو، جنهن لاءِ سندس عزيز خويش خرچ ڪري ڏاڍي ڪوشش ڪئي، مگر وريو ڪي به ڪين. آخر، هن درويش جي دعا ۽ خدا تعاليٰ جي عنايت سان، هڪ هفتي اندر ئي، هڪ مرد مولا جو، بلوچستان جو رهاڪو، سندس ضامن ٻڌي، جند آزاد ڪرائي. حاڪم ٻڌ فرياديءَ تي ڏنڊ ڪري، ڪيس آجو ڪري، وري ساڳيو روزگار نوڪري بحال ڪيو؛ جنهن جي آزاد ٿيڻ تي هي لفظ نڪتا: "ڪٽن ڪريان ڪيڏانهن وڃان، ڪوٺهي منهنجو وس؛ جڏهن ڏاهي ڏنو ڏس، تہ ويڇ وري آئيا!"

محمد اسماعيل جوئي کي اولاد ٻچندوئي ڪونہ هو؛ پير صاحب جي دعا سان، خدا تعاليٰ مٿس راضي ٿي ڪيس چگي الداز ۾ صالح اولاد عطا ڪيو آهي.

هڪ ڪوڙهہ جو بيمار سوالي وٽس آيو، جنهن کي چيائين تہ "وڃي ڏين جون پاڙو پُساڻي ڪاڙهي پيءُ" اهو هفتي ڪن علاج سان تندرست ٿيو. مخدوم درمحمد خان رٽائرڈ سب انسپيڪٽر پوليس ٻوڪ جي کي اولاد ڪونہ هو، جنهن کي پيريءَ جي زماني ۾ ڪجهہ علاج ۽ پنهنجي دعا جي اثر سان سرفراز ڪيائين، جو سندس اولاد "مخدوم عبدالرحمان" اڄ تائين قائم آهي.

هن درويش وٽ هيندن جي ڪوڙين دعوائن سان دربدر ٿيل، ڏکريون جاري ٿيل يا ڪوڙن ڪيسن ۾ مبتلا ٿيل جوابدار، قدم بوسي ڪرڻ سان، آزاد ٿي نماز صلوات کي هٽ ڪري، آئينده آخرت لاءِ سوغات سپرد ڪري رهيا.

مطلب تہ اڇوڪي وقت ۾ اهڙو هادي رهنما جزوي ڪوڏن ۽ ٻڌڻ ۾ ايندو، جو سيڪنهن صحبت واري لاءِ دل جو سوداگر هو، ۽ نہ دنيا فانيءَ جو طالبو. هر هڪ مريد خادم محبتيءَ کي سندس درجي مطابق پنهنجي هٿن سان مانيِ ڪارائڻ، ۽ پنهنجي فقراء جي پنهنجي درگاهہ تي ٻاڻ خدمت ڪندو رهيو.

نورمحمد خان جمالي

خليفو محمد خان جمالي

اسان جي سنڌ سڳوريءَ ڌيرتي جي بزرگن، شاعرن، سگهڑن ۽ سالڪن کي جنم ڏنو آهي، جن مان جناب مرحوم خليفو محمد خان، ولد غلام محمد خان، ولد مراد علي خان، ولد درمحمد خان، ولد مهرعلي خان جمالي بلوچ هڪ سچو سالڪ، عالم، درويش ۽ شاعر ٿي گذريو آهي. خليفو صاحب، تاريخ ۵ جمادي الاول سن ۱۲۷۴ هجريءَ ۾، ڳوٺ ميوي خان جمالي تعلقي سڪرنڊ ضلعي نوابشاهه ۾ جائو. ڪيس نندي هوندي کان پڙهڻ جو گهڻو شوق هولدو هو، مگر جيئن ته ان وقت ڳوٺن ۾ مدرسا پري پري هوندا هئا، ۽ تعليم حاصل ڪرڻ ۾ ڪيئن مشڪلاتون درپيش هيون، تنهنڪري سندس مائٽن ڪيس مال چارڻ تي ڇڏيو. هڪ پيري سندس ڳوٺ ۾ حضرت پيرصاحب جناب رشيدالدين شاهه جهنڊي وارو تشريف فرما ٿيا. خليفو محمد خان به پين چوڪرن سان گڏجي پيرصاحب جي زيارت لاءِ ويو، جنهن تي سندس والد ڪيس مال جهنگ ۾ چڏي اچڻ تي ڪاوڙ ڪئي، مگر پيرصاحب جن خليفي صاحب جي نماڻائي ۽ لهڻائي ڏسي سندس والد کي روڪيو، ۽ ڪيس پڙهائڻ لاءِ تاڪيد ڪيو. ان کان پوءِ جلدئي خليفي صاحب کي ڏهن ورهين جي عمر ۾ قاضي جان محمد جمالي ۽ ڳوٺ ميان جان محمد جمالي تعلقي هالا جي مدرسي ۾، پارسي-عربي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ چڏيو ويو، جتي ڇهه عرصي پڙهڻ کان پوءِ مدرسي "ملا ڪاتيار" جي بزرگ ميان ولي محمد صاحب جن وٽ فيض حاصل ڪرڻ لاءِ ويو، جتان گهڻوئي پرايائين. پاڻ ٽيهن ورهين جي جمار ۾، پيرصاحب رشيدالدين جن جي فقيريءَ جي واکاڻ ٻڌي، سندس زيارت لاءِ ڳوٺ پير جهنڊي ڏانهن روانو ٿيو. وات تي سندس دل ۾ اهو خيال آيو ته سندس مقبرو ڪنهن موزون جاءِ تي هجي. جڏهن پيرصاحب جن جي خدمت ۾ پهتو، تڏهن رواجي خوش خيرعافيت کان پوءِ دواران گفتگوءَ ۾ پيرصاحب جن خليفي صاحب کي مخاطب ٿي چيو ته "گهڻن ماڻهن جو خيال هوندو آهي ته سندن مقبرو ڪنهن موچاريءَ جاءِ تي هجي، مگر اسان جو ارادو آهي ته اسان جي قبر عام رستي تي هجي، جتان ماڻهن جي اچ وڃ گهٽي هجي". خليفو صاحب پنهنجي ارادي ظاهر ڪرڻ کان سواءِ پيرصاحب جن جو جواب ٻڌي، سندس مريد ٿيو ۽ اتان ئي خليفي جو لقب عطا ٿيس.

خليفو صاحب ٻوءِ ڪيتروئي عرصو پير صاحب جي صحبت ۾ رهي گهڻو فيضياب ٿيو. ڪجهه وقت اتي رهڻ بعد، پنهنجي علم کي ٻين تائين پهچائڻ ۽ خلق خدا جي خدمت ڪرڻ لاءِ، ڳوٺ علي بخش خان ٻاڻ تعلقي هالا ۾ ٻنا ڪنهن اجوري جي ٻڌائڻ جو ڪم شروع ڪيائين. ڪجهه مدت اتي تعليم ڏيڻ کان پوءِ، پنهنجي ڳوٺ "ميوو خان جماليءَ" ۾ اچي مدرسو کوليائين. ڪيس خداوند ڪريم ظاهر باطن جو علم عطا ڪيو هو، جنهنڪري ڪيترائي طالبعلم پري پري کان تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ونس ايندا هئا. سڀ ستر شاگرد هميشه ونس رهندا هئا. ٻاڻ سخي مرد هو. ڪجهه ٽڪر زمين آباد ڪرائي، ان جي پيدائش غريبن ۽ مدرسي جي حوالي ڪندو هو. خليفو صاحب نهايت ئي با اخلاق ۽ شريعت جو پابند هو. ڪنهن سان به حب يا بغض محض خدائي ڪمن لاءِ رکندو هو، ۽ سڄي زندگيءَ ۾ ڪنهن به ماڻهوءَ سان شخصي ڪمن لاءِ دوستي يا دشمني نه رکيائين.

شروعات ۾ سندس طريقو 'نقشبندي' هو، جو درگاهه ملاڪانيار جي بزرگ ونان ورتو هئائين؛ ۽ بعد ۾ سندس طريقو 'قادري' هو، جو پنهنجي مرشد حضرت پير صاحب رشيدالدين جهنڊي واري کان حاصل ڪيائين، ۽ پوءِ تائين سندس طريقو قادري رهيو. خليفو صاحب، آسپاس ۾ ڪوئن يا سندس راج ۾ ڪٿي به ڪن ڏرين جي ٻاڻ ۾ اٽڪت ٿيندي هئي، تہ ٻاڻ هلي وڃي انهن جي ٽاهه ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو. خدا جي فضل سان اڪثر پنهنجي ارادي ۾ ڪامياب ٿيندو هو. جيڪڏهن اتفاق سان ڪا ڏر فيصلي کان نڪائيندي هئي، تہ ٻاڻ انهيءَ ڏرکي نصيحت ڪندو هو تہ 'ٻئي ڪنهن جي چوڻ تي اوهان ٽهندا، تہ اهو به اوهان جو سون تي احسان آهي.' نہ رڳو ايترو، ۾ هڪ دفعي سرڪاري ڪورٽ ۾ سندس والد ۽ ٻاڻ جي مخالف ڏر سندس شاهدي وڏي. خليفي صاحب جي شاهدي ڏيڻ جي حالت ۾، سندس والد ۽ ٻاڻ مجرم ثابت ٿيا ٿي، مگر ٻاڻ حق جي گواهي ڏيڻ ۾ ماسو به نہ مُڙيو، ۽ مئجسٽريٽ، خليفي صاحب جي سچائي ڏسي، سندس عزيزن کي معافي ڏني. ٻاڻ اهڙو تہ رحمدل هو، جو هڪ ڀيري پنهنجي پوک تي ڪاڻن جي بند ڪٽڻ لاءِ هڪڙو شاگرد ساڻ ڪري ويو؛ جڏهن بنيءَ تي پهتو، تہ ڇا ڏسي جو ڪو شخص سندس ڪانا چوريءَ ٻيو ڪٽي؛ ٻاڻ ان کي ڏسي هڪڙيءَ ڪنڌ ۾ لکي ويڻو، ۽ جڏهن چور ڪانا ڪٽي ويو، تڏهن ظاهر ٿيو. شاگرد ڪائنس انهيءَ جو سبب پڇيو، تڏهن چيائين تہ "جي اهو چور سون کي ڏسي ها، تہ شرمسار ٿئي ها، ۽ سندس دل ناراض ٿئي هئا؛ ان لاءِ آڻون لکي ٻڌس، تہ پلي هو پنهنجو مطلب پورو ڪري وڃي": مطلب تہ انسانيت، سخاوت، ڪرامت ۽ عبادت جا سپٿي گڻ منجهس موجود هئا.

خليفي صاحب جا هٿ-لکيل ڪتاب گهڻائي هئا، جن مان نقلات جناب پير سائين جهنڊي واري جو، مدحيات جناب نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم، خطبات ۽ مولود شريف، غزل، ڪافيون، مناجات، لولبون وغيره، سيپاره عم جو ترجمو ۽ تفسير، توحيد نامو، ۽ ٻيا ڪيترائي ڪتاب هن وقت پير سائين جهنڊي واري جي ڪتبخاني ۾ موجود آهن.

سندس شعرن مان نموني طور مختصر شعر هيٺ ڏجن ٿا. شعرن ۾ تخلص "خليفو" ڪر آندو اٿس؛ ڪٿي پنهنجو نالو "محمّد" ۽ ڄاڻايو اٿس، تہ ڪٿي "جمالي" ظاهر ڪيو اٿس.

ڪافي

مدينيءَ هلڻ جو آهي روح رايو،
سنيرسات ويڙو، سهي ڪرتون سعيو.

۱- ڏاڍو ذوق زاري، هلي ڪر هچاري،
وتين چو ويچاري، پري پير پايو.

۲- اکين کاڻ غربين، ڇڏيو تاب تربين،
سدا منجهه سر بين، ڇگو رڻ ڇتايو.

۳- روضي پاس روئي، دغا ڇڏ تون دوئي،
شرع شرڪ سيوئي، ڪيي ڪوڙ ڪايو.

۴- روضي پاس راحت، سدائين صلاحت،
مٺي سا ملاحت، حرم ۾ هلايو.

۵- خالي ڪر، "خليفا"، لعلڻ ريءَ لطيفا،
ساري ڏس صحيفا، اندر يار آيو.

خطبو

(نموني طور ابتدا ۽ انتها جون ڪجهه سٽون ڏجن ٿيون.)

ساراهيان سبحان کي، هردم صفت حنان کي،
مالڪ مٽي منان کي، وصفون وڏائيءَ جون وٽر.

مولىٰ لبي ان مان مڪا، مرسل مڙيئي جي هڪا،
داور ڏٺيءَ سي سپ ڏڪا، انسان آدم جا پسر.

محمد مٽو منار ٿيو، امت سندو آذار ٿيو،
ياور يتيمن يار ٿيو، آکي گهرايو عرش ۾ر.

فائق مٿي فرقان ٿيو، امرون، جو احسان ٿيو،
مجمع منجهس فرمان جو، روزا نمازون حج ڪر.

ضايع ۾ ڪر تن مان ذرو، مائين متان دوزخ ترو،
ڏينهڙو ايندئي ڏاڍو گهرو، هٽڙا هٽنه بن هي حشر.

*

هي پند ناصح جي سڻو، دل گوش ۾ تنهن کي ڏئو،
ميوا جنت جستون چڻو، حورون هزارين ڪئين اپر.

"محمد" ڇگو ماڻهن چئين، ڪهڙا ڪبيرا تون ڪرين،
واڌو ڪنان انهيءَ سڀين، بيحد گهٽا بسيار تر.

رحمت پريا تون راحمين، آڪا الله العالمين،
ڪر محو مهرون مون ڏڻي، جيڪي بديون جنهن جون بتر.

اميد رحمت ۾ رکان، توڙي گنهه ڪيڙم لکان،
لذت شفاعت جي چکان، من کي ملان محبوب درا

بيت

ڏيرن چيس ڏور، ڪيچ پراهون ٻڌ،
جان رڙهي ڪنيم رند، تر وک نه پوري وات ٿي.

لولي

(خليفي صاحب ها پياده پ حج ڪيا، ۽ مڪي شريف مان مه يني منور ڏالهن ويندي جيڪي منزلون ڪيائين، تن جو احوال هن لولي۽ ۾ ظاهر ڪيو اٿس.)

بسم الله سين هل تون بندا، منهن رک مديني ڏي مندا،
صلوات پڙهه تون گولا گندا، بلڪل گهٽي بسيار تر.

هل تون هلون محبوب ڏي، من جي مڻي مطلوب ڏي،
مڙيان وڏي مقصود ڏي، سردار سيني سربسر.

ماء پيءَ ڪنا مشفق وڏو، عاصين سندو آهي آڏو،
جيڙو جنهين لاءِ جڏو، سنگت ڪري تنهن سين سير.

منت خدا جي ٿي گهٽي، ڪئين ڪرم ڪيا قادر ڏٺي،
مڪي منجهان منزل ڪٽي، منهن رک مدينني مانور.

تُرتان لنگهيا تعظيم ڪان، عارف پڙهن عمرا جتان،
راهي مديني ره ٽيا، جانب ٽڪي جنهن جاءِ در.

صرف ۾ سهماڻي پڙهي، چالاڪ ڪر چستان چڙهي،
ڪر قافلو قصدان ڪڙهي، جهاڳي لکيون جهولا اپر.

مرطهران مان ڪري منزلُن، وادي فاطمه جنهن کي چون،
ٻديون لهراڻي جيت وهن، عينون وڏيون ارشادور.

بير سناري جي هلي،
فجر پڙهو مهرون ملهي،
اهڙي له کا آهي پلي،
وڃن سنجهان واڌو ڪشر.

عارف اچو عيسان تي،
چئن يارن سندا کوهوا جتي،
ترتڙن ٽکي تهدل تتي،
منزل ڪٽو موٽي مگر.

قرآن وادي‌ء ۾ ڪهي،
بدوين منجهان بهرا لهي،
صالح سگهوري وٽ سهي،
قربڙن رسيا ڪشي ڪمر.

آيا هلي اڪليس ۾،
دلبر سندي سپ ديس ۾،
پرسن چڏيا پردیس ۾،
پنهنجا برادر ڪٽين پسر.

کاهي رسون قديد کي،
لوري ندين آهن جتي،
مڪتب پڙهي تهدل تتي،
خرم خطابي خوش سير.

شيخ حامدي وٽ هلي،
مهرون رسيا مڙيئي ملهي،
آهي سخا جنهن جي پلي،
خدمت ڪري خوش لام تر.

کليا مٽي کاهي رسون،
رابق لنگهي رڻ ۾ هسون،
پنهنجا پرين پارس پسون،
جهاڳي لکيون جهولا اپر.

بير مستور تي منزل ڪري،
کاهيو ادا ڪيچين ڳري،
پر تان پرين ناهن پري،
جان تون ڪٽين سڪ جو ٿمر.

شيخ البير تي شل مان رسان،
پنهنجا پرين پارس پسان،
هوتن ڏسي هردم هسان،
شمعون پسي ٿيان شادتر.

صفرا منجهان ساهي ڪري،
هل تان هلون دوستن دري،
وارث ولين سن وري،
حميرا منجهان هل هوت در.

وادي جديدان ۾ جڙي،
سنگت سندي صحبت پڙي،
محبن ڪنان دل نه مڙي،
شڪرالا ڪٽين شاديون شهر.

بير عباس تان بهرا لهي،
سهڻي هلي سنگت صحي،
روسا مٽي کاهي ڪهي،
سيني سانداريون ڪيون ستر.

بير شريف تي حاجي هلو،
منزل ڪري تنهن ڪان ملهو،
آهي جتي ڪوهڙو پلو،
مهندا جنهين مجنون بر.

مجنون لنگهي مهرون سيان،
ڏر تون منارن تي ڏيان،
شر شور ويو شاد جان،
الحمد چئو الفڙن اپر.

لطفان لنگهي بيرالعلي، ترسون متان تکرار جي،
مون کي مدينو پار جي، آهي اکنڊ ارشاد ور.

پيهي مدينو ۽ ملهي، جمعو پڙهون جو دؤن هلي،
جت آهي وارث ۽ ولي، سردار سينو جو سڏ.

گهوري هيس جنهن گهوٽ کي، عربي ميڙي اٽموٽ کي،
آيس هلي تنهن گهوٽ کي، جنهن ۾ ٽيکي منهنجو جگر.

من جون مرادون مون پنيون، ابليس جون اکڙيون رنيون،
پوري نفس جون پگهيون کنيون، خوش ٿي ڏنم خيرالبشر.

کريو زيارت ذوق مان، شب روز شاديون شوق مان،
ترتان کريان هلي طوق مان، ٻيزار پاڙوسين پڌر.

روضي اڳيان روئي چوان، دل جي دغا ڏوئي چوان،
صادق اڳيان موئي چوان، دل جو غرض دارين در.

سيد مٺا سڻ تون سدا، گولو کري تو در گدا،
انبار عاصين ٻڌا، بخشش گهران تن جي بدر.

ويڙي وهي منهنجي ولگي، اوجهڙ عمر کير ڏنگي،
رهبر رسين تو در رنگي، سڏڙا سڻج منهنجا سڏ.

اڳواڻ تون اونڌن سندو، مالک سدا مونڌن سندو،
گنجو گرو جيکو گنڌو، آهيو اوهان پارس پڌر.

حامي اچو مٿي ڏي هلي، محب ماندي ڏي ملهي،
گولي جهليم اوهان جي گهلي، جڳ ۾ چئي "جمالي" چئي جمر.

هيکر گهران هيکاندگي، مشفق مدينو ساندگي،
روضي اڳيان رساندگي، کلمو کهي ٽيان منجهه قبر!"

خليفي صاحب ٽيهٽ ورهين جي ڄمار ۾، تقريباً ۱۹۱۸ع ۾ وفات ڪئي. سندس والد به ساڳئي ڏينهن، ساڳئي وقت تي رضا ڪئي. چون ٿا ته ڪانڊين پهريائين خليفي صاحب جي جنازي کڻڻ جي ڪوشش ڪئي، مگر کٽ اهڙي ته ڳري هئي، جو ڪانڊي ان کي زمين تان به چوري نه سگهيا: گهٽيءَ سوچ ڪان پوءِ ڪانڊين پهريائين سندس والد جو جنازو کنيو، ۽ بعد ۾ خليفي جو، جنازو آسانيءَ سان کڄي آيو. ڪيس تاريخ ۲۷ صفر ۱۳۳۷ هجريءَ ۾، ڏينهن سومر جي، "دوس پير قبرستان" ۾ دفن ڪيو ويو.

عبدالحڪيم پلي

سرحوم خليفو چٽو

خليفو چٽو، ولد خليفو محمد قابل، ذات پلي، ڳوٺ سڳهه تعلقي ڪچري ضلعي سانگهڙ جو ويڙل هو. سندن شجرو هن ريت آهي: خليفو چٽو، بن خليفو قابل، بن چٽو اول، بن رتو، بن عزاءالدين، بن محبو، بن نورالدين، بن اويس، بن عبدالحميد، بن درس پلي ساڳرائي. درويش عبدالحميد، سيد شاهه عنايت رضوي نصرپوريءَ جي يارن مان هو. عبدالحميد ۽ درويش پليءَ جو احوال، ميرعلي شير "قانع" ٺٽويءَ پنهنجي تصنيف "تحفة الڪرام" ۾ لکيو آهي.

خليفو چٽو مرحوم، سن ۱۲۷۵ هجريءَ ۾، ڳوٺ سڳهه ۾ تولد ٿيو هو. ابتدائي تعليم پنهنجي ناني مولوي لائقدني وٽ شروع ڪيائين. قرآن مجيد جا ٻاويهه پارا، حافظ ابراهيم هالپوٽي (ويڙل ڪچرو) وٽ ياد ڪيائين. اهو حاجي ابراهيم، حافظ سيد علي محمد شاهه دائري شريف واري جو تلميذ رشيد هو. فارسيءَ جا شروعاتي ڪتاب، حاجي گل محمد رند وٽ پنهنجي ڳوٺ واري مڪتب ۾ پڙهي، وڌيڪ فارسي وڄي مولوي محمدعلي ٻٽاڻ، ڳوٺ سيد علي حسين شاهه تعلقي ميربورخاص واري، وٽ ختم ڪيائين - جتي حاجي ابراهيم دَل، مصنف "عمر-مارئي"، ۽ حافظ محمدعالم پلي شاعر سندس هم-سبق هوندا هئا، ۽ ڪجهه وقت مولانا قرآني صاحب جن ۾ اتي تعليم ورتي هئي.

چون ٿا ته ميان محمدعليءَ جا سڀ شاگرد خوشخط ۽ ڳهڻو ڪري شاعر هئا. خليفو چٽو ۾ نهايت اعليٰ درجي جو خوشخط ڪاتب هو. قلم تراشڻ ۾ سڀني شاگردن ۾ پهريون نمبر هو: اهڙو ته باريڪ قلم تراشيندو هو، جنهن سان سورت "ڪوثر" نر-انگشت جي ننهن تي مڪمل لکي ويندو هو، ۽ چانور جي داڻي تي ڪلمو شريف اهڙيءَ صفائي سان لکي ويندو هو، جو هرڪو سالم نظر وارو پڙهي ويندو هو. ازالسواءِ، حسابي ڪمن ۾ به نهايت پڪ ۽ برجستو هوندو هو. هندي، سنڌي ۽ گجراتي اکر به ڄاڻندو هو. زبان سنڌي، اردو، فارسي، عربي ۽ قدري پشتو به ڳالهائي ويندو هو.

طريقي سهروردي ۾، خليفو صاحب، حضرت غوث عالم شيخ بهاءالدين زڪريا جي وڏن خليفن مان هو. سندس بيعت ملتان جي سجاده نشين حضرت مخدوم بهاول بخش سان هئي.

ڪتاب "ذڪرالعارفين" (سنڌ جي سهروردي مشائخ جي احوال ۽ ڪرامات ۾ لکيل)، مسئلي "آخر ظهر" بابت هڪ رسالو فارسيءَ ۾، شعرن جو انتخاب، "ڪنزالاشعار في ڪلام

"الهيار" (جنهن ۾ سنڌي مداحون، ڪافيون، بيت ۽ غزل هٿا، ۽ ڪي فارسي غزل به هٿا، ۽ جن مان ڪي اخبار "مفرح القلوب" ۾ به ڇپايل هٿا)-اهي سنڌس سڀ ڪتاب هن وقت سالم حالت ۾ نه آهن.

سنڌن همعصرن مان حاجي ابراهيم دل، فقير پاهوڙ دل ۽ حافظ محمد عالم سنڌن دوست ۽ صحبتي هٿا. پاڻ شعر جي اصلاح حاجي گل محمد رند ۽ مرحوم "مخلص" کان وٺندا هٿا. مٺڻ فقير راجڙ به سنڌن صحبتي هو. شمس الدين "بلبل"، سيد غلام محمد شاهه "گدا" ۽ سيد فاضل شاهه "فاضل" سان به سنڌس رستو هوندو هو. مرزا قليچ بيگ ۽ ميان محمد يوسف مختيارڪار (سردار يعقوب خان جو پاڻ) سان به روحَ رهاڻيون هيس.

پنجاهه يا پاونجاهه ورهين جي عمر ۾، خليفو صاحب، هڪ قلندر فقير سيد قادربخش سهروردي هالويءَ جي صحبت ۾ دلياڪي ترڪ ڪري، پنهنجي وڏي زميندارييءَ (ڇهه-ست هزار ايڪڙ زمين) ۽ ڪاروبار ڪي ڇڏو ڪري، ياد الاهي ۾ مشغول ٿي ويهي رهيو. هن عارف ڪامل جيڪي پيريءَ ۽ ظهيريءَ ۾ مجاهدا ۽ رياضتون ڪيون، سي ڪنهن جوان ڪان به شايد ٿين. تزڪيءِ نفس ۽ چلہ-ڪشيءَ جو هي حال هو، جو ساري رات فقط هڪ تڏي تي بنا ٽيڪ قبلہ-رو ويٺو "الله الله" ڪندو هو؛ ٿئي ڏينهن ٻاجهريءَ جي مانيءَ جو پاروڏو ٽڪر ڪائيندو هو (ڏندن جي ضعف سبب اهو ٽڪر، پاڻيءَ ۾ پساڻي، نرم ڪري ڪائيندو هو). حالانڪ مهمانن لاءِ هوڙ پلاءُ تيار ٿيندو هو، ليڪن پاڻ ترڪ دنيا بعد ڪڏهين به اهڙي روغني غذا پيٽ پوري نه ڪاڏائين. ڪڏهن ڪڏهن سڪر جي حالت ۾ اهڙو محو ٿي ويندو هو، جو ساري رات ۽ سارو ڏينهن اصل چرندو به ڪين هو، ۽ جيئن گريبان ۾ ڪنڌ وجهي ويهندو هو، تئن اتي ئي ويٺو هوندو هو. ڪنهن ڪنهن وقت خوف الاهي سبب اهڙو تہ چرڪ پوندو هوس، جو پٽيءَ پر وڃي ڪرندو هو. سيد حاجي علي اڪبر شاهه نقشبنديءَ مٿس ٻہ ٽي دفعا توجهه ڪيو، ليڪن ڪوبہ اثر ڪونہ ٿيو. پاڻ هڪ سيد پوليس واري تي توجهه ڪيائون، جنهن جي قلب مان بروقت اسم ذات جاري ٿي ويو.

هرڪنهن مهيني جي پهرينءَ تاريخ تي ڪوچوايو جالور يا ديگب ۾ پَت جي خيرات ڪرائيندو هو. ترڪ دنيا ڪان پوءِ نہ ڪنهن سيڪي ڪي هٿ لائيندو هو، ۽ نڪي لٽون ڪپڙو بدن تي ڏيکيندو هو؛ نہ وري ڪڏهين پنهنجي پُٽ يا ڪاروباري ماڻهن ڪان پنهنجي اخراجات لاءِ ڪجهه فرمائش يا خواهش ڪيائين: سڀ ملڪيت پنهنجي پٽ ڪي ڪاتو تبديل ڪري ڏيئي ڇڏي هٿائين.

هلي قوم ڪان سواءِ، ٻر پاسي جا هندو خواهه مسلمان، خليفي صاحب جو نهايت ادب ۽ تعظيم ڪندا هٿا. الله تعالي سنڌس زبان ڪي قبول ۽ سيف ڪيو هو.

خليفو صاحب مرحوم، تاريخ ۴ شعبان سن ۱۳۳۸ هجري، رات جو ڏهين ڀجي، زبان ۽ قلب سان ذڪر تحليل اچاريندي، وڃي اعليٰ عليين ۾ آرامي ٿيو. سنڌس مقبرو مقام سامڙ جي تعلقي ڪپري ۾ آهي. شهر ۾ سنڌس تخلص ڪئي "درس" ۽ ڪئي "الهيار" آهي.

س . ڪ . جمالي

ڪيهر فقير جمالي

فقير صاحب، سن ۱۸۸۰ع ۾، ڪنب ليمان شهر جي ويجهو هڪ ڳوٺ ۾ ڄائو. سندس والد ڪيتي ڪندو هو. غربت ۽ علم سان چاهه نه هئڻ ڪري، فقير صاحب تعليم حاصل ڪري نه سگهيو.

هڪ دفعي ڪيس اسڪول ۾ به ڇڏيو ويو، پر هو پنهنجي چاولائيءَ ڪري ڪجهه به پڙهي نه سگهيو. ننڍي هوندي ئي ڪيس دنيا جي بادشاهن جي روش، ڪورٽن جي فيصلن ۽ ذلياڻي ماڻهن جي روز مرهه جي معاملات تي ڏاڍو ويچار ۽ تعجب لڳندو هو. هو ڪڏهين خيال ڪندو هو ته دنيا ڪيئن ٺهي هلي، ته ڪڏهين وري درويشيءَ جا ٻُور پوندا هئس ته وڃي ۾ واريءَ پٽ تي پنهنجي الله کي نويڪلائيءَ ۾ ياد ڪندو هو. انهن ڳالهين هوندي به هن دليا جي دامن کي نه ڇڏيو.

فقير صاحب، جوانيءَ جي ڏينهن ۾ اوڏن جو هڪڙو لڏو فقير صاحب جي ٻنيءَ جي ٻرسان اچي لٿو. ان لڏي ۾ هڪ حسين جوان ڇوڪري ٿ هئي، جا پنهنجي جواليءَ، ارڏائيءَ، چلولائيءَ ۽ لٽ نخري ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئي، تنهن فقير جي چيتي کي چرخ ڪري ڇڏيو. آخر اهو وقت آيو جو اوڏن جو لڏو رخصت ٿي ويو. فقير صاحب پنهنجي محبوب جي جدائيءَ ۾ اتي ئي ويهي رهيو. آخر ڳولي ڳولي ٽئين ڏينهن ڪيس ڳوٺ وٺي آيا، ليڪن سندس هوش سالم نه پاليائون. ڏاڍو ڏک ٿين ته خدا جاڻي چا ٿيو اٿس- پر برهه جي بيمار جي ڪنهن کي خبر! ماڻهن طبيبن جا ڏس ڏنا، مگر فقير صاحب خود هيٺيون بيت چئي اٿي ويٺو ته

"عشق هن زماني جو، ڪوڙو ۽ ڪارو،
ظاهر ٿئي ته ضرر ۾، پوي ملڪ سڄوئي سارو،
ڏيندين ته وٺندين، نه ته چولدئي وٽ چارو،
توڙي گهر لٽائي سارو، ته به قدر ڪونهي 'ڪيهر' چوي."

[ان ڏينهن کان وٺي فقير صاحب جو ڏاڪو ٽڙي ويو، ۽ هو جهرجهنگ، گوٺ شهر، هرهنڌ بيت ۽ ڪافيون چوندو وتندو هو. ٻوءِ ته فقير جي ڪلام جو خزانو گهٽوئي ٿي ويو. جو اسان گڏ ڪري فقير جي اجازت سان ڇاپائڻ جو خيال ڪيو، ۽ ڪوشش ڪري سڀ بيت،

غزل وغيره هن نديڙي ڪتاب ۾ داخل ڪيا اٿئون، جي اميد ته پڙهندڙن لاءِ خوشيءَ جي خوراڪ ثابت ٿيندا. اسين فقير صاحب جا شڪرگذار آهيون، جو هن صاحب تڪليف ڪري ويهي اسان کي بيت لکايا آهن.

عاشق

عاشق سڏائين، دک پرائين، تون مڃ ڏسي ۽ مُڙ،
وڌي ٽڪي ماس لڳن تان، "ڪيهر" ڪني ۾ ڪڙهه،
وڏائي اٽيئي وڻ، سر ته مان مٽي ٽئين.

چوڏهون سن

چوڏهين زماني ۾، چگا مڙس ٽيا چور،
عزت ويچاري آپري ٽي، گڏهيون چرن گور،
وڻن ڪٽي وڏيرا ڪيا، اڳواڻ جن جا آٿور،
دريافت منجهه داڻو نه ڏسان، ڏڻو ڪلهي تي ڪٽا ۽ سور،
اصلي وڃي آرامي ٽيا، نقل پيدا ٽيا ٿور،
"ڪيهر" ڏک نه ڏور، متان سچ چوڻ ۾ ساهي ڪرين!

* * *

ڪهڙو ڏوهه زمالي جو، گهر گهر ٽيو چور،
پونئر منجهه پاڻي نه ڏسان، مرد لڏي ويا مور،
جتي عدالتون اميرن جون، اتي سانباها ڦرن سور،
جتي دونهان درويشن جا، اتي هڪل نه ڏسان هور،
مولوي به مطلبي ٽي پيا، قاضي به ڪن-ڪور،
جتي علم وارا اڪابر هٽا، اتي نانگا ڏسان نور،
ڪنگن ڪينجهر چڏيو، شڪرا ڪن شور،
ڪبوتر ڪالهه لڏي ويا، ڏسي ٽيٺهرن جا ٿور،
ڪوٺ وڻهيو ڳيرا ٽين، چوڏاري چورچور:
"ڪيهر" ڏک نه ڏور، متان سچ چوڻ ۾ ساهي ڪرين!

* * *

چوڏهين زماني ۾ خلل وڌا، ۽ خون ڏسان ٽو؛
موچارا مارجي ويا، دريافت وري ڪوله ڏسان ٽو،
رشوت راج ڦري چڏيا، ملڪ سڄوئي دون ڏسان ٽو،
جتي پوليس جو پير نه هو، اتي ڪامورن جا 'رون' ڏسان ٽو، —گشت
حڪومت حال هيٺو ٽيو، عاشقن جي اندر ۾ اون ڏسان ٽو،
لڏيندي سون ڏسان ٽو، پيتل اڇي پير ڪوڙيا!

پيتل اچي پير کوڙيا، هر ذات ٻيو هلي،
کمپٽ کٽ کانور گڏجي ٻيا، چاندي کين چلي،
لوت ۾ کوٽ اکر هيڪڙو، کوڙو ٻيو چلي،
"کيهر" ڪنهن سان سور سلي، گيلٽ وري گڏهه سوار ٿيو.

پرين نه آيا

آن مهانگو، آيا نه پرين، وسري وين وار،
سهانگ ۾ ڏيئي سور پرايو، جڏنهن ڪجي ويئي ٻار،
ڏئو اگهه اکين سين، پوءِ ٿيڻ وهايو نار،
وڃائي ٻڪار هاڻ، "کيهر" ٻڌين ڪٽڪ کي!

پوکڻ جا ڏينهن

پوکڻ ڏينهن تو وڃايا، هاڻ آڏارا ڏيندءِ کير،
جڏنهن ڪڙمين ٿي ڪاهيو، تڏنهن پٽ تي نه ڪوڙيئي پير،
ٻج ڇڻڻ وارا ڏينهن، پروڄ ڇئي، تو غفلت ڪئي گير،
سات پري سوير، داڻا داخل ٿيا وڃي درکي تي.

* * *

پوک پوکج مندائتي، متان ٻج وڃائين،
پارا ٻنا ٻڌ سولا، متان ڪر ڪاهين،
مٽاهين تي ٻاڻي سور نه مري، متان ابتا آڏ وهائين،
سوگهو ٿي سلي تي، متان پڇندي پيلائين،
"کيهر" قرض لاهين، پوءِ رلد ٻه ايندءِ راهه تي.

* * *

پوک پوکج مندائتي، متان سالوڻ وڃائي پرائين سُور،
ٻائڙ ڏينهن ٻه ٿي ڦري، چکرو ٻه ٿيندءِ چُور،
ٻدي ۾ بار ڪٽندا ٻکي، ويندا ٻهرين ٿي پور،
ٻکو ٿي ويهه ٻيهي تي، متان ٻوڙي ڇڏي وڃئي پور،
ڪندا ڪٽي خان خوش ٿئين، زميندار ٻه ايندءِ ضرور،
مجيري اڳيان منهن ۾، متان قرضي ڪنئي ڪُور ڪُور،
موڳا اهو مذڪور، هنڌءِ ته 'هاري' سڏجين!

* * *

هاري سڏائين ته هوش ڏر، ريت ڪڙمت جي رهاءِ،
ساڙي کڙ صفا ڪر، ديلگهر ڇڏائي پير ڌاهه،

هر پنجاريءَ هوش ڪر، لڪين اينڊي لاهه،
پڇي وڃي تہ ٻهو وجهه، ڪانءَ ڪهر آڏاءِ،
لاهارو ٻوي تہ لهي وڃي، سنگ سرڪي سنياءِ،
مجيريءَ سين مقابلو، ٽيندو سنجهه صباءِ،
ٻڌيءَ ڏينهن ٻلوچ چئي، توڪي ايري وارا چوندا آءِ،
ٽوبو ٻڌي تہ ٽڙي وڃي، هاڻي ليڪو تون لاهه،
"ڪيهر" ڪاهو ڪاهه، تہ اڳ ڪاڏي ڪان اڪرين!

* * *

پڇي ويئي هوڪ، ٻهو ٻوءِ ٻيو،
جهٽ پٽ جهار لڳي، وهيو اڏامي ويو،
لاهارا لهي ويا، هيڏو حال ٿيو،
ڳاهه ۾ گهي ويا، پتو ٻوءِ ٻيو،
وائر وارا ويسرا، ان" اچو نہ ٿيو،
جڏنهن مجيريءَ ميو، تڏنهن قرضي ڪٽا ڪٽي ويا!

* * *

ڪاهارو ڪهنو ٿيو، چڪر ڪين چڙي،
منا مڙي ويا، ڪاڇ هاڻ ڪري،
ڏاڙيون ٻاڏمال ٿي ويون، ڳاڏي گهٽين ۾ گري،
ليسر پاڙچا لڏر ٿيا، ٻاڙو اڏ نہ ٻري،
قرهيون اوپارا ڏني ويا، ونگ تان ڪين وري،
ٻيو لاهارو لوڻن ۾، مالهه مور نہ تري،
هاڻ "ڪيهر" ڇا ڪري، ٻاڻي موڻي ويو اونڌي

پيريءَ کوڙيا پير

ڏند ڪائي ڏاڻ ويا، پيريءَ کوڙيا پير،
چپاڙن وارا جور ٿي وبا، گرهه ٿي لڳي گير،
ڪارڪ ۽ ڏونگهيءَ لاءِ هنيون ڪامي، پروچ ويا ٿي پير،
هاڻ "ڪيهر" ڇڏي ڪير، تنهنجا مٽاڻ ڪائڻ وارا ملڪ ڇڏي ويا!

متان وڃئي راند ڪٽي

ملهه وڙهين تہ محڪم هٽ وجهه، متان ڪس ڪري وڃئي راند ڪٽي
ترڙي ساڻ تکڙ نہ ڪر، متان هوڏ جي وڃئي راند هٽي،

وچين ۾ هٿندءِ ويسرا، جيئن لاهاري کي لٽي،
کلها ۾ ڏيندين "کيهر" فقير چئي، اجا اٽئي گهرج گهٽي،
وڏيرن کي تڏهن وٽي، جڏهن مشاهدو ڪنين ميدان ۾.

ساراج

براج بيشڪ وَهڻ، توکي ڏيهه سنپاري سارو،
سلا سڪائي سانوڻ ۾، متان ڪڙمين اڳيان ٽين کارو،
الجنير ۾ ايندئي اوچتو، جو مٽي آهي مارو،
تار بابو ترسن کينکي، سڏ ڏين سوارو،
واهه ۾ وڃجي ويا، "کيهر" چئي، چلي نه چارو،
لهرين کئين لهوارا کيا، اڳيان الڏارو،
وڃائي ويا وارو، سوين انهيءِ سمنڊ ۾.

* * *

سوين انهيءِ سمنڊ ۾، پيدا نه ٿئي پائي،
ڪڙڪا ڪيو ڪُنن ۾ پون، جتي وري نه وائي،
ساموندي تن سڄڻ جي، مون کي گاله ۾ ياد آئي،
لهرين سان لڙائي، تون "کيهر" کندين کيتري.

لت لوان رنگ

ڪڏهن عاشق، ڪڏهن معشوق، ڪڏهن خوشيءِ خيال ڏسان ٿو،
ڪڏهن محبوب، ڪڏهن مجلس، ڪڏهن ڪلفت ڪال ڏسان ٿو،
ڪڏهن بادشاهه، ڪڏهن وزير، ڪڏهن تنبو تنبيلا تال ڏسان ٿو،
ڪڏهن گهوٽ، ڪڏهن ڪنوار، ڪڏهن واپسي وصال ڏسان ٿو،
ڪڏهن دلسيا، ڪڏهن دولت، ڪڏهن مطلب وري مال ڏسان ٿو،
ڪڏهن ڪچهري، ڪڏهن هڪڙو، ڪڏهن هيٺو وري حال ڏسان ٿو،
ڪڏهن گدائي، ڪڏهن غريبت، ڪڏهن سورءِ سوال ڏسان ٿو،
پل پل پور پسان ٿو، "کيهر" پنهنجي کريم جا.

ماستر

ماستر سڏائيي، علم پڙهائيي، هر ياد نه آئي حساب ميان،
امتحان ۾ ضرور اچڻو اجا، هنڌ ڏين حيدرآباد ميان،
جيڪي چونڊءِ سو سپ ٻڌندين، هو ۾ ڪولي ٻيهندا ڪتاب ميان،
حاضري انهيءِ هزار کيرايا، لک سکندر نواب ميان،
اکر ياد نه آئي، سبق وڃايئي، يڪدم ڏيندا ڪتاب ميان،
"کيهر" کهڙو ڏيندين جواب ميان، جو اچي ٻيهندا اسکول ۾!

فائينل ۾ فساد گهٽو، جو ست ئي ڪتاب سامهان ٿين،
هڪڙي جلد منجهان جنهن چڏائي، تہ ٻئي ۾ روڪين،
سبق پڙهن سوز فراق جا، ٻولي ٻڌائين،
جي ڏسن داڻا دفتر ۾، تہ ڪنيو ڪيڪارين،
ڪوڙي جي ڪمائي، "ڪيهر" چئي، هو قبولين ڪين،
ڪاليج جي ڪمپائونڈ تي، ماستر ٻہ منجهيو ٻين،
پيٽ تي ڏيئ گهٽو، اچيو ٻيهن امين،
هٽ جا اڪر آڻيو ڏين، متان اڙجي وڃن انهيءَ اسڪول ۾!

قادر جا ڪم

جڏنهن آدم و حوا کي ڏار ڪيائين، تہ ٻہ حڪم هلايائين،
نوح نبيءَ تي طوفان چاڙهيائين، تہ ٻہ حڪم هلايائين،
معذور ڪري يعقوب کي ڏڪ ڏيڪاريائين، تہ ٻہ حڪم هلايائين،
قيدي بنائي يوسف کي بازار منجهہ ڪپايائين، تہ ٻہ حڪم هلايائين،
بيمار ذڪريا تي ڪرت وهايائين، تہ ٻہ حڪم هلايائين،
موسيٰ طور تجلّي، عيسيٰ عرش تي گهرايائين، تہ ٻہ حڪم هلايائين،
مصطفيٰ جا ڏهٽا ڪربل ۾ ڪهايائين، تہ ٻہ حڪم هلايائين،
بيمثال ٿي بازي بنايائين، "ڪيهر" اهي ڪم سڀ قادر جا.

ڪانهي دريافت ديس ۾

ڪانهي دريافت ديس ۾، ڪورٽ منجهہ ڏسان ڪاروبار،
جي ياڳيو وڃي ٽاڻي تي، تہ جئيون ڏئي جمعدار،
'پٽسا ڏي تہ ٻوءِ چڙهنداسون، اسين آهيون عملدار،
'گاهہ داڻو وڃي گڏ ڪر، سرڪش اٽئي صوبيدار،
رسائيءَ ۾ متان رولو وجهين، ٻئي ڏاڙهي ڪيڏنداسون ٿي مار'،
انهيءَ حڪومت کي هار، جو وجهي رولا رعيت ۾!

* * *

چالان ٿيو تہ چور چئي ويو، ياڳئي تي هنيائون پَري،
شاهد گواهہ ڪري ويا، وليد جي پيري وٺن لاءِ ٻيو وري،
بجي هيٺ ڏيئي، هلوچ چئي، اڄ ڪورٽ ائين ٿو ڪري،
ڏاند ٻہ ويا، ڏوهي ٻہ ٿيو، اڃي ويو منجهہ اري،
وڏا ٻہ چون تہ ونڪار نٿي ڏاڻين، پلي ٻہ ٿي ڏينهن جيل ۾ سڙي،
ڏورن ٻنهنجن ۾ ڏيکجي ٻيو، ٻارڻ ٻيو ٻري،
"ڪيهر" عاشق ڪٽنين ۾ گهري، ڏسي حال حڪومت جو!

چوري ٿي وئي، ياڳيو ڦريو،
ويو وڏيري وٽ، تنهن ڀنگ گهريو،
ٻَٽ سَٽ ڪري ٻيسا آڻ، متان ٽين چريو،
"ڪچي وارا اسان کان ڪين لکندا، وهٽ تنهنجو جاڻ وريو"،
"ڪيهر" ائين ڪريو، ڦريو وڃن ڏڪائي.

* * *

پوليس پڪڙيو جوابدار جهليو، رجوع ڪري چالان ڀريو،
مائي ملي مئجسٽريٽ کي، ضامن ڏيئي گهوٽ وريو،
ياڳيو اڃان بازار ۾، سندس سور نه ٽليو،
الهيءَ دريافت کي دانگي سَليو، "ڪيهر" ڏس ڪم ڪورٽ جا!

موالي

هڪڙا "چيڪو"، ٻيا "ٽيڪو"، ٽيان "ڦوڪ پاڙيا"، جي موالين کي مارين،
دڪائيندين ته دم نه سهندا، ٻئي جو وزم ڪارين،
تيلي هڻ ته ترسن ڪين ڪي، ٻن تي ٻيٽ پارين،
ماڇيس مور نه ڏارين، چوٽ مرن چلهه تي.

* * *

موالي سڏائين، ته پنهنجون ٻڙيون وٽ،
پَڪو نه ٽيءَ، ٻَٽ ڪيسو، هينئر ڪليا اٽي هَٽ،
وٽ تماڪ، تڏو ڪر، سيڪو سلامي تو وَٽ
ٻلي وانگر ويٺو نهارين، ڪيسا سنگتين جا نه ٻَٽ،
"ڪيهر"، عاشق ڪاغذ تنهين جا ڪَٽ، جو سڄو ڏينهن وتن سوال تي!

* * *

موالي سڏائين، ته پنهنجو حقُو ڏار،
سوکهو ٽي سُلفيءَ تي، ٿوهي ٽانڊا نه هار،
الهيءَ تماڪ تان ڪٽين تڙجي ويا، سڏايائون ٽي سرڪار،
ڦوڪ به ايندءِ ڦري، واري تي آهي وار،
"ڪيهر" ٻئي پاسي نه لهار، الهيءَ لڙ ڪٽين نقصان ڪيا!

ٻڙين جي پاڙ ۾ موالين سان مصيبت

"ليهَرو" لاس ٽيو، "جواهر" کي ٻيا جائون،
ٻَن روڪي ٻليڊ چڏيا، سيڪو ڪري دالهون،
ٻڙيءَ لاءِ هروڇ چئي، اسان جون عرش تي ويون آهون،
تماڪ سين آهن لائون، حقي وارن سان حال وڏيان.

حُقي وارن سان حال وندیان ۽ پر چکیندو ویا چڏي،
چلم جن جي چپن تي، ناس بہ ڏيندا هٿا گڏي،
تماڪ بہ چپاڙيائون ٿي چلھ تي، سي لاکيٽا ويا لڏي،
ادا الهيءَ 'جواهر' جڏي، اسان جا موالي کٽي ماريا!

* * *

موالي کٽي ماريا، پر تن جو اثر ڏک،
'جناح' جاءِ چڏي ويو، ڏيئي ويو ڏک،
'لياقت علي' لاڏاٽو ڪيو، جو مڙني سندو هو سُک،
ڦٽين اسان جا ڦرها ڪيا، پول نيا آهن ٻُک،
جنس ڪري ڏائون، "جمالي" چئي، ساهيٽن ويا سڪ،
ستين ڏينهن وڃن سعدآباد، رات جو ويڙهين نُڪ،
هڪڙا ٻيج پيٽ ۾، ٻيا خالي ٿي پيا ڪُک،
ٽئين ڏينهن پچائا ٿورو ڪن، ائين پھر هٽن چُڪ،
ليکو ڪن تہ ڪوٺ ٿو بچي، ڪٽين پيا لُڪ،
"ڪيھر" تنهنجو تُک، هوند ڪاغذ ڏجي ڪمشنر ڪي!

* * *

ڪاغذ ڏجي ڪمشنر ڪي، تڏهن سُلفيءَ چڏيا الدر ساڙي،
ڪانگهارن ڪلھ مچايو، ڦڙ چڏيائون ٽاڙي،
حُقي اسان جا حال وڃايا، چرشن چڏيا ڪنڌ لاڙي،
ٻن جهليو وير پاڙي، اسان جا آملي وڃن ٽا اسپتال ۾!

* * *

املي وڃن ٽا اسپتال ۾، جن جو وزم ناهي پُورو،
ڏوڏيءَ ڏند ڪائي چڏيا، ڪُٽي ڪائين چُورو،
جي دم گهڙي دير ٿئي، تہ ٽپڙن سوڏو ٿئي ٽُورو،
وات انهن جا ويڪرا ٿيا، جيئن پٽاڻن جو ڪورو،
"ڪيھر" عاشق تنهنجي اجورو، آهي ذات زميندار تي!

ترياڪ

لامارا ڏيو لوڪڙ والگر، ٻير نہ ڪوڙين،
ڏهہ ڏهہ ٻيرا ڏينهن ۾، آڻيو ڪوڙ ٽوڙين،
بگهڙ بہ ٿي بر ۾، متان نيت لوڙين،
"ڪيھر" وڻڪار ووڙين، ڪنڌا بہ اٿي انهي ڪنڌ ۾.

چالاڪ درزي

درزي سڏائين، مشين هلائين، هٿ ڪينچي ڪرين ڪور،
انهي ڪرسيءَ ڪئين ڪيرايا، سمجهي ٻيڙا ٻور،
ويڙهڪ ڪندي انهيءَ وات سين، مرد ڇڏي وڃا سور،
ڪاري متان خميسون هلين، اڳيان تڪ اٽئي تور،
جڏنهن ٽٽي پوندءِ ڏور، تڏهن ٽوڙا وري ٽپ ڪرائيندءِ.

* * *

ٽوڙا وري ٽپ ڪرائيندءِ، درزي هٽي ٿو ڏمر،
انهيءَ مشن ڪئين موهي جهليا، ڏس ڪمپنيءَ جا ڪمر،
ڪئين وال وڃايئي ويسر ۾، ويچار نه ڪيئي وهر،
"جمالي" ڏيندءِ جمر، جڏهن سُٹي سگها سپ سُرندا.

ڪورٽ ڏي ٽيو هلٽو

سمن مليا، شنوائي ڪلي، ڪورٽ ڏي ٽيو هلٽو،
پجري منجهه ٻيهاري پچندءِ، مئجسٽريٽ ڪي منهن ڏيٽو،
سوال ونندءِ سرڪاري، اتي حال ٻڌائيندو هيٽو،
هو سبق پچندءِ ٽيٽو، متان "ڪيهر" ڪنڌ هيٺ ڪرين.

ڪڏهين ڪيئن، ڪڏهين ڪيئن

ڪڏنهن سک، ڪڏنهن ڏک، ڪڏنهن بک بيزاري،
ڪڏنهن ڏار، ڪڏنهن گڏ، ڪڏنهن عشق اوساري،
ڪڏنهن وڇوڙا، ڪڏنهن ڏک ڏوڙا، ڪڏنهن موت مٽي تي ماري؛
ڪڏنهن تخت، ڪڏنهن بخت، ڪڏنهن مجيري، ڪڏهن هاري،
ڪڏنهن حاڪم، ڪڏنهن حڪومت، ڪڏنهن وڃاڻا واري،
ڪڏنهن سيج، ڪڏهن پلنگ، ڪڏنهن قبرستان ڪاري؛
ڪڏنهن مدينو، ڪڏنهن محمد، ڪڏنهن علي دلدل سواري،
ڪڏنهن حسن، ڪڏنهن حسين، ڪڏهن ڪربلا خنجر تياري؛
ڪڏنهن يعقوب، ڪڏنهن يوسف، ڪڏنهن مصر بازاران خريداري،
"ڪيهو" عاشق سڏ ساري، تنهنجا وڇوڙي سپ واقف ڪيا.

مارئي جي روح رهاڻ

ڪريان روح رهاڻ، منهنجا ويڙا ڏوٽيڙا ڏاڏاڻ،
جهڙ جهوري آهيان، ڪيوٽن لڳي ڪاڻ،
وسن اباڻي پار ڏي، سينهن ڪيا مانڊاڻ،
جي ميلاڻ سنگهارن ساڻ، ته اولا لهن اڪين جا.

ڪاغذ لکيو ڪونہ ڪو، هت اباڻن هئي اپر،
وڻا مينهن ملير ۾، منهنجا ڇڇي ويا ڇور،
ماروئڙن مٽي چڙهي، وڃي ٻڌن ورتي ٻر،
ڪڏنهن ملندا "ڪيهر" چئي، ڪين لڏائون ڪر،
ڳنگهر تن گهيڙن لاءِ، ويئي وڃان ور،
ويهي پٽ پڌر، پچايان پهنوارن ڪي.

* * *

پچايان پنهوارن ڪي، مٽي ڪوٽ چڙهي،
ويڙهيچا ويڙا ڏيئي، ڪارنهن جي ٻه ڪڙي،
ڳنگهر گهاريان، سانگي ساريان، هر گهڙي،
مهٽا ڏيندم ماروئڙا، ملير منجهه مڙي،
جر هاريندي "جمالي" چئي، ويم سڃ لڙي،
سولي ڪڇ ساڻيهه ڏٺي، ويڙهه وڃي آهيان!

* * *

ويڙهه وڃي آهيان، ملير منهنجو ملڪ،
بيوس آهيان بند ۾، ساريان نٿي سڪ،
عمر آهين پاڻ منهنجو، پنوهارن اٽئي پڪ،
شرع ۾ڇ تون محمدي، ظلم نہ هلندءِ رڪ،
جر هاريان "جمالي" چئي، اٽم ڏوٽيڙن جو ڏڪ،
وطن واريان ۾وڪ، ڪيت ٻه بخشيندو خطائون.

* * *

ڪيت ٻه خطائون بخشيندم، آسرو ندي آهيان،
رهندس ڏينهن ٻه ٽي، لوئي ڪين لاهيان،
سيڃ پلنگ تنهنجا سومرا، وهه وٽيون پاليان،
ويندس وطن سامهين، روح سندي اٽم رايا،
پکن تن پنهوارن ڏانهن، قرب منجهان ڪاهيان،
جيڏين ساڻ "جمالي" چئي، وڃي ملير ميندي لايان،
باهر پير نہ پايان، مقابلو ٿيندو مارن ۾.

* * *

مقابلو ٿيندو مارن ۾، اڃي ملندم پنوهار،
ڏوهه ٻه رڪندا ڏڪيءَ تي، پيڙي تان ٻه پٽار

ڪوڻ ڪئي آهيان ڪانهري، ماريس مونجهه ميار،
ڪوڙي آهيان ڪڙم ۾، مون ۾ عيب هزار،
جڪان روز "جمالي" چئي، منهنجي سيد لهجان سار،
هوءَ ڪلهي جي آڌار، معافي ڏيندم ماڻيچا.

جڳا مڙس ۽ ڪنا

چوڏهين زمالي ۾ جڳا مڙس ڪنا ڏارين،
سڄو ڏينهن سنگر هٽ ۾، وڏيرا پاڻ وهنجارين،
'موتي' 'مانڪر' نالا جن جا، هيرا پهلوان پارين،
ڪتن جي ڪر هاج ۾، نماز به وسارين،
رکن شوق شراب تي، ٻين کي به پيارين،
پنهنجو پير اوتڙ ۾، خلق کي به ڪارين،
اسلام ياد ناهي، حرام تي پيسا هارين،
سڄو ڏينهن سورن ۾، ٻيان مال بک مارين،
نوڪر جن جا ڪنا چارين، "ڪيهر" ڪهڙا آچار تن جا!

هن زماني جو عشق

عشق هن زماني جو، سڄوئي آزار،
ڪٽين جا ڳوٺ ٻڌجن، دل تي گهٽو بار،
رات ڏينهن روح ۾ رولو، 'متان ڪري ٻيو يار'،
لنڊ ڦٽائي پاڻ ڳالهائي، اهي آهن عشق جا پار،
عشق عقل وڃائي ان جا، پنهنجا آهن آچار،
ڪٽين لک هزار، انهيءَ قرب قرضي ڪيا!

* * *

عشق هن زماني جو، آهي ڏهن وارو نوٽ،
کولينديون ته خوش ٿيندا، نه ته منهن تي چونديءَ 'موٽ'،
پيسي بنان پير نه پريندا، اڳيان ٿيندءِ اوٽ،
دنيا آهي ته دير ڪانهي، نه ته چڪر ڪائيندين چوٽ،
انهيءَ ڪنوار ڪٽين قابو ڪيا، گهٽا ويڙارا گهوٽ،
جي ڪيسي اڻي ڪوٽ، ته قرب نه ڏسنه ين "ڪيهر" چوي!

شادي ٿيندي خبر هوندي

ساهريجن ٿو سنپرين ، ايا شادي تو ٿيندئي ،
متان ڪٿي قرض "ڪيهر" چئي ، گهٽن ۾ گهرندئي ،
ڏيئي چرڪ جني ۾ ، وڪالت ونندئي ،
هولدين ڪَڇ ڪنوار جي ، چوڙيلي چوڙيندئي ،
خبر تڏهن هوندئي ، جڏهن گهوٽ ويندين گهر انهن جي!

* * *

گهوٽ تون ويندين گهر انهن جي ، ۽ ٿيندين پرائي وس ،
هو هوليندئي ٻه جٽا ، تير نه ڪندا ترس ،
ڪهت گهڙايئي ڪنوار لاءِ ، دم دهريون هس ،
"ڪيهر" لڳئي ڪس ، ڏاج ڏسي متان ڏک پرجين!

* * *

جلدي ڇڏي جوءِ کي ، تون مايڙي ملندين ،
ڪَڇ ۾ قريب جي ، ٻُڌو ٻه ٻيٽندين ،
ڪپڙا ٻائي قيمت پريا ، وڻاڻ تي ويندين ،
هڏي هول هروج چوي ، تون "ڪيهر" جا ڪچندين ،
وڃي ٻنيگهي ۾ هوندين ، انهيءَ منهن-ڏيکڻيءَ ڪٽين موهيا!

* * *

منهن-ڏيکڻيءَ موهي جهليا ، جيجي وت نه جاڳيا ،
قربتيءَ قابو ڪيا ، وڃي وڻاڻ وسايائون ساڳيا ،
ڪاغذ ٻه آيو ڪينڪي ، وڏڙيءَ سين واڳيا ،
دوستن دل داڳيا ، سي ڇاڇا رهيا ڇاتيءَ تي!

* * *

ڇاڇا رهيا ڇاتيءَ تي ، اکر ڪين ڏهن ،
ڪاتب قلم وهائي ويا ، لکيا ڪين لهن ،
قرب وارا "ڪيهر" فقير چئي ، پاتار ۾ پهن ،
نيٽن نار وهن ، ٻڙ تي ٻاڻي گهٽو!

فولاد علي فقير شر*

منهنجي ولادت ۱۰ ماه محرم، رات جو، سن ۱۲۸۲هـ مطابق ۱۸۶۷ع جي ٿي. ننڍائيءَ ۾ قرآن شريف ملان 'دولت' وٽ پڙهڻ ٿيو. بلوغت جي اثر منجهه، ڪنهن عزيز وٽئون پارسي بيت ٻڌا ويا، جنهنڪري پارسي علم جي پڙهڻ جو شوق پيدا ٿيو. ڇهه مهينا ڪُهڙن جي شهر ۾ ميان خدا دوست آڇڻ فقير وٽ پڙهڻ ڪاڻ رهڻ ٿيو. ملان خدا بخش آڇڻ وٽ ڪجهه پارسي علم حاصل ڪيو ويو. آٽاهون وري درياهون پار وڃڻ ٿيو، ۽ شاهه پنجي جي پرسان، آڳرن جي ڳوٺ ۾ مولوي محمد ۽ پريل ۽ غلام نبي آڳرن وٽ علم پڙهيو ويو، جو اتي خيراتي مدرسو هو. ٻارهن مهينا تنهن کڻن بعد، "آباد" جي ڳوٺ، لطف الله کلهوڙي جي پر ۾، مخدوم حبيب الله جي پٽ مخدوم غلام محمد وٽ پڙهڻ ٿيو. مولوي مصري، قاضي ڊڪڻ ڀگرن جو ويڙل، ۽ مولوي عبدالقدوس مسجد ۾ مخدومن صاحبن وٽ وعظ ڪندا هيا. مخدوم صاحب نقشبندي طريقو رکندا هيا. وقتي فقط صبح ۽ شام جو ذڪر ڪندا هيا. انڪي پهر ذڪر ۾ شامل نه هيا، ڪجهه دنيا ته ڪجهه امرسان، ڪجهه روڪ ڪجهه روڻيءَ سان خيال هئن. جنهن وقت پارسيءَ جو "سڪندرنامه" پڙهي پورو ڪيوسي ته ڳوٺ آياسي. وري جلدئي صوبي ديري جي شهر ۾، مير صاحب مرحوم خدا بخش خان جنت مڪان جي بنگلي ۾ مولوي محمد عظيم وٽ (جو مير صاحب جي صاحبزادن کي پڙهائيندو هو) مرحوم مير مڙل خان عرف خير محمد خان مرحوم مير محمد خان ۽ مرحوم مير امام بخش خان جنت مڪان جن سان گڏ پڙهڻ ٿيو، ڪاڏي پيتي جي خدمت مير صاحب مرحوم ڪندو هو. ٻه سال آتي رهڻ ٿيو.

پڙهي انتها ڪئي سي. ٻه چار سال ڳوٺ اچي رهياسي. ٻاهر پري وڃي پڙهڻ جو سبب اهو هيو، جو عام طرح رياست ۾ علم پارسي ڪونه هيو. علم رکو مير صاحبن جي شاهي خاندان ۾ هيو- رعايا ۾ ڪونه هيو. ڪاڻي ڪاڻي خاندان ۾ نوشت-خواند پارسي ٿيندي هئي. سنڌي علم بلڪل ڪونه هيو. حڪومت ۾ لکپڙهه سڀ پارسي هئي.

جلدئي مير صاحب مرحوم جنت مڪان مير عليمراد خان وفات ڪئي. مير صاحب مرحوم فيض محمد خان جنت مڪان تخت نشين ٿيو. انهيءَ صاحب پنهنجو وزير خانبهادر مسٽر قادرداد خان مقرر ڪيو، جنهن ڪورٽون، آفيسون، اسپتالون، اسڪول، پوليس ڪاتا، انگريزي دستور تي کوليا، ۽ اسان کي سرڪاري ڀگهارسان فيض گنج تعلقي ۾ ماسٽر مقرر ڪيائون. آتي مئي چانگ،

* هيءَ سوانح فقير صاحب جي پنهنجي زباني لکايل مواد تان ورتي ويئي آهي-مرتب

گل محمد چانگ ۽ بکاني وت اسکول سرڪاري نٿون ٿيو. آتي يارهن سال نوڪري ڪئيسي. آتي اسان جي اها چال هئي جو پنج وقت نماز ۽ ٽيهه ٽي روزا رکندا هياسي. مذهب سُٽي هيو. روزاني پوءِ رات کان پوءِ «اغٽني» مدح ميان صاحبڈني فقير واري ٻيهي پڙهبي هئي. هڪڙيءَ رات جو پڙهندي اکيون ٻوڙجي ويون، ۽ خمار پُجي ويو. خمار ۾ پڙهندو وڃان، ڏسان ته حضرت رسول ڪريم صلعم جن سنڌو درياءَ جي ڪپ تي ٻيٺا آهن ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ چيائين، "آيس! آيس! آيس!" انهن لفظن ٻڌڻ کٽون ٿوءِ هوشياري ٿي. صبح تي اچي خيال ويٺو ته نوڪري ڇڏي ڪري جيڪر طلب الله جيءِ ڪنهن مرشد ڪامل کٽون وڃان، الله جي ڳولا ڪيان. نوڪريءَ جي پابنديءَ ۾ الله جي ڳولا نه ڪري سگهندس، تنهنڪري ستت ئي ٻن ڏينهن ۾ نوڪري ڇڏيم، ۽ سن ۱۹۰۵ع ۾ اچي ڳوٺ رهيس.

ڇهه مهينا گذريا، ته لقمان شهر جو هڪڙو زاهد عابد ڳوٺ ۾ آيو. انهيءَ جي زهد جي نيڪي ٻُڌل هئي. پوءِ دعوت ڪري، ونيي آيو مانس. ٻُهريءَ جي نماز آن فقير زاهد سان گڏ پڙهيم. پوءِ چيومانس ته "ڪجهه الله جو رستو ڏس"، جنهن تي 'هائو' ڪيائين. اسان چيس ته 'توکوڻ طلب ڪاله ونبي، مگر ڪنهن مرشد ڪامل جو ڏس ڏي'؛ جنهن تي هڪ وظيفو ڏسيائين ته 'ست ڏينهن پڙهبو ته پاڻيهي جنهن جي تون ٻلي هوندين، سو خواب ۾ ڏسندين؛ پوءِ اهو تنهنجو مرشد آهي: باطن ۾ جنهن جي ٻلي تنهنجي ٻالهن هوندي، آهو ڏسندين'. پوءِ هُن زبان سان ڏسيو، مگر پاڻيهي دم سان هلڻ لڳو. الله جي محبت ڪري ست ڪوهه پنڌ جا استيشن راڻيپور تائين اولداهيءَ رات جو هُن سان سونهون ٽي گڏجي ويس. موسم اونهاري جي هئي. ٽن راتين کٽون پوءِ، قلندر سلطان ڏٺم. آنهيءَ سان هڪ آدمي سفيد ريش گيڙو ويس سان گڏ ڏٺم. قلندر سلطان چيو ته "فولادَ، غير کي يو اٽي؟" مان چيو ته "نه". پوءِ چيائين ته "وات ڦاڙي 'ها' ته ڪر". مان جو آٽيءَ جي نموني آت ڏني، ته جيئن ڪٿون مينهن ڪٿون هردي ۾ ڦر نڪرندو آهي، ائين سنهنجي وات مٿان ايڏو ڦر وانگي ڪوڙ نڪري ٻيو. پوءِ قلندر شهباز چيو ته "تنهنجو غير کي يوسي"، آتي هلي هڪ تڏي تي ويٺو. پوءِ هوءَ 'صورت' به هلي ويئي. پوءِ ذڪر ذاتي مان کي ٻاڪر وجهي سمجهايائين. پر اها صورت سفيد ريش نه پُڇي سُڃاڻي. پوءِ قلندر ائين چيو ته "هتڻن درياءَ ٽيندا، سمنڊ ٽيندو، ۽ لهربون ٽيندين!" هڪ رات ۾ ٽي دفعا سڃاڻي ٿي، ۽ ٽاڪيءَ طرح قلندر سلطان ڏٺوسي.

پوءِ روز روشن ٿيو، ۽ بيقراري ٿي پئي. چٽ ڏينهن کان پوءِ گهوڙي تي چڙهي ڪٽي آتر منهن ڪيم، ۽ پيرگوٺ جي اترڻ ڪچي ۾ ويس. آتي ڪن ماڻهن ڳالهه ڪئي ته 'هت هڪڙو سيد مست سالڪ آهي، جو ماڻهن کي اچڻ نٿو ڏئي، جيڪو وڃيس ٿو ته ڏڪو ڪئي ڪيڙو ٿو ويس.' نالو پڇيوسي، چيائون ته 'نالو سيد محمد علي شاهه اٿس، مگر جي ڳوٺ ۾ ويٺو آهي.' اِها حقيقت ماڻي ڪائيندي پڌم. اڳي به دفعا شاهه صاحب جو نالو پڌو هيم ته مير عليمراد خان جي حاضر ملازمت ڪندي ڪري، ابراهيم ادهم وانگي تخت هزارو ڇڏي فقير ٿي ويهي رهيو

آهي، مگر خبر نہ هئي تہ کائڻون جو ويڙل آهي. جڏهن آنهيءَ مهل نالو پڌم، تہ مانی بس ڪري اٿي ڪڙو ٿيس. آنهن آدمين ڏس ڏلو تہ هتڙن ويجهو ويڙو آهي. شاهہ صاحب جي بنگلي ۾ ويس، ڏٺم ۽ سڃاتم تہ هيءَ صورت آها آهي جا قلندر سلطان سان گڏ هئي! ويجهو ويس، سلام ورايم، مان کي ڏسي چيائين تہ "بلوچ ترن اهو تہ ناهين جنهن جي پانهن ڇهون ڏينهن رسول الله ۽ مولا عليءَ ڏني آهي تہ هن جي رهبري ڪر؟" اِتي مان عرض ڪيو تہ "مان کي به ڇهون ڏينهن اوهان کي ڏني ٿيو آهي: برابر آهو مان آهيان." شاهہ صاحب کي گيڙو ويس هيو. پوءِ بيت فرمايائون:

"چُوڻ چڱندي تتر ڦاڙا، تئين ڪيون ڦاٽين سها،
مئين به تساڏي جهت پت سڻي، اساڏا روح به نہ رها."

"بلوچ تنهنجو روح به نہ رهيو؟" پوءِ چار راتيون صحبت ۾ رهياسي، پنجين رات تي گهر ڪئي سي تہ اسان تي به رهبري ڪيو. پاڻ چيائون تہ "تون آيو حڪم سان هُئين، ۽ جي زبان سان اقرار ڪري گهرين نہ ها، تہ موٽيو وڃين ها: زبان قلب جي تصديق آهي، حديث آهي تہ 'اقرار بالسان، تصديق بالقلب'." پوءِ اسان کي سمجهايائون تہ "هيءَ فڪر اسان کي خيرمحمد فقير هيسباڻيءَ ڏسيو هو، سو توکي ڏسيون ٿا." اڌ رات جو ذڪر سمجهايائون، صبح جو نقشو ذڪر جو لکي ڏنائون، مگر ذڪر روبرو مرشد جي له هليو: اهو باطني قاعدو آهي جو ذڪر جي صورت، باطن ۾ مرشد واري آهي. جان جو موڪلائي، تہ ذڪر هلڻ لڳو: نشو پڄي وبو، ڪا خبر نہ پئي پوي! جاڻي ٽڪيل هُيس، آتي مس سس پهتس. ذڪر ڪري بيهوشي سخت ٿي پئي.

عشق دي مڪتب جوئي ويندا،
بيهوشي دي مشق لکيندا."

نماز پڙهندڙ هُيس، خيال ٿيم تہ نماز پڙهان. پيهريءَ جو وقت هُيو. نماز ۾ بيٺس، تہ 'الحمد' ۽ 'قل' جي خبر نہ پئي: ذڪر واروئي نہ پيو ئي! "لا تقربوا بالصلواة و انتم سُڪارا" جي مهل هئي. رڪعتن جي خبر ڪانہ پئي. پئي سجدا ڏيئي، سلام ڏنم. ڪهڙائي حيلا ڪيم، نماز پوري نہ ٿيئي. پوءِ آئي قرآن ڪيم، تہ قرآن پڙهڻ ۾ ڦسي له آيو: ست به پڙهي نہ سگهيس، آخر بس ڪيم!

سبق پڙهڻي ڪئون پوء، پئي ڏينهن تي هڪ شخص چيو تہ پير گوٺ ڏي گڏجي هلون. گهمندي گهمندي، پير جي مسجد ۾ وياسين. آتي پيرجي جماعت هئي. هڪ زائفان ۽ مرد، زير بم آواز گڏي، عبدالله فقير جو ڪلام چيو. ڪلام ٻڌڻ سان روح کي معنيٰ جي سڌ پوندي وجي ٽڙڪو جسم ۾ اچي پيو. آخر ٽڙڪي ٽڙڪي ٻڌي له سگهيس، ۽ وجي باهر ڪريس. جڏهن ڪلامن ڪئون بس ٿي، تہ هوش ۾ آيس. آنهيءَ سنگتيءَ آتاريو. آهو جو وجد پهرئين ڏينهن پيو آهي، سو اڄ ڏينهن تائين آهي. بيحاصل صوفيءَ جي صحبت ۾ وياسي، تہ آنهيءَ

جي صحبت ۾ وجد، حال، درد-سڀ بند ٽي ويو: ۽ ٻي ورهيه جڏهن آنهيءَ جي صحبت
درت ٽوڙائي، تہ وري ساڳيو حال ٿيو.

ٻارهين مهيني گذرڻ بعد، قلندر شهباز ۽ صوفي شاهه عنايت جي ديدار تي سنڌ کوهه
يرين پيادو ڪري وياسي. پنڌ ڪڏهن ڪيل نہ هو، ۽ عشق شاهنشاهه جي پنڌ ڪرايو.
ء راتيون قلندر تي، ۽ ايڪيهه راتيون صوفي شاهه عنايت تي رهياسون. هڪ دفعي، مراقبي ۾
ٻاهه عنايت جي سيراندي‌ءَ ڪوٺ ويٺاسي، تہ محويت ۾ صوفي شاهه عنايت هٿ هٿ ۾ ڏيئي
رحبا ڪئي، ۽ تاج فقيري منهنجي مٿي ۾ وڌائين. سجاده نشين غوث بخش فقير اسان کي تاج
ٽي ڏني. پوءِ وري پيادا موٽياسي. وري ٻيو دفعو ميرانپور ڈي ريل ۾ وياسي، ۽ حيدرآباد
ڪوٺ ۾ري ٽيهه کوهه پنڌ ڪيوسي. ۽ ٻي راتيون ٽڪياسي، تہ سنگتين منجهوٺ هڪ فقير،
ٻاهه شهيد جي روضي ۾ مراقبي سان ويٺو، محويت ۾ ڏٺائين تہ هڪ سفيد ريش مرد آيو، جنهن
چي ليزو متوٺ آولاريس، ۽ چيائينس تہ "منهنجي فقير کي چو وٺي آيا آهيو؟". روضي مٿان
هو فقير ڇڏندو ڏکندو آيو. مان سان گالهه ڪيائين. مان کي پارن پتن مٿان معلوم ٿيو تہ
منهنجو مرشد هوا جنهنڪري، اٽ پهر پٽي مان رنس. ميلي ختم ڪوٺ ٻوءِ محمد خان جي ڏنڊي
ائين ميان غوث بخش فقير آٽ ڏنو، جنهن تي سواري ڪري ڪليلي مٿان پيڙي تي حيدرآباد پهتس.
ري حيدرآباد ڪوٺ سڏو لقمان جي ٽڪس ورتيم، ۽ شاهه صاحب وٽ آيس. شاهه صاحب
مار ڪاوڙيو تہ "تون چو ويو هئين؟ تنهنجو ڪر ڪوڙو هيو؟ جن سان گڏجي ويو هئين،
نهن جي فقيريءَ کي مان ڪوڙ سڃاڻندو آهيان!" ٻوءِ هيءَ مصرع ٻڌايائون:

"جيڪي در در لائن دوستي، سي چلوليون چڱن!"

مرشد اسان جو، طلب ورتي ڪوٺ ٻوءِ ٽي سال دنيا ۾ حيات هيو. سال سال ۾، ٽي راتيون
ي ڏينهن-جملي نو ڏينهن صحبت ڪئيسي. شاهه صاحب جي صحبت نفس جي برخلاف هوندي هئي،
و هر وقت نفس جي برخلافيءَ جي زبان مٿان گالهه نڪرندي هين. درحقيقت ساري خدائيءَ
کي الله ڪوٺ برگشتو ڪيو آهي، سو نفس آهي، جو آدميءَ جو سخت ساراهيل دشمن آهي.
س ڇا آهي؟ اهو معدو ڪائڻ وارو آهي، جنهن ساري جهان کي گمراهه ڪيو آهي، ۽ الله
و دشمن: جيڪو هن وجود ۾ 'ونحن اقرب' الله ويٺو آهي، آنهيءَ جو سخت دشمن آهي.
مان کي آنهيءَ وقت ۾ نفس جي دشمنيءَ جي خبر ٿي پٽي پيئي، پوءِ وڃي پيئي.

هڪ دفعو شاهه صاحب مرشد شاهنشاهه وٽ وياسي، تہ عبدالله ڪوري به طالب هيو.
يت کي پرڏيو ويٺو هو، ۽ ننڊ جون ٽوڪان ۽ ڪوڪهرا هڻڻ لڳو. سائينءَ صحبت ويٺي ڪئي.
بدالله جي ننڊ ڏسي، سائينءَ چيو تہ "جيڪڏهين ڪنهن رن جو انجار هجيس تہ شوشاکو
وشيار ٿيو ويٺو هجي: هت وحدانيت جي گالهه ۾ ننڊ ٿو ڪري!" آلهيءَ زماني ۾ علي بخش
ير انصاري پير ڳوٺ جي، صحبت شاهه صاحب جي پڏي شاديءَ کي ترڪ ڪيو، ۽ عمر ساري
پرٽيو. جيڪي ڪمائيندو هو، تہ اهل فقر جي خدمت ڪندو هو. هميشه توحيد جي گفتار

هن وٹوُن نکرندي هئي. جنهن وقت گفتگو کندو هو، تہ چائبو هو تہ عالم دُر ٹو گالهائي. ظاهر جو علم فقير توڙي نہ چائندو هو، پر حضرت رسول کريم جو فقير کي حضور ٹيندڙ هو.

جڏهن سائينءَ کٹون سبق وحدانيت جو پڙهي گهوٽ آياسي، تہ صبر اهڙو هيو جو گالهائڻ بس ٹي ويو. دوستن جي دوستيءَ ۽ مائٽن جي مائٽيءَ کوُن بيزار ٹي وياسي. يارهين ڏينهن منجهند جو، کجهہ نشو وحدت جو پيتوسي، تہ ڏٹوسي تہ ستين آسمان تي نور جلال سموند ڏسڻ ۾ آيو، جو چولين تي چوليون پئي ڏنائين: اهڙو نور هيو، جو سج چند ۽ وجون هن جي اڳٹوُن شرمسار هيون! ٻوءِ شوق زور پريو، ۽ گريو ٹيو، جو جهنگ ۾ روئندو وتان؛ ذکر اهڙو زور پريو، جو سيني ۾ سمائجي نہ سگهي! ٻوءِ چاتوسي تہ هن حضور جي گالهہ تہ کنهن سلان قاضيءَ کان پڇائي. سلان قاضي سيکو چوندو آهي تہ فقيرن کي مکي مدينو جو حضور ٹيندو آهي، پر اهو حضور تہ چار ڏوکڙ ڏيئي ماٹهو کري ٹا اچن. "حضور" انهيءَ جو نالو آهي، جنهن کي 'معراج' کوٹيو آهي. هو وحدتي حضور آهي؛ هو کثرتي حضور آهي، جو کنهن پاڳواري کي ٹيندو. هي وحدتي حضور کن نياڳن ٹيندو. اهو ملک نياڳ جو اهڙو آهي، جو پاڻيءَ جي ڏُک کاڻ سسي پيا ويڏن. انهن يارهن ڏينهن جي اندر ۾، ٹي ڏينهن ٹي راتيون، وٹن جي برابر هڪ اهڙو آواز پيدا ٹيو، جنهن بي انداز فراق پيدا کيو، جو هاڻ ماري وڃهي ها. اهڙو آواز ساريءَ جمار ۾ کونہ ٻڌوسي. ويتر انهيءَ آواز ٻڌڻ سان شوق پيدا ٹيو، جو بيحد کمال!

وري يارهين مهيني "سچل" فقير جي چوڏهينءَ جي ميلي تي وياسي. تڏهين ريل کانہ هئي. سچي ميلي ۾ ٹيهہ آدمي هيا. مائهن جي آمدلي ريل کوُن ٻوءِ ٹي صرف "سچل" جي درٻار هئي. ٻيو سڀ پڌرو هو، مگر هڪ لانڪ يوسف فقير جي لانڊي ٹهيل هئي. هينئر واريون عمارتون اصل کونہ هيون؛ رڳو گاديءَ وارو بنگلو ٹهيل هو. کافيءَ کلاڙ جو شغل کونہ هو. مان کي اصلي ارادو هو مرشد ڏي وڃڻ جو، وات تي ميلي جي کري وڃي ٹکيس. سيارو هو، تنهنکري سنجهي مان ئي فقير صاحب جي روضي ۾ مراقبو کري ويهي رهيس. ويهڻ سان ذکر وحدانيت جو نشو پئجي ويو، تہ اتي سچل فقير آيو. هٹ ۾ خنجر هجيس ترار جي نموني، ڏيکهہ هٹ کن، خنجر جو سئيو گاڙهو هجي. پيرن جي مٹوُن ۽ کنن جي مٹوُن خنجر وهايائين؛ کوپري کياڙيءَ جي طرف گهنديل چڏ يائين؛ کوپري آٹلائي، کياڙيءَ ڏي رکيائين: وٹي جو رت ڏڪو ڏنو، پيرن کوُن آڏان پيون وهن، ۽ فرش تي رت وهڻ لڳو، ۽ مان رت وهندي پيو ڏسان! ٻوءِ ورائي کوپري سچل فقير مٹي تي رکي، تيستائين بيٹو هو. گيڙوُ جي دستار ويڙيل ۽ ٹٹن واريءَ جاءِ سموريءَ مٹي پڇائين، ۽ کجهہ پڙهيائين، سو سمجهڻ ۾ نہ آيو. دستار پڇائي، فقير چپ کري بيٹو، تہ ايتري ۾ هکڙو مست نمونو ڏسڻ ۾ آيو، جو سچل فقير جي تربت جي سيراندي کوُن بيٹو هو. هو مست تربت جي الهندوُن بيٹو هو. مان سچل فقير کوُن پڇيو تہ "هيءَ کير آهي؟" ورندي ڏنائين تہ "هي صوپو فقير،

عاشق، مڏ جو ويڙل آهي، جو ڦاپل زلفان تي مجنونءَ وانگي مست هو- هي آهو آهي."
سادا ٿي پهر رات جا اندر روضي ۾ ويڙل هيس، باقي اڌ پهر رات ننڊ لٽو. سنيار ٿيم تہ مان
چڱو پلو آهيان. لٽنا پيو ڳولیان- 'لٽن کي تہ رت ڪانهي!' وري فرش ڏي نهاريم، تہ آتي
رت ڪانہ هئي. پوءِ آئيس، تہ بہ آٽ پهر محويت هئي. پوءِ مرشد وٽ وڃي پهتس، ۽ احوال
سڄل فقير جي روضي وارو سڄو ڪيومانس. تنهن تي شاهہ صاحب چپ ڪئي ڪونہ ڪڇيو. جڏهن
مان موٽيس، تہ سائينءَ پنهنجي طالبن سان صحبت ڪئي تہ "مان آيو ہ بلوچن ڏانهن هيس؛
کورين اسان کي نہ سڃاتو؛ اسان بلوچن مؤن هياسي، وري بہ ڏکڻ بلوچن ڏي اسان جي
وڃڻ جو راز آهي، اسان اوڏاهين وينداسي"- يعني پاڻ خير محمد فقير هيسباڻي بلوچ ڪؤن فيض
ورتو هٿائين.)

سائينءَ هڪ دفعي حقيقت ڪئي تہ "'بيدل' فقير وٽ وياسي، تڏهن اسان کي
نوڪري هئي. فقير صاحب وٽ پنج آٽ چوڪر ٽلهي تي ويٺا هيا، جو انهن کي پڙهائيندو هيو.
اسان فقير کي پيرين پئي، نياز ڪري، ٽلهي تي چوڪرن سان گڏ ويٺاسي، تہ فقير صاحب
مان ڪٿي نظر وڌي. ڏسي، چيائين تہ 'هڪڙو ڏينهن ٽيندو تہ هن وهٽ کي ڇڏيندا سي،
۽ انهيءَ وهٽ تي سواري ڪنداسي، ۽ گڏ اولاد ٽيندا سي." پوءِ "بيدل" فقير جڏهن دنيا
منجهؤن چالاڻو ڪيو، تہ شاهہ صاحب چيو تہ "بيدل" فقير اچي ٻڌايو تہ 'محمد علي کي
ڪيڏوسي، هاڻي اسان جي سواري وهٽ تي آهي."

اسان کي بہ طلب ورتي ڪؤن پوءِ، ڏائين ورهيہ، شاهہ صاحب آسمانن تي وڃي
معراج ڪرايو، جنهن جي اڳتي ڳالهہ ايندي. پوئين دفعي جڏهن سائينءَ وٽ وياسي، تہ
سائينءَ اسان کي تي مهينا اڳي ٻڌايو تہ "فولاد اسان ڏي 'بيدل' فقير پيغام قوت علي شاهہ
جي هٿئون موڪليو آهي تہ اسان دنيا منجهؤن جلد ويندا سي". اسان عرض ڪيو تہ "ڪهڙو
پيغام آهي؟" پاڻ فرمايائين تہ "آهو هي آهي:

"دُوالي ٽوڙ ڪثرت کي، جسم سي اب جدائي ڪر،
تخت پر لا مڪان کے بيٺ، 'بيدل' بادشاهي ڪر."

اسان کي ڏاڍو غم ٿيو. ٽئين مهيني هادي شاهنشاهہ لا مڪان ڏي پرواز ڪيو. سائينءَ جي
وفات کان پوءِ مينهن واءُ ۽ طوفان ٿي ويو، جو هت اسان جي ڳوٺ ۾ ائين بہ ٿيو. علي اڪبر
شاهہ صاحب جو سوٽ، شراڪت ۽ شريعت جي ڪري، سائينءَ ڪئون برطرف رهندو هو.
سائينءَ جو طريقو رلدي مشرب هو. اهو واءُ مينهن ۽ طوفان ڏسي، علي اڪبر شاهہ رُٺ لڳو،
۽ چيائين تہ "ارمان جو اسان کي اها خبر نہ هئي، جو عاشق عارف اسان جي پر ۾ هيو، ۽
اسان لہ سڃاتوا" هيءُ واءُ ۽ مينهن جو سبب هي آهي، جو عاشق جي دنيا جي جهان مون
جڏڻ ڪري زمين آسمان رئندا آهن، زمين ڏوڙ وسائيندي آهي. اها خبر سائينءَ جي رحلت
جي مشهور ٿي، اسان بہ وياسي. الله بخش ڪانهر، جو سائينءَ جو طالب هيو، تنهن ڳالهہ

کئي تہ "اگاري جي ڏينهن، ستين تاريخ صفر مهيني جي، سائينءَ چيو تہ "ورندي منگل تائين هت ميخالي ۽ صفائي هوندي، ۽ اسان کونہ هونداسي" پاڻ خوشباش ويٺا هئا. وحدانيت توحيد جي گالهہ ڪئي ڪيائون. آخر، تاريخ ۱۳ صفر سڀ طالب گهرايائون. لعل ۽ ٻيا سڀ ٻيا روئن. پاڻ فرمايائون تہ "هن مهل نہ روئو، جڏهن طوفان ۽ مينهن ٿئي، تنهن مهل روئجو." آخر ۱۳ ماهہ صفر سن ۱۳۲۶ھ جي رحلت ڪيائون. اسان جا سائينءَ جي وفات ڪئن آسرا ٻيا سڀ پلجي ويا. ڪاڏهن دل رجوع نہ ٿئي، نہ وري صحبت اهڙي ڪاڏن هٿ ۽ آئي جو دل ريجهي—مثال جئن زائفان جو مڙس مري وڃي، ۽ هڪ ٻڙو هجيس، ۽ انهيءَ تي آرو رکي ٻيو نڪاح ٻہ نہ ڪري تہ اهو چوکر مڙس ٿيندو ۽ مان کي ڪٽي کارائيندو. ٻوءِ، اسان تيئن ذڪر الاهي اسر اعظم کي ڪٽي پاکر وڏوسي: ٻوءِ انهيءَ مؤن سيکجهہ ٿيو!

سائينءَ جي وفات ڪئن ٻوءِ اسان جو مستن عاشقن ڏي ارادو ٿي ٻيو—چو تہ سائين پاڻ گالهہ ڪندو هو تہ "اسان سان مهرباني مستن ڪئي." نو ورهيہ برابر ست پهر اوجاگو هيو، ۽ هڪ پهر نند ڪبي هئي، ڏينهن جو اصل نند نہ ڪبي هئي؛ مگر ٻہ دفعا—هڪ دفعو يارهين ڏينهن ستين آسمان تؤن سمنڊ نور جلال الله جو ڏسڻ ۾ آيو، جنهن جي گالهہ ڪري آيا آهيون، ٻئي دفعي وري ائين سال، منجهند ٽورڙي گهل ٿي تہ فقير نالڪ يوسف آيو: ٻيا فقير ٻہ پويان هجنس، ۽ هٿ ڪٽي هن ڪلام جو مصرعو ٻڌايائين:

"رک عاشق خبرداري، آئي دمدم جي هُشياري،
آئي مرشد گالهہ موچاري، ٻيو سڀ پنڌ اجايو."

هن مصرع ٻڌڻ سان، ٽڪي ٽڪي ڪٽ تؤن هيٺ ڪري پيس، ۽ هشياري ٿي ۽ سجاگ ٿيس. اهي ٻہ دفعا، نند ٻہ نند نہ هئي—اها نند سجائي هئي. ڪائن اسان جو، طلب ورتي ڪؤن ٻوءِ—ٻي سال برابر ائين پهر ڪائيندا هاسي، صبح جي وقت ۾.

شاهہ صاحب ڪؤن ٻوءِ چهہ ورهيہ برابر نہ ڪنهن جي ميلي تي ويندا هياسي، نہ ڪنهن وٽ صحبت ڪاڻ. هڪ دفعي هڪ مست وٽ عشق الاهيءَ ڪاڻ سوالي وياسي، جنهن جاءِ جي ٻڌيءَ سان، بن هٿن سان، ڪپي ڪُلهي تي اٺ ڏهہ ڏڪ زور سان هنيا، جو ٻين اچي مست کي جهليو، ۽ مان کي ٻانهن کئون ونڊي آٽاري ڪڍي ويا تہ "فقير هڻ ٻوليسان نہ اچي لهن، تون پاڻ کي خون ٿو ڪرائين!" اهو ۲ تاريخ صفر ۱۳۳۲ھ ۾ مست وڃهيو. وري ائين صفر ۱۳۳۲ھ جي، هادي شاهنشاهہ جي ميلي تي وڃڻ جو ارادو ٿيو، ۽ گهوٽئون سنبري نڪتا سي. آخر ڪُهڙن جي شهر ۾ مست سيد الهہ اوباهيو شاهہ ٻُڌو هيو، انهيءَ جي ٻُڇا ڪري، ڪهڙن جي آترون، مقام واري مسجد ۾، مست سيد کي لڌوسي. مسيت کؤن ٻاهر آگر تي ٻيٺو هو؛ لٽ ڪچ ۾ هيس، ۽ مٿي تي ڪوهہ جي سير هيس؛ سُٽڻ جو چندو گهريل هوس. مان گهوڙي ٻڌي، مسيت جي در وٽ وڃي بيٺس، تہ

سڏ ڪيائين تہ "هيڏي آءٌ." مان ويس، چيائين تہ "چا ٿو چوين؟ تعويذ لکي ڏيانءِ؟" نهاري ڏٺم تہ سالکي اهڙي هيس جو جارا ڪاغذن ۾ مس قلم سان پرها پيا هٿا! جيڪو ايندو هو، تنهن کي تعويذ لکي، مٽي جي سور جا ٽيٽا رکندو هو. مان عرض ڪيو تہ "تعويذ مان پاڻ لکندو آهيان، باقي حال سمورو معلوم اٿئي." جنهن تي "اقراراً باللسان و تصديقاً بالقلب" جي حديث پڙهيائين، ۽ چيائين تہ "زبالي اقرار ڏي تہ چا ٿو چوين؟" مان عرض ڪيو تہ "عشق جي ڪنايات ۾ عشق جو امداد ٿئي." پاڻ ڦيريون ڏنائين ـ اهڙيون ڦيريون، جو جيڪا سير مٿي تي هيس، سا ڪيري پيس! چوڻ لڳو، "بيشڪ ٿيندوا" ائين ٻ ٽي ڪهرا چيائين، "وڃ، وڃ، وڃ!" مان اٿي هليس. وري چيائين تہ "رات ٽيڪي ٿو... پر ڏکڙي ڪاهي آيو آهين؟ ... وڃ!" (گهوڙيءَ جي ٽالي چيائين).

رات جو پٽين ۾ شهميرفقير پٽيءَ وٽ وڃي ٽڪيس. رات جو توحيدي ڪلام شهميرفقير ٻڌايا، جنهن تي وجد حال سخت ٿي پيو. صبح اٽاهون مگرجي ۾ ميلي تي وڃي نڪتس. اتي ٻ توحيد جا ڪلام ٽيا. ڪچهري خلق ٻنگلي جي صفحي ۾ هئي؛ مان سامهون آواز جي ويهي نہ پئي سگهيس، تنهن جي وراندي ۾ پٽي خلق کي ڏيئي ويهي رهيس. مدهوشي هجي، جوش جي حالت، ذڪر خيال ڪلامن سان هڪ ٿي پيو وڃي! ميلو گذريو. ڪجهہ خلق هلي، ڪجهہ هجي. ۱۳ صفر جي پيشيُن تي، نالي عبدالرحيم ڪوري، جو سائينءَ جو طالب هيو، تنهن کي چيم، "دل کي حباب آهي سخت، روبرو ڪلام تہ نٽو پٽڻي سگهان؛ هن مهل آواز گهٽي جي ڏرائي ٿي آهي، هاڻي ڪلام کو تون ٻڌاءِ." جنهن تي عبدالرحيم يڪتارو ڪٽي آيو ـ (خلق صفحي ۾ هئي، مان اڪيلو وراندي ۾ ويٺو هئس). روبرو منهنجي ڪلام اچي چيائين "بيدل" فقير جو.

"رخ رانجهن دا ڪعبا قبلا، عشق دا ٻڌ احرام،
لڙن لڙن دي وچ لبيڪ دي وائي، هُو هُو هل هنگام".

اهي مصرع چيائين تہ مان بيحال ٿي زمين تي ڪيري پيس، ۽ بيحاليءَ ۾ پيو هيس تہ مٺڙن سيد الهہ اوباهيو شاهہ اچي ٻيٺو. بيهوشيءَ ۾ چيائين تہ "هيڏي هوڏي تہ نهارا!" ڏسان تہ مڪو، مدينو، ڪربلا ۽ نجف جا روضا ڏسڻ ۾ آيا: هرهڪ روضي جي چوڻيءَ ۾ وچ جهڙي نور جي رسي آسمان سان ڳنڍيل هئي.

چوڏهينءَ جي رات سڄي بيحالي هئي. صبح جو اٿي هلياسي. ميلي جي خلق سڀ آڻي پويڻ لڳي. خاندان، مير، سيد ـ سڀ پٽي آيا، ڪنهن تي ٻ لطر ڪانہ هجي. گهٽي تائين ڪجهہ پنڌ ڪيوسي، تہ ٻيو فقير جيڪو ساڻ هيو، انهيءَ چيو تہ "مرشد! خاندان ۽ سيد پويڻون اچن ٿا، انهن کان تہ موڪلايو!" جنهن تي ٻيٺاسي. سيني ڏوڙ ڪئي تہ پاڪر پائي موڪلايون، مگر ان وقت وجودئي پاڪ ٽيل هو، جو انسانن جو هٿ لڳڻ ٻ نہ پئي وڻيوا تنهنکري، چيوسين تہ "هري ڪڻ موڪلايو، ۽ هٿ نہ لايو" ـ چاڪاڻ تہ هٿ لائڻ سان سخت وجد حال

ٿي ها. ٻوءِ گھوڙيءَ تي چڙھي آئي ھلياسي. مست الھ اوھاھيو شاھ اڻي گھوڙيءَ جي اڳ ۾ ھليو. يڪو ڳوٺ تائين ڪڏيو ھليو. اسان سلام سو ٻئي ڪيس. جسڪائين ۾ اچي وات تي ٽڪياسي. اڳي ڪڏ ڪائڻ رسم ھئي، ھينئر جيڪو سنگتي ھيو سو ھن حال ڪوڻ نامحرم ھيو. اڳ ۾ ڪير ڪي اوبر ڪري، ڊڪ ڀري، مان ڏي سڃيائين. تنھن تي باطل مؤن ھڪل آئي ته "متان اھو ڪير اوبر وارو ڪائيندو ھجين، ... ۽ اڳتي اوبر ڪنھن جي نہ ڪائجانءِ!" انھيءَ ڏينھن ڪوڻ وٽي اڄ تائين، اسان اوبر ڪنھن جي نہ ڪاڏي آھي. ھلندڙ طالب ڪي ۽ حق نہ آھي جو ٻئي جي اوبر ڪائي. جي ڪائيندو، تہ ذڪر بيھي ويندس ۽ ڏوکو ايندس. مرشد فنا في الله جي درجي وارو اوبر ڏئي، يا مست عاشق ڏئي، تہ اھا ونجي ـ اھا پاڪ آھي. زماني واري ماڻھوءَ ـ ڏنائي، زميندار، پير بزرگ، شيخ مشائخ ـ جي اوبر ڪائڻ اڻين آھي، جو ڇڻ ڪتي جي اوبر ڪاڏائين: دل ڪاري ٽي پوندس، ۽ ذڪر نہ ھلندس! سيڪنھن انسان جي وجود ۾ ٻيو 'وجود حقيقي' آھي. انسان تڏھن ڳھمن ٿا: ٻھلوانيون ڪري، لکي، پڙھي، آٽ ڪتابن جا ياد ڪري، تہ ۽ آھو ـ ھي بوتو تہ منيءَ جو گھوڙو آھي! حساب ڪتاب، ويڙھيون، تراريون، ھٽڻ قرآن جو حافظ ٿيڻ ۽ 'آھو' آھي؛ ولايت جو صاحب ۽ 'آھو' آھي. جڏھن وجود چنڊ جي اسم اعظم سان لکرندو، تہ ذات نسوري آھي. جيڪو ھن مؤن چنڊ جي نڪتو، سو معنيٰ جو جبرائيل آھي. ماڻھن جي نظر ھن بوتي تي آھي. ماڻھو ھاڻ جي انڊا آھن. تہ انھيءَ وجود ذاتيءَ کي لٽا سڃاڻن ۽ نٽا ڏسي سگھن. انڊي ڪوڻ دڳ ڪير ڇڏندو؟ ھو وجود ذاتي ھن بوتي ۾ ائين ٻيل آھي، جئن ڪير ۾ مکڻ. جڏھن فقير طالب، سڀاھڻ اسم اعظم جو دل جي چاڙيءَ ۾ مرشد ھٽؤن وجھرائيندو، تہ ٻوءِ محکم ويھي 'دم' جي منڊيڙي سان ولوڙيندو. جيڪڏھن وٽي ڏنائين، تہ ڪير ڏري ويندس: وري ٻيٽي تکليف اوجاڳي ۽ ٻُکن جي ڪندو، تڏھن تپندو! روح جو مکڻ، سيني جي ڪير مؤن لکرندو. بنا سباھڻ جي ڪير نہ جمندو، ۽ نہ مکڻ لکرندو. وڏيڪ وقت ٻيس، تہ ڪَوڙو ٽي پولدو، ۽ خراب ٽي ويندو. جيڪو نہ ولوڙيندو، تہ مکڻ نہ لکرندس. ڏسو تہ ساري جھان کي 'دم' جي منڊيڙي جي خبر ناھي: نہ ولوڙيائون، ڪير ھنن جو ڪري ٻيو!

ضميمو

[فقير صاحب جي حال ۽ قال جي خبر سندس خطن مان پڻ پٽجي سگھي ٿي، جي ھن وقت بوقت ڪن دوستن احبابن ڏانھن پڻ لکيا آھن. ھيٺ اسين انھن خطن مان ڪي اقتباس ڏيون ٿا ـ مرتب]

ـ" بعد از حق موجود، واضح ھجي تہ ھتي ڪلي خيريت، اوھان ڏانھن ۽ بفضل ـ حق عافيت. اسان جو احوال ھيٺينءَ ريت آھي: 'پرين جان، پرين جي پچار ـ انھيءَ ٻنھي ڪوڻ ڏار قادر نہ ڪري ڪنھن کي! توحيد اھو نہ آھي، جيڻ عام ڄاڻن ٿا تہ 'اسان ۽ آھيون ۽ الله ۽ آھي.' دوئي انھيءَ جو ناالو آھي، مشرڪي يا بت پرستي اھا ڄاڻجي. توحيد اھو آھي تہ 'ھي

نہ هجي، رکو الله هجي.' آسمان تي هڪ شهر آهي، جو ستين طبقي ان جو دروازو. حديث ان لاءِ آهي تہ "انا مدينة العلم و علي" بابها". عشق جو اهو مڪتب آهي، توحيد اتان پڙهبو آهي.

"عشق دي مڪتب جوئي ويندا، مدهوشي دي مشق لکيندا؛

جوڙ ڪي سوال جواب، مرڻ ڪنون سو اڳي مرجاوي- (بيدل).

"انهيءَ ملڪ ۾، انهيءَ شمع حقيقت جي ٻاهرون طواف ڪندي، پروالي وانگي سڙي، عين "شمع" ٿي ويندو. توحيد جي خبر انهيءَ کي پوندي، اهو توحيد ٻاڻ ٿي پولدو. بيت رومي صاحب:

"چيست توحيد خدا آموختن،
خويشتن را پيش واحد سوختن" - الخ

* * *

-"بعد از اسلام عليڪم ورحمة الله وبرڪاته، مزاج اعليٰ بخيريت بالا! "من احب شيئاً فاڪثر ذڪره" جي ڪري اسان کي بي گفتار چا ڪري ڏيندي؟ بيت:

"پريين جان، پريين جي پچار-
انهن ٻنهي ڪئون ڏار، قادر ڪري نہ ڪنهن کي.

"آدمي ٿي قسم آهن: اول جنس بهايم، دوم جنس ملايڪ، سوم جنس انبياء.
اول جنس بهايم جي حالات: کائڻ پيڻ، عيش، لنبي بغير عبادت، هر وقت بدگفتار دنيا؛
دوم جنس ملايڪ جي حالات: تسبيح تهليل، صوم وصلوات، خيرات، زڪوات، عبادت بيريا؛
سوم جنس انبياء جي حالات: هر وقت شوق معرفت الله تعالىٰ، هردم ذڪر اسم اعظم جو شغل.
"قال الله تعالىٰ في القران المجيد: "ان السمع والبصر و الفواد ڪل" اولئڪ نہ ڪان مسئولا".

"چشم و گوش و قلب گوهر های عرش، خرج کردی تو خریدی چه ز فرش؟
حج ڪردن زيارت خانه بود، حج رب البيت مردانه بود."- الخ

(٦ فيبروري ١٩٥٦ع)

* * *

-"پيغا عرش اعظم:

"بهر جائيکه باشي باخدا باش،
ز خود بيگانه، باحق آشنا باش.

"بعد از حق موجود جي واضح لائح؛ والحمد لله علىٰ ڪل حين؛ مزاج عاليه باطن شما تنومند بالا، دائم بتوحيد الاهي دل خورسند بالا؛ از خويش جدا، بحق پيوند بالا!"

[هن خط ۾ ڪيترا مسئلا سمجهائيندي لکن ٿا]

" ۱. فلسفہ توحيد-جنهن آدمي حق جو وصل نہ ڪيو آهي، اهو جمندي مري ويو آهي.

" ۲. ماڻهو مال، دنيا، پگهارون گڏ ڪن ٿا، مگر مئل آهن: مئي کي مال دنيا ڪهڙي ڪم ايندو؟ جيڪڏهن حياتي گڏ ڪن، تہ تابقيامت کين مرڻ!

"۳. آئن ڀهرن ۾ هڪ دفعو ڪوبه واپاري دنيا جي نقصان ۽ نفعي جو ليکو ضرور ڪندو ته ڪيترو فائدو يا گهاٽو ڀهتو؛ ڪاغذ ۽ هوندس ته ڇيڇن تي ڪٽيندو: الصاف زماني جي ماڻهن جو آهي، ته هڪ سال ۾ يا عمر ۾ ٻنهنجي عمر ۽ گناهن جو ليکو ڪونه ڪن!

"۴. ريڊ جي نئين ڇاول گهٽي جي ڪل ويهه روپيا ۽ ڀڪريءَ جي ڪل ٻ ادائي روپيا قيمت ڪري ٿي؛ آدميءَ جي ڪل هڪ ٽڪي ۾ ٻ ڪاڻ وڪامي: ٻوءِ هي آدمي ڇا تي مغرور ٿئي ٿو؟ هن جو ملهه نئين ڇاول گهٽي جيترو ٻ نه آهي. تمثيلاً، جي آدميءَ جي ڪل لاهجي، عفونت ڪڻ ڪوڪ ماري وجهي!

"۵. اشرف المخلوقات، 'ولقد كرّمنا بني آدم' جو حقدار ٻ هي انسان آهي؛ فيل تامور، هن جي حڪمراني: ٻوءِ صرف ڪيولي ڪن ۾ گهڙيس، ته گهڙو پريشان ڪريس؛ مڇر گهڙيس ته ماري وجهيس!

"هاڻي ٻڌايو ته هت دنيا جي جمع ڪرڻ ۾ اوهان جو ڇاهي؟ ڪهڙا دانشمند آهيو! اها دانائي، حق جي معرفت سواءِ، ڇا ڪري ڏيندي؟ اوهان جو ڏاڏا صاحب ڪيترو نه تارڪ الدنيا هو. اوهان کي شمس العلماءَ باطني ظاهري ڪري ڪيو ويو آهي، ڇا لاءِ؟ مسٽر جناح صاحب کي بادشاهيءَ جو ارادو ٿيو، آخر ۾ پاڪستان جي بادشاهي مليس؟ 'من طلب شيئاً'- جدوجد شمس العلمائي ٻ هٽ ڪرڻ ۾ اها دير آهي." -الخ

(۳ سپٽمبر ۱۹۵۶ع)

* * *

[هڪ طول طويل خط ۾ فقير صاحب کي فلسفا ۽ نڪتا بحث سميت ٻڌائيندي، پچاڙيءَ ۾ هي نقل ٻڌائيندي خط پورو ڪري ٿو.]

-"شاهه محمود حسن پرست سنڌي غلام خريديو. ڪڏ تخت تي وهاريائينس. روئي، ڌاڙ ڪري، تخت تان ڪري ٻيو. شاهه محمود، عبرت ۾، ايڏي بلنداقباليءَ جي موقعي تي روئڻ جو سوال ڪيس. غلام چيو ته 'مون کي امڙ ياد ٻيئي هئي'! مطلب: ذات ذوالجلال، ماڻهن کي شاهه محمود وانگر گهٽوئي غلام مثال ڪڏ ويهاري ٿو؛ مگر 'امڙ'-نفس-هنن کي ڪيرايو وجهي.

"وحدت گر بگويم تا قيام، صد قيامت بگذرد دين نا تمام.

"اوهان کي جيڪڏهن اسان وٽ اچڻ ڪڻ روڪيو آهي، ته هاڻ جاڻو؛ اسان کي اشتياق، ته 'جيڪر ملاقات ٿئي'!" (۷ آڪٽوبر ۵۶ع)

* * *

-"سڄڻ ساعت هڪڙي جي ٿئي اکيان ڏار،
ته ڪر سپ جمار، ڏئوسين نه ڪڏهن!

"هوالمقصد ته "احسن التقويم"، جيكو قرآن مجيد ۾ اشارو آهي "خلق الانسان في احسن التقويم"، انهيءَ آيت جي تفسير جيڪڏهن ڪجي، ته عرش عظيم ڪوڻ آنوڻ مفاصلي تي پري تفسير وجي نڪري: انهيءَ جاءِ ييجا ۾ بي جهات "ملڪاً ڪبيرا" ۾ رسي، جتي نه عرش ڪرسي، نه سج نه چنڊ، نه آسمان نه مقرب ملائڪ، نه جن آدمي هماءَ جي رسد؛ تنهنڪري انهيءَ حقيقت کي کولڻ "العاقل تكفيه بالاشارة" جي لحاظ سان ڪئي ويئي."

[اڳتي هلندي فقير صاحب هنن اکرن سان خط بند ڪيو آهي]

"عشق جو شرح ۽ توحيد جي حالات سان ڪئي دفتر پرجن، ته به ٿورا، ليڪن اوهان اکثر انگريزي خواندا طوالت ڪوڻ ڪاڌائيندا آهيو: ناچار "تطويل الكلام" کي "قليل القال" جو جامو پهرايو ويو." (۲۱ جون ۱۹۵۶ع)

۵

ادیب ء شاعر

هرڪنهن ادب تي جيستائين ڪنهن ٻئي ادب جو اولڙو يا عڪس نٿو ٻوڌي، جيستائين ان کي پنهنجي ادبي ۽ اعليٰ حيثيت جو پورو پورو احساس نٿو ٿئي؛ ۽ جيستائين اهو احساس پيدا نه ٿيو آهي، تيستائين هو پنهنجي روش، رنگ ۽ ڍنگ ۾ ڪنهن به قسم جي ڦيرڦار آڻڻ لاءِ تيار نه ٿيندو ـ اهي ئي ٻيرون ۽ اهائي ٻات هوندي.

سنڌي ادب به جيستائين فارسي، عربي ۽ انگريزي وغيره ادبن سان آشنا نه ٿيو، تيستائين منجهس کي ارتقائي تحريڪون پيدا نه ٿي سگهيون؛ ۽ جڏهين سنڌ وارن به ٻين ٻولين جي ادب جو گهرو اڀياس ڪيو، تڏهين به پنهنجي ادب کي ٻين جو همسر بنائڻ، بلڪ پنهنجي خصوصيات کي قائم رکندي ٻين ادبن جي چڱاين کي به پاڻ ۾ سمائڻ جو جذبو پيدا ٿيو. ۽ اهوئي جذبو ۽ تحرڪ آهي، جنهن انسان ۾ اڳتي وڌڻ لاءِ اتساهه پيدا ڪيو، ۽ قائم رکيو آهي.

هرڪنهن دور ۾ ۽ هرهنڌ اهڙا انسان ٻئي پيدا ٿيا آهن، جن عام روش ۾ ڦيرڦار ٻئي آندي آهي، ۽ ادب جي شيش محل ۾ مناسب هنڌن تي پنهنجي فنڪاريءَ جو مظاهرو ڪندي، ڪجهه نه ڪجهه رلگيني پيدا ڪري، 'مالي' ۽ 'بهزاد' جي ڪلاڪاريءَ، ڪاڪ جي فنڪاريءَ ۽ گرنار جي صداي سرفروشيءَ کي ٻئي ورجايو، ۽ حياتيءَ جي نون پيچرن جا ٻالڌيڙا ٿي، وقت سر اهو ڪجهه ٻئي ڏيو آهي، جنهن جي سر دست گهرج ۽ ضرورت ٻئي رهي آهي.

سنڌي ادب ۾ ٻڌ اهڙيون ليک شخصيتون پيدا ٿيندين رهيون آهن، ۽ لنڊي ٿهيءَ وارا انهن لائق ۽ فائق هستين کان نا آشنا آهن، تنهنڪري لازم آهي ته اسين پنهنجن وڏڙن کي به احسان جي نظر سان ڏسون، ۽ انهن جي ڪارنامن مان به ايتروئي ڪجهه پرايون، جيترو ٻرائڻ ڪپي، تاڪ اسان جي فڪر جي ٻيڙهه سنڌيت تي قائم رهي، ۽ ان جي اوساري ۾ مختلف، مناسب ۽ سهڻين سرن سان عاليشان عمارت جڙندي راس ٿيندي رهي.

محمّد سومار شيخ

مرحوم پير پاون علي شاهه "ساقي"

سر زمين سنڌ تي ڪيترن اهڙن گوهرن قدر گهمايا آهن، جن کان سنڌ خواهه سنڌين کي فخر حاصل آهي. اهڙن اولين صف جي شخصيتن مان شاهه قادري عليه رحمة جن ۾ آهن، جن سنڌ ۾ اچي، سنڌ کي دين اسلام جي تبليغ سان منور ڪيو. ڪافي غير مسلمن کي دين اسلام ۾ آندائون. بالاخر پاڻ بدين ۾ سڪونت اختيار ڪيائون، ۽ آني ٿي رهي وصال ڪيائون. سندن ٿي اولاد، شاهه قادري عليه رحمة بدين جي درگاهه جو سجاده نشين آهي. انهيءَ ٿي سلسلي ۾، اسان جي لاڙ جو مشهور درويش پير پاون علي شاهه "ساقي" جو والد بزرگوار فقير پير محمد شاهه هڪ خدا رسيدو ۽ عالم شخص هو. سڀائين سادو سودو ڪنڌارڻ، تڏيءَ تي ويهڻ، ۽ سنت رسولُ اللّٰه جي پيروي ڪرڻ سندن سول متو هو. مريد ڪين سڀائين عبادت الاهيءَ ۾ مشغول ڏسندا هئا. پاڻ ڏهاڙي چاليها ڪيندا هئا. ڏينهن ۾ هڪ وقت چانورن جي مانيءَ پاڪري ڪير سان کائيندا هئا، ۽ بس. اونهاري ۾ اچي چادر ۽ سياري ۾ ڪاري ڪٽي زيب تن ڪندا هئا. وقت جي حاڪمن (انگريزن) جي ڪابه پرواهه نه ڪندا هئا. پاڻ آسي ورهين جي جمار ۾، جمعي جي ڏينهن، ۱۹۰۰ع ۾ رحلت فرمايائون. گهاڻه ٿا ڪن ته پاڻ مريدن کي چيائون ته "اسين جمعي نماز اوهان سان اچي ٿا پڙهون"؛ پوءِ حويليءَ ۾ هليا ويا، ۽ وصال ڪيائون: پر اڳ تاڪيد ڪيائون ته "جمعي نماز مهل اسان جو جنازو مسجد ۾ پهچايو وڃي". ارشاد موجب، ائين ڪيو ويو. نمازين جنازي نماز پڙهي، ۽ شاهه قادري عليه رحمة جي مقام ۾ ڪين دفن ڪيو ويو.

جنهن وقت سائين محمد شاهه جن وصال ڪيو، ان وقت "ساقي" سائين جن چوڏهن ورهين جا هئا. اهي چوڏهن ورهيه پنهنجي بزرگ والد جي سايي ۾ گذاري، گهٽو ڪي حاصل ڪيو هئائون. گهرو استاد جي زير نظر سنڌي، عربي، فارسي، گجراتي، اردو ۽ انگريزي پڙهڻ ۾ نموني سان پڙهي هئائون. چنانچه، سائين محمد شاهه رحـ جي وصال کان پوءِ، پير پاون علي شاهه جن کي جملي مريدن پگهه ٻڌائي، درگاهه شاهه قادريءَ جو سجاده نشين مقرر ڪيو. پاڻ ڏاڍي حسن تدبر سان مريدن ۽ خادمن سان هلندا هئا. دين اسلام جي تبليغ ڪرڻ سندن خاص مشغلو هو. نڊي هوندي کان علم و ادب طرف جو چاهه رکندا هئا، تنهن لاءِ

هاڻي کين ايا پيار وڌڻ لڳو. علم حاصل ڪرڻ لاءِ سڄيءَ دنيا جو سفر ڪيائون. پنهنجي لئبريريءَ کي پُر ڪرڻ لاءِ پري پري کان ڪتاب گهرايائون. جيڪي قلمي ڪتاب ملي نٿي سگهيا، سي آتارائي، پنهنجي لئبريريءَ ۾ ضرور آندائون ٿي. الهيءَ علمي شاهه ڪري، سندن لئبريري، جا قيمتي ڪتابن سان اڳي ئي ڳُٻ ٿي پيئي هئي، سا هيڪاري پلٽڻ لڳي، ۽ الهيءَ جي لاءِ خاص بنگلي ۾ علحدو ڪمرو ٺهرائڻو پين.

پير ياون علي شاهه جن ويهن ورهين جي عمر ۾ شعر چوڻ شروع ڪيو. سندن ڪلام نهايت ئي پختو ۽ دلپذير هو، جنهن وقت جي شاعرن کي ڀاڪ ڏانهن متوجهه ڪيو. آخر وقت ۾ هيٺيان مکيه چار بزرگ سندن ڪچهريءَ جو سينگار هئا: (۱) مولوي تاج محمد "مشتاق"؛ (۲) فقير حاجي پير بخش "دلريش"، چشتي، قادري؛ (۳) سيد ڪرم علي شاهه لکياري؛ ۽ (۴) مولوي احمد ملاح. جڏهن ڀاڪ ۾ گڏجي شعر و شاعريءَ تي بحث ڪندا هئا، تڏهن آخرين ٻلو سائين "ساقي" جن ڪندا هئا، جو سڀني لاءِ راحت جو باعث هوندو هو. چارئي بزرگ شعر ٻاهي سندن خدمت ۾ آڻيندا هئا، جن کي ڀاڪ درست ڪندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن انهيءَ سلسلي ۾ مزيدار مذاق ڪندا هئا، ۽ شعربازيءَ ۾ بي تڪلف چوٽون هلنديون هيون. مولوي تاج محمد "مشتاق" (جو لوهارڪو ڏنڊو ڪندو هو) سندن گهاڻو دوست هو. حسب معمول، هو هڪ غزل جوڙي سندن خدمت ۾ ڪٽي آيو. کين پسند نه آيو، ۽ ڀاڪ اهو شعر ڪچهريءَ کي پڙهي ٻڌايائون. ڏاڍي ڪيل ٿي. ٻوءِ ڀاڪ في البديهه هڪ غزل چيائون، جنهن ۾ تاج محمد "مشتاق" کي مخاطب ڪري مٺس چوٽ ڪئي اٿن. اهو غزل هي آهي:

نصيبن ۾ اٽڪي اگر کڻڻا کڻڻا!
وڃائي هٽن مان گهر کڻڻا کڻڻا!

وڃائي سڄي عمر سالداڻ ۾ ۾،
ڇڪيا تو ڏمڻ جا سنگر کڻڻا کڻڻا!

وڃاڻن سڄي عمر، جنهن کي وڃايو،
سخن ساز ٿيندا لوهر کڻڻا کڻڻا!

لٽيو آهي لعلن کي تو ڏوڙ اندر،
ڪيئي ڪاچ جا هٿ ٽڪر کڻڻا کڻڻا!

ويو نڪري شعريءَ جو مادو به تو مان،
ادا، سيڙيا تو مُڙ کڻڻا کڻڻا!

سڏائي سخن ساز ماڻهن جي مهندا،
ڪلايا تو سر تان سڪر کڻڻا کڻڻا!

هنيو مغز 'مشتاق'، تو جو اجايو،
شعر جي عوض ٿيا پٿر کڻڻا کڻڻا!

نه غمگين 'مشتاق' ٿيندو، يقيناً،
سڀي تنهنجا "ساقي" شعر کڻڻا کڻڻا!

ماڻهو پڻي کيليا، ۽ "مشتاق" خوش ٿيو. آخر تہ سندس مرشد ئي سندس شعر تي تنقيد ڪري هڪ غزل چئي رهيو هوا ڪين جڏهن 'لوهار' سڏي شعر چيائون، تہ بالڪل خوش ٿيو؛ چو تہ پاڻ لوهارڪي ڪم ڪري لوهار سڏايا هئا*. اهڙيءَ طرح، "ساقي" صاحب ٻين سان بہ ڪيل پوڳ ڪندا هئا، پر "مشتاق" سان دل هوندي هين. جيئن شاهہ پٽائي عليہ رحہ جي 'وڳند' فقير سان دل هوندي هئي، اهڙيءَ طرح "ساقي" صاحب "مشتاق" کي 'وڳند ثاني' ئي سمجهندا هئا.

"ساقيءَ" جون ڪافي تصنيفون آهن، جن مان ڪيترو حصو سندن موجوده سجاده نشين پير عالي‌شاهہ جيلانيءَ جي ڪمسنيءَ واري وقت ۾ ضايع ٿي ويو. ڪتبخاني مان ڪيترائي قيمتي ڪتاب ۽ نايابہ قلمي لسخا ڪجي ويا. مناجات پڙهڻ ڪان پوءِ ائين محسوس ٿئي ٿو، جڻ ٻڙهندڙ پنهنجا ڪيل ڪرتوت سامهون ڏسي رهيو آهي، ۽ انهن جي معافيءَ لاءِ رحمة للعالمين اڳيان ٻاڏائي رهيو آهي. اها مناجات شايع ٿيل آهي. سندن ٻي تصنيف "ساقيءَ جا سخن" آهي، جنهن ۾ سندن ڪي غزل ۽ ڪافيون، رباعيون ۽ مسدس ڏنل آهن. هي قلمي ڪتاب آهي، ۽ "ساقي" صاحب پاڻ پنهنجن هٿن مبارڪن سان لکيو آهي. سندن اها عادت هوندي هئي تہ سفر ۾ ڪابہ ڪافي يا غزل چوندا هئا، تہ مريد ڳائڻ لاءِ وٺائن ڪٽي ويندا هئا.

سندن تصنيف ڪيل مناجات پڙهڻ سان وار وار ڪانڌارجيو وڃي. هوشُو شيديءَ کي سندن گهڻو سارو ڪلام ياد هو، مگر افسوس جو ٿورو وقت ٿيندو تہ آهو بہ گذاري ويو؛ تاهم بہ سندن ٽوڙيل پکڙيل ڪلام-ڪافيون، غزل، نظم، وغيره-جيڪي ڪجهہ مريدن ڪان هٿ اچي سگهيو آهي، سو "ساقيءَ جا سخن" جي نالي سان ڇپائڻ لاءِ مون گڏ ڪيو آهي. پاڻ سنڌي نثر ۾ ٻڌ ڪجهہ مضمون لکيا هئائون، پر اهي سڀ تلف ٿي ويا آهن؛ البت اردو ۾ لکيل هڪ مضمون هٿ اچي سگهيو آهي، جنهن ۾ هڪ هنڌ پنهنجي خاندان بابت سرسري ذڪر ڪيو اٿن. سندن اهو اردو مضمون، ۽ ڪجهہ فارسي ۽ اردو جا اشعار ٻڌ "ساقيءَ جا سخن" ۾ شامل آهن. پنهنجي بزرگن جي تحرير ڪيل ڪن قلمي نسخن جي مدد سان، هڪ فارسي ڪتاب ٻڌ تصنيف ڪيو هئائون، پر هن وقت اهو ناپيد آهي.

پاڻ شڪار ڪرڻ جا بيحد شوقين هئا، ۽ نشاني وٺڻ ۾ خاص مهارت هٿن. پاڻ نهايت وجيهہ ۽ حيرت جي حد تائين حسين هئا. سندن مريدن ۾ هيءَ روايت عام آهي تہ ڪڏهن پاڻ

---

* مولوي تاج‌محمد "مشتاق" هڪ وڏو علم دوست ۽ عالم هو. "الشفاع" رسالو ڪڍندو هو. ان مقصد لاءِ پنهنجي پريس ۾ ڪٽي هئائين، جنهن جو مستري ۽ ڪمپازيٽر بہ پاڻ هو. پاڻ پهرين بدين ۾، ۽ پوءِ "ساقي" صاحب جي وفات تي راڃي خانائي ڳوٺ ۾ وڃي رهيو. وڏو پرهيزگار شخص هو. پاڻ تہ چڏيو، ۾ پنهنجي پٽ کي بہ سواءِ ماني ۽ پاڻيءَ جي ٻي چيز کائڻ نہ ڏيندو هو. چوندو هو تہ "انسان لاءِ سواءِ پاڻي ۽ ماني کائڻ جي ٻيو حرام آهي!" (سنڌس سوانح عمري، صفحي ۴۴ تي ملاحظ ڪريو)

اولداهيءَ ۾ ويڙل هولدا هئا، تہ بہ پاسي ۾ ويڙل ماڻهو سندن لوراني منهن مبارڪ ڏسي سگهندا هئا- جيتوڻيڪ ساڳئي وقت ٻيا ماڻهو هڪ ٻئي جو ٻاڇو بہ ڪين پسندا هئا. ڪن ۾ پاسي وارن پيرن جي ساڻن ڪاڻ پوندي هئي؛ ۾ تڏهن بہ ڀاڻ انهن سان ايترو ضد نہ ڪندا هئا. ڀاڻ صابر ۽ شاڪر هولدا هئا.

سائين "ساقي" جن، ڏوهہ جوالي ۾، تاريخ ۱۹ آڪٽوبر ۱۹۱۸ع تي هن فاني جهان مان رحلت ڪري، جاويد وطن جا رهواسي ٿيا. سندن تربت تي سنگمرمر جو عاليشان ڪٹهڙو چڙهيل آهي، جنهن جي مٿان شاهہ قادري رحہ ۽ سندن پيشرو سجاده‌نشينن وانگي ڪچيءَ مٹيءَ جو گنب ٺهيل آهي، ۽ ان تي ڪيترائي ڪتبا اکريل آهن.

ڀاڻ جنهن وقت وصال ڪري رهيا هئا، ان وقت سندن فرزند ارجمند پير عاليشاهہ صاحب جيلاني اجا ڻن ورهين جو معصوم هو، ۽ الهيءَ ٿي عمر ۾ پنهنجي والد بزرگوار جو مسند نشين ٿيو. هن وقت ٻڙ پير عاليشاهہ صاحب جن بدين جي درگاهہ شاهہ قادريءَ جا سجاده نشين آهن. ڪين ٻڙ شعر و ادب سان انس ۽ دلچسپي آهي.

سائين ياون علي شاهہ "ساقيءَ" جي ڪلام سان، نمولي طور، ڪي جواهر پيش ڪريان ٿو.

(غزل)

●

هڻاسون موت تي راضي، رضا ڪي- ڇا ٿيو حاصل،
اسان کي ماريو محبت، قضا ڪي ڇا ٿيو حاصل؟
ڪري ها نرم- دل ان ڪي، ڏٺئين جنهن حسن جي دولت،
بنائي سنگدل بت کي، خدا ڪي ڇا ٿيو حاصل؟
ٿي آهي نير- بسمل دل، صنم جي تيغ ابرو سان،
رهي سا ٽٽندي دل، دلربا ڪي ڇا ٿيو حاصل؟
شڪايت آهي ميندي‌ءَ سان، مڪيان پيرن ڪي خونِ دل،
عبث ٿيو موت عاشق جو، حنا ڪي ڇا ٿيو حاصل؟
اسان کي لينهن جي ناوڪ، ازل کان آهہ ڪيو پورو،
سندءِ پيڪانِ مژگان جي شنا ڪي ڇا ٿيو حاصل؟
اسان ٻيالو فنائيءَ جو، ڪيو حاصل حبيبن کان،
اي "ساقي" تنهنجي هن جامِ بقا ڪي ڇا ٿيو حاصل؟

●

ٿيا بيدلن تي ظلم کڙا کڙا!
ڪيا تو اسان تي ستم کڙا کڙا!
لڳہ ناز جاڻي لشالو اسان کي،
ڏا ڪن تيرِ مژگان زخم کڙا کڙا!

سندءِ يار فرقت ۾ گذريا اسان تان،
الم ياس حسرت ۾ غم کوڙا کوڙا!
اهو طائر دل آڏامي نه ويندو،
پيا جنهن کي زلفن جا خم کوڙا کوڙا!
ڪيري دل نه توکان، مثل قطب جي سا،
ڏسون پل جهان ۾ صنم کوڙا کوڙا!
ليکي وصف تنهنجي نه مهرو سگهان ٿو،
لکي داستانا قلم کوڙا کوڙا؟
رهيو کونه فرهاد، واسق نه مجنون،
ويا ٿي زمين ۾ خستم کوڙا کوڙا!
فريدون، جمشيد، دارا، سڪندر،
ويا خاڪ ۾ ٿي ختم کوڙا کوڙا!
اچي آتش عشق جانان جي اندر،
ٻنايئي اي "ساقي" نظم کوڙا کوڙا!

(کافيون)

اڄ ته عجيبن جي به اچڻ جا، عهد چوان انجام چوان!

قامت زيبا سرو صنوبر، لب مرجان، دندان مثل دُر،
وار واسينگن وانگي وشهر، زلف چوان يا دام چوان!

چاه زکن يا چاه ڪنعاني، آرزو آهن سوسن ٽالي،
ابرو مصفا عيد نشاني، چشم چوان يا ماه چوان؟

رخ محبوبي ماه منوّر، زلف عنبر-بُو، سياهه سراسر،
ڪيئن ٿيا آهن هي به برابر- صبح چوان يا شام چوان؟

نظر نهوڙيو آهي عجيبن، طاقت ناهي ڪا به طبيبن،
هار هيئين ۾ هنئي حبيبن، "ساقي" چوان صمصام چوان؟

*

وهن ناز مان نيڻ نازڪ نماڻا، جڏهن ٿا هون ياد مون کي ايڏا.
عمر ڪير تون مون کي، ميڙن سان مار،
اڻ ياد سيني ۾ سهڻا سنگهار:
ڏسان شال پنهنجا پڪا پد پراڻا.

سپر سوسرا تو کيو هي کلور،
مون کي قيد کاري، ڏيهاين کان ڏور؛
کنديس آڳ ڪن سان، مارن ريءَ ماڻا.

وسي مينهن کيا ٿر مٽي ريج ريلا،
پنهوارن جي پاسي پڌا پوهه پيلا،
ڦلاريا وريءَ ڦوڳ مکيون سالڏاڻا.

منهنجا ماروئن کي سڏا ڏيج "ساقي"،
نياپا لڏر ليٽ واهي فراقي-
کنديس آڳ ڪرڙن ۾ ٿر ٽاڪ ٽاڻا.

مناجات*

الف-اول آس آهيم در ڏٽيءَ جي دائما،
تو بنا ٻيو ڪير سڻندو ڏک پريو احوال ما،
ٽوڪهران جيڪي اميدون تو دران، تون ڪر عطا،
سر فرازي ڏي سدا، تون يا نبي بخشين خطا:
يا محمد مصطفيٰ، هي عرض منهنجو دمبدم،
ٻن جهانن ۾ خدا ڪارڻ رکو منهنجو شرم!

ف-فڪر دليا ڪنان ڪر قلب منهنجو صاف صاف،
قلب تان ڪارا ڪنر، ڪر دور منهنجي ٽوڻ غلاف،
تن درلدن کي دفع ڪر، جي هجن منهنجي خلاف،
سوال سڻ سيد سچا، عالي نسب، عالي شراف:
يا محمد مصطفيٰ هي عرض منهنجو دمبدم،
ٻن جهانن ۾ خدا ڪارڻ رکو منهنجو شرم!

ي-يقين آهيم عنايت ۾ اوهان جي يا لبي،
آهي "ساقي" سگ سندءِ، درگاهه تنهنجي يا نبي،
تنهن مٽي رک مهربالي، مهر پنهنجي يا لبي،
عزت عقبا ۾ دنيا ۾، رک تون منهنجي يا نبي:
يا محمد مصطفيٰ، هي عرض منهنجو دمبدم،
ٻن جهانن ۾ خدا ڪارڻ رکو منهنجو شرم!

---

* هيءَ مناجات ٻهر حرفيءَ کان ٻڌ مٽي آهي؛ هتي نموني طور، وچان وچان، کي بند پيش ڪيا ويا آهن.

يا نبي تنهنجي ثنا خواني ڪندي ڇا هيءَ زبان،
ڇا بشر ڪي آهي طاقت جو ڪري وصفون بيان،
خود خدا تنهنجيءَ صفت ۾ آهي ڪيو نازل قرآن،
تون ڏ ٿين آدم منجهان، آدم ٿيو تو مان عيان:
يا محمّد مصطفيٰ، هي عرض منهنجو دمبدم،
ٻن جهانن ۾ خدا ڪارڻ رکو منهنجو شرم!

●

*مُرغِ دل چوٽو روئين، هت روئڻ آهي منع،
غمزدن جي دلبر وت سڻڻ آهي منع.
بوسهٔ دلبر ملي، سر سؤ دفعا صدقي ڪريان،
عشق جي مذهب ۾ مستن ڪي مُڙڻ آهي منع.
هت رواج آهي اصل، اي مرغِ دل ارمان نه ڪر،
تيغ ابرو جي شهيدن ڪي چرڻ آهي منع.
لعش ڪي ٺوڪر هڻي، ان سنگدل منهنجي چيو،
عشق جي مقتل ۾ دست و پا هڻڻ آهي منع.
نوش ڪر جامِ شهادت تشنگيءَ جي واسطي،
شربتِ لب تو ڪي گر "ساقي" ڏيڻ آهي منع!

---

* هي غزل "ساقي" صاحب جن، بهادر شاهه "ظفر" جي هڪ اردو غزل "مرغ دل مت روؤ" جو ترجمو ڪري جوڙيو آهي.

امير محمّد قريشي


آخوند لطف الله "لطف"

آخوند لطف الله ولد آخوند اسحاق جا وڏا اصل مسقط جا رهاڪو صديقي قريشي هٿا، ۽ غازي محمد بن قاسم جي زماني ۾ اچي ديبل بندر جي شهر ۾ سڪونت پذير ٿيا. عربي تعليم ڏيڻ سندن خاص ڏندو هو. رفتي رفتي، انهن آخوندن جي اولاد مان ڪي خاندان سنڌ جي جدا جدا شهرن ڏي لڏي ويا، ۽ درس تدريس جو ڪر ڪندا رهيا. انهن مان هڪڙو خاندان 'سن' جي شهر ۾ وڃي رهيو، جتان مير غلام علي خان ڪين گهرائي حيدرآباد ۾ رهايو، ۽ پنهنجن ٻارن جي تعليم ۽ تربيت سندن حوالي ڪئي. انهيءَ وقت کان وٺي اهي آخوند، ميرصاحبن جي ٻارن کي پڙهائيندا هٿا، ۽ سندن اهل النساء وري ميرصاحبن جي ديرن کي پڙهائيندا رهيا.

انهن سنائي آخوندن جو وڏو غازي بن سعد هو، جنهن جو فرزند آخوند عبدالڪريم، حديده (عربستان) جي وڏيءَ درگاهه جي بزرگن ۾ سندس لاءِ خاص خليفو هوندو هو، ۽ ميرڪرم علي خان جي دور حڪومت ۾ ڪارداريءَ جو عهدو به هوس. اهو محلو حيدرآباد شهر جي ڪيانتي ٽنڊي سان لڳو لڳ هڪ قديم محلو آهي، جنهن کي 'شيرالي آخوندن جو محلو' يا 'آخوند عبدالڪريم غازيءَ جو محلو' به سڏيندا آهن.

آخوند لطف الله جي ولادت سن ۱۸۴۲ع ۾ حيدرآباد ۾ ٿي. ابتدائي تعليم جا مرحلا طي ڪري، عربي ۽ فارسي تعليم جو به مطالعو ڪيائين. هندي ۽ سنسڪرت پولين تي به چڱي دسترس هيس. پهريائين هو آخوند محمد صديق جي مڪتب ۾ پاڙهيندو هو، جتان پوءِ لوڪلبورڊ جي طرفان ابتدائي ماسٽر مقرر ٿيو. چنيجن، لصربور، تاجپور ۽ ٻين ڪيترن هنڌن ۾ نوڪري باڪل سٺي نموني ادا ڪيائين. پڇاڙيءَ ۾ ٽنڊي ولي محمد اسڪول ۾ (جو هاڻي قاضي عبدالقيوم اسڪول سڏجي ٿو) هيڊماسٽر مقرر ٿيو. نوڪريءَ واري وقت ۾ طبابت جي ڪم سان به دلچسپي هوندي هيس.

آخوند صاحب چڱو نثر نويس، نظر گو، ۽ ذوق سليم جو مالڪ هو. سندس قابليت، سندس ڪتاب "جانعالم ۽ انجمن آرا" عرف "گل خندان" مان ظاهر آهي. اهو ڪتاب اصل "فسانهٔ عجائب" هنديءَ تان ترجمو ٿيل آهي، پر ترجمو اهڙو تہ عمدو ٿيل آهي، جو منجهائس نقل جي بوءِ اصل کان ٿي اچي: اگرچ تصنع کان خالي نہ آهي ۽ ڪٿي ڪٿي سندس عبارت سندي وضع کان ڦري ويئي آهي، تہ به منجهس سجع ۽ تُڪبندي باڪل وٺندڙ آهي. ڪتاب



آخوند لطف الله مرحوم

جي اهميت جو سبب هي آهي، جو اهو سنڌي لٽر جي اوائلي ڪتابن مان آهي. سنڌ سرڪار اهو ڪتاب ڏسي پسند ڪيو ۽ ڪين ٽي سو رپيا (جي هن وقت جي لحاظ کان ٽن هزار جي برابر آهن) انعام ڏنو: آئيندي لاءِ ڪتاب جو حق تصنيف بہ سندس نالي ڪيو ويو، ۽ ان کي سرڪاري طور اسڪولن ۽ ڪاليجن جي ڪورس لاءِ منظور ڪيو ويو، جو هن وقت بي. اي. ۽ ايم. اي. جي ڪورس تي رکيل آهي.

آخوند صاحب جي اڪثر ڪري مرحوم هزهائينس مير عبدالحسين خان "سائلي" ۽ مرحوم شمس العلماء مرزا قليچ بيگ جن سان رس-رهاڻ هوندي هئي. جڏهن آخوند صاحب ڪتاب "گل خندان" تيار ڪري مرحوم هزهائينس صاحب کي ڏيکاريو، تہ مرحوم ڪتاب ڏاڍي بلڪل پسند ڪيو ۽ پنهنجي پسنديءَ جو داد هيئين شعرن چوڻ سان ادا ڪيائين:

لطف الله جو ترانو آهي، 'جانعالم' جو هي فسانو آهي؛
مترنم ٽيا شائقين هن تي، "گل خندان" جو ٽيو زمانو آهي؛
رهي 'افسانهء عجائب' ويو، هن طرح هرڪوئي روالو آهي؛
لال رخسار نازنينن تي، خال دالہ فريب دانو آهي؛
'ماه طلعت' ڪئي بہ غمزده و ناز، ڪيڏي طوطي ويو شهالو آهي؛
ڪٿي اڄ آهي 'انجمن آرا'، "سائلي" دليا سڄي بهانو آهي!

آخوند صاحب سن ۱۸۹۸ع ۾ نوڪريءَ کان فارغ ٿيو، ۽ باقي حياتيءَ جو وقت باقاعدي طبابت جي ڏاڍي ۾ گذاريائين. ڀاڻ طبابت جي ڪم ۾ هوشيار هئا، ۽ سوين ماڻهن کي کيترن موذي مرضن مان الله تبارڪ تعالي جي فضل و ڪرم سان ڇڏايائين. بعضي کو غريب مريض وٽن لنگهي ايندو هو، تہ توڙ تائين ان جي دوا بنا پيسي وٽن جي ڪندو هو. ان سان گڏ، پنهنجي شعر و شاعري کي بہ لہ ڇڏ يائين. ڊسمبر ۱۹۰۲ع ۾ داعيءَ اجل کي لبيڪ چئي الله تعالي جي حضور وڃي حاضر ٿيو-انا لله و انا اليه راجعون. ڪيس بہ فرزند ۽ هڪ نياڻي هئي. وڏو پٽ محمد اسحاق-جنهن تي سندس ڏاڏي جو نالو رکيل هو-ڊپٽي ڪمشنر جيڪب آباد جي آفيس ۾ سيڪنڊ منشي هو، ۽ سن ۱۹۱۸ع ۾ ڪنڊ ڪوٽ ۾ گذاري ويو. ٻيو پٽ ميان محمد حيات قريشي (ولادت: ۵ مارچ ۱۹۰۳ع) حيدرآباد ميونسپل اسڪولن ۾ ماسٽر هو، ۽ هن وقت پينشن تي آهي.

مرحوم آخوند صاحب جو ادبي ذخيرو، جنهن ۾ سندس شعر، لغتون، مناجاتون ۽ مضمون موجود هئا، سو سندس وڏي فرزند وٽ هو. ان جي وفات بعد جيئن تہ آخوند صاحب جو ٻيو فرزند اڃا ٻار هو، تنهنڪري سڀ ڪتاب رلي ويا. فقط هڪ لسخ جات جو قلمي ڪتاب، هڪ بہ رباعيون ۽ مناجاتون موجود آهن. افسوس جو اهڙو اسلهہ ادبي ذخيرو الين رلي ويوا سندن مناجات ۽ شعر جو نمونو هيٺ ڏاجي ٿو.

مناجات بدرگاه قاضي الحاجات

لطف ڪر يا رب مون تي، مصطفيٰ جي واسطي،
صاف رک سينو سندم، صدق و صفا جي واسطي؛
تنهنجي بخشش ۽ عطا جو بحر بي پايان آهي،
ڪر عفو مون کي گنهه، پنهنجي عطا جي واسطي؛
مون ڪيا عصيان بيحد، چوڻ چارو ناهه کو،
محو سي ڪر پنهنجي ذاتِ ڪبريا جي واسطي؛
نفس جي خاطر لڳي مون عهد سڀ تنهنجا ٻڌا،
آسريوند آهيان تنهنجي وفا جي واسطي؛
رک صداقت ساڻ منهنجو قلب ۽ سينو صفا،
تنهن سچي صديق اڪبر باصفا جي واسطي؛
نفس شيطان تي مون کي غالب سدا رک ۽ قوي،
حضرتِ فاروق عادل بيريا جي واسطي؛
ڏي حيا ۽ حلم ۽ ايمان سلامت منهنجو رک،
"جامع القرآن" تنهن صاحب حيا جي واسطي؛
زهد ۽ طاعت عبادت تي مون کي رک مستقيم،
حاميءِ دينِ نبي، صاحب لويٰ جي واسطي؛
ڪر سندم سيني کي تون مخزن... اسرار جو،
"بابِ شهرِ علم" تنهن مشڪل ڪشا جي واسطي؛
صبر ۽ ايمان ۽ تقويٰ منجهان ياگو ڏيار،
صابر و معصوم حسن المجتبيٰ جي واسطي؛
چشمهٔ ڪوثر مان مون کي جام جنت ڪر نصيب،
تشنهء لب حضرت شهيدِ ڪربلا جي واسطي؛
دين ۽ دنيا ۾ منهنجو يا الاهي ستر رک،
تنهن جگر گوشِ نبي خيرالنسا جي واسطي؛
منهنجي تون اولاد کي نعمت سعادت ڪر نصيب،
اهلبيتِ طاهر و آلِ عبا جي واسطي؛
دين و دنيا جا سندم آسان مشڪل ڪر سڀي،
شاه محيي" الدين قطب الاوليا جي واسطي؛
"لطف" تنهنجي در تي آهي سدا اميدوار،
آهه سو سائل سندءِ لطف و سخا جي واسطي!

●

هر هر پچان ٿي پنڌڙا منڌار يار ڪاڻ،
مشڪل ٿيو گذارڻ دلدار ڏار هاڻ.
ڇڏ ڪيو تون چپ ٽر پر له هيءَ ٽڪي،
گولي نيو قطاري ڪيچي قطار ساڻ.
خوش هوس، هوس جڏ هين ڪوڻ عشق بيخبر،
آڻي قدم ڏڪن جي ڏولي ڏوار ساڻ.
هوءَ جا تري نه جاڻي، گمراهه منجهه گسن،
ڏيکاريو پليءَ کي پيلو پٽار پاڻ.
جيڪر اچين، پلائي، منهنجي اکڻ عجيب،
ڪريان لٽار توتان قربان يار پاڻ.
هن بحر پر سخن کي ذوقافيتين جوڙ،
دُرِ سخن سياڻا هيٺن آبدار آڻ.
جا "لطف" رمز سهڻي هن شعر پر سئي،
ڪُل ڪان ڪسر تنهين کي تون هوشيار جاڻ.

("سنڌ سڌار": ڊسمبر ١٨٧٦ع)

●

جيئن گهورن سان دل کي گهائين ٿو،
تيئن سڄڻ سهڻا ساهه کي سهائين ٿو.
ڇا هي سورج ۽ چند چوڏهينءَ جو،
هڪ جلوي سان ٻئي جهپائين ٿو.
سؤ سؤ سرڪش تون سڄڻ هر ساعت،
لاز نيٽن جي سان نمائين ٿو.
راءِ رانجهن ولين رقيبن جي،
ڪيئن نمائن ڪان اڄ نٽائين ٿو!
ڏيئي دلاسا دلين ڪسي، دلبر،
ميٺ محبت وري منائين ٿو.
رس-رهاڻيون رکيو رقيبن سان،
عاشق کي سڄڻ سڪائين ٿو.
ٻي" ٻهرين وصل جا ڏيو وعدا،
ٻوءِ گوشو ڪري گسائين ٿو.
عاشقن کي عتاب جي منجهه آڳ،
جيءَ جڙيا جي جگر جلائين ٿو.
قرب جي عاشقن جي قلبن پر،
راز ڪنهن رمز سان رلائين ٿو.
حلقه درگوش جڳ ٽٽي، جاني،
هر طرح حڪم اڄ هلائين ٿو.
عيد ٿي اڄ عجيب منهنجي اکڻ،
پرت جا پير پر جو پائين ٿو.
سچ سخن پر ادا سخن-پرور،
'قاسما' کيميا ڪمائين ٿو.
ٿي مشفق ۽ مهربان منا،
اؤن جڏهين "لطف" ساڻ لائين ٿو.

("سنڌ سڌار": سيپٽمبر ١٨٨٠ع)

●

ڪيو دورِ فلڪ جي يارڪان سون کي جدا امشب،
لکيو تقدير پر حرف جدائي جو قضا امشب.
سواد زلف دلبر جي لکيو خط سياهيءَ جو،
ته صبح وصل جو آخر ڪندو ظاهر ضيا امشب.
دل مجنون سان يارو اچي منهنجي ٻٽي ياري،
ته وحشت کان بهر لحاظ ڪري التجا امشب.

پسيو تسبيح ۾ ڪو عقد شڪل ٻي جميعت،
تہ عارف ورد دوشينو ڪيو ويلو قضا امشب.
نہ هو مشڪل مگر تسبيح جو هو عقد لا ينحل،
طبع کي عارفن جي هئي نہ تلقين رضا امشب.
مگر منصور جو ناحق ڏنائون سر مٿي سوري،
نہ ٻرجهيو هن حقيقت کان تعبير قضا امشب.
ٻہ بندي هجر اين 'مهجورا' تا ڪئي پسندي تو،
بعزما بهر درمان مخزون دوا امشب.
نہ هو ڪو "لطف" کي هرگز خيال وصل دلبر جو،
مگر دفع بلا ڪارڻ گهري ٿي دل دعا امشب.

دين محمد "اديب"

ماستر اميرعلي شاهه مرحوم شڪارپوري

استاد مولانا حاجي الاهي بخش مرحوم جن ذڪر ڪيو تہ

"شڪارپور ۾ فقير خيرمحمد ٽالي ايران جو هڪ درويش رهندو هو، جو سيربنديءَ جو ڪم ڪندو هو. اهو انگريزن جي حڪومت جو ابتدائي زمانو هو، جنهن ۾ ايا فارسيءَ جو اقتدار هو. فقير صاحب فارسي علم جو گوهر هو، ان ڪري وٽس ڪٿين طالب فارسي پڙهڻ لاءِ ايندا هئا. فقير صاحب وٽ جيڪو پڙهڻ لاءِ ايندو هو، ان کي چوندو هو تہ ڇهہ مهينا نار ڪاهي منهنجي باغيچي کي پاڻي ڏي، تہ پوءِ پڙهايائين. ان آزمائش کان گهٽائي طالب ڏڄي ويا؛ پر جن قبوليو، سي وري توڙ نباهي نہ سگهيا ۽ ڇهن مهينن کان اڳي ئي ڀڄي ويا. ان ڪري، ڪائنس ڪوبہ طالب مستفيض ٿي نہ سگهيو.

"سيد اميرعلي شاهہ ۽ ٻيو هڪ هندو- ٻئي، صدق جو سندرو پڌي، نار کي گيڙڻ لڳا. ٽن مهينن کان پوءِ هندو ڀڄي ويو، ۽ شاهہ صاحب بدستور اڪيلو نار گيڙيندو رهيو. شاهہ صاحب جي صداقت ڏسي، هڪ ڏينهن فقير خيرمحمد چيس تہ "بابا، مون کي باغ جي ضرورت نہ آهي، سڄي ۽ ڪوڙي طالب جي پرکا لاءِ اهو نار مقرر ڪيو اٿم. هندو ڀڄي ويو، تہ بہ تون اڪيلو نار ٻيو ڪاهين: هاڻي تنهنجو امتحان ختم ٿيو، اڄ تہ فارسيءَ جو فارس ڪريائين". فقير صاحب اڳين جا ڪتاب ڪوٺ پڙهائيندو هو؛ نڙ خواهہ نظم پنهنجو لکي، شاهہ کي پڙهائيندو هو. آخر، شاهہ صاحب سندس تعليم جي ذريعي فارسيءَ جو الشاهرداز ۽ شاعر ٿيو. پوءِ شاهہ صاحب حيدرآباد ٽريننگ ڪاليج ۾ پڙهڻ آيو. تعليم ڪاتي جو ڪوڏو آفيسر اتي آيو، ان جي مدح ۾ فارسي قصيدو تصنيف ڪري پيش ڪيائين، جنهن جي صلي ۾ ڪيس ريشمي لونگي ۽ بہ سؤ روپيا (يا وڌ گهٽ) مليا."

شاهہ صاحب خيرپور ناٿن شاهہ ۾ هيڊ ماسٽر ٿي آيو. وٽس گهڻن ٿي فارسي شروع ڪئي، پر ڪامياب ڪوبہ ڪونہ ٿيو؛ باقي صرف مرحوم ماستر ميان محمد اعظم ڪامياب ٿيو، ۽ نڙ خواهہ نظم ۾ استاد جو نمونو ٻڌيو- ايتريقدر جو علمي حلقن ۾ نظم ۾ استاد جو پايو، ۽ نثر ۾ شاگرد جو پايو بلند تسليم ڪيو ويو. ٻيريءَ ۾، خيرپور ناٿن شاهہ ۾، ميان اميرعلي شاهہ، سيد پناهہ علي شاهہ پوليس انسپيڪٽر وٽ آيو هو، جو ان جو استاد ۽ شايد عزيز بہ آهي. مون اتي سندس زيارت ڪئي هئي. سندس وضع قطع عالمانہ هئي.

سندس هڪ منظوم نسب نامو فارسيءَ ۾ هو، جو قصيدي جي نموني تي لکيل هو، ۽ ان جي قافيہ جو پويون حرف "ل" آهي. اهو نظم مولانا حاجي الاهي بخش ۽ ماستر ميان محمد اعظم کي ڏيکاريو هئائين. هن بزرگ جو ٻيو ڪلام ڪوڙو آهي، ۽ ڪيترو آهي، ان جي تلاش ڪرڻ گهرجي. اميد تہ شڪارپور جا علمي دوست ان گنج جو لشان گولي ڏيلڙا-

"داد يم ترا ز گنج مقصود لشان، گر ما نرسيديم، شايد، تو رسي!"

دين محمّد "اديب"

ماستر محمّد اعظم "اعظم" مرحوم

هيءَ بزرگ خير پورناڻن شاهه جو رهاڪو هو. سنڌي فائينل پڙهيل هو. فارسي معدن جو گرانمايه گوهر، بينظير انشاپرداز ۽ بلند پرواز شاعر هو. طبيعت جو صالح ۽ ديندار هو. مولانا حاجي بخش ونس اسڪول جي زمالي ۾ فارسي سکيو. مولانا صاحب اگرچ عربي پڙهيل هو، تہ بہ هو پنهنجي طرز تحرير کي ان کان وڌيڪ سمجهندو هو.

"اعظم" جو سنڌي ڪلام گهٽو هو، پر گهڻي ويو. مون سندس فارسي ديوان مان نقل ڪيو هو، پر اهو مون کان گم ٿي ويو؛ ۽ فارسي قصيدا مولوي محمد ابراهيم جماليءَ کان گم ٿي ويا: ائين جملي ڪلام ڪڍجي گم ٿي ويو.

اسان جي استاد مولانا الاهي بخش ڏي 'عتاب نامو' لکياٿين تہ تون "اسان ڏي اچين ٿي ڪونہ ٿو". طبع جو سخت تيز هوندو هو. مولوي صاحب لکيس تہ "اوهان منهنجي طلب ٿي ڪانہ ڪئي، لہ تہ آءٌ اچان ها"؛ ان جواب جي آخر ۾ هي بيت لکياٿون:

"بلبل زادب پا لہ نهد در صف گلزار، تا گل بطلبگاريءَ اولب نکشايد".

جڏهن محمد اعظم کي اهو خط پهتو، تڏهن ان جو منظوم جواب لکي موڪلياٿين، جنهن جا ڪي بيت هي آهن:

اي بلبلِ بي‌شوق! ترا خواند بسي گل، ني آمدي و از گل بدبوئي تو داري؛
من جاهل و تو عالم و استاد هم عالم، اين نفرت از جاهل زان روئي تو داري؛
صد حيف که از "اعظم" استاد بريدي، بـا اصغر پيولد نجوشخوئي تو داري.

مرحوم محمد اعظم لهايت خوددار ۽ مستغني هوندو هو. نهايتئي حال-مست ۽ فاقہ-مست هو. سيد امير علي شاهه راشدي، پٽ سرائين واري، ماٹهو موڪليس ۽ لکيس تہ مون کي اچي فارسي پڙهايو. ماستر صاحب جواب ۾ لکي موڪليو "پگهار جو شرط منهنجي طرفان ڪونهي؛ فقط هڪ شرط آهي، اهو پورو ڪري سگهو تہ آءٌ اچي پڙهايان. اهو هي آهي تہ 'شاگرد ۽ استاد ۾ فرق هجڻ گهرجي، يعني شاگرد هيٺ ويهندو ۽ استاد مٿي'." جڏهن پير صاحب کي اهو خط پهتو، تڏهن فرمايائون تہ "اهو شرط بلڪل واجبي آهي ۽ مون کي ان جي تعميل

ڪرڻ ۾ ڪابہ هڪ نہ آهي، هر مريد ائين ڪرڻ ڪوڙ ڏيندا". مولوي حڪيم قادربخش شيخ، پينشنر، سنڌيءَ جو ماستر، ميرپورخاص وارو، ۽ مرحوم ميان محمد اعظم وٽ فارسي پڙهيو، ۽ خيرپور مان بدلي ٿي ڏوکريءَ ويو تہ اتي مولوي فيض محمد صاحب وٽ عربي پڙهي مولوي ٿيو.

ماستر صاحب جي عمر لوي ورهين کان وڌيڪ هئي. اکين کان معذور ٿي ويو هو، تنهنڪري امرتسر مان اکيون ڪرايون هئائين. هڪ دفعي مون لکيومائس تہ "مون کي تخلص ڏسيو." جواب ۾ لکيائين. تہ "شعر اهو چوي، جيڪو سو کن شعر چئي وڃي، ۽ پوءِ ويهي لکي. شعر منحوس آهي. اسان کي جيڪي مصيبتون پهتيون آهن، سي ان 'ڏاڙخائيءَ' جو نتيجو آهن. هائو، شعر خدا ۽ رسول جي ساراهہ ۾ ڀلي چئجي."

سندس وصال جي تاريخ ۱ رجب المرجب ۱۳۳۳ھ برابر ۱۶ مئي ۱۹۱۵ع آهي، ۽ ڪيس ٻانهي لاڪير جي پرسان حاجي رحمت الله واري قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو. وفات کان پوءِ، پنهنجي پائٽيي محمد عيسيٰ کي خواب ۾ چيائين تہ 'وفات وقت مون کي گهل ونئي وئي، نہ تہ ماجرا موت جي پڌايانوَ ها. فرشتن مون کي سوال ڪيو تہ مون جواب ۾ چيو،

"يا الاهي، شد پريشان حالِ من، رحم فرما بر خراب احوال من."

فرشتا اهو پڌي هليا ويا!'

سندن ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

يا رب، من بندهٔ بدڪارِ تو، "اعظم" آلوده گنهگارِ تو؛
بخش گناهم ڪه تو بخشنده اي، توبه پذيرم، ڪه پزيرنده اي؛
راه نمايم ڪه توئي رهنما، معرفتِ خويش بما کن عطا؛
ظلمتِ شڪ نورِ يقينم ببرد، گردِ گنه رونقِ دينم ببرد؛
ساز شڪم دور بعلم اليقين، پاڪ ز آلايشِ عصيان دين؛
از همه اوهام دلم پاڪ ساز، تابابد چشمِ يقين دار باز؛
تايڪ بينم و يڪ دانم ترا، از دل و جان خوب بخوانم ترا؛
سهل سوالات بگورم ڪني، گور بانوار چو هورم ڪني؛
روزِ قيامت ڪه بود پر عذاب، هيچ عذابم ندهي در حساب؛
يا رب، بخشيده مرا بي‌سخن، خوش بنشانم بحديقه عدن؛
دعوتِ اين بنده نمائي قبول، "اعظم" را بخش بنامِ رسول!

قطعه تاريخ

سلطانِ سخن محمّد اعظم، در چينِ بيان، بديع فغفور؛
آن خسروِ ڪشورِ بلاغت، در ملڪِ سخن براند منشور؛
در ملڪِ ادب سرير آرا، بر طرزِ سخنورانِ مشهور؛

آن خازنِ گوهرِ معاني،
کانِ سخنِ بسفته منثور؛

استادِ ازل سطورِ دانش،
بر ناصیه‌اش نمود مسطور؛

قسامِ ازل ذکاي عالي،
در قسمتِ او نمود مقدور؛

بافضل عظیم گشت "اعظم"،
حق کرد عطاش سعیِ مشکور؛

مسرور بفضلِ علمِ دین بود،
نگریست بجاه و مالِ مغرور.

برداشت دل از مکانِ ویران،
افراشت علَم بجاي معمور؛

محشور بصالحان بگردد،
در خلد رسد بحورِ مقصور.

داعي ست "ادیب" بهرِ استاد،
از لطفِ غفور، "باد مغفور!"

۱۳۳۳ھ

احمد علي ولي محمّد قريشي

آخوند حاجي فقير محمّد "عاجز"

آخوند حاجي فقيرمحمد، بن آخوند موسيٰ، بن آخوند عبدالكريم، بن آخوند غازي، بن سعد، قريشي صديقي نسل جا آهن. انهن آخوندن جا وڏا، اصل شهر مسقط (عربستان) کان عربن جي دور حڪومت ۾ سنڌ ۾ اچي شهر ٺٽي ۾ رهيا. عربي تعليم ڏيڻ سندن خاص ڌنڌو هو. انهن جي اولاد مان ڪي گهر، سنڌ جي جدا جدا هنڌن تي جدا جدا وقتن ۾ آباد ٿيندا رهيا. اهڙيءَ طرح، هڪڙو گهر گهوٽ سن تعلقي ڪوٽڙيءَ ۾ به اچي رهيو هو. ٽالپر دور حڪومت ۾، جڏهين سنڌ تي ميرغلام علي خان حڪمران هو، تڏهين هن گهوٽ سن مان انهن آخوندن مان هڪ گهر، جنهن جو اڳواڻ غازي بن سعد هو، لڏائي آڻي شهر حيدرآباد جي هاشماڻي گهٽيءَ ۾ (رهڻ لاءِ هڪ خلاصو محلو ڏيئي) رهايو، ۽ ٽالپرن جي هارن جي تعليم و تدريس جو ڪم ان جي سپرد ڪيو. اهو محلو "شيراڻي" نالي سان مشهور هو، جنهن تان شيراڻي آخوند مشهور ٿيا. اهو محلو ايا تائين قائم آهي؛ هن وقت "عبدالكريم غازي قريشي محلو" سڏجي ٿو. ان وقت کان وٺي، اهي آخوند، ميرصاحبن جي هارن کي عربي، فارسي ۽ قرآن شريف پڙهائيندا رهيا، ۽ سندن اهل‌النساءِ وري ميرصاحبن جي ديري تي لياڻين کي پڙهائيندا هئا؛ ديرن ۾ جيڪو خزاني جي ڏيتي-ليتيءَ جو ڪم ٿيندو هو، سو پڻ سنياليندا رهيا. کي دستخط هٿ آيا آهن، جن مان پتو ٿو پوي ته جڏهن انگريزن سنڌ فتح ڪئي ۽ ميرصاحب ڪلهوڙي ۾ نظربند رهيا، تڏهن ديرن ۽ سندن وچ ۾ جا خط و ڪتابت ٿي، سا آخوند حاجي فقيرمحمد جي والده صاحبه ڪندي هئي. ان بعد به اهو سلسلو قائم رهيو، جو هزهائينس ميرحسين علي خان جي ديرن جي حياتيءَ تائين اهو ڪم آخوند صاحب جي لياڻي ڪندي هئي، جا حال-حيات (عمر ۸۰ ورهيه) آهي.

"عرب عورتن ۾ نٿ پهرڻ جو رواج ڪونه هو، تيئن آخوندن ۾ به ساڳيو دستور هلندو آيو؛ پر هوءَ ميرصاحبن ننهنجي ڪنهن نياڻيءَ جي قرآن شريف پڙهي پڄائڻ جي خوشيءَ ۾ (جنهن پڙهايو هو، تنهن کي وڏيءَ عمر جي باوجود نٿ پهرائي ۽ يادگارطور ان جي قائم رکڻ لاءِ چيو) جنهنڪري هوڻين ۾ نٿ پهرڻ جو رواج ٿيو. مگر، جيئن ميرصاحب حاڪم هٿا ۽ انهن اهو يادگار انعام ڏنو، حاڪم ۽ مائٽ هڪ آچار آهن، تيئن

آخوندن ۾ انهيءَ يادگار قائم رکڻ لاءِ سائٽ ٺي، پنهنجي نياڻيءَ کي ڏاج ۾ نٽ ڏيندا آهن، ۽ نه ساهرا."

ازالسواءِ، ميرصاحبن جي ديرن جو ڪنهن شادي مرادي‌ءَ يا ڪنهن ڏينهن وار موقعي تي، پنهنجن ٻين عزيزن ۾ اچڻ وڃڻ ٿيندو هو، تہ آخوندن مان ئي ڪو فرد ڪجاون جو ميرڪاروان مقرر ڪيو ويندو هو.

آخوند غازيءَ جو فرزند، آخوند عبدالڪريم، عربستان جي حديده واري درگاهہ شريف جي بزرگن ياران سنڌ ملڪ لاءِ خاص خليفو مقرر هوندو هو، ۽ ميرڪرمعلي خان جي دور حڪومت ۾ ڪارداريءَ جو عهدو به هوندو هوس.

آخوند حاجي فقيرمحمد، عربي ۽ فارسيءَ مان واقفيت بعد، مروج سنڌي تعليم به حاصل ڪئي هئي. ان وقت ۾ جيڪو به سنڌي لکي پڙهي ڄاڻندو هو، ان کي سرڪاري نوڪري ملڻ ۾ ڪابہ تڪليف ڪانہ ٿيندي هئي؛ تنهنڪري هزهائينس ميرحسنعلي خان ٽالپر، آخوند کي، باوجود سندس ناخشنوديءَ جي، تپيداري نوڪري وٺي ڏني. پر جيئن تہ سندس طبيعت اصل ڪان ئي فقيريءَ ڏانهن مائل هئي، ۽ تنهن کان سواءِ ڪيس اهو پورو يقين هو تہ الگريزن بي‌سبب غاصباڻي طريقي سان ٽالپرن کان حڪومت کسي ظلم ڪيو آهي ۽ اسين ٽالپرن جا لڪ-خوار آهيون، تنهنڪري ظالم جي حڪمراليءَ ۾ ساٿ ڏيڻ پسند نہ آيس ۽ جلدئي استعيفا ڏيئي ڇڏيائين. ان بعد، هميشہ، لکڻ ۾ پنهنجي نالي ۽ صحيح جي پٺيان "اصل ملازم ميرصاحبان سنڌ" لکندو هو.

آخوند صاحب کي، اصلوڪي دستور موجب، ميرصاحبن کان ماهيانو وظيفو گهر ويٺي ٻيو ملندو هو. تنهن کان سواءِ، هزهائينس ميرعبدالحسين خان "سالڪي"، جو هڪ نيڪ-سيرت درويش، علم-دوست، فقراء طبيعت، شاعر ۽ اديب هو، ۽ آخوند صاحب سان گهٽي دل هوندي هيس، سو هر وقت سندس سارسنڀال ٻيو لهندو هو، ۽ ٻڻ خلاصو سالياتو وظيفو به ڏيندو هوس. ان کان سواءِ، آخوند صاحب کي ديهہ ٻوچڪي تعلقي حيدرآباد ۾ ٻاويهہ ايڪڙ ڪن زرعي زمين آباد ٿيندڙ هئي؛ تنهنڪري کيس پنهنجي ۽ عيال جي پرورش لاءِ ٻئي ڪنهن ڏنڈي ۾ مشغول رهڻ جو احتياج ڪونہ هو. جڏهين عيال ۾ واڌارو ۽ گذران ۾ تڪليف ٿيس، تڏهين هزهائينس ميرعبدالحسين خان جي ڪوشش ۽ سفارش سان تعلقي نوابشاهہ جي ديهہ ۸۹-نصرت ۾ ايڪاڻي سو ڪن ايڪڙ زمين هلڪي مالڪاڻي تي مليس.

آخوند صاحب جو شغل هر وقت ڪتابن مطالعي ڪرڻ، عالمن ۽ صوفين، شاعرن ۽ اديبن سان صحبت، ۽ فقراء ۽ مستن سان محبت ونڊڻ جو هوندو هو. عبادت ۽ ذڪر فڪر ۾ محو هوندو هو. شعر لکڻ ۽ تصوف بابت فڪر ڪرڻ ۽ ان جا مسئلا حل ڪرڻ تہ سندس خاص شيوو ٿي رهيو هو. ان سان گڏ، گذران لاءِ زمين ٻوکائڻ ۽ چوپايو مال پالڻ جو ڪم ٻوريءَ تندهيءَ سان ڪندو هو.

هزهائينس مير عبدالحسين "سانگي"، سيد غلام محمد شاهه "گدا" ۽ "حيدري" سان خصوصاً، ۽ مرزا قليچ بيگ ۽ حافظ حيات شاهه سان به صحبت هوندي هيس. محمد بخش "واصف" به وٽس پنهنجا شعر ڏيکارڻ، درست کرائڻ ۽ هدايت وٺڻ لاءِ ايندو هو. سندس کاغذن مان وڏيڪ قاضي ميان صلاح الدين "احقر" متعلوي، ماستر محمد موسيٰ ولد سومار گينگر، آخوند علي محمد صاحب بوبکائي، ميان پيربخش خانواهڻ واري، ۽ ماستر محمد صديق صاحب "مسافر" سان به سندس ملاقات جو سلسلو ملي ٿو.

آخوند صاحب، سلسلي نقشبندي جي امام رباني مجدد الف ثاني رحمة الله عليه جي اولاد مان خواجه عبدالقيوم عليه رحمة سرهنديءَ جو مريد هو، ۽ ان بزرگ جي صحبت کان فيضياب هو. کعبة الله شريف جي طواف ۽ زيارت روضه اطهر جي لاءِ ٻهريون دفعو مرشد پاڻ سان گڏ وئي ويو هوس؛ ٻيو دفعو مير صاحبن کيس پنهنجن ٻين ماڻهن سان گڏ حرمين شريفين جي سعادت حاصل ڪرڻ لاءِ موڪليو هو. ٻوئين دفعي پوريءَ جوانيءَ جي وقت، شاديءَ کان ترت بعد ويو هو.

آخوند حاجي فقير محمد هڪ نيڪ سيرت، حليم طبيعت، خوش خلق، علم دوست، عابد، زاهد ٻي نفس ۽ متوڪل علي الله هو. سندس صحبت جو مٽي ذکر ڪيل آهي، ان کان سواءِ مستن ۽ لاابالين سان به ويهي صحبت ڪندو هو، جن مان حيدرآباد شهر جي قاضين جي آکيه مان هڪ بزرگ سيد اسماعيل شاهه سان تمام گهٽي صحبت هوندي هيس. فقير منگواڻي وٽ صدر مارڪيٽ جي پرسان به گهٽو ويندو هو. گدو بندر واري چرين جي اسپتال ۾ هڪ مرد مست بالڪل ڪوٺيءَ ۾ بند هوندو هو، ان سان به ڪيترو وقت ويهي ڪچهري ڪندو هو- (راقم الحروف اهي ٽيئي شخص ڏٺا هٿا، ۽ آخوند صاحب کيس وٽي ويندو هو).

آخوند صاحب حاجي فقير محمد، پنهنجي وڏي ڀاءُ آخوند حاجي پير محمد ۽ ٻين عزيزن کي برادريءَ جي ڳالهين ۾ هڪ ٻي نظر سان ڏسندو هو، ۽ هر ڪنهن کي منهن تي ٻيرياڻ ٿي سچ چئي ڏيندو هو؛ پر جيئن ته سچ ۾ البت مچ آهي، تنهنڪري ڪيترائي عزيز ساڻس کين ڏهندا هٿا. وقت تي ڦرندي ڪهرندي سياست اصل کين ڄاڻندو هو؛ لکي خودغرضي ۽ خودمطلبي اختيار ڪيائين، ۽ نکي اندر هڪڙي باهر ٻي ڳالهه ڪيائين. هيٿن تي ڏاڍائي ڪندڙ جي ڏاڙهين ۾ چشم پوشي نه ڪيائين. ٻي نفسيءَ ۽ درگذر ڪرڻ جي ته ڪيس اصل ذات مليل هئي. هڪ دفعي عصر نماز پڙهي گهر ۾ آيو؛ سندس هڪ نهن ڏئو ته آخوند صاحب جي ستڻ ابدائي کان وٺي پير تائين هڪ پاسي ايڏي ڦاڙل آهي، جنهن سندن ڏيان ڇڪائي ڇيو ته "لاهي ڏيو ته سبي ڏيانوَ" پاڻ فرمايائون ته "مائي، منهنجي اندر ۾ جيڪي ڦات ڦاڙل آهن، آءٌ انهن ۾ ٿي محو آهيان، مون کي ستڻ جي ڦاڙڻ جي ڪهڙي خبر!" ائين چئي، ستڻ لاهي ڏنائين. هڪ دفعي گڏهه تي سوار ٿي ٻنيءَ تي وڃي رهيو هو؛ ڦليليءَ تي سامهون مرزا قليچ بيگ صاحب گهوڙا-گاڏيءَ ۾ سوار ايندو مليس؛ سلام مسنون بعد مرزا صاحب فرمايو ته "آخوند، واهه واهه،

تنهنجي سواري تہ عمدي آهي!" آخوند صاحب جواب ڏنو تہ "الحمدلله! مون جهڙي ناچيز بندي تي بادشاهہ پنهنجي ڪرم سان پنهنجن خاص پيارن واري سواري عطا ڪئي آهي، ان نالائق-نوازيءَ تان اگر آءٌ قربان ٿيان تہ ڪم ٿهي ويو!" آخوند صاحب آخر عمر ۾ رات جو ننڊ ۾ ذڪر جلي ڪندو هو. هڪ دفعي سندس فرزند ميان ولي محمد آواز تي سجاڳ ٿيو. سمجهيائين تہ اوٽاري ڪري آواز ٿو ٻڌي، ان ڪري ڪيس لنڊ مان جاڳايائين. آخوند صاحب فرمايس تہ "بابا، ڀپ نہ ڪر، ماڻ ڪري سمهي رهہ-مون کي پنهنجي حال تي ڇڏي ڏيو."

آخوند صاحب تاريخ ۲۸ ربيع الاول سن ۱۳۳۶ هجري، مطابق ۱۶ جنوري ۱۹۱۸ع، جي هن دارفانيءَ کي الوداع ڪري راهي دارالبقا ٿيو-انا لله و انا اليه راجعون. وفات وقت سندس وڏي فرزند کان سواءِ ٻيو اولاد ۽ ڪي عزيز حاضر هئا. سيني کي نيڪيءَ جي هدايت ڪندو رهيو. آخر ۾ ٻيڙ لاءِ ڀاڻي گهرايائين. جنهن ماڻهوءَ کيس ڀاڻي ڏني، تنهن کي ڀاڻيءَ ۾ ماکي ملائڻ لاءِ چيائين. ان بعد ڀاڻي ڏيندڙ کي ٻي ٻيرا ڪلمو طيب وڏي آواز سان پڙهڻ لاءِ چيائين، ۽ ڀاڻ ۾ ڪلمو طيب ٻي ٻيرا چئي، ٻوءِ ڀاڻي ڏيندڙ کان ٻي ٻيرا سندس نالو پڇيائين. ان بعد ڀاڻي وٺي، ٽن ساهين سان ٻي، "شڪرالحمدلله" چئي، "الله جل شانه" چيائين، ۽ سندن روح پرواز ڪيو.

آخوند صاحب ٻہ نڪاح ڪيا هئا: پهريون تعلقي حيدرآباد جي ٽنڈي غلام محمد پرگڙي ڳوٺ ۾ رهندڙ گراٽن مان، جنهن مان پنج فرزند ۽ ٻہ نياڻيون ٻيدا ٿيون. الهن مان پهريون فرزند ۽ پهرين لياڻي لنڊيءَ عمر ۾ ئي فوت ٿي ويا هئا؛ باقي چار فرزند-ميان علي احمد، ميان ولي محمد، ميان خير محمد، ۽ ميان محمد الياس-۽ هڪ لياڻي حيات ڇڏيائين. ميان علي محمد ۸ مارچ ۱۹۴۹ع ۾ ايڪهتر ورهين جي عمر ۾ وفات ڪئي؛ فقط هڪ فرزند تاج محمد ڇڏيائين. جو ٻہ ۱۳ جولاءِ ۱۹۵۴ع ۾ ڪنوارو وفات ڪري ويو. ميان ولي محمد ۲۹ جنوري ۱۹۴۶ع جي ۶۲ ورهيہ ۾ وفات ڪئي؛ پولتان ٻہ فرزند-ميان احمد علي، ۽ فقير محمد-۽ هڪ لياڻي ڇڏيائين، جي حال-حيات آهن. ميان خير محمد تاريخ ۲۰ سپٽمبر ۱۹۴۵ع جي ۵۹ ورهين جي عمر ۾ وفات ڪئي؛ سندس ٻہ فرزند، محمد حسين ۽ گل محمد عرف رمضان، ۽ هڪ لياڻي حال-حيات آهن. هڪ نياڻي آخوند صاحب جي هن وقت آسي ورهين جي عمر جي حال-حيات آهي. ٻيو نڪاح، پهرين زال جي فوت ٿيڻ بعد، مير صاحبن ڪوشش ڪري جڪرا قوم جي پير بخش نالي جي نياڻيءَ سان ڪرايو. اها مائي فقط چار سال جيئري رهي.

آخوند صاحب جي هيءَ تصنيفات موجود آهي:

(۱) "جان عشاق"، هڪ حصو	رباعيون	۱۳۲۳ھ
(۲) "جان عشاق"، ٻہ حصا	حضرت بلاشاهہ جي ڪافين	
	"قانون عشق" جو سنڌيءَ ۾ شرح وار ترجمو	۱۳۲۳ھ

(۳) "جان سالک"	شاهه باهو سلطان قدس سره جي رسالي "عين الفقر" پارسيءَ جو سنڌيءَ ۾ ترجمو	۱۳۲۳هـ
(۴) "ديوان عاجز"	غزليات	۱۳۲۳هـ
(۵) "نيڪ اخلاق"	"اخلاق محسني" فارسيءَ جو ترجمو	۱۳۲۵هـ
(۶) "رحمة اللعاشقين"	مثنوي "تحفة العاشقين" اردو جو منظوم ترجمو	۱۳۲۵هـ
(۷) "بهار گلشن"	آکاڻين جي طرز تي	۱۳۲۸هـ
(۸) "تفسير "فاتح الکتاب""	تفسير	۱۳۲۸هـ

آخوند صاحب جي شعر جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

مناجاتِ بدرگاه قاضي الحاجات

يَا حَيُّ يَاقَيُّومُ بِرَحْمَتِكَ اِسْتَغِيثُ!

ناهير کوئي يار، برحمتک استغيث! — مونس نه غمگسار، برحمتک استغيث!
دردن کان دلفگار، برحمتک استغيث! — دائم در انتظار، برحمتک استغيث!
يا حيّ ياقيّوم، برحمتک استغيث!

شاهن جو شاهه آهين تون سلطان بي وزير، — صانع جميع صنعت خلاّق بينظير،
راحم، رحيم، رازق، داور تون دستگير، — لائق کري لطف سان کر دل سندم سڌير:
يا حيّ ياقيّوم، برحمتک استغيث!

واهر وسيلو ناهه سندم، آهيان آءٌ دردمند، — ساڻم ڏمر نه آهي کو، مسڪين و مستند،
درد و فراق رهبر حيرت کان ٻير بند، — جيرو جگر جلائي اهو سوز چون سپند:
يا حيّ ياقيّوم، برحمتک استغيث!

معبود عالمن جو تون، مسجود لايزال، — مقصود مومنن جو تون، مطلوب باڪمال،
قادر جميع قدرت، قيوم ذوالجلال، — ڏئي ڏان دهرا ڏاتر پينار کر نهال:
يا حيّ ياقيّوم، برحمتک استغيث!

غمگين، غريب، بيکس، مفلس ٽيس فقير، — مسڪين، ضعيف، "عاجز"، محزون ٽيس حقير،
پنجي ۾ ظالمن جي ته ويتر آهيان اسير، — امن و امان ۾ رک، ٽئي سرهو سندم سرير:
يا حيّ ياقيّوم، برحمتک استغيث!

ساجن، سوا تو منهنجي ٽي وئي زهر زندگي، — ڌاران حضور قلب جي بي‌لطف بندگي،
ناقص ٽيو نفس سکيو کين سر فڪندگي، — نوسي ٽو نور ڏولڙي دلبا جي جا گندگي:
يا حيّ ياقيّوم، برحمتک استغيث!

سو ذڪر ڪر عطا، رسي دل کي جنهن سان درد، بهتر ذڪر اهو جو ڪري مرد کي فرد،
ساڙي خطر مڙئي، ڪري ماسوا کان سرد، دائم رهي ذڪر سو جنهن سان ٿئي ٿو مرد:
يا حيّ ياقيّوم، برحمتڪ استغيث!

جانان! سواءِ تنهنجي ناهيم ڪو هوس، فرقت ۾ جان ٻيئي جلي مثل خار خس،
تنهنجي وصال کي ته لهان ڏوري شال ڏس، توکان گهران ٿو توکي، ٻي آرزو ٿي بس:
يا حيّ ياقيّوم، برحمتڪ استغيث!

جڳ ۾ سوا تو، جاني، ناهيم ڪائي راهه، ري رحم تنهنجي منهنجي ٻي ناهي ڪائي واهه،
تون ئي ولهين جي واهر، ڪيڏي ڪريان آڪاهه؟ رهه ۾ رڙان روئان ٿو، بيسود ٿيم آهه:
يا حيّ ياقيّوم، برحمتڪ استغيث!

طاقت ٿي طاق منهنجي، ڪيم نفس هن تباهه، اعمال نامو سارو ڪيو سون آهي سياهه،
لائق نجات فخر سان سرمايو ساڻ ناهه، ري ٻاجهه هاڻ ٻهڪڻ ڪانهيم ڪائي واهه:
يا حيّ ياقيّوم، برحمتڪ استغيث!

سيڪي عيان ٿيو توءِ، تون عالم الغيوب، ڏيڪ ڪوڙ ڪڄ تون، يا ساتر العيوب!
روشن ڪرين تون قلب سندم، ڪاشف القلوب! ميڙين مدايون منهنجون مڙئي، غافر الذنوب!
يا حيّ ياقيّوم، برحمتڪ استغيث!

آڳاه ڪرين اولاد سندم صالح ڏئي العام، دنيا ۽ دين جا ڪرين مقصد مڙئي تمام،
برڪت ڀلي ٻئي تن جي منجهه معشيت مدام، روزي ڪشادگي سان رسائين ڪري لطف عام:
يا حيّ ياقيّوم، برحمتڪ استغيث!

دنيا ۽ آخرت ۾ ڪو تن کي سرفراز، سڀ نعمتون عطا ڪر، آهين تون ڪارساز،
حاجت رواي عالم! ڪر تن کي ٻي نياز، حسرت کان سندن دشمنن جي دل کي ٿئي گداز:
يا حيّ ياقيّوم، برحمتڪ استغيث!

آڳاه! هي عرض منهنجو ڪرين ڪرم سان قبول، صالح عمل نه منهنجا، رهان هاءِ دل-ملول!
منجهه شوق ذوق تنهنجي وصل ٿيم وصول، دهرا ڏيوم دان ته مطلب ٿئي حصول:
يا حيّ ياقيّوم، برحمتڪ استغيث!

اعمال بد ڪيام، ڪاغذ ڪيم سياهه، محشر ۾ سُرڪان ڪنهنجي، حالت ٿيم تباهه،
تحفو ڪنيوم ٻاڻ سان گهاڻا گهڻا گناهه، ري رحم تنهنجي، راحم، ڪنهن کان ٻنان پناهه؟
يا حيّ ياقيّوم، برحمتڪ استغيث!

مفلس غريب آهيان، آهي مٿم قرض، 'حق الاداءِ' دين جو رهيل مٿم فرض،
ري رحم تنهنجي، راحم، ناهيم ٻئي جو غرض، آڳاه اگهاءِ "عاجز" جو بخشش ڪري عرض:
يا حيّ ياقيّوم، برحمتڪ استغيث!

افسوس، جنين سر تي ڪنيو بار محبت، ڇڏرايو الهن ڪان آهي گهر پار محبت!
بازار ۾ الفت جي ٿئي سودو نه سر ري، دل جان سان جڏهن ٿئي ڪو خريدار محبت.
دڪان محبت جي ۾ هلي ڪونه ٿو پيسو، تنهن لاءِ چون چهري ٿا بازار محبت.
زلفن ڪان سڀڙ جي ته ٿيو ڪوند ڪو آجو، قاتو جو ٻلا ۾ ٿيو گرفتار محبت.
منصور سڻيو آهه جڏهن سر سندو سانگو، تنهن بعد ڪيو آهيس اظهار محبت.
تبريزيءَ جيئن جام جفا جو نه پيارين، هرڪو نه ٿيج تيسين طلبگار محبت.
الفت ۾ ادا نانءَ زماني ۾ ٻڌون ٿا، پر آهه سڙئي راز ۽ اسرار محبت.
تاثير ادا آهه ايهو نظر ۾ منهنجي، تنهن لاءِ مٿس آهه ڪوهر بار محبت.
دلبر جي طبع تير ڪجئين آزي نيزاري، "عاجز" ٻ ڪري عجز بدربار محبت.

زماني تنهنجي ۾ ظاهر ٿيو جفا جو رواج، ڪٿي وئي رسم محبت جي، پڻ وفا جو رواج.
ڪيائين عاشق جو خون ري ڇڇا ڪاڇا، ٿو چاڻي ناهه انهيءَ ۾ ڪو خون-بها جو رواج.
ڏسن جي هڏا رنگيل رت مان هن نگار سندا، ته گلرخن ۾ نه هرگز رهي حنا جو رواج.
ٻڌاءِ مريض ڪري چا؟ جو درد فرقت ۾، رهي نه رسم دوا جي، لکو دعا جو رواج.
اکاڙ آهي ادا ڏس لباس مستن جو، سبب جنون جو ويو خرقه و قبا جو رواج.
جهان ۾ ناز ۽ نخري جو چهڻو ڦهليو، شروع توکان ٿيو غمزه و ادا جو رواج.
مُڪائين خط مون کي جو هو غبار سان پريل، ڪيو ڪدورت دل جيءَ ۾ گهٽ صفا جو رواج.
ورائي مصرع مطلع سندي چئج "عاجز"، زماني تنهنجي ۾ ظاهر ٿيو جفا جو رواج.

بخت الٽو ٿيو سندم، منهنجي ڦري ويئي تقدير، نه رهيم دل ۾ اثر، آهه سندم بي تاثير.
دل ۾ آهيم تمنا ته ڪريان جان فدا، جي اڇي منهنجي ڏسڻ ۾ ته سڀڙ جي تصوير.
درد ليلىٰ ۾ پريشان ٿيس سڄني جيئن، دشت غربت جو ادا آهه اسان جي جاگير.
نه غمخوار نکو مونس ٿيو سندم غم ڪان سواءِ، رنج راحت ۾ مددگار ٿي، ناله شبگير!
قتل لاءِ منهنجي ٿي هر لحظ گهريائين مضمون، آءٌ گنهگار جفاڪار، ڪئي سون تقصير.
جن" انسان ٿيا حيران، لڳي ماڻ مرن ڪي، پنهنجي احوال پريشان جي ڪير ٿي تقرير.
درد الفت جي دوا ناهه مسيحا ٿو وٽ، خاڪ دلدار جي در جي ته آٿم اڪثير.
عمر "عاجز" جي ته ويئي تپ فرقت ۾، هر ڪڏهن ڪاند ڪيئي پنهنجي ملڻ جي تدبير!

سوا حسن تنهنجي نه ٿي دل صفا، اها دل ٿي ڏاري، نه ٿي آشنا،
لٽيئي صاف عاشق جي دل جو متاع، حسينن جي بازار ۾ ناهس بها.

ڏجان دل سان ساقي کو جامِ شراب ، جو گل جيان زماني کي ناهي بقا.
لٽي وٺينر دلڙي ، مون کي ناهه غم ، سندءِ زلف ڏاران نہ ٿيس جاءِ کا.
سندءِ آهه جو تيـر ويندو ٻري ، رسي جنهن کي ، ان کي نہ ٻچي دوا.
ٻڙي نعمتون آهـن سڀني کي ٻر ، عجب آهه اهـڙو جو ناهيس وفا.
مثل ماهه منور جـي ٿيو ماهرو ، اچا جان "عاجز" جي ناهي صفا.

●

زال دليا سان نہ دل رک ، ٿيو سندس غمخوار خوار ،
عاشقِ قحبه جـو کهڙو منجهه انهيءَ سرکار کـار؟

جي ڪرين خواهش وصل جي ، تان تہ سٽکي ڏي نہ سوٽ ،
هٿي اصل کاتب لکائي ازل کان منجهه هارَ هار.

هيت مـلـي سودو سهانگو ڪينکي سـر کان سواءِ ،
کين گـر گـپ ٻر گڏهه جيئن ، منجهه انهيءَ بازار زار.

'ها و هو' ٻر مست ٿيا ، جن سُرڪ ساقيءَ کان سَري ،
رات ڏينهن ان جـي گهٽيءَ ٻر ٿـا گهمن گينوار-وار.

زلـف زلـگيءَ سـاڻ خوشبوءِ ٻر نہ ٿيـڙا مُور مٽ ،
ڪئي خـطـا ، مشڪِ خـطـا ٻڙ نـاقـءِ تاتار تـار.

ٿيس سـائـل هڪ چميءَ جـو شـوخ بيپرواهه کان ،
چوهه مان چيئين سڪ انهيءَ ٻر ڪئي چڙهيا سردار دار.

بـول ٻيجل ٻوليو ، گهائن تـڏهـن گـڙهه ٻر اچـي ،
هئي اگهين ان ڏينهن جي گردش کان منجهه گرنار نار.

ڪو ٿيو طاعت جـو طالب ، آءٌ ٻيس ساهڙ جـي سار ،
سَنڌُ سـالـر سـيـر ٻر نـاهـر منجهان ٻاتـار تـار.

روز و شب عصيان ٻر ضـايـع ڪيئي عمرِ عـزيـز ،
اهـڙي افعالين نـ لهندين ان سـنـدي دربـار بـار.

ٿـو آڏائين محل مـاڙيـون ، سـاڻ زينت زيب وار ،
شوق ٻر اهـڙي-گهمين ٿو منجهه چمن گـلـزار زار.

'حيدري' دل کان گدا ٿيو ، نظر 'سالگيءَ' جي ٻر لطف ،
عجز کان "عـاجـز" آداسي ٻيو سندس ٻيـزار زار.

●

اينڊو عشّاق، تان تہ تکلف گريون رهاء
دڪان معرفت جي پہ گوهر گريون بهاء

سهڻي قبا زريءَ جي ڏڪي غير لاءِ هن،
يارو اچو تہ ٻاڻ صبر جي ڏيکيون قباء

سڀ ذلتن سان خلق کان گهرجي ڪرڻ حجاب،
بهتر عبادتن کان ڪيون سون جي از رياء

طاعت ۽ معرفت کان اڳي ٿي ڪيئين انعام،
بخشش سندن ٿي لائق، توڙي ڪريان خطاء

اتفاق ڪهين وقت سان سهڙو ملي وڃي،
مشڪل ٿئيس هر دامن ان جي ڪرڻ رهاء

تنهنجن ڇپن کان حاصل دل جي نہ ٿئي مراد،
مرڪي ڇئين صبر ڪر تہ مرادون ٿين روا.

"عاجز" وڻا کان آهه ڪيو گردون مون کي سست،
هي چار ڏينهن جيڏ جا اچو تان ڪريون وڻاء

●

ڏيو ساقي سندم سهڻو، پيارين پرت پيمانا،
ڪري مخمور مستن کي، ڪيئين آباد ميخانا.

سڄڻ جي سونهن صباحت کان مڙئي معمور ڏيا مهرو،
نوازي ناز ڏيڻ سان، ڪيئين آباد ويرانا.

مئي مهروءَ سندم مرڪي شڪر گفتار ڪئي جنهن دم،
ڏيو فائق فهيمن هر، پڙهيائين پرت پروانا.

ڇپر پيولد پيرن هر، هنيئن هر پيا آهن هن جا،
ڏڪائي عشق جا گهٽا، ٻڌايائون گجيءَ گهانا.

رقيبن راهه هر ريبي ولا يار روهه هر رهبر،
سهي سختيون سڀئي، سهڻا سڀ سر تي سندءِ طعنا.

ٻڌي گفتا غزل منهنجا ٿئي ڪو غور غمگين جو،
رهن من ياد يارن وٽ اهي "عاجز" جا افسانا!

●

کنيو مهروءَ چهري تان نقاب، ويو لکي آبر ۾ رخِ مهتاب.
رخِ زيبا ڏسي پياري جو، ويو جلي عقل سندم جو تب تاب.
زمزمهٔ زبان تبار دل، سربسر آهه ٿيو تنم چون برباب.
ڏي پري دلبرا بموسمِ گل، پي به پي ساقيا تون جامِ شراب.
جي ڪري ڪو منادي عالم ۾، منهنجي دلبر جيهو آڏو ڪمياب.
جي هجي غيرت مهِ ڪنعان، حسن ڪنهن جي ڪي ناهه هرگز تاب.
دُرِّ دندانِ آو بدرجِ دهن، واه دُرِّ عدن جو نيائون آب!
ٿيو برآمد قمر تڏهن بشفق، پير پاتو پرينءَ جڏهن برکاب.
ڪئي مشتاق پٽ ۾ پرده نشين، پڻ حيا عقل کي ڏنائون جواب.
حالتِ لزع آهي "عاجز" جي، مِل مهرو مڻا اچي تون شتاب.

●

مهروءَ جي حُسن سان نه ملي ماهتاب کيٽ،
مهتابَ تابُ ناهه، وري آفتاب کيٽ!

ديوان حسن جي تي رکيئون نقطهٔ ز خال،
هرگز نه اهڙو فرد ڏسم انتخاب کٽ!

هُو بند آگرين جا ۽ هٿوا حنا-رتل،
مرجان ڏسي ڀِڪو ٿيو فندق عناب کٽ!

زلفين مُنهن تان کولي دِکائي جي ديد يار،
ايمان فدا ۽ دين کريان بي نقاب کٽ!

پروانهِ کي ته سوز شمع کان ٿيو نصيب،
جنهن سان جلي هي جان و جگر اضطراب کٽ!

نازڪبدن سان پيٽ نه سوسن سمن ڪئي،
ٿئي غرق عرق شرم ڏسي گل گلاب کٽ!

رندؤ، اچو، اي ميڪشو! طبلا ڪري تيار،
سازِ عراق چنگ ۽ ساقي شراب کٽ!

شاهد شمع شراب مهيا ڪرڻي، ٿئي عيش،
ساقي کنار بوسهٔ نقل و کباب کٽ.

گهرجي پڻ شراب، ڪري مهوشن جو ميڙ،
قاضي ڪئي، ۽ محتسب و شيخ و شاب-ا کٽ!

۱- جوان

آهي سڀائين سر تي سندر سايهٔ همما،
اهڙو نه آهي مُور سو ظلّ سحاب کٽ!
'عبدالحسين' ميرَ ٿيو سر چشمهءِ فيوض،
جهڙس سخا ۾ ناهه کو عالیجناب کٽ.
'احمد' عطا کريس 'خدا يار' طول عمر، —(لالا فرزندن جا)
ناهي سندس عديل کو گردون حباب کٽ.
'سانگيءَ' جو شعر شيرين، موزون ۽ پُرلطف،
آهي 'گدا' بي صاحب فصاحت مآب کٽ.
رخش-قلم سان منهنجي مضمون ۾ هم-عنان،
ٿيندو کو هم-ردیف حريف و شتاب کٽ!
"عاجز" هي شعر ناهي عطا کيائون مون مٽي،
موران کو اهڙو نظم پُڌائي لاجواب کٽ!

●

ٿي طبع منهنجي رسا ۽ پئ فصاحت داد داد،
ٿيو قلم منهنجو معاون، پئ بيان امداد داد.
قدّرعنا يار جو باغِ جهان ۾ جنهن ڏٺو،
تنهن چيو سروِ بلندش، کنهن چيو شمشاد شاد.
عشق جي شطرنج ۾ هسوار ٿي، پياد و نه هل،
کشت کان رخ جي سندر، شاهِ خرد ٿيو ماد ماد.
ماءُ زماني جي نپايو ناهه کو جاتب جهو،
ني ڏٺائين ٻن اکين سان، ني چٽنين آزاد زاد.
ڏينهن کالهو کوائٽي، جنهن ۾ کيائون منجهه قفس،
گفتگو گوهر سندي، آهه اجا صياد ياد.
حشر ويلي ٿئي حمايت هاشمي "عاجز" سندو،
خانهءِ دنيا و عقبي دائما آباد باد!

(فارسي)

●

حميده زلفِ تو گوشت ز عشق افسانه مي گويد،
سراسر حالِ زارِ دل منِ مستانه مي گويد.
وصالِ يار گر خواهي، برو شمعِ شبستان شو،
قياماً او قعوداً را چنين جانانه مي گويد؟

برهمن زادۂ کافر، بیا با ما بمیخانہ،
بیک جرّع کني آسان تهي خمخالہ مي گوید!

بیا بنگر جمالِ یارِ جانان وا بساغرِ دل،
که صبحِ دم بہ مینوشي خوشا پیمانہ مي گوید!

بخوالي قصہء مجنون بسودا سر بصحرا نہ،
که یابي ناقہء لیلیٰ، بگر افسانہ مي گوید.

چہ تدبیري کنم دردِ جنون را، چارۂ مشفق!
ز سودا سر زلي صحرا دلِ دیوانہ مي گوید.

همای، اوج چون هستي، بلند پرواز شو "عاجز"،
جوارِ قربِ او دائر کني کاشانہ، مي گوید.

اسد الله شاه "اسد" ٹکڑائي

سيد حاجي محمّد حافظ شاهه

سيد الهه بخش شاهه جو چوٿون نمبر فرزند ۽ علامه اسد الله شاهه "فدا" جو پاڻ، سيد حاجي محمد حافظ شاهه، ۲۰ شوال المڪرم ۱۲۸۷هه ۾ اڳيين ٽڪڙ ۾ جائو. ڪيس حافظ يوسف جي مڪتب ۾ وهاريو ويو، جتي قرآن جي پڙهڻ سان گڏ پارسي ۽ سنڌيءَ جي به چڱيءَ طرح تعليم حاصل ڪيائين. عربي، "تسراجيءَ" تائين پڙهيو.

پين ساداتن سان گڏ، حضرت صاحب جن جي مريد ٿيڻ جو به شرف حاصل هوس. ته وڳو مريد، ۽ حضرت صاحب جن جي مٽس هميشه مهر جي نظر هوندي هئي. سائن گڏ ڪيترا دفعا ڪوئٽيا، ڪابل، قندار، وغيره جي سفر تي به ويو هو. حافظ شاهه جيتوڻيڪ نقشبندي هو، ۽ نقشبندي طريقي ۾ راڳ رباب حرام آهي، مگر پاڻ راڳ جي روح جي راحت سمجهيائين ٿي. اهوئي سبب هو، جو سندس اوطاق هميشه راڳيندڙن، سگهڙن، مٽلهن ۽ پُتلين وارڻ سان پريل رهندي هئي. ڳوٺ جا ماڻهو گهٽو ڪري سندس ئي اوطاق ۾ ڏسبا هئا. ڪڏهين مداري، ڪڏهين ڏورڏيندڙ ۽ بيت چوندڙ، ۽ ڪڏهين راڳيندڙ، هميشه سندس اوطاق کي رولق بخشيندا رهيا. پرديسي گائڪ ۽ سگهڙ ايندا هئا، ته گهٽو ڪري سندس اوطاق ۾ اچي رهندا هئا. پنهنجي هر مجلسين سان ايتريقدر انس ۽ محبت هوندي هيس. جو جيڪڏهن کوبه سيد سندس ڪنهن به سائيءَ کي ڪر ڪار چوندو هو ته ڪيس ڏاڍو ڏک ٿيندو هو، ۽ پاڻ الهيءَ سيد کي چوندو هو ته "ادا، آئون ٿو تنهنجو ڪر ڪريو اچان، باقي منهنجي ڪچهريءَ وارن کي تڪليف نه ڏي". جيڪڏهين ونس روزانو ايندڙ ماڻهو ڪڏهين ڪچهريءَ تي نه آيو، ته صبح جو پاڻ انهيءَ جي گهر وڃي سندس خبر چار لهندو هو.

ڪيس بدن جي صفائيءَ جو ڏاڍو خيال رهندو هو. نهايت نازڪ ۽ نفيس لباس پهريندو هو. خوشبوءِ لڳائڻ سان خاص شوق هوس. خوش خلق ۽ رلڻ ملڻو به اهڙو هو، جو جيڪڏهين ڪنهن ماڻهوءَ سان هڪ دفعو گالهايائين ته اهو شخص سڄي عمر سندس دوست ٿي رهندو هو. خوش طبعيءَ کي پسند ڪندو هو. جنن پوتن جي اڃان گالهين تي اعتبار ڪونه ڪندو هو. جڏهن ڪا اهڙي گالهه ٻڌندو هو ته جيسين انهيءَ گالهه جي پڪ نه ڪري، تيسين سڪ ٿي نه سمهندو هو ـ ۽ اهڙيون گالهيون سندس ڪوڙيون ۾ هميشه ڪوڙيون

لکرنديون هيون. ٹکڙ ۾ راندين رولدين کي حافظشاهه ئي زور وڻايو هو. انهيءَ وقت ٹکڙ جا ائي-ڏکر، ونجهوٽيءَ ۽ وڏکيل جا راندگر ٻين سيني ڳوٺن جي راندگرن کان سٹا هٹا. ٹکڙ ۾ انهيءَ وقت زبردست ملاکڙا لڳندا هٹا. خود ٹکڙ ۾ جمعدار ستارو ميمڻ هڪ سٹو ملهه هو، جو حافظشاهه جو خاص ماڻهو هو. حافظشاهه جي ئي دم قدم سان اهي ملاکڙا لڳندا هٹا.

اها ڳالهه مشهور آهي ته جڏهن به ٹکڙ ۾ سخت برساتون پوندیون هيون، تڏهين هڪ شخص انهيءَ سخت برسات ۾، لٹ هٹ ۾ ڪٹي، هرهڪ غريب جي گهر وڃي، انهيءَ جي خبرگيري ڪندو هو، ۽ پنهنجي پچندي آهر هرڪنهن جي مدد ڪندو هو. اهو هو حافظشاهه، جنهن جي دل ۾ غريبن ۽ مسڪينن لاءِ ايڏي همدردي هئي.

حافظشاهه ۵ صفر ۱۳۳۷ھ ۾ وفات ڪئي. ڪيس حضرت صاحب خواجه عبدالرحمان واري مقام ۾ دفن ڪيو ويو.

حافظ حامد کان پوءِ جيڪڏهين کو ٹکڙ جو شاعر پنهنجي ڪلام ۾ سوز ۽ درد پيدا ڪري سگهيو آهي، يا جنهن جي ڪلام پڙهڻ يا پڙهڻ سان دل جذب ۽ ڪيف جو مزو ماڻي ٿي، ته اهو حافظشاهه ئي آهي.

حافظ شاهه جي شاعريءَ جي شروعات بابت چيو وڃي ٿو ته هڪ ڏينهن سير و تفريح ڪندي، "حون" واهه جي ڪناري تي اچي نڪتو، ۽ اتي ئي هڪ لازلين دوشيزه، ڪپڙن ڌوئيندي، سندس دل کي ڏاڍي ورتو. سڄڻ جي سڪ ساڻ ڪري، روئندو رهيو. برهه جي بي انداز باهه سندس الدر کي آڻي، ۽ محبت من مچائي رهي هئي. لئون لڳائڻ لاءِ ته ليڪ ضروري هئي، مگر ماڻ ڪرڻ ماڻ به ته ڪو درد جو درمان ٿي نٿي سگهيو! حد چاڪ گريبان تائين پهچي چڪي هئي. ڪيس ڪنهن سياڻي صلاح ڏني ته تنهنجي مرض جي ڏڪي سٹي حضرت صاحب جن جي هٹان ئي ٿيندي. آخرڪار، پنهنجي عشق جو احوال پيرِ طريقت اڳيان پيش ڪيائين. حضرت صاحب جن کيس دعا ڪئي، ۽ انهيءَ ڏينهن کان وٹي سوزِ درون شعر جي صورت اختيار ڪئي. عشق ته اڳي ئي سندس همراهه هو، باقي جو مرشد مٹي تان هٹ ڦيريس، تنهن سون تي سهاڳي جو ڪم ڏنو. غزل تمام گهٹ، ۽ باقي پنهنجي جهوني سنڌي رنگ-مداحن ۽ ڪافين-ڏي تمام گهٹو توجهه ڏنو اٹس. جڏهين عشق جي اندرين آگ سندس صبر جو پيمانو لبريز ڪري وجهندي هئي، تڏهن اها آتش، هزارين ارمان ڪٹيو، شعر جي شڪل ۾ سندس زبان مان باهر نڪرندي هئي. موٹيو، عيسو ۽ لونگ شيدي ساڻ هولدا هٹس، پاڻ شعر چوندو ويندو هو ۽ انهن کي ياد ڪرائيندو ويندو هو. ڪافين جون راڳٹيون: پهرپائين پاڻ ڪيلدو هو، ۽ اول ڪافي به پاڻ ڳائيندو هو، پوءِ هو سندس ٹيان ڳائيندا هٹا.

سنڌس کافين ۾ ايتري چڪ هوندي هئي، جو جيڪڏهين هڪڙيءَ شاعر جو سنڌس اوطاق ۾ ڪا نئين ڪافي ڳائي ويئي، تہ صبح جو انهيءَ ڪافيءَ جو هڪ يا ٻہ بند ڳوٺ جي ٻار ٻچي، پير و جوان جي زبان تي ورد هوندو هو. هاري ناري، ڪمي ۽ ڪاري، ڪنبي ۽ ڪوري، مزدور ۽ پورهيت—سڀ پنهنجو ڪم ڪار لاهي اڇيو شاهہ جي اوطاق ڏيڻا هئا. عشاء جي نماز کان پوءِ مجلس شروع ٿيندي هئي. عيسو، موٽيو، ۽ لولگ، واري واري تي، يا گڏجي، گائڻ شروع ڪندا هئا. شاهہ صاحب پاڻ ٻہ هنجون ٻيو هاريندو هو، تہ ٻڌندڙن جي ٻہ ٽين مان نار پيا وهندا هئا.

حافظ شاهہ پنهنجي وقت جو هڪ مقبول عام شاعر هو. انهيءَ جو ثبوت اهوئي ڪافي آهي تہ جڏهين سنڌس ۽ سنڌس همعصرن جو دور گذريو، ۽ ٽڪڙ مان اها بهار جي ٻوءِ ختم ٿي ۽ ٻين شاعرن جا بياض سنڌس بياض وانگي گم ٿي ويا، ۽ جڏهين پوئين دور جي ادبين سندن ڪلام جي ڳولا ڪئي، تڏهين ماڻهن کي سواءِ حافظ شاهہ جي ڪافين جي ٻئي ڪنهن ٻہ شاعر جي ڪلام مان هڪ يا ٻہ بند ٻہ پوريءَ طرح ياد ڪونہ هئا. اهوئي سبب هو، جو ماڻهن جي ساڻس ۽ سنڌس ماڻهن سان محبت هئي. اڄ ٻہ سنڌس صحبتي، سنڌس ڳڻن پريون ڳالهيون ڳڻيو، اکين مان آب هارين ٿا.

حافظ شاهہ جو ڪلام ڳهڻو ڪري ڪافين جي صورت ۾ آهي، صبا ۽ ٿبا، گل ۽ بلبل جا خيالي فسانا سنڌس ڪلام ۾ ڳهٽ نظر اچن ٿا. سنڌس شعر ۾ ٽيٽ سنڌي لفظ ۽ محاورا ۽ تجنيس حرفي ڪهڙي قدر موجود آهي. شاهہ صاحب ڪوشش ڪري پنهنجي شعر ۾ اهي لفظ استعمال ڪيا آهن جي بلڪل عام فهم آهن. هيٺين ڪافي ملاحظہ فرمايو:

حال نہ مون هاڙي هاڻ جو، هوت هلي آ، آري!
ڇو ڇپر ۾ ڇڏيئي ڇولي، ڪانہ ڪيئي پاڻ واري.
روهہ رلڻن ۾ رس رُليءَ ڪي، نوت آڳ منزل ماري.
"حافظ شاهہ" جي حجت نہ هوت آ، زور ناهي تو سان زاري.

شاهہ صاحب جو سمورو ڪلام سنڌي محاورن سان پرهور آهي—

تارا تڪيندي رات گذاريم، ڏينهن ڏکن ۾ ٻيهي پچاريم.
سور سڪ سال پياريا، واريون ورهہ جون مون ورهيہ وَسايون.

(هن مصرع ۾ "تارا تڪڻ"، "سور سهڻ"، "واريون وسائڻ"، محاورا آهن.)

شاهہ صاحب جي اهڙي ڪابہ ڪافي يا غزل ڪونهي، جو تجنيس حرفيءَ سان سينگاريل نہ هجي. تجنيس جي خوبي ڏسو:

اي عجيبا، اوچتي تو سان سندم دلڙي اڙي،
قلب ۾ ڪنهن پر ڪا اٽڪي قرب جي قابو ڪڙي.
سور توکي چا سڀايان، درد دل ۾ ڏيا هزار،
ڏسڪندي ڏينهڙا گذاريم، راتيون روئي رڙي.

*

ويچ ۾ ويچ ٻاڻي زلف سينگاريئي، سهڻا، ور وڃهي ور ۾ وار سنواريئي، سهڻا،
سر ڏيان سڪ، سندم صدقي ساهه سي، اي وٽم ڪڍجي گهڙي پل جي گذارين، سهڻا!

شاهه صاحب جو ڪلام گهڻو ڪري منظر نگاريءَ تي ٻڌل آهي. جنهن به شي جي گالهه ڪري ٿو، هڪدم اکين اڳيان اهو نقشو ڦريو اچي. مثلاً، سهڻيءَ جو ساهڙ کي سڏ ڪري درياه جي ڪيفيت ٻڌائڻ مهل ڏسو ته واقعي درياءَ جو دم ۽ دهشت، ڪنن جا ڪڙڪا، لهرين ۽ لوڏا، سڄ ۽ مالگر، ۽ خود سهڻي آهن ۽ دانهن ڪندي، اوهان جي اڳيان اچي ويندي:

سکهو ڏي سير ۾ ساهڙ ميهر مددگاري!
نہ ٻوڙو ٻيٽ کو ٻالدي، تنبو ترهو نہ تڙ تانگهو،
چني چولين چڏيس چولي، لڙهيس لهرن ۾ لهواري.
سوين سينسار ڪيا سامهون، ڪُڏيو ڪن ڪاهه سڄ مالگر،
وڏايو وات ڪن واڱو، ڇيهه چرڙات چوڏاري.

وري سندس محبوب هار سينگار ڪري اڳيائنس اچي ٿو، انهيءَ جو نقشو ڏسو!

دلبر جو ديدار ڏٺم، وه واهه عجب رنگي رخسار ڏٺم!
ڪنگڻ ڪڙيون، بيني بينسر، نازڪ نورا جهومڪ جهالر:
وه واهه چيرن سان چمڪار ڏٺم!

ياس ۽ حرمان، شاهه جي ڪلام جي خاص خصوصيت آهي. هو هروقت نهڻو، نماڻو ۽ غمگين نظر اچي ٿو. هروقت پنهنجي محبوب کي سڏيندو رهي ٿو. محبوب کي سدائين 'ٻاجهارا'، 'پرين'، 'دلبر'، 'عجيب'، وغيره سان سڏي ٿو؛ نه ڪي 'قاتل'، 'بيرحم'، 'چنگيز'، ۽ 'ڪافر' وغيره-

آءٌ عجيبا اوراهون وي، ڏينهن ڏ ڪيا هيءَ گهايل گهاري.

*

آ مل يار پياري وي، برهه بيمار ڪيس آڻون باڪل.

*

آ تون شال جئين ٻيارا، جوڙي ڏيئن يار جيءَ ۾ جايون.

يا ته وري ڪانگ پيو اڏائي، محبوب ڏانهن ليٻا پيو موڪلي، ۽ ڪانگ کان پرينءَ جون خبرون چارون پيو وٺي:

ڪر ڪا خبر چار ڪانگڑا، چٺو تان چيئي چا پرينءَ پياري؟
ڪانگ هميءَ ڏي پالٽ ٻائين، جلد لهي آءٌ مٺان لام.
ڪول ڪيانتا خوشيءَ مان، پرينءَ ڏنئي جي پيغام.
سڄڻ لڏي سار ڪانگڑا، ياد هيس، ڪي ويٺا وساري؟

*

كانگا كهي هيءَ كيفيت، لئي هرين جي پيش ڪر!
بعد بيحد بندگين جي ڪ ادب آزبون اهر،
سو سلامن سوڪڙبون ڏئي، چئج خاطو هيءَ خبر:
عشق جو آڙاهه بني انداز منجهه آئي اندر،
ٿا جدائيءَ کان جلن ان جوش ۾ جيرا جگر.
کانگ تون هي عرض منهنجو ڪج ٻڌي ٻانهون ٻيهر:
هاڻ "حافظ شاهه" سان ڇڏ ڏوٽ ڏاڏابون ڏمر.

شاهه صاحب جو بياض سندن وفات کان پوءِ گم ٿي ويو. سندن کافيون صرف اهي هٿ آيون آهن، جيڪي گائڻن يا عام ماڻهن کي ياد هيون. هاڻ مداحون، مولود، سي حرفيون ۽ مرثيا ۽ چيا اٿس؛ مگر سواءِ هڪ مارئيءَ جي مداح، هڪ مرثيي ۽ ٽيهن کافين جي پيو سڀ ڪلام ناپيد ٿي ويو. مون سندس اهو رهيل ڪهيل ڪلام "پيار غمگسار" جي ٽالي سان ۱۲ ڊسمبر ۱۹۵۴ع تي چپائي ٻڌرو ڪيو آهي.

انتخاب

(مداح ماروئي)

اول الله عليم، علي" اعلىٰ عز" عظيم، رازق راحم رب رحيم،
قادر! قدرت جو تون ڪريم،
مير محمّد ڪيئي مهندار صاحب آهين رب" ستار،
سانگي ميڙيين سيڙ سنگهار!

ساهه سڪي ٿو جيڏين ڪاڻ، سري ڏ ساعت هت مون هاڻ،
شال ملان وڃي مارن سان، هڙن هينئين منجهه ويڙهه وڙاڻ،
ساريان سرتين ريجهه رهاڻ، اٿم اندر پر اڪنڊ اهار.

هر دم سيڙ سجڻ ٿي ساريان، سرتين ري ڪيئن سينڊ سنواريان،
مشڪل ماڻهن منجهه گذاريان، ڏينهن ڏکيا هت گهنگهر گهاريان،
وطن ويڙهيچا ڪيئن وساريان، ڏسان وري شل ويڙهه ولهار!

سونڌي لايون مينهن ملهاريو، بادل برسيا ٿيون بهاريون،
پل پريا، پيون پلٽيون پاريون، ٿوهه ٿڙيا، ٿيون ٿهكن ٽاريون،
ساين لوئين ساڻ سنگهاريون، پرتوڻ پويو پائن هار.

هت سڀ سرتيون گڏ گهمن، چال چگيءَ سان چهت چلن،
هيٽيون حيتا ساڻ هلن، ولر ڪيو منجهه ويڙهه وطن،
آءٌ هت قابو منجهه ڪڙن، پل پل پونم ياد ٻڌوهار!

شال مرَ وسران ويڙهيچن، مون کي سور نٽا وسرن،
من ۾ تن لڳ سچ سچن، دم دم دل تي ياد اچن،
ڳوڙها ڳاڙيان روز ڳلن، روئان تنهين لڳ زار و زار.

عمر اسان جو ٽاڻو ٽر، ساريم ساهه پاڪ پٽر،
مرت مريڙو ڦوڳن ڦر، ٻهون پهرائن ات پنوهر،
چست چوندن ٽيون پرت پتر، اهڙا ساٿيهه منجهه سڪار!

عمر؛ ايٽا ڪيئن لڄايان؟ ڪوهه لڳن تان لوئي لاهيان؟
ڪهه سپ ويس، وڳا سپ ڪايان، هر لهه پنوهارن آڏ ڪيئن پايان؟
آخر آڏ انهن جي آهيان، سانگي لهندم سگهڙي سار!

عمر ادا هي محلا ماڙيون، ڪرسيون ڪوچ ڪنون هي ڳاڙهيون،
باري بنگلا طاق ۽ تاڙيون، مورڻ کين پکن سان پاڙيون.
واه ويڙيچن جون هت واڙيون، رکون ته ٻهن ساڻ پچار!

عمر سياڻو ٽيءُ سڏيرن، عاقل عادل ٽيءُ اميرا!
لاهي ڪڙيون، زور زنجير، حاڪم هيٺي ڇڏ حميرا!
موڪل واري منجهه ملير، ٻيڙي ٽيان وڃي ساڻ پتار!

عمر ابائي اٽم اڪير، ساري منهنجو ساهه سريرا!
اڄ ٻڙ وڙڻا مينهن ملير، گل ڦل ڪليا ڳوپ ڳنڍير،
پين پنوهاريون پاڪ پنير، کين ڪيلو ٽيون لال لسيارا!

هيڏو "حافظ شاهه" حقير، مرسل منهنجا محمد سير،
مهڙ مدني ماهه منير، ور وسيلا والي ويرن،
اوکي لاهين وقت اخير، قادر ڪلمي ساڻ آڪارا!

(ڪافيون)

دل دلربا ڏاريئي، لازن سان لاز وارا!
مشڪي سيهي مسلسل،
ڪن ٻيچ ٻيچ ٻلبل، قابو ڪمند ڪاڪل،
بانڪا ٻچي ٻهاريئي، ونگيو وڻن ويچارا.
سرمي سوا سٽهائين،
لک گهور ساڻ گهائين، ڪربو ڪيس ڪٽهائين،
هيڪر جتي نهاريئي، ڪٽي ليٽ ٻڌي خمارا.

يا قوت لعل مرجان،
لالي لبن تان قربان، حورون حسن تي حيران،
شرمند شمس كاريئي، كتيون قمر ستارا.
"حافظشاهه" جون نيازبون،
مچ التجا ۽ آزيون، كر دوست دل نوازيون،
چو مفت مئي كي ماريئي، ڏس پاڻ ڏي پيارا!

●

آ مل يار پيارا وي، برهه بيمار كيس آڳ بلكل!
زلف زوراور، وار وسيهر، گهات كنيو ڏين گهارا وي،
ور ورن ۾ گوڙها گهيل، كر كاريهر كارا وي،
- انكن لنكن كنڊڙا كاكل!

مژگان جا كن تير تيزيء سان، مشتاقن تي مارا وي،
اچن اوراڻيو سورهيه سامهون، سينا ڏين سچارا وي،
- تل نه ترسن، كن نه تامل!

ابروء جي ان سيف سين سهسين، وڏي وايو وڙي ويچارا وي،
چور ٿيو سي چهك چكائن، ويا چكين جا چارا وي،
- دردن ان جون دارون نه د رمل!

كنيو نقاب كليو جي لهارين، كڙيا كٺهارا وي،
كليا گل گلابي گلشن، گهر يا گل هزارا وي،
- سرو صنوبر، سوسن سنبل!

هرجا هرهنڌ هردو جهان ۾، جلوي كيا جهلكارا وي،
كيا جهكا سي جوپن تنهنجي، سچ كتيون چنڊ تارا وي،
حسن تنهنجي جو هرجا هل هل!

"حافظ شاهه" كي آهي هردم، پرينيم تنهنجي پچارا وي،
آڳ ويهي جوڙي جيء ۾ جايون، جالب جيء جيارا وي،
- نازن پريا لوري نرمل!

سيد ضياءُ احمد

سرحوم عبدالله شاهه فتاحي

هن اعليٰ ۽ بلند پايي هستيءَ جي نالي کان رياست خيرپور جو هرهڪ باشندو عموماً ۽ سنڌ جا باشندا خصوصاً، چڱيءَ طرح واقف هوندا. سندس پيو نالو سيد عبدالفتاح به ڇيو وڃي ٿو. سندس شجري مان معلوم ٿو ٿئي ته اڳ به هڪ اعليٰ هستي سيد عبدالفتاح جي نالي سان ٿي گذري آهي؛ اهوئي سبب آهي جو پاڻ هميشه پنهنجو نالو سيد عبدالله شاهه "فتاحي" لکندا هئا. هينئر سندن اولاد پڻ پنهنجي نالي جي پٺيان "فتاحي" لفظ لکندا آهن. سندن عمر جو گهڻ حيترو حصو دين جي تبليغ ۾ گذريو ايتريقدر جو پنهنجو آخري دم پڻ تبليغ جو فرض پورو ڪندي ڏنائون.

سندن خانداني سلسلو هن ريت آهي:

(۱) سيد عبدالله شاهه، (۲) سيد محمدشاهه، (۳) سيد محسن عرف محسن علي شاهه، (۴) سيد علي بخش شاهه عرف مير حسن شاهه، (۵) سيد محمدشاهه، (۶) سيد حسن الثاني، (۷) سيد محمدشاهه، (۸) سيد ميرمحمد لاعقب، (۹) سيد محسن، (۱۰) سيد حسنعلي، (۱۱) سيد نورالله، (۱۲) سيد محمدعلي، (۱۳) سيد عبدالفتاح ـ المخاطب من االرسول الامين في الرؤيا بعد المصافحت بخواجه عبدالله نمكين، (۱۴) ..... * (۱۵) سيد باقي بالله بيرنگ، (۱۶) سيد خواجه عبدالخالق، (۱۷) سيد خواجه عبدالباقي، (۱۸) سيد خواجه آفاق خورد، (۱۹) سيد خواجه مجدد، (۲۰) سيد آفاق ڪلان، (۲۱) سيد شيخ ضياءُ الدين، (۲۲) سيد شيخ عبدالواهب، (۲۳) سيد شيخ خواجه ناصرالدين، (۲۴) سيد شيخ فخرالدين، (۲۵) سيد شمس الدين، (۲۶) سيد ابوالمعالي، (۲۷) سيد علاءُ الملڪ الشهيد، (۲۸) سيد شمس الدين، (۲۹) سيد ضياءُ الملڪ، (۳۰) سيد ابوالمعالي، (۳۱) سيد شمس الدين ابوجعفر، (۳۲) سيد ضياءُ الدين، (۳۳) سيد عمادالدين، (۳۴) سيد الامير عبدالله ماهرو، (۳۵) سيد امير ابوالحسن، (۳۶) سيد امير ابوالقاسم، (۳۷) سيد عبدالله رضا، (۳۸) سيد موسيٰ الثاني، (۳۹) سيد داورالمتين، (۴۰) امام ابومحمد العسڪري، (۴۱) امام علي الهادي التقي، (۴۲) امام ابوالحسن محمد خواجه التقي،

* نمبر نالو شجري مان اڏوهيءَ ڪائي ڇڏيو آهي، آن ڪري خالي ڇڏيو ويو آهي.

(۴۳) امام ابومحمد موسيٰ رضا، (۴۴) امام موسيٰ کاظم، (۴۵) امام محمد جعفر، (۴۶) امام محمد باقر، (۴۷) امام زين العابدين، (۴۸) امام ابوعبدالله الحسين، (۴۹) امام امير المؤمنين علي المرتضيٰ عليه السلام.

سندن اصل سکونت جي جاءِ دهلي چئي وڃي ٿي. سندن آباو اجداد وڏا حڪيم تسليم کيا ويندا هئا. سندن خاندان مان هڪ اعليٰ هستي، سيد عبدالفتاح، جو هڪ نقل هن ريت بيان ڪيو وڃي ٿو ته شاهه صاحب جن وٽ هڪ شخص خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين، "قبلا هڪ مريض جي هلي نبض ڏسڻ فرمايو." پاڻ اٿيا ۽ آن عرضدار جي گهر ڏانهن قدم رنج فرمايائون. گهر پهچڻ تي عرضدار عرض ڪيو ته "قبلا، پردي هڻڻ سبب اوهان مريض جي نبض ڏسي نه سگهندا." ان تي بزرگن فرمايو، "چڱو، اوهين هي ڏاڪو وٺي نبض ڏسڻ فرمائي، ۽ فرمايائون ته ڪيس چيڄڻا کارايا وڃن ته مريض چاق ٿي ويندو. هيءَ ته هڪ امتحان هو: آن شخص فقط شاهه صاحب جن جو امتحان وٺڻ ٿي چاهيو، باڪ حقيقت ۾ مريض ته آن جي گهر ۾ هوئي ڪونه: آن شخص ته فقط ڏاڪو هڪ ٻليءَ جي ڳچيءَ ۾ ٻڌي، بزرگ کان نبض شناسي ٿي ڪرائي!

سندن خاندان مان سيد ميرمحمد لاعقب صاحب ڪي ميرفيض محمد خان (پهريون) والي رياست خيرپور دهليءَ مان خيرپور ۾ وٺي آيو، ۽ آن وقت کان وٺي سندن خاندان هميشه لاءِ خيرپور رياست ۾ ٿي سکونت اختيار ڪئي. آن بعد انهيءَ خاندان رياست ۾ ملازمت ڪرڻ شروع ڪري ڏني. سيد عبدالله شاهه صاحب فتاحيءَ جو ڏاڏو، سيد محسن علي شاهه، رياست خيرپور ۾ مختيارڪاريءَ جي عهدي تي فائز هو. سيد عبدالله شاهه جن جو والد صاحب ڪهڙو وقت رياست خيرپورميرس ۾ سب انسپيڪٽر جي عهدي تي فائز رهيو.

صحيح معلومات مان خبر ٿي پوي ته پاڻ احمد پور تعلقي خيرپورميرس ۾ ڄاوا هئا، ۽ ابتدائي تعليم گهوٽ اڳڙا تعلقي گنبٽ ۾ ورتائون. انگريزي تعليم خيرپور جي نارمل اسڪول ۾ ورتائون، ۽ آٽان مئٽرڪ پاس ڪيائون. اسڪول کي خيرباد چوڻ بعد، پاڻ عربي ۽ فارسيءَ جي تحصيل ڪيائون. کين ٻنهي ٻولين ۾ ڪافي عبور حاصل هو. نندي هوندي کان ئي سندن رجحان اسلامي تبليغ ڏانهن زياده هو. ازان سواءِ نندي هوندي کان ئي کين شعر چوڻ جو ڏاڍ شوق هو. سندن تخلص ڦهريائين "عبد" هو، پر پوءِ همايونءَ واري مشهور بزرگ سندن تخلص "شوق" رکيو، ۽ پچاڙيءَ تائين سندن تخلص اهوئي رهيو. پاڻ قادري طريقي جا پير هئا. همايوني بزرگن جي فيض صحبت کان پڻ مستفيد ٿيا. آن کان پوءِ حضرت مولانا قطب الاقطاب. سيد تاج محمد صاحب امروٽي رحـ کان ذڪر وٺي سندن عقيدتمندن جي حلقي ۾ شريڪ ٿيا. سندن وفات بعد، شيخ المشائخ قطب الوقت حضرت مولانا محمد حماد الله صاحب هاليجوي دام برڪاتهٗ جن جي عقيدتمندن جي حلقي ۾ شامل ٿيا.

خلافت هلچل ۾ ٻڌ پاڻ کافي بهرو ورتائون. ايتريقدر، جو پير گوٺ جي نزديڪ گوٺ شاهپور ۾ تبليغ ڪندي گرفتار ڪيا ويا هٿ، ۽ ڪين سکر سينٽرل جيل ۾ نظر بند ڪيو ويو، جتي ٻڌ تبليغ جو ڪر چالو رکيائون، ۽ ڪيترائي قيدي سندن حلقه ارادت ۾ اچي ويا. آخر حڪومت ڪين جيل مان ڪڍي ڇڏيو.

خلافت تحريڪ واري وقت ۾ پاڻ خلافت جي هڪ ڪاميٽيءَ جي سرڪردگيءَ هيٺ حرمين شريفين ٻڌ ويا، ۽ آن سان پاڻ حج جا فرائض ٻڌ بجا آندائون. مڪي شريف ۽ مديني منوره ۾ ڪيترن ئي زبردست عالمن سان سندن ملاقات ٿي. پاڻ حج جو سمورو احوال قلمبند ڪرڻ فرمايائون، جو اڄ ٻڌ سندن اولاد وٽ موجود آهي، ۽ ان ۾ ڪيئي حڪمت جا موتي سمايل آهن.

سال ۱۹۳۳ع-۳۴ع ۾ ناز هاءِ اسڪول خيرپور ۾ عربي ٽيچر مقرر ٿيا. ان دوران ۾ ٻڌ تبليغ جو سلسلو جاري رکيائون. ڪيترائي غير مسلم سندن فيض نظر سان مسلمان ٿيا. شهر گڙيان ۾ هڪ "مدرسه دارالصلاح" جو بنياد وڌائون، ۽ هڪ انجمن تبليغ اسلام جو ٻڌ پايو وڌائون. آن انجمن جي سهاري هيٺ، شهر اڳڙن ۾، ميلادالنبيءَ جي موقعي تي جلسو ڪرائڻ لڳا، جو اڄ ڏينهن تائين سندن يادگار هاڻو اچي. آهستي آهستي ان ميلاد جي سڄيءَ سنڌ ۾ مشهوري ٿي ويئي، ۽ پري پري کان علماء دين اچي ان مجلس کي پنهنجي فيض سان مستفيد ڪرڻ لڳا.

آخر، گوٺ ميرمحمد جي ڪوٺ ۾ (لڳ پير گوٺ)، الله تعالي جي امر سان، ڪن شاهينگن هٿان شهيد ٿيا.

شاهه صاحب چگا شاعر ۽ اديب هٿا. ڪيترائي ڪتاب سندن هٿ جا لکيل هٿا، جي سندس اولاد جي لا غرضيءَ ۽ اڻڄاڻائيءَ سببان ٻين جي هٿ چڙهي ويا. سندن هڪ ڪتاب "اوچتو عشق" ڇپايل آهي، جنهن جي تصحيح مرزا قليچ بيگ صاحب ڪئي هئي. پاڻ مولود گهڻي تعداد ۾ ڇپا اٽن، جن مان هڪ ڪتاب سندن ڇپايل ٻڌ موجود آهي. سندن ڪي سنڌي مولود تورڙي عربي ۽ پارسيءَ ۾ ڇپل اشعار اڻڇپيل حالت ۾ موجود آهن.

ڪلام جو نمونو

مولود شريف

پاڻ پساءِ سهٽا نبي، مرحبا جٽرا نبي، مرحبا اعلي نبي!
تولئي روز سڪان سرور، روئي هنجون هاريان هر هر،
-من ترس ٻئي توکي ڏسي.
مديني جيتر ٽئي قسمت، خواب ۾ تنهنجي ٽشي زيارت،
-اهو عرض اڳهاءِ سخي.

ميرِ مديني گهراءِ مون کي، عمر منهنجي گذري جتي،
-۽ ٻڻ اتي ٿئيسر ٻُڌي.
قيامت ۾ اي شاهِ شفيع، وقت شفاعت جي عربي،
-شل ياد هجي هي اُمتي.
"شوق" سان توتي مان پڑهان، لک صلواتون سوز منجهان،
-مرڻ تائين شل مَکي!

(۲)

صل علي، صل علي، صل علي، صل علي!
الله ٻڻ ملائک سندن، درود نبيءَ تي تا دائم پڑهن،
اوهين ٻه پڑهو چو نه هر هر ملا!...
لالو محمد جيڪو ٻڌي، لازم ٻڙهڻ صلوات ٿئي،
پڑهي پَل ٻوءِ هڪدم ته هرهڪ ادا ...
درود پڑهڻ کان جنهن نفرت ڪئي، منافق ٿيو تنهن ته غفلت ڪئي،
ڪر توبهه دل سان پڑهي سو ادا ...
درود پڑهڻ آهي دردن دوا، جو ڪثرت ڪري، لهي آخر شفا،
ٿين دل جا مطلب تنهن کان سوا ...
"شوق" سان پڙهه تون فتاحي درود، آهي قبر ۾ حامي درود،
راضي ٻوءِ توتي ٿئي خود خدا ...

(مولود عربي)

الحمد لله الذي خلق السماءلمحمد، اعطي کمالاً کاملاً في الانبياء لمحمد.

من وجههٗ شمس الضحي، من خدّهٗ بدر الدُّجي،
من ذاتهٗ نور الهدي، ملک العلي لمُحمّدي.

والشمس في تعريفه، الليل في توصيفه،
يٰس في تشريفه، نزل الضُّحي لمحمد.

لولاک کان خطابهٗ، ام الکتاب کتابهٗ،
خير المآب مآبهٗ، سعد العُلي لمحمد.

صديق في تصديقه، فاروق في توفيقه،
عثمان في ترفيقه، حيدر فتي لمحمد.

(سهرو سندس ۾ جي شاديءَ وقت)

وه واهه، بنا! تنهنجي شادي، ٿي شادي خاله آبادي!

تنهنجي شاديءَ ۾ مائٽ گڏ ٿيا، تنهنجا دوست پيارا اچي ويا،
ڏين توکي مبارکبادي!

تنهنجي شاديءَ ۾ کيئي ٿيا طعام، پوءِ پلاهه حلوا جام،
ماني سيکنهن ڏو تي کاڏي!

تنهنجي شاديءَ ۾ ساراهه نبيءَ جي، ٿئي مزمت ٿي دشمن گندي جي،
ٿي وئي بدعت جي برباديٰ!

تنهنجي شاديءَ ۾ قرآن پڙهجي، ٿو وعظ نصيحت ٻڌجي،
-ي ابليس سان آهه تعدي!

پهريون توکي ڏين ٿا مبارک، پوءِ ڏينءَ ماڻهين کي مبارک،
ٿي وئي مست خوشيءَ ۾ ماءُ دادي!

تنهنجو "شوق" مان دعاگو "فتاحي"، توکي بخشي حياتي الاهي،
شل ماڻين پنهنجي سهري زادي!

رشيد احمد لاشاري

مرحوم زرڪ خان لاشاري

زَرَڪ خان لاشاريءَ جي والد جو نالو ڏڻي بخش خان آهي. خانداني شجري مطابق سندس سلسلو لاشارين جي مشهور سردار مير گهرام خان سان هيٺينءَ ريت وڃي ٿوملي. زرڪ خان، ولد ڏڻي بخش خان، ولد جالي خان، ولد مقبول خان، ولد ڳهڻو خان، ولد صوبدار خان، ولد ڳهڻو خان، ولد جهان خان، ولد سليمان خان، ولد ڪندو خان، ولد ميرشنبر، ولد مير حده، ولد رمضان، ولد لوزبند. لوزبند جو پيو پٽ مير گهرام خان هو، جنهن جي مير چاڪر خان رند سان اٽڪ هڻڻ سبب، رندن ۽ لاشارين جي وچ ۾ ٽيهن سالن واري ويڙهه لڳي.

اها خبر پوريءَ طرح پڄي نٿي سگهي ته هن خاندان مان اهو ڪهڙو ماڻهو هو، جو پهريائين سنڌ ۾ اچي آباد ٿيو. مان، پنهنجن وڏن جي سيني بسيني روايت موجب، فقط ايترو ياد ڪري سگهيو آهيان ته رندن ۽ لاشارين جي هجرت کان پوءِ ستت ئي مير حده جو خاندان وري اچي صادق جي گهاڙ ۾ (سيويءَ جي ويجهو) آباد ٿيو. اسان جي خاندان جي پرئي مڙس مرحوم لعل بخش خان، ڳالهه ڪئي ته "بلوچستان ليويز پوليس جي نوڪريءَ جي سلسلي ۾، اسين جڏهن صادق جي گهاڙ ۾ پهتاسين ۽ هاڻ ڪي حد ياڻي لاشاري ظاهر ڪيوسين، تڏهن آتان جي لاشاري سردار اسان کان حده جي نشاني طلب ڪئي. اسان جا ٻيا ڀائر ته خاموش رهيا، پر پنهنجن وڏن کان ٻڌڻ سبب مون کي بخوبي ياد هو، تنهنڪري هڪدم چئي ڏنو ته "ڏاڏي حده وٽ "ڪيري" نالي هڪڙي بندوق هوندي هئي، جنهن جو نشالو ڪڏهن خطا نه ٿيندو هو.' آهو سردار هڪدم پاڪرين پڄي ويو. ۽ چوڻ لڳو ته "آها گري بندوق اسان وٽ ايا تائين موجود آهي' ٻوءِ اسان سڀني کي هلي ان جي زيارت ڪرايائين."

اهڙيءَ طرح، قريبي روايتن موجب، ڳهڻو خان اول، پاڪناڙيءَ جي علائقي مان سرندو سرندو، روجهاڻ جماليءَ ۾ موجوده سردار مير جعفر خان جماليءَ جي وڏن سان ڪڏ اچي رهيو، ۽ سندن ميلاپ ايتريقدر وڌي ويو، جو ڳهڻي جي اولاد پنهنجي مادري زبان بلوچيءَ کي ترڪ ڪري، جماليءَ بلوچن سان ڪڏ سرائڪيءَ کي پنهنجي مادري زبان بنائي ڇڏيو، ۽ بلوچي سندن ثانوي زبان جي حيثيت اختيار ڪئي- يعني اڄ ڏينهن تائين انهيءَ خاندان منجهان اهڙو ڪو ماڻهو ڪونهي، جيڪو بلوچي زبان کان بلڪل غير واقف هجي.

گهٹي خان اول جو ڏاڏو مقبول خان، سن ۱۸۵۷ع واري جنگ آزاديءَ واري زماني ۾ لي، روجهاڻ چڏي، خان گڙهه (موجوده جيڪب آباد) ۾ اچي رهيو؛ ڇاڪاڻ ته جاني ديري جي جڪراڻي سردار دريا خان جڪراڻيءَ سان سندس دوستاڻا ۽ برادرانا تعلقات هوندا هٿا، ۽ انگريزن جي برخلاف سندس تحريڪ ۾ پٺهنجي سڄي خاندان کي منظم ڪري ڇڏيو هٿائين. ليڪ، ۱۸۵۷ع واري تحريڪ ناڪامياب ٿي، ۽ دريا خان جڪراڻي ۽ دلمرادخان کوسي کي قيد ڪري انڊمان ٻيٽ ڏانهن موڪليو ويو. مقبول خان کي جاني خان نالي هڪ پٽ ۽ ست ڏيئر هيون. ست ئي ڏيئر اڀر سنڌ جي جدا جدا بلوچ قبيلن ۾ ورٽائي، سيني سان پنهنجي مائٽي قائم ڪيائين، جن مان هڪ ڏيءَ پنهنجي دوست ۽ ساڻي ملگزارخان جڪراڻيءَ کي ڏنائين، جنهن مان ۽ پٽ-شاهه محمدخان ۽ فيض محمد خان-۽ هڪ نياڻي پيدا ٿي. انهن ٻنهي ٻنهن جو اولاد ايا تائين ملگزار اڀر سنڌ ۾ موجود آهي، ۽ نياڻيءَ منجهان هاڻوڪي حاجي دريا خان جڪراڻيءَ جو پٽ غلام علي خان حال-حيات آهي.

مقبول خان جي پٽ جاني خان کي وري هڪ نياڻي ۽ هيٺيان ست پٽ پيدا ٿيا: (۱) مغل خان، (۲) پٺاڻ خان، (۳) لوڻو خان، (۴) ڏڻي بخش خان، (۵) ولڻ خان، (۶) ڳوڙو خان، ۽ (۷) فضل خان.

سن ۱۸۵۷ع جي تحريڪ آزاديءَ کان پوءِ، مقبول خان، پنهنجي مرشد سيد غلام رسول شاهه جيلاني ساکن نبي شاهه وگهڙ جي معرفت، انگريزن وٽ ڪافي رسوخ پيدا ڪيو، ۽ پنهنجي پٽ جاني خان کي پنهنجن ستن ٻنهن سميت بلوچستان جي ليويز ٽاڻن تي مقرر ڪرائي ڇڏيائين، ۽ پنهنجي نائي ملگزارخان جڪراڻيءَ کي رسالدار جو ٽاڻو ونائي ڏنائين، جو اهو ٽاڻو ملگزارخان جي وفات کان پوءِ سندس پٽ فيض محمد خان کي سندس والد جي لئين ٻڌايل ڳوٺ ملگزار ۾ تبديل ٿي مليو، ۽ هن وقت به موجوده ملگزارخان آتي جو دفعيدار آهي. جاني خان، مغل خان ۽ پٺاڻ خان، ڪوئٽا، چمن ۽ پشين جي ٽاڻن تي دفعيدار (صوبيدار) مقرر ٿيا؛ ڏڻي بخش خان اپوزئي (فورٽ سنڊيمن) جو ٽاڻو سنڀاليو؛ ولڻ خان سيويءَ ۾ ديرو دمايو؛ ۽ باقي ٻيا ٻاٽر ۽ رشتيدار به سڄي برٽش بلوچستان جي جدا جدا ٽاڻن تي پکڙجي ويا. آن وقت بلوچستان ۾ بيروني حفاظت لاءِ فوج مقرر ٿيل هوندي هئي، هر ملڪ جو سڄو اندروني انتظام ليويز پوليس جي حوالي هوندو هو. اهي سيٽي ٻاٽر پنهنجي زلدگيءَ جو ڪافي حصو مشهور انگريزن سان گڏ گذاري، پينشن، اعزازي سرٽيفڪيٽ ۽ انعام حاصل ڪري، ويءَ واپس موٽيا. ميڪمن صاحب جو سبيءَ ۾ دربار ڪري بلوچستان جي سردارن کان ٽانگو ڇڪائڻ، ۽ سنڊيمن ۽ ريٽ صاحب جون ڪيترين گهالهيون، انهن وڏن جي معرفت اسان تائين پهتل آهن. ايران ۽ بلوچستان جي حد بنديءَ جي تڪرار وقت به مغل خان، پٺاڻ خان ۽ لوڻو خان قافلو وٺي سيستان تائين ويا هٿا، ۽ ڪيچ مڪران ۽ ڪراچيءَ جي رستي واپس سبي موٽي آيا هٿا. سندن سوٽن مان ڪٽڻ خان، حاصل خان، وسڻ خان، لڏڻ خان، مشغول خان، ڪريم بخش، محمد بخش ۽ واحدبخش به ليويز پوليس

ٻر هئا. مشغول خان کي فورٽ سنڊيمن ٻر ٻڌائن شهيد ڪيو هو. منهنجو والد بزرگوار مرحوم زرڪخان لاشاري ٻه انهيءَ مٽيٽن سلسلي جي هڪ ڪڙي، يعني فورٽ سنڊيمن بلوچستان جو دفعيدار (صوبيدار) هو، جنهن جي سوالح هن هيٺ بيان ڪجي ٿي.

ولادت جي تاريخ جي باري ٻر ڪا مستند روايت ملي نٿي سگهي، ٻر جيئن ته ٻاڻ وفات واري سال ائين فرمايو هئائون ته "منهنجي عمر هن وقت پنجهتر سال آهي"، ته سندن وفات ۱۴ مارچ ۱۹۳۲ع ٻر ٿي، تنهنڪري اِنهيءَ اندازي موجب چئي سگهجي ٿو ته ٻاڻ سن ۱۸۵۷ع واري سال ٻر پيدا ٿيا هوندا.

مستند روايتن مطابق زرڪ خان ٻه سندس نندو ٻاءُ شهڪ خان ۽ خالڪڙهه (جيڪب آباد) ٻر پيدا ٿيا، ٻه سندن نديڻ جو ڪافي عرصو اتي ئي گذريو؛ چاڪاڻ ته سندس والد ٻه چاچا جيتوڻيڪ بلوچستان جي دور دراز ٽاڻن تي ٽڙيل پکڙيل هئا، ٻر سڀني جو گهر ٻار خالڪڙهه ٻر ئي هوندو هو. سڀ کان پهريائين ڏڻي بخش خان پنهنجا ٻار ٻچا اپوزئي (فورٽ سنڊيمن) ٻر گهرائي ورتا، ٻه زرڪ خان جي تعليم و تربيت ٻه آتي شروع ٿي.

ان وقت بلوچستان ٻر اسڪولن ٻه ڪاليجن جو ڪو نالو نشان ٻه نه هوندو هو؛ رڳو مسجدن ٻر ديني تعليم هلندي هئي، ٻه مسجد جا تعليم يافتائي ليويز ٽاڻن ٻر محرر يعني ڪلارڪ مقرر ٿيندا هئا. شهڪ خان جي ته ماڳهين وڏهڻ سان دل ڪانه هوندي هئي، ٻه پنهنجي والده جي گهڻي پيار سبان آخر تائين هڪڙو اکر ٻه ڪونه پڙهيو؛ باقي زرڪ خان اپوزئي جي هڪ عالم مولوي عبدالحميد خان ڪاڪڙ وٽ پشتو ٻه پارسيءَ جي ڪافي تعليم حاصل ڪئي. اردوءَ جي تعليم عام ڪانه هوندي هئي، ٻر ڏڻي بخش خان جو هڪ دوست عبدالعزيز نالي، ديري غازيخان جو ويڙل، سندس ٽاڻي جو محرر يا منشي هوندو هو؛ آن وٽان زرڪ خان کي اردو جي اڀياس جو ڪافي موقعو مليو. ڏڻي بخش خان کي پنهنجي آن دوست عبدالعزيز سان ايڏي ته محبت هوندي هئي، جو جڏهن ڪيس ٽيون پٽ جاڏو، تڏهن آن تي پنهنجي دوست جو نالو "عبدالعزيز" رکيائين، جو هن وقت انهيءَ عبدالعزيز وانگر ضلعي سبي ٻر ليويز ٽاڻي جو محرر آهي، ٻه منشي عبدالعزيز سڏ ٿو آهي. اهڙيءَ ريت، زرڪ خان کي ڪنهن سانگي سبب نديڻ ٻر ڪوٽ سوپي خان اوگاهي تعلقي ڪنڊڪوٽ جي لڳ جڏهن سال ٻه رهڻ لاءِ موقعو مليو، تڏهن اتان جي آخوند الهه ورائي خان ڪان سنڌيءَ جي تعليم ٻه حاصل ڪيائين. انهيءَ الهه ورائي خان جو پٽ ماستر عاربي خان اوگاهي پينشنر هن وقت تائين موجود آهي، جنهن مون رشيد احمد ولد زرڪ خان لاشاريءَ کي پنهنجي پٽ الهه ورائي خان سان گڏ، سن ۱۹۳۶ع ٻر، سنڌي فائينل جو امتحان پاس ڪرايو.

زرڪ خان ٻه شهڪ خان پنهنجي چاچي لوڻو خان جي نياڻين سان شادي ڪئي، ٻه اپوزئي ٻر ئي گهر ٻار ڪري ويٺا. منهنجو وڏو ٻاءُ گل محمد خان ٻه آتي ئي پيدا ٿيو. اپوزئي ٻر ڏڻي بخش خان جي جيڙهي ٻني ٻاڙن کي ليويز پوليس ٻر ڪنيو ويو هو،

ٻر ان جي وفات کان پوءِ زرک خان کي اپوزئي جو ۽ شهک خان کي پوره (ضلع لورالائي) جو دفعيدار مقرر ڪيو ويو. انهيءَ سلسلي ۾، اڳ سنڌ جا ٻيا ٻ ڪيترائي لاشاري ۽ پاڻاڙي جاگرائي بلوچ ٻ وڃي ليويز پوليس ۾ پرتي ٿيا. ايڏي ساري وڏي اثالي جي ڪري، الوقت جا انگريز آفيسر، ائين ئي چولدا هٿا ته بلوچستان جا پٺاڻ جاڻي خيل (لاشاري) جا وڏا پاڻر آهن، ۽ انهن جي دوستيءَ جي ڪري ئي امن ۽ سک سانت سان وقت گذارين ٿا. زرک خان جا ناناٽا ڏل تعلقي جا پيرو شاهي لاشاري هٿا، جن مان ميانجي خان محمد لاشاري هڪ علم دوست ايجا تائين موجود آهي. انهن لاشارين مان قادر بخش ۽ ٻيا ٻ ڪيترا لاشاري، بلوچستان جي زبردست ۽ خطرناڪ پهاڙن ۾ ملازمت ڪندا ۽ گهمندا ڪهندا نظر ايندا هٿا. مون سان حيدرآباد سنڌ جي مشهور شاعر مرحوم محمد رمضان "شاد" ڳالهه ڪئي ته "آڱ ٻ فورٽ سنڈيمن جي ليويز پوليس ۾ نوڪري ڪري آيو آهيان"؛ ۽ والد مرحوم زرک خان ۽ ٻين سڀني کي باقاعدي سڃاتائين ٿي. ان وقت اسان جي محترم دوست ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم "خليل" جو واله بزرگوار خانصاحب محمد يوسف خان ٻ ڪوئٽا ۾ فوجي آفيسر هو. ممڪن آهي ته اسان جن بزرگن سان ٻ سنڈن چارچشمي ٿي هجي، پر ايجا تائين کا اهڙي روايت نه ملي سگهي آهي.

والد مرحوم، زرکخان، اڪثر فورٽ سنڈيمن ۾، ۽ ڪجهه وقت موسيٰخيل، پوره ۽ سبيءَ جي ٽاڻن تي ٻ گذاريو، ۽ ڪوئٽا ۾ ٻ ڪيترو وقت خصوصي ڊيوٽيءَ جي سلسلي ۾ گهرايو ويو. خان خداداد جي فرزند اعظم خان جي نظربنديءَ وقت ٻ پاڻ ۽ سندس چند سپاهي ساٿس گڏ هوندا هٿا.

الهيءَ وچ ۾ ڪيترا بزرگ پنهنجي نوڪريءَ جو عرصو پورو ڪري پينشن تي لهي آيا، ۽ جنهن وقت ضلعي جيڪب آباد ۾ شاهي واهه ڪوٽجي تيار ٿيو ۽ بلوچستان جي نصيرآباد تحصيل ڪي ٻ پاڻي پهچڻ لڳو، تڏهن انگريز سرڪار جاني خيل ڪي، سنڌن خدمتن جو اعتراف ڪندي، باگڙ تحصيل نصيرآباد بلوچستان ۾ پابندي شرطن تي زمين الاٽ ڏني، ۽ سڀ خانگڙهه ۽ ٻين پاسن کان لڏي آتي اچي آباد ٿيا. آخر سن ۱۹۰۰ع جي وبا واري زماني ۾ حالتون ڪجهه اهڙيون ناسازگار پيدا ٿيون، جو والد مرحوم زرکخان ڪي ٻ پينشن تي لهي گهر اچڻو پيو، ۽ سرڪار کان منظوري وٺي، باگڙ واري زمين احمدخان ڪوسي وٽ وڪرو ڪري، ديهه بجاراڻي تعلقي ڪنڈڪوٽ ۾ اچي زمين خريد ڪيائون، ۽ آتي ئي هڪ ڪچو قلعو تعمير ڪرائي، گهوٽ ٻڌي اچي ويٺا. اهڙيءَ طرح، سڀني سپهگيريءَ کان پوءِ زميندارې پيشو اختيار ڪيو.

والد مرحوم ڪي ڀرئين گهر مان ٻ پٽ ـ گل محمدخان ۽ الٰهي بخش خان ـ هٿا، ۾ سن ۱۹۰۰ع ۾ گهرواريءَ جي فوت ٿيڻ کان پوءِ، سن ۱۹۲۱ع ۾، پنهنجي وڏي چاچي رئيس مغل خان جي نياڻيءَ سان شادي ڪيائون، جنهن منجهان سن ۱۹۲۲ع ۾ آڱ (رشيداحمد) پيدا

ٿيس. مون تي پنهنجي ڏاڏي جو نالو ڏئي بخش رکيو ويو، پر والد مرحوم مون کي رشيداحمد سڏڻ لڳا، ۽ فرمائيندا هئا تہ رشيداحمد ڪلاچي (ديره اسماعيل خان) منهنجو هڪ فوجي دوست هوندو هو، جنهن سان گڏجي آڳ شعر ٻاهيندو هوس. ۱۹۲۵ع ڌاري ملڪ جون معاشي حالتون تمام خراب ٿيڻ لڳيون: سندن زمين کي پوري پاڻي نہ ملڻ سبب ڪيترن سالن جو فصل برباد ٿي ويو، ۽ پاڻ ويا ٿي ڏينهون ڏينهن قرضن ۾ ٻڏندا. ٿيٽ، ساري زمين ڪنڊڪوٽ جي سوناري گورڌنداس کي گروي ڏيئي، پاڻ ملڪزار (بلوچستان) ۾ لڏي وڃي ويٺا. منهنجو ننڍپڻ ۾ آتي ٿي گذريو. منهنجو والد، فيض محمد خان جڪرائيءَ جو مختار عام مقرر ٿيو، ۽ مان فيض محمد خان جي پوئي مرحوم غلام رسول خان سان گڏ ملڪزار جي پرائمري اسڪول ۾ اردو پڙهڻ لڳس. غلام رسول خان منهنجو ٿيچ-شريڪ پاءُ ۾ هو. ٿيٽ، سن ۱۹۳۱ع ڌاري، سڀ پنهنجي گروي زمين ڇڏائڻ جي ارادي سان سنڌ ۾ واپس موٽي آيا: پر آهو سال اهڙو ڪو نياڳو هو، جو ٽورن مهينن الدر مغل خان، پٺاڻ خان، ولڻ خان ۽ ٻيا سڀ باقي رهيل پائر، هڪ ٻئي ٻنيان، الهيءَ مغل آباد جي ڪچي قلعي ۾ وفات ڪري ويا. والد مرحوم کي سخت صدمو پهتو، ۽ مالي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ لاءِ زمين سيٽ گورڌنداس کي هميشه لاءِ وڪرو ڪري ڏنائين.

۱ مارچ ۱۹۳۲ع ۾ پاڻ اوچتو بيمار ٿي پيا، آنهيءَ موقعي تي خاندان جا سڀ ماڻهو اڳين فوت ٿيلن جي معذرت جي سلسلي ۾ آيل هئا. هر هڪ کي پنهنجي پنهنجي لولي جي وصيت ڪيائون. مان آن وقت چوٿون درجو اردو ڇڏي، چوٿين سنڈيءَ ۾ داخل ٿيو هوس. آخر ۾ مون کي گهرايائون، ۽ فرمايائون تہ "ڏس، دُنيا ۾ سڀڪنهن جا ٻيءَ ماءُ مري ويندا آهن، ۽ شايد مان بہ مري وڃان. منهنجي مرڻ کان پوءِ، مان سمجهان ٿو تہ تنهنجا پائر ۽ چاچا اوهان کي ٺڪرائي ڇڏيندا. تون جيڪڏهن منهنجو سچو فرزند هوندين، تہ دُنيا ۾ رُلين، پنين، ديس کان هردس وسائين، پر هڪڙيءَ گاله، کي هٿ مان نہ ڇڏجانءِ-۽ آها آهي "تعليم"!"

پاڻ روزي ۽ نماز جا سختيءَ سان پابند هوندا هئا. ۱۴ مارچ سن ۱۹۳۲ع تي رات جي وقت وضو ڪري ٻہ رڪعت نماز نفل پڙهيائون، ۽ سيني کي چيائون تہ بلند آواز سان خدا جو ذڪر ڪريو. سڀ ذڪر ڪرڻ لڳا، ۽ پاڻ ٻہ ذڪر ڪندي پنهنجي خدا سان وڃي ملیو- انالله و انا اليه راجعون. ڪين جهنجهن جي ڳوٺ واري قبرستان ۾ سپرد خاک ڪيو ويو.

والد مرحوم زرک خان کي هڪ نياڻي ۽ هيٺيان پنج پٽ پيدا ٿيا: گل محمد، الاهي بخش رشيد احمد، محمد بخش، ۽ قادربخش. منهنجا ٻيا سڀ پائر پنهنجي ٻئي سڳي خاندان سميت ڳوٺ دين محمد خان کومي تعلقي ڏل ضلعي جيڪب آباد ۾ رهن ٿا. والد مرحوم جي وفات کان پوءِ مون سان پنهنجو هيٺيون شعر ڏهڪي اچي ٿو:

دورِ شباب ايندي ٿي ترک ـ وطن ڪيو،
افسوس، مان چمن کان جدا ٿيس بهار ۾!
فکر ـ معاش، رنج ـ عزيزان، فراقِ دوست،
ڇا ڇا ستم ڏٺم چمنِ روزگار ۾!

مرحوم زرک خان خوشمزاج، سنجيندو ۽ بردبار، السان هو. منهن تي سدائين مرڪ هوندي هيس. ڪاوڙ وس ويندي ڪين ڪندو هو؛ ۽ جيڪڏهن ڪنهن ڳالهه تي اوچتو ڪاوڙ ايندي هيس، تہ پوءِ سندس لٹ لٹ ڪانڊارجي ويندي هئي، ۽ سندس جوش ڪي ڏرو ڪرڻ تمام مشڪل ٿي پوندو هو. پنهنجي ارادي ۽ وعدي جو ڀاڪل پڪو هو، ۽ جيڪي هڪڙو پيرو زبان سان چوندو هو سو ضرور ڪري ڏيکاريندو هو. بلوچن جي اچوتپڻي ۽ غرور واري عادت ۽ رسم و رواج کي سخت نديندو هو. پيو تہ ڪهيو، پر اوڏ ۽ سينگهواڙ ۾ سندس بهترين دوست هوندا هئا، ۽ "يا مسلمان الله الله، يا برهمن رام رام" واري اصول جو سختيءَ سان پابند هوندو هو. آن وقت اپر سنڌ ۾ تعليم جو رواج بلڪل گهٽ هو: ملڪزار واري زماني ۾ رهڻ ڪان پوءِ، هن ڪيترن ماڻهن ۽ زميندارن کي پنهنجي خانگي اوقات صرف ڪرڻ سان تعليم مان روشناس ڪري ڇڏيو، ۽ سندس ئي ڪوششن سان ملڪزار ۾ اردو اسڪول قائم ٿيو، جنهن ۾ مون به تعليم ورتي. ان وقت جي بيعلميءَ جي اها حالت هئي، جو هڪ ڏينهن فيض محمد خان جڪراڻيءَ جو تاج محمد نالي هڪ بگٹي بلوچ ٻڪرار ڏوڙندو آيو تہ "راڪو ٻڪريون ڏڪ تي ڪاهي ويو آهي." ڏڪ جي چارج ۾ ملڪزار جي ٿاڻي جي محرر ڪي هئي، تنهنڪري والد مرحوم زرک خان ان بگٹي بلوچ کي ان محرر ڏانهن چٹي لکي ڏني تہ ٻڪريون ڇڏي ڏي. ٻڪرار چا ڪيو جو چٹيءَ واري ڪليل ڪاغذ کي هڪڙي خاليءَ ڪنڊ کان ڇپيءَ سان جهلي آڻي روانو ٿيو، ۽ چار ميل پنڌ ڪري آهو ڪليل ڪاغذ وڃي محرر جي هٿ ۾ ڏنائين، ۽ چيائين تہ "منشي، ايشي آگير نوان اي سياهڙو سياهڙو گار بيان رَوَنٹ!" (منشي، هي وٺ، نہ تہ هي ڪارا ڪارا نشان گم ٿي ويندا!.) منشي خط پڙهي ٻڪريون تہ ڇڏي ڏيون، ۽ ٻڪرار اڇي انهيءَ ضد تي ٻيٹو تہ "منشي صاحب! مون کي اهو ٻڌاء تہ هن ڪپڙي جي ٽڪر (ڪاغذ) تي ڪارن لشانن تو سان ڳالهايو به ڪونہ، ۽ آنهن کي ڏسڻ وقت تنهنجا چپ به نہ چرِيا، پوءِ ٻلا توکي ڪيئن خبر پيئي جو تو سردار جون ٻڪريون ڇڏي ڏنيون!"

مرحوم زرک خان کي شعر ۽ موسيقيءَ سان بيحد دلچسپي هوندي هئي، ۽ پاڻ به شستہ شاعر ۽ نغمه گو هوندا هئا. رباب نهايت سٹو وڄائيندا هئا، ۽ پنهنجا تيار ڪيل بلوچي، پارسي ۽ پشتو پولين جا شعر اڪثر رباب تي گائيندا هئا. پوين ڏينهن ۾ ديري غازيخان جو مشهور گائٹو ۽ شاعر رسول بخش ميراڻي سندس خاص صحبتي هوندو هو، ۽ آن سان گڏ سندس ڪجهريون عام جام ٿيندیون رهنديون هيون. داستان گوئيءَ سان به خاص دلچسپي هوندي هيس، ۽ شعر ۽ راڳ جي محفل ڪان پوءِ، بلوچن جي فرمائش موجب، "داستان امير حمزه" اردوءَ ۾ پڙهڻ

شروع کندو هو، ۽ گڏوگڏ بلوچيءَ ۾ ان جو ترجمو به کندو ويندو هو. هو پنهنجي خيال موجب "داستانِ امير حمزه" کي صحيح داستان سمجهندو هو، ۽ بلوچن کي بديع الزمان بن امير حمزه جي اولاد مان شمار ڪري، ۽ اُن تي فخر محسوس کندو هو. مطلب ته اِنهيءَ قصي کان ايترقدر متاثر هو، جو پنهنجي سوٽ، ڌيءَ پائٽي جا نالا به نمبروار-'حمزو'، 'مقبل' (الاهي بخش) ۽ 'عمر' رکيائين، ۽ چيائين ته وڏي هوندي هو ٽيئي ڀاڻ ۾ دوست ٿي رهندا-۽ واقعي ٽيو به اِئين. اهڙيءَ طرح، سرائڪيءَ ۾ "جنگ نامه زيتون"، مصنف امير بخش، ۽ پارسيءَ ۾ "مثنوي مولانا روم" همشيه مطالعي هيٺ رکندو هو.

ملازمت جي سلسلي ۾ سنڌ، پنجاب، سرحد، بلوچستان ۽ افغانستان ۾ رهڻ ڪري، سنڌي، پنجابي، سرائڪي، اردو، پارسي، پشتو ۽ بلوچي زبانن تي کيس پورو پورو عبور حاصل هو، ۽ انهن سڀني هوڻين ۾ سندس شعر موجود آهي: تنهنڪري کيس 'هفت زبان شاعر' سڏڻ ۾ ڪنهن به قسر جو مبالغو ڪونهي. الهن هوڻين کان سواءِ، ڀاڻ اٽين بروهڪي هولي به چگيءَ طرح ڄاڻندو هو، ۽ اُن ۾ ٻين شاعرن جو ڪلام به ٻڌائيندو هو. جڏهن ڪانئس پڇبو هو ته "اوهين بروهڪي ۾ ڪلام ڏٻا ڇٽو؟" تڏهن چوندو هو ته "بروهڪي کا خاص زبان کانهي، ۽ اها اٽين آهي جيئن دهي ۾ ٽيڪريون؛ تنهنڪري اُن ۾ شاعري ڪرڻ لاءِ دل ئي ڪ ڇاهيندي آهي".

جيئن ته ڀاڻ پنهنجي زندگيءَ جو اڪثر حصو فورٽ سنڈيمن بلوچستان ۾ گذاريائين، ۽ سندس تعليم و تربيت به اُتي ٿي، تنهنڪري ڀاڻ شعر و شاعريءَ ۽ تعليم ۾ پنهنجن استادن منجهان مولوي عبدالحميد خان ڪاڪڙ ۽ منشي عبدالعزيز ديره جاتيءَ ۽ رشيد احمد ڪُلاچويءَ جا نالا ڪٽندو هو. پنهنجي همعصر ۽ ڳهيرن دوستن مان سردار زرغون خان ڀاڻ (نزديڪ زيارت، بلوچستان) ۽ شربت خان ڀاڻ (رٽائرڊ پوليٽيڪل ايجنٽ) کي تمام گهڻو ياد کندو هو. مون کي چگيءَ طرح ياد آهي ته سن ۱۹۳۰ع ۾ جڏهن آءٌ اسڪول ملگزار ۾ پهريون درجو اردو پڙهندو هوس، تڏهن شربت خان ڀاڻ پهريون پيرو پوليٽيڪل ايجنٽ مقرر ٿي ملگزار جي دوري تي آيو هو، ۽ والد مرحوم جي دعوت قبول ڪئي هئائين. اُن جي قيامگاهه تي به شعر ۽ راڳ جي هڪ زبردست مجلس منعقد ٿي هئي.

بلوچي شاعريءَ ۾ مالهو خان بڪراڻي سندس خاص همعصر ۽ ڳهيرو سائي هو، ۽ ٻئي جڏا هڪ ٻئي کي پنهنجا بلوچي رزميه ۽ عشقيه شعر ٻڌائيندا رهندا هئا. مالهي خان جو فرزند ڏاڍمان خان، ملگزار اسڪول ۾ مون سان گڏ اردو پڙهندو هو.

جيئن ته مرحوم زرڪ خان پنهنجو اڪثر ڪلام في البديهي تيار کندو هو، ۽ لکڻ جي تڪليف ڪڏهن به گوارا نه کندو هو: هر ٽئين تيار ڪيل شي سندس حافظي تي هميشه لاءِ محفوظ رهجي ويندي هئي، تنهنڪري سندس وفات کان پوءِ سندس ڪلام به اسان وٽان هميشه لاءِ ويندو رهيو. پلا، اُن وقت ڪنهن کي اهڙو شعور هو جو اهڙا نايابَ جواهر سانڍي رکي،

جي وقت تي ڪم اچن؟ وري به آفرين آهي سندس لنڊي ياءَ منشي عبدالعزيز ڪي، جنهن کيترا ڏينهن ۽ تڪليفون سهي، سندس دوستن وٽان ياد ڪيل ڪلام جو ڪافي ذخيرو ڪٺو ڪيو آهي.

والد مرحوم زرڪ خان سنڌيءَ ۾ ڪلام تمام ٿورو چيو آهي: فقط به ڪافيون هٿ اچي سگهيون آهن، جن مان هڪ مولوي قادربخش ڪوٽ ڪاپاري (تحصيل نصيرآباد، بلوچستان) واري جي تتبعي تي چئي هٿائون. مولوي صاحب سندن همعصر ۽ صحبتي هو. مون کي ڏاڏي والد مرحوم جي چاچي سبزعلي خان ٻڌايو ته "مولوي قادربخش هڪ نهايت پُرگو شاعر هو، ۽ مولانا عبدالغفور صاحب همايوني 'مفتون' سندن خاص همعصر ۽ صحبتي هوندو هو." هڪ پيري صحبتپور (بلوچستان) ۾ اهي سيئي بزرگ اچي ڪٽا ٽيا هٿا، جتي مولوي قادربخش صاحب پنهنجيون ڪيتريون ڪافيون ٻڌايون، جن مان هڪڙيءَ ڪافيءَ جو ٽلهه ۽ نالي وارو ٻول هيءَ هو:

روئندي يار ڇڏيو، سر ۾ ڇڏيون ويا مان ڪي!
ڇڏه دلبر مان وٽ آيو، ناهه ڏٺيءَ جا ٺاهي،
ڇڙ لڳو پوءِ مان ڪان، "قادربخش" هيءَ چا هي؟
سينو سيني سان لائي، ڪلندي ڪنيون ويا مان ڪي!

اهو ٻول ٻڌندي ئي، مولانا همايوني هڪدم ٽپ ڪائي آٿيو. مولوي قادربخش ڪي ڪٽي سيني سان لڳايائين، ۽ چيائين ته "يار، بخت ته تنهنجا، جو سڄڻ توکي ڪلندي ڪنيو ويڃن!" مجلس برخاست ٿيڻ کان پوءِ مرحوم زرڪ خان به انهيءَ ڪافيءَ جي تتبعي تي هيٺيون ٻول ٻڌو:

ڪان قريبي دل ۾، محب هٿيون ويا مان ڪي!
گهر گهر ٿيون گلزاريون، دوست ڏيون دلداريون،
مفت مٺيءَ ڪي ماريون، بيرهه بڇيون ويا مان ڪي.
بيحد ڪيون مان دانهان، هٿڙا ٻڌي ٻئي ٻانهان،
دل تي ڪري سَو ڪاهان، ماٺ چٽيون ويا مان ڪي.
سُور وڏائون چولي، زخم وڏائون ڪولي،
ميڙيون هوليون هولي، لات لٽيون ويا مان ڪي.
تَن "زيرڪ" ويو تڪجي، پَرڙا ٻيا سڀ ڇڪجي،
باز برابر بڪجي، جهٽ ۾ ڪنيون ويا مان ڪي!

مولوي قادربخش جو سنڌي ۽ سرائڪي ديوان سندس ياءَ ميوي فقير وٽ موجود آهي، ميوو فقير اسان جي چاچي سبزعلي خان جو خاص دوست، ۽ حضرت سلطان باهو رحمة الله عليه جي سلسلي موجب سندس پير-پائي آهي. تازو ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي سنڌ جي مشهور موسيقار سيد عبدالرزاق شاهه شڪارپوريءَ به مولوي قادربخش جي ڪلام لاءَ مٽين شاعدي

ڏني ، ۽ سندس ڪلام جي بيحد تعريف ڪئي. اهڙيءَ طرح ، چاچو سبز علي خان ، جيڪب آباد ڪان ٽٽڻين علائقي ، شاهپور ، لهڙي ، ڪنڀار شريف ، مڙي ، محمود فقير جي لالڙي ، پاڳ ۽ ٻين ڪيترن شهرن جي شاعرن ۽ سگهڙن جو اڪيچار سندي ۽ سرائڪي ڪلام ٻڌائيندو آهي. موجوده دور ۾ ته فتحپور ۽ ان جي آسپاس ، سائين رڪيل شاهه جو فرزند سائين پيزل شاهه ۽ سندس درگاهه جا ٻيا ڪيترا سندي ۽ سرائڪي شاعر موجود آهن ، ۽ سڀيءَ ۾ هڪ ٻن مشهور سندي ۽ سرائڪي شاعرن جو ڏس ملي ٿو: مگر افسوس ، جو سنڌ کان ٻاهر انهيءَ پاسي ڪنهن به صاحب توجهه ڪونه ڏنو آهي ، ۽ ڪيترائي سندڙيءَ جا لعل اسان جي نظرن کان اڃا تائين لڪا پيا آهن.

مرحوم زرڪ خان سندي شاعرن مان سچل سائينءَ جي ڪلام کان تمام گهڻو متاثر هو ، ۽ سندس اڪثر سرائڪي ڪافيون رباب تي گائيندو هو. جيترڪدر آڳ پنهنجي حافظي تي زور ڏيئي سوچيان ٿو ته معلوم ٿو ٿئي ته سچل سائينءَ جون گهڻيون اهڙيون سرائڪي ڪافيون ، گائيندو هو ، جي هن وقت سندس چپيل رسالن ۾ موجود نه آهن-جيئن ته هڪڙي اردو ڪافيءَ جا هيڏيان ٻه شعر مون کي ياد رهجي ويا آهن:

عدم سے تم نهين آئے ، ارے نادان پردیسي!

ٽوٽي هے آس کي ڈالي ، روتا هے باغ کا مالي ،
باغيچه هوگيا خالي ، ارے نادان پردیسي!

"سچل" کے بال هين کالے ، پلاؤ دودھ کے پالے ،
الله سائين خاک مين ڈالے ، ارے نادان پردیسي!

انتخاب

پشتو ڪلام

(مون والد مرحوم زرڪ خان کي پنهنجي ننڍپڻ ۾ هڪ پشتو غزل جهونگاريندي ٻڌو هو ، جنهن جا ٻه شعر اڃا تائين ياد اٿم ، ۽ شايد سندن ئي طبعزاد ڪلام آهي.)

زڑه مين پردي خوشحال شو ، که خير الوريٰ پيدا شو:
لسمبر آو آمده خسير السوريٰ. خسيرالبشر.

زڑه من پردي خوشحال شو ، که سلور يار پيدا شو:
اول يارِ نسبي ، ابو صديق معتبر.

زڑه من پردي خوشحال شو ، که شيرِ خدا پيدا شو:
پا نصرةِ حيدري کافران را دربدر شو.

پارسي کلام

نہ بهرِ عیش در دُنیا، گل و گلزار مي خواهم،
الهیٰ، از تو عشقِ سیّد الابرار مي خواهم۔
پریشانم، پشیمانم بعصیان و سیه بختي،
برای گلشنِ اُمید، برگ و بار مي خواهم۔
شبِ تاریک و من تنها، کجا بینم نشانت را،
بشوقِ راهِ عرفان، مطلع الانوار مي خواهم۔
فدا سازم دل و جان را، درِ راهِ غمِ جانان،
شهیدِ عشق هستم، جذبهٔ ایثار مي خواهم۔
مکن پابند دردامِ هوس این مرغِ "زیرک" را،
رهائي ده، که حبِّ حیدرِ کرّار مي خواهم۔

اردو کلام

مرے اس گلشن امید میں، یا رب، بہار آئے،
مرے دل کو قرار آئے، اگر وہ گلعذار آئے!
نہ چھوٹے ہاتھ سے میرے جہان مین صبر کا دامن،
مصیبت زندگي میں سَر پہ گر لیل و نہار آئے۔
گئے سب ہاتھ خالي دولتِ دُنیا کي نعمت سے،
ہزارون مردِ کار آئے، ہزارون نابکار آئے۔
مرا سایہ بھي جب مجھ سے ہوا فرّار جاتا ہے،
بھلا وہ کونسي ہے چیز، جس پہ اعتبار آئے؟
زبان اپني سے ہر لمحہ خدا کا نام لیتا رہ،
کبھي لب پر تیرے "زیرک" نہ ذکر روزگار آئے!

بلوچي کلام

آشتین دو دان بعض زهیران، هجر لیاما ششغان ورنا،
اِشتوعادت ناز جمالشي، جلد بیایي میرغان ورنا!
وَرَغ چَرَغ دي لیلي ورنا، ٹونک ٹنوار نہ کنغان ورنا،
بیسا جان ٹُران ني دِوَلا، گوید گُدا اِنني وَرغان ورنا!
گند گنوخان، بَدکرداران، کوهان گون سَر جَنغان ورنا،
مَنان شمشتو یار شُزئي، ٹَرا، گیر کُزو مان گریغان ورنا!
مست موالي "زَرک لاشاري" جام شراوَئي ٹینگغان ورنا،
حامي این مَي حضرت حیدر، دگر کسي نا گیندغان ورنا!

پنجابي کلام

گئي رات فراق دي ڈھل، ماهي!
سادے لال نے کيتی گل، ماهي!
آدھي تک تکدے چھپ گئے تارے،
دھي ويلے گيا پھير چل ماهي۔
کون ھے جس تھون اس دنيا وچ،
جاوے تير قضا دا ٹل، ماهي؟
تيري شان ھے چنگي، چنگا کرنا،
اسان بھيڑيان نوں لاوين گل، ماهي!
"زيرک" نوں غم زير چا کيتا،
گيا درد ھے دل وچ پل، ماهي!

سندي کلام

روئندي ڈسان ڈي واٹان، اجهي ٹا وجن منهنجا جوگي جالي!
مرليون وجائي، مست بنائي، نانگ لچائي، ڈوڈ ڈکائي،
غم جون ٻاري لاٹان۔ اجهي ٹا وجن منهنجا جوگي جاني!
جيڙي ڪري ويا مان سان جدائي، وڃ وڻ سان آهي منهنجي وائي،
روئندي روئندي پيئي ڦاٹان۔ اجهي ٹا وجن منهنجا جوگي جالي!
نا ڪوئي اوهي، نا ڪوئي واهي، فکر فراق جي ڪل ۾ ڏاهي،
ڈينهن ڪوڙا ڪاڻي ڪاٹان؟ ۔ اجهي ٹا وجن منهنجا جوگي جاني!
"زيرک" زوران زور زوراور، دلڙي کسي ويا دوست دلاور،
ڏيڻ وسائن ڇانسان۔ اجهي ٹا وجن منهنجا جوگي جاني!

سرائڪي کلام

پنهل نال وت پيچ پا پيئي آن مٹن،
جليل جان ڪون وت ڄلا پيئي آن مٹن۔
اها برھے بازي بٹا پيئي آن مٹن،
سوين سور سر تي سها پيئي آن مٹن۔
اکين نال آرني آڙا پيئي آن مٹن،
چٹل جندڑي کون ڪسا پيئي آن مٹن۔
جڏان ھوش سارا ڪنوا پيئي آن مٹن،
تڏان نام "زيرک" سڏا پيئي آن مٹن۔

(۲)

آيا هي جوگي يار- سُرلي وجاوي، مست بثاوي!
آيا دلبر ديول پيارا، چوڑ ڪر اهين تخت هزارا،
گهر گهر ٿيا گلذار- گيت خوشي دي هر ڪوئي گاوي!

مرلي ماهي دي محبت والي، دلڙي جئين تي ٿي متوالي،
عشق ڪيتس اظهار- لينهن دي ڏانگي لانگ نچاوي!

جوگي آوي ٽردا ڦردا، مالڪ ميڊي ساهه تي سردا،
دوست مٹا دلدار- آوي دل دا درد ڪهٹاوي!

"زيرڪ" جوگي يار زوراور، ديول ڏلينڊا دوست دلاور،
دو جڳ دا سردار- عيب اساڏي آ بخشاوي!

مقبول احمد بلوچ

قاضي محمّد ’عرس‘

مرحوم قاضي محمد عرس ولد مرحوم قاضي محمد يوسف، ساكن لنواري شريف، سال ۱۸۷۳ عيسويءَ ڏاري لنواري شريف ۾ تولد ٿيو، ۽ سال ۱۹۳۳ع ڏاري، اڻكل سٺ ورهين جي ڄمار ۾ وفات كيائين. ٽر ۾ عجيج فقير جي پٽ تي، شيرواهه جي چوڙ وٽ، هيبت فقير جي ڏكڻ اوپر ۾، ڏوري پراڻ جي اپرندي طرف مدفون ٿيل آهي.

قاضي صاحب مرحوم فارسي ۽ سنڌيءَ جي تعليم لنواري شريف ۾ حاصل كئي هئي، جتي ان وقت وڏو علمي درسگاهه هو. مٽيارين جي ٻن اعليٰ هستين، مولوي ولي محمد ۽ مولوي محمدعلي، كان ٻڌ فارسي جي تعليم پرائي هئائين.

قاضي محمد عرس نندي هوندي كان رنگين طبع، صوفي-خيال ۽ حسن-پسند هو. هن جو نندي هوندي كان پنهنجي سوت گل محمد سان گهڻو پيار هو-جاكاڻ ته هو تمام سهڻو هو. اهوئي سبب آهي جو سندس غزلن ۾ گهڻو كري "گل" جو تالو تخلص طور كم آندل آهي. كن كن غزلن ۾ پنهنجو تخلص "عرس" ڏنو اٿس.

قاضي عرس عباسي خاندان مان هو. پاڻ ٽر جي شيخن مان شادي كئي هئائين، جي عجيج فقير جي پٽ جي پر ۾ رهندڙ آهن. انهيءَ شاديءَ مان قاضي صاحب كي هك پٽ ٿيو، جنهن جو تالو محمد عمر آهي، جو هن وقت تائين زنده آهي ۽ پنهنجي نانائن ۾ رهي ٿو.

قاضي صاحب جي سوت قاضي علي محمد گهاله كئي ته قاضي صاحب مرحوم قمار بازي ۾ بلكل ماهر هو، ۽ پيشگوئي كئي هئائين ته جڏهن كيس هاڻي جا پيل كپڙا سندس دوست ۽ عزيز ڏسن، تڏهين كين هك سمجهڻ گهرجي ته هاڻي عرس هنن كان موكلائڻ وارو آهي. ٿيو بہ ائين لنواري شريف ۾، سالن جي مهيني ۾، ٽڏڙيءَ جي ڏڻ تي، قماربازي كري، هك وڳو هاڻي جو سبائي، بدن تي پهري، سڀني دوستن ۽ عزيزن كان موكلائي، جئن روانو ٿيو، تئن وري نہ موٽيو-پنهنجي ساهراڻي ملك ۾ فوت ٿيو. سندس چوڻ هو ته "منهنجو موت اهڙي هنڌ تي ٿيندو، جتي هروقت بلبلون هوليندیون رهنه يون". سو، قاضي صاحب مرحوم اهڙي هنڌ تي ئي مدفون ٿيل آهي، جتي وٽن جا وڏهه لڳا پيا آهن ۽ ذات پكي هروقت پنهنجون مٽيون لاتيون لنوندا رهن ٿا.

قاضي صاحب مرحوم سيلاني طبيعت جو انسان هو، مشهور شهر ۽ بستيون، ڏوري وڃي ڏيون هنائين. نبيسر جو ڳوٺ، جو ڏوري پراڻ تي سندس ڏينهن ۾ هڪ شاندار ڳوٺ هو، ان تي هڪ وڏو غزل چيو اٿس، جنهن جي پهرين تڪ هيءَ آهي:

"پسي نڪتا نبيسر جا، آئي مون کي لذت لنواريءَ جي".

قاضي عرس سنڌي غزل جو هڪ بينظير شاعر هو. لاڙ ۾ سندس ڪلام بيحد مقبول آهي. پاڻ اردو ۽ فارسيءَ ۾ به طبع آزمائي ڪندو هو.

لاڙ جو مشهور شاعر ۽ عالم، مرحوم مولوي حاجي رمضان جت، ساڪن ٻڙ جو ڏورو (ڏوري پراڻ جي شاخ، بدين تعلقي ڪيڻ ڪان هيٺ)، سندس همعصر هو. سندس پيو مڪ همعصر هو مولوي احمد ملاح، جو حال-حيات آهي، ۽ هن وقت سنڌ جي بهترين شاعرن ۾ شمارجي ٿو.

ڪلام جو نمونو

توئي سرتاج سبحاني، محمّد يا رسول الله!
بخش زين حال حيراني، محمّد يا رسول الله!
اميدون عرضدارن جون سدا تنهنجي سخاوت ۾،
نظر ڪر نور رحماني، محمد يا رسول الله!
سوين سائل تنهنجي در تي وتن مخمور منجهه محبت،
سوين ڪن ساهه قرباني، محمد يا رسول الله!
الدر جي آرزو منهنجي، سڀي روشن نظر تنهنجي،
فقر جنهن ڪان ٽيس فاني، محمد يا رسول الله!
بحر درياءِ عنايت جو، جڏهين آهين سخاوت جو،
تڏهين ڪير حال نيشاني، محمد يا رسول الله!
اٿوَ معلوم سڏ سيڪا، ڪريان تنهن جي حڪايت چا،
وتان ٽيو ويس ويراني، محمد يا رسول الله!
اهوجهن کي اچي، اڪمل، آڪارج سير هيءَ افضل،
سنيارج هيءَ سدا خاطي، محمد يا رسول الله!
پسي ديدار جي در کي، يقين آيو سدا "گل" کي،
ويو آزار ارسالي، محمد يا رسول الله!

●

مخفي رهه محبوب سان، ظاهر ڏنڌا سڀ دور ڪر،
جسڙن چوي اوجان ۾، تڙن من اندر منظور ڪر.
منجهه اٿئي مسجد منارا، منجهه مدينو ۽ مڪو،
قلب کي ڪعبو بنائي، تن تپائي طور ڪر.

پل پراهون لاهي پرور، ويـر ويجهو ٿـو وسي،
سـاهـ ۾ سـوچـي سڄڻ، وسواس کل وهلور ڪر.

تو ۾ تـکـيـو تختگاهـ، ۽ تو ۾ ديرو دوست جو،
ورق واري پس وصل کي، ڏاکـڙا ڏک ڏور ڪر.

نينهن جـو نيشان چاڙهي، ٿي نـڏر نالـگو نسنگ،
گالهـ ڪجهـ جي ڪيـر ڪنهن سان ملڪ ۾ مشهور ڪر.

صاف صورت جي سجاڻين، تان اکين سان ڏس عجيب،
درّ دنيا جي دم زنيءَ جا، مـرد ٿـي معمور ڪر.

"گل" گدائيءَ ۾ وجـائـي تـو ادا پنهنجي عمر،
عشق سان الفت رکي، تنهن مَي سان دل مخمور ڪر.

●

هن لعل روءِ جي لال لب مرجان موهيا،
لـک شوق شعلـ شمع جي پروان موهيا.

حيران حُسن صاف تـي انسـان موهيا،
رخسـار پـاڪ يـار تـي حيـوان موهيا.

زنـجـيـر زلف پيچ پـهـلـوان موهيا،
سپ شيخ شاب مـولـوي سلطان موهيا.

گلـزار "گـل" هـزار زنـخدان موهيا،
ايـمـان دين کـي چـڏي رضـوان موهيا.

(فارسي)

شها! دست بستم، گنهگار هستم، مي بخشي خطاها، مي بخشي خطاها!
تو درگاهِ عالي، منم دست خالي، سحر شام سوالي، ميخواهم عطاها!
تو معراج صاحب، مي بيني عجائب، که برحالِ ما کن لوازش لگاها!
ملائک فلائک، همه انس عاجز، که بر در تو آمد چنين "گل" گداها.

اسدالله شاهه "اسد" ٹکڑائی

حافظ محمّد هارون "دلگير"

حافظ محمد هارون "دلگير"، ولد حافظ محمد يوسف، موجوده ٹکڙ ۾ جائو. علامه يوسف ڏارين شاگردن کي ئي فرش تان کٹي عرش جو سير ڪرايو، سو هيءَ ته سندس فرزند هو: اهڙو ڪري چڏ ڀائينس، جو پچاڙيءَ ۾ ڪائنس بہ گوءِ کٹي ويوا علامه يوسف جو علم هميشه ڪر جيان وسندو رهيو- انهيءَ مان جن طالبعلمن قطرا جهڻيا، تن مان سندس هن لائق فرزند جو رتبو سڀني کان مٹي هو. اهي علم جا قطرا، جي سڀ وانگر سندس دهن ۾ داخل ٿيا، سي سڀ ماڻڪ بنجي دنيا ۾ آيا. ڀارهن سالن جي ننڍيءَ عمر تائين، "دلگير" مرحوم پنهنجي ڀيءُ وٽ ڀارسي، سنڌي ۽ فقه پڙهيو، ۽ ان سان گڏ قران شريف بہ ياد ڪيائين. ۱۳۱۱ھ کان ۱۳۱۶ھ تائين، علامه اسدالله شاهه "فدا" وٽ عربيءَ جي تعليم حاصل ڪيائين؛ ۱۳۱۶ھ ۾ آقا محمد حسين جان کيس پنهنجي فرزندن- هر هڪ محمد اسماعيل جان ۽ محمد يعقوب جي تعليم لاءِ مقرر ڪيو. حافظ صاحبزادن کي تعليم ڏيڻ سان گڏ خود بہ پير صاحب جي صحبت مان جهجهو فيض ورايو. ڏينهن ۽ رات جي رهائين ۽ شعر و شاعريءَ، "دلگير" جي قلم ۽ خيال کي ڪافي قوت عطا ڪئي. پيرصاحب خود بہ "دلگير" کي نثر ۽ نظم ۾ دل کولي داد ڏيندو هو. اهو سلسلو ۱۳۲۸ھ تائين هليو، جيستائين پير صاحب ٹکڙ ۾ هو.

هنن برگزيدن جو سواءِ درس و تدريس جي ٻيو ڪوبہ ذريعہ آمدني ڪونہ هو، تنهنڪري مفلسيءَ جو مڙئي مٹن مارو رهندو هو. حافظ يوسف جي وفات کان پوءِ، سندس درسگاهہ "دلگير" جو دامن جهليو، ۽ "دلگير" جي سرچشمہ فيض مان گهٹائي علم جا اجايل سيراب ٿيا. سعيدپور واري سيد محمد ڪامل شاهه مرحوم جو "دلگير" سان خاص قرب هوندو هو. سندس خط و ڪتابت جو ڪم "دلگير" تي ئي هو. جڏهن بہ سندس صاحبزادا گرمين جي موڪلن ۾ ڳوٺ ايندا هئا، تڏهن يڪدم "دلگير" کي گهرائيندو هو، ته اچي کين ديني تعليم ڏئي. حافظ صاحب کي ڪامل شاهه مرحوم کان چگي رقم ملندي هئي. جيئن ته اڳي گهٹو ڪم ڀارسيءَ ۾ هلندو هو، انهيءَ ڪري "دلگير" خط بہ لکن، شادين جي دعوتن جا مسودا ٹاهڻ، ڪنهن جي ولادت يا وفات تي قصيدن يا مرثين چوڻ مان ڪجهہ نہ ڪجهہ رقم حاصل ڪري وٺندو هو؛ مگر

تڏهن به گذر سفر آجو اگوندرو نه ٿيندو هوس. "دلگير" حافظ خاندان جو پهريون فرد هو، جنهن پنهنجي گذران لاءِ ٽڪڙ کان ٻاهر نڪري هٿ پير هنيا.

"دلگير" نهايت اعليٰ پايي جو خطاط هو. ڪيترا ليٿو پريسن وارا، حافظ صاحب کان ئي پنهنجا ڪتاب وغيره لکائيندا هٿا. گهٽا شوقين اصحاب، نايابِ قلمي ڪتاب وٽانئس لکائيندا هٿا. ان وقت ٽڪڙ مان لکندڙ رسالن "بهار اخلاق" ۽ "الاصلاح" جا اکر حافظ صاحب جا ئي آهن. علامہ اسد الله شاهه جي لکيل ڪتابن جا قلمي نسخا به حافظ صاحب ئي لکيا متعلوي ساداتن جي پراڻي شجري کي اتاري نئون ڪيو ويو، سو به حافظ صاحب جي هٿ جو ڪرشمو هو، جنهن جو عيوضو ڪيس کي مڻ اناج ۽ ڪجهه روڪڙ ملي. انهن اکرن کي ڏسيو، مرحوم کي داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي.

مرحوم کي فارسي نظم ۽ نثر لکڻ ۾ ايتري قوت حاصل هئي، جنهن تي وقت جا نامور فاضل حيرت ۽ رشڪ ڪائيندا هٿا. فارسيءَ جي طرز ۾ نهايت تيزيءَ سان مضمون لکي ويندو هو. سليس فارسي لکڻ ۾ سندس طرز تحرير بيمثال آهي. مرحوم سنڌي زبان جو به هڪ سٽو انشا پرداز هو. سندس مضمونن کي جيڪڏهن گڏ ڪري شايع ڪجي، تہ هوند پارسي ۽ سنڌي زبانن جو هڪ سٽو لٽريچر هٿ اچي وڃي ها؛ مگر افسوس، زماني جي لاهين چاڑهين جي ڪري اهي جواهر پارا اهڙي اهڏ ۾ اچي ويا، جو هاڻ انهن جو ملڻ مشڪل آهي—صرف زباني روايتون وڃي رهيون!

"دلگير" جي وفات کان پوءِ، سندس پاءُ "بسمل" مرحوم اٽڪل ويهارو سال زنده هو، مگر ان کي به پريشانين ۽ غربت ايڏي فرصت ئي ڪانہ ڏني جو رکو پنهنجو ڪلام گڏ ڪري، سو هيءَ تہ پاءُ هوس.

حافظ صاحب جي وفات نهايت پر درد ٿي. ۱۳۴۰ھ ۾ ڪيس هڪ پٽ ڇاڏو، جنهن جو نالو محمد فاروق رکيائين. هن جي پيشانيءَ ۾ نندپڻ کان ئي بزرگيءَ جا آثار موجود هٿا. جيئن جيئن وڏو ٿيندو ويو، تيئن تيئن حسن صورت سان گڏ حسن سيرت ۾ به ترقي کندو ويو. اهڙو اولاد هونئن به هر هڪ رشتيدار جي دل ۾ گهر ڪري ويندو آهي، مگر هيءُ جو مٺس گهٽو پيار هوندو هو. قضا ۽ قدر جي ڪير آڏو اچي؟ معصوم محمد فاروق، ۴ ذوالقعد ۱۳۵۲ھ ۾ وفات ڪري، هيءُ جي جڙ ڪمر توڙي وڌي. الهيءَ ڏينهن کان حافظ صاحب غمگين گذارڻ لڳو. پوري چوٽين مهيني، يعني ۱۱ ربيع الاول ۱۳۵۳ھ، آچر جي ڏينهن، منجهند مهل، جيئن سعيد پورمان گهوڙي تي چڙهي گهر پهتو، ۽ هنجي سهنجي اڃان مانيءَ تي ويٹوئي کولي، تہ ڪيس رتُ جي الٽي آئي، ۽ جيسين حڪيمن جو هٿ رسي، تيسين هن مفلس مفڪر جو روح قفس عنصريءَ مان پرواز ڪري ويو—انالله وانا اليه راجعون!

شاعري.

شاعري "دلگير" جي گهر جو ورثو هو. وري شاعرن جي صحبت سندس سمند خيال کي خوب جولان بخشيو. طبيعت ايتريقدر روان هوندي هيس، جو ڪنهن به 'طرح' تي هڪدم

شعر چئي ويندو هو. جن ڏينهن ۾ "مخلص" روپوش ٿي ٽڪڙ ۾ آيو، انهن ڏينهن ۾ ٻنهي جا خوب مشاعرا ٿيندا هئا.

هڪ دفعي، صبح جو سوير، "مخلص" مرحوم بازار ۾ آيو، ۽ بازار ۾ ماڻهو معمول کان قدري گهٽ ڏسڻ ۾ آيس: پريان حافظ صاحب به ٻيٽل هو؛ "مخلص" چيو:

"اڙي يارو سبب ڪهڙي وسي ويران ٿي ڏسجي؟"

حافظ صاحب يڪدم گرهه ملائي-

"خدا جي خلق جنهن ۾ جا ٻجا حيران ٿي ڏسجي!"

ٻوءِ ائين ڪلاڪ اڌ تائين ٻاڻ ۾ ڏي وٺ ڪندا هليا.

هڪ دفعي مخلص هيءَ مصرع ميدان ۾ آڇلي:

"وئي هلي نيٺ آبرو منهنجي"

حافظ صاحب ٿهه ٻهه چيو:

"ملڪ ۾ آهه گفتگو منهنجي، شهر ۾ آهه جستجو منهنجي،
عشق بازيءَ ۾ يار جي، هيهات، وئي هلي نيٺ آبرو منهنجي"

"دلگير" جو جيڪو به ڪلام هٿ آيو آهي، الهيءَ مان معلوم ٿوٽي ته ٻاڻ سنڌي شعر تمام گهٽ چيو اٿس، سو به سڄو پارسي زبان جي ترڪيبن، محاورن استعارن ۽ ڪنايان سان پريل آهي. سنڌيءَ ۾ ڪي ته اهڙا شعر به اٿس، جو سواءِ پارسي دان جي ٻيو ڪو سمجهي ۽ ڪوڙ سگهندو. البت، هڪ غزل هٿ آيو آهي جو سڄو صاف سنڌي، تجنيس حرفي ۽ خاص سنڌي محاورن سان سينگاريل آهي. چند بند ملاحظه ڪريو:

سڄڻ جي سڪ ۾ ويو سينو سڙي اڄ،
هرين ڏارا هير ڳوڙها ڳڙي اڄ.

جدائيءَ جو جيڙ ٿيو، تنگ دل ٿي،
ڪنگهر ڪهاريان بنا تنهنجي ڪهڙي اڄ.

ٻڌم ٻانڊاڻ تو سان ٻيڙ ٻختو،
ٿيس آڳ ڪڙم ۾ ڪامل ڪڙي اڄ.

لکون لاهي وهي ٿو لير ليٽين،
ڪري لائق اڄ، لالن! لڙي اڄ.

حافظ صاحب جو ڪلام پڙهڻ سان ماڻهو منجهي لٿو. هر غزل قصيدي، مرثيي، لظم وغيره ۾ روالي آهي.

اڄ وري ڪنهن ساڻ دلبر بزم آرا آهه ٿيو،
منهنجي خاران ۾ ٻين سان باده پيما آهه ٿيو!

هاءِ محرومي، جو عرضِ حال ۾ مشڪل لڳي،
نامہ بر جو حال ڏيندي بند گويا آه ٿيو!
هل وري هيڪر ڏسون حسن وجمال روي دوست،
دل ۾ هي "دلگير" ڪي اڄ شوق پيدا آه ٿيو!

شعر جي لاءِ، خوشيءَ ۽ رنج ۾، "دلگير" اهي زوردار لفظ ڪر ٿو آڻي، جو پڙهڻ سان دل نہ چاهيندي تہ سندس ڪلام اڌ ۾ ڇڏي ڏجي. سندس غر ۾ پڙهندڙ جو غر ٿيو ٿوي، ۽ سندس خوشي پڙهندڙ جي خوشي:

ٿيو آهہ درد ڪان بي رنگ اڄ بيان منهنجو،
ستر جي خون ۾ ٿيو غرق داستان منهنجو،
وڃي ٿو تابفلڪ شورِ الامان منهنجو،
ڏسي هي ظلم ويو تاب ۽ توان منهنجو:
لڳان آڳ ڪهڙي طرح دردِ دل سندو احوال،
جو باهہ فرقت ڪان قلب ٿيو سڙي پامال!

نہ جوشِ علم رهيو، ني رهيو بهارِ سخن،
رهي نہ ملڪ ۾ رعنائي و وقارِ سخن،
رهيو نہ آهہ پيو گل ڪو يادگارِ سخن:
مٽي هوا ۽ ڦري ويئي ملڪ جي حالت،
نہ آهہ ڪنهن ۾ بشر جي اندر ڪي ڪا فرحت.

پنهنجي والد محترم جي وفات حسرت‌آيات تي حافظ صاحب جيڪا خونفشاني ڪئي آهي، تنهن جو هڪ بند ملاحظہ ڪريو، ۽ سندس قلم جو زور ڏسو.

برخيز كه آه از دلِ ناشاد بركشيم، غوغای نوحه و نالهٔ بيداد بركشيم.
چون شمع سيلِ اشك فشانيم بر زمين، از سوزِ دل غريق چو فرهاد بركشيم.
آواز دردناك رسانيم بر فلك، وا حسرتا، بعالمِ ايجاد بركشيم.
از رودِ آه روي فلك را سيه كنيم، پاداش زين ستمگر جلاد بركشيم.

منظر نگاري حافظ صاحب جي ڪلام جي خصوصيت آهي. خاص ڪري مرثين ۽ قصيدن ۾ حافظ صاحب ڪمال ڪريو ڇڏي. چمن جو سير ڪريو:

باغ ۾ بلبل ٿي گهائي اڄ ترانو عيد جو،
گل ڪليا، گلشن ٽڙيا، آيو زمانو عيد جو،
نو بهار آيو، چمن ٿيو آستانو عيد جو،

وات ۾ هر هڪ کي آهي داستانو عيد جو
عيد هيءَ گهڙي، ڏني جنهن ڪامگاريءَ جي نويد،
غنچهٔ دل کي ملي اڄ نو بهاريءَ جي نويد!

باغبان حيرت ۾ ٻيو هن ساز سامان کي ڏسي،
تخت گل مهندان وري بلبل غزلخوان کي ڏسي،
سروءِ شمشاد تي قمري خوش الحان کي ڏسي،
سبزهٔ لورس تي ابرِ گوهر افشان کي ڏسي:
ڪاڪلِ مشڪين ڪيي، سنبل سنواريو پاڻ کي،
لسترن ۾ قابلِ نظاره ڪاريو پاڻ کي.

شيخ لورمحمد مرحوم جي فرزند جي پيدائش تي باغ جو منظر ملاحظه ڪريو:

بحمدالله که کارم خوشتر افتاد، غم و محنت ز عالم گشت برباد!
نسيم صبح در بستانِ عالم، سحرگه مژده و تهنيتي داد؛
صبا از لاله و گل و عطرپيزي، برای لاله رويان کرد ايجاد؛
گشته در چمن شيرازه نسرين، فشانده عنبر ترجعد شمشاد؛
گل اندر جلوه گاه خوشز باني، حديث از مطرب و مئي کرد ايجاد؛
عروسان بهاري پرنيان پوش، ز جام ارغواني مست و دلشاد؛
قدح در دست مستانِ برلب جو، کفِ ساقي ز بخشش ابر جواد؛
بنفشه بر کنارِ جوئباران، چوخطي برلبي خوبان نوشاد؛
قدِ سرو سهي در طرف بستان، دهد از قامتِ شيرين لبان ياد!

"دلگير" ڪنهن اوچي خيال کي نهايت مختصر لفظن ۾ سلاست سان ادا ڪري ٿو-

لڳاءِ وصل جو لله يا نبي مرهم،
آهِ هجر تنهنجي ۾ مدت کان دلفگار آهيان؛
خدا جي واسطي محشر ۾ ڪج ڪا منهنجي مدد،
گناهگار سراپا سياهڪار آهيان.
گهرايو مون کي مدينو ۾ جلد يا حضرت،
همميشه درد جدائيءَ کان بيقرار آهيان.

حافظ صاحب پنهنجي ڪلام ۾ ڪڏهن "هارون"، ڪڏهن "دلگير" ۽ ڪڏهن "حافظ" تخلص ڪم آڻيندو هو. اها خبر نٿي پوي ته پاڻ پنهنجو ڪو بياض به ڏاهيو هٿائين يا نه- نهايت گهٽيءَ جستجو کان پوءِ جيڪو سندس ڪلام هٿ لڳو آهي، اهو ردي پنن، پراڻن لفافن ۽ مني آرڊر جي ٽڪرن تي، ڪجهه پينسل سان ڪجهه مس قلم سان، لکيل آهي.

کي پنا ٿا اهڙا آهن، جو هت لائق سان پريو ٿا ٿون. کي وري گهٽيءَ ڀاڪ ڏوڪ جي ڪري سمجهه کان ٻاهر آهن. سندس ڪلام جي ايڊيٽنگ جي جستجو جاري آهي. نموني طور ڪلام جو انتخاب پيش ڪجي ٿو.

آفتاب علم

روشن ٿيو جهان ۾ جڏهين آفتابِ علم، ڪوليو جڏهين دلبر ازل جي ڪتابِ علم،
مفتوح ٿيو زماني ۾ جنهن وقت بابِ علم، قدرت جڏهين ڪئي دل انسان مناب علم:
پيدا ٿيو نورِ علم بشر جي دماغ ۾،
الله ڪيو فروغ عطا ان چراغ ۾.

طوبيٰ ڪان خوشنما نظر آيو نهالِ علم، روشن ڪمالِ مهر ڪان ازون ڪمالِ علم،
ٿيو رشڪِ حسن حورپريءَ جو جمالِ علم، الله جي وصال جو زينو وصالِ علم:
لاريب، راهِ راست جو ٿيو علم رهنما،
پڻ معرفت خدا جو اهو آهه پيشوا.

جڏ تند بادِ علم ڪان گر ٿيو سحاب جهل، تڏ سڀ عوام جي تان لهي ويو عذابِ جهل،
ڪاشانهٔ جهان جو ٿيو بند بابِ جهل، ڪانون دهر ۾ نه رهيو التهابِ جهل:
چهرو ٿيو نورِ عقل ڪان آئيني جي مثال،

... ...

دريا جي ٿيو بشر، تہ انهيءَ جو گهر ٿيو علم، ذاتِ بشر چمن، تہ شجر بارور ٿيو علم،
انسان جي شجر، تہ انهيءَ جو ثمر ٿيو علم: جي آدمي ٿيو چشم، تہ ان ۾ نظر ٿيو علم:
با علم هوءِ، تہ نيڪ ۽ پڻ با صفا ٿئي،
بيعلم هوءِ، تہ آدمي انسان ڇا ٿئي؟

انسان جو ڪمال جي آهي تہ علم آهه، هڪ مثال لازوال جي آهي تہ علم آهه،
تصويرِ بي جمال جي آهي تہ علم آهه، تنويرِ بيمثال جي آهي تہ علم آهه:
پرديس ۾ جي يار ۽ مونس تہ علم آهه،
غربت ۾ غمگسار ۽ مونس تہ علم آهه.

بيعلم، بيفروغ، اگر رشڪِ حور آهه، جي علم هوءِ، تہ راز نهان جو ظهور آهه،
ديجور جهل، علم جي پرتوڪان دور آهه، اکين جو نور، قلب و جگر جو سرور آهه:
بيعلم، خوش جمال ۽ جي بي فراغ آهه،
هڪ گهر عجيب آهه، تہ اوبي چراغ آهه.

هي زر نہ آهه، چور جو جنهن تي هجي نظر، هي سر نہ آهه، تيغ جو جنهن ڪي رسي ضرر،
هن گهر ڪي ناهي سيل جو ڪو خوف ۽ خطر، هن آرميءَ ڪي زنگ جو موران نہ ٿيو اثر:
زينت ڪريم جي، ۽ ڪرشمو وجيهه جو،
زيور سفيهه جو، ۽ ٿيو حُلِيو فقيهه جو.

ٿيو شان لاءِ ناهي هي شوڪت جي واسطي، شهرت جي لاءِ آهي نه دولت جي واسطي،
حجت جي واسطي، نه خصومت جي واسطي، نه عشق لاءِ ضرور نه عشرت جي واسطي،
بهر خودي، نه دهر جي تزئين لاءِ آهي،
علم آدمي کي وقف ٿيو دين لاءِ آهي.

واقف جو ٿيو هدايت..... او منجهه عرب هجي ته پڙهي علم چين کان،
بيشڪ وٺي تمتع دنيا ۽ دين کان، جو علم کي پڙهي وڃي کوشش يقين کان،
پهچائي سڀ کي علم معلي مقام تي،
"دلگير" جو چوڻ هي ٿيو آخر ڪلام تي.

صبح بهار يا بهار صبح

بهار صبح جي آهي ڏاڍو پياري نشاط، چمن ۾ آهه نئين سر ٿيو اهتمام نشاط:
ترانه سنج ٿيا شاخن تي طائران چمن، ادب سين غنچي ڏني اڄ صلاي عام نشاط:
شراب ذوق ترنر کان مست ٿي قمري، چمن ۾ سرو ٿيو مينای سبز فام نشاط:
نگاه شوق کي بيخود ڪيو آباد بهار، گلن جو بادهٔ شبنم کان پُر ٿيو جام نشاط:
نسيم صبح چمن ۾ ڦري ٿي متوالي، شمير گل کان معطر ٿيو مشام نشاط:
سوار نکهت گل ٿيو هوا جي مرڪب تي، ڪڏائي خوب سمند سبک خرام نشاط:
بياض روي سمن يا ڪ جوش بوي بهار، سواد گيسوي سنبل ٿيو يا ڪ شام نشاط:
فلک تي باده ڪشن لاءِ هيٺ چوي خورشيد، "شراب ناب صبوحي کان پُر ٿيو جام نشاط:
"پيو پيو، جو نه دائم رهي ٿو وقت بهار، بهار عمر ڪٿي آهي ڪٽ قيام نشاط:
"پيو پيو، جو نه دائم رهي ٿي موسم گل، صداي عيش ڪٿي آهي ڪٽ پيام نشاط:
سجو چمن ٿيو طلسم نگارخانهء عيش، گلن ۾ آهه ٿيو رنگ مي دوام نشاط:
لنايو آهه خمر عيش ساقيء گردون، خوشا لويد مسرت، خوشا پيام نشاط:
سجي جهان کي سيراب تو ڪيو ساقي، رهان ٿو محفل تنهنجي ۾ تشنه ڪام نشاط:
مريد پير مغان جو به آهي هي "هارون"،
ڪرم سان ڪرتون عطا ان کي هڪڙو جام نشاط!

جوان ڪريو علم جي ميدان ۾، عزيزو!

ڪوليون ٿا اسين عيش ڪي، ۽ ناموري ٻڌ،
دولت به آسان کي ٿي ڪيي، بي هنري ٻڌ،
اعزار ٿيو مطلوب، ۽ بيهوده سري ٻڌ،
وارڪي منظور ٿي، ۽ راهبري ٻڌ،

مقصود رفو آهي، مگر جامه دري پئي،
گر پستيءَ همت ٿي، ته عالي‌نظري پئي:
هيءَ ڪالهه نه ممڪن ٿي، نه امڪان کو آهي،
ڏوڻ ٿا محالات پٽيان، چيلهه کي ساهي!

بي ڪوشش و بي جهد، ثمر ڪنهن کي ملي ٿو؟
بي غوطه زني، گنج گهر ڪنهن کي ملي ٿو؟
بيخوف پئي لقمهءَ تر ڪنهن کي ملي ٿو؟
بي جورڪشي، تاجِ ظفر ڪنهن کي ملي ٿو؟
بي محنت ۽ رنج جي، زر ڪنهن کي ملي ٿو؟
بي ڪاوشِ جان، علم و هنر ڪنهن کي ملي ٿو؟

جي رتبهءَ والا جا سزا وار ٿين ٿا،
پر هرين سي مصيبت جا طلبگار ٿين ٿا.

قسمت جي ٻُرائي، نه ٿيو تقدير سندو ڦير،
خود پنهنجي هٿن سان ٿيو آهه انڌير؛
تحصيل فضائل ۾ جوانو نه ڪريو دير،
علمن جي ممالڪ کي فتحياب ڪريو سير؛
بزدل نه ٿيو، آهه ڪيو آن کي خدا شير،
ڪهسار جي هوءَ، تابه ڪريو لاڙ کي زبر زير:

جولان ڪريو علم جي ميدان ۾، عزيزو!
آخر ٿيا اوهين قوم مسلمان ۾ عزيزو!

منشي محمّد پريل

پير سيد علي اصغر شاهہ مرحوم راشدي

هيءَ بزرگ، حضرت پير سائين حزب الله شاهہ (تخت-ڏڻي) عليه رحمت جو فرزند، پير پاڳاري خاندان جي وڏن بزرگن جي آخري يادگار ۽ علمي نشاليءَ تاريخ ۲۲ ربيع الاول ۱۲۷۸ھ تي پيرگوٺ ۾ تولد ٿيو.

حضرت پير سائين تخت-ڏڻيءَ کي اٺ فرزند هٿا. هيءَ پيرصاحب سندن ٽيون نمبر فرزند هو. پيرصاحب مرحوم کي لنڊي هوندي کان وٺي شعر چوڻ جو شوق هو. سندن صغيرسنيءَ جي وقت جو هڪ ديوان به ٺهيل آهي. ان زماني ۾ فارسيءَ جو وڏيڪ رواج هو. پاڻ چوندا هوا تہ 'حضرت پيرسائين تخت-ڏڻي (سندن والد) سان گهٽو ڪري فارسيءَ ۾ گفتگو ٿيندي رهندي هئي. ان وقت ۾ فارسي زبان ۾ هڪ اخبار پير سائين جن وٽ ايندي هئي، جا بغير مطالعي جي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪندو پڙهندو ويندو هوس. اهڙيءَ طرح، سنڌي زبان ۾ اخبار يا ڪو ڪتاب يا درخواست ايندي هئي، تہ هڪدم فارسيءَ ۾ پڙهي ٻڌائڻي پوندي هئي'. پاڻ تعليم پيرگوٺ ۾ آخوند محمد ۽ مولوي محمد عيسيٰ وٽ ورتائون. ڪين حاضر جوابيءَ ۽ في البديهہ شعر گوئيءَ ۾ خاص ملڪو هو. پاڻ چوندا هٿا تہ 'اسين سڀ ڀائر گڏجي، حضرت پير سائين تخت-ڏڻي (پنهنجي والد) وٽ صبوح جو سلام تي ويندا هٿاسين: هڪ دفعي صبوح جو دستوري طرح وياسين، تہ پاڻ بنگلي جي در وٽ بيٺا هٿا، ۽ پري کان هڪل ڪري روڪيائون، ۽ مان ڏي مخاطب ٿي فرمايائون تہ: "اصغرا! اسان هڪ مصرعو چيو آهي، ان جو ٻيو بند ٻڌاءِ". ان وقت سندن طبع مونجهہ ۾ هئي. مان عرض ڪيو تہ "قبلا سائين، حڪم ٿئي". پاڻ مصرعو چيائون: "اگر شمشير در ڪف آن بتِ بيباک برخيزد". مان هڪدم عرض ڪيو: "فغان از ساکنانِ عالمِ افلاک برخيزد!" پاڻ هڪدم هليا آيا، ۽ پاڪر پائي ڪيترو وقت چمين ڏيندا رهيا، ۽ انعامن اڪرامن سان نوازي ڇڏيائون. پوءِ مون سارو غزل تيار ڪري خدمت ۾ پيش ڪيو'.

پيرصاحب جن فرمائيندا هٿا تہ "پير سائين تخت-ڏڻي جي "ديوان مسڪين" ۾ ڪيترا غزل پيرسائينءَ جا ۽ منهنجا گڏ چيل آهن: مصرعہ جو هڪ بنہ پير سائين جن چوندا ويندا هٿا، ۽ هڪ بند آءٌ چوندو ويندو هوس-ويئي ويئي غزل تيار ٿي ويندو هو.

فارسي زبان سان کين خاص رغبت هئي، ان کري ٻاڻ اکثر شعر فارسي زبان ۾ چوندا هئا. سندن ٻي ديوان فارسي زبان ۾ آهن، ۽ هڪ ديوان سنڌي زبان ۾ به آهي. کين سنڌي، فارسي ۽ عربيءَ تي هڪجيترو عبور ۽ قدرت هئي. اردو ۽ عربي زبان ۾ به سندن کيترا شعر چيل آهن. فارسي زبان ۾ سندن ديوان ۾ اکثر شعر بي نقط نظر ايندا. ان فن ۾ کين خاص ملکو هو. ان کان سواءِ چند تصنيفون ٻڌ نظر ۾ کيل اٿن. انهن ۾ "سلسلہ قادريہ" خاص تصنيف آهي، جنهن ۾ خرقہ قادريہ جي عطا ٿيڻ جو احوال، ۽ حضرت علي کرم الله وجهہ کان وٺي حضرت پيرسائين محمد راشد (روضي ڌڻي) عليه رحمت تائين هڪ هڪ بزرگ جو مختصر احوال ڏنل آهي. کتاب ۾ چار هزار کن بيت ٿيندا. اول ۾ سنڌ جي مختصر تاريخ به ڏنل آهي. نثر ۾ ٻڌ کيتريون تصنيفون ٿيل اٿن. طب جي فن ۾ ٻاڻ وڏا ماهر هئا، ۽ علم طب ۾ به ٻہ کتاب لکيا اٿن. ان کان سواءِ مذهبي علوم-حديث، فقهہ، تفسير-۽ علم ادب ۾ به کين وڏو ملکو حاصل هو. سندن خوشنويسي ۽ نقاشي ڏسبي، ته ايراني آرٽ جو رنگ نظر ايندو. درگاهہ شريف جي وڏيءَ مسجد ۾ اندر جيکا نقاشي ٿيل آهي، ان ۾ به کيترا گل سرحوم پير صاحب جا نکتل آهن؛ مگر جن کاريگرن کر کيو آهي، انهن سان هي به ساڳيءَ لائين ۾ بيٺا آهن، فرق معلوم نہ ٿيندو.

سندن کيتريون تحريرون، بينظير، ديده زيب، اڄ به موجود آهن. سندن کيترا شعر پنهنجي هٿن سان خوشخط لکيل، ۽ مٽان هاسن سان ان جي نقش نگاري ٿيل، ڏسڻ وٽان آهن. کيترا ماڻهو پري کان سندن تعريف ٻڌي زيارت لاءِ ايندا هئا، ۽ سندن شعر، خوشخط تحرير ۽ نقش نگار ڏسي، حيرت ۾ پئجي ويندا هئا.

وڏن بزرگن جي هن آخري نشانيءَ، تاريخ ۲۴ ماهہ ذليقعد ۱۳۵۴ھ تي وفات فرمائي. سندن مزار، روضي شريف جي ٻاهران اتر طرف ٻهريون نمبر مزار آهي. خدا تعالىٰ کين غريق رحمت فرمائي!

انتخاب

●

آمد چمن ۾ آهہ کنهين گلعذار جي،
جاروب-کش ڏسان ٿو نسيم بهار جي.

اي هجر بي نصيب! ذرا دل کان ٿي پري،
خلوت سرا آ خاص ايها کنهن نگار جي!

زاهد دماغ-چوس مڙي ويو مسيت ڏي،
ساقي، اٿي صلاح کيو پٽهنجي کار جي!

ابرو کمان، تير مژه، زلف جو کمند-
شايد اٿس خيال ۾ مرضي شکار جي!

هڪ دل هزار لاز، کندي ڇا مقابلو،
کٽ ناز جي وڏيڪ ڏري آ ترار جي!

دشمن به شال هجر سندو کين ٿئي شکار،
وڏ موت کان هيءَ سخت گهڙي انتظار جي!

گهونگهٽ وجهي، نقاب ڏکي، منهن پري کرڻ،
پهرين پسو مبارک هر جي پيار جي!

●

عشق جي سخت بلا سر تي چڙهي آئي آهي،
جنهن وڃائي سڀ ڪرڪار سندي وائي آهي.
دل ۾ سيني ۾ رهي، داغ پريل سيني ۾،
سوز ۽ ساڙ سوا شي نه رهي ڪائي آهي.
عشق جو بار ڪٽي ڪين سگهيو چرخ برين،
تو اها پاڻ بلا سر تي، چوبا، چائي آهي.
دختر شيشه جي صحبت کان وڃي تو واعظ،
مان نه چاتو ته ايها شيخ سندي جائي آهي!
ڪالهه اڄ اهڙي زمائي جي هوا بگڙيل آهي،
جو نڪو يار نه همراهه، لکو پائي آهي.
درد، اندوهه، جفا، جور، مٽس طعنه زني،
ايتري فوج هيڪي دل تي چڙهي آئي آهي.
هائي ارمان ڪيان ٿو ته بيلا سوچ جي،
جو آيي شوخ طبع ساڻ مان لنو لائي آهي!
ذڪر محفل ۾ ڇڙيو منهنجو، چيڙي يار چيو:
"هو چريو چٽ صفا، مست ۽ سودائي آهي"!
مان ڏٺو دير و حرم، ليز صنمخانو پٽ،
يار هر رنگ ۾ هر شڪل ۾ هرجائي آهي.
زاهدا، ظلم نه ڪر، طمع نه رک جنّت جي،
اصل آباء سندي ميلڪ منهنجي جائي آهي.
خلوتي يار منهنجو محو خودآرائي آهي،
پنهنجي تصوير سندو پاڻ تماشائي آهي.
ڪاوڙيل يار "علي" ڪالهه اچي پرتو پاڻ،
ڏوڙ دشمن جي بسر، منهن ۾ پئي چائي آهي.

●

قاصدا، در ڪوي جانان گرترا افتد گذر،
عرض ڪج پالهون پڌي، احوال منهنجو سربسر.
گاه گاهي، ماه ماهي، با نگاهي ياد ڪن،
گرچ عاشق جو وسارڻ آهه معشوقن جي هر.

مست بودي، رخ نمودي، دل ربودي ناگهان،
هَي، كري هايو، هٽي وئين، دوست، هينڙو سربسر!
عاشقم، بيچاره ام، سرگشته ء يک ديدنم،
مهرباني كر منا برقعو كٽي كر كا نظر!
شرحِ دردِ دل نويسم، گر بروي كاغذي،
باهه جا اولا كندي كاغذ سڙي ويندو مگر،
ليستم منت كشِ آن لخلخه ء عود و عبير،
وڏ كٽوري ۽ كان ڏئم اي گل صبا تنهنجو پگهر!
تيرِ مژگانت يكي ما را نفرموده شكار،
كيترا كوها كنل مان كلهه ڏنا دلبر جي در!
بگذر از شوخي، مروّت با "علي اصغر" بكن،
ورنه فرقت تو سندي مانسان كندي زوري ضرر!

حبيب الله مولا بخش پتو

آغا صوفي مرحوم

آغا غلام نبي خان المعروف بہ "آغا صوفي" مرحوم، شڪارپور جو باشندو، پٺاڻن جي مشهور "درالي" قبيلي جو هڪ فرزند ۽ سهاجهيءَ سنڌ جو هڪ مشهور شاعر، ڊراما نويس، علم حڪمت جو ڄاڻو، سچل سرمست جو سوانح نگار، ۽ علم تصوّف جو ڄاڻو ٿي گذريو آهي. آغا مرحوم سپٽمبر ۱۸۸۹ع ۾ تولد ٿيو هو، ۽ پرائمري تعليم گهوٽ جي اسڪول ۾ حاصل ڪرڻ کان پوءِ، انگريزي تعليم پرائيويٽ لاءِ ڪراچيءَ جي "سنڌ مدرسة الاسلام" ۾ داخل ٿيو، ۽ پنهنجي زندگيءَ جا سڄا سارا ست سال اتي گذاريائين.

آغا مرحوم کي شعر و شاعريءَ جو ڪيترو شوق هوندو هو، تنهن جي ڄاڻ هن ڪالهه مان بخوبي پڌجي سگهي ٿي ته جڏهن هن مئٽرڪ جو امتحان ٿي ڏنو، تڏهن پيپرن جي سوالن جا جواب، نثر بدران نظم ۾ ڏنا هئائين!

مدرسي مان تعليم ختم ڪرڻ کان پوءِ، آغا مرحوم سڌو پنهنجي والد بزرگوار آغا گل حسن خان وٽ خيرپور ميرس ۾ آيو، جتي سندس والد محترم ان وقت رياست جو نائب وزير هو. ٿوري وقت جي رهائش کان پوءِ، رياست سرڪار، آغا مرحوم جي علمي قابليت ۽ ادبي لياقت کان متاثر ٿي، ڪيس رياست جي تعليمي ادارن جو سپريڊنٽ مقرر ڪيو، ۽ ان منصب تي رهي، آغا صاحب رياست جي چگي خاصي علمي ۽ ادبي خدمت بجا آندي. هن صاحب ان عهدي تي رهندي هڪ پارسي گرامر ڇپائي پڌرو ڪيو هو، جو هن جو هڪ عمدو ادبي يادگار سمجهيو وڃي ٿو.

رياست جي رهائش جي دوران ۾، آغا مرحوم، اردو ۽ سنڌي زبانن ۾ ڪيترا ڊراما پڻ تصنيف ڪيا، جن مان "شان اسلام،" "انقلاب يورپ"، "ڪاليج ڪا زمانہ" ۽ "دنيا دورنگي" خاص طرح قابل ذڪر آهن. انهن مان ڪي ڊراما آغا مرحوم پنهنجي زندگيءَ ۾، سنڌ جي مشهور شهرن ۾ وڃي، پنهنجي زير هدايت اسٽيجن تي آندا هئا، جن ڪيس ڪافي شهرت بخشي.

رياست جي ڪجهه عرصي جي ملازمت کان پوءِ، ان تان مستعفي ٿي، آغا مرحوم لاهور جي طبيہ ڪاليج ۾ وڃي داخل ٿيو، ۽ اتان سند حاصل ڪرڻ کان پوءِ، پنهنجي وطن

مالوف شڪارپور ۾ اچي پنهنجو يوناني دواخانو کوليائين؛ ۽ اهڙيءَ طرح، تا زندگي خلق خدا جي خدمت ۾ پاڻ کي وقف ڪري ڇڏيائين. ان زماني ۾ علم حڪمت تي ڪيترا ڪتاب ٻڌ لکيائين، جن مان "طبي جواهر" نالي هڪ ڪتاب سڄو شعر ۾ جڙيل آهي. قارئين اڪرام جي "ملاحظي لاءِ، نموني طور، ان ڪتاب جا چند شعر پيش ڪجن ٿا.

(۱)

مرڻ ڪارا ۽ ڪٽي جيرو ڇڏو،
پيٽ ماکيءَ سان گڏي چاٽو ڪريو؛
پوءِ ڇنايو هن سنجهان بيمار کي،
ٽو ڇٽائي ڪنگهه جي آزار کي.

(۲)

پيچ ۾ بادام جي ڪل ڏي ڪڍي،
مکڻ سان، "آغا" تہ رتيون چار ڏي.

(۳)

تپ الدر ۾ آهہ ٽوڪي جي ادا،
ٻيءَ بنفشو تولو ڪن صبح مسا؛
ڪنگهہ ان سان جي آئي تان تون ٽهوءِ،
ملهڻي ٻہ ميل ان سان کجهہ ذرو.

(۴)

مشڪ، عنبر ۽ جواهر، اي اميرا
دل جي لاءِ آهن بلاشڪ بي نظير؛
صوف، صندل، ۽ ٽماڻو پي عجيب،
ڪائي تن کي دل جي لئہ مسڪين غريب؛
پان جا پن ۽ مسقي ۽ انجير،
ڏين ٿا هي پي ڇگوئي دل کي ڏير.

آغا مرحوم جو ڪيترو عشقيہ شعر پڻ چيل آهي، جنهن جي طرز پڻ پنهنجي قسم جي ۽ واري ڏسڻ ۾ اچي ٿي. سندس هڪ غزل آهي:

لائق اوهان جي بزم جو اغيار ٿيو آ،
هي جان نثار خارجِ دربار ٿيو آ.
مون کي تہ شرم ٿو اچي، کهڙو جواب ڏيان؟
ٿي خلق پڇي "ڇا تي هي تکرار ٿيو آ؟"

صدما لوان لوان ۾ مصيبت لئين لئين،
آهون ٻڌي، نصيب پي بيزار ٿيو آ.
تربت جي لاءِ "آغا" جي هڪ گل نه ٻچايئي،
اغيار کي عطا ته سڄو هار ٿيو آ!

آغا مرحوم "مناجات قرآني" نالي ٻڌ هڪ شعر جو ڪتاب لکيو هو، جنهن ۾ قرآن پاڪ جي دعائيه آيات کي نظم جو جامو پهرايو اٿس. "تاريخ درامه" نالي ٻڌ هڪ دستخط نسخو آغا مرحوم جي ٻسمالدن وٽ ڏسڻ ۾ آيو، جنهن ۾ هن صاحب نهايت سهڻي لموني ۽ عمدي پيرايي سان درامي جي تاريخ تي مفصل روشني وڌي آهي. آغا مرحوم جو ٻيو نادر ادبي يادگار "سچل سرمست" نالي ضخيم ڪتاب آهي، جنهن ۾ "سچل" جي شعر، ان جي حسب نسب ۽ شان جي اڀار ڪئي اٿس.

آغا مرحوم ۱۹ جولاءِ ۱۹۳۸ع تي، ۴۹ ورهين جي عمر ۾، شڪارپور ۾ وفات ڪئي.

محمّد عالم ڪولاچي بلوچ

مولوي ماستر لطف علي "مسڪين"

ماستر لطف علي "مسڪين"، حاجي خانمحمد ڪولاچيءَ جو وڏو پٽ هو. سندس جنم سومر جي رات، تاريخ ۱ جولائي ۱۸۸۹ع، مطابق سنہ ۱۳۰۷هـ، ڳوٺ "بهشتي ڪامل" تعلقي ڪوٽڪي ۾ ٿيو. مولوي بهاؤالدين "بهائي" سندس تولہ ٽيڻ جو سال هيئين قطعي ۾ منظوم ڪيو آهي:

سالِ تولید نیک لطف علي،
باتو گوید که هست نیک جلي:
یک هزار و سه صد گذشت و هفت،
که چون خور درجهان طلوع گرفت؛
اي "بهائي" چنانک مي داني،
بارخِ مثل مهر لورالي،

"مسڪين" جو شجرۂ نسب، هيئينءَ طرح بلوچن جي خاندان سان ملي ٿو: ماستر لطف علي، بن حاجي خانمحمد، بن لطف علي، بن غلام علي، بن سونهارو، بن بڪر خان ڪولاچي،-جو ڪلهوڙن جي صاحبيءَ ۾، پنهنجي ڪٽنب ۽ پائرن سميت، سري ڪان لڏي، ميرپور ماٽيلي شهر جي اتر طرف ٽن ميلن جي مفاصلي تي ڪوهارن جي هڪڙي ننڍڙي ڳوٺ ۾ اچي سڪونت پذير ٿيو هو. اهو بڪر خان، دودائي بلوچن جي خاندان جو هڪ فرد هو، جي شهنشاهہ اڪبر جي زماني ۾ بلوچستان کان لڏي سريءَ ۾ اچي ويٺا هئا، ۽ سلطان محمود بکريءَ جي زماني ۾ سنڌ ۾ ٻين بلوچن سان گڏ وارد ٿيا هئا.

ننڍڙو لطف علي ايڏا چهن ورهين جوئي هو تہ پٽس قرآن مجيد پڙهڻ ۽ پارسي سکڻ لاءِ ڪيس "بهشتيءَ" ۾ مولوي سيد ڪرم الله شاهہ وٽ وهاريو، جو هڪ وقت جو وڏو عالم ۽ اهل الله هو. ننڍڙي لطف عليءَ جي پڙهائي اتي گهٽو وقت ڪاڙ هلي، ڇاڪاڻ تہ سندس والد بزرگوار زماني جي گردش سبب اهو ڳوٺ ڇڏي پنهنجي جدي وطن، ڳوٺ ڪولاچن، ۾ لڏي اچي ويٺو. هن پنهنجي پٽ کي سال ۱۹۰۳ع ۾ وري ميرپور ماٽيلي جي سنڌي اسڪول ۾ داخل ڪرايو، ۽ سندس رهڻ جو بندوبست مائي دادلي سميجاڻيءَ وٽ ڪري ڏنو. چوڪري

کي علم ۾ائڻ جو ڏاڍو شوق هو، جنهن ٿوري ئي عرصي اندر سنڌيءَ ۾ چگو اپياس ڪري ورتو. سن ۱۹۰۷ع ۾ سنڌي فائينل امتحان پاس ڪري، ميرپور جي اسڪول ۾ نائب ماستريءَ جي عهدي تي مقرر ٿيو. انهيءَ کان پوءِ، يڪي بعد ديگري، جدا جدا اسڪولن ۾ هيڊ ماسٽر ٿي رهيو. اسلام لغاري ۽ پيربخش شجراهه جي اسڪولن ۾ گهڻو وقت گذاريائين. لنڊ ۾ ڪان ئي ڪيس علم پڙهڻ ۽ ٻين کي پڙهائڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هو. نوڪريءَ مان ڪنهن به وقت ڪا فرصت ملندي هيس، تہ ڪتاب کولي ويهي پڙهندو هو. آچر جي ڏينهن تہ خاص ڪري، ڪوهن جا ڪوهه پنڌ ڪري، استادن کان پارسي ۽ عربي ڪتابن جا سبق وٺي ايندو هو. انهيءَ دستور، سنڌي، اردو، پارسي ۽ عربي علمن ۾ چگي حاصلات ڪيائين. "شاهه جو رسالو" گهڻي قدر ياد هوندو هوس. هڪڙي دفعي جو ذڪر آهي تہ ڪانڊن صاحب، جو سکر ضلع جو ڪليڪٽر هو، تنهن کي سنڌي امتحان ڏيڻ لاءِ شاهه صاحب جي رسالي پڙهڻ ۽ سمجهڻ جو ضرور ٿيو؛ مگر هن کي رسالي ۾ گهڻيون ئي مشڪلاتون درپيش آيون، جن کي ڪوبه عالم حل ڪري نٿي سگهيو؛ ماسٽر صاحب اهي سڀ دقيقا ڪيس هڪدم سمجهائي ۽ ذهن نشين ڪرائي ڇڏيا. انهيءَ کان پوءِ، ڪانڊن صاحب کي جڏهن به ڪا ضرورت پوندي هئي تہ وٽس حاضر ٿي ضروري هدايتون وٺي ويندو هو. صاحب موصوف، ماسٽر صاحب جي وسيع علم ۽ ذهن جي هر هنڌ تعريف ڪندو هو. ڪيس زمين ڪرانٽ ڪرڻ لاءِ ڪيترا دفعا آڻون ڪيائين، مگر هن مرد خدا کي زمين جي ڪهڙي ضرورت هئي؟ پارسي هوليءَ ۾ تہ وري اهڙو هوشيار هو جو ڪهڙي گاله ڪجي! علم عروض ۾ ڪيس استاد چئجي، تہ به ڪهي. سنڌس استاد، مولوي بهاؤالدين "بهائي"، انهن علمن ۾ ڪيس داد ڏيندو هو. حديث شريف ۽ قرآن ڪريم جي پڙهڻ، سمجهڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جو ڏاڍو شوق رکندو هو. نوڪريءَ مان رٽائر ٿيڻ بعد به پنهنجي علمي شغل کي اهڙو زنده رکيائين، جو سال جو گهڻو حصو علم پڙهڻ خاطر مولوي محمد ابراهيم ڳڙهي ياسيني، مولوي قمرالدين شهداد ڪوٽي ۽ مولوي عبدالقيوم حيدرآبادي‌ءَ وٽ وڃي رهندو ۽ سبق سکندو هو. علم جو شوق پنهنجي مرڻ گهڙيءَ تائين انهيءَ دستور قائم رکيائين. بيمار ٿيڻ واري ڏينهن به پڙهڻ لاءِ حيدرآباد وڃڻ لاءِ تيار هو، پر قدرت ڪيس روڪي وڏو.

زماني جي ڏيتي ليتيءَ ۾ صاف رهندو هو. هٿ جو چوٽ ۽ خيرات جو ڪوڏيو هوندو هو. سخاوت گويا هن جي سرشت ۾ پيل هئي: جيڪي به پنهنجي عمر ۾ ڪمايائين، سو سڀ پنهنجي محتاج مائٽن کي في سبيل‌الله ڪارائي ڇڏيائين.

ڪتابن جي گڏ ڪرڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هوس، ۽ ٿوري ئي عرصي ۾ هڪ شاندار ڪتبخانو ٺاهي وڌائين، جو اڄ به سنڌس ٻسمانڊن جو مايه‌ناز خزانو آهي. لڳ ڀڳ ڪتابن گڏ ڪرڻ ۽ پڙهڻ جو شوق هوس، پر ان سان گڏ ڀاڪ به چگو مصنف ۽ شاعر هو. شعر ۾ "مسڪين" سنڌس تخلص هو. سنڌس شعر گهڻو ڪري پارسيءَ ۾ آهي. نموني طور سنڌس

هڪڙو غزل هن هيٺ ڏجي ٿو، جو تاريخ ٦ نومبر ١٩٣٨ع تي، شڪارپور شهر ۾، ڪنهن ماهرو ڪچ-ابرو، جو ان وقت بيماريءَ جي بستري تي ڪانئس منهن لڪائي رهيو هو، تنهن جي ٻيرخيءَ کان بيزار ٿي لکيو هٽائين:

هست محبوبيت، دلبرا! چند روز،
روي رخشالت مسنور چند روز.
عاقبت خوبي پذيرد دان زوال،
رولق چشمان انور چند روز.
جمله عالم فاني، الا وجهه،
صبر کن ز افعال ابتر چند روز.
عشق معشوقان فالي را گذار،
ياد کن مولاي اکبر چند روز.
عمر "مسکين" رفت در عشق بتان،
ذکر مولا هست بهتر چند روز.

"مسڪين" جي هارسي تصنيف مان "عروض گلستان" هڪ قابل ديد ڪتاب آهي. سڏيءَ جا به ٻه ڪتاب لکيا اٿس، جي ايڏا تائين ڇاپي هيٺ نه اچي سگهيا آهن.

مذهبي لحاظ سان هو وڏو ديندار ۽ صاحب تقويٰ هو. زماني جي ماڻهن کان دور رهڻ پسند ڪندو هو. خدا واسطي دعوتون ڪائڻ به قبول نه ڪندو هو. جيڪڏهن ڪوبه ماڻهو نڪاح پڙهڻ يا ٻيءَ حالت ۾ خيرات ڏيندو هوس، تہ اها به نه ونڊندو هو، ۽ چوندو هو تہ "مستحق ماڻهن کي خيرات ويجي ڏيو، ڇاڪاڻ تہ مان خيرات جو حقدار نه آهيان".
راشي کامورن جي مالي ٽيڪي ڪائڻ تہ ڇڏيو، پر انهن جي گهر جو پاڻي به نہ پيئندو هو. اهڙيءَ طرح، پنهنجي سڳي سوٽ حاجي خيرمحمد جي گهر جو پاڻي پيئ به ڇڏي ڏنائين. نماز جو تہ پنهنجي والد بزرگوار وانگر ڏاڍو شوقين هو. هڪ نماز پڙهي پوري ڪندو هو، تہ ٻيءَ لاءِ تياري ڪندو هو. اهڙيءَ طرح، پنهنجي سڄيءَ عمر ۾ نمازون قائم ڪندو رهيو، ۽ ڪا هڪ نماز به ڪانئس ٿي ڪٽي. سندس خصلتن مان هيءَ ڳالهہ قابل تعريف آهي تہ هو پنهنجي سڄيءَ چمار ۾ بيت الله شريف کي پڻي ڏيئي نہ ويٺو. خواجہ حسن جان سرهنديءَ جو خاص مريد هو، ۽ هميشه ان جي هدايتن موجب هلندو هو.

سندس هلڻي چلڻي، اٺڻي ويهڻي اهڙي سادي هئي، جو سرڪاري نوڪريءَ هوندي به کاڏيءَ جي ڪپڙن کان سواءِ ٻيو لٹو نہ پائيندو هو. طبيعت ۾ حليمي، ڏاڍو نهاڻو، کل-مک رلٹو ملٹو ۽ نهايت خوشمزاج هوندو هو. سندس خوشطبعيءَ جو اندازو سندس هيٺين ڏوهڙي مان ٿي لڳائي سگهجي ٿو.

"خدو" خر خراب ٿيو ڪمينو ڪيڏو،
ڏنگو ڏاڍو ڏيهه جو، حرڪتي هڪڙو،
وڏو ڪير ڪيڇ جو، اڙپنگ اڙانگو،
پاڙي پڙوو، بيحيا، ڪاهيءَ جو ڪڍو،
مڙس قداور قد جو، مثل اڪ-ڪڙو.
"ڪل قصير" فتنة" رسول رب جي چيو،
پر پڙهڻ ۾ تڪڙو، تيلان سونهين سڪول ۾!

ماستر صاحب ٻاڻ مرزا قليچ بيگ جي خط پٽ لکندو هو، ۽ ڪانئس هدايتون وغيره وٺندو هو. ملان ميهر ۽ حاجي محمد عظيم ميرپورين سان خاص رستو هوس. فقيرن، درويشن، عالمن ۽ پين چڱن ماڻهن سان ملڻ ۽ انهن جي صحبت ۾ رهڻ پسند ڪندو هو. ٻاڻ ٻه ڪامل هو، ۽ صاحب ڪرامت جو هو. سندس ڪرامتن مان هيٺ ذڪر ڪيل ڪرامت پوئين ۾ پوئين آهي.
تاريخ ۱۰ مارچ ۱۹۴۳ع جي، سندس ماروئڙ مرحوم ملان جعفر جي قضيي ٿيڻ سبب، قبرستان تي وڃڻ ٿيس. سيٺي ماڻهو فوتيءَ جي دفن ڪرڻ جي خيال ۾ محو هٿا، ۾ هن کي هڪ اونوئي اورهو: سڄو قبرستان گهمي رهيو هو، ۽ آخر گهمندي گهمندي هڪڙي هنڌ اچي بيٺو ۽ ڪائي ڪٽي، ڏرتيءَ تي انهيءَ هنڌ ليکو ڪيڏي، پنهنجي عزيزن کي سڏي چوڻ لڳو ته "اڄ ڪان وڌي پنجين ڏينهن اسان جي منزل هت ٿيندي، انهيءَ ڪري اوهان کي استدعا آهي ته مون کي هيءَ جاءِ ڏجو". سندس عزيزن کي اها ڳالهه ذرا ناخوشگوار گذري، ۽ چوڻ لڳا "تہ شل الله تعالىٰ اوهان کي وڏي حياتي بخشيندو. اوهين ائين چوٿا چئو!" جواب ڏنائين ته "مرڻ ڪان ميهڙو ٿو آهي!" انهيءَ ڏينهن شام جو ئي مرحوم ماستر صاحب بيمار ٿي پيو، ۽ سومر رات، اڌ رات ڪان پوءِ، تاريخ ۱۵ مارچ ۱۹۴۳ع جي، ۵۴ ورهين جي عمر ۾، جان بحق تسليم ڪيائين. سندس انتقال پرملال تي مون هيٺيون مرثيو لکيو:

"لطف علي" صاحبِ علم و ڪمال، دور دليا مان ڪيو جنهن دم وصال،
خلق جي هئي وات ۾ وائي اها، "شهر-آرا جو ٿيو آ انتقال"؛
غم جو بادل جابجا ويو ڇائنجي، سڀ جي دل تي ٿي وڻو ابر ملال؛
سال تيرهن سو ۽ ٽيهٺ ۾ اهو، قضيو ٿيو آهي، برابر پُرملال؛
آب اکڙين مان وهائن ٿا سڀي، ٿي رواري سڀ کي ان جي نيڪ چال؛
خلق خالق جي اها حالت ڏسي، نام زد "عالم" يي روئي ٿو زلال.

حافظ محمد عبدالله "بسمل"

علامه حافظ محمد يوسف جو ٽيون نمبر فرزند، حافظ محمد عبدالله "بسمل"، ۱۳۰۶ھ ۾ موجوده ٽکڙ ۾ تولد ٿيو. تعليم ۽ تربيت وٽ لاءِ پنهنجي والد جو مڪتب کافي هوس. سنڌي، پارسي ۽ فقهه سان گڏ قران ڪريم به ياد ڪيائين. اتان فارغ ٿيڻ بعد، علامه اسد الله شاهه وٽ عربي پڙهڻ لاءِ ويٺو، مگر جلدئي پنهنجي والد جي وفات ڪري، تعليم ڇڏي، گهر جي ڪم ڪار ۾ پاڻ سان پاڻهن-ٻيلي ٿيٽو ٻيس.

حافظ محمد هارون کان پوءِ، پارسيءَ ۾ ماهر حافظ عبدالله ئي هو. ٽکڙ جي عالمن جي آخري نشاني به حافظ صاحب ئي هو. سندس زندگيءَ جو وڏو عرصو درس ۽ تدريس ۾ گذريو، پر جيئن ته ٽکڙ ۾ کا ايڏي آمدني نه هيس، انهيءَ ڪري ۱۹۳۵ع ڌاري حيدرآباد ۾ سڪونت اختيار ڪيائين، ۽ ذريعه معاش لاءِ مختلف شعبن ۾ ڪم ڪندو رهيو. هن خاندان جي افراد کي خدا تعالي علم جي دولت سان ته سرفراز ڪيو، باقي مال ۽ زر کان بلڪل محروم رهيا. سندن ذريعه آمدني فقط "علم" هو، جنهن مان کين ايڏو اپراسو نه ٿيندو هو، جو اکوندري زندگي گذاري سگهن.

ڪجهه عرصو حيدرآباد ڇڏي، وري ٽکڙ ۾ آيو، جتي آغا حسين جان، حضرت صاحب جي درگاهه (مقبره شريف) واري مڪتب ۾ ڪيس معلم ڪري رکيو، جتي آڻ ٻه ساڻس گڏ روزانو پنڌ ڪري درگاهه تي ويندو هوس؛ وري شام جو موٽي گوٺ ايندا هئاسون. مگر، اتي به حافظ صاحب جي آزاد طبيعت کي چين نه آيو، انهيءَ ملازمت کي ڇڏي ڏنائين.

پاڪستان کان ڪجهه عرصو اڳ، منشي عبدالشڪور جي زيرنگراني، حيدرآباد مان روزاڻه "هلال پاڪستان" شايع ٿيڻ لڳي، تہ انهيءَ اخبار ۾ حافظ صاحب کي "شاعر خاص" ڪري رکيو ويو. "هلال پاڪستان" ۾ روزانو حافظ صاحب جو بي بها ڪلام شايع ٿيندو هو. انهن شعرن ۾، حافظ صاحب فرزندانِ توحيد جي منتشر شيرازي کي يڪجا ڪرڻ جي بي انتها ڪوشش ڪئي آهي. گهڻن محورِ خواب سنڌين ۾، حافظ صاحب جي پُر اثر شعرن جي ڪري، آزادي ۽ يڪجهتيءَ جا جذبا بيدار ٿيا.

حافظ صاحب پچاڙيءَ جا ڏينهن ڪنجِ غم ۾ گذاريا. بيمارين جي هڪٻئي پويان حملن ڪيس نحيف ۽ لاغر بنائي ڇڏيو. ايڏي رقم ته هيس ڪانه جو ترت علاج ڪرائي سگهي، نه

ٿي اسان جي سڳوري گورنمينٽ سندس علاج معالجي ڏانهن کو توجهه ڏنو. ڪيس خود به پنهنجي بچڻ جو آسرو گهٽ هو. هڪڙي غزل ۾ انهيءَ حقيقت ڏانهن اشارو ڪيو اٿس، جنهن ۾ پنهنجي بيماري، مفلسي ۽ سندن جي بيقدريءَ جو نقشو نمايان نظر اچي ٿو-

هڪ تہ پيري، پيو وري مرضن ڪيو آهي هجوم،
هاڻي ڏسجي ڪيئن ٿو "بسمل" ناتوان زنده رهي!

افسوس، صد افسوس، حافظ صاحب، ۲۰ آڪٽوبر ۱۹۵۰ع تي پنهنجي عمر جون اڻڪل ۶۴ خزان-آميز بهارون ڪاڻي، هن جهان فانيءَ مان هميشه لاءِ منهن موڙي ويو! ڪيس ڪو نرينو اولاد ڪونهي. هن خاندان جو حافظ صاحب آخري شاعر هو. سندس پائيٽيو حافظ الهڏنو، زماني جي مجبورين کري، شاعريءَ کان بلڪل ناآشنا آهي. هاڻ اٽين ڪٽي چڪجي تہ هن قديمي خاندان جي شاعريءَ جو سلسلو حال في الحال تہ منقطع ٿي ويو.

حافظ صاحب جي شاعريءَ جي ابتدا اڻڪل يارهن بارنهن سالن جي عمر ۾ ٿي. سندس استاد پهرين سندس والد حافظ يوسف هو. هي اهو زمانو هو، جڏهين ٽڪڙ جي شاعريءَ جو ستارو بام عروج تي پهتل هو. ٽڪڙ جي هر ذيفهم عقلمند انسان کي شعر چوڻ بلڪل سٽائو ٿي لڳو. شاعرن جي صحبت مان حافظ صاحب چگو فيض ورايو، ۽ شاعريءَ جي ميدان ۾ اسپِ خيال کي خوب ڪڌايائين. ان وقت ٽڪڙ مان نڪرندڙ رسالن "بهار اخلاق" ۽ "الاصلاح"، ۾ سندس ڪلام شايع ٿيندو هو. انهيءَ دور جي ختم ٿيڻ کان پوءِ، حافظ صاحب جي ڪلام کي ايڏا به وڏيڪ وسعت ملي. سنڌ جي عموماً هر اخبار ۾ سندس ڪلام شايع ٿيندو هو. ڪيتريون اخبارون سندس نالي جي اڳيان "استاد الشعرا" لکنديون هيون.

حافظ صاحب جو ڪلام نهايت پختو، سهڻن لفظن، بلند خيالن، چست بندشن ۽ محاورن وغيره سان سينگاريل آهي. پنهنجي اوائلي ڪلام کان وٺي وچئين دور تائين، صاف سنڌي تجنيس حرفي وغيره چگي ڪم آندي اٿس؛ غزل ۾ انهيءَ دور ۾ چيو اٿس؛ پوءِ خال خط جي خرخسي کي ڇڏي، پنهنجي قوم کي بيدار ڪرڻ خاطر نظم لکيا اٿس:

خال خط جو مشغلو "بسمل" جوانيءَ ساڻ هو،
بند پيريءَ ۾ اها پنهنجي سخنداني ڪيئن.

حافظ صاحب جو اوائلي ڪلام، اڪثر صاف سنڌي ۽ تجنيس حرفيءَ سان سينگاريل آهي- جيئن هڪڙي غزل ۾ چوي ٿو:

اکين کي اوهان جي اهر ٿي اداس، هرين، پرت وارن جي لاهيو پياس.
محبت ۾ ساتم من تي ستو، اٿم عشق ۾ ائين، وجهل ۽ وماس.
نہ هڻ تيغ ابروَ جي بهرِ خدا، ڪٽن تي ڪريو ليڪ ڪامل قياس!

باڪمال شاعر، هميشه پنهنجي پوليءَ جي روزمره استعمال ٿيندڙ محاورن سان پنهنجو ڪلام پُر ڪندو آهي:

ورڻ جي ڪا وائي وري وار ٿسون،
نہ ڪر مون کي ارمل تون هنڌر نراس.

(هتي حافظ صاحب "والي وارڻ" جو مشهور محاورو ڪر آندو آهي.)

حافظ صاحب پنهنجي ڪلام ۾ هروپرو دقيق ۽ ثقيل لفظ نٿو ٿنبي، جيئن پڙهندڙ جي دماغ تي بار ٿي پوي؛ مگر ڪوشش ڪري سليس لفظ استعمال ڪري ٿو، جن جي ڪري ڪلام ۾ ڇگي قدر روانگي پيدا ٿئي ٿي:

ناهه باغ و بهار جي خواهش، صرف هڪ گلعذار جي خواهش.
تيغِ ابرو ڪٽي ٿي يار ڇيو، عاشقِ جان نثار جي خواهش.
راهِ دلبر ۾ مثل خاڪ آهيان، ٿي وري من-قرار جي خواهش.

حافظ صاحب جي ڪلام ۾ تشبيهات ۽ تلميحات به گهڻيون ملن ٿيون:

حوصلو تنهنجو ته اي ديدهٔ گريان نڪتو،
آب اکين سان ٿي هڪ نوح جو طوفان نڪتو.

(هتي طوفان نوح کي تلميحاً ڪر آندو ويو آهي، ۽ پنهنجي اکين جي لڙکن کي نوح جي طوفان سان پيٽيو ويو آهي.)

شاعر ڪنهن معمولي گالهه کي اهڙي طريقي سان ادا ڪندو آهي، جو عام ماڻهو ڏ ڪري سگهي؛ ۽ پوءِ الهيءَ جي ادائگيءَ ۾ هن خيال جو گهوڙو زمين ۽ آسمان جو اک-ڇنب ۾ سير ڪريو اچي. حافظ صاحب جي تخيل جي بلند پروازي ملاحظه ڪريو:

هاڻي ڏسنداسون وري ذوق جگر سوزيءَ جو،
زخم جي واسطي اڄ شورِ نمڪدان نڪتو.
آخرين دم ۾ ڪيم عشق جي حالت معلوم،
جان ويئي، دم ويو، پر دل جو نہ ارمان نڪتو.
ابروي يار تي ڪيم حيف گمانِ قبلہ،
طاق محراب جو هو دشمنِ ايمان نڪتو!

معاملہ بندي هر عاليمقام شاعر جو پهريون فرض آهي. هو جنهن گالهه کي چوي ٿو، انهيءَ جي تلازمي لاءِ هن کي پي به اهڙي شي آڻي آهي. "بسمل" جو هيٺيون غزل ملاحظه ڪريو: تلوار جو مضمون آندو اٿس، ته انهيءَ لاءِ عاشق جو ڏنجڻ، يا جنگ و جدل جو آڻڻ، يا يار جي نازڪ هٿ جو ذڪر ڪرڻ وغيره سان تلوار جو مضمون لياڻجي سگهندو.

يار ڪٽي زيب ڪمر اڄ وري تلوار نڻين، حسن ۽ عشق ڪندا ڀاڻ ۾ پيڪار نڻين.
حسن پنهنجي ته وري آهه ڪٽي بازار نڻين، شوخ شاهد ٿو هلي ناز سان رفتار نڻين.
شورش عشق ترقي کي دگربار نڻين، حسن نٿون، ناز نٿون، شوخي گفتار نڻين!

يار آغوش ۾، اڄ بخت ٿيو بالا منهنجو، مرحبا هٿ ۾ رهي دولت بيدار نئين!
باده نوشيءَ جي ٿي آ منع ۾ جاري فتوا، شيخ جي آهه ڪئي گالهه ڪا اظهار نئين.

حافظ صاحب پنهنجي ڪلام ۾ منظر چگو پيش ٿو ڪري-

آئي نسيم رحمتِ فضلِ خدا سندي،
سرسبز لطف سان ته وري لالہ زار ٿيو؛
مکڙين جي منهن جو بادِ صبا بند کوليو،
باغِ جهان جو صحن ڦري مشکبار ٿيو؛
ڪيڏا ڪرم ڪريم ڪيا پال بيشمار،
بارش ۾ ابرِ رحمتِ پروردگار ٿيو!
نرگس جي ناز مان نه ڪجي ڪنهن ڏي چشم ٿي،
هي ڪيف حسن جي ڪان گهٽو پر خمار ٿيو؛
سنبل سنواري سينڌ لطافت سان ٿو لڏي،
چا شان دلبريءَ سان ٿڙي آشڪار ٿيو!

حافظ صاحب نظمن ۽ غزلن کان سواءِ ٻي مثنويون- "مثنوي محمّدي" جنهن ۾ رسولؐ ڪريم جي اسوه حسنه آهي، ۽ "مثنوي سسئي پنهون"، ۽ "مثنوي دودو چنيسر"- لکيون. "مثنوي محمدي" سندس وفات کان پوءِ محترم ڊيلائي صاحب جي ڪوشش سان شايع ٿي چڪي آهي، ۽ گورنمينٽ جي ادبي بورڊ ڪرمفرمائي ڪري حافظ صاحب جي يتيم نياڻن کي ٻه سو روپيا انعام ڏنو؛ ٻي مثنوي 'سسئي پنهون' قلمي حالت ۾ موجود آهي؛ ٽين 'دودو چنيسر' ٻڌڻ ۾ ٿو اچي ته کو حريف وٽانئس کنهن رمز سان تگهائي ويو.

افسوس آهي ته اهڙي اعليٰ شاعر جي حيثيت مطابق سندس شعر جا ڪيترائي مجموعا ملڻ گهربا هٿا، سي سڀ حوادثِ زمانہ جي مجبورين ڪري اڄ ڪن پين بوالهوس شاعرن جي نالن سان دنيا جي سامهون اچي رهيا آهن! جستجو بعد جو ڪجهه هٿ آيو آهي، سو به ڪافي آهي. سندس هڪ غزلن جو ديوان محمد خان "غني" صاحب ڪي هٿ جڙهيو آهي، جو اميد آهي ته جلد شايع ٿي پوندو.

انتخاب

آيو نه ڪڏهين حرف شڪايت جو دهن ۾، نڪتو جي اندر مان، ته ويو گهنجي گهٽن ۾.
ڪير آهي چڙي پنهنجو ويو عڪس گلن ۾، هنگامو ستو شوق جو مرغانِ چمن ۾.
رک پنهنجي شهيدن تي قدم، تيغ سنياليِ، ڏسجان، نه متان جان اچي موڻي مٽن ۾!
صياد منديو دار ته گاڇين ٿو چئي گل، بلبل ڏءِ بهار آئي، ٿي افتاد چمن ۾.
اي دشت عدم، ڏسج آڏائي نه سندءِ خاڪ، وحشي کو اچي اڄ ٿو وجهو چاڪ ڪفن ۾.

موتي ٿو وڃي موت، رسي گر ٿو ستمگر،
تقدير بہ ڇا آهہ ٿي قاتل جي هٿن ۾!

پهلو ۾ جي ويٺو تہ ٿهي درد ٿي ويٺو،
آٿيو تہ آٿيا سور نوان جان ۽ تن ۾!

غم مون کي تہ کجهہ ناهہ، مگر گهر ٿو ڏٺائين،
دل منهنجي ڀڳئي، ڏس نہ هوين يار ڏکن ۾!

مقتل ۾ بهار آهہ، ذرا هل تہ ڏئي سير،
گل تنهنجي شهيدن جي ڪيا خون پٽن ۾!

اڇاڻ ٿي لاشي تي وئي غير کي آيو،
بيرحم ستا سور ٿو جاڳائي سُٽن ۾!

ڇو دستِ حنائي کي ڏجين يار ٿو رکندي،
تنهنجا ٿي آهن تير انهن دل جي ڏٺن ۾.

هن اهڙيءَ ادا ساڻ ڇڪيو پاڻ ڏي مون کي،
دل وس مان وئي، تاب رهيو کجهہ نہ بدن ۾.

معلوم نہ ٿيو عرضِ تمنا تي ڇئين ڇا،
هان، هوس اثر ٿيم-تبسم جو چپن ۾.

ڪنهن شوخ جي اکين کان هي ماتام متو آهہ،
ساغر پيو ڦري خون جو اڄ بزمِ چمن ۾؟

نادر جي سندس نظم، تہ هر شعر ٿيو شيرين،
وه طبع 'عزيز' آيو وٺي شعر جي فن ۾!

ديوانو ڪٽان آيو ڪرڻ سمع خراشي؟
"بسمل" کي ڏجو داد نہ هن طرزِ سخن ۾!

عالم بہ ٿي، امام ٿي، آفاق گير ٿي

عنقا جي طرح ويهہ نہ لکي گوشہ گير ٿي،
نکري اڏام صورتِ شاهين مسير ٿي.

يا سر وڏائي لائقِ تاج و سرير ٿي،
يا ڏيئي تخت و تاج کي، آرام گير ٿي.

ماضي جي آهہ شان تي گر توکي افتخار،
غافل! سنواري حال کي تون بينظير ٿي.

هو پرتوو جو وادیءَ يثرب مان چمڪيو،
ڪر تنهن مان اقتباس ۽ روشن-ضمير ٿي.

بطحا جي ٻيشوا جو مليو آهہ کاروان،
وٺ نقشِ پا انهيءَ جو اٿي راهگير ٿي.

سمجهيم تہ آهين مسلم، پر تنهنجو ڪٽ ڪمال،
نادان پنهنجي حال تي حسرت پذير ٿي.

اسلاف جي اچي ٿي اهڙا قبر مان صدا:
اي ناخلف! لہ ڪاهل، عاجز، اسير ٿي.

جوهر قلم جو، تيغ جو ڏيکار آب تاب،
"عالم بہ ٿي، امام ٿي، آفاق گير ٿي".

مسند سنوار پنهنجي علومِ قديم جي،
'رازي' بہ ٿي، 'ڪمال' ٿي، 'ابنِ جرير' ٿي.

چمڙو جهليندو تاب نہ هن پرتوي سندو،
اسلام جي تون نور جو مهرِ منير ٿي.

سمجهي ايڏا لہ قوتِ ايمان جي تو آهہ،
مخدومِ روزگار ۽ پير جو پير ٿي.

تقدير کي وسار، قلم تون بہ ٿو رکين،
قسمت جي سرنوشت جو خود ٿي دبير ٿي.

اڳيون نہ جوش "بسمل" تنهنجي سخن ۾ آهہ،
خاموش هن چوڻ کان اي شاعر شهير ٿي.

سنڌ جي آزاديءَ تي

شرابِ ارغوانيءَ جو پري ڏي جام، اي ساقي،
خدارا ميڪشن تي ڪر ڪو اڄ انعام، اي ساقي!

پيارج پرت مان اهڙو مئ گلفام، اي ساقي،
رهي باقي نہ مون ۾ هوش جو ڪو لام، اي ساقي!

مدامي شل رهي آباد ساقي تنهنجو ميخانو،
اچي معمور ڪر هڪ جامِ مي سان دل جو ويرانو!

خزان ويئي، بهار آئي، چمن ٿيو گلفشان آهي، قباي لو بغل ۾ ڪئي سمن ۽ ارغوان آهي،
خوشيءَ کان دهن غنچہ اڄ ٿيو خنده زنان آهي، ترنم تهنيت جو بلبلن کيو برزبان آهي:
بنائيون قابل نظاره اڄ اجلال گلشن جو،
نہ اهڙو ڪنهن ڏٺو هرگز ڏهين اقبال گلشن جو.

شب غم وئي وهامي، نيٺ ٿيو رنگ سحر پيدا، نمود صبح صادق ۾ ٿيو خورشيد ظفر پيدا،
ڏسو باغ وطن ۾ ٿيو صداقت جو ثمر پيدا، نهال آرزوي قوم ۾ ٿيو برابر پيدا:
عملداران آزادي کي نصرت جي لدا آئي،
"جدا ڪيڏن سنڌ بمبئي کان" اها دلڪش صدا آئي!

جدا ڪيڏن سنڌ کي صوبو ڪري اڄ ڏار بمبئي کان، وڌي هٿ ۾ حڪومت کي، ٿي خود مختار بمبئي کان،
عزيزان وطن آباد ٿيا سرڪار بمبئي کان، نہ رهندو ملڪ کي خطرو، لٿو آزار بمبئي کان:
ٻڌايو تار برقيءَ ملڪ کي فرمان آزادي،
مسرت سان پڙهيو هر ڪنهن اهو عنوان آزادي.

در آزادگي کولي ڏنائون سنڌ وارن کي، ڪيائون دلدهيءَ سان شاد سڀني بيقرارن کي،
مسرت جو ملیو پيغام اڄ اميدوارن کي، ڏنائون مرهم جان بخش قومي دلفگارن کي،
زمانو نڪبت و ادبار جو انجام تي آيو،
مهہ اقبال چمڪي اڄ وطن جي بام تي آيو!

نويد زندگي مضمر هوان پيغام ۾ شاهي ۾، دم عيسيٰ ڏٺو هرڪنهن انهيءَ اڪرام شاهي ۾،
رهياسون منتظر مدت کان جنهن انعام شاهي ۾، ملیو آخر اهو اڄ آهہ هن اعلام شاهي ۾:
ورق گردان وري تاريخ ٿي سنڌي تمدن جي،
بهار افزاي دليا هير ٿي پنهنجي ٿي گلشن جي!

نظر ۾ پيو اچي ساڳيو اڳيون اقبال سنڌ ين جو، خدا ڪهريو ته ٿيندو جلد بهتر حال سنڌ ين جو،
فلڪ تي بدر ٿيندو ڪوڪب اجلال سنڌ ين جو، قرين ڪامراني ٿيندو ماه و سال سنڌ ين جو:
زمانو ٿيندو حيرت ۾ ڏسي سنڌي جلالت کي،
سيکهو ڪائيندي دليا هن امان جي عز و عظمت کي!

نظر اڳيان امان جي منظر علم و فضيلت آهہ، اها ارزانيءَ دولت، اها صنعت ۽ حرفت آهہ،
ڪشايش جو وسيلو هٿ ۾ دنيا جي تجارت آهہ، ڏسون ٿا هاڻ قبضي ۾ سڄو سامان راحت آهہ:
نہ بيڪاريءَ کان نالان ٿين افراد وطن هرگز،
نڪو افلاس کان ڏسجي ڪٿي رنج و محن هرگز!

نشان عظمت قومي ڏسون پيا پنهنجي صحرا ۾، ترقيءَ جو نظارو ٿو ڏري هن چشم بينا ۾،
ڏسون پيا موج گوهر ريز پيدا آهہ دريا ۾، عجائب دلفريب آهہ هن جي روي زيبا ۾:
صلاي عام، يارو، آهہ ٿيو آباد ميخانو،
پري ٻيو هٿن ۾ آهہ ساقي صاف پيمانو!

اڻو، هل وطن! ٽي هاڻ يڪدل يڪزبان بنجي، وڏو اڳتي زماني ۾ دليلِ ڪاروان بنجي،
ڪريو ميدان ڪي سر فاتحِ همت-نشان بنجي، رسو هڪدم بلنديءَ تي مثالِ آسمان بنجي!
اجا اهنجي اڳيان هڪ ڪشمڪش جو امتحان آهي،
اوهان جي تاڪ ۾ دشمن اجا تائين نهان آهي!

ڇڏيو، اهلِ وطن! سڀ باهمي بغض وعداوت ڪي، ملي تازو ڪريو هڪوار پيمانِ محبت ڪي،
ڏسو ٿا خانه جنگيءَ مان وڃي پهتا مذلت ڪي، ڪٽي ويڙا مٽي تي دائمي بارِ مصيبت ڪي؛
نه ايندو ڪر اوهان ڪي ڪو ٻيو هن هيڪلائيءَ ۾،
رهو يڪمشت ٿي لله هن قومي لڙائيءَ ۾!

الله العالمين! لئين سر اسان ڪي ڪامگاري ڏي، مقيد ٿياسون ذلت ۾، الهيءَ ڪان رستگاري ڏي،
اسان جي باغ اجڙيل ڪي وري جوشِ بهاري ڏي، ٿئي سرسبز ساري سنڌ اهڙي آبياري ڏي؛
اجابت جو ڪلي در عاجزن جي التجائن تي،
آڻي، اي جوشِ رحمت، هاڻ "بسمل" جي صدائن تي!

نيڪ محمّد بلوچستاني

مرحوم سيد احمد شاهه "خاڪي"

مرحوم سيد احمد شاهه "خاڪي"، ولد سيد طالب شاهه، لکياري، ڳوٺ آبل جي وسيءَ لڳ لنواري، تعلقو بدين، ضلعو حيدرآباد، سنڌ-جو ويڙل هو. سندن جنم جي تاريخ جي پوري خبر پڻجي نه سگهي آهي؛ البت اندازي موجب پڌائي سگهجي ٿو تہ سن ۱۹۰۸ع ڌاري تولد ٿيو هو. آبل جي وسيءَ ۾، ملان عبدالرحيم ميمڻ جي مدرسي ۾ قرآن شريف جي تعليم وٺڻ شروع ڪئي هئائين. ملان عبدالرحيم ڪجهه وقت بعد درس و تدريس جو ڪم ڇڏي ڏنو؛ پوءِ وري حافظ علي جوڻيجي وٽ قرآن شريف جو ختمو پورو ڪيائين. ذريعہ معاش ۽ پيري-مريدي جي سهوليت ڪري، مرحوم جا والدين، آبل جي وسيءَ مان هجرت ڪري، احمد ٻرڙي جي ڳوٺ ۾ وڃي رهڻ لڳا. اهو ڳوٺ نندي شهر تعلقي ٽنڊي باگي کان هڪ ميل اوپر طرف آهي. نندي شهر ۾ نورمحمد شيخ نالي هڪ نو مسلم عالم ۽ بزرگ شخص مڪتب ۾ پڙهائيندو هو: شاهه صاحب ان وٽ به پارهن مهينا ڪن پڙهيو. ڪن مجبورين سبب، شاهه صاحب جا مائٽ ڳوٺ احمد ٻرڙي مان وري ساڳئي ڳوٺ آبل جي وسيءَ ۾ اچي رهڻ لڳا. مرحوم "خاڪي"، پنهنجي تعليم جو سلسلو جاري رکندي، مولوي کريمداد لُهڙيي وٽ پڙهڻ لڳو. مولوي صاحب ڪچ جو ويڙل هڪ جيد عالم ۽ فارسيءَ جو يگانو هو. مرحوم "خاڪي" هڪ سال ڪائين ونس فارسي پڙهيو، ۽ پڙهڻ جي زماني ڪان وٺي ئي شعر چوڻ لڳو. ڏاڍو تيزفهم ۽ حاضر جواب هوندو هو. کوبہ خيال اچي ويندو هوس، تہ ڪهہ پهہ شعر ٺاهي ويندو هو. هڪ سال بعد، مولوي کريمداد به ڇڏي ويو؛ پوءِ مرحوم "خاڪي"، حافظ قاسم شيديءَ وٽ چار درجا سنڌي پڙهي پورا ڪيا. مولوي جان محمد "جاني" ٺالپر، ساڪن ٽنڊو جان محمد، مرحوم "خاڪي" سان گڏ ساڳئي مڪتب ۾ پڙهندو هو. مولوي صاحب جن صاحبِ علم ۽ باڪمال شاعر آهن.

مرحوم حاجي پيربخش فاروقيءَ جي ٻٽ عبدالڪريم فاروقيءَ سان به "خاڪيءَ" جي تمام گهٽي دوستي هئي. هڪٻئي ڏانهن خط اڪثري شعر ۾ لکندا هئا. مرحوم حاجي پيربخش فاروقي به شاعر هو. قاضي گل محمد "گل" عباسي، (ويڙل ڳوٺ پنهنجو، لڳ لنواري، تعلقو بدين) به هڪ وڏو شاعر هو، ۽ لنواريءَ جي بزرگن وٽ عام مختار هو؛ قاضي عزس جهڙي، زبردست شاعر جو شاگرد هو؛ سو مرحوم "خاڪيءَ" جو همعصر ۽ دوست هو.

مولوي حاجي احمد ملاح (ساکن بدين) سان ٻ "خاکي" جون ڪجهريون ٿيندبون هيون.

سنڌي چوٿين درجي پاس ڪرڻ بعد، مرحوم "خاکي" جي والد بزرگوار رحلت فرمائي، جنهنڪري "خاکي"، پڙهڻ جي ڪر کي خيرباد چئي، پنهنجي خانگي ڪم ۾ زميندارئ ۾ مشغول رهيو. قابل، هوشيار ۽ ايماندار ماڻهو هئڻ ڪري، مرحوم ميرمحمد خان تالپر (ويڙل راجوخاناڻي: خاناڻي ميرن جي اولاد مان) کيس گهرائي پنهنجي جاگيرداري ۽ زميندارئ جو ڪر حوالي ڪيو. مرحوم نوڪري ملڻ ڪري پنهنجي آبائي وطن کي چڏي، اچي شهر راجي خاناڻي ۾ دائمي سڪونت اختيار ڪئي، جتي به ڪيترنئي قابل ۽ علم دوست شخصن سان سندس دوستي ٿي- جهڙوڪ مرحوم حڪيم مولوي تاج محمد افغان "مشتاق" (راجو خاناڻي)، رئيس لياري خان "لیار" نظاماڻي (ويڙل ہيڊ يرو، نزد راجو خاناڻي)، رئيس جيئل خان "جيئل"، چلگري (ڳوٺ گلڻ چلگري، لڳ راجوخاناڻي)، وغيره. مٿين سڀني شخصن سان مرحوم جي شعروشاعري ٿيندي هئي، مگر مرحوم "خاکي" سڀني کان گوءِ کڻي ويندو هو.

"خاکيئ" پنهنجي عمر جو گهڻو حصو مير صاحبن جي ملازمت ۾ گذاريو. آخرڪار مير صاحبن جو پاڻ ۾ موروثي ملڪيت تان تڪرار ٿي پيو، جنهنڪري مرحوم "خاکي" ملازمت تان استعيفا ڏني. سن ۱۹۴۳ع ۾، غشيءَ جي ڪري، مرحوم دارالفنا کي چڏي دارالبقا ڏي راهي ٿيو- انا لله و انا اليه راجعون. سندس جنازي کي فتح محمد شاهه جي مقام، ڳوٺ دودي ڪوريءَ ۾ دفن ڪيو ويو، جو ڳوٺ راجي خاناڻيءَ کان اٽڪل ڏيڍ ميل اوپر طرف، مولچند واهه جي ڪاهي ڪپ تي واقع آهي.

مرحوم "خاکي" نهايت نهٺو، هردلعزيز، خوش اخلاق، يڪ-سخن، راستباز، وعدي جو پورو، مستقل مزاج، ايماندار، محنتي ۽ صوم و صلوات جو سختيءَ سان پابند هوندو هو. سن بلوغت کان وٺي آخر تائين تهجدگذار ٿي رهيو. مرحوم پنهنجي شعر جو ذخيرو پاڻ گڏ ڪيو هو. سندس مرضي ڇپائڻ جي هئي، مگر اها پوري نه ٿي. سندس قلمي بياض، جيڪو پاڻ لکيو هٿائين، گم ٿي ويل آهي؛ باقي موجود شعر سندس پاءُ سيد غلام حيدرشاهه جي بندين ۾ سنديس هڪ ننڍي قلمي بنديءَ تان اتاريو ويو آهي. سندس شعر ۾ نوڙت ۽ انڪساري تمام گهڻي آهي.

مرحوم شادي ڪئي هئي، جنهن مان ڪيس هڪ پٽ ٿيو، جو سندس حياتيءَ ۾ ٿي ننڍپڻ ۾ گذاري ويو. مرحوم جا ٻه ڀائر، هڪ سيد غلام حيدرشاهه ۽ سيد وڏل شاهه، زنده آهن، جي پنهنجو خانگي ڪر ۽ زميندارئ سنڀالين ٿا.

ڪلام

مندا تا مينهن مارن ڈي، وڻاج، سي وسون ساريم،
اچن ات عام اوهيرا، ڪر ڪارا ڪسون ساريم.
سدا سائيهه ۾ ساوا سنيهاريان ساڻ سرهاڻيون،
ڪنيون ڪانونبڙاڪنڙا، چيڙ چونرا چسون ساريم.

نہ وسرن ویر هک وانڍون، پکا ۽ پرس پاڙ پچا،
سکي سپ وقت ساهيليون، پنهوارن جا پسون ساريم.
پٽن ڏٽ لاء ڏوٽاٽيون، ولر کيووانڍ لڳ وڙکن،
جٽا منجهه جوءِ جيڏين جا، سدائين سرگسون ساريم.

ستي جي سيل سالم سان وجي موٽي وطن پنهنجي،
اباڻا آفرين ڏيندا، شبانن شابسون ساريم.
خدايا، مان "خاکي" اج، پسي پاڙا پنهوارن جا،
وڏا جيت ڍير واريءَ جا، ڍڻ جون سي ڍسون ساريم.

*

جس جتن کي جي ڏسان جهاڳي ٽکر مان ٽوليڙي،
بس بلوچن جي ٻڌان من ٻاجهه واري پولڙي!
کيڙن پچان پيرين پيادي، پنڌ گهٽو آڏا پهاڙ،
چول ڏونگر تو ڏني ڏک ۾ ڏکيءَ کي ڏولڙي؟

هک زخم ظاهر ڏنا، جيءَ ۾ جرح ٻيا ٻڌ جتن،
درد جي داور ڏنا، پائي جهليم منجهه جهولڙي!
سور جو ورتم سبق، آيل! ازل جي روز کان،
ماڻ مون کي کا ڏني هئي-لڏون-لڳيءَ جي لولڙي!

ٻيچ دل ۾ هک پنهونءَ جو، ٻيو جبل جاڙون کيون،
حال تي حيرت کري، کوئي نہ آيو کولڙي!
خوش گهٽون "خاکي" ٽيان، کيچي ملن جي کاف ۾،
سوز ۾ سيد سندن، گهايل سڏايان گولڙي!

*

مٽي انگور اوپڙ جي پون بوندون ٻهاريءَ جون،
سدائين ساوکون سونهن، پلا يون پال باريءَ جون.
پيو پاڻي، پٽن ٻهريو پلر پوڻن مٽي پلٽي،
برن ۾ باس خوشبوءِ جي، فرحتون غمگساريءَ جون.
ترايون تڙ پريا تهدل، مٽن تاڙن تنوارون ٽيون،
وهن وانو ولهارن ۾، مٽي جر پاڪ جاريءَ جون.
وڃا مينهنڙا، وطن ويران ٽيو سرسبز شاد آهي،
گلن جا هار گلشن جيئن، ولهيون پائين واريءَ جون.

گسن ۾ گرڙ ٿيون گولون، للر ۽ لنب لاٽيون نت،
مر ويڙا مرٽ مڪيون ٿيون، مندون موٽيون ملهاري ۽ جون.

سدا سرها ٿيا سانگي، ولر تن واڌ لڳب وڙڪن،
پنهوارن مال پهرايا، چڙن چڙيون چوڪاري ۽ جون.

سنيارن جون سنجهي مان نت، سڀر لارون مڙيون لڳندي،
ٽماڻي ساز نند ليئي، گهوڙيون ساريندي گهاري ۽ جون.

نه سيد سان سنگهارن کو هجي ويچو وڃڻ واجب،
جڏهن "خاڪي"، خداوند ڪيون سڏايون خلق ساري ۽ جون.

*

وفا ويئي، ويا وعدا، نه يارن ۾ رهي ياري،
قضا هي ۽ راز کهه جاڻان، پيئي گڏجڻ ڪنان گهاري!

جتي هو ماڳ محبت جو، اتي دورو عداوت جو،
ويا اوقات فرحت جا، جدائي ٿي جڏهين جاري.

سڀيو هي ملڪ محبوبن، ڇڏيو خوش واس وٽڪارن،
گلن جي بوء منجهه گلشن، گلستان ۾ نه گلڪاري.

هميشه دل نه حب ماڻي، سدا جا ساهه سياڻي،
رڻ اڪيون رتا پاڻي، سنياريو سا سنگت ساري.

نه بلبل-بات منجهه باغن، تلخ طوطا تنوارون ڪن،
پچاڻي ٿي، نه سڏ پهچن، پرين کي ڪاڻ پوڻواري.

خليلن کي ڏسان "خاڪي"، ته گهنجي گهوٽ غمناڪي،
ڪري سيد مٽي ساقي، وصل ساغر جي سرداري!

*

اچين جي تون اڳڻ منهنجي، ته ڪريان يار ڪل قربان،
سندم سامان، توڻي ساهه ۽ سينگار ڪل قربان.
قدم جو باقدم ڪامل ڪٽي تون قرب پنهنجي سان،
صفت سهڻي هلڻ جي ۽ تان ڪبڪ رفتار ڪل قربان.
مبارڪ منهن منور هن چمڪ چهري ستان چاهون،
شمع ۽ شمس ٿيا شوقاً قمر انوار ڪل قربان.
لياقت لعل لب جي تان گلابي گل ڇڏيان گهوري،
نزاڪت ناز تنهنجي تان گل و گلزار ڪل قربان.

سرو تـوڻـي صنوبـر کـي سڏائـي تـان کريـان صدقو،
نـسـا نـرگس سندي نـيـڻـن مٿان نـروار کل قـربـان.
دهن کان دوست جـي پانيان نـ چڙهتو چاهه زمزم کي،
عجب ابـرو مٿان تنهن تيـغ نت تـلـوار کل قربان.
گهٽان غب غب مٿان گهوريان، کري هي صوف سپ صدقو،
بلڪ منجهه رُوءِ بينيءَ تـان مـٿـو منقار کل قـربـان.
خوشيءَ مان کرخنده دلبر ته گهوريان گهوٽ هي سپ گهر،
کـلـڻ تـان خـوبـرو تنهنجي دُر و دينار کل قـربـان.
لـه خوشبوءِ سـاڻ خيرو گـل هجي محبوب مـوتيو مَٽ،
پگهر پـريَنءِ مٿان کريـان عـطـر هيڪار کل قـربـان.

*

اگـڻ منهنجي منّي البت، پـيـارا! پـيـرڙا پايو،
ڏهاڙي ڏينهن هڪڙي، ۽ پلي لک پيرڙا پايو!
مبارڪ پـيـر محبت جـا، اگڻ پارا اکين تي ڏيو،
منّيءَ سين مر پريل منهن تي مداميِ مـيـرڙا پايو!
کـري من خاڪ قدمن تان، لـڳل لعلين ۽ جا لَٽ،
کريان سرمون ساسڪ مان، جي سچ ساجهيرڙا پايو!
حبيبن سـان حياتي گـذ گذاريان سپ غلاميءَ ۾،
اکين اڳيان دريـون ديواريون ۽ ديـرڙا پايو!
پَسايو پـاڪ صورت جـو مٿا جيئري اچـي جلوو،
مرڻ کان ماڳ منهنجي تـي قدم منهنديرڙا پايو!
مـلازم کي مـٿـا جـانـي کرايو اڄ قدمبوسي،
چنڊ جون کيرِ چاتيءَ ۾ چـُريون ۽ چـيرڙا پايو!
خدا کارڻ اچو خدمت خلاصو ٿي کري "خاڪي"،
رقيبن جـو رکـي رايـو، لـه ويهي ويـرڙا پايو!

*

قلب منهنجو ٿـو ڪنبي، تنهنجون پيتيون بُرجا ڏسي،
خوش ڪنديس خود حال ۾ دل، ٿوڪ شل ٿـر جا ڏسي!
ڪوٽ تنهنجي منجهه ڪنڊ، آهـي حويلين ۾ حراس،
جو تـه پـکڙا هـو پنهوارن نت نبي سر جـا ڏسي.

محل ماڑيون ميڙ ڇڏي، بيزار بنگلن کان ٿيس،
وانڊيو ويڙهيچن سندي وٽکار ويتر جا ڏسي.
لئون لذيذن سين نه لايان، جي هجن تازا طعام،
سات ۾ سرها سنواريان، ساڳ هو سر جا ڏسي.
ميرا! ميوا ماڻيان ڪيئن، هي انجيرن تان انار؟
هوند بادل جي وسي، پوءِ باغ هو بَر جا ڏسي.
ٿي شڪايت شاهه تنهنجي، شربتن شيرين گلاب،
ٻاڪ پاڻي پٽ پلر، پالار ٻوور جا ڏسي.
ڪيئن قبولي مان ڪريان تنهنجي عمر! الفت ٻسند؟
ڪانڊ مون تي ڪرم ڪيا وهنوار سي ور جا ڏسي.
ساهه "سيد" ساڻ سانگين سلڪ ۾ پوتو سندم،
سو دفعا صدقو ٿيان، احسان سرور جا ڏسي!

*

قرب تنهنجي ري قريبا، ڪاڪ ساري ٿي ڪڙي،
گهوٽ توکي غم ڏسي، گهارڻ هتي ڪهرجي گهڙي!
روح ۾ ڪل راتيون ۽ روز گذرن منجهه رنجس،
ڪالهه جي ڪٿي ڪري، ٻيا ڪل مٽان گهوڙها ڪڙي!
مُلڪ توڻي ميٽ، مگر هن محل ۾ ڏارين مثل،
روح کي راحت نه ڏي ڪا ديس جي هڪڙي دڙي!
ڪاج خاصاري خوشيءَ ڪائڻ اندر پانيان خراب،
جام ٻي جنهن وقت جانب سان رکي مون جيءَ-جڙي!
ڏيل سارو ٿيو ڏکويل، ڏاج ۾ مون ڏک ملیا،
باب منهنجي هٿي بنيءَ هيءَ بخت ۾ تهمت بڙي!
لينهن جي لاسور کي هي چا ڪندا حاذق حڪيم،
سير چوڙڻ کان اڳي سڀ سوز ۾ ويو رت سڙي!
ڪو سنيهو من سٽائي سربسر مون کي صبا،
هيءَ وطن ويران وانجهي، هو وٽان مان واڙي!
سڏ سوالي جا سڻي، ڪو سار صاحب-دل ڪري،
آسرو آهيم، من آزاد ٿئي منهنجي آڙي!

خلق ۾ "خاڪي" نہ ڪوليان، حال خاطر جو هلي،
راز راءِ سان ڪنديس سان، رمز هيءَ روئي رڙي!

*

جام! جاري رچ ڏسي، محبت ملاحن سين نہ مٽ،
تون سمون سردار، آءٌ ڪولڙي مسڪين گهٽ!

مانُ منهنجو ملڪ ۾ تنهنجي محابي سان مٽي،
نام تنهنجي سين نهايت ڪيم نخرا ناز لٽ!

راج ۾ راڻيون جي ايندیون، سپ سميون ساري سهاڳ،
عيبوند آءٌ اتي خوش ٿي منگان ڪيئن خاص ڪٽ؟

راءِ! تنهنجي راز سين، راڻي سڏايان راج ۾،
نت ڪُڙهيءَ سين ڪر اسان، جرڪا جهليون منجهه جار جٽ!

اڳ مٽي تي مون مچيءَ جون جي ڪيڪيون ڪاريون ڪنيون،
سو ايا ناهي سُڪو، ڪُرڙبن ڪينين جو ڪٽ ڪٽ!

عيب جي مون ۾ اصل، سي سپ نہ ساري ڪو صحيح،
لطف پنهنجي سانُ هيءَ، منهنجي لنگن تان لاهه لٽ!

عيب جي ٽيندم اگهاڙا، ڪيئن سونهان سرتين اڳيان؟
شاهزادين سين شراڪت جو مون کي ساري ٽو مٽ!

خاص "خاڪي" جون خطائون، بخش هديون بادشاهه،
مٽي مديون آنديون مگر، ڏاتارا! منهنجا ڏوهه ڏٽ!

*

دنيا جو دور دم ساعت، هميشه ڪل هلڻ وارا،
مٽي ويا مرد محلاتون، چڏي هي ماڳ موچارا.

صغيريءَ جي ڪڏهين منجهه سن، جواني جو ڪڏهين جوبن،
ڪڏهن پيريءَ ۾ پروس تن، مٽي ڪيا موت هوءَ مارا.

سجان اڳ شهر پر پسجن، پتين کان باز ٿي بسجن،
لشان منجهه ڏينهه نت ڏسجن، پڳل جاين سندا جارا.

چڏي اقبال ويا عالي، وڏي وٽجار جا والي،
خلاصا گهر ڪري خالي، اگڻ ايوان اوتارا.

جنين خانن مليون كيرون، چڏيون تن جلد جاگيرون،
هميشه جن لڳيون هيرون، كلر تن لاءِ تتا كارا.

كري ضايع زمينداري، وطن تن كيو وڃي واري،
هليا هركار كان هاري، ٻنيون ۽ ٻج چڏي ٻارا.

كيا جن گشت گهوڙن تي، چڙهي بيحد ٻلوڙن تي،
لٽيا تن لنگ لتوڙن تي، سٽن وارن كيا وارا.

هلايا جن حكم هيكر، ولاتن تي وڏي ويتر،
كيئون املاك گڏ آخر، سي سڀ سامان تن سارا.

سنياريو جن سجر سوكي، لياقت سان لشكر كي،
سپاري كم سكندر كي، چڏي دامان ويو دارا.

سكندر ٿي چڏي ساري، حكومت تنهن سندي ساري،
اكيون پوري له پوئواري، كيائين پانهنجي پاران.

تبع جو تخت ٿيو تابان، سليمان ويو چڏي سامان،
ڏلي جمشيد جهت ٻٽ جان، چكا تنهن جا جڏلهن چارا.

عدالت كان ٿئو اكبر، لكو كسريٰ نه اڄ قيصر،
ڇائيون وقت پنهنجي هر، انگل تن جا لٽا آرا.

قلعا خالي كلهوڙن جا، اتي اڄ ڏڳ اڏوڙن جا،
ٽٽل ٽكرن ۽ ٽوڙهن جا، لست نليون منجهس نارا.

مٽيو هن ملك كي ميرن، نه دولت ٽئي دلگيرن،
وجا ويئي سندي ويرن، ركي من سان مونجهارا.

چڏي عالم ويا عاقل، له عالم ۾ رهيا عادل،
وجي واحد سين ٽيا واصل، ڇائي پير ٻاگهارا.

ركيا گلزار جن گلشن، ٻني باغات اڳ ٻنگلن،
له ماڻهو پاس محلاتن، صحن جي ٻيش سانيارا.

وڃايئون گل مٽي گادي، كيئون شب روز ٽي شادي،
له تن جي آهه آبادي، وطن ۾ يار وسكارا.

جتي ٻنيا جشن باري، حكومت كيا حكم جاري،
ڇون اڄ تن جي چوڏاري، كڏ بو كن كوڏ كو كارا.

ڏٺون جي ساوڪون سايون، اهي آيون منڊي آيون،
ڪيون سي ليڪ ڪٽ پايون، ڪيو ڪن تن ۾ لاهارا.
ادا انسان وٽ عبرت، حڪايت سڻ سندي حيرت،
ته قادر جا ڪئي قسمت، ڪري ڪيئن سا ڪري ٽارا.
سي "سيد" نصيحت نت، رکج من تي مدامي مت،
ته "خاڪي" خاڪ ۾ خوش خط، ملي ٽيندين منڊي يارا.

*

سنيها ڪي صبا سون ڪي، سنگهارن جا سڏايا اڄ،
ڏمر جي خاص ڏوراپا، هتان جيڏين هلايا اڄ،
وڻا مينهڙا مندون وريون، ابر ڏسندي اکيون ٽريون،
سنيارين سو وڃن سريون، اکين مان لڙڪ آيا اڄ.
وڻا مينهڙا مندون سوٽيون، پلرڪن جام پالوٽون،
لوهارين سر ڪنيون لوٽيون، لسي ڏڏ لاڳ لايا اڄ.
وڻا مينهڙا ولر وڙڪن، ڪهن ۾ هل هڏو ڪرڪن،
نہ ڏهلي دل ڪنان ڏڙڪن، قضا هي دم ڪٽايا اڄ.
وسي هت مينهن ڪيون موڪون، لٽيون ساڻيهه تان سوڪون،
ٽليو ڪن ٽهڪ ڏيو ٽوڪون، سزا مارن ملهايا اڄ.
سنيارن جون سير لارون، چڙهيو ڪن چاڳ چونگهارون،
وڻن وهه واهه وٽڪارون، ته سارن دک مٽايا اڄ.
سنياريم ساڳ سر ساوا، جتي جيڏين ڪيا جاوا،
ڳنڍيرن تي چرن ڳاوا، ڳنوارن گيت ڳايا اڄ.
ڳنوارن جون هڏي ڳاهون، اندر مان ٽيون هدر آهون،
روان ساريون سندن راهون، ڏٺولين ڏڻ سنيايا اڄ.
چرن چانگن پٽيان چلڙو، وٽي سون واهه ولولڙو،
نہ جوشن جو گهٽي جلڙو، جگر جيڏين جلايا اڄ.
سدا "سيد" سنيارينديس، پنهوارن ڪي پچارينديس،
ڪري آهون اڏارينديس، عمر جي هند اڏايا اڄ.

*

منجهه سڏائي جيئن صنوبر، منهن سندس ڪر 'ميرهي' -(مه)
روح ۾ مون ڪي رهيو، هر روز تنهنجو 'ري-خي' -(رخ)

تساب ڏس تلوار والڳي، 'الف-بي-ري-واو' جو-(ابرو)
ناز نرگس جي مثل آهي عجب منجهه 'الف-ڪي'.-(اک)
محب جو منقار طوطيءَ جيئن لهايت 'نون-ڪاف'،-(نڪ)
لعل گلابيءَ جي مثل لعلائي بوسين 'لام-بي'.-(لب)
'ميم' سان سمجهان مقابل، 'دال-هي' ۽ 'لون' ڪي،-(دهن)
آب زمزم جي مثل تنهن 'لام-عين ۽ الف-بي'.-(لعاب)
شوق سان شامل ڪري منجهه 'شين-بي' مون کي شريڪ،-(شب)
گهور ڪر گهوري ڪري سهڻي مٿان هيءَ 'سين-ري'.-(سر)

راز اوريان روز شب، ٿي روبرو راڻي اڳيان،
منجهه اکين آڻي الم، جو 'الف' سان گڏ 'الف-بي'.-(آب)
هي سڻي منهنجون صدائون، 'سين-بي ۽ دال' ڪي،-(سيد)
خادميءَ ۾ من ڪئي اڄ "خاءِ-الف ۽ کاف-بي"!-(خاڪي)

*


اڄ اکين ساريا سڄڻ، ٻيئون ٻيڙي بر ۾ وسڻ،
روح ۾ روئي رڙڻ، ڏيهه ڏونگر ۾ وسڻ.
دل مٽي دهشت ڪري، هي عشق جو آڙ-لگ تتو،
منجهه ٽڪر لاتون ٽمڻ ۽ ڪاف جي ڪر ۾ وسڻ.
نيڻ روبو ڪن نهارون، من ڪٽان ڪيڇي اڇن!
وڏ-ڏڙا واهي هليون، هن وات جي ور ۾ وسڻ.
پنڌ ڏسيو هي پيچرا، گوڙها ڳلن تان نت گڙن،
ان طرح عينن ڪيو، ڪس ڪام ڪوندر ۾ وسڻ.
لعل لڙڪن جون تنين لوڻن مٿان لارون لڳيون،
هولد بادل جي مگر منجهه جهنگ جبل جهر ۾ وسڻ.
ڇيڇ پائي پنهونءَ سين، اکڙ بن رکيو آرو عجب،
درد ۾ دکڙا ڏسي، پاڻان لڳيون پر ۾ وسڻ.
بس نه آئي ري بلوچن، راهه ۾ تن روڄ ڪيو،
هوت هينڙي ۾ جهلي، هڪدم لڳيون هر ۾ وسڻ.
اوچتو هي عشق ڪو "خاڪي" خليلن سان ٿيو،
جا رکي جهوري الدر، اکيون لڳيون لر ۾ وسڻ.

*

ادا قاصد، ابائن ڏي نياپو ڏج نمائيءَ جو،
سنيهو سربسر ساري، ڏکن جي دم ڏهائيءَ جو.
ٻنيا منجهه ٻاگهه بند باري، قضا هي قيد کيا جاري،
وجهي وارن اندر واري، ڇڏايو پهه ڇڏائيءَ جو.
نه جهانگين سان ڏئو جوئي، نه قاصد کو مکوٽن کوئي،
رندن تي رت ڦڙا روئي، قصو جوڙ ۾ کهائيءَ جو.
سنگهارون ٽيون سکن سر ۾، ٻڌن ۾ ڪي تر ۾،
مگر منهنجون اکيون در ۾، وري من کو وهائيءَ جو.
نه "خاڪي" کاج خوش کايان، ڇڏ لاه پاندلک پايان،
: شاديءَ تي شرم لاهيان، عمر لوئي ايائيءَ جوا

مرحوم سيد نظر علي شاهه "گدائي"

مرحوم سيد نظرعلي شاهه دوم، بن عنايت شاهه دوم، بن نظرعلي شاهه اول، بن چتن شاهه اول، بن ولايت شاهه اول، بن عنايت شاهه اول، بن فتح شاهه دوم، بن طالب شاهه، بن فتح شاهه اول، بن سيد ابوبڪر، بن محمد شاهه دوم، بن سيد نظام، بن نورمحمد، بن سليمان، بن سيد عثمان، بن محمد اول، بن ايوب، بن عبدالله، بن جلال، بن ميران، بن هاشم، بن قاسم، بن عباس، بن ادريس، بن حمزه، بن امام موسيٰ ڪاظم عليه سلام.



سيد صاحب جي ولادت، تاريخ ۱۱ جون سن ۱۸۹۱ع، بروز خميس، بوقت صبوح صادق، شهر ڪنبر ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ٿي. عمر جو سمورو عرصو پنهنجي شهر ۾ ئي گذاريائين، ۽ اتي ئي وفات ڪيائين.

لنڊ ۾ سنڌي چوڻين درجي تائين پنهنجي شهر قنبر ۾ تعليم حاصل ڪيائين ۽ انگريزي تعليم ڇهين درجي کان چوڻين درجي تائين مدرسة اسلام لاڑڪاڻي ۾ ورتائين، جنهن زماني ۾ مذڪوره مدرسي جو پرنسپال مرزا غلام مصطفيٰ خان هو. ان وقت شاهه صاحب جي عمر تيرهن ورهيه هئي. مرحوم علم حاصل ڪرڻ ۾ ازحد ماهر ۽ محنت ڪش هو؛ مگر چوڻين انگريزيءَ جي ۾ شاهه صاحب جن انگريزي تعليم کي قطعي ڇڏي ڏنو، جنهن لاءِ مرحوم پنهنجي زبان سان ۾ سبب پيش ڪندو هو: هڪ ته ان وقت سندن والد بزرگوار فوت ٿي ويو، ۽ اهڙيءَ صورت ۾ سڄيءَ خانقاهه جي انتظام جو بار مٿس اچي پيو؛ ۽ پيو ته ڀاڻ ڏيني درس جو دلي خواهان هو.

وڏي تعجب جي ڳالهه هيءَ هئي ته مدرسو ڇڏڻ بعد به خانقاهه ۽ قدري زمينداري بار پوڻ ڪري ڪيس خاص طور ڪنهن ڏيني درسگاهه ۾ داخل ٿي بخوبي علم حاصل ڪري دستاربنديءَ جو موقعو ملي ڪونه سگهيو، مگر صرف علم-دوست آدمي هئڻ سبب چند علماء ڪرام کان رواجي طور ڪجهه سبق حاصل ڪيائين. ان بعد، مُعلم ۽ مؤدب ٿي رهڻ لاءِ، شخصي سرجوشي عمل ۾ آندائين: فرهاد واري فولاد دل بنائي، دنيوي خواهه ڏيني علمن ۾ ايتريقدر آونهو ويو، جو زمانه گشتيءَ جو علم خواهه ڏيني علم، ٻنهي ٿي ڪافي دسترس حاصل ٿي ويس، ۽ پنهنجي سڄي قنبر تعلقي ۾ باعلم ۽ چمڪندڙ ستارو ٿي پيو. عام خاص مائهن ۾ پنهنجي خوش اطوار؛ خوش خوئي ۽ خوش گوئي ۽ خوش خطيبيءَ وسيلي اهڙو ته فياض ثابت ٿيو جو جڏ پنهنجي وطني ماحول الدرسي سندس شاگرد ۽ احسانمند ٿي پيا. اڄ ڏينهن تائين مرحوم جون نصيحتون، مشورا، مقولا، هر قسم جا احسان ۽ مددگاريون، عام خاص مائهو هڪٻئي ۾ موقعي مهل ٿي حديثن ۽ ٻاهڪن طور استعمال ڪندا رهندا آهن.

اُن وقت قنبر شهر ۾ وڏي ۾ وڏو زميندار مرحوم خانبهادر حاجي علي حسن خان هڪڙو هو، ۽ ساڳئي وقت هو صاحب قنبر ميونسپالٽيءَ جو پُر اثر پريزيڊنٽ هو. خانبهادر صاحب، شاهه صاحب کي قنبر ميونسپالٽيءَ جو ميمبر ٿيڻ لاءِ استدعا ڪئي. باوجود انهيءَ جي ته شاهه صاحب ازحد علم دوست هئڻ سبب ڪم-فرصت هو، مگر مجبوراً اها آڇ قبول ڪيائين، جلد ئي وائيس پريزيڊنٽ مقرر ٿيو، جڏهين لاڑڪاڻي ضلعي جو ڪليڪٽر حامد علي صاحب هو، مرحوم شاهه صاحب ميونسپالٽيءَ جي ڪاروبار ۾ به ايترو ڪامياب ويو، جو قنبر ميونسپالٽيءَ ۾ ڪم از ڪم هڪ لک روپيا بچت رهندا هئا. قنبر ميونسپالٽيءَ جو رڪارڊ ان لاءِ ڪافي گواهه آهي. خلافت جي ايامڪاريءَ ۾ ٻڌ مرحوم وڏو حصو ورتو: مگر افسوس جو مرحوم پير حاجي تُراب علي شاهه راشديءَ کان-جو خلافت جو بانيڪار هو-سرڪار برطانيه پنهنجي حڪومت جي جابرانه دڙڪي تي معافي وٺرائي، جنهن بعد شاهه صاحب به قدري دلشڪستو ٿي پيو.

ميان نظرعلي شاهہ جي تاريخ وفات ۱۴ آگسٽ ۱۹۵۲ع آهي، جڏهن سندس عمر قريباً ۶۳ ورهيہ ٿي چڪي، ۽ ڏينهن انتقال سومر جو ڏينهن آهي، ۽ مدفن به پنهنجي شهر قنبر ۾ اباڻي مقام بخاري نالي منجهہ ٿيل آهي.

مرحوم ميان نظرعلي شاهہ جامع مسجد قنبر جو خطيب هو. سندس خطبو نهايت موثر هو اهو خطبو به اڄا موجود آهي، ۽ سندس هٿ-اکر لکيل آهي. وڏا وڏا آفيسر قنبر ۾ بدلي ٿي اچڻ تي سندس خطبي ٻڌڻ لاءِ جمعي نماز جامع مسجد ۾ اچي پڙهندا هئا.

شاهہ صاحب، ميونسپالٽيءَ جي ضروري ڪنهن ڪاميٽي يا بورڊ منعقد ٿيڻ جي حالت ۾ يا بازار ۾ ڪنهن ازحد ضروري ڪم جي بغير، گهر يا اوطاق کان ٻاهر نہ لکرندو هو. سڄي زندگي ڪٽ تي ڪتابن جا ڪوڙ، ۽ پاڻ، ۽ مس قلم، ۽ اها لک-لکان- ٻيو ٿيو ڪلو! البت زمينن تي پا پياده عام جام ويندو رهندو هو، ۽ پنهنجي زمين جي به ايتريءَ حد ڪڙمت ڪيائين، جو پنهنجا سمورا رواجي ڪڙمي اهڙا ڪڙمي بنايائين، جن کي "جوهري ڪڙمي" چئبو آهي. تاهم، هرروز هرشام، ڪوڏر ڪٽي، ويجهيءَ زمين تي ورزش جي لحاظ کان ڏيڙ- ٻه ڪلاڪ ٻنا ٻاريون ٽاهي ايندو هو ۽ سڄي عمر ۾ نہ ڪنهن ٻڌو نہ ڏٺو تہ "ميان نظرعلي شاهہ بيمار آهي، انهيءَ ڪري فلاڻي پروگرام يا ڪم ۾ حاضر ٿي نہ سگهيو"! واقعي بيمار تڏهن ٿيو، جڏهن واقعي فوت ٿي ويو.

مرحوم شاهہ صاحب پنهنجي زلدگيءَ ۾ ٿي ڪتاب پنهنجي دستخط لکيا: هڪ ڪتاب، اڌ ٻني جو ڏکهو، ليکائي ۳۸۴ صفحا آهي، جو مرحوم صاحب سڄو هٿ اکر لکيو آهي. هن ڪتاب جو نالو آهي-"مرڻ بعد حياتي" عرف "ابتدا انتها عالم"، ڪتاب ۾ سائنس ۽ آيات قران حڪيم ۽ عقلي دلائل سان ثابت ڪيل آهي تہ ڪيئن انسان جي مرڻ بعد الله تعالي ان جي روح سان ساڳيو ڪامل انسان جوڙي، ۽ ان کي ابدالاباد تائين زنده فرمائي ٿو، ۽ انسان سندس ئي ڪيل علمن منجهان موافق عالم آخرت جوڙي، سندس لاءِ هميشه جي هڪڙي پائدار جزا ۽ سزا، قيامت ۾ قائم فرمائي ٿو. انهيءَ مضمون جي بيان ڪندي، اڳ ۾ ابتدا عالم ساده روحي ۽ عالم مادي ۽ عناصري، عالم آخرت ڪامل روحي، ۽ ملائڪن ۽ ملڪي قوتن، وغيره جي گهٽي ڪجهہ حقيقت ۽ سمجهاڻي بيان ڪئي ويئي آهي. ٻيو ڪتاب "ديوان گدائي" آهي، جو سندن تخلص "گدائي" هو. هن چوڻي ديوان ۾ ڏيڍ سؤ ڪن شعر آهن، جي ازحد پُراثر آهن. ٿيو هڪ عربي خطبو شريف، مترجمہ سنڌي، يعني سڌان عربي هيڻان ان جو لڳاتار سنڌي ترجمو آهي، جو مرحوم صاحب پنهنجي جامع مسجد ۾ پاڻ خطيب ٿي پڙهڻ فرمائيندو هو. هيءَ خطبو، مرحوم، وڏيءَ همت ۽ تڪليف سان، پنهنجي دستخط لکيو آهي، جنهن کي صحيح ۽ مؤثر بنائڻ لاءِ صاحب ممدوح جن عرب ۽ لاهور کان وڏن عالمن کان سندون حاصل ڪيون. هن خطبي ۾ هارهن مهينن جا خطبا به آهن، ۽ پڻ نڪاح خواني، عيدين وغيره جي پڙهڻ پڙهائڻ جا احسن طريقا آهن. مطلب تہ هڪ تحفو آهي.


محمّد سومار شيخ

سرحوم حاجي پير بخش فاروقي

حاجي پيربخش جي نسب جو سلسلو حضرت عمر فاروقي سان وڃي ٿو ڪڏجي. حضرت عمر جي اولاد مان حضرت عبدالله مشهور آهي؛ سندن فرزند حضرت عبدالعزيز سان اسان جو خاص واسطو آهي، جو ته حضرت جن جو فرزند شهاب الدين، محمد بن قاسم سان ڪڏجي سنڌ طرف آيو هو. ڪيس امامت جا فرائض ملهل هئا. جڏهن سيوهڻ فتح ٿي چڪو هو، تڏهن حضرت شهاب الدين کي سيوهڻ جو حاڪم مقرر ڪيو ويو. شهاب الدين جي وفات ڪان پوءِ (٩ محرم ٩٧٠هـ) سندس پٽ محمد سيوهڻ جو حاڪم ٿي رهيو، جنهن انڪل روءِ ٧ رجب ١٢٣٤هـ ۾ وفات ڪئي، سندس مزار سندس والد جي پرسان ٿاهي ويئي. محمد ڪان پوءِ محمد باقر، سندس فرزند، ساڳيءَ گاديءَ تي ويٺو. محمد باقر ١١ صفر ١٠٤٧هـ ۾ وفات ڪئي. سندس فرزند عبداللطيف ١٣ ذوالقعد سن ١٠٦٤هـ ۾ رحلت ڪئي. هن وقت حڪومت ۾ ڦيرو آيو: بني امين جا سپ گورنر معزول ٿي ويا، بني عباسي حڪومت ڪرڻ لڳا. پر، بني عباسين جي حاڪمن شيخ عبداللطيف جي فرزند اسحاق کي ساڳيءَ طرح سيوهڻ جي گادي تي ويهڻ ڏنو. شيخ اسحاق ايماندارياءَ سان سيوهڻ جي حڪومت ڪري، ٦ جمادي الثاني ١٠٩٦هـ ۾ وڃي پنهنجي وڏن سان ڪڏيو.

مخدوم اسحاق مذڪور کي ٻ پٽ هئا- هڪ مخدوم محمد ۽ ٻيو مخدوم عبدالقادر. عمر ۾ مخدوم محمد وڏو هو، انهيءَ ڪري راڄ جو والي ٿيو. سن ١٠٧٢هـ ۾ عربن جي حڪومت جو زور ٽٽي ويو، تنهنڪري مخدوم محمد سلطان، محمود غازيءَ جي طرفان، سيوهڻ تي پنهنجن وڏن جيان حڪومت ڪندو رهيو.

مخدوم محمد ڪان پوءِ وڌيڪ ڪوبه تاريخي احوال نه ملیو آهي. مخدوم محمد جو پٽ يونس، آن جو پٽ عبدالله، آن جو پٽ احمد، آن جو پٽ برهان الدين، آن جو پٽ مطلب، آن جو پٽ عبدالوهاب، آن جو پٽ محمد، آن جو پٽ عبدالعزيز، آن جو پٽ برهان الدين، آن جو پٽ احمد، آن جو پٽ محمد، آن جو پٽ سليمان، آن جو پٽ محمد، آن جو پٽ يوسف، آن جو پٽ اسماعيل، آن جو پٽ ابوالفتح، آن جو پٽ محمود، آن جو پٽ عبدالعزيز، آن جو پٽ وحيدالدين هو. وحيدالدين جي پٽ نورالدين کي چار پٽ هئا. آنهن ڇٽن مان اسان جو



مرحوم حاجي پير بخش فاروقي

واسطو مخدوم ابوسعيد سان آهي. مخدوم ابوسعيد سيوهڻ جڏي "موسيجي"، لڳ رائپور، گوٺ ۾ اچي ويٺو. ڪيس هڪ فرزند جائو هو، جنهن تي ٻنهنجي وڏي بزرگ مخدوم شهاب الدين جو نالو رکيو هٽائين. شهاب الدين کي علم الدين نالي فرزند هو. سندس اولاد علمداڻي فاروقي سڏجي ٿو، جن مان حاجي پير بخش "دلريش" وارا به آهن.

علم الدين جي ڇٽن فرزندن مان اسان جو واسطو شهاب الدين ولد علم الدين سان آهي. شهاب الدين جي فرزند مخدوم بهاء الدين جي ڇٽن ٻنن مان عبدالواحد ٽي هڪ اهو خوش نصيب انسان هو، جنهن کي يارهن فرزند هٽا. انهن مان هڪ جو نالو فيض الله هو. مخدوم فيض الله کي ٻه فرزند، محمد عطا ۽ محمد عظيم نالي هٽا. محمد عظيم کي وارث ڇوڙو اعلي فرزند تولد ٿيو. وارث جي ٻن فرزندن مان نورمحمد کي رمضان نالي فرزند هو. محمد وارث "موسيجي" جڏي، ميرن جي خاص حڪومت ميرپورخاص ۾ آيو، ۽ ميرن جي مهر-نظر هيٺ اچي رهيو. وارث جي فرزندن تي ٻ ميرن جي آهائي شفقت رهي. رمضان جو پٽ رحيمڏنو، ميرن جي ڪچهريءَ ۾ خاص عزت وارو ماڻهو هو.

جڏهن انگريز آيا، تڏهن رحيمڏنو لاچار ٽي ٽپڙ ڪٽي لاڙ طرف، گوٺ "حيات سولنگي" (ديهه ٻنوهرڪي، تعلقو بدين) ۾ اچي جائگير ٿيو، ۽ پنهنجي هٿان پئسا خرچ ڪري ڪافي زمين خريد ڪيائين. رحيمڏني کي ٽي فرزند هٽا، جن مان هڪ حاجي پيربخش هو، پارسي زبان جو وڏو شاعر ٽي گذريو آهي. ڪنهن ڪيس "سعديءِ زمان" جو ٻ لقب ڏنو هو، مگر افسوس جو سندس شعر جو ڪوبه حصو نه ملي سگهيو آهي. ڪيس هڪ فرزند عبدالرحمان نالي هو، جو لاولد فوت ٿيو. سندن ٻيو فرزند نبي بخش نالي هو، جنهن کي ٻه فرزند هٽا- غلام محمد ۽ خيرمحمد. خيرمحمد ولد نبي بخش ولد رحيمڏنو چگو شاعر ٽي گذريو آهي. نبي بخش جو ٽيون پٽ جعفرعلي هو، جنهن جا ٻه فرزند نالي نبي بخش ۽ عبدالڪريم هٽا. هينئر حاجي پيربخش ولد رحيمڏنو ۽ لبي بخش جو ڪوبه اولاد موجود نه آهي؛ البت رحيمڏني جو ٽيون فرزند محمد بچل هو، جنهن ۱۱ رمضان ۱۳۱۴ھ ۾ وفات ڪئي. محمد بچل جي فرزند ارجمند، پيربخش، لاڙ جي عظيم الشان شاعر، جو ذڪر ڪرڻ سان ئي اسان جو واسطو آهي.

فقير حاجي پيربخش، ۲۵ رمضان مبارڪ ۱۳۱۴ھ ۾، ٻنهنجي گوٺ فاروق آباد (۱) ۾ تولد ٿيو. ولادت کان ٿورو وقت اڳ سندس والد محمد بچل وفات ڪري چڪو هئو، جنهنڪري مٽس پدراڻي نظر ٻنجي نه سگهي؛ پر تڏهن به ٻنهنجيءَ والده ۽ ٻنهنجي عزيز عبدالڪريم ولد جعفر علي سندن ننڍال دل و جان سان ڪئي. ڇهن سالن کان پوءِ، فقير عبدالڪريم جن جهان مان لاڏاڻو ڪيو، ۽ پوءِ پاڻ فقط مائٽ جي سايي ۾ رهي وڏو ٿيو. جڏهن ڇهن ورهين جو ٿيو، تڏهن سندس مائٽ گوٺ ۾ مڪتب کولايو، جنهن ۾ پاڻ قرآن شريف جي تعليم شروع ڪيائين.

---

(۱) حاجي پيربخش ولد رحيمڏنو، حيات ماڇيءَ سان اچي اهو گوٺ "سنهي گونيءَ" تي ٻڌايو هو. پير سرهنديءَ دعا ڪندي انهيءَ گوٺ جي تاريخ هنريت جڙي آهي: "از فاروقي است وهـ فاروق آباد".

ہن سالن کان ہوءِ مولوي صاحب کن سبين ڪري، ٻاهر هليو ويو، ۽ ڪيس تعليم کان نراس رهڻو پيو. ان وقت تائين پاڻ هڪ ايمي مس پڙهي هئائين. ہن سالن کان ہوءِ مولوي صاحب وري آيو، جنهن وٽ "دلريش" پنهنجي اچي تعليم جاري رکي. آخر، مولوي صاحب جي وڃڻ کان ہوءِ، پاڻ اسڪول ۾ ٻه درجا پڙهي وري ساڳئي مڪتب ۾ آيو. پاڻ "ڪريما" تائين فارسي، ۽ "نورنامو" (ابوالحسن جي سنڌي) تائين سنڌي تعليم حاصل ڪيائين - بس سندس ظاهر تعليم اهائي آهي. ڪيس باطني علم خاص طرح مليل هو، جنهن جو ذڪر ڪندي پاڻ لکي ٿو ته "علم باطن آهه جن حاصل ڪيو، علم باطن ياد تن کي ٿي ويو". سنڌن ڪتبخاني ۾ آهي آهي نايابَ ڪتاب آهن، جو سبحان الله! باطني علم جي ثابتيءَ لاءِ سندس شعر ئي ڪافي آهي.

"دلريش" صاحب جي وڏن جي زمين ڪافي ڇڏيل هئي، پر سندس صغيرسن هٿ ڪري، باقي ڪو حصو وڃي بچي. پاڻ هوش ۾ اچڻ سان اها ڇڪيءَ ريت سنڀاليائين، ۽ آخر پنهنجن ٽن فرزندن کي ورهاست ڪري ڏيئي پاڻ گوشي نشين ٿي ويهي رهيو.

"عشق وارن جي حياتي دائما، عشق ڏاران ٻي حياتي ٻي بقا" اهي لفظ دلريش جا آهن. سندس ٻوهه جواني وقت، هڪ سهڻيءَ ۽ حسين عورت سان سندس نينهن جو ناتو اچي اٽڪيو. سندس محبوبه جي به ساڻس ڪافي محبت هئي. هڪٻئي کي شاديءَ جا انجام اقرار ڏيئي ڇڏيا هئائون - پر مالڪ کي ائين منظور نه هو. پاڻ هڪ ڏينهن نوڪر ساڻ ڪري، بندوق ڪٽي شڪار تي نڪري پيو. سندس محبوبه به ان وقت پاڻي پري رهي هئي. پرسان گڇهون ويٺيون هيون. پاڻ ٻه ڏڪ هڻي، ٻه گڇهون ڪيرائي وڌائين، ۽ چيائين "لڪيون ته ٻئي اڻن، ٻيتو هوندو ته ٻيتو ٻوندن". پاڻ ته هليو ويو، سهڻي جي وقت جاڻ آيو، ته "ٻکي" پرواز ڪري ويو. ٻوءِ مٽي وسائيندي وڃي پنهنجي محبوب جي جڳهه تي ٻهتو - ۽ ان جو روح ساڻس ملي نه سگهيو. سندس ماڻ ڪيس هڪ قرآن مجيد آڻي ڏنو، ۽ چيو ته "سائين، منهنجي ٻچڙي اوهان کي سلامن ۾ هيءَ ڏئي ويئي آهي". پاڻ محبت جو تحفو دل سان رکيائين. ان قرآن تي سندن محبوبه جي هٿ سان هيءَ بيت لکيل هو، جو پاڻ هميشه ياد اچڻ تي پڙهندا هئا:

"راهوءِ جا رهيام، سنيها سريبر، ٻيا سپ وسريام، راهو رهيو روح ۾" - (شاه)

جڏهن گهر ٻهتو، تڏهن سندس حالت ديوانن کان گهٽ ڪانه هئي. ٻوءِ ته انهيءَ ڏک پرين جو گس ڏيکاري ڇڏيس، ۽ مجازي چاڙهيءَ تان چڙهي وڃي حقيقت تي ٻهتو.

ڪجهه وقت رهي، انهيءَ ڏک ۾ اچي، سڏو حج ڪرڻ ويو. انهيءَ جو بيان پاڻ لکي ٿو - "مورخه ۲۷ شوال ۱۳۳۷ھ ۾ گوڻان لکري 'چڪلا' جهاز ۾ چڙهي، ۱ ذوالحج جده ٻهتس. ان کان ٻوءِ، مدينه منوره جي زيارت ڪري، حج ڪري، ۱۳ صفر ۱۳۳۸ھ جهاز ۾ چڙهي، ۲۵ صفر ڪراچي ٻهتس - ۲۷ تاريخ گوٽ ٻهتس". ۱۹۵۱ع ۾ ٻيو حج به ڪيائين، ۽ انهيءَ ٻاري ۾ ڪجهه به نه لکيو اٿس. ٻوئين حج ۾ جن به هستين جي زيارت ڪئي اٿس، تن جو ذڪر پنهنجي شعر ۾ سڀيءَ طرح ڪيو اٿس.

حج کان موڙ بعد روحاني سرگرميون تيز ڪري ڇڏيائين. سنڌ جي گهٽن اولیائن جي زيارت ڪندي، وڃي سيوهڻ شريف پهتو. جيتوڻيڪ سيوهاڻيءَ جي زيارت ڪرڻ لاءِ سال بسال ايندو هو، پر هڪ پيرو سندس اچڻ جو عجيب هو. سيوهاڻيءَ کان ڪيس امر ٿيو ته "لاهور ۾ محمد امين وٽ وڃ". ڀاڙ اهو ٻڌي لاهور ويو، ۽ آتي اولیائن جي زيارت ۽ محمد امين جي ڪافي خدمت ڪيائين. مرشد محمد امين، راضي ٿي، ڪيس چشتيه، قادريه ۽ صابريه طريقي جي تبليغ لاءِ پنجاب ۾ سنڌ ڏانهن روانو ڪيو، جتي اچي ڀاڙ ڪافي مريد ۽ معتقد ٻڌايائين. سال بسال ڀاڙ محمد امين جي زيارت لاءِ ويندو هو. محمد امين جي وفات (١٧ ذوالحج ١٣٦٤هـ، دهلي) تي ڀاڙ بيهوش ٿي ويو، ۽ لاهور وڃي، سندس وڏي خليفي محمد ظفر کان تازي اجازت وٺي، وري ٻ اچي پنهنجي سونهيل ڪر ڪي لڳو. پويون وقت اڪثر بيمار رهيو، ان ڪري اها خدمت پوريءَ ريت سرانجام ڏيئي نٿي سگهيو؛ ۽ تڏهن ٻ وڃي مريدن کي نيڪ نصيحتون ڏيڻ سندس خاص ڪر هوندو هو.

ڀاڙ بيمار هو، تڏهن ٻ ڪيترين جماعتن جا پايا وجهندو ۽ پنهنجي مليل ڪر ڪي دل و جان سان ادا ڪندو رهيو. آخر انهيءَ بيماري ۾ محمد ظفر سان گڏ حج ڪرڻ ويو، ۽ واپس اچڻ تي فاروق آباد ۾ پنهنجي مريدن ۽ خليفن کي گهرائي، ضروري نصيحتون ڏيئي، ۽ پنهنجي اولاد کي ٻ پنهجي بياض طرف اشارو ڪري، ٻواسير جي تڪليف هڻڻ سبب، ۽ آخري وقت ڪري تمام تنگ گذارڻ لڳا.

سندس فرزند غلام محمد ڀالهه ٿو ڪري ته "بابا جي حالت تمام نازڪ ٿي چڪي هئي- ڀاڙ ڀالهائي ٻ نٿي سگهيا. ٻيا رات جو سمهي ٻيا، پر آڳ ٻڌي جاڳيس. ڀاڙ اوچتو آڏيءَ جو ٽپ ڏيئي اٿي ويٺا، ۽ آڳ ٻ آٿي ويٺس. ڀاڙ چيائون 'غلام محمد، بس، ٺيڪ آهي، ٻين کي اٺار ته موڪلايون- مرشد واهر ڪئي آهي!' ٻوءِ سڀني آڏي موڪلايو، ۽ ڀاڙ هن جهان ماڻ لاڏاڻو ڪري ويا". غلام محمد چوي ٿو ته "اهو مرشد 'محمد امين' هو جنهن کي سوال ڪيو هوائون ته

"امينا! هي عرض منهنجو اگهائي مهرباني سان،
ٻوقتِ مرگ حاضر ٿي، ڪجئين هوشيار، لاهوري!"

حاجي پيربخش فاروقيءَ ماهه رمضان ۾ اربع ڏينهن پنجين ٻجي صبح جو سن ١٣٧٠ هـ ۾ وفات ڪئي. ٻچاڙيءَ جو صبح جي نماز اشارن ۾ ادا ڪئي هئائين. سندس مزار بدين-نندي شهر جي رستي تي، ٽن-مٿنهين ڪان ميل ڪن اوپر ۾ آهي. سالياني عرس جي موقعي تي ڪيترا مريد خادم اچي گڏ ٿيندا آهن.

حاجي پيربخش کي ڪل چار فرزند ۽ هڪ نياڻي اولاد هو، جن مان وڏو فرزند خير محمد گذاري ويو، ۽ باقي اولاد اڃا ٻ خدا تعالیٰ جي فضل سان زنده ۽ موجود آهي. هن وقت سندس وڏو فرزند ميان عبدالڪريم آهي، جو فاروق آباد ۾ رهي ٿو. باقي ٻ فرزند، هڪ

غلام محمد ۽ خيرمحمد (دوم)، پنهنجي ڏاڏي بچل جي آباد ڪيل ڳوٺ ۾ جائگير آهن. "دلريش" صاحب جو علمي خزانو سڀ ميان غلام محمد ۽ ميان خيرمحمد وٽ محفوظ آهي.

سندس ڪتبخاني ۾ عربي، فارسي، اردو ۽ سنڌي زبان جا هزارين ڪتاب موجود آهن، جي سندس علم دوستيءَ جو ٻڌ ٿا. سندس ڪتبخاني ۾ ڪيترا قلمي نسخا به آهن، جنهن مان هڪ نسخي ۾ فتح محمد سيوهاڻيءَ جون ۽ چار مداحون به لکيل آهن. پاڻ ڪتاب پڙهڻ وقت محو ٿي ويندو هو، ۽ ڪيس پنهنجي بت جو به ٻڌو نه ٻولندو هو.

"دلريش" صاحب جا ڇپيل ڪتاب ۾ آهن، جن مان هڪ آهي "ست مناجاتون"، ۽ ٻيو "شجره خاندان چشتيه". ازان سواءِ عيد ميلاد لبي لاءِ پاڻ ڪيترا پوسٽر ڇاپرايا هٿائين.

حاجي پيربخش جو ويس فقيراڻو گيڙو هوندو هو. ڪڍهن ڪڍهن اڇا ڪپڙا به پائيندو هو. محرم جي مهيني ۾ ڪارو ويس ڪندو هو. پاڻ قداور ۽ وڏي نڪ سان هو. سندس ريش مبارڪ وڏي، مٿو مثل سر سيداحمد- ايترو وڏو، جو ايڏي وڏي ٽوپي ماڻ محال ٿي پوندي هئي.

حضور رسول مقبول صلعم جن سان کا ازل جي محبت هيس. ڪيئي ڀيرا محبوب رب‌العالمين جو ديدار پُرانوار به نصيب ٿيو هوس. سندس گهڻو شعر آلحضرت جن جي ساراهه ۽ نعت ۾ ئي آهي. پنجتن پاڪن سان به ڪيس حد درجي جي محبت هئي. سندس پيار ۾ ٽيون نمبر چئن يارن کي آهي. تنهن کان پوءِ اولياءِ الله سان به ڪيس دل و جان سان عقيدت هئي.

فقير صاحب جي هٿ لکيل نوٽن ۾ هيٺيان نوٽ خاص اهميت رکن ٿا: (۱) ۱۴ رمضان ۱۳۴۵ھ ۾ ڪين شاهه عبدالقادر جيلاني جن جي تسبيح، حافظ حاجي عبدالله شاهه ڪان ملي، جا پنهنجي جان سان رکيائون؛ (۲) ۸ محرم ۱۳۴۹ھ ۾ فقير قلندربخش، سجاده‌نشين درگاهه فقير صادق سومرو، پنهنجي ڀاءُ روشن‌دين جي هٿان شهيد ٿيو؛ (۳) ۱۱ رجب ۱۳۴۸ھ، مطابق ۱۳ ڊسمبر ۱۹۲۹ع، ڏينهن چنڇر جي، پنجين بجي، شمن شاهه مجذوب جن وفات ڪئي، ۽ ڳوٺ غلام آرائي تعلقي ٽنڊي باگي ۾ دفن ٿيا.

"دلريش" جو ڪلام، نموني طور، هيٺ ڏجي ٿو.

ڪلام

سور سڄڻ جا مون سڻاڻي سرتيون- سور سڄڻ جا!
سڪ انهيءَ سؤ سالم ساڻيا- قرب ڪروڙين ڪُڻاڻي سرتيون!
پير فقير امير هزارين- محبت محب جي مُڻاڻي سرتيون!
مورلہ مام هروڙيو، وو، ٻيرَ جي- ريت ڪهڙيءَ ڪان رُڻاڻي سرتيون!
"پيربخش" پرت سنجهالران، مينهن ورهه جا وڻاڻي سرتيون!

*

خوش ٿي وڃائيندیس ڪرتال ـ آهي راڳ سڀي شل راڻو!

ساز سڀي ويو سوڍل ساڻي، ساريندي مون ٽيهڑا سال.
راڻي ٻاجهون راج انهن کي، هردم پاليان ٿي هوتال.
سيج پلنگ تي ساجن ايندو، ڪري پلائي پنهنجو پال.
ڳائڻ گيج نه ڄاڻان اصل کان، ڪوڙو تو ترکيو اڄ تال.
"پيربخش" پرچي پيارل، لنگ سڃاڻي ننگ پال.

*

ذات منجهان ٿي ظاهر آيو، آدم ڏس انسان ميان!
عبدي برقعو عشق ڏکايس، صاحب سر سبحان ميان!
پالهو ٿي پوءِ ٻاجهه ڪيائين، دلبر راز ڏيان ميان!
"انا احمد بلا ميمي"، شافع جو ڏس شان ميان!
"الانسان سر" سبحاني"، مرسل جو ٽيو مان ميان!
"پيربخش" پينار سڏائي، پٽ پرين جو پان ميان!

*

تون ڪوڙو آهين قاضي، جڻ برهه کي ڄاڻي بازي!

غير برهه جي بقا نه ڪنهن کي، دم دنيا سازي .....
دين دنيا جا وسلا ويڙهي، غم ڇڏي ٿيا غازي .....
ترک الدنيا واجب ڄاڻن، ترک اندر دل تازي .....
عشق سواءِ ايمان نه آهي، تون رڄ رهين يا راضي .....
"پيربخش" پينار پرين جو، پرت رکي ٿو پازي .....

*

مان آزاد آهيان، گرفتار آهيان!
ڪيان ڪين ٿو، پنهنجي گفتار آهيان!

جوان مرد آهيان، هٿين پيرين لولو، وٽڻ لاءِ ٻاتم هسي هار ٻولو،
پنڻ لاءِ هٿ ۾ ٽلهو ڪنيم ٿولو، مان مسڪين آهيان، مان زردار آهيان!
ڏسان گرڄ گهر ۾ به موجود مالڪ، مگر جستجو ۾ آڏسان آسالڪ،
جتي ڪٿ ڏسان سو موجود مالڪ، پرين پاڻ آهيان، پرين يار آهيان!
"فاروقي" فڪر لاهي ويٺو فنا جو، فڪر ويو فڪر جو، لٿو غم غنا جو،
اکر ياد پيو آهه عمل 'لن تنا' جو، رهيو يار دل ۾، ٽيو يار آهيان!

*

حب منجهان هيكر هلي، سردار سرور کي ڏسان!
پرت مان پيرا پري، پير پيمبر کي ڏسان!
اي رليا رافض! وجهين رلبکو کجاڙي لءِ رقيب،
يار ڏي موکل گهران ٿي، ڇڏ ته ياور کي ڏسان!
جانبن ڏارا جلي جند جان هن جولان ۾،
رات هک رخصت ڏيو، سا رات رهبر کي ڏسان!
رات ڏينهن ڳالهيون ڪٿي، رت جا ڏڙا ويئي رُڻان،
برهه جون باتيون ڪريان، جي تنهن بهادر کي پسان!
اڄ اکيون آهن اڇايون، لءِ ڏسڻ ڏاتار جي،
خوف رک خالق خدا جو، ڇڏ ته ساغر کي ڏسان!
دل ڏني دلدار ويو، "دلريش" ٿيڙو لادوا،
آن دوا خاطر وڃي، دلدار دلبر کي ڏسان!

لطف‌الله بدوي

مرحوم مولابخش "مسڪين" پٽو

فقير غلام علي "مسرور" جي وفات کي ٿورو عرصو گذريو هو جو شڪارپور جو زلده-دل شاعر مولابخش "مسڪين" پٽو، گهڻي وقت جي بيمار رهڻ بعد، ۲۴ سپٽمبر ۱۹۵۳ع جي صبح جو داعيءَ اجل کي لبيڪ چئي موڪلائي ويو. مرحوم ۱۹۰۷ع ڌاري شڪارپور ۾ پيدا ٿيو. سندس والد جو نالو عبدالمجيد هو. پرائمري اسڪول ۾ تعليم وٺڻ بعد، ۱۹۱۹ع ۾، سنڌي فائينل جو امتحان پاس ڪري ورتائين. جڏن ته سندس طبيعت آزاد-رو هئي، هن سرڪاري ملازمت ۾ داخل ٿيڻ بجاءِ، سول ڪورٽ ۾ عريضي لويس ٽي گذاريو. سندس حياتيءَ جو گهڻو عرصو جيڪب‌آباد جي شهر ۾ گذريو. مذهبي تعليم جي طرف به مشغول رهيو. نماز جو بيحد پابند هو-ايتريقدر جو جماعت کان سواءِ شاذ و نادر نماز ادا ڪيائين. حياتيءَ جي پوئين عرصي ۾، سيڪجهه ڇڏي، ياد خدا ۽ تصنيفات جي شغل ۾ گذارينڊو رهيو.

سندس تصنيفات تي نظر ڪرڻ سان خبر پوي ٿي ته هن جو قلم هڪ گهڙيءَ لاءِ به خاموش نٿي رهيو. سندس حياتيءَ ۾ سندس هڪ نندي تصنيف "حقوق الوالدين" ڇپجي چڪي هئي. سندس پيون تصنيفات، جي سڀ سندس مذهبي معلومات جو ذخيرو آهن، دستخط جي صورت ۾ باقي آهن. الهن مان "سورة يوسف ۽ ياسين" جو تفسير وڏيءَ محنت سان لکيو ويو آهي. جنهن شوق جي ماتحت هن درويش اهي جواهرپارا مرتب کيا آهن، سي سنڌ وارن جي بي‌التفاتيءَ سبب شايد ئي طباعت جو منهن ڏسي سگهن.

مرحوم مولابخش "مسڪين" نه فقط چگو نثر لويس هو، پر سندس بيتن جو هڪ مجموعو "ابيات مسڪين" نالي سنڌي ادبي بورڊ جي نظر هيٺ گهڻو اڳ ڇپجي چڪو آهي. هو هميشه شهرت کان دور، گمنامي ۾ پنهنجي روحاني ذوق کي پورو ڪندو رهيو. سندس بيتن جو غيرمعمولي مجموعو موجود آهي. عبادت الاهيءَ جي طرف غفلت ۾ ويل ٻڌي کي هٿن ٿو چئي سجاڳ ڪري:

هاري هلاءِ هر کي، جهڙ ڏسي نا جهج،
موڙها محبت مينهن ۾، پيرا ڏيئي پج،
ته آخر اها وڃ، توتي‌چمڪي چالڀاڻا ڪري!

موت جي متعلق لکي ٿو:

هرگز بندا موت کان، چٽندين کين ڇڄي،
"کل نفس ذائقة الموت"، سڀ تون ڄاڻھ سڄي،
"کل من عليها فان"، ويندا سڀ ڪڄي،
ستان ٽٽين لڄي، محشر ۾ "مسڪين" ڇٽي.

"مسڪين" جي ڪلام ۾ پختگي ۽ روانيءَ گھڻيءَ حد تائين موجود آھي. زماني جي بي التفاتيءَ ۽ دوستن جي بيوفائيءَ جو نقش نهايت سادگيءَ سان ھٿن ٿو پيش ڪري:

"مسڪين" ھن ماڻھو جو، ڪولھي سڏ سڀاڻ،
جو دوست ڦري دشمن ٿيا، تڙتڙ ڏيئي تاڻ،
مائٽن منھن موڙي ڇڏيا، جن سگھن ڏنو ڏي ساڻ،
ڪو جو وريو واڻ، جو پنھنجائي ھراوا ٿيا!
پنھنجائي ھراوا ٿيا، سڀني منھن ويا،
سگھا ساڻ ڇڏي، دشمن سڀ ٿيا،
ويٽون وھ ڪيا، ساڪيءَ سڀا سپرين.

صبر جي تلقين ھٿن ٿو ڪري:

جيڪي لروار نراڙ ۾، وھايو قادر آھ قلم،
سو نڀجي "مسڪين" چوي، توڙي ڪجي غم الم،
صبر سندو مرھم، آھي حيلو آن جو.

مجاز جي شطرنج تي ھٿن ٿو ڪيڏي:

آءٌ ھرين اج پاڻھي، ڪنھن ٻورل ٻاني،
اصل راحت روح ڪي، تو ڪامل ريءَ ڪانھي،
ٻاجھ ڪري ٻانھي، اچي مل تہ مالدائي لھي.
اج ساريندي سڄڻ ڪي، گوڙھا پيا تہ گڙي،
لاھي آرام عجيبن ريءَ، گھايل ڪي تہ گھڙي،
لالن اج لڙي، تہ وڃن سور سندو ڪيون!

پنھنجي وطن عزيز شڪارپور جي متعلق ٻہ گھٽو ڪجھ قلمبند ڪيو اٿس، جنھن مان سندس حسن بياليءَ جي شهادت ملي ٿي:

شاھي شهر شڪارپور جو، آھ ملڪن ۾ مشهور،
موچارا منجھس ماڻھو، رھن موجن ۾ مسرور،
دانھن وڏي دستور، ٿا رکن راضي روح ڪي.

پسي لقائج 'لکي در' جو، لهن غير غبار،
ماڻهو مڙن کيترا، هوڻن تي هزار،
هرڪنهن گلن هار، سونهن تا سينگار سان.

شڪارپور ۾ اڄ کان ويهه سال اڳ مرحوم محمد حسين جو باغ شهر واسين لاءِ عجيب تفريحگاهه هو. مگر رفتي رفتي، مسرور زماني ان جي سموريءَ سونهن کي برباد ڪري ڇڏيو. عام طرح وڪيل جي باغ سان مشهور هو. مرحوم محمد حسين شڪارپور جي مشهور وڪيلن مان ٿي گذريو آهي. شاعر ان جو هٿ ٿو ذڪر ڪري:

گهمج باغ وڪيل جو، جنهن ۾ بهاري،
گل ڦل ٻوٽا کيترا، چمن چوڌاري،
ٻڪلو آهه باري، ٽهيل ڏاڍي ٽاهه سان.

وڪيل جي باغ کان پوءِ:

ڏسي باغ ٻرهه مڙن، هل لاڳاپا لاهي،
'صديق ماڻي' کان سري، 'ڪرن در' کاهي،
نوشهرو نوائي، ڏس شوقڙن شاهي باغ کي.

شاهي باغ-

ويهي وٽن وچ ۾، طبوطا تنوارين،
ڪري مٺيون لاتڙيون، دلڙي ڏتارين،
قمريون ڪوڪارين، محبت مان "مسڪين" چوي.

مرحوم شاعر پنهنجي حياتيءَ جي مختصر احوال ۾ لکيو آهي ته سندس موزون طبيعت تي مرحوم "واصف" ۽ مرحوم "مسرور" جو گهڻو اثر ٻيو. سندس ڪلام تي "واصف" جو اثر ڪنهن به مقام تي نظر نٿو اچي، البت "مسرور" جو اثر مٺس موجود آهي. هڪ هنڌ "مسرور" جي رنگ ۾ چوي ٿو:

اسين خاڪي خاڪ سڏايون ٿا- پول نه ٻيو ڪو پايون ٿا.
"فاذڪروني اذڪرڪم"، وحدت وڪ وڌايون ٿا.
الفت واري اوڍي الفي، ناتو نينهن لڳايون ٿا.
مخفي من جي مام پروڙي، رمزين روح ريجهايون ٿا.
"مسڪين" پنهنجون پسي خطائون، نيڻين نير وهايون ٿا.

مرحوم مولابخش عام عروض کان گهڻ استفادو ڪيو هو، مگر حيرت لڳي ٿي ته هن خشڪ زاهد ڪهڙيءَ ريت موسيقيءَ سان پنهنجي مناسبت قائم ٿي رکي! سندس ڪلام ۾ موسيقيت گهڻي انداز ۾ موجود آهي. بهرحال، مرحوم جو ذڪر شڪارپور جي ادبي حلقن ۾ هميشه لاءِ باقي رهندو، جنهن پنهنجي شعر ڪي حيات جاويد ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. الله پاڪ کيس غريق رحمت فرمائي!

محمّد هاشم چانڊيو بدينائي

سرحوم حاجي سراد خان چانڊيو

حاجي سراد خان چانڊيو ولد جاڻي خان چانڊيو، بچاڻي خاندان جو چشمو چراغ هو. سندس جنم ۱۹۰۸ع ڏاري گوٺ احمد خان چانڊيي لڳ نندي شهر ۾ ٿيو. مرحوم جاني خان کي جملي ٽي فرزند تولد ٿيا- هرهڪ مٿو، سانوڻ ۽ سراد. انهن ۾ ٽيون نمبر سيني ۾ نندو "سراد" هو، جنهن جو اسين هتي بيان ڪريون ٿا. ٻاڻ اڃا نندوئي هو، ته سندس والد ڪيس هميشه لاءِ جدائيءَ جو داغ ڏيئي رمندو رهيو، ان وقت سندن وقت بلڪل تنگ گذرندو هو. هنن يتيمن جو الله کان سواءِ ٻيو ڪوبه سنياليندڙ نه هو. روزي رزاق ڏيندڙ آهي، سو ڪنهن نه ڪنهن طرح سان هنن کي به ڏيئي ڏنائين.

نندڙي سراد جا اخلاق ۽ ذهن ڏسي، سندس والده ماجده ٻارن کي چوندي هئي ته "ابا، سراد کي پڙهڻ تي ڇڏيو، جو هن ۾ سون کي هڪ بهتر انسان ٿيڻ جا آثار ٿا معلوم ٿين." خير، هن کي جلد ئي نيندي شهر جي پرائمري اسکول ۾ ماستر عبدالله خان ميمڻ (موجوده هيڊ ماستر بدين) وٽ ڇڏيو ويو. سگهوئي هن پنهنجي هوشياريءَ ۽ ذهانت ڪري اسکول جي سڀني شاگردن تي فوقيت حاصل ڪئي. اسکول ۾ چئن درجن تائين تعليم ورتائين. سندس استاد جو چوڻ آهي ته "سراد اسکول کان ڪڏهن به نه نٽايو، هميشه ڪلاس ۾ اول نمبر رهيو". سراد هر امتحان ۾ پهڻ اول نمبر ۾ پاس ٿيندو هو؛ ۽ پنهنجي هر ڪلاسين سان هميشه پيار ۽ چڱي نموني ۾ هلندو هو؛ ڪڏهين به ڪنهن سان نه وڙهيو، ۽ نه ئي ڪنهن شي تي ڪهپ ڪيائين.

قدرت ڪيس نندي هوندي ئي سهڻين عادتن ۽ اخلاق سان لوڙي ڇڏيو هو. ماڻهن جي دلين تي سندس حُسن اخلاقي جو اهڙو ته سِڪو جميل هو جو ڪيس سڏيندا ئي "نيڪ" ڪري هٿا. سندس دلي رجحان هروقت ديني مجلسن ۽ ديني علم ڏي رهندو هو، تنهنڪري استاد ۽ عزيزن جي صلاح سان ڪيس 'آبل جي وسيءَ ۾ مولوي عبدالرحمان وٽ ديني تعليم وٺڻ لاءِ ڇڏيو ويو، جتي هن عربي ۽ فارسيءَ' جي تحصيل ڪئي: هتان ئي ڪيس حقيقي عشق جي چَٽيت لڳي، جنهن نيٺي ڪيس حقيقي معبود سان ملايو.

علم جي تحصيل کان پوءِ کجهه وقت اباڻکو ڏنڏو يعني کيتي ڪرڻ لڳو؛ پر اتان به جلد ڪنڌ ٽي ڏيو ۽ حقيقي عشق جو سلو، جو دل جي وادي۽ ۾ جمي چڪو هو، سو روز بروز پنهنجون پاڙون پختيون ڪندو ڏٺي ويو. آخر اهو به وقت آيو جو سڪ سمهڻ وهه ٽي آيس. آڻي ويڻي مدينه منوره جي تات لڳي رهيس، ۽ الهي۽ ڪٽي۽ ۽ فراق ۾ ڳري ڪنڌا ٽي ويو. انهي۽ سڪ اندر، هن اڪثر پيادل حج کيا جنهنڪري کيس دور دراز ملڪن جا سفر اختيار ڪرڻا پيا، ۽ ڏارين ملڪن جي بولين (۱) ۾ پنهنجي حبيب ڏي جي سٽيها چيا اٽن انهن کي پڙهندي اکين ۾ پاڻي تري ٽو اچي.

پوين ڏينهن ۾، الهي۽ گوندر کين اهڙو ڪهاڻي وڏو، جو اڪثر بيمار گذارينڊا هٽا. هڪ دفعي آڳ پاڻ طبيعت پرسي لاءِ ويس؛ مرحوم بلڪل ضعيف ٽي ويو هو ۽ جڏهين مون ڪائٽن پڇيو ته "حاجي صاحب ڪهڙو حال آهي؟" تڏهين ڏٺم ته سندن اکين مان لڙڪ جاري ٽي ويا ۽ بلڪل جهيڻي آواز ۾ چيائون ته "هينئر حال جو نه پڇ... خدا اهو وقت جلد آڻي جو آڻون مدينه ۾ مران، هتي منهنجو ڇا آهي!" چاڪ ٽيڻ تي وري انهي۽ طرف ڪاهيندي رهيا، ۽ ڪڏهين به گهر ۾ آرام ڪري نه ويٺا. هر سال حرمين شريف ويندا هٽا. سندن زبان تي هميشه هي بيت هوندو هو "مدينه منهن ڪري هليا، مڙيئي مستان محمد جا؛ ٻا جيڙي يا مئي ڏسندا، وڃي ميخان محمد جا".

پاڻ جملي اٺ حج ڪيائون. سندن پويون حج ۱۹۰۴ع وارو هو. حج بعد پاڻ واپس اچي رهيا هٽا، پر وري مدني محبوب کان پري ٽيڻ کين ڏکيو لڳو. تنهنڪري ڳوٺ اچڻ جو ارادو ترڪ ڪري وري ٻئي سال جي حج ادا ڪرڻ جي ارادي سان مدينه منوره جو رخ رکيائون. ايڏا ٿورا مهنا گذريا ئي مس ته سندن طبيعت عليل ٽيڻ لڳي. تڏهين به سندن جي۽ ۾ ساڳي۽ لنؤ جي لار لڏندي رهي، ۽ الهي۽ شوق ۾ هلندي هلندي اوچتو مڪلا بندر جي شهر ۾ سندن جي هن مايه ناز محبوب شاعر، پنهنجي عزيزن ۽ رفيقن کان رفاقت جدا ڏاڪا ڇڻي، ماه شعبان ۱۳۷۳ هجري ۾ پنهنجي آخرين آرامگاهه ۾ ابدي آرامي ٽيا. قالو انا لله و انا اليه الراجعون. سندن مزار مڪلا شهر جي هڪ مسجد جي صحن ۾ واقع آهي. سندن قبر تي هيٺيون ڪتبو ڪريل آهي "هٰذا قبر حاجي مراد هندي". اڄ به جيڪي سنڌي حاجي، حرمين شريف ويندا آهن، جن جو گذر انهي۽ بندر کان ٽيندو آهي، سي انهي۽ عاشق رسول الله جي مزار تي به فاتح خواني ڪندا آهن.

مرحوم حاجي مراد، ميان گلاڻ خان جي گهران شادي ڪئي جنهن مان کين ٻه فرزند ۽ هڪ لياقتي تولد ٽيا، جي ايڏا صغير آهن. سندن فرزندن جو دلي رجحان به ساڳي۽ راهه ڏي آهي. هن وقت سندن پرورش، سندن ڀيڙو، لائو گلاڻ خان ڪري رهيو آهي.

حاجي مراد جو دلي لاڙو رسول ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن جي محبت سان مليل هو. هاڻي چٽنگ سندن چولي پيئي. تڏهين کان ئي سندن دل ۾ انهي۽ اٿاهه محبت جي

(۱) عربن سان عربي۽ ۾ گفتگو ڪندو هو تڏهين اهي ڪيس چوندا هٽا ته "تون سنڌي نه آهين".

پالوٽ شعر جي صورت اختيار ڪئي، ۽ الهيءَ محبت ۾ اهڙو تہ رڳجي ويا، جو بنا ڪنهن روڪ ۽ سوچ جي ڪيترا غزل، ڪافيون، ڏوهيڙا، مداحون، بيت، قواليون، گيت ۽ قطع رسول پاڪ (صلعم) جي محبت ۾ چيو اٿن، ۽ جدا جدا سُرن ۾ پاڻ پنهنجي هٿن سان پنهنجو شعر دستخط ڪيو اٿن، جو قلمي رسالو ذري گهٽ شاهہ جي رسالي جيترو ٿيندو، ۽ اهو اسان وٽ موجود آهي. شعر ۾ الف، بي، جي پاونجاهہ اکرن تي باب قائم ڪيا اٿن. گهٽو ڪري سندن شعر مجازي عشق کان پاڪ آهي، حقيقي عشق سان ٽمٽار آهي. سندن شعر ۾ اهڙي تہ جدت ۽ جوش سمايل آهي، جو پڙهندڙن جي دلين تي هڪ دفعو پڙهڻ سان رسول اڪرم صلي الله عليه و آله وسلم جي محبت جو بي ڪران بحر چوليون هڻڻ لڳي ٿو. ڪي ڪي تہ عاشق رسول الله جا، انهيءَ سڪ ۽ سوز ۾ ريل ڪلام ڪي سڏندي ئي وجد ۾ اچي وڃن ٿا ۽ ٻوءِ رسول اڪرم صلي الله عليه آله وسلم جن جي زيارت ڪرڻ کان اڳ ڪين آرام نٿو اچي.

سڄڻ جي مردم خيز خطي لاڙ جي هر هڪ مرد ۽ عورت خواه ٻڍن جي واتان سندن ڪافيون، مداحون، غزل، خطبا، گيت ٻڌا آهن، جي اڄ بہ سندن ياد تازي ڪري رهيا آهن. وطني حب، ۽ قومي اتحاد تي جيڪا طبع آزمائي ڪئي اٿن، ان جو هر هڪ لفظ داد ۽ تحسين جي لائق آهي. ۱۹۴۶ع ۽ ۱۹۴۷ع جي هلچل جا واقعات بہ دل ڏاربندڙ ڇپا اٿن، ۽ سال ۱۹۴۸ع واري حج جي موقعي تي پري کان روضي اطهر جون نيلون ۽ منارا ڏسندي جي درد وچان دانهون ڪيون اٿن، سي پڙهندي هڪ دفعي هر مسلمان جي دل ۾ قومي، خواهہ وطني جذبي ۽ رسول الله صلي الله عليه وسلم جي محبت جا آڏا پڙڪو ڏيئي لڪرن ٿا، ۽ هڪ لازوال ڪيفيت طاري ٿيو وڃي. پڙهندڙ حضرات جي دلچسپيءَ لاءِ سندن چيل سلام بدرگاهہ سرور ڪائنات صلي الله عليه وسلم پيش ڪجن ٿو.

(سلام اِلٰي خير الانام صلعم)

خط ڪئي وڃ هاشمي حضرت ڏي، حاجي هوشو را!
ات ڪجئين اظهار جت ختم الرُّسل خيرالبشر.
تون وڏيءَ تعظيم سان روضي مبارڪ ۾ وڃي،
سامهون ڏسندين قطب ڪامل قريشيءَ جي قبر؛
باوضو قران پڙهندي تون ادب ۽ نياز سان،
هيءَ "حاجي مراد" طرفان پيش ڪج عاشق اکر:

الصلواة اي بادشاهِ بحر و برا!
والسلام اي يا مُزمّل مُدّثرا!

الصلواة اي ربّ سڏيو تو رحيم،
الصلواة اي نور نرمل، اي حڪيم،

الصلواة اي صاحبِ خُلق عظيم،
الصلواة اي مخزنِ لطفِ عميم،
الصلواة اي صاحبِ شقّ القمر،
الصلواة اي بادشاهِ بحر و بر،
السّلام اي يا مزمّل مدّثر!

الصلواة اي صاحبِ ام الكتاب،
الصلواة اي هو وحيّ تنهنجو جواب،
الصلواة اي شافع يوم الحساب،
الصلواة اي سرورِ عاليجناب،
السلام اي "انا اعطيناك الكوثر"!

الصلواة اي منبعِ جود و سخا،
الصلواة اي مخزنِ فضل و عطا،
الصلواة اي پيشواي انبيا،
الصلواة اي مقتداي اوليا،
السلام اي "فصل لربّك وانحر"!

الصلواة اي نورِ حق ضلِ خدا،
الصلواة اي چشمهٔ آبِ بقا،
الصلواة اي گمرهن جا رهنما،
الصلواة اي زيبِ بستانِ هدي،
السلام اي "إن شانئك هو الابتر"

الصلواة اي رهبرِ روشن ضمير،
الصلواة اي يا بشيرﷺ يا نذير،
الصلواة اي تنهنجو رخ بدرِ منير،
الصلواة اي هو پگهر تنهنجو عنبير،
السلام اي عبدالله تنهنجو پدر!

الصلواة اي معلمِ هر دو جهان،
الصلواة اي تاجورِ كون ومكان،
الصلواة اي در تنهنجو دارالامان،
الصلواة اي خاتمِ پيغمبران،
السلام اي آمنه جا پٽ پسر!

الصلواة اي شل ڈسان توکي وري ،
الصلواة اي حج ۽ هايئي اکبري ،
الصلواة اي دلبر هر دلبري ،
الصلواة اي تو ۽ڪا بت آذري ،
السلام اي تو اچي ميٽيو ڪفر!

الصلواة اي واه توحيدي لذت ،
الصلواة اي ذڪر تو هر سؤ سمت ،
الصلواة اي فيض و احسان هر دم رت ،
الصلواة اي تاج عزت بر سرت!
السلام اي صاحب حلم و صبر!

الصلواة اي مظهر "اسرا" ۽ "ڪُن" ،
الصلواة اي ذڪر تو سُحياي من ،
الصلواة اي بحر علم من لدُن ،
الصلواة اي ذڪر تو ايمان من ،
السلام اي فاقڪش صاحب شُڪر!

الصلواة اي عرب جا عربي امين ،
الصلواة اي رحمة للعالمين ،
الصلواة اي پاڪ ساري ٿي زمين ،
الصلواة اي پيشواي مرسلين ،
السلام اي فاطمه ڪي هو فخر!

الصلواة اي معجزا تنهنجا عجب ،
الصلواة اي خسروي آمّي لقب ،
الصلواة اي تنهنجي دشمن تي غضب ،
الصلواة اي ماه تابان عرب ،
السلام اي حسن تو نور نظر!

الصلواة اي رهنما راه نجات ،
الصلواة اي چشمهٔ آب حيات ،
الصلواة اي تو ۽ڪا "لات" ۽ "منات" ،
الصلواة اي نور روشن شش جهات ،
السلام اي صف اول جا سپر!

الصلواة اي تو ڪيو مشهور حق،
الصلواة اي ڪيون دليون معمور حق،
الصلواة اي دين جو دستور حق،
الصلواة اي نور اعليٰ نور حق،
السلام اي تو سيڪان شام و سحر!

الصلواة اي جي مران هيت محبتي،
الصلواة اي تنهنجي ويجهو تربتي،
الصلواة اي چيٽ توڻي يا ڪتي،
الصلواة اي پرت جي ملير پتي،
السلام اي چاروئ درد جگر!

الصلواة اي تو سيڪان ديدار ڪي،
الصلواة اي تو سيڪان دربار ڪي،
الصلواة اي شل ڏسان گلزار ڪي،
الصلواة اي پُڇ اچي بيمار ڪي،
السلام اي ماريس رنج و فڪر!

الصلواة اي هاشمي حضرت حبيب،
الصلواة اي تون آهين منهنجو طبيب،
الصلواة اي آڃ آهيان بدنصيب،
الصلواة اي آڃ چايس ٿي غريب،
السلام اي پنڌ پري پيو بي ثمر!

الصلواة اي ڪجهه نڙو دل ڪي وڻي،
الصلواة اي پيو گهڙيون عاشق ڳڻي،
الصلواة اي حب هيئين پر ڏڪ هڻي،
الصلواة اي سنڌ مان ڪاڏو ڪٽي،
السلام اي حب مچايو آ حشر!

الصلواة اي حب سان "حاجي مراد"،
الصلواة اي سڻ فراقيءَ جا فرياد،
الصلواة اي موت ماريندو مباد،
الصلواة اي تنهنجي بهتر آهه ياد،
السلام اي شل ٿئي تو وٽ قبر!

شفيعٌ مطاعٌ نبيٌ كريم،
سلامٌ عليكم محمد حكيم!
بشيرٌ نذيرٌ تنهنجو شان عالي،
حقيقت جي دريا پر قربت ڪمالي،
ختم شاهه توتي ٿئي خوش جمالي،
ڪڏهن ڪونہ وريو سوالي ڪو خالي،
جليلٌ جمالٌ جميلٌ فهيم:
سلامٌ عليكم محمد حكيم!

تون آئين اسان وٽ رسولِ امين ٿي،
تون آئين نبي رحمت للعالمين ٿي،
تون آئين آسي خاتم المرسلين ٿي،
تون رهبر ٿي آئين شفي مذنبين ٿي،
تون آئين اسان وٽ ٿي لطفِ عميم:
سلامٌ عليكم محمد حكيم!

خدا سان بندن ڪي ملائڻ لاءِ آئين،
سڌي راهه رستي هلائڻ لاءِ آئين،
اوڌارن ڪي حاڪم بنائڻ لاءِ آئين،
جهالت جو جادو وجائڻ لاءِ آئين،
شريفٌ عزيزٌ حَريصٌ رحيم:
سلامٌ عليكم محمد حكيم!

حبيبِ خدا سيّد الانبيا،
يا بدر الدجيٰ يا شفي الورىٰ،
ڇا امتحان هجرت يا غارِ حرا،
اول پاس ٿئين مصطفيٰ مجتبيٰ،
تنهنجو خُلق خلقت پر خُلقِ عظيم:
سلامٌ عليكم محمد حكيم!

سڪيا "قل هو اللّٰه" جو قاعدو،
ملیو توکي "والسوف" جو واعدو،
ڇني ڦٽ ويا ۽ ٿيو فاعدو،

ايا مومنن لءِ لفعو زائدو،
انعام آهي جاکير جنت لءِ:
سلام" عليڪم محمد حڪيم!

تنهنجي دشمن لاءِ دوزخ تيار،
بيوس چپ لاڙي هولدا بيقرار،
نہ ملندن کا مهلت نہ سجندين پکار،
ڪرشتا متركن سان ڏيندن پيا مار،
ڏيندن پياس ۾ آڻي آبِ حميم:
سلام" عليڪم محمد حڪيم!

آئين حق کان ۽ کولي حقيقت،
وسيلو وصل جو آهي دائرو شريعت،
پڳا عرش عارف توهان جي طريقت،
مڃين "حاجي مراد" مؤمن نصيحت،
ڇڏي ڪيئن پلا تن کي نارِ جحيم؟
سلام" عليڪم محمد حڪيم!

مرحوم حاجي مراد خان پنهنجي مادر وطن کي ب لـ وساريو آهي. اجهو ان کي هتن ڦڦڙن سان ياد ٿو ڪري:

قربان تنهنجي نام تان، منهنجي عجيب سنڌ!
ڀلجن ٿا تنهنجي گود ۾ بيوه غريب، سنڌ!

اسلام تو ۾ عربن قائم اڇي ڪيو،
اهڙو نہ تنهنجو اعليٰ نڪتو نصيب، سنڌ!

اڳ تو اسان جي عزت ڪيڏي نہ ٿي ڪئي،
آڻي ڪٽان ويهاريا اڄ تو رقيب، سنڌ!

توکي سڏين سپ ٿا نو لک جي گودڙي،
ڪڇ جي ڏکارين لءِ تون ئي طبيب، سنڌ!

سنڌوندي ۾ جي ساوڪ رشڪِ ولائتن،
زرخيز هٿ آهي حيلو حليب، سنڌ!

سرتاج گم ٿيل کي آڻڻ وارا ته آهيون،
ڪشتي ڪنڊي ۾ پڃڻ تي آهي قريب، سنڌ!

مغلن جي بادشاهي ڏسندي ٿو ياد ٿئي اڄ،
ننگر ٺٽي جي جامع وارو خطيب، سنڌ.

ميرن جا ڪوٽ ڏسندي آنڌيون اچيو وڃن،
هت جي رهيا سي تنهنجا ڪي ڪي حبيب، سنڌ!

شهباز ۽ پٽائي حافظ شهيد ڪيئي،
راڻا تو ۾ رهن ٿا ٽيڪ ۽ نجيب سنڌ.

دودن ڇڏيو جو طغرا آزاد غير ڪان،
سو ڪو چور ويو چورائي دفتر حسيب سنڌ.

گهنگهر حياتي آهي گهارڻ غلامي الدر،
لاگهه نغارو هڻ ڪو نماڻي نهيب سنڌ!

پاجهر جوار چانور مڱ ۽ مڪائيون،
ليما لذيذ تنهنجا زردڪ ذبيب، سنڌ!

"حاجي مراد"، تنهنجي تواريخ ڪي لکڻ لءِ،
سوچين علم وارا ۽ ڪي اديب سنڌ.

مرحوم حاجي مراد جي وقت ۾ ڪيترا ناميارا شاعر هٿا، جن مان ڪيترا سندس همعصر شاعر اڃا زنده آهن، ۽ ساٿس ڪيترن جون علمي ادبي رهاڻيون وقت بوقت ٿيندي هيون. انهن مان قاضي عرس لنواريءَ وارو، الهه بچايو رپ وارو، علي محمد رنگريز نيندي شهر وارو، ۽ مولوي احمد ملاح بدين وارو، قابل ذڪر آهن. حاجي مراد ڪيترن ئي شعرن ۾ پڻ پنهنجي ساڻين (همخيال شاعرن) ڪي پچاريو آهي.

مرحوم حاجي مراد جي هڪ دلگهرئي دوست علي محمد رنگريز ڪي جڏهين خبر پئي ته سندس دوست حاجي مراد خان وفات ڪري ويو، تڏهن پنهنجي دوست جي فراق ۾ دل گداز شعر چيائين، تن مان هڪ شعر جا ڪي بند پيش ڪجن ٿا:

جن سان هيءَ جون جڙيون، سي ڏار ٽي دلدار ويا،
سونڙي وري ملندا ڪڏهن، جي سن وڃي منڌار ويا!

اڳ نه هئي مون ڪي خبر، هيت يا هٽي هوندا مگر،
پڪ پٽر پوءِ ٽي خبر، جڏ ڏور پنڌ لاچار ويا!

"رنگريز" دلبر ساريو، هن هي عجب ڏيکاريو،
واڳون وڃان ٿو واريو، لک دوست جنهن درٻار ويا!

علي حسين مرتضائي

غلام حسين "ملنگ"

سنڌ جو گمنام مرثيگو شاعر مرحوم غلام حسين "ملنگ"، سن ۱۹۰۴ع ۾ پنهنجي اباڻي ڳوٺ نندي شهر تعلقي بدين ۾ ڄائو. شروع کان ئي واپار تي وڃڻ کان ڪري تعليم ۾ ترقي ڪا نه ٿيس: پنج درجا سنڌيءَ جا پڙهڻ بعد، ڳوٺ جي هڪ مولوي صاحب کان ٽن سالن تائين فارسيءَ جي تحصيل ڪيائين. سندس والد مرحوم، سيٺ حاجي غلام علي، پنهنجي وقت جو هڪ ناليرو واپاري ۽ چگو مڙس هو. بدين، ڪيڻ، جهڏي گدام، ميرپور ۽ ٻين ڪٿن شهرن ۾ سندس چمڙي جون ڪوٺيون قائم هيون. ڪچ جيتري زمين به هيس. پنهنجي خواجه قوم جو چگو مڙس هو. لاڙ ۾ پهرين پهرين جن چئن مڪ ماڻهن سر آغا خان جي بيعت ٿوڙي اسماعيلي عقيدي ڪان بيزاري ڏيکاري، سيٺ حاجي غلام علي انهن مان هڪ هو. انهن پوءِ اثناعشري عقيدو اختيار ڪيو. هن وقت لاڙ ۾ جيتريقدر انهيءَ عقيدي جي خواجه قوم موجود آهي، سا انهن چئن بزرگن جو اولاد آهي. مرحوم غلام حسين تي انهن اوائلي سرگرمين جو گهڻو اثر ٿيو، ۽ اهلبيت سان عقيدت جي اظهار ۾ هن پاڻ کي "ملنگ" مشهور ڪيو. ۱۹۲۸ع کان شاعري شروع ڪيائين. مدح، نعت، سلام، نوحا ۽ مرثيا ڪهڙي انداز ۾ چيا اٿس. آواز ۾ سوز بيحد هوس. - زخوانيءَ جي مجلسن ۾ ماڻهو "ملنگ" کي اوس سارينديا هئا. هن وقت به لاڙ جي اڪثر شهرن ۾ سندس ڪلام، سوزخوانيءَ جي مجلسن ۾ پڙهيو ويندو آهي. ٻرٽي مرثي ۽ ٻين مختلف تقريبن لاءِ سندس چيل سهرا ۽ گيچ، انهيءَ هاڻي ڪافي مقبول ۽ عام آهن. نظم ۽ نثر ۾ ذاڪريءَ جون ٽي چار سو مجلسون سندس تصنيف آهن. سنڌي ۽ ملتانيءَ ٻولي سندس چيل سموريو ڪلام ڪانئس نندي ڀاءُ نذير حسين حيدريءَ وٽ محفوظ آهي، جو مشهور هاري اڳواڻ ۽ خود به سنڌيءَ جو سٺو اديب ۽ افسانه نويس آهي. پيءُ جي حياتيءَ ۾ ئي "ملنگ" پنهنجي زمين ۽ واپار ۾ ساڻس مددگار رهيو. والد جي وفات کان پوءِ سڄو ئي ڪاروبار سندس اڪيلي سر تي اچي ٿيو. پاڻ چئن ڀائرن ۾ وڏو هو. آخر ٻاهر جون ڪوٺيون بند ڪري، نندي شهر جي ڪوٺي ۽ زمينات جو ڪم سنياڻو ٻيس. سڀ کان نندو ڀاءُ محمد حسن پورجوانيءَ ۾ گذاري ويو. جلد ئي پاڻ ٽي. بي. ۾ مبتلا ٿي ٿيو، ۽ انهيءَ عارضي کان ۱۹۵۳ع ۾ وفات ڪيائين. اهڙيءَ طرح، ڪانئس پوءِ نندي شهر واري ڪوٺي به

بند ٿي ويئي. باقي ٻن پائرن مان آڳ زمينات جو ڪر سنياليان ٿو، ۽ وڏو ڀاءُ نذير حسين حڪمت ۽ ٽيڪيداري ڪري ٿو.

ڪلام جو نمونو

پون ياد پل پل اباڻا اندر ۾، ويٺي راهه ڪوليان مارڻ جي مهر ۾.
ڏسيو محل ماڙيون، سُڃيون ساريون جايون،
ٻرن ٽيون الدر ۾ پڙڪ ڏيئي باهيون:
سڄو جڳ انڌارو اڇي ٿو نظر ۾.
مُکو سون جو قاصد، وري ڪونہ آيو،
ڪو ڄاڻان قريبن لہ ورندو ورايو:
انهيءَ سورسرتيون وڏو آ ڪوندر ۾.
ڏئم ڪلهه ڪبوتر، مٿي ساڙي ويٺل،
پڇيو سون خبر ڏي ابائن جي پلپل:
چيائين، ابي ساڻ ملندينءَ حشر ۾.
"ملنگ" مرتضيٰ جي، توتي ٻاجهه ٽيندي،
حُسينڻ جي مادر اجر توکي ڏيندي:
حامي ٽيندءِ حيدر انڌاري قبر ۾.

*

مهند محبن جي ماڻ ڪان موت مون مارين متان!
سڪ اٿم، شهزادهٔ ڪولين جي قدمن ڏهي،
پُر ضيا پيرن مٿي منهن ڪي ملي ٻوسو ڏيان.....
فاطمه جي لال کي عباس جو پُرسو ڏئي،
هٿ ٻڌي حضرت ڪنان هڪ جام ڪوثر جو پيان.....
هو ڪريم ابن الڪريم آهه جنت جو قسيم،
ٻالڊ ٻائي گل ڳچيءَ ۾ پاس جنت جي ڳنان.....
آهيان گناهن ۾ غرق، منهن سياهه منهنجو ٽيو،
"يطهرڪم تطهير" جي دامن لڳي آجرو ٽيان.....
پي تمنا هيءَ اٿم جو روبرو ڪربل وڃي،
دلربا جي درسندي مان چالڻ چشمن سان چمان.....
واسطو توکي ڏيان ٽو حيدرِ ڪرار جو،
عرض ملنگاڻو اڳهائج يا خدا رب المنان!

عبدالقيوم "صائب"

حيات شاهه "حافظ"

"داستانِ غم"، "وچڑيلن جو ميلو"، "ديوان حافظ"، "گلستانِ حيات"، ۽ ٻين ڪيترن ئي پراثر ۽ عقيدتمندانه مولودن، مدحن، لعتن ۽ قومي نظمن جو خالق، سنڌ جو "حافظ"، سيد محمد حيات شاهه، سن ۱۸۷۵ع ڌاري، ضلعي جهنگ پنجاب ۾ پنهنجي ناناڻي ڳوٺ ۾ پيدا ٿيو. ڪيس سيد غلام حيات النبي ٻڌ چوندا هئا. سندس والد جو ننالو سيد ميرعالم شاهه هو. جو حسيني ساداتن جي پُري مان هو. سندن خاندان جو سلسلو حضرت امام تقي عليه السلام سان وڃي ٿو ملي، ۽ ٻاڻ حضرت جن جي صاحبزادي محمد عارج جي اولاد مان آهن.

حافظ صاحب ناناڻي ڳوٺ ۾ ڄائو، ٽپنو ۽ سمجهه پريو ٿيو. ننڍي هوندي ئي سندس والده ماجده سرداران بيبي-جا ٻڌ هڪ نيڪ نيت، نيڪ سيرت، سمجهو ۽ دوراندیش عورت هئي-ان جي گذاري وڃڻ بعد، ڪيس ڏاڏاڻي ڳوٺ سعيدپور ڏانهن ٻ(جو اتان ۴ ميل پري، رانجهي واري تخت هزارا جي پرسان، ضلعي گجرات ۾ واقع هو) وڃڻو پيو. سڃي ڳوٺ ۾ سندن گهراڻو عزت پريو، سرلد ۽ سڃي-مانيءَ وارو هو. سندس والد کي "وڏو سائين"، والده کي "بيبي سائڻ"، ۽ ڪيس "صاحبزادو پير" ڪري ڪوٺيو ويندو هو. حافظ صاحب جي والده ٻڇاڙيءَ ۾ پنهنجي سکيلڌي پُٽڑي جي ٻانهن پنهنجي ٻيڻ عظيمان بيبيءَ جي هٿ ۾ ڏئي ويئي، جنهن ڪيس حتي الوسع سکيو رکيو، ۽ پنهنجي نياڻيءَ سلطانه بيگم جو مڱڻو ساڻس ڪرايو، سلطانه بيگم ۽ ٻاڻ-پنهي ڄڻن ننڍي هوندي کان وٺي هڪٻئي سان گڏ گذاريو ۽ رانديون روندیون کيون هيون. پنهي کي هڪٻئي سان پيار تہ ڇا، بلڪ عشق ٿي ويو هو. انهيءَ سلطانه بيگم جو پلو، لکئي جي ليک ڪنهن ٻئي هنڌ وڃي اڙايو، ۽ حافظ صاحب پنهنجي ڪمزوري ۽ ناداريءَ جو شڪار ٿي، ناڪام عاشق وانگر، سڃي عمر شاديءَ لاءِ سڪندي سڪندي، وطن کان ٻيوطن ٿي، مجازيءَ کان حقيقيءَ ڏانهن وک وڌائيندي، ليٽ ۲۶ ڊسمبر ۱۹۵۵ع تي، حيدرآباد شهر ۾ هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪيو.

حافظ صاحب "داستان غم" نالي ڪتاب ۾ پنهنجي حياتيءَ جي اوائلي چند ورهين جو احوال قلمبند ڪرايو آهي. انهن ابتدائي ورهين ۾ هو ڳوٺ کان ڪري، ڪجهه ڏينهن ٻاهر رهي، پنهنجي والد بزرگوار جي قدمبوسيءَ ۽ مڱ ۽ محبوبه جي سڪ ۾ ٻوٽي وري، اچي

ساڻ ملي ٿو. هو پنهنجي محبوبہ سان صرف ڏهہ ڏينهن گذاري ٿو، جنهن بعد سڄيءَ جمار لاءِ وڃڻي وڃي ٿو: وري ڪيس پنهنجي جيڙي هن جو منور منهن ڏسڻ جو موقعو ڪين ٿو ملي، ۽ حافظ صاحب انهيءَ خواهش جي تڪميل لاءِ ائين چوندو رهجي ٿو وڃي تہ

ملي جي خواب ۾ سا حور، "حافظ" سر ڪريان صدقو،
ڇڏايو جنهن وطن ۽ اقربا، گهوٽ تنو ٻنيون ٻارا.

هو پنهنجيءَ محبوبہ ڪي ڇا ڪري سمجهندو هو ۽ ڪيس ڪهڙي عزت ڏيندو هو، تنهن بابت سندس ئي قلم مان لکتل چند لفظن جي ذريعي اظهار ڪرڻ بهتر ٿيندو. لکي ٿو:

"سلطانہ بيگم هڪ نيڪ بخت، نيڪ صورت ۽ نيڪ سيرت زال هئي. سندس منهن چند جهڙو هو. سندس آواز، يعني زبان، ماکيءَ ۽ مصريءَ کان مٺي هئي. هوءَ طبيعت جي بلڪل سادي هئي، مگر سندس اٺ ويهڻ، گالهائڻ ٻولهائڻ- هر فعل مون لاءِ ناز ثابت ٿيندو هو، ۽ اهو ناز، تير بڃي، منهنجي جگر ۾ آرپار ٿي ويندو هو. هوءَ هر منٽ ۾ پنهنجي نظر جي تير سان مون کي ماريندي هئي، پر وري مٺيءَ زبان جي ٻول سان جياريندي هئي".

حافظ صاحب، ماضيءَ کي ياد ڪندي، پنهنجو داستان ڏهراڻيندي ٻڌايو آهي تہ جڏهن نانائي گهوٽ کي الوداع چئي، اباڻي ٻونءَ ۾ آيو تہ آتي ٻهريائين ماحول ۽ فضا سان ٺهڪي نٿي آيو، پنهنجن ۾ اوپرو پئي لڳو، ۽ جلدي هتي وارن سان ٺهي ويو ۽ رلي ملي هلڻ لڳو. سندس ماسات سلطانہ بيگم ڪائنس عمر ۾ پنج سال وڏي هئي، جنهن سان مڱڻو ٿيس. هوءَ لکي پڙهي ڄاڻندي هئي. سلطانہ، سلطانہ جو ياءُ انوار احمد ۽ حافظ صاحب، ٻاڻ ۾ گڏجي راند يون روندبون ڪندا ۽ ڪير ۽ ڪنڌ ٿي هلندا هئا.

چوندا آهن تہ "لکيو منجهہ نراڙ قلم ڪيڙيءَ نہ وهي"- "رڏيون ٻڪيون ٻ، يانصيب!" آسمان ڪج رفتار، هونئن ئي ڪنهن سان ڪين ٺهي ۽ ٻن ٺهڪندڙ دلين جو تہ همشيہ ڪان ويري آهي- سو ڇا ٿيو جو سندن شريڪن ۾، شمس الدين نالي هڪڙو ڇوڙو ڇنو ڇوڪرو هو، جنهن جا مائٽ مٽ گهٽو تٽو مري ڪپي ويا هئا؛ پر وڏو مائٽ 'پسو' ونس ڏرٽو ماريو ويٺو هو. شمس الدين، پنهنجي پسي جي زور تي، نيٽ ٻن پيار پريل دلين ۾ وڇوڙي وجهڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. هڪ ٻوٽي جي ٻن مکڙين، ڪڙي ۽ ڪلي ايڏا هڪٻئي سان پوريءَ طرح مرڪي گهالهين جا چار چولڪ ٿي ڪين ڪيا هئا، تہ اهڙي ڪا هوا لڳي، جو مکڙيون هڪٻئي کان ائين پري رهجي ويون؛ جڙ تہ هوا جي لهرن تي ڪي ڀاريون هڪٻئي سان ملي ٻوءِ جدا ٿي ويون هجن. مجبوري ۽ حسرت ڏسندي رهجي ويئي ۽ اميدون دل ۾ ٿي ڪر موڙي رهجي ويون. هاڻي سلطانہ جو سڱ، حيات شاهہ جي بدران شمس الدين کي ملڻو ٿيو. اهو سارو جادو، 'ڪاڪ روپي' نالي جو هو، پر اها گالهہ سلطانہ جي ماءُ کي نہ وڻي، جنهن حيات شاهہ کي سڏائي پنهنجيءَ پَر ۾ چيو تہ "سلطانہ نندي ڪانہ آهي، وات وڪيل آهي، تنهنڪري



حافظ محمد حیات شاہ مرحوم

تون، انوار ۽ سلطانہ، ٽيئي گڏجي هتان چپ چاپ فلاڻي گوٺ ۾ فلاڻي قاضيءَ وٽ وڃو ۽ نڪاح پڙهائي موڻي اچو، پوءِ جيڪي ٿيندو تنهن کي آءٌ ڀاڻيهي منهن ڏيندس." سلطانہ ۽ انوار تہ اڳيئي انهيءَ گالهہ لاءِ تيار ڪيا ويا هئا. 'وليون ۽ ٻنيون مڙسن کين چڏيون.' ۽ حيات شاهہ، جنهن کي چاچن جي مار موچڑي ۽ سختيءَ اڳيئي ڪڍائي چڏيو هو، تنهن هار نہ ڀري ۽ ڏجي ويو. 'نما نما' (نہ مان، نہ مان) ڪرڻ لڳو. نيٺ جڏهين سلطانہ ڏاڍو تہ هن کي سندس مرضيءَ جي خلاف شمس الدين جي حوالي ڪيو ڀيو وڃي، تڏهين همت ڪري پنهنجي خاندان جي هڪ ٻئي فرد سان وڃي نڪاح وڃهائي آئي.

حافظ صاحب پنهنجي بربادي‌ءَ جو هي نقشو اکين سان ڏسي، راتو واهہ گوٺ چڏي هليو ويو. ۽ ان وقت پنهنجي ناڪام تمنائن جي هن ريت تصوير چٽيائين:

ڏئي شادي جي بدران مون اکين سان ٽيندي بربادي،
ٽيا ويران سي ويڙها، جتي هئي زور آبادي.

ٻوءِ، ميرعالم شاهہ بہ پٽ جي غم، ڀائرن جي بي‌قياسي ۽ پٺسي پرستيءَ کان تنگ اچي، پنهنجو گونڊو چڏي، ڪن مريدن جي چوڻ تي وٽن وڃي رهيو؛ جن سندس مرضيءَ موجب، گوٺ جي پرسان هڪ نهر جي ڪناري تي، هڪڙي خلاصي جاءِ اڏي ڏني. هن بزرگ شخص پنهنجا پويان ڏينهن انهيءَ ڪوٺيءَ ۾ ٽي، اللہ جي عبادت ۽ خلق جي خدمت ڪندي هي جهان چڏيو.

حيات شاهہ جي راتو واهہ گوٺ چڏي وڃڻ بعد، جنهن وقت سندس مائٽ ڪيس کولي واپس آڻڻ لاءِ سنڌريا، تہ ان وقت هڪ بيوس ٻيءَ جي اندر مان جي لفظ نڪرن ٿا سي هن جي ذهني ڪشمڪش جو بهترين خاڪو پيش ڪن ٿا. هو چوي ٿو: "منهنجي ڀٽ جي پويان ڪوبہ نہ وڃي. جڏهين مظلوم سان ظلم ۽ بيدادي ٿي ٽئي، تڏهين ڪنهن بہ سندس مدد ۽ حمايت نہ ڪئي. هاڻي جڏهين هو مون کي جدائيءَ جو داغ ڏيئي، پنهنجي قسمت پاڻ سان وٺي هليو ويو آهي، تڏهين ڪيس مونائڻ جو ڪوبہ ضرور نہ آهي. هو جاڻي ۽ سندس قسمت جاڻي".

هيڏانهن حيات شاهہ ٻورن ٽي ڏينهن ڪان ٻوءِ، وري گوٺ ڏالهن واپس وريو ۽ پنهنجي والد کي، انهيءَ ڪوڙيءَ ۾ اچي ڏنائين؛ جنهن وٽ ڪجهہ ڏينهڙا گذاري، سور روئي، ٻوري گهٽي خدمت ڪري، موڪلائي آئي هليو، هلي اچي جيجل ماڳ جي قبر تان ٽي، نانائي گوٺ ۾ گهڙيو ۽ وڏي حرفت سان، ساهيڙين جي ٻهاني تي، سلطانہ بيگم کي گهرايائين، جا انوار احمد کي پاڻ سان گڏ وٺي آئي ۽ ڏهہ ڏينهن حيات شاهہ سان گڏ گهاريائين. ان بعد، حيات شاهہ وري بہ هتان ٻجي نڪتو. سلطانہ بيگم، هي اوچتو ڏک سهي کاڌ سگهي، ٻئي ڏينهن تي دم ڏنائين ۽ پنهنجي نانائي گوٺ ۾ ٽي دفن ڪئي ويئي؛ جنهن جي سڌ، حافظ صاحب کي ٻوءِ ٻئي، جڏهين هو وري پنهنجي ماڳ جي مقام تي ويو ۽ پنهنجي محبوبہ جي قبر تي، جنون جي حالت ۾ سڄا سارا ٽي ڏينهن بيهوش پيو هو. هن واقعي جي ياد ۾ پاڻ ٿو چوي:

مٹي سلطانہ بيگم کي ڏني دعوت سهيلين جي،
مرڻ لڳ گوٺ نالائي، گهرايو ڪنهن؟ ازل جي انگ.

حيات شاهہ ڏهين ڏينهن سلطانہ بيگم جي هٿ مان هڪ سولي منڊي ۽ چاندي جا ٻ چلا لاڻا هٿ، جن مان منڊي نشاني طور واپس سلطانہ جي آگر ۾ وڏائين ۽ چلا پاڻ وٽ رکيائين. جي ۱۹۱۲ع تائين وٽس موجود هٿا ۽ هوء کيڏالهن ويا، يا انهن چلن سان سندس زندگيء جي کهڻن کهڻن ۾ ڏکين ڏينهن جي حڪايت وابسته آهي؛ تنهن لاءِ سندس خيال هو تہ "داستانِ غم" جي ٻئي پاڳي ۾ اهو احوال ڏيندو، پر حالتن ايتري فرصت نہ ڏني جو ٻيو پاڳو تيار ٿئي ۽ سندس حياتيء جو مڪمل داستان سڌ وارن تائين پهچي. سندس چوڻ موجب انهن چلن جي سرگذشت بہ عجيب آهي.

وادي غربت ۾ مٽ "حافظ" اچي آرام ڪر،
ٽو ڇڏيان هاڻي وطن، اي بزمِ ياران، الوداع!

هن پيري گوٺ ڇڏڻ کان پوءِ، هيءَ قسمت جو ماريل ۽ تقدير جو گاريل پنجاب، يو. پي. بنگال، مدراس، دکن، ملبار، گجرات، کاٺياواڙ، مارواڙ ۽ ٻين صوبن جو سير سفر ڪندي، ۲۸ ورهين جي جمار ۾، سن ۱۹۰۳ع ڌاري، مارواڙ جي بالوترا نالي گوٺ ۾ سخت بخار ۾ مبتلا ٿيڻ کوي نيٺن جي نور کان هميشہ هميشہ لاءِ محروم ٿي ويو.

سن ۱۹۱۰ع ڌاري سنڌ ۾ پير پاتائين. سنڌ جي مختلف گوٺڻ ۽ واهڻ ۾ گذاريائين، ۽ سنڌ جهڙي مهمان نواز ملڪ کي پنهنجو وطن بڻايائين. هو سنڌ ۾ گهمي ڦري، ڪوٺڙيءَ جي ميٽن وٽ جامع مسجد ۾ اچي ٽڪيو ۽ سنڌونديء سان حال اوريندو رهيو. هن کي سنڌو درياءَ سان ڏاڍو پاڻهو ۽ پيار هو. دريا جي ڪنديءَ تي ويهي جڏهين آن ۾ پير لوڪائي پاڻيءَ جي ٿڌڪار محسوس ڪندو هو، تہ گوٺ واري چناب نديءَ جو ساڻ پيو ايندو هوس، ۽ ٻراٽا ڦٽ چڪڻ لڳندا هئس-

لٽڪائي پير سنڌوءَ ۾ جنهن دم ويهان ٽو مان،
ڪنهن ڏينهن جو نشو ٽو ٿئي مون تي طاري.
هلي اي سنڌوندي صدقي وڃان تو تان سدا،
تو ۾ گڏجي ٽو اچي ملڻي وطن منهنجي جو آب.
آبِ حيوان، آبِ چشم و خونِ دل قربان ڪنم،
دست آيد گر مرا يک قطره از آبِ چناب!

ميٽن وٽ مولودين جون محفلون عام جام ٿيندڙون هيون، جن مان حافظ صاحب ڪي ڏاڍو رس ايندو هو. سندس چوڻ موجب ڪيس انهن مولودن منجهان پنجاب جي گوٺاٽن گيتن

وارو سوز ۽ ساز محسوس ڪيندو هو. هي وطن کان وڇوڙيل، اهي مدحون ۽ مولود وڏي چاهه ۽ دلچسپيءَ سان پڙهڻ ۽ سڪڻ لڳو.

سن ۱۹۱۳ع ڌاري حيات شاهه جي حيدرآباد ۾ "خواب" صاحب جن جي والد بزرگوار ميان علي بخش سان ڏيٺ ٿي، جنهن جي اوطاق تي پارهوئي مولودين جي محفل متل هوندي هئي. پاڻ به مولودين جي مجلس جو سور هو، ۽ انهيءَ ڏس ۾ سندس نالو سڄيءَ سنڌ ۾ مشهور هو. ممڪن آهي ته حافظ صاحب پڻ انهيءَ رس پڙهڻ جي لاءِ حيدرآباد ۾ آيو هجي. وقت گذرندو ويو، ميان علي بخش ۽ حيات شاهه هڪٻئي کي ويجها ٿيندا وياـ تان جو ميان صاحب، حيات شاهه کي هميشه جي لاءِ پاڻ وٽ اچي رهڻ لاءِ زور پريو: پوءِ هو به جلدي اچي حيدرآباد ۾ رهيو، ۽ سدا لاءِ اتيئي رهي پيو. انهيءَ وچ ۾ اهڙيون حالتون پيدا ٿي ويون هيون، جو پاڻ ٿو چوي:

اهڙو ڪو واءُ سخت وريو آهه ديس ۾،
واڪون وطن ڏي جيڙي ته واري نڙو سگهان؛
'سلطانه' منهنجي ساهه جي بيگم وئي لڏي،
تربت تي تنهنجي منهن به ڏيکاري نڙو سگهان!

ٽيٽ سڙاءُ واءُ لڳو، حالتون سڌريون ۽ حافظ صاحب پنهنجي وطن ڏي اچڻ ويڙهڻ لڳو. گهڻو ڪري سال بسال، ماڻهو ساڻ ڪري، مائٽن جي مقام تي ويندو هو، جتي جيجل ماءُ، پياري ماسي، محبوبه سلطانه بيگم ۽ ٻين عزيزن ۽ پيارن جي مقام تان ٿي، ٽيٽن مان ڪير وهائي، اکين مان آب اوتي، اندر جي تپش ۽ دل جو بخار ڏرو ڪري، واپس موٽي ايندو هو. سلطانه کي اڪثر خواب ۾ ٻيو ڏسندو هو، ۽ چوندو هو:

خدا رحمت ڪري، ماسات! تنهنجي روح تربت تي،
"حيات" آهي ڪوپل جڳ ۾، ڪهڙي گهايل سان گهاري وڃ!

ٻڇاڙيءَ ۾ هن مجازي عاشق جي دل تي فراق ۽ وڇوڙي، دنيا جي بيوفائي ۽ ڏاڍائي، ۽ زماني جي واقعن ۽ تجربي، حقيقت جو رنگ چاڙهڻ شروع ڪيو. هن جي دل ۾ حب رسول (صلعم) پيدا ٿي، ۽ سرڪار دو عالم جي چالٽ چهڻ لاءِ هڪ خواهش دل ۾ گهر ڪري ويس-

بدلجي ويو بس طبيعت جو رنگ،
مجازيءَ تي آيو حقيقت جو رنگ.

*

روزي رسول پاڪ تي روئي ڇڄ صبا،
"حافظ" سڏايو سنڌ مان هيڪر حجاز ۾.

*

اوهان وٽ جو ايندو، نہ موٽي سوويندو،
اهو قول "حافظ" کان بيشڪ لکايو.

*

پهنچونگا روضہ پاڪ ۾ يا آئے گي اجل،
کهٽکا لگا يہ رهتا هے شام و سحر مجهے.

جلدئي اهڙا ٻہ سبب پيدا ٿيا جو سندس اها آرزو ٻہ پوري ٿئي ها؛ ۽ پاڻ چوندو هو تہ 'آڳ گهران ٿو تہ آتي وڃان ۽ وري موتي لہ اچان: سدائين پاڻ سگهورن جي چانئٹ تي ٻيو هجان!' هو اهڙا وفا جا پيمان ۽ پلاند پائيهي ٻيو پڌندو هو. نيٹ سيد حاجي علي اڪبر شاهہ ڪيس چيو تہ 'آڳ سجو بندوبست ڪري ٿو ڏيان، تہ وهان وڃي حضرت جن جي مقدس مزار جي زيارت ڪريو'- ۽ پاڻ نہ ويو. عبدالله "خواب" انهيءَ تي ڪانئن پڇيو تہ 'آخر هڙي وجهہ هوندي ٻہ اوهان ڇو نٿا وڃو؟" ان تي جواب ڏنائين تہ 'عبدالله، آڳ وڃان تہ سهي، پر حضرت جن سان ڪوڙو ٿي هوندس ۽ هميشہ لاءِ اتي رهي ڪونہ سگهندس: سلطانہ جي سڪ وري ٻہ مون کي موٽائي آڻيندي!'

"حافظ"، سردارِ دوجهان جي شان مبارڪ ۾ گهٽوئي ڪلام چيو آهي،- پر بي پهچ بندو الله جي پاڪ ۽ پياري پانهي جي ڪيتري ساراهہ ڪري سگهندو!

زبان عاجز، قلم قاصر، خرد وهم و گمان گم شد،
محمّد مصطفيٰ صلي علي جي ڇا ثنا ڪريان!

کي واقعا.

حيدرآباد ۾ اچڻ تائين ٻہ هن شخص جي دماغ تي ديوانگي ۽ جنون جو عالم طاري هو. جڏهن ۽ هاڻي جا چوڪرا ڪيس انڊو انڊو ڪري چيڙائيندا هٿ، تہ هو انهن جي هوپان اچي هوندو هو ۽ ڏکا ڏوما ڪائيندو هو. ڇهچي نہ سگهندو هو، تہ سڄي ڪاوڙ ۽ چڙ پاڻ تي ڪڍيندي، پنهنجا ڪپڑا ڦاڙي ليڑون ليڑون ڪري ڇڏيندو هو.

* * *

هو هڪ لاغرض ۽ بي طمع شخص هو، ۽ جيڪي ملندو هوس سو گهرج هوندي ٻہ ڪنهن غريب غربي يا گهرجائوءَ کي ماڻ ميٹ ۾ ڏيئي ڇڏڻ ۾ ويرم ٿي ڪين ڪندو هو. هڪڙي پيري جو ذڪر آهي تہ پاڻ بيمار ٿي پيو هو، دوا لاءِ پئسو ٻہ ڪين هوس: رڪي رڪي ٿي چيائين تہ 'پئسو ڪو هجي تہ جيڪر فلاڻي دوا وٺي ڪتب آڻي سگهجي.' اوچتوئي ٽپالي آيو، جنهن پنجن روپين جو مني آرڊر آڻي ڏنو. ٽپاليءَ جي وڃڻ بعد، هاڻي جو هڪ شخص وٽس آيو ۽ پنهنجي حال زار جو ذڪر حافظ صاحب سان ڪيائين. حافظ صاحب کي پنهنجي بيماري ۽ دوا تہ ويئي وسري، جيڪي پئسا ملیا هئس سي ان شخص کي ڏيئي ڇڏيائين.

* * *

عبدالله "خواب" جي چوڻ موجب، سندن خاندان جي ننڍڙن جي پڙهائيءَ تي به هن بزرگ شخص گهڻوئي خرچ ڪيو، ۽ "حيات ادب" لئبريريءَ ۾ به گهڻ جيترو ٻڌسو هن جوئي لڳل آهي. ڪيس "ٻاڙي جي ٻهر" ڪري چيو ويندو هو، ۽ ڪيس جيڪي به ملندو هو، ٻئي ڏينهن يا مينهن وسندي لاءِ بچائي هرگز ڪين رکندو هو. ٻئي طعام سان گڏ ڪيس نان-ڪباب سان ڏاڍي پوندي هئي: شل نه ڪو ڪباب جو نالو اچي، ٻوءِ ته يڪدم گهرائڻ لاءِ چوندو هو ۽ بيچينيءَ سان ان جو انتظار ڪندو هو.

* * *

هڪ ڀيري، فجر جي نماز لاءِ ساڙيءَ تان لهي مسجد ۾ ٽي ويو، ته هڪ سائيڪل وارو ڪير جا ڏاڙهڪي تڪو ٻئي ويو: تڪ ۾ اچي، حافظ صاحب سان ٽڪريو: هيءَ ضعيف شخص وڃي پٽ تي پيو: ان وقت گهڻيءَ ۾ ڪو ٻيو شخص موجود نه هو: سائيڪل واري، ڪجهه غلطيءَ جي احساس ۽ ڪجهه انساني همدرديءَ جي لحاظ کان، لهي اچي حافظ صاحب کي کنيو، تاڪ ڪيس سندس گهر وارن جي حوالي ڪري ٻوءِ وڃي: مگر پاڻ ڪيس چيائون ته "اباڻ اسان کي جيڪي دک ڇهڻو هو سو ڇهتو، تون ڇڪي وڃ، متان اها همدردي ڪچيءَ ڪان نه وڻئي. آڳ ته سورن جو ساڙيل ۽ دنيا جي دردن جو ڏکويل انهن تڪليفن سهڻ ته هري مري ويل آهيان، ۾ ٻوا توکي ڪونه ڇڏيندا ۽ ٻوليس جي حوالي ڪندا، جي نه ته به ڇڪي ريارامي ڪندءِ". سائيڪل واري به موقعو غنيمت سمجهي، لانگ ورائي، واڳ ٽي وڃڻ مناسب سمجهيو.

هن سان ڏسبو ته شاهه صاحب جو ڪردار ڪيترو قدر ته بلند هو: منجهس صبر سان رب جي رضا تي راضي ۽ قدرت جي ڪئي تي شاڪر رهڻ جو ڪيترو نه مادو هوا

سندس مهربانن ۾ هالاڻ وارا مخدوم به خاصي اهميت رکن ٿا، جي ڇاڙيءَ تائين هن جي سار سنڀال لهندا آيا. وڃ ۾ شايد منجهن کا شڪرنجي ٻيدا ٿيل ٽي ڏسجي، جو چئي ڏنو اٿس:

"عشق ڪيو انڌو آدي کي، ۾ ادي کي جن نه ڪن"-

هيءَ مثل "حافظ" سان لاڳو، ۽ سندس مخدوم سان.

علمي اپياس: حافظ صاحب کيترو تعليم ڀرائي، تنهن جي پوري ڪ کانهي، ۽ ايترو سو يقين سان چئي سگهجي ٿو ته سندس اپياس اونهو، مشاهدو گهرو، ۽ تجربو کافي هو. کيترائي علمي ۽ ادبي کتاب ٻين کان پڙهائي ويهي ٻڌندو هو. جتي اڳلو منجهي پوندو هو، اتي ٻاڻ سمجهائي ڏيندو هو. انهيءَ علمي اپياس جو اثر ۽ رنگ سندس تصنيفن ۾ صاف ۽ چٽو ٻيو ڏسجي. دراصل حافظ صاحب کي اهي کتاب ٻڌڻ جي ضرورت کاله هئي، ۾ هن بزرگ اهو شغل ان ڪري جاري رکيو ته جيئن ننڍڙن ۾ به علمي ذوق شوق جاڳي- ورنه جڏهين به کانئس ڪنهن کتاب جي باري ۾ ٻڌا ۽ گاڇا ڪئي ويئي، تڏهين يڪدم ان جي مصنف، مواد ۽ ناشر تائين گهڻو ڪجهه ٻڌائي ويندو هو. سندس حافظو پڻ عجيب هو: ايڏيون پراڻيون گالهيون ياد هيس جو گالهه ڪرڻ کان ٻاهر!

يادگيريون. انسان پنهنجي ماضيءَ کي ياد ڪندو ۽ ورجائيندو ٿو رهي-خاص ڪري اهڙن موقعن تي، جن تي هن جي طبيعت جي خلاف ڪو واقعو درپيش ٿو اچي. حافظ صاحب کي پڻ جيڪي سک ڏنا، ۽ ان بعد هن جيڪي تڪليفون ڏٺيون ۽ ڏک سٺا، تن کي ياد ڪندي چوي ٿو:

تباهيءَ جو ته الڪٽ آهه پَر غم داستان منهنجو،
مگر شاهي به نديءَ ۾ ڪئي مون ڪجهه مثل دارا.

*

اڏڪو هو ته "حافظ"، ڪوڙ هئي ماني ڪُٽي گهر ۾،
مگر تنهن کي تڙي، سڏ ۾ رلايو ڪنهن؟-ازل جي انگ!

*

ٻسايو هردس قيد قسمت جي، پر انهيءَ جو پڻ سبب آهي،
پري قراءت ۾ باهه جنهن کان، اسان کي دوزخ وطن ٿيو اڄ.

*

آهيان غريب هاڻ غريب الوطن هستي،
پارا ٻيون مڪان ۽ ويٺس ڦرائي باغ.

*

هاءِ، والد ريءَ جا غربت ۾ مصيبت مون ڏني،
مان ڪٽي ۽ ڪٽ وطن، نديءَ ۾ جا مڙڙا ڏينهڙا!

پاراڻي وهي به دل تي تري ٿي اچيس، ۽ جيڪو راز سيني ۾ سانڍي رکيو هٿائين، تنهن کي کولي ٻڌائي به ٿو، پر ليٽ چوي ٿو ته ان راز جي کولڻ ڪري جو مهٽيهاب ٿيس، ۽ جي طعنا تنڪا سٺو، تن مان ممتاز به ٿيو آهيان ۽ سروخروئي به نصيب ٿي اٿم-

ڪنهن کي 'هاڻو'، ڪنهن کي 'وڃ' ڪنهن سان رسڻ، ڪنهن سان ڪلڻ،
هي مزا اڪثر وٽن، نديءَ ۾ جا مڙڙا ڏينهڙا!

*

"حافظا"! دل جيءِ هئي دل ۾، ته رسوائي نه هئي،
عار ديديورو ڦيرائي هاءِ پڇتايان پيو!

*

هٽي طعنا ڇپائون ٿي ڪميٽو،
مگر مهٽن منجهائي ٿياسون ممتاز.

وطن. هن ذيفهم شاعر ۽ حساس طبع السان کي نه رڳو پنهنجو ناناڻو ۽ ڏاڏاڻو وطن پنجاب رکي رکي ياد پوندو هو، ۽ اندر ۾ ان لاءِ اڪير ۽ حب پيدا ٿيندي هيس، پر هو چوندو هو ته 'اباڻو وطن پنجاب آهي، ته منهنجو وطن سنڌ':

پنجاب ۽ برار ڏي دل ٿي چڪي سگر،
توکي چڏي مان ڪيڏي وڃان، اي دلاري سنڌ!

*

ڪوٽڙي ۽ حيدرآباد اڄ ڪري پنهنجو وطن،
ڏيهه ڏاڏائو پُلائي، هاءِ ڇتايان ٻيو.

آخرين آرزو: حافظ صاحب جي ڀاڳ ۾ رڳيون ناڪاميون ۽ نامراديون لکيل هيون؛ سندس زندگيءَ ۾ شادڪامي ۽ ڪامرانيءَ جو ڪالو به ڪونه هو. انهيءَ هوندي به، هن جي آخري آرزو اها هئي ته سندس موت اباڻي وطن ۾ ٿئي، ۽ لاش مائٽاڻي مقام ۾ سلطانه بيگم ۽ جيجل ماءُ جي پر ۾ پورجي. پاڻ لکي ٿو-

"منهنجي آخري خواهش هيءَ آهي ته خداوند ڪريم پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان منهنجي مرضيءَ مطابق مون کي پنهنجي وطن ۾ ماري، ۽ مائٽاڻي مقام ۾ دفن ڪرائي، جيئن مرڻ کان پوءِ منهنجا هڏا پردیس ۾ پراون جي هٿ ۾ نه رلن، ۽ منهنجو روح وطن لاءِ نه ٻيو سکي: الا ماشاءَ الله!"

ڀر، افسوس جو زماني ڪيس اهڙا رنگ ڏيکاريا جو انهيءَ اميد جي پوري ٿيڻ جا آثار ئي نظر آيس، بلڪ اها به اميد ڪالهه هٿس ته هو ڪو موڪي ملڪ ويندو. پوءِ، جڏهين مجازي حقيقت جو رنگ چڙهڻ لڳو، ته سدا جي لاءِ پنهنجي مسڪن مدينه طيبه کي ٻڌائڻ ئي گهرجائين، ۽ خواهش هيس ته حياتيءَ جو پيالو به اتي ئي پرجي اچي ۽ ڇلڪي پوي:

مدينه پاڪ جي مارڳ تي مرسلؐ جي محبت ۾،
وڃي نڪري جي دم، "حافظ" ته بس شڪر خدا ڪريان.

ڀر، جڏهين سلطانه جي يادگيري، سڪ ۽ حب اوڏانهن به نه ڇڏيس، ته لاچار چيائين ته ٻئي هنڌ نه، ته به ڀاڙيءَ ۾ حيدرآباد سنڌ ۾ ڪفن دفن ٿئي:

مدينه سوا جي ٿئي تا ٿئي،
ڪفن ۽ دفن، حيدرآباد سنڌ!

نثر نويسي:

حافظ صاحب نه رڳو شاعريءَ جي ميدان ۾ ڪوڏتل ڪڏايو آهي، پر نثر جي ميدان ۾ ٻڌ ٻوٽي نه ٻيو آهي. "داستان غم" ۽ "وچڙيلن جو ميلو" سندس نثري تصنيفون آهن. جن ۾ هن پنهنجي قلم کان چگو ڪم ورتو آهي. سندس نثر سادو، مگر دل لڀائيندڙ آهي؛ جملا مهلائتا ۽ دل ۾ چيندڙ آهن. ائين شڪي ڪونه ٿو پوي ته اهو نثر ڪنهن قلمڪار جي زبانداني جو عڪس آهي، يا ماءُ ٻولي ملیل ڏات واري اهل زبان جي اهليت جو اولاڻو. الهيءَ نقطه نظر سان جيڪڏهين پرک ڪبي، ته ڇڻي سگهبو ته حافظ صاحب سنڌي ٻوليءَ سان ڀال ڀلائڻ کان ڪنهن به طرح گهٽ نه آهي.

«داستانِ غم»: هن کتاب ۾ حافظ صاحب انهن ڏهن ڏينهن، جن ۾ پنهنجي محبوبه ۽ مڱڻ سان اچي ملیو هو، تن ۾ مٿس جا واردات ٿي، تنهن جو مڪمل بيان ڏيئي، پنهنجي ماضيءَ جي اها مصوري ڪئي آهي، جا سڀڪنهن جي وس جي ڳالهه نه آهي. مصنف جو قلم پختو، ۽ تجربو ڪامل آهي. پوليءَ تي به ڪافي دسترس اٿس. جملا ننڍا مگر سائيدار، پولي سادي مگر بامحاوري، ڪردار نگاري اهڙي جهڙي منڌيءَ تي ٿئي، سماج تي لاشعوري ليکن ضروري ۽ پر لطف نڪتي چيني، بيان الوٽو ۽ رکو نه، هاڪ سلوٽو ۽ دلچسپ. البت، ائين ضرور آهي ته جيڪڏهن ڏيان ڏيئي عبارتن جو ايپاس ڪبو ته ڪٿي ڪٿي محسوس ٿيندو ته مصنف اهل زبان کونه ٿو ڏسجي. نيٺ ٻه ته جيڪا پولي سڪجي ٿي تنهن جي تمام اوٽاين ۽ پورائين جو پتو پوڻ ذرا مشڪل ڳالهه آهي: پر چوڻ خاطر ائين چئي سگهجي ٿو ته جيڪڏهين هڪڙي ڪي ماڳ جي هنج پر ڪا پولي نصيب ٿئي ٿي، ته ٻيو ان تي ڪامل دسترس حاصل ڪري سگهي ٿو. هتي هيءَ ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته حيات شاهه سنڌي پوليءَ کي اهڙو وڇڙيو، جو گهٽي پاڳي پنجابي ٻوسري ويس.

هاڻي «داستان غم» مان چند مثالي ٽڪرا پيش ڪجن ٿا، جن مان مٿي ڪيل دعوا جي ثابتي ملي ويندي. پنهنجي پيءُ ۽ چاچن جي ڪردار متعلق لکي ٿو:

"منهنجو ننڍو چاچا زميندارين ۽ سرڪاري ڪمن ۾ رهندو هو، ۽ وڏو چاچا راڄوٽي چيڙي نبيري، ۽ غريبن جي مار-ڪُٽ ۽ صلح ۾ وڪوڙ ۽ ٺهيلن کي ٽٽائڻ ۾، ڪنهن به طرح دولت حاصل ڪرڻ ۾ مشغول هوندو هو؛ باقي منهنجو والد مرحوم هڪ سڌو سپاٽو خدا پرست انسان هو، سو معبود حقيقي جي عبادت ۽ نيڪن جي زيارت ۽ مريدن جي دعوت ۽ تعويذ لکڻ ۽ دعائن ڪرڻ ۾ وقت پورو ڪندو هو.

"بابا الهه لوڪ ۽ پرمٿيو هو. وڏي چاچي منهنجي رت-پياڪ دشمن ۽ شمس‌الدين جي مائٽياڻي هئي، ۽ وڏو چاچو زن-مريد ۽ پُٺ هو. گهر ۾ ننڍي چاچي منهنجي خيرخواهه ضرور هئي، پر اها پاڻ تيرهن چوڏهن ورهين جي چوڪري هئي. منهنجو ننڍو چاچو هيءَ ٻيو گهر پرٽيو هو، تنهنڪري اها مائي به وڏن ويڙي ڪا دست اندازي ڪري نٿي سگهي؛ باقي ننڍو چاچو ننڍپڻ ڪان ئي وڏي پاءُ جو موچڙي-ڪُنيو ۽ دٻايل هو، تنهنڪري اهو به ڪجهي نٿي سگهيو".

جنهن وقت ماسيس حيات شاهه کي سلطانه بيگم ۽ انوار احمد کي ساڻ ڪري وڃي نڪاح ڪري اچڻ لاءِ چوي ٿي، ۽ هو چاچي جي مار موچڙي کان ڊڄي، اهڙو دليري جهڙو ڪر ڪرڻ کان انڪاري ٿئي ٿو، ان وقت سلطانه بيگم جي جذبات جو پيالو ڀرجي ڪنارن کان اڇلڻ لڳي ٿو: هوءَ حيات شاهه کي مخاطب ٿي چوي ٿي:

"جيڪڏهين وڏا بيغيرت ٿيا آهن، ته تون بيغيرت نه ٿيءَ. منهنجي زندگيءَ تي ٽڪو نه لاءِ، مون کي خوار ۽ بدنام نه ڪر: پاڻ کي تباهه ۽ برباد نه ڪر، جيئن امان چوي ٿي تيئن جلد ڪر ۽ دير نه ڪر، نه ته پڇتائيندين."

سماج جي خلاف هڙي دليري ۽ شجاعت سان بغاوت ـ سا ۽ هڪ عورت اٿي ڪري، ۽ اڄ کان سڌ ستر سال اڳ، جڏهين مشرق جي عورت جي زبان تي تالو ۽ وات تي واقعي مهر لڳل هئي ـ ڏيکاري ٿي ته سماج جي ڪڏن ڪرتوتن ۽ اجاين زورين ۽ رواجن خلاف هميشه ڪان آواز اٿندا رهيا آهن. شاباس هجي ان عورت جي دليريءَ تي، ڪيرون لهڻيون ان پاڪدامن جي ڪردار: خدا شل سندس روح کي راحت رسائي، ۽ مٿس رحمتون نازل فرمائي!

اهائي ساڳي عورت جا سماج جي خلاف بغاوت ٿي ڪري، سا ڏسو ته پنهنجيءَ پهاڻ سان ڪهڙي نه اخلاق ۽ هردباريءَ سان پيش ٿي اچي: دنيا مان تجربو پرائي، ڪهڙيءَ طرح هلڻ ٿي سيکاري، ۽ هوءَ اهو سيکجهه ڪٿان ٿي حاصل ڪري، ۽ اهو ڪهڙو سرچشمو آهي، جنهن مان هوءَ فيضياب ٿي پاڻ کي هڪ طرف ڪناهه ڪان ٿي بچائي ته مقصد جو موتي حاصل ڪرڻ جي پئي طرف کوشش ٿي ڪري. هوءَ حافظ صاحب کي ٿي چوي:

"جهڙي ڪرڻي تهڙي پرڻي: جيڪڏهين شمس الدين ۽ ماڻس اسان سان بچڙائي ڪئي ته سندن عزت به وئي، دولت به وئي ۽ ڪين ذلت حاصل ٿي؛ جيڪڏهين منهنجو پيءُ ۽ تنهنجو والد بيغيرت ٿيا، ته پنهنجو اهل اولاد رلائي ڇڏيائون؛ ۽ جيڪڏهين مان پنهنجي والد جي رضا تي ۽ قادر جي قضا تي راضي نه رهيس، ته مون تي ڀاجوڪڙن جو نالو پيو؛ ۽ جيڪڏهين تو امان مرحوم جو ۽ منهنجو چيو نه مڃيو، ته هميشه لاءِ برباد ۽ تباهه ٿي وئين ۽ پاڻ سان گڏ مون کي به خوار ۽ بدنام ڪيئي.

"هاڻي بهتر آهي ته سمائي پاڻ ٽيئي گڏجي موتي گوٺ هلون، ۽ هميشه گڏ گذاريون. ڪريم ڪارساز آهي، ڪجهه تون ڪوشش ڪج، مان به ڪنديس، اميد آهي ته منهنجو مڙس مون کي طلاق ڏيندو، ۽ مان تنهنجي ۽ تون منهنجو.

"پر، مڱڻي کان اڳ به تنهنجو منهنجو قرب هو! اها ڪهڙي انسانيت آهي جو نفساني خواهش تي محبت جو پاڪ ۽ مٺو نالو رکجي؟ طمع جي محبت اڄ آهي، سمائي ڪ آهي: بيغرضيءَ واري محبت، لازوال محبت آهي. انهيءَ محبت کي هميشه بهار آهي، ڪڏهين به خزان نه آهي. سچيءَ محبت جو گل هميشه تازو ۽ سرهو آهي.

"زمالي جو عجيب رواج آهي جو مڙس ڪهڙو به بدچال ۽ بڇڙو هجي، ته به جوان ليکجڻ ۾ اچي؛ پر ويچاري زال شرم ۽ حيا، مروت ۽ وفا جو پتلو هوندي به، جيڪڏهين ڪنهن سان ڪلي ڳالهائي، ته ڪيس چلولي چيو ٿو وڃي، ۽ جيڪڏهين اک ڪٽي ڪنهن ڏي نهاري ويٺي، ته پوءِ مٿس جهٽ عشقباز جو نالو پيو!

"مون نڪاح خوشيءَ سان ڪ ڪيو آهي، بلڪ تنهنجي ناداني الهيءَ نڪاح ڪرڻ تي مون کي مجبور ڪيو، ۽ مون شمسوءَ جو ۽ ماڻس جو ڪارو منهن ڪرڻ لاءِ الهيءَ نڪاح جي پناهه ورتي ـ پر هاڻي ته انهيءَ ناداليءَ سبحان زود پشيمان وانگر پاڻ سان پڇتايان پيئي، ويٺي هٿڙا هٽان! مون کي ٽکڙ ڪري نڪاح ڪرڻ وارو

قدم کنهن بہ حالت ۾ لہ کٹڻ کپندو هو. مان جوان زال هيس، وات وکيل هيس، شرع شريف مون کي سيکا اختياري ڏني هئي: انهيءَ خواريءَ ۽ انتظاريءَ کان، پرٿي راج ۾، ظاهر ظهور، مون کي شمسوءَ سان لکاح پڙهائڻ کان انکار ڪرڻ ڪپندو هو- ٻوءِ بابا جي چا مجال هئي جو منهنجو نکاح شمسوءَ سان ڪري ها! انهيءَ مان مون جهڙيون مظلوم لياٽيون ۽ منهنجن مائٽن جهڙا ظالم مائٽ بہ سبق وٺن ها. لياٽيون آخر ماڻهو آهن، ڏور ڏيکا لہ آهن جو سندن مائٽ جتان چار پئسا وٺي کين وکٽي ڇڏين، اتي وات بند ڪري هليون وڃن ۽ پاڻ کي ڪتي ٻلي جي وات ۾ وجهن. ٻر، زال ذات کي بروقت عقل نٿو اچي: پنهنجا هٽ وڃائي، پنهنجا وار پين جي هٽ ۾ ڏيئي، هاڻي ويٺي سور سهان!

"اڪثر ڪري هڪ مڙس جي ٻن زالن ٻر، مڙس جي قرب ۽ پيار تان جهيڙو رهندو آهي، ٻر مون اها طمع ڪئي ڪڏي ڏني آهي: تنهنڪري منهنجي پهاڻ بہ منهنجي خادم ٿي پيئي، ۽ گهر باهر ڪو بہ ڪم منهنجي پڇڙ کان سواءِ نٿي ڪري. مان پنهنجي مڙس کي عزت جي نگاهہ سان ڏسندي آهيان: هو بہ مون کي نيڪنيتي ۽ خيرخواهيءَ جي نظر سان ڏسي ٿو."

هڪ واهڻ ۾ ٽپنيل زال هيترا سارا نقطا بيان ڪري، ايڏي سمجهہ، شعور ۽ ذهن جي مالڪ ٿي ٻوي! اهو ڪهڙو سرچشمو آهي، جنهن مان هوءَ فيض پرائي ههڙي معلم اخلاق ساڻٽي، دليرءَ ۽ پاڪدامن بڻجي ٿي، سو بہ هن ظاهر ڪيو آهي:

"مان واندڪائيءَ وقت ڪتابن جو مطالعو ڪندي آهيان، ۽ هڪ وڏي تختيءَ سان مترجم اردو ڪلام الله شريف بہ مون وٽ آهي، اهو بہ ڏسندي آهيان."

اهو سيکجهہ قرآن شريف جي تعليم ۽ علم جو اپياس هو- مگر سنڌ وارا زالن کي پڙهائڻ عيب سمجهن ٿا، ان کي چا ڪجي! سلطانہ کي حيات شاهہ لاءِ ٻيڻاهہ محبت هئي- آخر چو، سو بہ ٻڌو:

"تون مون کي سهڻيءَ شڪل يا گوري منهن يا خوني نيٽن يا ڏنگيندڙ وارن جي ڪري ياد ڪندو هوندين، ..... پر مان توکي انهيءَ ڪري ٿي ياد ڪريان تہ تون منهنجي ماسيءَ جو پٽ آهين، ۽ ماڻهين مون کي ڏهہ ڏهہ ڀيرا ڏينهن ۾ سيني سان لائي پيار ڪندي هئي: مون کي پاڻ کان پري هڪ گهڙي بہ کين رهڻ ڏيندي هئي."

حافظ صاحب اڳتي هلي هڪ تقليد جوگهو ۽ بهترين ڪردار پيش ڪيو آهي. هو لکي ٿو:

"جڏهين انڪل ڏهن ڏينهن کان پوءِ سلطانہ بيگم موٽي آئي، تڏهين معلوم ٿيو تہ هن پنهنجي هڪ سوٽاڻي سوٽ سان نکاح ڪيو، جو اڇا تازو هڪ گهر اڳي ٿي پرٽيو هو. هو هڪ نوجوان ۽ پهلوان مڙس هو. هو اٽڙهہ ضرور هو، مگر بي ايمان

پڑهيان کان سڻ پيرا چڱو هو. هو ساده طبيعت ۽ نيڪ ليت شخص هو. لوح قلم جو لکيل الڳ ضرور پري ٿو، ۽ ڪنهن تان ٻ ڪين ٽو ڙي، اهو الڳ ائين پرٽو هو سو پريو، ۽ جيڪا ٽيٽي هئي سا ٽي، مگر الهيءَ واقعي کان سواءِ وري منهنجي والد مرحوم جي منهن تي يا منهنجي منهن تي ڪڏهين ٻ ڪين چڙهيو."

هن قسم جو ڪردار پيش ڪري، مصنف جڏ تہ درس ڏيو آهي تہ جڏهين ڪو اهڙو واقعو پيش اچي، جنهن ۾ اڳلي جي جذبات کي ڪا لهس آئي هجي، تہ ان وقت هلڪڙو نہ ٿجي. بلڪ هارگير ۽ گنبير ٿي ڪري، اڳلي جي جذبات جو احترام ڪري، اجاين سجاين حرڪتن ڪرڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي.

مصنف عورت جي قلبي واردات جو ايپاس ڪري گهڻو ڪجهہ پرايو آهي، ۽ چوي ٿو:

"مڙس جي ڪُهڻ لاءِ عورت وٽ فقط قرب ۽ محبت جي ڪاتي نہ آهي، ۽ غضب ۽ قهر جي ٽڪي تلوار ٻ وٽس موجود آهي. زال ذات جيڪڏهين محبت ڪري سگهي ٿي، تہ عداوت ڪرڻ ۾ ٻ هوءَ اول نمبر آهي؛ جيڪڏهين حلم يا بردباريءَ وقت هوءَ معاف يا درگذر ڪري سگهي ٿي، تہ انتقام وٺڻ جي ٻ ڪيس زبردست طاقت آهي: صنف نازڪ ڪنهن وقت نازڪ کان نازڪ ۽ نرم کان نرم آهي، مگر ڪنهن وقت پهڻ کان ٻ سخت آهي."

نہ رڳو ايترو، پر هن اهو ٻ ڏيکاريو آهي تہ ان وقت ۾ ويساهہ، وسُوڙل ۽ ساده دل ڳوٺاڻا، سيدن جي ڪيتري نہ عزت ڪندا هئا. هن هڪ ڪردار جي واتان چَورايو آهي،

"واهاڻيءَ چيو تہ "بيبي، ڳوٺ جي زميندار جي زال ٻ هيٺ ويئي آهي، منهنجي چا مجال جو مان تنهنجي منجيءَ تي ويهان! اسان کي جيڪڏهين تنهنجي جتيءَ وٽ ويهڻ لاءِ جاءِ ملي وڃي تہ اسان جا وڏا پاڪ'!"

هن ڪتاب ۾ نہ رڳو هروقت سنجيده گفتگو ۽ نصيحت پريا لڪتا پريل آهن، ۾ طنز ۽ هڏ سنجيءَ جو عنصر ٻ موجود آهي.

"انهن ڏينهن ۾ انگريزي راج جو پورو پورو اقبال ۽ دٻدٻو هو، تنهنڪري حڪومت جي طرفان، نهايت پوريءَ واقفيت سان، امتحان بعد خطاب ٿي مليا. اڇلهہ ٿورڙي گهٽي ملڪ ۽ قوم سان غداري ۽ سرڪار سان وفاداري ڪرڻ سان هرڪو جٽ جاموٽ خطاب حاصل ڪري ٿو، ۽ اهوئي سبب آهي جو 'خان بهادر' جي لفظ کي چرچو ڪري "ڪانءَ باندر" پيا چون؛ ۽ انهيءَ لفظ جي مخفف لفظ 'ڪي. بي' کي 'ڪمبخت' چيو ٿو وڃي."

ان ريت، ڏسبو تہ "داستان غم" نہ رڳو تذڪري نويسن لاءِ ڪجهہ مواد پيش ڪري ٿو، پر ادب جي ميدان ۾ ان جي ڪافي اهميت آهي. داستان گوئي ۽ طنز، سو ٻ حال جي حال مطابق انهيءَ ڪري ٿي آهي، جو مصنف اهو احوال ۱۹۴۸ع ۾ قلمبند ڪرايو آهي.

"وڇڑيان جو ميلو": هي هڪ قصو آهي، جنهن ۾ هڪ شريف گهراڻي جي خداپرستي، محنت، ڏڪ ڏولائن، اولاد جي تربيت، پڇڙي جي وڇوڙي ۽ وصال جو دلگداز داستان سمايل آهي. هن ۾ چٽونءَ جهڙي مٺي لات لنوڻ واري پکيڙي جي وفاداري ۽ پيار جو ان نقشو چٽيو ويو آهي. انهيءَ سان گڏوگڏ هڪ سرنديءَ واري جي هالپل ۾ ڪي سکيا ڏيڻ، ۽ ان فرزند ارجمند جي سعادتمندي ۽ ڏيکاريل آهي. رب جي رضا تي راضي رهڻ واري ماڻهوءَ کي پنهنجو وڇڑيل پڇڙو کڙيءَ طرح ٽهو موٽي ملي، ۽ هنن جا ڏک ڪيئن ٽاريا سکن ۽ بدلجن، تنهن جو به نهايت مؤثر طريقي سان خاڪو پيش ڪيو ويو آهي. هن ڪتابڙي ۾ حافظ صاحب جي اسلوب بيان ۾ ايتري ته هي قصو داستان گوئيءَ جي لموني تي لڪيل آهي، مگر منجهس عشق جي چاٽ نه هوندي به ايڏو اٽاهه پيار ۽ سوز گداز سمايل آهي، جو پڙهندڙ جي دل ۾ رجيو اچي. دل جي پياري مان خوشيءَ ۽ ڏک جا ڪڏيل سڏيل جذبا ايئن ٽارا ايرن، ڇڪ ڪر ڪارونهار ڪري اچي، وسي، سڪل سرزمين کي ساڻو ڪري، اياپلن جي تاس مٽائي، پنهنجو دائمي اثر ڇڏي ٽارا وڃن. ماڻهو جا محبت ۾ريا جذبا، پيءُ جا پيار ۾ريا آڏما ۽ نياڻيندڙ جي دل جي ڪيفيت اهڙي ته ترغيب ڏيندڙ آهي، جو دل ٽي گهري ته هن معاشري ۾ شال اهڙا ٻيا ماڻهو پيءُ ۽ اهڙائي نيڪ-نفس نياڻيندڙ هڪ طرف هجن، ۽ اهڙائي سعادتمند، چٽيوان ۽ احسان-شناس فرزند، ٻئي طرف. جيڪڏهين سچ پچ اهڙي قسم جا نثري داستان دنيا جي جنهن به ادب ۾ هوندا، سو ادب مرڻ جو نه آهي، هلڪ معاشري کي سڌارڻ جو ضامن رهندو. اسان جا ترقي پسند مصنف دعوا ته اهڙي ٽي ڪن ٿا، ۽ سندن تصنيفن ۾ اهڙو نيڪيءَ ڏانهن مائل ڪندڙ عنصر گهٽو گهٽ آهي، جهڙو هن داستان ۾ پيش ڪيو ويو آهي.

"وڇڑيلن جو ميلو" داستان هوندي به، اڄ به اهڙو ته دل-ڇڄائيندڙ آهي، جنهن مان جيءُ به خوش ته جهان به خوش ٿئي ٿو. مصنف ٻوڌ جو نظارو چٽيندي لکي ٿو:

"رات اونداهي هئي، چند لهي ويو هو، باقي تارن کي به ڪرن ڏکي ڇڏيو هو. موسمي برسات شروع هئي. هوا نهايت سرد هئي. ماڻهو، منٽ منٽ ۾ ٻئي ڇڙهيو. گوڙ جو زور شور ۽ وچ جا ڪڙڪاٽ-سخت ڇڇارينڊ سامان هو. ڪنهن گهٽيءَ يا ڪنهن رستي جو نشان ڏسڻ ۾ نٿي آيو. نندڙا نندڙا ٻار، جي اوچتو ڪڇيءَ لنڊ مان اٿيا هٿا، سي مائٽن جي ڪلهن تي ۽ هنجن ۾ ڪيهون ڪري ٻئي رنا: مطلب ته حيراني جو وقت هو. موت جي شڪل اکين سان ٽي ڏٺائون، ۽ ان جا سڏ ڪنن سان ٽي ٻڌائون. ڪي نيڪ-نيت مرد، ضعيفن ڪي بچائڻ لاءِ تيار هٿا. هر طرف شمعدان ٻئي ٻريا. هزارين ماڻهو پنهنجي جان بچائڻ ۾ عاجز هٿا. چوطرف "ڪهوڙا ڪهوڙا"، "هاءِ هاءِ" ۽ "وا ويلا" جون دانهون ۽ ڪوڪون هيون. اهڙي مصيبت جي وقت

ڀر هڪ غريب زال پنهنجي نندي اولاد سان گڏ پنهنجي جهوپڙيءَ جي ٻاهران ٻيهي ٻئي رنو، ۽ آسپاس جي ماڻهن کي پنهنجي مدد لاءِ زاري ليزاري ڪري ليلا ڀائين ٿي".

ان قسر جي منظرنگاري، هن داستان ۾ ڇپي ڇپي تي نظر ايندي. ان مان معلوم ٿئي ٿو ته داستان گو جو مشاهدو ڪيتريقدر نه قوي ۽ حقيقت تي مبني آهي. پڙهندي پڙهندي ائين ٻيو محسوس ٿئي، جڻ ته اها سموري واردات مصنف پاڻ اکين سان ڏٺي آهي، يا سندس تصور جي طاقت ايتري ته زور ڀري آهي جو هن پنهنجي نگارش وسيلي پنهنجي جذبن کي ٻين تائين منتقل ڪرڻ ۾ صحيح معنيٰ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي آهي. اڳتي هلي مصنف لکي ٿو:

"انهيءَ چريائيءَ جي حالت ۾ مريم به ٻئيان ڊوڙي، ۽ ٻين زالن کيس ٻالهن کان وٺي يڪدم جهلي ويهاري ڇڏيو. انهن دلاسو ڏيئي چيو ته "ادي، صبر ڪر ۽ خدا تي ڀروسو رک. زال ماڻهوءَ جو اهڙي طوفان مان لنگهڻ اجايو آهي، بلڪ پٽ جي ٻئيان پنهنجي جان به وڃائيندينءَ. جيڪڏهين خدا صاحب گهريو هوندو، ته تنهنجو مڙس ۽ اهي ٻئي ٻيڪ بهادر نوجوان، تنهنجي پٽ کي سلامت وٺي اجهي ٿا موٽن."

هيءَ آهي مصيبت جي وقت جڏهين انسان پنهنجي وس مان لکري ٿو وڃي، تنهن وقت صبر ۽ رب جي ڪئي تي راضي رهڻ جي تلقين ۽ تصوير، جنهن جو اثر هنن جملن ۾ ڏيکاريل آهي:

"زال مڙس صابر ۽ شاڪر هٿا. هنن هي لفظ چئي دل کي تسلي ڏني ته "خدا ڏنو هو ۽ وري خدا صاحب پنهنجي امانت گهرائي ورتي. خدا صاحب جو نالو مبارڪ هجي".

اهڙي دل ڏکوئيندڙ ۽ غم-افزا داستان ۾ به مصنف، پڙهندڙن کي ولولو رائڻ جي ڪوشش ڪندي، سماج تي ڪڙي نقطه چيني ڪئي آهي.

خانصاحب حبيب الله کي جڏهين درياهه ۾ لڙهندڙ ٻار هٿ اچي ٿو ۽ ان ٻار تي نالي رکڻ جو مسئلو درپيش اچي ٿو، ته هو ٻاڙي واري ساجن مُلي وٽ ٻار کڻي وڃي ٿو، ۽ ان سان ان ٻاري ۾ جيڪا گالهه ٻولهه ٿئي ٿي، تنهن مان مائين جي ٻيناڪ مُلن جي خيالات تي روشني پوي ٿي:

"آخوند ساجن چيو ته جنهن صورت ۾ هي ڇوڪرو اوهان کي درياه مان لڙهندو ملیو آهي، تنهن صورت ۾ سندس نالو "درياهه ڏنو خان" ڇڪو ٿيندو.

"خانصاحب: نه سائين، هي خالو خان جي اڪرکان سواءِ گهٽو ڪري هندو رکندا آهن، ۽ مسلمانن لاءِ گهٽو ڪري اهو نالو ڇڪو نه آهي.

مُلو ساجن: ڇڪو، جيڪڏهين اوهان کي اهو نالو لٽو وٺي ته "موج دريا" سندس نالو رکو.

خانصاحب: اهو نالو به اڪثر ڪري جاهل رکندا آهن.

مُلو ساجن (منهن ۾ ڪجهه گهنڊ وجهي): واه سائين واه، سيدن ۽ ٻيرن جي نالي کي جاهلن جو نالو ٿا سڏيو! ڏسو، نندي الهيار واري سائينءَ جو نالو "موج دريا" نه هو؟

خانصاحب (دل ۾ کجهه ويچار ڪري): سائين، اسين آمتي ماڻهو، اسان جي سيدن پيرن سان چا مجال آهي جو انهن جهڙو نالو رکي سائن برابري ڪريون!"

وقت جي سيدن، پيرن ۽ مالي-ٽوڙ مٽلن ۾ جهالت جي عنصر ڪي ڏسي، مصنف جي دل کي جهپي آئي آهي، جنهن جو اظهار شعوري يا غير شعوري طور تي ٿي ويل آهي. انهيءَ ڪري چيو ويو آهي ته "تصنيف، مصنف جي خيالات جو آئنو ٿئي ٿي." نه رڳو ايتري تائين، بلڪ ايڏا به اڳتي هلي هو پنهنجي دلي خواهش جو اظهار، پيش ڪيل ڪردار "خانصاحب" جي واتان ڪرائي ٿو، ۽ ان جي تائيد ۾ خانصاحب جي اهليه ڪان ڪرائي، پنهنجي بيان کي زور وڌائي ٿو:

"خان صاحب چيو ته "ظاهري خوبصورتيءَ جي سينگار سان گڏ، هن چوڪريءَ کي ديني خواهه دنيوي تعليم جي سينگار سان به سينگاريو گهرجي." سندس اهليه جواب ڏنو ته "اسين ان راءِ ۾ اوهان سان شامل آهيون."

پڪيءَ جي پيار ۽ وفاداريءَ جو نظارو هن طرح ڏيکاريو ويو آهي:

"جڏهين عبدالرحمان اسٽيشن کان باهر نڪري، هن مسافر کي ڪجهه خيرات ڏيئي، ڪانئس موڪلائڻ لڳو، تڏهين اوچتو مٽن طوطي جي نظر پئجي ويئي. طوطو وڃجي سڃجي، لچي ٽٽڪي، اچي مسافر جي پيرن ۾ ڪري پيو، ۽ "هاها! هاها! ڪري دانهون ڪرڻ لڳو. مسافر حيران ٿي دانهن ڪري چوڻ لڳو ته "اڙي مٺو، تون! تون ڪٿي هٿين ۽ هتي ڪيئن آئين؟ چا سچ پچ مان ميتريءَ سدت کان پوءِ به توکي اڄ جيئرو ٿو ڏسان؟"

"ٻئي طرف عبدالرحمان ايترو چئي، مسافر کان موڪلائي، سائس هٿ ملائي چيو ته "هاڻي مان وڌيڪ ترسي نٿو سگهان" ۽ پوءِ وڃي گاڏيءَ تي چڙهيو؛ ۽ هن ڏنو ته طوطو مسافر کي به ڇڏڻ نٿو گهري، ۽ ڪانئس به جدا ٿيڻ نٿو گهري. ايتري ۾ طوطو اڏامي اچي عبدالرحمان جي هٿ تي ويٺو، ۽ چيائين ته "نه مان اوهان کي ڇڏيندس، ۽ نه بابا کي ڇڏيندس." اهڙيءَ طرح، طوطو ڪيترا دفعا پنهي جي وچ ۾ ٻئي آيو ويو."

اهڙيءَ طرح، مصنف هرهڪ موقعي تي مناسب ترڪيبون ۽ الفاظ ڪم آندا آهن، ۽ پنهنجي اندر جي آڌمن کي ڪاغذ جي مٽاڻري تي آڻڻ ۾ ڪاميابيءَ سان ويو آهي قلم جي نوڪ کي وهائيندو. هن بعد، عبدالرحمان، مسافر کي ساڻ ڪري، خان صاحب وٽ آئي ٿو، جتي ڪجهه ظاهر ٿئي ٿو ۽ راز کلي پوي ٿو. ان بعد، خانصاحب جنهن نموني ۾ مسافرسان-جو حقيقت ۾ عبدالرحمان جو اصل پيءُ آهي-پيش اچي ٿو، تنهن جو مؤثر نموني ۾ نقش چٽيو ويو آهي. آخر ۾ مصنف لکي ٿو:

"نورمحمّد ۽ مريم (يعني عبدالرحمان جا اصل ماڻ ۽ پيءُ) جيي پيريءَ جي وقت ۾ سندن اولاد چڱي خدمت ڪئي، ۽ نيڪ ماڻ پيءُ اولاد مان خوش ٿي ويا. عبدالرحمان ۽ سندس پائر پينرون، ماڻ پيءُ جي دعا سان دم بدم وڌلدا ويا، ۽ ترقي ڪري وڏي اوج تي وڃي رسيا. عبدالرحمان، خالصاحب ۽ سندس اهليه جي خدمت اهڙيءَ طرح ڪئي، جهڙي هڪ لائق سعادتمند فرزند کي ڪرڻ گهرجي. حاصل مطلب ته سيني پينرن پائرن ۾ محبت سان ۽ ڏارين ۾ عزت ۽ آبرو سان گذارڻ ۾ وڏو مرتبو حاصل ڪيو، ۽ خدا صاحب بہ کين برڪت تي برڪت عطا فرمائي".

ڪيترا مسڪين بيوارث، وڏن ماڻهن کٽي.
پٽ ڪيا پنهنجا، رسيا دولت کي سي، خاطر ادب.

آڳ ته اڄين چولدس ته هيءُ داستان نہ آهي، بلڪ اصلاح ۽ سعادتمنديءَ جي ترغيب آهي.

شاعري:

شاعري ذات آهي، ۽ ذات تي مدار نٿي رکي، جيستائين ڪسبِ ڪمال نہ ڪبو، تيستائين جهان کي عزيز ۽ ميڙو نہ لڳبو. حافظ صاحب جيڪڏهين ايڏي رياضت ڪري ادبي دنيا کي ايترو ڪجهہ نہ ڏئي ها، ته جيڪر سنڌ وارا ڏالهس نهارين ہ ڪين ها. هولئن ته ڪيس ظاهري نور وڃائي ورهيہ ٽيا، ۽ پنهنجي زندگيءَ ۾ مسافريون ڪري، ڏاڪڙا سهي، ماڻهن سان ملاقاتون ڪري، رلي ملي، هلي چلي، ڏيٺي وٺي، واقعات ۽ حالات جو جيڪو اولهو اڀياس ڪيو هٿائين، تنهنجا چٽا ۽ صاف نقش سندس شعر ۾ ايري آيا آهن. سندس غزليہ شاعري ته پنهنجي ٿي گذريل روماڻڪ حياتيءَ جو هڪ خاڪو آهي، پر سندس اخلاقي، قومي ۽ نعتيہ ڪلام مان بہ ساڳيو رس پيو اچي. ان مان ظاهر آهي ته جيڪي ڪجهہ چيو اٿس، تنهن ۾ شاعراڻي تعلي گهٽي قدر گهٽ آهي.

"بلبل ۽ گل جو ذڪر ڪندا واندا مل ويهي،
پٽڻون اسين تا پنهنجو پٽيون، هاءِ سا بهار!"

تغزّل:

اردو جي ممتاز نقاد ممتازحسين پنهنجي ڪتاب "نئي قدرين" ۾ هڪڙي هنڌ لکيو آهي: "شاعريءَ جي هيءَ وڏي سگهاري نشاني آهي جو ان جا تجربا حسن جي قوت جي ويجها هجن؛ جو جو ان وقت شعر جو اثر سڌو سنئون، قوي ۽ تيز ٿئي ٿو". حافظ صاحب جي ڪلام سان اها ڳالهہ ٺهڪي ٺي اچي. اهوئي سبب آهي جو هن جو ڪلام ايترو اثرائتو ٿئي ٿو، جو دل ۾ گهڙيو، اندر ۾ پيهيو وڃي.

غزليہ شاعريءَ جي روح کي "تغزل" چئجي ٿو، ۽ اهو روح حافظ صاحب وٽ بدرجہ آتم موجود آهي. اهو رڳو الهيءَ ڪري، جو غزل ۾ سندس نجي حياتيءَ جا اهي احساس ۽

تجربا قلمبند ٿيل آهن، جن سندس حس جي قوت کي چڱي خاصي جهپي رسائي، درمنديءَ کي آياري، سوز و گداز جي ساز کي چيڙي، رڳن کي رباب بڻائي ڇڏيو آهي.

اڻي پريات جو سون مارئيءَ وانگر ڪيون آهون،
ڪير سسئي مثل سڏڙا، ولدر پر سپ ويون واهون،
آڏاپر ڪالنگ روئي ڪاڪ تان ڏيت ڏي ڪري ڪاهون،
وڃي پاڪر وٽن کي رت رنس، رڻ پر ڪير دالهون،
الهن جملن جي جملي شاهدي وقتِ سحر کان ڇڄ،
وهاڻي جا سنڌر سر تي، اها منهنجي اندر کان ڇڄ.

*

ڪين جاتر، ڇڄ پاتر، لينهن لاتر، لاءِ سُڪن،
پر اهو ڪو اوچتو آيو ازل کان هو عتاب.

وڃائي آڪ کو چاکي جيئن، گهمي گهاڻي جي پاسي پر،
ڦراڻي دل الهيءَ پَر مان، ڦيران ٿيو يار جي در وٽ.

*

نڊپاڻ جي لينهن پر جي پَڌل پول ٻيخبر،
وڏاڻ پر سي وَڃن ٻه تہ پاري نٿو سگهان؛
ڪنهن ڏينهن جيڙي خواب پر ماسات من ملي،
هن آسري پر پاڻ کي ماري لٿو سگهان؛
ڪوسو لڳي ڪو واءِ متان قبر يار کي،
هڪ آءَ جي ٻه باهه مان ٻاري لٿو سگهان!

*

الفت جي تار آهي ڪچي، تند کان ڪچي،
گهرجي وڃڻ لءِ يار جي در تي وري وري.

لغت. قصيده و انهيءَ لظر کي چئجي ٿو، جنهن پر ساراهه يا گِلا، وعظ يا نصيحت، حڪايت يا شڪايت قلمبند ڪجي. هن لظر جا ٽي حصا ٿين ٿا: پهرئين کي مطلعو يا تشبيب، ٻئي کي تخلص يا مخلص يا گريز، ۽ ٽئين کي مقطعو ڪوٿجي ٿو. قصيدي جي شروعاتي حصي، "تشبيب"، جدا ٿي غزل جي صورت ورتي؛ ۽ وچئين حصي، "تخلص"، ڏار ٿي مختلف صورتون اختيار ڪيون، جاڪاڻ جو اصل پر قصيدي جو هي حصو ٿي آهي، جنهن پر ڪنهن شخص جي اوصاف حميده يا ڪبيده جو ذڪر ڪيو ويندو آهي. هن حصي پر جيڪڏهين شڪايت ڪئي ويئي، تہ الهيءَ کي "هَجو" چيو ويو، جيڪڏهين ڪنهن شهنشاهه يا ڪنهن ٻئي شخص

جي شان شوڪت، علميت ۽ وڏائي بيان ڪئي ويئي، تہ "قصيدو"؛ جيڪڏهين بزرگانِ دين جي صفت ڪئي ويئي، تہ "منقبت"، ۽ جيڪڏهين سرورِ ڪائنات صلعم جي شانِ اقدس ۾ عقيدت جا ڦل چولڊيندي ۽ گل نڇاور ڪندي واردات قلبي بيان ڪئي ويئي، تہ ان کي "نعت" جي نالي سان سڏيو ويو.

اسلام جي پکڙجڻ سان، عرب توڙي عجم ۽ هند توڙي سنڌ وارن، سردارِ دوجهان صلعم جن جي حضور ۾ نذرانۂ عقيدت کي نعت جي سلڪ ۾ پوئي، وقت بوقت پئي پيش ڪيو آهي. سنڌي شاعريءَ ۾ نعت جي جڳهہ مولود ۽ مدح والاري هئي، ۽ عروضي شاعريءَ جي ارتقا ڪري هاڻي نعت جو ۽ رواج پنجي چڪو آهي. مولود، مدح ۽ نعت-ٽنهي صورتن ۾ حافظ صاحب پنهنجي قلبي واردات پيش ڪئي آهي. جيئن تہ سنڌس مولود ۽ مدح وارو ڪتاب چورائجي ويو، تنهنڪري هتي سنڌس چيل نعتن مان چند ٽڪرا نموني طور پيش ڪجن ٿا:

يا محمّد! مظهرِ نورِ خدا آهيو اوهين،
برگزيده حق نبي خيرالوريٰ آهيو اوهين؛
ڪُل ملائڪ حورون ۽ جن وبشر جنهن لءِ سڪن،
سي حبيب الله مستانہ ادا آهيو اوهين؛
سيّدا! "لولاڪ" مان ظاهر اوهان جو شان ٿيو،
وجهِ خلقت خواجهء هر دوسرا آهيو اوهين؛
هو فقط اخلاص تو "الفقر فخري" جو چوڻ،
ورنہ وارث دولتِ دارين جا آهيو اوهين،
جامر! جاچڻ سان اوهان جي واسيو عرب و عجم،
سوجهرو ظلمت ۾ ٿيو ڪشف الدجيٰ آهيو اوهين؛
"قاب قوسين" آهہ بس رتبو اوهان جي قرب جو،
قول موجب شيخ جي 'بعد از خدا' آهيو اوهين؛
خاص محبوبِ خدا، مطلوب ڪل مخلوق جا،
آرزو "حافظ" جي من جي مدعا آهيو اوهين.

جهڙيءَ طرح پٽائي صاحب سُر 'سارنگ' ۾ اسلام جي پکڙجڻ کي برسات جي رنگ ۾ پيش ڪندي ٻڌايو آهي تہ حضور پرنور جن جي ظهور کان پوءِ اسلام ملڪان ملڪ ويو پکڙيو، تهڙي طرح حافظ صاحب پڻ هڪ نعت ۾ چوي ٿو:

ڪنوڻ سان گوڙ ٿي، غارِ حرا ۽ ڪوهِ فاران ۾،
عرب کان تان عجم ڏڪجي ويو رحمت جي باران ۾؛
چڙهيو مڪي کان طائف ڏي، وڃي وسيو مدينو تي،
وٺو بغداد روم و شام، بصري مصر ايران ۾؛

ڪري ڪلزار هر الوار چوڏس چين تبت ڪي،
حبش الباڪيه سان آيو غرطاله خراسان ۾؛
سهي سنيري جو سسلي اندلس کان هند ڏي وريو،
ٿيو سيراب هندستان، ٿيو جڳ امن ايمان ۾؛
ڪليو گل يثرب و بطحا، ٿڙيو مڙا ۽ بندرا بن،
ڪئي پالوٽ تنهن ديـر و حرم، هندو مسلمان ۾؛
وهائي ڪفر جي شب، روز ٿيو اسلام جو روشن،
صدا الله اڪبر جي پئي ساٿهن ۽ مرغان ۾!

پئي هنڌ چوي ٿو:

رس، ميـر مرسل! ور، لور لرمل!
هائي ٽڪس سان ڏک ڏيهه ڏوري.
گهائل گهرائين جي هي منهنجا سائين،
سر ساهه توتان چڏيان سان گهوري؛
هت منهنجو چاهي، خواهش هي آهي،
لاڳاپا لاهي، پهچان هندوري؛
بيزر ۽ بيپر "حافظ" گداگر،
ڪوٽاءِ ڪنهنپر، يا آءٌ اوري.

قوميت ۽ سياست. حافظ صاحب جي سياسي بصيرت ۽ معلومات بہ گهٽ ڪانہ هئي. هن جيڪي ڏٺو، ان تي ويچاريو؛ ۽ وقت بوقت جن نتيجن تي پهتو، سي قلمبند ڪندو ويو. هن جنهن لموليٰ ۾ نتائج جو اظهار ڪيو آهي، سو جرئتمندانہ ۽ رلدانہ آهي. سيڪو شاعر يا اديب اهڙيءَ اخلاقي همت وارو ڪونہ ٿو ٿئي. دل ۾ سمجهڻ ۽ اهائي ڳالهہ زبان تي آڻڻ، يا علي الاعلان چولدي نہ هيڪڻ، دليريءَ ۽ ايمان جي نشاني آهي. خانبهادر الهہ بخش سومري جي وزارت جي ڏهن ۽ ڏهڻ تي چيو اٿس:

رهيو نادر، نہ تنهن جـي نادري ظالم حڪومت، بس،
ويـو الهـہ بخش آخـر وڃـائـي ظـلـم جـو وارو؛
نہ انگريزن ڪيو، پنهنجو، چڏيو هندن ۾ ٽوڪاري،
نہ هيڏانهن جو لہ هوڏانهن جو رهيو هي يار، اي يارو!
سڪر جا ظلم، سالگهوڙ جا ستر، جٺ "مارشل لا" جي،
مصيبت ٻوڏ جـي پٽتي چڏي ويـو هي ٻـڙ تارو!

خانبهادر الهہ بخش جي پهرين وزارت ڏهڻ وقت چيائين:

ملڪ ۽ قوم جي سرتي ڪيري جو ڪمبختي،
امن جو دور ويو، ظلم وڌيو روزانه؛
ويڙهه ٿي زور جيي هندن مسلمانن ۾،
ظلم ظالم جي ڪيا بند عباد تخانه؛
ڪي ويا قيد ۾، ڪن ڏنڊ پريو، ڪن ڦاسي،
شمع اسلام جا قربان ٿيا پروانه؛
قطعءِ سال وجهي فال چيو هاتف هي:
ٿي ويو سارو سکر باهه کان "آتشخانه". -(١٣٥٧هـ)

پيو پيرو وزارت ٿڻ مهل چيائين:

وري صياد پنهنجو دام منڊيو،
وري خطري ۾ ٿي جانِ عنادل.
وري جيريجي خاطر ٻکري ڪسبي،
وري تيار ٿي سيري جي پاتل.
وري حق‌کي دٻائڻ جي ٿي ڪوشش،
وري ڪيو بزدليءَ جو حملو باطل.
گلو مسلم جو ڪاٽڻ لءِ وري اڄ،
چيو هاتف: تکي ٿي "تيغ قاتل". -(١٩٤١ع)

"حافظ" لڌو خانبهادر سومري تي چوهه چنڊيا آهن، ۽ خانبهادر کهڙي کي به کين چڏيو اٿس:

اچي کهڙي جي آئيءَ ۾ اهو شل،
ڪيو جنهن خون مسان آزاد کهڙو!
نبيءَ جي آلؑ سان مغرور سرڪش،
وجي دنيا سان ٻي اولاد کهڙو!
تڪبر ۽ ريا جو آهه فرزند،
لڌو آهي اصل آدمزاد کهڙو!
ٻلي حج تي هلي ڪائي ڪوٺا ست،
وجي ٿو حج تي ٻي بنياد کهڙو!

(هي نظم لکي کهڙي صاحب جي موٽر ۾ اچلايو ويو هو.)

وري ون يونٽ پيري لکيائين:

ڇو منحوس جي ٻاچي کان ٻاسي،
اوهان کي لڌو ڪندو برباد کهڙو!

کڈي ۽ ٽو ڪري مغرور سرڪش،
پٽي ٽو سنڌ جو بنياد کهڙو!

ڪانگريس بابت سندس خيال هو:

سر بسر هندو جي ياور يار آهي ڪانگريس،
تير طرفداريءَ ۾ مسلم جي نه آهي ڪانگريس.
ڪن کي ڪن ۾ دم دلاسا، ڪن کي ڏڪا تاب ۽ ٽ،
ڪن جي گالهين سان سچارن کي ٽي ناهي ڪانگريس.
وات هيءَ ڪعبي جي ناهي، ۽ نه ڪاشيءَ جو هي ڪس،
ديده دانسته ٻڌي اوجهڙ ۾ ڪاهي ڪانگريس.

وري وزارت جي شيدائيءَ جو چئلينج ٻڌو:

مسلمان ۽ عمل ۽ اتفاق؟ ـ اي خيال خام آهي؛
اڄڪلهين اسلام کي پنهنجو پري کان ئي سلام آهي؛
ايها جي ڪانگريس آهي، ايها جي رام رام آهي؛
نه رهندي هت ضرورت ڪا ايماني حرارت جي،
چڈيندس مان نه مسلم ليگيو، ڪرسي وزارت جي!

پلي ٿانڊه ۾ مسلم قوم جو دشمن وهائن رت،
پلي پامال ڪن خانءِ خدا جي عزت و حرمت؛
پلي دشمن کي منهن تي ڏڪ هڻن يا يارهڻ ۾ لٽ،
پلي تن مائرن ۽ پينرن کي ڪن کي بيعزت:
ڪريان مان تن جو ماتر چو، خوشي آهر صدارت جي!
چڈيندس مان نه، مسلم ليگيو، ڪرسي وزارت جي،

چڈيو ٻُوءِ. اي. ڪي، مان خود سنڌ ۾ ماتر مچائيندس،
سکر ۾ بندش مسجد جو فتنو هڪ اٽاريندس،
سوين سيد ۽ مرشد رهنما قيدي ڪرائيندس،
مسلمانن سندي پارن ۾ چن کي رت رڙاڻيندس:
مون کي آهي نه خواهش ڪا شفاعت يا زيارت جي،
چڈيندس مان نه، مسلم ليگيو، ڪرسي وزارت جي!

ضرورت ٽي ته "گانڌيءَ" وٽ هلي سنڌ مان ته دانهيندس،
رکي "آزاد" جي پيرن تي پٽڪو پيٽ مچائيندس،

سسي سر 'ساهروءَ' جي نيٺ چرنن ۾ نمائيندس،
غرض هر ڪانگريسيءَ کي پري جانب مڃائيندس:
ڪري پل پاس مسلم ليگ مون تي رٽ حقارت جي،
ڇڏيندس مان نہ، مسلم ليگيو، ڪرسي وزارت جي!

هن شاعر ڪي رڳو ايتروئي لکيو آهي، پر اڄا به اڳتي قدم وڌائي، حڪومت ۽ ان جي ڪارپردازن ۽ پرستارن ۽ چونڊجي ويل عوضين کي به کين چڏيو اٿس: مطلب ته جيڪي به محسوس ڪيو اٿس. سو ويو آهي بلالحاظ ۽ بنا ڪنهن خوف و خطر جي لکندو.

هتي جا آهي گورن جو، مگر ڪارا ٿيا پورا،
اکاڙا ۽ بکيا ديسي، ۽ بردیسي پرين نورا،
گهٽو ڪر ۽ آجورو گهٽ، اهي هندن متي ٿورا،
سڏائن سي هتي صاحب، جي لنڊن جا لنگها لورا:
اها آهي بغاوت جي، ته مان آهيان وڏو باغي!

اسان جن کي حفاظت لءِ مُڪو سي چور ٿيا چاري،
اسان جن کي مڪو انصاف لءِ تن ظلم کيا زاري،
اسان کنڊ مان ڪيو پُر وات جن جو، تن وڏي واري،
'قلم ڪارو' ٿئي جهٽ سچ چوڻ وارن متي جاري:
اها آهي بغاوت جي، ته مان آهيان وڏو باغي!

حافظ صاحب "گلستان سعدي" جي ڪن بيتن جو ترجمو به ڪيو آهي. هن بيتن جي اپياس مان سندي بوليءَ جي وسعت جو پتو پوي ٿو. چند بيت پيش ڪجن ٿا.

اصل: ابلهي کو روزِ روشن شمعِ کافوري نهد،
زود بيني کش بشب روغن لباشد دوچراغ.
ترجمو: شمع ڪافوري جي هاريندو اجائي ڏينهن جو،
جلد ئي ڏسبو اجهاڻ ۾ جو تنهن جو ڏيو.

*

اصل: او فتاد ست در جهان بسيار،
بي تميز ازجمنه، عاقل خوار!
ترجمو: آهه قدرت جو هي عجب وهنوار،
بيوقوف آهه خوش، ته عاقل خوار.

*

اصل: راستي موجبِ رضاي خدا ست،
کس نه ديدم که گم از رهِ راست.

ترجمو: سچائيءَ ۾ آهي رضا ۽ خدا،
سنئين وات ويندڙ ٿيندو خطا.

هڪ شخص ۾ مجهول مسلمانن جي عام روش جو ڪهڙو نه سهڻو خاڪو ڪيو آهي!

اهيون ڪٽل ته ڇا ٿيو، آخر ته خان آهيون،
پائيءَ تي ڪونه ليکي، ته به خاندان آهيون!
منهن پنهنجو ڏڪ ٻڌن جا، ۽ پهلوان آهيون،
محتاجِ نان آهيون، سي خانمان آهيون:
پنهنجوئي سينو ساڙي ٿو اشتعال پنهنجو!

شادي غميءَ ۾ دولت پائيءَ مثل ٿا هاريون،
توڙي نه پيٽ پاريون، ته به سؤ ڪتا ٿا ڏاريون،
سڏرڻ جو ذڪر ڪهڙو، پاڻان ٻين کي ڪاريون،
آخر ڏيو ڪٽ جو بس ڏينهن جو ٿا پاريون:
مسجد جي در تي ويٺو آهي عيال پنهنجو!

اڳتي هلي چوي ٿو:

پير صاحب جي مٺائي، ٻيبي اربعه جي ڪُٻي،
نذر غير الله کاڌي، قلب ڪارو ٿي ويو!
راج وارا هڪ به ويلو ست-رچي ڪائي ويا،
ڪاج واري تي گهٽي مدت خسارو ٿي ويو!
جي رکيائين جاءِ گروي، ۽ وڏيو تنهن تي وياج،
سال ٻن ۾ جاءِ واڻين جي، وڏارو ٿي ويو!
پير صاحب! پاڻ سڏرو ۽ سڏاريو قوم کي،
ورنه نالو خانداني‌ءَ جو لڇارو ٿي ويو!

به تهذيب سيد کي تنبيهه ڪندي چيائين:

ٻڌن عرض منهنجو ۽ ڪن غور سيد،
نه ڪاوڙ ٿيين ۽ نه ڪن شور سيد:
اڳوٽا ڏسو ۽ اڇوڪا ٻه جاچيو،
آهي اور سيد ۽ هي اور سيد:
اڳوٽا هٽا خاص رحمت خدا جي،
اڇوڪا ته زحمت ۽ پر جور سيد!
عبادت رياضت امانت جي بدران،
هٽن ڪات ڏاڙا، سمون گور سيد!

شريعت کان باغي، شرافت کان عاري،
تون مغرور ٿوڻن سندي ٿور سيد!
چگا توکان ڪوري ۽ موچي ۽ ڏهري،
رکن ٿا جي تقوا سندي اور سيد!

مسلمانيءَ جي ٻلهي دعوا ڪندڙ کي خطاب ڪندي چوي ٿو:

ياد ڪر تن پائرن کي، جي وڪهي بک جي مٺا،
ياد ڪر تن پائرن کي، جي ڪفن ڏاران ويا،
ياد ڪر تن جي رلن زالن يتيمن جا ڏجهاڙ،
الگ ڏک ۽ پيٽ پر تن جا ۽ تن کي ڏي اجها:
جي ڪرين هن هر ته آهين صاحبِ ايمان تون،
ورنه ڇڏ دعوا مسلمانيءَ جي اي لادان تون!

"حافظ" چوي ٿو ته "اي انسان، دنيا ۽ دولت تي موهجي نه وڃ، پنهنجو ڪوڏاتي جوهر ڏيکار، اڄ جو ڪر سياڻي تي نه وڃه، پنهنجي ۽ پرائي کي سڃاڻ، وڏن جي عزت ڪر ۽ لڏن تي شفقت جو هٿ ڦير، سچ چوڻ کان نه ڪٻاءِ، ۽ اهو خيال ئي نه ڪر ته بيا پريڪ ڇا چوندا؛ ڇاڪاڻ جو شينهن جي پويان ٽيڪاري جي ڪير ڪيرِ، ۽ قلندر جي پٽيان ڪتن جي پوڻڪ بس ٽيٽي کانهي:

دنيا تي ٿي لهه مست، نه موتي عدن مان آڻ،
گوهر ڪو کانِ علم جو ملکِ سخن مان آڻ.
نا اهل پر اميد ڇگائيءَ جي پوءِ رک،
اول انهيءَ کان انب وڃي کي آکن مان آڻ.
ڀٽن جي مثل خلق پر سرڪش نه سخت ٿي،
نوڙت جو ڪو سبق ته ڪکن ۽ پنن مان آڻ!

*

ڪر اڄ جو سياڻي تي رکڻ گهرجي نه هرگز،
ڇا دخل فرائض پر "اگر" کي ۽ "مگر" کي؟
گل سان ڏلگو خار به گڏ آهه سدائين،
وڃ کان پر جي سمجهين گهر کي ۽ پٽر کي.

*

جي گهرين ٿو سرخروئي، "حافظا"، دارين پر،
کر تڏهن شفقت لڏن جي، ۽ وڏن جو کر ادب.

دار ڪي جاچي ٿ جو ۽ اڪ ۾ داڻي ڪي وڪي،
ڪاسجي ڪاهي ۾ سو، توڙي هجي منجهه عقل وير.

*

ڪائين هڪڙي جو، ٻين جو ڳائين،
توکي "حافظ" اهو حيا نه ٿيو!

*

هجي جي سچ ته ٻڌو نچ، ٻلي سچ مان لڳي ڪنهن سچ،
نه ڪرتون ڪوالهيءَ جوڀ، ته چولدا يار چا ٻرڀ!
شريفن سان ڪميڻا، شينهن جي ٻڪيان ٿي ڏيڪاري،
قلندر ڪي ڪتا جڳ جا ٻلي ٻولڪن ٻيا ٻرڀ!

سنڌي ٻوليءَ بابت هن شاعر چا چيو آهي، ٻڌاڙي ۾ اهو ٻڌو:

چنڊ تاري جو سدا قومي نشان زنده رهي!
سنڌ ۾ سنڌي هجي، جيسين جهان زنده رهي!
سنڌ جي ٻولي مٺي، لولي صبا جي هيرجيئن،
منهنجي دل، منڌار منهنجي، حر: جان زنده رهي!
سنڌيو! جاڳو، پڪاري ٿو رهان ڪي القلاب،
قوم زنده ٿي رهي، ٻرجي زبان زنده رهي!

ماستر غلام رسول جتوئي

خليفو غلام الله

خليفو غلام الله، ذات جو کلهوڙو، گوٺ چوڏرو شريف، تعلقي وارهه جو رهاڪو هو. شمس العلماء مرزا قليچ بيگ جو همعصر هو. سندس عمر هڪ سؤ ڏهه ورهيه ڪن هئي. تازو سپٽمبر ۱۹۵۶ع ۾ فوت ٿيو آهي.

خليفو صاحب هڪ سنجيدو شاعر هو. فارسيءَ ۾ ڪافي دسترس هيس. وڏي عمر هوندي به پنهنجي همت سان گهمندو ڦرندو هو. صوم و صلوات جو نهايت پابند هوندو هو. سندي ادب ۾ سندس به ابتدائي ڪتاب، نظم ۾، "نقش سليماني" ۽ "يوسف زليخا"، ويڙهي مل ڪٽڻ مل، تاجر ڪتب لاڙڪاڻو، ليٿو پريس ۾ شايع ڪرايا هئا، جي اڄ به ان پراڻي ليٿو ڇپائيءَ ۾ موجود آهن. ان کان سواءِ ٻيو به شعر ڇپيو ائس. تازو هڪ قصيدي جو ٽڪر هٿ آيو آهي، جنهن جي مٿان حسب ذيل تعارف لکيل آهي:

"دعا نامه در شان مرزا قليچ بيگ صاحب، تنهن وقت مختيارڪار تعلقو وارهه".

هيءَ شعر، خليفي صاحب ميان غلام الله، مرزا قليچ بيگ جي چوڏري (تعلقو وارهه) ۾ منزل الداز ٿيڻ وقت ٺاهي ڪيس ڏنو هو، جو مرزا مرحوم نهايت خوشيءَ سان قبول ڪيو، خليفي صاحب جي شعرگوئيءَ جو داد ڏنو هو، ۽ ڪيس دعا ڪئي هئي ته خدا پاڪ سندس شعر ۾ روانيءَ ۽ تاثير پيدا ڪري. قدرت جو شان، ان بعد خليفي صاحب جي شعرگوئيءَ ۾ طبع اهڙي ڪلي، جو ڪيترا ڪتاب شعر ۾ تصنيف ڪيائين. هي قصيدو مون کي تاريخ ۱۱ سپٽمبر ۱۹۴۱ع تي خليفي صاحب وٽان جهوني پني تي لکيل مليو هو، پتو نه آهي ته مٿيان اکر ڪنهن جا آهن. ممڪن آهي ته سندس هڪ پٽ، جو واسو ڪلهوڙي گوٺ ۾ رهندو آهي، ان جا هجن. هن وقت ڪيس ڏي پٽ آهن، انهن مان ننڍو ميان عبدالباقي سندس گاديءَ تي ويٺل آهي. نهايت شريف، اديب ۽ لائق آهي. منهنجو شاگرد آهي. ڪالئس خليفي صاحب جو مختصر بياض قلمي هٿ آيو آهي، جنهن مان ڪجهه چيزون عرض ڪان ٿو.

دعانامو درشان مرزا قليچ بيگ

بخدمت فيض درجت شان اعلي،
هوندو راضي مٿن رب جل و علي!

مثالهين مرتبي ۽ شان شاهي،
بلند هوندن سدا هيءَ بادشاهي!
دارا جي ڏهڀي، حاتر سخاوت،
سڪندر مثل ٿيا هاري بخاوت؛
سليماني آهي هيءَ ڪامراني،
عدل ثاني لڙ ٿئي، نوشيرواني؛
هنرمند، هوشيار، داناءِ حاذق،
جو جالينوس جان بيدار فائق؛
صورت يوسف مثل ٿن لامثالي،
مثالي لامثالي، لامثالي؛
جهڙي صورت تهڙا منجهه فهم فائق،
هر باريءَ ڪري بهلول لائق؛
آهن هڪ شمس ۽ پاڇو خدائي،
ناهي هن ڪالهه ۽ فرق ۽ جدائي:
ٿي پاڇي الدر هرڪو ارامي،
هجي شل هي سدا هردم خرامي!
ڏسو تان بخت جي نادر نشاني،
پڙهي هن اسر جي هر ٿون پيشاني:
(ق) اکر جو "قاف" ٿن مان، لفظ قادر،
ٿيو ظاهر ظهورون صحيح صادر؛
(ل)- لطيف جو "لام" مون آ اسر صاحب
سڄ جاڳ تون، اي مولي مصاحب-
هميشه تا لطيفي مهربالي،
جتي هوندا تتي هولدن نه ٿالي؛
(ي)- جا آهي درميان ۾ "ي" لدا جي،
اسر سڀ ۾ ٿشي شامل ادا جي؛
(ج)- وري ٿيو "جبر" سان جبار جاري،
حقيقت سڀ تنهين جي صاف ساري:
ڏيندن جبار ايڏا ڏاڍو جبرلي،
ويڙوڏس تون ڪر ڏينهن ڪي صبرلي؟

ابيات

هاڻ لـ پالنج هير، متان خادم ڏسي خوش ٿئين،
تکا اٿي تير، صاحب جي سرڪار جا.

چا چيو ٿو چا چوين، پلا تنهنجي پت،
ڏنءِ مون کي مت، پيا ٻي کانڊ ڪنبائيندي ڪيترا.

جي اوهر ايري اندر جو، تہ پيا اوهر ايرن کين،
سمنڊ سڀ سکي وڃن، کين رهي هوند زمين،
طالبن جي تحسين، پورب ٿيندي پدري.

مومل راڻو

راڻي کي رسڻ جو اتو ڪنهن آهي؛
مون کي تنهنجو ميان ميندرا ڪاراڻو ڳاري،
اڄان مون آهي، اڇڻ ستدو آسرو.

لعل نہ هئي لائقي، راڻا رسڻ تو،
جاچ ڪريو ها جالبا، هي هي جيڪو هو،
چاکان وٺين چو، کانڊ ڪاڻيارو مون ڪري.

مون کي گهوت گهٽا وڏا، تنهنجي رسڻ ريش،
کوڙي لڳي ڪاڪ ٽي، مت مائٽ خويش،
لينهن لڳايم نيش، آءٌ تہ هرچون هاڻ ٻ.

تارا تکيندي وئي گذري رات،
اجهو ابنڊم سپرين، وائي اٿم وات،
هي هي ڪري هيهات، هرهه پيدا ٿي پئي.

غرض نہ هير غير جي، سوڍي بنا ساهه،
رسڻ پڇاڻا راڄ جي، ڪيان آنهن مٿان آهه،
ملائيم الله، تہ سوڍا سور سوين سليان.

سوڍا سو ٻه لک، هر راڻي جهڙو ڪوند،
قرب قرارو ڪارڻي، هڙو ٻيو هو ڪوند،
چاکون روئي چوند، مومل ڪارڻ ميندري.

سومل ڏي سيار، وڏي تنهنجي ويس،
سوڍا سو وڻي اڄان، جي پرين پر چين هير،

جانب جلدي آءُ تون، وارث ويدي ويـر،
ڪلي ٻيءُ تون ڪير، پارس پورهيت سان.

راڻا تنهنجو رس، مون ڪان ويرَ لـ وسري،
ڏکيءُ ڪيڏيس، تہ ڪائون ولها وڏرين؟

راڻا ڏسان رج، سوڍا توريءَ سيڻي،
اچي لاهج اِج، تان مران ٿي مينڊرا.

راڻا تنهنجي رنج جو، ٿر آڻڻ اوراتو،
ساڙيون محلا مڙئي، هر پانيان ڏي سو،
هرين اچي ٻوءِ، ارج هن پورهيت سان.

راڻا تنهنجي رسڻ جا، سهسين آيرن سور،
آڻن جي اوٿر ڪيون، پلپل وڏا پور،
ڪري قهر ڪهي وئين، ماريس تنهن مذکور،
سجي ڪاڪ سجي ڏسان، نيڻي ويـر نور،
اهڙو ڪيس ڪلور، قادر ڪنهن سان لـ ڪري!

سوڍا سرچي آءِ، ڇڏ رسامو راڻ،
دوست! منهنجي دل ۾، گهڙيءَ گهڙيءَ جاگهاو،
ٻوءِ تان هري پانڻيان، مور لـ وڃي ساءِ،
سوڍا تنهنجو ساءِ، ساهـ الدر ۾ ساريان.

راڻا تنهنجي رلج جو، مون ڪي وڏو ڏک،
ساري عمر جو سک، وڃي وئين ولها.

لولي

احمد عرب عزيز الله، وارث ويـر ولـي الله ـ لا إله إلا الله!
اول نور نبي الله، حضرت مير حبيب الله ـ لا إله إلا الله!
سرور سيد صفي الله، ڪامل قرب ڪليم الله ـ لا إله إلا الله!
رحمت ربِ رسول الله، اعلي اتـر امين الله ـ لا إله إلا الله!
احسن عرش عظيم الله، نائب نور نبي الله ـ لا إله إلا الله!
الف صلواة سلام الله، عليه غلام غلام الله ـ لا إله إلا الله!

خليفو محمّد امين ٻلي

حاجي گل محمّد رند مرحوم

نالو گل محمد، ذات جو رند، تخلص ب "رلد" هوس. هي اصل پاڳناڑي (بلوچستان) جو ويڙل هو. انڪل ويهن سالن جي عمر ۾ اباڻو وطن ڇڏي سنڌ ۾ آيو. چون ٿا ته هن ڪان ڪو ڏوهه ٿيو هو، تنهنڪري پنهنجو ديس ڇڏي هن ملڪ ۾ آيو. هو قرآن مجيد ۽ فارسيءَ جا ٻه ٽي ڪتاب اڳ ۾ ئي پڙهيل هو، پر سڪونت اختيار ڪرڻ خاطر جدا جدا شهر گهمندي ليٽ ضلعي ٺٽهارڪر جي سيد علي حسن شاهه جي ڳوٺ ۾ ميان محمد علي پٺاڻ وٽ اچي رهيو. ۽ اتي ئي فارسي سڪندرنامي تائين پڙهيائين. بعد ۾ مڪتب ڇڏي ڳوٺ سيڪهه، تعلقي ڪيري ۾ مرحوم محمد قابل درس ٻلي وٽ اچي رهيو، جتي ئي سال مرحوم درس جي فرزند مرحوم درس چٽي کي پڙهائيندو رهيو. ان کان پوءِ ڳوٺ 'ڊيبي' تعلقي عمرڪوٽ ۾ مرحوم حافظ عبدالقادر ٻليءَ وٽ رهڻ لڳو، جتي حڪمت جو ڪر ڪندو هو، ۽ اتي ئي عمر جو وڏو حصو گذاريائين. ڊيبي جي مشهور فياض زميندار قاضي محسن سان گڏ فريضه حج ۽ حضور پاڪ جي زيارت جو شرف ب حاصل ڪري آيو.

مرحوم "رلد" شعر چوڻ ڪڏهن شروع ڪيو، تنهنجي پوري خبر ڪا نه آهي، باقي آثارن مان معلوم ٿو ٿئي ته ميان محمد علي وٽ رهڻ واري وقت ۾ سنڌس شاعريءَ جي ابتدا هئي؛ چاڪاڻ ته مولوي محمد علي خود ب شاعر هو، ۽ سنڌس شاگردن مان ب گهٽا ٽنا سڀ شاعر هنا-جهڙوڪ حاجي گل محمد "رلد"، حاجي ابراهيم دل، حاجي محمد عالم ٻلي، ۽ خليو چنو مرحوم.

مرحوم رلد صاحب لهايت بيپرواهه ۽ شوخ طبيعت جو هوندو هو. راست گو هو، ۽ سيڪنهن کي پنهنجي خامي منهن تي چئي ڏيندو هو.

سنڌس هجويات جو گهڻو ڪلام آهي. ڪنهن ڪمنار ماڻهوءَ، مرحوم صوفي حاجي محمد جي بنسبت ڪي هجويات جا ڪلام چئي ڪٽي "رلد" جي نالي مشهور ڪيا، جنهن ڪالهه تان ناراض ٿي، صوفي صاحب سنڌس برخلاف ٿي ٻيو. ڪنهن دفعي وجهه ڏسي صوفي صاحب جا ماڻهو مرحوم "رلد" کي جهنگ مان گرفتار ڪري آيا، ۽ اچي صوفي صاحب وٽ حاضر ڪيائونس، جنهن نهايت بيرحميءَ سان هن مسڪين ۽ پرديسي شاعر کي پنهنجن ماڻهن کان مارايو ۽ حد

کان وڌيڪ بيعزتي ڪرائي. "رند" جي غيور طبيعت اها تحقير برداشت ڪري نه سگهي، ۽ اچڻ سان جيئن بستري داخل ٿيو، تيئن وري تندرست ٿي نه سگهيو، ۽ ٿوري ئي عرصي ۾ گذاري ويو- جيتوڻيڪ "رند" صاحب جي بيماريءَ وارا پويان ڏينهن فقير ميان شيرمحمد سيهڙائي مگرين به علاج ۽ تيمارداري ڪرڻ کان وسان کين گهٽايو. (مرحوم رند صاحب کي سخت بيماريءَ واري وقت ۾ هاڻ وٽ کٽائي آيو هو.) -انا لله و انا اليه راجعون.

تعجب ته هن گاله جو آهي، جو جوانيءَ وارو وقت پنهنجي ملڪ بلوچستان ۾ هٿ ڪري به سندس ڪلام صاف سنڌي آهي، جنهن مان هي يقين ٿو ٿئي ته هو سنڌ ۾ اچڻ بعد اهڙي ته لائق استاد کان سنڌي سکيو، جو ان ڏاري پوليءَ جي کابه ٻوءَ نه آهي. مرحوم "رند" نهايت برجستو شاعر ۽ في البديهه ڪلام چوڻ ۾ پنهنجو مٽ هاڻ هو. هڪ دفعي 'ڊيبي' جي صالح پليءَ کان گهوڙي وئي، 'سيگهه' ۾ کنهن عذرخواهي لاءِ آيو، رات جو سندس آندل گهوڙي حاجي آدم مرحوم جي گهوڙن سان ڪڏ ۾ ڇڏيائون. صبح جو اٿي ڏسن ته "رند" واري گهوڙي جيئن وڇڙڻ سبب وهڻ واري دونهينءَ جي سڄ ۾ وڃي ڪري هئي، تيئن اتي جو اتي سڙي مري ويئي. "رند" اها حالت ڏسي چوڻ لڳو:

"درس آدم جا ڏکائي دونهين، تنهن ۾ گهوڙي سڙي اسان جي هونهين،
هاڻ ڪيئن ڪندو الائجي صالح گو نهين!"

هڪ دفعي، نصرپور واري سيد مصري شاهه "رند" مرحوم ڏانهن هڪ ڪافي ٺاهي موڪلي- (افسوس جو اها ڪافي نه ملي سگهي آهي). "رند" جواب ۾ جيڪا ڪافي سيد صاحب ڏانهن موڪلي هئي، ان جو فقط ٽڪهه ملي سگهيو آهي، جو هن ريت آهي:

"اول هيءَ ته عرض عاجز جو، سچيءَ دل سان سڻي مصري،
ڪٽا هي قيد قسمت جا، ڪريو چوڪيون چٽي مصري!"

هڪ پيري مولوي محمد ابراهيم ملاح، لس بيلي وارو، "رند" جي ملاقات لاءِ آيو. ان وقت "رند" مرحوم مسجد ۾ ستو پيو هو. مولوي صاحب حاضرين کي چيو ته شاعر جي دل هميشه سچاڻ رهندي آهي؛ ۽ مرحوم "رند" جي آزمودي ونڊ لاءِ هيءَ بيت پڙهيائون:

"الا ريح" صباڪُر قُر قيامه، اِلي محبوبنا بلغ السلامه".

مولوي صاحب جي ايتري چوڻ تي "رند" يڪدم ٽپ ڏيئي اٿيو، ۽ هيءُ بيت چيائين:

"صبح جا واءِ وڃ وڃ تون وڃڻ کي، سنيهو ڏي وڃي ساري سڃڻ کي!"

ڳوٺ ڊيبي جو حافظ ملوڪ پلي نهايت برجستو ۽ هوشيار حسابدان، قاضي ۽ قرآن مجيد جو ياد حافظ هو؛ ليڪن نماز روزي سان شغل البت گهٽ هوس. هڪ دفعي، حافظ موصوف کي جمعي نماز تي حاضر ٿيندو ڏسي "رند" مرحوم في البديهه چئي ڏنو.

"مسيت و مُلڻ سان رکي گهٽ ملوڪ، بچيل دين کان آهه حافظ ملوڪ."

هڪ پيرو ڪنهن سگهڙ، "رند" ڏانهن مُلڻ جي هجو ۾ هڪ شعر لکي موڪليو:

"آلي لڳي آخوندن: ڏيهين ڏکاريا، ڪيي ڏيوالا هي ڏرکٽا ڏاڻن-آلي لڳي آخوندن!

رند جواب موڪليس:

رک عالمن جو احترام، ڪر نہ پڙهيلن جون گلائون!"

"رند" جو ڪلام تمام گهٽو هو، جو بيقدريءَ سبب سارو تلف ٿي ويو آهي؛ فقط ڪن چند ماڻهن وٽ ڪي ڪي ڪلام لکيل آهن، ۽ ڪن ڪن کي قدري ياد به آهي. سندس مڪمل ديوان هو، ۽ "سڪندر نامو" سنڌيءَ ۾ به تصنيف ڪيو هٽائين، جو گهٽو وقت ماڻهن جي واڌاڻ برزبان هٿن ۾ پيو ايندو هو. ازان سواءِ، مرحوم وٽ ڪتبخانو به چگو موچارو موجود هو، جنهن جو اڄ پتو به ڪونهي.

"رند" مرحوم جي قبر 'ساڃي' جي نزديڪ 'تلي' ٽالي مقام ۾ آهي. سندس وفات جي پوري تاريخ معلوم ٿي نہ سگهي آهي، آثارن مان پتو پوي ٿو تہ ۱۳۱۰ هجريءَ جي لڳ ڀڳ هن لاجواب شاعر جو انتقال ٿيو هوندو-و علم عندالله.

ڪلام

گهنڊ ڪوليو، گهورون ڏيو، ساڻا ڪريو، ماريو ڇڏن!
ڪن ڪي ڪنڊيءَ تان منجهه ڪُنن، ڪيرائيو ڪنڊ ۾ هٽن،
ڪن جا هڏل ٻڙا سڄن، طوفان سان تاريو ڇڏن!
ڪي مي پي مستان ٿيا، ميخاني ۾ جي خاص هٿا،
ڪن ڪي پيالا پُر ڏيو، هٿ ڪان ڪسيو هاريو ڇڏن!
ڪي "رند" ريڙا راهه تي، ڪي مجلسي مي-خواه تي،
ڪي در ڪنان، سهڻا سڄن، وانجهيو، وريو واريو ڇڏن!

*

وڏايو ورهه ڪي ويڄن، نڪو ٿا فيض ڪن ٿيٽا!
برهه جو باز ٻولائي، ڇنبن ۾ دل ويو چائي،
ٿيو ڦاڙيو ڪپو ڪائي، تڏهن ٿياسون جهڄي جهيٽا.
مٺي محبوب جا مرڪي، ڏني آ سوز جي سرڪي،
طبيبن جا ٻڪي ٻرڪي، ٻڪيءَ تنهن سان ٿيا ٻيٽا!
سڀي منهنجو عرض آڏي، ڪلي ٿيو "رند" تي راضي،
ڀڳي دشمن سندي بازي، هٿي سي خر ڪيئين هيٽا.

عمر! ماڙيون سنڌءِ ساڙيون، اسان کي ٿيون وٽن واڙيون!
ٻلائن کي ٻچائڻ جي، عمر واري ڏي او ان کي،
اسين ڏوڪي وجون ڏٺ تي، للر لوڻڪ چيڙ چاڙهيون.
جتي ڄاريون اتي گهاريون، وڍيو ٽاريون ٻهون چاڙهيون،
جسو پس بيج تي ٻاريون، اسين جهانگي ٽا جهڙ ڪاڙهيون.
لڳس تنهنجي لام هاڻي جام، مٽي مسڪين جهل ڪج ڪام،
اسين ايرا اوهان جي سام، چئي "رند" رب مٽي پاڙيون.

*

مندون موٽيون، پٺ وطن ٻيو وسي،
سڪان ساريان ٽي لويارن لسي،
اباڻن ۾ آڳ سڳهان جي رسي،
-چيڙ چولڀ يان هوڏ سيکيان سڳرا!

ڏمر ڪرم ڏوٽيون مٽي، اي امير،
نه هيڻن مٽي ڪر هلائون، همير!
ڀجي ٻور ڪر تون ذرا هي زلجير،
-الهه لڳ امر ڪر ته لکرن نيرا!

ولهي وارٽن ري ڪٽيان ڪيٽن ڪري؟
لکين هول دل تان مٽيان ڪيٽن ڪري؟
عمر ڪوٽ ويهي وٽيان ڪيٽن ڪري؟
-رسي مانَ مارن وٽان کا خبرا!

هنيون هٽ ٽيو، هٽ جسو ٻيو جلي،
سهيلين سوا سور ڪنهن سان سلي،
اباڻن بنا روح ڪنهن سان رلي؟
-نٽي "رند" ڏاريان کا ڏارين ۾ ڏرا!

حاجي شير محمّد چغدو *

بندي جو نالو شير محمد ولد حاجي محمد صالح چغدو آهي. منهنجو وطن شڪارپور آهي، پر اسان جا وڏا ديري غازيخان کان لڏي آيا هئا. منهنجو ڏاڏو خيرپور ميرس ۾ اچي رهيو، جنهن بعد سندس اولاد شڪارپور ۾ اچي سڪونت پذير ٿيو. منهنجو ڏاڏو قرآن شريف جو درس ڏيندو هو. هو مالدار هو. هن وٽ چوپايو مال ڇڱي انداز ۾ هو، ۽ انهن جي ڪير مکڻ تي گذران ڪندو هو. انڪل اسي پنجاسي ورهين جي عمر ۾، سن ۱۸۶۴ع ۾ وفات ڪري ويو. ان وقت بابي سائينءَ جي عمر چوڏهن ورهيه ڪن هئي. منهنجو والد سڳورو سن ۱۸۵۰ع ۾ ڄائو هو. قرآن شريف جي تعليم ۽ سنڌي پڙهڻ بعد، سن ۱۸۶۷ ۾، نارمل اسڪول سکر ۾ داخل ٿيو. ٻن ورهين جي تعليم حاصل ڪرڻ بعد ۱۸۶۹ع ۾ ماسٽريءَ جي ڏٽڙي ڪي لڳو. پهريان لوَ ورهيه پهراڙيءَ جي مختلف اسڪولن ۾ تعليم ڏيندو رهيو. سن ۱۸۷۸ع ۾ شڪارپور شهر ۾ نائب ماستر ٿي آيو. ان وقت تعليم جو ڪم گورنمينٽ جي حوالي هو، ۽ سنڌ جي ڪمشنر جي اسسٽنٽ ڪمشنر کي تعليم جو فوليو سپرد ٿيل هو. سن ۱۸۸۸ع ڌاري ايڊيوڪيشنل السپيڪٽريءَ جو عهدو قائم ٿيو، ۽ ان عهدي تي هڪ انگريز نالي جيڪب صاحب مقرر ٿيو.

قبلگاهه صاحب جن شهر شڪارپور ۾ اٽاويهه ورهيه ماستري ڪئي. شڪارپور ۾ نوڪريءَ جي عرصي جا پهريان چوڏهن سال نائب ماستر ٿي رهيو، ۽ پويان چوڏهن سال هيڊ ماستر ٿي رهيو. اپريل ۱۹۰۶ع ۾ پينشن ورتائون، ۽ پينشن وٺڻ جي پهرئين ٿي سال نومبر ۱۹۰۶ع ۾ حج تي روانا ٿي ويا. فبروري ۱۹۰۷ع ۾ خير سان حج ڪري واپس آيا. انهن ڏينهن ۾ سردار محمد يعقوب خان وزير رياست خيرپور فوت ٿيو هو. والد صاحب؛ آڪٽوبر ۱۹۱۱ع ۾ وري ٻئي حج لاءِ ويو، جو ان سال اڪبري حج هو. ڊسمبر ۱۹۱۱ع ۾ حج ڪري خير سان واپس آيا. هي اهو زمانو هو، جنهن وقت انگلنڊ جو بادشاهه جارج پنجون دهلي- دربار لاءِ هندستان ۾ آيل هو.

والد صاحب پهرين جون ۱۹۲۲ع، مطابق چوٿين شوال ۱۳۴۰ هجري، ۾ هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو- الا لله و انا اليه راجعون.

منهنجي جنم جي تاريخ ٻائين نومبر ۱۸۸۰ع، مطابق پنجين ذوالحج ۱۲۹۷ هجري، آهي. آڻ جڏهن ڇهن ورهين جو ٿيس، تڏهن مون کي ابتدائي تعليم لاءِ شڪارپور جي پرائمري

---

* هن سوانح عمريءَ جو سڌار، صاحب جي خود نوشت مواد تي آهي- مرتب-

اسکول ۾ داخل کرايو ويو. آڻ پنهنجن لائق استادن - جناب حاجي محمد صالح ولد محمد رمضان چغدو، ويئل شڪارپور، ۽ جناب ميان رضامحمد شاهه ولد سچل شاهه بخاري سيد، ويئل شڪارپور- جي زير تعليم رهي، جنوري ۱۸۹۷ع ۾ حيدرآباد ٽريننگ ڪاليج فارمين حيدرآباد ۾ داخل ٿيس. اتي ٻ ديوان ڪوڙومل چندن مل ڪلناڻي (پريا، تعلقو نوشهرو فيروز)، مسٽر آڏمل سترامداس سڌائي، ٺٽوي، ۽ مرحوم قاضي اميد علي، پروفيسر پارسي (حيدرآباد سنڌ)، جهڙن لائق ۽ قابل استادن جي هٿ هيٺ لڳاتار ٽي سال علم جي بحر مان سيراب ٿيڻ بعد، تاريخ ۲۷ فبروري سن ۱۹۰۰ع ۾ نوڪريءَ تي وڃي چڙهيس. ان وقت ڪاليج جو پرنسپال صاحب ديوان ڪوڙومل هو. پروفيسر مرحوم قاضي اميد علي، "ديوان فاضل" جي مصنف مرحوم ميان فاضل شاهه بخاريءَ جو همعصر هو. سندن ڏينهن ۾ ٽريننگ ڪاليج ۾ پارسي تعليم ڇڪي لموليءَ ۾ ملندي هئي. جنهن ۾ شعر سازي ٻ اڇي ويئي ٿي. ان وقت جو فائدو ونڊي، مون جناب مرحوم قاضي صاحب جن جي تربيت هيٺ ڇڪو پرايو.

هن بندي جي نوڪريءَ جو پهريون ڏهاڪو لوڪلبورڊ جي مختلف سڪولن ۾ نائب ماسٽريءَ ۽ هيڊ ماسٽريءَ تي گذريو، ۽ هوءِ سموري عرصو همايون تعلقي شڪارپور ۾ هيڊ ماسٽر ٿي رهيس. جنوري ۱۹۱۰ع ۾ همايون آيس، جتي حضرت مولانا عبدالغفور صاحب همايوني جن رهندا هئا. اتي رهڻ سان اهڙي بزرگ جي روزاني زيارت ۽ حاصل ٿيندي رهندي هئي، ۽ آڻ سندن دست بيعت ٻ قادري طريقي ۾ ٿيل هوس. حضرت همايوني صاحب ۲۱ جون ۱۹۱۸ع، مطابق ۱۱ رمضان ۱۳۳۶ھ، جمعي جي رات وفات ڪئي، ۽ ساڻن ڏينهن ڪين سپرد خاڪ ڪيو ويو- (انا لله و انا اليه راجعون.) آڻ ان وقت اتي هوس. حضرت مرشد صاحب جن جي وفات ڪان پوءِ فقط ڏهه مهينا همايون شريف ۾ گذاريم. تاريخ ڏهين اپريل ۱۹۱۹ع ۾ ڳڙهي ياسين شهر جي ميونسپل اسڪول ۾ هيڊ ماسٽر ٿي آيس، ۽ اتي ٻ سڄا سارا ڏهه ورهيه هوس. جون ۱۹۲۹ع ۾ مسلم اسڪولن جي انسپيڪٽنگ لائين تي ويس. اتي سوا ٽي ورهيه گذاري، ۲۴ سپٽمبر ۱۹۳۲ع تي رٽائر ٿيس، جنهن کي پنجويهون سال خير جو هلي ٿو.

سن ۱۹۳۵ع ۾، جڏهن شهنشاهه جارج پنجين جي سلورجبلي ٽي ملهائي ويئي، تڏهن اسڪائوٽ هيڊ ڪوارٽر شڪارپور ۾ شعر ڏاهي اڙهيم، جنهن ۾ مون کي چاندي جو بلو انعام ملیو. پينشن ۾ اچڻ کان پوءِ، آڻ ماڻ ڪري ڪونه ويئس. مون کي جو تاليف، تصنيف ۽ شعر سازيءَ جو شوق هو، تنهن جي وسيع ڪرڻ لاءِ هاڻ مون کي ڇڪو موقعو ملیو. خوش قسمتيءَ سان مرحوم محمد داؤد ولد محمد ابراهيم مهر (رٽائرڈ اسسٽنٽ ڊپٽي ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر، رستر، تعلقو سکر)، مرحوم غلام نبي خان ولد گل حسن خان (آغا صوفي)، شڪارپور، مرحوم قاضي جمال‌الدين ولد ولي‌محمد (رٽائرڈ اسسٽنٽ ڊپٽي ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر، شڪارپور)، مرحوم قاضي جان‌محمد اڪبرعلي (رٽائرڈ ڊپٽي ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر، شڪارپور)، ۽ مسٽر شاهنواز بيرزادو (ايم. ايل. اي. ويسٽ پاڪستان اسيمبلي) جهڙن قابل قدر ۽ لائق همعصرن جي

صحبت ۾ منهنجو اهو شوق پروان چڙهڻ لڳو. ڪجهه تصنيف ۽ شعر سازي مون نوڪريءَ جي وقت ۾ ڪئي هئي، باقي پينشن جي وقت ۾ ڏڻن ڪن ڪتاب لکيم ۽ شعر سازي ڪيم. منهنجا هيٺيان ڪتاب لکيل آهن: (۱) دلخندان، (۲) عمر مارئي، راتين ۾، (۳) هريون بشر، (۴) سيد الانبيا، (۵) صداقت القرآن، (۶) صداقت الرسول، (۷) سياست فاروقي، (۸) غزوه بدر، (۹) اخلاقي مضمون، (۱۰) ديوان صنعت شڪارپوري، سنڌيءَ ۾، (۱۱) ديوان شهرل، ۽ (۱۲) ڪليات شيرل. انهن ڪتابن مان هريان چار ڪتاب ڇپيل آهن، باقي اٺ ڪتاب ڇپجڻ لاءِ منتظر آهن. "صداقت القرآن"، "سنڌ ادبي سوسائٽي" کي سال ۱۹۳۶ع ۾ موڪليو ويو هو. ڇپجڻ جا ته گهٽائي دلاسا مليا، ۽ سيائن سچ چيو آهي ته "جيڪي ڇُلهه تي، سي دل تي": "هائو، اڄ، صبحاڻي-جاڻ ڇيو!" خير، نه ڪتاب ڇپيو، نه واپس ئي مليو! ڏهون نمبر ڪتاب هاڻي شڪارپور ۾ هڪڙي ڪتب فروش ڇپائڻ لاءِ ورتو آهي، ۽ "صداقت القرآن" به هڪڙي ڇگي ماڻهوءَ ڇپائڻ جي ارادي سان ورتو آهي؛ ٻيا قلمي ڪتاب لئبريريءَ ۾ پيا آهن. ازان سواءِ، دنيا جي حالات ۽ معلومات جدا جدا ڪتابن ۾ لکي اٿم. پاڪستان جي تاريخ به لکندو رهان ٿو. پهاڪن ۽ چوٽين جا ڪتاب انهن کان به الڳ آهن. پنهنجو "وصيت نامو" پڻ لکيو اٿم. خواب ۾ انهن جا تعبير به هڪ ڪتاب ۾ جدا نوٽ ڪندو آهيان. فالناما، پيشن گويون، وغيره به هٿ ڪري پاڻ وٽ لکي ڇڏيون اٿم. ڪيترا دوست اڇي منهنجن ڪتابن مان حوالا هٿ ڪندا آهن، ۽ ڇيڙا ڇيڙا بيت، پهاڪا ۽ حالات لکي ڪٽي ويندا آهن. منهنجي معلومات واري ڪتاب ۾ جو-موت جو داخلو به لکيل رهي ٿو. حالات هٿ ڪرڻ لاءِ ايڏا تائين مان طالب العلم ئي ٿو رهان. معلومات، ڪتاب ۾ تاريخوار ٻڌريعي اخبار لکندو آهيان، ۽ پڻ حالات هٿ ڪرڻ لاءِ آڇ گهٽي ئي پيڇا ڪندو آهيان. شال رب سائين عاقبت بالخير ۽ رحمت تندرستيءَ سان هلائي، ايمان ڪامل بخشي: پڇن کي صالح ڪري، نيڪ ڪري، روزيءَ ۾ برڪت وجهين، ۽ حياتي تندرستيءَ کي خير سان گذارين!

ڪلام جو نمونو

شڪر ڪريان ۽ حمد چوان، الله سندو ٿو ذڪر ڪريان،
۽ خالق کان ٿو خير گهران، ٿو توهه زاري ورد ڪريان.

ياور ڪر تون عاصيءَ سان، رحمت پنهنجي معافيءَ سان،
۽ شفقت پنهنجي خاڪيءَ سان، آهه ڪيڏي آڇ بيان ڪريان.

رب منهنجو رحمان آهي، هي پالهو ۽ انسان آهي،
۽ فرض کان نسيان آهي، "هائو" هردم ٿو اقرار ڪريان.

منهنجي توبهه کي قبول ڪندو، ۽ زاريءَ کي مقبول ڪندو،
هي تنهنجو آهه مجهول بندو، ٿو غفلت کي اقرار ڪريان.

حسال منهنجو ۽ رحسم تنهنجو، هر بندي تسي آ کرم تنهنجو،
انسان مجي ٿسو جسرم پنهنجو، اخلاق سندي کوڙي گالهه کريان؟

مسومسن تسو اقسرار کسيسو، ۽ وعسدو تسو اختسيسار کيو،
لا هسولسج هست گفتار هسيسو، تا حاصل شل ديسدار کريان!

دائسم دل دلگسيسر آهسي، جسو عملن جسي تقصير آهسي،
پسر هسانهپ دلسپسذيسر آهسي، شل راهه سنئين اختيار کريان!

•

'ع' 'ي' ۽ 'ن' منهنجو، عين تنهنجي سسان مليو. - (عسين)
'ح' 'س' ۽ 'ن' تنهنجو جسلسوي سسان ظاهر ٿيو. - (حسسن)
'ز' جڏهن ٿي 'ل' 'ف' سان گرد ۾ ڪڏجي ويهي، - (زلسف)
خسال رخ تسي دام ٺساهسي صسيسد لءِ صسادر ٿسيسو.
'ک' 'الف' ۽ 'ڏ' ۽ 'ي' جو کوهه آ خوفائتو، - (کاڏي)
ان مسٽسان جهاتسي وجهڻ ۾ مسوت سسان سسودو ٿيو.
'ن' 'الف' ۽ 'ز' مقابل ڪو تنهنجو صنم، - (لساز)
'ن' 'ي' ۽ 'الـف' 'ز' مقبول خساطسر تسو ٿيو. - (لسياز)
'ر' ۽ 'خ' تنهنجي مقابسل آ مطابسق 'م' 'ه'، - (رخ-مه)
'ل' 'ب' تنهنجي مسان دائسم قسند ۽ شڪر ٿيو. - (لسب)
'ش' 'ي' 'ر' 'ل'' آهي شوق ۾ تنهنجي مدام، - (شيرل)
'و' 'ص' مسهلاپ ۾ آ 'ل' سسان وه جسو ٿهيوا - (وصل)

*

چيو ته "يار اسان تي ٿيندي ڪا مهرباني؟" چيائين ته "يار اسان وٽ آه لطف جاودداني."
چيو ته "تنهنجي در جو دربان ٿي گذاريان" چيائين ته "ويندا سوئي عاشق گهٽا لهاني."
چيو ته "هڪڙو ٻوسو خيرات ڪر خدا را" چيائين ته "خسال جسي آ مضبوط پاسباني."
چيو ته "پردو پاسي ڪر رخ تان رضا سان" چيائين ته "مفت ٿيندا عاشق ڪامراني."
چيو ته "سرخ پوشاڪ جو ڊڪي آ چا لءِ؟" چيائين ته "هلائي خنجر ڪندس آ شاد مالي."
چيو ته "ناز ادا سان سيراب ڪوٽ ٿين ٿو؟" چيائين ته "اهسا مجتا تنهنجي فقط لساني."
چيو ته "ڏس آڏيءَ تي سر هي منهنجو آ حاضر" چيائين ته "جو ڪرين ٿو ناڪام زلدگاني؟"
چيو ته "مخفي ايندس تنهنجي ملڻ لءِ جاني" چيائين ته "عبث آهي اهڙي موج خراساني."
چيو ته "آءٌ اسان وٽ، ايلاز منٺ مڃ ڪا" چيائين ته "ڏيڻ زر ريءَ ملي نه مفت جاني."
چيو ته "وڃ خورن وڃان آڻيان ٿو پسا" چيائين ته "'شيرل' ٿيندءِ بدنسام خانداني!"

(هڪ ـ نقطو غزل)

خوبرو هڪ خوب خاصو محب منهنجو ملڪ ۾، ناهه ڪو ان سان برابر سولهن وارو ملڪ ۾.
حسن وارا خوب خاصا سولهن ٿ جنسار ڪن، ڪونه لهندا فائدو جنسار جو ڪو ملڪ ۾.
محب منهنجو خوبرُن ۾ سولهن جو سردار آهه، ڪالڳ مون سان ڪرخبر ڪو زور آ پيو ملڪ ۾؟
جلد موڪل، محب منهنجا، صبح جو ساجهر خبر، مون سوا سامهون صبا سان ڪين ملندو ملڪ ۾.
سولهن وارن سانڻ "شيرل" رهج دل سان هاوڻا، هاوڻا جو لسانڻ آ ناموس وارو ملڪ ۾.

هارن کي مت

(ب ـ نقطو نظم)

تعليم تي هردم هلو، رستو سڏو پارو وڃو،
اسڪول ۾ گهٽو وڃو: اهو سڏو رستو وڃو!
تعليم ٿ سهيو ڪري، اسڪول ۾ هردم وڃو،
۽ قول هيءَ دل تي رکو: اهو سڏو رستو وڃو!
سويل ئي تياري ڪري، اسڪول ۾ يڪدم وڃو،
اهو آهي تولهٔ سڏو: اهو سڏو رستو وڃو!
هالڪ سدورو ئي آهو، اسڪول ۾ سويل ويو،
استاد کي آهي سڏو: اهو سڏو رستو وڃو!
تاکيد هيءَ دل تي رکو، ۽ ياد ڪيو اي هالڪو،
سڏ ريل آهي اهو سڏو: اهو سڏو رستو وڃو!
مڃتا مڃيو اي هالڪو، ۽ ياد ڪيو دل تي ڏهيو،
"شيرل" سڏي دڳ لڏو: اهو سڏو رستو وڃو!

(هيٺين غزل ۾ هالا لقاط، زير لقاط، يڪ لقاط، دو لقاط، غير لقاط ۽ آزاد بيت ڪر آندل آهن.)

هالا لقاط ـ مٺا مون سان رفاقت رک، ۽ الفت مان ملو هردم،
نه ڪر ڪو خوف ۽ خطرو، صداقت سان ملو هردم.

زير نقاط ـ چير محبوب کي پيارا رکج ساجهه ڪا سالل جي،
سوالي ڪي دلاسي ۾ رکي اچي ملو هردم!

يڪ لقط ـ ۾ رهه مون کان جدا جانب، مناسب نا نکو روا،
جدا جالڻ جفا ۽ جور جائز نه ملو هردم!

دو لقاط۔ ٻڌايو آهي قاصد اڄ، سڄڻ سردار کي ڳولهي،
تہ حالت سڻ حقيقت هي، ٻڌي ڪري هلو هردم!

غير لقاط۔ مڪمل احوال دک وارو، ۽ ڪر معلوم حال سارو،
اهو آ حال دک وارو، رحم رکو، ملو هردم!

آزاد۔ عمر ساري گذاري مون، ڏسي واٽون تنهنجون سهٽا،
سچائيءَ سان "شيرل" کي، سڄڻ سائين، ملو هردم!

●

(هن ۾ اهي اکر ڪم آندل آهن، جن ۾ چپ چپ سان نہ ملندو)

قاصد ڏني اڄ وصل جي وڌائي، چپائين شڪر ڪر تون دل سان سدائي.
وصالت ٽيڻ کان قاصد چيو هيئن، اها تات تڪڙي آهہ تنهنجي اجائي.
قاصد وري چيو تہ تون ڪر تسلي، تہ تنهنجي ۽ ان جي نہ ٽيندي جدائي.
تسڪين خاطر سان قاصد سڏايو، تہ دلدار تو وٽ ٿي رهندو سدائي.
قاصد وري ويو، سڄڻ چيس شايد، تہ "شيرل" کي تو ئي حقيقت سڏائي

●

دلدار سان سودو، سودڻ اهو آ اوکو،
سڪ ساڻ سان سهڻو، ساٿ اهو آ سوکو.
اها راهہ آ اداسڻ، دل رک دور وه واه!
ڪر ڪو سوال سولو، ڪرڻ اهو آ سوکو.
دل آهہ درد ۾ سا، ڪر هاءِ هاءِ هر هر،
رک درد اهو دل ۾، رکڻ اهو آ سوکو.
دلدار سان ڪر ڪو، اهو حال هڪ دم ۾،
سڀ سو احوال دک ۾، سڻ اهو آ سوکو.
سڻ آ واه سهٽا، واکان آه دل ۾،
مل لوڪ لاءِ لڪ ۾، سڻ اهو آ سوکو.
ڪو حال ڪر معلوم، آ درد دل ۾ ساڻ،
رهہ درد ۾ او "شيرل"، رهڻ اهو آ سوکو.

●

(تو شيح مضاعف)

شب روز عرض آهي ڪوڇي اوهان جي جالي،
دلدار يار اسان تي ڪريو ڪا مهرباني!
ياڪي رهي سدائين، فرقت نہ رک روا تون،
موجب دليا جي موزون، ڏس جنت آهي جالي!

رخ تان هٿاءِ ۽ردو، سايو سري جيئن سچ تان،
حيرت ۾ اچي هرڪو، صورت ڏسي لاڻاني.
محبوب کر نہ رغبت، زردار ڏي نهاري،
منهنجو ٿي حال مفلس، پلجين متان تون جاڻي!
حيران تنهنجا هٿڙي، ڪيئي يار ٿا گهارين،
رکو کريان ٿو تو لاءِ، ڏس آءٌ جانفشاني.
معروض عرض ڪاتر، سائل جڏهن سڏائين،
يڪاني ۾ وٺجانءِ، منهنجي مٺا زباني.
ديدار لاءِ آيس، در تي رقيب روکيو،
شايد انهيءَ ڪي سولپي تو آهه پاسباني!

●

اسين آهيون اصل عاشق اوهان جي عشق ۾ اهڙا،
جلي جند جان ٿي تو لاءِ، جگر جولان ۾ جهيڙا.
مٿي محبت سون ڪي ماري وڏو محبوب موچارا،
طلب تنهنجي تنواريان ٿي، تنهنجا طالب تکا تهڙا.
سچڙ سائين، سدا سهڻا، صدق سهڻي سچائيءَ جي،
هلي لهه حال هيٺي جا، ڀچي ٻرتڙن ٻسي هڙا.
ڪڏهن قاصد قريبن جو ايندو اوري اسان وٽ اڄ،
ڪندس صدقي سراسر سير، قرب ڪاتر قسم کهڙا!
وڏا تو وار ورورسان، جڏهن رخ تي ڪري ڪمند،
تڏهن خرخاش ۽ خطرا ٿيا ظاهر خلل جهڙا.
عجز آزي اسان جي آ، پڌي ٻڌي جي نہ ڪر ٻيائي،
شروع کان شوق "شيرل" کي ٻيون رقيب ٿيءِ ٻيڙا.

●

دل يار سان مشاغل رک تون ادا همیشه ـ ان ۾ ثواب آهي،
دل قرب کان جا غافل، افراط ۾ همیشه ـ ان ۾ عذاب آهي.
ره مستقيم وٽ تون، قابو جهلي ٿي دل سان ـ رستو اهوئي سولو،
جنهن کي خدا لوازي، پنهنجي رحم رضا سان ـ کوئي حساب ناهي.
ظاهر اها ضلالت ڪري حرص ۾ اضافو ـ پاسي رهڻ بهتر،
دنيا جي دوستيءَ مان ڪنهن کي نہ آ منافو ـ اهائي خواب آهي.
لعبت لقاءِ واري آهي دلربا جي هستي ـ ناهي وڃاءِ ان ۾،
مزن خوشين جي "شيرل" پائدار ناهي هستي ـ اها حباب آهي.

(غزل حروف مقطع: هن ۾ گڏيل لفظ کوڙ کونهي)

دل درد ۾ آزرد آه، ڏي درد لءِ دارون دوا،
اڄ آس ۽ نه راس آه، ڏي ذوق لءِ ذرڙي دوا.

وه آس آ ان اک ۾، ۽ درد ۾ آزار آه،
اک آس ڏي رک اي ادا، ريءَ آس نه دارون دوا.

ري زور آه دل دور آه، اڄ روج ۾ دل زور آه،
دل درد ۾ داغدار آه، ان داغ لءِ دارون دوا؟

روز رات آ روج راڙ آه، ۽ ورهه ۾ آرام نه آه،
ان درد ۾ آزار آه، آزار لءِ آزي دوا؟

دل درد لءِ دارون دوا، وه واه آهي ورهه ۾،
وٺ وات "شيرل" اڄ روا، ڏس ورهه ۾ آهي دوا.

*

(پٽو سوال جواب)

چيم ته "يار غم آهه"، چيائين ته "ليٽ لهندو"،
چيم ته "وصل ٿيندو؟" چيائين ته "ڪي نه سگهندو"!

چيم ته "قصد کهڙو؟" چيائين ته "جيئن نيلوفر"،
چيم ته "ڪول مک ڪي"، چيائين ته "پوڙهر پلندو"!

چيم ته "رت بهاري!" چيائين ته "خوب معلر"،
چيم ته "بلبل اڄ-" چيائين ته "گل لءِ ايندو".

چيم ته "گل سان آهي-" چيائين ته "خار شامل"،
چيم ته "وصل ڪيئن ٿئي؟" چيائين "طواف ٿيندو"!

چيم "شمع سان ڇا آهي؟" چيائين ته "گرد ڪاري"،
چيم "پتنگ ڦري ٿو"، چيائين "شهيد ٿيندو"!

چيم "گدا ٿي ايندس"، چيائين ته "کهڙو احتياج"،
چيم ته "بيڪ گهرجي"، چيائين ته "دان ٿيندو".

چيم ته "آرزو آهه"، چيائين ته "صاف ٿي تون"،
چيم ته "ڪوئي ديدار"، چيائين ته "شيرل، ٿيندو!"

مقبول صديقي

رحيمداد خان مولائي شيدائي

مير رحيمداد خان (مولائي شيدائي)، بن شيرمحمد خان، بن مير رحيمداد خان، بن مير محمد جمع خان، اصل بلوچستان ۾ مستونگ جي ويجهو هڪ ڳوٺ جو رهاڪو آهي. اتي مير محمد جمع خان (سندس تڙ ڏاڏو) کي انعاماتي زمين مليل هئي (۱)، جنهن تي سندن گذر سفر هوندو هو. سن ۱۸۳۹ع ۾، ٻهرين افغان جنگ وقت، انگريزن، کابل فتح ڪرڻ کان پوءِ، جنرل ڪلشائر کي توپخاني سميت قلات تي چاڙهي مڪو. ان لڙائيءَ ۾ مير محراب خان ثاني، ٽيهو سلطان والگر وڙهندي "ميريءَ" (۲) تي شهيد ٿيو، ۽ انگريزن مير شاهنواز خان کي ناجائز طور تخت تي ٽاڪيو. انگريزي فوجن، ويندي ۽ ايندي، بلوچستان کي ايتريقدر تہ لٽيو جو قلات علاقي جي اقتصادي حالت نهايت خطري ۾ پڄي ويئي: امير سُڃا ٿي وبا، ۽ سڃا بکن ۾ ساهہ ڏيڻ لڳا. الهيءَ ابتريءَ ۽ افراتفريءَ سببان، ڪيترا بلوچ ۽ بروهي، قلات ڇڏي، روزگار جي تلاش لاءِ سنڌ ڏانهن روانا ٿيا. مولائي صاحب جو ڏاڏو مير رحيمداد خان ٻڌ وطن مالوف کي خيرباد چئي سنڌ ڏانهن آيو، ۽ اچي سيوهڻ جي شهر ۾ وارد ٿيو. اهڙيءَ طرح، قدرت هڪ مايہ ناز هستي قلات کان سنڌ موڪلي ڏني. اتي ڪجهہ وقت اتان جي عباسي قاضين وٽ مهمان ٿي رهڻ کان پوءِ، ڪوٽڙيءَ جي ڀرواري ڳوٺ "نالڪي جي لبن" ۾ اچي قيام ڪيائين. اتي اڄيئي کي بروهي رهندا هئا، جن منجهان هڪ عورت سان شادي ڪري ويهي رهيو. مولائي صاحب بروهين جي شهوائي (۳) سهري زئي قبيلي جو فرد آهي.


---

(۱) ان وقت جيڪي بلوچ والنٽيئرن جي حيثيت ۾ جهاد ڪرڻ ويندا هئا، تن کي قلات جا نواب زمينن جا ٽڪر انعام طور ڏيندا هئا. اهڙين زمينن کي "انعاماتي زمين" چئبو هو، جو تہ انهن زمينن تي ڏل معاف هوندي هئي. مولائي صاحب جي تڙ ڏاڏي مير محمد جمع خان ۽ مير محمد نصير خان جي فوج سان سن ۱۸۶۱ع ۾، پاڻيپٽ جي ٽين جنگ ۾، مرهٽن خلاف جهاد ڪيو هو. هن بيان سان، ۽ اڳتي هلي، ظاهر ٿيندو تہ مولائي صاحب جا وڏا سپاهي پيشہ هئا. (۲) "ميري" دربار جي انهيءَ چبوتڙي کي چوندا آهن، جنهن تي "خان" جي خاص ڪرسي رکيل هوندي آهي؛ "خان" انهيءَ ڪرسيءَ تي ويهندو آهي، ۽ ٻيا سڀ سردار هيٺ ويهندا آهن. (۳) بروهين ۾ شهوائي ۽ رئيسائي، اصل افغان نسل سان آهن. قلات جو جهنڊو اڄ شهوائي قبيلي وٽ هو، جنهن سببان ان قبيلي کي "خواجہء بيرق" (علمبردار) سڏيندا هئا؛ بعد ۾ قلات جو جهنڊو رئيسائين وٽ آيو.

مولائي صاحب جو والد بزرگوار، مرحوم ميرشيرمحمد خان، "نانگي جي لين" ۾ ڄائو هو. جڏهن انگريزن سن ۱۸۴۳ع ۾ سنڌ فتح ڪئي، تڏهن ميرر رحيمداد خان بلوچي پلٽڻ ۾ پرتي ٿيو، ۽ مولائي صاحب جو نانو ميرسردارخان پڻ "آٽ-پاتري" (Camel-corps) ۾ پرتي ٿيو. سنڌ ڏانهن هجرت ڪري اچڻ سبب کين هڪڙو فائدو هيءُ به حاصل ٿيو، جو مولائي صاحب جو والد ماجد اسڪول جي تعليم حاصل ڪرڻ لڳو، ۽ تعليم ملهل سبب، جڏهن ڪراچيءَ کان ڪوٽڙيءَ تائين ريلوي لائين شروع ٿي، تڏهن هن کي لوڪوشيد ۾ فائرمئن جي نوڪري ملڻ ۾ ڪوبه اڪاڻ ڪونه ٿيو. ان عرصي ۾، ميرر رحيمداد خان به حوالداريءَ جي عهدي تي پهچڻ کان پوءِ فوج مان رٽائر ٿي ويو هو. پي افغان ويڙهه وقت جڏهن ريلوي لائين ڪوئٽا تائين پهچي وئي هئي، تڏهن مولائي صاحب جو والد بزرگوار ميرشيرمحمد خان فائرمين مان ترقي ڪندي وڃي انجن ڊرائيور جي عهدي تي پهتو. ان کان پوءِ، جڏهن ريلوي لائين کي ملتان سان گڏيو ويو، تڏهن ميرشيرمحمد خان کي بدلي ڪري جي انجن شيڊ ۾ رکيو ويو. ڪيس خدا تعالي ان وقت ۾ پٽ عطا ڪيا هٿا، ۽ اهي طفليءَ ۾ ئي فوت ٿي ويا. ان اندوهناڪ حادثي کان پوءِ ميرشير محمد خان گهڻو مغموم ۽ پريشان رهندو هو، ۽ اڪثر پيرن فقيرن کان اولاد لاءِ دعائون گهرندو وتندو هو.

ميرر رحيمداد خان مولائي شيدائي، سنڌ جي پوڙهي مؤرخ، سن ۱۸۹۴ع ۾، سکر ۾ هڪ پروچڪي جهوپڙيءَ اندر جنم ورتو. ان جيڏن ته ستن مهينن جو چاول هو، تنهنڪري تمام نحيف ۽ ڪمزور هو ۽ ايڏا ڪيون به ڪونه ڪوليون هٿائين ـ ايتريقدر جو هن کي ڪهڙ ۾ ويڙهي ڪٽندا هٿا. هڪڙي دفعي مولائي صاحب جو والد سماع جي ڪنهن مجلس ۾ محو هو، ته اوچتو سندس هڪڙي پاڙيسريءَ اچي ڪيس خبر ڏني ته مولائيءَ اڪيون ڦيرون آهن ۽ سندس حالت بلڪل بدلجي وئي آهي. مولائي صاحب جو والد گهبرائجي ان محفل مان اٿڻ لڳو، ته ايتري ۾ هڪ مجذوب فقير، جو ان محفل ۾ موجود هو، تنهن چيس ته "مڙئي خير ٿيندو، چوڪري جي عمر وڏي آهي ۽ تون محفل مان وڃ جي نه ڪر". ميرشير محمد خان، مجذوب جي چوڻ تي يقين ڪري ويهي رهيو. مجلس ختم ٿيڻ کان پوءِ جڏهن گهر پهتو، ته ننڍڙي "مولائي" کي بلڪل چاڪ چوبند ڏٺائين.

مولائي صاحب جي والده جي مرضي هئي ته سندس سڪيلڏو فرزند "مولوي" ٿئي؛ چو ته انهن ڏينهن ۾ ملن ۽ مولوين کي وڏي قدر ۽ عزت جي نگاهن سان ڏٺو ويندو هو. ان ڪري، مولائيءَ کي غريب آباد سکر ۾ آخوند خدا بخش ابڙي جي مدرسي ۾ داخل ڪيو ويو، جتي هن "قاعده بغدادي" پورو ڪيو. پر جيڏن ته آخوند صاحب جلد ئي وفات ڪري ويو، تنهنڪري مولائي کي پوءِ آخوند عبدالحڪيم پٽڻي جي مدرسي ۾ داخل ڪيو ويو، جيڪو ان وقت غريب آباد جي مشهور "اڇي مسجد" سان شامل ۽ ملحق هوندو هو. اتي قرآن شريف جا ڏهه سيپارا ختم ڪري، ايڏا "ڪريما" ۽ "پندنامه عطار" سمي شروع ڪيو هٿائين، جو



رحيمداد خان مولائي شيدائي

سندس والد هن کي اتان کڍي اچي سنڌي اسکول ۾ ويهاريو؛ جو ته سندس والد بزرگوار ويچارڻ کان ٻوڙ اهوئي بهتر سمجهيو ته چوکري کي جديد تعليم ڏيارجي. جيئن ته سندس والد مذهبي تعليم جو ٻڍ حامي هو، تنهنکري پاڙي جي هڪ پوڙهيءَ عورت کي مقرر ڪيائين، جا روز اچي مولائيءَ کي قرآن حڪيم جي تعليم ڏيئي ويندي هئي. جيئن ته مولائي هاڻي عربي ۽ فارسي زبان مان کي قدر واقف ٿي چڪو هو، تنهنکري سنڌي تعليم حاصل ڪرڻ ۾ هن کي ڪا رندڪ نه ٿي. سنڌي چوٿين درجي ۾ پهچڻ کان ٻوڙ، مولائيءَ کي مطالعي جو شوق پيدا ٿيو، جيکو کجهه عرصي کان ٻوڙ ته صفا جنوني ڪيفيت اختيار ڪري ويو. حالت اها هئي جو گهران جيڪا به خرچي ملندي هيس، اها ڪتابن جي خريديءَ تي صرف ڪري ڇڏيندو هو. تن ڏينهن ۾ مسٽر ٻوڪرداس شڪارپور واري ۽ هريسنگهه سکرواري جا ٻه ڪتبخانا سنڌ ۾ مشهور هئا، ۽ انهن ڪتبخانن جا گهٽي پاڳي ڪتاب لاهور جي ليٿو پريس مان ڇپايا ويندا هئا؛ انهن ڪتبخانن جي ڇپايل ڪتابن مان مولائي صاحب کي جيڪي به ڪتاب سٺا لڳا اهي سڀ آهستي آهستي خريد ڪري انهن جو مطالعو ڪرڻ لڳو. ان زماني ۾ مولائي صاحب فقط افسانوي ڪلاسيڪي ادب ۽ نيم تاريخي قصن ڪهاڻين سان ئي شغف رکندو هو ۽ انهن جوئي اڀياس ڪيائين- جهڙوڪ الف ليلي، گل بڪاؤلي، داستان امير حمزه، فسانه عجائب، ليلي مجنون، يوسف زليخا، وغيره وغيره. الهن ڪتابن مان مولائي صاحب جو سڀ کان وڌيڪ پسنديده ڪتاب "داستان امير حمزو" هو- ۽ آهي. مولائي صاحب جي چوڻ مطابق هن اهو ڪتاب ايترا دفعا پڙهيو، جو ڪيس ياد نه آهي ته ڪيترا دفعا "پڙهائي" چڪو آهي. (ممڪن آهي مولائي صاحب هن وقت به ڪڏهن ڪڏهن ان ڪتاب کي پڙهندو رهندو هجي، جو ته راقم الحروف اهو ڪتاب سندس لئبريريءَ ۾ موجود ڏٺو آهي!).

علم تاريخ سان شوق جي ابتدا. چار درجا سنڌي پاس ڪرڻ کان ٻوڙ، مولائي صاحب سکر جي اينگلو ورنيڪيولر اسکول ۾ داخلا ورتي، جتي هن ڇهين درجي انگريزيءَ تائين تعليم حاصل ڪئي. چوٿين درجي انگريزيءَ ۾ سندس تاريخ جو استاد مسٽر هيمراجاڻي ٿلهيءَ وارو- جو راءِ بهادر ديوان ڪوڙيمل جو ڏاڏو هو- مولائي صاحب جي تاريخدانيءَ ۽ سندس تحقيقي جوهر کي ڏسي ڪيس خانگي وقت ۾ تاريخون پڙهائيندو رهيو، ۽ مسٽر جهامنداس ڊرائينگ ٽيچر، مولائي صاحب جي هٿ جي صفائيءَ کي ڏسي، ڪيس والدڪائيءَ جي وقت پنهنجي گهر ۾ ڊرائينگ سيکارڻ لڳو. الهن ڏينهن ۾ اسکولن ۾ مدرسن جا استاد جڏهن ڪنهن شاگرد کي ڪنهن مضمون ۾ پڏ ڏسندا هئا، ته ان سان نهايت پيار ۽ پريت وارو ورتاءُ ڪندا هئا، ۽ کين سواءِ ڪنهن آجوري وٺڻ جي وڌيڪ چمڪائڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. اوهان اهو پڌي شايد اچرج ۾ پئجي وجو ته پنجين درجي انگريزيءَ ۾ مولائي صاحب کي سندس تاريخ جي استاد مسٽر هيمراجاڻي، آرچيبالڊ ايليسن جا انقلاب فرانس متعلق سڀ جلد، ۽ جي. بي. مالليسن جي لکيل تاريخ "غدر ۱۸۵۷ع" جا سڀ جلد پڙهايا هئا. ن طالبعلميءَ جي زمالي ۾ به

مولائي صاحب کي علم تاريخ تي ايتري دسترس حاصل هئي، جو سالياني امتحان جي وقت، ممتحن، تاريخ جي جوابي پيپر تي، مارکن ڏيڻ بجاءِ، Excellent لکندا هئا!

اخبار ۽ کتب بينيءَ جو شوق. مولائي صاحب کي اسکولي زندگيءَ کان وٺي کنان ۽ اخبارن جي باقاعدي مطالعي جو شوق هو. هو پنهنجي وقت جو وڏو حصو مطالعي تي صرف کندو هو. هن وقت، جڏهن مولائي صاحب جي عمر ٽيهٽ ورهيه آهي، تڏهن به جڏهن راقم الحروف سندس خدمت ۾ حاضر ٿيندو آهي تہ کيس کنهن نہ کنهن اخبار يا کتاب جي اڀياس ۾ مشغول ڏسندو آهي—۽ اهوئي هڪڙو شغل آهي، جنهن جي مدد سان هو پنهنجي باقي زندگيءَ جي هر ڏينهن جي صبح کي شام جي ويجهو پهچائيندو رهي ٿو.

طالبعلميءَ جي زماني ۾ مولائي صاحب جن سنڌي اخبارن کي وڌيڪ دلچسپيءَ سان پڙهندو هو، اهي هيون "الحق" ۽ "آفتاب"، جي ٻئي سکر مان شايع ٿيندا هيون، ۽ "آفتاب" جو ايڊيٽر، سنڌ جو مشهور معروف اديب ۽ شاعر، مرحوم شمس الدين "بلبل" هو. مٿين ٻنهي اخبارن کي سواءِ کجهہ خرچ جي پڙهڻ جو موقعو ميسر ڪرڻ خاطر، مولائي صاحب انهن اخبارن جي دفترن ۾ ڇڻڻ ۽ آڻڻ جي ڏينهن وڃي بنا اجوري ڪم کندو هو. ان کان سواءِ، هو سکر جي مشهور جنرل لئبريريءَ ۾ ٻہ روز شام جو ويندو هو، ۽ وڃي ڏيهي توڙي پرڏيهي سڀني اخبارن جو باقاعدي مطالعو کندو هو. جنرل لئبريريءَ ۾ ان وقت انگريزي زبان ۾ ٽي پنج هزار کن کتاب موجود هئا، ۽ اتي باهرين ملکن جون سڀ اخبارون ۽ رسالا باقاعدگيءَ سان ايندا رهندا هئا. مولائي صاحب جي اخباربينيءَ جي شوق جو اندازو هن ڳالهہ مان ٻہ لڳائي سگهجي ٿو جو هو ان زماني ۾، پنهنجي خرچيءَ مان پئسا جوڙي، يوروپين ريلوي انسٽيٽيوٽ لئبريري ۽ سول يوروپين انسٽيٽيوٽ سکر جي لئبرين کي منٽ ميڙ ڪري، ڪائنس گهٽ قيمت تي پراڻا انگريزي رسالا ۽ مخزنون خريد ڪري ايندو هو، ۽ فراغت جو سمورو وقت گهر ۾ ويهي انهن کي پڙهندو رهندو هو!

اخبارون ۽ رسالا پڙهڻ ذريعي حالات حاضره جي مطالعي ۽ مشاهدي ڪرڻ سان گڏوگڏ، مولائي صاحب ماضيءَ جو مطالعو ٻہ زورشور سان جاري رکندو آيو—يعني تاريخ جي ڪتابن کي ٻہ خوب گهوڙي پيئندو رهيو. ائين ٻہ نہ آهي تہ هو صاحب فقط علم تاريخ حاصل کندو رهيو ۽ صرف اهڙي قسم جي خشڪ ڪتابن جو ئي ڪيڙو هو، پر ان سان گڏ هو گاهي ٻگاهي، تفنن طبع خاطر، افسانوي ادب ٻہ پڙهندو رهيو، جنهن جو ذڪر مٿي ٻہ ڪنهن هنڌ اڳي ڇڪيو آهي. اهڙي قسم جي افسانوي ڪتابن مان "داستان امير حمزه" سندس پسنديده ترين ڪتاب رهيو آهي. خود مولائي صاحب هڪ دفعي چيو هو تہ "اهوئي ڪتاب آهي، جنهن پهريائين منهنجي طبع جي رجحان کي علم تاريخ ڏانهن موڙيو، ۽ منهنجي مؤرخ بنجڻ جو ابتدائي محرڪ شايد اهوئي ڪتاب آهي". (آهي مڙئي کجهہ عجب جهڙي ڳالهہ!)

ريلوي جي ملازمت. سن ۱۹۱۳ع ۾، ڇهه درجا انگريزي پڙهڻ کان پوءِ، مولائي صاحب، اسکول کي خيرباد چئي، وڃي روهڙيءَ جي انجمن شيد ۾ فائرمئن پرتي ٿيو، جتان هن کي ستت ئي ترقي ڏيئي ريلوي ٽرئفڪ کاتي ۾ ٽرين-ڪلارڪ مقرر ڪيو ويو. مولائي صاحب جيئن ته جسماني طور مضبوط ۽ خوبصورت نوجوان هو، تنهنکري ڪجهه عرصي گذارڻ کان پوءِ ڊسٽرڪٽ ٽرئفڪ آفيسر کيس اڃا به ترقي ڏيئي، روهڙي اسٽيشن تي ۶۵ روپين پگهار سان يارڊ-فورمئن مقرر ڪيو. اهڙي لموني، وقت گذرڻ سان گڏوگڏ مولائي صاحب نوڪريءَ ۾ به ترقي ڪندو رهيو، ۽ يارڊ-فورمئن مان سيڪنڊ گارڊ، ۽ پوءِ فرسٽ گارڊ مان وڃي گارڊ جي عهدي کي رسيو.

مولائي صاحب جنهن صورت ۾ پاڻ به هڪ مزدور مان وڌندي وڃي ان حيثيت کي پهتو هو، ۽ جيئن ته هو مزدورن جي مسئلن مان چڱيءَ ۾ واقف هو ۽ انهن جي تڪليفن جو هن کي احساس هو، تنهنکري پنهنجي ملازمت جي سموري عرصي ۾ ڪيس ريلوي جي مزدورن ۽ بين هيٺانهين درجي جي ملازمن سان دلي همدردي رهي. هو انهن جي وقتي ضرورت کي پوري ڪرڻ کان هرگز ڪين ڪيهائيندو هو، ۽ الهن جي هرطرح امداد ۽ دلجوئي ڪرڻ پنهنجو اولين فرض تصور ڪندو هو. ايتريقدر، جو انهن کي درخواستون به پاڻ هٿ سان لکي ڏيندو هو. نه صرف اهو، پر الهن جي سفارش ۽ وڪالت ڪرڻ لاءِ بالا آفيسرن وٽ بنا ڪنهن ڊپ ڊاڻ جي پاڻ ڏوکي ويندو هو، ۽ مراد ثواب نه ٿيڻ جي حالت ۾، ڪڏهن ڪڏهن ته انهن سان چوٽون به کائي ويهندو هو. ان ڪاري ۾ سندس دوست ڪي ڪهڙوئي سمجهائيندا هئا، پر مولائي مڙس آهي هڪ خاص قسم جي مٽيءَ جو ٺهيل، سو ڪئي ٿو مڙي! سندس اها روش ملازمت جي سڄي عرصي ۾ نه بدلي. مولائي صاحب ريلوي جي مزدورن ۾ ايترو ته معزز ۽ مقبول رهيو، جو هو جنهن به اسٽيشن تي پهچندو هو ته ريلوي جا هوڻي مزدور هلي اڇي سندس آڇيان ڪندا هئا. باقي، ريلوي جا اڪثر بالا عملدار سندس جولاني طبيعت سبب سندس مخالف هوندا هئا- پر ڪانئس خائف رهڻ سبب آهي ان جو ڪليل اظهار به نه ڪندا هئا. اهڙي نا اتفاقيءَ هوندي به ريلوي جي عملدارن ۾ مولائي صاحب ڪمال عزت سان ڏئو ويندو هو، ۽ ڪين مڃس پورو پورو اعتماد رهيو. جڏهن انگلنڊ کان ڪو وفد يا شاهي خاندان جو ڪو فرد هندوستان ايندو هو، ته ريلوي اختياري وارا انهن جي اسپيشل ٽرين ۾ خاطرخواهه ۽ معقول انتظام رکڻ لاءِ مولائي صاحب کي به ضرور صلاحڪار ڪري ڪٺندا هئا- مثلاً، لائڊ بيراج کلڻ وقت گورنر جي اسپيشل ٽرين سان مولائي صاحب کي ئي لڳايو ويو؛ هندوستان جو وائسراءِ لارڊ اِروِن جڏهن جهجها عباسيان (رياست بهاولپور) ۾ شڪار کيڏڻ آيو، ته سندس اسپيشل ٽرين سان مولائي صاحب کي لڳايو ويو؛ پرنس آف ويلس (جو هوءِ ايڊورڊ اٺين جي نالي سان تخت تي ويٺو) جڏهن راولپنڊيءَ ۾ رايل ٽورنامينٽ

کيڏن آيو، ته ان جي اسپيشل ٽرين سان مولائي صاحب گڏ هو؛ ۽ وري جڏهن سائمن ڪميشن ڪراچي پهتي ته سندن اسپيشل ٽرين سان به مولائي صاحب کي ئي لڳايو ويو. انهن ٻورڻ مثالن مان واضح ٿي وڃي ٿو ته ريلوي اختياريءَ وارن کي مولائي صاحب تي ڪيترقدر اعتماد هو، ۽ سندس لياقتن ۽ اهليتن کان اهي ڪيترقدر متاثر هئا.

شادي. مولائي صاحب، سن ۱۹۱۹ع ۾، جڏهن هو اڃا بارڊ-فورسٽن جي عهدي تي هو، شادي ڪئي. ان شاديءَ مان ڪيس جملي ڇهه ٻار ٿيا، پر رب جي رضا سان اهي سڀ هڪٻئي پٺيان فوت ٿي ويا. ڪجهه عرصي کان پوءِ سندس گهر واريءَ به چالاڻو ڪيو. ان کان پوءِ مولائي صاحب ٻي شادي ڪئي، جنهن مان هڪ نياڻي پيدا ٿي، جا خدا جي فضل سان حال حيات آهي؛ باقي نرينو اولاد ڪونه ٿيو. البت ڪيس ۾ اڳ-جاوا فرزند آهن، جي ٻئي لائق فائق ۽ تمام چڱن عهدن تي فائز آهن؛ مولائي صاحب سان سندن ورتاءُ نهايت ئي فرمانبردارانه ۽ برخورداراڻه آهي.

"مولائي شيدائي" نالو ڪيئن ٻيو. ريلوي گارڊيءَ جي زماني ۾، مولائي صاحب پنهنجي فرصت جون گهڙيون سڪر جي اخبار "ستاره سنڌ" جي آفيس ۾ پير علي محمد شاهه راشديءَ وٽ گذاريندو هو، جو ان اخبار جو ايڊيٽر هو. هڪ دفعي "ستاره سنڌ" جي آفيس ۾ مولائي صاحب جڏهن پير علي محمد شاهه راشدي، پير حسام الدين شاهه راشدي ۽ مولانا دين محمد صاحب وفائي مرحوم سان ڪچهري ڪري رهيو هو، ته ڪالهين ڪالهين ۾ پير علي محمد شاهه راشديءَ، مولائي صاحب کي صلاح ڏني ته جيئن ته هو هڪ سرڪاري ملازم هوندي اخبارن ۾ مضمون لکي رهيو آهي، جا ڪالهه حڪومت جي نظر ۾ ڪنهن حد تائين اعتراض جوڳي آهي، تنهنڪري وقت جي تقاضا اها آهي ته هو پنهنجي اصلي نالي سان اخبارن ۾ طبع آزمائي ڪرڻ بدران ڪو فرضي نالو اختيار ڪري. وقت جي نزاڪت کي ڏسندي، جيئن ته راشدي صاحب جي اها تجويز نهايت ئي معقول هئي، تنهنڪري مولائي صاحب قبول ڪئي، ۽ ان سان گڏ ڪين پنهنجي لاءِ ڪو فرضي نالو تجويز ڪرڻ لاءِ ٻڌ استدعا ڪيائين. ان تي پير علي محمد شاهه راشديءَ، سندس فقيراڻه ۽ دلچسپ طبيعت کي مدنظر رکي، هن لاءِ "مولائي" جو تخلص تجويز ڪيو؛ پير حسام الدين شاهه راشديءَ جو خيال هو ته هن لاءِ "شيدائي" تخلص وڌيڪ موزون رهندو؛ مگر هڪڙو مولانا دين محمد وفائي مرحومڙئي هو، جنهن جي دماغ ۾ گهٽي ويڇار ڪرڻ ڪان پوءِ به مولائي صاحب لاءِ ڪو پيو موزون تخلص نه آيو. هوڏانهن وري راشدي برادران ڪنهن به هڪ تخلص تي متفق ٿيڻ لاءِ تيار نه هئا، ۽ هرهڪ پنهنجيءَ جاءِ تي هوڏيو ٻيٽو هو، تنهنڪري ان تنازعي کي طي ڪرڻ لاءِ مولانا دين محمد صاحب وفائي مرحوم پنهنجي طرفان رٽ پيش ڪئي ته 'جو نه ٻئي تخلص اختيار ڪيا وڃن - يعنيٰ "مولائي شيدائي"'. اها رٽ سڀني ڏرين کي پسند آئي، ۽ ان ڏينهن کان مير رحيمداد خان جو قلمي نالو ڦري "مولائي شيدائي" ٿي ويو.

اخبارن ۽ رسالن ۾ مضمون لکاري. سن ۱۹۳۰ع ۾، هندن طرفان هلايل سنگٹن ۽ شدي تحريڪ واري زماني ۾، جڏهن مولانا دين محمد وفائي ڪراچيءَ مان رسالو "توحيد" جاري ڪيو، تہ مولائي صاحب جا تاريخي مضمون ۽ مقالا پهرين پهرين ان ۾ شايع ٿيڻ لڳا، ۽ اهوئي رسالو هو، جنهن مولائي صاحب جي شهرت جو شعاع هرهنڌ پکيڙي ڇڏيو. انهن ڏينهن ۾ هڪ هندو اخبار لکيو تہ شهنشاهہ شاهجهان جي راڻي ممتاز محل 'هندواڻي' هئي. ان سلسلي ۾ مولانا وفائي مرحوم، بذات خود مولائي صاحب جي گهر (روهڙيءَ ۾) پهچي، ڪائنس ممتاز محل جي باري ۾ هڪ مضمون لکرايو، جو بعد ۾ "توحيد" ۾ شايع ڪيائون. ان مضمون سنڌ جي مسلمان عوام ۾ ايتريقدر تہ مقبوليت حاصل ڪئي، جو هنن مولائي صاحب جي تعارف لاءِ "توحيد" کي خطن متان خط لکڻ شروع ڪري ڏنا. آخر عوام جي پرزور تقاضا کان مجبور ٿي، مولانا دين محمد صاحب وفائيءَ، مولائي صاحب جو هيٺين لفظن ۾ تعارف ڪرايو:

"شيدائي صاحب، منهنجو هموطن، سکر جو رهاڪو نوجوان آهي. هن ڪي تمام گهٹي عرصي کان اسلامي تاريخ جي مطالعي جو شوق رهندو ٿي آيو—تان جو پنهنجي تنخواهہ جو وڏو حصو تاريخ جي ڪتابن جي خريد ڪرڻ ۽ فراغت جو وڏو حصو ڪتابن جي مطالعي ڪرڻ ۾ خرچ ڪيو اٿس. پن ٽن سال کان وٺي هو اسلامي بادشاهن ۽ اسلامي ملڪن جيي سنڌي زبان ۾ تاريخ لکي رهيو آهي. هن وقت هن هڪ وڏو جلد بني اميہ ۽ بني عباس جي حالات تي لکيو آهي، جو تاريخي نقطہ نظر کان هڪ بينظير ۽ بيحد جامع ڪتاب آهي. الله تعالىٰ اسان جي دوست شيدائيءَ کي پنهنجي ارادي ۾ ڪامياب فرمائي! ڏاڍي قدر ڪرڻ جي لائق خدمت ڪري رهيو آهي. مولائي شيدائي 'توحيد' لاءِ وقت بوقت تاريخي مضمون لکڻ جو واعدو فرمايو آهي، جن مان پهريون مضمون فبروري ۱۹۳۴ ۾ ممتاز محل تي ڇپرو ٿي چڪو آهي. هن پرچي ۾ سنڌولديءَ تي مضمون اوهان جي سامهون آهي. مون کي يقين آهي تہ اڳ سنڌي زبان جي دامن اهڙن مضمونن کان خالي رهندي ائي آهي."

("توحيد"، ڪراچي: اپريل، ۱۹۳۴ع)

مولائي صاحب جو مٿين نمونو تعارف ڪرائي، مولانا وفائي مرحوم "توحيد" جي پڙهندڙن ۽ مولائيءَ جي معتقدن کي مطمئن نہ ڪري سگهيو، جنهنڪري انهن مولائي جي وڌيڪ تعارف جي پُرزور ڪوشش ڪئي. مولانا وفائي مرحوم پيو دفعو مولائي صاحب جو تعارف هن طرح ڪرايو:

"حضرت مولائي صاحب بابت ڪيترن صاحبن پاران پڇيو ويو آهي تہ هو ڪير آهي، ۽ ڪهڙو ڏلڏو ڪندو آهي. ان بابت گذارش آهي تہ رحيمداد خان نالي، سکر جو رهاڪو، اسان جو هموطن، هڪ مرد مولائي قلندر آهي، جو علم تاريخ جي شوق ۾ شيدا ٿيل آهي. ريلوي جي ملازمت ۾ هفتي ۾ چار ڏينهن سفر ۾ ڊڪ ڊوڙ ۾ رهڻ هوندي بہ جيڪو وقت ڪيس والدڪائي لصيف ٿيندي آهي، سو مورو ڪتابن

جي مطالعي ۽ مضمونن لکڻ ۾ خرچ کندو آهي. هن جي جيتري به آءت آهي، ان مان عيالداريءَ جي قُوت لا يموت کان جيکا به بچت ٿيندي اٿس، سا کتابن جي خريد ڪرڻ ۾ لڳائي ڇڏيندو آهي، جن جو وڏو حصو فقط تاريخ تي آهي. شيدائي ايترقدر تاريخدان آهي، جو هوند ڪيس 'مجسمئه تاريخ' چئجي ته بلڪل روا آهي. سنڌ ۾ شيدائيءَ جي هايي جا علمي مذاق رکندڙ ۽ علمي زندگي گذارڻ وارا تمام ٿورا آهن. اسان هڪو ارادو ڪيو آهي ته 'توحيد' جا صفحا شيدائيءَ جي تاريخي مضمونن لاءِ کليا رکيا ويندا."

("توحيد"، ڪراچي: آڪٽوبر، ۱۹۳۴ع.)

ان واقعي کان اڳ هڪ ورهيه اڳ، پير علي محمد شاهه راشديءَ، سکرمان پنهنجي زبرادارت نڪرندڙ اخبار "سنڌ زميندار" ۾، مولائي شيدائي صاحب جو هيٺينءَ ريت تعارف ڪرايو هو:

"عام مؤرخن پنهنجي ڪتابن ۾ فقط بادشاهن جي جنگين جي احوالن ڏيڻ سان انهن تصنيفن کي فقط 'جنگنامو' بڻائي ڇڏيو آهي؛ مگر شيدائيءَ، تير ۽ تفنگ جي قصي سان گڏ، هر هڪ زماني جي ماڻهن جي سوشل ۽ پوليٽيڪل حالت، ماڻهن جي ذهني رجحان ۽ مذهبي اعتقادن تي به بحث ڪيو آهي. قومن ۽ ملڪن جي تاريخن کي اوستائين مڪمل چئي نه سگهبو، جيستائين بادشاهي جنگين سان گڏ الهن ڳالهين جو احوال نه ڏنو ويو هوندو. اسين خوشيءَ سان ان ڳالهه جي تصديق ڪيون ٿا ته شيدائي صاحب ان نڪتئ اهميت کي پوريءَ طرح محسوس ڪيو آهي."

("سنڌ زميندار"، سکر: ۱۵ نومبر، ۱۹۳۳ع)

اهڙيءَ طرح، مولائي شيدائي جي تاريخدانيءَ جي شهرت هڏين ماڻهين پکڙجي ويئي، ۽ ان زماني کان وٺي اڄ تائين هر سنڌي اخبار يا رسالي لاءِ سندس مضمون يا مقالو باعث فخر سمجهيو ويندو آهي ۽ هر علم دوست ان جي مضمونن کي نهايت دلچسپيءَ ۽ ذوق شوق سان پڙهندو رهي ٿو. سندس شهرت جي حد اتي ختم نٿي ٿي وڃي، پر پاڪستان جا معياري علمي اردو رسالا ۽ مخزنون به سندس پُرمغز علمي ۽ تحقيقي مضمون ۽ مقالا وڏي فخر سان شايع ڪن ٿيون ـ بلڪ بلوچستان جي اڪثر سنڌي ۽ اردو رسالن مولائي صاحب کي 'علامه' تسليم ڪيو آهي. اهو وڏاءُ نه آهي: بلوچستان جا علم دوست حضرات ۽ صحافي، مولائي صاحب کي علامه جي لقب سان نوازڻ ۾ هن طرح حق بجانب آهن، جو اها هڪ حقيقت آهي ته بلوچستان جي تاريخ سان جيتري واقفيت مولائي صاحب رکي ٿو، اوتري ڪو ٻيو ورلي رکندو هوندو. هن وقت ته مولائي صاحب سياسي قسم جا مقالا به لکڻ شروع ڪيا آهن، جي ڏاڍ دلچسپيءَ کان خالي نه هوندا آهن.

ملازمت کان رٽائر. مولائي صاحب سن ۱۹۳۹ع ۾ نوڪريءَ کان رٽائر ڪيو. ڪيس هراويدلت فنڊ وغيره جا اٺ هزار روپيا مليا، جن مان هن صاحب سکر جي هڪ لئبريدار ڪريءَ

King,s Hill جي برسکون ايراضيءَ ۾ پنهنجي هڪ ننڍي ۽ عمدي جاءِ جوڙائيي، ۽ کجهہ رقم پارن جي شادين تي خرچ ڪري ڇڏي. مولائي صاحب هن وقت ۾ ان جاءِ ۾ رهندو آهي.

شعر و شاعري. مولائي صاحب کي شعر و شاعريءَ سان شاگرديءَ واري زماني کان وٺي لڳاءُ رهيو آهي. ان زماني ۾ وقت جي مشهور سنڌي خواهہ اردو شاعرن جو چيدو چيدو ڪلام گڏ ڪرڻ ۾ سندس شغلن ۾ شامل هو. هن وقت ۾ مولائي صاحب کي تقريباً سڀني اردو خواهہ سنڌي چوٽيءَ جي شاعرن جو کجهہ نہ کجهہ ڪلام ياد آهي.

طالبعلميءَ واري زماني ۾، مولائي صاحب کي سندس هڪ هم-جماعت دوست سيد علي رضا شاهہ ٻمنيءَ (جو هن وقت ۾ حيات آهي، ۽ سکر جي مشهور ۽ ڪامياب ڊاڪٽرن مان هڪ ليکيو وڃي ٿو) وٽان "سخن بي نظير" نالي هڪ ڪتاب مليو، جنهن ۾ ان دور جي مشهور اردو شاعرن جو منتخب ڪلام گڏ ڪيو ويو هو. ان ڪتاب جي ديباچي ۾ شاعريءَ جي فن تي سير حاصل بحث ڪيو ويو هو. ان شعري مجموعي ۽ سندس ديباچي کي ڏيان سان پڙهڻ کان پوءِ مولائي صاحب کي شاعريءَ جي فن بابت تمام گهڻي واقفيت حاصل ٿي، ۽ هو ڪري ڪوڙ شعر ۾ فرق ۽ محسوس ڪرڻ لڳو. ان سان گڏ، مولائي صاحب کي شعر چوڻ جو شوق ٿي جاڳيو، ۽ هن تڪبندي شروع ڪري ڏني. ۽، جيئن ته سندس شعر بلڪل ڪچو ۽ ڪمزور هوندو هو، ان ڪري ڪنهن ۽ دوست سندس همت افزائي نہ ڪئي؛ جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو جيترو جلدي هن ۾ شعر چوڻ جو جنون سوار ٿيو هو، اوترو جلدي ختر ۽ ٿي ويو!

هڪ وڏي عرصي گذري وڃڻ کان پوءِ، ريلوي جي نوڪريءَ واري آخري زماني ۾، ڪيس وري ساڳيو شاعريءَ جو جنون اچي دامنگير ٿيو: ۽ هينئر سندس فڪر ۾ پختگي اچي چڪي هئي، ۽ سندس ڪلام ۾ ادبي حلقن ۾ ساراهيو ويو، جنهن سبب هن ۾ همت وڌي ۽ هو وڌيڪ تيزيءَ سان طبع آزمائي ڪرڻ لڳو. ليڪن اها جنولي ڪيفيت ۽ گهڻي ست نہ جهلي سگهي، ۽ سال ٻن اندر پنهنجو ٻاڻ سرد ٿي ويئي. ان سال ٻن ۾ جي اندر مولائي صاحب جي زودگو طبع جي طفيل ڪافي ڪلام ڪاو ٿي ويو هو. ۽ افسوس جو مولائي صاحب جنهن اهتمام سان شعر چيو، ان اهتمام سان پنهنجي شعر کي سانڍيو ڪونہ، جنهن جي نتيجي ۾ هن وقت سندس شعر جو تمام وڏو حصو غائب يا ضايع ٿي چڪو آهي. مولائي صاحب فقط غزل يا نظم ئي ڪونہ چيا آهن، ۽ شاعريءَ جي ٻين ۽ ڪيترين صنفن تي طبع آزمائي ڪئي اٿس، جن مان ڪافي، بيت، ۽ گيت قابل ذڪر آهن. مولائي صاحب هنديءَ جو ٻڻ ڳوڙهو اڀياس ڪيو آهي، جنهن جو مثال هيٺيان چولڙ سلوڪ آهن، جي رسالي "سنڌو" (جيڪب آباد) ۾ وقت بوقت ڇپجي چڪا آهن.

سجڻ جي وصال جا، آڳ کڙا قول چوان،
ڪيان تان ڪات لڳي، مائيان سول سوان،
توڙي سچ چوان، تہ ۽ مٽيان لڳي لوڪ کي.

گوکل ۽ گرنار جا، سنگ سپئي ٽوڙ،
جي رنگ الدر رتڙيا، تن سان جيءَ جوڙ،
سدن سنوهر سپرين، هيرو جنهر جوڙ،
تان مولي۽ سندو ٻول، ٻڌين ٻيراڳي ٻن ٻر.

جوپن جن جلايا، سي ڪجاڙو ڪنبن؟
هوتر ٽيا پريم سين، سدا ميگهه وسن،
سي ويراڳي چنڊن، جن جوت ٻسي جڳ ٻر.
ٻَسي جوت جڳت ٻر، جُڳ جُڳ سي جيئن،
ٻاڻ پراچيني هٿا، سي ڪلجگ ڪيئن لکن؟
هاڻ هارا سپرين، شل سونهي ساڳ اچن،
مون کي پور ٻون، پل پل تن جي پريم جا.

سرچي ٻنهنجي من سين، وٺ گُروءَ سندو گيان،
تون املهه هئين عميق ٻر، ٻنهنجو ٻاڻ سجاڻ،
تو ٻر وڃن ٻانسريون، سوين ساز سامان،
ميران خاطر من ٻر، هئين ساڳيو سُرت سجان،
جنهن ٽالڪ نوازيا ڪيترا، سو تون ئي سبحان،
تون خالق مالڪ ملڪ جو، تون ڪامل ڪشتيبان،
هوه ڪهڙي ٽمر ڪاڻ، پيو ٻاڏائين ٻين کي؟

جن ٻاڏايو ٻين کي، سي مورک شال مرن،
دهشت سندي دم ڪان، ٽا ڪالٽرا ڪنبن،
مورت ٻسي من ٻر، ٽا "شيدائي" مُرڪن،
سي ڪيئن ٻيک گهرن، جن ٻَنيو ٻاڻ ٻرياڳ ڏي؟

هوتر ٽي ٻرياڳ ٻر، ڇڏي سپني جو سريم،
ٻاڻ ٻڌاري ٻاڻ کي، ساجن ٽيو سڏيم،
آلت اِن اکيم، ٻارس کيو ٻاڻ کي.

آلند رهه اکنڊسين، ڇڏ آوڏيا جو ايمان،
الهي۽ ڪار ڪيرايا ڪيترا، سوين سورهين ٻلوان،
مايا سندي موهه ٻر، توکي سڏکيو مستان،
ٻرشوتم ٻراپت ڪر، شري شڪتيوان،
جيئن هڪڙي چڪر سان، جُڳ جيتين ڪيترا!

ڪٿا ڪيرتن ڪهڙا، ڇڏ ڏکڻ جو ڏوران،
تنهنجي هڪ هوتر لاس ڪها، هاڻ جا هرمان،
ڪشٽن کوماڻيل آهيان، ڪر ڪوهيارل ڪلياڻ،
جڳت تياگڻ سان، هوت هٽ نا اچي.

ڪيرت ڪيي قلب مان، وٺ ليهر سندو نام،
جنهن ڪُنس ڪنهايا ڪيترا، تون گوڪل سندو گام،
هرڪهت ٽئين هرٽوءَ تي، چڏي برهم سندو هام،
هاڻي آڪاشي آڏام، تہ هند ٽٽني هاند جا.

موهن تنهنجي مک جي، ڪهڙي ڪريان واکاڻ،
تو هر مايا موجون هٽي، تون روهي سندي ڪاڻ،
راس رچائي روح هر، هرچي ڏس هاڻ،
ڪيي پيد گمان، درس ڏي دلگير ڪي.

سڪيا وٺي سچ جي، ڪر هرجا ڪي هرچار،
تہ سماجون سڌير ٽين، ڪرپا سان ڪرتار،
سنمک سندر سپرين، ڪو وستر روپ هڏار،
نات! نماڻي آهيان، اچي ڏانگا ڏي لروار،
سُپيشا سڏار، گويشور گرو ڪل جي.

انگ لڳ اڳڙين سين، تنهنجو شاهاڻو شان،
تو ڪيڻ هن وسايو، خاڪي خاڪ مڪان،
تو لرڪس چوڏس ڦلاريا، تولالا تو ريحان،
تنهنجي در تي ديوانا ٿيا، سوين سالڪ سلطان،
توڪي ويدن وبراڪي ڪيو، پيو گيتا جي گيان،
مون ڪي مڌ مستالو ڪيو، پريتر تنهنجي پيمان،
راڌا تنهنجو ڪان، مون ساويرو صحي ڪيو.

ساويرو صحي ڪيو، ڪيي پيائيءَ کي هڪوار،
پيهي ويس هاتار هر، جتي مائڪ لک هزار،
سپيون ڪيهر سوچي، عميقان آن پار،
سپني جي "شيدائي" چوي، سيد لهندو سار،
سنڌڙي ڪين وسار، مورک ڪُوڙي موهه هر.

مورک کوڙي موھ ۾، ويٺو کوڙ کمائين ڪچ،
گھوٽ گھوڙي ٻنھنجي گھٽ ۾، ھرواڻي جان ڇچ،
جيئن ٻاھر ٻاڻ نہ نڪري، اندر ڪامي سچ،
سپاڻي صوفي چوي، توسان ساڻي ٿيندو سچ،
انھيءَ تات ٻرج، ٿرت تکو ڪيو تن ڪي.

ھاڻي مولائي صاحب جي شاعريءَ جي ٻڌي (۽ شايد آخري) دور جو ھڪ ابتدائي غزل ۽ ملاحظہ فرمايو، جو ڪنھن رسالي ۾ شايع نہ ٿيو آھي، پر راقم الحروف کي خوش قسمتيءَ سان ڪجھہ عرصو اڳ مولائي صاحب جي ھڪ ھراڻي نوٽبڪ ۾ درج ٿيل نظر آيو ھو، جتان آتاريو ويو آھي. ھي غزل توڙي فني نقطہ نظر کان ڪچو ۽ گھٽي قدر ناقص نظر اچي ٿو، پر ان مان مولائي صاحب جي فڪر جي بلند پروازيءَ جو اندازو لڳائڻ ۾ مدد ملي سگھندي.

حسن جي عشق ۾ ڇچان کان، خدارا يار توبھہ ڪر،
برھہ جي تير ۾ ڇکان کان، خدارا يار توبھہ ڪر!

سمجھي رک پير ھن ٻڙ ۾، اگر آھين ذرو عاقل،
ستر جي ساز سامان کان، خدارا يار توبھہ ڪر!

سڀين ٿو سيف زلفن جا، ڇين ٿو برھہ جون ڇڇيون،
لڳاھ لوڪ ٻوڪان کان، خدارا يار توبھہ ڪر!

دل ۾ بيتاب کي زخمي ڪيو چشمن فسون گر جي،
بلاي بي درمان کان، خدارا يار توبھہ ڪر!

سمجھي وٺ ساز ۾ حرفت کي، شھيد ۾ ناز "شيدائي"،
ازل جي ٻر ۾ ايمان کان، خدارا يار توبھہ ڪر!

اخبارن جي ادارت. پي عالمگير جنگ جي زماني ۾، جڏھن مرحوم خانبھادر الله بخش سومري، پير الاھي بخش ۽ پير زادي عبدالستار گڏ جي ڪراچيءَ مان "آزاد" نالي سان ھڪ روزالي اخبار جاري ڪئي، تہ مرحوم خانبھادر الله بخش سومري، مولائي صاحب کي تار رستي ڪراچي گھرائي، ڪيس سڀين اخبار جو نائب ايڊيٽر مقرر ڪيو. چيف ايڊيٽر جا فرائض مولانا عبدالڪريم چشتيءَ جي حوالي ڪيا ويا ھتا، پر جيئن تہ ان وقت آبڪلانيءَ سبب شڪارپور وارو رستو بلڪل بند ٿيو ھو، تنھنڪري مولانا چشتيءَ جي غيرحاضريءَ سبب چيف ايڊيٽريءَ جا فرائض ۽ عارضي طور تي مولائي صاحب کي سرانجام ڏيڻا پيا. سندس معاونت لاءِ گوبند مالھي ۽ قادر بخش نظاماڻيءَ کي ٻڌ مقرر ڪيو ويو. ھڪ روزالي اخبار کي عوام ۾ مقبول بنائڻ ۽ ڪيس ڪاميابيءَ جي سطح تي آڻڻ جو ڪم ڏاڍو ڏکيو ٿئي ٿو، پر جيئن تہ مولائي صاحب

"ستاره سنڌ" جي زماني کان وٺي صحافت جي فن سان لهه وچڑ ۾ رهندو آيو هو، ۽ هن ان ميدان ۾ راشدي برادران کان گهٽو ڪجهه حاصل ڪيو ۽ پرايو هٿائين، تنهنڪري ڪيس ڪنهن به خاص تڪليف سان منهن مقابل نه ٿيڻو پيو. هن جي قلم جي خلوص ۽ گهرائيءَ تمام جلد اخبار کي عوام ۾ مقبول ڪري ڇڏيو، ۽ اخبار پنهنجو مقام حاصل ڪري ورتو. ملازمت جي دوران ۾، سجو ادارو مولائي صاحب کي نهايت عزت ۽ احترام سان پيش ايندو هو ۽ اخبار جي سرپرستن جو ورتاءُ به سائس تمام سٺو ۽ تعريف جوگو رهندو آيو. ايتريقدر، جو مولائي صاحب جي قيام ۽ طعام جو بندوبست پيرالاهي بخش جي بنگلي تي ٿيل هو. ۽، جيڪڏهن ته ان اخبار جي پاليسي ڪانگريس جي حمايت ڪرڻ هئي، تنهنڪري مولائي صاحب ڪجهه عرصي کان پوءِ استعيفا ڏيئي هليو آيو.

"آزاد" اخبار سان استعيفا ڏيڻ بعد، مولائي صاحب، حيدرآباد جي فوجي ڪارخاني ۾، جت آسام ريلوي جا گاڏا ٺاهيا ويندا هئا، نوڪري حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. جيڪڏهن ته مولائي صاحب ان وقت به جسماني طور تي مضبوط ۽ چست هو، سندس پيش ڪيل سرٽيفڪيٽن کان متاثر ٿي، ڪيس معقول پگهار سان ياردسپروائيزر جي عهدي تي مقرر ڪيو ويو. هو فرصت جي وقت ۾ ملٽريءَ جي الگريز آفيسرن کي اردو به پڙهائڻ لڳو، جنهن لاءِ هن کي آفيسرن طرفان خانگي طرح ماهوار پگهار پڻ ملڻ لڳو. جنگ جو زمانو ختم ٿي وڃڻ کان پوءِ هن جي اها نوڪري به پنهنجو پاڻ ختم ٿي وئي، جنهن کان پوءِ مولائي صاحب ڪجهه وقت لاءِ بلڪل گوشي نشين رهيو.

جڏهن حيدرآباد جي وڪيل مسٽر عبدالشڪور منشي حيدرآباد سان روزاني اخبار "هلال پاڪستان" جاري ڪرڻ جو ارادو ڪيو ته سندس دوست ضياءالدين "بلبل"، اخبار جي چيف ايڊيٽريءَ لاءِ مولائي شيدائي جو نالو تجويز ڪيو. رٽ معقول سمجهي ميان عبدالشڪور، مولائي صاحب کي گهرائي چيف ايڊيٽر مقرر ڪيو. ٿوري ئي عرصي اندر، مولائي صاحب پنهنجي رات ڏينهن جي جدوجهد ۽ مٺاڪنيءَ ۽ "بسمل" ٽڪرائي مرحوم جي پرخلوص معاونت سان، "هلال پاڪستان" کي سياسي توڙي ادبي نقطهءنظر سان لهايت ڪامياب بنائي ڇڏيو، ۽ اها مولائي صاحب جي ڪرشمه سازي چئجي جو هڪ لئين روزاني اخبار نهايت ئي قليل مدت ۾ پنهنجي پيرن تي ٻيهي وئي. "هلال پاڪستان" جي ڪاميابي جو هڪ راز سندس ادبي حيثيت ۽ جدت طرازيءَ ۾ پڻ سمايل هو، جي گهالهيون مولائي صاحب جي ئي رهين منت هيون. مثلاً، اخبار جو خاص هفتيوار ايڊيشن نڪرڻ لڳو جنهن ۾ نهايت دلچسپ سياسي ۽ ادبي کارٽون ڏنا ويندا هئا ۽ اهو چوڻ صحيح ٿيندو ته مولائي صاحب سنڌ جو پهريون جهونو صحافي آهي، جنهن سنڌي اخبارن ۾ کارٽون ڏيڻ جو سلسلو شروع ڪيو. وري انهن ايڊيشنن ۾ جيڪي ادبي تنقيدي مضمون ڇپجڻ لڳا، تن ادبي محفلن ۾ سرگرمي پيدا ڪري ڇڏي ۽ انهن مضمونن جو چوٻولو هر ادبي حلقي ۾ ٿيڻ لڳو. خاص طور تي، مولانا غلام محمد

"گرامي" ۽ ڊاڪٽر محمد ابراهيم "خليل" جي تنقيدي مضمونن تہ ادب جي ميدان ۾ ڪافي هنگامو برپا ڪيو. ازان سواءِ "طبقہ نسوان" جي نالي سان هڪ مستقل ڪالم ۾ مخصوص ڪيو ويو، جنهنڪري سنڌي لياڻين کي ادب جي ميدان ۾ طبع آزمائي ڪرڻ لاءِ ۽ چگو ميدان هموار ٿي ملیو. ان ڏس ۾ بيبي نگهت سلطان جي مضمونن چگي هلچل پيدا ڪئي هئي. اڄ ڪوبہ وڏاءُ نہ آهي تہ حصول پاڪستان جي تحريڪ ۾ مولائي شيدائي جي پُراثر قلم جو بہ وڏو حصو آهي؛ جو هميشہ يادگار رهندو. چيف ايڊيٽريءَ جي دوران ۾، سندس معاونت ۾ بسمل ٽڪڑائي مرحوم جي علاوہ عبدالڪريم سعدي، مقبول احمد يٽي ۽ علي محمد شيخ بہ ڪم ڪري چڪا آهن. افسوس آهي جو مولائي صاحب کي پنهنجي سرپرستن جي قدرناشناسيءَ سبب اتان بہ استعيفا ڏيڻي پئي. اها اخبار، جنهن جون ٻاڙون مولائي صاحب جي ادارت وقت چگيون پختيون هيون، سا اڄ تائين، بهر صورت، جاري آهي.

سنڌ يونيورسٽي جي فيلوشپ. سنڌ يونيورسٽيءَ، ابتدائي زماني ۾ سنڌين مان خانبهادر محمد صديق ميمڻ کي فيلو مقرر ڪيو هو. هن کي مهيني ۾ ٽي سو روپيا پگهار ڏنو ويندو هو. جڏهن سن ۱۹۵۰ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي فيلوشپ لاءِ وري چونڊ ٿيڻ لڳي، تہ سنڌ يونيورسٽيءَ جي ٽڏهوڪي وائيس چانسيلر پروفيسر اي. بي. ايم. حليم هڪ چونڊ ڪاميٽي مقرر ڪئي، جنهن ۾ علامہ دائودپوٽي صاحب ۽ مولوي دين محمد وفائيءَ کي ڇڏ ڪنيو ويو هو. فيلوشپ جي ان چونڊ ۾ مولائي صاحب بہ اميدوار هو، جنهن جي مقابلي ۾ سروري ڪاليج هالا جو موجوده پرنسپال مسٽر محبوب علي چنا هيئو. آخر، علامہ دائودپوٽي صاحب ۽ مولوي دين محمد وفائيءَ جي راءِ موجب، مولائي صاحب، پير حسام الدين شاهہ راشدي ۽ لطف الله بدويءَ کي فيلو مقرر ڪيو ويو ۽ هرهڪ کي هڪ سو روپيا ماهوار پگهار مقرر ڪري ڏنو ويو. فيلوشپ جي ڇهرئين سال ۾ مولائي صاحب سنڌ يونيورسٽيءَ کي "روضة السند" نالي سنڌ جي تاريخي جاگرافي حوالن سميت تيار ڪري ڏني.

جڏهن سنڌ يونيورسٽي ڪراچيءَ مان حيدرآباد کڄي آئي، تہ نئين وائيس چانسيلر علامہ آءِ. آءِ. قاضي صاحب، سن ۱۹۵۱ع ۾، ڊاڪٽر سي. ايڇ. ويلز جي انگريزيءَ ۾ لکيل هندوستان جي تاريخ (Reader of Indian History) جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ جو ڪم مولائي صاحب جي سپرد ڪيو. ان ڪتاب جي ترجمي ڪرڻ کان اڳ، مولائي صاحب، وائيس چانسلر صاحب کي ان ڪتاب ۾ ضروري لوڻ وجهڻ لاءِ درخواست ڪئي، جا انهيءَ شرط سان قبول ڪئي ويئي تہ مولائي صاحب متن تاريخ جي ترجمي ۾ جن ڪتابن تان لوڻ لکندو، انهن ڪتابن جي نالن جا حوالا ڏنا وڃن. مولائي صاحب اها رٽ منظور ڪئي، ۽ ڪتاب جو ترجمو، "تاريخ هندوستان" جي نالي سان، سنڌ يونيورسٽيءَ کي پيش ڪيو، جو بعد ۾ نظر ثانيءَ لاءِ پروفيسر لطف الله بدويءَ جي حوالي ڪيو ويو. انهن ڪتابن جي علاوہ، مولائي صاحب، فرينچ محقق ڊاڪٽر گستاؤ لي بان جي مشهور ڪتاب "تمدن عرب" جي

نموني تي، قلمي تصويرن ۽ حوالن سان، "تمدن سنڌ" جا ٽي جلد ٿڻ لکي سنڌ يونيورسٽيءَ اڳيان پيش ڪيا. اهو ڪتاب سنڌ يونيورسٽي پريس مان ڇپجي عنقريب پڌرو ٿيڻ وارو آهي. سن ۱۹۵۵ع ۾، مولائي صاحب جو اهو سلسلو به ختر ٿي ويو؛ جو تہ سنڌ يونيورسٽيءَ فيلو مقرر ڪرڻ جو سلسلو ئي بند ڪري ڇڏيو.

تصنيفون. سنڌ يونيورسٽيءَ لاءِ لکيل ڪتابن مان "روضة السند"، "تاريخ هندوستان"، ۽ "تمدن سنڌ"، جن جو ذڪر مٿي ڪري آيا آهيون، تن کان سواءِ مولائي صاحب پنهنجي هيٺيان ڪتاب ٿڻ تصنيف ڪري چڪو آهي:

(۱) "تاريخ بلوچستان": جيئن تہ هن کان اڳ بلوچستان جي تاريخ ۽ تمدن بابت سنڌيءَ ۾ ڪوبہ مستند جامع ڪتاب موجود ڪونہ هو، تنهنڪري انهيءَ ضرورت کي محسوس ڪندي مولائي صاحب بلوچستان جي مختصر تاريخ لکي، جا سندس محترم دوست ڊاڪٽر غلام رسول بلوچ، سن ۱۹۴۰ع ۾ شايع ڪرائي. اهو ڪتاب سنڌ ۽ بلوچستان ۾ بيحد مقبول ٿيو. ان سلسلي ۾ وقت جي ڊي. ايڊ. آءِ. علامہ داؤد پوٽي صاحب، ڪتاب کي ٽيڪسٽ بڪ ريويو ڪميٽيءَ سيڪنڊري اسڪولن لاءِ منظور ڪري، مولائي صاحب جي همت افزائي ڪئي. ان کان سواءِ ڪيس برٽش بلوچستان جي گورنر جنرل جي ايجنٽ طرفان، چار سو روپيا ۽ دربار قلات ڀاران ايڊائي سو روپيا انعام طور مليا. اهو ڪتاب مولائي صاحب جو بهترين شاهڪار هو، جنهن جي اڄ بہ وڏي ضرورت محسوس ڪئي وڃي ٿي.

(۲) "جنت السند": هي ڪتاب سنڌ جي تهذيب ۽ تمدن جي هڪ مڪمل تاريخ آهي. هي ڪتاب بہ مولائي صاحب جي ٻين تصنيفن وانگر حوالن جي خصوصيت کان خالي نہ آهي. هي ڪتاب لکي مولائي صاحب سنڌي ادبي بورڊ اڳيان پيش ڪيو، جنهن ڪتاب کي منظور ڪري مولائي صاحب کان جملي حق ۽ واسطا ورتا، ۽ ان سلسلي ۾ ڪيس هڪ هزار روپيا ڏنا ويا. اهو ڪتاب بہ سنڌي ادبي بورڊ جي روايتي تڙين سان عنقريب پڌرو ٿي رهيو آهي.

(۳) "سفينة النوح" سنڌ يونيورسٽيءَ جي فيلوشپ واري دور ۾، مولائي صاحب کان، مسٽر محبوب علي چنا ۽ مسٽر ڪريم بخش چنا جي تحريڪ سان، مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ هن ڪتاب لکڻ جي فرمائش ڪئي. ياد رهي تہ اهو ڪتاب اڳ ۾ ٿڻ مولانا دين محمد وفائي مرحوم ۽ خيرپور جي هڪ ٻئي مولوي صاحب جو سنڌيءَ ۾ لکيل هو. مخدوم طالب المولىٰ جي ذاتي لئبريريءَ جي ڪجھ فارسي ڪتابن جي مطالعي کان پوءِ، مولائي صاحب، هڪ سال جي لاڳيتي ڪوشش ۽ ڪاوش کان پوءِ، "سفينة النوح" مڪمل ڪري سنڌن حوالي ڪيو. هي ڪتاب ٿڻ ضروري نوٽن ۽ حوالن سان سينگاريل آهي، ۽ ان کي ٻن جلدن ۾ قلمبند ڪيو ويو آهي: ٻهرئين جلد ۾ حضرت مخدوم نوح غوث الحق رحمة الله عليه جي سوانح ڏني وئي آهي، ۽ ٻئي جلد ۾ سندن ملفوظات ڏنل آهن. هن ڪتاب ۾ سنڌ جي وڃيٽين زمالي تي روشني وڌي ويئي آهي، ۽ ضرورت مطابق نقشا بہ ڏنا ويا آهن، جن مان هالا شهر جي

جاگرافيائي پوزيشن ظاهر ٿئي ٿي. مولائي صاحب اهو ڪتاب جيترا ڏينهن لکندو رهيو، ڪيس مخدوم طالب المولىٰ طرفان هڪ سو روپيا ماهوار ملندو رهيو ۽ ڪتاب پوري ڪرڻ ڪان پوءِ سندس لاءِ "سروري گنج" مان تاعمر ٢٥ روپيا ماهوار مقرر ڪيا ويا آهن.

(٤) "موسوين جي تاريخ"؛ هي ڪتاب مولائي صاحب پراڻي سکر جي ڪن موسوي ساداتن جي فرمائش تي لکيو هو، جنهن ۾ موسوي سيدن جي شجري تي مختصر نموني ۾ روشني وڌي ويئي آهي. مولائي صاحب انڪل پنهنجي سال اڳ اهو ڪتاب مڪمل ڪري فرمائش ڪندڙ حضرات جي حوالي ڪيو هو، جو غالباً هن وقت به انهن صاحبن وٽ موجود هوندو؛ باقي ان کي اشاعت هيٺ ڪڍهن آندو ويندو، ان بابت راقم‌الحروف ڪجهه نٿو چئي سگهجي.

هن وقت مولائي صاحب سکر جي هڪ خوشنما حصي Uing's Hill تي پنهنجي ذاتي جاءِ ۾ زندگيءَ جا آخري ڏهاڙا گذاري رهيو آهي. اها نهايت خوشيءَ جي ڳالهه آهي جو سندس آخري زندگي نهايت اطمينان بخش ۽ پرسڪون آهي. خوش قسمتيءَ سان مولائي صاحب کي سندس زندگيءَ ۾ اهڙا ته پرخلوص دوست مليا، جن جي سرپرستيءَ هيٺ مولائي صاحب جو هيٺ ڪڍهن به نه منجهيو. اهڙن ڏکين وقتن ۾ جن مولائي صاحب جي هيٺ ڪولي امداد ڪئي آهي، انهن ۾ مير محمد بخش خان مائڪائي (حال ايس. پي.) ڊاڪٽر غلام رسول خان بلوچ ۽ علامه عمر بن محمد دائود پوٽي جا ٽالا قابل ذڪر آهن. انهن کان سواءِ، موجوده وقت، جڏهن مولائي صاحب کي ڪو مستقل ذريعه معاش ڪونه آهي، ڪي صاحب مروت ۽ قدردان حضرات سندس هرطرح امداد ڪندا رهن ٿا، جن مان مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جو ٽالو ٻڌ قابل ذڪر آهي. سندس پٽ به ڪيس معقول مالي امداد پهچائيندا رهن ٿا، جنهنڪري مولائي صاحب فڪر معاش کان آزاد ۽ لکڻ پڙهڻ جي شغل ۾ مصروف آهي.

سيد صالح محمّد شاهه

سيد حاجي نورمحمّد شاهه "نورل"

سيد حاجي نورمحمد شاهه ولد سيد اسماعيل شاهه ، فبروري ۱۸۹۰ع ۾ ، ڳوٺ موري منگر تعلقي حيدرآباد ۾ تولد ٿيو. ڳوٺ موري منگر، حيدرآباد شهر کان ڇهه ميل اپرلدي طرف ، ٽنڈي قيصر ۽ شيخ پرڪئي جي رستن جي وچ ۾ آهي. ٻاڻ "متعلوي" سادات آهن. ننڍي هوندي کان ذهين هوندا هٿا. جيتوڻيڪ سندن والد صاحب زمينداري ڪرت ڪندا هٿا ، تہ بہ علم ۽ فضل ۾ ڪافي دسترس رکندا هٿا ، ۽ پنهنجي فرزند کي ڳوٺ کان هڪ ميل پري پينڈي شريف مدرسي ۾ ابتدائي تعليم لاءِ داخل ڪيائون ، جتي سيد نورمحمد شاهه عربي ، فارسي ۽ قران شريف جي تعليم مدرسي جي مشهور استاد مولوي مبين عبدالله کيرئي وٽان حاصل ڪئي. ڪجهه وقت مرحوم مبين احمد وڪو ، وڪن جي ڳوٺ واري (هوسڙيءَ لڳ) ، وٽ پڻ پڙهيا. سندن شعر چوڻ جي ابتدا پڻ اتي - شاگردي جي زماني ۾ ٿي. سندن قابليت ۽ ذهانت ڏسي ، وقت جي ڊپٽي صاحب کين پينڈي شريف جي پرائمري اسڪول ۾ نائب ماستر مقرر ڪيو؛ ڇاڪاڻ تہ ان وقت پينڈي شريف ۾ علم جو گهٽو چرچو هو ، ۽ ڪنهن ڪهت لياقت واري ماستر وٽ اتي جا ماڻهو پنهنجا ٻار پڙهائڻ لاءِ تيار نہ هٿا. اهو ۱۹۱۰ع جو زمانو هو. ان وقت شاهه صاحب جن جي عمر پنجويهه ورهيه هئي. پورا پنهنجه سال ساڳئي اسڪول ۾ نوڪري ڪري ، ۱۹۳۶ع ۾ رٽائر ڪيائون. اسڪول جي نوڪريءَ سان گڏ شعر و شاعري ۽ مطالعي جو هميشه شوق رهندو آين. جيڪو وقت ڊيوٽيءَ کان فارغ رهندا هٿا ، سو صوم و صلوات ۽ مطالعي ۾ گذرندو هون. تعليم جي متعلق سندن هميشه اهو رايو هو تہ تعليم کان سواءِ انسان اندي جي آچار آهي؛ ان ڪري پنهنجي وڏي فرزند سيد عبدالرحمان شاهه کي اعليٰ تعليم ڏياريائون ، جو هن وقت ايگزيڪيوٽو انجنيئر آهي. جيڪو شعر چوندا هٿا ، سو پنهنجي هٿ - لکيل بياض ۾ ويندا هٿا درج ڪندا ، جو اڄ تائين وٽن موجود آهي ، ۽ جنهن ۾ شروع کان وٺي اڄ تائين جو چيل ڪلام محفوظ آهي. سندن اڪثر سڏڻا آهن ، جنهنڪري مجموعو خوشخطيءَ جو هڪ نادر نمونو آهي. شاهه صاحب جو ڪلام مناجاتن ، رباعين ، غزلن ، قصيدن ، مداحن ، مرثين ، ۽ منظوم خطن تي مشتمل آهي. خطبن جو هڪ مجموعو پڻ سندن تصنيف آهي.

ڪلام

(هاڻ گالهه ڪندا آهن ته هندو رهين ورهين جي عمر ۾ جڏهين ايڏا وڏا ٿيندا هئا ۽ ته هڪ ڪاغذ تي لکي پنهنجي استاد کي ڏيکاريائون، جنهن کين ايڏي خداداد قابليت تي مبارڪ ڏني. اها ڪافي هيءَ آهي-)

جوگيڙين کو پيتو جام، مست رهيا مخمور مدام،
گهاٽو گهيرو گروءَ پياري، گاروڙن کي ڪيو گمنام.

سُرڪي اي سي سامي سنرا، بنيا بيراڳي جي بس بنرا،
چوري چنگڙا ڪينر ڪنرا، راول ريجهالن ٽا رام.

لاهوتي اڏ رات ليلائن، هر هر پنهنجو هاڻ پچائن،
جوگپ الدر جند جان جلائن، ڪانيو ڪائن خدشا خام.

هورب هُريا چوتا چاڙهي، حاذق هليا هيجان هاڙهي،
ڪين ڪنوات ڪنبايا ڪاڙهي، آيــن آج بــڪ ۾ آرام.

"نورل" نانگن کي لينهن نايو، بيوس تن کي برهه بنايو،
ويراڳن وبران وسايو، الک آديسين ٽيو انعام.


*

اکڙين لايو آر آتي، ناهه جتي ڪا جاءِ بچڻ جي!
آڳ هتي حيران هميشه، منهنجو خوش منڌار آتي.
حال حقيقت هيٺي جو هيءَ، اوٺي ڪج اظهار آتي.
قالب قسمت جا ڏينهن ڪاٽي، هاڻو ٽنگيو هر بار آتي.
ناهه نجيبن ري لنڊ "نورل"، ياد ڪري من بار آتي!

●

اي صبا، ڪا ستڙ سما ڏي دلربا دلدار جي،
خوش طبع، شيرين زبان، گوهرفشان گفتار جي.

سهڻو تن، سيب ذقن، غنچه دهن لاءِ دل سيڪي،
آهر آکنڊ آهو چشم، گل جسم، گل رخسار جي،
جن سوا ساعت نه سڪ، تن ري ٽيا مهنا سُنڪي،
هاءِ منهنجو هاڻو هوڏي هول ڪان وٺو هارجي!
انتظاريءَ ۾ ويچاري بيقراري بار بار،
من ملي مٽيءَ کي تسلي ماهرو مختار جي.



سید نور محمد شاهہ "نورل"

يا خدا "لورل" گدا جي هيءَ صدا ڪر تون قبول،
بخش دربالي ڪٽ، دلدار جي دربار جي!

●

ياد وارن ڪي وسارين يار چو؟ غمزدن سان ڪڏ نه گهارين يار چو؟
جي ٿنگ جٽن ٻرت پنهنجيءَ ۾ ٻجن، تون له تن سان ٻرت پارين يار چو؟
حب" مان آن وٽ هلي جي ٿا اچن، در مٽان تن ڪي ڏکارين يار چو؟
جي مٺا مارڻ اوهان جي ڪان اڳي، مفت موڻي تن ڪي مارين يار چو؟
حب" تنهنجي ۾ هنيل حيران جي، دشمني تن سان ڏارين يار چو؟
منهن ڏسڻ لءِ مست ماندا ٿا مرن، وصل کان وانجي سي وارين يار چو؟
"لورمحمد" جي لماڻي حال تي، ڪين نرميءَ سان لهارين يار چو؟

عبدالڪريم سعدي

محمّد خان "غني"

ٽڪڙ جو هڪ اهو خالدان، جنهن ۾ پشتا پشتي پنجن پيڑهين تائين شاعريءَ ۽ حڪمت جو پتو پوي ٿو اڄ انهيءَ مسند جو مالڪ محمد خان "غني"، مالڪ هاشمي پرنٽنگ پريس، ۽ ايڊيٽر "مسلمان" حيدرآباد، آهي. محمد خان "غني"، سنڌ جي جيد شاعر حافظ حاجي حامد ٽڪڙائيءَ جو پوٽو، مرحوم محمد دائود "مومن" جو پٽ، ۽ مرحوم محمد هاشم "مخلص" جو پائٽيو، ۱۸ ذي الحج ۱۳۲۰هـ سومر جي رات هن دنيا جي پهرينءَ منزل ۾ قدم رکيو. مرحوم و مغفور حضرت "مخلص" صاحب جن جا ٻه فرزند وفات ڪري ويا هئا، جن کي کو وڏو عرصو لڳ گذريو هو ۽ والدين جون اکيون ايا آليون هيون: مرحوم محمد دائود صاحب، مرحوم "مخلص" ۽ سندن اهليه جي دلجوئي انهيءَ ۾ سمجهي جو پنهنجي نئون مولود کي کڻي انهن جي جهوليءَ ۾ وڌائين، ۽ هنن اها جهولي ائين جهلي جو سندن زندگيءَ جي آخرين دمن تائين هڪٻئي کان جدا نه ٿيا. "غنيءَ" جي پرورش ٽڪڙ جهڙي علمي خطي ۾ ٿي. تعليم جي ابتدا ٽڪڙ جي سنڌي سکول کان ٿي. وچ ۾ پارسي ۽ قران شريف جي تعليم، مرحوم و مغفور حافظ عبدالله صاحب "بسمل" کان وٺندو رهيو. سال ۱۹۱۶ع ۾ سنڌي فائنل پاس ڪيائين. حيدرآباد ميونسپل ۾ ماسٽر ٿيو. ٽڪڙ جي علمي ادبي محفلن مان هن گهٽوئي پرايو. حيدرآباد آيو، تہ اتي جي ادبي محفلن سندس جدي ورثي، شاعريءَ، کي چار چنڊ لڳايا. ۽ سال ٽريننگ کاليج پاس ڪيائين. ۱۹۲۳ع تائين ماستري ڪري، وري تپيداري ٽريننگ کاليج ۾ داخل ٿيو. ۱۹۲۴ع ۾ تپيداري پاس ڪيائين، مگر لوڪري کاله ڪيائين. ۱۹۲۴ع کان "مسلمان" اخبار جي دفتر ۾ داخل ٿيو. ۱۹۳۱ع ۾ مرحوم "مخلص" پنهنجي زلدگيءَ ۾ ئي "مسلمان" ادارت سندس حوالي ڪئي، جا اڄ تائين سندس هٿ ۾ آهي.

سنڌ جي شاعريءَ جي تاريخ هن ڳالهه جي شاهد آهي تہ جيڪي ۽ انقلاب سنڌي شاعريءَ ۾ آيا، سي هن خاندان جي ئي طفيل آيا. ڏوهيڙن وارو دور اڄا هليوئي پئي، تہ مرحوم خليفي گل محمد هالائيءَ کان سوسوا سو سال اڳ هن خاندان سنڌي شاعريءَ کي غزل جو جامو پهرائڻ شروع ڪيو. ۱۹۵۲ع کان وري سنڌي شاعريءَ ۾ ڪافين ۽ ڏوهيڙن جو رواج ڏيارڻ جو سهرو "غني" صاحب جي سر تي آهي.



محمد خان غني

"غني" جي شعر جو وڏو ذخيرو موجود آهي، جنهن ۾ ڪي مثنويون طبعزاد، ۽ هڪ مثنوي ترجمو ٿيل آهي. "مسدس حاليؒ" جي ترجمي تي پنج سو روپيا انعام جو اعلان ٿيو؛ قريباً ڏهاڪو ڪن ترجما پيش ٿيا، مگر ترجمو بحال "غني" صاحب جو ٿيو. مثنوي "فاتح سنڌ" تي ادبي بورڊ ڪيس ست سؤ روپيا انعام ڏنو. هڪ ڪانيؒ تي حضرت پير صاحب پاڳاريؒ ڪيس پنج سو روپيا انعام مرحمت فرمايا.

هن ٻوئين دور ۾، "غني" صاحب جي شاعريؒ جي قدردانن ۾ جناب مخدوم محمد زمان "طالب المولىٰ"، جناب "سرشار" عقيلي، قاضي سجيڏو صاحب ڪليڪٽر، آغا عبدالمجيد صاحب ڪليڪٽر، ۽ ٻيا ٻه اهڙا ئي علمدوست بزرگ آهن، جي "غني" صاحب جي شاعريؒ کي عزت جي نگاهه سان ڏسن ٿا. نه فقط آجوڪي ديار نڪو ڪي، بلڪ هوريؒ سنڌ کي هن بزرگ هستيؒ تي ناز آهي. شل الله تعالىٰ کيس خضري عمر عطا فرمائي، جنهن کان سنڌي ادب جو خزانو مالا مال ٿيندو رهي!

ماسٽر عبدالله "خواب" حيدرآبادي *


نالو عبدالله، "خواب" تخلص اٿس، پاڻ کي "حيدرآبادي" چوائيندو آهي. عبدالله "خواب" حيدرآبادي صاحب هڪڙو ڪلٽو، رلٽو ملٽو ۽ ساده دل انسان آهي. هو ڪاوڙجي ب جلدي، ته ب رجي ب جهٽ پٽ - جهڙو ٽنڊڙوا دل ۾ ته رکي ٿي ڪين، جيڪي اندر ۾ هوندس سو چئي ڏيندو. اهائي سادگي ۽ سچائي سندس شاعريءَ ۾ ب سمايل هوندي آهي. سندس ڪلام ۾ شاعراڻي تعٽلي گهٽ، ۽ حقائق جي چٽسالي گهڻي ۽ گهري نظر اچي ٿي.

خواب صاحب ۱۹ شوال ۱۳۲۱ هجريءَ ۾ ڄائو. سندس والد جو نالو علي بخش، ذات پٽي آهي. ٽنڊي هوندي سندس تعليم ايتري ٽ ٿي سگهي؛ ب ٿي درجا سنڌي پڙهيائين، پر پوءِ ذاتي ذوق ۽ ماحول جي اثرات جي ڪري ايترو اپياس ڪيائين جو چگيءَ طرح لکي پڙهي سگهڻ لڳو. اهوئي ذاتي ذوق شوق ۽ شاعراڻو ماحول هو، جنهن سندس موزون طبيعت کي ڪتابن جي اپياس، فطرت جي مطالعي ۽ فڪري صلاحيتن کان ڪر وٺي ڪلام چوارايو، ۽ هي ٿورو پڙهيل شخص ب چگيرڙن جي صحبت ۾ چگيرڙو ٿي پيو. هو اڳتي وڌي پهرين صف جي شاعرن ۾ ٽ ٽ اچي سگهيو، ۽ سندس ڪلام اهڙو ب ٽ آهي جنهن کي هروپرو نظرانداز ڪري ڇڏجي؛ ڇاڪاڻ جو ان ۾ سندس دور جي جهلڪ ضرور نظر اچي ٿي. شاعر کي پنهنجي دور ۽ ماحول جو عڪاس ٿيڻو پوي ٿو، ۽ سندس دل جي تار کي جڏهين ڪو چيڙڻ وارو ملي ٿو، ته ان مان اهو ازلي لغمو نڪري ٿو، جو فضا کي لطيف بڻايو ڇڏي، ۽ دليا جي غوغاءَ ۾ اهڙي ٽ شيريني پيدا ٿيو پوي، جو هرڪا دردمند دل جهوميو آٿي.

خواب صاحب جو والد بزرگوار، ميان علي بخش، هڪ عاشق رسول ۽ مولود خوان شخص هو. هن جي دوستي ان وقت جي شاعرن - جهڙوڪ فاضل شاهه، وغيره - مولودين ۽ ثناخوانِ سرورِ ڪائنات سان هوندي هئي. هن جي اوطاق سنڌ جي روايات جو هڪ نمونو هئي، جتي مسافرن ۽ مهمانن جي جهولڪار سدا پيئي ٻڌبي هئي. اهوئي ماحول هو، جنهن سيد محمد حيات شاهه "حافظ" کي ب گهلي آڻي سدا جي لاءِ حيدرآباد جي هن محفل جي رس وٺڻ لاءِ هتي رهائي ڇڏيو. راڳ روپ، مدح و ثنا ۽ مهمان نوازي هن محفل جون خاص خوبيون ۽ خاصيتون هيون. انهيءَ ماحول ۾ لنڊڙو عبدالله، جو اڳتي هلي 'ماسٽر عبدالله' جي نالي سان مشهور ٿيو، وڏي وڏو ٿيو.

۱۹۲۶ع ڌاري، جناب محمد بخش "واصف" جي اوطاق تي مشاعرا ٿيڻ لڳا، جن ۾ محمد صديق "مسافر"، فقير محمد "عاجز"، محمد هاشم "مخلص"، مراد علي "ڪاظم"،

* هيءَ سوانح عمري، "خواب" صاحب کان ملهل مواد مان ترتيب ڏني ويئي آهي. - مرتب



ماستر عبدالله "خواب"

محمد موسيٰ "راز"، سيد محمد حيات شاهه "حافظ" ۽ ٻيا حضرات وقت بوقت اچي شامل ٿيندا هئا. ۱۹۲۷ع ۾ "مسلم ادبي سوسائٽي" شروع ٿي، جنهن ۾ وري مٿين شاعرن کان سواءِ سيد ميران محمد شاهه، محمد صديق ميمڻ، عطا محمد "عطا"، شيخ محمد ابراهيم "خليل"، حافظ عبدالله "بسمل" ٽڪڑائي، ليکراج ڪشنچند "عزيز"، محمد خان "غني" ۽ ٻيا ناليرا شاعر به اچڻ لڳا. لنڊو عبدالله، مٿين ٻنهي هندن تي ٿيندڙ مشاعرن ۾ ٻنهنجو ڪلام وڃي پڙهڻ لڳو، جتي کيس داد ۽ آفرين ته خيرڪي ملندي هئي، البت ڪچڙيءَ مکڙيءَ کي ٽوڙي گل ٿيڻ لاءِ ادب ۽ شوق جي نسيم سحري جهوليءَ ۾ ويهاري لوڏا ڏيڻ لڳي- تان جو هڪ نازڪ غنچو، شاداب ٻوٽو بڻجي ٻيو. وقت گذرندو ويو، ۽ خواب صاحب اکٽي وڏندو رهيو. هو قومي رهنمائن جي شان ۾ گيت گائڻ لڳو. مختلف تحريڪن- مثلاً تحريڪ خلافت- ۾ بهرو ونڊ لڳو. هو عيد ميلادالنبي ۽ اهڙين ٻين مذهبي تقريبن ۾ نظم، تهنيت ناما، لعتون ۽ ٻيو ڪلام پڙهڻ لاءِ زهر ٻياڪ عاشق وانگر اچي حاضر ٿيندو هو. هاڻي هي شخص نه رهيو ڪلام جوڙيندو هو، ۽ عملي طور تي تحريڪن سان واسته ٿيڻ لڳو. نتيجي طور، خلافت تحريڪ جي سلسلي ۾ ٽي ڏينهن جيل ۾ پوگياٿين.

شروعات ۾ هن شاعر جي شاعراڻي حياتيءَ جي تربيت ۾ سندس استاد سيد محمد حيات شاهه "حافظ" ۽ وڏي ٻاءُ محمد موسيٰ "راز" جو وڏو هٿ رهيو آهي؛ ٻوٽين دور ۾ وري ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم "خليل" سندس اهڙي ته حوصلي افزائي ڪئي، جو هو هميشه جي لاءِ شاعريءَ جو ٽي رهجي ويو. خواب صاحب جي حياتيءَ ۾ هڪڙو اهڙو وقت به آيو، جو ڪيس وطن عزيز جا وڻ ڇڏي ساهراڻي ملڪ ساندوي بندر ۾ وڃي رهڻو پيو، جتان هو ۱۹۴۱ع ڌاري موٽي آيو، ۽ حيدرآباد ۾ ڪجهه وقت بيمار رهڻ کان پوءِ، تلڪ چاڙهيءَ ٽي درزکو دوڪان اچي کوليائين، جنهن تي اڄ تائين پيٽ-قوت لاءِ محنت مزدوري ڪندو رهي. هي شخص حيدرآباد ۾ آيو، ته وري به ادبي ۽ علمي محفلن، جلسن جلوسن ۽ ٻين تحريڪن ۾ حصو وٺڻ لڳو. ان وقت حاجي شاهه تي، صدر بازار ۾، اردو مشاعرا ٿيندا هئا. سال-ڈيڍ گذرڻ بعد، حيدرآباد ۾ "انجمن ترقيءِ اردو" جي شاخ کلي، جنهن جي سهاري ٻيٺ ۾ رهو صدر ۾ اردو ڪتابن جو هڪ ڇڱيرڙو ڪتبخانو کليو، ۽ علمي ۽ ادبي چرچو ٿيڻ ڏيڪ ويڪ به وڏي ويو. ادبنواز حضرات، جماعتن ۽ ولڊ جٽ جي ٻدران، انجمن ۾ ڪڏجي ڪم ڪرڻ مناسب جاتو، ۽ هاڻي حاجي شاهه وارا مشاعرا ڦري انجمن جا مشاعرا ٿي ٻيا. مشاعرن جو هي دور به ٻه ٽي سال هليو، ۽ پوءِ انجمن جي سيڪريٽريءَ جي خود سريءَ سببان هيءَ تل محفل به ڦٽي ٻيٺي. خواب صاحب به انهن مشاعرن ۾ شامل ٿيندو هو، جتي سندس واقفيت ڪيترن ٽي اردو شاعرن سان ٿيندي رهي، جن مان سعيد احمد "سعيد"، محمد رمضان "شاد" هڪ سنڌي نوجوان مرزا فيض‌علي "فيض" جا نالا قابل ذڪر آهن.

ان دور ۾، لاڙڪاڻي ۾، قادري صاحب، حاجي محمود "خادم"، لوازعلي "نياز" ڪجهه ٻين صاحبن جي ڪوشش سان، ۽ دادوءِ ۾ جمع خان "غريب" ۽ حافظ محمد "احسن"

جي کوشش سان، مشاعرا ٿيڻ لڳا، ۽ سنڌي ادب کي زور وڌائڻ جي مقصد سان لاڙڪاڻي مان هڪ رسالو "ادیب سنڌ" ڇاپ جاري ڪيو ويو. الهن مشاعرن جون طرحون ڪاردن جي ذريعي سڄيءَ سنڌ جي شاعرن ڏانهن موڪليون ويندیون هيون، جن تي شاعر ڪلام جوڙي موڪليندا هئا، ۽ اهو ڪلام هر مهيني، مقرر ٿيل تاريخ تي، ڇاپي ڏيندو هو. لاڙڪاڻي وارن مشاعرن جو احوال ۽ ڪلام "ادیب سنڌ" ۾ شايع ٿيندو هو. ان رسالي جي ذريعي، تنقيدي مضامين جي ڇاپ شروعات ٿي ۽ شاعرائن نقطن تي بحث ٿيڻ لڳو، جنهنڪري عام شاعرن ۾ فني شعور وڌيو ۽ هڪ ٻئي سان ٻڌڻ ٿيو. خواب صاحب نه رڳو انهن مشاعرن ۾ حصو ورتو، پر گهڻو ڪجهه پرايائين ٻ، ۽ ڪيترن ئي نالیرن شاعرن - جهڙوڪ جمع خان "غريب"، حافظ محمد "احسن"، حاجي محمود "خادم"، لوازعلي "نياز"، عطامحمد "حامي"، غلام محمد "گرامي"، مخدوم طالب المولي، وغيره - سان واقفيت ٿيس.

سن ۱۹۴۸ع ۾ "بزم خليل" حيدرآباد جو ڄاڙو ٿيو، جنهن جي اهتمام هيٺ سنڌي، اردو ۽ فارسي مشاعرا ٿيڻ لڳا. شروعات ۾ هي محفلون گهڻو زور هيون ۽ باقاعدگيءَ سان ٿيندیون هيون، پر پوءِ انهن جو به زور ٽٽڻ لڳو، ڇاڪاڻ جو ڪيترن ئي دوستن کي نوڪريءَ سانگي شهر ڇڏي ٻاهر وڃڻو پيو، ۽ ڪن جو وري شوق گهٽجي ويو. هاڻي ان بزم جو هفتيوار ڪلاس "خليل" صاحب جي جاءِ تي ٿيندو آهي، ۽ بس! البت، بزم جو سالياڻو جلسو، حيدرآباد جي ادبي زندگيءَ ۾ وساميندڙ شمع جي آخري جهلڪ وانگر چمڪندو رهي ٿو. ان بزم جي ذريعي خواب صاحب جي دوستي سرورعلي "سرور"، لطف علي شاهه "منظور" نقوي، رشيد احمد "رشيد" لاشاري ۽ مظفرحسين "جوش" سان ٿي. عبدالقيوم "صائب" سان سندس واقفيت ۱۹۴۴ع ڌاري ٿي هئي، پر سائس ڪهاڻائپ 'بزم خليل' ۾ شموليت کان پوءِ ٿي. مٿين سڄڻ سان اڄ تائين سندس نيازمنداڻ رستو آهي.

"سنڌي ادبي سنگت" شروع ٿي، تہ خواب صاحب ان ۾ به سرگرميءَ سان حصو وٺڻ لڳو، ۽ اڄ تائين وٺندو اچي.

خواب صاحب جي ادبي زندگي گونا گون آهي، تہ وري سندس گهرو ۽ معاشرتي حياتي به هڪ سبق آموز داستان آهي. هن جي شادي اٺيهن ورهين جي ڄمار ۾ پنهنجن وچڙيل عزيزن مان ٿي، جيڪي مانڊوي بندر (ڪچ) ۾ رهندا هئا. شاديءَ کان پوءِ به سال ڪن سنڌ ۾ رهيو، ۽ مائيجي ماڳ نہ سڃاڻيس؛ جنهنڪري اباڻا ڪک ڇڏي وڃي ساهراڙو ماڳ وسائڻو پيس. ڏاڍيءَ جي عجيب ڪرڻي ڏسو جو اتي به سک نصيب نہ ٿيس؛ ڇاڪاڻ جو اتي وري خواب صاحب جي شريڪ حيات جي مائيجي ماڳ پنهنجي ڏيءَ کي نہ سڃاڻو. خواب صاحب جو سهرو لڪاپتي شخص هو، جنهن جو واپار ڏيساور توڙي تر ۾ برڪ هو. مهاراجائن جي دربار کان ويندي معمولي واپارين جي دوکانن تائين سندس نالو هوندو هو. هتي خواب صاحب جي هيءَ حالت هئي، جو هو هڪ وڏي شاهوڪار جو ڪنگال نائي هو. هن دولت ۽ ناڙو اکين سان ضرور ڏٺو،

ٻر ان کي ڪتب آڻي پنهنجي حياتي سڌاري ٿو سگهيو: ٻنگلا ۽ محلا تون ڏ ٿائين ، ٻر انهن جي سکي جيوت گهاري نه سگهيو: مطلب ته ڏسي سو سيکجهه سگهيو ، ٻر واپرائڻ جي قوت کانه هيس. اهي سڀ نعمتون هن جي لاءِ منع ٿيل ميوي وانگر هيون. هو ڪچ ٻر تيرهن چوڏهن ورهيه رهيو ، ۽ ڪي ڏينهن اهڙا ٻه آيا جو ٻارن ٻچن سوڌو لنگهڻ ٻه ڪيائين. آفرين آهي ان عورت کي ، جنهن هڙيءَ ڏکي حياتيءَ ٻر ٻه پنهنجي پتار جو سات نه چڏيو ، ۽ سيکجهه صبر سان سٽو!. خواب صاحب جي زال نيٺ بيمار ٿي پئي ، جنهنکري ان کي مانڊوي ٻندر مان وٺي اچي حيدرآباد ٻر پنهنجي وڏي ڀاءُ محمد موسيٰ "راز" جي دروازي تي رهڻو پيس. هن صاحب نه رڳو ابي‌جائي جي گهٽي خدمت ڪئي ، ٻر پنهنجي ڀاڄائيءَ جي دوا درمل ڪرائڻ ٻر ٻه وسان کين گهٽايو. ٻر ، مائيءَ جي ٻريان‌ئي کا ٻچي آئي هئي ۽ چوٽا اچي ٻورا ٿيا هئس ، سو داعيءَ اجل جي سڏ تي لبيڪ چئي آخري سفر تي هلي ويئي. ان وقت خواب صاحب ٻاڻ ٻه بيمار هو ، ۽ سنڌن جو اهڙو ته سور هوس جو بستري تان اٿي ٻه نٿي سگهيو- پياري رفيقءِ حيات جي ڏولي‌ءَ کي ڪلهو ٻه کين ڏيئي سگهيو. ائين ڪندي ، ڪيس سلهه جي نگري بيماري ٻه ٿي پئي ، جا ڏيڍ سال کن هلي- ٻر اهڙي ڪنهن ڏاهي جو هٿ نصيب ٿيس ، جو چاڪ چوبند ٿي اٽيو.

خواب صاحب جي تصنيفات ٻر سندس ڪلام ، داستانِ حيات ۽ سفرنامو آهن. سندي ڪلام کي "تعبيرِ خواب" ، اردو ڪلام کي "خيال و خواب" ، سفرنامي کي "سفر جو سقر" ، ۽ حياتيءَ جي احوال کي "داستانِ دردِ دل" جي عنوانن هيٺ جمع ۽ قلمبند ڪيو اٿس.

ڪلام

●

پنهنجي مڙين جي تبسم کي ٿو برباد ڪري ، باغبان پنهنجو ئي پنهنجو ٿو چمن پاڻ لٽي.
مرغزارن جي مرادن سان ڪري راند ٿو اڄ ، آشيانن جا نشان سوئي ڦٽائڻ ٿو گهري.
دامنِ ابرِ بهاران مان شرارا ٿا وسن ، آتشِ گل جي تپش کان ٿو گلستان سڙي.
جن بهارن جي تصور ٻر خوشي ٿي لپني ، تن هوائن جي هنجن ٻر ٿو گلستان هجي.
ويس ٻر امن جي آيا ڪي امين ظلمت جا ، ڪي سيه‌ڪار هليا سانگ سفيديءَ جو ڪري.
خون مڙين جو ڪري سانگ رچائي جيڪو ، تنهن جي تهذيب مان تڪذيب جي بدبوءِ ٿي اچي.
باهه هيءَ گلشنِ هستي جي اجهامي ويندي ، فصلِ گل وارو هنٿر واءُ سٽائو ٿو لڳي.
وقت ايندي ٿي هي حالات بدلجي ويندا ، رنگ بدلائيندو منهنجو ٿو وطن هاڻي رهي.
پنهنجي ماحول جي گلشن ٻر ڏسان ٿو گرمي ، حسنِ گل مان متان گلچين کي نه ڪا باهه لڳي.

"خواب" خسته ٿو ڪري شعلا نوائي کي پسند ،
جوت هاڇل جي نٽين جڳ ٻر جلائڻ ٿو گهري.

●

کڻ قدم اهڙو جو دنيا جون اکيون هون ڪلي،
پنهنجي ايثار جو دليا جي دلين ڪي ڏي يقين.

فرش جي خاڪ سان اڪثير بنائڻ وارا،
ڪيمياگر جي ٿو دنيا ۾ ايا ڪاڻ ڪيترين!

عرش تي پنهنجي تخيّل جا ڏيا ٻاريندڙ!
چند تارن جي نظارن ۾ ٿو غلطان رهين!

زندگي ڪي نه رهيو آهه رواياتِ جو قيد،
پنهنجي تهذيب و تمدن کي ٿو بدلائ ڪرين!

رات جي سيني تي جيسين نه صبح ٿيندو سوار،
تيسين ٿيندي نه زمالي جي منور کا جبين.

درِ خسرو جي اڳيان حسن جهڪي جي هوندو،
کوهڪن مرندا، مگر عشق جي جهڪندي نه جبين.

آدمي عظمتِ آدم کي ٿا تورين تڪين،
بنتِ حوا جي ٿو ڪريان ڏسان زهره جبين.

جنهن جي فطرت ۾ وفائن سان بغاوت آهي،
اهڙي باغيءَ ۾ وفائن جي ٿو اميد رکين!

حوصلو رک اهو آفت کان ڏياري جو نجات،
ٿي جبل ٻيهر نه طوفانِ حوادث کان بچين.

دين و ايمان وطن وڪڻي ٿو مارائين ملوڪ،
ايا منصب جي جيئڻ کاڻ ٿو مردارَ مرين!

نه سو دانهن ۾ اثر آهه، نه آهن ۾ شرر،
خالي دانهون ٿو ڪرين ۽ ٿلهيون آهون ٿو پرين.

●

عقل جو مبهم اشارو ٿو چوي فرزانه ٿي،
جذبِ الفت جي تقاضا آهه تون ديوانه ٿي.

قصهء منصور ٿي، يا طور جو افسانه ٿي،
ڪنهن طرح سان تون به زيبِ محفلِ جانانه ٿي.

منڪرِ الفت ڪيڏي ڇڏ بارگاهِ حسن مان،
مجرمِ شرعِ محبت کاڻ ائين جرمانه ٿي.

ٿي اجل يا خود اجل جي خوف کان ٿي بي نياز،
الجمن جي شمع ٿي يا شمع جو پروانه ٿي.

ڪعبهء دل ۾ نه ڪنهن سان بغض رک اي واعظا،
جي ملڻ چاهين ٿو حق سان، محرمِ بتخانه ٿي.

ڏس تخيل جي بلنديءَ تان حيات و موت کي،
هوءَ پلي الفت ۾ تون هم مشربِ پروانه ٿي.

هر شڪستِ آرزو ۾ آرزو جو ڏس خمار،
پنهنجي ناڪامي ڏسي اميد جو پيمانه ٿي.

ڇڏ تمنای خودي، ڪر بيخودي کي راهبر،
ٻاڻ ۾ لهه پنهنجي منزل، خضر کان بيگانه ٿي.

محفلِ حسنِ خودي ۾ بيخودي جو ڪر ظهور،
طور وارو نور ٿي، يا طور جو افسانه ٿي.

رات جي تاريڪ ٻردن مان عيان ٿيندي سحر،
زلف کي رخ تان هٽائي جلوهٔ جانانه ٿي.

دل جي زخمن سان ڪر تخليق هڪ تازه بهار،
عالمِ ديوانگي ۾ رونقِ ويرانه ٿي.

مڪتبِ حسنِ ازل ۾ "خواب" ٿيندين سرفراز،
امتحانِ عشق ۾ ناڪامان ٿي، دانا نه ٿي.

●

چنڊ ۾ ناهه سو ستارن ۾،
نور ليٽن ڏانهو جو نارن ۾.

ڇو منجهين ٿو ٻين سهارن ۾،
ٿول ڪوماڻيا بهارن ۾.

قلب منهنجو ته داغدار آهي،
فيض وحشت ڏسو بهارن ۾.

فصلِ گل ٿيو تباه ڪن ڪاهت،
زندگي ختم ٿي بهارن ۾.

منهنجي زخمن سان چيڙچاڙ نه ڪر،
ٻاهه ويندي لڳي بهارن ۾!

منهنجي ديوانگيءَ جي حدِ نظر، هوش جي آهه خار زارن ۾.
موجِ طوفان جي گلا کڻڻي، کشتيون گم ٿيون ڪنارن ۾.
آدميت طلب ڪٿي آهن؟ آدميت رهي خسارن ۾!
اڄو آيو قلندرن کي جلال، زلزلو ڇڻ ٻيو تاجدارن ۾.
زندگي زندگاليءَ جي ٿي دشمن، نه رهيو لطف روزگارن ۾.
فصلِ گلِ "خواب" کي فريب ڏنو، زندگي ختم ٿي نظارن ۾.

●

بزمِ ادب ۾ اهلِ سخن خوش بيان ڪٿي يعني چمن ۾ ذڪرِ بهار و خزان ڪٿي!
ٻڌوق بزمِ شعر و سخن جي رهي وڃي، آهن هزار نڪتہ چين، ۾ نڪتہ دان ڪٿي!
علم و ادب جو باغ ٿو ويران نظر اچي، 'سعدي' جي 'گلستان' جا رهيا باغبان ڪٿي!
بس گردِ ڪاروان ۽ نظر ڪاڻ ٿي اچي، اي آسمان، ٻڌاءِ سندم ڪاروان ڪٿي؟
ويران ٿئي نه ڪنهن جو پر يو گهر خدا ڪري، گذري نه انقلاب کوڪنهن جي مٽان ڪٿي!
ڇيڙيان نه ٿو مان پنهنجي تباهيءَ جو داستان، افشا ٿئي نه راز توهان جو متان ڪٿي!
مان ٻيخودي ءَ ڪان ترڪِ عبادت ڪريان ٿواج، ٻيگانو ٿي وڃي 'نه سندءِ آستان ڪٿي!
ٻجلي جي ٻيکليءَ ۾، تلاطم جي موج ۾، مون کي وٺي وڃي ٿي محبت ڪٿان ڪٿي!
پوشيده توکان کو به نه آهي چمن جو راز، بادِ صبا، ٻڌاءِ سندم آشيان ڪٿي؟
دل ۾ رکي ٿو "خواب" تمناي عرضِ حال،
ليڪن شعورِ لطف مجالِ بيان ڪٿي!

●

ڪاتبِ قدرت وڏاهو آهه شانِ زندگي، ڇا لکي منهنجو قلم حسنِ بيانِ زندگي!
بي ثباتيءَ جو لکان ڇا ڇا بيانِ زندگي، ختم هڪ هڏڪيءَ سان ٿيندو داستانِ زندگي!
کولہ ڪنهن کان ٿي سگهيو پورو بيانِ زندگي، ويو رهي سڀ جو اڌورو داستانِ زندگي.
بي بسي ۽ بيکسي، بيچارگي، آوارگي، بيکسن جو امتحان آهي جهانِ زندگي.
ياس و غمِ رنج و الم جي مضطرب تصوير آهه، ابتدائي عشق جو مرڪز ٿي جانِ زندگي.
ٿي رهيو سينو پرڻ اڄ زخمِ الفت جي طفيل، ٿي سراپا جان منهنجي ڪشتگانِ زندگي.
زندگيءَ جي ڪجهه حقيقت کوهڪن جي دل ڪان پڇ، ٿو ٿئي ان سان لاشڪ ڪامرانِ زندگي.
ڇا ٻڌائي ڇا ٻڌايان ان جا بيداد و ڪرم، هڪ زمينِ زندگي، هڪ آسمانِ زندگي!
چاره گر اي "خواب" توکي وقت تي آيو نه ڪم،
ڪم ويو پنهنجو ڪري دردِ نهانِ زندگي!

*

جدوجهد ٻراي حبِ وطن هجي ها، پنجاهه لک تي غالب هرگز نه 'ون' هجي ها!

محمّد رمضان "آزاد"

حڪيم محمّد صادق "طالب"

حڪيم خليفو محمد صادق ولد خليفو گل محمد، ذات ڪلهوڙو، تخلص "طالب"، خيرپور ٽائن شاهه ضلعي دادوءَ جو ويڙل هو. سال ۱۹۰۳ع ۾ راوت خان لغاريءَ جي ڳوٺ ۾ ڄائو. سندس وڏا شرعي ۽ علمي حيثيت رکندا هئا. ايا ادائي ورهين جو مس ٿيو، ته سندس والد بزرگوار رحلت ڪري ويو، ۽ هي يتيم ٽينگر رهجي ويو. سال ۱۹۰۸ع ۾ سنڌي تعليم ونڊ لڳو. چئن درجن پڙهڻ بعد ڪيس ڳوٺ ميرحسن گاڏهي ۾ اچي رهڻو پيو، جتي ان وقت ڪوبه اسڪول نه هو. سندس وڏي ڀاءُ حڪيم شفيع محمد صاحب ديني تعليم واسطي شهر ۾ اسلامي مدرسو کولايو، ۽ ان ۾ مولوي غلام محمد صاحب بوبڪائيءَ کي ماهوار تنخواهه سان مقرر ڪري رکيو. طالب، مولوي صاحب وٽ فارسي ڪتاب "بهار دانش" ۽ عربيءَ ۾ صرف "بهائي" تائين تعليم ورتي. ان کان پوءِ ڪجهه وقت، مدرسو بند ٿيڻ ڪري، ڳوٺ ڪنيارن جي مدرسه نورالعلوم ۾ مدرس اعظم مولانا مولوي دين محمد "اديب" فيروزشاهيءَ وٽ عربي تعليم "تفسير جلالين" ۽ "شرح جامي" تائين حاصل ڪيائين. دوران تدريس ۾ متواتر ٽي سال برابر روزانه ڇهه ميل پنڌ ڪندو رهيو، ۽ خالڪي معاملات کي به منهن ڏيندو آيو. انهيءَ وچ ۾ ٻنهنجي ڀاءُ وٽان طبي ڪتاب "ميزان الطب"، "طب اڪبر"، "اير اعظم"، وغيره پڙهندو ۽ مطب ۾ مشاهدو ڪندو آيو. مولانا دين محمد "اديب" جئن ته هڪ بلند پايي جو شاعر ۽ تاريخي مادي ڪڍڻ جو ماهر هو، تنهنڪري طالب صاحب به سڀ خوبيون سندس صحبت مان حاصل ڪيون ـ ۽ ان ڪري هن ٻنهنجي اولاد مان گهڻن جا نالا تاريخي رکيا آهن. علم عروض ۾ ڪتاب "چهار گلزار" ۽ "نصاب الصبيان" وغيره پڻ مولانا "اديب" صاحب وٽ پڙهيو، ۽ سال ۱۹۲۶ع کان شعر و شاعري ڪرڻ لڳو. ڳوٺ ناري ۽ ميهڙ جي مشاعرن سان دلچسپي رکندو رهيو. هن زماني ۾ ماسٽر جمع خان "غريب" اتي جو ممتاز شاعر هو.

سال ۱۹۴۸ع ۾، ٻنهنجي ڳوٺ ميرحسن کي ڇڏي، خيرپور ٽائن شاهه ۾ هڪ قيمتي جڳهه خريد ڪري اچي سڪونت پذير ٿيو آهي، جنهن جي خريد جو تاريخي سال ۱۳۶۸ هجري هيٺين نظم مان ملي ٿو:

ساقي بيار جامِ شراب كهن بسرو، مطرب بيا بيا تو سخن تازه را بگو؛
برپاست بزمِ عشرت در شهرِ خيرپور، در ماهِ لو خريدم باغِ شداد نو.
(محرم) ۱۳۶۸ھ

هن وقت سندس ڏنڏو حڪمت آهي. شهر جي شاهي بزار جي اخير ۾ سندس دوا خانو "بيت الشفا پاڪستالي" (۱۳۶۸ھ) چگي نموني هلندڙ آهي.

باوجود ڪثرت مشاغل جي ڪيس مينيجنگ ۽ بزمن برپا ڪرڻ جو شوق دامنگير آهي. ۽ چنانچه سال ۱۹۳۰ ۾ 'بزمِ مشاعره راشدي'، زير صدارت حضرت حاجي غلامِ شاهه راشدي، پيرن جي گوٺ ۾ برپا ڪرايائين، جاگهڙو وقت زور ۽ شور سان هلندي رهي، ۽ سيڪريٽري شپ جا فرائض سندس حوالي هٿا. سال ۱۹۵۰ 'بزمِ احباب' خيرپور ناٿن شاهه ۾ منعقد ڪرايائين، جنهن ۾ شهر جا شاعر ۽ اديب، مهاجر ۽ انصار، اڄ تائين دلچسپي رکندا آهن، ۽ ماهوار مشاعرا ٻڌ اردو ۽ سنڌيءَ ۾ ٿيندا رهن ٿا. سال ۱۹۵۲ع ۾ خيرپور ناٿن شاهه ۾ مدرسه خيرالعلوم جاري ڪرايائين، جو اڄ تائين روز بروز ترقي پذير آهي. ٻاڻ مدرسي جو مهتمم آهي. ازان سواءِ 'سنڌي سڌار سوسائٽي' ۽ 'جمعيت الشعراء سنڌ' جو معاون ۽ ميمبر آهي.

سندس تصنيفات ـ "صادق الامين" (طبع شده)، "ديوان طالب"، "طالب جو ترانو، عرف قصه مهربانو"، "طب روحاني، ترجمه قصيده حمدالي"، قابل قدر آهن.

انتخاب ڪلام

بلبل ۽ باغبان

هڪ شخص شاهوڪار ڪي سرسبز باغ هو، آن باغ جي خوشي ڪان سدا باغ باغ هو؛
ڪنهن ڏينهن آئي ان ڪي نظر شاخِ گل متان، بلبل، جا گل چني هئي رهي سخت چنهب سان؛
هيءَ گالهه آئي آن جي طبيعت ڪي ناپسند، ڦاسائي ڪنهن طرح سان ڪيائين قفس ۾ بند.
هڪ وقت ان ڪي بلبلِ لاشاد ڏي چيو: 'مون ڪي اجايو آهه ميان قيد تو ڪيو؛
'توڪي جي منهنجي راڳ ٻڌڻ جو خيال آهه، آزاد ڪيءَ جو پهريون ان ۾ سوال آهه؛
'ڪيڏ بند مان ته توڪي ٻڌايان مان سُر هزار، باجو به مون ڪي پنهنجو آ پنهنجي اڻ ستار'؛
ان ڪي چيائين 'بلبلِ ناداني، بيوفا! گل جي چنڻ جي آهه ملي توڪي هيءَ سزا'!
مسڪين عندليب چيا هي چگا اکير: 'بيشڪ چنا مون هولدا پر ڏي گل جا ٻن، مگر،
'مون ڪي ٻڌاءِ تو جو ڪئي دل ٽڪر ٽڪر، ڪهڙيءَ سزا جي لائق آهين، اي بي خبر؟'
تون ٻاڻ سان "طالب" ڪڏهين ڪرين نه جُٹ، باقي گناهه تنهنجو ڪيو مون پرن جي مُٹ.

حباب

ماڻي لئو خوشيءَ کان، هي آ ڇا حباب ۾؟ يا رب ڀري ٻا آهه هوا کا حباب ۾!
آيو غرور ايترو ڇو آ حباب ۾؟ فرعون کولي آهه لکو يا حباب ۾!
آپر ته ڏس ته ڪيترو آندو حباب آه،
ٻاڻيءَ جي هڪڙي بولد ۾ ڇا آب و تاب آه!

هي آبدار آهه، مگر هي گهٽر ۽ آه، هي تاج ڪنهن جو آه، مگر زيبِ سر نه آه؛
گنبذ عجيب آه، مگر ان کي در نه آه، سر ۾ هوا رکي ٿو، مگر هي بشر نه آه:
دم ٻنهنجي خير جو ڪين هٿي خنجر حباب،
مون کي ٻڌاءِ ڪهڙي هي چيز آه اي جناب؟

هي ڪنهن حسين پير جي لڇ آ حباب آه؟ دل سوختہ جو ڏوکڙو آ، يا حباب آه؟
جهٽ پٽ ٿئي ٿو غائب، هي ڇا حباب آه؟ آهي يقين بيضءِ عنقا حباب آه.
ٻاڻيءَ جو ڦوٽو آه، طلسمِ حيات آه،
ٻيدا ٿيڻ سان جلدئي نظرِ ممات آه!

هي مثلِ نصف کرهءِ آبي نهي ٻيو، يا گنبذِ فلڪ سان مشابهہ آ هي ٿيو؟
ٻستانِ سيم-تن سان ڇو تشبيهہ ٿا ڏيو؟ هي جامِ آ بلور جو اولڏو ڪيو ويو!
نازڪ هي آهه، شايد هٿ سان ڇڄي ٻوي،
ٻاڻيءَ جو آ ورق، ٿو ڇهڻ سان ڇڄي ٻوي.

"طالب" آنهيءَ کي چشمِ بصيرت سان ڏس ٻيو، ٻنهنجي لڳاهِ عاشقِ قدرت سان ڏس ٻيو،
ڪجهہ سوچ اي جناب، ۽ حيرت سان ڏس ٻيو، هر هڪ شي کي ديدهءِ عبرت سان ڏس ٻيو:
هروقت هر مڪان اڳيان چشمِ راز دان،
عالم جو ذرو ذرو آ اسرار جو جهان.

ٻاڻيءَ جي بولد آهه بشر جو حباب ٻئي، بيسود دم هڻڻ ٿا حباب و جناب ٻئي،
جهوڻو هوا جو آيو ته ٿيندا خراب ٻئي، هڪ ٻي وچن ٿا منٽ ۾ احقر لواب ٻئي:
دنيا جو دور سارو خيال آهه خواب آهه،
هي زندگي انسان جي مثالِ حباب آهه!

قدرت جي دوربين

عضون سين ۾ آه ته عصمت شعار اک، ڪر بد ڪري ٻيو، ته ٿئي شرمسار اک.
سيني جي رهنمائي ڪري رات ڏينهن ٿي، مخدوم جسم آه، ته خدمتگذار اک.
اڏ انچ طول ان جو ٿو ماپيس آسمان، قدرت سان وه بنائي ڇا پروردگار اک.

كائڻ ٻئي اٽڻ ۽ ويهڻ ۽ گهمڻ ڦرڻ، سڀ ۾ ڏئي اسان کي مدد هار هار اک.
نعمت خدا جي آ هي قدرت جي دورين، هر چيز کي اسان تي ڪيو آشڪار اک.
مائهو ٻکي مڃي نه مگر جالندار سڀ، محتاج ٿا رهن، ۽ اٽڻ غمگسار اک.
لرکس جي گل سان ان کي آ تشبيهه دوستو، مائڻ جي مثل آ سدا آبدار اک.
سرمون ٿي سيکا پائي، اک اک جو ڦير آ، کوڙي الاجي ڪنهن کي ڪري ٿي پيار اک.
ناڪام گاهي گاهي ٿي بندوق پسي ٿئي، پهرين نگاهه سان ڪري ٿي شڪار اک.
ڪر شوخ مان لمائي لظر سان وٺي ڏئي، لرمي سان ڪرجي ڪين ٽولڪري ڏيکاراک.
منظور اک ڪري ته پودل ٿي ڪري قبول، ڪنهن جو ڏائي، ڪنهن جو گهمائي وقار اک.
غفلت نه گهرجي ان جي حفاظت ۾ هميشه، پيهر نه ٿي سگهي ٿي ميسر اي يار اک!

همدرد ساري جسم جو اک آ "طالبا"
ڪنهن لڳ ۾ سورآ ته روئي زار زار اک!

عبدالحڪيم ابلي

خليفو محمّد امين پلي*

محمد قابل عرف خليفو محمد امين، ڪنيت "ابوشير"، تخلص "درس"، ذات پلي: سندس والد جو نالو مرحوم خليفو محمد چٽل هو. سندس تاريخ ولادت ۹ سپٽمبر ۱۹۰۷ع آهي. خليفي صاحب موصوف ڪان قدرت پهرين حضرت نبي ڪريم جي سنت يتيمي ادا ڪرائي. والد جو سايو سر تان لهي وڃڻ بعد، سواءِ هڪ ٻن ڀيڻين عورتن جي، خليفي صاحب جو ڪوبه عزيز ۽ سر پرست ڪونه هو؛ تنهنڪري هي الله لوڪ تعليم ڪان به محروم رهجي ويو، ۽ ملڪيت مان به گهڻ حصو، نوڪرشاهيءَ جي زور تي هندو ڦهائي ويا. هن وقت هو فقط ۲۵-۳۰ هزار روپيا ڏل پريندڙ زميندارن مان آهي.

خليفو صاحب ننڍي هوندي نهايت ڪيچلو ۽ اهنبل هوندو هو. مستورات جي حتي المقدور ڪوشش جي باوجود، هڪ ايمي قرآن مجيد ۽ پنج سبق سنڌي پاراڻي ڪتاب ڪان وڌيڪ حاصل ڪري نه سگهيو. زرق برق ڪپڙا پهري، ٺاٽ باٽ سان ميلا ملاکڙا گهمڻ، ۽ نڙائي، سرندائي، ڪافير ۽ يڪتاري وارا گهاٽا رکڻ جو ڪيس ڏاڍو شوق هو. جيتري به خرچي ملندي هيس، سا ماٺهن ڪي ڪارائي ختم ڪري ڇڏيندو هو. ڪٽرن جي ٻٽيءَ وقت به حشام سوالين جا پويان هوندا هئس. سهڻ سهل خواهه مائي ڪاڻ سهل آڪاڻين ٻڌڻ جي عادت هوندي هيس. رات جو مجلس ٿيندي هئي، جنهن ۾ چانهه يا گهوٽو روز ٿيندو هو. گهٽيئي ماٺهو اچي گڏ ٿيندا هتا. پوءِ بيتن، ڇجهارتن، ڏوڻن ۽ ڪافين جو دور هلندو هو. خود خليفي صاحب ڪي به ڪٽين ڇجهارتون، ڏوڻ، بيت، ڪافيون، مداحون وغيره ياد هوندبون هيون. ازان سواءِ، مل محمود ۽ فاضل شاهه وارا "ليلا-مجنون"، دل واري "مارئي" ۽ حمل واري "سسرحرفي هير-رانجهو" ياد هوندا هئس، جي لهايت مٺي آواز سان ٻڌائيندو هو.

جوانيءَ جي شروعات ۾، هڪ ڏينهن ڪو اهڙو موقعو ٻيٽو جو هن ڪي پنهنجي بيعلميءَ تي لهايت ندامت ٿي، ۽ پڪو ارادو ڪيائين "همت مردان مرد خدا"-توڪل رکي، پڙهڻ شروع ڪيائين ۽ هڪ ڪمدار ڪان سبق ونندو هو. ان وقت نوڪر شاهيءَ جي ايذاء

* افسوس جي ڳالهه آهي جو خليفو صاحب نومبر ۵۷ع ۾ گذاري ويو. هيءَ سوانح عمري ان ڪان اڳ ۾ لکجڻ آهي. -مرتب

سبب کیس انکمبرد اسٹیٹ جي بناھ وئي ويئي. ھوءَ تہ سيني ڪمن کان فارغ ٿي، علم جي جستجو ۾ لڳو رھيو- تان جو سنڌيءَ کي خوب سمجھي، وري اردوءَ ڏانھن توجھ ڪيائين، ۽ شعر ۾ چوڻ لڳو. اھڙيءَ حالت ۾ شاعريءَ جي خاص نڪتن تي مرحوم "مخلص"، "خليق" موراڻي، نور محمد ڪلھوڙي ۽ مولانا "وفائي" کان ڀرپور رستي اصلاح وٺندو ھو. ان وقت ملڪي سياست ۾ ٻہ ڀرو وٺندو ھو. سرڪار ھن کي ذرھاري ھجڻ سان گڏ، بينچ-ماجسٽريٽ ٻہ مقرر ڪيو. ھن وقت سندس عمر پنجاھ ورھيہ آھي. انڪل ٨-١٠ سالن کان، گوشي نشين رھي، سارو ڏينھن تصنيف ۽ تاليف کي لڳو رھي ٿو. خليفي صاحب کي تاريخ جو عالم چئجي تہ بجا ٿيندو، جو اسلامي تاريخ بابت تمام گھڻي معلومات اٿس. سندس لئبريريءَ مان مستفيض ٿيڻ لاءِ سنڌ جا وڏا وڏا عالم ۽ اديب وٽس اچي مھمان ٿيندا آھن، جن کي خليفي صاحب جن تحفي طور ڪتاب ٻہ ڏيندا رھندا آھن. تنھن ھوندي ٻہ، سندن لئبريريءَ ۾ ٻہ ھزار کن ڪتاب اڃا ٻہ موجود آھن، جنھن ۾ سيني ٻولين جا ڪتاب موجود آھن. الھيءَ علميءَ شوق ھن کي دليا جي خسارن کان اصل الڳ ڪري ڇڏيو آھي. پنھنجي سموري ملڪيت ٻن پٽن ميان شيرعلي ۽ علي حسن ۽ ھڪ لياڻيءَ کي ڏيئي ڇڏي اٿس. ميان شيرعلي ۽ علي حسن اولادي، ٻيءَ جا فرمانبردار ۽ نھايت صالح آھن. ھن وقت تعلقي ڪچري مان ٻئي پائر جي. ٻيي آھن. خليفو صاحب نھايت ئي ساده طبيعت، غريبن جو يار، متڪبرن کان نفرت ڪندڙ، سچ چوندڙ، حلال رزق جو متلاشي، بيتڪلف ۽ ننھہ درويش-صفت زميندار آھي.

خليفي صاحب جون تصنيفات ھي آھن: (١) "ديوان درس" (سندس ڪلام جو مڪمل بياض)، جنھن ۾ مداحون، غزل، ڪافيون، ڏوھيڙا، تاريخي قطعا، بيت ۽ تاريخي رباعيون آھن؛ (٢) "فرس نامو" جنھن ۾ گھوڙن جي شناخت ۽ علاج وغيره نظم ۾ لکيل آھي؛ (٣) "فتحنامو اسلام" جنھن ۾ حضور پاڪ جي ھجرت کان وٺي جنگ بدر، احد، خندق، واقع بيرالاءِ، شھادت ابن خباب تائين رزمي ڪلامن ۾ بيان ٿيل آھي؛ (٤) "واقعات عالم"، جنھن ۾ اوراق پارينہ جا گھٽا عجب واقعا نثر ۾ لکيل آھن؛ (٥) "حيات جمال الدين"، نثر ۾؛ (٦) "سوز سسئي"، مرحوم خليفي نبي بخش جي طرز تي، نظم ۾؛ (٧) "اخلاق پسنديده" جنھن ۾ سٽا سٽا نصيحت آميز نڪتا نثر ۾ بيان ٿيل آھن، (٨) "يادگيريون"، جنھن ۾ سندس يادگيريءَ ۾ ٿيل واقعات ۽ تر جي نامور ماڻھن جو احوال ڏنل آھي؛ (٩) "پني ذات جو اصل نسل"، شجرو ۽ زباني روايتون گڏ ڪيل آھن؛ (١٠) "شاھنامہ اسلام" جو نظم ۾ مختصر ترجمو سنڌيءَ ۾، (١١) "ھاشمي مھاجر"، نثر ۾؛ ۽ (١٢) "انشاء درس"، جنھن ۾ سندس ڪن لکيل خطن جو نقل ڏنل آھي. مٿيان لکيل سڀ ڪتاب قلمي آھن.

خليفي صاحب کي سيني پني قوم وارن پنھنجو اڳواڻ تسليم ڪري پگ پڌائي آھي. خليفو صاحب گڏھن ڪڏھن اخبارن ۽ رسالن کي ۾ مضمون موڪليندو آھي. خليفي صاحب جي قلمي ڪتاب "شاھنامہ اسلام" مان چند رباعيون ھيٺ ڏجن ٿيون.

عباسي دور

بغداد سان بيداد ڪيو خوب هلاڪو،
حڪم ڏي ٿو قتل عام جو مردار سفاڪو؛
ولي عهه خليفي جو خليفي سان قتل ٿيو،
قتل عام گهٽن ۾ ٿيا اتي جا به رهاڪو.
دليا ۾ بلند خوب هو وقار عباسين،
شهنشاهه نميا منجهه ٿي دربار عباسين؛
خاقان جهڙا شاهه پرينديا هٿا خراجون،
بلند شان سان اهڙي هئي سرڪار عباسين.
زلدان جو مهمان ٿيو قيد شهنشاهه،
ٿيو امين دل حزين ۽ اسير بيگناهه؛
پڇي قول ۽ اقرار دغا سان جهلائي،
ڪري قتل وڏو پاڻ ٻوڙ مامون ٿيو شاهه.

ترڪن جو دور

دليا جا اچيو شاهه نميا جن جي درن تي،
ڏرڻ لاءِ وريا چوراچي تن جي گهرن تي؛
اتا ترڪ انولو باغي ٿيا ڏٺين سان،
ٻنهي لرڙ گسايا پئي سدا جن جي درن تي.
محمد رشاد سان امداد ڪري ڪيو ڏکن ۾،
سيئي خويش اقربا بـ هٿا يار سکن ۾؛
ڪمال ڪي اقبال تي رسايو هو خليفي،
سمرنا ۾ ٿيو پئي جو سدا پاهه بکن ۾.
محمه خامس سلطان خليفة المسلمين،
انگلنڊ ۾ اچي شاهه ٿيو مسڪين دل حزين؛
دکن جي حڪمران جو ڪائي سلطان وظيفو،
اهڙا ڪم خداوند جي قدرت سان لکين ٿين.

فاتح سنڌ

مشهور گهٽو سنڌ ۾ ديبل جو بندر هو،
ڪنورسين جو جئسين بـ لڏل شهر اندر هو؛
غازيءَ جي حڪم سان ٿيو "عروس" جوڏڪو،
جنبش سان ڪريو جاءِ جو مشهور مندر هو.
نيرون سندو ڪوٽ اچي فتح ڪيائون،
سالار پڳا ڪوٽ جا نرسيگ ۽ ناؤن؛
"اري رام، اري رام، مشلمان اچي ويا"،
انهيءَ جنگ سندي دالهن وچي ڏاهر ڪي ڏنائون.
ڪولاب ڪناري تي لڳي خوب لڙائي،
خدا ڪئي خاڪ ۾ واڻين جـي وڏائي؛
اچي ڏهر لڳي سر ڏ ڪيوٽي سورهيه شير،
هڪڙيءَ هڪل سان تـ هن پتلون پسائي.
سليمان ٿيو سلطان سو دمشق جو خليفو،
سڦين جي قبيلي سان سندس ويـر اصل هو؛
حجاج مري ويو هي وٺي ويـر ڪهين کان،
انهيءَ ڏوهه ۾ غازيءَ ڪي تنهن چمڙي ۾ سبايو.
عربن جي وقت سنڌ وڏو ملڪ ڪشادو،
ڏسي دنگ جي ٿيهه روز هلي هنڌ پيادو؛
بهمن آباد ۽ الور وڏا شهر هتي جا،
منصوره ۽ محفوظ جو اسم تاريخ بـ آندو.
برهمڻ آباد ۽ الور هٿا تخت گاهه ڏهر جا،
سڀا باغ ۽ محلات هٿا الور جي شهر جا؛
دلوراءِ کو ظالم هو حڪمران هتي جو،
شعلا ڏڻا ٿي شهر ۾ قادر جي قهر جا.



خليفو محمد امين پلي

تختگاهہ اصل سندہ جو الور چون ٿا، هينئر آهہ ڏنل شهر سو دلور چون ٿا؛
گهڻاو رهيا الهيءَ هنڌ هئي ڏاهر ڪئي حڪومت، فتح سندہ ڪئي سڀني جو شهزور چون ٿا.

ياد ماضي

ڏنل شهر وڃي ڪالهہ رتو ڪوٽ ڏٺوسون، قدرت جا ڏسي قهر اتي رت رنوسون؛
هٿا امير ڪيئن ڪبير انهيءَ شهر ۾ عاقل، دنيا سراءِ فاني بقادار خدا تون.

الور تڏهن زور هو جڏهن موج بحرجي، هٿي درياهہ ويو شاهہ وئي رونق برشهرجي؛
ٿيا ويران سڀ مڪان ڏٺي پينگ شهر ويو، دليا سراءِ فاني آهي جاءِ گذرجي.

ڪڏهن خوب وسندڙ هو فتح باغ بہ آباد، هينئر آهي ڏڙو صرف سو ويران ۽ برباد؛
اچي مهمان ٿيو سلطان هماياوج درخشان، ڏٺس شاهہ حسن اٺ ۽ گهوڙا بہ ڪيئين امداد.

محمد شاهہ تغلق هو تفي جي پٽيان پيو، گجرات ڏي وبندي سو مهمان هتي ٿيو،
انهيءَ رات اهو شاهہ ويو دنيا مان گذاري، سيوهڙ ۾ رکي لاش پو فيروز دلي ويو.

بهمن هو ايران جو مشهور شهنشاهہ، فتح ملڪ ڪري ٻوءِ ڪيئين سندہ تي ڪاهہ؛
اڏايائين شهر يادلاءِ لوهريءَ جي بندروٽ، ۽ همڻ آباد جي ٽالي سان مشهور سو اڄ آهہ.

لاهور ۾ محمود جو هو ايياز گورنر، حڪمران ڪيا سندہ جا ٽي اياز مقرر؛
پسند خاص ملڪ سندہ جو هو خوب تنهين کي، ٽيندو اچي هو سندہ ۾ منزل الداز بکر.

حڪمران هو سندہ جو ظالم ڪو دلورا، ڪندو ستم رعيت سان سو ظالم هو لسورا؛
الاهي ڪو پيو الور مٿي قهر خدائي، لکو شاهہ نکو شهر رڳا ڪندءِ ڪورا.

موهن جو ڏڙو خاص آهہ آثار قديمي، ڏسڻ لاءِ اچن جاءِ ايها خاص ۽ عامي؛
تهذيب هئي سندہ جي مصر سان مشابهہ، سيڪن جي مٿان خط لکيل آهہ بہ سامي.

ابن سومار جي اولاد وڃهہ ڪوٽ وسايو، محمد طور ۽ روپاهہ ۽ عمر ڪوٽ ٻڌايو؛
حڪومت ڪئي سندہ تي وڏي شان باشوڪت، سمن اچي هو سومرن جو بنياد وڃايو.

جيئن اسفند يار جي اسر تي نازان آهہ ايران، تيئن سندہ ۾ دودو بہ هو مشهور پهلوان؛
خلجيءَ هو رکيو زور تہ پا گهيءَ جو ڏيو سگ، مگر سگ نہ ڏنو ساهہ ڏنو سندہ جي سلطان.

چڙهي سندہ تي آيو هو جڏهن هند جو سلطان، پا گهيءَ جي ملڻ لاءِ شهنشاهہ ڪيو فرمان؛
پڙهي خط شهنشاهہ جو ڏورو ٿيو غضبناڪ، گهٽي فوج هندي شاهہ جي لنگر بہ ڪئي نقصان.

گهڻو وقت ڪئي سندہ ۾ سمن بہ حڪومت، حڪمران وڏي مان رهيا شان باشوڪت،
جوڻاه اول جام ۽ فيروز پچاڙي، ڪندي ياد گهڻو سندہ بہ سمن جي حڪومت.

لوڪري منجهه جام جي پرتي ٿيا ارغون عام ،
سي ڦري پنهنجن اميرن جا ٿيا لمڪ حرام ؛
سنڌ ۾ ارغون آيا انهن جي تحريڪ سان ،
در بدر ٿيو بادشاهه آهه شه فيروز جام .

نوريءَ مٿي جام ٿيو عاشق هو تماچي ،
ڪينجهر جي ڪناري تي ماڙي به اڏائي ؛
نوريءَ جو ڏسي لياز رکيو راز سمي جام ،
مهاڻن کي ڪيو معاف تنهن محصول مڙيو ئي .

ڪلان ڪوٽ چون ٿا ۽ محمدطور شهر ٻيو ،
ٿٽو شهر ٻڌايل به آهي جام لنڍي جو ؛
نند و جام شهنشاهه هو عادل سو حڪمران ،
وزير سندس لکديو پيو درياخان قبوليو .

جڏهن شاهه حسن سنڌ جو فيروز ڪيو برباد ،
تغلق آباد ٿئون شهر اچي شاهه ڪيو آباد ؛
حيدرآباد جو قلعو آ ڪلهوڙن جو ٻڌايل ،
تختگاهه اڳي هو به ڪلهوڙن جو خدا آباد .

روپاهه جو والي ۽ حڪمران هو هالو ،
سڳاوت ۾ صلاح الدين سمي جام جو سالو ؛
مامو هو لنڍي جام جو ، فيروز جو نانو ،
رکيو خدا اسان جي تي وڏو شان نرالو .

حڪمران چون سنڌ جو ترخان ڪو باقي ،
ڪنجوس مکي چوس ۽ مستانو هو باقي ؛
العام عمر پير نه سپاهين کي ڏنائين ،
بخشش ڪندو هو گارين جي سلطان سو باقي .

مغلن جو دور

تسلط هو هندستان تي دارا جو مدامي ،
وليعهد کي ميسر هو سدا عيش دوامي ؛
اورنگزيب ڪري ڏلگ برادرسان ڪئي جنگ ،
ڪيو قيد جنهن سلطان سو جيوڻ هو حرامي .

ٿٽو بخت ، ويو تخت ، چڙي اوج شهاني ،
اورنگ کسيو پيءُ کان لقب شاهجهاني ؛
ٿيو قيد شهنشاهه سو فياض ۽ عادل ،
ختم شاهه جي اڳيان ٿي دارا جي جواني .

"غالب ٿئين ها تون جي اسان موٽ لنڊن تي ،
حڪم ڪهڙو هلائين ها ادا خاص اسان تي ؟"
ڪنو رقيد ٿيل دارا ڏ نوجواب ته "سڻ اورنگ !
"ڪري چار ڪر تو کي ٻڌايان ها درن تي !"

مراد سان بيداد ٿيو ، فرياد سڻي ڪير ؟
شهنشاه ٿيو قيد پيو ، امداد ڪري ڪير ؟
بيگناهه ابن شاهه ٿيو محبوس حبس ۾ ،
قلعي مان گواليار جي آزاد ڪري ڪير ؟

محمد شجاع شير ٿيو اراڪان ڏي تيار ،
هندستان سان حيران پريشان سو فرار ؛
سلطان مسافر تي راجا هو ڏمريو ،
اڪبر جو بيراهه ٿيو حيران ۽ لاچار .

ريڍار منجهان شاهه ٿيو نادر هو دعا سان ،
پروان حڪومت جو مليس حرجي قبر مان ؛
ايران جو سلطان حڪمران ٿيو واحد ،
ارزيا ٿي شهنشاهه به نادر جي امر ڪان .

دهلي ۾ قتل عام ٿيو نادر جي حڪم سان ،
مسلمان قتل خون ٿيا غادر جي حڪم سان ؛
محمد شاهه بيگناه ٿيو ليشان ستم جو ،
طاقت نه هئي نادر کي ، ٿيو قادر جي حڪم سان .

سلطان محمد شاهه جو اوج ۽ اقبال رقت،
شهنشاهه د هليءَ جو محمد هشت پشت؛

رب جي ٻانهي چيو شبهه نادر جي ڏسي،
"شامت اعمال ما صورتِ نادر گرفته."

مغلن جو نسل کين ظفر شاهه لڇايو،
تکليف سهي شاهه ٻه ايمان بچايو؛

نصف لک وظيفي جو وڻ کين قبولئين،
برٽش جو بهادر نه غلام هو سڏايو.

"شينهن مري، ڏيڻ نه چري" سنڌ ۾ پهاڪو،
رلگون ۾ ظفر قيد نظر بند جڏهن هو،

تکليف شهنشاهه کئي برداشت سموري،
هندستان جي شهنشاهه نه ورتو ٽي وظيفو.

ٽي اکابر عقل جا سنڌي وزير اکبري،
بوفضل فيضي مثل هٿا ارسطو ۽ انوري؛

فتح باغي بيربل سلطان جو مقرب هو خاص،
سنڌ جا ياقوت ٽيئي اکبر شهنشاهه جوهري.

کلهوڙن جو دور

سنڌ تي ٻنهنجي هٿان عبدالنبيءَ آندو زوال،
مدد آلدٽين موت جي لءِ، بي‌ڏانو بدخصال؛

ملڪ ۾ قرلٽ ڪيئين، ان جي ڪيي تاريخ ڪنهن:
آيو ظالم مرد "آه خبيث و خرد جال"!

۱۱۹۵ھ

رکيو انهيءَ کان اڳي هو خان عزت يارخان،
بادشاهي فوج جي هٿ ۾ وٺي آيو ڪمان؛

ميرسان و بهي ڪيئين عبدالنبيءَ جو فيصلو،
پيش آيو باسروت ظلم ۽ قُر ڪيائين کان.

ڪيا شهر جي ويران مددخان هتي جا،
قلمبند ڪريان خاص اسم چند انهن جا:

ڊرڪ، جوڻ، فتح باغ، فتح گڙهه ۽ عمرڪوٽ،
اڇهرڪوٽ، نبي‌سر ۽ نصرپور ۽ بدينا.

رڻي ڪوٽ، نبي‌سر ۽ فتح باغ ڦٽائي،
نصرپور ۽ بدينن کي ويو خوب لٽائي؛

ونگي ڏي ويو مير هوشڪار ڪرڻ لءِ،
ٻوءِ ڪري جنگ ڪيريو مير مددخان پچائي.

عمرڪوٽ ۾ نادر کان لکو لورمحمد،
عمرڪوٽ چڙهي آيو اڪيلو سو فتحمند،

ڪري قيد زڻي شاهه کي جالو ۾ ٻڌائين،
ميان کي چڏي اول ۾ ورتائين به فرزند.

لياريءَ ۾ کهاوڙ ٽي لڙيو شير ببر جيئن،
وڙ هيو ميربجر سان وڙهيا جيئن اچي شينهن؛

سالار کلهوڙن جو بهادر ۽ دلاور،
رزمگاهه ۾ ڏي سا پٽ ڏئي سو پچي ڪيئن!

ماستر عبدالرزاق

منشي عبدالڪريم دائود پوٽو

جڏهين سيد پير حضرت بنگلي ڏٺيءَ پير علي ڪوهرشاهه صاحب (تخلص "اصغر")، پير جو نئون گوٺ ٻڌايو ۽ اتي اچي سڪونت پذير ٿيا، تڏهين منشي عبدالڪريم جي ڏاڏي ڪي- جو اصل ۾ روهڙيءَ جو باشندو هو- ڪهرائي پاڻ وٽ خدمتگاريءَ ۾ رکيائون، درگاهه جي نزديڪ جايون ڏيئي درگاهه جو باشندو بنايائون. ان بعد منشي عبدالڪريم جو والد بزرگ، خليفو محمد صالح، پيرصاحبن جو خليفو ٿي رهيو، ۽ ساري عمر انهيءَ شغل ۾ صرف ڪيائين: خاص ڪري رسول ڪريم جون مداحون ۽ مولود شريف پيرصاحب جن کي ٻڌائيندو هو؛ هي ڪا خاص ڊيوٽي مٿس مقرر ڪانه هئي.

منشي عبدالڪريم، خليفي ميان محمد صالح جو پهريون نمبر فرزند آهي. هن جڏهن قرآن شريف جي تعليم پوري ڪئي، تڏهين هن کي ۽ مرحوم ميان حسين علي شاهه ولد پير شاهه مردان شاهه اول کي حضرت پير سائين علي گوهر بادشاهه محافي ڏٺيءَ جن آخوند موسيٰ ڪاڪيپوٽي وٽ تعليم لاءِ داخل ڪيو، جتي پارسي تعليم حاصل ڪيائون. پيرسائين شاهه مردان شاهه اول جن، منشي عبدالڪريم کي ۱۳۱۵ھ ۾ ڪيٽيءَ جي پنين ٻٽي ڪرڻ لاءِ منشي مقرر ڪيو. اهڙيءَ طرح، عبدالڪريم درگاهه جو منشي ٿيو، ۽ اڄ تائين انهيءَ نالي سان منشي عبدالڪريم سڏبو اچي ٿو. مرحوم پير حسين علي شاهه جن جڏهين پنهنجي والد بزرگ جي وقت ۾ درگاهه جي ساري ڪاروبار جا عام مختيار هٿا، تڏهن منشي عبدالڪريم وري صاحبزادي پير حسين علي شاهه مرحوم جو پيش-نويس هوندو هو. حساب ڪتاب ۽ دفتر جو سمورو ڪم منشي عبدالڪريم جي حوالي هوندو هو.

سال ۱۹۱۹ع ۾، پيرصاحب پير شاهه مردان شاهه جن جي رحلت بعد، منشي عبدالڪريم وڃي رياست خيرپور ۾ منشگيري ڪئي. گهٽو ڪري سمپ آفيسون ڏٺائين، پر خاص طرح سان جڊيشل منشي ٿي رهيو، ۽ ويندي واليءَ رياست جي منشگيريءَ تائين پهتو. ان بعد، زمالي ۾ ٿيري اچڻ سبب ۽ رياست خيرپور جي انتظام ۾ تبديلي اچڻ سبب، هو جهنگلات جو سنيالينڊ رينجر مقرر ٿيو، جتان ۱۹۵۱ع ۾ رٽائرڊ ٿيو، ۽ اڃا تائين ڪيس پينشن ملندڙ آهي.

رتالرڌ ٿيڻ بعد منشي عبدالكريم درگاهه شريف تي عريضي نويس جو ڪم ڪري ٿو. درگاهه شريف تي حضرت پير صاحب پاڳاري جن کي جيڪي درخواستون ٿيندیون آهن، سي هيءَ لکندو آهي، جتان گذرمعاش کندو رهي ٿو. درگاهه جي لزديک برج وٽ ڪيس هڪ دڪان آهي، جتي ڏينهن جو ٻه ٽي ڪلاڪ اچي ويهندو آهي. درخواستن لکڻ کان وڌيڪ جيڪو وقت بچت ٿيندو اٿس، اهو شعرگوئيءَ ۾ صرف ڪري ٿو. هينئر ٻه ايڪا شعرگوئيءَ جو شوق رکيو اچي ٿو. شعر ۾ سندس تخلص "عبد" توڙي "سيف" آيل آهن. هن وقت سندس عمر ٦١ ورهيه آهي. منشي صاحب گفتگو جو فصيح، ميٺاج وارو، ۽ قابل شخص آهي، ايڪا تائين پوشاڪ لڻي جو شوقين آهي.

منشي صاحب هر قسم جو شعر چيو آهي-جيئن تہ توحيد، نعت‌خواني، زماني جي حالات تي افسوس يا راءزلي، جا شعر، مجازي عشق جا شعر، امامن جي تعريف ۾ شعر، راشدي خاندان جي تعريف جا شعر، پيا طرحي ۽ غيرطرحي شعر، سنڌي توڙي فارسي زبان ۾ چيا اٿس. هڪ ٻه سي حرفيون ٻه چيل اٿس. افسوس جو هن صاحب پنهنجي شعر کي پاڻ وٽ باترتيب محفوظ نہ رکيو آهي، ۽ نہ هڪ هنڌ ڪنهن ڪتاب ۾ قلمبند ڪيو اٿس؛ فقط کي پنا آهن، جي هينئر ٿورا ٿورا ڪري ڏيندو وڃي ٿو، جن کي ڪتابي صورت ڏيڻ لاءِ ڪوشش هلندو آهي.

ڪلام

جنابِ بارگه باري خدا وٽ خواستگاريءَ جو،
حضورِ پاڪ پروردگار ۾ اسان جي آه زاريءَ جو،
آزاريل اهنجِ ايذاون ستايل ستمگاريءَ جو،
ظلم زور و زبردستي کوڙن جي ڪارزاريءَ جو:
ڪٽي هادِ صبا وڃ هي عريضو انتظاريءَ جو،
ڇڇ "آ پروسو هلڪل رهائي رستگاريءَ جو".

"بليڪي" هات ٻدتر ڪان غريبن لاءِ غمگيني،
سقيمي حال وارن کي ٻڪن ۾ آهِ بيچيني،
ريا رشوت کان راشن کي بيچارن لاءِ بدبيني،
گراني گرم بازر ڪان ميسر سار مسڪيني:
گهرون ٿا داد يا داورا دکن جي دل فگاريءَ جو،
سٽائو سبب ٽئي سارو سهولت سازگاريءَ جو.

اچن انصاف کي آڏو طبع جي لوپ کان لوسي،
ڇڇا پٽسن سندي ٻهه ۾ ٽيسا مفتون منحوسي،

رياڪاريءَ جي رمزن ۾ رليا رهزن ٽيا رت-چوسي،
آهن افتان و خيزان ايئن جيئن ٽٽڪي ڏئيل ڦوسي:

ستارا سبب ڪر سولو پنهنجي جودش جباريءَ جو،
اجهو آ آسرو عربي مدامي مددگاريءَ جو!

*　　*　　*

ساقيا ڏي سيگهه ۾ اڄ ڪو پري جامِ شراب،
سرڪ لوشيءَ سان عيان اشواق ٿئي شوق شتاب؛
دور ٿئي دل مان دوئيءَ جو ماسوالله جو مثال،
غير جي غلطيءَ جو گر ٿئي اندر مان سڀ اضطراب؛
آب لوشي مي جي مون ڪي سرڪ صافي صاف ڏي،
حال وارن همنشين ٿيان، برهه وارن باريابِ؛
غوطه خور ٿيان بحر بيخود موجزن مهراڻ ۾،
بي-سرو سامان بيخود نينهن جو بٽجان نواب؛
مامِ منصوري رکان ٿو، خوف جو خطرو لڳ آهه،
دار جو دلخواهه بنجي، سر ڏيئ سمجهان ثواب؛
شور شر فتنا کڙا ٿيا آخري سر زد سوين،
مي سلي مستي نما، جو دفع ٿئي خيالِ خراب؛
"نحن اقرب" جو اشارو سيگهه ۾ پاڙيو، پرين!
دلربا کان دور دم هڪ عاشقن لڳ آ عذاب؛
درد دوريءَ ۾ دلاسو مس ملیو ميلاپ جو،
سوز جو سرلدو ڪٽي اڄ، مطربا! چنگ ورباب؛
سال توڙي حال همگي هوت حاضر هر بهر،
سر صدق سارو سراسر، جسم جان ڪلي ڪباب؛
دير ري ديوانگيءَ جي سرڪ صافي جي ملي،
عشق کان ارزان ٿئي مجنون مثل خاصو خطاب؛
"عبد" کي آهي اول کان خمر خوشتر جو خيال،
لا ابالي رند تي چا حرف گيريءَ جو حساب!

*　　*　　*

مرحبا صد مرحبا، يا شاهه مردان، مرحبا!
شاهه مردان، شيرِ يزدان، مرحبا صد مرحبا!

اڄ سان ڏک دور ٿي ويا، غم غربان، مرحبا!
قدم تان جند جان ساري صدق قربان، مرحبا!

اڄ سڏورو ڏينهن آهي، ۽ آهي ساعت سعيد،
فضل ٿيو فائق سندو ۽ راض رحمان، مرحبا!

ٿالهيءَ شهه شاهمردان جي آهي تشريف اڄ،
لک پلا يون پال پائيان شڪر سبحان، مرحبا!

مرحبا جي وات وائي جن بشر انسان کي،
ملڪ فلڪي اڄ چون ٿا حور غلمان، مرحبا!

سپ درختن جي پنن مان ٿو اچي آواز اڄ،
ٿا چون تڪريم ۽ برگِ درختان مرحبا!

بلبلانِ باغ ٿا هي غزلخوانيءَ ۾ چون:
مرحبا صد مرحبا، يا شاهه شاهان، مرحبا!

جهنگلي جي جانور سي پڻ خوشيءَ ۾ ٿي نچيا،
چاهه مان چوندا رهن هرهنڌ حيوان مرحبا!

حسن کان حيرت ۾ ٻڌي، قمر ويو ڪومائجي،
آفتابِ آسمان جو شمس شر مان مرحبا!

لين کان لرڪس هڪجي حيران حالت کي ڏسو،
چشم کان آهو وتي آ پر بيابان، مرحبا!

رهنما و رهبرِ راهِ صراط المستقيم،
سرگروهِ سالڪان و اهلِ عرفان، مرحبا!

پير جو آهي پروڙيل، السخرّ جو سرّ سپ،
جود اجود کان چون ٿا عجم ايران مرحبا!

خاندانِ راشدي قائم قيامت يا خدا،
جيسين آهي آسمان گردونِ گردان، مرحبا!

"عبد" جهڙا لک هزارين درسخيءَ جا داد خواهه،
هي به آ هڪڙو غلام ابن غلامان، مرحبا!

* * *

طلبگار مان تڪرار هان حبدار مدينه اکين سان پسان پار لئين هڪوار مدينه،
اشتياق مون کي آهه پائدار مدينه، سڪ سار دل افگار آ سردار مدينه،
يڪبار ڏسان يار شرفدار مدينه، اکڙين ۾ سدا آس آ ديدار مدينه!

"لولاک لما" لفظ ۾ مذکور مکمل، سارهه ۾ صفت ثابت "یاسین" "مزمل"،
قدرت جي کاروبار جو جنسار مجمل، اسرار خدا جي جو سڃو راز آ رلمل؛
سنسار سموري جو سماچار مدينه، اکڙين ۾ سدا آس آ ديدار مدينه!
محبوب خداپاڪ جو سردار صنم آهه، بالا يا بلند برتر اعزاز اتم آهه،
جنهن جاءِ وئين ات له ويو کنهن جو وهم آهه؛ اظهار رکيل عرش تي اقدار لرم آهه:
اسرار جو اظهار آ انوار مدينه، اکڙين ۾ سدا آس آ ديدار مدينه!
سڪ سار برهه بار ڪيو بيتاب اکين کي، ڏينهان رات وائي وات جاري آب اکين کي،
روئڻ روج شب روز آ خون ناب اکين کي، طلب تات ڪيو بيتاب نڪو خواب اکين کي؛
محبوب خدا خالق سنسار مدينه، اکڙين کي سدا آس آ ديدار مدينه!
مٽ خاڪ مديني له آهي مشڪ ختن جو، ثاني نه صحن سهڻي جي جنات عدن جو،
بينائي بصر لاءِ سئو سرمون اکين جو، مٽ جوءِ نه جنات جي صحرائي صحن جو؛
سازش ۾ سئو سهڻو صدبار مدينه، اکڙين کي سدا آس آ ديدار مدينه!
صحراي مدينه جو سماچار سئو آهه، الله جي الطاف سندو نور الو آهه،
عاصين جو اجهو عربي پائدار ٿو آهه، صدبار مبارڪ آ جنهين ڏيهه ڏئو آهه؛
ذڪرن ۾ سئو ذڪر آ اذڪار مدينه، اکڙين کي سدا آس آ ديدار مدينه!
سڪ سار ۾، سردار! منهنجو ساهه سڪي ٿو، اشتياق جو اظهار مون کي شوق ڇڪي ٿو،
الدوهه الم درد سندو دور رکي ٿو، فرقت جو ڪنيل ڏک ۾ منهنجو ڏيل ڏکي ٿو؛
ڏيکار خدا "عبد" کي اظهار مدينه، اکڙين کي سدا آس آ ديدار مدينه!

* * *

(ڪافي)

خوش وسن اهي شال، مارو منهنجا سيال، عمر ماڻين ۾ ڪيئن وساريان!
ٽوهر ٽر ۾ ٽيا لٽر لاٽا، سگر سگريون چڻ چاٽا،
مارن چوڙيا مال، ڪارائڻ جي خيال، تن سانگين جي مان سنگت ساريان!
سور سالگين جي جيءَ ۾ جهوري، راتو ڏينهان لڄ ۾ لوري،
هيڻان ٿيا هت حال، جالڻ آهه جنجال، غم گوندر ۾ گهڙيون گهاريان!
ڪيڏ بنديائي بند مان باکل، روح مارن سان ڪريان رلمل،
اوريان ڏين احوال، ڪريان قيل مقال، هنجون هردم تن لاءِ هاريان!
وطن وڃڻ جي آس اندر ۾، وجهان وري شل پلک ۾هر ۾،
الله جل جلال، ڪري پلايون پال، لت الهن جون راهون لهاريان!
درد مان دمدم ڪريان دانهون، اکهن اهي شل "عبد" جون آهون،
سڪندي ٿيا هن سال، وري ورق وصال، وڃي مارن سان ڪڏ گذاريان!

شمشير الحيدري

محمد عثمان "ڈيپلائي"


هونئن تہ هر ڈيپلي جي رهاکوءَ کي "ڈيپلائي" چئجي، پر اوهين يقين کريو تہ سنڌ جي هر پڙهيل لکيل ماڻهوءَ جي ذهن ۾ هيءَ لفظ هڪ خاص شخصي اصطلاح جي حيثيت سان ورهين کان وڌي اهڙو تہ مڪمل تعارف پيدا ڪري چڪو آهي، جو هن وقت سنڌي بوليءَ ۾ "ڈيپلائي" جي فقط هڪ ئي معنيٰ آهي ـ "محمد عثمان ولد حبيب الله، ميمڻ، اصل ڳوٺ ڈيپلو، حال ساڪن حيدرآباد سنڌ"، جنهن جا لکيل ناول سڄيءَ سنڌ ۾ "ڈيپلائيءَ جا ناول" جي نالي سان مشهور آهن: ۽ اهائي چيز ڈيپلائيءَ جي هڪ غير معمولي شخصيت هجڻ جو ثبوت پڻ آهي. سنڌ جي هن غير معمولي شخصيت جو جيڪڏهن معمولي تعارف بہ پيش ڪجي، تہ ان لاءِ جيتريقدر عنوانن جي ضرورت ٿيندي، سي بہ هڪ الڳ تصنيف جي ضخامت وٺي ويهندا. ڈيپلائيءَ جي مجاهدالہ زندگيءَ جو تصور ڪرڻ سان هڪ وڏي تاريخي جدوجهد جو منظر اکين اڳيان اچي وڃي ٿو، جنهن ۾ سنڌ جو ستايل ۽ اڻوڏهہ عوام، رفتي رفتي، هرقسم جي شخصي، خانداني، ۽ طبقاتي پرستش جي جار کي ٽوڙيندو، سچتا ۽ عقيدت جي انڊن بتن کي پڇندو، وهم ۽ ويساهہ جي مڪارين مان نڪرندو، انسانيت جي روشنيءَ ۾، ڪاميابيءَ سان زندگيءَ جي آزاد راهن تي ايندو نظر اچي ٿو. سمجهدارن جي هڪ وڏي اڪثريت انهيءَ عمل ۾ ڈيپلائيءَ جي هن مبارڪ مهم کي قبول ڪري چڪي آهي. سنڌ جي خوشحاليءَ جي انهيءَ جدوجهد جي ترجمان جي حيثيت سان، "ڈيپلائي" هاڻي هڪ فرد نہ بلڪ جماعت، هڪ شخصيت نہ بلڪ لٽريچر آهي.

محمد عثمان ڈيپلائي، ۱۹۰۸ع ۾، ٺر جهڙي بي بندوبست علائقي ۾ پيدا ٿيو. لنڊي هوندي کان ئي ڏاڍو ذهين هو ـ ايتريقدر جو پاراٿي درجي ۾ بہ چهين درجي جا سبق اس پڙهي ويندو هو، ۽ سندس استاد خود مٿس حيران هوندا هئا. سندس بيءَ هڪ لنڊيڙو واپاري هو. ان وقت ڈيپلي ۾ انگريزي تعليم ڪانہ هئي، ۽ بدقسميءَ سان ستن پٽن جي هڪڙي پاءَ هجڻ ڪري مائٽ ڪيس اکين ڪان پري ڪرڻ نہ چاهيندا هئا، ان ڪري پاڻ ست ڪوهہ پري ميڻيءَ وڃي انگريزي پڙهي نہ سگهيو. ڈيپلي ۾ رهي سنڌيءَ جا ست درجا پاس ڪيائين، ۽ پوءِ واپار ڪرڻ لڳو. انهيءَ ۾ هڪ مولوي صاحب ڪان "زليخا" تائين پارسي جي تحصيل ڪيائين. ذاتي صلاحيتون تہ منجهس جمندي ئي جميل

هيون، ان کري گجراتي، هندي، گرمکي، اردو ۽ انگريزيءَ مان بہ پوري پني واقفيت ورتائين. عربيءَ جي تعليم باقائدي ته کانہ ورتل اٿس، ۽ قرآن شريف جو با ترجمي مطالعو سو ايترو ته گھٹو کيو اٿس، جو کنهن بہ آيت جو ترجمو بناهڪ جي کري سگھندو آهي- بلڪ عربيءَ جي کا بہ عبارت يا شعر وغيره بہ سمجهي سگھندو آهي. تازو سنڌيءَ ۾ "اديب" پاس کيو اٿس.

ٽر جي "ڊڪاريل" حالتن ڊپلائيءَ کي آخر ڊپلو ڇڏڻ تي مجبور کيو، ۽ ٻوءِ هو واپار جي سالگي سان لاڙ ۾ وڃي رهيو. اتي، ڪن زميندارن جي آڇ تي، واپار ڇڏي ملازمت اختيار کيائين: پنجويهن ورهين تائين ڏنڊي هاگي، بدين، ڪپري، ميرپورخاص ۽ عمرڪوٽ تعلقن ۾ مختلف زميندارن وٽ نوڪري ڪندو رهيو. ملازمت جي فرصت واري وقت ۾ ڪيس اخبارن ۽ رسالن پڙهڻ جو ڪافي موقعو مليو. آڪاٽين سان ته ننڍپڻ کان شوق هوس. انهيءَ زمالي ۾ رسالن کي بہ 'اخبار' سڏيو ويندو هو. مسٽر خوشيرام ۽ تيجسنگهہ پنهنجي ماهوار ڪتابي سلسلي کي بہ "ماهوار ناول اخبار" کري چوندا هئا- ۽ اڄ بہ کي لشرواشاعت ۾ مشغول رهندڙ اهڙي سلسلي کي اٽين ئي سڏيندا آهن. ڊپلائيءَ جو آڪاٽين سان اهو شوق چوٽين درجي پڙهڻ وقت ان حد تائين وڃي پهتو جو پاڻ هڪ "هفتيوار ناول اخبار" ڪڍي ڪيائين، جنهن جو نالو رکيائين "فرحت آثار"! اخبار وري کهڙي؟ سڄي هفتي ۾ هٿ سان ويهي هڪڙي ڪاپي لکندو هو، ۽ وري پنهنجي ڪلاسي دوستن کي پڙهي بہ پاڻ ٻڌائيندو هو! ان ۾ 'نيلوفر پري' قسر جون آڪاٽيون ۽ پارائا چٽڪا، جيڪي آڻي ويڻي پين کان ٻڌندو هو، سي گڏ ڪري 'شايع' کندو هو. انهيءَ شوق جي سهاري، هيءَ لنڊڙو ايڊيٽر ۽ پبلشر، اڳتي هلي سچ پچ ته وڏو ايڊيٽر ۽ پريس جو مالڪ ٿيڻ ٿيو.

مطالعي جي شوق، ڊپلائيءَ کي آخر لکڻ جو ڏانءُ ڏنو. سندس پهريون مضمون، اردو ۾، دهليءَ جي اخبار "منادي" ۾ شايع ٿيو. دراصل هيءَ هڪ خط هو، جو خواجہ حسن نظاميءَ ڏانهن محمد بن قاسر جي سوانح بابت "منادي" ۾ شايع ٿيل ڪن غلطين جي درستين بنسبت هو، پر خواجہ صاحب اهو شايع ڪري ڇڏيو. ڊپلائيءَ کي پنهنجي پهرئين مضمون جي شايع ٿيڻ تي بيحد خوشي ٿي، ۽ کيس وڌيڪ مضمون لکڻ جو شوق جاڳيو. انهيءَ زمالي ۾ مولانا عبدالرزاق ۽ حکيم عبدالخالق "خليق" موراڻي گڏجي رسالو "ترقي" ڪيڏدا هئا. حکيم عبدالخالق جي طرز تحرير ڊپلائيءَ تي گهرو اثر کيو. ۽ کيس الهيءَ رلڳ ۾ لکڻ جو اشتياق پيدا ٿيو. حکيم صاحب پوءِ رسالو "علمي دليا" جاري کيو، جنهن ۾ ڊپلائيءَ جو پهريون افسانو "چند سهڻو يا السان" شايع ٿيو. انهيءَ همت افزائيءَ جي آڌار تي هن پنهنجو پيو افسانو "ڪتو بہ ڪاڏو، ڪُڪ بہ لہ پري" لکيو، جو پاڻ "علمي دليا" ۾ "فريبي دليا" جي بدليل عنوان سان شايع ٿيو. پوءِ ته ڊپلائيءَ کي لکڻ جي اهڙي لهر لڳي ويئي، جو مضمون نويس مان ڪتابن جو مصنف بنجي ويو.



محمد عثمان ډيپلائي

۱۹۳۴ع ۾ حيدرآباد ۾ حڪيم عبدالخالق سان ڊيپلائيءَ جي روبرو ملاقات ٿي ويئي. ان جي فرمائش تي هن "قرآني دعائون" ڪتاب لکيو، جو "مسلم ادبي سوسائٽيءَ" شايع ڪيو. اهوئي پهريون ڪتاب هو، جنهن تي لفظ "ڊيپلائي" ڇپيو، ۽ اڄ تائين اهو 'ٽريڊ مارڪ' ۽ صرف سندس هر تصنيف جو تعارف بنيل آهي، ۽ اڪ الڊريس طور ۽ فقط "ڊيپلائي" جو لفظي حوالوئي ڪافي آهي.

ڊيپلائيءَ کي جيڪا عام شهرت حاصل ٿي، سا "ڊيپلائيءَ جا اسلامي تاريخي ناول" واري سلسلي ذريعي. شروع شروع ۾ ڪيس جاسوسي ناول پڙهڻ جو گهڻو شوق هو. مشهور ڪهيڙ ناول "چندر ڪانتا"، ۽ "يوتنات"، هضم ڪرڻ جي حد تائين پڙهيو هٿائين. ۽ ليڪ شرلاڪ هومز ۽ آرسين لوپن وارا جاسوسي ناول سندس خاص پسند هٿا. ان بعد جڏهن مولانا عبدالحليم "شرر" جا تاريخي ناول نظر چڙهيس، تہ تاريخي ناولن پڙهڻ جو شوق جاڳيس. سنڌيءَ ۾ جڏهن حڪيم عبدالخالق جو ناول "سندري" پڙهيائين، تڏهن سندس دل ۾ هيءَ خواهش پيدا ٿي تہ سنڌيءَ ۾ اهڙائي اسلامي تاريخي ناول گهڻي تعداد ۾ شايع ٿين گهرجن ـ ۽ حڪيم صاحب اهڙن وڏيڪ ڪتابن لکڻ بغير وفات ڪري ويو. البت مولانا شرر ۽ علامہ راشد الخيريءَ جي ڪجهہ تاريخي ناولن جا ترجما شايع ٿيا، پر هوءَ اهي سلسلا ۾ خاموش ٿي ويا. ٻئي طرف اردو ۾ اهڙا ناول ڏاڍا ڏاڍ ڇپجي رهيا هٿا. "ويڙهاويو ۽ راج ڪريو" جي اصول ٻڌائندر، انگريزن کي سخت ضرورت هئي تہ هندستان جا مسلمان "مجاهد قوم" بنجي هندن جو مقابلو ڪن: "الناس علىٰ دين ملوڪهم" جي مصداق، مسلمانن ۾ اهي خيال ائين پکڙجي ويا جو ازخود اهڙا ڪتاب لکندڙ مصنف ٻٽي پيدا ٿيا. منشي صادق صديقي، نسيم حجازي ۽ ايم.اسلم جا ناول تيزيءَ سان شايع ٿي رهيا هٿا، جن کي پڙهڻ ڊيپلائيءَ جو محبوب مشغلو هو. ۱۹۳۸ع ۾، جڏهن ڊيپلائي ميرپورخاص ۾ ملازم هو، مولوي خيرمحمد نظاماڻي سان اتي ٿي رهندو هو. ٻئي اڪثر ملندا رهندا هٿا. هڪ دفعي گفتگو ٿي تہ 'جئن اردو ۾ "مجاهدانہ اسپرٽ" وارا "اسلامي تاريخي ناول" شايع ٿين ٿا، تئن سنڌيءَ ۾ ٻہ ٽي گهرجن'. مولوي صاحب الهيءَ تي ڊيپلائيءَ کي چيو تہ "لکي تون ڏي، شايع آءٌ ڪرائيندس". چنانچہ ڊيپلائيءَ پهريون اسلامي تاريخي ناول "سنگدل شهزادي" لکيو، جنهن جو پلاٽ منشي صادق صديقيءَ جي ڪتاب "آرمينيا کا چالد" تان ورتل هو، ۽ منشي صاحب وري اهو پلاٽ عربي تاريخ "فتوح العجم" تان ورتو هو. مولوي صاحب تہ مالي مشڪلاتن سبب اهو ڪتاب شايع ڪرائي نہ سگهيو، ان ڪري ڊيپلائيءَ پنهنجو ڪتاب پاڻ ڇپائڻ جو ارادو ڪيو. پنجاهہ روپين جي اوڏر ڪٽي، "سنگدل شهزادي" کي پريس ۾ ڇپجڻ بعد ڪيس خيال آيو تہ اهو سلسلو اڳتي ٻ هلڻ گهرجي. ائين ٿي هن سماهي ڪتابن جي سلسلي جو اعلان ڪري ڇڏيو. الهيءَ اعلان کي عمل ۾ آڻيندي، "اسلامي دارالاشاعت" جي نالي سان، ڊيپلائيءَ پهريون مرتبو ميرپورخاص ۾ هڪ لئبرڙو

ادارو قائم كري ورتو. ان طرح، شوق ئي شوق ۾، ڪنجاھ رپين جي آڏاريءَ رقم سان شروع ڪيل الهيءَ اداري کي ھن وقت ھزارن روپين جي وھنوار تي پھچائي چڪو آھي!

سڀ کان وڏي خصوصيت، جيڪا ڏيپلائيءَ کي سنڌ جي ٻين مڙني شخصيتن تي امتياز ۽ فوقيت ٿي بخشي، سا آھي ڏيپلائيءَ جي پيري-مرشديءَ خلاف بغاوت ۽ مسلسل جھاد. ھن مجاھد جي سڄي عمر انهيءَ جدوجھد کي منظم ڪرڻ ۾ گذري آھي، ۽ سچ پچ ته سندس ھن شالدار ڪارنامي کي جيڪڏھن اسين سنڌ جي سرزمين تي "آب حيات" جي جُوءِ جاري ڪرڻ جي استعاري سان ياد ڪريون ته اھو بلڪل بجا ٿيندو. سنڌ ۾ ورھين کان وٺي جيڪا عام جھالت ۽ ذھني پست حاليءَ جي حالت قائم آھي، تنھن اسان کي قومي ترقيءَ جي ھرشعبي ۾ اڳتي وڌڻ کان روڪي رکيو آھي. تعليم، ھنر، معاش، اقتصاد، سياست، اخلاق-مطلب ته اسين زندگيءَ جي ھر مرحلي ۾ پست ھئاسون، ۽ پست آھيون. اڄ جڏھن دنيا جا سمورا ملڪ ۽ قومون اجتماعي طرح، ۽ انفرادي طرح اسان جي ٻنھ ويجھيون ٻيون پاڪستاني قوميتون، ٻنھنجي ٻنھنجي حال کي بھتر کان بھتر بنائڻ ۾ اڳريون آھن، ۽ ٻئي طرف جڏھن جديد سائنس جي تازه ترين انڪشافن، زندگيءَ جي سمورن قديم تصوراتي نظرين تان پردو ھٽائي، انسان جي عملي ڪردار کي ڪائنات جي وسيع اختيارين سان ھمڪنار ڪري ڇڏيو آھي، تڏھن اسان جي "سنڌي سڀاجھڙي" جو ھيٺو حال اجھو هيءَ آھي جو ايا ۽ وتي ٿو "خاڪ چٽيءَ" لاءِ ٻٽون ٻيٽيندو ۽ ٽوٽن ڦٽن کي دردن جو دارون سمجھندو!

ڏيپلائيءَ جي طبيعت ۾ اوھام پرستيءَ جي خلاف بغاوت سڀ کان اول علامہ شرر جي ڪتاب "فردوس برين" پڙھڻ سان پيدا ٿي. اھو ڪتاب ڪيس مشھور مبلغ توحيد مولانا عبدالرحيم ڇچي مرحوم سن ۱۹۲۲ع ۾ پڙھايو ھو، جڏھن ڏيپلائي اڃا چوڏھن ورھين جو ھو. مولانا ڇچيءَ جي پرائمر تبليغ لاڙ ۽ ڪچ جي لکھا ماڻھن کي ٻيرپرستيءَ جي جھنگ مان ڪڍي توحيد جي راھ تي آندو. جڏن ته الهيءَ ٻٽ ۾ اھو ڀھريون شخص ھو، جنھن شرڪ جھڙي زبردست ڪوٽ کي ٽڪرون ھنيون، ان ڪري ڪيس بيحد سخت تڪليفون درپيش آيون؛ ليڪن سڀ سالن جي لڳاتار تبليغ آخر اھڙو اثر پيدا ڪيو، جنھن جي ڪا حد ئي ڪانه آھي. ڏيپلائيءَ ٻوءِ "فردوس برين" جو ڪچ جيترو ترجمو، "گلستان حسن" جي ناليءَ سان شايع ڪيو، جنھن ۾ حسن بن صباح جي بھشتي باغ جو ذڪر آندو اٿس. اھو ڪتاب ٻوءِ ضبط ڪيو ويو-حالانڪ اردوءَ ۾ ساڳيو ڪتاب ڪاليج جي ڪورس تي رکيل آھي. ڪتابن جو اھو سلسلو ٻه سال سماھي ھليو، ٻوءِ ماھوار ٿيو، ۽ اڄ تائين جاري آھي. انهيءَ سلسلي جي ذريعي ڏيپلائي "مرشد" جي ٻوٽنان اٽين ته ھٽ ڏوئي لڳو آھي، جو مرشد جي ننگ ٻانھن ٻه سلامت کانه ڇڏي اٿس: مرشد جي درگاھ ۽ ان جي ڪراٽ ته خير، ۾ مرشد جي ڪڍ ۽ گھوڙي، بلڪ مرشد جي ڪياڙيءَ ۽ ڪن جي ٻاڙيءَ تي ٻه ويھي ناول جوڙيا اٿس! ان طرح، سنڌ جي ويساھ جي وسوڙل عوام کي تھ در تھ فريبن

۽ مڪارين کان واقف بنائڻ لاءِ ڊپلائيءَ جيڪا جاکوڙ ورتي آهي، اسان جي آئيندي جي خوشحاليءَ جي حق ۾ ان جي اهميت، بنيادي طرح، نهايت ئي بلند آهي.

ڊپلائيءَ جي ذهني ارتقا جي باب ۾ آريه سماجي هيندن سان سندس مقابلي بازيءَ وارو دور خاصي اهميت رکي ٿو. آريه سماجين طرفان ڏزن کن اهڙا ناول شايع ڪيا ويا، جن ۾ مسلمان بادشاهن جي خانگي حالات کي نهايت تلخ ۽ سخت انداز ۾ پيش ڪيو ويو هو. انهن مان هڪ ڪتاب "مغل رنگ-محل" ته جنسي چٽلينج هو، جنهن ۾ مغل شهنشاهن جي اخلاقي ڪردار تي هريءَ طرح حملا ڪيا ويا هئا. ظاهر آهي ته سخت تعصب جي هوا هلندي، هاهي ڪاهش جي ڪا معمولي چٽنگ به وڏي پنيٽ جو باعث بڻجي سگهي ٿي. مسلمانن ۾ هن قسم جي تحريڪ لاءِ نفرت جو ردعمل فطري هو. ڊپلائي، جنهن ان وقت خود کي هڪ "مبلغ اسلام" چاڻي سوچيو ٿي ۽ "محافظ دين" چاڻي لکيو ٿي، تنهن جي دل جي حالت انهيءَ غيرت جي ٿهڪي کان بلڪل غير بنجي ويئي. گند گند سان صاف ٿئي ٿي، ليڪن مسلمان بادشاهن جي توهين جي تلافيءَ لاءِ ڊپلائيءَ وري هندو راجائن جا پول پڌرا ڪيا: "مغل رنگ-محل" جي مقابلي ۾ "ڏاهري رنگ-محل" سچ پچ ته وڏي هلچل مچائي ڏني. فساد دفع ڪرڻ لاءِ آخر سرڪار اهو ڪتاب ضبط ڪيو-حالانڪ "مغل رنگ-محل" کي ڪالج جي نصاب ۾ شامل ڪيو ويو هو. ڊپلائيءَ وري پيو ڪتاب لکيو-"ڪتي جو.....؟ (پُٽ)". هن ڪتاب کي به ڪافي شهرت ملي، ۽ هندن جي مقابلي ۾ ڊپلائيءَ جي هن ديني خدمت کي مسلمانن ۾ گهٽي قدر ساراهيو ۽ ڦهلايو ويو. ان طرح، ڊپلائيءَ جي ڪتابن کي هاڻي هڪ وسيع مارڪيٽ پڻ ميسر ٿي ويئي.

۱۹۴۱ع ۾ جنگ جي زور سبب "ليوز پرنٽ ڪنٽرول آرڊر" جاري ٿيو، جنهن موجب ڪتابن لاءِ اخباري ڪاغذ جي استعمال تي بندش وڏي ويئي. اخبارن ۽ رسالن کي ته سرڪاري اکهه تي پنو ملي سگهيو ٿي، پر ڪتابي ڪاغذ جي قيمت بليڪ ۾ پنجوٽي فرق تي پهچي ويئي. ڊپلائيءَ ان ڪري پنهنجي ڪتابي سلسلي کي "ماهوار رسالو 'عبرت'" جو نالو ڏنو، جئن پنو آساني سان ملي سگهي؛ ۽ جلدئي پٽي پني لاءِ به "پيپر ڪنٽرول آرڊر" جاري ڪيو ويو، جنهن موجب وري صفحن جي تعداد تي به پابندي وڏي ويئي، جنهنڪري لاچار ڊپلائيءَ کي پنهنجي سلسلي کي هفتيوار ڪري هلائڻو پيو. وري جڏهن ۱۹۵۳ع ۾ ساڳيو تماشو شروع ٿيو، تڏهن حالتن پنالدر هفتيوار "عبرت" کي روزانه اخبار بنائڻ جو خيال ڪيائين. ڊپلائيءَ "عبرت" کي روزاني بنائڻ جي منظوري فقط پني گهٽي ملڻ سبب ٿي وٺڻ چاهي، ۽ اها اجازت کيس تڏهين عنايت ٿي، جڏهن ڪرنافلي ڪاغذ لڪتو ۽ پني جي تنگي گهٽي قدر گهٽ ٿي ويئي؛ ليڪن ون-يونٽ کان پوءِ اخبارن تي ايتريقدر ڪڙيون پابنديون وڌيون ويئون جو ڪا نئين اخبار جاري ڪرڻ سنڌين لاءِ مشڪل بلڪ محال ٿي پيو؛ ان ڪري الهيءَ اجازت کي ضايع ڪرڻ مناسب نه سمجهي، ڊپلائيءَ روزاني "عبرت"

اخبار جاري ڪئي، ۽ اڄ تائين ان کي هلائيندو اچي. "عبرت" جو ٻالو مشهور ترڪي ادیب ۽ صحافي 'نامق ڪمال' جي اخبار تان ورتل آهي، جنهن سلطان عبدالحميد جي آپشاهيءَ خلاف بغاوت ڪرڻ ۽ ترڪي عوام کي جمهوريت ملڻ جي مطالبي لاءِ هڪ بي نظير ڊرامو "وطن" لکيو، ۽ ان کي "عبرت" اخبار هلائي. جنهن جذبي سان ڊيپلائيءَ پنهنجي اخبار جو ٻالو تجويز ڪيو هو، واقعي انهيءَ جذبي جو پرزور اظهار ان جي مضمونن ۾ ملي ٿو: جاگيرداري ۽ ڪامورا شاهيءَ جي خاتمي ۽ ملڪ ۾ جمهوري انصاف جي بحاليءَ جي عام مطالبي، ۽ خصوصاً سنڌ جي صوبائي خود مختيار حيثيت سان متعلق سڀني مسئلن تي عوام جي حقن جي ترجماني، سخت ڪان سخت انداز ۾، جيترقدر ڊيپلائيءَ جي "عبرت" ۾ اچي چڪي آهي، شايد ئي ان کان وڌيڪ ڪنهن ٻئي ورچي ۾ نظر اچي. ليڪن، افسوس آهي جو ڊيپلائي "عبرت" جي اشاعت کي وڌي پيمائي تي پهچائڻ کان مجبور آهي، جنهنڪري سنڌ جا اڪثر ماڻهو انهيءَ اخبار جا مفيد مضمون پڙهڻ کان محروم آهن.

ان وچ ۾، ۱۹۴۲ع ۾، ڊيپلائي مستقل طرح حيدرآباد اچي رهيو، ۽ "اسلاميه دارالاشاعت" جو ڪتابي سلسلو ۽ "عبرت" اخبار ٻئي ان طرح حيدرآباد ۾ منتقل ٿيا. ۱۹۴۵ع ۾ ڊيپلائي پنهنجي موجوده پريس ورتي. ان کان اڳ سنڌس ڪتاب اڪثر محمدخان "غني" واري "هاشمي پريس" مان ڇپيا هئا. حيدرآباد واري دور ۾ ڊيپلائيءَ جو "جماعت اسلاميءَ" سان اتفاق ۽ اختلاف قابل ذڪر آهي. مولانا مودوديءَ جي ديني احياء جي سلسلي ۾ ڪيل تقريرن ۽ جماعت اسلامي جي ابتدائي تنظيم کان ڊيپلائي ڪهڙي قدر متاثر ۽ پُرامید ٿيو: سنڌس خيال هو ته جماعت اسلاميءَ کي زور ونائڻ سان پاڪستان ۾ "حڪومت الاهيه" جي قيام وارين ڪوششن کي تقويت پهچندي، ۽ ان کي اقتدار ۾ آڻڻ هر سچي مسلمان جو فرض آهي. الهيءَ فرض جي احساس سان، ڊيپلائيءَ جماعت اسلاميءَ جي پوري پوري پٺيرائي ڪئي: مودودي صاحب جي هر تازي تقرير ۽ ڪتابن کي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري شايع ڪيائين. پنهنجي اخبار ۽ ڪتابن ۾ هن تحريڪ جي تبليغ ڪيائين، ۽ آخر سچي ساري پريس ئي جماعت اسلاميءَ کي پنهنجي لٽريچر چڻ لاءِ سپرد ڪري ڇڏيائين. جلدئي، جڏهن جماعت اسلامي کي توقع کان زياده اقتدار حاصل ٿي ويو ۽ ان جي اندروني مصلحتن ۽ سياسي مفادن جي پاليسي رفتي رفتي عيان ٿيڻ لڳي، تڏهن ڊيپلائيءَ کي پنهنجي 'فرض' جي حقيقت ۾ معلوم ٿي ويئي، ۽ هو يڪلخت انهيءَ جماعت کان بدظن بلڪ متنفر ٿي ويو. مودودي صاحب جي قلابازين، ڊيپلائيءَ لاءِ پنهنجن سمورن گذريل مرحلن تي ٿيڻ سرنظر وجهڻ جو موقعو آندو، ۽ آخر هن پنهنجي تجربن کي هڪ مستقل نتيجي تي پهچائڻ جو عزم ڪري ورتو. ان باري ۾ ڊيپلائي پنهنجي خود سرگذشت سوانح ۾ لکي ٿو:

"آخر مون هي تماشو ۽ ڏٺو ته جيڪي ۽ شخص مذهبي فريب ڏين ٿا، سي سڀ درحقيقت ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ سرمائيدارن، زمينداران، سيٺين ۽ حاڪمن جا

چاوتا آهن، ۽ عوام کي کنهن نہ کنهن طرح، سمجهي ٻجهي يا بيخبريءَ ۾، سندن انساني حقن کان محروم رکڻ جي کوشش ڪن ٿا. هر انسان لاءِ ٻهريون فرض آهي ٻنهنجا جائز ۽ بنيادي انساني حق حاصل ڪرڻ، ٻيون سڀ کوششون ان کان ٻوءِ جون آهن: ڇاڪاڻ تہ جنهن شخص کي صحيح معنيٰ ۾ "انسان" ٿي تصور نٿو ڪيو وڃي، ان جون باقي طلبون ٻلا حيثيت ٿي کڻي ٿيون رکن؟

"هارين سان زميندارن جو جيڪو ويل آهي، سو مون پنجويهہ سال چئين اکين سان سندن اندر ويهي ڏٺو آهي؛ ڪارخانن اندر مهينن جا مهينا رهي، مزدورن سان سيڻين جو برتاءُ ۽ مطالع ڪيو اٿم؛ پيرن، ملن ۽ ليڊرن جي فريبي زندگيءَ کي ڏسڻ جو مون کي ڪافي موقعو مليو آهي؛ ۽ جماعت اسلاميءَ جون قلابازيون ۽ مون پوريءَ طرح پروڙيون آهن: اهي گالهيون آهن، جن منهنجي خيالن ۾ تبديلي آندي، ۽ مون جڏهن انهيءَ تصور هيٺ وري مطالعو ڪرڻ شروع ڪيو، تڏهن پوريءَ طرح محسوس ڪيم تہ درحقيقت سمورا مذهب ۽ انهيءَ تصور هيٺ شروع ٿيا آهن تہ انسان ذات کي بهتري ۽ بهبودي ميسر ڪري ڏجي، مگر جڏن ٻوءِ تڏن وڌيڪ الهن جي پيشوائن ۾ خودغرضي ايندي ٿي وڃي، ۽ هو آخر مذهب جي منشا کي ٿي ٻگاڙي چڪا آهن.

"هر مذهب جي صحيح پيروي اهائي آهي تہ مظلوم انسانيت کي خود غرضيءَ جي زنجيرن مان آزاد ڪرڻ جي کوشش ڪجي، جيڪي ٻاڻ سمجهيو ويو آهي سو عوام تائين پهچائجي، ۽ هنن کي سندن هستيءَ جو احساس ڏياري، منجهن اها اميد پيدا ڪجي تہ 'اها هستي ۽ بلنديءَ ۾ بدلجي سگهي ٿي'. اهو ڪولوح محفوظ جو لکيو ڪن آهي، جو ميڙجي ٿي نہ سگهي: اهي تہ وڏن ماڻهن جا دوکا آهن، جي اسان کي اهڙن لفظن ۾ پيا باور ڪرايا وڃن تہ

'توڙي هلين تکڙو، توڙي وجهين وڪ،
ليکي منجهان ليک، ذرو ضايع نہ ٿئي!'

"الهن ٿي خيالن منهنجي دل مان هرقسم جي تعصب ۽ ڪٻرپڻي کي کڻي ڇڏيو، ۽ غيرمسلمن لاءِ جيڪا قدري نفرت هئي، سا به هاڻي نہ رهي آهي: منهنجي نظر ۾ هر انسان هڪ 'انسان' آهي-۽ بس:

"کفر است در طريقہء ما کينہ داشتن،
آئينِ ماست سينہ چو آئينہ داشتن."

لون خيالن واري سان-دوست ڏيپلائيءَ هاڻي پنهنجن تجربن کي نئون روپ ڏيڻ شروع ڪيو. ۱۹۵۲ع ۾ هن "ادارهٔ السالبت" قائم ڪيو، ۽ ان جي ذريعي السانيت جي معياري قدرن کي عام ڪرڻ لڳو. ان سلسلي ۾ هن ماهوار "السان" اخبار جاري ڪئي،

کيترائي بهترين کتاب شايع کيا. اڄ تائين اها اخبار جاري آهي، ۽ "سلسلهء انسانيت" جا کتاب هڪ منفرد معيار سان بدستور شايع ٿي رهيا آهن. "چارداٿا"، "ناٿهو ۽ ڏرتي"، "امريڪي شاعر"، ۽ "ڏکڻ مان ٿو سڄ ايري" جهڙا بهترين کتاب سنڌي ادب ۾ هڪ نمايان اضافو آهن.

۱۹۴۷ع واري ورهاڱي جيڪي حيرت انگيز تبديليون آنديون، تن کان پوري ملڪ جو ماحول متاثر ٿيو: نه صرف تاريخ جي هڪ قديم وحدت ۾ هن الڳ الڳ ورهاستن جي وجود جنم ورتو ۽ عوام الناس جي ذهن ۾ وطنيت جا نوان ناتا داخل ٿيا، بلڪ ان بعد جلدئي جيڪي هنگامي حالتون پيدا ٿيون، يا پيدا ڪيون ويئون، انهن، زندگيءَ جي اقتصادي ۽ معاشرتي تقاضائن جي بنياد تي، پاڪستاني عوام جي مختلف فطري گروهن ۾ هڪ بنيادي ۽ جمهوري عمل جو احساس بيدار ڪيو: اهو جمهوري عمل هو "پنهنجي تڏي سان محبت". ون-يونٽ کان پوءِ انهيءَ احساس جي مڪمل تشريح، پنهنجي پوري پس منظر سان، ماحول جي رڳ رڳ مان ڦٽي نڪتي، جنهن ۾ "قوميت" جي احترام کي پاڪستاني زندگيءَ جو بنياد قرار ڏنو ويو.

صوبائي خود مختياريءَ جي انهيءَ جدوجهد، ڏيهاڙيءَ جي مطالعي کي هڪ خوشگوار وسعت بخشي، ۽ سندس دلي امنگن کي سنڌ جي سرزمين سان واسته ڪري ڇڏيو. ان کان اڳ، 'وطن' جي باري ۾ ڏيهاڙي هڪ وڏي مبالغي ۾ مبتلا هو:

"شروع کان مذهبين جي چڪر ۾ اچڻ سبب، منهنجو اهوئي تصور هو ته 'مسلم هين هم، وطن هي سارا جهان همارا'، ۽ 'اِن تازه خدائون مين بڙا سڀ سي وطن هي'! ان ڪري، مون کي وطن سان ڪا به محبت ڪا نه هئي. پاڪستان ٺهڻ بعد جڏهن سڀ کان اول ڪراچي سنڌ کان کسي ويئي، ۽ پوءِ سنڌ جي زمين، جائدادن، نوڪرين، واپار، تعليم، ادب ۽ زبان ۽ غير سنڌي پائرن جون 'برادران يوسف' واريون بدنيت نظرون آڻيون - جي اڄتي هلي عظيم پنجاب عرف 'ون يونٽ' جي روپ ۾ نروار ٿيون - تڏهن منهنجي ذهن ڪي سخت صدمو پهتو. وري جڏهن انهيءَ احساس سان سمورن اسلامي ملڪن ۽ پاڪستان جي باهمي تعلقات، ۽ مشرق جي موجوده حالات، ۽ مغرب-مشرق جي بين الاقوامي صورتحال جو جائزو ورتم، تڏهن هن حقيقت کي سڀ کان اهم ۽ ضروري محسوس ڪيم ته سڀ کان اول قيمتي آهي پنهنجو وجود، ان بعد پنهنجو گهر ۽ وطن - ان کان پوءِ ئي وڏيڪ گهاڻيون سوچي سگهجن ٿيون. جنهن به السان کي پنهنجي 'تڏي' سان محبت ناهي، اهو سامين، کهيرين، ڪرڪلن ۽ واکوڙين واڱي سدائين رولو رهي ٿو، ۽ ان لاءِ هن دليا ۾ کوبه صحيح ٺڪائو ڪونهي.

"آڱ پوري يقين سان محسوس كريان ٿو تہ سنڌ جي باشندن سان هن وقت پاكستان ۾ بلكل اهڙوئي ظلم روا ركيو ويو آهي، جهڙو جاپانين چينين سان كيو، فلسطين وارن سان يهودين كيو، فرينچ الجيريا وارن سان كري رهيا آهن، الگريز ڏكڻ آفريقا وارن سان كري رهيا آهن ۽ كجهہ عرصو اڳ آئرلنڊ ۾ كنڊا وارن سان كيائون ٿي. ۽، جپاني چينين كان ۽ ڏكڻ آفريقا، آئرلنڊ ۽ كنڊا وارا انگريزن كان، ۽ الجيريا جا مظلوم فرينچن كان، جهاد كري پنهنجي جند ڇڏائي رهيا آهن، ليكن سنڌ جي حالت كي ٿو ڏسجي تہ سيڱ ٿو وڻي: خدانخواستہ جيكڏهن اهائي غفلت اڃا كجهہ وقت قائم رهي تہ اسان جو حال بہ فلسطين جهڙوئي بنجي ويندو! ان كري، هر كنهن دوراندیش اديب ۽ اڳواڻ كي گهرجي تہ هو قوم كي خوب سجاڳ كري، ۽ ان كي پنهنجي وطن جي محبت ۾ اهڙو تہ سرشار كري جو ان كي كوبہ پنهلائي نہ سگهي."

هيڱ آهي ڊيپلائيڱ جي ذهني ارتقا جي موجوده منزل، جنهن كي بهرحال سندس مطالعي جو بهترين نتيجو، ۽ سندس شخصيت جو بهترين رخ قرار ڏيئي سگهجي ٿو.

هاڻي ڊيپلائي هك وطن-پرست ۽ انسان-دوست "السان" بنجي چكو، جنهن كي پنهنجي وطن جي سرزمين سان محبت آهي، ۽ سموري انسان ذات كي پنهنجي پنهنجي وطن ۾ آباد ۽ شاد ڏسڻ چاهي ٿو. هك طرف هو "اسلاميہ دارالاشاعت" جي ذريعي سنڌ جي ماڻهن كي مذهب جي صحيح سمجهاڻي ڏئي رهيو آهي، ٻئي طرف "ادارهٔ انسانيت" جي معرفت عالمگير انسانيت جي بهترين اصولن جي تبليغ كري رهيو آهي، ۽ وري ٽئي طرف "عبرت" جي سلسلي سان ادبي ۽ سياسي بيداريڱ جا اسباب پيدا كري رهيو آهي: هاڻي وطن سان وابستگيڱ جو حق ادا كرڻ جو خيال آيو، تہ ان لاءِ هن "لطيف پبليكيشن" جي نالي سان الگ ادارو قائم كيو. "جپاني گڏي"، "۱۸۵۷ع جو بلوو"، ۽ "غازي انورپاشا"- اهي جوش ۽ جذبي سان ڀريل ناول پڙهڻ سان يكلخت دل ۾ قومي غيرت ۽ آزاديڱ جي ولولن جو طوفان مچيو وڃي. هو قوم كي وقت جو احساس ڏيارڻ لاءِ، پنهنجي ذاتي تلقين كي بنياد بنائڻ جي عيوض، تاريخ جي مثالي تجربن سان حالات جي كيفيت بڌائي ٿو. هو سنڌي عوام جي مخصوص نفسياتي مزاج كي پوريڱ طرح سمجهي چكو آهي. عوام جي ذهني سطح تي، آسان مثالن سان، مشكل مسئلن كي سمجهائڻ وارو اڄ اسان وٽ اهوئي هك شخص آهي-"ڊيپلائي".

ڊيپلائيڱ جي هيڱ خوبي كيڏي نہ وڏي آهي جو هو بيك وقت كيترا سارا ادارا هلائي رهيو آهي، ۽ هر هك اداري جي طرفان، الگ الگ مدت جي مقرريڱ سان، كيترا سارا كتاب باقاعدگيڱ سان شايع ٿي رهيا آهن! هو هن وقت تائين كل ٽي سؤ كن كتاب لكي چكو آهي. ڊاكٽر چوندا آهن تہ هلندي گاڏيڱ ۾ كتاب پڙهڻ سان نظر گهٽجي وڃي ٿي؛ پر ڊيپلائيڱ جي خيال موجب هلندي گاڏيڱ ۾ كتاب لكڻ سان نظر تيز ٿي وڃي ٿي-

هلڪ گاڏيءَ جي رفتار گهٽجي وڃي ٿي: ڊيپلائيءَ جي لڪڻ جي رفتار ايتري تہ تيز آهي، جو هڪ اسٽيشن کان ٻيءَ اسٽيشن تائين هڪ عدد ناول تيار! ڪيس "قليچ دوران" چئجي، يا علامہ راشد الخيريءَ جو مثال؟ ڪيترو ئي هُل ٻڪيڙو هجي، ڊيپلائيءَ جي خيالن ۾ رولو نہ ايندو. ڪانئس قلم ۽ ڪاغذ کسي وٺو، هو اوهان کي پنهنجي لکيت جو ثبوت ضرور ڏيندو. هو "بنا لکيي لکيو پڙهڻ" سان اوهان کي هي يقين ڏياري سگهي ٿو تہ هو پنهنجي هڪ مرتبو سوچي ورتل مضمون کي بروقت ڪاغذ تي درج ڪرڻ جو محتاج نہ آهي. ڪيترائي مرتبا هو وڏن وڏن اسٽيجن تي ڏڳها سارا "لکيل" مقالا ۽ نانڪ پڙهي چڪو آهي، ۽ ٻوءِ ٻتو ٻيو آهي تہ اهي سموريا ڪاغذ ڪورا هٿ، جن کي هو اڌلائي اڌلائي پڙهي رهيو هو! جهڙيءَ طرح ڊيپلائيءَ جي لڪڻ جي رفتار هلندي گاڏيءَ جي رفتار کان تيز آهي، اهڙيءَ ئي طرح وري سندس پڙهڻ به هڪ "شهسواري" آهي-جڏ سچ پچ گهوڙي تي چڙهي آيو هجي! اوهين يقين ڪريو تہ "امروز" اخبار جا ڪٽيل ڇهہ ئي صفحا هو فقط اڌ منٽ جي اندر پڙهي پورا ڪري وڌندو آهي! وري اوهين جنهن به هيڊنگ تي هٿ رکندا، ڊيپلائي ان جو تفصيل سوبهو بيان ڪري ويندو. دراصل اخبار بينيءَ جي سلسلي ۾ ڊيپلائي صاحب کي "هيڊنگ-شناسي" جو هنر حاصل آهي. ان جو هڪڙو سبب هي به آهي جو هو حالات جي تبديلين جو ايتريقدر تہ مطالعو رکي ٿو جو ڪيس ڪنهن خاص صورتحال جو ردعمل اڳ ۾ ئي معلوم ٿي وڃي ٿو. اڪثر مرتبا ائين به ٿيو آهي جو ڪنهن جلسي ۾ ڪو مشهور مولانا صاحب پنهنجو وعظ ڪرڻ لاءِ اچڻو هوندو، يا ڪو ليڊر صاحب پنهنجي بيان جاري ڪرڻ بابت اعلان ڪري چڪو هوندو، تہ جيستائين اهو مولوي صاحب پنهنجو وعظ مبارڪ ڪرڻ لاءِ تشريف فرما ٿئي، ۽ ليڊر صاحب پنهنجو ولولي انگيز بيان پريس ۾ پهچائي، ان کان اڳي ئي ڊيپلائي صاحب انهن جو خلاصو پنهنجي دوستن جي اڳيان "آئوٽ" ڪري ڇڏيندو آهي. ٻئي ڏينهن سچ پچ تہ اهو وعظ ۽ اهو بيان ائين ئي هوندو، جيئن ڊيپلائيءَ جي ذهن ۾ آيو هو-ان لاءِ هو شرط جو پابند آهي. اکر البت 'ليکي لڪائو' قسم جا اٿس، جن کي 'الهہ نو' کان سواءِ ٻيو فقط ميرغلام علي خان ئي لس پڙهي سگهي ٿو!

ڏينهن جي چٽن ئي پهرن مان ڪنهن به موقعي تي اوهين ڊيپلائي صاحب وٽ وڃو... هو اوهان کي ڪا نہ ڪا هڪ پُراسرار ۽ ڪنهن کي به نہ ٻڌائڻ جهڙي، گهالهہ ضرور ٻڌائيندو-ڪا سازش، ڪو انڪشاف-۽ ٻوءِ ان لاءِ اوهان کي ائين به ضرور چوندو تہ "هيءَ حقيقت ڪنهن سان به نہ ڪج": ليڪن اهائي حقيقت هو هر اچڻ واري دوست کي انهن ئي لفظن جي تاڪيد سان چوندو آهي، ۽ وري پلجي ويندو آهي. اهڙيءَ طرح، سندس هر 'سازش' هڪ انڪشاف، ۽ هر 'انڪشاف' هڪ سازش آهي. انهيءَ ئي سبب کان مولانا گرامي صاحب ائين چاهيندو آهي تہ ڊيپلائي صاحب جي "ڪنهن کي به نہ ٻڌائڻ جهڙي گهالهہ" بدڻ واري مان شل آڳ پهريون ماڻهو نہ هجان!' ڊيپلائي صاحب ۽ گرامي صاحب

جي اکثر انهيءَ ئي ڳالهه تي لڳندي آهي: گرامي صاحب کوشش ڪري هر روز ڊيلائي صاحب کان سندس ”نه ٻڌائڻ واري ڳالهه“ ٻڌي ايندو آهي، ۽ ٻوءِ کوشش ڪري ٻهرين ئي ملڻ واري کي ٻڌائي ڇڏيندو آهي؛ ۽ ڊيلائي صاحب به شايد ان ڪري پنهنجي هڏ ڀنهن جو تازو انڪشاف ٻهرين گرامي صاحب کي ٻڌائڻ جي کوشش ڪندو آهي، ۽ ٻوءِ وري ميار ۾ ڏيندو اٿس!

ڊيلائيءَ جي شخصيت تي ٻه چيزون ٻريءَ طرح حاوي آهن- ٿهڪ ۽ ٽونڪا. ٻيهر ٻڌي ڪلڻ واري کي تہ ٻوڙو ئي ڇڏيو، پر ڊيلائي صاحب کي سندس ٿهڪ ئي ڪنن جو ڪم ڏيندا آهن- يعني ٿهڪ ڏيڻ کان سواءِ هن لاءِ ڪابه ڳالهه ٻڌڻ يا ٻڌائڻ نهايت مشڪل ٿي پوندي آهي. جيڪڏهن ٿهڪ نہ آيو، تہ پوءِ ڪئي پڪ اها ڳالهه نہ لڳي- ٻوءِ وري ٻيهر گفتگو شروع ڪجي، يا ڪيس غير حاضر سمجهي انتظار ڪجي! ڊيلائي صاحب جي آفيس، دوستن لاءِ هڪ معقول انتظارگاهه آهي. جيڪڏهن خود موجود آهي تہ بروقت، ۽ جيڪڏهن سندس انتظار ئي ڪرڻو پئجي وڃي، تہ في دوست جي حساب سان هڪ عدد چالهه جو ڪوپ ۽ هڪڙو ڪيڪ- اها سندس انتظار جي مقرر فيس آهي، جنهن جو بل هو اڇڻ شرط پنهنجي مخصوص ٿهڪ سان هوٽل تي ڊيري موڪليندو آهي. (البت هيءَ آزمودي جي ڳالهه آهي جو هو پنهنجي ڪهرائيندو آهي تہ فقط پنهنجي لاءِ- انتظار جي عيوضي ۾ فقط چانهه ۽ ڪيڪ مقرر آهن.)

”ڊيلائيءَ جا ٽونڪا“- انهيءَ نالي سان جيڪڏهن ڪو ڪتاب ڇپائجي تہ ان هيڏي ئي ڪتاب جا ايترا جلد تيار ٿيندا، جيترا ”اسلاميه دارالاشاعت“ جا جملي ڪتاب؛ ۽ ٻوءِ اهو ڪتاب سنڌي ٻوليءَ ۾ ”لوڪ ادب جي لغت“ جي طور تي هرحالت جي حوالي لاءِ استعمال ڪري سگهبو. اوهين يقين ڪريو تہ ڊيلائي صاحب ”ٽونڪي باز“ نہ بلڪ ”ٽونڪي ساز“ آهي؛ هو ٽونڪن جي صنف جو موجد آهي، خالق آهي. هر ڳالهه ۽ هر قسم جي واقعي تي فوراً ۽ في البديهه ٽونڪي جو استعمال، ڊيلائيءَ جي ڪمال خصوصيت آهي. ڊيلائيءَ جي گلي مان ڳالهه ڪندي هلڪي ٽونڪار نڪتي، تہ چڙ ٽونڪي کي سنگل اچي ويو. ٽونڪا وري اهڙا عجيب، اهڙا تيز ۽ اهڙا خطرناڪ، جهڙي ڪنوڻ- ۽ پوءِ وري انهيءَ ڪنوڻ ۾ ٿهڪن جي برسات! ”ٿيڪ ۽ ٽونڪا“ ڊيلائيءَ جي مڪمل زندگي آهن: جيڪڏهن صرف ڊيلائيءَ جا ٽونڪا ئي ڪنهن طرح قلمبند ٿي سگهن ها، تہ ڪم از ڪم سندس اڌ زندگي تہ محفوظ ٿي وڃي ها- پر مصيبت هيءَ آهي جو خود ڊيلائيءَ کي لکڻ وقت ياد نٿا اچن، ۽ ٻئي کي وري ياد ڪرڻ وقت لکڻ نٿا اچن!

ڊيلائيءَ کي ٽئين نسل جي نوجوانن سان نہ صرف قلبي ربط ۽ حقيقي اُنس آهي، بلڪ هو انهن جي آئنده اهميت ۽ احترام جي واقفيت ۾ رکي ٿو: هو بخوبي ڄاڻي ٿو تہ ”اڄ“ جي تاريخ جي ترتيب انهن ئي نوجوانن جي اختيار ۾ هوندي، ۽ اهي ئي قوم جي مستقبل جا نمايندا آهن. اهوئي سبب آهي جو هو سنڌ جي هر ادبي ۽ قومي رجحان ۾ ٽئين نسل جي نمايندگيءَ کي ترجيح ڏئي ٿو. هن ڪڏهن به پنهنجي ذاتي بزرگيءَ کي پاڻ کان نندن دوستن جي اڳيان

تکلف ۽ برتريءَ جو سبب نہ بنايو آهي، بلڪ انهن جي همراهيءَ ۽ همخياليءَ کي پنهنجي لاءِ فخر جو باعث ٿو ڄاڻي. ڈيپلائي هڪ بهترين دوست آهي- زلده دل، مهربان ۽ همدرد رفيق. دل جو اهڙو تولڳر آهي جو نہ صرف سندس دوست ۽ واقفڪار، بلڪ هر ماڻهو منجهائش نيڪيءَ جي هرڪا اميد رکي سگهي ٿو.

ڈيپلائيءَ جي باري ۾ هيءَ گالهہ شايد تمام ٿورن ماڻهن کي معلوم هوندي تہ باوجود ان جي جو هو هڪ وڏي ساري پريس ۽ ڪيترن ئي ادارن جو مالڪ آهي، ليکن شروع ڪان ئي سنڌس گهرُو گذران جو ذريعو اهائي زميندارياڻي نوڪري هئي، جنهن کي تازو چند مهينا اڳ ترڪ ڪيو اٿس. ان ڪري، ڪيس 'مولائي لڈي' ۾ شمار ڪيو ويندو آهي- ڪڏهن خان، ڪڏهن قلندر.

ڈيپلائيءَ جي ادبي حيثيت لاءِ ايترو چوڻ ڪافي آهي تہ هو سنڌ جي موجوده دور جو وڏي ۾ وڏو ناول نگار ۽ ڪالمنويس آهي- بلڪ سچ تہ هن وقت انهن پنهي صنفن جو کوڙ لکڻ واروئي موجود ڪونہ آهي.

الحاصل، ڈيپلائي بذات خود هڪ نظريو، بذات خود هڪ اداروِ، بذات خود هڪ لئبرري، ۽ بذات خود هڪ انڪشاف آهي: شال هي سنڌ جو مايہ ناز مجاهد، اديب ۽ "انسان" وڏي جمار ماڻي!

٦

سگھڑ ۔ء سیاٹا

سنڌ جا سالڪ، سگهڙ ۽ سياڻا پنهنجو مٽ پاڻ آهن. پهراڙيءَ جون ڪچهريون سندن دم قدم سان قائم آهن. پرولي، ڳجهارت، بيت، ڏوڙ، دُرائو، ست-سري ۽ سينگار-اهي سڀ سندن ايجاد ڪيل آهن. سنڌي زبان جا ڪيترائي سهڻا الفاظ ۽ اصطلاح، گفتا ۽ پهاڪا، نقل ۽ نظير، سندن شگفته طبيعتن جو نتيجو آهن. صدين ۽ سالن کان وڻي، سالڪن ۽ سگهڙن سنڌ جي هر ڪنڊ ڪڙ ۾ دهقاني ادب کي زنده رکيو آهي، ۽ ان ادب جي ذريعي ڳوٺاڻي زندگيءَ جي هر پهلوءَ کي روشن ڪيو آهي. قدردانن جي ڪمي، نون ڪتابي پڙهيلن جي بي اعتنائي، ۽ ٻن فصلن سببان هارهن ئي مهينا کيتيءَ جي پَٽ-ڪوهه سببان، سگهڙن ۽ سياڻن جون جيتوڻيڪ اڳيون ڪچهريون قائم نه رهيون آهن، تہ بہ سوين سگهڙ اڄ ڀي سنڌ جي هر پاڳي ۾ موجود آهن، جن پهراڙيءَ جي ڪچهرين جي روايتن کي برقرار رکيو آهي.

سنڌ جي سون سگهڙن مان اسان کي ڪن ٿورن سوکڙين جون سوانح هٿ آيون آهن، جي هت پيش ڪيون وڃن ٿيون.

سرحوم لعل بخش خان لغاري*

لعل بخش خان ، ولد نظر علي خان ، ولد نبي بخش خان ، ولد جعفر خان لغاري ، انڪل سن ١٨٦٠ع ڌاري ڀنهنجي ڏاڏاڻي ڳوٺ جعفر خان لغاري تعلقي سنجهوري ضلعي سانگهڙ ۾ جائو. سندس ابي مسڪين ۽ هرهاري هو ، انهيءَ ڪري ڪيس به ساڳيو ڏاڏو ورثي ۾ مليو.

لعل بخش خان وهيءَ ۾ نهايت سگهو صحتو ۽ طاقت وارو مڙس هو ، ۽ سندس اها ڪايا آخير وقت تائين هلي. ٢٦-٢٧ ورهين جي جمار ۾ ، اڏ-مٽيءَ اشهد آگر ۾ سٽيڻ ۽ ڀالهن چار دفعا ڪنيائين ، ۽ اها ڪثرت هوم به ڪي سال لڳاتار ڪيائين- حالانڪ هڪ دفعي ته اها اڏ-مٽي چيڀ ۾ به سٽيڻ ڀانهن ڪري ڪنيائين. مرحوم ڳالهه ڪئي ته 'هڪ دفعي شهداد پور ۾ ڏاڙهون ڪٽيءَ وٽ به لوهه جون پٽيون ، جن جو وزن اڏ پاءَ گهٽ ٢٤ سير هو ، سي سٽيڻءَ ڀالهن ڪنيو'. ٻاويهن سالن جي عمر ۾ هڪ ٻڙ ، جنهن جي طور انڪل ٻوٽا ئي مڙهئي ، تنهن کي ويهي ڪلهو ڏيئي ڪنيائين. اها ڪثرت مسلسل ٢٨ ورهيه ڪيائين ، ۽ پنجاهه سالن جي عمر ۾ به ساڳيو ٻڙ ، پير ڏلل شاهه سجاده نشين درگاه جيلاني ڏنڍو تعلقي شهداد پور جي آڏو ڪنيائين ، جنهن تي پير صاحب ڪيس العام به ڏنو ، جوابيءَ ۾ ڪجهه وقت ملهه به وڙهيو. گلو ٻٽ خميسي خاصخيليءَ کي ماريائين. خليفي اقبال ۽ محمد ميربحر جو به ٻلاند ورتائين. جات (اڏيرو لعل) جي ميلي تي ئي ملهه لاڳيتا ڏسيائين. چيائين ته "منهنجي ملهه تمام سهڻي هوندي هئي".

لعل بخش خان نهايت ذهين هو. علم ڪان سندس سمجهه گهٽي هئي. مائٽن ڪيس لنڊي هوندي ڪين پڙهايو. انڪل پنجاهه ورهيه جي عمر ۾ پنهنجي مامن ، گل محمد خان ۽ علي محمد خان ، (رئيس حيدر خان جا ٻٽ) وٽ پائيوار هو. علي محمد خان جي عمر ان وقت انڪل چوڏهن سال ڪن هئي. لعل بخش خان چيو ته "هڪ دفعي مون ڪُتر ويئي ڪئي ته علي محمد خان ، شاهه صاحب جو رسالو ڪٽي آيو ۽ هي بيت پڙهيائين :

"تو تماچي جام جو ، تماچي تڙ-راڳ ،
تماچي جي تڪيي ، تون تماچي ڪاڳ ،
تون تماچي آڳ ، ته تماچي تيلا له لهين.

---

* مرحوم لعل بخش خان لغاريءَ جي زباني ، سندس وفات واري سال ، جي حالات معلوم ٿيا سي قلمبند ڪيا ويا آهن. - مرتب

ٻوءِ مون کي چيائين تہ هن بيت جي معنيٰ ڪر. مون معنيٰ هن طرح ڪئي: 'تماچي' پٽائي صاحب حضرت رسول ڪريم کي سڏيو آهي؛ "تـوَ" معنيٰ هيءَ جهان، جنهن جو نبي سگهورو گويا بادشاهه هو؛ "تون تماچي ڪاءِ"، معنيٰ ٻنهنجو ٻاڻ وڃاءِ؛ "تماچي آءِ" معنيٰ تون ٻاڻ اهڙو ٿي پئو جو گويا خود تماچي ٿي پوين، ۽ ٻوءِ رسول ڪريم جو ديدار ۽ آسان آهي- يعني تہ فنا في الرسول ٿي پئو' علي‌محمدخان مون کي چيو تہ 'لعل بخش، جيڪر علم پڙهين ها تہ هوند ڏاڍو قابل ٿي پوين ها'. آخر چيائين تہ 'جيڪڏهن سنڌي پڙهين تہ آءِ توکي سيکاريان'. علي‌محمدخان ٻوءِ سنڌي اکرن جي ٻڌي لکي ڏني، جنهن بعد چيائين تہ 'وڃي ٻاراڻو ڪتاب وٺي اچ'. آءِ ٻاراڻو ڪتاب وٺي آيس، ۽ ٻوءِ آ-ٻا-پا جون ڏاهڪو ڪن تڪون پڙهايائين؛ پر مون چيو تہ اهو قصو وڏو آهي، آءِ ڪونہ پڙهي سگهندس. ٻوءِ مون دل ۾ خيال ڪيو تہ اکرن کي چڪين ٿا 'ا' 'و' ۽ 'ي'- يعني انهن جي اچارن مان آ، او ۽ اي جا اچار نڪرن ٿا. اها ڳالهہ خيال ۾ رکي، مون علي‌محمدخان کي چيو تہ 'مون کي وڌيڪ سبق ڏي'. هن چيو تہ 'تو تہ ايڏا ٻاب ٿي ڪونہ پڙهيا آهن!' جنهن تي مون جواب ڏنو تہ 'ٻاب مون کي اچن ٿا'. آخر مون کي ست سبق الهيءَ ٻاراڻي ڪتاب جا اک-مک وغيره پڙهايائين. ٻوءِ مون چيو تہ هاڻي اڳتي آءِ ٻائيبي پڙهندس. ٻوءِ سيٽي ۲۹ سبق مون ٻائيبي پڙهيا.

"ان بعد وري عرض‌محمد خان سان ٻائيوار ٿيس. هو ٻاڻ پڙهيل هو. وٽس ڪتاب 'مجمع الفوائد' هو ۽ ماڻهو وٽس تعويذن لاءِ ايندا هئا. اهو ڪتاب هميشه هرلي تي رکيو هوندو هو، جتي مون اهو سڄو ڪتاب ٻنهنجي منهن پڙهي پورو ڪيو".

ٻچاڙيءَ تائين لعل بخش خان هي ڪتاب پڙهي سگهندو هو ۽ حساب ابجد، فالنامو ستاري وغيره جي ڪيڏ جي قاعدن کان ۽ واقف هو. ان بعد وري ڪتاب "سسئي ٻنهون" خليفي لبي بخش صاحب لغاريءَ جو (سرائڪي زبان ۾) ورتائين، جنهن کي به هن چگيءَ طرح سان پڙهيو. ليڪن اهي سڀ ڪتاب، لعل بخش خان، مطلب ۽ معنيٰ سمجهي روان پڙهيا، ۽ ٻچاڙيءَ تائين چوندو هو تہ "هجي ڪرڻ مون کي ٻنهنجو لالو ۽ ڪوا. ايندو"!

لعل بخش خان چيو تہ "ٻهريون استاد، معنيٰ ۽ مطلب ۾، منهنجو ٻنهنجو ذهن هو؛ ۽ پير حسن بخش ۽ نانو حيدرخان منهنجا استاد هئا. آهستي آهستي منهنجون معنائون نالي حيدرخان کان وڌيڪ ٻڌيون ٿيڻ لڳيون. ڪڏهين ڪڏهين بحث ڪندي فيصلو پير حسن بخش وٽ ڪٽي ويندا هئاسون، تہ پير حسن بخش به منهنجيءَ معنيٰ کي ترجيح ڏيندو هو. نانيِ مون کي عرضي فقير ماري جو هيءَ بيت هيٺئين طور سيکاريو:

زلف سياه سڄڻ دي سهڻي، اکيان بشيهر پوڻي،
هيا جو سهب سهڻي دي سيني، جيوين باغان دي وچ ڪوئلي،
در در دور حسن کون گوڙهي، هل چہ هوايان ٽوڻني،

هڪ هڪ لاڙ سڄڻ دا لاڙڪ، جو ڏيکان سو ڏوڻني،
اِتلي دار دلين کون 'عرضي'، کون هووي جو چوڻي!

"بيت جي ٽين ست بابت مون ناني کي چيو ته 'هوايون ۽ ٽوڻنا رکو اونداهيءَ رات ۾ شعاع ڪري سگهن ٿا، ۽ چاندوکيءَ رات ۾ ته انهن جو جلوو به ايترو نه آهي، تنهنڪري معشوق جي حسن جي آڏو اهي ڇا آهن، جو بيت ۾ آڻجن؛ تنهنڪري اها ست اصل ۾ هن ريت هوندي:

"در در دور حسن کون ڪوڙهي، ڪيا هل چ هوايان ٽوڻني؟'

-جنهن تي مون کي شاباس چيائين، ۽ مڃيائين ته تون هينئر اسان کان وڌيڪ سٺي معنيٰ ٿو ڪرين".

لعل بخش خان لفظ ۽ معنيٰ تي عاشق هو. ڪڇهريءَ ۾ ويندو هو ته هر گالهه ۽ هر لفظي کي پروڙي، پوءِ پنهنجو رايو ڏيندو هو. سندس سٺي سمجهه سبب ڪيترائي خاندان سندس دوست ٻڌجي ويا.

اسماعيل فقير گاهوئي، "ڀاروچي باغ" جو هڪ سالڪ شخص هو. هڪ دفعي هو ڪوٽ جعفرخان لغاري لڳ، داراب فقير آرائين وٽ اچي مهمان ٿيو. بغدي وٽ داراب فقير جو نار هو، جتي اسماعيل فقير ٽڪيل هو. لعل بخش خان به سائس ڪڇهري ڪرڻ ويو. چيائين ته "انهيءَ وقت منهنجو خليفي لبي بخش صاحب جي جوڙيل 'سسئي' تي پورو شوق هو، ۽ صفت ۾ به پرپور هوس. شاهه صاحب جي قول موجب ته 'احدوُن جا اڳي هئي، سوڏي سا صفت'. -آءٌ صفت ڏي ويو وڃان، پر اسماعيل فقير چوي ويو ته 'صفت به چگي آهي، پر حق جي طرف وڃڻ چگو آهي'. مون خليفي صاحب جي ڪتاب 'سسئي پنهون' مان هي بيت شاهديءَ طور پڙهيو:

"اول هوکيسر صدر شجرا مجازي، تڏان دلڙي لوازي عشق بازي،
ڪنون پائي جدا وه پاڙ جنهين دي، اصل هي خون جگر داخورش تنهين دي،
جيکو اول الف - بي - تي نه پڙهسي، ڪيوين ثابت قرآن درسيني ڏرسي؟

-مگر تنهن هوندي به، فقير ٻيو طرف وئيو ٻيو اچي. تمام گهڻو وقت اسان جي گفتگو هلي، جنهن تي ليٺ فقير هيٺيون نقل ڪنيو:

'هڪڙو قاضي ويچارو ويٺو هو مسجد ۾، پوءِ هڪڙو جلالي قلندر به اچي مسجد ۾ ويٺو. قاضي جڏهن جلاليءَ کان خبرچار وٺڻ لڳو، تڏهن جلالي لڳو مسجد ۾ ڪالگهارا اڇلڻ. تنهن تي قاضيءَ چيس ته "هيءَ جاءِ پاڪ آهي، هتي ڪيون نه ڇڏ". جلاليءَ چيو: "ڪهڙا حلال نهين؟- ڪهڙي سي ڪلام الله کا ورق نهين اُلٽاتا؟" قاضيءَ خيال ڪيو ته اهو ته صرف لب سان ورق اٽلائبو آهي، پر هيءَ ته ويٺو جهرڪي مار ڪالگهارا اڇلي! ۽، سمجهيائين، ته هيءَ جلالي آهي ۽ وڙهندي به ويرم نه ڪندو، سو وڃي ڪنهن پرواري اوتاري

مان هڪ ٻيو جلالي، سندس مقابلي لاءِ وڻي آيو. ويئل جلالي سمجهي ويو ته قاضي منهنجي مقابلي لاءِ هاڻي ڪنهن ٻئي کي وڻي آيو آهي، تنهنڪري هو اڃا الدر گهوڙائي سس ته هن آڏو سوال پڇيو:

ويئل جلالي: "آسمان پليد هووے تو ڪيسے پاڪ هووے؟"

آيل جلالي: "هان! مرغي ڪے دوده سے."

ويئل جلالي: "نهين! مرغي کو دوده ڪهان هے؟"

آيل جلالي: "مرغي کو دوده نهين هوتا، تو آسمان بهي پليد نهين هوتا!"

ويئل جلالي: "تم جلالي هو؟"

آيل جلالي: "هان، هم جلالي هے."

ويئل جلالي: "هم نے بهي سمجها ڪه همين ڪوئي جلالي ملا هے."

آيل جلالي: "تم بهي جلالي، هم بهي جلالي: چهوڙو قاضي ڪا ڪنارا، چلو اپنے مڪان پر!"

"اهو نقل پورو ڪري، فقير چيو ته 'سائين، توسان ٻه ڪو جلالي ٻڌو، باقي اسان جي ته بات ڪانهي!' اتي مون وجود ۾ ٽهي هنئي: مون کي خليفي غلام نبي صاحب لغاريءَ جي هڪ ڪافي ياد آئي-

"دل ڪعبو دلبر سندو، ديدار من ۾ مدام هو،
جان ۾ آ جانڻ يار، جالي يار جدا نه هو،
عرش اعظم قلب مومن، خود خدا فرمائيو،
عشق جنهن کي دمبدم، دل پنهنجي ۾ دوام هو.

-اتي مون خيال ڪري چيو ته 'سائين' جلالي ٻئي حق ڇڻي ويا آهن'. اسماعيل فقير چيو، 'ابا' پلا اسان کي انهيءَ جي مراد ٻڌاءِ.' مون چيو 'سائين' هڪڙي چيو ته "آسمان پليت ٿئي ته ڇاسان پاڪ ٿئي"، ٻئي چيو ته "ڪڙ جي ڪير سان"- بس چيو ٻه ٻنهي ايترو آهي يا وڌيڪ؟' اسماعيل فقير چيو، 'بس جو ايترو'. مون چيو، 'سائين، معنوي لحاظ سان عرش عظيم برابر مومن جي قلب ۾ آهي، يا رڳي ڪالهه آهي؟' اسماعيل فقير چيو، 'سائين، ڪالهه سچي آهي'. مون چيو، 'بس! هوءَ اهو آسمان جو اسان ڏسون ٿا، جلالين الهيءَ جي ڪالهه ته ڪٿي آهي، ۽ الهيءَ عرش جي، جو مومن جي دل ۾ آهي. سوال آهي ته اهو مومن جي قلب وارو عرش جي لاپاڪ ٿئي، ته هوءَ ڪيئن پاڪ ٿئي: جلاليءَ چيو ته ڪڙ جي ڪير سان. هاڻي اهو عرش پليت ٿيندو آهي السان جي هوڏ ۾ هستيءَ کان، ۽ سندس "آ" واري خيال کان: جئن ته ڪڙ کي ڪير آهي ئي "ڪين" هوءَ جڏهن اها "ڪين" پنهنجي دل تي آڻيندو، تڏهن ماڻهو سمجهندو ته "آ" ته آهيان ئي ڪين". هوءَ هو هر ڪنهن کان معافي ونڊندو. جنهن تي هن جي هستي لکري ويندي ۽ اهو سندس دل وارو عرش پاڪ ٿي ويندو'. اسماعيل فقير اهو ٻڌي چيو 'شاباس هجي تنهنجي استاد کي، تو اها پوري مراد ڪٿي آهي'.

مون چيو ته 'منهنجي ايتري لياقت فقط الهيءَ ڪري هئي جو مون پير صاحب حزب الله شاهه ڪان ذڪر ورتو هو، جنهنڪري دل ۾ ايتري ته طاقت هوندي هئي، جو ڪڏهين به خيال نه ٿيندو هو ته ڪو منجهي پوندس'."

خليفي نبي بخش خان لغاري جي جوڙيل "سسئي پنهون" تي لعل بخش خان ڪي پورو شوق هوندو هو. ڪهڙو ڪري سچو ڪتاب برزبان ياد هوس؛ نه فقط لفظ لفظ ياد هئس، بلڪ الهن جي معنيٰ ڪان به بخوبي واقف هو.

غازي خان هيبسائي بلوچ، سنجهوري تعلقي ۾، تبي ڊنڙي تي سپروائيزنگ ٽپيدار هو. هو صاحب پارسي سان واقف هو ۽ لعل بخش خان سان سندس خاص محبت هوندي هئي. سندن رهاڻ هن طرح شروع ٿيندي هئي جو غازي خان پارسي جي بيتن مان مثال آڻيندو هو ته لعل بخش خان وري ساڳي شاهدي "سسئي پنهون" مان ڏيندو هو. الهيءَ گفتگو ڪان سواءِ، ٻيون به سندن ڀاڻ ۾ چڪريون هوندبون هيون. هڪ دفعي، سيد شفيع محمد شاهه متهلي وارو رستي تي مرمت لاءِ آيل هو ۽ غازي خان به سائس ڪڏ هو. شاهه صاحب، لعل بخش خان ڪي تمام گهڻي قدر پائيندو هو ۽ سندس رهاڻ جو شائق هو؛ تنهنڪري ڏالهس ماڻهو موڪليائين. رستي تي ڪم پئي هليو، ۽ رستي جي پر تي هوڪايل ٻهرن جي چالو ۾ ڪچهري لڳي پئي هئي جو غازي خان چيو: "لعل بخش خان ٻهاڪو ٻڌو اٿي ته 'وڻ ٻاهرو، ڪر ماڻهو، شل نه هجي اوڙي نه پاڙي'."

لعل بخش خان: هائو سائين.

غازي خان: ڪڏهن ڪان؟

لعل بخش خان: آڃ ٻار هوس، تڏهين ڪان ٻڌندو آيو آهيان.

غازي خان: ٻوءِ هت ٻاهري وڻ جو ڇو ايترو مان ٿي ويو آهي؟

لعل بخش خان: ڇاڪاڻ جو حاڪم جو اڇي مٿس راز ٿيو آهي.

شفيع محمد شاهه: حاڪم جو ايترو راز ڪوڙ اٿس، ۾ هيءَ هڪ ڪم جو وڻ آهي-بن، ٻاڙو، ٽاري ۽ ليٽ آخر هن جا اگر به ڪتب اچن.

اتي لعل بخش خان، غازي خان ڏي نهاريو. جنهن تي ٻاهر بنءَ طرح هائو ڪيائين ۽ اشاري سان چيائين ته 'سبب ايائي ڪو ٻيو آهي.'

لعل بخش خان چيو ته "آڃ ان ڏينهن وري ڪوٽ آيس. نماز ويٽي ٻڌير جو هي خيال آيو ته 'فلاڻي ماڻهو جي ايتري گهالهه ٿا ڪن، ليڪن بغير لچائيءَ جي ٻيو ڪو به افعال ڪوڙ اٿس'. اتي غازي خان جي ڏڪل ڪجهارت به ياد اچي ويئي، ۽ سمجهيم ته ٻاهري وڻ به تڏهن زور ورتو آهي، جڏهين سندس سنگتي 'ڪر ماڻهو' زور ورتو آهي. اها گهالهه سال ڪن ڪان ٻوءِ مون غازي خان کي ٻڌائي، جنهن چيو ته 'اهو عقلي دليل بيشڪ پورو آهي'."

چڱن سان واقفيت:

پير حسن بخش ڊنڙو. لعل بخش خان هڪ غريب شخص هو، پر پنهنجي لياقت سببان خاندان ۾ چڱن سان سندس واقفيت هئي. پير حسن بخش ڊنڙي وارو، پنهنجي وقت جو ٻلل

شخص هو ۽ ان کان سواءِ هڪ عاشق شاعر هو. لعل بخش خان چيو ته "منهنجي پهرين واقفيت پير صاحب ميان حسن بخش سان ٿي، جو جڻ منهنجو استاد ۽ هو ۽ مون سان سندس ايتريقدر پياس هئي جو هڪ دفعي پوئين پهر جيئن مون پنيءَ ۾ جهنگ ٻيٽي وڃي ٻوٽن ڏسان ته پير صاحب سندس ماڻهوءَ جڙي پٽي مستالي سان گڏ پيرين پيادو پيو اچي. آءٌ وڏي وڃي ساڻس گڏيس، ۽ پڇيومانس ته 'سائين! ڪيئن اوچتا پيرين پيادا نڪري پيا آهيو؟' جنهن تي چيائين ته 'ادا، اڄ دل ٿي ته وڃي يار کي ڏسي اچان'."

سيد مقيم شاهه. سيد مقيم شاهه، سيد ميان شفيع محمد شاهه متهلي واري جو وڏو پاءُ هو. وڏو معظم زميندار ۽ بنيادي طور خاندان هو. لعل بخش خان چيو ته "منهنجي ملاقات ساڻس هن طرح ٿي. جو عيد جي ڏينهن آءٌ سيد جي گوٺ ملاکڙو ڏسڻ ويس. وڃان ته ڪچهري لڳي ٿيئي آهي، سيد ۽ ويٺو آهي، ۽ هالڏي ميراثي ويٺو ڪافي چوي:

پولي ڪنهن پلائي اون، اسان رنگپور ويڪن آئي اون!

مون ڏٺو ته ڪافي غلط ويٺو چوي. هالڏي ميراثي مون کي اڳيئي سڃاڻندو هو. جڏهن ڪافي چئي بس ڪيائين، تڏهن مون چيو مانس ته 'ادا هالڏي! ڪافي صحيح هيئن ٿيندي ته

پولي ڪنهن ڙ پلائي اون، اسان رنگپور ويڪن آئي اون!

"اتي سيد پڇيو ته 'هي مڙس ڪير آهي؟' هالڏيءَ سڃاڻپ ڪرائي، ۽ چيائين ته 'لغاري آهي، گفتگو جو چاٽو آهي، ۽ ڪافيون ۽ چوندو آهي'. اتي شاهه مون کي ڪافين لاءِ چيو. مون کي ۽ ڪافين جو شوق هو، ۽ بنا سازن جي مون جهڙيون ڪافيون ۽ ڪنهن ڏٺيون چيون. سيد مقيم شاهه منهنجون ڪافيون ٻڌي، جڻ مون تي عاشق ٿي ٿيو. ملاکڙي تي ۽ مون کي پنهنجي ڪٽ جي پرسان وهاريائين، ۽ ٻڌاڙيءَ تائين ملهن جي دريافت مون کان رايو پڇي ٻڌي ڪيائين. موڪلاڻيءَ وقت چيائين ته 'تون ڏکي پئ'. مون معافي گهري، جنهن تي چيائين ته 'ڇڪو منهنجي دعوت اٽيئي، ڪڏهن ٿي وڃجانءَ'. ٻيءَ عيد تي آءٌ وري ويس. جيتوڻيڪ تمام سخت بيماري کائي هئائين، ۽ ايڏا باهر نڪري نٿي سگهيو، تڏهن ۽ منهنجو ٻڌي ٻاڻ باهر نڪري آيو، ۽ مون کي چيائين ته 'ادا، آءٌ ڪوٺ لکران ها، پر تنهنجو ٻڌي هنن ٻن لئين جي آڏار تي رڙهي آيو آهيان'. ان بعد، مون کي هميشه لاءِ دعوت ڏنائين، ۽ اسان جي ٻاڻ ۾ دوستي ٿي وئي. اهو دوستيءَ جو ناتو ٻڌاڙيءَ سوڏو، ويندي سيد شفيع محمدشاهه جي وفات تائين، هلندو آيو".

رئيس فقير بخش کاڇي. فقير بخش کاڇيءَ جو رستو سيد شفيع محمدشاهه سان هو. اتي سندس واقفيت لعل بخش خان سان ٿي، ۽ سندس گهالهين تي جڻ عاشق ٿي ٿيو. ويندي ٻڌاڙيءَ تائين، جڏهن ۽ رئيس فقيربخش، سيد شفيع محمد شاهه وٽ اينڊو هو، تہ بروقت لعل بخش خان ڏانهن ماڻهو موڪلينداهئا، ۽ جيترو وقت ۽ رئيس فقير بخش مهمان هوندو هو، اوترو وقت

لعل بخش خان کي ب ڀاڻ وٽ رهائي ڇڏيندا هئا. مطلب ته لعل بخش خان جي ذهني لياقت ۽ سهڻيءَ گفتگو سبب هر ڇڪو ماڻهو کيس عزت ڏيندو هو. سيد غلام مصطفيٰ شاهه راشدي (گوٺ پير صاحب پارو) پير علي مدد شاهه راڻيپور وارو ۽ پيا ڇڪا ۽ سکر سندس قدردان هئا.

شعر.

لعل بخش خان صورت جو قائل، ۽ صفت ۾ غرق هو. چوندو هو ته "بنا صفت جي حق کي رسڻ مشڪل آهي". شاهديءَ طور خليفي نبي بخش صاحب جي "سسئي" مان هي بيت پڙهندو هو:

اصل ۾ سوکيم صدر شجره مجازي، تڏان دلڙي لوازي عشق بازي،
ڪنون ڀائي جدا وه ڀاڙ جنهن دي، اصل هي خون جگر دا خورش تنهن دي،
اول جيڪو الف-بي-تي نه پڙهسي، کيون ثابت قرآن در سيني ڏر سي.

مجازي مستيءَ ۽ موج ۾ شعر چوڻ شروع ڪيائين، جو ڪافي پختو آهي. سندس آڏو ڪا صورت هئي ته سندس مرشد، پيرصاحب حزب‌الله شاهه جي هئي، جنهن ڪيس ڇڻ چريو ڪري ڇڏيو. ڀهربائين ڀهريائين هيءَ ڪافي چيائين:

ماڻين تيڏي مٽي هون وو مٽي هون،
آلا جالب ڪر نه جدائي!

چشمان چاڪي ول چاڪ چپيندئين، ڪهورين تيڏين ڪهٽيبي هون، وو ڪهٽيبي هون، آلا .....
سُهمان ڏي ڪي يار سَهيندئين، لوڏ جو تَيڏي لٽيبي هون، وو لٽيبي هون، آلا .....
پير چگي چاتل ٿور جو ٿردئين، ڪاوڙ تيڏي ڪٽيبي هون، وو ڪٽيبي هون، آلا .....
"لعلڙ" لاهين نه دل تون وو دلبر، توڙي جالي جٽيبي هون، وو جٽيبي هون، آلا .....

پيرصاحب "اصغر" بادشاهه جي ڪافي هئي:

ڏاڍا عشق ڪلور ڪرايا تو!
مير محمّد مصطفيٰ جان، ڏاڍا ڏُک ڏُکايا تو.
شيخ صنعان کي مجوسين جا، سوين سولر چَرايا تو.
هڪ ٻئي هٿون ٻٽ جا ٻرجا، ٻڪري وانگي ڪُهايا تو.

انهيءَ جي پرسان لعل بخش خان هيءَ ڪافي چئي:

ڏاڍا ناز ڪري نينهن لايو تو!

مهدي ٿي تون مڪي آئين، حڪم حق جو هلايو تو.
يوسف ۾ ڪا رمز رکي تو، ٿي مالڪ ملهه چڪايو تو.
ڪهڪ ديوار ۾ قدرت ڪئي تو، سڪندر کي وو لڪايو تو.
لطف ٿورا لکين تنهنجا، هٽ ٻنهنجي سان هلايو تو.

سليمان شاهه جي هڪ ڪافيءَ جو ٽڪهه هو:

"بنا لشڪر خزاني جي، ٽيڻ سلطان مشڪل هي."

الهيءَ جي پران وري ٻير حسن بخش صاحب ڪافي ٺاهي ته

"ڪوڙي منجهه عشق جي دريا هلڻ هن پار مشڪل هي"

رانجهو لالي ماڇي ڪانيون چوندو هو، تنهن هڪڙي ڏينهن بلندي ماڇيءَ جي هڪ ڪافي اچي لعل بخش خان کي ٻڌائي، جنهن جو ٽلهه هو:

"عليءَ جي دين مان نڪري، وڃڻ هندڪار مشڪل هي"-

ڪافي ٻڌي، لعل بخش خان چيس ته "عليءَ جي دين مان لڪري هندڪار ۾ وڃڻ ڪهڙو مشڪل آهي؟ ڪيترا مسلمان آهن جي خراب ٿي وڃي مرتد ٿيا آهن، الهن کي مشڪل ڪهڙي آڏو آئي؟ هندو ٻڌڻ آهي ڏوتيو ٻڌڻ ۽ تلڪ لڳائڻ. تنهنڪري، هيءَ ڪافي ته اجايو شينهن جي پويان ڦيڪاري مثل آهي. ڪٿي سيد سليمان شاهه ۽ ٻير حسن بخش جون ڪافيون، ۽ ڪٿي هي اجايو بيان!" الهيءَ تي رانجهي ماڇيءَ چيو ته "رئيس، ٻر تون ته اهڙي ڪافي ٺاهي ڏيکار!" الهيءَ تي لعل بخش خان اتي جو اتي چيو ته

"ڇڏي حلواڻ ڦر هيڏا، ڪائڻ ڪٽي ڪاري مشڪل هٿي!"

۽ ماڇيءَ کي چيائين ته "هي سچ پچ هڪ مشڪل ڪر آهي". جنهن تي رانجهي وري چيو ته "رئيس ڪافي سڄي ته ڪر!" جنهن تي لعل بخش خان رات جو وڃي هيءَ ڪافي ٺاهي، ڄا صبوح جو رانجهي کي ٻڌايائين؛ ٻر اصلوڪي ٽلهه ۾ ترميم ڪيائين:

ڪاهي ڪيهر جهلي ڪنڌ مان ڪرڻ سنگسار مشڪل هي!
مرون مالڪ وتن مارا، خوني خوڦي آهن ڪي ڪي،
لائي ڪاتي، لکي لوڪون، ڪهڻ ڪنڌار مشڪل هي.
لنڊيون لک نالڪ ڪوراڙون وتن اڙلون آنتون ڪي ڪي،
ڇڙهڻ افسون اڳي تن ڪي وڻڻ هڪوار مشڪل هٿي.
جنگي جر ۾ سوين سيسر، واڳون ويڙها وتن ڪي ڪي،
وڻڻ هٿ سان، وڃڻ ويجهو، مارڻ مزدار مشڪل هٿي.
جتي سودو آهي سر جو اتي ايندا سرد ڪي ڪي،
لاهي "لعلڻ" مالڪو سر جو سڻ سر يار مشڪل هٿي.

(هيءَ ڪافي لڪائيندي لعل بخش خان چيو ته اهو سڀ اندر جي بلائن وهمن ۽ وسوسن جو بيان آهي: اهو خوني خوڦي مرون نفس اماره آهي، جنهن کي ٻنهنجي منهن، ٻنا دالهن ڪيڻ جي مارڻ ۽ مردن جو ڪر آهي، ۽ نفس اماره اهڙي ٻڙي بلا آهي جنهن جي باري ۾ چيل آهي ته

مڪن نفس اماره را پيروي، ڪه ناڳه گرفتار دوزخ شوي")

حمل فقير لغاري جي ٽيهه-اکري مجازي رلڪ ۾ چيل هئي

الف- آ اوري سهڻا يار جاني، گل لڳب ڪرون مٿيان گالهيان جي،
تيڏي ٻاجهه آرام حرام هويا، تيڏي مار وڇوڙي تہ گاليان جي،
اوڙا ٻاڙا جيڪو مهڻا ڏيندا، تنهن کون ڏي آ يار ڏِکاليان جي،
هڪ ويري هس نال "حمل" دي، تہ ڏوتيان سڙ ٿيون سڀ ڪاليان جي.

الهيءَ ٽيهه-اکري جا 'خ' تائين بيت لعل بخش خان کي ياد هئا. انهن بيتن جي پران 'ت' تائين هيٺيان ٽي بيت ٻاهي وڃي پير حسن بخش کي ٻڌايائين، جنهن آفرين ڏئس ۽ چيائينس تہ "ادا لعل بخش! شعر نہ ٻاهر، چاڪاڻ تہ شاعر کي هڪ لہ پي تنگي ڇڏيندي ڪاڻ: يا اولاد جي يا مال جي- پر تنگي ڪاڙ ڪا ضرور هوندس". پير صاحب جي الهيءَ چوڻ موجب بيت چوڻ ڇڏي ڏنائين.

الف- لڳب سڻ آه ڪران، سڻ سڏ ٿيون گڏ گلزار ميان،
حد هجر دي چوڙ وک وڌ آوين، ويڪاڻ روز تيڏا رخسار ميان،
مشتاقان تون منهن موڙ مهربان! جدا ٿيو ٻن لہ دم کو ڏار ميان،
لعلڻ کون هروقت همیشه هي تيڏي ديد ويکڻ دي درکار ميان.

ب- بيڪس بيڪار کون ڏاڍي ڏک ڏتئي ڪر ڏات ميان،
دل ڦٽ فراق نالي کيتي، تيڏي قرب ڪني گهت ڪات ميان،
دوان ٻاجهون ديدا تيڏي، او بيمار ٻڌي هڻ ڏينهن رات ميان،
ايڏا ظلم زاهر تڏان کيتئي جڏا هيڻي ڏٺئي ضعيف ذات ميان.

ت- تاب تيڏي بيتاب کيتا، هن تاب تکي تلوار ميان،
ڏز دوڙ ڪئي بدخسار ٻُري چغل چٽ جيکي چنڊ يدار ميان،
هڪ سڪ اکون سروپاه ٻڌي، ٻيا نوري گهت اچين لروار ميان،
محبوب اتي مشتاق ٿئي، جو حسن ٽيس هادي هروار ميان.

لعل بخش خان نهايت سگلو ۽ صفائيءَ وارو ۽ وقت جو وڏو ٻاهند هو. تقريبا ۷۸ ورهين جي جمار ۾، سن ۱۹۳۸ع جي سياري ۾، ڳوٺ جعفرخان لغاريءَ ۾، وفات کيائين ۽ پنهنجي ٻالڻ جي "مقام مائي خان لغاري" ۾ مدفون ٿيو.

احمد خان "اختر"

مرحوم محمّد عرس سيمڙ

مرحوم محمدعرس ولد عبدالرحيم سيمڙ، تاريخ ٢ ماه ربيع‌الاول ١٣٢٨ هجري، مطابق ٢١ مئي ١٩٠٩ع، جمعي جي رات، سهماڻيءَ مهل، ڳوٺ هولاخان شورو (تعلقو حيدرآباد) ۾ تولد ٿيو. ڇهن بعد، ستين ڏينهن، سندس ڀٽيءَ کيس سندس والدين کان خدا کارڙ وڻي لهايو، جو کيس اولاد کولاڻ هو. محمدعرس جي والدين ۾ کيس في سبيل الله ڏيڻ ۾ لڄ کيبايو، ڇاکاڻ ته مرحوم جي ڀٽي ۾ ساڻئي اکڻ تي رهندي هئي.

بلوغت کي پهچڻ تي کيس والدين شادي ڪرڻ لاءِ چيو، مگر مرحوم شادي ڪرڻ کان الکار ڪيو. کيس شاديءَ کان ايتريقدر ته نفرت رهندي هئي، جو جڏهين ۾ کا مٽي مائٽي ايندي هئي، تڏهين پڇا ڪرڻ تي جواب ۾ چولدو هو ته "اڇڪلهه جي شادي ڪرڻ کان ماڻهو ٻنا شاديءَ ئي بهتر آهي"! وڌيڪ پڇڻ تي يا ست‌ستاءَ ڪرڻ تي جواب اهو ڏيندو هو ته "جيڪڏهين خدا پاڪ‌جل‌شاله جي حڪمن ڏالهن لظر ٿي ڪجي ته شادي ۾ فرض اولين آهي؛ مگر اڇڪلهه جي ڇوڪرين ڏي ٿي لظر ڪجي ته شاديءَ تان ئي ارواح ٻلجي وڃي ٿو!"

مرحوم جي دل ۾ شاعريءَ ڏالهن. قلبي لاڙو ڪافي هولدو هو. جيتوڻيڪ پاڻ باڪل اڻپڙهيل هو، ته ۾ سندس ڪافيون، بيت وغيره ڪافي تعداد ۾ تيار ڪيل آهن، جن مان ڪي مزاحيه لمولي جا ٿ موجود آهن. جيڻ ته سندس ڪلام قلمبند ڪين ٿي سگهيو، تنهنڪري جيڪي ڪجهه ڳوٺ جي ڪن ماڻهن کي ياد هو، سو هٿ ڪيو ويو آهي؛ باقي باڪل لاياب ٿي ويو.

شاديءَ بنسبت سندس دلي خيالات:

الله جي آس ڪري، لاهيو مون آڏيءَ،
ته باهو ٻنهه زور ڪري، مون کي مٽي شاديءَ،
پڇي آءٌ بيزار ٿيان، ڪنان الهيءَ تعديءَ،
هن دليا جي وادي، "عرس" اجهائيا ڪيترا.

"عرس" آجهائي ڪيترا، ڪيا سپ لاڀود،
ٻوءِ ٻلا شادي ڪرڻ مان، آهي ڪهڙو سود،
ائين ٿي آسود، رهي آدمي ٿو اتي.

شاديءَ سندي ڳالهه ٿو، ڇاڙهيان آءٌ چنگ،
پرٽجڻ کان ٻوءِ ٽئي، ماڳهين دنگ و دنگ،
پيءُ ڪ ٻٽ مان، سس نُنهن مان تنگ،
سنجهي صبح ٻاڻ ۾، لڳي رهي جنگ،
الصاف جوڪو "عرس" ٽيو، ڪنهن وٽ ڪولهي ڏلگ،
سس ۽ نڻهن جو ٻاڻ ۾، وڏيو وڃي زلگ،
گهر ۾ اڄ ته جهڙيون جوليون، ڪڍڻ تي هٽن ڏلگ،
شاديءَ کان ٻوءِ گهر جو، ابتو ٽيو وڃي رلگ،
مڙس ته گهٽوئي اڏنگ، ۽ ڪنوار ڪي ڪيئن چوي!

ڪنوار، ٻه ٻڏي ڪينرو، ته مٺا لڏ هتان،
وڃي هل تون اوڏهين، آلدو اٿير جتان،
ويهڻ جهڙي ويل ۾، مون کي وڃي ڪٽان،
"محمد عرس" چئي مڙس مٽان، مڃيو وڃي مامرو!

مڙد ڪٽي ڪيئن نه مامرو، جيڪي ٻڏو جوءِ،
الگل "عرس" لٽو ڪٽي، ته لڄائي ٿو لوءِ،
هلي هار سينگار ڪري، ٻاڙي ۾ ٽي ٻوءِ،
هڪڙي ڳالهه گهرَجي، ته ڏهه ٻيون وجهي چوءِ،
ٻلا ان کان ٻوءِ، رهي ڪهڙي عزت اشراف جي!

اڃڪلهه جون ڇوڪريون، آهين ڇڪيلون،
مائٽن سالڊيون سي گهٽو، ڪري البيليون،
هلڻ هرهر ٻاڙي ۾، ڏسڻ سرتيون سهيليون،
وَسائين سي ڪيئن ٻلا، مڙدن جون حويليون،
ٻتنگ ٻتيليون، گهمن "عرس" گهر گهر ۾.

لڄ ڪهڙي لوٽين ڪي، هلن ڇڏي حيا،
آرهه نه ڏيکن گهر ۾، هلن ٽي بيحيا،
لنگ نه سڃاڻن ڏن جو، جن جون آهين ويا،

هوءَ پلا مڙدن جي، عزت رکندیون جا،
سنجهي صبح موچڙي جو، هولدن ٻيو ٽکا،
ان سان گڏ اوچنگارن جا، هوندن ٻيا سڏکا،
کاوڙجي جي مالیءَ تي، تہ مڙس لاهي ٽکا،
پلا اهڙي کا، "عرس" کندي کهر ٻنهنجو!

شاديءَ کان ٻابا کٽي، ٻنهه آهيرَ ٻس،
دل ٽي چوي کينکي، آهيان ٽهو بيوس،
اکر آن کي خيال آهي، تہ گهوليو ٻيو کس،
شادي کرڻ ۾ پائرن کي، کاڏ لڳندي کس،
هوءَ لوڻو ۽ تس، ايندن "عرس" مٽي تي.

"عرس" کٽي هلندا اهي، هوءَ لوڻو ۽ تس،
درن تي ٻين جي وڃي، کندا وڏو وس،
الهن کي چولدا عاجزيءَ سان، تہ آهيون ٽيا بيوس،
ٻرٽي کان هوءَ مائٽن سان، زال کرائيسون ٻس،
کهر گهنگهر گجيءَ ۾، ڇڻن جو ڏيو کو ڏس،
"عرس" چوي آزيون کري، کيندا وڃي کس،
لائي منهن تي مس، هلندا هکجيڏن ۾!

اڄ جون آهن اور ٽيون، اهڙيون ئي چوريون،
مڃين کين مڙسن کي، نہ لنگ گولين لدوريون،
کڏهن والکر الهن تي، لڏجن رکيون ٻوريون،
جي ٻنا کر کايو ٻيو، چاڙهين ٽيون ڏوريون،
کهر جي کمن کارين کان، رهن سدا کوريون،
ڇڻي ٻور مائٽن جا، ويون ٽي ٻوريون،
لهن نہ کي کوريون، "عرس" رکان هوءَ آس کيئن!

شادي کندس هکڙي، جا کرڻي آهي ضرور،
سنجهي صبح جنهن جو، ٻلپل ٻوي ٻور،
کنوار تہ انر کونج سا، جا منهن نہ مٽهندي مور،
ماءُ ٻيءَ کان ٻڌ کندي، مٽي مون مذکور،
"عرس" اکيان عار جي، سا نہ سليندي سور،

ڪڏهين ڪين ٻري ڪري، توڻي ٽئي جهور،
هن زماني جي شادي رڳي، آهي قسمت سان ڪلور،
جهلي هوءَ ٽي جهولي‌ءَ ۾، وڃي نہ وهلور،
قابو ڪري ڪ‌ڇ ۾، ٻي‌ءَ ڏانهن ڇڏي نہ مور،
هوءَ ٻوڙهو يا ڪپور، ۽ راضي رکي تنهن کي!

راضي رکي سا گهٽو، واپس ڪين ڇڏي،
لکي وڃي ٻاڻ ٽي، ٻئي ڪنهن جي ٻ تڏي،
لکي سائڻن ڏي، ور کي وڃ ڏي،
لوڪ لڙهي لهوارو ٽئي، يا وڃي ڪيڏالهن لڏي،
ڪابہ خبر مائڻن کي ڏيئي، نہ گولدر منجهہ گڏي،
هاڻ "محمد عرس" جڏي، جي ٻارت ٻوڙهي هوءَ ڪٽئي!

شاديءَ کان شهيد ٽي، مرڻ ڇڪو آهي،
"عرس" اسان جي دل ۾، آس شاديءَ جي ناهي،
سجهندي ڪڙهج ڪنوار ل‌ه، جا ماڻ تنهنجي آهي،
ڪلمي سندي قلب ۾، ريڙهيندو ڪر راهي،
خدمت ۾ ساڻ ٻي‌ءَ جي، ڪهٽ ڪج ڪين گراهي،
توڻي سختي‌ءَ ۾ سندءِ، سُکي ٽئي سوڙهو ساهي،
اميد الله مان نہ لاهي، جو ڏاتار آهي ڏيهن جو!

هڪ دفعي جي ڳالهہ آهي تہ مرحوم ڪن دوستن سان گڏ اٽڪ تي چڙهي ڳوٽ ڪان ٽڪڙ (وسي ملوڪشاهہ) لاناڻن وڃي رهيو هو، ٻين جي اڻن ڪان سندس اٽڪ ايڌا جڙ هو، جنهنڪري مَٿي جي مهار ٻنهنجي هڪ دوست جي حوالي ڪري، پاڻ ان جي ٻيان توڏو تڙيندو ويو. جڏهين مين حاجي‌شاهہ جي مقبري (گنجي ٽڪر جي چيڙي تي، سنڌو درياهہ جي ڪپ سان لاڳو) ڪان مَٿي، لَيَّن جي وڃان بند تان ٽهيل رستي تي چڙي‌واهہ ڪان مَٿي اڳتي ويا، تڏهين اتي ٻهراڙيءَ جي هڪ حسين و جميل دوشيزہ، درياهہ تان پاڻي پري، ٻہ دلا هڪ ٻئي جي مٿان مٿي تي رکي، هڪ دلو ڪ‌ڇ ۾ قابو ڪري، ڊيل وانگر ٽلندي، لين کي ٻاسي ڪندي، ٻنهنجي منهن واٽ وئيو، ٻنهنجين پولڪين ڏانهن وڃي رهي هئي. لين جي لڏڻ تي جو اوچتو اٽ جي لظر وڃي ٻيئي، سو ڇرڪ ڪائي وئي ڳڇو. مرحوم ڪيس ڪافي روڪيو، ۽ مَٿي نہ مڃيس ۽ ڪٽي وڃي ڪامي ۾ ڪيرايائينس. سنگت وارن ويچارن گهٽيئي ٻڌايائس توڏا تڙيا، ۽ ٻهڻ ڪان ٻروس ٽي ٻري رهجي ويا. جڏهين مرحوم ٻنهنجيءَ منزل مقصود تي وڃي ٻهتو، تڏهين رواج موجب سندس عزيزن ڪائٽس ڪَسان ٻڌڻان خير سان اچي ٻهڻ ٻابت احوال ٻڌيو. ان تي پاڻ ڪين ٻڌايائين تہ

گوٹ تہ خوش هئس گھٹو، پر ٹيس وات منجھ هلاک،
اٹ اچي سون گھٹيو، ٹيو جراسي تاک،
وس کان ويو وسلي، سليمان کھڑي ساک،
ڈسي پونءِ تماک*، آتي کيرائين "عرس" کي.

جان وئيو وات اچون، تہ ٹيو لين منجھ لوڏو،
کرهو هو کونتل، پر پچي پيو کوڏو،
تنهن کي روکيو تيز سان، پر تکو ٹيو توڏو،
ميو مچي لہ مهار کي، رهي لہ روڏو،
پگهو وئي بند تان، مچي لہ موڏو،
کسکيس پير کامي پ، وچي گونري کوڑيو گوڏو،
"عرس" اچي اوڏو، ويجهو بنهہ وسيءِ کي.

اها حقيقت ٻڌي، سندس ٻن مامن - هر هڪ سيٽ موريو ۽ رهڏنو مرحوم - کائنس ورجائي ٻڌيو تہ 'ابا کولي ٻڌاءِ'. جنهن تي ٻاڻ وري ٻہ چيائين:

آياسين ٻئي وات وئيو، کرها قطاري،
مٿي آياسين مقبرو، وڏيءِ بند ڏاري،
تہ ليون لڏيون اوچتو، جان نظر کريون نهاري،
تہ نماڻي هڪ لار ڏئي، اسان ليئن ڏاري،
گهڙا ٻہ جنهن مٿي ٿي، ۽ ٿيون ڪچ پ واري،
هلي آئي هرٽيءِ وانيگيان، گج ٻيٽي گاري،
اسان ٻہ ڏئو ان ڏي، تہ وڏائين ساري،
حسن تنهن هٿيليءِ جو، گھٹن کي گهاري،
توڏا تڙياسين ٽکڙا، واگهون ٿي واري،
تہ من نماڻي نار سا، اسان ڏي ليهاري،
ساريو وچي منڊ جا، کاڻي ٿي کاري،
چربو چڑهي اور تان، گهيڙي منجھ گهاري،
اٹ الٻيلا آڻيا، ٻئي تي اوگاري،
ڈسڻ سان ڏاري، "عرس" اسان کي ڇڏيئين!

---

* جنهن کامي پ اٹ وچي کريو هو، اتي کنهن زماني پ تماک جي آبادي ٿيندي هئي؛ جنهنکري ان ٽکري کي اڄ تائين ٻ 'تماک وارو ٽکرو' کري سڏيندا آهن، جو ٽکڙ شهر کي ويجهو، سڏڻن پنڊ تي، اتر-الهندي طرف، کير ڍهي ڍنڈ پ آهي.

هن بيت پوري ڪرڻ تي سندس مامي رڏلي ڪيس چيو ته شاهد ڏي: مرحوم ان تي هيٺينءَ طرح شاهد ٿو پيش ڪري:

ڏسي ڏيهه پرائو، ٿو پياسون ٿوڏا،
پسي پريان اوچتو، لئين جا لوڏا،
ميا موڪيا ڪين، پر رسيا نه روڏا،
اچي ٽياسون آلهيءَ، البيليءَ اوڏا،
نار نه هئي، هڪ لور هو، چمڪن جيئن ڪوڏا،
حورون حيرت پر ون، پسي تنهن دوڏا،
"عرس" نهاريو اوڏهين، تاسين ڪوڙي ڪوڙ يا گوڏا،
آيو ڏڪ قهر جو، جو لئو گوڏن تان چوڏا،
پيا شاهد ميا موڏا، جن هرڻن هٿ ڇڏائيوا

هڪ دفعي مرحوم محمدعرس ميلي ساجن سوالي‌ءَ تان ٽي، پر آڻ وڻي، پنجن ڏينهن بعد واپس وطن وريو هو. ڳوٺ پهچڻ تي ڪالهه سندس لنڊي پاڻ مرحوم محمدسومار ميلي جي، وهڻن جي مهانگائي‌ءَ ۽ سهالگائي‌ءَ وغيره جي حقيقت پڇي، جا هيٺينءَ طرح ساڻس ويهي بيان ڪيائين:

واه واه خوب لڳو هو، ميلو سوائي،
سنگت مان جيڪو ڏٺو، ته ٽي ويو توائي،
مال گهڻو موجود هو، ڪمي نه هئي ڪائي،
وهڻن جي وڪري جي، وات نه ڪنهن واڻي،
گوڏر گهڻا آڻيا، جن ڪئي ڪمائي،
هڪ مالڪ مهالگا گهڻو، پسي ونڻ وڏائي،
چڱو، چوڳو، دوق، چٽ، جنهن قيمت چڪائي،
چوڏهن ويهون چوڳولهي، ته مالڪ پنج سؤ ٻڌائي،
چڱو لهي چهه سؤ، ته ڏٺيءَ ٻارهن سؤ هولائي،
"عرس" قيمت آڻن جي، هٿي وڌ ٽي اجائي،
هوڻي مهالگائي، ڪاله ڏٺي سون ڪڏهين!
ڪوله ڏٺو سون ڪڏهين، اهڙو مهالگو ميلو،
مالڪ تائي مڇ ڪي، هلي البيلو،
مائيتو ٽئي ان ڪري، ته ٽري وڃي ويلو،
سوين سوداگر گڏجي، ٽي آيا سويلو،
اتر، اپرلدو، الهندو، ڪٿو ٽيو ڪاچيلو،
"عرس" اويلو، ڪوئي آيو ڪوله ٽي.

سوداگري ٿاڻ هئي، ڏکڻ جي ٽر ڏري،
آيا جيڪي اوج ۾، سي واپس ويا وري،
ڪنهن کي قيمت کينکي، پوري هئي تہ سري،
"عرس" هاڻ آکري، اڻ جي هئي ڪري،
ڏکڻ وارا گهري، واپس ويا وطن ڏي.

ڏکيا ٻر ڏاڍا ڏول هٽا، سهڻا ستارا،
گاڙهاڻ، اڇا، ڪمرا، ڏاڙا ۽ ڪارا،
سايا سٽن اڻ سٽي، واه واه پٽارا،
هرڻين واڳر هليا ٽي، ڏيئي چال چلڪارا،
پٽ آيا ٻڙ ۾، لنگر ۽ لارا،
ٻچن کين ڇڄ ڪٽي، سوداگر سارا،
پلا پلا هٽا ڏڪا، لالي نامياراً،
ٽري ڪڪوي رلگ جا، سنگن سولهارا،
گوڏيون ننڍيون جن جون، ڪن وهڻ سان وارا،
تعريف هڪ خدا جي، جنهن پيدا ڪيا پيارا،
نرمل ايارا، "عرس" عجب ڪيا چهچٽا!

جڏهين مرحوم کان سندس پاڻ پڇيو تہ "ادا، تو هي اٽ ڪيتري ۾ آندا آهن؟" تڏهين جواب ڏنائين:

پنج سؤ پنجاهه ليش، ۽ ڇڪو ڇهن سون،
ميلي ۾ ان ملهه کان مٿي، ملين ٽي لوويهون روپين،
ٻر ڏنر ڪنهن کي ڪين کي، جوڙي اي۽ اڻن،
سنگت سڀ ڇڄي ويئي، باقي آڳ رهيس آٽن،
ڪاهي آيس ڪوڏ مان، منجهان گسن ۽ پٽڻن،
قيمت ڪانهي ڪا گهٽي، اهڙن لي ارڏن،
شل ڏٽين ساڻ بچن، "عرس" البيلا اهي!

واحد جي وحدانيت بنسبت جيڪي مرحوم جو جوڙيل مواد ميسر ٿي سگهيو آهي، ان مان کي قدر هن هيٺ بيان ڪريان ٿو.

الله تنهنجي عنايتن جو، مالڪ لاهي سڀ،
قادر تنهنجي۽ قدرت جو، ڪولهي ڪوئي ڪپ،
چوري نہ سگهان چپ، "عرس" آڳ ساراهه ۾.

آهين هڪ الله تون، برڪشان متائون،
سدا ڪرين سين تي، تون ئي ٿو چاڻون،
واحد تنهنجي وڏائي، ڪيڙي ڳايان آئون،
"عرس" جهڙي عاجز تي، توڪيون هاري پلا يون،
مالڪ مدايون، ميڻين مون مسڪين جيون.

پياروپيغمبر ڪيئي، متانهون مڙن،
جڳ سارا جنهن جي، جتيءَ جيس نٽا سونهن،
برڪتن جو بحر سو، آهي ڏيڏڻ،
آهن اميدون "عرس" کي، مهر سنديون ۽ منجهن،
آهي جو آخرت ۾، وسيلو ولهن،
قادر سان ڪرمن، مدايون ميڻي سندم.

هڪ دفعي، سخت جهولي ۾ ٻن پهرن وقت مرحوم پنهنجي نار تي ليٽيو پيو هو؛ جهولي جي جهڙپ سبب وهندڙ پاڻيءَ مان چندون اڏامي اچي مرحوم تي ٽپي پيون، جن کيس ڪافي فرحت بخشي: نار، آڏڻ، ڪيرن، ڪيڙين ۽ فصل وغيره تي پاڻ ان وقت هن طرح طبع‌آزمائي ڪئي اٿس:

نار تہ آهي دلدار، جو جهولي سندي جهل،
ڏيون چندون جنهن جون، آهن جهولي-پَل،
پاهر لڪڻ سان پَرن، ڪيرن سندا ڪَل،
"عرس" لہ آهي ڪَل، ڪاريون ڪري ڪڍيون!

وڃي رنگت نار جو، جان الدر ٿو جهور،
وٽي وه واه دل کي، ڪي ڪري ڪور،
رهي ڪٿن تڪ تور، "عرس" اندر ۾ ان جي!

ڏڪيا پلا ڏولٽا، آرڙا آٽ وهن،
اکياڙيءَ سان ان ۾، ناهوڪا بہ ٿهن،
اهو مرڪ مين جو، لہ ڳهلن جيئن ڳهن،
ڪريو ڪاهہ ڪهن، "عرس" بچائين هوڪ کي.

بچائين جي هوڪ ٿا، جنهن تي ٽئي گذران،
ڪاڏي ري ڪوڪول ڪو، هلي سگهي انسان،
هاري ڪاهي هر ٽئو، ڪلو ڪري سامان،

لوڻ ۽ لياز جي، جنهن وٽ ڪي ڪان،
ارڏن کي سڏو ڪري، واهيو خوب جوان.
"عرس" اهو ارمان، تہ سمجهہ چڏي چوسيي.
سمجهہ چڏي ويا سيئي، هر هر ڪن نہ پچار،
چا ڏيٽي چا ونڻي، ناهي تات تنوار،
لکي ڪن ڪيءَ تي، هڪل ۽ هاڪار،
ڪي ڪائين ٻيا ٻني، سنگ سڻا چوڏار،
"عرس" نہ الکو آهہ کو، نہ آئين ٿا اختيار،
عقل انهن جي هر آهي اهو، تہ ٽيندا ان" انبار،
آهتي ايندا آهت لءِ، لهار سوچي ڪنيار،
پري ڏين بسم الله ڪري، ڪوڙي ڏارو ڏار،
هر جي نہ ٽي سنيار، تہ منجهي ويندا ماڳهون.

آڏون، ڪيرا، ڪيڙيون، محنت ساڻ نهن،
ڪيڙون هٽي قرب مان، لوچي ٿا ٻہ لهن،
لنڊيون لتاڙين لاڏلا، رات ۽ ڏينهن ڳهن،
پورهئي سنديون ٻاڻ ۾، صلاحون سي ڪن،
آبشو آڻين جي، وَلين ٿا وَهسن،
ڪڏون، رُنبون گوڏيا، قرب منجهان ٿا ڪن،
سيءَ واءَ ۾ سک نہ ڪو، اچي عادتين،
هوڪيءَ مٽي ٻريت مان، اٽيو آسر وجن،
ٻيل ٻراڙي لاءِ سي، ورور ور ڏين،
ڪيءَ ۾ هوڪون لٽي، ڏير ٻسي وَهسن،
ٻنيون آڻي ٻار ۾، ٻارن سان ٻهڪن،
ان" تہ ٽيندا اڻ ميار، ڪوڙين تي تڪ ڪن،
ڪٽي خرار خوشيءَ مان، مالجهي ٿا مرڪن،
سجيءَ ڪيءَ جا سور سپ، وسريو تن وجن،
ڪٽي ڪرا خوب ٿا، وڃيو ڪارون ڪن،
هٽ تي چڙهي، هڪل ڪري، چون شاهوڪارن:
'پائي ليکو لاهيو، ڪٽڻ سندو ٻڌن'،

اڳتي سندي ڪارڻ، آهي "عرس" رکن،
ڏيو ويڙ وڙن، قرضين سندي قرض ڪي.

مرحوم جي اها دائمي فطرت هئي جو هو وڏي اسر ڪان سڃاڻ ٿيندو هو، ۽ آڻي پنيءَ پاري تان ور-وانجهو ڪري، واپس اچي، پنهنجي بستري تي ويهندو هو، جتي ويهي مولود ۽ وارڻيون ڪافيون وغيره وڏي آواز چوائدو هو. سندس تيار ڪيل ورڻين ڪافين مان هڪ ڪافي مثال طور پيش ڪريان ٿو.

سڄڻ لهه سارون، الا، جهولي جهوريم جهوڙي!
ڪاهي ويا قهر ڪري، ڪيچي قطارون-الا!
اوهان ٻاجهڙن، اي مٽا، ٻيو ڪير ڪٽي آهارون-الا!
لٽون لٽون منجهه لڳي ويون، لالڻ تنهنجون لغارون-الا!
"عرس" ماريو اڳ جون، مٽيءَ ڪي ميارون-الا!

ماستر غوث بخش (ٹل)

ملّا اللّٰہ وسایو "کفشدوز"

الھوسایو ولد چنڍ ذات کلھوڑو، ڏاڍو موچکو کنڍو ھو. سندس جنم شھر بھشتي تعلقي گھوٽکي ضلعي سکر ۾ ھڪڙي شاديءَ جي موقعي تي ٿيو ھو، تنھنکري کيس "شادي" ۽ چوندا آھن. ھن وقت سندس رھڻ جو ھنڌ گوٺ مير پور ھڑو، تعلقو ٽُل، ضلعو جيڪب آباد، آھي.

سندس راڳ جو استاد احمد دايو (ويڻل گوٺ مير پور، ٽُل)، ۽ شعر چوڻ ۽ معنيٰ جو استاد ھوت خان موچي (ويڻل مگر جي ميائي) آھي؛ ڏور جي بيتن، ھنر ۽ گجھارتن ۾ استاد لوڻ مھاڻو (ويڻل کاھي) آٿس. آھستي آھستي دل جو راز ۽ خيال ويا وڌائڻ ۽ کيترا بيت، غزل ۽ ڏوھيڙا چوڻ لڳو، جن ۾ سندس تخلص "کفشدوز" آھي.

"کفشدوز" سنڌي، اردو، انگريزي وغيره پڙھيل کولہ آھي، صرف قرآن پاڪ جي تعليم ورتي آٿس. ھن سگھڑ جي زندگي عجيب غريب لمولي جي آھي. ھيءُ ميلن ملاکڙن ۽ مجلسن جو مور، ڏينھن جا ڏينھن ۽ راتين جو راتيون مجلسن ۽ محفلن ۾ گذاريندو آھي.

"کفشدوز" جا کيترائي شاگرد آھن، جن مان ھيٺان قابل ذکر آھن: خاقل ولد حسڻ ھڑو، صيفل ولد شفيع محمد ٻڌي، يعقوب ولد خير محمد ھڑو، امير بخش ولد ڏڻي بخش کوسو، دائم ولد کوڙو خان ھڑو، فقير محمد سامت، ۽ متو ھٽ جلال ھڑو. اھي سڀئي صاحب گھٽو ڪري تعلقي ٽُل جا رھاڪو آھن.

"کفشدوز" جي مجلس جا رفيق ۽ مڙيئي راڳ جا شوقين ۽ سمجھ بڌ وارا ھٿ جي ھي آھن: قاضي سرور بخش دايو، ويڻل مير پور؛ صوفي مبارڪ ڪٽي؛ خانصاحب سھراب خان سرڪي؛ سردار گل محمد خان ڀھوڙ؛ زميندار محمد ايوب خان ھڑو؛ ۽ رحيمڏلو ڪوري، گوٺ مير پور ھڑو.

"کفشدوز" صاحب ٻين وڏين ھستين ۽ بزرگن سان به ملاقاتون ڪيون آھن ـ جھڙوڪ مولوي عبدالغفور صاحب "مفتون" ھمايولي، سخي قبول محمد درازن وارو، حافظ محمد صديق پرچونڊي شريف وارو، مولوي نظر محمد روجھاڻ وارو، راڻيپور وارو بزرگ، مولوي محمد ابراھيم سرحدي، بزرگ محمد عمر صاحب چشموي وارو (ڪوئٽا بلوچستان)، پيرل فقير صاحب انڊھڙ، وغيره.

"ڪفشدوز" صاحب هن وقت به زنده آهي، پر لهايت ئي پيرسن آهي. سندس عمر ٽڪل هڪ سو ورهيه آهي. ڪيس هڪ پٽ رحيم بخش ٽالي، ۽ ٽي ڌيئر آهن. سندس ڪلام ڪافي آهي، جنهن مان ڪجهه نموني طور هيٺ ڏجي ٿو.

(بيت)

قلندر ڪارونيار پر، جن ساريو غوطو،
وجائي وجود کي، ڪيچي ڇڏيائون ٻوتو،
جاڏي راڪو هين روح جو، سو پر وڃي پوتو،
جن آخر 'والعصر' جاتو، سي آهن "ڪفشدوز" ڪريرسان.

*

ڏر هڪ داور ڪان ٻري نه ٽيا،
جبروت ۽ ناسوت ڪان لنگهي اڳتي ويا،
لاهوتي لامڪان جا تنهين سير ڪيا،
اسر جسر هڪ هيا، وجي "ڪفشدوز" ڪمال ٿيا.

*

وسڻ جا ويس ڪري، ٽيا ولائتن وسڪار،
ڪر سپ ڪوريا، ڪري مينگهه ملهار،
ڪچي لاڙي نهال ٽي، ٽيا گاهن جا گلزار،
سنڌ ساڻ مست ٽيو، ٽي پنجاب پر پلنار،
هندستان هنڌ تنهين، ٽيا دکن پر ڏڪار،
لمون لاڙ ڪيچ ڪوريو، ڪري عربستان اپار،
شام شيرين، حلب حبش، ٽيا چين پر چمڪار،
خراسان، افغانستان، ترڪستان، ايران، ۽ٽو بيحد بيشمار،
مولا ملڪ وسايا ڪٽي، چؤقبلي ئي چوڏار،
ڳٽيو ڳٽيان ڪيترا، ٽيندا حسابن هزار،
ڪي سپ الله جا، آڏري ڪن ٽا الغار،
تنهن کي رحمان ٿو روزي ڏئي، حاڪر ئي هيڪار،
بحري، باشو، ترمچي، هنس، هماڻ، ڪري بلبل ٽي بلغار،
زنگي، جعفو، سورج، رابيل، گلاب، ڏس ٽالگي جاڻهڪار،
جيت جتوڙا، پوپٽ پتنگ، ڏس پونرن جي پٽڪار،
مرون، مالگر، ڪسميون، ڪچون، واگهون، پلاهن جا جنسار،
آٽ، گهوڙا، ڳئون، مينهون، گڏهيون، روهن ٽي ريڍار،

سالگ چري سرها ٿيا، هو بهکن ٿا ٻکرار،
مال ماٺهن جا خوش ٿيا، سُکيا ڪيا تہ ستار،
چانگا هرڻ پٽ تي گهٽا، سرو ڏس روجهن جي ڏهکار،
ميڙهن ڪٽي موجون ڪيون، ڏي هر هوڏي هُٻکار،
آب گهٽو هر جاءِ تي، ڪليا الب الار،
پوکون ٻڪيون سيگهہ مان، جوڙيا سنگ ڪلتار،
لڏي لابارو ٿا ڪن، آڻي ڏي لائي هار،
گاهي موهي گڏ ڪيائون، ڏِس ڏڻن جا ڏوکار،
آن گهٽو هر جڳهہ تي، سائينءَ ڪيا سڪار،
ڪيو ڏکر ڏيهہ مان، ڏيهہ ڏٺي ڏاتار،
الحمد الله، آهيون هاديءَ جي آڌار،
وسايائين مهر، "موچي" چوي، سولهن ٻري سردار،
چٽنڌا سي ڇيهن مان، آهيون احمد جي آڌار،
پڙهو ڪلمو ۽ قران، ووپار، تہ جوکو ناهي جيءَ کي!

احمد خان "اختر"

قبول محمّد شاهه قريشي

قبول محمد شاهه ، بن جان محمد شاهه ، بن سعيد محمد شاهه ، بن جان محمد شاهه ، بن هنيلڏو شاهه ، بن احمد شاهه ، بن ابو شاهه ، بن عبدالرزاق شاهه ، بن صالح شاهه ، بن ابوبكر شاهه ، بن محمد شاهه ، بن عبدالسميع شاهه ، بن محمد شاهه ، بن مخدوم پير محمد حافظ شاهه ، بن شاهه جلال الدين ، بن شاهه صدرالدين ، بن محمد شاهه ، بن عبدالله شاهه ، بن عبدالله شاهه عرف وسڻ شاهه ، بن شاهه موسيٰ ، بن شاهه خضر ، ابوالقاسم ، بن ابوالخير ، بن شاهه جلال الدين ، بن شاهه علاؤالدين (ستون صاحبزاد و حضرت غوث بهاؤالدين ملتاني رح) جي ولادت سال ۱۸۹۸ع مطابق ۱۳۱۸ هجريءَ ۾ ، گوٺ پير تاج محمد شاهه قريشي (لڪ درگاهه شاهه اسماعيل قادري ، تعلقو حيدرآباد) ۾ ، جمع جي رات ، فجر مهل ٿي. جڏهين پير صاحب جي عمر اٺ ورهيه هوري ٿي ، تڏهين سندس والد بزرگ کيس پنهنجي گوٺ الدر هڪ قابل استاد مولوي ويهاري ڏنو چاکاڻ ته پهراڙيءَ هجڻ سبب کوبه سرکاري سکول ان گوٺ ۾ موجود کوله هو ، نه وري ويجهڙائيءَ ۾ ئي کو اهڙو سکول هو ، جتي کيس تعليم حاصل کرڻ لاءِ ڇڏيو وڃي ها. مولوي صاحب ، ان وقت جي هلندڙ دستور موجب ، پير صاحب کي قرآن شريف جي تعليم پوري کرائي ، بعد ۾ "نورنامو" ابوالحسن جي سنڌي پڙهايو ، ۽ مختصر طرح کجهه شريعت جي مسئلن کان ڀڃ واقف کيو.

تيرهن ورهين جي عمر ۾ - يعني سال ۱۹۱۱ع ، مطابق ۱۳۳۱ هجريءَ ۾ - سندس والد بزرگ ۽ ٻنهي سوٽن جي وچ ۾ مريدي-خادميءَ جي ڪن گالهين تان تکرار ٿي پيو ، جو وڌندو آخرڪار ان نوبت تي وڃي پهتو ، جو ڪين مجبوراً ، پنهنجن معتقد مريدن ۽ خليفن جي مشوري سبب ، اباڻو وطن ڇڏڻو پيو. هو پوءِ لڏي گوٺ مٺو شورو تعلقي حيدرآباد ۾ اچي رهيا ، جتي هن وقت ڀڃ سندن پوئير موجود آهن.

جيئن ته مذڪوره گاديءَ جي ڀڃ سندن ڏاڏي جي فوت ٿيڻ بعد سندس ٻيءَ جان محمد شاهه کي ٻدايل هئي ، تنهنڪري سال ۱۹۲۸ع ، مطابق ۱۳۴۸ هجريءَ ۾ ، سندس والد بزرگ جي آمي ورهين جي عمر ۾ رحلت کرڻ سبب ، ڀڃ جو ڏڻي ٻاڻ هو. سندس سوٽ شاهنوازشاهه بن لورمحمد شاهه ، بن سعيد محمد شاهه اعتراض اٿاريو ، ته پير پلن شاهه صاحب ڏرين جون

گالهيون ڏني، فيصلو ڪري، ڇڳ پير قبول محمد شاهہ ڪي ڏڏائي. سال ۱۹۲۹ع مطابق ۱۳۴۹ هجريءَ ۾ ان جي رسم ادا ٿي.

پير صاحب کي ۱۹۳۵ع مطابق ۱۳۵۵ هجريءَ ۾ جان محمد شاهہ ثاني فرزند عطا ٿيو، جنهن بعد سندس شريڪ حيات جلد ئي داعيءَ اجل کي لبيڪ چئي، پير صاحب کي هميشه لاءِ داغ مفارقت ۾ محو ڪري دارالبقا ڏي راهي ٿي. ازان سواءِ، ڪن خالگي معاملات تان هاڻ ۾ ٻنهي سوٽن جي وچ ۾ ٿڻ لفاق پيدا ٿي ٻيو، جنهنڪري سندس فرزند معصوم جي پرورش ۽ لاالائن ۾ ٽيڻ لڳي. هڪ طرف والد بزرگ جو وڇوڙو، ٻئي طرف شريڪ حيات جو فراق، ته ٽئي طرف معصوم ڇڙي جي جدائي—انهن سڀني تڪليفن شاهہ صاحب جي جان جهوري وڌي، جنهن سبب سندس دل مان يڪايڪ هڪ ٻئي جي ٻڌيان اٽڪ لڳا. جيتوڻيڪ سندس تعليم تمام گهٽ هئي، ۽ شعر و شاعريءَ جي رديف ۽ قافيي ڪان ناآشنا هو، تاهم سندس ڪلام بحر وزن تي خواهہ قافيي رديف تي ڪهڙي پاڳي پورو آهي. سندس اهليہ محترمہ جي فراق ۾ هاڻ جيڪو ٻهريون ڪلام جوڙيائين، سو هي آهي:

اکيون چو نہ روئن زارو زار اديون،
جن کان دوست ويو ٿي ڏار اديون!
اکين آرو محب ملڻ جو، پر ۾ پنهنجي پرينءَ پسڻ جو—
عشق ڏنن آزار اديون.
لنڊ ڦٽي، آرام ويو جن، روئڻ ۽ راڙهي کان نہ ٽيون بس ڪن—
هرهہ ڪيون بيمار اديون.
"قبول محمد" پسن سي رانجهن، انهيءَ کان اڳ بس سي ڪيئن ڪن؟
ليٽان وهائڻ لار اديون.

سندس فراق جيئن ٿيءَ تيئن ويو روز بروز وڌندو، جنهنڪري سندس والده محترمہ ۽ ٻين ڀاتين کي سندس ظهيري حالت ڏسي حد کان وڌيڪ دل ۾ درد رهڻ لڳو. پنهنجي والده جي منع ڪرڻ تي—ته اداس نہ رهہ—هاڻ مسجد ۾ ويو، ۽ ٻہ رڪعتون نفل پڙهي، درگاهہ رب العزت ۾ دعا ٻنياٿين ته

امن ڏينہ الله، ڪيم توبهہ زاري،
ڪيم توبهہ زاري، سڄي عمر ساري!
چڏيم باغ بنگلا ۽ گل ڦل گلابي، وڃا ويس سهڻا عجب ڪيمخوابي—
ڏسي ماهتابي ٻيہ دل ۾ ڪهاري.
ٻئيس مان ٻہ مجنون عقل ويو اڏامي، ٿي ذلت عزت جي بجاءِ مون سلامي—
روئي مون مدامي، آهي جان گهاري.

"قبول محمد" سان شال هرين، پلائيءِ جو پيرو مٽيءِ تان آو من ڪن:
ڇڏن منجهه لڇ ڇپرن، ڪرن مددگاري!

ٽوريائي وقت ۾ رب پاڪ سندس پاءِ احمد شاهه ڪي نرينو اولاد سان نوازيو، جنهن جو نالو پاڻ رکيائين علي محمد. معصوم جي تولد ٽيڻ شرط سندس اکين جو ڳارو يڪايڪ بند ٿي ويو، جنهنڪري ان وقت معصوم تي نالو رکي، وڃي هيٺيون ڪلام جوڙيائين:

لٽو اکين جو آزار، ادبون،
جن کي محب ملیو منڌار، ادبون!

"ڪن فيڪون" جو مالڪ مولا، جنهن جو جڳ جنسار، ادبون...
محب مٽي جو مت لڇ ڪو ٽالي، ڇٽني طرف ڇوڏار، ادبون...
سينٽان سهڻو سڄڻ سراسر، سونهن پريو سردار، ادبون...
"قبول محمد" يار لوازيو، دوست ملیو دلدار، ادبون...

پير صاحب لڇ رڳو ڪلامن ۾ ڪاهي ٻيو، مگر دل جي اداسيءِ کيس ڏورن ڏالهن ۾ لاڙو ڪرايو. مثلاً، سندس اهليه محترمه جي مزار شريف تي وقت اچڻ وڃڻ، ۽ سندن اصل ڇڏيل قتل ڳوٺ جي پر ڏيڻي اچڻ وڃڻ، خواهه سندس ساهراڻي ڳوٺ جو ٻاسو ڏيڻي لنگهڻ وقت پنهنجي معصوم ٻڇڙي جي ڪشش وغيره ۾ جيڪي جيڪي ڏورڀ ڏوهيڙا چيا اٿس، سي ٻڌ هن هيٺ عرض ڪجن ٿا.

قولين ڪين ڪوڙي ٽيان، ٻڌا هڏوم ٻول،
الفراق اشد من الموت جا، پريم جهلي جهول،
"قبول محمد" تي قرب ڪري، ٽيءِ تون اچي اول،
ٻسي ڏيهه تون ڏول، پاڻ سڃاڻج سپرين!

*

اڪيلي آنهون ڪريان، آهر ورهه وروهن،
دردن ڪيءِ دل تي، ڪايا جي دولهن،
ڳائيندو تو سولهن، "قبول محمد" ڪيتري!

*

اداسي آلهون ڪريان، آهيان اڪيلي،
آهر تو ريءِ ڪولڪو، ٻيو ٻانهن ٻيلي،
ٽانيڪي شل ٽاڪ ٽيان، جتان آءٌ ٽيلي،
"قبول محمد" آءٌ هيس، اصل البيلي،
چاهيان مان چيلي، جي جت ٻڌائن جوهه مون!

*

اکيڻ انتظار، عجيب آهي ٿيو،
پَسان پُري پر پر، محب ملو منڌار،
"قبول محمد" قرب مان، ڪوئي من ڪوهيار،
جيڏيون جانب جت جا، الدر تي آزار،
ملي تہ مانيتي ٿيان، ساهہ سندو سينگار،
عجب هيءَ اسرار، ڳالهہ ڪان تہ ڪروٽيو.

*

جتي ڀون ڀهڪ هئي، آت ٽا رڙن ڪنگ،
جت چڑن جي چونگار هئي، آت ٽيا دڙن دنگ،
اڄ اسہ پسجن آو پريان، جن چوريا ٽي آت چنگ،
"قبول محمد" ڪل فان، رلگيءَ جا ايءَ رنگ،
پسان اڄ نہ پتنگ، پراڻن پدن تي!

*

هڏ لہ هيس هيڪلي، ٻيهس پدر پاڻ،
سرتيون ساهيارين ۾، هيس سرس سجاڻ،
وڃن چڏي ڪين ها، جي ڀوان ٽي ها پلاڻ،
روپو رات گذاريان، ساري روح ريهاڻ،
"قبول محمد" ڪينکي، آيو اتان اهجاڻ،
قرب ڪري ڪيچيا، ڪوٽيو ڪنيز ڪ هاڻ،
ڏوهين ڏڏن ساڻ، آري نہ ڪجي ايتري!

لہ فقط ايترو، پر جڏهين سندس دل جي وروڻهن ۽ ولدر لاءِ ڳوڻائي ڪڇهري ڪري اچي ويهندا هئا، تڏهين پير صاحب کي مجبور ڪندا هئا تہ اسان کي نڙ تي چوڻ لاءِ ٻہ ڪجهہ بيت ٺاهي ڏيو تہ اسين ياد ڪري نڙ تي چئون؛ جنهنڪري پير صاحب اهڙي مواد تيار ڪرڻ لاءِ پنهنجي طبع آزمائي ڪئي آهي.

نڙ جا بيت

عجب رنگ الله جا، جو باري ڪٽي ٻار،
'ونحن اقرب اليه من حبل الوريد'، تن ۾ سنديس تنوار،
کهڙا ڳائي ڳائيان، پريم سندا پيار،
'لم يلد ولم يولد'، ليهي ٽيو نروار،
ڪندي ساريان ڪانہ ڪا، لکو ڪپر ڪنار،
عجبين جهو اندر تي، ٻيهر ٻور ٻيسار،

اسان جا تہ ازل کان، ہڏل ہول ہہ چار،
کوڙي ٿيس قول ۾، تڏهين ٿيو ڪوار،
"قبول محمد" قرب مان، ساجن لهندو سار،
آهي ان اختيار، بخشي جي بدڪار ٿو!

*

بخشي جي بدڪار ٿو، آهي صاحب رب ستار،
پليل سندو پرجهلو، ۽ اڙين جو آڌار،
ڳائي سگهبو ڪينڪي، رازق رب غفار،
مرڪندن ماري اهو، جڏن آهه جيار،
مالڪ 'ڪن فيڪون' جو، خالق خلقٽهار،
پيدا ڪيائين پرت مان، ميو مٺو مهندار،
جڳ ٻڌي محمد ميو جي، ڏنئين منجهه اختيار،
چاڻي يار رسول جا، محب مٺا موچار،
پنجتن نوري نور جي، نسورا لروار،
حسن ميو حسين ڪي، ڏنئين دين سندي دربار،
"قبول محمد" قرب مان، ٿيو انهن جو ڪوٽار،
عيبن پري آهيان، مون ۾ عيب هزار،
پسائيو ٻرين۽ رسول جو، داور شل ديدار،
پسي پنهنجا پاپ مان، روئان زارو زار،
باري ڪٽي بار، ميٽ تہ مانيتي ٿيان!

*

اڄ تہ اکين سامهون، پسجن پيارا،
جهوري ويڙهه جان ڪي، جيء جا جيارا،
اکيلي آنهون ڪريان، ورن ورڻ وارا،
دمدم دهڪو دل ۾، گهاء ڪرڻ گهارا،
ساريان سرتيون سپرين، دلبر دلارا،
جن جا ڪان قلب ۾، "قبول محمد" ڪارا،
اکين آگهه دائمي، ليٽن ليسارا،
پسان شال پريتيٽون، محب تہ موچارا،
ورهيه ويا سارا، سڪندي سهڻي سجڻين!

V

متفرقات

سنڌ جي ڪجھ اھڙن قابل ذڪر ماڻھن جا سوانح اسان کي ملیا آھن، جيڪي ھونئن ھُي ڪنھن ۾ رٽيل طبقي ۾ شامل ٿي نٿي سگھيا، پر جن ۾ اھي دلچسپيءَ ڪان خالي نہ آھن، ان ڪري ھت اھي الڳ حصي ۾ پيش ڪريون ٿا.

محمّد حنيف سرهيو

مرحوم سيٺ حاجي خداداد سرهيو

قديم زماني کان هيءَ خاندان لاڙڪاڻي شهر ۾ سکونت پذير آهي. هي خاندان اصل مديني منوّر کان لڏي هت آيل هو. هن خاندان جا فرد پاڻ کي "عطار" ۽ چوائيندا آهن. لاڙڪاڻي شهر جي وڏي ۾ وڏي جامع مسجد هن خاندان جي زير نگرالي آهي. اصل الهيءَ مسجد جا حق واسطا مولوي عبدالرحمان نالي هڪ شخص، مرحوم محمد ملوڪ جي حوالي ڪري ويو هو، جو مرحوم حاجي خداداد جو ڏاڏو هو. مرحوم محمدملوڪ ۽ هڪ ڪامل شخص هو. ڪالهه ٿا ڪن ته جڏهن مسجد جا حقوق سندس سپرد ڪيا ويا، تڏهن پاڻ مسجد جي ٽئين سر تعمير ڪرائڻ شروع ڪيائين. جڏهن مسجد ڏهي راس ٿي، تڏهن محسوس ڪيائين ته الدرين چئن ٽنين عيوض پنج ٽنيا هجڻ ضروري هئا: صبح جي نماز وقت وڄي ڏسي ته مڪمل پنج ٽنيا ٻيڙل آهن! الهيءَ قدرتي ٽنيي جي برآمديءَ جو ٻڌي، ڪيترا مريض ماڻهو- خصوصاً واري جي بخار وارا- شفا لاءِ اچي انهن ٽنين کي ڀاکر پائي چمندا آهن. هن وقت حاجي خداداد خان جو فرزند محمد ادريس الهيءَ جو متولي آهي.

مرحوم حاجي خداداد خان ۱۸۷۲ع ۾ لاڙڪاڻي شهر ۾ ڄائو. سندس والد جو نالو فضل محمد بن محمدملوڪ آهي. مرحوم خداداد خان ابتدائي تعليم "ميان جي ڳوٺ" مان مشهور معروف بزرگ ميان سدن سوائي کان حاصل ڪئي.

مرحوم جي عالمن ۽ پيرن سان گهڻي دلچسپي هوندي هئي. خاص طرح جن بزرگن سان سندس لاڳاپو رهيو، انهن جا نالا هي آهن: پير صالح شاهه راڻيپورواري، پيرولي محمدشاهه سجاده نشين لال شهباز، مخدوم بصرالدين سيوهاڻي، مولوي محمد قاسم مشوري (تعلقو لاڙڪاڻو) ۽ پير بخش شاهه (لئون ديرو).

مرحوم خدمت خلق ۾ پيش پيش هئڻ سبب پنهنجي حلقي ۾ هردلعزيز هو، الهيءَ ڪري مرحوم خدا داد خان کي هڪ وقت ڪيترائي عهدا مليل هئا: ۱۹۱۶ع کان ۱۹۵۰ع تائين لاڙڪاڻي جو ميونسپل ڪائونسلر چونديو ويو، ۱۹۱۹ع کان ۾ بمبئي جي گورنر جو درباري مقرر ٿيو؛ ۱۹۲۱ع کان لاڙڪاڻي اربن بئنڪ جو ڊائريڪٽر رهيو.

مرحوم خدا داد خان هر ڏکئي وقت ۾ مسلمانن جي خدمت ۾ پاڻ پتوڙيو. سيني کان وڏي واقعي، هندو-مسلم فساد، ۾ مرحوم مسلمانن جي گهڻي خدمت ڪئي.

آخر ۱۹۵۰ع مطابق ۱۳۶۵ھ ۾، ماهه ذوالحج جي ۲۴ تاريخ صبوح جو ۵ ڀجي مدي جي تپ ۾ وفات ڪيائين. سندس مزار تعلقي لاڙڪاڻي جي ڏودائي ڳوٺ لڳ قبرستان ۾ آهي.

غلام حيدر لغاري

حاجي چاڪر عليائي لغاري

خاص ڪري سڄي ٽڙپارڪر ضلعي ۽ حيدرآباد ضلعي جي ڪن تعلقن جا ٻاشندا، موصوف جي ناليءَ کان چڱيءَ طرح واقف آهن. ڪي ڪي ماڻهو سندس صحبت جو به شرف حاصل ڪري چڪا آهن. موصوف نيڪ سيرت، الله لوڪ ۽ مهمان نواز شخص آهي؛ هر وقت عبادت الاهيءَ ۾ مشغول رهندو آهي. هڪ ذهين يونائي طبيب آهي. خدا ولد ڪريم سندس هٿ ڪي جس ڏاڍي آهي، جو ڪهڙيءَ به بيماريءَ وارو مريض اچي ٽو تہ شفا حاصل ڪري ٽو. اڄ ڏينهن تائين- جيتوڻيڪ پيريءَ سبب سندس نظر ڪمزور آهي-وٽس مريضن جو ميڙ موجود رهندو آهي. هرڪنهن کي، لبض ڏسي، بيماري ٻڌائي، شيون لکائي ٽو؛ وري دوا به ٻاڻ ترتيب سان ڏاهيندو آهي. کيس هوناليءَ طبابت ڪندي اٽڪل پنجاهه سال ڪن ٽيا هوندا، ۽ سندس عمر ۷۳ ورهيه آهي.

حاجي صاحب جا وڏا، الله لوڪ ۽ پيرهيزگار، سخي مرد ۽ قران مجيد جا يادـحافظ هٿا. طبابت سندن خاندالي ورثو هئي، جا هٻتان پشت هلي آئي. سندس نالو، "چاڪر" ماڻڻ کوڙ منجهان رکيو هو. سندس ولادت سن ۱۳۰۲ھ ۾ مهيني رجب المرجب جي ۲۷ تاريخ، خميس جي رات، "مڪان پاٻڻي" ديهه عليائي، تپو ٽنڊارو، تعلقو ڏڪهڙي، اسٽيشن روشن آباد کان ڏکڻ طرف ٻراڻ جي ڪپ سان ٽي هئي. سندس شجرو هن طرح آهي: چاڪر، بن مير محمد، بن سهراب، بن بلوچ خان، بـن ڪمال، بن فريد، بـن حيدر، بن جلال، بن فتح محمد، بن نورمحمد، بن احمد، بن عالي: عاليءَ کان 'عليائي' ٻاڙو شروع ٽيو آهي.

سندس ابتدائي تعليم سن ۱۳۱۰ھ ۾، سندن ڳوٺ ۾، يادـحافظ لعل محمد هالپوٽي وٽ شروع ٽي، پر حافظ صاحب سگهوئي مدرسي کي ڇڏي ويو. وري ڪجهه وقت سندن والد ميرمحمد کان (جو بـ يادـحافظ هو) تعليم ورتائين. تنهن کان پوءِ سندن والد کيس ڳوٺ حاجي ولي محمد لغاري تعلقي ٽنڊي باگي ۾ يادـحافظ قاضي محمد ابراهيم لغاريءَ وٽ مدرسي ۾ ڇڏي آيو. اتي بـ مهينا رهي، وري ڳوٺ لاهڙ لغاري تعلقي ڏڪهڙي ۾، سندن والد صاحب کيس يادـحافظ ذين محمد ٽيهي وٽ مدرسي ۾ ڇڏي آيـو، جتي ٽوَ سيپارا ياد ڪيائين. وري واپس ڳوٺ آيو، جتي سندن والد صاحب وٽ هڪ سيپارو پورو ڪيائين. تنهن



ميان حاجي جام خان لغاري

بعد سندن والد فوت ٿي ويو، والده اڳ فوت ٿي چڪي هئي، ڀائي سندس ٻه وڏا ڀائر رهيا، ۽ انهن هن جي تعليم جو خيال ڪيو، جنهنڪري پنهنجي مٽن، مهينو ٻه ڪٿي ته مهينو ٻه ڪٿي، رُلي رُلي، ٽن سالن بعد قرآن مجيد پورو ڪيائين. ڪيس ٻڌيءَ ڀاري سان اصل دل ڪانه هئي، رڳو پڙهڻ جو خيال هوس؛ تنهنڪري قرآن مجيد پوري ڪرڻ کان پوءِ، وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ۱۳۱۳ھ ۾، سولي جتوئيءَ جي ڳوٺ ۾ مولوي غلام عمر مفتي صاحب وٽ آيو، جتي ٽي سال پارسي پڙهندو رهيو.

سن ۱۳۱۶ھ ۾ وري واپس ڳوٺ آيو، ۽ اتي حضرت پير سائين ڀاڳاري شاهه مردان شاهه عرف ڪوٽ-ڏئي عليه رحمة کين پنهنجي خرچ سان جاري ڪرايل مدرسي "ميوي رند" جي ڳوٺ ۾ ويهاريو، جنهن ۾ ۱۳۲۱ھ تائين رواجي سنڌي ۽ قرآن شريف جي تعليم ڏيندو رهيو. ان بعد، ڳوٺ غلام علي فقير لغاريءَ ۾، ۱۳۲۴ھ تائين قران شريف ۽ رواجي سنڌي پڙهائيندو رهيو. ۱۳۲۵ھ ۾ پيرصاحب ڀاڳاري حضرت شاهه مردان شاهه عليه رحمة جن ضلعي ٿرپارڪر ۾ حيدرآباد ۾ ڪيس زمينات جي ڪاتي بدلائڻ لاءِ عام مختيار ڪري رکيو. ۾، ٻوءِ اها به چڏي طبابت سکڻ لڳو. سن ۱۳۲۸ھ ۾ پيرصاحب، ڳوٺ ميرجان محمد ٽالپر ۾ ڪيس مدرسي ۾ رکيو، جتي هن ناچيز جو والد ۽ ٻيا به ڪيترا عزيز ونس تعليم وٺندا هئا. اتي ۱۳۳۳ھ تائين پڙهائيندو رهيو. ان کان پوءِ، ڳوٺ سيد وڏل شاهه لکياري تعلقي ڊگهوڙي ۾ سيدن وٽ منشيءَ طور ۱۳۴۰ھ تائين رهيو. وري ڳوٺ حاجي جمال خان لغاري مکان واگهريجو تعلقي جيمس‌آباد ۾، ۱۳۴۴ھ تائين، مدرسي ۾ رواجي سنڌي ۽ قرآن شريف جي تعليم ڏيندو رهيو. تنهن کان پوءِ پنهنجي اباڻي ڳوٺ کي خيرآباد چئي، ڳوٺ حاجي قادربخش لغاري تعلقي ميرپورخاص ۾ اچي آباد ٿيو، جتي سندس عزيز مائٽ ٻني ڀارو ڪندا هئا، ۽ ڀاڻ پنهنجي طبابت ڪندو رهيو. ۱۳۴۷ھ ۾ وري پنهنجي اباڻي پٽ ڇڪ کئي، جو وري واپس مکان "ڀاڀٽي" ۾ اچي سکونت اختيار ڪيائين، ۽ اتي عام طرح مائهن جو يوناني علاج ڪرڻ شروع ڪيائين، جو اڄ تائين ڪندو اچي. ۱۳۶۱ھ ۾ سيني ڀائرن گڏجي ڪجهه زمين ٽڪر چرخي اسٽيشن نبي سرويڊ کان ڏکڻ طرف ٻن ميلن تي ورتي، ۽ وري اصلي اباڻي ڳوٺ کي همیشه لاءِ الوداع چئي، اتي اچي سکونت اختيار ڪيائين، جتي اڄا تائين مقيم آهي.

موصوف چار شاديون ڪيون، جن مان ڪهڙوئي ڪجهه اولاد ٿيو، ۽ ڪهڙا سڀ رب‌العالمين جي امرتي راضي رهيا. باقي چار نياڻيون ۽ هڪ نوجوان پٽ محمد رحيم نالي اٽس، جنهن کي ٻه سال ڪن ٿيا آهن ته شادي ڪئي اٽس.

حاجي جام رلنگ جو ٽورو سانورو ۽ڪو، قد جو پورو ٻنو، مگر بدن ۾ ڳوڙو، ايڏا جڏهن نظرهين ۽ هلي ڦري سگهندا هئا، تنهن وقت هڪ ڏينهن اسٽيشن تي سندن وزن ڪيو ويو، جو ٽي من ۽ ٻاويهه سير ٿيو هو، ۽ هاڻي بدن ۾ الهيءَ کان گهٽو سنهو ٽي ويو آهي، ۽ هينئر سندس وزن ٻه من مشڪل سان ٿيندو؛ ڏاڙهي گهاڻي، انڪل مٽ-سوا جيتري ڏکهي؛

ڏاڙهيءَ کي ميندي، جو رنگ ڏيندڙ، آواز ڳوڙو اٿس. هن جي جوالي جي ڳالهه ڪندا آهن ته هڪ دفعي هڪ شخص الداريءَ رات هٽ سبب رستو پلجي ويو؛ عشاءَ جي نماز جو وقت ٿيو، تڏهن ٻانگ ڏنائين، ته اهو پليل شخص پورن ٽن ميلن جي پنڌ تي هو، سو ٻانگ ٻڌي وات لڳو، ۽ پوءِ الهيءَ گوٺ تي اچي پهتو. طبيعت ۾ حليمائي به آهي، ۽ شوخي به؛ پر اڪثر حليمائي رهندي اٿس. الله لوڪ، پرهيزگار، سخي مرد، مهمان نواز، الله تعالي جي فرض جو پورو پابند، ۽ هرهڪ کي هروقت چڱي وات ڏسيندڙ آهي. سندس مذهب حنفي آهي، ۽ طريقو قادري. سندس مرشد پير صاحب پاڳارو جن آهن. ذڪر پير سائين پاڳاره حضرت شاهه مردان شاهه عرف ڪوٺ-ڏڻي شاهه بادشاهه ڪان، ۱۳۱۳هـ ۾، جهڏي لڳ، لغاري ليري فقيرن جي دعوت تي، ڇيو هٽائين. مرشدن جي زيارت لاءِ هرسال پيرگوٺ ويندو هو، پر ايڏائي سالن ڪان مجبوراً رهجي ويو آهي. سندس حج ڪل ٻارهن ڪيل آهن. ڇهريون حج ۱۳۳۳هـ ۾ ڪيو هٽائين، ۽ آخري حج ۱۹۵۲ع ڏاري هوائي جهاز رستي ڪيائين.

حاجي صاحب خوش طبع ۽ هڪڙوئي آهي. جهڙس شگفته طبيعت ۽ خوش مزاج کو ورلي هوندو. سندس خوش طبعيءَ واريون ڪيئي ڳالهيون زبان زد عام آهن. نمولي خاطر هن واقعن جو ذڪر ڪيو وڃي ٿو.

هڪ پنجابي حڪيم ۽ حاجي صاحب جو سوال ـ جواب

حاجي صاحب، جن ڏينهن ۾ ميوي رند جي گوٺ ۾ پير صاحب پاڳاري جن جي حڪم موجب پڙهائيندو هو، تنهن وقت هڪ ڏينهن صبح جو سوير مدرسي مان پنهنجي گوٺ ڏي آيو؛ تنهن وقت هن جي عمر انڪل ۱۸-۱۹ سال هئي؛ ايڏا خاڪي مقام ڪان ڏورو آتر تي هو، ته ڏسي ته سفيد ڪپڙن سان هڪ پنجابي، پٽن تي ٻڌ ٻڌل، ڪانئس ڏورو اڳيان پاسي تي بيٺل ڏاڙن ڪان پڇي ويو ته "آڳ سائينداد علياڻيءَ جي گوٺ ڪٽان وڃان؟" انهن ڏاڙن پنجابيءَ کي اسان جي گوٺ جو پوريءَ طرح ڏس ڏنو. حاجي صاحب خيال ڪيو ته هيءَ پنجابي ۽ پٽن تي بڌ ٻڌل ـ ضرور کو ڦڪ ڏوڏسجي، سو ان کي ڪنهن به طرح سان پنهنجي گوٺ تان ڀاڙيان؛ ۽ هڪ مسخري به سجهي آيس، سو چا ڪيائين جو هڪ وڏي سير پراڻي مقام مان ڪٽي، پنهنجي ڪپڙي ۾ ويڙهي ڪٽي پٽن تي رکيائين، ۽ تکو تکو ٽي وڃي پنجابيءَ کي پهتو. السلام عليڪم چئي، ڪيڪارهازي ڪري، هڪ ٻئي کان حال احوال وٺڻ لڳا.

حاجي: آپ کا نام کيا هے، اور يه آپ کے پاس کيا هے، اور کدهر جاتے هو؟

پنجابي: ميرا نام تو "چراغ الدين" هے، يه ميرے پاس "طب" کي کتاب هے، اور هم لبض شناسي کا کام کرتے هين. ميرے پاس هر مرض کي دوا موجود هے. يه تمهارے پاس کيا هے؟

حاجي: يه ميرے پاس "حيب" کي کتاب هے!

پنجابي: تمهارا نام کيا هے؟
حاجي: ميرا نام "سراج الدين" هے.
پنجابي: تمهاري کتاب کي کيا خاصيت هے؟
حاجي: ميري کتاب سندهي زبان مين هے، اور اصل هے.
پنجابي: سنده کي هر لے بهي بهت کتابين ديکهي هين، مگر ميري کتاب کے برابر کوئي کتاب نهين هے: يه ميري کتاب بهت پراني هے، اور بڑے دانشمندون نے بنائي هے، بالکل اعلي درجي کي هے:
حاجي: بابو چراغ الدين، ميري کتاب کو بهي چهه سو سال گذر چکے هين!
پنجابي: اوهو..... چهه سو سال!
حاجي: گجٹي (غزلي) کي وارے کي اصلي هے!
پنجابي: ميري کتاب بالکل طاقتمند هے!
حاجي: اچها تو پهر کتابون کي آپس مين لڑائي کرني چاهئے: پهلي تم اپني کتاب نيچے رکهو، اسي کي اوپر مين اپني کتاب مارتا هون؛ نهين تو هم اپني کتاب نيچے رکهتي هين، اور تم اپني کتاب زور سے اسکے اوپر مارو،
جيڪڏهن سير زور سان کتاب جي مٿان لڳندي تہ ڪتاب ڦاٽندو، جي کتاب زور سان سير تي لڳندو تہ ڪتاب ڦاٽندو.
پنجابي: سندهي آدمي اونٹ کا دوده اور مچهلي کهاتے هين، اسلئے ان کو عقل نهين هوتي. هر لے تو بڑا سير کيا هے. بچہ، تم ميرے سامنے هنسي مذاق نهين کرو! هر نے تو دلي ديکهي، دکهن ديکها، پورب ديکها، پچهم ديکها: گڑگام، بلم گڈهه، رهتک، لاهور، کشمور، پشور، لائلپور، لدهيانه، هشيارپور، راولپنڈي، اٹک، چٹاگانگ، بوگره، بلهوترا، هزاره، ملتان، ديره اسماعيل خان، کوٹ چهٹه، چوٹي، سخي سرور سلطان، چاه لدها، ديره غازي خان، بهاولپور، جودهپور، کمال پور، نورپور، خيرپور، روهڑي، سکهر، جيکب آباد، کوئٹه، سبي، ڈاڈهر، شکارپور، لکي، گڑهي ياسين، رتو ديرو، کهيرتهر، جهل منگسي، ديره غيبي خان، مغيري، يارمحمد لاکها، چهجڑا، قمبر، سيهڑ، رادهن، تهرڑي محبت، لورنگ واه، اسحاق چانڈيه، بهنگي، ماهوٹا، دودائي، لاڑکانه، ٹهلاه، باکراني، ڈوکري، بالي شاه، سيتان، مخدوم بلاول، خدا آباد، حيدرآباد، هوبک، سيوستان، بهگا ٹهوڑا، آمري، مانجهند، الڑپور، کوٹڑي، کراچي، پير منگها، پسني، اورماڑا، سخي موسيٰ، جيوني، شور بندر، مسقط، قطر، زاهدان، مکران، کيچ، وندر، سرباز، خيبردرا، هولان درا، حسن درا، بغداد، بصره، هري کوت، تاشقند، سمرقند، ربوا، بخارا، کيکند، دمشق، حمص، کوفه، کربلا معلي، کرکوت، حلب، موصل، عمان، فلسطين، شام، عمان، تبوک،

مدينہ منور، مکہ معظمہ، جدہ، حدہ، ميندي، حدودا، يمن، سبا، جيزان، شهران، سخي عثمان، عدن، مکلا، مدئي، بمبئي، بڑودا، سامن کٹهي، راجکوٹ، احمد آباد، سابرمتي، آبو، اونجا، وڈهوان، ميسالہ، پاکپٹن، ميڑي، بهاول نگر، جام نگر، سورت، گجرات، واگڑ، کهماوڑا، وڑگام، رادهن پور، ايرن پور، کهارچهي، ڈودپا، والهونا، باهڑمير، گدهڑا، چهوڑ، ميرپور خاص، ميرواہ اور ڈگهڑي سے چلکے، جهڈے اور ريگستان کا بهي سير کيا هے: ايک ايک ولائت کا نسخہ ميرے پاس موجود هے، جو نہ مانے گا اسکو مين دکهاؤنگا!

حاجي: بابو چراغ الدين! تم نے تو بڑا بڑا سير کيا هے، ليکن مين نے بهي بڑے بڑے ملک اور شهر ديکهے هين!

پنجابي: تم هم کو بتاؤ، کيا کيا تم نے بڑا سير کيا هے؟

(حاجي صاحب کي بہ سنڌ جا جيکي ننڍا ڳوٺ سجهندا هئا، تن جا نالا وٺڻ شروع کيائين.)

حاجي: پاٹي، پرهڈي، پروڙ، پهري، بديعل، دلار، ٻنگار، واگهبي، ميساڈي، جهڙياري، ڏڙهياري، چچ، پونترو، ڈانجول، ڈهٹي، ڏانٹ، جکراڈي، کنڊياري، سولهري، سيڑهي، وڈوهر، سامروٹي، چکچار، چرواڻ، ٹالهي، ڈيپرلو، پيماسر، سانوري، راٹاواهہ، نبي سر، بچي جو تڙ، سمي جو تڙ، حمير جو تڙ، ارندو، کنيارو ويڑي، ٹڙلي، ملکان، چاچرو، چهو، واوڑي، هيرهار، ٻيڙي جو تڙ، احمد جو تڙ، راوتسر، کريمداد، کنڈي، جادم، جان پاريو، تڙ موج علي شاهہ، کوٹڙيا، ويساسر، برهان جو تڙ، سائنون، سوپارو، عاقل سينهائي، لنگڑاٹي، پاکاسر، لکڑاسر، ڈوڙائو، جڙيو رتي وارو، چونڊ، گهٹنو، واگهيلا، ڈيٹن جو پهہ، ولي جي ويڑي، تيجمال جي ويڑي، پالوا، رامسر، موکائي، ڈونڙ، باراج، سوندر، سنهيون، لاکيي ٹوپو، بتکس، مڙاڙو، پورلي محمد شاهہ، وکڑيو، جامن، سينگاريو، پاوو، کاريو غلام شاهہ، وروائي، شهمير وکيو، سينهار، اسلام کوٹ، چوٹهار، مالهٹور، رائلو، مٹي، ڈاراڑ، کاري واہ، موکار، ڈيوائو، هوسرکو، گجو، هيلارو، گگهوڑ، ويڑي، سانگهار، پاڈارو، کارسر، حجامڑو، کٹوهي، سميجا، ويسرا پهہ، گرڑا پهہ، مٹو کلٹهار، کارو کٹهار، کير ڈهي، پيرو سنڌ، باغ وارا احمدائي، پنگريو، کنڈو، چانگ، قيصر کوسو، دلکي، نيدو پرگڑي، کڈ آڈت، خان جوٹيجو، هڈاچڑ، هالپوٹو، فقير محمد نهڑيو، کاک نار، چهرالو، ٹنڈو باگو، ڈهڑو، سولو جمالي، ڈانگرو، هوڙير، ڈيٹي، ليڈو، ڈاڈاهہ، کامارو، سورهڈي، دولهائو، دهکي، واگهريجي، گورچاٹي، کنياٹ، سنهڑو، گاجيدائرو، ويسرو، ڈهروڑو، کيرائو، کنيري، شادي پلي، آنٹاهہ اور ڈلهڈيون سے دوسو واهہ ديکهکر، ڈهير مٹهو فقير کا بهي ديکها هے:

ٻه جو هر لے بتايا هے، سو هر لے سارا سير کيا هے؛ ان کي دلکشي اور خوبصورتي کي کيا تعريف کرون!

پنجابي: پائي صاحب، يه جو ملک اور شهر آپ نے بتائے هين، قسم خدا کي، هر لے ديکهے تو نهين، مگر کبهي سنے بهي نهين!

گالهيون کندا هلندا آيا، سو گوٹ کي اچي ويجها ٹيا هٹا. حاجي صاحب پنجابيءَ کي گوٹ ۾ ترسڻ جي صلاح هنئين، ۽ پنجابيءَ ڏنو ته هتي منهنجو وس کوڙ هلندو، سو حاجي صاحب کان موکلائي اڳتي روانو ٿي ويو.

پکين سان گالهيون

سن ۱۳۱۷ هجريءَ ڏاري، جڏهن حاجي صاحب گوٹ سوني جتوئي ضلعي لاڑڪاڻي ۾ پڙهندو هو، تنهن وقت جي گالهه ٿو کري ته

هڪ دفعي آءٌ لاڑڪاڻي مان پنهنجي گوٹ (عليائي، تعلقو ڊگهڙي) ڏانهن پيدل ٿي آيس: وات تي اسٽيشن ٻدعيدن کان انڪل ڇهه ميل پنڌ اولهه طرف، رستي تي اترئين ۽ ڏاکڻي پاسان ميل ڀن پنڌ تي رکو واريءَ جا ٽٻا ٽٻا ڏٺا هٹا، ۽ ڏاڻ ۾ رکو مٹيون جاريون ۽ کرڙ هٹا. ويجهڙائيءَ ۾ ٽن ميلن پنڌ تائين کاهه آبادي کاله هئي. جاريون ۽ کرڙ موسمي پيرن ۽ پکن سان جنجهيل هٹا. آءٌ ٻه اتان صبح جي ٻهر اچي لنگهيس، ته پيرون ۽ پکا ڏسي وات ٻاڻي ٻاڻي ٿيڻ لڳم. هڪ پنڌ جو آڏکو، ٻيو وري جاريون پيرڻ سان پُر ٿيل-ڇڏڻ نه ٿين، سو آهستي آهستي هلندو ٻه رهيس ٿي، ته ڪڏهن پيرون ڪڏهن پکا ٻه ڪائينڊ ٿي رهيس. ائين ڪندي، اتي جارين ۾ ٿي ڪاڙهو ٿپي ويو، سو اتي سمهڻ جو ارادو ڪري هڪ وڏي ڪنڊي جي ڇانو ۾ سمهي پيس.

اتي انهن جارين ۽ کرڙن کان سواءِ ٻيو اهڙو ٽڏيءَ ڇانو وارو کوٻو وڻ کونه هو، سو ڏينهن ٽپڻ سبب جهنگ جا سڀ پکي اچي انهيءَ وڻ تي ويٹا. اچي ٻوليون ۽ چلولائي شروع کيائون، تنهنکري نند ٻه نٿي آيم، سو هيٹان پٽر کٹي پکين کي هنيم. پکي ڏک جي خوف کان هيکر ته اڏامي ويا، ۽ وري اچي اتي ويٹا، چاکاڻ جو ٻيو کو اهڙو وڻ ٽڏيءَ ڇانو وارو کونه هو. ٻه ٿي دفعا اڏارڻ جي کوشش کيم، ۽ سڀ بيسود. اتي پکين کي ٻه اچي کاوڙ لڳي، سو هاڻ ۾ صلاح کيائون ته "هاڻ هلکل گهٹا آهيون، ۽ هيءَ السان هکڙو آهي، سو چا کندو؟ هاڻ سڀ گڏجي ستل تي حملو کري ڏيون، ۽ ماري ماري تڻبو کري ڇڏيولس، جو اسان سان اسان جي ملک ۾ اچي ٿو جهکڙو کري! ٻهرين اسان هن کي مهمان سمجهي کجهه کونه چيو، ٻر هي انللندو 'آئي ٿالڏو کٹ ۾ بورچياڻي ٿي ويئي': آيو وڻ هيٹ سمهڻ لاءِ، ٻر انللندو اسان کي هيسائڻ شروع کيو اٿس-هاڻي له ڇڏجيس!" اتي پکين جا هک ٻه ڇڳا مڙس هيڏانهن هوڏانهن نظر ڦيرائيندي پرسان ٻيل لٹ

تي نظر ڪري چوڻ لڳا تہ "ٻيلي صلاح تہ ٻاڻ واري سڀي، پر هن وٽ ب زبردست لٽ رکي آهي: جنهن مهل ٻاڻ حملو ڪيو، ان مهل رڳو هڪ ٻ ڪهرو ڪٽي ڏياريائين تہ ٻاڻ وارا سڪر سڪر سڀ مري ويندا! بهتر آهي تہ هن کي ڪنهن حيلي حوالي سان اتارجي".

سو، ٻاڻ ۾ صلاح ڪيائون ۽ پهريائين "ميٽر" نالي ٻڪيءَ کي موڪليائون، جو اچي منهنجي سيرالديءَ کان ويهي چوڻ لڳو تہ "آٿي، آٿي، آٿي!" ويچاري ٻڌي دفعا چيو، پر مون صفا جواب ڏيئي ڇڏيس تہ "نند ڪرڻ کان اڳي ڪنهن ب حالت ۾ نڪي اٿان تہ نڪي وڃان." ويچارو ميٽر ناميد ٿي موٽي ويو. وري ٻڪين "ٻلبل" کي موڪليو. ٻلبل سمجهيو تہ آڳ ٻنان دير جي هن کي هڪالي ٿي ڪيان، سا لهي اچي سيرانديءَ کان وڏيءَ ڪاوڙ سان زور زور سان چوڻ لڳي: "تڪڙو، تڪڙو، تڪڙو!" ائين چار پنج دفعا چيائين، پر مون ب وڏي آواز سان جواب ڏنو تہ "آڳ ڪنهن ب حالت ۾ ٻنا نند ڪٽي ڪونہ ويندس، توکي جيڪي ڪرڻو آهي سو ڪرا" آخرڪار ٻلبل ب ناميد ٿي پوئان ٻير ڪيا. تنهن تي ٻڪين وري ب همت ڪري ٻن 'ڪهرن' کي موڪليو، جن ايندي شرط سيرانديءَ وٽ وهي سرائڪي زبان شروع ڪئي: هڪڙيءَ چيو تہ "ڪيون ٻئين، ڪيون ٻئين؟" تڏهن مون چيس تہ "ٽڪ پيان، نند ڪرڻي اي". تڏهن وري ٻيءَ ويچارا ڪيڻ شروع ڪيا-چئي، "تريو، تريو، تريوا" تڏنهن مون ب ان کي چيو تہ "تون ناهوکي هوين جو ميڪون ٻئي چهاري ڪيڏي ٿين!" خير، آخر ڪهرون ب واپس ٿيون. اتي وري ٻڪين ٻاڻ ۾ صلاح ڪري ٻنهنجي ٻهادر ٻڪي 'وهيي' کي موڪليو- جو ڪنهن ڪرڻ يا چار ۾ ويڙهوڻون ڪندو تہ ڇڻ ٿي لغاري ويٺا گهالهائين. وهيي ايندي شرط بلوچي زبان ڪٽي شروع ڪئي: "ٿو وز ڪٹے؟ ڪاري اِزا آتغ مينا غي؟ ٿو شهيزان' اِل' بَرو، اِي سَٽي وزي ملک هي: ما ٻڪي ٿيران واڙ ٿيا چڙ ٿيا منا غو؛ اي ڪنبا در شڪ سرا نند غون، ٿش تون ماڙس غون ٿو چيزان رهتيا بَروا" تڏنهن مون چيس تہ "ٻائي بلوچ صاحب! آڳ نند ڪٽي ڪان اڳي ڪڏنهن ب ڪونہ ويندس، هرويرو مون کي نند ڪان ٿا سيڙايو ۽ اوهين ب ٿا کوٽي ٿيو: چڏيو تہ آڳ ب آرامي ٿيان، ۽ اوهين ب آرام ڪريو". تنهن تي وهيو ب ويچارو ٿيو روالو. وري ٻڪين همت ڪري (ٻن نوجوانن) ٻن بڪڙن ڪهرن ۽ هڪ ڪرڪٽ ڳاڙهي ڪهري کي موڪليو، جي منهنجي سيرانديءَ کان اچي ويٺا. پهرين هڪ بڪڙي ڪهري چيو تہ "ستو آهي، ستو آهي!" ٻي چار دفعا ائين چيائين. وري ٻئي ڪهري چيو تہ "گوگهو ڏيوس، گوگهو ڏيوس!" تڏنهن مون کي اچي ڌپ لڳو، سو ٽپ ڏيئي اٿي ويهي رهيس. مون خيال ڪيو تہ هاڻي جيڪڏهن سُتس، تہ ٻکي چڙهي ويندا! مون کي ويڑل ڏسي، ڪرڪٽ ٻوٽين ڪهري کي چوڻ لڳي تہ "ڪوڙ ٿوڪرين، ڪوڙ ٿوڪرين!" آخر اهي ب موٽي ويا. وري ٻڪين ٽن ڪارڪٽين کي موڪليو. جن منهنجي سيرالديءَ اچي، هڪ اڳ ۾، بيي وچ ۾، ۽ ٻي پوئان-نمبروار ٻي ويٺيون. پهرينءَ ڪارڪٽيءَ مون ڏانهن جانچ ڪري، ڏسي، سرائڪيءَ ۾ چيو تہ "ڈيکوس شبيي، ڈيکوس شبيي!" تڏهن مون چيس تہ

"مائي، هڪ ته هاوڄ، ٻيا ٻڌ دا ماريل، ٽيجها لنباڪا- سو ميڊي شبي ضرور بدليل هي؛ باقي توڻ اٿا ته رنگ ڏيک ته ڪهين رنگ وڃون هوين!" تڏهن اها ڪي ٽي، ۽ هلي ويئي. اتي وري ٻيءَ ڪارڪڇي چيو ته "همت ڪرو، هي ڪيا! همت ڪرو، هي ڪيا!" اتي مون کي وري اچي ڊپ لڳو ته هاڻي مورڳو ڀڪي ماريندا. تڏهن وري ٽئين نمبر ڪارڪڇيءَ جواب ۾ چيس ته "تون چاچي اتي ٻيهر، تون چاچي اتي ٻيهر!" ڊپ منهنجو اڳي کان به وڌڻ لڳو، سو ڪٽي لٽ ڏالهن هٽ سير ٻر. لٽ کي ڏسي، ڪارڪڇيون ٽيئي روانيون ٽي ويون. وري ڀڪين ۾ زبردا ڀڪي "متاهه" ٽالي موڪليا، جي ويڃهو اچي، ڦيرو ڏيئي، ويهي رهيا. الهن مان هڪ چيو ته "ڪانڇ ڦاڻي کي پانڇا؟ ڪانڇ ڦاڻي کي پانڇا؟" تڏهن مون چيس ته "ٻئي ڦاڻا آهن، تنهن کي تون ڇا ڪندينءَ؟" تڏنهن ٻئي متاهه واهس ڀڪين وٽ وڃي چيو ته "نهين ويندا ڪبي ڙي، نهين ويندا ڪبي ڙي". ڀڪين وري ٻئي جي موڪلڻ جي صلاح ڪئي ٽي، ته منجهن کو اچي باز ٻيو، ۽ سڀ وڻ تان اڏامي ويا. آڙ ۾ ٻوڙ لٽ کوڙي ٻي اولو ٽي سمهي رهيس، ۽ ٻوجاڙيءَ جو اٽي روانو ٽيس، جو اچي اسٽيشن ٻڌعيدن تي ٻهتس.

ميان نور محمّد شيخ ننگرپارکري *

سنڌ ڏاڏو مسٽر ڪائوسجي اسرواڻجي، سپرنٽينڊنٽ پوسٽ ميل جو، حيدرآباد ڪان سٽيگام لائين، جنهن کي سنڌ سهڻي ڪر سبهان گورنمينٽ آف انڊيا مان "خانبهادر" جي خطاب جي سند ۽ سرٽيفڪيٽ، مورخ فورٽ وليم ۲ مي ۱۸۷۲ع جو، سرڪار بمبئي گزيٽ ۾ ڇپيو، ائڪٽنگ چيف سيڪريٽريءَ جي صحيح سان، مورخ ۸ مي ۱۸۷۲ع ۾. خانبهادر ڪائوسجي زردشتي مذهب ڇڏي اسلام جي آغوش ۾ آيو. انگريزن جي اوائل فوج ڪشيءَ جي زماني ۾ تار جي بندوبست جو اعليٰ آفيسر هو. فوج جي نقل و حرڪت لاءِ جو اوائلي سلسلو هت جاري ٿيو هو، تنهن جو ناظر اعليٰ هڪ پارسي اعليٰ تعليم يافته شخص ڪائوسجي ٽالي هو، جنهن کي پوءِ سنڌس خدمتن جي عيوض خانبهادر جو لقب مليو. هيءَ سن ۱۸۵۷ع کان ڪجهه پوءِ جي گالهه آهي.

خانبهادر ڪائوسجيءَ جي مسلمان ٿيڻ جو سبب معلوم ٿي نٿو سگهي؛ پر ايترو معلوم آهي ته مسلمان ٿيڻ بعد شيخ محمد قاسم ٽالو رکايو هٽائين. هو بمبئي پاسي جي ڪنهن وڏي پارسي خاندان مان هو. ننگرپاکر ۾ ئي وفات ڪيائين. شهر جي ٻاهران جتي سنڌس بنگلو هو، اتي ئي زال سميت دفن ٿيل آهي. قبرن جي ويجهو هڪ پراڻي مسجد آهي. قبرون سادي پٿر جون آهن. مٿان آسمان جو گنبذ ۽ گهاڻن وٽن جي ڇانو آهي. سنڌس وفات کان پوءِ، هن جي بمبئي پاسي وارن پارسي مائٽن ۽ سنڌس مسلمان فرزند شيخ جان محمد جي ملڪيت تان هن سالن تائين دعوائون ٻڌ هليون.

شيخ ميان محمد قاسم جو پوٽو ۽ شيخ ميان جان محمد جو پٽ، ميان نور محمد، ننگرپارکر ۾ تاريخ ۱ نومبر ۱۸۹۹ع ۾ ڄائو هو، ۽ اتي جي ئي اسکول ۾ ڇهه درجا گجراتي پاس ڪيائين. سنڌي ورنيڪيولر فائينل امتحان عمرڪوٽ سينٽر مان پاس ڪيائين. سرٽيفڪيٽ جي تاريخ ۱۴ آڪٽوبر ۱۹۱۵ع آهي. ميٽي اسکول مان انگريزي ٽي درجا پاس ڪرڻ بعد، اسکول ڇڏي، روينيو کاتي ۾ ڪلارڪ ٿيو، جتي اٽڪل ڏهه سال ايمانداريءَ ۽ اوڀاڻيءَ سان نوڪري ڪيائين. انهيءَ نوڪريءَ واري عرصي ۾ اتان ئي سبارڊينيٽ روينيو امتحان پاس ڪيائين. جيئن ته ان وقت روينيو کاتي ۾ هندو آفيسرن جو گهڻو اثر هو، ۽ ننگرپارکر ۾ روينيو آفيسر به هندو هو، جنهنڪري اتي هميشه هندو-مسلم چڪتاڻ هلندي ايندي هئي؛ تنهنڪري هيءَ بيربا ۽ آزاد-طبعيت شخص، اتان ڪ ئي، ڪچ رياست ۾ پوليس کاتي ۾

* هن سوانح عمريءَ تي، لکڻ واري جو نالو درج ناهي. — مرتب



شيخ نور محمد ننگرپارڪري

سن ۱۹۲۹ع جي شروعات ۾ نوڪري تبديل ڪرائي آيو، جتان بالا آخر روينيو ڪاتي تان استيعفا ڏنائين، ۽ ڪچ رياست ۾ پوليس جو ڊپارٽمينٽل پاس ڪري، فوجداري عهدو حاصل ڪيائين، ۽ ان سان گڏ ڪچ رياست جي .C.I.D آفيسر جي به ونس چارج رهي. ۱۹۳۷ع ۾، ٿوري وقت لاءِ، جهوناگڙهه ۾ انسپيڪٽر ٿي رهيو. اتان وري هڪ سال لاءِ پالنپور ۾ انسپيڪٽر ٿي ويو. اتان دوباره سن ۱۹۴۲ع ۾ جهوناگڙهه ۾ انسپيڪٽر ٿي آيو، ۽ ۱۹۴۷ع جي ورهاڱي تائين اتي بلڪل ڪامياب سان رهيو. جهوناگڙهه رياست سان 'فيلڊ سينارٽي ٽريننگ ڪورس' پاس ڪيائين. لڙائيءَ جي زماني ۾ ويراوال بندر ۽ بحري ساحل تي لنگراني سنڊس سپرد ڪئي.

هن وقت سنڊس عمر ۵۸ ورهيه آهي. ڪيس هڪ پٽ، نالي گل‌محمد، ۽ ٻه ڌيائيون آهن. ميان نورمحمد اسلامي جذبو رکندڙ آهي. سن ۱۹۲۳ع ۾ ڪانگريس هلچل سبب جيڪي لنگرپارکر ۾ هندو-مسلمان فساد ٿيا هٿ، تن ۾ هن مرد مجاهد اسلامي جذبات کان مسلمانن جي مڪمل طرح مدد ڪئي هئي. ان وقت 'نربيرسنگ' اسپيشل پوليس جو هيڊ ڪنسٽيبل (ٻئي انالي سان گڏ سينڊوڙي ڪئمپ ۾ گڏ هو)، نالي خاطر مسلمان ٿي وري مرتد ٿي ويو، ۽ ان بعد خودڪشي ڪيائين. ان تي وري هندو اخبارن مسلمانن خلاف هاءِ گهوڙا شروع ڪري ڏنل، جنهن نيٺ هندو-مسلم فساد جو روپ اختيار ڪيو. ميان نورمحمد، مسلمان پوليس وارن جي بچاءَ ۾ بلڪل گهٽو ڪم ڪيو.

ويراواهه تي هڪ ڪنبر رهندو هو: ان جي مري وڃڻ تي، ان جي گهر تي مسجد ٺهرائڻ ۾ بهرو ورتائين، جنهن تي هندن کيترائي اعتراض ورتا، ۽ هندن ان کي هڪ وڏو معاملو ڪٽي بنايو. جيئن ته هن مرد مجاهد کي مسلمانن جي هرطرح مدد هئي، ۽ هن به ان ڪم ۾ فتحياب ٿيڻ لاءِ هرممڪن ڪوشش ورتي هئي، جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو بارگاهه باري تعالي مان هن کي فتحيابي حاصل ٿي، ۽ هن اهو مسجد جو معاملو ڪٽيو. انهيءَ ڪم ۾ لنگرپارکر مان صرف محمدعباس ميمڻ ڪنهن حد تائين سنڊس سائي ٿي رهيو هو.

هن صاحب پنهنجي ايمڪاريءَ جا ڏينهن بلڪل محنت، سچائي، اورچائي ۽ بهادريءَ سان گذاريا. هو هردم مظلومن جو سائي ۽ ظالمن جو دشمن ٿي رهيو. هن جي ڏينهن ۾ هرڪو لُچ لوفر ۽ چور چڪار ڪالهه ڪنّ هٽندو هو. هو چورن ۽ بدمعاشن جي پاڙ پٽڻ لاءِ سندن پٺيان ڪاهي پيو. هروقت هن کي پلڪ جي آرام جو اولو هوندو هو، هو پنهنجي ان مقصد ۾ بالڪل چڱيءَ طرح ڪامياب ٿيو. هن ڪچ رياست جي ڪنڊڪڙ مان چورن کي گولي گولي کين گربون سزائون ڏياريون. ان وقت جي شاعرن ۽ سگهڙن به اهڙي بهادر ۽ خيرخواهه آفيسر جي ساراهه ۾ دل کولي بيت چيا، جي هيٺ ڏجن ٿا.

(بيت، چيل محمد هارون موسي ٻوٽو، ويل ٻورلي موسي ٻوٽو، تعلقو مٺي، سال ۱۹۳۰ ع.)

اول نام الله جو بيشڪ پلارو،
ٻيو محمّد مصطفيٰ سيد سوپارو،
پلو پير بغداد ۾ آهه مرشد موچارو،
عليءَ جي اولاد ڪي ٿو نمي جڳ سارو،
هن جهان ۾ جان محمد ڪي مليو مرد موچارو،
خاوند ڏينس خير سان، آهي سدا سوپارو،
غازي غلام شاهه جو آهه اتي اوتارو،
نظر نور محمد تي ڪري مرشد موچارو،
ڪٽي هٿ خدا ڏي ڪائين اهڙو اشارو،
بيشڪ وچ تون پُڄ ڏي، جت آهي حاڪم هزارو،
ٻڌي حڪم حيدري، هليو سانجهر سوارو،
خالبهاد ر خوش ٿيو، ڏسي ٻنهاڻ ٻيارو،
جنهنجو بخت پلارو، تنهنکي ڪالهي منجهه موسو چئي.

ڪانهي مونجهه "موسو" چئي، جنهن ڪي عليءَ جي آڌار،
ڪچ ملڪ ۾ ڪامورا، هيڪالدا هزار،
مليو ان موڊ سان، ڪليو ڪن ڪيڪار،
پلي آئين پُڄ ۾، تون هلي ٻڌ هٿيار،
اول درجو اوهان ڪي، جڙيو جمعدار،
لهاري نڪتائي ۾، جو جهلي جوابدار،
ڪاهيو هٿي قيد ۾، ڏيو ڏڪن جي ڏمڪار،
قاعدي سان ڪورٽ ۾، ٻهتا گهمگسار،
لٽي ملڪ تان سار، چورن جي چنيءَ جي.

چني جا چورن جي، وئي لوڪ تان لهي،
هاها ڪريو بدني بهادر جي، وڃي اچم تي اهي،
آن حڪم تي "هارون" چئي، صاحب ڪئي صحيح،
آت ويلي پائي ويچار سان، وانچي ٿي وَهي، (۱)
پوري حقيقت اچم جي، ٿي ڪارڪن ڪهي،
ڪري سر سهي، ٿو چڪاس وئي چورن جي.

---

(۱) ويلي = تکڙي؛ وانچي = جانچي، پڙهي؛ وهي = بندي.

هريسن گوٺ ۾جم جو، هلي ڏسون ڏانارا،
پليءَ ريت پوجاڻي تي، ڪيائين قاسم مٽي ڪاهه،
سمجهه پريو سمون هو، ٻي نه ڪيائين ڪا،
اڳ ۾ تي ان جي، رمي ورتائين راهه،
سٽيو ڳالهيون صيفل ڪي، ٽيو ڏوهاڻي تي ڏاڍ،
اٽڪوئيو اچي ويو، شابس تنهن کي آه،
جوٽو گوٺ جبل ۾، جت ٽو تيوتريون ڪاءِ،
صاحب سمون صديق کي، جوان ٽو جهلاءِ،
پري چالان چورن جو، ٽو حڪم ڏي هلاءِ،
نيا ديش اورمحمد کي، ٽو ۾جم ۾ ٻڌاءِ،
والي شال وڏاءِ، شان انهيءَ شيخ جو!

وڏو شان شيخ جو، جنهن رکي پڳلن مٿي پيڙ،
احمد، شريف، ٻاڻ ۾ ٻيا ڪائن ٻيڙ،
ڏسي شڪل شيخ جي، چٽن ڪيا چيڙ،
ڪري راتودي ريڙهه، پڳل ٻڌا بدين کي.

پڳل ٻڌا بدين کي، ڪري چنلن جو چيو،
اهڙيءَ انڪل سان انهن کي، آهي ٻڌيءَ ٻڌايو،
هڪڙ حيف حاجيءَ کي، وڃي چٽوءَ چٻايو،
انهيءَ ريت انهن کي، پاڙين پڇايو،
ٻڌجو ٻهه گهوڙا ٻُڌيس جا، آيا گهر ڪڏايو،
جن وهاڻءَ وڃايو، هرج وڏو ٿي حاجيءَ کي.

هرج وڃهي حاجيءَ کي، هلايائين حيات جو هيرو،
جو ڇهه ورهه ڇپيل هو، جنهن جو ٻيدا نه هو ٻيرو،
ٻلڪ ۾ ٻيدا ٿيو، وڏو ويچارو،
لاڙي کي لکرڻ جو، هو البت امارو،
جَتَ ٻلاڻيو جُود ۾، ٻڌي ٻڌارو،
ٻانيائين ڀڃي ويندس، لکري نوارو،
عقاب جيئن اچي ويو، سورهيه سوارو،
سنبري ڊريا سَريءَ ۾، جت گپ هيو گارو،
گڇي رهيو گپ ۾، مولهو متارو،

ليڙي تان لهي ٻيو، مرد موچارو،
لشڪر والڳي لٽوهه ڏئي، ٻهتو ٻيارو،
سانجهڙو سوارو، باندي رکيائين بند ۾.

قسمت ڏني ڪلر جي، انڊو ٽيو عثمان،
ياڙي انسان پيڙو هو، بچل بي ايمان،
پرڙن ٽي ٻالهن ڪني، رکيو ڪونه ڏيان،
اوچتو الهن کي اچي، ٻهتو ٻهلوان،
لاهي غير گمان، ڪاهي ڏنائين ڪورٽ ۾.

ٻڇڙ وارن کي ٻهرين، هو الدر ۾ ارمان،
ته چوريءَ سوا سمن جو، ڪونهي ٻيو گذران،
سنبري هلو صاحب وٽ، اڄ آهي ڪاهوڙي ۾ خان،
راءِ صاحب جي راڄ جو، آهي سو اڳوان،
ٻڇڙ وارن جي ٻڪار تي، نٽو ڏئي ڏيان،
ٻاڻان ٻنهنجي پوليس تي، خوش رهيو ٽي خان،
راڄ-ڏئي راهب جي، ٻيو جام سمون سلطان،
مونائي ٽو ساڻهن کي خانجي خان،
متان ڪريو ان مرد تي، ڪوڙو ڪو طوفان،
دعا درويش سان ان کي، ملیو آهي سان،
هي رهندو فس نمبر فوجدار ٿي، جت هوندو موچارو مڪان،
عليءَ جي اولاد جو، آهي در سندو دروان،
مٽس راضي ربّ رحمان، سو مرد ٽو موجون ڪري.

مرد سو موجن ۾، ٽو سيد کي ساري،
غازي غلام شاهه کي، ويل له وساري،
شال ڏاتر ڏيکاري، ته قدر چمي ڪامل جا!

عجب رنگ الله جا، ٽا ڏيهاڙي ڏسجن،
ڪجي واڪاڻ واحد جي، ڏئي اوجاڳو اکين،
حيف تنين جي حال کي، جيکي وساري ويهن،
مرد سڃاڻي ملڪ مان، آندو اسيرن،
ان کي ٻهريون نمبر پوليس ۾، ٽي ڪوٽيو ڪامورن،
عملداريءَ جو ان کي ڏنو، حڪر ساڪمن،

ڪڇ ڀڄر ۾ ڪيترا، ڪيا چاڳ ٿي چورن،
تني جي تپاس لاءِ، وڃي گهميو منجهه گامن،
ڏسي عادت الهن جي، وڏائين سوچيو منجهن،
انهن جي وئي سار وجود مان، ڪيا چتو چمڙن،
ڪوڙ ڳالهائي ڪوڙ کي، سچيون سيئي ڪن،
ڪٽيو آيا خوشيءَ سان، جي هيون ٿاڀيون سائن،
ڪاهي ٻهاري ڪورٽ ۾، ڪري قطارون قيدين،
ڏسي همت هن جي، ڪيو آرڊر الهن،
ٻهادر ڪي بدليءَ جو، ڏيو حڪم حاڪمن،
ٻوريءَ ريت ٻڇڙ تي، لاڻين ور ولڳن،
ٻئي ڏڏ سمن ڪي جڏهن، ڏنائون عملدار اڪين،
ته هو رڳو ليکو لپاڻ جو، جنهن ڪي چمات ٿا چون،
خوب طرح ڪاهوڙي ۾، واڃڻ ٿا وڄن،
ڏسي حشمت هن جي، چپ ڪئي چورن،
واويلا وٺ سان هٿا، سڏ ٿي ڪيا سمن،
هٽي مال هنن جا، آندا ٿي الهن،
لٽيو وڃيل وٺ تان، ٿيو غور غريبن،
لحظي ۾ لهي ويون، ڳٽتيون ڳنواريون،
سمهي هاڻ سڪ ڪيا، اتي اوٽارن،
ساڏن سان سڪ ٿيا، چٽي ٻئي چورن،
چيڪيون چوڙي چڏيون، سر واهيون سمن،
ڪنيو چاهه چوريءَ تان، سمجهي ڳالهه سمن،
چڏي ٽالو ناحق جو، ٿا حق مٽي هلن،
سچي توبهه سچ سان، ڪئي ٻوري ٻچمائين،
ڪنيو هٽ حرام تان، هاڻ ٿا سما سڪ وسن،
ڏاڏيون خوشيون ڪاهوڙي ۾، ڪيون وڏيون واپارين،
ڪيا ٿي ڪاڇي ۾، ظلم ظالمن،
آفيسريءَ جو ان کي، ڏيو حڪم حاڪمن،
ڦري فوجدار ٽيو، وڃي ٻڌو مل مٽن،
لالو نامور جو سٽيو، ڏوهاري ڏکن،
ويل مال ورهين جا، چاوا ڪيا چورن،

ڪٽي وڏا ڪڏن ٻر، هٿا ٻوريا ٻليتن،
ڪوٽي ڪيائون ڪڏن مان، آڻي حاضر ڪيائون هٽن،
سي ڪاهيو هٽي قيد ٻر، جهلي منجهه جيلن،
مرد جا "موسو" چوي، ٿا راجا راز رکن،
اپر انعام ان کي، ٿي ڏنا ڏيهه-ڏيڻ،
ٽالو 'نورمحمد' هو، مشهور منجهه ملکن،
ڏسي آهرو ان جو، ڪيو حسد حاسدن،
پيڙا ٿي هاڻ ٻر، ڪائونسل ڪئي ڪيرن،
ان جي ڪيائڻ لاءِ ڪيتريون، ڪيون مڃائون مڻن،
ڏيوَ ساري ڏيهه جا، ٻوڃيا ٻليتن،
بيحد سوال انهن کي ڪيا ڪاترن،
ڪوڙا ڪيس ڪورٽ ٻر، داخل ڪيا دلن،
رنگيلا رشوت جون، ٻيا ٻوڪارو ڪن،
جوان سنديءَ جاءِ تي، رکايو ٻهرو ٻليتن،
ڪيو تپاس تنهن جو، هلي حاڪمن،
ڪوڙ سارو ڏوڙ ٿيو، هاڻان مٽي ٻئي مٽن،
بيت دعا جا ٻهادر تي، ڪهيا کراڙن،
شاعرن ڏاڍي شونق مان، جوڙيا جوانن،
ڪيون دعائون دل سان، ڦري فقيرن،
ٿيو راضپو رب جو، واهر ڪئي ولين،
پوڙهه ڏٺي پيڙا هوا، پٽ پري ٻيرن،
هلي ڪيهر شينهن ٻيلو ڪورٽ ٻر، آڻي لوڪڙ ٻيا لرزن،
هٿي ڪنڌ ڪُڇن ٻر، مٽي منهن نه ڪن،
ته ڪُڇو ٻڌيو ڪوڻ ڪو، مرد جو مٽن،
ڪوڙا ٿيا ڪورٽ ٻر، هليا گانڊو گهر وڃن،
خوار ٿيا خلق ٻر، ٻيون ڇڏيون ڪيون جوين،
تپايو تن ڪي، زور ڪٽي زالن،
هاڻي ڦيڪا ٿيو ڦرن، سڙيا انهيءَ سور ٻر!

(۲)

(بيت، جوڙيل ميون ڦل محمد کوراڙ فقير، ساکن پوجرڏي، ٻني، تعلقو پوڄ، ضلعو ڪڇ.)

فيض ٻريا فقير اوهين، ٿا پڇو حقيقت حال،
ته "نورمحمد" نامور جو، ڏي اسان کي احوال،

ٿو ڪڇ ۾ ڪهڙا ڪم ڪري، ڪڇ ثابت قصو سال،
ساري منشيءَ تنهن جو، ٿو ڪربان ڪيل مقال،
نا مثل 'نورمحمد' جو آهي، عزّ وڏو اقبال،
راجا راءِ صاحب جو، مٿس خاص خيال،
صاحب بهادر وٽ پسنديده افعال،
طاقت هلي نه تيرجيتري، عرض نه منڪر جي بحال،
جو 'جان محمد' جي جگرجو، ڪري فصيحت في الحال،
ڪاموزن ڪيا ڪنڀا، ڏسي چتور جي چال،
تان ولگو هڪ نه وارٽيو، ٻيا وري منجهه وبال،
جڏهن ڏئو ڪوڙ ڪورن جو، تڪبر وارا تال،
تڏهين صوبيدار سنياليو، مرد بيمثال،
ته مون کي چا منڪر ڪندا، هجي راضي جل جلال،
گهرجي پلي جو پال، جڪ مارين جهنمي!

جڪ مارين جهنمي، ڪٽ ڪوهه ڪندا،
چڱا ڪن چڱايون، مٽدن ڪم مٽندا،
جي وڙ جڙن جن سين، سي وڙ تن سنڌا،
سچا هجن ڪم صرف، تني گنڍن عار گندا،
حجت عدل ۽ انصاف هجي، آت اچن آسوندا،
ڪم نه ايندا عرضين ڪي، فتوري فندا،
حڪم هن هنڌان، ڪوٺ ليندو ٻاڻ سان.

ڪونه ليندو ٻاڻ سين، حڪومت هڪوار،
پيا هوندا ٻت تي، هي سپ تنثر تار،
'نورمحمد' نورالي، هي گوهري گفتار،
ساري ٿو مشائيات، پورا سندس پار،
ته آهي اشرافن جو، يڪدم يگانو يار،
ڪو ظلم زياده ڪري، نه مسڪين تي مار،
ڪنهن ڪان دمڙي ڪاڍ وٺي، توڙي هون هزار،
بيحد بدمعاشن تي، سختي رکي صد بار،
ڪئين تڪليفون تن ڪي، جيڪي چور چڪار،
سڏ سڏ منجهان سي ڀڳئين، ٻرڻا ٿي ٻنجاڙ،

تنهن جي عقل تي آفرينون، ڪيون ساري سڀ سنسار،
تہ اهڙو ڪامورو ڪونہ آيو، الدر ڪج ڪنار،
وه واه وائي وات ۾، لنڊي وڏي يار،
ڪندو قيصر شينهن جو، قصو چا 'ڪورار'،
لکن ۾ لاچار هجي، هڙو فائق فوجدار،
قاعدا ياد قدرتي، اٿس اڪ اپار،
ملڪ موچارو تنهن جو، خلقيو خلقٿهار،
اڳي آيا ڪيترا، سمجهو صوبيدار،
پر ڏولڪا هن جا ڏيهه ۾، چٽن ڏسين چوڏار،
گهٽن ڏينهن ڪان گم هٿ، جي اندر الدوڪار،
پلڪ ۾ پيدا ڪيا، سي ڪات خوش اطوار،
مخفي ڪجهه معلوم ڪيا، عاقل عقلدار،
عقلمند اڪابر سو، وڏو وڇادار،
بيشڪ بهادر گهڻو، سورهين جو سالار،
پٽلين آيو پُڄ ۾، غريبن غمڻسار،
هاڻون سڀ هيٺا ٿيا، لٿا ڪوڙ غبار،
"قل محمد" چئي فضل ٿيو، وئي مسڪين تان مار،
ڪن دعائون ڪيترا، اچيو عرضدار،
تہ غريبن جو غور ٿئي، تفاوت نہ تر يار،
"العاقل يكفيه لا مشارة"، وير ڪريو ويچار،
بيحد پلا "بلالاٽي" آئين آهيو عزتدار،
دعا ڪجان عادل سين، ٿيءَ سرسي صوبيدار،
عزت وَڏيس آبرو، ڪري سهنج ستار،
ڪلي سَرن ڪرڪار، لائيل "لورمحمد" جا!

لائيل "لورمحمد" جهڙا، ڪٿي ڪامورا،
ڪ تہ هت گهٽا اڳي ٿيا، آفيسر ظالم پُرزورا،
پرڏان پريا هرا جن جا، گهميا ٿي گهوڙا،
تن وڏيءَ جي وڻ لاءِ، ڪيا هٿن سين هورا،
قربائون ٿي قرمار ۾، يتيم ۽ چورا،
لکو داد فرياد جو، لہ شرع جي تورا،

هي هائي هارس له وئي، توڙي ليو ڪن لوارا،
ٿر ۾ ٻڌ ٿورا هڏوا، عادل ۽ انصاف پريا.

(٣)

(بيت، جوڙيل فقير ولي محمد ڪوراڙ، ويڙل ٻني پوجرڏه، تعلقو پوڄ، ضلعو ڪڇ)

ڪجي حمد هادئ جو، سدائين شڪران،
جنهن مٿو محمّد موڪليو، عربي ڪري اڳوان،
سبحان شوق سيد جي، جڙيا ٻئي جهان،
سو آڳو اجهو امت جو، ضعيفن لاءِ ضمان،
چارئي يار چاڳلا، تن مٿس رب ڏيان،
ان۾ عشق اندر ۾، حسينن هر آن،
سڀ صحابي سيد جا، مرڪڙ مهربان،
آڪي جا احسان، عربيءَ جي امت تي.

عربيءَ جي امت ۾، عمدو عملدار،
جگر 'جان محمد' جو آهي ٿيو اظهار،
نامور 'نور محمد' سو، سڏو صوبيدار،
ڪلي جزي قاعدا، سمجهي سمجهڻ هار،
عمدي ڏنيس ادراڪ ۾، سمجهه رب ستار،
مولا تنهن جو مرتبو، وڏي ويڙ وتار،
بهادر جو پُٺ ۾، هجي عزّ اپار،
تنهن ڪي عزت گهٽي ڏي آبرو، خوش ٿي راءِ ڪنگهار،
صاحب بهادر جو ٻورو، مٿس هوءِ پيار،
حڪومت هن حاڪم جي، وڏي وارو وار،
داور رب دولي جو، ٿيٽي ڪو خاص ڳهار،
فرزند ڪٽس فيض وارو، ڏي باري برخوردار،
طول عمر تهن جي ٿئي، ججهي چال جمار،
بلند بالا بخت تهن، سڪندري صدبار،
عمل صالح عمدا، نازڪ نيڪو ڪار،
ٿئي هاجهه گهٽي تنهن هالڪ تي، هجي خاصو خوش اطوار،
جنهن ڪي ڏسي جند جان، ٿرن 'نور محمد' جا نار،
دشمن تي ڏوڙ ٻوي، آني ٿين اگهار،

آڻن ٻيا افسوس ڀ، سنگهرا سنهن ڪار،
لامور ”نورمحمد“ تي، هجي لازل نور لبار،
ڏنڪا جنهن جا ڏيهن ڀ، چئين ڏسين چوڏار،
ٻئي آفرينون ڪري، سندي ٻج بازار،
عاشق اچي انصاف ڪيو، سڻي ڪچ ڪنار،
بيان تنهن بهادر جو، ڪهي چا ”ڪوراڻ“
فقط دست دعا جا، ٻني ڪنيو ٻينار،
”قل محمد“ جون فريادون، ٻڌي جلد جبار،
وهم نڪو ويچار، فائق فوجدار تي!

*

ساراهيان سبحان ڪي، جو ملڪن جو مختيار،
جنهن مڪو محمّد هاشمي، اڙين جو آڌار،
چارئي يار رسول جا، ٻلن منجهه ٻلار،
آڪي اماڻن ڪي، ڏنو عزّ اپار،
منجلسي محبوب جا، صحابي سچار،
آڪي انسان جا، ڪيا مرتبا موچار،
مهربانيون مالڪ جون، گهٽن ڪنا ڏار،
تادر ڪچ ملڪ تي، ڪيون ٻلايون ٻسيار،
لنگيءَ نورمحمد ڪي، ڪيو فائق فوجدار،
جنهن جي اچڻ سان آباد ٿيو، سجو ڪچ ڪنار،
ٻهلوان رستم ڪان گهٽو، سو بهادر ٻالیدار،
گهٽو نوشيروان ڪان، عادل آهي آپار،
عاقل وڏو اڪبر ڪان، دانهه سو دلدار،
سخي ڏاڏو حاتم ڪان، سو ڏيڻ ۾ ڏاتار،
سٽو سو ماڪيءَ ڪان، سهڻن جو سردار،
سيرت صورت سڳورو، نازڪ ليڻن نار،
داغ آهي دشمنن جو، ۽ دوستن جو دلڙار،
حرامين جا هڪل سان، ڏاري وڏين ڏار،
چورن ڪي چوريءَ تان، چڏئي ٻئي پچار،
زالي سڀ زنا ڪان، پچي ٿيا بيزار،
ڪٽ ڪٽنبي ڪان، دست ڪٽي ٿيا ڏار،

ساري سنڪرن جا، جهوري ڪنڊ ڪپار،
قسمت ساڻ ڪج سان، سو سرد ويو ٺيار،
جالب جوناگر ڏالهن، چنگا ڏينهنڙا چار،
تان ٿيو اونداهو ڪج ۾، چئن ڏسن چوڏار،
بدمعاشن بدمعاشيون ڪيون، آڻيا چورچڪار،
ڪٽين فسادي فٽڻان، اچي ٿيا اظهار،
جن ڏڄڻ ڪي ڏنجهه ڏنا، سي سرها ٿيا صدبار،
تان واريو واءُ فضل جو، وري رب" ستار،
ٻهتو اچي پهلوان سو، ڪج ۾ ڪلنگيدار،
دليون دوستن جون، ٿيون ڪلي باغ بهار،
دشمنن جي منهن مٽي، پيا ڦوڪ ڦلهيار،
حرامي هٽي ويا، سيني سان وڻي سار،
آڳ ٿو دعا الله کان، هينئر گهران هر وار،
فائق فوجدار جو، ولگو ٿئي له وار،
هوءَ اڳري عزت تنهنجي، وٺ راجا راءِ ڪنگهار،
ٿئي ڪامورو ڪل ڪج جو، 'نورمحمد' لنگدار،
سڀ سلامي تنهنجا، هو جو شينهن سندو سالار،
دشمن تنهنجا "درس" ڇڏي، غرق ٿين منجهه غار،
آفت ملامتن کان، پيڙو هجيس پارا
فائق فرزند تنهنجو 'غلام محمد' گلزار،
عمر خضري تنهن کي، بخشي رب جبار،
بخت ٿئيس سڪندري، منجهه دليا جي دار،
خالدالو خان جو، هوءَ چنڊ جي چمڪار،
سڀ سلامت تن جا، بچن هار يار،
واحد "ولي محمد" جا، سڄ سڏ ستار،
ڪلمي جي ڇڪار، سڀ لنگهيندا لکيون!

لیگ ۽. سنڌ ۾ مسلم ليگ جو بنياد ۱۹۳۸ع ۾ رکيو ويو، جنهن ۾ مسٽر کهڙي جو ڏو هٿ هو. هو انهيءَ وقت کان وڏي اڄ تائين مسلم ليگ ۾ آهي. ۱۹۳۸ع کان وڏي ۱ع تائين آل انڊيا مسلم ليگ جي کائونسل ۽ ورکنگ کاميٽيءَ جو ميمبر رهيو ، ۽ ۱۹۴۷ع کان وڏي اڄ تائين آل پاکستان مسلم ليگ کائونسل جو ميمبر آهي. ۱ع کان ۱۹۴۲ع تائين صوبه سنڌ مسلم ليگ جو نائب صدر، ۽ ۱۹۴۲ع کان ۱۹۴۳ع ان جو صدر رهيو آهي. ان کان پوءِ، ڊسمبر ۱۹۴۸ع کان وڏي هن وقت (ڊسمبر ۱۹۵۷ع) ، ٽو سال سالدءِ، بنا مقابلي سنڌ مسلم ليگ جو صدر چونڊجو رهيو آهي.

کهڙي صاحب سنڌ ۾ مسلم ليگ جي تنظيم اهڙي شاندار پيماني تي کئي آهي، جو ان شال قيام پاکستان کان اڳ مسلم ليگ جي انتهائي عروج واري دور ۾ ڪٿو ملي: قيام ستان کان اڳ سنڌ ۾ مسلم ليگ جا ڪي لک ميمبر هٿا، مگر قيام پاکستان کان پوءِ- ن مسلم ليگ پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿي چڪي هئي ۽ عوام کي ۾ اڳتي لاءِ ان ۾ ان کا ، دلچسپي نه رهي هئي، ڏڻهن (۱۹۵۰ع ۾)-کهڙي صاحب جي ڪوشش سان مسلم ليگ ايڊا ست لک ميمبر داخل ٿيا. سنڌ جي اندر مسلم ليگ جو وجود ۽ سنڌ جي عوام جي ۾ ان دلچسپي صرف کهڙي صاحب جي مسلم ليگ سان دلچسپيءَ جي ڪري آهي: کهڙو صاحب ليگ ۾ ان هٿ کڀي وڃي ها، ته نه سنڌ ۾ مسلم ليگ جو وجود هجي ها، ۽ نه ڇيءَ ۾ سنڌ مسلم ليگ جو دفتر. سنڌ ۾ مسلم ليگ جي تنظيم، کي قائم رکڻ ۽ دفتر کي ڏي هلائڻ لاءِ کهڙي صاحب کي مالي قرباني ڪرڻي ٿي پوي، ڇاڪاڻ ته مسلم ليگ ميمبر سازيءَ ۾ ان جيڪا محدود آمدني ٿئي ٿي، سا دفتر جي اخراجات ۽ تنظيم جي ٻين ات لاءِ ڪافي نه آهي.

، جو سفر. کهڙي صاحب جي سڄي زندگي، قومي ۽ ملکي خدمت ۽ مختلف سياسي ۽ ي ادارن جي سرپرستي ڪندي گذري آهي. هو گورنمينٽ جي طرفان وقت بوقت مقرر ، ڪيترين ئي ڪاميٽين جو ميمبر ۽ چئرمن به رهيو آهي، ۽ مختلف قومي ۽ ملکي خدمتن سلسلي ۾ سنڌ، ٻلڪ ملڪ کان ٻاهر به ويندو رهيو آهي. اهڙيءَ طرح، قوم ۽ ملڪ کي ن غيرمعمولي تجربي ۽ دماغي صلاحيت مان تمام گهڻو فائدو پٺي رسيو آهي. جولاءِ ۾ ۱۹۵۶ع ۾، کهڙي صاحب پاکستان جي خيرسگالي وفد جي چئرمن جي حيثيت ۾ ، جو دورو ڪري جيڪا ناموري ۽ پاکستان ۽ روس جي تعلقات سڌارڻ ۾ ڪاميابي ، ڪئي، اها پاکستان جي ڪنهن به خيرسگالي وفد کي اڄ تائين نصيب نه ٿي سگهي . کهڙي صاحب جي باوقار شخصيت ۽ سندس قابليت، روس جهڙي عظيم مملکت جي ن ۽ حڪمرانن کي ڪيترقدر متاثر ڪيو، ان جو اندازو ڀا ته انهن باتصوير ڪتابن مان ئي سگهجي ٿو، جي روسي سفارتخاني شايع ڪيا آهن، يا انهن فلمن مان، جي پاکستان روسي اطلاعات ڪاتي طرفان ڏيکاريا ويا آهن.

التظامي لياقت. حڪومت ڪيئن هلائجي ۽ التظام ڪيئن رکجي-اها صلاحيت ۽ لياقت صاحب ۾ نهايت ئي نمايان آهي. ۲۷ آگسٽ ۱۹۴۹ع تي صوبه سنڌ مسلم ليگ ڪائنوا اجلاس ۾ مسٽر محمد هاشم گذدر تقرير ڪندي چيو هو ته "انتظامي لياقتن ۾ سڄي ا جي اندر ڪهڙي صاحب جي مقابلي جو هڪڙو ماڻهو به ڏسڻ ۾ نٿو اچي". مرحوم غا (گورنر جنرل) لاءِ چيو ويندو آهي ته خالڪي مجلسن ۾ هو به ڪهڙي صاحب لاءِ چوندو هو.

اصول پرستي. ڪهڙو صاحب هڪ بااصول ۽ مستقل مزاج انسان آهي. هو سياسي يا غ مصلحتن خاطر نه پارٽيون بدلائيندو آهي، ۽ نه ذاتي مفاد خاطر اصول قربان ڪندو آ گذريل اوڻيهن سالن کان مسلم ليگ ۾ آهي، مگر ڪڏهن به سندس ارادي ۾ لغزش ئي آهي. وڏا وڏا اصول پرست، هوا جو رخ ڏسي، مسلم ليگ کي ڇڏي ويا ۽ و پارٽيون ٺاهيائون، ۽ وزارتن تي قبضو ڪري ٻئي ۽ ٽئين درجي جي ليڊرن ۾ به وڏي سان عهدا ورهايائون؛ پر ڪاهِ غيرمسلم ليگي پارٽي انتهائي ڪوششن جي باوجود شهباز کي شڪار ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي نه سگهي.

بهادري. ڪهڙو صاحب نهايت ئي دليرِ، جراتمند ۽ بلند حوصلي انسان آهي. هو جدا جدا تي جدا جدا قسمن جي تمام وڏين آزمائشن ۽ هنگامه خيز طوفانن مان گذريو آهي، ۽ سان انهن جو مقابلو ڪندي، ڪاميابيءَ سان وڃي پار ٻيو آهي. انتهائي تشويشناڪ تڪليف جي ڪهڙين ۾ به هن جي منهن تي مرڪ ٻئي رهي آهي. سنڌ ۽ سنڌين سان "گناهه" ۾ هن اهڙيون مصيبتون به سٹيون آهن، جي ٻين کي سهٹيون پون ها ته س ڏري پون ها. سنڌ کان ڪراچيءَ کي ڇني ڏار ڪرڻ جو سوال، ۽ ان کان هڪ انهيءَ ئي سوال جي ڪري "پروڊا" (Proda) جو چڪر ۽ ان جا نتيجا ڪنهن کا آهن؟ مگر، هن بهادر انسان اهڙي "قيامت صغريٰ" ۾ به حوصلو نه هاريو، ۽ ا هر مشڪل جو خنده پيشانيءَ سان خيرمقدم ڪندو رهيو. درحقيقت "بهادري" ۽ هڪ شي جا به لالا آهن: "بهادري" ڪهڙي جي فطرت جو جزو، ۽ سندس خون ج قطري ۽ جسم جي رگ رگ ۾ سمايل آهي.

مسلم-دوستي. ڪهڙو صاحب فرشتو نه آهي، ۽ هڪ انسان جي حيثيت ۾ منجهس ڪ ڪمزوريون ٿي سگهن ٿيون؛ مگر هن حقيقت کان سندس بدترين دشمن به انڪار سگهن ته هن کي سنڌ ۽ سنڌ جي مسلمانن سان بيپناهه محبت ٻئي رهي آهي، جنهن تي سن ۽ ڪراچيءَ جي آزاديءَ جون تحريڪون شاهد عادل آهن. ازان سواءِ، قيام پاڪستان سياسي ۽ اقتصادي معاملن خواهه بين فرقيوارانه گالهين ۾ سنڌ جي هندن ۽ مسلمانن ۾ جيڪا رقابت ٻئي رهي آهي، سا سڀني کي معلوم آهي: ڪهڙي صاحب جي حڪم

٨

"سنڌي ادبي بورڊ" جا ميمبر صاحبان

اعجاز احمد انصاري

جناب الحاج محمّد ايوب صاحب کهڙو

الحاج محمد ايوب صاحب کهڙو، صدر صوبہ سنڌ مسلم ليگ، سن ۱۹۰۱ع ۾ لاڙڪاڻي تعلقي جي "عاقل" ڳوٺ ۾ پيدا ٿيو. سندس والد ماجد، رئيس شاهہ محمد خان کهڙو، لاڙڪاڻي ضلعي جو نامور ۽ بااثر زميندار هو، جنهن پنهنجي فرزند جي تعليم ۽ تربيت نهايت سهڻي سليقي سان ڪئي، چنانچہ نوجوان محمد ايوب ڪاليج ۾ 'انڊر گريجوئيٽ' درجي تائين تعليم ورتي.

تعليم کان فارغ ٿيڻ بعد هن نوجوان سياسي زندگيء ڪي پنهنجو شعار بنايو: ۱۹۲۴ع کان ۱۹۳۶ع تائين بمبئي ڪائونسل جو ميمبر ۽ بمبئي يونيورسٽيء جو 'فيلو' رهيو، ۽ ۱۹۲۸ع کان ۱۹۳۵ع تائين "سنڌ محمدن ايسوسيئيشن" ۽ "سنڌ آزاد ڪانفرنس" جو وائس پريزيڊنٽ ٿي رهيو.

سنڌ جي مسلمانن جي قيادت. ۱۹۲۷ع ۾ لاڙڪاڻي ۾ هندو-مسلم فساد ٿيو، ۽ ٿوري عرصي جي اندر ڪشيدگي ايتريقدر وڌي ويئي جو هيءَ هڪڙي ضلعي جو فرقيوارانہ مسئلو، سڄي صوبي جو سياسي مسئلو بنجي ٻيو. انهيءَ زماني ۾ لاڙڪاڻي ۾ ڪي اهڙا مسلمان اڳواڻ ٻ هئا، جي پنهنجي هلندي ۽ ڇنديءَ سبب سنڌ جي اندر وڏي اهميت رکندا هئا. لاڙڪاڻي جي غريب ۽ مظلوم مسلمانن لاءِ اهو وقت نهايت ئي نازڪ هو. هنن ۾ هندن جي منظم طاقت کي منهن ڏيڻ جي همت ڪانہ هئي. هو پنهنجي رهبري ۽ دستگيريءَ لاءِ انهن بااثر اڳواڻن ڏانهن نهاري رهيا هئا، مگر اهي بااثر اڳواڻ، هندن جي ناراضگيءَ ڪان ٻا ڪنهن سياسي مصلحت ڪان، مسلمانن جي مدد ڪري نہ سگهيا. عين انهيءَ وقت، جڏهن لاڙڪاڻي جا مسلمان بي يار و مددگار بنجي چڪا هئا، ۽ انگريز حڪومت ۽ هندو سنگهڻن جي چڪيءَ جي ٻن پٽڻن جي وچ ۾ ڪڪ جي داڻي وانگر پيسجي رهيا هئا، هيءَ نوجوان اڳواڻ ميدان ۾ ٿي ٻيو، ۽ مسلمانن جي ٻاران فرقي پرست هندن جي مقابلي ۾ آخري کهڙيءَ تائين سينو سپر ڪري ٻيلو رهيو. کهڙي صاحب جي، جالي، مالي ۽ اخلاقي مدد سان، لاڙڪاڻي جي مسلمانن نہ فقط پنهنجي مقصد ۾ شاندار ڪاميابي حاصل ڪئي، پر هنن جي مٿان هندن مختلف قلمن هيٺ جيڪي زبردست ڪيس ڪيا هئا، انهن کان ٻ چيف ڪورٽ مان باعزت آزاد ٿي ويا.

سنڌ جي بمبئي کان علحدگي. سنڌ کي بمبئي کان علحده ڪرائڻ واري تحريڪ ۾ جيتوڻيڪ سنڌ جي ٻين اڳواڻن (مرحوم سر غلام حسين هدايت الله، شيخ عبدالمجيد ۽ سيد ميران محمد شاهه وغيرهه) به ڇڪو ٻهرو ورتو، پر انهيءَ سلسلي ۾ جيڪا جدوجهد کهڙي صاحب ڪئي، سا سنڌ جي آزاديءَ جي تاريخ ۾ سونهري اکرن سان لکي ويندي. صاحب موصوف سنڌ جي جدائيءَ جو آواز نه فقط سنڌ ۾ بلند ڪيو، ۽ نه فقط بمبئي ڪائونسل ۾ ان لاءِ لڙندو رهيو، پر لنڊن وڃي، جائنٽ پارليامينٽري ڪاميٽيءَ اڳيان انهيءَ تحريڪ جي تائيد ۽ ناقابل ترديد انگ اکر پيش ڪيائين، ۽ سنڌ جي متعصب مگر ذهين هندو ليڈر پروفيسر ڇهلائيءَ جي اعتراضن جا باطل شڪن جواب ڏنائين. ازان سواءِ برطانوي عوام جي اخلاقي حمايت حاصل ڪرڻ لاءِ لنڊن ۾ معقول ۽ مدلل تقريرون ڪيائين؛ اخبارن جي تائيد حاصل ڪرڻ لاءِ پرزور پريس بيان جاري ڪندو رهيو، ۽ پارليامينٽ جي ميمبرن کي متاثر ڪرڻ لاءِ مسلسل پمفلٽ ڇپائي تقسيم ڪندو رهيو. انهن کوششن برٽش گورنمينٽ توڙي آتي جي عام راءِ تي زبردست اثر وڌو، ۽ سنڌ جي جدائيءَ جي مخالفن جا حوصلا خطا ڪري ڇڏيا. حقيقت ۾ سنڌ جي بمبئيءَ کان علحدگي گهٽيءَ حد تائين کهڙي صاحب جي روشن دماغي، سياسي بصيرت ۽ حب‌الوطنيءَ جي جذبي جو نتيجو هئي.

سنڌ-جدائيءَ کان پوءِ. اپريل ۱۹۳۶ع ۾ جڏهن سنڌ بمبئي کان جدا ٿي ۽ سنڌ جي پهرئين گورنر صوبي جي انتظامي ڪاروبار هلائڻ لاءِ صلاحڪار ڪائونسل ناهي، تڏ کهڙي صاحب کي به ان تي نامزد ڪيو ويو، ۽ هو تيستائين ان جو ميمبر رهيو، جيستائين ۱۹۳۷ع ۾ سنڌ ايجسليٽو اسيمبليءَ جون عام چونڊون ٿيون، ۽ هو ان تي لاڙڪاڻي شهر ۽ تعلقي واري تڪ مان چونڊجي آيو.

کهڙو صاحب، مرحوم الهه بخش جي وزارت عظميٰ جي زماني ۾، سنڌ اسمبليءَ جي اندر پهرئين جنوري ۱۹۳۹ع کان مارچ ۱۹۴۰ع تائين، ۽ پوءِ مارچ ۱۹۴۱ع کان آڪٽوبر ۱۹۴۲ع تائين، مخالف پارٽي (حزب اختلاف) جو ليڈر رهيو، ۽ مسلم ليگ اسيمبلي پارٽيءَ جي اڳواڻيءَ جا فرائض اهڙيءَ خوش‌اسلوبيءَ ۽ جرائتمنديءَ سان ادا ڪيائين، جو صوبائي خود مختياريءَ جي تاريخ ۾ هميشه يادگار رهندا. ان بعد، مارچ ۱۹۴۰ کان مارچ ۱۹۴۱ع تائين سنڌ جو پي. ڊبليو. ڊي. جو وزير ٿي رهيو؛ آڪٽوبر ۱۹۴۲ع کان سيپٽمبر ۱۹۴۴ع تائين رونيو وزير، ۽ فيبروري ۱۹۴۶ع کان جولاءِ ۱۹۴۷ع تائين ڊپٽي چيف منسٽر. قيام پاڪستان کان هڪدم پوءِ، آگسٽ ۱۹۴۷ع کان اپريل ۱۹۴۸ع تائين چيف منسٽر ٿي رهيو. وري مارچ ۱۹۵۱ع کان ساڳئي سال جي ڊسمبر تائين ٻيو دفعو چيف منسٽر، ۽ نومبر ۱۹۵۴ع کان آڪٽوبر ۱۹۵۵ع تائين ٽيون دفعو چيف منسٽر رهيو. ان کان پوءِ جڏهن "ون يونٽ" قائم ٿيو تڏ آڪٽوبر ۱۹۵۵ع کان اپريل ۱۹۵۶ع تائين ون يونٽ-گورنمينٽ ۾ رونيو وزير رهيو، ۽ تجارت، صنعت ۽ مهاجر آبادڪاريءَ جا کاتا به سندس ئي هٿ ۾ رهيا.



محمد ايوب کهڑو

کيترائي غريب شاگرد سندس خرچ تي تعليم ورتي رهيا آهن، ۽ کيترن ئي يتيمن ۽ مستحقن کي وٺائس وظيفا ملي رهيا آهن. هر، کهڙو صاحب جيئن ته رياءَ ۽ نمائش پسند نه ڪندو آهي، تنهنڪري گهڻن ماڻهن کي اها خبر نه آهي. کهڙي صاحب جي جذبهء ايمانيءَ جو اندازو اهڙن موقعن تي آسانيءَ سان لڳائي سگهبو آهي، جڏهن حاجي حج تي ويندا آهن، ۽ سفر جي سهوليتن لاءِ ڪائنس اخلاقي امداد گهرندا آهن. انهيءَ وقت هيءَ مصروف انسان، پنهنجا سمورا ڪم ڪاريون ڇڏي، حاجين سان مڪمل تعاون ڪندو آهي، ۽ انهيءَ ٻيڪ ڪم جي سرانجاميءَ کان پوءِ اهڙي خوشي ۽ اطمينان محسوس ڪندو آهي، جو جڻ پاڻ حج ڪري آيو ۽ سندس ايمان تازو ٿي ويو.

کهڙو صاحب هن تهذيبي ترقيءَ جي دور ۾ به اهڙين شين جي استعمال کان پري رهندو آهي، جي شرعي لحاظ کان مڪروهه ۽ ممنوع آهن. هونئن به سندس اخلاق ۽ ڪردار ايترو قدر بلند آهي، جو اڇلهه جي سياست ۾ جيڪي گالهيون سياستدانيءَ لاءِ لازم سمجهيون وڃن ٿيون، سي کهڙي صاحب پنهنجي سياست ۾ ڪڏهن به شامل نه ڪيون آهن. هو غلط بياني، وعدي خلافي ۽ دوغلي پاليسيءَ کان هميشه احتراز ڪرڻ جي باوجود به هڪ ڪامياب سياستدان آهي. ساڳئي وقت، اها ديانتداري ۽ سندس دينداريءَ جي به نشاني آهي.

"سنڌي ادبي بورڊ" جو صدر. کهڙو صاحب پنهنجي چيف منسٽر واري زماني کان ئي سنڌي ادبي بورڊ جو صدر ٿي رهيو آهي. بورڊ جي اها خوش قسمتي آهي جو کهڙي صاحب جهڙو تجربيڪار منتظم ان جو چئرمن آهي. سندس صدارت واري عرصي ۾، بورڊ سنڌي ٻوليءَ جي ڪافي علمي ۽ ادبي خدمت ڪئي آهي.

فقير "سرشار" سروري

جناب مخدوم محمّد زمان "طالب المولىٰ"

مخدوم محمّد زمان، بن مخدوم غلام محمّد، بن مخدوم ظهيرالدين برهل جام، بن مخدوم امين محمّد عرف ڪن ڏڻي، سجاده نشين حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليه صديقي سهروردي، درگاهه سروري، هالا، سنڌ جي برگزيده هستيءَ ۽ مشهور ولي الله حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمةالله عليه جي اولاد مان آهن، جو خليفهء اول حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جي اولاد مان هو. انهيءَ خاندان مان مخدوم فخرالدين صغير پهريون بزرگ هو، جنهن چوڏهين صدي عيسويءَ جي وچ ڌاري سنڌ جي قديم شهر "هالا ڪنڊي" ۾ سڪونت اختيار ڪئي، جو هاڻي هراڻا هالا سڏجي ٿو. ساڳئي زماني ڌاري، متعلوي ساداتن جي جد اعليٰ سيد حيدر شاهه بن سيد مير علي ٻئ تيموري فوجن سان ڪڏهرات ڪان اچي هالا ڪنڊيءَ ۾ سڪونت اختيار ڪئي هئي، جنهن جي نسل مان شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليه آهي. مخدوم فخرالدين صغير، مخدوم نوح رحمة الله عليه جي ڏاڏي مخدوم اسحاق جو ڏاڏو هو. حضرت غوث الحق مخدوم نوح جو زمانو ١٥٠٦ع ڪان ١٥٩٠ع (٩١١هـ-٩٩٨هـ) آهي. سنڌن زمالي ۾، ڏارين ارغولن جي تسلط هيٺ اچڻ سبب، ۽ همايون جي پاڄ ڪري ان جي فوجن هيٺ لٽاڙجڻ سبب، سنڌ جي مسلمانن جي جا افسوسناڪ حالت ٿي هئي، تنهن جي سلسلي ۾ پاڻ مذهبي ۽ معاشرتي اصلاح لاءِ جيڪي تجديدي ڪارناما بجا آلدائون، سي سنڌ جي قديم تصنيفن-"حديقة اولياء"، "ارشاد الطالبين"، "دليل الذاڪرين"، "رسالہ فتوحات سنڌي" عرف "رسالہ فتحي" وغيره-۾ تفصيل سان جاڻايل آهن. حضرت غوث الحق مخدوم نوح عليه‌الرحمة جو اهو جاري ڪيل فيض، سنڌ ۾ "سروري سهروردي" سلسلي جي نالي سان مشهور آهي. انهيءَ سلسلي ۾ منسلڪ ٽيل ماڻهن جو تعداد سندن زمالي ۾ ئي نولک هو: جنهنڪري هن سلسلي ڪي "نولکي گودڙي" ٻڌ سڏيو ويو آهي، ۽ سنڌ جي چئن ئي ڪنڊن ۾، بلڪ ان جي حدن ڪان ٻاهر-اتر ۾ بهاولپور، ملتان ۽ بلوچستان تائين، ۽ ڏکڻ ۾ ڪچ، ڪاٺياواڙ ۽ گجرات تائين-پکڙيل آهي. سندن سجاده نشين، ساڳئي نقش قدم تي هلي، اڄ تائين اهو رهبريءَ جو سلسلو ساڳئي نموني ۾ جاري رکندا آيا آهن.

حضرت مخدوم نوح رحمة الله عليه جي سجاده نشينن جا اسماء گرامي ۽ سندن ولادت ۽ خدمات جا سال هيٺينءَ ريت آهن:



مخدوم محمّد زمان "طالب المولیٰ"

(۱) مخدوم امين محمّد اوّل، بن مخدوم نوح ۱۵۴۵-۱۶۰۶ع

(۲) مخدوم ابوالخير ابو محمّد، بن مخدوم امين محمّد اوّل ۱۵۷۲-۱۶۴۰ع

(۳) مخدوم عبدالخالق، بن مخدوم ابوالخير ۱۶۲۱-۱۶۷۰ع

(۴) مخدوم محمّد زمان اوّل، بن مخدوم عبدالخالق ۱۶۴۵-۱۷۰۵ع

(۵) مخدوم ميرمحمّد اوّل، بن ميان مٹن، بن ميان ميرمحمّد، بن مخدوم ابوالخير ۱۶۸۷-۱۷۳۶ع

(۶) مخدوم محمّد زمان ثاني، بن مخدوم ميرمحمّد اوّل ۱۷۰۷-۱۷۷۰ع

(۷) مخدوم ميرمحمّد ثاني، بن مخدوم محمّد زمان ثاني ۱۷۳۸-۱۷۸۸ع

(۸) مخدوم محمّد زمان ثالث، بن مخدوم ميرمحمّد ثاني ۱۷۶۶-۱۸۰۷ع

(۹) مخدوم ميرمحمّد ثالث، بن مخدوم محمّد زمان ثالث، عرف مخدوم ميرل معصوم ۱۸۰۶-۱۸۰۸ع

(۱۰) مخدوم امين محمّد ثاني، بن ميان پنيلدو، بن ميان مٹن، بن مخدوم محمّد زمان ثاني ۱۷۹۱-۱۸۳۷ع

(۱۱) مخدوم محمّد زمان رابع، بن مخدوم امين محمّد ثاني ۱۸۱۸-۱۸۵۲ع

(۱۲) مخدوم امين محمّد ثالث عرف پکن ڏڻي، بن مخدوم محمّد زمان رابع ۱۸۳۸-۱۸۸۶ع

(۱۳) مخدوم محمّد زمان خامس، بن مخدوم امين محمّد ثالث ۱۸۶۱-۱۹۱۳ع

(۱۴) مخدوم ظهيرالدين پريل چام، بن مخدوم امين محمّد ثالث ۱۸۶۳-۱۹۲۷ع

(۱۵) مخدوم غلام محمّد، بن مخدوم ظهيرالدين پريل چام ۱۸۸۶-۱۹۴۴ع

(۱۶) مخدوم محمّد زمان سادس، بن مخدوم غلام محمّد { ولادت ۱۹۱۹ع
{ سجاده نشيني ۱۹۴۴ع

حضرت طالب المولي سائين ۹ محرم ۱۳۳۸ هجري، مطابق ۲۶ سيپٽمبر ۱۹۱۹ع، تي
لد ٿيا. سندن اذان جو نالو "محمد زمان" آهي. سندن ڏاڏو مخدوم ظهيرالدين پريل چام
ن "پيرل سائين" سڏيندو هو، جو ته سندن همنام مخدوم محمّد زمان خامس جو نالو پيرل سائين
و. سندن دائي کين "مشتاق علي" سڏيندي هئي. ٻاڻ پنهنجي والد جا ٻيو نمبر فرزند
ن - ٻهريون فرزند يه محمّد زمان نالي هو، جو ڪانئن ڏي سال اڳ تولد ٿيو، ۽ ساڳئي ڏينهن
اري ويو. کين هڪ ننڍو ڀاءُ امين محمّد نالي ڪانئن ڇهه سال ٻوءِ تولد ٿيو هو، پر اهو به
ن سالن جي عمر ۾ گذاري ويو؛ جنهنڪري ٻاڻ پنهنجي والد جا اڪيلا فرزند ٻچيا. ٻهرائين
گاهه جي مجاور حافظ ولي محمّد وٽ قرآن شريف پڙهيا، ٻوءِ حاجي عبدالغفور وڪيلاڻي ۽
ند عبدالرحمان "انجم" وٽ سنڌي پڙهيا. مولوي عبدالحي ٽيڙهيءَ واري ۽ مولوي محمّد عالم
ت فارسي پڙهيا. ان بعد، ٻ سال پنهنجي والد وٽ زير تربيت رهيا. مولوي محمّد عالم ۽
ي خان "صيد" وٽ خوشخطيءَ ۾ خاص طرح ڪمال حاصل ڪيائون. ۱۹۲۷ع ۾ جڏهن
، اٽن سالن جي عمر جا هٿ، تڏهين سندن ڏاڏي وفات ڪئي، ۽ سندن والد سجاده نشين ٿيا.

۱۹۳۷ع ۾، جڏهن سندن عمر اڑهن سال جي هئي، تڏهن آڇ شريف لڳ ٽنڈي باگي جي پيرن وٽان سندن پهرين شادي ٿي. اهي پير سيد قريشي صديقي ۽ حضرت مخدوم نوح رحمة الله عليه جي پٽي اولاد مان آهن. ٽن سال بعد، انهيءَ حرم هڪ فرزند ڇڏي وفات ڪئي. ان جي وفات ڪان پوءِ، ڊسمبر ۱۹۴۲ع ۾، مولوي فضل احمد صاحب غزنويءَ جي دختر سان عقد ڪيائون.

سندن والد، حضرت مخدوم غلام محمد، ۳۰ ذوالحج سن ۱۳۶۳ھ مطابق ۱۶ ڊسمبر ۱۹۴۴ع تي وفات ڪئي، ۽ ۱۹۴۵ع جي شروعات ۾ پاڻ سجاده نشين ٿيا. ان وقت سندن عمر پنجويهه سال هئي. سندن ڪاروبار، سندن ننڍو چاچو مولوي غلام حيدر صاحب سنيالينڈو هو، جنهن ۲۷ رمضان ۱۳۷۲ھ مطابق جون ۱۹۵۳ع ۾ وفات ڪئي. ان بعد سموري ڪاروبار ڪين پنهنجي سر سنيالڻو پيو.

شاعري ۽ راڳ سان شغف ۽ ادب سان ذوق ننڍپڻ کان هئن. ۱۹۳۰ع ۾ يارهن سال جي عمر ۾ ناري جي گشت تي وڃي، جت سروري درگاهه جي مشهور شيدائي منڌار فقير راجوَ سان رهاڻ ٿين، جو روز صبح جو هڪ ٽئون "ڏهر" ناهي ڪين پڌائيندو هو. اتان ڪين شاعريءَ جو شوق جاڳيو. پهريائين "بيوس"، پوءِ "فراقي"، "زمان شاهه"، ۽ پوءِ "طالب" تخلص ڪندا هٿا: ۱۹۴۹ع کان تخلص "طالب المولي" ڪن ٿا. ۱۹۳۶ع کان هالن ۾ "انجمن علم و ادب" جو ٻاڦو وڏالون، جنهن جي سهاري هيٺ ڪيترين ادبي ڪانفرنسون ٻڌيون. ۱۹۳۷ع ۾ سنڌي خان گويو سندن پهرين شاديءَ جي موقعي تي گهرايو ويو هو، جو پوءِ هالن ۾ ئي رهيو: ان جي ذريعي سندن راڳ جي ذوق کي تقويت ملي. هالن ۾ "الزمان" پريس ۽ ٽائپ ڪيالون، ۽ هفتيوار سنڌي اخبارون "پاسبان" ۽ "الزمان" ڪيترو عرصو ڪڍنديون رهيون. ۱۹۵۰ع ۾ هالن مان سندن سرپرستيءَ هيٺ ماهوار ادبي رسالو "فردوس" جاري ٿيو، جو هن وقت خالص سندن خرچ تي هلي رهيو آهي. ۱۹۵۲ع ۾ ماسٽر جمعي خان "غريب"، سيتان شهر مان، ماهوار سنڌي رسالو "طالب المولي" سندن سرپرستيءَ هيٺ جاري ڪيو. ۱۹۵۶ع ڪان حيدرآباد مان رسالو "شاعر" سندن سرپرستيءَ هيٺ نڪري ٿو.

سنڌ جي شاعرن جي جماعت "جميعت الشعراء" جيئن ۱۹۴۶ع کان قائم ٿي، تيئن ان سان سندن گهٽو تعلق رهيو، ۽ ۱۹۵۰ع جي حيدرآباد-ڪانفرنس جي موقعي تي هن جماعت ڪين "محبوب الشعراء" جو لقب ڏنو- پر پاڻ ان جو استعمال ترڪ ڪري ڇڏيائون. ۱۹۵۲ع جي جيڪب آباد-ڪانفرنس جي موقعي تي ڪين جميعت الشعراء جو سرپرست چونڊيو ويو، ۽ ۱۹۵۷ع ۾ ڪهوڙي-ڪانفرنس ۾ ڪين جميعت جي سرپرست سان گڏ جميعت جو صدر پڻ چونڊيو ويو. ون يونٽ ٿيڻ کان اڳ پاڻ سنڌ اسيمبليءَ جا ميمبر هٿا. تعليمي ڪمن ۾ سندن دلچسپيءَ جا يادگار 'طالب المولي هاسٽل' هالا، ۽ 'طالب المولي هاءِ اسڪول' داد و آهن. ۱۹۵۴ع ۾ "اداره روح ادب سنڌ" جو بنياد رکيائون، جنهن جي سهاري هيٺ فيبروري ۱۹۵۵ع

زماني ۾ سندس اڳيان جڏهن ب کو اهڙو مسئلو پيش ٿيو آهي، جنهن جو تعلق هندن ۽ مسلمانن سان هجڻو ٿي رهيو آهي، تہ هن هر صورت ۾ ۽ هر قيمت تي مسلمان جي مفاد کي هندوءَ جي مفاد جي مٿان ترجيح ٿي ڏني آهي؛ جنهنڪري هندن جي دل ۾ هن ڏاڍهن هميشه بغض رهيو، ۽ هو انهيءَ بغض وچان کيس "اورنگزيب" سڏيندا رهيا. هندن جي طرفان 'اورنگزيب' جو لقب ڪهڙي صاحب جي مسلم-دوستيءَ جو هڪ مزيد ثبوت آهي. هندو تہ هن کي اهو لقب ڏيئي پنهنجي دلي بغض جو اظهار ڪندا هئا، مگر حقيقت ۾ هو هڪ زنده حقيقت يعني سندس مسلم-دوستيءَ جو اعتراف ڪندا هئا.

"خانبهادر" جو خطاب ترڪ. قيام پاڪستان کان اڳ پاڪستان جي حصول لاءِ، ۽ قيام پاڪستان کان پوءِ پاڪستان جي استحڪام لاءِ ڪهڙي صاحب جيڪي لاثاني ڪوششون ڪيون آهن، سي ڪنهن ب وڏي کان وڏي مسلم ليگي اڳواڻ جي ڪوشش کان ڪٿ نہ آهن؛ چاڪاڻ تہ ڪهڙي صاحب جو شمار مسلم ليگ جي اعليٰ اڳواڻن ۾ ٿيندو رهيو آهي، ۽ پاڪستان جو قيام ۽ ان جو استحڪام مسلم ليگ جو نصب‌العين رهيو آهي، جنهنڪري ان جي حصول ۾ جيترو حصو هن اعليٰ مسلم ليگي اڳواڻ جو آهي، مسلم ليگ هاءِ ڪمانڊ جي هڪ اهم ۽ برڪ ميمبر جي حيثيت ۾، اوترو ئي حصو ڪهڙي صاحب جو ب آهي.

ڪهڙي صاحب انهيءَ سلسلي ۾ هونئن تہ جيڪي اهم خدمتون ڪيون آهن سي اظهر من الشمس آهن، ۽ قيام پاڪستان کان ۱۵-۱۶ سال اڳ، جو برٽش سرڪار کيس "خانبهادر" جو خطاب ڏنو هو، سو ڪهڙي صاحب، قائداعظم محمدعلي جناح جي مشوري تي، مسلم ليگ جي طرفان شروع ڪيل "راست اقدام" واري تحريڪ جي زماني ۾، برٽش سرڪار کي واپس ڪري ڇڏيو؛ مگر ان هوندي ب سيئي ماڻهو سندس عظمت ۽ باوقار شخصيت جي ڪري کيس 'خانبهادر' سڏڻ ئي پسند ڪندا آهن.

وسيع معلومات ۽ غيرمعمولي قابليت. ڪهڙو صاحب پنهنجي تدبر، وسيع معلومات، تقرير ۽ تحرير ۾ مهارت، ۽ سياسي ۽ انتظامي گهاڙهين ۾ وڏي تجربي سبب هڪ غيرمعمولي شخصيت جو مالڪ آهي. اهوئي سبب آهي جو هو ڪن ٻين ليڊرن وانگر لکڻ پڙهڻ ۽ سوچڻ سمجهڻ ۾ پنهنجن سيڪريٽرين جو محتاج نہ رهندو آهي: هو پنهنجا پريس بيان، صدارتي خطبا، پيغام ۽ ٻيارءَ پاڻ لکندو آهي، جي نہ صرف سياسي نقطہ نگاهہ کان لاجواب هوندا آهن، پر علمي ۽ ادبي لحاظ کان ب شاهڪار تسليم ڪيا ويندا آهن. هو دستور ۽ آئين جو وڏو ماهر آهي، ۽ اهڙو حاضر دماغ، جو سنجيدگيءَ ۽ ڪم سخنيءَ جي باوجود ب هر نڪتي کي صحيح نموني ۾ حل ڪرڻ ۽ هر مسئلي تي فاضلانہ انداز ۾ گهالهائڻ لاءِ هميشہ تيار رهندو آهي.

ڪهڙي صاحب کي صوبائي اسيمبلين، پارليامينٽ، بيشمار ڪانفرنسن، مسلم ليگ جي اجلاسن ۽ مختلف اجتماعن ۾ اهم ترين معاملن تي ڪڏهن ڪڏهن ب-ب ٿي-ٽي ڪلاڪ ب

گالهائڻو ٻيو آهي، مگر هن جي تقرير جو ربط ۽ تسلسل هميشه قائم رهندو آهي، ۽ سندس هر تقرير جامع ۽ مانع هوندي آهي. هو زير بحث مسئلي جي هر پهلوءَ تي انتهائي محققانه انداز ۾ روشني وجهندو آهي، ۽ کنهن به موضوع تي تقرير کرڻ وقت ٻڌندڙ جي حواسن ۽ دل و دماغ تي پورو پورو ضابطو رکندو آهي. هن جي نگاهه جيئن ته بلڪل دوررس آهي، تنهنڪري سندس راءِ ۾ بيحد پختگي آهي؛ ۽ انهيءَ ڪري ئي سندس تقرير جو هر جملو وزندار ۽ هر لفظ تورين تڪيل هوندو آهي، ۽ ٻڌندڙ سندس جادوبياني ۽ استدلال کان متاثر ٿي ٻي اختيار هن سان شامل راءِ ٿيندو آهي.

"ون يونٽ". ۱۹۵۴ع جي آخر ۾ جڏهن کهڙو صاحب سنڌ جو وزيراعليٰ هو، تڏهن مرڪز جي مسلم ليگي قيادت، ڪيس سنڌ جي سياسي ۽ اقتصادي حقن جي حفاظت جي خاطري ڏياري، "ون يونٽ" قائم ڪرڻ جي سلسلي ۾ سندس حمايت حاصل ڪئي. کهڙو صاحب جيئن ٻاڻ غلط بياني ۽ وعدي خلافي ڪندو آهي، تيئن هن ۾ اهائي اميد رکندو آهي ته هو به سائس کوڙ ۽ فريب ڪندا؛ مگر "ون يونٽ" قائم ٿيڻ بعد جڏهن مرڪزي قيادت پنهنجا وعدا وساري ويئي، تڏهن کهڙي صاحب جي مٿان 'ون يونٽ' جي اصليت ظاهر ٿي پئي. چنانچه صاحب موصوف ۱۵ سپٽمبر ۱۹۵۶ع تي صوبه سنڌ مسلم ليگ جي ورڪنگ ڪميٽيءَ کان 'ون يونٽ' جي خلاف ٺهراءُ پاس ڪرائي، آئيني جدوجهد جو آغاز ڪيو، ۽ ان کان پوءِ به هو سنڌ مسلم ليگ جي ذريعي 'ون يونٽ' جي خلاف وقت بوقت آواز آٽاريندو رهيو. تازو، ۱۱ آڪٽوبر ۱۹۵۷ع تي، پاڪستان مسلم ليگ ڪائونسل جي ڍاڪا واري اجلاس ۾ ٿ کهڙي صاحب 'ون يونٽ' جي خلاف هڪ ٺهراءُ پيش ڪيو، جو مسلم ليگ جي مرڪزي قيادت پاس ٿيڻ نه ڏنو.

ڇيو وڃي ٿو ته مسلم ليگ جي مرڪزي قيادت، 'ون يونٽ' جي حمايت ڪري ۽ ننڍن صوبن جي عوام جي هن جائز مطالبي کي نظرانداز ڪري، جنهن غير ذميداريءَ جو ثبوت ڏنو آهي، کهڙو صاحب ان کان تمام گهڻو متاثر ٿيو آهي، ۽ شايد اهو وقت بلڪل ويجهو اچي ويو آهي، جڏهن هو مسلم ليگ سان اوٽيهن سالن جو ناتو ٽوڙڻ تي مجبور ٿئي، ۽ جنهن جذبي سان سنڌ کي بمبئيءَ کان جدا ڪرائڻ لاءِ جهاد ڪيو هئائين، وري ساڳئي جذبي سان سنڌ جي آزاديءَ لاءِ ميدان ڪارزار ۾ اچي.

زهد ۽ عبادت. هن زماني ۾ جڏهن الحاد جو زور آهي ۽ مغربي تهذيب پوري ساز و سامان سان اسان جي اخلاق ۽ ڪردار جي مٿان چانڇجي رهي آهي، کهڙو صاحب نه صرف پنج ئي وقت پابنديءَ سان نماز پڙهندو آهي، پر روزي، تهجد ۽ قرآن شريف جي تلاوت ۾ ناغو نه وجهندو آهي. ۱۹۵۰ع ۾ حرمين شريفين جي زيارت جي سعادت به حاصل ڪري چڪو آهي. زڪوات به باقاعدي ادا ڪندو آهي، ۽ خيرات ۽ صدقات جو سلسلو به جاري رهندو آهي.

۾ هالن ۾ هڪ مخصوص انداز جي راڳ-ڪانفرنس ٿي، ۽ ماهوار رسالو "روحِ ادب" جاري ٿيو. نومبر ۱۹۵۵ع ۾ حيدرآباد ۾ "بزم طالب المولي" جو ٻيو ٻيو، جنهن جا ٻاڻ سرپرست ٿيا. هن بزم جو مٿو سنڌي ادب جي سنيال ۽ واڌارو آهي، ۽ ڪم جو طريقو-سادو "فقيراڏو" آهي. اڳتي هلي، هن بزم هڪ آل سنڌ تحريڪ جي شڪل اختيار ڪئي، ۽ هن وقت سڄيءَ سنڌ ۾ ان جون ٽيهارو ڪن شاخون قائم آهن. جنوري ۱۹۵۶ع ڪان انهيءَ بزم جي سهاري هيٺ، ۽ خواجه محمد عيسيٰ "مست" سروريءَ جي اهتمام سان، "لاڙ سنڌي ادبي ڪانفرنس" جو ٻيو ٻيو، جو هاڻ هر سال ٿيندو آهي. مارچ ۱۹۵۵ع ۾ جڏهن "سنڌي ادبي بورڊ" هڪ خود مختيار اداري جي شڪل ورتي، ان وقت ڪان ٻاڻ بورڊ جا ميمبر آهن. نومبر ۱۹۵۵ع ڪان ٻاڻ "شاهه لطيف يادگار ڪميٽيءَ" جا ميمبر آهن، ۽ ٿين جوڙجڪ هيٺ جا "يادگار ڪائونسل" ٿاهي ويئي آهي، ان جا ٻاڻ نائب صدر آهن. ريڊيو پاڪستان جي سنڌي پروگرامن ۾ ٻاڻ شروعات ڪان وٺي مشورا ڏيندا رهيا آهن، ۽ حيدرآباد جي ريڊيو اسٽيشن جي مشاورتي ڪميٽيءَ جا ميمبر آهن. سنڌ ۾ جتي به ڪو وڏو ادبي اجتماع ٿئي ٿو، اتي ڏوراهين ٻڌ تان به ٻهنجي شرڪت ڪن ٿا-هلڪ نڊيون ادبي جماعتون به سنڌن رونق افزائي ۽ همت افزائيءَ جون رهين منت آهن.

هن وقت تائين سنڌن ڇپيل تصنيفون هيٺين موجب آهن:

۱. امام غزاليءَ جا خط (ترجمو)، ۲. اسلامي تصوف (تاليف)، ۳. خودشناسي (ترجمو)، ۴. شيطان، ۵. بهار طالب (۱۹۴۶ع)، ۶. رباعيات طالب (۱۹۴۹ع)، ۷. ياد رفتگان (۱۹۵۳ع)، ۸. مثنوي عقل و عشق (فبروري ۱۹۵۵ع)، ۽ ۹. ڪڇڪول (اپريل ۱۹۵۵ع). انهن ڪان سوا، سنڌن غير مطبوع تصانيف گهڻي انداز ۾ آهن، جن مان مکيه هي آهن: ۱. ڪافي (ڪافيءَ بابت تحقيق)، ۲. سنڌ جو شڪار، ۳. بياض طالب المولي، ۴. يارخاطر، ۵. مصريءَ جون ٽوڙون، ۶. مضامين طالب المولي، ۽ ۷. سماع العاشقين في سرورالطالبين.

هن وقت ڪين هيٺيون اولاد آهي: ۱. ميان امين محمد سنڌن وڏو فرزند (پهرئين گهر مان)، ولادت اگست ۱۹۳۹ع؛ ۲. ميان غلام محمد، ولادت فبروري ۱۹۴۹ع؛ ۳. ميان الهه بچايو، ولادت سپٽمبر ۱۹۵۱ع؛ ۽ ۴. ميان عبدالحسين، ولادت ۱۹۵۳ع.

جناب شمس‌العلماء ڈاڪٽر عمر بن محمّد دائود پوٽو*

شمس‌العلماء عمر بن محمد دائود پوٽو تاريخ ٢٥ مارچ ١٨٩٦ع تي ٽلٽيءَ جي تاريخي شهر ۾ پيدا ٿيو، جيڪو هڪ دنءُ شاهي خاندان جو عروج ڏسي چڪو آهي. پاڻ دائود پوٽن جي انهيءَ شاهي خاندان سان تعلق رکي ٿو، جيڪو ١٩٥٥ع تائين رياست بهاولپور تي حڪومت ڪندو رهيو آهي. سندس ڏاڏو عبدالمطلب هڪ آسودو آبادگار هو، ۽ ان جي انتقال کان پوءِ سندس سموري ملڪيت - جنهن ۾ وڏو حصو چوپايو مال هو - هندو قرضدار کڻي ويا، جنهن سبب سندس خاندان تي ڏولائن جا ڏينهن اچي ويا. هن پوءِ به زمينات جي ڪرت کي جاري رکيو، پر فصلن جي تباهيءَ سبب آخر ڪيس واپڪي ڪر ڪرڻ تي مجبور ٿيٽوپيو.

نندڙي "عمر" کي - جنهن جي دماغ ۾ سندس ننڍپڻ جون سموريون يادگيريون اڄ تائين چٽيل آهن - چهن ورهين جي عمر ۾ هڪ گولائي سنڈي اسڪول ۾ داخل ڪيو ويو، جتي هن اهڙيءَ ته هوشياريءَ جو ثبوت ڏنو جو سندس استادن کي يقين ٿي ويو ته هو اڳتي هلي هڪ ڪامياب اسڪول ماسٽر ٿيندو. ان خيال جي مدنظر، انهن جي خواهش هئي ته هيءَ پنهنجي ابتدائي تعليم کي ايستائين جاري رکي، جيستائين سندس ٽريننگ ختم ٿي وڃي. پر، "بندي جي من ۾ هڪڙي ته خدا جي من ۾ ٻيو" - پنهنجي قيمتي زندگيءَ جا پورا اٺ سال پرائمري اسڪولن ۾ گذارڻ کان پوءِ - جنهن عرصي ۾ هن ڪلاس ۾ پهريون نمبر ڪڏهن به ڪونه وڃايو - جيئن ته وقت جي تعليمي آفيسرن منجهس غيرمعمولي ذهالت ۽ مستقبل جا روشن ڪرٽا ڏٺا، تنهنڪري انهن کيس ٽلٽيءَ جي اينگلو ورنيڪيولر اسڪول ۾ داخلا ولي ڏني، جتي هن انگريزيءَ جا ابتدائي چار درجا ٽن سالن اندر مڪمل ڪيا. ان عرصي ۾ به هو پنهنجي سڀني هم جماعتين ۾ اول نمبر رهندو آيو.

چار درجا انگريزي پاس ڪرڻ کان پوءِ، سن ١٩١٢ع ۾، لاڙڪاڻي جي مدرسي ۾ وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ، لاڙڪاڻي ضلعي جي ڪليڪٽر طرفان کيس مفت رهائش (Free Boardership) منظور ٿي ملي. لاڙڪاڻي جي مدرسي ۾ هن کي ماسترن ۽ شاگردن جو بيحد پيار ۽ قرب حاصل ٿيو، جن کان هو تعليم ۾ هر لحاظ کان گوءِ کڻي ويو هو.

اها 'عمر' جي خوش بختي هئي جو ان وقت نوشهري فيروز مدرسي مان هڪ ماسٽر، حاجي محمد ميمڻ، لاڙڪاڻي جي مدرسي ۾ بدلي ٿي آيو، جنهن سندس حالت ڏسي کيس

---

* هن سوانح عمريءَ جو مدار، ڈاڪٽر صاحب کان انگريزيءَ ۾ ڪيل سوال تي آهي. - مرتب



ډاکټر عمر بن محمد دائودپوټو

نوشهري فيروز مدرسي جي مسلم-فنڈ مان ٽن روپين جو وظيفو وٺرائي ڏنو ۽ کيس نوشهري فيروز جي مدرسي ڏانهن وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ سوکليو ويو-جو تہ لاڙڪاڻي جي مدرسي ۾ فقط پنج درجا انگريزي پاڙهيا ويندا هئا، ۽ عمر انهيءَ کشمکش ۾ مبتلا هو تہ وڌيڪ تعليم لاءِ چا ڪجي. ان ڪري، هي تعليم جو شيدائي شاگرد، پنهنجي گهوٽ کان اڪ ٽي چڙهي، اڻاويهن ميلن جي ڊگهي ۽ هڏ-ٽوڙ مسافري طي ڪري، وڃي نوشهري فيروز پهتو. کيس آٽي چهين درجي ۾ داخلا ملي، ۽ پهرين ٽي ڏينهن ڪيس پنهنجي ڪلاس جي هوشيار شاگردن جي بينچ تي سڀني کان اڳ ۾ ويهاريو ويو. ان وقت جو پرنسپال مسٽر جي. ايڻ. قاضي-جو بعد ۾ سنڌ جي تعليم کاتي جو ڊائريڪٽر ٿي ويو-هن هوشيار شاگرد جي غربت ۽ مفلسيءَ کان ايترو تہ متاثر ٿيو جو هن سندس هر قسم جون فيون فوراً معاف ڪري ڇڏيون.

اٽي هن سڀني استادن ۽ هر ڪلاس شاگردن کي اهڙو تہ پنهنجو ڪري ورتو، جو جڏهن آگسٽ ۱۹۱۵ع ۾ ڪيس سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچيءَ ۾ فري بورڊرشپ ملي، ۽ هو اتان آٽ ٽي چڙهي ڪراچيءَ جي گاڏي جهٽڻ لاءِ روانو ٿيو، تڏهن سندس سڀ استاد ۽ هر مڪتب دوست آلين اکين سان کيس اڳيرو ڪري آيا.

هڪ ڪوٺاڻو چوڪرو، سادن ۽ ڪهرن ڪپڙن ۾ چنل بوٽ سان ڪراچيءَ جيڏي شهر ۾ اچي ٽپو، جيڪو ان وقت سنڌ جي ڪاديءَ جو هنڌ ۽ ثقافت جو مرڪز هو، ۽ وائيس پرنسپال آنجهاني ڊي. پي. ڪوٽوال وٽ اچي ٽپو-جيڪو ان وقت ٽي. ايڇ. وائينس جي جاءِ تي پرنسپال طور ڪم ڪري رهيو هو-، ۽ ان جي سامهون سهڻي ۽ پيڪيدار پوشاڪ ۾ چهين درجي جا شاگرد ويٺا آهن-انهيءَ وقت جي تضاد تي غور ڪريو: هڪ اهو ساڳيوئي ڪوٺاڻو چوڪرو، ٽورن ئي ڏينهن اندر پنهنجي ڪلاس جو سڀ کان هوشيار شاگرد ۽ انهن جي اکين جو تارو بڻجي وڃي ٽو، ۽ اهو اعزاز هن ڪڏهن بہ هٿ مان وڃڻ نہ ڏنو-تان جو ۱۹۱۷ع ۾ ميٽرڪ پاس ڪيائين، ۽ سڄي صوبي سنڌ ۾ پهريون نمبر آيو ۽ 'سنڌ ايگزيبيشن پرائيز' (Sind exhibition prize) ۾ ملي.

انهن ڏينهن ۾ گورنمينٽ طرفان فقط چار اسڪالرشپون منظور ٿيل هيون، جن مان هڪ مسٽر دالود پوٽي کي ڏني ويئي-هر ڪاليج جي تعليم جي گهري خرچ جي پورائي ڪرڻ لاءِ وڌيڪ پئسا ڪٿان اچن؟ پرنسپال وائينس، جيڪو هن کي حد کان وڌيڪ چاهيندو هو، تنهن بہ کيس بورڊنگ هائوس ۾ رهڻ جي اجازت ڏني، ۽ چهين درجي جي شاگردن کي منٽمينڪس پڙهائڻ لاءِ کيس پارٽ-ٽائيم ٽيچر ۾ مقرر ڪيائين، جيئن پوڙهي 'ڪوٽوال' کي پڙهائڻ جي ڪر ۾ ڪجهہ سهوليت ملي. وري وڌيڪ خرچ جي پورائيءَ لاءِ هو ڪيس ٽيوشنون ۾ ڏيڻ لڳو، جيئن سندس پوڙهي ٻيءَ ۽ ٻين پاتين جو گذر ٿي سگهي. ڪاليج واري سڄي عرصي ۾ 'عمر' ڀاڻ ۾ سخت محنت جي عادت وجهي ڇڏي، ۽ هو ان جو مظاهرو نهايت جوش ۽ خروش سان ڪندو رهيو. ان طرح سنڌس ڳاٽ هميشہ اوچو رهيو، ۽ هن پنهنجو سرمالي مدد لاءِ ڪنهن جي

۽ اڳيان نہ جھڪايو. هو فقط هڪ دفعو انٽرميڊيٽ آرٽس جي امتحان ۾ اول نمبر نہ اچي سگھيو، چو تہ هو سخت بيمار هو ۽ تنھنڪري مئٽيڪس ۾ سڀ نمبر نہ ڪٽي سگھيو- جنھن ۾ خاص طور تي هوشيار هو. مئٽيڪس ۾ ٻٽي پنجي وڃڻ ڪري، هن اهو مضمون تبديل ڪيو ۽ ان جي بجاءِ فارسي ادب کي ترجيح ڏني. اهڙيءَ ريت، معمولي محنت سان، هو تعليم ۾ حاصل ڪندو رهيو، ۽ ان سان گڏوگڏ پنھنجي ۽ پنھنجي ڪٽنب جي گذران لاءِ ٻڻ ڪمائيندو رهيو- ايستائين جو هن بي. اي. جي امتحان ۾ اعزازي ڊگري حاصل ڪري ورتي. مسٽر دائود پوٽو بي. اي. ۾ سڄيءَ سنڌ ۾ اول نمبر آيو، ۽ انگريزي ادب جي طالبعلمن ۾ ٻڻ مٿاهون ٿي رهيو.

ڪالج جا پرنسپال، مسٽر اي. سي. مار ۽ مسٽر ايس. سي. شھاڻي، ۽ ٻيا پروفيسر ٻئي انتھائي مھربان هٿا. ڪيس انعام طور 'دڪشنا فيلوشپ' ڏني ويئي، جنھنڪري هن کي هرمھيني باقاعده طور ۶۰ روپيه وظيفو ملڻ لڳو. انهيءَ وظيفي، ٻين ٽيوشنن ۽ پارٽ ٽائيم ماستريءَ جي مجموعي آمدني مان سال ۱۹۲۳ع تائين تمام وڏي سان ڪاليج جي هاسٽل ۾ رهندو آيو- ايستائين جو هن عربي ۽ فارسيءَ ۾ فرسٽ ڪلاس آنرس سان بي. اي. جو امتحان نهايت ڪاميابيءَ سان پاس ڪري ورتو. ان سال سڄي بمبئي يونيورسٽيءَ ۾ مسٽر دائود پوٽو ئي هو، جنھن فرسٽ ڪلاس ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي. ازان سواءِ هن کي 'چانسيلر ميڊل' جھڙو شاندار اعزاز ٻڻ عطا ڪيو ويو، جو اڄ تائين ٻيو ڪو به سنڌي اسڪالر حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب نہ ٿيو آهي.

هاڻي هو پنھنجي مستقبل مان مطمئن ٿي چڪو هو. ڪيس ڪيترن ئي ڪاليجن مان فارسي يا عربي ليڪچرار جي عهدي لاءِ دعوت ڏني ويئي، پر سندس مھربان پرنسپال کيس ڪيڏانهن به وڃڻ نہ ڏنو، ۽ ٻاڻ وٽ ئي عربي ليڪچرار جي هڪ خاص جڳھ وڏائي مسٽر دائود پوٽي کي ان تي مقرر ڪيو. جڏهن ۱۹۲۴ع ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ طرفان سنڌيءَ زبان کي بي. اي. لاءِ منظور ڪيو ويو، تڏهن مسٽر دائود پوٽي کي ترقي ڏيئي عربي ۽ سنڌي جو اسسٽنٽ پروفيسر مقرر ڪيو ويو- اها جاءِ ڏي. جي. سنڌ ڪاليج ۾ پنھنجي قسم جي اهڙين جاءِ هئي. هن جي زالدگيءَ جي نهايت شاندار ڪهڙي ۱۹۲۴ع ۾ آئي، جڏهن ۳۴۵ پائونڊن جي سالياني اسٽيٽ اسڪالرشپ ڏيئي، ڪيس ڪيمبرج يونيورسٽي ۾ تحقيقي مطالعي جو ڪم سپرد ڪيو ويو. اها هن جي خوش قسمتي هئي، جو اتي هن دنيا جي وڏن عالمن ۽ محققن- جھڙوڪ پروفيسر اي. جي. برائون، پروفيسر اي. اي. بيوَن، پروفيسر آر. اي. نڪولسن وغيره- جي قدمن ۾ تربيت ورتي.

هن اتي حڪيم ارسطو جي شعر گوئيءَ جي قاعدن تي پروفيسر 'ڪوئيلر ڪوچ' ۽ 'گونٽي' جي "فائوسٽ" تي پروفيسر 'ڪامل بريول' جون عالمانہ تقريرون ٻڌيون. ازان سواءِ، هن سنسڪرت تي پروفيسر رڊسن، ۽ انگريزي ادب ۽ تنقيد تي پروفيسر رچرڊس هينري ۽ اي. ايم. فاسٽر جون عالمانہ تقريرون ٻڌيون، ۽ ڪيس اتان جي وڏن وڏن عالمن ۽ تعليمي ماهرن سان گڏجي ويھڻ جو موقعو ٻڻ مليو، جن مان پروفيسر ايس. ڊي. مارگوليوٿ، پروفيسر سر ٽي. ڊبليو. آرنالڊ، پروفيسر ايف. ڪرنيڪو، پروفيسر وينسنڪ، پروفيسر منائوڪ هرگرانجي

۽ پروفيسر ايرينڊانک جو کيس خاص قرب حاصل رهيو. دائود پوٽي صاحب هڪ مقالو لکيو، جنهن جو عنوان هو "فارسي شاعريءَ جي ترڪي تي عربي شاعريءَ جو اثر"، جيڪو بعد ۾ شايع ڪيو ويو، ۽ ان تي ڪيترن ئي مشرقي عالمن پنهنجي پسنديءَ جو اظهار ڪيو. دائود پوٽي صاحب کي ۱۹۲۷ع ۾، انهيءَ مقالي تي ايڇ. ڊي. جي ڊگري ڏني وئي.

هو ۱۹۲۷ع جي سيپٽمبر مهيني ۾ ڪراچي واپس پهتو، ۽ ڪراچي پهچڻ کان فوراً بعد هن کي اطلاع ڏنو ويو ته ڪين سنڌ مدرسة الاسلام جو پرنسپال مقرر ڪيو ويو آهي- جيڪو هڪ شخص مسٽر ميٿيوز جي خراب پاليسيءَ سبب برباد ۽ زبون حالت تي وڃي رسيو هو. ان وقت سنڌ مدرسة الاسلام جي اسٽاف جي، قابليت ۽ لائقي تمام هيٺانهين درجي تي وڃي رسي هئي، ان جي اخلاقي حالت ڪري چڪي هئي ۽ مالي حالت ۾ تشويشناڪ حد تي وڃي پهتي هئي. مسٽر دائود پوٽي اهڙين سڀني تڪليفن ۽ حالتن کي، جن جو بظاهر کوبه حل نظر نٿي آيو، نهايت خوش اسلوبيءَ سان منهن ڏيئي، ان "آم العلوم" جي ساراهه جوڳي خدمت ڪئي. هن جي ڪوششن سان سڀني لوڪل باڊيز نه صرف پنهنجون پرائيون گرانٽون وري ڏيڻ شروع ڪيون، پر انهن کي وڌايو به ويو ۽ اهڙيءَ طرح هو پنهنجي "وقف فنڊ" ۾ ۲۵ هزار روپيا وڌائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. هو سڀني ڪلاسن جي بذات خود نگراني ڪندو هو، ۽ ميٽرڪ ڪلاس جي انگريزيءَ ۽ حسابن جا پيريڊ به پاڻ وٺندو هو. اهڙيءَ طرح، مسٽر دائود پوٽي سنڌ مدرسة الاسلام کي هڪ سال جي اندر تباهيءَ جي غار مان ڪڍي ورتو، ۽ ان کي پهريون نمبر تعليمي ادارو بنائي ڇڏيو. هن جي دور ۾ باهرين شاگردن جو تعداد وڌي وڃي ٽن سون تي پهتو، ۽ سڄو مدرسو شاگردن سان پرپور نظر اچڻ لڳو. هتي هر قسم جي تعليمي ۽ تفريحي مشاغل جو انتظام ڪيو ويو ۽ ميٽرڪ جي امتحان جا نهايت شاندار نتيجا نڪرڻ لڳا. ان گاله کان کوبه انڪار نٿو ڪري سگهي ته مسٽر دائود پوٽي جي دور ۾ سنڌ مدرسي جيتري ترقي ڪئي، اوتري ان پنهنجي تاريخ ۾ ڪڏهن به ڪانه ڪئي.

سن ۱۹۲۸ع ۾ دائود پوٽي صاحب کي يونيورسٽي آف بامبي جو فيلو نامزد ڪيو ويو. ساندهه ٽن سالن جي مشڪل ڪم کان پوءِ، هن عربيءَ جي پروفيسري جهڙيءَ جاءِ لاءِ پنهنجي ان مصروفيت کي ڇڏي ڏنو. ڪيس الدبري ۾ لئين قائم ڪيل سر اسماعيل ڪالج ۾ بمبئي سرڪار طرفان عربيءَ جو پروفيسر مقرر ڪيو ويو، جا خدمت هو اڪل نون سالن تائين نهايت همدرديءَ ۽ خلوص سان ڪندو رهيو. ان عرصي ۾ هن عربي تعليم تي تمام گهڻو زور ڏنو، ۽ يونيورسٽي سينيٽ ۾ عربي، فارسي ۽ سنڌيءَ جي بورڊ آف اسٽڊيز جي اجلاسن ۾ ٻڌ سرگرميءَ سان حصو ونڊندو رهيو. ۱۹۴۸ع تائين سندس تعلق يونيورسٽيءَ سان رهيو، ۽ پوءِ پاڪستان جي قيام ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جي بابي ٻوڙ کان پوءِ هن جو اهو تعلق ختم ٿي ويو.

سن ۱۹۳۹ع ۾، کيس بمبئي ۽ سنڌ جي پبلڪ سروس ڪميشن طرفان سنڌ جو ڊي. آءِ چونڊيو ويو، جو عهدو هن ۱۹۵۰ع جي آڪٽوبر مهيني تائين نهايت ڪاميابيءَ سان سنڀاليو.

ان کان ٻوءِ هن کي سنڌ گورنمينٽ طرفان سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو ميمبر مقرر ڪيو ويو، جتي هن پنهنجا فرائض نهايت ئي ايمانداريءَ ۽ خوش اسلوبيءَ سان سرانجام ڏنا ۽ سنڌس هميشه اهائي ڪوشش رهي ته اهڙن سنڌين جي مدد ڪئي وڃي، جن بابت اڳ ۾ ڪڏهن به همدرديءَ سان غور نه ڪيو ويو آهي.

پنجن سالن جي ٽرم ختم ٿي وڃڻ کان ٻوءِ، هو پنهنجي گهر واريءَ سميت—جا مسلم يونيورسٽيءَ جي گريجويٽ آهي، ۽ جنهن کي هن خود عربيءَ جي تعليم ۽ تربيت ڏني آهي—فريضي حج ادا ڪرڻ لاءِ حجاز ويو. مدينه منور جي زيارت کان ٻوءِ هو دمشق، بيروت، جيروسلم ۽ قاهره ٿي ويا، ۽ سوئنديءَ رستي ۾ ڪجهه وقت لاءِ بغداد، ڪربلا، نجف ۽ بحرين ٿي لنڊن—وڃ اوير جي سفر بابت سندس عجيب تاثرات عنقريب شايع ٿيڻ وارا آهن.

سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ۾ سندس پهريون پنج سالہ ٽرم چوٽين آڪٽوبر تي ختم ٿيو، ۽ ٻوءِ سنڌ کي بدقسمتيءَ سان اولهه پاڪستان ۾ ختم ڪرڻ کان ٻوءِ ڪيس اولهه پاڪستان پبلڪ سروس ڪميشن ۾ وڌيڪ هڪ سال لاءِ ميمبر چونڊيو ويو. اتي به هن نهايت ئي خلوص ۽ ايمانداريءَ سان پنهنجا فرائض سرانجام ڏنا. انهيءَ عرصي ۾، دائود پوٽو صاحب لاهور جي مختلف ادبي محفلن ۾ ڪيترن ئي وقت بوقت خطبو وٺندو رهيو: سندس عالمانه رنگ ۾ عربي ۽ فارسيءَ ۾ برزبان ڪيل تقريرن، اتان جي عالمن کي بيحد متاثر ڪيو ۽ انهن جي دلين ۾ سندس لاءِ خاص مقام پيدا ڪيو.

مسٽر دائود پوٽي اولهه پاڪستان پبلڪ سروس ڪميشن جي ميمبريءَ تان ۳ آڪٽوبر ۱۹۵۶ع تي رٽائير ڪيو: ان وقت کان پنهنجون سڀ قوتون ادبي ۽ تحقيقي ڪمن تي صرف ڪندو رهي ٿو، ۽ سوسائٽي ۾ شاذو نادر ئي نظر اچي ٿو.

جيتوڻيڪ مسٽر دائود پوٽي جي زندگيءَ جا گذريل بارهن سال انتظامي ڪمن سبب مصروفيتن سان ڀرپور رهيا آهن، پر تڏهن هوندي به هن ادبي ڪمن کان ڪڏهن به منهن نه موڙيو آهي. ڪيمبرج ڊائجسٽ وڃڻ کان اڳ، هن، پنهنجي استاد سرڳواسي پروفيسر گربخشاڻي سان گڏجي، "شاهه جي رسالي" جا ٻه ڀاڱا به جلد مرتب ڪيا، ۽ سنڌس واپس اچڻ کان اڳ ٽيون جلد به تقريباً لکجي چڪو هو. ڊاڪٽر گربخشاڻي مسٽر دائود پوٽي جي تعاون حاصل نه هجڻ سبب، شاهه جي رسالي جو چوٽون جلد ترتيب نه ڏيئي سگهيو—باوجود ان جي، جو هو رسالي جي ٽئين جلد جي اشاعت کان ٻوءِ به ڏري گهٽ سترهن ورهيه جيئرو رهيو. عربيءَ کي سولي بنائڻ خاطر مبتدين لاءِ "عربيءَ جو رهبر" تيار ڪيائين، جو نهايت ئي آسان طريقي ۾ لکيل هو. اهو ڪتاب هر هنڌ پسند ڪيو ويو—ايتريقدر جو ٻراڻي قسم جي مولوين ٻڌ ان تي پنهنجي پسنديءَ جو اظهار ڪيو. هن عربي ۽ فارسي ريڊر ٻڌ تيار ڪيا، جي اڄ تائين سيڪنڈري اسڪولن ۾ پڙهايا وڃن ٿا. سن ۱۹۳۴ع ۾ بي. ايڇ. ٽي. جي ڊگريءَ لاءِ پنهنجي لکيل ٿيسس "فارسي شاعريءَ تي عربي شاعريءَ جو اثر" شايع ڪرايائين، جنهن تي رايل سوسائٽي آف

گريٽ برٽن جي مخزن ۾ ڪنور ۽ جي ڊاڪٽر ڊيو سرست تبصرو ڪيو. ٻيءَ سازاھ جي علاوه ان ۾ لکيو ته "سون کي اجوڻ هندستاني شاگرد کو ورلي نظر آيو آهي، جو ٿوڙي خالص، شستہ ۽ بامحاوري انگريزي لکندو هجي". ڊاڪٽر داؤد پوٽي ۱۹۳۶ع ۾ Survey of Mass Education in India جي نالي سان هڪ خاص نوشتو ٻڌ لکيو، جنهن کي هندستان جي تقريباً سڀني تعليمي ماهرن ساراهيو. ازان سواءِ، هن فارسيءَ جي ڪيترن ئي ڪتابن کي ضروري حاشين ۽ تنقيدي نوٽن جي اضافي سان مرتب ڪيو. بمبئيءَ ۾ قيام جي آخري ڏينهن ۾ هن سنڌ جي ٻن فارسي تاريخن ـ "تاريخ معصومي" ۽ "چچ نامہ" کي مرتب ڪيو.

ڊاڪٽر موصوف کي اسلامڪ ريسرچ اسوسيئيشن بامبي طرفان عظيم سماجي ۽ فلسفي مورخ ابن خلدون جي تعارف جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ لاءِ چيو ويو. اهو ڪم مشڪل ترين ۽ نهايت محنت طلب هو، پر ڊاڪٽر داؤد پوٽي جانفشاني ڪري هن وقت تائين ان ڪتاب جو ٽيون حصو مڪمل ڪري ورتو آهي، جو هاڻي "پاڪستان هسٽاريڪل سوسائٽي" جي زيراهتمام شايع ٿي رهيو آهي. دعا آهي ته فاضل ڊاڪٽر حياتيءَ جا ڇڇها ڏينهن ماڻي، هن اهم ادبي ڪم کي پايہ تڪميل تي رسائي!

ملڪ جي ورهاڱي کان اڳ هندن، جن سنڌي ادب جي ترقي ۽ ترويج ۾ وڏو حصو ورتو هو، تن جي هندستان وڃڻ کان پوءِ جڏهن ته سنڌي ادب ۽ بولي ٿي روز بروز هٿي هوندي، تڏهن ڊاڪٽر داؤد پوٽي صاحب سنڌي ادب جي واڳاري ۽ سنڌي زبان جي سڌاري لاءِ نهايت ئي عظيم الشان قدم کنيا. هن جون لکڻيون سنڌي نثر جو بهترين مثال آهن. اهو ڊاڪٽر داؤد پوٽي هو، جنهن سنڌ جي قديم تصنيفن جي اشاعت لاءِ سنڌ گورنمينٽ کان هڪ لک رپيا منظور ڪرايا ۽ هاڻي سابق سنڌ گورنمينٽ طرفان قائم ڪيل "سنڌي ادبي بورڊ"، سنڌي ادب ۽ زبان جي ترقيءَ لاءِ انتهائي مفيد ۽ قابل قدر خدمتون سر انجام ڏئي رهيو آهي. ڊاڪٽر صاحب "سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي" جو ٻڌ ورين سر بنياد وڌو، جنهن جي فنڊ ۾ هن وقت اٽڪل پنج هزار رپيا موجود آهن.

ڊاڪٽر داؤد پوٽي "سنڌي ادبي سوسائٽي" جو پنهنجي سر بنياد وڌو، ۽ هاڻي ان جو پريزيڊنٽ آهي. قديم علمي شاهڪارن جي اشاعت لاءِ هن سوسائٽيءَ ۾ ياران ويهہ هزار رپيا گڏ ڪيا ويا، جن مان هن وقت تائين ٻہ ڪتاب "گل خندان" ۽ "ڪلام گرهوڙي" ڇپجي چڪا آهن.

هن وقت، ڊاڪٽر داؤد پوٽو، شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي جي مستند ايڊيشن تيار ڪرڻ جي ڪم ۾ منهمڪ آهي؛ ازان سواءِ "سنڌي ادبي بورڊ" طرفان تيار ٿيندڙ هڪ محيط سنڌي لغت جي نظرثاني جو ڪم ٻہ سندس سپرد آهي. اها ضخيم لغت ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي نگرانيءَ هيٺ تيار ٿي رهي آهي، ۽ اهو اڃو تہ مشڪل ۽ محنت طلب ڪم هو، جو ان جو ذمو هڻ تي هموار ڪرڻ جي شايد سنڌ ۾ ٻي ڪنهن شخص کي همت نہ ٿئي ها.

ڈاڪٽر داؤد پوٽي صاحب کي سنڌ جي فارسي تاريخ "تحفة الڪرام" جي ٽئين جلد جي ترتيب لاءِ ۾ڙ چيو ويو آهي، جيڪو مٿي چاڻايل "تاريخ معصومي" جو حصو ڇڻجي ٿو، ۽ سنڌ جي تاريخ کي ۱۱۷۵ هجريءَ سان وڃي ٿو ملائي. ابوالحسن ڏاهري جي اسلامي تصوف بابت فارسي تصنيف "ينابيع الحياة الابدية" جي ترتيب جو ڪم ۾ڙ ڈاڪٽر صاحب جي سپرد ڪيو ويو آهي، جو نهايت ئي دماغ سوز ۽ محنت طلب آهي. اهو ڪم هن کان اڳ پروفيسر خسرو جي سپرد ڪيو ويو هو. پر هو ان ڪم کي نباهڻ جي سلسلي ۾ ناڪامياب ٿيو ۽ واپس موڪلائي ڏنائين.

سن ۱۹۴۱ع ۾، گورنمينٽ آف انڊيا، ڈاڪٽر صاحب جي ادبي خدمتن جو اعتراف ڪندي، کيس "شمس العلماء" جو خطاب عطا ڪيو. سن ۱۹۵۵ع ۾ مصري حڪومت طرفان ڈاڪٽر موصوف کي عربي زبان جي "فواد انسٽيٽيوٽ" جو ڪرسپانڈنگ ميمبر (Corresponding member) نامزد ڪيو ويو، جو هڪ سنڌي اسڪالر لاءِ بيمثل عزت جو مثال آهي.

هن وقت ڈاڪٽر صاحب جي عمر ۶۰ ورهين کان وڌيڪ ٿيندي، ليڪن تعجب آهي جو ڄاڻ هن وقت به جوانيءَ جهڙي جوش ۽ ولولي سان ادبي خدمت ڪندو رهي ٿو، ۽ هر وقت محنت طلب تحقيقي ڪمن ۾ رڌل رهي ٿو. دعا آهي ته الله تعالىٰ جلشانه هن بزرگ شخصيت کي خضري عمر عطا فرمائي، ته جيئن هي پنهنجي خدمتن جي قافلي کي منزل مقصود تي پهچائي سگهي!

جناب الحاج سيد ميران محمد شاهه *

الحاج سيد ميران محمد شاهه، ۱۹ مارچ ۱۸۹۸ع ۾، ٽڪڙ تعلقي گولي ضلعي حيدرآباد ۾ ڄائو. ابتدائي تعليم گوٺ جي ملان اسڪول ۽ پرائمري اسڪول ۾ ورتائين، ۽ ان بعد ڪراچيءَ جي سنڌ مدرسي ۾ انگريزي پڙهڻ لڳو. ۱۹۲۱ع ۾، ڪراچي جي ڊي. جي. سنڌ ڪالج مان بي. اي. پاس ڪيائين، ۽ ۱۹۲۳ع ۾ بمبئي جي گورنمينٽ لا ڪالج مان ايل. ايل. بي. جو امتحان پاس ڪري، ۱۹۲۴ع کان وڪالت شروع ڪيائين. ساڳئي سال حيدرآباد جي ميونسپالٽيءَ جو ميمبر منتخب ٿيو، ۽ ۱۹۲۶ع ۾ ڪيس ڊسٽرڪٽ اسڪول بورڊ جو چيئرمن چونڊيو ويو. ۱۹۲۸ع ۾ بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل جو ميمبر چونڊيو ويو، ۽ ۱۹۲۹ع ۾ حيدرآباد ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جو پريزيڊنٽ منتخب ٿيو.

سنڌ کي بمبئي کان جدا ڪرڻ جي سلسلي ۾، سيد ميران محمد شاهه، "سائمن ڪميشن" (Symon Commission) ۽ لوٿين ڪميٽي (Lothian Committee) سان گڏجي ڪم ڪيو. اهي ڪوششون آخر سجايون ٿيون، ۽ ۱۹۳۶ع ۾ سنڌ کي بمبئيءَ کان ڌار ڪري خودمختيار صوبو بنايو ويو. ۱۹۳۷ع ۾، پهريون پيرو، سنڌ ليجسليٽو اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊجي ويو. ۱۹۳۸ع ۾ اسيمبليءَ جو اسپيڪر ٿيو، ۽ ڏهه سال انهيءَ عهدي تي فائز رهيو. ۱۹۴۶ع واري چونڊن ۾ پڻ سنڌ اسيمبليءَ تي چونڊجي ويو، ۽ ۱۹۳۸ع کان ۱۹۵۲ع تائين سنڌ سرڪار جو وزير ٿي رهيو. اتان کيس اسپين ۾ پاڪستان سرڪار طرفان سفير ڪري موڪليو ويو. اسپين کان واپس سنڌ اچڻ بعد، ۱۹۵۴ع ۾، ڪراچي "امپروومينٽ ٽرسٽ" (Karachi Improvement Trust) جو چيئرمن مقرر ٿيو، ۽ ۱۹۵۷ع ۾ انهيءَ عهدي کي ڇڏائين.

ادبي ميدان ۾ پڻ جناب شاهه صاحب جن ڪيترين ئي قابل قدر خدمتون انجام ڏنيون آهن. ۱۹۳۸ع ۾ حيدرآباد ۾ جيڪا سنڌي ادبي سوسائٽي قائم ٿي هئي، شاهه صاحب ان جو منتظم ۽ پريزيڊنٽ هو. انهيءَ سوسائٽيءَ ڪيترائي مفيد سنڌي ڪتاب شايع ڪيا، ۽ پڻ ادبي محفلون ۽ مشاعرا منعقد ڪري، سنڌي ادب ۽ سنڌي شاعريءَ کي زور ڏنايو. انهيءَ ٿي سوسائٽيءَ سنڌ ۾ پهريون زنانو مسلم هاءِ اسڪول ڪوليو، جيڪو اڄ تائين حيدرآباد جي ميمڻ محلي ۾ "مدرسة البنات" جي نالي سان قائم آهي.

---

* هن سوانح جو مدار، جناب شاهه صاحب وٽان انگريزيءَ ۾ پهتل مواد تي آهي. — مرتب

سن ۱۹۴۱ع ۾ سنڌ سرڪار سنڌي ادب ۽ بوليءَ جي واڌاري ۽ سڌاري لاءِ هڪ "سنڌي مرڪزي بورڊ" قائم ڪيو، جنهن سنڌيءَ جي لغت تيار ڪرڻ جي رٽ رٿي، ۽ ان لائق ادبين کي انعام ۽ معاوضا ڏيڻي، سڀن کتابن لکڻ لاءِ همٿايو. شاهه صاحب ۱۹۵۱ع تائين ڏهه سال انهيءَ بورڊ جو چيئرمن ٿي رهيو. ۱۹۵۱ع ۾ اڳيون بورڊ بدلائي نئون بورڊ وجود ۾ آندو ويو، جو هن وقت تائين قائم آهي. شاهه صاحب انهيءَ هاڻوڪي "سنڌي ادبي بورڊ" جو ان شروع کان وٺي ميمبر رهندو آيو آهي.

پنهنجي وزارت واري وقت ۾، سيد ميران محمد شاهه، شاهه عبداللطيف ڀٽائي عليه‌الرحمة جي سالياني ورسي ملهائڻ جي جيڪا شاندار روايت قائم ڪئي، سو سندس زندگيءَ جو هڪ جس جوگو ۽ قابل يادگار ڪارنامو آهي. ان وقت کان وٺي، هرسال، "شاهه لطيف يادگار ڪائونسل" جي اهتمام سان، پٽ شاهه تي شاهه ڀٽائي رحه جي سالياني ورسي وڏي ڌام ڌوم سان ملهائي ويندي آهي. شاهه صاحب انهيءَ ڪائونسل جو پريزيڊنٽ آهي. شاهه ڀٽائي رحه جي ڪلام ذريعي، تصوف جي فلسفي کي فروغ ڏيڻ ۽ مقبول بنائڻ لاءِ هيءَ ڪائونسل سنڌ اندر ڪافي ڪم ڪري چڪي آهي. 'ڪائونسل' سنڌي موسيقيءَ کي ان گهڻي قدر همٿايو آهي. هرسال ورسيءَ جي موقعي تي سڄيءَ سنڌ مان فنڪار اچي ميڙو مڇائيندا آهن، ۽ پنهنجو پنهنجو هنر ڪانفرنس ۾ پيش ڪري، داد ۽ انعام حاصل ڪندا آهن.

سياست ۽ ادب سان گڏوگڏ، شاهه صاحب تعليمي خدمتن ڏانهن ڀي متوجهه ۽ مائل ٿيندا رهيو آهي. ستر هن سالن تائين ٻهٽي يونيورسٽيءَ ۽ ان سان متعلق ادارن - مثلاً سنڌي بوليءَ جي تحقيقي بورڊ، وغيره - جو ميمبر رهي چڪو آهي. جڏهن سنڌ جي پنهنجي يونيورسٽي ڪلي، تہ شاهه صاحب کي ان جي سينيٽ، سنڊيڪيٽ، توڙي "اڪيڊمڪ ڪائونسل" (Academic Council) تي ميمبر نامزد ڪيو ويو. هن وقت ڀاڻ سنڌ يونيورسٽيءَ جي اڪيڊمڪ ڪائونسل جو ميمبر ۽ "فيڪلٽي آف آرٽس" (Faculty of Arts) جو "ڊين" (Dean) آهي.

سيد ميران محمد شاهه صاحب خود به هڪ سٺو اديب ۽ شاعر آهي. سندس مضمون مختلف رسالن ۽ مخزنن ۾ شايع ٿيندا رهيا آهن. سندس نثر جا ٻه ڪتاب، "گنجي ٺڪر جو سير" ۽ "دل جي طلب"، سنڌ يونيورسٽيءَ ٻارن، ڪاليج جي درسي لصاب لاءِ منظور ڪيل آهن. سندس مختلف نظم ان يونيورسٽي ۽ هاءِ اسڪول جي ڪورس جي ڪن ڪتابن ۾ شامل آهن.

حالانڪ عمر توڙي مصروفيت جي لحاظ کان شاهه صاحب کي هن وقت تائين پنهنجي علمي ادبي دلچسپين کي قائم رکڻ جو تمام گهٽ موقعو ميسر آهي، تاهم ٻه هو پنهنجي ادب ۽ بوليءَ جي خدمت جي خيال کي هردم تازو ٿو محسوس ڪري، ۽ اڄ تائين اڪثر قابل ذڪر مشاعرن ۽ محفلن ۾ شاهه صاحب جي موجودگيءَ کي ڪارروائي جي صدارت لاءِ مناسب ڄاتو وڃي ٿو، ۽ شاهه صاحب خود به غزل ۽ ڪافيءَ ۾ ساڳيءَ طرح طبع آزمائي ڪندو ٿو رهي.



سید میران محمد شاهہ

جناب عثمان علي انصاري *

منهنجو والد مرحوم، هدايت علي انصاري، سڪارپور ضلعي جي جنت آباد (البهڪ) ڳوٺ ۾ ڄائو هو. ۱۸۷۰ ڏاري سنڌ ۾ آيو. پوليس جي نوڪريءَ ۾ ڪهڙيو، ۽ ۱۹۰۱ ۾ جڏهن سيوهڻ جو انسپيڪٽر هو تہ وفات ڪيائين. منهنجي والده ميرپور ماٿيلي جي رلد خاندان مان هئي، جنهن مان والد صاحب کي هڪ نياڻي ۽ ٻہ پٽ ٿيا.

مون کي ٻڌايو ويو تہ مان ۲۱ آڪٽوبر ۱۹۰۱ع جي شڪارپور شهر ۾ ڄائو هوس. والد مرحوم کي ان وقت گذر ڪئي ٻہ مهينا ڪن ٿيا هئا. مون کي انهيءَ تاريخ تي اعتبار ڪونهي، ۽ لاچار ميونسپل آفيس جي رڪارڊ کي قبول ڪرڻ کان سواءِ ٻيو چارو ڪو ٿو ڏيکارجي.

منهنجي ابتدائي تعليم شڪارپور جي سنڌي اسڪول نمبر ۲ ۾ شروع ٿي، جڏهن اهو اسڪول هائيدر جي ٻاهران ان جاءِ تي هلندو هو، جت هن وقت مرحوم جان محمد خان ٻلاڻ جي اوطاق آهي. ٽئين درجي ۾ منهنجي مرحوم چاچي شيخ صادقعليءَ-جو ان وقت ميهڙ جو ڊپٽي ڪليڪٽر هو-مون کي گهرائي ميهڙ جي سنڌي اسڪول ۾ داخل ڪرايو. ميهڙ جي اسڪول مان چوٿون درجو پاس ڪري، آءٌ موٽي شڪارپور آيس تہ اڇي انگريزي پڙهان؛ ليڪن قدرت کي ڪجهہ ٻيو منظور هو: مون کي شڪارپور هاءِ اسڪول ۾ جاءِ ڪين ملي سگهي، ۽ مون وڃي مرحوم قاضي بهادرعلي شاهہ جو عربي مدرسو وسايو. ٻن سالن جي فارسي پڙهڻ کان پوءِ وري ٻہ چاچي مرحوم مون کي خيرپور گهرائي، خيرپور جي اي. وي. اسڪول ۾ داخل ڪرايو، جو اسڪول اڄڪلهہ "هائي اسڪول" جي نالي سان مشهور ٿيو. انهيءَ اسڪول ۾ آءٌ فقط ٻہ سال پڙهيس، ۽ ٻئي درجي پاس ڪرڻ سان وري مون کي لاڙڪاڻي جي ميونسپل اي. وي. اسڪول ۾ داخل ڪيو ويو. ٽيون ۽ چوٿون درجا اتي پاس ڪري، وري پنجين درجي ۾ مون کي خيرپور موڪليو ويو؛ ۽ ٻنا ڪنهن وڏيڪ درجي پاس ڪرڻ جي، آءٌ موٽي شڪارپور هاءِ اسڪول ۾ آيس، جتان ۱۹۱۸ع ۾ ميٽرڪ جو امتحان پاس ڪيم، ۽ الهيءَ سان ڪڏهن منهنجي اسڪولي زندگي ختم ٿي.

آءٌ پڙهڻ جو جڏهن ۽ راندين ۾ نهايت وڏو هوس. پنهنجي بدن ٻاهر جو ڏاڍو شوق، بلڪ جنون هوندو هوم؛ انهيءَ ڪري ڊنڊ ڪيڙ، ڀريون ڪٽڻ، بلڪ ملهون وڙهڻ ۽ ٻلهاڙو کيڏڻ ۾ ڪتابن پڙهڻ کان وڏيڪ شاهہ هوندو هوم. اسان جي پاڙي اوڙي جي

* هن سوانح عمريءَ جو مدار، جناب انصاري صاحب جي خود نوشت مواد تي آهي. -مرتب

فضا ان وقت اهڙي هئي، جو هر وقت پنهنجي جيڏن سرتن ۾ فقط بدلي قوت جي ديکا ديکي ڪئي ويندي هئي. مون ۾ قدرت اهي سڀ گالهيون رکيون هيون، جي ڪنهن نوجوان کي پهلوان بنائي ٽيون سگهن: بدن مضبوط هو، تندرستي سٹي هئي، برين عادتن ڏي خيال به ڪين ويندو هو، ۽ نهايت سادي غذا وٺندي هيم: ياد ٿو اچيم ته ڪڏهين به بيمار ٿيو هوس، يا پيٽ پري ڪاڏو ڪاڏو هوندم. سازي شڪارپور ۾ ڪوبه جوان مون سان منڍو ڪين ڏيئي سگهندو هو، نه وري ڪو دوڙڻ ۾ مون کان گوءِ ڪئي ويندو هو. بندوق به چگي هٿندو هوس، چو ته وڻي ۾ اهو شوق به سليو هوم. والد مرحوم جي نالي ٻڌندو ايندو هوس ته رائفل ميرعليمراد خان جهڙي هٿندو هو، ۽ چري جي بندوق ۾ سندس ٿاني ڪونه هو. منهنجي به ساري عمر اها ڪوشش رهي ته بندوق بازيءَ ۾ ڪنهن کان گهٽ نه هوان: مطلب ته انهن شونقن جيڪڏهن ڪتابن ڏي رجوع نه ڪيو، ته ڪم از ڪم هڪ سگهاري بدن ۽ بيداغ اخلاق جو مالڪ ضرور ٿيو.

ميٽرڪ پاس ڪرڻ سان جهوناگڙهه روانو ٿيس. هفتو ڪن ڪالج ڪلڻ کان اڳ وچي ٻهتس. سنڌ کان ٻاهر جي دنيا جو اهو منهنجو ٻهريون سفر ڪين هو، چو ته ۱۹۱۲ع ۾ چاچي مرحوم سان گڏ دهلي درٻار تي به ويو هوس. پر اهو اوجهائيءَ جو زمانو هو، هينئر ڪالج ۾ اچڻ سان ڪجهه پنهنجي نيڪي ٻڌيءَ ٻاٻت به سوچڻ لڳس. چاچو مرحوم گذر ڪري چڪو هو، تنهنڪري ٻي ڪا ننگ ٻال ٻهر ڪين هيم. سنڌ مان اسڪالرشپ ملي هيم، بس اهائي منهنجي ڪل ڪائنات هئي. وڏو ٻاءُ مرحوم غلام علي جيئن جو ۱۹۱۴ واري لڙائي ۾ پرتي ٿي ويو هو ته وري خبر به ڪين هئي ته جيئرو به آهي يا نه. ۲۰ جون جي ڪالج ڪليو، هفتو ڪن ته داخلائون ٻئي هليون، آخر باقاعدي ڪلاس شروع ٿيا. ٻهرئين ڏينهن ڪالج جا به 'فيلوز' آيا: ڪلاس جي حاضري وٺي، ڪلاس کي چيائون ته "اٽي ٻيهن اهي، جن حسابن ۾ ۲۰۰ مارڪن مان ۲۰۰ مارڪون کنيون آهن." انڪل روءِ اڏ ڪلاس اٽي ٻيٽو. وري چيائون، "اٽي ٻيهن اهي، جن ۱۹۰ مارڪون کنيون آهن." سنڌين مان هڪ مرحوم دل هو، انهيءَ سوڙا ٻيا گجراتي ۽ ڪاٺياواڙي هڙ اٽي ٻيٽا. مون پنهنجي عمر ۾ پن ڪان پٽتي رهجي وڃڻ جو عذاب ٻهريون دفعو محسوس ڪيو، ۽ ڪلاس جي دري مان ٽپو ڏيئي ٻاهر نڪتس. سڌو بورڊنگ ۾ اچي، ٽپڙ ٻڌي، اسٽيشن جي راهه ورتم. دوستن مان مرحوم آخوند رسول بخش گهٽوئي سمجهايو ته نه وڃ، پر مون ڪيس چيو ته 'جنهن ڪلاس جي سڀني شاگردن حسابن ۾ ايترين مارڪون کنيون آهن، تنهن ڪلاس ۾ ۲۰۰ مان ۵۰ مارڪن ڪٽ وارو آخر ڪهڙا ڦاڙها ويهي ماريندو؟ تنهن کان ڪنهن اهڙي ڪالج ۾ چوڪين وڃان، جت انڊن ۾ ڪاٺو راجا ٿي ويهان!'

ٿي ڏينهن واپس شڪارپور اچي ٻهتس. عزيزن مان ٻئي ته ڪنهن ڪين ٻڌيو، البت ٻيڙي ماءُ چگي ٿي ٻڌا ڪئي. مون ڪيس چيو ته 'جهوناگڙهه جي آبهوا ڪين ڀاڻءِ ٻئي، ڪٽرن چيو ته هليو وڃ نه ته سلهه ٿي ٻولدءِ!' تنهن جڏهن ٻڌو ته جهوناگڙهه هڪ اهڙي

منحوس بيماريءَ جو گهر آهي، تہ ڪٿي صبر ڪيائين. جولاءِ کان آڪٽوبر تائين شڪارپور ۾ رهي، ٻوءِ سڌو عليگڙهہ جو رستو ورتو. ۱۹۲۱ع ۾ انٽر پاس ڪري، ٽئي سال جي داخلا لاءِ عليگڙهہ ويس تہ وري هڪ وڏي مشڪل پيدا ٿي: ۱۹۲۱ واري خلافت هلچل شروع ٿي چڪي هئي، ۽ سنڌ مان به مسٽر جوٽيجو هاريسٽر پنهنجو اڪو ترڪو وڪيل هڪ اسپيشل ٽرين تيار ڪرائي، افغانستان ڏانهن هجرت ڪري رهيو هو. عليگڙهہ ۾ به مولانا محمدعلي مرحوم پنهنجي وڏي ڀاءِ ۽ مهاتما گانڌيءَ سان گڏ جي آيو، ۽ اڇي شاگردن کي چيائين تہ "ڪالج ڇڏي، گهرن ڏي هليا وڃو!" يونين هال ۾ جلسو ٿي رهيو هو تہ مون آڻي مهاتما گانڌيءَ کان پڇيو تہ "سائين، هيءَ ڪالج جو اوهين چڏايو ٿا تہ ڪو ٻيو ڪالج اوهان تيار ڪرايو آهي، جنهن ۾ وڃي تعليم وٺون؟" انهيءَ منهنجي سوال تي هڪدم مولانا محمدعلي اڻي ٻيٺو، ۽ مهاتما کان اجازت وٺي مون کي چيائين تہ "تاريخ پڙهي اٿئي؟" مون چيو، "هائو". چيائين، "روسين چڏهن ماسکو کي جلائي چڏيو هو، تہ ڪو ٻيو ماسکو به تيار ڪيو هٿائون ڇا؟" مون چيو تہ "نہ". تڏهن چيائين تہ "جهڙيءَ طرح روسين پنهنجي دشمنن کان بچڻ لاءِ پنهنجو گهرڪهاڙ پاري چڏيو هو، تهڙيءَ طرح اسين به پنهنجي طاقتور دشمن کان بچڻ لاءِ پنهنجا سڀ تعليمي ادارا ويران ڪرڻ کان ڪين گسنداسين؟" مون تي انهيءَ دليل ايترو تہ اثر ڪيو جو وري به ٽپڙ ڏي، دوستن کان موڪلائي، سڌي ٽڪٽ پشاور جي ورتم. مسٽر دين محمد عليگ ۽ پير الاهي بخش صاحب اسٽيشن تي چڏڻ آيا، ۽ مون روئي عليگڙهہ کان موڪلايو. منهنجي هجرت تي وڃڻ جو داستان به نهايت الم انگيز آهي، پر طوالت جي ڪري ڇڏي ٿو ڏيان. قصو ڪوتاهہ، پارهن ڏينهن جي ڏکن ڏولائن کان پوءِ، چاڪيءَ جي ڏاند وانکر اڇي گهر لڏم. خيال ڪيم تہ ڪراچي ڪالج ۾ داخلا وٺان، پر چاڪاڻ تہ ٽئي سال جا ٽرم وڃائي چڪو هوس، تنهنڪري خيرپور ميرس ۾ اڇي ناز هاءِ سکول ۾ ماسٽري ڪيم. بعد ۾ هڪ ٽرم لاءِ ڊي. جي. سنڌ ڪالج ۾ هوس، جنان ۱۹۲۲ع ۾ بروده ڪالج ۾ وڃي ٽئي سال جي ٻئي ٽرم ۾ داخلا ورتيم. ۱۹۲۳ع ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ مان بي. اي. پاس ڪري، ساڻئي سال وڌيڪ تعليم لاءِ انگلنڊ روانو ٿي ويس.

ڪالج جي چٽن سالن منهنجي عادتن، ذهنيت ۽ روش ۾ جو ڦيرو آندو، انهيءَ جو ذڪر ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان. عليگڙهہ ڪالج ۾ داخلا وٺڻ ڪان پوءِ مون ڏٺو تہ اسڪالرشپ جي ڏيهن روپين مان پورائو ڪين ٿي سگهندو، تنهنڪري اسڪول جي ڇوڪرن کي انگريزي ۽ خانگي طرح پاڙهڻ جو ڪم شروع ڪيم، ۽ پرنسپال صاحب جي مدد سان جلدئي ۳۵ روپين ماهوار جي هڪ ٽيوشن ملي ويئي. ڪمائڻ جي جوابداريءَ جي هار پوڻ سان، منهنجي دلچسپ مشغولين ۾ به ڪمي ٿيندي ويئي: شڪار ڪرڻ صفا بند ڪري چڏيم؛ بدني ورزشن جو سلسلو به سنڌ چڏڻ سان گهٽي پاڳي بند ٿي ويو ـ سواءِ راندين جي، جن ۾ ٽينس کيڏڻ جو ضابطو به عليگڙهہ ۾ ٽيو؛ طبيعت ۾ جا جهيڙي ڪرڻ جي عادت هئي، سا به گهٽو ٿائي پڄي ويئي. نهن ابترين دلچسپين کي بند ڪرڻ کان پوءِ، لازماً ڪتابن جو کٽلڻ ضروري هو. رفتي رفتي

پڑهڻ جي عادت ايتريقدر پئجي ويئي جو مطالعو ۽ هينئر منهنجو نهايت محبوب مشغولو بڻجي ويو. درسي ڪتابن کان ٻاهه اچي ٻوري 'لٽن' لئبريريءَ کي منهن ڏنو.

انهيءَ وچ ۾، ۱۹۲۰ع ۾، هڪ نامعلوم محسن وٽان مون کي هڪ چٺي چوڪي رقم چيڪ جي رستي عليگڙهه ۾ ملي، جا ٽن مهينن کان پوءِ خبر پيئي ته منهنجي وڏي ڀاءُ مرحوم غلام عليءَ ايران کان موڪلي هئي. انڪل روءِ آڻ مهينا اها رقم ماهوار ماندي رهي. مون انهن پيسن مان وڏو حصو بچائي، پنهنجي نالي بئنڪ ۾ رکي ڇڏيو هو، جو مون کي هروڏو واري زماني ۾ ڪم آيو.

انگلنڊ جي زندگيءَ جو احوال ۽ نهايت دلچسپ آهي، ليڪن هن مختصر خاڪي ۾ ڪين اچي سگهندو، تنهنڪري ٿوري تي اڪتفا ڪري فقط ايترو لکان ٿو ته ۱۹۲۵ع ۾، ايبر-اي ۽ جرنلزم ۾ ڊپلوما وٺي، واپس وريس.

۱۹۲۵ع جي آگسٽ ۾، انگلنڊ کان واپس اچي، "بمبئي ڪرانيڪل" جي سيد بريلويءَ وٽ ڪم شروع ڪيم، ته هڪ هفتي الدر خانبهادر، ۽ بعد ۾ سر غلام حسين هدايتالله هولي ۾ گهرائي چيو ته سنڌ ۾ نوڪري ڪر. مون عرض ڪيو ته جي تعليم کاتي ۾ چار سو روپيا پگهار ڏيندا، ته ڪندس. ٻه مهينا ڪن لکپڙهه هلي، انهيءَ کان پوءِ مون کي ميرپورخاص جي مدرسي هاءِ اسڪول ۾ هيڊ ماسٽر ڪري رکيائون. ۲۷ نومبر ۱۹۲۵ع وڃي چارج ورتم، جتان وري ۱۹۲۷ع ۾ نوشهري فيروز بدلي ڪيائون. نوشهري فيروز ۾ ۱۹۳۳ع تائين رهيس، جتان وري ميرپورخاص بدلي ٿي آيس. ۱۹۴۰ع ۾ ميرپورخاص مان ڪراچيءَ ايڊوڪيشنل السپيڪٽر ٿي آيس. ۱۹۴۷ع ۾، ميرپورخاص کان حيدرآباد ويندي، موٽر جي اونڌي ٽيڪري ڏڪ لڳا. فيبروريءَ کان ڊسمبر تائين زيرعلاج رهيس. انهيءَ وچ ۾ هڪ ايڊيوڪيشنل السپيڪٽر جي هدران سنڌ ۾ ٻه رکيا ويا، ۽ ڊسمبر ۾ جڏهن موٽي نوڪريءَ تي چڙهڻ جهڙو ٿيس ته ايس. ٽي. ڪاليج ۾ پرنسپال ڪري رکيائون. چئن سالن کان پوءِ، ۱۹۵۱ع ۾، ڊي. پي. آءِ. جي عهدي تي آيس، جتان تازو ۱۹۵۷ع جي آڪٽوبر ۾ پينشن تي آيو آهيان.

ٻيهن سالن جي نوڪريءَ ۽ ازدواجي زندگيءَ منهنجي مشغولين ۽ عادتن تي ڪو اهڙو خاص اثر ڪين ڪيو: البت راندين جو مشغولو پهريان ڏهه سال ڪن جاري رهيو، جو بعد ۾ فقط ٽينس راند تائين محدود ٿي رهجي ويو؛ شڪار جو چاهه ۱۹۴۷ع تائين تمام گهٽو ٿي ويو، پر ۱۹۴۷ع جي موٽر واري حادثي کان پوءِ چاڪاڻ ته عضون جواب ڏيئي ڇڏيو هو، تنهنڪري لاچار ڇڏڻو پيو، ۽ انهيءَ جي جاءِ تي لکڻ پڙهڻ جي مشغولي وڏي ويئي. پينشن کان پوءِ، جو وقت آفيس جي ڪم کان بچيو اٿم، تنهن کي وري پنهنجي فارم جي حوالي ڪيو اٿم؛ جو ته ڪيئي سال ٿيا ته والٽر جي هڪ ڪتاب ۾ پڙهيو هيم ته "ڪنهن به مشغوليءَ جو له هجڻ، حياتيءَ جي ختم ٿيڻ جي برابر آهي... سڀ انسان نيڪ آهن، سواءِ انهن جي جن کي ڪو مشغولو ڪونهي". نوڪريءَ واري زماني ۾ جي ڪتاب اڌورا ڇڏي ڏنا هئم، تن کي مڪمل ڪرڻ جو ڪم به ڪندو ٿو رهان.

جناب آغا تاج محمد خان *

مدت، مديد کان سنڌ جي سرزمين الدر آباد ٽيل افغان خالدان جي شاخ، جنهن سکر ضلعي ۾ وڃي سکونت ورتي، تنهن مان مکيہ آغا تاج محمد خان جا اباڻا هنا. هن جي پنهنجي زمينداري، سکر شهر کان لون ميل تي، باگڙجي ڳوٺ جي پسگردائيءَ ۾ هئي، تنهنڪري هن باگڙجي جي ڳوٺ کي همیشه لاءِ پنهنجو وطن ڪري ورتو. باگڙجي جي پٺاڻن مان آغا شهاب الدين جو خالدان هڪ مشهور خاندان آهي. هن صاحب انڪل اسي ورهين جي ڄمار ۾ رحلت ڪئي، ۽ پٺيان ٻہ فرزند ڇڏيا: هڪ آغا واحد بخش خان، ۽ ٻيو آغا عبدالمجيد خان. آغا واحد بخش خان جو واحد فرزند، آغا شمس الدين خان، لاولد ئي فوت ٿي ويو؛ تنهنڪري آغا شهاب الدين جي سموري خاندان جا وارث هن وقت آغا عبدالمجيد خان جا ٻئي فرزند ــ هڪ آغا پير محمد خان، آغا تاج محمد خان، ۽ آغا داد محمد خان ــ آهن.

آغا تاج محمد خان ۱۶ سپٽمبر ۱۹۰۳ع ۾ باگڙجي (تعلقو سکر) جي ڳوٺ ۾ تولد ٿيو. پنهنجي خاندان جي رواج موجب، هن کي پهريائين ڪلام پاڪ جي تعليم ڏيئي، ۽ ڪجهہ پارسي پڙهائي، هوءَ ڳوٺ جي سنڌي سکول ۾ داخل ڪيو ويو، جتي هن پهريائين پنج درجا سنڌيءَ جا پاس ڪيا. والد بزرگوار جي طرفان سندس نسل افغاني هو ۽ والده ماجده جي طرفان ايراني هو، تنهنڪري ابتدا کان ئي سندس سنڌي ٻوليءَ ۾ پارسيءَ جي آميزش گهٽيري هئي. ڪيس نئين پڙ کان ئي سنڌي زبان ۾ تقرير سان ايتري تہ دلچسپي هئي، جو سنڌي اسکول جي هر تعليمي جلسي ۾ ڪانئس اسکول جي شاگردن طرفان تقرير ڪرائي ويندي هئي.

ثانوي تعليم حاصل ڪرڻ جي خيال سان، آغا تاج محمد خان کي سکر شهر جي ميونسپل هاءِ اسکول ۾ داخل ڪيو ويو. سندس وڏن جي دلين تي، غلط يا صحيح، اهو خيال ويٺل هو تہ خاندان ٻار جڏهين بورڊنگ هائوس ۾ داخل ٿين ٿا تہ عام شاگردن سان لهہ وچڑ ۾ اچڻ ڪري غلط ماحول جو شڪار ٿي وڃن ٿا؛ تنهنڪري آغا تاج محمد خان کي پنهنجي وڏي ڀاءُ سان گڏ، سکر شهر جي غريب آباد واري حصي ۾، مسواڙي جاءِ وٺي رهايو ويندو هو، جتي سندن ڪاڏي ويتي جو بندوبست ساڙي واري ڪنهن شريف گهر ۾ رکيو ويندو هو، جتان کين روڊل پکل ڪاڏو منجهند ۽ رات جو ملندو هو؛ باقي صبح جي مالي هو پنهنجي هٿن سان پاڻ ڪري ڪائيندا هئا. هي سلسلو ۱۹۲۱ع تائين هليو، جيستائين آغا تاج محمد خان جو وڏو

* هن سوانح عمريءَ جو مدار، آغا صاحب جي خود نوشت مواد تي آهي ــ مرتب

ياءِ، آغا پير محمد خان، ميٽرڪ پاس ڪري ويو. هاڻي هڪ اڪيلي لينگر ڪي اڪيليءَ جاءِ ۾ رهائش، والدين لاءِ مشڪل ٿي پيو- خصوصاً جڏهين ڪيترن موقعن تي ڪين پنهنجي مائي ڪرڻي ٿي پئي. آغا تاج محمد خان جي خوش قسمتيءَ سبب، ان وقت سنڌ نئين ۽ ڦاٽ ميرزا حسن علي باگڙجي مان ڪن مجبورين سبب لڏي اچي روهڙيءَ ۾ ويٺو؛ تنهنڪري آغا تاج محمد، جو ان وقت پنجون درجو الگريزي پڙهندو هو، تنهن کي روهڙيءَ ۾ پنهنجي ڦاٽ جي گهر ۾ رهايو ويو؛ جتان هر روز صبح جو هو ميونسپل هاءِ اسڪول سکر ۾ پڙهڻ واسطي ايندو هو، ۽ شام جو واپس ويندو هو- ڇا لاءِ ته ان وقت روهڙيءَ ۾ ڪوبه هاءِ اسڪول ڪونه هو.

سکر هاءِ اسڪول ۾ سنڌس پارسي زبان جي پڙهائي لائق ۽ فائق استاد قاضي علي رضا صاحب جي حوالي هئي، جنهن جي دلچسپيءَ سبب ان سکر ضلعي ۾ هڪ جملي سنڌ جي ثانوي تعليم جي اسڪولن جي تاريخ ۾ شايد پهريون ۽ ٻيون دفعو پارسي بيت بازيءَ ۾ مختلف اسڪولن جي وچ ۾ مٿچون يعني چٽاپيٽيون ٿيندي هيون. ان سلسلي ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول شڪارپور ۽ ميونسپل هاءِ اسڪول سکر جي وچ ۾ جا فارسي بيت بازيءَ ۾ چٽاپيٽي ٿي گذري، سا قابل ذڪر آهي. گورنمينٽ هاءِ اسڪول شڪارپور ۾ پارسي زبان جو استاد، سنڌ جو مشهور ادیب ۽ عالم، سيد عطاحسين شاهه موسوي هو. هن صاحب سکر هاءِ اسڪول جو چئلينج قبول ڪري، سکر هاءِ اسڪول جي بيت بازيءَ جي ٽيم پاڻ وٺ گهرائي. هن ٽيم ۾ سکر هاءِ اسڪول جي طرفان ٽي شاگرد موڪليا ويا هئا، جن ۾ آغا تاج محمد خان، جو ان وقت ڇهون درجو پڙهندو هو، سو هڪ هو؛ ٻين ٻن ۾ مڪيه پيرزاده عبدالستار صاحب (موجوده مغربي پاڪستان جو مالي وزير) هو، جو ان ساڳئي وقت ساڳئي اسڪول ۾ ميٽرڪ ڪلاس ۾ پڙهندو هو. مقابلي لاءِ ايتري مڪمل تياري ڪيل هئي، جو ان وقت هرهڪ کي گهٽ ۾ گهٽ ٽي هزار پارسي بيت ياد هتا. هيءَ چٽاپيٽي نهايت دلچسپ رهي: وقت پورو ٿي ويو، مگر مئچ جو فيصلو ٿي نه سگهيو. هن چٽاپيٽيءَ ۾ آغا تاج محمد خان جو مڪيه حصو هو.

سال ۱۹۲۵ع ۾، سکر هاءِ اسڪول مان ميٽرڪ پاس ڪرڻ بعد، هي صاحب ڏي. جي سنڌ ڪالج ڪراچيءَ ۾ داخل ٿيو، جتان سال ۱۹۲۹ع ۾ بي. اي. امتحان پاس ڪيائين. ڪالج وارو سمورو عرصو، سنڌ مدرسي الدر ماستريءَ جي ملازمت ڪندو رهيو؛ ڇا لاءِ ته هڪ طرف ڪيس پڙهائيءَ جي ڏيڻي سان ذاتي دلچسپي هئي، ۽ ٻئي طرف هيءَ هڪ پيدائش جو ذريعو پڻ هو.

سنڌ مدرسي اندر خصوصاً، ۽ ساري ڪراچيءَ اندر عموماً، آغا تاج محمد خان تقرير ۾ تمام چڱو نالو ڪڍيو. هن سلسلي ۾ هڪ واقعو نهايت دلچسپ آهي: سن ۱۹۳۰ع ۾ جڏهين مرحوم مغفور (قائد اعظم) محمدعلي جناح سکر جيل اندر پير صاحب پاڳاري جي طرفان پهريون ڪيس هلائڻ واسطي تشريف فرما ٿيو هو، تڏهين ڪيس عيد جي موقعي تي مسلم جيم خانه ڪراچيءَ جي طرفان خاص طرح دعوت ڏيڻي تقرير جي چٽاپيٽيءَ جي جلسي جي صدارت واسطي گهرايو

ويو هو. هيءَ چٽاييءَ خاص طرح مسلمانن جي وچ ۾ هئي، جنهن ۾ ڏهن ڇڻ ڀهرو ورتو. انهن مان ڀهريون لمبر جي. الانا صاحب کي مليو، جو هن وقت مغربي پاڪستان جي اسيمبليءَ جو مسلم ليگ پارٽيءَ جو مکيه رکن آهي، ۽ ٻيو نمبر آغا تاج محمد خان کي مليو. هن تقريري چٽاييءَ جي فيصلي لاءِ جيڪي ٽي جج مقرر ڪيل هئا، تن ۾ ڀهريون سنڌ جو سابق چيف جج طيبجي صاحب هو؛ ٻيو شمس العلماء ڊاڪٽر دائود پوٽو صاحب، سنڌ جو ماڻ ناز اديب.

آغا صاحب ماستريءَ جي فن ۾ اهڙي نمايان ڪاميابي حاصل ڪئي، جو ڪيس پندرهن - ويهن سالن جي تجربيڪار ماسترن تي ترجيح ڏئي، سنڌ مدرسي بورڊ، سال ۱۹۳۱ع ۾، بي. ٽي. واسطي مسلم يونيورسٽي عليگڙهه ڏانهن اماٽيو. هن صاحب عليگڙهه ۾ اهڙو نالو ڪڍيو، جو سال ۱۹۳۲ع جي بي. ٽي. امتحان ۾ ڊبل فرسٽ ڪلاس حاصل ڪيائين؛ يعني، فقط تحريري پيپرن ۾ فرسٽ ڪلاس فرسٽ، مگر پڙهائيءَ جي پريڪٽيڪل امتحان ۾ ٽئي فرسٽ ڪلاس فرسٽ حاصل ڪيائين. نه فقط ايترو، مگر هنهي امتحانن جي ٽوٽل ۾ ساري يونيورسٽيءَ ۾ ڀهريون لمبر ڪنيائين. هيءَ امتيازي حيثيت، يڪدم طور سان ممتاز آهي. هن لاءِ مسلم يونيورسٽي عليگڙهه طرفان ڪيس انهيءَ سال جي ڪنووڪيشن ۾ خاص انعام عطا ٿيل آهي.

بي. ٽي. پاس ڪرڻ بعد، هن صاحب ڪراچيءَ ۾ سنڌ جي ماسترن جي جا خاص خدمت ڪئي آهي، سا قابل تعريف آهي. هن صاحب ڪراچيءَ ۾ ايس. ٽي. سي. ڪلاس شروع ڪيا، جن ۾ سندس دعوا هئي- "ايس. ٽي. سي؛ ٽن هفتن الدر!" ان جو نمايان نتيجو نڪتو جو سندس ايس. ٽي. سي. مان في صدي ۹۹ ماستر پاس ٿيندا رهيا، جن ۾ ۷۵ في صدي شاگرد فرسٽ ڪلاس ڪڍندا رهيا، جنهن ڪالهه ڪيس تعليم جي طبقي ۾ ڪافي شهرت ڏني.

سال ۱۹۳۵ع ۾ آغا تاج محمد خان سکر ڊسٽرڪٽ اسڪول بورڊ ۾ فرسٽ ايڊيوڪيشنل سپروائيزر مقرر ٿي ويو، جتان سندس قدرشناسي ڪري هندرهن مهينن اندر ڪيس لاڙڪاڻي ضلعي ۾ ائڊمنسٽريٽو آفيسر ڊسٽرڪٽ اسڪول بورڊ جي عهدي تي چونڊيو ويو. لاڙڪاڻي ضلعي ۾ هن مرڪزي اسڪولن ۾ ششماهي امتحانن جي عيوض تعليمي ڪانفرنسن جو سلسلو شروع ڪيو، جنهن پڙهائيندڙ طبقي ۾ ڪافي سجاڳي پيدا ڪئي. سن ۱۹۴۰ع ۾، جڏهين صوبائي حڪومت اسڪول بورڊن جو سلسلو ختم ڪيو، تڏهين هي صاحب، ڪلاس سيڪنڊ، سنڌ ايڊيوڪيشنل سروس ۾ ڪنيو ويو. تعليم سان گڏ آغا صاحب جيڪو سوشل سروس جي سلسلي ۾ نمايان ڪم ڪيو، تن خدمتن جي اعتراف ۾ ڪيس جون ۱۹۴۱ع ۾ "قيصر هند" جو تمغو عطا ٿيو.

سال ۱۹۴۲ع ۾، جڏهين هو نواب شاهه ڊسٽرڪٽ اسڪول بورڊ جو ائڊمنسٽريٽو آفيسر هو، تڏهين، سندس لياقتن ۽ علمي سرگرمين کان متاثر ٿي، ڪيس خيرپور رياست جو ڊي. پي. آءِ. مقرر ڪيو ويو، جو ممتاز عهدو هن برابر پنج سال نهايت ڪاميابيءَ سان هلايو. انهيءَ عرصي ۾ آغا صاحب سرمائيدارن طرفان انتهائي مخالفت جي منهن ۾ لازمي تعليم رائج ڪئي. خيرپور رياست اندر هن صاحب جيڪو تعليمي ترقيءَ واسطي پاڻ پتوڙيو، تنهن جي اعتراف ۾ ڪيس

سال ۱۹۴۵ع ۾ "خالصاحب" جو لقب عطا ٿيو. سنڌ جي تعليم کاتي جي جملي آفيسرن ۾ هيءَ نندي ۾ نندي عمر جو آفيسر هو، جنهن کي اهو لقب انهيءَ عمر ۾ عطا ٿيو. خيرپور رياست ۾ هن صاحب لاقابل فراموش نالو ڇڏيو آهي.

سال ۱۹۴۷ع ۾ جڏهين سنڌ يونيورسٽي وجود ۾ آئي، تڏهين آغا صاحب کي سنڌ يونيورسٽيءَ جو پهريون رجسٽرار ڪري مقرر ڪيو ويو. هن عهدي کي آغا صاحب نهايت ڪاميابيءَ سان هلايو، ۽ ڪراچي الدر تعليمي طبقي ۾ پاڻ کي اهڙو مشهور ڪيو جو ۱۹۴۹ع جي سپٽمبر-آڪٽوبر ۾ جيڪا دنيا جي مشهور يونيڪسو (Unesco) ڪانفرنس ٿي، تنهن ۾ پاڪستان جي ٽن ڇٽن جي وفد ۾ آغا صاحب کي ميمبر-سيڪريٽريءَ طور موڪليو ويو هو. اها ڪانفرنس پيرس ۾ منعقد ٿي هئي، جنهن ۾ آغا صاحب پاڻ تمام چڱو موڪيو.

سال ۱۹۵۲ع ۾ اقوام متحده جي اقتصادي ۽ سماجي ڪائونسل جو اجلاس جو نيويارڪ (آمريڪا) ۾ اپريل کان جولاءِ تائين منعقد هو، تنهن ۾ آغا صاحب پاڪستاني وفد جو هڪ ڪارگر ميمبر هو. ان وفد، سيد امجدعلي (جو هن وقت مرڪزي مالي وزير آهي) جي سرڪردگيءَ هيٺ، تمام چڱو ڪم ڪيو. هن اجلاس ۾ يونيسڪو (Unesco) رپورٽ تي جا آغا صاحب تقرير ڪئي هئي، سا هڪ يادگار تقرير آهي. سنڌ جي مشهور معروف ۽ بي لظير مقرر مسٽر الهه بخش بروهي صاحب کان پوءِ، آغا تاج محمد خان پيو سنڌي آهي، جنهن جو نالو اقوام متحده جي پليٽ فارم تي ياد رهندو.

سال ۱۹۵۷ع ۾، تعليمي ماهرن جي مٿا سٿا جي اسڪيم جي ماتحت، آمريڪا جي حڪومت، خاص دعوت ڏيئي، آغا صاحب کي، آمريڪا جي تعليمي ماهرن سان تبادلہ خيالات ڪرڻ خاطر، ٽن مهنن جي سرڪاري دوري واسطي، آمريڪا گهرايو. اهو دورو هو صاحب نهايت ڪاميابيءَ سان پورو ڪري، پاڪستاني تعليمي ماهرن جو بول بالا ثابت ڪري، واپس آيو آهي. آغا صاحب جيڪي آمريڪا جي تعليمي ادارن ۽ يونيورسٽين ۾ تقريرون ڪيون، سي يادگار رهنديون. پاڪستان جي يونيورسٽين ۾ هيءَ پهريون رجسٽرار آهي، جنهن کي هن قسم جو اعزاز حاصل ٿيو آهي.

سال ۱۹۴۷ع کان اڄ ڏينهن تائين، آغا صاحب سنڌ جي سرتاج شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ورسين ملهائڻ ۾ جا جوان همتي ڏيکاري آهي، سا بيشڪ تحسين جي لائق آهي. هن صاحب، سيد ميران محمد شاهه جي قابل احترام هدايتن هيٺ، "لطيف يادگار ڪاميٽيءَ" جو بنياد وڌو آهي، جا هن وقت هڪ باقاعدي رجسٽرڊ جماعت آهي، ۽ جنهن کي پنهنجو منظور شده دستور آهي. هن ڪاميٽيءَ جي ماتحت، هر سال، پٽ شاهه تي ڀٽائي بزرگ جي شايان شان ڏاڍ ڏوم سان سندس ورسي ملهائي وڃي ٿي، جنهن ۾ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان اعلىٰ اديب ۽ شيرين زبان شاعر، پنهنجا مقالا ۽ اشعار پيش ڪري، 'شاهه' جو پيغام ۽ ڪلام عوام اڳيان پڙهندا آهن. آغا صاحب عموماً هر اهڙي موقعي تي، جتي "يوم لطيف" ملهايو

وڃي ٿو، پنهنجي سر ۾اڻ تڪليف وٺي پهچندو آهي، ۽ پنهنجي ماٿر ۽ مقبول تقريرن ذريعي انهيءَ ڳالهه جي اشاعت ڪندو رهندو آهي ته سنڌ جي تهذيب ۽ تمدن، سنڌ جي اصليت، روايت ۽ حڪايت جو اولين علمبردار شاهه صاحب هو، تنهنڪري سنڌ ۽ سنڌين تي لازمي آهي ته شاهه جي پيغام کي عام تائين پهچائين. اڇڪلهه جو هر طرف ڪان لطيفي لات ڪٽن تي هوندي رهي ٿي، تنهن تحريڪ جا سهرا سيد ميران محمد شاهه ۽ آغا تاج محمد صاحب جي سرن تي سوڻهن ٿا.

آغا صاحب عموماً سڀ اهي ڪتاب تصنيف ڪيا آهن، جيڪي سنڌ جي سنڌي خواهه انگريزي سڪولن ۾ درسي يا انعامي طور رائج آهن. سندس لکيل درسي ڪتابن جي فهرست مان، سنڌي گرامر ۽ ماضيءَ ۾ منظور ٿيل ميٽرڪ ڪلاس جو سنڌي نصاب قابل ذڪر آهن. سندس سنڌي گرامر پاڻ هيو نهايت مقبول نڪتو آهي، جو هندستان جي اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ اڻ پڙهايو وڃي ٿو. هن گرامر جو هيون حصو، جنهن ۾ تفريق ۽ تقطيع جا اصول بيان ڪيل آهن، سو قابل تعريف آهي. درسي ڪتابن کان سواءِ آغا صاحب جيڪي ڪتاب لکيا آهن، تن ۾ "بوستان سعدي" جو سنڌي زبان ۾ منظوم ترجمو وڏيءَ محنت ۽ محبت جو نتيجو آهي. هن ڪتاب کي ڪافي شهرت حاصل آهي.

هن وقت آغا صاحب جي عمر ٽيولجاهه سال ٽيندي. هڪيءَ طرح هو پراونشل ايڊيوڪيشن سروس ۾ فرسٽ ڪلاس آفيسر آهي، مگر سال ۱۹۴۷ع کان سندس خدمتون سنڌ يونيورسٽيءَ جي سپرد ڪيل آهن، جتي هن وقت هو سنڌ جي ممتاز هستي علامه آءِ. آءِ. قاضي جي اعليٰ رهبريءَ هيٺ پنهنجا فرائض سرانجام ڏيئي رهيو آهي.

آغا صاحب کي ٽي فرزند آهن. سندس وڏو فرزند، آغا شهاب الدين "بشير"، ماشا الله پنهنجي والد جي نقش قدم تي هلي، تقرير جي فن ۽ ميدان عمل ۾ ڀهچي چڪو آهي. ڊسمبر ۱۹۵۷ع ۾ گورنمينٽ ڪاليج حيدرآباد ۾ جيڪو ڪل پاڪستان سنڌي تقريرن جو مقابلو ٿيو، تنهن ۾ ڪيس الفرادي طرح پهريون انعام عطا ٿيو، ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جي تاريخ ۾ پهريون دفعو امتيازي شيلڊ (Sheild) جا سنڌ يونيورسٽيءَ کٽي، سا آغا شهاب الدين جي طفيل هٿي. سندس ٻيو فرزند، آغا عبدالمجيد "نظير" مشنريءَ جي ڪر ڏانهن مائل آهي، تنهنڪري هو انجنيري لائين لاءِ تيار ٿي رهيو آهي. ٽيون فرزند، آغا شمس الدين "شبير"، پاڪستان فوج لاءِ وقف ڪيل آهي، جنهن کي ابتدا کان آغا صاحب انهيءَ قسم جي تربيت ڏني آهي.

آغا صاحب منصبي طرح ته رجسٽرار آهي، مگر سندس دلي ميلان ۽ رجحان ماسٽريءَ جي فن سان آهي. باوجود موجوده منصبي مجبورين ۽ مشغولين جي، آغا صاحب ماسٽرن جي سکيا ۾ هروقت دلچسپي وٺندو رهندو آهي، جنهن مان ثابت آهي ته فطرتي طور سان (Essentially) هو معلم آهي، "تا دم مرگ معلم ٿي رهڻ" سندس دلي تمنا آهي.

فقير الله بخش "سرشار" عقيلي *

حاجي الله بخش ولد حاجي حافظ محمد صديق عقيلي ٿنويءَ جي ڪتب جي نسبت حضرت علي ڪرم الله وجه جي وڏي پاڻ حضرت عقيل بن ابي طالب رضي الله عنه ڏانهن آهي. انهيءَ لحاظ سان هي حضرت نبي پاڪ صلي الله عليه وسلم جي خاندان "بني هاشم" جي هڪ شاخ آهي. حضرت عقيل جي چوڏهن فرزندن مان نائون نمبر فرزند، حضرت مسلم بن عقيل، سيد الشهداء حضرت امام حسين عليه السلام جي ياران ڪوفين وٽ اڳواٽ نائب ڪري موڪليو ويو هو، جو ذوالحج سن ٦٠ هجريءَ ۾ ڪوفي ۾ شهيد ڪيو ويو. آن ڪان سواءِ، حضرت امام عليه السلام سان گڏ ڪربلا جي ميدان ۾ ڏهين محرم سن ٦١ هجريءَ تي جن اٺهتر ڇڻن شهادت پاتي، تن ۾ اڑهن ڇڻا سندن اولاد هٿ، جن مان پنج ڇڻا سندن چاچي حضرت عقيل جي اولاد مان هٿا: آنهن مان ٻي حضرت عقيل جا فرزند هٿا ـ عبدالرحمان، جعفر ۽ عبدالله ـ، ۽ ٻه حضرت عقيل جا پوٽا هٿا ـ عبد بن مسلم، ۽ محمد بن ابي سعيد.

صحابه ۽ تابعين جي زماني ۾ جن بزرگن جو احوال "عقيلي" جي نسبت سان ملي ٿو، تن جو ذڪر "سرشار" صاحب پنهنجي ڪتاب "انوار سُهيل، تذڪرهٔ آل عقيل" ۾ ڏنو آهي. چوٽين صدي هجريءَ ۾ امام ابو جعفر عقيلي ٿي گذريو آهي، جنهن جو علم حديث جي فن جرح و تعديل تي ڪتاب "رجالِ عقيلي" جي نالي سان مشهور آهي. ساڳئي زماني ۾، مصر جي فاطمي خليفي "المعز" جي ياران، ابن موهوب عقيلي دمشق جو گورنر هو. خليفي المعز جي پوٽي خليفي الحاڪم جي ياران، حسن بن حيدره عقيلي شام جي دروزي قبيلي ڏانهن فاطمي ـ داعيءَ طور موڪليو ويو هو. الهيءَ حسن عقيليءَ جو پائٽيو ابوالحسن بن علي بن حيدره عقيلي، خليفي الحاڪم جي فرزند خليفي الظاهر جو درٻاري شاعر هو. انهيءَ فاطمي خليفي الحاڪم جي والد، خليفي العزيز، پنهنجي ياران، چوٽين صدي هجريءَ ۾، جلم بن شيبان کي مصر مان فوجي مدد ڏيئي، جهازن ۾ چاڙهي، ديبل بندر جي رستي سنڌ ڏانهن موڪليو هو، ۽ جلم بن شيبان ملتان فتح ڪري آڻي پنهنجي حڪومت قائم ڪئي. آن ڪان پوءِ ٻه ورهي، جلم بن شيبان جي هڪ جانشين ابوالفتوح داؤد بن نصر بن حميد جي زماني ۾، چوٽين صدي هجريءَ جي پوئين سال، يعني ٣٩٩ هجري ۾، هڪ ڀيرو مصر کان فوجي امداد ۽ داعي ڪٽي ديبل بندر پهتو. انهن داعين جي ذريعي جيڪي سنڌ جون مڪاني قومون مسلمان ٿيون، تن ۾ 'سومرا' سمجهيا

* هن سوانح عمريءَ جو مدار، "سرشار" صاحب کان پهتل مواد تي آهي. ـ مرتب



جناب الله بخش "سرشار" عقيلي

وڃن ٿا، ۽ ۴۲۳ھ هجريءَ ۾ خود درواز جي اسماعيلين آنهن جي سردار "ابن سومار" کي ملتان جي اسماعيلي حڪومت جي مدد لاءِ لڪيو هو. بهرحال، ديبل بندر (ٺٽي جي ٻسگردائي) ۾ عقيلي ڪنب جي اڃ وڃ انهيءَ زماني ۾ ئي معلوم ٿئي ٿي.

ٺٽي جي عقيلي ڪنب جو جد اعليٰ قاضي قاضن بن محمد قاسم هو، جو مغليہ نواب جي زماني ۾ ٺٽي ۾ سڪونت رکندڙ هو، ۽ جنهن ڏانهن منسوب ٽيل هڪ ٽنب جو ڪجهہ ڀڳل حصو اڃ تائين ٺٽي جي مولوي محلي ۾، عقيلي ڪنب جي گهرن جي ڀر ۾، يادگار طور قائم رکيو ويو آهي. هن جي نسل ۾ قاضي، مفتي ۽ مولوي تمام گهڻا ٿيا، جنهنڪري اهو محلوئي "مولوي محلو" سڏجڻ ۾ آيو، ۽ اڃ تائين انهيءَ نالي سان سڏجي ٿو. "سرشار" جو ڏاڏو قاضي گل محمد بن محمد رفيع عقيلي، انگريزن جي اوائلي دور ۾ ڪجهہ حصو حيدرآباد جي شهر ۾ قضا جي عهدي تي هو.

مولائي شيدائي صاحب پنهنجي ڪتاب "تاريخ بلوچستان" ۾ لکيو آهي:

"لس ٻيلي ۾ گهڻيون قومون آباد آهن، جن مان مکيہ قوم سمہ آهي. هن قوم جون ٻہ وڏيون شاخون آهن: هڪڙا رونجها، جي اڳ حاڪم هٽا؛ ۽ ٻيا جاموٽ، جي هن وقت حاڪم آهن. مٽين بن قومن کان سواءِ، ٻيون ٻہ وڏيون قومون انگاريا ۽ شيخ آهن. انگاريا اصلي بلوچ رهاڪن سان رليل مليل آهن؛ باقي شيخ اصلي عرب نسل مان آهن. سندن چوڻ آهي تہ آهي حضرت عقيل رضي الله عنه جي اولاد مان آهن، ۽ عراق کان آيا آهن. آهي پنهنجي بزرگيءَ ۽ ڪرامات جي ڪري مشهور آهن".

سرشار جو والد حافظ محمد صديق عقيلي، سنڌ جي اوائلي انگريزي پڙهيل مسلمانن مان هو، ۽ قائد اعظم محمد علي جناح جو اوائلي ڪلاس فيلو هو. ٻوءِ اُن وقت جي ڪراچي ضلعي جي رونيو ڪاتي ۾ ڪلارڪ ٿيو، ۽ ڪراچي جي مختيارڪار مسٽر فرامروز پنڪيءَ وٽ رهيو، جنهن وٽ شمس العلماء مرزا قليچ بيگ مرحوم پڻ اوائل ۾ رهيو. ملازمت سبب حافظ محمد صديق مرحوم جو رهڻ ڪراچيءَ ۾ ٿيندو هو، جت ۲۱ جنوري ۱۹۰۷ع عيسوي تي "سرشار" تولد ٿيو. حافظ محمد صديق مرحوم قرآن شريف جو حافظ، ۽ نماز روزي جو سخت پابند هو. "سرشار" سندس ٻهريون پٽ هو، جو پنهنجي والد جي تربيت هيٺ ٻليو. سندي پاراٿي درجي ڪان وٺي ميٽرڪ تائين "سرشار" سنڌ مدرسي ڪراچيءَ ۾ پڙهيو، ۽ ۱۹۲۳ عيسويءَ ۾، سورهن سالن جي عمر ۾، ميٽرڪ پاس ڪيائين. سندس والد جو لاڙو ديني تعليم ڏانهن هو، جنهنڪري "سرشار" کي انهيءَ عرصي ۾ ئي خانگي طور سيد محمد ظهيرالدين قادري مرحوم وٽ عربي پڙهڻ لاءِ وهاريائين، جنهن جو مڪتب محلي جي ڪتري مسجد جهوني مارڪيٽ ڪراچيءَ ۾ هو. سيد صاحب حضرت غوث اعظم رحمةالله عليه جي جيلاني ڪنب مان هو، ۽ بغداد ڪان ڪراچيءَ آيو هو.

"سرشار" کي ادبي ذوق اسکول جي ئي زماني کان هو. ۱۹۲۰ع ۾، جڏهن سنڌ مدرسي ۾ چوٿون درجو انگريزي پڙهندو هو، سنڌي آکاڻين جو هڪ کتاب "رموزالنساء" نالي لکي پاڻ پنهنجي خرچ سان ڇپائي شايع کيو هٿائين. سيکڙات نموني جي شاعري ۽ انهيءَ زماني ۾ ئي شروع کئي هٿائين. ان وقت تخلص "فراقي" کندو هو، جو انهيءَ کتاب تي اهوئي تخلص ڇپيل آهي. ۱۹۲۳ع ۾ "سرشار" جو ٻيو سنڌي کتاب "دعوتِ اسلام" نالي شايع ٿيو، جو اردو کتاب "فاطمي دعوتِ اسلام" جي هڪ حصي جو ترجمو هو. ۱۹۲۴ع ۾، حج جي احوال ۽ مناسڪ بابت "سرشار" جو ننڍڙو سنڌي کتاب "مناسڪ الحج" نالي شايع ٿيو. ساڳئي زماني ۾ اسلام جي بهرئين سپهه سالار حضرت خالد بن وليد جي سوانحعمري سنڌيءَ ۾ لکيائين، جا ۱۹۲۹ع ۾ شايع ٿي.

۱۹۲۳ع ۾ "سرشار" ميٽرڪ پاس ڪري، ڪراچي جي ڊي. جي. سنڌ کاليج ۾ اعليٰ تعليم لاءِ داخل ٿيو، جتان ۱۹۲۷ع ۾ بي. اي. جو امتحان فارسيءَ جي اعزاز سان (بي. اي، پرشين آنرس) پاس کيائين. کاليج جي انهيءَ زماني ۾، "سرشار" سنڌي صحافت ۽ شاعريءَ ۾ زياده حصو ورتو. ان زماني جي اڪيلي سنڌي قومي اخبار "الوحيد" ۾ لاڳيتو چار سال سب ايڊيٽر ٿي رهيو. سندس اوائلي سنڌي غزل، نظر ۽ ادبي مقالا، انهيءَ زماني ۾ روزاند "الوحيد" ڪراچي، ماهوار رسالي "توحيد" ڪراچي، رسالي "الحافظ" حيدرآباد، رسالي "الجامعه" ڪراچي، 'سنڌ کاليج مسيلني' ۽ 'سنڌ مدرسه ڪرانيڪل' ۾ شايع ٿيندا رهيا. اردو شاعري ۽ مقالا لوبسي ساڳئي زماني ۾ شروع کيائين. اردو غزل 'سنڌ مدرسه ڪرانيڪل' ۾، ۽ اردو مضامين لاهور جي ماهوار رسالي "تصوف" ۾، سال ۱۹۲۲ع کان ۱۹۲۴ع تائين شايع ٿيا. اردو ذاتي ذوق سان سکي ويئي، ڪنهن وٽ پڙهي نه ويئي؛ ساڳيءَ طرح شاعري ۾ ذاتي ذوق جو لتيجو آهي. دفتر "الوحيد" ۾ ڪم ڪرڻ واري عرصي ۾، مرحوم محمدهاشم "مخلص" سان هڪ ڀت صحبت رهي، ۽ ان جي ئي ايماء تي ان وقت تخلص "فراقي" مان بدلائي "سرشار" کيو ويو. کاليج واري عرصي ۾ ئي محلي ۾ هڪ پرائمري اسکول، نائٽ اسکول سميت جاري ٿيو، جنهن جو ڪاروبار لاڳيتو ڇهن سالن تائين "سرشار" سيڪريٽريءَ جي حيثيت ۾ هلائيندو رهيو.

۱۹۲۷ع ۾ بي. اي. پاس ڪرڻ بعد، ۱۹۲۸ع ۾ "سرشار" روينيو کاتي ۾ ملازمت ۾ گهڙيو. پنج سال تعلقي هيڊمنشي رهيو. ۱۹۳۳ع کان مختيارڪار ٿيو، ۽ ۱۹۴۶ع کان ڊپٽي ڪليڪٽر ٿيو.

۱۹۴۲ع کان ۱۹۴۵ع تائين ڪراچيءَ ۾ ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جو چيف آفيسر ٿي رهيو، ۽ ان زماني ۾ "راجڪمل ميوزڪ ڪلب" (ڪراچي) جو وائيس پريزيڊنٽ ٿي رهيو. "سنڌي زاڪ جي مختصر تاريخ" انهيءَ زماني جي تصنيف آهي. ساڳئي زماني ۾ "سنڌ انسٽراڪٽر سوسائٽي، ڪراچيءَ" جو ميمبر ٿي رهيو، ۽ "علم هيئت" بابت سنڌي تصنيف ان زماني جي يادگار آهي.

۱۹۴۷ع ۾ ملڪ جي تقسيم ٿي، ۽ ڪراچيءَ ۾ ريڊيو اسٽيشن ڪلي. ان وقت "سرشار" ڪراچيءَ جي راشن ڪارڊ ۾ ملازم هو. شروعات کان وٽي "سرشار" ريڊيو تي سنڌ بابت ادبي ۽ تاريخي تقريرون نشر ڪندو رهيو، ۽ مقالات 'سرشار' الهيءَ سلسلي جي تقريرن جو مجموعو آهي. ڪجهه عرصي بعد، مرڪزي سرڪار پاران سنڌي ماهوار رسالو "نئين زندگي" شايع ٿيڻ لڳو، ۽ ان ۾ به "سرشار" جا مضامين شايع ٿيندا رهيا.

۱۹۵۰ع کان ۱۹۵۴ع تائين "سرشار" ڪراچي شهر جو سٽي ڊپٽي ڪليڪٽر هو، ۽ ان وقت هڪ هنڌ رهڻ سبب وري ۽ ادبي سرگرمين جو موقعو مليو. آڪٽوبر ۱۹۵۰ع ۾ ڇنڊ احباب گڏ ڪري هڪ ادبي جماعت جو ٻاڦو وڌو ويو، جنهن جو نالو "محفل احباب ڪراچي" رکيو ويو، ۽ الف-ب وار ردیف سان سنڌي مشاعرا شروع ڪيا ويا، جن سان گڏ سنڌي راڳ-جون مجلسون به ٿيندیون رهيون. حضرت مخدوم محمد زمان صاحب "طالب المولیٰ"، سجاده نشين درگاهه هالا، هن محفل جو سرپرست ٿي رهڻ قبول فرمايو، ۽ ڪيترن جلسن ۾ پاڻ بذات خود ڪراچيءَ اچي صدارت ڪرڻ فرمايائون. ۱۹۵۰ع کان ۱۹۵۵ع تائين، لاڳيتو پنج سال، "سرشار" 'محفلِ احباب' جو پريزيڊنٽ ٿي رهيو. انهيءَ محفل جو "جميعت الشعراء سنڌ" سان ڀڻ الحاق ڪيو ويو، ۽ نومبر ۱۹۵۱ع ۾ 'جمعيت الشعراء' جي 'ٻارهين سنڌي ادبي ڪانفرنس، دادو' ۾ 'محفلِ احباب' جي وفد ۾ شرڪت ڪئي. انهيءَ اجلاس ۾ "سرشار" کي 'جميعت الشعراء' جو وائيس پريزيڊنٽ چونڊيو ويو. الهيءَ وچ ۾ پٽ شريف جي سالياني ميلي تي به ادبي ڪانفرنس جو سلسلو شروع ٿي ويو هو. ان ۾، ۽ "انجمن علم و ادب"، "بزم سخن، جهوڪ شريف"، "بزم بسمل، ٽنڈو محمدخان" وغيره جي سالياني ادبي ڪانفرنسن ۾ 'محفل احباب' جو وفد "سرشار" جي سرڪردگيءَ هيٺ شرڪت ڪندو رهيو.

سنڌي ادب جي اشاعت کي زور ڏيڻ لاءِ حضرت مخدوم صاحب، هالن ۾، مي ۱۹۵۴ع ۾، "ادارهٔ روح ادب سنڌ" جو بنياد رکيو، جنهن جو جنرل سيڪريٽري "سرشار" کي چونڊيو ويو. الهيءَ اداري جي پاران هڪ آل سنڌ موسيقي ڪانفرنس، فيبروري ۱۹۵۵ع، هالن ۾ ٿي.

فيبروري ۱۹۵۲ع ۾ "سرشار" جو هڪ ننڍڙو ٽريڪٽ هن مسئلي بابت شايع ٿيو ته 'اهو عام نظريو غلط آهي ته سنڌي جي موجوده صورتخطي انگريز حڪومت جي رهين منت آهي: هلڪي سؤ سال اڳ اسان جي بزرگن آهي اصول وضع ڪيا هئا، جن موجب، نقطن جي تعداد وڌائڻ ۽ انهن جي ترتيب ۾ ٻدل سدل ڪرڻ سان، سنڌيءَ جي خالص حرفن جي صورتخطي ترتيب ڏني ويئي'. اپريل ۱۹۵۴ع ۾، ڇوڙهين آل سنڌ ادبي ڪانفرنس ڪراچيءَ جي موقعي تي، "سرشار" جي قومي نظمن جو هڪ مجموعو، "سنڌ سڃاڻ سوسائٽي" پاران، مسٽر لعل محمد "لعل" (ايڊيٽر "آفتاب" ڪراچي) شايع ڪيو، جنهن جو نالو هو "سنڌ جو ترانو".

نومبر ۱۹۵۵ع ۾ ڪراچيءَ ۾ 'سرشار' "سنڌي لئبريري" جو ٻاڦو وڌو ويو، ۽ آن جا قالون "سرشار" ڇپائي شايع ڪيا، جن ۾ انهن اصولن جي وضاحت ڪيل آهي، جي هڪ خالص سنڌي لئبريريءَ لاءِ موجوده دور ۾ لازمي سمجهڻ گهرجن.

ساڳئي مهيني (نومبر ۱۹۵۵ع) ۾، حيدرآباد ۾ "بزم طالب المولىٰ" جو ٻيو حضرت مخدوم طالب المولىٰ صاحب جي اجازت سان ۽ سندن رهبري هيٺ وڏو ويو. اڳتي هلي، الهيءَ بزم هڪ آل سنڌ تحريڪ جي صورت اختيار ڪئي، ۽ هن وقت سجيءَ سنڌ ۾ ان جون ٽيهارو ڪن شاخون قائم آهن. هن بزم جو متو "سنڌي ادب جي سنڀال ۽ واڌارو" آهي، ۽ ڪم جو طريقو پنهنجي لوعيت جو "فقيراڻ" آهي. انهيءَ سلسلي ۾، خواجه محمد عيسيٰ "مست" سروريءَ جي اهتمام هيٺ، ميرپور بٹوري ۾، جنوري ۱۹۵۶ع ۾، "لاڙ سنڌي ادبي ڪانفرنس" جو ٻاڦو ٻيو، جو هاڻي هر سال ٿيندو آهي. سرشار "مرڪزي بزم طالب المولىٰ، حيدرآباد" جو پريزيڊنٽ آهي، جنهن سان سڀني شاخن جو الحاق آهي.

فيبروري ۱۹۵۶ع ۾، سروري درگاهه هالا جي قديم دستور موجب، منار فقير جي مقبري تي (گوٺ ڪاڻي راڄو تعلقي ڪپري ۾)، حضرت غوث الحق مخدوم لوح رحمةالله عليه جي موجوده سجاده نشين حضرت مخدوم محمد زمان صاحب "طالب المولىٰ"، سروري جماعت جي سڀني مڪيه ماڻهن ۽ خليفن جي هڪ مخصوص ميڙ ۾، "سرشار" فقير کي خلافت جي لونگي عطا ڪري "خليفه" جو درجو تفويض ڪرڻ فرمايو. ذالک فضل الله يؤتيه من يشاء. "سرشار" فقير پنهنجي ذاتي ذوق ۽ ميلان سان هن "سروري سهروردي" سلسلي ۾ بيعت ٿيل هو، ۽ سروري جماعت جي "ذاڪرن" ۾ داخل آهي. "ذڪر سروري"، "تذڪرهٔ سروري"، "آب سرد، تذڪرهٔ سلسلهٔ سهروردي" ـ اهي "سرشار" فقير جون هن سلسلي بابت تصنيفات آهن، جي اڃا تائين قلمي آهن.

"سنڌي ادبي بورڊ" ڀهرائين سنڌ سرڪار جي هڪ محڪمي جي شاخ هو. ۱۴ مارچ ۱۹۵۵ع تي سنڌ سرڪار هڪ ٺهراء جي ذريعي ان کي Autonomous boody يعني هڪ خود مختيار اداري جي شڪل ڏني، ۽ ان وقت کان "سرشار" به هن بورڊ جو ميمبر مقرر ٿيو، ۽ ان جي انتظاميه ڪميٽي تي به چونڊيو ويو. ۲۰ نومبر ۱۹۵۵ع تي "سرشار" "شاهه لطيف يادگار ڪميٽي" تي ميمبر چونڊيو ويو، ۽ ڀهرين سيپٽمبر ۱۹۵۷ع کان جڏهن اهو ادارو باقاعدي جوڙجڪ هيٺ "يادگار ڪائونسل" جي ٽالي سان ٺهيو، تڏهن "سرشار" الهيءَ ڪائونسل جو ميمبر، ۽ ان جي انتظامي ڪميٽيءَ تي ميمبر، ۽ رسالي "يادگار لطيف" جي ايڊيٽوريل بورڊ تي ميمبر چونڊيو ويو.

فيبروري ۱۹۵۶ع ۾ ڊاڪٽر سورلي "سنڌ گزيٽيئر" جي نئين سر ترتيب ڏيڻ لاءِ انگلنڊ کان هت پهتو، ۽ "سرشار"، جو ان وقت حيدرآباد ۾ "ڊائريڪٽر آف سيٽلمينٽ، سروي ۽ لئنڊ ريڪارڊ" جي عهدي تي هو، تنهن کي سرڪاري طرح حڪم مليو ته لاڙ جي گشت ۾ ڊاڪٽر سورلي سان شامل رهي، ۽ لاڙ جي قديم تاريخي هنڌن جي کوجنا ۾ سندس مدد ڪري. ڊاڪٽر سورلي جي معيت ۾ اهو علمي، ادبي ۽ تاريخي گشت مارچ ۱۹۵۶ع جي ڀهرئين هفتي تائين هليو، جيستائين ڊاڪٽر سورلي ضروري تاريخي ۽ ادبي مواد گڏ ڪري انگلنڊ واپس ويو.

"سرشار" هن وقت حيدرآباد ضلعي جو ڊپٽي ڪمشنر ۽ ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ آهي ۽ پنهنجا فرائض نهايت ئي قابليت ۽ برجستگيءَ سان سرانجام ڏئي رهيو آهي.

محمد عثمان ڈيپلائي

جناب سيد غلام مرتضيٰ شاهه (جي. ايم. سيد)

"سائين سدائين كرين، مٿي سنڌ سكار" جو سچو شيدائي:
"نئين سنڌ" بنائڻ جو سودائي:
"وطن جن وڃائيو، حيف تنين كي هوء"، جو صحيح شارح:
پنهنجي پياريءَ پوليءَ سان ٽكر هٿندڙ پوليءَ كي پهاج سمجهندڙ:
بيمارين جو آماجگاهه هوندي به حب وطن جي ميدان ۾ اٽك جهاد كندڙ:
"عظيم سنڌ" جو عظيم معمار:

جناب غلام مرتضيٰ شاهه سيد، جنهن كي پڙهيل سندس انگريزي طرز جي نالي "جي. ايم. سيد" ۾ اٽڙهيل محبتي نالي "جيئي" (سدائين جيئرو رهي) سيد" سان سڏيندا آهن، سو تاريخ ۱۷ جنوري، ۱۹۰۴ع مطابق ۲۸ شوال، سن ۱۳۲۱هه برابر ۲۸ پوهه، سنبت ۱۹۶۰، وقت سادي يارهين بجي آچر جي رات پنهنجي اباڻي ڳوٺ "سن" تعلقي كوٽڙيءَ ۾ تولد ٿيو. هن سالن اندر، ۳ رمضان، ۱۳۲۳هه، اسر مهل، جامع مسجد جي پر ۾، نماز ڏانهن ويندي، خانداني دشمنيءَ سبب، سندس والد ماجد سيد محمد شاهه كي شهيد كيو ويو؛ ۴ سال كان پوءِ سندس وڏي ڀاءُ احمد شاهه به وفات كئي؛ ان طرح گويا ٽن سالن جي عمر ۾، سڄي گهر جو بار هن اكيلي معصوم تي پيو- ۽ اهو گويا هك قدرتي اشارو هو، ته، جيئن پنهنجي وطن سڏاڻڙ جا بار اكثر يتيمن تي پوندا آهن، تيئن اڳتي هلي "سنڌ سڏار" به هيءَ "درّ يتيم" ٿي ٿيندو.

ابتدائي تعليم، سنڌي ڇهه درجا، ماستر ڏرمداس، ماستر ريواچند ۽ ماستر وسڻمل وٽ پڙهيائين؛ عربي ۽ فارسي تعليم مولوي محمد هاشم سنائي، مولوي محمد صالح سيال ۽ مولوي الله بخش دادوءَ واري وٽ حاصل كيائين؛ انگريزي تعليم مولوي ڊاكٽر حامد علي هالائيءَ واري وٽ پڙهيائين.

اڃا چوڏهن ورهين جي عمر ۾ ئي، ته قوم ۽ وطن جي عشق جي شروعات ٿي: ۱۹ فيبروري، ۱۹۱۹ع تي، حڪيم معين الدين كنياريءَ واري جي دوستيءَ ۾، هاڻ لاڙڪاڻه خلافت كانفرنس ۾ شامل ٿيو؛ ۽ صرف هك ئي مهيني ۾ انهيءَ كانفرنس جا تاثرات الهي حد

تي ڏيندا، جو هن نونهال ڏينهنجي ڪوٽ سن ۾، مرحوم حڪيم فتح محمد سيوهاڻيءَ جي صدارت هيٺ، هڪ وڏي خلافت ڪانفرنس ڪوٺائي، جنهن ۾ شيخ عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر شيخ نورمحمد، شيخ عبدالعزيز، مولوي محمدسليمان ٽرڙيءَمحبت وارو، ۽ ٻيا سنڌ جا جليل القدر اڳواڻ شامل ٿيا، ۽ اهڙيءَ طرح هي جوشيلو نوجوان ڪافي عرصي تائين ديوانن وانگي خلافت جو پروانو ٻنيو رهيو.

شاهه صاحب ميارين (متعلوي) سيدن جي ليان ڏوڻي خاندان مان آهي، ۽ ۱۹۲۱ع ۾ هن ميارين سيدن جي ڪانفرنس سڏائي، "انجمن سادات ميارينءَ" جو بنياد وڌو، جنهن جو مقصد هو ميارين سيدن جي معاشرتي، اقتصادي ۽ تعليمي حالتن کي بهتر بنائڻ.

کي اتردينءَ ذهنيت وارا صاحب، سيد صاحب جي باري ۾ چوندا آهن ته هن کي اڳواڻيءَ جي جاءِ لاءِ اول سيد، بلڪ ميارين سيد، ياد هوندا آهن؛ ۽ انهيءَ جي ثبوت ۾ رکي رکي وري ٻ اهائي انجمن پيش ڪندا آهن. اگرچ انهيءَ راءِ کي هڪ ٻنهه ڏاڍائي ٻهتان ڪان وڌيڪ ڪابه حيثيت ڪانهي-۽ شاهه صاحب جي دل گهرين دوستن ۽ سائين ۾ غير سيد يحد گهٽا آهن- ۽ ڏنهنجي نظر ۾ اها ڪا بري چيز ٻ ڪانه آهي: بلڪ هر شخص لاءِ ضروري ٿ آهي ته اول خود پاڻ سان محبت رکي، پوءِ گهر سان، پوءِ ڪٽنب سان، پوءِ قوم ۽ وطن سان، پوءِ ساري جهان سان. دنيا جي دانائن جا مقولا مطالع ڪرڻ بعد، ڏنهنجي نظر ۾ اهو سلسلو صحيح ناهي ته اول جهان، پوءِ وطن، پوءِ قوم، پوءِ ڪٽنب، پوءِ گهر ۽ پوءِ پاڻ!

"منکرِ حق ازد ملا کافر است،
منکرِ خود لزد من کافر تر است!" -(اقبال)

سادن لفظ ۾ هيٺن ڪٽي ڇڏجي ته اهو شخص، جو ڏنهنجي جسم، ڏنهنجي گهر، ۽ ڏنهنجي ڪٽنب جي صفائيءَ جي اون رکڻ کان اڳ-، ساري جهان جي صفائيءَ جي اون رکي ٿو، ان کي صحيح انسان ته ڇا، ۾ هڪ رواجي سمجهه رکڻ وارو انسان ٻ ڪيئن سڏي سگهبو؟ شاهه صاحب ٻ ساڳيءَ طرح "انجمن سادات ميارينءَ" تائين ان وقت ٻ ڏنهنجيون سرگرميون محدود ڪين رکيون، بلڪ ۱۹۲۴ ۾ جيڪا صوبائي تعليمي ڪانفرنس، حيدرآباد ۾، سر ابراهيم رحمت الله جي زير صدارت ٿي، ان ۾ ڪافي حصو ورتائين، ۽ عملي طرح ۲۵-۱۹۲۶ ۾ سن ۾ انگريزي اسڪول ۽ لائيٽ اسڪول ڪولائي، بورڊنگ هائوس جو بنياد وڌائين، ۽ ساڳيءَ ريت ڏنهنجي جد بزرگوار، سيد حيدر عليه الرحمة (متوفي) جي سالياني عرس کي ٻ تعلقي ۽ متعلقين عوام جي سماجي، اقتصادي ۽ تعليمي ترقيءَ لاءِ هڪ تنظيمي ڪالفرلس ۾ تبديل ڪري ڇڏائين.

هاڻي عوام هن مخلص ۽ خدمتگذار لو عمر سيد جي سياسي قدرداني ٻ شروع ڪئي: اول ۱۹۲۵ع ۾ تعلقي لوڪلبورڊ مانجهند جو ميمبر، پوءِ ٻريزيڊنٽ، ۽ اڳتي هلي، ۱۹۲۹ع ۾ ضلعي لوڪلبورڊ ڪراچيءَ جو وائيس ٻريزيڊنٽ ۽ پوءِ راءِ بهادر شيوارام جي جاءِ تي ان جو ٻريزيڈنٽ چونڊيو.



محترم جي. ايم. سيد

انهيءَ ساري عرصي ۾ ان وقت جو ڪراچيءَ جو ڪليڪٽر ۽ ٻوءِ سنڌ جو ڪمشنر، مسٽر گبسن، سائس مخالفت ۾ رهيو: ان وقت جي ڪليڪٽرن ۽ ڪمشنرن جي طاقت کي ڏسجي، ته محسوس ٿو ٿئي ته هنن سان مقابلو ڪرڻ معني جبل سان ٽڪر هڻڻ هو، پر جن کي "ذوق عمل" حاصل هوندو آهي، سي هميشه جبلن سان ٽڪر ڪائيندا ئي آهن، ۽ ٻوءِ ... ٻوءِ نتيجو هميشه اهوئي رهندو آهي ته "و تري الجبال تحسبها جامدة وهي تمر مرالسحاب" (قرآن شريف) - يعني "تون جبلن کي ڪڙوڙ مضبوط ڪتل ٻيو پائين، پر هو ڪرن واڱر اڏامندا ويندا!" ... اڄ گبسن جهڙن جو نالو به سنڌ ۾ ڪوبه ٿو ٻڌجي، پر جي. ايم. سيد جهڙا مجاهد قائم دائم آهن. ڇو ته هو انسان ذات کي فائدو پهچائڻ جي جدوجهد ڪن ٿا، ۽ اها به قرآن پاڪ جي پيشنگوئي آهي ته "ما ينفع الناس فيمكث في الارض" - جيڪو انسانن کي فائدو پهچائي ٿو سو زمين ۾ قائم رهي ٿو". هڪ ٽرٽي، هڪ انگريز صاحب بهادر کي چيو هو ته "صاحب! اسين آهيون ڊپ ۽ اوهين آهيو ڪڏهن، اوهان جهڙا ڪئين ڪڏهن چري چري هليا ويا ۽ اوهين به هليا ويندا، پر اسين جتي آهيون اتي قائم رهنداسون، چاڪاڻ ته اسان جون ٻاڙون ٻاتال ۾ آهن!"

ڪراچي لوڪلبورڊ جي ميمبريءَ توڙي پربزيڊنٽيءَ وارو سمورو عرصو، سڀ صاحب حتي المقدور غريب شاگردن ۾ انگريزي تعليم پکيڙڻ، رستا ٺهرائڻ، اسپتالون وجهائڻ ۽ ٻيا اهڙا عام ڀلي جا ڪم ڪيا. سن ۾ اسٽيشن تائين پڪو رستو، اسپتال، زنانه ۽ مردانه انگريزي سڪول، ۽ ڪراچي کان ڪوٽڙيءَ تائين ۽ ڪراچيءَ کان منگهي پير تائين پڪا رستا، ۽ ضلعي لوڪلبورڊ ڪراچيءَ جي عمارت (جا بندر روڊ تي هينئر ريڊيو پاڪستان جي حوالي آهي - اهي ۽ اهڙا ٻيا ڪيئي تعميري ڪم، سيد صاحب جي انهي عرصه خدمات جا يادگار آهن. پاڻ انهن ڏينهن ۾ سڄي ضلعي ۾ ڏيهن جاين تي عام جلسا ڪري ماڻهن ۾ تعليم لاءِ دلچسپي پيدا ڪرڻ ۽ منجهن هندستان جي آزاديءَ لاءِ شعور پيدا ڪرڻ لاءِ گشت ڪيائين: ان گشت ۾ سائس مرحوم جيٺمل پرسرام، مولوي عبدالڪريم چشتي ۽ مسٽر حاتم علوي سائس شريڪ رهيا.

سيد صاحب پاڻ زميندار هو، ۽ عام زميندارن وانگر ٽيڪ ته ائين گهرجي ها، ته هو هارين کي پست رکڻ ۽ دٻائڻ جي ڪوشش ۾ محو هجي ها، پر سنڌ ۾ هاري ڪميٽيءَ جي بنياد وجهندڙن مان پاڻ ئي هڪ هو، ۽ اڄا تائين سندس تعلقات هاري ڪميٽيءَ سان قائم آهن، بلڪ جڏن ٻوءِ تڏن وڌندا رهن ٿا. هاري ڪميٽيءَ جو اهو بنياد ۱۹۳۰ ۾ ميرپورخاص ۾ مسٽر جمشيد مهتا، مسٽر گوکلي، مسٽر جيٺمل، شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ ۽ مسٽر عبدالقادر بلوچ جي معيت ۾ وڌو ويو.

۱۹۳۰ع ۾ انڊين نيشنل ڪانگريس جو نئون دور شروع ٿيو؛ ان سال ڪانگريس ملڪ جي مڪمل آزاديءَ جو ٺهراءُ پاس ڪيو، ۽ ان لاءِ جدوجهد شروع ڪئي. وطن جي آزاديءَ جي جدوجهد ۽ شاهه صاحب جهڙو وطن دوست انسان خاموش رهي، اهو ناممڪن هو؛ پاڻ ڪڏهن ان هلچل ۾ ٽپي ٻيو، ۽ ڪانگريس جي سموري پروگرام ۾ پرجوش حصو ورتائين:

ان زماني ۾ هاڻ کاڏيءَ جا کپڙا هاڻ شروع ڪيائين ۽ سن ۾ کاڏي آڻڻ جو ڪارخانو کولايائين؛ سنڌ ۾ شراب تي بندش هوڻ لاءِ هن ڪانگريسي اڳواڻ سان گڏجي سرگرم عمل رهيو. ۱۹۳۱ع ۾ سڀاش چندر بوس ۽ سردار پگٽ سنگهه جي قائم ڪيل يوٿ ليگ جو به ميمبر ٿيو.

ڪانگريس پاڻ ته هندستان لاءِ مڪمل آزاديءَ جو ٺهراءُ پاس ڪيو ۽ ان لاءِ هلچل به شروع ڪئي، مگر جڏهين سنڌ جي بمبئي کان آزاد ٿيڻ جو سوال اٿيو ته هوءَ ان تي کجهه هيڪڙ لڳي، ڇاڪاڻ ته سنڌ ڪانگريس تي هندن جي ملازمت پيشه، تاجر ۽ سرمايدار طبقي جو اثر زياده هو، جن نٿي چاهيو ته سنڌ بمبئي کان جدا ڪئي وڃي، ڇو ته انهيءَ ڪري عملي طرح سنڌ ۾ سندن اقتدار کي ضرب ٿي رسي. بهرحال اڪثر سمجهدار هندو به انهيءَ ٿي خيال جا هٿا ته سنڌ جو بمبئي سان ڳڏيل رهڻ بيحد تڪليف ده، نقصان ده ۽ سنڌ جي ترقيءَ ۾ رڪاوٽ آهي، ۽ بفرض محال جيڪڏهين سنڌ جي جدا ٿيڻ سبب سنڌ جي هندن کي کجهه نوڪرين وغيره ۾ نقصان به ٿيندو ته اها پورائي وري نون ڪارخانن جي کلڻ ۽ ترقي جي ٻين موقعن جي فراهم ٿيڻ مان ٿي ويندي. سيد صاحب لاءِ ته پنهنجي وطن جي آزادي هرحالت ۾ ٻين سوالن کان مقدم هئي، ان ڪري هو انهيءَ تحريڪ جو پرجوش حامي ٿي رهيو، ۽ انهيءَ ڏس ۾ پنهنجي بعض ڪانگريسي دوستن جي رلجيدگيءَ جي ڪا پرواهه ڪاڻ هيس.

آخر اهو وقت آيو، جو سنڌ جي سڄڻن جون ڪوششون ڪامياب ٿيون ۽ سنڌ بمبئي کان آزاد ٿي. هن موقعي تي سيد صاحب مناسب سمجهيو ته هندو مسلمان گڏجي سنڌ جي ڀلائيءَ لاءِ ڪوششون ڪن؛ ان ڪري سندس جدوجهد سان هندن مسلمانن جي گڏيل جماعت، "اتحاد پارٽي" جي ٺاهي سان، قائم ٿي. سيد صاحب سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو.

هندن جي مفاد پرست طبقي جي تنگدليءَ ۽ مسلمانن لاءِ سندن غير مناسب طرز عمل ڪري سيد صاحب کي ڪانگريس کان نااميد ڪري، مسلم ليگ ۾ آندو، ۽ ۱۹۳۸ کان وٺي هو سنڌ مسلم ليگ جو پرجوش صدر ٿي رهيو. سنڌ جي اسيمبليءَ سڄي هندستان ۾ سڀ کان اول پاڪستان جو ٺهراءُ پاس ڪيو، جو سيد صاحب ٿي پيش ڪيو، ۽ پاڻ سڄيءَ سنڌ جي عوام ۾ پاڪستان لاءِ محبت پيدا ڪيائين؛ هر جيئن پاڻ ڪو آهي ته "هٿڙا اهي وهه ٽيا، جن رڌي ڪيرٽي"- جڏهن پاڪستان بنجڻ جو وقت آيو، تڏهن وري جناح صاحب کيس ۽ سندس ترقي پسند ساٿين کي گرم ۽ ڪاهيءَ ڏروارا سمجهي مسلم ليگ مان ٿي ڪڍي ڇڏيو، ۽ سيد صاحب جيڪو هندو سيٽين ۽ زميندارن کان مسلمانن جي ڦهايل زمينن واپس وٺڻ جو بل (لئنڊ ايلينيشن بل: (قانون انتقال اراضي) سنڌ اسمبليءَ ۾ پيش ڪري پاس ڪرايو، ان تي گورنر جنرل ٿيڻ وقت جناح صاحب صحيح ڪرڻ کان به انڪار ڪيو. پوءِ اول سنڌ جو لک وڏي ڦٽو ڪيو ويو، يعني ڪراچي ڪانئس ڏسي ويئي، ۽ پوءِ اڪثي هلي مسلم ليگين جي ڪوشش سان ماڳهين سنڌ کي ٿي "ون يونٽ" ۾ بند ڪري، پنجاب جو غلام بنايو ويو.

ڪراچيءَ جي وڃڻ تي سيد صاحب کي ايڏو صدمو رسيو، جو شاهه جي هڪ بيت کي هن ترميم سان هميشه پيش ڪندو رهندو آهي:

"ڪراچيءَ" جي وڃڻ جو، جن کي هينڙي جار،
خالق رب جبار، ڪين مرهيندو تن کي!

هر سنڌ جي نالي کي ڦر ڪري پنجاب جي اڪثريت جي غلام بنائڻ وقت، سيد صاحب جي بيقراريءَ ۽ بيقراريءَ جي انتها کي پروڙي، ون يونٽ جي حامين يڪدم کيس ڪٽي جيل ۾ رکيو. اهو عرصو کيس لڳو لڳ ڇ چٽ ٻئي ڏيڪاري ويئي؛ ڪڏهين وزيريءَ جون لالچون، ڪڏهين عمر قيد جا ڊپ؛ تہ جئن هو به پنهنجي وطن جي غلاميءَ کي تسليم ڪري: هر هتي اها حالت هئي، جو

ڪاڪ کي جهليا ڪاڙي، موهيا ڪنهن کي مال،
جي چورين ڏنا چال، تہ به لاهوتي لنگهي ويا.

شاهه صاحب جو هر دڙڪي ۽ هر لالچ تي اهوئي جواب هو تہ

آڳ ڪئن چڏيان سومرا! تن پنهوارن پچار،
جڙ جنين جي جان ۾، لڳي ويءَ لهار،
ٻڪا ۽ ٻنوهار، رهيا آهن روح ۾!

ايڏا جيل مان ٻاهر لڪتو، تہ سنڌ جي عوام پنهنجي هن محبوب سرواڻ کي ون يونٽ اسيمبليءَ تي چونڊي موڪليو؛ اگرچہ مخالفن گهٽيون ئي ڪوششون ڪيون تہ هو الهيءَ "مومل جي ماندڻ" ۾ داخل نہ ٿئي، منان ڪاڪ جو طلسم ٽي نہ ٻرڻا ٻرڻا ڪري چڏي، ۽ ان ڪري ناتر گهٽيون ئي گوهيون ڏنيون، پر راڻو ڪيس چونڊيءَ مان پڪڙي ڪاڪ ۾ داخل ٿي ويو. هن جو ون يونٽ جي "ڪاڪ" ۾ داخل ٿيڻ، ۽ مڪاريءَ جي ماندڻ ۾ زلزلو ٿيڻ: چنانچہ ون يونٽ جي عين ٻئي بجيٽ اجلاس جي شيشي تي هن ميندري اهڙي تہ سوپاري ڦٽي ڪئي، جو ڪمزور شيشو ٻرڻا ٻرڻا ٿي ويو؛ حڪمت مآب صدر صاحب جي سهاري تي هو ٻه ٻڻا تہ پاڻ جهلي ويو، پر مزيد اجلاس ٿيو ۽ ٻيلي پر نہ جهليو. ڪجهو گهڙو ڪُنن ۾ ڪٽا ڪٽا ٿي ويو، ۽ وزارت جي سهٽي لهرين ۾ لوڏا ڪائڻ لڳي؛ ۽ آخر پنهنجي ئي هٿن سان پنهنجي قتل نامي تي صحيح ڪري، يعني ون يونٽ ٽوڙڻ جو ٺهراءُ پاس ڪري، هنن سيد صاحب جي ضرب حيدريءَ کان جند چڏائي. ون يونٽ پنهنجي بي سالگرهہ (۱۴ آڪٽوبر، ۱۹۵۷) تي جشن چراغان بدران گهور انڌيريءَ ۾ ملهائي.

اگرچہ اڳتي هلي ثابت ٿيو تہ اها به حڪمران پارٽيءَ جي هڪ وڏيڪ مڪاري هئي، پر سيد صاحب لاءِ سنڌن اها مڪاري ڪا غير متوقع ڪانہ هئي؛ دستوري طرح هو ان کي به منهن ڏيڻ لاءِ مرد ميدان ٿي ٻيٺو آهي ۽ سنڌس پرزور اعلان آهي تہ ون يونٽ ٽٽندو ۽ ضرور ٽٽندو، سنڌ پنجاب جي غلاميءَ کان آزاد ٿيندي ۽ ضرور ٿيندي، چاڪاڻ تہ اهو سنڌي

قوم جو حق آهي ۽ دنيا جي کابه طاقت کيس انهي حق حاصل ڪرڻ کان روڪي نٿي سگهي.
هوءَ چاهي انهيءَ حق حاصل ڪرڻ ۾ ڏهه ڏينهن لڳن چاهي ڏهه سال، مگر:

سؤ لڳن طوفان ۽ پل سؤ دفعا وڇڙيون ڪرن،
جن گلن کي آهه ڪڍڻو سي مگر ڪڍندا ضرور!

جيڪڏهن سڄا سارا ٻه هزار ورهيه غلام رهڻ بعد به ليٽ يهودي قوم پنهنجو وطن حاصل ڪري ٿي وڃي، ته هن قوميتن جي آزاديءَ واري زمالي ۾ سنڌ ون يونٽ جي ڪل ٽنل سڪنجي ۾ بند رهي، ڪنهن جي غلام رهي سگهي ۽ سنڌي قوم ون يونٽ جي بيشمار چوڌرين اڳيان ڪائيون ڪندڙ ۽ پائي پرينڊ بنجي رهي، سو ناممڪن آهي!

اڄ سيد صاحب پنهنجي الهيءَ پرجوش عزم وسيلي سنڌي قوم کي ايترو بيدار ڪري ڇڏيو آهي، جو ساڳيا وطن وڪڻندڙ به اڄ پوريءَ طرح محسوس ڪري چڪا آهن ته آئنده اليڪشن ۾ سنڌ مان اهڙا شخص ٿوروئي ڪامياب ٿيندا، جي سنڌ کي ون يونٽ جي غلاميءَ ۾ دائمي طور رهڻ تي راضي هجن؛ ان ڪري اهي سنڌ جا سوداگر به اڄ سنڌس آزاديءَ جا اعلان فرمائي رهيا آهن!

"منهنجي آهه اها، ڪنبائي ويئي ڪوٽ کي!"

سنڌي ادب ۽ سنڌي ثقافت سان سيد صاحب کي ڪو عشق آهي! هوئٽن ته هو الهيءَ لاءِ سدائين شائق رهيو، ۽ مارچ ۱۹۳۰ ۾ جيئن ٿي ڪجهه عرصي لاءِ وزير تعليم ٿيو، يڪدم سنڌ يونيورسٽي برپا ڪرڻ لاءِ ڪاميٽي مقرر ڪيائين، ۽ "سينٽرل انڊوالزري بورڊ آف ڪنٽرول فار سنڌي لٽريچر" برپا ڪيائين. اڳتي هلي انهيءَ بورڊ کي "سنڌي ادبي بورڊ" جي ٽالي سان مستقل ۽ آزاد حيثيت ڏياريائين، جنهن جي طفيل اڄ هي "مهراڻ" جو ضخيم شخصيات لمبر پيو پيش ٿئي ۽ ڪيترائي قيمتي ڪتاب شايع ٿيا آهن ۽ ٿين پيا.

سنڌ جي ون يونٽ جي غلاميءَ کان اڳ، سيد صاحب "سنڌي ثقافتي بورڊ" لاءِ اڏ ڪروڙ روپيا منظور ڪرايا، ۽ ان عظيم تجويز کي ترت عمل ۾ آڻائڻ لاءِ سرگرم ڪار هو، ته اوچتو خود غرض، وطن فروشن پنهنجو وطن وڪڻي ڇڏيو ۽ اهو مسئلو ڪٽائيءَ ۾ رهجي ويو؛ مگر سيد صاحب جون ڪوششون بند نه ٿيون، هاڻي وري به اهو ڪم شروع ٿيو آهي، ۽ سنڌ جي سدا جيئري شاهه لاڪيٽي لطيف، جي آرامگاهه وٽ انهيءَ مرڪز جي تعمير جي شروعات ٿي آهي، ۽ اهي ڏينهن پري ناهن، جڏهين سيد صاحب جي هيءَ به مثل ثقافتي اسڪيم وري سر زمين سنڌ تي جلوه گر ٿيندي.

سنڌ هڪ زنده تهذيب آهي،
سنڌ هزارن سالن کان زلده رهي آهي،
سنڌ اڄ به زلده آهي،
۽ سنڌ دائما زنده رهندي!

جناب جي. ايم. سيد هڪ طرف سياسي ماهر آهي، تہ ٻئي طرف علم جو گوهر، ۽ ثقافت جو شيدائي. علمي سرگرميون ۽ سياسي شورشون هڪ شخص هٿان ٻيئي گڏو گڏ هلن، ۽ سو بہ ايتري شعور ۽ شان سان ـ هي هڪ ڏاڍو مشڪل ڪر آهي:

هر هوسناکي نہ داند جام و سندان باختن!

. مگر جن جي سياست آهي ئي ثقافت خاطر، اهي اها هڪ ئي وقت جام ۽ سندان کيڏڻ جي راند کندا ئي رهندا آهن.

"ڇا منهنجو اهو نظريو صحيح آهي؟"ـ انهيءَ جي ثبوت ۾، شاهہ صاحب مقامي ماحول ۽ ڪتابي دنيا کان وڌي ٻاهر دنيا جو ديدار ۽ ان جي وسيع حقائق جو مشاهدو ۽ مطالعو ڪرڻ بہ شروع ڪيو، هن ايشيا ۽ يورپ جا ڏوراهان ڏيهہ بہ ڏنا، ۽ جيئن ٻوءِ تيئن ڪيس پنهنجي نظريي جي سچائيءَ جا ثبوت ملندا رهيا، علم‌اليقين، حق‌اليقين جي درجي تي پهچندو ويو، ۽ هن منصور وانگر "اناالحق" جو اهڙو نعرو هنيو، جو اڄ جيڪڏهين ڪيس سوريءَ چاڙهيو وڃي، تہ بہ سندس رت جو قطرو "سنڌ" "سنڌ" پڪاريندو رهندو!

۽ انهيءَ سواريءَ جو هلڪو نظارو اهو چوڏهن مهنن جو جيل هو، جنهن ۾ هن بيمار ۽ نحيف ڪي داخل ڪري، ڪيس هرطرح جون تڪليفون ڏنيون ويون؛ مگر انهن تڪليفن لاءِ هن ائين ئي چيو تہ

سَڪَرَ سيئي ڏينهن، جي مون گهاريا بند ۾،
وسايم وڏڙا، سڻي ساڻين سينهن،
نيئر منهنجي لينهن، اجاري اچو ڪيو!

۽ هڪ هندي شاعر جي لفظن ۾ هر سنڌيءَ کي اهوئي سبق ڏنائين تہ

چڑھا منصور سولي پر، پڪارا پريم والون کو،
يہ اسکي ڈام کا زينہ هے، آئے جسکا جي چاهے!

شاهہ صاحب جي ڪتابن مان ٻہ سياسي آهن، هڪ "ڪنئينءَ سنڌ لاءِ جدوجهد"، ۽ ٻيو "موجوده سياسي مسئلا"، ۽ سندن ٽيون ڪتاب آهي "پيغام لطيف"، جو هڪئي جاءِ تي سياسي ۽ ثقافتي مرقع آهي؛ ٻيا سندن متفرق مضمون ۽ مقالا تہ بيشمار آهن. اهو نهايت ضروري آهي تہ سنڌ جي هن محبوب ۽ بي‌مثل مفڪر جون اهي سڀ چيزون، بلڪ سندس قيمتي خط بہ، گڏ ڪري ڇپايا وڃن يا انهن کي ائين منتشر رهڻ يا ضايع ٿيڻ کان بچايو وڃي.

موجوده دور ۾ سيد صاحب حقيقي طرح سنڌ جو اڳواڻ آهي، ۽ سواءِ چند حاسدن ۽ ابوجهلن جي سنڌ جو ٻچو ٻچو سندس اڳواڻيءَ تي دل سان ايمان آڻي چڪو آهي ۽ کين يقين آهي تہ هن سالار جي سرواڻيءَ هيٺ،
سنڌين جو ساڻ ضرور منزل تي رسندو. آمين!

اختر رضوي

جناب شيخ عبدالمجيد "سندي"

ماڻهو سڀ نه سهڻا، هكي سڀ نه هنج؛
كنهن كنهن ماڻهوءَ منجهه، اچي ٿو ڀهارجي! ـ شاهه.

ويهين صديءَ جي شروعات كان وٺي، هونئن تہ سڄوئي هندستان، پر خاص طرح سان سنڌ، جنهن طبقاتي كشمكش جي دور مان گذري رهي آهي، تنهن ۾ جاگيردارن ۽ زميندارن، وچولي طبقي ۽ هيٺاهين طبقي جي ماڻهن لاءِ ترقي كرڻ جي لوازمات جا فرق ۽ كمتريءَ ۽ برتريءَ جا امتياز، جيتوڻيك اهي ساڳيا نہ رهيا آهن جيكي گذريل صديءَ ۾ هٿ، مگر ان هوندي بہ اڄ ٻڻ، اها گالهہ ذاڍي ڏكي آهي جو كو شخص پورهيت طبقي ۾ پيدا ٿي، ملك جي سياسي ۽ سماجي زندگيءَ ۾ كو مٿاهون مقام حاصل كري سگهي. وڏيرا شاهي، پيري ۽ مخدومي، هن ملك ۾ اڄ ايترو تہ طاقتور آهن، جو هيٺاهين طبقي جو كو شخص، پنهنجي ذاتي صلاحيتن ۽ ذهانت سان ايري، جهوري خيالن ۽ نظرين كي ڦهلائڻ لاءِ هت پير ٿو هڻي، تہ اهي ٽيئي طاقتون گڏجي، ان شخص كي كچيءَ ئي نپوڙي نيسائي ٽيون ڇڏين؛ ۽ اهڙيءَ طرح، اڻ سڌيءَ طرح، گويا اهو وڏي واكي اعلان كندیون رهن ٿيون تہ بزرگي ۽ عظمت فقط سندن ئي قبيلي جي ميراث آهن. ۽، كيڏي نہ عجب جي گالهہ چئبي، جو اِن ماحول ۾، بلك اِن كان بہ اڻانگي ماحول ۾، اڄ كان سائيكو سال اڳ، سنڌ جي سر زمين هك اهڙي انسان كي جنم ڏنو، جو جالو لپنو تہ غريب متوسط گهراڻي ۾، ۽ عزت ۽ عظمت جو اهو مقام حاصل كيائين، جنهن لاءِ جاگيردار ابن جاگيردار، پير ابن پير، ورهين كان سڏون كندا رهيا. اها عظيم المرتبت شخصيت آهي شيخ عبدالمجيد سنڌي. هيءُ هر دلعزيز شخص اڄ بہ اسان جي وچ ۾ ويهي، وقت ۽ حالتن جو راز پروڙي، ملك ۽ قوم جي ڀلائيءَ لاءِ پاڻ ڦوڙي رهيو آهي.

پنهنجي طويل سياسي زندگيءَ ۾ شيخ صاحب، ملك جي آزادي ۽ اقتصادي خوشحاليءَ لاءِ جيكي كجهہ كيو آهي، تنهن جا تفصيل تہ شايد هينئر كيس بہ معلوم نہ هجن، پر 'خلافت تحريك'، 'تحريك عدم اعتماد'، 'خدام كعبہ سوسائٽي'، 'مسلم كانفرنس'، 'انڊين نيشنل كانگريس'، 'مسلم ليگ'، 'سنڌ عوامي محاذ' ۽ 'نيشنل عوامي پارٽي' جي ركارڊ ڏسڻ سان، يقيناً كوبہ



شيخ عبدالمجيد سندي

شخص، شيخ صاحب جي همه گير شخصيت ۽ بي لوث خدمتن جو، کليءَ دل سان اعتراف ڪرڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهي.

"تحريڪ آزادي هند" واري دور ۾ قومي اڳواڻن اڳيان هيڏيان ٻه مقصد هئا: انگريزن کان آزادي حاصل ڪرڻ ۽ اقليتن ۾ باهمي اعتماد پيدا ڪري سندن فرقيوارانه مسئلن کي منصفاڻو نموليءَ حل ڪرڻ. اقليتن جو هڪ مسئلو هو تہ سنڌ بمبئيءَ کان الڳ ٿئي يا نہ- هڪ پاسي ڪانگريس جا ڪي تنگ نظر ۽ پيا مفاد پرست عنصر زور ڏيئي رهيا هئا تہ سنڌ ڪنهن به صورت ۾ بمبئي پرڳڻي کان الڳ نہ ٿئي، ٻئي طرف سنڌ جو عام مطالبو هو تہ سنڌ هر حالت ۾ بمبئي کان جدا ٿئي. ٻنهي طرفين سخت چڪتاڻ هئي، ڪابہ ڌر ٻنهنجي ڳالهہ تان هٽ ڪٽڻ لاءِ تيار نہ هئي. اهڙيءَ طرح، هندستان جي ٻين صوبن ۾ وري، اسيمبلين ۾ هندو مسلم جابن جو مسئلو پيچيدي صورت اختيار ڪري رهيو هو. ان نازڪ وقت ۾، آل انڊيا خلافت ڪاميٽيءَ جي صدر جي حيثيت سان "اجمير ڪانفرنس" ۾ شيخ صاحب جيڪي ٽاهہ جون رٿون پيش ڪيون، سي ايتريون تہ منصفاڻ هيون، ۽ اهڙيءَ تہ ڪمال ڪاريگريءَ سان تيار ڪيون ويون هيون، جو ٻنهي ڌرين درميان آخرين ڳالهہ ٻولهہ جو سلسلو شروع ڪرڻ لاءِ فضا هموار ٿي ويئي: ستت ئي اجمير کان بمبئيءَ ويندي، گاڏيءَ ۾ شيخ صاحب جي مشهور ڪانگريسي اڳواڻ ڊاڪٽر محمود سان ملاقات ٿي. خيالن جي ڏي وٺ ڪرڻ بعد، ڊاڪٽر محمود، شيخ صاحب کان بيحد متاثر ٿيو ۽ بعد ۾ ٻنهي جڻن جي گڏيل ڪوشش سان "سنڌ جي جدا ٿيڻ" ۽ "هندو مسلم نمائندگي" جي سوالن تي ڳالهيون ٻولهيون ڪرڻ لاءِ مرحوم مولانا آزاد، مولانا شوڪت علي ۽ پنڊت مدن موهن مالويہ بمبئي ۾ گڏيا ۽ ان گڏجاڻيءَ جو نتيجو "لکنو مسلم يونٽي ڪانفرنس" ۽ "الله آباد مسلم يونٽي ڪانفرنس" جي صورت ۾ نڪتو. انهن ڪانفرنسن ۾ ٻهريون دفعو هندستان جي مسلمانن جي مختلف طبقن جا اڳواڻ- مسٽر جناح جي مشهور چوڏهن نڪتن سان تيرهن تي يڪراءِ متفق ٿيا ۽ چوڏهين نڪتي، جو چونڊن جي باري ۾ هو، راضي نامو ڪيائون. بعد ۾ سمورن سياستدانن ۾ اجتماعي طور ٻڌ انهن تيرهن نڪتن تي اتفاق ڪيو.

"الله آباد يونٽي ڪانفرنس جا جلسا پنڌرهن ڏينهن ڪان ٻ وڌيڪ هلندا رهيا، ۽ انهن ۾ "سنڌ جي جدا ٿيڻ واري" سوال سخت نازڪ صورت اختيار ڪئي؛ خاص طرح سان، جڏهن ماهر اقتصاديات پروفيسر چهلاڻيءَ ثابت ڪري ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي تہ سنڌ، بمبئي کان الڳ ٿيڻ ڪري، مالي مشڪلاتن ۾ مبتلا ٿي ويندي، تڏهن تہ مسلمان نهايت مايوس ٿي ويا، ۽ ٻئي طرف جڏهن شيخ عبدالمجيد پنهنجي تقرير ڪئي تہ پروفيسر چهلاڻيءَ جا سمورا دليل رد ٿي ويا ۽ جيڪي ٻ هندو مسلم حاضر هئا، تن شيخ صاحب جي "سنڌ جي علحدگي" جي حمايت ۾ ڏنل دليلن سان اتفاق ڪيو. انهيءَ تاريخي تقرير جي تعريف ڪندي، هندستاني مسلمانن جي جليل القدر اڳواڻ مولانا شوڪت عليءَ لکيو:

He has left his mark on the Allahabad Unity Conference. His speech on the Separation of Sind at Allahabad Unity Conference won applause

and congratulations from all including Dr: Moonje, (Mehasabhai Leader). Once when he had finished his speech on Hindu Muslim Unity, the venerable President of the Conference made a note in his diary that the best speech that he heard durirg his life was that of Shaikh Abdul Majid Sindhi.

"شيخ صاحب الله آباد كانفرنس ۾ واه جو ڏاکو چمايو. سندس، "سنڌ جي جدا ٿيڻ" واريءَ تقرير تي، ڪيس چوطرف کان مبارکباد ملي رهي هئي: ۽ تہ چڏيو، ۾ مهاسڀائي اڳواڻ ڊاڪٽر مونجي ۽ سندس ٿنا خوان ٿي ويوا هڪ دفعي جڏهن شيخ، "هندو مسلم ايڪتا" تي پنهنجي تقرير ختم ڪئي، تہ موقعي جي صدر پنهنجي ڊائريءَ ۾ هي اکر لکيا، "سون هڙئي شاندار تقرير اج تائين کانہ ٻڌي آهي".

شيخ صاحب جي سڀ کان وڏي خوبي هيءَ آهي تہ ڏرين ۾ اختلاف کيتريءَ ۽ حد تائين ڇونہ هجي-هي يار پنهنجو منصفانہ فيصلو، ڪمال حرفت ۽ هوشياريءَ سان، پنهي ڏرين کان مڃائي ويندو.

"تحريڪ آزادي هند" واري وقت ۾ سائمن ڪميشن بابت مسلمانن جي اعليٰ اڳواڻن ۾ زبردست اختلاف پنجي ويا، ۽ ان ڪاڻ جو اندیشو ٿي ٿيو تہ ڪٿي هندو مسلم ايڪتا جي تحريڪ، هميشہ لاءِ نہ ختم ٿي وڃي. خود مسلم ليگ ۾ گروه بندي ٿي ويئي- هڪڙو گروهہ سر محمد شفيع جي اڳواڻيءَ هيٺ سائمن ڪميشن سان سهڪار ڪرڻ جي فائدي ۾ هو، تہ ٻيو گروهہ مسٽر محمد علي جناح جي قيادت هيٺ بائيڪاٽ ڪرڻ لاءِ ڪمر ڪشي ٻڌو هو؛ اختلاف جي ٻاه تيزيءَ سان وڏي رهي هئي ۽ مصلحت جي ڪا اميد نظر نٿي آئي. اهڙي نازڪ موقعي تي، صوبائي خلافت ڪاميٽيءَ ياران شيخ عبدالمجيد سکر ۾ ڪانفرنس ڪوائي، جنهن ۾ سڀني مسلم اڳواڻن شرڪت ڪئي. هڪ طرف مولانا آزاد، مولانا مظفرعلي خان ۽ حبيب الرحمان، چوندن متعلق نهرو رپورٽ جي تجويز سان متفق هٿا، ٻئي طرف مولانا شوڪت علي ۽ ٻيا اڳواڻ ان جي مخالفت ۾ هٿا. انهن برڪ اڳواڻن اڳيان شيخ صاحب، نهرو رپورٽ جي چوندن بابت تجويز متعلق ترميمون پيش ڪيون. ٽن ڏينهن جي بحث مباحثي بعد سڀني اڳواڻن انهن ترميمن کي قبول ڪيو.

"سنڌ علحدگي" جي تحريڪ ۾ شيخ صاحب جيڪي خدمتون سرانجام ڏنيون، تن جو ذڪر ڪندي، مرڪزي خلافت ڪاميٽيءَ جو سيڪريٽري لکي ٿو:

"Mr: Abdul Majid Sindhi as usual was the only muslim from Sind who attended the meeting at Simla. ( ) The report of the Simon Commission was condemned and criticised for several defects and on many other grounds includidg Simon Commission's lack of support to the separation of Sind. Mr: Abdul Majid Sindhi must not have missed a

single All India Conference which was in any way connected with the separation of Sind. Since the inception of the movement, and at most of the conferences he used to be the only Sindhi to press forward the cause of the movement."

"هميشه جيان هن پيري ۽ اڪيلو شيخ عبدالمجيد سنڌي، سنڌ مان ٻاهر ميٽنگ ۾ شريڪ ٿيو. ميٽنگ ۾ سائمن ڪميشن جي سخت مذمت ڪئي ويئي-خاص ڪري سندس انهيءَ روپي جي، جو 'سنڌ جي علحدگي' ڪي اهميت ئي نه ڏني ويئي هئي. 'سنڌ متعلق' هن تحريڪ شروع ٿيڻ کان وڃي، ڪئي ۽ ڪا اهڙي ميٽنگ نه ٿي آهي، جنهن ۾ شيخ عبدالمجيد شريڪ نه ٿيو هجي"

مٿينءَ ڪانفرنس جي موقعي تي شهر جي جامع مسجد ۾ هڪ جلسو ڪيو ويو، جنهن ۾ ٻي هزار ماڻهن شرڪت ڪئي. ڪانفرنس ۾ گهٽو ڪري سڀ نمائندا حاضر هئا. مولانا شوڪت علي صدارت ڪري رهيو هو، ۽ شيخ صاحب کي تقرير ڪرڻ لاءِ چيو ويو. اُن وقت مسلم نيشنلسٽ پارٽيءَ جا ڪيترائي همدرد ۽ معاون حاضر هئا. اهڙي ماحول ۾، خلافت ڪميٽيءَ جي پاليسي ظاهر ڪرڻ گويا هڪ جرئتمندانه قدم ڪٽو هو. شيخ صاحب تقرير ڪئي ۽ خلافت ڪاميٽيءَ جي پاليسيءَ جي وضاحت ڪئي. سڄو مجمع ٻه ڪلاڪ تقرير ٻڌندو رهيو. مولانا شوڪت علي تقرير کان متاثر ٿي چيو:

"I can never forget his most argumentative speech at Simla in Uindication of Muslim policy, where he kept the whole audience spell bound for more than an hour. The next day morning when I passed through the Bazaar I was accosted with salutations and forced every where to arrange another lecture of Mr: Abdul Majid Sindhi".

"آءٌ شيخ عبدالمجيد جي سملي واري مدلل تقرير کڏهن به وساري نٿو سگهان: هن مسلم پاليسيءَ جي وضاحت ڪئي، ۽ هڪ ڪلاڪ کان وڌيڪ عرصي لاءِ حاضرين کي همه تن گوش رکيو. ٻئي ڏينهن سملي جي بزارين ۾ مون کي جڏهن کڻي ائين ٿي چيو ويو ته شيخ صاحب جي ٻيءَ تقرير جو انتظام ڪرايو."

خلافت ۽ عدم تعاون تحريڪن جي ناڪاميءَ تي، اسيمبلين ۾ داخلا جي سوال تي سڄي هندستان جي مسلمانن ۾ اختلاف پيدا ٿي ويو. هڪ طرف مولانا آزاد ۽ سندس ساٿين اسيمبلين ۾ داخل ٿيڻ جو فيصلو ڪيو، ٻئي طرف مولانا محمد علي، شوڪت علي ۽ پين داخلا جي خلاف فيصلو ڪيو. ان سلسلي ۾ آخرين ڪوشش هيءَ هئي ته مولانا محمد علي مرحوم جي جاءِ تي خلافت ڪاميٽيءَ جي ميٽنگ رکي ويئي. اُن ڏينهن تائين بحث ٿيندو رهيو، ۽ ڪو ٽيل ڪجهه ئي ڪين نڪتو. سڀ ڪنهن ائين ئي سمجهيو ته ميٽنگ ناڪام رهي. ان وقت شيخ صاحب بيمار هو. هو آيو ۽ هڪ ترميم پيش ڪيائين. شيخ صاحب جي ترميم مڃي ڪري پسند ڪيئي، ۽ هنن ٻنهنجون ترميمون واپس وٺي ڇڏي ڪيو.

اهي ئي آهن زرين ڪارنامـا، جن جي ڪري شيخ صاحب جي عظمت جيئن ٻوءِ تيئن وڌندي رهي، ۽ جن کي ڏسي خلافت ڪاميٽيءَ جي ليڊر مولانا محمد عرفان چيو: "اڪبر اعظم، سر آغا خان، ساڌو ٽي. ايل. واسواڻي، ۽ مسٽر جناح اعظم ڪان علاوه، جيڪڏهن ڪو عظيم انسان، سنڌ جي سرزمين پيدا ڪيو آهي، تہ اهو آهي شيخ عبدالمجيد سنڌي." شيخ صاحب جون اهي ئي صلاحيتون هيون، جن مولانا شوڪت عليءَ جهڙي بزرگ کي سندس گرويده ڪري ڇڏيو. مولانا شوڪت علي هڪ هنڌ لکي ٿو:

"When I was released from prison in 1923 and had visited Sind in 1924, he was again in Sukkur Jail, and I well remember that after the Public meeting at night I decided to make a TAWAF of the Sukkur Jail, and we all shouted ALLAH-O-AKBAR, and that was our greeting to our dear Brother and Co-worker, and he had heared it and understood inside the prison".

"۱۹۲۳ع ۾ جڏهن مون کي جيل مان آزاد ڪيو ويو ۽ ۱۹۲۴ع ۾ مان سنڌ جي دوري تي نڪتس ۽ سکر ۾ ويس، تہ معلوم ٿيم تہ شيخ عبدالمجيد جيل ۾ آهي. رات جو پهاڪ جلسو ختم ٿيڻ بعد، اسان فيصلو ڪيو تہ جيل جو طواف ڪجي. اسان جيل جو طواف ڪيو ۽ الله اڪبر جا نعرا بلند ڪري، پنهنجي ساٿيءَ کي پنهنجو آواز پهچايو. هن ٻڌو ۽ سمجهو."

اڄ ٻہ ڪانگريس، مسلم ليگ، خلافت ڪاميٽي ۽ برصغير هند و پاڪ جي ٻين ڪيترن جهوٽن سياسي جماعتن جا جيڪي اڳواڻ آهن، سي سڀ شيخ صاحب جا جهونا دوست ۽ مداح آهن.

مولانا حسرت موهاني، شيخ صاحب جو ويجهڙو دوست هو. گذريل سال خالقڏني هال ڪراچيءَ ۾ "حسرت سوسائٽي" پاران، مرحوم "حسرت" موهانيءَ جي ورسي ٻڌي ملهائي ويئي. جلسي ۾ بلند پايہ اڳواڻ شريڪ هئا، جن ۾ راجڪمار محمود آباد، عبدالرب نشتر، چوڌري خليق زمان، ۽ جسٽس لاريءَ جا نالا قابل ذڪر آهن. جلسي جي ڪاروائي هلي رهي هئي، اوچتو شيخ صاحب ٻہ اڇي ويو-شيخ صاحب تي نظر پوڻ شرط، راجڪمار محمود آباد صدارتي ڪرسي ڇڏي، اڇي شيخ صاحب کي پاڪر هاتو: سيني ليڊرن سائس گرمجوشيءَ سان مصافحو ڪيو. هلندي جلسي ۾ هيءَ گڙ ٻڙ ڏسي، هڪڙي مسلم ليگي رنگروٽ کان رهيو نہ ٿيو ۽ خليق زمان کي ٽوڪ هنيائين تہ "اوهان ليشنل عوامي پارٽيءَ ۾ شريڪ ڇو نٿا وڃي ٿيو." هن ويچاري کي پلا ڪهڙي خبر تہ مسلم ليگ جا اهي اڳواڻ-خليق زمان ۽ سردار نشتر-شيخ صاحب جي ٿي ڪوشش سان ان جماعت ۾ آيا هئا!

پيري زهيري آهي. شيخ صاحب اڄ ڪافي پيرسن ٿي چڪو آهي. هي سرد مجاهد سڄي عمر ڪنڊن جي سيج تي ستو آهي. آرام اڪثين کونہ ڏنو اٿس. ٻي، هن عمر ۾ ٻہ هو ملڪ

۽ قوم جي بهبودي۽ لاءِ رات ڏينهن ٻاڻ ٻوڙي رهيو آهي. سڄي پاڪستان جي ترقي پسند عناصرن ۽ اڳواڻن کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪري، نيشنل عوامي۽ پارٽي جو بابو وجهڻ ۾، هن درويش صفت پيرمرد جو وڏو هٿ آهي. هو سڄي عمر حق ۽ انصاف لاءِ لڙندو رهيو آهي ۽ هينئر به اهي ئي آدرش ۽ اصول سندس پيش نظر آهن.

شيخ عبدالمجيد سنڌي۽ جي زندگي، سنڌ ۽ هند جي عوام جي سياسي شعور جي ارتقائي تاريخ آهي. "آل انڊيا خلافت تحريڪ" کان وٺي "آل پاڪستان نيشنل عوامي پارٽي۽" تائين، صحتمند سياسي جدوجهد جو جيڪو به دور گذريو آهي، تنهن ۾ شيخ صاحب شروع کان آخر تائين شريڪ رهيو آهي. الهي۽ سڄي دور ۾، جڏهن به ڪن پيچيده مسئلن تي ممتاز سياسي اڳواڻن جو اختلاف ٿيو آهي، تہ اهو شيخ صاحب جي حڪمت عملي۽ سان فوراً دور ٿيو آهي، ۽ ائين ئي آزادي۽ جي علمبردارن جو قافلو اڳتي وڌندو ٿي رهيو آهي.

عظمت ۽ اعليٰ وقار جو بلند ترين مقام حاصل ڪرڻ جي باوجود، شيخ صاحب جي سڄي زندگي، اقتصادي ۽ مالي نقطهٔ نگاه کان هڪ فاقه ڪش قلندر جي زندگي آهي، ۽ اها ڳالهه بذاتِ خود شيخ صاحب جي عظمت جو هڪ روشن دليل آهي.

شال هي۽ جليل القدر هستي وڏي عمر ماڻي! ۽ وڌ ۾ وڌ عرصي تائين اسان جي رهنمائي ڪري ـ آمين.